نيڻين ننڊ حرام



منوهر بيدي - جگديش لڇاڻي

مهان ويوتي- يگ پرش

سنگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

جيون چرتر

ليکڪ

ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميچا 'آشا'

ايم اي. بي. ايڇ.ڊي، ڊي لٽ

سنڌونگر-٤٢١٠٠٥

پيتا هڪ سؤ روپيا — فيبروري ٢٠٠٢

پرڪاشڪ

سوامي ديو پرڪاش مهاراج

سوامي شانتي پرڪاش آشرم ٽرسٽ

سنڌونگر ٤٢١٠٠٥

مهاڳ

پوڄنيہ دادا جشن واسواڻي

پرڀوءَ پنهنجا عيوضي سنت هڪ هڪ ملڪ، هڪ هڪ قوم ۽ ڌرم ۾ موڪليا آهن. سنڌ ۾ هزارها ورهيہ اڳہ بہ سنت هئا. لاڙڪاڻي، ڏوڪري اسٽيشن جي نزديڪ، جڏهن موهن جو دڙو کوٽيائون، اُتان ڪيترين تصويرون (Seals) نڪتيون جن مان هڪ هئي اِڪ يوگيءَ جي، جو ڌيان ۾ وينو هو. ان مان ثابت ٿئي ٿو تہ هزارها ورهيہ اڳہ پڻ سنڌ ۾ اهڙا انسان هئا، جي ڌيان جي زندگي رهندا هئا ۽ جن جي اندر تلاش هئي اِڪ پرڀوءَ واسطي.

سنڌڙي، جيءَ جندڙي، هميشه درويشن، فقيرن ۽ سنتن جي نگري ٿي رهي آهي. سنت اُهو جو سانت جي اونهائيءَ ۾ وڃي آتم سوَروپ کي سڃاڻي، پاڻ کي پڇاڻي. هڪ هڪ جي اندر عجيب شڪتيون آهن. هن وقت اُهي شڪتيون لڪل آهن ۽ اڪثر ڪري لوڪن کي اُنهن جي پروُڙ ڪين آهي. سنت پنهنجي اندر گهري لڪل شڪتيون کولين ٿا. پوءِ شيوا جي ميدان ۾ اچي بيهن ٿا. چو تہ دنيا دکي آهي! ’نانڪ دکيا سڀ سنسار‘. هڪ هڪ سنت دکي دنيا جي شيوا ڪري ٿو. ديکا ديکي، وڏائي جي ويچارن کان پري رهي، پنهنجي سموري جيون دکين، مسڪينن، پکين پسن جي شيوا ۾ خرچ ڪري ٿو.

سچا سنت لوڪن جي وچہ رهي ڪين دک دور ڪرڻ جي راه بتائين ٿا. دنيا ۾ دک آهي - لوڪ دکي آهن ۽ سنت اچي سيکارين ٿا، ڏيکارين ٿا سچي سک، آنند جي راهہ. بيشڪ هڪ هڪ سنت هر روز ڪيترو وقت ڌيان ۾، سانت ۾ گذاري ٿو. ڌيان دواران شڪتي کولي ٿو، اُها شڪتي اچي خرچ ڪري ٿو دکي لوڪن جي شيوا ۾ جيڪي ڪيس ڌيان ۾ ملي ٿو، سو اچي لوڪن ۾ ورهائي ٿو. هڪ هڪ سنت آهي پرڀوءَ جي پيار جو واهڻ هن دکي دنيا ۾

(A channel of God's Love and Service in this world of suffering and pain)

جي هن دنيا کان سنت پاڻ کي الگ رکن تہ دنيا جي کهڙي حالت ٿئي؟ هڪ هڪ سنت پنهنجي جيون ڪري ٿو آهوتي دکي لوڪن جي شيوا ۾. ڪيترن سنتن تہ نہ فقط انسانن پر پکين ۽ پسن جي پڻ شيوا ڪئي آهي. چو تہ پکين ۽ پسن ۾ بہ اُنهن پنهنجي محبوب جي مورت ڏني آهي.

اهڙن سنتن ستپرکن مان اسانجا پيارا سنت سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هڪ هئا، جن پنهنجي جيون آتم ۾ اڏي، ڪيڏا نہ پراُپڪار جا، لوڪ شيوا جا ڪاريہ ڪيا.

پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي نالي ۾ سڳنڌ آهہ. سندن، يادگيريءَ ۾ آسيس آهہ. سوامي جن ڪيترين پياسي دلين کي چڪيو، جادو لڳايائون، ڪيترن جا گهڙا ڀريائون، ڪيترن کي سنئين دڳہ لڳايائون، ڪيترن جي دلين ۾ نئين بهار آندائون، نئون اُتساه، نئون اُمنگہ اُتاريائون. ڪيترن دلين جي اندر ڀڳتيءَ جي لهر ڦوڪيائون. سواميجن جو اِهو وشواس هو تہ سچو ڌرم ان ۾ ڪين آهہ تہ انسان سانتيڪي

ॐ

شري ستنام ساکي   جئہ شري ڪرشن

پريم پرڪاش منڊل آچاريہ پوڄنيہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن، پوڄنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراڄن جا گادي نشين برهم گياني، برهم ڌياني، برهم نيشٺي، برهم شروتري پرم پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج وشو جي مهان وڀوتي هئا. پوڄنيہ سوامي جن مهان اڌياتمڪ مارگ درشڪ، ڪرم يوگي سنت، اوچ ڪوٽيءَ جا ڀڳت ڪوي، سماج سڌارڪ، دارشنڪ، گيانوان، وڏا ودوان، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، گيان جا گلزار، پريم جا اوتار، مسڪينن محتاجن مريضن جا مددگار، دکين دريدرن جا دلدار، سڀن جا غم گسار، ڏنائون سڀني کي پنهنجو پيار، محبتي منار، رهبر روشن منار، سندن چوڌر جئہ جئڪار، لکين وڃن ٻلهار، آشا ٻي تن جو ٻار داس تي تن جي مهر اپار، ڪندا سنگت جو بيڙو پار.

پوڄنيہ گرديو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن ڪيڏا نہ پراُپڪار جا ڪاريہ ڪيا. هو ٻين کي بہ انهن ڪارين ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا رهيا. سندن جيون هئي ارپڻ جي جيون. برڊ اوسٿا هوندي بہ پريمين کي راضي ڪرڻ لاءِ ڪيڏا نہ رڻن ڪندا رهيا. پنهنجي سک ۽ صحت جو بنهہ خيال نہ ڪندا هئا، چوندا هئا تہ پيارا شرير مان جيترو ڪم نڪري سگهي، اوترو سنو. هڪ ڏينهن ڀانڊو پرٽو آهي، ڇو نہ اُن جو پورو اُپيوگ ڪجي! پوڄنيہ ستگرو مهاراڄن هزارن لوڪن کي اوديا اگيان جي ننڊ مان سڄاڳ ڪري، ڪين پربهوءَ جي راهہ ۾ ڇڪيو. هو چوندا هئا تہ سنت جو ڪم آهي نام جپڻ، نام جپائڻ ۽ سُڪرت جا ڪم ڪرڻ. اُنهن وچنن جي ساکي پوڄنيہ سوامي جن پنهنجي جيون ۾ ڏني.

داس جو سوڀاڳيہ هو جو ڪيترائي سال سندن چرڻن ۾ ويهڻ جو وجهہ مليو، سندن اسيم ڪرپا داس تي رهي. داس کي پنهنجي پيار جو پيالو پيئاريندا رهيا، سچي سونهپ ڪندا رهيا. هو منهنجي دل کي چاڻندا هئا، قدردان هئا، منهنجا نگهبان هئا، اُنهن جا مون تي لک احسان آهن. پوڄنيہ سوامي جن سچا هنس هئا، هوائي جهاز ۾ سفر ڪندي امراپور ڏانهن اُڏامي ويا. سندن تصور ڪندي ٻوندون بر نہ ڪن. من جي پٽل تي سندن انيڪ سمرتيون تري اچن ٿيون. سندن پيار ۽ نمرتا، سندن ويچار ۽ وهنوار، سندن صورت نماڻي، سندن مٺڙي واڻي ورور ياد اچي ٿي. اڄ بہ سندن پريرڻا ۽ ڪرپا سان ديش وديش ۾ انيڪ پراُپڪار جا ڪاريہ هلي رهيا آهن.

پوڄنيہ سوامي جن جي پيار ۽ منهنجي مٺڙي متر موٽومل ڪيراجمل چاندواڻيءَ پرم پوڄنيہ سوامي جن جي جيون چرتر لکڻ جي مونکي پريرڻا ڏني ۽ پرڪاشن جي جوابداري بہ پاڻ تي هموار ڪئي. اڄ سندن مڪمل جيون چرتر سوامي ديو پرڪاش مهاراج، آشرم ٽرسٽ طرفان پرڪاشت ڪري رهيا آهن. پوڄنيہ ستگرو مهاراڄن جو هي جيون چرتر هزارن پريمين جي راهہ روشن ڪندو. پوڄنيہ ستگرو مهاراڄن جي سکيائن ۽ سڌانتن تي هلڻ سان اسانجي جيون بہ سڦلي ۽ سکميہ ٿيندي.

ديال 'آشا'

DTP By Prof. Shobha Lalchandani, Printed by Art Spot at 212, Allied Industrial estate, Mahim, Mumbai- 400016. Tel: 4465972, 4464134.

پنهنجي آسيس ڏيندا هئا. هڪ هڪ جي جيڪا مدد ڪري سگهندا هئا، سا ڪندا هئا. پاڻ کي تڪليف ڏيئي به ٻين کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. ان ڪري هي هئا سڀني جا پيار.

سواميجن جي آسيس هميشه اسان سان هوندي. آواز بند ٿي ويو. سندن اکر هميشه اسان سان هوندا. ڳائيندڙ هليا ويا. سندن ٻاڻي هميشه اسان سان هوندي.

سواميجن پنهنجي جيون جي ساکي ڏيئي ويا آهن. اسان تي وڏي جوابداري رکي ويا آهن. شل اسين به ڪوشش ڪري سندن نقش قدمن تي هلي، نام جو سمرڻ ڪري ۽ دکين دريدرن، پسن پکين جي شيوا ڪري، هيءَ مانک ياترا سڦل ڪريون.

سنتن، ستپرکن، مهاپرشن جا جيون چرتر ۽ سکيائون انسان ذات جو املهه خزانو آهن. پرنسيپال ڊاڪٽر ديال آشا وڏو احسان ڪيو آهي جو هن پنهنجي گرديو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جن جو جيون چرتر لکيو آهي جنهن ۾ پوڄنيه سوامي جن جي نشڪام جيون جون پريرڻادائڪ گهٽنائون ۽ سندن سکيائون پيش ڪيون آهن. مان کيس ڌنيواد ڏيان ٿو ۽ دل اندر پرارٿنا رکان ٿو ته هي سندر پستڪ ڪيترن پياسي دلين کي سنت سوامي شانتي پرڪاش جي چرنن جي نزديڪ آڻيندو پريو جي نزديڪ آڻيندو ۽ کين سچي زندگي، شيوا جي زندگيءَ لاءِ اُتساهت ڪندو.

پرنسيپال ڊاڪٽر ديال آشا ودوان آهي، هوشيار آهي، قابل آهي. کيس وڏيون ڊگريون آهن، پر کهڙو نه نماڻو آهي ۽ ڪيڏو نه ڪم ڪري ٿو. وڏو شاهي ڪاليج جنهن ۾ اٽڪل اٺ هزار وديارٿي وديا وٺن ٿا، سنڀالي ٿو. دکين دريدرن، پکين پسن، ورڌ اوسٿا وارن جي شيوا ڪري ٿو. سندر پستڪ لکي ٿو جن لاءِ کيس وڏا Awards انعام مليا آهن. سانت جو اڀياس ڪري ٿو. سانت ۾ ويهي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ڳوڙها ڳاڙي ٿو. سڄڻ کي سڏڪن سان سڏي ٿو. پنهنجي جيون آتم ۾ اڏي ٿو. پياس ۾ پڪاري ٿو: ڪر قبول قدمن ۾! ڪر قبول قدمن ۾! گيت ڳائي ٿو. اِهي گيت سندس دل جي اونهائيءَ مان نڪرن ٿا. انڪري اسانجي دلين کي ڌوڏين ٿا. شل پياري ديال تي پريوءَ جي، پوڄنيه دادا جن جي، پوڄنيه سواميجن جي آسيس چمڪندي رهي جو ساهتيه ۽ سماج جي وڏيڪ خدمت ڪندو رهي.

ڪندڙ ۾ ويهي نام جو سمرڻ ڪري، ڌيان جي زندگي رهي ۽ فقط پنهنجي مڪتيءَ لاءِ ڪوشش ڪري. هن ستپرک اِها پروڙ پاتي ته سچو ڌرم اُهو آهه جو سيکاري ته شيوا ڪريون، شيوا ڪندا رهون. پريوءَ کي شيوڪ کپن. پريو پيو پڪاري ته مون کي هٿ کپن، ٻانهون کپن. پير کپن، ٽنگون کپن. سڀاڳو سو جو پريوءَ کي چوي ته هيءُ هٿ، هيءُ ٻانهون، هيءُ ٽنگون تنهنجون آهن. شل تنهنجي شيوا ۾ قبول پون. اِهو آدرش سواميجن لوڪن اڳيان رکيو. ٻوڏ پوندي هئي، ڏڪر پوندو هو، شيوا جي ضرورت ٿيندي هئي، سواميجن پاڻ وچي حاضر ٿيندا هئا يا ستسنگين جون ٽوليون شيوا ڪاريه لاءِ موڪليندا هئا.

سواميجن جو ڌرم هو شيوا ڌرم. هنن سيکاريو ته شيوا نه صرف دکي لوڪن جي ڪرڻي آهي، پر هڪ هڪ پراڻي ماتر جي اسان کي جڳائي ته اسين پکين جي، پسن جي روز شيوا ڪريون. وٽن ايندا هئا بيمار، دکي، دريدر، تنکي صلاح ڏيندا هئا ته کولين ماکوڙن کي وچي مناڻ ڪارايو، ڪانون کي ڪاڌو ڏيو، پکين کي اُن ڪارايو، توهان تي آسيس ايندي، توهين پاڻ کي بهتر سمجهندا.

سندن رڳ رڳ ۾ هئي غريبن دکين لاءِ همدردي. روز تن جي شيوا ڪندا هئا. کين ڪاڌو ۽ ڪپڙو پهچائيندا هئا پر ان کان وڌيڪ کين ڏيندا هئا، پريوءَ جي پيار جو سنديش، نام جو پيغام. چو ته کين پروڙ هئي ته پريوءَ جي پيار بنا، نام بنا جيون ويران آهه، دنيا بيابان آهه. سنسار ۾ ڪيڏي تپت آهه، ڪيڏي اشانتي! دل دل ۾ اشانتي! گهر گهر ۾ جهيڙا! ملڪن ۽ قومن ۾ تڪرار، زمانو وچي پيو وڌيڪ ظالم ٿيندو. هن اونده جي سمي ۾ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پنهنجي پاڪ نرمل هٿن ۾ جهلي بيٺا هئا شانتيءَ جي شمع. سوامي شانتي مهاراج جي جيون جي ساکي هئي ته من ۾ شانتي تڏهن پرڪاش ٿئي ٿي، جڏهن انسان پريوءَ جي پيار ۾ پنهنجو پاڻ وساري، دکين دريدرن جي شيوا ۾ پاڻ کي خرچ ڪري ٿو، قربان ڪري ٿو.

پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڀارت ۽ ڀارت کان ٻاهر ياترائون ڪيون. ڪيترن کي پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ چڪيو. ڪيترن جي جيون ۾ نئين بهار آندي. ڪيترن کي رشين ۽ سنتن جي سکيا سڻائي، جا سکيا آهه هنن ٽورن اکرن ۾: 'سک ساگر ۾ آئکي، مت جائو ري پياسا پياري!' هن سنسار جي سک ساگر مان اوهين پياسي ٿي نه وڃوا

ننڍي هوندي کان سوامي شانتي پرڪاش مهاراج گرٻاڻي ۽ سنت ٻاڻي ۽ رشين جي سکيا جو اڀياس ڪيو ۽ سندن هردو ويو کلندو. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي وديا سواميجن کين ورتي. کين اُها سچي وديا هئي جنهنجو آواز آهه هيءُ هڪڙو: دل کوليوا پريوءَ جي ڪرپا ۾ جنهنجي دل کلي ٿي، ان جي جيون ۾ ٻه رنگ پرڪاش ٿين ٿا: نئرت ۽ پيار. پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هئا نماڻا، سد سد نماڻا، ان ڪري هئا اسانجي روح جا راڻا. جنهنجي دل کلي ٿي، اُن جي جيون جي ٻي نشاني آهي پيار، پريم، محبت. سوامي شانتي پرڪاش مهاراج نئرت ۽ نياز جي صورت هئا، محبت جي مورت هئا. وٽن ايندا هئا غريب ۽ شاهوڪار، اڻ پڙهيل، ننڍي ٿيءَ وارا ۽ وڏ اوسٽا وارا. هڪ هڪ جو آدر ڀاءُ ڪري، تنهن سان پريم ۽ پيار ۾ ملندا هئا. هڪ هڪ کي

شري ستنام ساکي ॐ جئہ شري کرشڻ

آرتي

(شري ستگرو سوامي شانتي پرکاش مهاراجن)



اوم جئہ گر شانتي پرکاش-سوامي جئہ گر شانتي پرکاش
پريم کي ساگر ستگر ميري، من ۾ کرو نواس-اوم جئہ...
١. مات پتا تي ڌرم کي مورت، اُپجا پوت سپوت،
بچپن ۾ هي من ۾ جاڳي، کرشڻ درش کي پياس اوم جئہ...
٢. ٽيئونرام کي شري چرڻون ۾، جيون سئونپ ديئا،
اُنکي ديا سي پرم پد پايا، آديت کيئا وکاس اوم جئہ...
٣. ويد واڻي اور گرواڻي کا، پايا گيان ڀنڊار،
پريم پرکاش منڊل ۾ چمکي، سورج سم سُکہ راس- اوم جئہ...
٤. ديش وديش ۾ ڀرمڻ کر کي، سڀ کو موھ ليئا،
ستنام ساکي منتر جپا کر، کاٽي جم کي ڦاس اوم جئہ...
٥. ديش ڌرم کي رکشا کي هت، سڀ ڪڇ تياڳہ ديئا،
دين جنون کي سيوا ۾ هي، پايا پرم هلاس-اوم جئہ...
٦. ايکادشي اؤر گئو سيوا کا، خوب کيئا پرچار،
کڻ کڻ ۾ شري کرشڻ کو ديکا، کيئا ڀيديرم ناش-اوم جئہ...
٧. جو جو درشن کري ستگر کا، من ۾ رکہ وشواس،
آشا اُسکي پورڻ هووي، کارج هوون راس، اوم جئہ...
٨. پورڻ شرڌا سي جو پريمي آرتي يہ گاوي،
سُکہ سمپتي اور سُمتي پاوي امراپور هو واس-اوم جئہ...

جئہ شري ڪرشن ॐ شري ستنام ساکي

ٻہ پشپ

سوامي ديو پرڪاش مهاراج

پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ڀڳتيءَ جا ڀنڊار ۽ گيان جا گلزار هئا نمرتا ۽ ديا جي مورت هئا. هو مهان هوندي بہ پاڻ کي تڇ سمجهندا هئا ۽ گرديو ستگر سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي ئي سڀ طرح اونچو سمجهندا هئا. هڪ دفعي ٻڙودا جي رهواسي ڏلومل پوڄنيہ سواميڄن کان پڇيو تہ توهان کي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ڇا ڏنو آهي؟ پوڄنيہ سواميڄن چيو 'ستگرو مهاراجن جي اسيم ڪرپا آهي. اُنهن ڇا ڏنو آهي! تو مونکي ڳوٺ ۾ بہ ڏنو ۽ هاڻي بہ ڏسين ٿو، ان ۾ جيڪي فرق سمجهي ٿو سو ستگرو مهاراج جي ڪرپا آهي.

ڪڇو ڪام ڪي ٿي نهين، ڇو ٿي ٿي نهين ڇانو،

گرديو ني ڪرپا ڪري، پوڄن لاڳي پانو.

پوڄنيہ گرديو آڌياتمڪ کيتر ۾ چاهي سماجڪ کيتر ۾ يوڳدان ڏنو. اسڪول، ٻال مندر اسپتالون، ٻڌا آشرم، گئو شالائون، ناري شالائون، مندر، غريبن گهرجائن لاءِ گهر ٺهرايا کيڏا نہ اُپڪار جا ڪاريہ ڪيائون. اُپديش ڏيندا هئا يا شاستر پڙهندا هئا تہ وندرائيندا سمجهائي ڏيندا هئا تہ جيئن ٻڌندڙ سمجهي سگهي ۽ اُن جو آنند پراپت ڪري سگهي. اهڙي ڪلا سيني ۾ نہ هوندي آهي. سيني کي کيڏو نہ پيار ڏيندا هئا، پر تنهن هوندي بہ سڀن کان نيارا رهندا هئا.

ستگرو مهاراج ويڪتيگت سوارٿ کان مٿي هوندا هئا. هو هميشه جاتيءَ جي ڀلي لاءِ سوچيندا هئا. سندن مراد هوندي هئي تہ ڪنهن نموني ڀين کي سنتوش ملي پنهنجي ڪشٽ کي تڇ ليکي ڀين جو ڪشٽ دور ڪرڻ جي سوچيندا هئا. عملي طرح سواءِ جن سوَن جا ڏک درد دور ڪيا. سوامي جن سماج سڌارڪ بہ هئا. هو ڏيتي ليتي، طلاق جوئا، شراب، مانس آهار خلاف پرچار ڪندا رهيا. گرو مهاراجن جي ان پرچار سبب سون لوڪن جي جيون نئي ٿي پيئي.

گرو مهاراج پرائي پڇر کان ونءُ ويندا هئا. هو چوندا هئا تہ ڀين جا دوش ڏسڻ نہ گهرجن. ڀين جي دوشن جو چنتن ڪرڻ سبب اُنهن دوشن جو پاڻ ۾ سماويش ٿئي منش کي گڻ گراهي ٿيڻ گهرجي. گرو مهاراج نوان نوان پستڪ ڇاهہ سان ٻڌندا هئا. اسين سندن ٻتايل سکيائن تي هلڻ جو يتن ڪريون تہ اسانجو ڪلياڻ ٿيندو.

سواميڄن جي پرم پياري ديال 'آشا' پوڄنيہ ستگرو مهاراجن جي جيون چرتر لکيل آهي. پياري ديال 'آشا' ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ ويهي سندن سکيائون جهٽيون، جون جو ورڻن هن پوتر پستڪ ۾ آهي. کيس ڌنيواد آهي جو سندر پستڪ لکيو اٿائين جنهن مان هزارن پريمين کي لاڀ ٿيندو.



پرم پوجنيہ سوامي ٽيئونرام مهاراج

ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

منهنجو ستگر دين ديالو، رام جي راهہ ٻڌائي ويو،
منتر ڏيئي ستنام ساڪي، نام جو جاپ جپائي ويو.
سوامي شانتي پرڪاش، اسانجو سنت سچو لاثاني هو،
برهمنيشٺي، برهم شروتري، ڌياني، برهم گياني هو.
سوامي ٽيئونرام هنن ۾ گيان جي جوت جڳائي هئي،
سوامي سروانند جن جي پي صورت تن ۾ سمائي هئي.
پريم پرڪاش منڊل جو چندرما جنهن سيتلتا پردان ڪئي،
درشن ڪئي دکہ دور ٿيا ٿي ٺري رڳ رڳ پريمين جي تہ پئي.
جوڳي جادوگر هي هو، پريم جي بين بجائي ويو،
پنهنجي امرت وچنن سان هو منتر مگڌ بڻائي ويو.
دکين بکين جي سار لڌي ٿهن، هيٺن جو پي حامي هو،
روحاني رمزون تہ ٻڌايون، ستگر انترايامي هو.
’جئہ شري ڪرشن جئہ شري ڪرشن ٻولي سدائين مٺي ٻاٽي،
مڌر مڌر مسڪان هئي جنهنجي، مڌر مڌر جنهنجي واٽي.
پريم ديا جو ساگر سوامي، ستگرو جيءَ جو جيئارو هو،
پر اُپڪاري پرم پيارو، لکن دلين جو سهارو هو.
پنهنجي تن کي تسيا ڏيئي، ٻين کي راضي رکندو هو،
سوک ٻوڏ جا پيڙت جيڪي، تن جي سار هو لهندو هو.
پنهنجي سکہ کي جڳہ جي خاطر هن تہ سدا قربان ڪيو،
پنهنجو چت نرماڻ رکي، هن ٻين جو ٿي سنمان ڪيو.
سمرڻ سان پنهنجي جيون کي سڦل بڻائڻ وارو هو.
سيني کي پڻ ساڳي منزل ڏانهن هلائڻ وارو هو.
گيان سندو گلزار سوامي، گيان جي سڳنڌ ڦهلائي ويو،
ڀڄنن ۽ گيتن کي جوڙي، امرت رس برکائي ويو.
مانس، شراب، ڏيتي ليتيءَ ورڌ پرچار ڪيو،
ستگر منهنجو سماج سڌارڪ، ٻيڙو سماج جو پار ڪيو.
اسپتالون، ناري شالا، گئو شالا جو نرماڻ ڪيو،
سڪرت جا ڪيئي ڪم ڪيا پر نہ ڪڏهن هن ماڻ ڪيو.
ٻڍڙن لاءِ ٻڍا آشرم کولي، ٻارن لئہ وديا مندر،
وڌوائن جي سنڀال ڪئي، ٻي گهرن کي ڏيندو هو گهر.
ٻين جا دکہ پنهنجا هن سمجهي دکڙا تن جا دور ڪيا،
سوين آيا ٿي سوالي در تي، سوال سندن منظور ڪيا.
’آشا‘ جي هو روح جو راڻو، ڪرم يوگي لاثاني هو،
امراپور مان آيو ڪٽي، امرت جام هي جاني هو.
اهڙن ستگر سوامي جن کي، داس ڪري پرڻام سدا،
نام پدارٿ ڏيئي سين کي، ڪارج سنگت جا تہ ڪندا.



پرم پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج



پرم پوجنيہ سوامي سروانند مہاراج

ॐ

شري سنّنام ساکي

جئہ شري ڪرشن

پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن

جو جيون چرتر

سونهاري سوڀاڳيہ شالي سنڌو ڀومي جتي رشين منين، سوَن سنتن مهاتمائن، صوفين آتم گيان، تصوف ۽ پريما ڀڳتيءَ جي ورکا ڪئي، جتي پراچين سنڌو سڀيتا جو آرنڀ ٿيو، جنهن سنڌوءَ جي ڪناري ويدن جي رچنا ٿي، ان پاون پٽيہ ڀوميءَ ۾ ڪي اهڙيون وڀوتيون بہ پيدا ٿيون جن جي سرهاڻ سنڌ هند کي تہ سڳنڌت ڪيو پر وديش جي جدا جدا ديشن ۾ بہ سندن سڳنڌ هزارن پريمين کي سڳنڌت ڪري پريوءَ جي راھ ۾ چڪيو.

ويهين صديءَ جي اهڙين وڀوتين مان پريم پرڪاش منڊل آچاريہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄ ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراڄ آڌياتمڪ مهان هستيون هيون، جن جا هزارين صدقي سچ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پريم پرڪاش منڊل جي جوت جڳائي رهيا آهن. انهن مهاپرشن جي روحاني وارث گادي نشين ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن پڻ ديش وديش ۾ هزارن ستلن جيون کي سڄاڳہ ڪري نام منتر ڏيئي نهال ڪيو.

پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن هزارن اُجڙ دلين کي نام جي امرت سان آباد ڪيو. پوڄيہ سوامي جي گيان جا گلزار، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار، سنيھ سهانڀوتي سيوا جا ساگر هئا. پوڄنيہ سوامي جن هئا سد سد نماڻا، هزارن دلين جا راڻا. منجهن مقناطيسي چڪ هئي، سائين لاءِ سڪ هئي. هڪ هڪ دل ۾ سڪ جا سلا پوکيائين. سوامي جن ننڍڙن کي، وڏڙن کي، پرشن کي، اِسترين کي، ساڌن کي ۽ ڌوهين کي، پکين پسن جيوَ جنتن سڀني پراڻين کي پنهنجو پيار پيئاريو، انکري هرکو پريمي ائين محسوس ڪندو هو تہ سوامي جن کيس وڏيڪ پيار ڪندا آهن. جيئن سوريہ جو پرڪاش ۽ چندرما جي چانڊوڪي ساري سنسار لاءِ آهي، گنگا جل سڀني پراڻين لاءِ آهي، تيئن پوڄنيہ سوامي جن جو پيار سڀني لاءِ هڪ سريکو هو. سوامي جن پريم ۽ ڪروڻا جي ساکيات صورت هئا. هين جو ذڪر ڏسي سوامي جن جي دل هڪدم ڀڳهرجي ويندي هئي.

ڀڳت نرسي مهتا بہ چوي ٿو:

وئشڻو جن تو تيڻي ڪهئي جو پيڙ پرائي جاڻي ري.



پوڄنيہ سوامي جن پوڄيہ پتا آسودي مل پهوڄا سان



پوڄنيہ ستگرو سوامي سروانند سان گڏ

شري پوڄراج رکيو ويو. سوامي جن کي ٽيون ڀاءُ بہ ڄائو جنهنجو نالو چاندومل رکيو ويو. سائين هرچورام صاحب رڏي سڌيءَ جا مالک هئا. سندن مکاروند مان نکتل وچن ساڪار ٿيا.

سوامي جن چار سال کن شاهپور ٿلهي جي شيوا ٽهل ڪندا رهيا. سندن پتا کين چڪ ۾ واپس وٺي آيا. سوامي جن چڪ ۾ شري اوڌوداس ۽ ٻين سائين سان گڏجي پريوءَ جي پيار جا ڀڄن ڳائيندا هئا. سائين هرچورام صاحب جي پيشنگوئي سورهن آنا سچ ٿي. وڪرم سنبت ١٩٧٨ ڪارتڪ مهني ۾ سنڌ ڏاڪٽي ڏسا کان پريم پرڪاش منڊل آچاريہ برهمنيشٺي برهمشروتري برهمگياني ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج چڪ ۾ پنهنجي منڊليءَ سميت پڌاريا. شري جشن مل ڀوجا ۽ ٻين پريمين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو سواگت ڪيو. ٻالک سوامي جن پڻ سندن آجيان ۾ هينيون ڀڄن ڳايو:

سنگر صاحب سنت ملايا جاڳيا ڀاڳہ همارا جي،

١. نت اوتاري پر اُپڪاري، ڪرم ڀرم کي ڪاٽت جاري، لي ڪر گيان ڪٺارا جي.

٢. دويت بنا جي سنت وديهي، پرڪٽ نام سٺاونہ سيئي، هرت اگيان انڌارا جي.

٣. جو گهر ٻچڙا سو گهر پايا، هر سنتون ڪو سيس نوايا، ڀوَساگر جن تارا جي.

٤. کهي ٽيئون پٽيہ پوروَ ڦليا، سنت سڄن من ميلي مليا، ورشي امرت ڌارا جي.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ست ڏينهن چڪ ۾ گيان پريما ڀڳتيءَ جي گنگا پرواهت ڪئي. سوامي جن جڏهن ستسنگہ ڪندي يڪتاري تي ڳائيندا هئا تہ دلين کي ڌوڏي ڇڏيندا هئا. ٻالک (سوامي جن) پڻ نت سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ستسنگہ ۾ ايندا هئا ۽ ڌيان سان ستسنگہ ٻڌي لاڀ پراپت ڪندا هئا. سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ستسنگہ پروچن کان ڏاڍو پرڀاوت ٿي پنهنجي ساٿي شري اوڌوداس سان گڏ ١٢ ڪتي مهني جي سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان گرو منتر ورتائون. سوامي جن جا ڀاڳہ اُديہ ٿيا جو کين مهان ويوتي، مهان تيجسوي سنت شرومڻي سوامي ٽيئونرام مهاراج ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا.

تيرٿ نهائي ايڪ ڦل سنت ملي ڦل چار

گرو ملي انيڪ ڦل کهہ ڪبير ويچار

سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي وينتي ڪندي چيو 'اوهان داس تي وڏي ڪرپا ڪري نام دان ڏنو آهي. هاڻي مان هت چڪ ۾ کين رهندس. اوهان پنهنجي چرنن ۾ قبول ڪريو. اوهان جي چاڪريءَ ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ حاضر رهان. ڪرپا ڪري پاڻ سان گڏ وٺي هلو.' سوامي ٽيئونرام مهاراج سوامي جن جي اهڙي درد ڀاونا ڏسي کيس پنهنجي منڊليءَ سان گڏ وٺي ويا. سوامي جن جو ساٿي اوڌوداس پڻ ستگرو مهاراج سان گڏ روانو ٿيو. ستگرو مهاراج جو جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ستسنگہ جو ڪاريہ ڪرم رکيل هو. ستگرو مهاراج بہ ٽي مهنا ستسنگہ جي ورڪا ڪري ٻالک سوامي جن کي امراپور استان ٽنڊي آدم ۾ وٺي ويا. اُن وقت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا گرو ڏاڏا آسورام بہ آستان تي آيل هئا. ٻالک سوامي جن ڏاڏا آسورام صاحب کي ڏنڊوت پرڻام ڪيو. ڏاڏا آسورام صاحب ٻالک سوامي جن کي ٻاجهہ وچان ڇاتيءَ سان لڳايو.

هزارون سال نرگس اپني بي نوري پي روئي هئه،
بڙي مشڪل سي هوتا هئه چمن ۾ ديدور پيدا.

پوڄنيه سنگرو شانتي پرڪاش مهاراڄن جو جنم ۱۵ آگسٽ سنه ۱۹۰۷ع ناريل پورڻما رکشا بنڌن جي پوتر ڏينهن سکر ضلع جي چڪ ڳوٺ ۾ شري آسودي مل پهوڄا جي گهر ۾ ٿيو. شري آسودومل ڀڳت جن ۽ سنتوشي هو، ڌنڌي وهنوار جي لحاظ کان سبزي ۽ اناج جي دلالي ڪندو هو. سوامي جن جي جنم جو نالو شري ڪيراج هو. سوامي جن جي ماتا جو نالو جڳل ٻائي هو. ماتا جڳل ٻائي به پربوءِ جي ڀڳتياڻي هئي. سوامي جن کي ٻچپڻ ۾ سندن ماتا سنتن ۽ ڀڳتن جا جيون چرتر ٻڌائيندي هئي. پربات جو اُٿي جڏهن ماتا جنڊ هلائيندي هئي ته ٻالڪ سوامي جن کي گوڏي تي سمهاري رام نام جي ڌني لڳائيندي هئي. گرو ٻاڻي ۽ سنت ٻاڻي اُچاريندي هئي ۽ رات جو سامي صاحب جا سلوڪ سوز ڀرئي سر ۾ اُچاريندي هئي. ماتا پتا جي ڌارمڪ سنسڪارن جو پرڀاءُ ٻالڪ سوامي جن تي پيو. سوامي جن پڻ صبح جو اُٿڻ سان ڪريا ڪري پربوءِ جي پرارٿنا ڪندا هئا ۽ پوءِ نيرن ڪائي اسڪول ۾ پڙهڻ ويندا هئا. اسڪول ۾ هي ٻين ٻالڪن کان نرالا ٻالڪ هئا. سندن سمرڻ شڪتي ڏاڍي تيز هوندي هئي. ماستر سيتلداس ونوازي، ماستر ويرومل، ماستر جيئلداس ۽ ماستر محمد سچل سوامي جن کي جدا جدا ڪلاس ۾ پاڙهيو. هندو چاهي مسلمان ماستر، ٻالڪ سوامي جن کي ڏاڍو پائيندا هئا. سوامي جن لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيار هئا ۽ اُستادن کي ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. سوامي جن چوٿين درجي سنڌيءَ ۾ پڙهندا هئا جو ڪين وڏي ماتا نڪتي. تڏهن سندن عمر يارهن سال هئي. وڏي ماتا سبب ٻالڪ سوامي جن جي اکين جي روشني غائب ٿي ويئي. سندن پوڄ ماتا پتا سندن اکين جي علاج جي ڪافي ڪوشش ڪئي پر فائدو ڪين ٿيو. ٻي واه نه ڏسي سوامي جن جو پتا شري آسودومل پهوڄا سوامي جن کي سائين هرچومل صاحب جن وٽ شاهپور ٿلهي تي وٺي آيو ته من سنت سائين هرچورام صاحب ٻالڪ (سوامي جن) تي ديا درشٽي ڪري روشني بخشين. سوامي جن اکين جي جوت هوندي به رات ڏينهن سائين هرچورام صاحب جي حاضريءَ ۾ هوندا هئا. شاهپور ٿلهي تي جهلي چڪيندا هئا، پاڻي ڀريندا هئا، ڀنڊاري جا باسڻ مليندا هئا، آئي وئي جي چاهه سان ٽهل ٽڪور ڪندا هئا. سائين هرچورام صاحب ٻالڪ سوامي جن جو سيوا ڀاءُ ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيندا هئا ۽ ڪين پائيندا هئا. سوامي جن ڪيڏي نه صدق سان شيوا ڪندا هئا!

جن سيويا تن پايا مان
نانڪ گاوءِ گڻي نڌان

سوامي جن جو پتا شري آسودومل سائين هرچورام صاحب کي ور ور عرض ڪندو هو ٻالڪ (سوامي جن) تي ڪرپا درشٽي ڪري ڪيس نئون نور بخشيش ڪريو. هڪ ڏينهن سائين هرچورام صاحب سوامي جن جي پتا کي چيو ’تنهنجو هي فرزند ڪيراج، اندروني روشني حاصل ڪري وڏو سنت ٿيندو، تون هنجي اکين جي ٻاهرين روشنيءَ جو خيال لاهي ڇڏ. هن جو جڳت ۾ جس ٿيندو. ڏکڻ دشا کان سنت ايندا جي هن کي پاڻ سان وٺي ويندا. باقي توکي ان عيوض ٻيو پٽ ڄمندو، تون چنتا نه ڪر.‘ سائين هرچورام صاحب جا وچن سورهن آنا صحيح نڪتا. پوڄنيه سوامي جن نه صرف سنڌ جا پر ڀارت جا مهان سنت ٿيا. ٻيو وچن، ڪجهه سالن بعد شري آسودي مل کي پٽر سنتان ٿي جنهنجو نالو

ڪجھ ڏينھن بعد ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن سوامي جن کي حيدرآباد ۾ رشي ديارام گدومل سنسڪرت پاٺشالا ۾ سنسڪرت سکڻ لاءِ موڪليو. اُتي سوامي جن سنسڪرت ڀاشا جو گيان پراپت ڪري ڪجھ ڌارمڪ شاسترن جو ابياس ڪيو. سوامي جن کي شروع کان ئي نوان نوان پستڪ شروع ڪرڻ جو چاھ ھوندو ھو. سندن اُھو چاھ پوءِ بہ قائم رھيو. جڏھن بہ کين ٿوري فرصت ملندي ھئي، پوءِ ٽرين ۾ ھجن چاھي ڪار ۾، چوندا ھئا تہ ڪو نہ ڪو پستڪ پڙھي ٻڌايو. سوامي جن اجاين ڳالھين ۾ وقت ڪين وڃائيندا ھئا. حيدرآباد ۾ جدا جدا آستانن تي ڪي نہ ڪي سنت مھاتمائون، ودوان گيانوان ستسنگہ پروچن ڪرڻ ايندا ھئا تہ سوامي جن ڏاڍي اُمنگہ اُتساھ سان سندن ستسنگہ شروع ڪندا ھئا. سوامي جن کي اُتي ئي دادا ٽي ايل واسواڻيءَ جي پروچن ٻڌڻ جو ڪيترا دفعا موقعو مليو. ماتا عطربائيءَ ڪراچيءَ ۾ سوامي جن کي سورداسن جا اکر سيکاريا پر سوامي جن جي اُن ۾ خاص دلچسپي نہ رھي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن سوامي جن جو ابياس ۾ چاھ ڏسي کين وڌيڪ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ھردوار موڪليو.

پوڄنيہ سوامي جن ھردوار ڪنکل ۾ شري اوڌوت چيتن ديو جي ڪٽيا ۾ رھي وڌيڪ وديا اڌيين ڪيو. تڏھن سنت پريمداس شري چيتن ديو ڪٽيا ۾ گاديءَ تي براجمان ھئا. سوامي جن سان گڏ پنڊت سيتلداس، سنت ڪميانند بہ ساڻ ھئا. اُتي سوامي جن سوامي شنڪر آنند مھاراج جي چرنن ۾ ويھي ست شاسترن جو گيان ۽ سکيا گرھڻ ڪئي. سوامي شنڪر آنند سوامي جن کي ويچار ساگر، ورتي رتناولي، تتو انسنڌان، ورتي پرڀاڪر، نيائ پرڪاش ۽ تتو گيان سنبنڌي ۽ ڌارمڪ شاستر پاڙھي پري پڪو ۽ پروين ڪيو. سوامي جن جي سمرڻ شڪتي تمام تيز ھوندي ھئي. وديا گرو جيڪي بہ کين پڙھائيندا ھئا ۽ ٻڌائيندا ھئا سو کين ھڪدم ياد پئجي ويندو ھو. سوامي جن کي ابياس ڪندي جيڪڏھين ڪا شنڪا پيدا ٿيندي ھئي تہ سوامي شنڪر آنند سندن شنڪائن جو ھڪدم سماڌان ڪندا ھئا ۽ کين ان لاءِ اُتساھت ڪندا ھئا. شاسترن جي ابياس سان گڏ سوامي جن باقي سميہ ڀڳوت ڀڄن ۾ سڦل ڪندا ھئا. ھردوار ۾ سوامي جن ڪيترن ئي سنتن مھاتمائن جي سمپرڪ ۽ سنگہ ۾ آيا انھن مان ڀڻ ڪيترائي گڻ ۽ گيان پراپت ڪيائون.

ھردوار ۾ ست شاسترن جو ابياس ڪرڻ بعد شري گرو گرنٿ صاحب جو ابياس ڪرڻ جي خيال کان سوامي جن امرتسر ۾ ويا. امرتسر ۾ 'ڪرمسنگھ ڪا ڪٽڙا' استان تي شري گرو گرنٿ صاحب جو ابياس ڪندي ڪندي سوامي جن کي ڪيتري واٽي ڪننسٽ ٿي ويئي. گياني ھميرسنگھ سندن شرڌا ۽ چاھ ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيندا ھئا ۽ سوامي جن کي شري گرو گرنٿ صاحب جي ھڪ ھڪ شبد جي سمجھاڻي درشٽانتن سان سليس نموني سمجھائيندا ھئا. سوامي جن گياني ھميرسنگھ جي مارگ درشن ۾ شري گرو گوبندسنگھ صاحب جي گرنٿ ۽ ڀائي گروداسرام جي وار جو بہ ابياس ڪيو. سوامي جن کي شري گرو گرنٿ صاحب جي ڪيتري واٽي ڪننسٽ ھئي ۽ اُن جو ارٿ ڏاڍي سيلس نموني سمجھائيندا ھئا. پوڄنيہ سوامي جن ٻہ سال امرتسر ۾ رھيا.

پوڄنيہ سوامي جن امرتسر مان شري گرو گرنٿ صاحب جو ابياس ڪري سنڌ ۾ واپس وريا تڏھن ھنن سوچيو تہ شاھپور ٺلھي تي سنتن کي ملڻ ٽيڪي پوءِ ٽنڊي آدم امراپور استان

وڏي ڪرپا ڪري نام دان ڏنو آهي. هاڻي مان هت چڪ ۾ ڪين رهندس. اوهان پنهنجي چرنن ۾ قبول ڪريو. اوهان جي چاڪريءَ ۾ چوويهه ئي ڪلاڪ حاضر رهان. ڪرپا ڪري پاڻ سان گڏ وٺي هلو.' سوامي ٽيئونرام مهاراج سوامي جن جي اهڙي درد ڀاونا ڏسي ڪيس پنهنجي منڊليءَ سان گڏ وٺي ويا. سوامي جن جو ساٿي اوڌوداس پڻ ستگرو مهاراج سان گڏ روانو ٿيو. ستگرو مهاراج جو جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيل هو. ستگرو مهاراج ٻه ٽي مهنا ستسنگ جي ورکا ڪري ٻالڪ سوامي جن کي امراپور استان ٽنڊي آدم ۾ وٺي ويا. اُن وقت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا گرو ڏاڏا آسورام ٻه آستان تي آيل هئا. ٻالڪ سوامي جن ڏاڏا آسورام صاحب کي ڏنڊوت پرڻام ڪيو. ڏاڏا آسورام صاحب ٻالڪ سوامي جن کي ٻاهوهه وچان ڇاتيءَ سان لڳايو.

سوامي جن امراپور آستان تي سنتن جي شيوا ڪندا هئا. آئي وئي جي ٽهل ڪندا هئا. باسڻ ملبندا هئا، جهلي لوڏيندا هئا ۽ مکہ سان ستگرو وٽان مليل ستنام ساکي منتر ور ور اُچاريندا هئا. پرگيا چڪشو هوندي ٻه سوامي جن ڪيڏي نہ لگن ۽ نشنا سان شيوا ڪندا هئا. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ پريم پرڪاش منڊل جا ٻيا سنت ٻالڪ سوامي جن کي ڏاڍو ڀائيندا هئا. امراپور استان تي نت نيم ستسنگ ٿيندو هو. ٻالڪ سوامي جن ستسنگ جي شروعات ۾ ڀڄن ڳائيندا هئا. ننڍپڻ ۾ ئي سوامي جن پنهنجي ونمر سڀاءَ ۽ سيوا ڀاونا سبب ستگرو مهاراجن وٽ ٻہ قبول پيا ۽ ٻين سنتن ستسنگين جو پيار پيتائون.

رڏين سڏين جا مالڪ سائين هرچورام صاحب ۱۵ بدو وڪرم سنبت ۱۸۸۰ سنہ ۱۹۲۳ع ۾ سنساري سفر سماپت ڪري پرماتما جي پار ڏانهن رمندا رهيا. سندن برهملين جو سماچار ٻڌي سوين مهاتمائون صدقي پريمي شاهپور ٺلهي تي آيا. سوامي جن ٻه ستگرو مهاراجن کان آگيا وٺي شاهپور ٺلهي تي آيا. سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي استول شرير کي پرڻام ڪيو. سوامي جن اُن موقعي تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو هينيون ڪلام دلسوز آواز ۾ ڳايو:

جادو هڻي ويا جيءَ ۾ جوڳي، لونءَ لونءَ تن کي ساري امان! جادو هڻي ويا....

۱.چنگہ چوري چت چريو تہ ڪري ويا، ويا ٻاهه برهه جي ٻاري امان! جادو هڻي ويا...

۲. ٻاجهه ڪري ٻانهيءَ تي ويڙا، پريم جو پيالو پيئاري امان! جادو هڻي ويا....

۳. سڪي ساري ساهه ٿو جن لئہ، ڏئي ڏس تہ ويا دل اُٺاري امان! جادو هڻي ويا...

۴. ڪهي ٽيئون سي جادوگر جوڳي، ويا ميخ محبت جي ماري امان! جادو هڻي ويا....

سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي تيرهي جي اُتسو تائين شاهپور ٺلهي تي رهيا. سوامي جن روز اُتي وئراڳہ واڻي ڳائيندا هئا. سوامي جن پريمين کان موڪلائي ٽنڊي آدم امراپور آستان تي واپس آيا ۽ اچڻ سان ستگرو مهاراجن ۽ پريم پرڪاش منڊل جي سڀني سنتن کي پرڻام ڪيائون.

سنه ١٩٣٣ع ۾ چڪ، رڪ ۽ لاڙڪاڻي طرف ٻوڏ پئي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ٻوڏ پيڙتن جي سهائتا لاءِ پوڄنيه سوامي جن، سنت اوڌوداس، سنت پڇنداس ۽ ٻين شيواڌارين کي ٻوڏ ايراضين ۾ موڪليو. اُتي سوامي جن دل و جان سان ٻوڏ پيڙتن جي شيوا ڪئي. دکين دريدرن پيڙتن جي ڪو شيوا ڪرڻ سکي ته سوامي جن کان. سچو سنت اُهو آهي جو ٻين جي دک درد جو احساس ڪري ٿو. سوامي جن به پرپيڙا کي پنهنجي پيڙا سمجهي هڪدم دور ڪرڻ جو پرياس ڪندا هئا.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن پريم پرڪاش منڊل جي سنتن سان گڏجي ١٤ نومبر ١٩٣٧ع ۾ سوامي جن ۽ سنت اوڌوداس کي ڀيکه ڏنو. ستگرو مهاراجن سوامي جن جو نالو شري ڪيراج مان بدلائي شانتي پرڪاش رکيو. ستگرو مهاراجن سوامي جن جو يٿا يوگيه نالو رکيو. يٿا نام تٿا گڻ. جهڙو سندن نالو هو، اهڙا ئي سندن ڪاريه هئا. پوڄنيه سوامي جن نه صرف ڀارت کي مگر ساري وشو کي پنهنجي گيان دواران شانتيءَ جو پرڪاش ڏنو.

سواميجن ٽي چار سال ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سان گڏ سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن ۾ رٽن ڪيو. مهاراج جي ستسنگ شروع ڪرڻ کان اڳ سواميجن ڀڄن ڳائيندا هئا.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پرياگ ۾ ڪنڀ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ منڊليءَ سهت ٢٤ ڊسمبر ١٩٤١ع ۾ پرياگ لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن پڻ ستگرو مهاراجن سان گڏجي ڪنڀ جي ميلي تي ويا. ستگرو مهاراجن اُتي ان ڪيتر ۽ ستسنگ يگيه جو آرنڀ ڪيو. ستگرو مهاراجن پاڻ منڊل جا سنت ۽ ٻيا مهاتمائون پريم پرڪاش منڊل جي لڳايل منڊپ ۾ نت نيم ستسنگ ڪندا هئا. ڪنڀ جي ميلي تي سوامي جن ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ ويچارن جو آدان پرڏان ڪيائون. ڪنڀ جي ميلي جي سماپتيءَ بعد سوامي جن ستگرو مهاراجن سان لکنوءَ ۾ آيا. اُتي ١٢ ڏينهن ستسنگ ورکا ڪري سوامي جن ستگرو مهاراجن سان ڪانپور ۾ آيا. ستگرو مهاراجن اٺ ڏينهن ڪانپور ۾ پريمين کي نام جو امرت پيئاريو. اُتان وري احمدآباد ۾ آيا. اُتي ستگرو مهاراجن سان گڏجي سوامي جن ستسنگ ڪيو. اُتي مهنو ڪن امرت ورکا ڪري واپس حيدرآباد سنڌ ۾ آيا. ڪنڊوءَ جي درٻار ۾ هولي اُتسو ملهائي ستگرو مهاراج امراپور استان تي منڊلي سهت آيا. سوامي جن ڪجھ ڏينهن اُتي ڊپ تي ئي رهيا.

سوامي ماڌوداس جي انروڌ تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج حيدرآباد ۾ سندن آشرم ۾ پڌاريا. سوامي جن پڻ ستگرو مهاراجن سان ساڻ هئا. اُتي ستگرو مهاراجن ۽ سوامي جن امرت ورکا ڪئي. ستگرو مهاراجن پنهنجي پڇاڙيءَ وارن پروچنن ۾ امرلوڪ ڏانهن تياريءَ جو اشارو ڏنو پر اها ڪل ڪنهن کي ڪين هئي ته ستگرو مهاراج ٻن ٽن ڏينهن ۾ سنساري سفر سماپت ڪندا.

سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي ئي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ٢ جيٺ پرشوتم مهني وڪرم سنبت ١٩٩٩ برابر مئي ١٩٤٢ع ۾ برهملين ٿيا. چوڌاري غم جون گهٽائون ڇائنجي ويون. سيني پريمين ۽ سنتن جي اکڙين ۾ آنسون هئا. ستگرو مهاراجن

ڪري ڪين رام جي رنگ ۾ رڱي ڇڏيو.

جنهن تي مهر ڪري سامي پورو ستگرو.
تنهنجي مهرميا سان لونءِ لونءِ سڀ ٺاري
ٺار منجهان ٺاري ڏئي هٿ همٿ جا.

هاڻي سوامي جن ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ ويهي سندن پيار پيئندا هئا. امراپور آستان جي چاه سان چاڪري به ڪندا هئا. سوامي جن ڪين پاڻ سان گڏ سئر تي وٺي ويندا هئا، پهرين سوامي جن کان ڀڄن چوائي پوءِ پاڻ ستسنگ ڪندا هئا. ستگرو مهاراج سوامي جن جي سڀاجهي سڀاءَ سبب ڪين ڏاڍو پائيندا هئا. سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، سوامي گوالاند مهاراج، سوامي گرمکداس مهاراج، سوامي سروانند مهاراج، سوامي بسنترام ۽ ٻين سنتن جي سنگ مان ڪافي ڪجهه گيان پراپت ڪيو. ستگرو مهاراجن وانگر سوامي جن ڀڄن ٺاهيندا هئا ۽ ڳائيندا هئا. پنهنجن ڀڄنن ۾ پنهنجو نالو استعمال نه ڪري ستگرو مهاراجن جو نالو استعمال ڪندا هئا. سوامي جن شروع کان ئي خاڪساري ڪئي تڏهن ته مرشد وٽ مقبول پيا. سائينءَ ۽ ستگرن وٽ اُهوئي سوپارو ٿيندو جو جاڻ هوندي پاڻ کي اجاڻ سمجهي سندن شيوا ۾ هڪيو حاضر هوندو.

شاهه لطيف سچ چيو آهي:

جاڻين ته به م جاڻ اِهُ در ابوجهن جو
اُن در سيئي اگهيا جن نه ڄاتيو پاڻ.

سن ۱۹۲۸ع ۾ سائين ڏرمون رام صاحب پرلوڪ پڌاريا. شاهپور ٺلهي تي ڪيترائي سنت ۽ صدقي آيا. سائين ڏرمون رام صاحب جي برهملين ٿيڻ جو سماچار سڻي سوامي جن به شاهپور ٺلهي تي آيا. سندن دل ۾ سائين ڏرمون رام صاحب لاءِ ڏاڍي شرڌا هوندي هئي. سوامي جن اُن موقعي تي هيئين شوڪ جو ڀڄن ڳايو:

جوڳي ويڙا ڪري لاڏاڻو
روئن اکڙيون ڳوڙها ڳاري، خالي ڏسي ٺڪاڻو...

۱. جن جوڳين سان گڏجي گهاريم، ڪيم روح رهاڻيون،
سي جوڳي اڄ ڪين ڏسان ٿو، پينگ ڪري ويا پاڻو...
۲. جن جوڳين جون مٺڙيون ٻوليون، سڀ جا من تي موهيا،
ياد ڪري نت ڳالهيون تن جون، روئي راجا راڻو...
۳. جن جوڳين سان جايون سونهن، سونهن ساز سمورا،
تن جوڳين کي ڏسي لڏيندو، ولر ٿيو ته ويڳاڻو...
۴. سادو سماج جي ڏاڳي اندر، مڻيا پوتل ڪيئي،
تنهن مالا جو هي به هيڙو، موتيءَ جو هڪ داڻو...
۵. سرتيون مون تي ڪيو آسيسا کهي ٽيئون ته اِهائي،
مرڻ گهڙيءَ تائين جوڳين سان شل نيئي پريم پراڻو...

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙ
ساري سنياسين کي، ڪامي ٿيڙس ڪوڙ،
من جنين سين موڙ، سي لاهوتي لڏي ويا.

اڄ نہ اوطاقن ۾، تازا پٽڙ ڪک،
آديسي اٿي ويا، پئي اڌامي رک،
سامي ڪٽي سنک، وڃائي وات ٿيا.

ڪلام

منهنجا ڪيچي قول ڪري ويا، هيءَ نا ويل وڇڻ جي.
۱. سڌ ٿين سرڪار جو، ماڙيون محل ڇڏي ويا، هيءَ نا ويل وڇڻ جي.
۲. اُٿي آڌيءَ رات جو، لاڏاڻا تہ لڏي ويا، هيءَ نا ويل وڇڻ جي.
۳. پڪا پکن سامهون، آڏاڻا تہ اڏي ويا، هيءَ نا ويل وڇڻ جي.
۴. سرتيون شاه لطيف چئي، گولي غم ۾ گڏي ويا، هيءَ نا ويل وڇڻ جي.

ٻئي ڏينهن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ارٿي سينگاري ڪنئي وئي. هزارين هندو مسلمان صدقي، سنت، صوفي ارٿيءَ واري جلوس سان ڌنيون لڳائيندا هليا. ستگرو مهاراجن جو انتم درشن ڪري سندن استول شرير جو اگني سنسڪار ڪيو ويو. پريمي زار زار ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. ٻارهن ئي ڏينهن امراپور استان تي منڊل جي سنتن ۽ سنڌ جي جدا جدا شهرن مان آيل سنتن مهاتمائن ستگرو مهاراجن کي شرڌانجليون ڏنيون. تيرهي ڏينهن سيني سنتن جو ڀنڊارو ٿيو ۽ پريمين پرساد ورتايو. ستگرو مهاراجن جي گاديءَ تي سوامي سروانند مهاراجن کي ويهاريو ويو.

پوڄنيہ سوامي جن ٿي مهنا ڪن امراپور استان تي ئي رهيا. ۵ سيپٽمبر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪان وٺي سٺر لاءِ نڪتا. پهرين سوامي جن روهڙيءَ ۾ ڀائي ڪلورام جن جي آستان تي آيا. اُتي ڏهاڪو ڏينهن سنت ڪلورام صاحب سان روح رهاڻ ڪيائون. ۱۵ سيپٽمبر سوامي جن لاڙڪن ۾ پڌاريا اُتي پڻ ڏهاڪو ڏينهن ستسنگہ جي ڏاڍي مؤج مچائي پريمين کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيائون. سوامي جن لاڙڪن ۾ پروچن ڪندي چيو:

پورن گر ڪي وچن ۾ پورن جهن وشواس،
ڪهہ ٽيئون تس داس ڪو، هووي گيان پرڪاش.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پرياڳ ۾ ڪنڀ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ منڊليءَ سهت ٢٤ ڊسمبر ١٩٤١ع ۾ پرياڳ لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن پڻ ستگرو مهاراجن سان گڏجي ڪنڀ جي ميلي تي ويا. ستگرو مهاراجن اُتي ان ڪيتر ۽ ستسنگ يگيه جو آرنڀ ڪيو. ستگرو مهاراجن پاڻ منڊل جا سنت ۽ ٻيا مهاتمائون پريم پرڪاش منڊل جي لڳايل منڊپ ۾ نت نيم ستسنگ ڪندا هئا. ڪنڀ جي ميلي تي سوامي جن ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ ويچارن جو آدان پرڏان ڪيائون. ڪنڀ جي ميلي جي سماپتيءَ بعد سوامي جن ستگرو مهاراجن سان لکنوءَ ۾ آيا. اُتي ١٢ ڏينهن ستسنگ ورکا ڪري سوامي جن ستگرو مهاراجن سان ڪانپور ۾ آيا. ستگرو مهاراجن اٺ ڏينهن ڪانپور ۾ پريمين کي نام جو امرت پيئاريو. اُتان وري احمدآباد ۾ آيا. اُتي ستگرو مهاراجن سان گڏجي سوامي جن ستسنگ ڪيو. اُتي مهنو کن امرت ورکا ڪري واپس حيدرآباد سنڌ ۾ آيا. ڪنڊوءَ جي دربار ۾ هولي اُتسو ملهائي ستگرو مهاراج امراپور استان تي منڊلي سهت آيا. سوامي جن ڪجھ ڏينهن اُتي ڊپ تي ئي رهيا.

سوامي ماڌوداس جي انروڌ تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج حيدرآباد ۾ سندن آشرم ۾ پڌاريا. سوامي جن پڻ ستگرو مهاراجن سان ساڻ هئا. اُتي ستگرو مهاراجن ۽ سوامي جن امرت ورکا ڪئي. ستگرو مهاراجن پنهنجي پڇاڙيءَ وارن پروچنن ۾ امرلوڪ ڏانهن تياريءَ جو اشارو ڏنو پر اها ڪل ڪنهن کي ڪين هئي ته ستگرو مهاراج ٻن ٽن ڏينهن ۾ سنساري سفر سماپت ڪندا.

سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي ئي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ٤ جيٺ پرشوتم مهني وڪرم سنبت ١٩٩٩ برابر مئي ١٩٤٢ع ۾ برهملين ٿيا. چوڌاري غم جون گھٽائون ڇائنجي ويون. سڀني پريمين ۽ سنتن جي اکڙين ۾ آنسون هئا. ستگرو مهاراجن جو استول شرير ٽنڊي آدم امراپور آستان تي موٽرڪار ذريعي آندو ويو. سوين شرڌالو ستگرو مهاراجن جي درشن لاءِ آيا جن جي نيڻن مان نير ٽمڪي رهيو هو. ڪي دلسوز آلاپ ڪري رهيا هئا. سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن پڻ شاهه لطيف جا هينيان بيت-ڪلام درد ڀري سر سان ڳايا:

اِڄ نه اوطاقن ۾، طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

اِڄ نه اوطاقن ۾، سنڌي جوڳين ذات،
ساري سنياسين کي رنم ساري رات،
مون تن جنين تات، سي لاهوتي لڏي ويا.

۽ دان ڪرڻ ڪو سکي ته ڪرڻ کان. هڪ دفعي ڀڳوان شري ڪرشن ڪرڻ جي اُدارتا جي ساراهه ڪري رهيو هو. تنهن تي شري ارجن چيو ته ڌرم پتر يڌشٽر ته ڪرڻ کان به وڌيڪ دانوير ۽ اُدارچت آهي. ڀڳوان چيس ارجن! اِها ڳالهه توکي ٻئي ڪنهن ڏينهن ثابت ڪري ڏيکاريندس ته ٻنهي مان اُدار وڌيڪ ڪير آهي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڀڳوان شري ڪرشن هڪ ٻيڍڙي برهم جي روپ ۾ شري ارجن کي ساڻ ڪري ڌرمپتر شري يڌشٽر وٽ آيو ۽ ارجن کي پاسيرو بيهاري يڌشٽر کي چيائين ’مهاراج! مونکي هن وقت هڪ مڻ چندن جون ڪاٺيون کپن. شري يڌشٽر هڪدم چندن جون ڪاٺيون خريد ڪرڻ لاءِ ماڻهو موڪليو. برسات جي مند هئي. ڪاٺيون ڪٿان به نه مليون. شري يڌشٽر اُن برهمڻ کي چيو، ’مهاراج! چندن جون مڻ ڪاٺيون ته ڪٿان به ڪين ٿيون ملن جو اوهان جي اڇا پوري ڪري سگهان باقي ٻيو ڪجهه اوهان کي گهربل هجي ته آگيا ڪريو ته ڏيان.‘ اُهو برهمڻ چپ چاپ شري ارجن کي وٺي وري ڪرڻ وٽ آيو ۽ کيس چيائين ’ڪرڻ! مونکي هڪ مڻ چندن جون ڪاٺيون هڪدم گهربل آهن.‘ ڪرڻ سوچيو ته برسات سبب چندن جون مڻ ڪاٺيون بزار مان ڪين ملنديون جو هن برهمڻ جي اڇا پوري ڪري سگهان. هن هڪدم پنهنجو قيمتي چندن جو پلنگ در دريون ۽ ٻيو چندن جو سامان ٽڪر ٽڪر ڪري اُن برهمڻ (ڀڳوان) جي اڳيان رکيو ته توهان کي جيڪي به چندن جون سڪل ڪاٺيون گهربل هجن سي هنن مان ڪٽي وڃو. اِهو ڏسي ارجن وسميه ۾ پئجي ويو ۽ محسوس ڪيائين ته شري يڌشٽر وٽ به چندن جو پلنگ ۽ محل جون در دريون به چندن جون هيون مگر اُن جي در تان ڀڳوان واپس وريو. ڪرڻ محل جا در دريون پلنگ ڀڃي سڪل چندن اُن برهمڻ (ڀڳوان) کي ڀيٽ رکيو. اُدارچت منش دانوير پرش پنهنجي سک سهنج جي پرواهه نه ڪري ٻئي جي اڇا پوري ڪن ٿا. واپس ورندي ڀڳوان شري ڪرشن ارجن کان پڇيو ’ارجن! هاڻي ڄاڻ پيئه ته ڪرڻ وڌيڪ اُدارچت آهي يا يڌشٽر؟ شري ارجن چيو ’پرڀو! اوهان ڪرڻ جي اُدارتا جي ساراهه پئي ڪئي، ڪرڻ اُن جي برابر يوگيه آهي.‘

هڪ ڏينهن پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڀڳوت ڀڄن مهل ڪوبه سنساري ڦرنو يا چنتا نه ڪجي. هڪ چتو ٿي نام سمرڻ ڪجي. پرڀوءَ جي ڀڳت کي ڀڳوت ڀڄن کان سواءِ ٻي ڪا ڳالهه ڪين ٿي وڻي. هو سڀني ڳالهين جو تياڳ ڪري نام سمرن ڪري ٿو. ستگرو مهاراج به چون ٿا:

هري ڀڳت هري ڀڳتي سي پاونءِ هري من مانهه
ڪهه ٿيئون هري ڀڳتي تج اور ڪرت ڪڇ نانهه

نارنول نگر ۾ هڪ گهر گرهستي اگروال آکه جو سڄڻ رهندو هو. هو نت نيم ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. هڪ ڏينهن هي پيارو ڀڄن ۾ مگن هو. ٻاهر زبردست برسات وسي رهي هئي. نديءَ جو پاڻي چڙهي آيو هو. هن پياري جو اٺن ڏهن سالن جو ٻالڪ نديءَ جي وهڪري ۾ وهي ويو. ڪن سڄڻن اِهو دکدائي سماچار اچي هن کي ٻڌايو، پر هي پيارو ڀڳوت ڀڄن ۾ درڍ رهيو. نيم پوروڪ جڏهن پاٺ اُپاسنا پورو ڪيائين تڏهن هي اُٿي

پرماتما ستگرن ۽ سنتن ستپرشن ۾ پورو پورو وشواس هئڻ گهرجي. شرڌا ۽ وشواس وارو ئي ڪليو ڪاٽيندو. سنت دادوءَ جي غفا ٻاهران سنت موهنداس رهندو هو. سندس اکين ۾ موتيو پاڻي ٿي پيو. سندس پريمي شش ڪيس علاج ڪرائڻ لاءِ وينتي ڪئي مگر هن علاج نہ ڪرايو ۽ پريمين کي چيائين تہ جڏهن ستگرو دادو مهاراج جي ڪرپا ٿيندي تڏهن اکيون پاڻيهي ٺيڪ ٿي وينديون. هن سنت جو پنهنجي گروءَ سنت دادوءَ ۾ پورڻ وشواس هو. هڪ ڏينهن سنت موهنداس سنت دادوءَ جي غفا ڏانهن منهن ڪري ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهيو. اوچتو سندس اکين ۾ نئين جوت اچي ويئي. سندس وشواس هٺي هنڌ ڪيو. پريميوا پرماتما، ستگرن ۽ سنتن ۾ پورو پورو وشواس رکي اُنهن جي شرڻ وٺو توهان جو ٻيڙو ٻني لڳندو.

هڪ گرو ڀڳت پنهنجي گروءَ کان سواءِ ڪنهن ساڌ سنت جي شيوا ڪين ڪندو هو. سندس گروءَ جي اڇا هوندي هئي تہ هو ٻين سنتن جي شيوا بہ ڪري. هڪ دفعي هو تيرٿ ياترا ڪرڻ پئي ويو ۽ گروءَ کان موڪلائڻ آيو. گروءَ چيس 'پيارا! تون تيرٿ ياترا ڪري اچ پوءِ توکي آتم سکيا ڏيندس.' هي پيارو تيرٿ ياترا ڪري جنهن ڏينهن واپس وريو اُن ڏينهن سندس اُهو گرو برهملين ٿيو. سندس اسٿول شرير کي سينگاري شمشان ڀوميءَ ڏانهن کڻي ٿي ويا تڏهن اُهو گرو ڀڳت ٻڌندو آيو ۽ اچي چيائين تہ مونکي ستگرن چيو هو تہ جنهن ڏينهن تون تيرٿ ياترا تان واپس ايندين تہ توکي خاص سکيا ڏيندس. هاڻي مان تيرٿن تان واپس آيو آهيان. منهنجا گرو ڪامل آهن اُهي مونکي ضرور هاڻي سکيا ڏيندا. اِهو ٻڌي ٻيا پريمي وائڙا ٿي ويا ۽ چيائونس تہ پکيڙو پرواز ڪري ويو آهي! هاڻي توکي هي سنت سکيا ڪيئن ڏيندو! هن گرو ڀڳت جو گروءَ جي وچن ۾ پورو ويساهہ هو. هن پريم پڪار ڪندي چيو 'ستگرو مهاراج! مان تيرٿن تان واپس وريو آهيان. اوهان پنهنجي وچن موجب داس کي سکيا ڏيو. برهملين ٿيل گرو هڪدم سينگاريل ارٿي تي اُٿي ويٺو. اِهو ڪؤتڪ ڏسي سڀ پريمي ۽ درشڪ وائڙا ٿي ويا. گروءَ شش کي اُپديش ڏيندي چيو تہ پيارا سڀني سنتن مهاتمائن جي شيوا ڪندو ڪر، اِها منهنجي خاص سکيا اٿي. اُن شش وينتي ڪئي، 'ستگرو مهاراج، مان اڄ کان ئي اوهانجي سکيا تي عمل ڪريان ٿو، پر منهنجي اُها شيوا توهان ڏسو برابر ڪرڻ اڇيم ٿي يا نہ.' اُن سنت شش جي ان پرارٿنا تي هڪ سال وڌيڪ سنسار جي ياترا ڪئي. اُن ششيہ برابر پنهنجي ستگروءَ جي سکيا جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏني. توهان بہ ستگرن سنتن جي وچنن ۾ ويساهہ رکي سندن سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيو تہ توهان کي بہ لاڀ پراپت ٿيندو. ستگروءَ جي وچنن ۾ ويساهہ رکڻ سان شرڌالوءَ کي آتم گيان جي پراپتي ٿئي ٿي.

٢٦ سيپٽمبر سنہ ١٩٤٢ سوامي جن پير ڳوٺ ۾ سنت آتم پرڪاش جي آستان تي آيا. سنت آتم پرڪاش سوامي جن کي ڏاڍو پيائيندا هئا ۽ سوامي جن پڻ سنت آتم پرڪاش مهاراج مان ڪافي گڻ پرايا. سوامي جن پاڻ ڪيترا دفعا ذڪر ڪندا هئا تہ هنن مهمان نوازيءَ جو گڻ ٻائي آتم پرڪاش صاحب مان سکيو. سوامي جن مهنو ڪن اُتي ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن سان باجي تي گڏ سنت رامڪرشن هو. پهرين روز سنت رامڪرشن ستسنگ پروچن ڪندو هو اُن بعد سوامي جن جدا جدا وشين تي ڀڄن ڳائي پروچن ڪندا هئا. هڪ ڏينهن سوامي جن دان ۽ اُدارتا جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو 'تہ اُدارتا

کن ستسنگہ جي ورکا ڪئي. تن ڏينهن ساري ديش ۾ آزاديءَ جو آندولن زور شور سان هلي رهيو هو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي پريمين ۾ ديش ڀڳتيءَ جي جذبات پڻ ڦوڪيندا هئا. سکر ۾ سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ، جنم ڀومي سرڳہ کان بہ مهان آهي. ديش جي آزاديءَ صدقي سون سرويچن سر جون سٽون ڏنيون آهن. ڪيترين ور وارين وَر قربان ڪيا آهن تہ ڪيترين مائائن پنهنجا جان جگر، نوري نظر قربان ڪيا آهن. انگريز سرڪار ڪيئن نہ اسان تي ظلم ڪري حڪومت ڪندي رهي آهي. اسين سڄاڳہ ٿي ڀارت ماتا کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرڻ جو سنڪلپ ڪريون. وديشي وستن جو بهشڪار ڪريون، مهاتما گانڌيءَ جا هٿ مضبوط ڪريون.

پوجنيہ سوامي جن سکر ۾ جيو ديا جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ جيو ديا سان پريو راضي ٿئي ٿو. ديا ڌرم جو بنياد آهي. سنت تلسيداس چوي ٿو:

ديا ڌرم ڪا مول هئہ، نرڪ مول ايمان

تلسي ديا نہ ڇوڙيئي، جب لگہ گهٽ ۾ پران

جيڪڏهن اسين ٻين تي ديا ڪنداسين تہ پريو اسان تي ديا ڪندو. ڪي اگياني درگا ماتا کي پرسن ڪرڻ لاءِ ٻڪرين جون ٻليون چاڙهيندا آهن. اڳي تہ ڪن منشن کي بہ پڪڙي ٻل چاڙهيو ويندو هو. جيو هتيا سان ديوتا پرسن ڪين ٿيندو. ان پاپ ڪرم سبب ديوتا ڪوپ ڪندو. سڀني پراڻين ۾ پريو پاڻ رمي رهيو آهي. اِهي گگدام گونگا بہ پريوءَ جي سنتان آهن. اڳي تہ ڪافي ٻليون چاڙهيون ويندئون هيون. هن سڌريل ۽ پرگتيشيل زماني ۾ تہ ٻل بنهہ بند هئڻ گهرجي. نہ صرف ايترو پر گانين ٻڪرين ڪڪڙين جا ڪوس بہ بند ٿيڻ گهرجن. سڀني پراڻين کي جيئڻ جو ساڳيو اڌڪار آهي. ٻلين چاڙهيندڙن کي، پراڻين جو ڪوس ڪندڙن کي ڏٽيءَ جي در سخت سزاياب ٿيڻو پوندو.

هڪ دفعي ڪن درگا ماتا جي اُپاسڪن درگا ماتا کي راضي ڪرڻ لاءِ جهنگل ۾ هڪ سنت شري بدوسوامي کي ٻل چاڙهڻ لاءِ پڪڙي درگا ماتا جي مندر ۾ آندو. سنت بدو سواميءَ درگا ماتا کي پرڻام ڪري وينتي ڪئي 'اي ماتا، رکشا ڪج' ٻلي چاڙهيندڙن جئن ئي سنت بدو سواميءَ جي مٿان وار ٿي ڪيو تہ درگا ماتاجي مورتيءَ مان ساکيات درگا ماتا پرگهٽ ٿي، جنهن هڪدم ٻلي چاڙهيندڙن کي ماري مات ڪيو. سنت بدو سوامي ماتا جي چرنن ۾ ڪري پيو. اِهو ڪؤتڪ ڏسي ان ڳوٺواسين ان ڏينهن کان پوءِ مندر ۾ ٻل چاڙهڻ بند ڪئي. اها ڌارٽا بنهہ غلط آهي تہ ٻل چاڙهڻ سان ڪوبہ ديوتا راضي ٿيندو. سڀني پراڻين کي پيار ڪرڻ گهرجي. هنسڪ ڪاڌي کان پري رهڻ گهرجي.

سوامي جن سئر ڪري ٢٤ جنوري ١٩٤٣ع ٽنڊي آدم ڏب تي واپس وريا. پهرين ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي پرڻام ڪري مليل پيٽائون سندن چرنن ۾ رکيائون. پوءِ پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن کي نمسڪار ڪري حالي احوالي ٿيا. سوامي

ٻاهر آيو. اُن وقت ڪيس ڪنهن اڇي ٻڌايو تہ توهانجو ٻالڪ پنهنجو پاڻ اچي ڪناري تي پيو آهي ۽ سندس وار بہ ونگو ڪين ٿيو آهي. پوءِ هو ڪناري تي ويو ۽ ٻالڪ کي پاڻ سان گهر وٺي آيو. هو ڀڳت ڀڄن ۾ لين رهيو تہ ڀڳوان سندس ٻالڪ جي رکشا ڪئي. پريميوا من کي اسٿر ڪري ڀڳوت ڀڄن ڪندا تہ ان ۾ توهان جو ڀلو آهي. ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ شري لوڪمانيہ تلڪ کي جيل ۾ بند ڪيو ويو. اُتي هو 'گيتا رهسيہ' گرنٿ لکي رهيو هو. اُن وقت جيلر کيس سندس پتنيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ جي تار اچي ڏني. شري لوڪمانيہ تار پڙهي رکي ڇڏي ۽ اڏول من سان پنهنجي ڪاريہ ۾ لين رهيو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا پراڻا سوامي گوالانند مهاراج سنہ ۱۹۴۲ع جي اسو مهني ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ برهملين ٿيا. سوامي گوالانند مهاراج مهان ودوان ۽ گيانوان هئا. سندن ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. هو صاحب اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي ۽ گايڪ بہ هئا. سندن گلي ۾ تاثير هو. ڳائيندا هئا تہ اُڏامندڙن پکين کي بہ بيهاري ڇڏيندا هئا. اهڙيءَ مهان مورتيءَ جي اوچتو پرلوڪ پڌارڻ سبب پريم پرڪاش منڊل جا سڀ سنت حيدرآباد سنڌ ۾ سوامي گوالانند آشرم ۾ پڌاريا. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي اکڙين ۾ پريم جا آنسون هئا. سيني سنتن جي دل ڀرجي آئي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي گرمکداس، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس ۽ ٻين سنتن وئراڳي واڻي ڳائي پريمين جي دلين کي ڀڳهاري ڇڏيو. اُن موقعي تي سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن پڻ هيٺيون شبد درديلي مارو سر ۾ ڳايو:

ڪري ڪيلاڙي کيل، اُهو وري ڪاڏي ويڙوا

۱. جنهن ٿي ايڏا منڊل مچايا، جنهن ٿي ايڏا رنگ رچايا،
جنهن ٿي کيڙا کيل، اُهو وري ڪاڏي ويڙوا

۲. جنهن ٿي منڙا ٻول اُچاريا، جنهن ٿي ڪل جا ڪارج سنواريا،
جنهن ٿي هلائي ريل، اُهو وري ڪاڏي ويڙوا

۳. جنهن ٿي سڀ سان جوڙيا ناتا، جنهن ٿي سک مان ڀاڪر پاتا،
جنهن ٿي ميليا ميل، اُهو وري ڪاڏي ويڙوا

۴. کيل کيليندي غائب ٿيڙوا پتو نہ تنهن جو ڪنهن کي پيڙو،
ڳجهي وٺي ڪنهن ڳٺل، اُهو وري ڪاڏي ويڙوا

۵. جنهن سان تن ٿي سوڀيا پاتي، جنهن بن تن کي لائن چئاتي،
کهي ٿيئون هن ويل، اُهو وري ڪاڏي ويڙوا

سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي تيرهي جي موقعي تي کين ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني. ۱۵ جنوري ۱۹۴۳ع سوامي جن سکر ۾ پڌاريا. اُتي ناپرن جي ڌرمشالا ۾ سوامي جن هفتو

آلس تج اُدم ڪرو، رام جپن ڪي هيت
ڀوڳ روڳ ميہ جانڪي سمرڻ ڪر ڏر چيت

سنساري ڪم ڪرڻ جا ڪين آهن. تنهنڪري ڪاڏو پيتو آرام ضروري آهن. ان ڪان وڌيڪ ضروري آهي نام سمرڻ.

جب تڪ هئہ يي زندگي فرصت نہ هوگي ڪام سي،
ڪڇ سميہ ائسا نڪالو پريت ڪرلو شري رام سي.

هڪڙي شخص جي استري ڀڳوت پريمڻ هئي. روز ڪجھ وقت نام سمرڻ ڪندي هئي ۽ پنهنجي پتيءَ کي پڻ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لاءِ ور ور وينتي ڪندي هئي پر سندس پتي چوندو هو تہ ڪرڻ جي وقت ۾ اجا دير آهي. کهڙي تڪڙ پيئي آهي. اجا عمر پيئي آهي پوءِ سمرڻ ڪبو. ائين چوندي ڪيترائي سال گذري ويا مگر هن شخص نام سمرڻ ۾ چت ڪين لڳايو. اوچتو هي شخص سخت بيمار ٿي پيو. حڪيم کي گهرايو ويو. سندس پتني حڪيم کان دوا وٺي آئي. بيمار پتيءَ کي جاٽي واٽي دوا ڪين ڏنائين. سندس گهوٽ چيو دوا ڏي، پتنيءَ وراڻيو 'دوا پيئڻ جي تڪڙ چو ٿا ڪريو، دوا پيئڻ لاءِ اجا عمر پيئي آهي.' اِهو ٻڌي سندس پتيءَ ڪاوڙ ڪندي چيو 'پاڳل! مان بيماريءَ سبب لوڙي رهيو آهيان ۽ تون ٿي چوين تہ دوا پيئڻ ۾ تڪڙ چو ٿا ڪريو! مان مري رهيو آهيان ۽ تون دوا نٿي ڏئين.' پتنيءَ پيار پرئي نوع ۾ چيو 'سائين توهان مرندءَ وري ڪيئن! توهان چوندا آهيو تہ اجا عمر پيئي آهي پوءِ ڀڄن ڪبو. پتنيءَ جو جواب ٻڌي پتيءَ محسوس ڪيو تہ جئن دکہ کي دور ڪرڻ لاءِ دوا جو استعمال هڪدم ڪرڻو آهي تيئن دنيوي دکن کان شفاياب ٿيڻ لاءِ نام سمرڻ ۾ بہ ڍِل وجهڻي ناهي. جيڪو پريوءَ اسان کي وقت ڏنو آهي اُهو سمرڻ ۾ سڦل ڪرڻ گهرجي.

پوجنيہ سوامي جن ۲۳ آگسٽ ۱۹۳۳ عبدوءَ ۾ پڌاريا. عبدوءَ ۾ سوامي جن هفتو کن ستسنگہ ورڪا ڪئي. پهرين سنت اوڌوداس ستسنگہ ڪيو. اُن بعد سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنساري پدارٿ ڏسي پريوءَ کي نہ وساريو. لڪين لوڪ دنيوي پانت پانت پدارٿن ۾ موهجي واليءَ کي وساري وينا آهن. ٻيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو پر پرماتما کي سديو ياد ڪندا رهو. اُن جي اوٽ وٺو. اُن جي شرڻ وٺڻ سان ئي اوهان جا ڪارج سڌ ٿيندا.

يو ڏرواٽي پرتيجہ اڏرواٽي پرسيويتي
ٽسيہ ڏرواٽي نشينتي اڏاراٽي نشٽميوڇ.

پرماتما، جو اٽل امر اجر آهي، جو اُن کي ڇڏي نشور سنساري پدارٿن جي پويان ڊوڙي ٿو تنهن کي پرماتما بہ نٿو ملي ۽ سنساري پدارٿ تہ هوئڻ ئي ناسونت آهن. اُن هڪ پرم پتا پرماتما جي شرڻ وٺڻ سان ٻئي لوڪ سهيلا ٿين ٿا.

هڪڙي راجا وڏو ميلو لڳايو، جنهن ۾ قسمين قسمين شيون هيون. راجا پڌرائي ڪئي تہ جيڪو بہ هن ميلي ۾ ڪنهن بہ هڪ چيز کي ڇهندو اُها وستو اُن جي

جن اُتي ستگرو مھاراجن جي حاضريءَ ۾ ستسنگ ڪندا ھئا ۽ ٻين سنتن جي شيوا ٽھل بہ ڪندا ھئا. ٽي چار مھنا وري ستگرو مھاراجن سان گڏ سنڌ جي جدا جدا ڳوٺن ۽ شھرن جو سفر ڪري ۹ مارچ ستگرو مھاراجن سان گڏ امراپور آستان ٽنڊي آدم ۾ واپس آيا.

امراپور استان ڊب تي چيٽ جي وارشڪ ميلي جي خوب تياري ڪئي ويئي. اُن اُتسو ۾ ستگرو سوامي سروانند مھاراج، سوامي گرمکداس مھاراج، سنت ماڌوداس، سنت بسنترام، ڪوي پھلاجرام، سنت جيون مڪت، سنت مرليڌر، سنت اوڌوداس، سوامي شانتي پرڪاش مھاراج ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورکا ڪئي. چارئي ڏينھن ڇڻ وٺڪنڻ جو نظارو ھو. پروفيسر ھاسانند جادوگر پڻ پنھنجي جادوءَ جي ذريعي ڪيتريون سکيائون ڏنيون ۽ سماجڪ وشين تي ڳالھايو.

سوامي جن ڪي ستسنگ ڪندي جيڪي بہ پيئائون ملنديون ھيون سي ستگرو سوامي سروانند مھاراجن جي چرنن ۾ پيٽ رکندا ھئا. سوامي جن گھرجائو ۽ ھوشيار وديارٿين کي وڌيڪ پڙھڻ لاءِ ھمٿائيندا ھئا. سندن رھڻي ڪھڻي تمام سادي سودي ھوندي ھئي. ھي صاحب مھاتما گانڌي جي سوديشي ھلچل کان بہ پرڀاوت ھئا. ان ڪري کاڌيءَ جو ڪپڙو پھريندا ھئا. اُھو دؤر ديش جي آزاديءَ جي ھلچل جو دؤر ھو. سواميجن جي من ۾ راشٽريہ ڀڳتيءَ جي پاونا ڪوٽ ڪوٽ ڀريل ھئي. ھو جتي بہ ستسنگ پروچن ڪندا ھئا تہ ايشور ڀڳتيءَ سان گڏ ديش ڀڳتيءَ جو بہ پرچار ڪندا ھئا. خاص ڪري جوانن ۾ راشٽريہ چيتنا پيدا ڪندا ھئا، ڪين پارتيہ وير پرشن جو اتھاس ٻڌائي اُتساھت ڪندا ھئا.

سوامي جن سماجڪ ۽ قومي ڳالھين ۾ بہ دلچسپي وٺندا ھئا. ان ڪري ڪيترائي ڪاريہ ڪرتائون سوامي جن وٽ ويندا ھئا. پروفيسر ھاسانند جادوگر جڏھن استان تي ايندو ھو تہ ھو سوامي جن جي ڪمري ۾ اچي رھندو ھو ۽ سوامي جن سان راشٽريہ ۽ سماجڪ وشين تي ويچارن جو آدان پردان ڪندو ھو. ديو سماجي چاھي آريہ سماجي چاھي ڪانگريسي سيني سان سوامي جن جو سمپرڪ ھوندو ھو. پروفيسر تاراچند گاجرا ھڪ مھان اتھاسڪار، ودوان ۽ ديش ڀڳت ھو، سو بہ سوامي جن سان اچي سماجڪ ڌارمڪ ۽ ديش سنبنڌي وشين تي ويچارن جي ڏي وٺ ڪندو ھو. شاھپور چاڪر جو سيٺ تلسيداس، ماستر گھنشيام ديو سماجي پڻ سوامي جن سان گيان گوشٽي ڪندا ھئا. سوامي جن وٽ اھڙن سماجڪ ڪاريہ ڪرتائن ۽ ديش ڀڳتن جي اچ وڃ ڏسي ستگرو سوامي سروانند مھاراج اتي پرسن ٿيندا ھئا. پوڄنيہ سوامي جن ڪجھ ستگرو سروانند مھاراجن سان گڏجي نام جو پرچار ڪيو.

۱۲ آگسٽ ۱۹۳۴ سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مھاراجن کان آشيرواد وٺي سئر لاءِ نڪتا. سوامي جن سان گڏ سنت اوڌوادس پڻ ھو. سوامي جن چڪ ۾ آيا. جتي ڏھاڪو ڏينھن سنت اوڌوداس سان گڏجي ستسنگ جي ڏاڍي مؤج مچايائون.

پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ ۾ آلس ڪرڻ نہ گھرجي ۽ بھانا نہ بڻائڻ گھرجن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراج بہ فرمائين ٿا:

سان وراڻيو' سائين، اڳهون جڏهن مان مندر ۾ آيس تڏهن سنت چيو ته سڀ ۾ هڪ پرماتما وياپڪ آهي. ڳاءِ ۾ به ته اهو ڀڳوان موجود آهي. پوءِ مان ڳاءِ کي ڪٽڪ کائڻ کان ڪيئن روڪيان ۽ ڪيس ڪيئن لٺ هڻي پري ڪريان.' نوڪر جو اِهو جواب ٻڌي دڪاندار وڏيڪ گرم ٿيندي چيو ته مان ڪٿا ٻڌڻ انڪري ويندو آهيان جئن مون ۾ لوڪن جو وشواس وڌي ۽ منهنجو ڌنڌو ڌاڙي وڌي ۽ وڌيڪ ڪمايان. نالائق جيڪڏهين تون ائين ڌنڌو سنڀاليو ته مونکي نفعي بدران نقصان پوندو. مان ڪٿا ڪن رس لاءِ ٻڌندو آهيان نه عمل ڪرڻ لاءِ.

پيارا! ڪٿا صرف ڪن رس لاءِ نه پر من رس لاءِ ٻڌو ۽ ستسنگ جون سکيائون جيون ۾ هنڊايو ته توهان جو هي لوڪ به سهيلو ٿيندو ۽ پرلوڪ پڻ سهيلو ٿيندو.

١٢ سيپٽمبر پوڄنيه سوامي جن چڪ ۾ پڌاريا. اُتي ست اٺ ڏينهن ستسنگ ورکا ڪيائون. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پريوءَ کي پراپت ڪرڻ جا ڪيترائي رستا آهن. اُن مارگ تي شرڌا ۽ چاهه سان هلڻ لاءِ پرشارٿ ڪرڻو آهي. سنت دادوءَ چيو آهي:

شواسون شواسون سنڀالتا، اڪ دن مل هئن آيه،
سمرڻ پئنڊا سهج ڪا، ستگر ديا بتايه.

پيارا! ڀڳوت پراپتيءَ لاءِ نام سمرڻ ئي سهج سرل مارگ آهي. سواس سواس سان سهج ڀاو سان نام جو سمرڻ ڪندا رهون ته پريوءَ جي پراپتي ٿيندي. دکن کي دور ڪرڻ لاءِ به رام نام وڏي اوشڌي آهي.

بياور جي هڪ برهمڻ ماتا جانڪي ٻائي پشڪر ۾ رهندي هئي. جيترو وقت ڪيس فرصت ملندي هئي ته هيءَ پياري سمرٽي سوريندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن هن کي دل جو دورو پوندو هو. هن جو رام نام سمرڻ ۾ پورڻ وشواس هو. جڏهن ڪيس شاريرڪ تڪليف ٿيندي هئي ۽ پاڻ مالها سوري ڪين سگهندي هئي. تڏهن اُها سمرٽي ڪنهنکي ڏئي چوندي هئي ته سمرٽي سوريندي رام نام اُچاريو. رام نام جي شروڻ سان سندس دک گهٽجي ويندو هو.

دادو پنٿي سنت سوامي نارائڻداس هڪ دفعي ملارڻا ڳوٺ ۾ پنهنجن ڪن پريمين سان رهيل هو. سنڌيا جي سميه سڀ گڏجي نام ڪيرتن ڪري رهيا هئا. اُتي اوچتو هڪ نانگو سنت پنهنجي نوجوان شش کي ڪلهن تي چاڙهي ڪٺي آيو ۽ سوامي نارائڻداس ۽ وينل سنگت کي عرض ڪيائين ته هن جوان کي وڇونءَ چڪ پاتو آهي. جوان ڏاڍي پيڙا سبب روئي رهيو آهي. توهان مان جيڪڏهين ڪنهن کي وڇونءَ جي زهر جو اثر ڪڍڻ جو منتر ايندو هجي ته مهرباني ڪري اُهو منتر پڙهي هن جوان ٻالڪ جو دک دور ڪريو. سنتن ۽ سنگت جو ڌيان اُن چلائيندڙ جوان ڏانهن ويو.

سنگت ۾ وينل شري گوپال ڳايڪ اُن نانگي سنت کي سوامي نارائڻداس ڏانهن اشارو ڪندي چيو ته هن سنت کي وڇونءَ جي زهر ڪڍڻ جو منتر ايندو آهي. سوامي نارائڻداس هڪدم آکيو ته ڪيس اهڙو ڪو به منتر ياد ڪين آهي جنهن دوران وڇونءَ جي ڏنگ جو اثر گهٽ ٿئي. شري گوپال ڳايڪ وري اُن نانگي سنت کي چيو ته سوامي نارائڻداس پرارٿنا دوران دک دور ڪندو گوپال ڳايڪ

ٿي ۽ اُهو پاڻ سان اُها چيز کڻي وڃي سگهي ٿو. اُن ميلي ۾ ڪيترائي شخص آيا پئي جي پنهنجي پسنديءَ جي شيءِ تي هٿ رکي کڻي پئي ويا. اُن ميلي ۾ هڪ مسڪين ڪڙمي به آيو. ڪيس ٻن ٻئلن ۽ هڪ هر جي ضرورت هئي. ڪڙميءَ سوچيو ته راجا جو آديش آهي ته صرف هڪ چيز تي هٿ رکڻو آهي. جيڪڏهين هر ٿو کڻان ته ٻئلن بنا هر ڪهڙي ڪم جو! مونکي ته ٻنهي شين جي ضرورت آهي. سوچي آخر اُهو ڪڙمي راجا وٽ ويو ۽ وڃي سندس چرڻ سپرش ڪيائين. تنهن تي راجا چيس ته هي ڇا ٿو ڪرين؟ ڪڙميءَ وراڻيو ته اوهان پڌرائي ڪئي آهي ته هن ميلي ۾ جيڪو ڪنهن به شيءِ کي سپرش ڪندو اُها اُن جي ٿي وئي. مان اوهان کي سپرش ڪيو آهي هاڻي اوهان منهنجا ٿي ويا. ميلي ۾ رکيل سڀ شيون اوهان جون آهن، هاڻي اُهي سڀ شيون به منهنجيون ٿي ويون. مون کي ٻه ٻئل ۽ هڪ هر گهربل هو، پر هاڻي اوهان منهنجا ٿي ويا ته سڀ ڪجهه منهنجو آهي. راجا ڪڙميءَ جو سياڻپ ڀريو جواب ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڪڙميءَ کي چيائين ته پيارا، توکي جيڪي شيون کپن سي هن ميلي مان بلاشڪ کڻي وڃ.

پريميو! اوهان به اُن ڪڙميءَ جيان پرماتما جا ڪمل چرڻ پڪڙيو. سڀ سنساري سهارا ڇڏي هڪ پريوءَ جي شرڻ وٺو ته اوهان کي چئني پدارٿن جي پراپتي ٿيندي. هي لوڪ به سهيلو ته پرلوڪ به سهيلو ٿيندو.

١ سيپٽمبر ١٩٤٤ع سوامي جن عضمت ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ڏهه يارهن ڏينهن سنت اوڌوداس سان گڏجي ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ستسنگ ۾ اچجي ته ايڪاگرچت ٿي ڪٿا ٻڌجي. پهرين شروع پوءِ منن ۽ پوءِ نڌڌياسن ڪجي. ستسنگ ۾ ڪٿا ٻڌي پوءِ ايڪانت ۾ ويهي اُن جو چنتن ڪرڻ گهرجي ۽ پوءِ اُن تي عمل ڪرڻ گهرجي. هنڌائڻ ۽ هلڻ سان ئي لاڀ ٿيندو. ڊاڪٽر دوا ڏئي پر مريض دوا وٺي استعمال نه ڪري ته پوءِ اُن کي فائدو ڪين ٿيندو. سنت مهاتمائون اپديش ڏين ٿا. صرف اُپديش هڪ ڪن سان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏبا ته ڪجهه لاڀ ڪين ٿيندو. ڪيترا ستسنگ ۾ صرف وقت پاس ڪرڻ اچن ٿا. ڪي صرف ان ڪري وڃن ٿا ته لوڪ اسانکي ستسنگي سمجهن. هڪ دڪاندار ڪٿا ٻڌڻ ويندو هو ۽ سندس پوٺان سندس هڪ نوڪر دڪان هلائيندو هو ۽ دڪاندار ڪٿا ٻڌي وري اچي دڪان سنڀاليندو هو. هڪ ڏينهن هڪ ٻڍو خريدار دڪان تي آيو. اُن نوڪر کيس چيو ته توهان ترسو مان مندر ۾ وڃي سيٺ کي وٺي ٿو اچان. نوڪر مندر ۾ آيو. اُن وقت سنت ڪٿا پئي ڪئي ته ڀڳوان سڀني جيون ۾ رمي رهيو آهي. تو ۾ مون ۾ سڀني پراڻين ۾ هڪ پرماتما وياپڪ آهي. سڀ اُن جا ئي روپ آهن. نوڪر سنت جا اهي وچن چڱيءَ ريت ٻڌا ۽ سيٺ کي نياپو ڏنو ته دڪان تي خريدار آيل آهي. دڪاندار چيو ته ڪٿا پوري ٿئي ته اچان ٿو. اُن ڏينهن سنت ڪٿا هوئڻ کان وڌيڪ وقت ڪئي. دڪاندار من ئي من ۾ چوڻ لڳو ته اڄ سنت وڏو مهاڀارت کوليو آهي بس ئي ڪونه ٿو ڪري. آخر هوُ اڌ مان اُٿي پنهنجي دڪان طرف آيو. دڪان جي ٻاهران هڪ ڳانءِ کي پنهنجي دڪان جي ڪٽڪ کائيندو ڏسي ڪروڌ ۾ اچي هن هڪ ٻه لت ڳانءِ کي وهائي ڪڍي ۽ نوڪر کي دٻ ڇاڙهيندي چيائين. نالائق ڏسين ويٺو ته ڳانءِ ڪٽڪ ويٺي کائي نقصان ويٺي ڪري ۽ تون ٻاٻو ٻڌو تي ويٺو آهين! ٿيل نقصان تنهنجي پگهار مان ڪٽيندس. نوڪر نيزاريءَ

کيس حقو چڪڻ لاءِ ڏنو. جڏهن ئي حقو چڪيو ته سندس پيٽ جو درد دور ٿي ويو. هُو عجب ۾ پئجي ويو ته هن سائين هرچورام صاحب کي پنهنجو دک ٻڌايو به ڪين، ته سنتن اُن جو علاج پاڻهي ڪيو! سنت سچ پچ جاڻي جاڻڻهار آهن. ڪندن مل سائين هرچورام صاحب جي مهرباني مڃيندي سندن چرنن تي ڪري پيو. جهٽ ڪان پوءِ سائين جن چيس، گاڏيءَ جو وقت ٿيو اٿيئي، هاڻي وڃ. اهو به ڪندن مل کي عجب لڳو ته سنتن کي گاڏيءَ جي وقت جي خبر ڪيئن پيئي آهي. ڪندن مل سائين هرچورام جي آگيا انوسار ٽلهي تي مٿو ٽيڪي شڪارپور واپس آيو. سندس سور صفا لهي ويو. سائين هرچورام جي دعا سندس دک دور ڪري ڇڏيو.

ٻئي ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته

سنت سماگم هري ڪٿا، تلسي درلڀ دويہ،
ڌن دارا اؤر لڪشمي، پاپي ڪو ڀي هويہ.

پريميو! سنتن جو سنگ ۽ پريوءَ جي ڪٿا شروع ڪرڻ جو موقعو ڀاڳن واري کي ملندو آهي. ڌن دولت استري ته دراچارين کي به هوندي آهي. سائين هرچورام رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا، تڏهن به رسنا سان رام نام جپيندا هئا. اوهان ڀلي گهر گرهست ۾ رهو، پر سنتن جو سنگ ڪريو ته توهان کي رام جو رنگ لڳندو. ڀڳوت ڪٿا جو به پريم سان شروع ڪريو ته توهان جو من نرمل ٿيندو ويندو. دنيوي ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي پريوءَ کي نه وساريو. سائين هرچورام صاحب مهان سنت هوندي به پنهنجي پورهئي جي ڪمائيءَ سان گذران ڪندو هو. ڌنڌو وهنوار ڪندي به هي سونهارو سنت رام نام اُچاريندو هو. توهان به اُٿندي ويهندي پريوءَ جو نالو اُچاريو ۽ اُن جو ڌيان ڌيايو.

پوڄنيه سوامي جن ٽي چار ڏينهن شاهپور ٽلهي تي ستسنگ پروچن ڪري ٢٥ سيپٽمبر لاڙڪاڻي ۾ آيا. اُتي شري ولرمل واڌوا ۽ ٻين پريمين سوامي جن جي آجيان ڪئي. لاڙڪاڻي ۾ سوامي جن هفتو کن ستسنگ ورکا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ۾ چيو ته پرماتما اسانکي منش جو امولیہ چولو ڏنو آهي، ان جو پورو پورو قدر ڪين ٿا ڪريون. وشيہ وڪارن ۾ حياتي برباد ٿا ڪريون. پريميو! منش جيون جو سد اُپيوگ ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

غفلت ۾ نہ گنوائيي، مانش ديهہ مهان،
ڪهہ ٽيئون تم جاڳہ ڪي، ڀجلي شري ڀڳوان.

پيارا، غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. وري هھڙي جوڻ ملڻ مشڪل آهي. هڪ دفعي هڪ راجا جي محل ۾ هڪ هريجن ٻهاري پائي رهيو هو. سندس ڪپڙا ڦاٽل هئا. راجا کي مٿس رحم اچي ويو. کيس سڏ ڪري چيائين 'پيارا، توکي اڄ هي سون جو ٿالهہ ڏيان ٿو جنهن ۾ املهہ هيرا لعل ماڻڪ پيل اٿي. تنهنجي زندگي نئين ٿي پوندي.' راجا اُن ڪم ذات تي ڪرپا ڪري کيس مالا مال ڪري ڇڏيو. اُهو اڇوت خوشيءَ ۾ نہ سمايو. هيرن سان ڀريل سونو ٿالهہ کڻي سڌو گهر آيو. سندس پتني هيرن سان ڀريل سونو ٿالهہ ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. سندس پتيءَ کيس سربستو

وري اُن نانگي سنت کي چيو تہ سوامي نارائڻداس پرارٿنا دوارا ن دکہ دور ڪندو آهي. اُن نانگي سنت درد ڀريئي آواز ۾ سوامي نارائڻداس کي عرض ڪيو تہ ٻالڪ جي حياتي بچايو! مٿس ديا درشٽي ڪري منتر پڙهو. سوامي نارائڻداس ان وقت سنت دادوءَ جي واڻيءَ جو هڪ شلوڪ پڙهي رام نام اُچاريندي اُن ڇوڪري جي مٿان مور جو پنکہ گهمايو تہ سندس روئڻ هڪدم بند ٿي ويو ۽ وري هن سنت ساڳيو دوهو اُچاريو تہ وڇونءَ جي ڏنگہ جو اثر هڪدم ختم ٿي ويو ۽ ڇوڪرو اُٿي ويٺو. اُهو نانگو سنت ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سوامي نارائڻداس جا ڏاڍا شڪرانا مڃڻ لڳو.

سوامي نارائڻداس اُن نانگي سنت کي چيو تہ پيارا، مان ڪو جنتر منتر ڪين ڄاڻان، مون تہ صرف ستگرو دادوءَ جو هڪ دوهو پڙهي مور پنکہ گهمايو. اِها سڀ رام نام جي مهما آهي.

پريميو! رام جو نالو اسانجا شاريرڪ ڇاهي مانسڪ سڀ دکہ دور ڪري ٿو. اسانجي هن سنڌ يوميءَ ۾ ڪيترائي سنت ستپرش درويش ٿي گذريا آهن جن نہ ڪنهن گيانيءَ وٽ وڃي ڪو گيان حاصل ڪيو نہ يوگہ سکيو. نام سمرڻ سبب سندن زبان ۾ سڌي اچي ويندي هئي. هوُ جيڪي بہ چوندا هوا تيئن ٿيندو هو. اوهان بہ نام نہ وساريو.

سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پوڄنيہ سوامي جن ٢١ سيپٽيمبر شاهپور ٿلهي تي پڌاريا. سائين لکيرام کي نمسڪار ڪري پريمين سان حالي احوالي ٿيا. رات جو سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

سڀ سوارٿ کي ميت هئن، بن سوارٿ هئن سنت،

ڪه ٿيئون تہ سيوسي، راضي هو ڀڳونت.

سنسار جا سنبنڌي سوارٿي آهن، مگر سنت ستپرش بنا سوارٿ جي جيو جو ڪلياڻ ڪن ٿا. اهڙن سنتن جي شيوا ڪرڻ سان ڀڳوان بہ راضي ٿئي ٿو. سنت پريوءَ جا عيوضي آهن. جيڪڏهن پرماتما کي پرسن ڪرڻ چاهيو ٿا تہ سنتن جي چاڪري ڪريو. سائين هرچورام صاحب ڪيئن نہ سون جا دکہ دور ڪيا. سائين هرچورام صاحب وٽ سوين اٽسچاتل سچڻ سوالي ايندا هئا. سائين انهن جي من جون مرادون پوريون ڪندا هئا. داس تي بہ انهن جي ڪيڏي نہ ديا درشٽي رهي سائين هرچورام انترىامي هئا. هڪ دفعي شڪارپور جو رهواسي ڪندن مل، سائينءَ وٽ سوالي ٿي آيو. کيس پيٽ جي سور جي ڏاڍي تڪليف هوندي هئي. هن پياري گهڻو ئي علاج ڪيو پر کيس فائدو ڪين ٿيو. ڪنهن کيس شاهپور ٿلهي تي سائين هرچورام صاحب جي شرڻ وڃڻ جي صلاح ڏني. دوائون دکہ دور نٿيون ڪن، من سنت جي دعا دکہ دور ڪري. اِهو عقيدو رکي ڪندن مل شاهپور ٿلهي تي آيو ۽ اچي سائين هرچورام صاحب لاءِ پڇيائين تہ ڪٿي آهن؟

اُن وقت سائين هرچورام صاحب کوهہ جي طرف تماڪ جي ڀوڪہ ڪري رهيا هئا. ڪندن مل اُتي آيو ۽ سائين هرچورام کي ڀوڪہ ڪندو ڏسي سندن قدمن تي ڪري پيو. زبان بند، پنهنجي درد جي دانهن ڪين ڪيائين. سائين هرچورام صاحب هڪدم

جتان به ڪيرائيندا ته هميشه هينائينءَ ڏانهن ويندو. سچي دنيا جو ڪاروبار مٿو ارٿات دماغ هلائيندو آهي پر مٿو هميشه پيرن کي ٽيڪبو آهي ۽ چئبو آهي ته هي ڀڳوان! هي ستگروا مونکي پنهنجي چرنن ڪملن جو ڌيان ڏيو ۽ ڪڏهن به ائين نه چئبو ته هي ڀڳوان، مونکي پنهنجي مٿي جو ڌيان ڏيو. هاٿي ڏسو، سچو ڪاروبار هلائي ته مٿو ٿو، پر پيري وري پيرن کي پئبو آهي. چاڪاڻ ته مٿي کي ٿورو ايمان رهندو آهي، انڪري سنت ۽ مهاتمائون چوندا آهن ته جيترو ٿي سگهي اوترو نماڻو ۽ نهنو ٿي هلجي.

هي منهنجا من! هميشه نوڙت ۽ نياز سان هل. هٺ نه ڪر. هٺ ئي اِنسان کي ڪيرائيندڙ ٿيندو آهي. ڀلي ڪيترو به وڏو ٿي وڃين، پر ايمان نه ڪر. ڪاوڙ ۽ غصو ڇڏي ڏي. هڪڙي ڏينهن ٻه مهاتمائون ٽنڊي آدم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آستان تي آيا ۽ اچي مهاراجن جي آسڻ تي وينا. تڏهن ٻين سنتن چيو، توهانکي اسان ٻيو آسڻ ٿا وڇائي ڏيون، اهو آسڻ ستگرو مهاراجن جو آهي. ائين ڪندي ستگرو مهاراج به اُتي اچي ويا. ستگرو مهاراجن منڊل جي سنتن کي چيو ته هن آسڻ تي مکيون ويهن ٿيون، ڪوليون ماڪوڙا ويهن ٿا، باقي جي هي مهاتمائون وينا ته ڪهڙو ڏوهه آهي! ستگرو مهاراجن اُنهن کي نوڙت واري نوع ۾ چيو 'اوهان بلاشڪ هن آسڻ تي ويهو. اوهان جيءَ آيا! نچ آيا.' ستگرو مهاراجن جا پيار ڀريا وچن ٻڌي آيل مهاتمائون ڏاڍو پرسن ٿيا. ستگرو مهاراجن ۾ ڪيڏي نه نمرتا هئي. توهان به نياز نوڙت جو رستو اختيار ڪريو.

۴ آڪٽوبر پوجنيه سوامي جن خيرپور ميرس ۾ پڌاريا. اُتي مني سنگت ۾ ڀڳت ٿهليارام سندن سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي هفتو کن ستسنگ جي مؤج مچائي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پرماتما پنهنجن پيارن جي ڪنهن نه ڪنهن نموني اچي سار لهي ٿو. توهان به پريوءَ کي نشڪام ڀاونا سان ياد ڪندا ته پرماتما توهان جا ڪم اچي پاڻ پورا ڪندو.

سوامي وويڪانند جو سنسڪرت وديا گرو شري شورام ڪنڪرجي هو. هي پيارو ڀڳوان شنڪر جو اننيه اُپاسڪ هو. نت نيم ڪيترو وقت ڀڳوان جي ڌيان ۾ وهندو هو. هڪ دفعي پئسي جي اپاءَ ڪري سندس ٽي ڏينهن چلهه ڪين ٻري. هن پياري جي ڪري گهر جا ڀاتي به سنتوش ۾ رهيا. ٻاهر ٻاڦ ڪين ٻاڦيائون. چوٿين ڏينهن تار ڊواران ڏهن روپين جو وٽس مني آرڊر آيو. اُن وقت وويڪانند به اُتي وينو هو. تار پڙهي شري شورام جي اکين ۾ آنسون اچي ويا. وويڪانند گروءَ کان تار وٺي پڙهي، جنهن ۾ لکيل هو 'منهنجي گهر ۾ ڀڳوان شنڪر جي مورتي آهي. رات جو ڀڳوان مونکي سپني ۾ چيو ته مان ٣ ڏينهن کان بکايل آهيان چاڪاڻ ته ٽن ڏينهن کان منهنجو ڀڳت شو رام پريوار سميت بکيو رهيو آهي. هنجو نالو شورام ڪنڪر اٿي ۽ براهه نگر ڳوٺ ۾ رهي ٿو. ڪيس هڪدم روڪ سهائتا موڪلڃ. انڪري هي ڏهه روپيا تار مني آرڊر رستي موڪلي رهيو آهيان.' اِها تار ڪاشيءَ مان هڪ زميندار موڪلي هئي.

نريندر تار پڙهي عجب ۾ پئجي ويو ته پرماتما ڪيئن نه پنهنجن پيارن کي پيار ڪري ٿو. سندن سار لهي ٿو. وويڪانند گروءَ جي چرنن تي ڪري ڀريل گلي سان چيو

احوال ٻڌايو ته ڪيئن نه راجا مٽس ديا درشٽي ڪري ڪيس اهو سونو ٿاله ڏنو. سندس پتنيءَ چيو ته هيرا جواهر وڪڻي پئسا گڏ ڪري رکبا، باقي هي سونو ٿاله گند جي ڪاري بدران ڪم آڻيو. توهان ڏهين پڌرهين ڏينهن گند ڪڍڻ لاءِ ڪارو ولي ايندا آهيو، پر هي ٿاله اهڙو ته مضبوط ۽ سهڻو آهي جو سڄي عمر هن ۾ گند ڍوئيندا، تڏهن به خراب ڪين ٿيندو نه وري ڀڄي پوندو.

بي قدر اڇوت ۽ سندس پتنيءَ اُن سوني ٿاله جو ملهه ڄاڻندي به اُن جو دُر اُپيوگ ڪيو. اُهي اُهو ٿاله گند ميڙڻ جي لاءِ استعمال ڪرڻ لڳا. هڪ ڏينهن اوچتو راجا جي نظر اُن ٿاله تي پيئي جنهن ۾ اُهو هريجن گند ڍوئي رهيو هو. اهو ڏسي ارمان ڪائڻ لڳو ته هن هريجن تي مون ديا ڪري ههڙو سندر سونو ٿاله ڏنو. افسوس! اُهو ٿاله هي گند ڍوئڻ ۾ استعمال ڪري رهيو آهي! هڪدم اُن هريجن کي آگيا ڪئي ته مورکه تو ان سوني ٿاله جو ملهه ڪين سڃاتو آهي. هيرا جواهر ۽ اِهو سونو ٿاله هڪدم واپس ڪر. اُن هريجن هڪدم راجا جي حڪم جي پيروي ڪئي. پاڻ ۽ سندس پتني ڏاڍو دکي ٿيا ته هنن پنهنجن پيرن تي پاڻ ڪهاڙي هنئي آهي. هيرا جواهر ۽ سون ٿاله سوغات روپ ۾ حاصل ڪري اُنهن جو سد اُپيوگ ڪين ڪيو. ٻئي ڄڻا زارون زار روئڻ لڳا.

پريميو! پرماتما پڻ اوهان کي سون کان به ملهائتي منش ديهه ڏني آهي. سواسن روپي هيرا جواهر ڏنا آهن. اوهان اُنهن جو ڪو قدر ڪين ڪري وشيه واسنائن ۾ هيءَ امولِه ديهه ۽ سواس برباد ڪري رهيا آهيو. اُن جو قدر ڪريو، سد اُپيوگ ڪريو نه ته توهان کي به رت جا ڳوڙها ڳاڙڻا پوندا. شري گرو تيغ بهادر مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪرنا هو تو نا ڪيو پڙيو لوڀ ڪي ڦند،
نانڪ سميو رم گيو اب ڪيون روت انڌ!

لقمان شهر جي ٻاهران ايراضيءَ ۾ ورڪت مهاتما سوامي رامانند مهاراج رهندا هئا.هي سنت گهڻو وقت ايڪانت ۽ مؤن ۾ گذاريندا هئا. ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. ٢ آڪٽوبر سوامي جن سوامي رامانند جو درشن ڪرڻ لاءِ سندن آسٿان تي آيا. سنتن جو درشن ڪري اُنهن سان آڌياتمڪ وشيه تي روح رهاڻ ڪيائون. ٢ ۽ ٣ آڪٽوبر لقمان ۾ سوامي جن ستسنگه ورکا ڪئي اُتي سوامي ايسرداس هنس جو درشن ڪري اُنهن سان گيان گوشٽي ڪيائون. سوامي جن لقمان ۾ ستسنگه ڪندي چيو ته جيڪڏهين روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو. خاڪساري اختيار ڪريو. پنهنجي عزت جو خيال نه ڪري ٻين کي سنمان ڏيو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

نمن ڪمن ار دينتا سڀکو آدر ڀاءُ
ڪهءِ ڪبير سوئي ٻڙي، جامي ٻڙو سڀاءُ

سنت ڪبيرداس چوي ٿو ته جنهن منش ۾ نمرتا آهي ۽ جو سڀ کي آدر ڀاءُ ڏئي ٿو اُهوئي مهان آهي. ان ڪري پيارا! سدائين نماڻا ٿي رهو. هٺ وڏائي ڇڏي ڏيو. ٻاڻيءَ کي

صاحب جي منهن ۾ نڪاءُ ڪيا ۽ ڀڳت صاحب کي گهٽ وڌ پڻ ڳالهايائين. ڀڳت صاحب کي زم مان پئسا هٽڻ سبب منهن ۾ ڌڪ لڳو ۽ هيٺ ڪري به پيو. ڀڳت ۾ وينل پريمين اُن فقير تي ڏاڍو غصو ڪيو ته اچو ٿا پنڻ ۽ هھڙي درويش ڀڳت کي اچي ٿا ستايو. ايتري ۾ ڀڳت صاحب اُٿي ڪڙو ٿيو. ڀڳت ڪنوررام صاحب سنگت کي سانت ڪرائيندي فقير کي چيو، 'ادا! ڏيڻ وارو به الله ته وٺڻ وارو به الله، باقي ماريءَ مون مسڪين کي.' ائين چوندي ڀڳت صاحب ٻيو ٻڪ پئسن جو جهوليءَ مان ڀري وري اُن ڪاوڙيل فقير کي ڏنو. فقير ڏاڍو پشيمان ٿيو. ڀڳت صاحب لڱن سان به چڱو هليو. ڀڳت ڪنوررام فقير تي موت ۾ ڪاوڙ نه ڪري مٿس عنايت ڪئي. ڀڳت ڪنوررام صاحب ۾ ڪيڏي نه نمرتا ۽ صبر هو.

ٻئي ڏينهن سوامي جن سائين وسڻ شاه جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته سائين وسڻ گهوٽ لاثاني سنت هئا. ڪو شيوا ۽ پراُپڪار ڪرڻ سکي ته وسڻ گهوٽ کان.

سنت ٻـــڙي پـرمـارٿي نرمل جانڪي انگ
تپت بجهاڪر جيو ڪي وو ميلي اپني سنگ

سائين وسڻ شاه ڪيئن نه ساڌيلي ۾ وڃي سنڌاس صاف ڪندا هئا. هوُ اُتي ڪيترائي ڏينهن ان قسم جي شيوا ڪندا رهيا. جڏهن ان قسم جي ڄاڻ اُتان جي مهنت صاحب کي پيئي تڏهن مهنت صاحب هن کان پڇيو 'پيارا! تون اِهو ڪم ڇو ٿو ڪرين؟' وسڻ شاه ڏاڍي نياز سان وراڻيو 'سوامي! شيوا پاونا جي خيال کان ئي اِهو ڪم ڪندو آهيان.' تڏهن سوامي هرپرساد ڪيس چيو، 'پيارا! اِهو ڪم هتي نه ڪندا ڪريو.' پنهنجي آستان روهڙيءَ ۾ وسڻ شاه پنهنجي هٿن سان لولن لنگڙن سورداسن اپاهجن جي شيوا ٽهل ڪندا هئا. بنا پيد ڀاوَ جي سڀني جاتين جي دکين جي خدمت ڪندا هئا.

هڪ دفعي هڪ گهرجائو سائين وسڻ شاه وٽ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته گهر واريءَ لاءِ هڪ پيشگير ڏيڻ جي ڪرپا ڪريو. سائين وسڻ شاه پنهنجي گهر پتنيءَ کي ماڻهو موڪليو ته هڪ پيشگير موڪل، ڪنهن سواليءَ کي ڏيڻو آهي. گهران جواب آيو ته هڪڙو ئي پيشگير پاتل آهي ٻيو ڪين آهي. اهو جواب ٻڌي پاڻ سائين وسڻ گهوٽ گهر ويا ۽ پتنيءَ کي چيائون ته پاتل پيشگير هڪدم لاهي ڏي، متان سوالي نراس نه ٿي وڃي. ماتا آگيا انوسار پيشگير لاهي ڏنو. سائين جن پنهنجي پتنيءَ جو پيشگير کڻي اچي سواليءَ کي ڏنو. اهڙو هو پراُپڪاري سائين وسڻ شاه سنت پاڻ کي تڪليف ڏيئي به ٻين کي سکي رکن ٿا. سائين وسڻ شاه ڪيڏو نه اُدارچت هئا. پريميوا توهان به سائينءَ جي ڏني مان ڏيندا رهو. بکين جا پيٽ ڀريو، ننگن کي ڍڪيو ته سائين توهان کي ڍڪيندو.

سوامي جن ٢١ آڪٽوبر ٽنڊي آدم امر استان تي واپس آيا. پهريائين مهاراجن کي چرن وندنا ڪري پوءِ منڊل جي ٻين سنتن کي پرڻام ڪيائون. ڪجهه ڏينهن اتي آستان تي ستسنگ ڪيائون. هو سنگرو مهاراجن جي حاضريءَ ۾ شيوا ڪندا رهيا. ٨ جنوري ١٩٢٥ سوامي جن سنت اوڌوداس سان گڏجي جيڪب آباد ۾ پڌاريا، اُتي سوامي ڪرشن

ته مان به توهان جو ٻالڪ آهيان. توهان ٻالڪ کي ان ڳالھ جو اشارو به ڪين ڏنو آهي ته تن ڏينھن کان اوهان هڪ گره به گرهڻ ڪين ڪيو آهي. مان ئي ڪاڏي جي ويوَسٿا ڪري وٺان ها! پنڊت شوَرام چيو ’پيارا، جڏهن پرم پتا پرماتما ڪنهن نه ڪنهن نموني ويٺو پالنا ڪري، پوءِ توکي تڪليف چو ڏيان؟‘ ڀڳتن جو ڀڳوان ۾ ڪيڏو نه ڀروسو آهي، صبر آهي، سهنشيلتا آهي. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

چنتا ڇوڙ اچنت رهه، ديـن هار سمرٿ،

پسون پکيرو جنت جوَ، تن ڪي ڳانٺ نه هٿ.

پسون پکي جيوَ جنتو جن کي ڪجھ به ساڻ ڪين آهي، پرماتما اُنهن جي به سار لهي ٿو. ان ڪري پريميوا چنتا جو تياڳ ڪري پريوءِ ۾ ڀروسو رکو جو سڄي سرشٽيءِ جي پالنا ڪري رهيو آهي. اُٿندي ويهندي جئه شري ڪرشن، جئه شري ڪرشن اُچاريو. اُن سرجڻهار کي ساريو جو سڀ جي سار لهي ٿو.

سوامي جن خيرپور ميرس جي گئوشالا، بابا ڪيشوداس مهاراجن جي دربار ۽ نم جي ٽڪاڻي ۾ پڻ ستسنگ ٿيو. ١٢ آڪٽوبر پوڄنيه سواميڄن خيرپور جي پرسان پرڳڻين جي ڳوٺ ۾ سنت تلسيرام صاحب جي آستان تي آيا. اُتي به ٽي ڏينهن سنت تلسيرام سان روح رهاڻ ڪيائون ۽ ستسنگ پروچن پڻ ڪيائون.

١٥ آڪٽوبر سوامي جن روهڙيءِ ۾ سائين وسڻ شاه ۽ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ورسي اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سائين وسڻ شاه جي آستان تي پڌاريا. سوامي جن ڀڳت ڪنوررام صاحب جي مهما ڳائيندي چيو ته ڀڳت ڪنوررام سنڌي ڀڳتن جو سرمور هو، سرتاج هو. نمرتا جي مورت هو، سادگيءِ جي صورت هو. ڀڳت ۾ جيڪي ڪجھ ڪيس ملندو هو سو اُپڪار جي ڪارين ۾ لڳائيندو هو. پنهنجي پيٽ گذران لاءِ ڏنڌو وهنوار ڪندو هو. اڄ ڀڳت صاحب جو چوڏاري ڪيڏو نه يش ڦهليل آهي! جو پنهنجو سوارٿ تياڳي اُپڪار جا ڪم ڪري ٿو، ساري سنسار ۾ اُن جي ڪيرتي ٿئي ٿي. سنگرو سوامي ٽيئوڻرام مهاراج فرمائين ٿا:

اپنا سوارٿ ڇوڙ جو، ڪرتا پر اُپڪار،

کهي ٽيئون يش هوت هئه، تانڪا جگت منجهار.

هڪ دفعي ڀڳت ڪنوررام صاحب شهداد ڪوٽ ۾ ڀڳت وجهي رهيو هو ته هڪ مسلمان فقير پڪار ڪئي: ’ڪنورا خالي جهولي پر ٻچا پيا ٻڪ ۾ ٻاه ٿين!‘ ڀڳت ڪنوررام هڪدم پنهنجي جهوليءَ مان پئسن جو ٻڪ ڀري اُن فقير کي ڏنو. اُهو ٻڪ چانديءَ جي روپين جو هو. فقير ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڀڳت ڪنوررام کي دعائون ڪندو رمندو رهيو. اهو ڏسي اُتي هڪ ٻئي فقير به سوال ڪيو ’ڀڳت صاحب! منهنجي به خالي جهولي پر.‘ ڀڳت ڪنوررام پنهنجي جهوليءَ مان پئسن جو ٻڪ ڀري اُن فقير کي ڏنو. اُن فقير مليل پئسا جاچي ڏٺا ته اُهي چانديءَ جا ڪين هئا پر ٽامي جا ٽڪا هئا. اُن فقير کي ڏاڍو غصو لڳو. ٽامي وانگر تپي ٻاه ٿي ويو. هن ڪاوڙ ۾ اچي اُهي ٽامي جا ٽڪا ڪڍي ڀڳت ڪنوررام

سرسبز سائي ٿيندي، اسان ان سنپرش کي پنهنجو گرو ڪنداسين. هنن پنجن ڏهن ساڌن جو سنگ ڪيو ۽ انهن جا چرڻ ڌوئي اهو جل ڪٽي ڪانيءَ مٿان وڌائون، مگر ڪاني سائي ڪونہ ٿي. هنن سنت ڪبيرداس جو يش ٻڌو هو. ٻئي ڀائر شرڌا رکي سنت ڪبير وٽ آيا. ان وقت سنت ڪبير اڏاڻي تي ڪپڙا اُڻي رهيو هو. جڏهن اُن ڪم مان فارغ ٿيو، تڏهن ٻنهي ڀائرن کيس پرڻام ڪيو ۽ وينتي ڪئي تہ اسان کي پنهنجا چرڻ ڌوئڻ ڏيو. سنت ڪبير مشڪندي چيو، 'پيارا! منهنجي چرڻن ۾ ڪجھ ڪين آهي. پريو تہ هڪ هڪ جي اندر براجمان آهي، ان جو سمرڻ ڪريو تہ توهان کي شانتي ملندي. منهنجي چرڻن ڌوئڻ مان توهان کي ڇا ملندو؟' ٻنهي ڀائرن زوريءَ سنت ڪبيرداس جا چرڻ ڌوتا ۽ اُهو چرڻن جو جل گهر کڻي آيا ۽ اُن سڪل ڪانيءَ مٿان اُهو جل وڌائون تہ اها سڪل ڪاني هڪدم سائي ٿي پيئي. ٻئي ڀائر اهو ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ ٻئي ڏينهن سنت ڪبيرداس وٽ ويا. ان کي پنهنجو گرو ڪيائون. سنت ڪبير جهڙن سنتن جو چرڻا امرت سڪل کي بہ سائو ڪري ڇڏي ٿو. دک دور ڪري ٿو. شري گرو ارجن ديو صاحب شري سکمني صاحب ۾ چيو آهي:

چرن ساڌ ڪي ڌوءِ ڌوءِ پيءِ،
ارپ ساڌو ڪو اپنا جيءِ.

سوامي جن ڪوئٽيا ۾ 'نام جي مهما' وشيہ تي پروچن ڪندي چيو:

ڪامڌينو اَر ڪلپترو، چنتامڻ هرنام،
ڪھ ٽيئون جنهن سيو تي، پورڻ هووي ڪام.

رام نم ۾ وڏي شڪتي آهي. رام جو نام ڪلپ ورڪش ۽ چنتامڻيءَ وانگر هرڪا اڇا پوري ڪندڙ آهي. ڪوي ڪاليداس شروع ۾ بنھ اگياني هو. ايتري قدر جو هڪ دفعي جهنگل ۾ ڪاٺيون ڪرڻ ويو. هوُ هڪ وڻ جي ڏار تي ٻيهي اُن ئي ڏار کي ڪهاڙي هڻڻ لڳو. اهڙو اگياني انسان ديوي ماتا جي اُپاسنا ۽ جاپ دواران وشو جو مهان ڪوي بڻيو. رشي والميڪ، جو پهرين ڌاڪو هو، ڪيئن نہ رام نام جي جاپ دواران مهان رشي ۽ آدي ڪوي بڻيو. اها سڀ نام جي سمرڻ جي شڪتي آهي. پريميو! توهان بہ شرڌا ۽ وشواس سان نام جپيو.

دادوُ پنٿي ڪوي سوامي نارائڻداس جنهن ڪيترائي ڌارمڪ پستڪ لکيا آهن ۽ ڪاويہ رچنا ڪئي آهي. ٻال اوسٿا ۾ سندس گرو صبح چاهي شام ڪلاڪ ڪن ڪائنس 'دادو رام! دادو رام!' جي ڌني لڳارائيندو هو. اُن بعد ئي کيس کير پيئڻ لاءِ ڏيندو هو. ٻالڪ نارائڻداس اڃا نون سالن جو هو تہ سندس ستگرو برهملين ٿيو. دادو رام، دادو رام، سندس جيون جو سهارو هو. هو اُٿندي وهندي، دادو رام، دادو رام اُچاريندو هو. ائين نام اُچاريندي سندس مکاروند مان ڪوتا روپي ندي پرواهت ٿي. سندس ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ واسو ڪيو. پريميو! دنيوي ڏنڊا ڏاڙيون ڪندي پريوءِ جو ڪو نہ ڪو نالو پريم سان ور ور اُچاريو تہ توهان ۾ نئين شڪتي پيدا ٿيندي، جيون سڦل ٿيندي.

گر جي آستان تي هفتو ڪن ستسنگ پروچن ڪيائون. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ سڀني دکن کي نورت ڪرڻ جو سنو ساڌن آهي، نام جو سمرڻ. هڪ دفعي سنت دادوء کان ڪنهن پريميءَ پڇيو تہ دکن جي ڇلڻ جو اُپاءُ ٻڌايو. سنت دادوء چيو:

دادو دکيا تب لڳي، جب لڳہ نام نہ ليھ،
تب هي پاون پرم سکہ، ميري جيون ييھ.

جيسين منش پرماتما جي شرن نہ ورتي آهي، ان جو سمرڻ ڪين ڪيو آهي، تيسين دکہ سندس پيڇو نہ ڇڏيندا. ڪا نہ ڪا پيڙا کيس ستائيندي رهندي. جڏهن هو پرڀوءَ جي شرڻ وٺي ان جي ڀڳتي ڪندو تہ سڀني دکن کان مکت ٿي ويندو ۽ کيس آتمڪ جي پراپتي ٿيندي. سنت دادو چوي ٿو تہ منهنجي جيون جو آڌار بہ رام نام ئي آهي.

سنت دادوء کان هڪ ٻئي پريميءَ پڇيو تہ من ۾ سنسا پرم ٿين ٿا، انهن کان من آجو ڪيئن ٿئي؟ سنت دادوء ساڳيو نام سمرڻ جو اُپاءُ ٻڌائيندي چيو:

جي چت چهٽي نام سي، سمرڻ من لاڳي،
دادوُ آتم جيو ڪي، سنشيہ سب ڀاڳي.

پريميوا اُٿندي وهندي نام اُچاريو. نام سان نينهن جو ناتو ڳنڍيو. نام ڳايو نام ڌيايو، پرم سک پايو. پرڀوءَ جو نام هڪ نؤڪا آهي، جنهن جي سهاري جيو هن ڀوساگر مان تري پوي ٿو، پر نام جو جاپ ڪرڻو آهي پريم ۽ وشواس سان. هڪ دفعي برسات جي مند ۾ ايڪادشي اُتسو جي سلسلي ۾ شانتوبا پنهنجي پتني ۽ ٻين ڪجھ برهمڻن سان گڏ پنڌرپور وڃي رهيو هو. نرسنهپور ۽ پنڌرپور جي وچ ۾ هڪ ندي هئي، زبردست برسات پوڻ سبب ندي تمام تيز وهي رهي هئي. هڪ رات جو وڳڙو، ٻيو نديءَ جو تکو وهڪرو، کين پنڌرپور ۾ وڃي ڀڳوان جو درشن بہ ضرور ڪرڻو هو. هنن ويچار ڪيو تہ جڏهن نام جو نالو سنسار ساگر مان پار ڪري ٿو، پوءِ هن نديءَ کي پار ڪرڻ ڪهڙي وڏي ڳالھ آهي! اِهو وشواس رکي اُهي سڀ ڀڳوان جو نالو اُچاريندا نديءَ ۾ گهڙيا. کين اِئين محسوس ٿيو تہ هو ڄڻ سڪي زمين تي پنڌ ڪري رهيا آهن. کين پاڻيءَ جي ڇولين ڇهيو بہ ڪين. هو آسانيءَ سان اچي ٻيءَ پر پهتا. پنڌرپور ۾ ڀڳوان شري وٺل جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيا. پريميوا توهان بہ نام کي نہ وساريو.

سوامي جن سوامي ڪرشن گر سان خوب گيان گوشٽي ڪئي. ١٦ جنوري سنتن کان موڪلائي سوامي جن ڪوئٽيا بلوچستان لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن ١٧ جنوري ڪوئٽيا ۾ پڌاريا، جتي پريمين سوامي جن جي پرڀور آجيان ڪئي. سوامي جن ڏھ ڏينهن اُتي ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ وهنوار چاهي پرمارٿ جي راھ روشن ڪرڻ لاءِ گروءَ جي ضرورت آهي، پر گرو ڪجي ڪامل. گيانوان، ڀڳت، جو هن ڀوَ ساگر جي ٻيڙ مان پار لنگهائي.

تنو ۽ جبوا بہ ڀائر هئا. انهن پنهنجي گهر جي ٻاهران هڪ سکل ڪاٺي زمين ۾ کوڙي ۽ ٻنهي پرتگيا ڪئي تہ جنهن سنت جي چرڻن ڌوئڻ واري جل سان هيءَ ڪاٺي

ڪين آيا. هن اهي ڏان پڇ پنهنجي يش ڪيرتيءَ لاءِ ڪيا هئا، انڪري اُهي پڇ ڪيس ينتر ۾ ڏسڻ ۾ ڪين آيا. راجڪماريءَ ٻئي ينتر ۾ سندس اُنهن ٻن ٻچن کي ڏسي ڪيس مالا مال ڪيو. ڀاريلعل جي زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو. سندس ڪيل انهن ٻن ڏانن سبب پرڀوءَ سندس هٿ نہ منجهايو. پريميو! ان ڪري ڏان پڇ نشڪام ڀاونا سان ڪريو. ڦل جي اڇا ڦٽي ڪريو. جيئن ڪريو شري ڪرشڻ ارپڻم. پرڀوءَ وٽ بہ اسانجو اُهو ڏان پڇ قبول پوي ٿو جو اسين نشڪام ڀاونا سان ۽ بنا ڏيکاءُ جي ڪريون ٿا.

ڪوئٽيا جا پريمي پوڄنيہ سوامي جن جي پروچن ۽ سپاءَ ڪان ڏاڍو پرڀاوت ٿيا ۽ ڪين وينتي ڪيائون تہ ڪوئٽيا ۾ ور ور اچي پريمين جي پياس پوري ڪريو. ۳۰ جنوري سوامي جن رستم ۾ آيا. اُتي هفتو ڪن ستسنگہ پروچن ڪيائون، اُتي سوامي جن سنتن جي ستسنگہ ۽ نشڪام شيوا جو ذڪر ڪندي چيو:

شرڌا سي ستسنگہ ڪر سيو ڪرو نشڪام،
ڪه ٽيئون تيري سڀي، هووي پورڻ ڪام.

سنتن مهاتمائن ستگرن جي سيوا بہ مهان ڦلدائڪ آهي. جگياسو صرف صدق رکي سيوا ڪري تہ ڪيس آتمڪ آنند پراپت ٿيندو. هڪڙي ماتا سنت جي سيوا ۾ رهندي هئي. هوءَ ڏاڍي شرڌا ۽ وشواس سان گروءَ جي سيوا ڪندي هئي. هڪ دفعي هردوار ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. سندس اڇا ٿي تہ هوءَ پنهنجي پٽ ۽ ننهن سان گڏ هردوار وڃي ڪنڀ جي موقعي تي گنگا ۾ ٽٻي ڏئي. هن گروءَ ڪان هردوار جي موڪل گهري. گروءَ چيس 'ماتا! تون اتي ئي سيوا ۾ رهج. توکي اتي ئي گنگا اشنان ٿي ويندو.' ماتا ستگرن جي آگيا انوسار ستگرن جي شيوا ۾ رهي. باقي سندس پٽ ۽ ننهن هردوار روانا ٿيا. اُماس جي ڏينهن هوءَ ڳوٺ واري نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ وئي. جڏن ئي نديءَ ۾ پرويش ڪيائين تہ جل جو پرواهہ گنگا نديءَ جهڙو سيتل ٺنڊا ٺار. جڻڪ اتي ان وقت گنگا پرواهت هئي. ماتا جيہ گنگي! جيہ گنگي! ڪندي جيئن ٽٻي ڏني تہ ڪيس هٿ ۾ هڪ منڊي اچي ويئي. جڏن ٻاهر نڪتي ڏسي تہ منڊي تہ سندس ننهن جي آهي. هوءَ عجب ۾ پئجي وئي ۽ اچي پنهنجن ستگرن سان سربستو احوال ڪيائين. ستگرن مشڪندي چيس 'ماتا! تون گنگا ڏانهن ڪين وئينءَ، گنگا مئيا تو وٽ آئي.' سنتن ستگرن جي شيوا ۽ آگيا مڃڻ جو وڏو ڦل آهي. ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن سندس پٽ ۽ ننهن ڪنڀ جي ميلي تان واپس وريا. تڏهن سندس ننهن ٻڌايو تہ اُماس جي ٽٻيءَ وقت ڪيئن نہ سندس سوني منڊي گنگا نديءَ ۾ ڪري پيئي. سندس سس نديءَ مان مليل منڊي ڪيس ڏيندي چيو تہ گنگا مئيا تنهنجي منڊي هٿ باامانت مونکي ڏني. ان ماتا پٽ ۽ ننهن کي اُماس واري اشنان ۽ منڊيءَ جي سموري ڳالهہ ٻڌائي. پريميو! توهان بہ ستگرن سنتن ۽ وڏڙن جي شيوا ۽ آگيا ۾ رهو تہ جڻ توهان چار ئي ڌام ڪيا.

٦ فبروري سوامي جن سنت اوڌوداس سان گڏ چڪ ۾ آيا. اُتي هفتو ڪن ستسنگہ جي مؤج مچايائون. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پرڀوءَ جا ڀڳت ڪيڏا نہ تؤڪلي

پوڄنيہ سوامي جن نشڪام دان جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ نشڪام دان وڏيڪ ڦلدائڪ ۽ اهميت وارو آهي. ڪيترا پيارا پنهنجي يش لاءِ دان ڪن ٿا اُهو بہ سٺو، پر نشڪام دان ۾ جو وڏيڪ مهتو آهي. ڪيرتيءِ دانويرن کي تہ يش روپي ڦل ملي چڪو. سيٺ ٻهاري لعل دانوير هو. ڪوبہ سوالي ايندو هو تہ خالي ڪين موٽندو هو. هو پنهنجو يش ٻڌي خوب دان ۾ ڪندو رهيو. اوچتو سندس نصيب ۾ ڦيرو آيو. ڪيس ڏاڍا ڏکيا ڏينهن ڏسڻا پيا. مايا پٽ ڏني. هي پيارو پنهنجي پتنيءِ سهت وچي هڪ ڳوٺ ۾ رهيو. سندس سرير بہ ڪمزور ٿي ويو. ڪمائڻ لائق ڪين رهيو. سندس پتني جمنا ٻائي مزدوري ڪري ايندي هئي، اُن مان پيٽ گذران ڪندا هئا. هڪ ڏينهن اُن ڳوٺ ۾ هڪ برهمڻ، ڪنيا جي شاديءِ لاءِ دان وٺڻ آيو تہ اُن ڳوٺ جي رهواسيءِ کيس مذاق وچان چيو تہ سامهون ٻهاريلعل کان وڃي ياچنا ڪر. اُهو برهمڻ ٻهاريلعل جي جهوپڙيءِ ۾ آيو ۽ ٻهاريلعل کي، ڪنيا جي شاديءِ جي سهائتا لاءِ وينتي ڪيائين ٻهاريلعل جي پنهنجي قياس جوڳي هئي. من ۾ سوچيائين، برهمڻ کي واپس موٽائڻ ٺيڪ نہ آهي. کيس چيائين ٿورو وقت ترسو، منهنجي پتني اچي. ڪجھ وقت بعد سندس پتني آئي جنهن کي پراڻا ڪپڙا پيل هئا. اهو برهمڻ من ۾ سوچڻ لڳو تہ هي پاڻ مسڪين ڏسڻ ۾ اچن ٿا. هنن کان دان وٺڻ واجب ڪين آهي. ايتري ۾ ٻهاريلعل پنهنجي پتني جمناٻائيءِ کي چيو تہ ٻانهن ۾ پيل سوني ڪنگڻي لاهي هن برهمڻ کي ڏي. اها ڪنگڻي سندس نياڻيءِ جي شاديءِ ۾ ڪم ايندي. جمناديوي پتيءِ جي آگيا انوسار هڪدم پنهنجي سهاڳ جي ٻچيل هڪ ڪنگڻي بہ لاهي برهمڻ کي ڏني. برهمڻ اُها ڪنگڻي وٺي رمندو رهيو.

اُن رياست جي راجڪماريءِ کي هڪ يوگيءِ وٽان ٻہ ينتر مليا. هڪ ينتر ۾ ڪوبہ پنهنجي ڪيل ۾ ڏسي سگهيو ٿي. ٻئي ينتر ۾ ٻئي جا ڪيل ۾ ڏسي ٿي سگهيو. راجڪماريءِ ساري رياست ۾ ڍنڍورو گهمايو تہ هو ٻين جا ڪيل ۾ خريد ڪرڻ چاهي ٿي. ٻهاريلعل ويچار ڪيو تہ هن سڄي عمر دان ۾ ڪيا آهن. ڇو نہ اُنهن مان ڪجھ پڇن جو ڦل راجڪماريءِ کي ڏيئي اُن عيوض ڌن حاصل ڪري، باقي حياتيءِ جا ڏينهن سکي گذاري اِهو ويچار ڪري هو پتنيءِ کان موڪلائي ان راجڪماريءِ ڏانهن اُسهيو. سندس پتنيءِ سفر ۾ کاڌو کائڻ لاءِ ستو ٺاهي ڏنا. هي پيارو پنڌ ڪندو ڪندو ٿڪجي پيو. رستي تي کيس بک لڳي. هو ستو کولي کائڻ لاءِ وينو مس تہ سندس پرسان هڪ ويامل ڪتي آئي. هن کي ديا اچي وئي. اُهي ستو ان ڪتيءِ کي کارائي پاڻ صرف پاڻي پي اڳتي وڌيو. هو راجڪماريءِ وٽ پهتو ۽ کيس چيائين تہ مان پنهنجي ڪيل پڇن مان ڪجھ ۾ اوهان کي ڏيڻ چاهيان ٿو ۽ عيوض توهان جيڪي مون کي ڏيندا سو قبول اٿم. راجڪماريءِ کيس ينتر ڏنو تہ ڏس تنهنجا ڪهڙا ۾ ڪيل آهن. جڏهن ٿي ٻهاريلعل ينتر ۾ ڏٺو تہ پنهنجي ڪيل پڇن مان صرف ٻہ ۾ کيس نظر آيا. هڪ برهمڻ کي سوني ڪنگڻي ڏيڻ وارو، ٻيو رستي تي ڪتيءِ کي کارايل ستو. اهو ڏسي ٻهاريلعل دکي ٿيڻ لڳو تہ هن زندگيءِ ۾ هيترا دان ۾ ڪيا، اُهي ينتر ۾ ڏسڻ ۾

ڪن ٿا. جيڪي پريوءِ ڏنو آهي، نه ان مان سک وٺن ٿا نه وري اها مايا پڇ ۾ سڦلي ڪري ٻين کي سکي ڪن ٿا.

پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سنتن جي زبان ۾، هٿن ۾ رڌيون سڌيون هونديون آهن. پر هو ڏيکاري ڪڏهن ڪڏهن ڏيندا آهن يا ڳجهه ڳوهه ۾ ئي ڳنڍي ڇڏيندا آهن. جئپور جي ٻوڍي ڪوٻي ڳوٺ ۾ دادو پنٿي سنت جيوٽداس رهندو هو. ڪيشر نالي هڪ ماتا ان سنت لاءِ روز پوڄن تيار ڪري ايندي هئي. هڪ ڏينهن ان ماتا جي گهر اناج خلاص ٿي ويو. اها ڄاڻ جڏهن سنت جيوٽداس کي پيئي تڏهن ان ماتا کي سڏي پنج منيون اناج جون ڏيندي چيائين ته ان پوٽليءَ ۾ وجهي ڇڏ ۽ ان جو مٽيون منهن بند ڪري ڇڏج، هينيان کولي ان مان روز اَن ڪڍندي ڪر. اها ماتا ان سنت جي آگيا انوسار ان پوٽليءَ مان هينيان اَن ڪڍندي رهي. ايتري قدر جو اُن گهر جون ٽي پيڙهيون ان پوٽليءَ مان اَن کائينديون رهيون تڏهن به اَن کين کٽو. سنتن جي پنجن منين اناج ۾ ڪيڏي نه برڪت پيئي!

سکر ساڌٻيلي ۾ سوامي وٽڪندي مهاراجن جو ورسي اُتسو ملهايو پئي ويو. ٻئي ڏينهن لاءِ ڀنڊاري ۾ مالپڙن جي تياري ٿي رهي هئي. رات جو وقت هو. راندن ڏٺو ته گيهه صفا خلاص ٿي ويو آهي. سو اُهي سوامي هرنامداس مهاراجن وٽ آيا ۽ چيائون ته هيڙي هن وقت ڪناري تي کين وجي سگهندي، دڪان به بند ٿي ويا هوندا ۽ گيهه به ضرور گهربل آهي. سوامي هرنامداس مهاراجن چيو ته چنتا نه ڪريو، توهان کي جيترا ٽين گيهه جا هاٽي گهربل آهن. اوترا خالي ٽين سنڌو درياهه ۾ وجهي ڀري اچو، ڀڳوان ڀلي ڪندو. راندن سوچيو ته سنڌو درياهه ۾ ته پاڻي آهي، گيهه ڪٿان ايندو! پر سوامي هرنامداس جي آگيا اکين تي رکي چار ٽين خالي ڪٽي نديءَ ۾ ڀرڻ لاءِ وڌائون جڏهن اُهي چار ٽين ٻاهر ڪڍيائون ته ڏسن ته اهي چارئي ٽين سچي گيهه سان ڀريل آهن. اُنهن اُهي ٽين ڀنڊاري جي ڪاريه ۾ استعمال ڪيا. سياڻي تي جڏهن گيهه جا دٻا سکر شهر مان ساڌٻيلي ۾ گهرايا ويا تيڏهن سوامي هرنامداس مهاراجن شيوڪن کي آگيا ڪئي ته جيترا ٽين ڪالهه درياهه شاهه کان وٺي آيا آهيو اوترا ٽين گيهه جا درياهه ۾ وجهي اچو. پرائي امانت جلدي واپس ڪجي. سوامي هرنامداس مهاراج جي آگيا انوسار شيوڪن چار ٽين گيهه جا وجي سنڌو درياهه ۾ پلٽيا. پريميو! سنتن وٽ رڌيون سڌيون به داسيون آهن. هو شڪتيءَ جا مالڪ آهن. انهن ۾ پورڻ وشواس رکي سندن سنگ ڪمايو، انهن جي سکيائون ۽ سڌانتن تي هلڻ جي ڪوشش ڪريو.

١٦ فيبروري پوڄنيه سوامي جي ڪاهي ڳوٺ ۾ آيا. سوامي جن سنتن جي گڻن جو ذڪر ڪندي چيو:

ڪهه ٽيئون پاون سدا، تن من باني جاس،
سمدرشي نرموهه نت ساڌو ڪهيئي تاس.

سچا سنت سم درشٽيءَ ۽ ديالو ٿيندا آهن. سندن تن من واڻي پوتر هوندي آهي،

ٿين ٿا. سنساري منش کي جيترو گھڻو آهي اوترو هو ٿورو ٿا سمجهن. مايوي پدارٿ هوندي، سنساري سکن هوندي به سندن پيٽ نٿو ڀرجي. رات ڏينهن چوراسيءَ جي چڪر ۾ آهن. هڪ مارواڙي سيٺ پنهنجي منيب کي آگيا ڪئي ته ليکو ڪري ٻڌاءِ ته مونکي هن وقت ڪل ڪيتري ملڪيت ٿيندي! منيب چيو سائين مهنو کن مهلت ڏيو ته حساب ڪتاب ٺاهي توهانکي ٻڌايان.' مهني سوا کان پوءِ منيب ليکو چوکو ٺاهي ان سيٺ کي ٻڌائيندي چيو، 'سيٺ صاحب! اوهان کي پريوءِ ايڏي ته مايا ڏني آهي جو اوهان جون ڏهه پيڙهيون پيون کائن.' منيب جو اِهو جواب ٻڌي اُن مارواڙي سيٺ جي منهن تي مشڪ ته نهيو پر چنتا جون ريکائون نظر آيون ۽ ٽبيءَ ۾ پئجي ويو. منيب هن کان پڇيو، 'سائين، اوهان چنتت ڇو ٿيا آهيو؟' سيٺ وراڻيو، 'تنهنجي حساب موجب مون وٽ ايترو ڌن دولت آهي جو منهنجون ڏهه پيڙهيون سکي زندگي گذاري سگهنديون، پر مان انڪري چنتا ۾ پئجي ويو آهيان ته يارهين پيڙهيءَ جو ڇا ٿيندو! پريميو، ايڏي ڌن پدارٿ هوندي به مارواڙي سيٺ يارهين پيڙهيءَ جي چنتا ڪري دکي ٿيڻ لڳو.

آگا اپني مؤت سي ڪوئي بشر نهين،
سامان سؤ برس ڪا، پل ڪي خبر نهين.

سنساري ماڻهو نه صرف پنهنجو پر اؤلاد جو ڪيڏو نه فڪر ڪن ٿا. پنهنجي سکي زندگي دکي بڻائن ٿا. پر پرماتما جا ڀڳت ڪيڏا نه توڪلي ٿين ٿا! ڪين ڪادي پيتي، مطلب ڪنهن به شيءِ جي چنتا ڪونه هوندي آهي. هڪ فقير هوندو هو. هوُ مريدن کي چوندو هو ته جيڪي رڌيو پچايو اٿو، کائي خلاص ڪريو. ٻين کي به کارايو. ايتري قدر جو پاڻيءَ جا مٽڪا به هارائي ڇڏيندو هو. چوندو هو ته سڀاڻي جا ڀاڳ سڀاڻي سان.

هڪ دفعي هڪ سيٺ هڪ ڇانورن جي ڳوڻ ڪٽائي هڪ ڀڳت جي ڪٽيا ۾ ويو. ڀڳت گرهستي هو پر دل جو درياهه هو. سندس ڌرمپتني به ڀڳتياڻي هئي. ان ڀڳت سيٺ کي چيو ته ايڏا ڇانور ڪاڏي کڻا! سيٺ عرض ڪيو، ڀهريون دفعو ڇانور ڀيٽ رکيا اٿم سويڪار ڪريو. ڀڳت چيو ته گهر واريءَ کان پڇان ٿو ته ڇانورن جي ضرورت آهي ڇا! سنت اندر ويو ۽ پنهنجي پتنيءَ کان پڇيائين ته ڇانور پيا آهن؟ پتنيءَ وراڻيو، 'سوامي: اڄ لاءِ ته ڇانور پريوءَ ڏنا آهن پر سڀاڻي جو قوت به ٿي ويندو.' اُهو ڀڳت ٻاهر آيو ۽ ان سيٺ کي چيائين ته اڄ لاءِ ته ڇانور پريوءَ ڏنا آهن ۽ سڀاڻي جو به قوت ٿيندو، ان ڪري ڇانورن جي ڳوڻ واپس ڪٽائي وڃ. سيٺ وري وينتي ڪئي ته ڪرپا ڪري ڇانور قبول ڪريو، توهان کي ڪم ايندا. اُن ڀڳت پاڻوه مان کيس سمجهائيندي چيو ته پيارا، ٻن ڏينهن جو قوت ڪرتار ڏيئي ڇڏيو آهي، وڌيڪ ڇا کپوا اُهو سيٺ اُن ڀڳت جو اهو جواب ٻڌي دنگ رهجي ويو ۽ ڇانورن جي ڳوڻ واپس ڪٽائي ويو.

پريميو اُهو تفاوت اٿو ڀڳت ۽ دنيوي ماڻهوءَ ۾. ڀڳت گهر گرهست ۾ رهندي ورڪت رهيو. کيس پنهنجي روٽي روزيءَ جي پرواهه ڪين آهي مگر سنساري ماڻهو جن کي پريوءَ هزار ڏنا آهن سي لکن جي لالچ ڪن ٿا. جن کي لک آهن سي ڪروڙ جي لالسا

ڀڳت ڪنوررام صاحب جي پريم ۽ نياز واري سڀاءَ سبب جروارن جو ڳوٺ ڏاڙي کان بچي ويو ۽ ڏاڙيلن جي خيالات ۾ تبديل به اچي ويئي.

۱۹ فيبروري سوامي جن باگڙجيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. اتي سوامي جن دان جي وشيه تي پروچن ڪندي چيو:

ڪام ڪرو ويچار ڪي، نام جپو چت لايہ،
دان ڪرو دل کول ڪي، ڪهه ٽيئون سکه پايہ.

ڪو ڪم ڪجي سوچي ويچاري ڪجي ۽ نام جو سمرڻ تنميتا سان ڪجي ۽ دان وري دل کولي ڪجي. دان ڪرڻ ڪو سکي ته ڪرڻ کان. ڪرڻ مهاداني هو. مهاڀارت جي لڙائيءَ وقت سوريه ديوتا ڪرڻ کي چيو ته اِندر ديوتا توکان ڪوچ ۽ ڪنڊل گهرڻ ايندو. جيڪڏهين تون اُهي کيس ڏيندين ته تنهنجو انت ٿي ويندو. ڪرڻ جواب ڏيندي چيو 'مان سواليءَ کي ڪڏهن به خالي ڪين موٽائيندس. ڀل منهنجو ڪيترو به نقصان ٿئي.' ٿوري مدت بعد اندر ديوتا وٽس سندس ڪوچ ۽ ڪنڊلن جو سوالي ٿي آيو. ڪرڻ خوشيءَ سان پنهنجو ڪوچ ۽ ڪنڊل اِندر ديوتا کي ڏنا. هن پنهنجي حياتيءَ جو ڪوبه خيال نه ڪيو. ڪيڏي نه سندس مهانتا چئجي!

ڀڳوان شري ڪرشن ڪرڻ جي دانويرتا جو امتحان وٺڻ جو خيال کان هڪ برهمڻ جي روپ ڌاري جنگ جي ميدان تي جڏهن ڪرڻ ليٽيو پيو آهي. ان کان ڀکيا گهرڻ لڳو. تڏهن ڪرڻ وراڻيو، 'برهمڻ ديوتا! هن وقت مون وٽ ڪجهه ڪين آهي. توکي ڇا ڏيان؟ برهمڻ چيو ڪرڻ! تنهنجي ڏندن تي جو سون چڙهيل آهي اُهو سون ئي لاهي ڏي.' ڪرڻ اهو ٻڌي پراڻن تياڳڻ واري حالت ۾ پڻ پنهنجي ڏندن جو سون لاهي اُن ٻڍڙي برهمڻ کي دان طور ڏنو. برهمڻ ڏاڍو خوش ٿيو. ڀڳوان شري ڪرشن اُتي لڙائيءَ جي ميدان تي اُن ٻڍڙي جي روپ مان پرگهٽ ٿي ڪرڻ کي ڌنيواد ڏيندي سندس دانويرتا جي ساراهه ڪئي. پريميو! توهان به دان ڪريو ته دل سان. دل سان ڏنل دان وڌيڪ سڦل ٿئي ٿو. دان ۾ ڪنجوسائي نه ڪريو.

۲۰ فيبروري پڻ سوامي جن باگڙجيءَ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته پريوءَ جي نام اڳيان سڀ پدارٿ تڇ آهن. هڪ ڌنوان پنهنجي ڳوٺ جي سڀني ساڌن سنتن برهمڻن کي دان ڏيڻ لاءِ گهرايو. ڪيترائي ساڌو برهمڻ وٽس دان وٺڻ ويا، مگر سنت نامديو وٽس ڪين آيو. ڪيترين نيزارين ڪرڻ کان پوءِ سنت نامديو آيو. سيٺ کيس وينتي ڪئي ته ڪجهه نه ڪجهه داس جو سويڪار ڪريو. سنت نامديو سيٺ جي گهڻي زور بار سبب تلسيءَ جي هڪ پتي تي 'رام' لفظ لکي چيو ته ان تور جيترو سون ڏي. سيٺ چيو ته اها ته رواجي ڳالهه آهي. وڌيڪ ڪجهه گهرو، پر سنت نامديو وڌيڪ گهرڻ کان اِنڪار ڪيو. سيٺ تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ اهو تلسيءَ جو ڏل ۽ ٻئي پڙ ۾ سون رکيو ته تلسيءَ جو ڏل جنهن تي رام نام لکيل هو، اهو پڙ ڳؤرو ٿي پيو. سيٺ وٽ جيڪا به مايا هئي سا ٻئي پڙ ۾ رکيائين تڏهن به تلسي جي ڏل وارو پڙ ڳؤرو رهيو. رام جي نالي اڳيان سڀ ماياوي پدارٿ تڇ آهن. سيٺ آخر پشيمان ٿي سنت نامديو جي چرنن تي ڪري پيو. سنت سون کي ڇا ڪندا! جن مايا جو تياڳ ڪيو سي وري مايا جي پويان ڪيئن لڳندا! اُهي ته مالڪ جي محبت ۾ ئي مخمور

هو سدائين نرموهي هوندا آهن. ڀڳت گداڌر ڀٽ جي گهر هڪ اونداهي رات جو چور گهڙي آيو. هن چوري ڪري مال جي وڏي هڙ ٻڌي، پر اها هڙ هو کڻي نه پيو سگهي. اوچتو گداڌر کي جاڳ ٿي. هن سامهون چور کي ڏٺو. چور ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي. هن کيس روڪيندي چيو 'پيارا! جيڪڏهن تون پري نٿو کڻي سگهين ته مان ٿو توکي چوري ڪيل مال جي پري کڻايان. تون ڪيڏي نه تڪليف وٺي ننڊ ڦٽائي اونداهي رات جو منهنجي مڪان ۾ آيو آهين. توکي مال جي ضرورت هوندي تڏهن ته چوري ڪرڻ آيو آهين. بلاشڪ ڳنڙي کڻي وڃ.' اُن ڀڳت جا اهي وچن ٻڌي چور وائڙو ٿي ويو. ڀڳت گداڌر جي ڏاڍي زور ڀرڻ تي هي مال جي ڳنڙي گهر ته کڻي آيو پر وري جهٽ کن بعد گهر مان واپس ڳنڙي کڻي گداڌر جي گهر آيو ۽ سندس قدمن تي ڪري پيو. سندس هرديه پريورتن ٿي ويو. سنت گداڌر جي ديا ۽ مٺڙن وچنن سندس جيون ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. هو چور مان ڀڳت بڻجي پيو.

سنڌ ۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ڳوٺ جروارن جي مکيءَ کي ڌاڙيلن چٺي لکي موڪلي ته اڄ رات جو توهان جي ڳوٺ ۾ ڦرلٽ ڪبي. مکيءَ چٺي پڙهي پنچن کي گهرايو. پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪري سڀيئي ڀڳت ڪنوررام صاحب وٽ آيا ۽ اچي ٻڌايائون ته اڄ رات جو هت ڌاڙو اچڻو آهي. ڳوٺ کي ڦري چٽ ڪندا. توهان ڪا ديا درشٽي ڪريو. ڀڳت ڪنوررام صاحب پنچن کي آٿت ڏيندي چيو ته سائين ڀلي ڪندو، چنتا نه ڪريو. ڀڳت صاحب پنهنجي پتنيءَ کي سڏي چيو ته اڄ رات جو اٺ ڏهه مهمان اچڻا آهن. هو قسمت سان اچي رهيا آهن، اُنهن لاءِ سنو طعام تيار ڪجِ.

رات ٿي، ڀڳت ڪنوررام صاحب پنچن کي ساڻ ڪري ڳوٺ جي ٻاهران وڃي بيٺو. ائين ڪندي ٿوري وقت کان پوءِ ڌاڙيلن جو سردار پنهنجي پنجن سائين سان اُتي اچي سهڙيو. ڀڳت ڪنوررام صاحب آيل ڌاڙيلن جي مٿان گلاب جو پاڻي ڇٽڪائيندي چيو 'اڄ اسان جا ڀلا ڀاڳ آهن، جو توهان جروارن جي ڳوٺ ۾ اچڻ جي عنايت ڪئي آهي. جيءَ آيا نڇ آيا!' ڳوٺ جا پنچ ۽ ڌاڙيل ڀڳت صاحب جا اهي لفظ ٻڌي وائڙا ٿي ويا. ڌاڙيلن جي سردار چيو ته اسان توهان جي ڳوٺ ۾ ڌاڙو هڻڻ آيا آهيون! ڀڳت صاحب ڏاڍي نياز سان چيو! اوهان اسانجي ڳوٺ ۾ پهريون دفعو آيا آهيو، مهمان جي آجيان ڪرڻ اسانجو فرض آهي. هاڻي پهرين هلي منهنجي گهر ڪاڌو کائو، پوءِ توهان ڀلي اُهو ڪم ڪجو جنهن ڪم لاءِ آيا آهيو. ڌاڙيل وائڙا ٿي ويا ته هنن هن کان اڳ ڪيترن هنڌ ڌاڙا هنيا آهن پر ڪنهن به هنن جي ان نموني آجيان ڪين ڪئي آهي. آخرڪار ڀڳت صاحب التجا ڪري انهن ڌاڙيلن کي پنهنجي گهر وٺي ويو. ڌاڙيلن جي سردار ڀڳت صاحب کي چيو ته ڪو ڪلام ٻڌايو. ڀڳت ڏاڍي پريم سان انهن کي شاهه لطيف جو ڪلام ٻڌايو ۽ پوءِ انهن ڌاڙيلن کي ڪاڌو کارايو. ڀڳت ڪنوررام جو اهو پريم ڀريو ورتاءُ ڏسي ڌاڙيلن جي دل ۾ ڦيرو اچي ويو. هو سڀ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي قدمن ۾ ڪري پيا ۽ ان وقت ئي جروار ڳوٺ مان واپس وريا.

بئبل ٻائي جڏن ئي ٻنل اکين سان پرماتما کي پرارٿنا ڪئي تہ کيس هٿ ملي پيا ۽ هن هٿن دوارا نديءَ ۾ ڪريل ٻالڪ کي ڪڍي ورتو. پريو ڪيئن نہ پنهنجي ڀڳتياڻيءَ جي رکشا ڪئي. پورو جنم جي ڪن ڪرمن سبب ئي شايد کيس سزا ڀوڳڻي پيئي. هوءَ هاڻي جهنگل ۾ ڦل ڦول کائي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳي. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ راجا اُن جهنگل ۾ گهمندو اچي نڪتو. راجا بئبل ٻائي جا هٿ ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڪائنس اُن بابت پڇيائين. بئبل ٻائي کيس سموري گهٽنا ٻڌائي. راجا پوءِ پڇتاءُ ڪري بئبل ٻائيءَ کي پنهنجي ڌرم جي ڀيڻ بڻائي راجڌانيءَ ۾ وٺي آيو. نہ صرف سندس سموري ملڪيت کيس واپس ڪيائين، پر راجائي خزاني مان پڻ ڪجھ ڌن کيس ڏنائين جيئن هوءَ آئي وئي سنت سادوءَ جو ستڪار ڪندي رهي.

پريوءَ جي پيارن کي بہ جيون ۾ ڪيڏا نہ لوڏا سهڻا پون ٿا. پر هوُ لوڏا کائي کائي آخر سشوپتيءَ جي سيج تي آرامي ٿين ٿا. بئبل ٻائي اڳہ جيان سنتن جي شيوا ڪندي رهي.

٢٤ فيبروري سوامي جي ٽوڙهن جي ڳوٺ ۾ آيا. اتي چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيائون. پوڄنيہ سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

غفلت ۾ نہ گنوائيي مانش ديھ مهان
ڪھ ٽيئون تہ جاگہ ڪي، ڀڄ لي شري ڀڳوان

پريميو، مانش جنم وبرٿ ڪين وڃايو. اگيان جي ننڊ مان جاڳرت ٿي پريوءَ جو ڀڄن ڪريو. هيرن جواهرن کان بہ امولہ سواس اجايا نہ وڃايو. هڪ ڳوٺاڻي جو کيت نديءَ جي ڪناري تي هو. هڪ دفعي ٻوڏ اچڻ سبب ان کيت جو ٽڪر ندي ٻائي ويئي. پاڻيءَ جي زبردست ڇولين سبب هڪ هيرن جواهرن جو ٿانءُ کيت ۾ اچي ويو. اُهو ڳوٺاڻو اُنهن هيرن رتنن کي پٿر سمجهي وري نديءَ ۾ اُڇلائڻ لڳو. سندس پٽ هڪڙو پٿر گهر کڻي آيو. گهر ۾ لوڻ جي ضرورت هئي، انڪري ڳوٺاڻي جي گهر واري پٿر کڻي لوڻ وٺڻ ويئي. ان دڪان تي قدرتن هڪ جواهري ويٺو هو. ان مائيءَ جي هٿ ۾ رتن ڏسي هوُ کيس چوڻ لڳو تہ تون اهو رتن مونکي ڏي، ان عيوض توکي جيڪي گهرجي مون کان وٺي وڃ. ان ڳوٺاڻيءَ کي جن شين جي ضرورت هئي جواهريءَ اهي سڀ شيون ۽ ڪجھ پئسا پڻ ان هڪ رتن جي عيوض ان مائيءَ کي ڏنا. جڏهن اها ڳوٺاڻي شيون ۽ لٽا ڪپڙا گهر کڻي آئي تڏهن سندس گهوٽهنس پڇيو تہ اهي شيون ۽ ڪپڙا ڪٿان آندا اٿيئي؟ تڏهن سندس پتنيءَ کيس سڄو احوال ٻڌايو تہ ٻالڪ جيڪو ڪنکر کيت مان کڻي آيو هو سو رتن هو، نہ پٿر. ان عيوض اهو سامان مونکي مليو آهي. اهو ٻڌي اهو ڳوٺاڻو زار زار روئيندي چوڻ لڳو تہ اهڙا رتن مون پٿر سمجهي نديءَ ۾ ڦٽا ڪيا. مونکي خبر ڪين هئي تہ اهي امولہ رتن آهن. ڳوٺاڻو ڏاڍو پڇتائڻ لڳو. اسين بہ ان ڳوٺاڻي وانگر سواسن روپي هيرا بنا ڀڳوت ڀڄن جي اجايو وڃايون ٿا ۽ پوءِ ان ڳوٺاڻي وانگر پڇتائڻو پوي ٿو. ان ڪري پيارا! سواسن جو قدر ڪريو. اجاين ڳالهين ۾ سواس نہ وڃايو. ست ڪرمن ۾ سواس سڦل ڪريو. سريشٽ ڪرم آهن سمرڻ ۽ شيوا.

رهن ٿا.

پريميوا نام ۾ وڏي شڪتي آهي. گنگا مئيا ۾ ٽٻي ڏيڻ سان پاپ ناس ٿين ٿا. چندرما گرمائش کي دور ڪري سيتلتا پردان ڪري ٿو، پر پرماتما جو نالو سهني پاپن تاپن کي دور ڪندڙ آهي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

گنگا هرئي پاپ کو، شش هرتا هئه تاپ
پاپ تاپ دونو هري، ٽيئون هرکا جاپ.

ان ڪري هر وقت نام جپيو. نام سان نئيهن لڳايو. ٢١ فيبروري سوامي جن ناپرن جي ڳوٺ ۾ آيا. اُتي ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون. پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ساڌڪ کي نيم جو پالن ڪرڻ گهرجي. ساڌنا پٽ تي هلندي رڪاوٽون اينديون، پر پريو پاڻهي رنڊڪون دور ڪندو. ڀڳتياڻي ٻئبل بائي جنهن رياست ۾ رهندي هئي اُن رياست جي راجا وٽ هڪ ڊاڪو ساڌوءَ جي روپ ۾ اچي رهيو. راجا ڏاڍي شرڌا سان ان ساڌوءَ جي شيوا ڪندو هو. راجا جي ننڍڙي ٻالڪ کي سوني جا آڀوشڻ پيل هئا. اُهو ساڌو سون جي لالچ تي ننڍڙي راجڪمار کي ڀڄائي ڪٽي ويو. بس پوءِ ته سڄي راجڌانيءَ ۾ هائي دوس مچي ويو. گهٽي ڳوڙها ڪئي وئي، پر ٻالڪ ڪين مليو. راجا آديش ڪڍيو ته ڪوبه ساڌو سنت هن راجڌانيءَ ۾ پرويش نه ڪري ۽ جيڪڏهن ڪوبه ڪنهن ساڌو سنت کي پاڻ وٽ رهائيندو يا ڪارائيندو پيئاريندو ته اُن کي سزا ڏني ويندي. راجا چوڌاري پهرو رکيو جيئن ڪوبه سنت ساڌو راجڌانيءَ ۾ نه اچي. سنتن جي پرويش تي بندش هئڻ سبب ڪوبه ساڌو سنت اُن نگر ۾ ڪين ايندو هو. اُن ڪري هن ڀڳتياڻيءَ ڪيترا ڏينهن پوڄن ڪين ورتايو. آخر ڀڳوان هڪ ساڌوءَ جي ڀيش ۾ سندس گهر ۾ گهڙيو. ٻئبل بائي ساڌوءَ کي آيل ڏسي ڪپڙن ۾ نه پيئي ماپي. راجا جي پهريدارن ساڌوءَ کي گهر ۾ گهڙندو ڏٺو ۽ ٻاهران پهرو ڏيڻ لڳا ته اهو ساڌوءَ ٻاهر نڪري ته ڪيس پڪڙي راڄ دربار ۾ پيش ڪريون ۽ گهر جي مالڪياڻيءَ کي به سزاياب ڪرايون. ڀڳتياڻي ڏاڍي پريم سان اُن سنت کي پوڄن ڪارايو. جئن اهو سنت گهر کان ٻاهر نڪتو ته انترڌيان ٿي ويو. پهريدار اهو ڪؤتڪ ڏسي واڱڙا ٿي ويا ۽ وري وڃي ٻئبل جي گهر جي تلاشي ورتائون ته متان سنت اتي لڪو وينو هجي، پر اُهو سنت ته خود ڀڳوان هو جو انتر ڌيان ٿي ويو. اهو سڄو سماچار راجا کي ٻڌايو ويو. راجائي حڪم جي انحرافي ڪرڻ سبب راجا ڪروڌ وس ٿي ڀڳتياڻيءَ جا ٻئي هٿ ڪٽائي سندس ساري ملڪيت ضبط ڪري ڪيس جهنگل ۾ موڪلي ڇڏيو. جهنگل ۾ ٻئبل بائيءَ سان گڏ سندس ننڍڙو ٻالڪ به هو. جڏهن ٻالڪ کي پياس لڳي تڏهن ٻئبل ٻالڪ کي ڪٽي نديءَ ۾ وهاريو، جئن هو پاڻي پي سگهي. هٿن نه هئڻ سبب ٻالڪ ٻئبل جي ٻانهن مان نديءَ ۾ ڪري پيو. تڏهن هيءَ پياري پريوءَ کي چوي ٿي: پريو، تو مانکان سڀ ڪجھ واپس ورتو، مونکي تنهنجي ملڻ جي ئي پياس آهي.

ڪر ڪاٽا گهر يي لٽا، ڇٽا نگر ڪا واس،
ٻئبل بائي يون ڪهي، رام تمهاري آس.

ويهڻ منهنجو وهه ٿيو، ڳجهي تار آئي، سنڀاري ٿو منڙو پرين کي سدائي.

۴- ڪهي ٽيئون پل پل پرين کي پڪاريان، ملن شال مون سان تہ گذجي گذاريان،

پري ٿيان نہ پل هڪ، اندر ۾ اهائي سنڀاري ٿو منڙو پرين کي سدائي.

سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ستگرو مهاراجن جون انيڪ يادگيريون وسرڻ جون ڪين آهن. داس تي بہ سندن ڪيڏي مهر نظر هوندي هئي. ستگرو مهاراج ڀڳتيءَ ۽ شڪتيءَ جا مالڪ هئا، پر ڏيکاري اصل ڪين ڏيندا هئا. هڪ دفعي ستگرو مهاراجن جي پريمي موديءَ مولچند ستگرو مهاراجن کي عرض ڪندي چيو 'ستگرو مهاراج! مون ٻاجهريءَ جو سٽو ڪيو آهي، پنج هزار مڻ ٻاجهري ڏيٺي آهي. ڪڇ، ڀڄ، ٿر ۽ مارواڙ ۾ هن سال برسات ڪين پيئي آهي، تنهن ڪري هن وقت مهانگي ٿي ويئي آهي. ٻاجهريءَ جي سٽي جي مدي ۾ باقي وڃي پندرهن ڏينهن ڪن پيا آهن، اوهان ڪا ديا درشٽي ڪريو جيئن برسات پوي ۽ ٻاجهريءَ جهجهي ٿئي تہ منهنجو مسئلو دور ٿئي، نہ تہ وڏو نقصان پوندو. سوامي جن وراڻيو، 'ابا، اڳتي اهڙو سٽي جو ڪم ڪين ڪندو ڪر. هاڻي ڀڳوان ڀلي ڪندو.' سوامي جن اُن ڏينهن ستسنگہ ۾ سُرسارنگ ۾ هڪ ڀڄن ڳايو، اجا ستگرو مهراجن ستسنگ پئي ڪيو تہ ٻادل برسڻ لڳا. هفتو ڪن چڱي برسات پئي. ٻاجهريءَ جو فصل ايترو تہ سٺو ٿيو جو مولچند مودي، جيڪو ٻاجهريءَ جي سودي ۾ گهاٽو سمجهي چنتت ٿيو هو، تنهن کي ٻاجهريءَ جي ڌنڌي ۾ ڏہ هزار رپيا نفعو ٿيو. مولچند نفعي وارا ڏهه هزار روپيا کڻي سوامي جن وٽ آيو ۽ اچي سارو ذڪر ڪيائين تہ ڪيئن نہ اوهانجي پراڻنا پريوءَ جي در اگهاڻي ۽ ڪيس گهاٽي جي بدران ڏہ هزار واڌو آهن. انهن پئسن مان آشرم ۾ ڪنيائون نهرايون وڃن. ستگرو مهاراجن پريميءَ جي وينتي سويڪار ڪئي. پريميوا ستگرو مهاراجن سوَن سوالين جا سوال پورا ڪيا. جيڪي صدق رکي ايندا ستگرو مهاراج انهن جا ڪارج سنواريندا. اوهان بہ پريوءَ ۾، ستگرن ۾ پورو صدق رکو.

پوجنيہ سوامي جن ۸ جون ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان آشيرواد وٺي نام جي پرچار لاءِ سڦر تي نڪتا. ۹ جون سوامي جن پير ڳوٺ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ڏہ ٻارهن ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پرماتما جي ملڻ لاءِ ۽ سنسار کان ڇڙڻ لاءِ سنتن مهاتمائن ڪيترائي اُپاءَ ڏسيا آهن، شاسترن ۾ لکيا آهن. سڀيئي اُپاءَ هڪ ٻئي کان سٺا آهن. انهن اُپاون ۾ ويراڳہ اُپاءُ آهي. وئراڳہ اُتم اُپاءُ آهي. وئراڳہ معنيٰ سنسار ۾ پريتي نہ هئڻ. جنهن مهل سنسار مان پريتي هٽي وئي تنهن مهل خود بہ خود پرماتما ۾ پريت لڳي ويندي. جيئن هڪڙي شهر ڏانهن وڃڻ ڪري ٻيو شهر پنهنجو پاڻ وسري ويندو آهي، تيئن ڀڳوان جي طرف وڪہ وڌائبي تہ هي سنسار پري ٿيندو ويندو ۽ پرماتما جي طرف اسين ويجها ٿيندا ويندا‌سين. جڏهن پريوءَ جي طرف ويجهو ٿينداسين تہ پرماتما اسان کي پنهنجو سمجهي پيار ڪندو. وئراڳہ سڀني ساڌنن جو بنياد آهي. وئراڳہ گيانين جو پوشڻ آهي. وئراڳہ کان سواءِ گيان بہ ڦڪو آهي. وئراڳہ سبب منش جو من مالڪ ۾ لڳي ٿو. وئراڳي سنسار ۾ رهندي بہ سنسار

١ مارچ سوامي جن امراپور آستان ٽنڊي آدم ۾ واپس آيا. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي پرڻام ڪري منڊل جي ٻين سنتن کي پڻ چرن وندنا ڪيائون. چيٽ جي ميلي جي تياريءَ لاءِ ڪجهه ڏينهن اُتي آستان تي رهيا اُتي ستسنگ ۽ شيوا ڪندا رهيا. وارشڪ اُتسو ۾ ڪيترائي سنت مهاتمائون گياني، گڻي جن، گايڪ امراپور آستان تي آيا. سوامي جن سڀني سان ڏاڍي قرب سان مليا. سوامي جن آيل سنتن مان ڪن سان روح رهاڻ ڪئي. خاص ڪري ڪوي ڀلاجرام، پروفيسر هاسانند جادوگر سان قومي ۽ سماجڪ وشين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪيائون.

وارشڪ اُتسو جي موقعي تي سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن پريم پرڪاش منڊل جي سڀني سنتن ۽ پريمين کي هن ميلي دوارا هن پوتر آستان تي ملڻ لاءِ چيٽ جي ميلي جو آرنڀ ڪيو. ستگرو مهاراجن جي اوهان سڀني جي مٿان ۽ داس جي مٿان ڪيڏي نه ڪرپا رهي. انهن جو هڪ به احسان لاهي نٿو سگهجي. سواميجن اسان کي ’ست نام ساکي‘ جو منتر ڏيئي هن ڀو ساگر مان پار ٿيڻ جي راهه ٻڌائي. اڄو ته انهن جي ٻڌائل راهه تي هلي مانش جنم سڦلو ڪريون. ستگرو مهاراج روز ڪيترو وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. اسين به ڪجهه وقت نام سمرڻ ۾ لڳايون. سڀني ڪرمن ۾ اُتم ڪرم آهي نام سمرڻ. ستگرن جي نام جو جاپ ڪندي ڪندي اسانجي جيون نئين ٿي پوندي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون گهر منتر ڪو جپلي بارمبار،

جڳت پاوَ ڪو ڀول ڪر پائو موکش دوار،

پنهنجي من کي سنساري ڦرنن کان فارغ ڪري ايڪاگرچت ٿي گرو منتر جو جاپ ڪرڻ سان جيوَ کي مڪتي پراپت ٿيندي، پرماتما جو درشن ٿيندو.

باهر هر نا کوجيي انتر هي لئو لايه،

گرو منتر اڀياس تي ڪهه ٽيئون تنهن پايه

٢٩ مئي کان ٢ جون ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي امراپور استان تي ملهائي ويئي. ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي گرمکداس مهاراج، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس ۽ پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن مهاتمائن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون ۽ ڪاريه تي روشني وڌي. پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن پڻ ان موقعي تي هيٺيون شبد دل سوز آواز ۾ ڳايو:

سنهاري ٿو منڙو پرين کي سدائي،

گهڻا ڏينهن گذريا، رهي مون جدائي.

١- بدن منهنجو هتڙي ته هرڪو ڏسي ٿو، مگر منهنجو منڙو پرين ڏي وسي ٿو،
ڀلايان نه ڀلجن، جني لنوڙي لائي، سنهاري ٿو منڙو پرين کي سدائي.

٢- گهڙي هڪ ٿي گذري، ورهيه ڏي ڏيکائي، پرين جي وڇوڙي، اندر آگ لائي،
ملڻ لاءِ تڙڦي، وڃي ٻي نه وائي، سنهاري ٿو منڙو پرين کي سدائي.

٣- وڃڻ لاءِ سواري، هجي جي نه ڪائي، وڃان پيرين پنڌ پي، پرين ڏي مان ڀائي،

هر ڏنائون سي پڇتائڻ لڳا. پريميو! توهان به هن سنسار ۾ ستڪرمن روپي ٻج ڇٽيندا رهو. شرڌا ۽ ڀڳتيءَ روپي هر ڪيڙيندا رهو. ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن مالڪ توهان جي مٿان مهر جو مينهن وسائيندو. اوهان ايشور جي راهه ۾ هڪ وکون کڻندا ته پرماتما چار وکون کڻي اوهانجي ويجهو ايندو. سنڌ جي سونهاري سنت سامي صاحب به چيو آهي:

مکه سان رام چئي سانت نه اچي جيءَ کي
ان پاڻيءَ جي نانو سان اُڃ بکه ڪين لهي،
نگر پهچي ڪين ڪي بنا پنڌ ڪئي،
گر گم رهت رهي نه سکي ٿئي سامي چوي.

گروءَ دواران ڏنل گيان موجب رهڻي رهجي تڏهن اڌياتمڪ آنند جي پراپتي ٿيندي.

٢٠ جون پوجنيه سوامي جن لاڙڪاڻي ۾ پڌاريا. اتي هفتو کن ستسنگ ڪيائون. سوامي جن ’پريما ڀڳتي‘ وشيه تي پروچن ڪندي چيو:

پريم جڳت ۾ بهت هئه پريم بنا نه ڪوءِ،
ٽيئون ساچا پريم سو جو هري هي سي هوءِ.

سنسار ۾ گهڻن ئي قسمن جو پريم آهي. ڪنهن کي ڪنهنجي لاءِ پريم آهي ته ڪنهن کي ڪنهنجي لاءِ، پر سچو پريم آهي پرماتما لاءِ. پريما ڀڳتيءَ ۾ وسمرتي ٿئي ٿي. ڀڳت سڀ ڪجهه ڀلجي وڃي ٿو. ڀڳتي مارگ ۾ ڪل مريادا جو خيال نه ڪرڻو آهي. ميران ڀڳتياڻي ڪيئن نه ڀڳوان شري ڪرشن جي پريم ۾ تلين ٿي ڳائيندي هئي. راڻا سندس ڪيڏي نه مخالفت ڪئي ۽ ڪيس منع ڪئي ته ڪل مريادا جو خيال ڪري. مگر ميران موهن منٺار جي مستيءَ ۾ لوڪ لڄا، ڪُل مريادا جو ڪوبه خيال نه ڪيو. شاهه لطيف چيو آهي:

عقل مت شرم ٽيئي نينهن نهوڙيا.

آمير جي راجا مانسنهه جي ننڍي ڀاءُ ماڌوسنهه جي پتني رتناوتي راجائي خاندان جي پرواهه نه ڪري سنتن جي سنگ ۾ وڃي ڪيرتن ڪندي هئي. اها خبر سندس پتي ماڌوسنهه کي دهليءَ ۾ پئجي ويئي. سندس پٽ پريمسنهه جڏهن وٽس آيو تڏهن هن غصي وچان پٽ کي چيو ’اچ لوڙهيءَ جا پٽ!‘ اهي لفظ ٻڌي پريمسنهه عجب ۾ پئجي ويو ته سندس پتا ڪيس لوڙهيءَ جو پٽ ڇو سڏيو آهي! وزير مان ڪيس پتو پيو ته ڇاڪاڻ سندس ماتا سنتن جو سنگ ڪيو آهي. اِها ڳالهه ماڌوسنهه کي ڪين وڻي. ان ڪري ڪاوڙ وچان هن پنهنجي پتنيءَ کي لوڙهي ڪري سڏيو. اهو ٻڌي پرمسنهه پنهنجي ماتا کي لکيو ته ماتا توکي پوجنيه پتا لوڙهي سڏيو آهي. جيڪڏهن تنهنجي ڀڳتي سچي آهي ته ان کي لوڙهي ٿي ڏيکارج. چٺي ملڻ سان رتناوتي سهاڳڻ هوندي به پنهنجي مٿي جا وار بنهه لهرائي ڇڏيا. اها خبر جڏهن ماڌوسنهه کي پيئي تڏهن هن کي ڏاڍي منيان لڳي ۽ هن نوڪرن کي حڪم ڪيو ته جڏهن رتناوتي ڀڄن ۾ ويهي تڏهن هڪ شينهن سندس ڀرسان ڇڏيو وڃي. اهو شينهن هن کي چنبو هڻي ماري کائي خلاص ڪري ڇڏيندو. نوڪرن حڪم جي پيروي ڪئي. جڏهن رتناوتي پريوءَ جي ڀڳتيءَ ۾ لين هئي ته نوڪرن

۾ ڦاسي نٿو. گوسوامي تلسيداس به چيو آهي:

جو جن روڪي وشيه رس، چکني رام سنيه،
تلسي تي پريه رام ڪو، ڪانن رهئين ڪ گيه.

جنهن جي هردي ۾ سچو وئراڳ آهي، سو گهر ۾ رهي يا بن ۾، ان لاءِ ٻئي ڳالهيون برابر آهن. نائين پاتشاهي شري گرو تيغ بهادر صاحب فرمايو آهي ته وئراڳ جو هئڻ سؤڀاڳيه جي نشاني آهي.

جه بکيا سگلي تجي ليئو بيکه بيراڳ،
ڪه نانڪ سن ري منا تهه نرما تي ڀاڳ.
جه مايا ممتا تجي سڀ تي ڀئيو اُداس،
ڪه نانڪ سن ري منا تهه گهٽ برهم نواس.

ڪنهن مهاتما چيو آهي ته وئراڳ سبب ڀڳوان ۾ وڌيڪ پريت لڳي ٿي. سڀ سک وئراڳ ۾ آهن. وئراڳي وڌيڪ تپسيا ڪري سگهي ٿو. تپسيا سبب سندس پيشاني ٻهڪي ٿي. گيان دواران جيو مڪتي پراپت ڪري ٿو:

سرۅ سک وئراڳ ۾ تيج تپسيا مانه
ڀڳتي ۾ پريتي بڙي، مڪتي گيان بن نانه،

ان ڪري جيوَ کي پنهنجي هنڌن ٽوڙڻ لاءِ ۽ پريوءِ سان ناتو جوڙڻ لاءِ وئراڳ ورتي ڌارڻ گهرجي. پريميوا سنسار ۾ رهندي به سنسار جا ٿي نه رهو. منهن مايا کان موڙيو، هڪ پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو.

پوجنيه سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته جيوَ کي پرشارٿ ڪرڻ گهرجي. پرشارٿ پريشرم سڦلتا جي ڪنجي آهن. وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ پريتن ڪجي. سست ٿي ويهبو ته سڦلتا ڪين ملندي.

اجگر ڪري نه چاڪري پنڇي ڪري نه ڪام،
داس ملوڪا ڪه گئي کي داتا رام.

هڪڙي ڳوٺ ۾ ڪو جوتشي آيو، جنهن ڳوٺواسين کي چيو ته هن سال برسات ڪين پوندي. ان ڳوٺ جي ڪڙمين اُن جوتشيءَ جي چوڻ تي لڳي زمين ۾ ٻج نه پوکيا. انهن ويچار ڪيو ته جيڪڏهن برسات ئي نه پوندي ته پوءِ ٻج اجايا چو وڃايون ۽ اجائي جاکوڙ چو ڪيون! ان ڳوٺ ۾ هڪڙي پرشارٿي ڪسان زمين ۾ ٻج ڇٽيا ۽ پريم سان هر هلائيندي گيت گنگنائيندو رهيو. ان هاريءَ کان بادل پڇيو ’پيارا! توکي خبر به آهي ته مينهن ڪين وسندو پوءِ تون ڇو تڪليف وٺي ٻج ڇٽي، هر هلائي رهيو آهين؟ هاريءَ ورائيو، ’زمين ۾ ٻج ڇٽي هر هلائڻ منهنجو فرض آهي. مان پنهنجو فرض پورو ڪري رهيو آهيان. تون برسات وسائڻ جو فرض پورو ڪرين يا نه اها تنهنجي مرضي. مونکي پنهنجو ڪم پورو ڪرڻو آهي.‘ بادل ڪڙميءَ جو اهو جواب ٻڌي هڪدم ايڏا ته وسڪارا ڪيا جو ان ڪڙميءَ جو کيت سرسبز ٿي پيو. کيس پنهنجي پرشارٿ پريشرم جو ڦل مليو. ٻيا ڪڙمي جي جوتشيءَ جي چوڻ تي لڳي سست ٿي پيا، نه ٻج ڇٽيائون نه زمين کي

راجا ۽ راڻي وچي سنتن جي شيوا ڪندا هئا. پنهنجي هٿن سان سندن چرڻ ڌوئندا
هئا، کين سوکڙيون پيش ڪندا هئا. هڪڙي ٻئي راجا، ان ڀڳت راجا جو امتحان وٺڻ
جي لحاظ کان هڪ ڀٽ کي چيو ته تون هريداس بڻجي راجا چتر ڀڄ وٽ وڃ. اُهو
ڀٽ سنت هريداس جو ڀيکه ڌارڻ ڪري ڪروليءَ ۾ راجا چتر ڀڄ وٽ آيو. راجا ٻين
سنتن سان گڏ هن جو به ساڳيو آدر ستڪار ڪيو. ڪيس ٻين جيان ڀوڄن ڪارايو. ڀوڄن
ورتائڻ کان پوءِ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم ٿيو. ٻيا سنت ته ستسنگ ۾ سڪريه ڀاڱه وٺڻ
لڳا، باقي ڀيکه ڌاري ڀٽ هون هون ڪرڻ لڳو. راجا چتر ڀڄ راز کي سمجهي ويو ته
هي ٻاهريون ڀيکه ڌاري آيو آهي، سو اُن ڀيکه ڌاري سنت سان موڪلائڻ وقت راجا ڪيس
ٻين سنتن جيان هن کي پيسا به ڏني، پر ساڻ هڪ خالي دٻليءَ ۾ ڪسي ڪوڏي وجهي
ان دٻلي کي سهڻي ڪپڙي ۾ بند ڪري ڏنو. اهو ڀٽ پنهنجي راجا وٽ واپس آيو
۽ اچي حال احوال ڏنائين ته ڪروليءَ جي راجا سندس ڪافي آدرڀاءُ ڪيو، پيسا ڏني
۽ سوکڙي به ڏني. راج سڀا ۾ اها سوکڙي کولي ويئي. ڪپڙي ۾ دٻلي هئي ۽ دٻليءَ
۾ ڪسي ڪوڏي هئي. راجا اهو ڏسي وائڙو ٿي ويو. راجا سڀا ودوان کان اُن جو راز
پڇيو. ودوان وراڻيو، ڪروليءَ جي راجا چتر ڀڄ هن ڀٽ کي سڃاڻي ورتو آهي ته هي
سنت ڪونه آهي، مگر صرف ٻاهران سنت جو ڀيکه پائي آيو آهي. جيئن اها دٻلي ٻاهران
سهڻي وڻندڙ آهي پر اندر ڪسي ڪوڏي آهي تيئن اهو ڀٽ به ڪجھ ڪين لهي پر
صرف ٻاهريون روپ ڌارڻ ڪري آيو آهي. راجا محسوس ڪيو ته راجا چتر ڀڄ کي
يوگيه ايوگيه جي ڄاڻ پوي ٿي پر تنهن هوندي به هُو سڀني جو ساڳئي نموني ستڪار
ڪري ٿو. ڀيکه جو مان رکي ٿو. ڪجھ ڏينهن بعد وري اُهو ودوان ڪروليءَ جي راجا
وٽ ويو. راجا هن جو خوب آدرستڪار ڪيو. موڪلائڻ وقت ڪيس پيسا رکي ۽ چيو ته ٻيو
به جيڪي اوهان کي گهرجي ته هتان کڻي وڃو. ان ودوان راجا کان سندس پياري طوطي
گهري. راجا هڪدم پنهنجي پاليل طوطي پڃري ۾ بند ڪري ان ودوان کي ڏني. اُهو
ودوان پنهنجي راجا وٽ آيو ۽ راج دربار ۾ هن اُهو طوطيءَ وارو پڃرو لڳائي ڇڏيو.
جڏهن راج دربار لڳي، تڏهن اها طوطي راج سڀا جي ماڻهن کي پريوءَ کان ومڪه ڏسي
شري ڪرشڻا شري ڪرشڻا پڪارڻ لڳي ۽ چيائين، ڪرشن ڪرشن جو نام جپيو ته توهان
جو اُڌار ٿئي. راجا ۽ سڀاسد طوطيءَ جا اهي ٻول ٻڌي عجب ۾ پئجي ويا. روز روز اُن
طوطيءَ جا ساڳيا ٻول ٻڌي راجا سڀاسد ۽ راڄڌانيءَ جا ڪيترا ناستڪ پڻ ڀڳوان شري
ڪرشڻ جا اُپاسڪ بڻجي پيا. ڀڳت چتر ڀڄ جي طوطيءَ به ڪمال جو ڪم ڪيو جو ناستڪن
کي آستڪ بڻائي ڇڏيائين. جيڪي جيوَ سنتن ڀڳتن جي سنگه ۾ رهن ٿا سي پاڻ ته
ترن ٿا پر ٻين کي به تارين ٿا.

١ جولاءِ سوامي جن ماڇين ۾ پڌاريا. اتي ٽي چار ڏينهن ستسنگ جي مؤج مچايائون
اتي سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڀڳوان پنهنجن پيارن کي ڪنهن نه ڪنهن روپ
۾ درشن ڏئي ٿو. ڪاشيءَ ۾ ڀڳوان شري رام جو هڪ ڀڳت شري پاٺڪ رهندو هو. هو
سدائين ڀڳوان شري رام جي ڌيان ۾ مگن رهندو هو. سندس اڇا هئي ته هُو ڀڳوان شري
رام جو ساڪيات درشن ڪري. هڪ دفعي رات جو سپني ۾ ڀڳوان شري رام ڪيس چيو

هڪ شينهن کي سندس سامهون ڇڏي پاڻ پري وڃي بيٺا. جيئن ئي شينهن گجڪار ڪئي ته رتناوتيءَ جون اکيون کليون. هوءَ شينهن کي ڏسي ڏڪي ڪين، مگر اُن کي نرسنهه اوتار جاڻي نمسڪار ڪري اُن جو واس ڏوپ ڪيائين. ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان اُهو شينهن ڪنڌ هيٺ ڪري واپس وريو ۽ راجا جي جن نوڪرن اهو ڪم ڪيو هو، شينهن تن کي چنبا هڻي ماريندو جهنگل ڏانهن هليو ويو. ماڏوسنه شينهن دواران پنهنجي پتنيءَ کي مارائڻ چاهيو مگر ڀڳتيءَ جي پرتاپ سبب رتناوتيءَ جو وار به ونگو ڪين ٿيو. شاهه لطيف چيو آهي:

سر ٽي پکي هيڪڙو پاڙيهري لک،
جنهن ٽي سائينءَ جي رک، سو سر ۾ گهمي سرهو.

تلاءَ تي هڪڙو پکي پاڻي پيئڻ لاءِ وينو آهي. اُن هڪ پکيءَ کي شڪار ڪرڻ لاءِ ڪيترائي شڪاري بيٺا آهن پر جيڪڏهن ڏٺي اُن پکيءَ جي رکشا ڪري ٿو ته اُهي شڪاري پکيءَ جو وار به ونگو ڪري نه ٿا سگهن. هوُ تلاءَ تي خوشيءَ سان گهمي سگهي ٿو. ارٿات جيو جا سوين دشمن هجن پر جيڪڏهن پرماتما اُن جو رکپال آهي ته سندس ڪجهه به نقصان نه ٿيندو. انڪري اُن پربوءَ جي شرڻ وٺو.

پوجنيه سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پريميوا من کي سدائين ڀڳوت چنتن ۽ سيوا ۾ لڳايو. ان دواران ئي جيوَ کي آنند جي پراپتي ٿيندي. سيتا ڀڳوان شري رام جي شيوا واسطي، سديوَ سندس چرنن ۾ رهڻ واسطي ساڻس گڏ بنواس ۾ ويئي. اُتي ڀڳوان شري رام جي سنگ ۾ ڪيڏو نه آنند ۾ رهي. پر جڏهن ساڳي سيتا ماتا سوني هرڻ جي اڀلاکا کي پوري ڪرڻ لاءِ شري رام کي ان جي پويان موڪليو ته هوءَ شري رام کان به جدا ٿي ويئي ۽ ڪيس سونو هرڻ به ڪين مليو. ڪيس ڪيڏا نه ڪشٽ ڏسڻا پيا. اسين به جيڪڏهن سيتا ماتا وانگر پربوءَ کي ڇڏي دنيوي سکن روپي هرڻ تي هرڪه هاريندا سين ته اسان کي به سيتا ماتا وانگر دکه ڀوڳڻا پوندا ۽ پربوءَ کان به پري رهڻو پوندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

هري سمرن ڪي سيج پر سويه ڪرو وشرام،
ڪهه ٽيئون هر جاپ بن ملي نه ڪب آرام.

پريميوا جيڪڏهن توهان کي سچو آنند کپي ته پربوءَ کي نه وساريو. رام نام جي سمرڻ دواران ئي سچو آنند پراپت ٿيندو. سنساري ڪم ڪاريون ڪندي پربوءَ کي ياد ڪريو.

٢٧ جون پوجنيه سوامي جن ڀٽين ۾ پڌاريا. اتي ٽي ڏينهن نام جو امرت پيئاريائون. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ته سنتن جي سنگ ۾ پکي پسون به تري وڃن ٿا. توهان به ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرش سان سنيهه جو سنبنڌ رکو. سنگ ڪريو ته توهان کي به سنت نام جي نوڪا ۾ چاڙهي پار لڳائيندا.

ڪروليءَ جو راجا چتر ڀڄ ساڌو بيکه جو ڏاڍو سنمان ڪندو هو. هن پنهنجي راجڌانيءَ جي چوڌاري شيواڌاري مقرر ڪيا جي راجا کي سنتن جي اچڻ جي خبر پڌائيندا هئا.

ڪيرتن ڪرڻ لاءِ ئي ڪاشيءَ ۾ ترسيو آهي. هن جي ورتي ڀڳوان شري ڪرشن سان ئي جڙيل آهي. شري چيتنيه مهاپرڀوءَ جي اها ڳالهه ڪن سڄڻن ڪين مڃي تڏهن شري چيتنيه مهاپرڀوءَ انهن مان هڪ پياري کي ڪاشي موڪليو ۽ شري وشڻو پريءَ کي لکي موڪليو ته ’رتن مالا‘ موڪلج. گروءَ جي چني پڙهي شري وشڻو گد گد ٿيو. هوُ گروءَ جي پاونا کي سمجهي ويو. سندس اکڙين ۾ پريم جا آنسون اچي ويا. هن جي من ۾ شري ڪرشڻ ڀڳتيءَ جون چوليون اُمڙي آيون. هن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا ۽ مهما جا پنج سؤ شلوڪ لکي اُن امولیه رچنا تي ’ڀڳتي رتناولي‘ شيرشڪ لکي پنهنجي گرديو شري چيتنيه مهاپرڀوءَ کي موڪلي. جڏهن اُها رچنا شري چيتنيه مهاپرڀوءَ کي ملي ۽ ٻين سڄڻن پڙهي تڏهن محسوس ڪيو ته ڪاشيءَ ۾ رهندي به شري وشڻو پريءَ جي ڪامنا مڪتيءَ جي ڪين آهي پر ڀڳوان شري ڪرشن جي پريم ۾ اٽوٽ پرورت آهي.

١٠ جولاءِ سوامي جن پرڪڻ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڀڳت ڀڳوان کي پيار ڪن ٿا ته ڀڳوان به ڀڳتن کي پيار ڪري ٿو، ڪين اهميت ڏئي ٿو. هڪ دفعي ڪن برهمڻن ايرکا وچان راجا کي شڪايت ڪئي ته رويداس چماڙ آهي، هن کي ڀڳوان جي مورتي رکڻ جو اڌڪار ڪين آهي. رويداس کي ان ڪري سزا ملڻ گهرجي ۽ هنءَ کان ڀڳوان جي مورتي به کسڻ گهرجي. راجا جي دل ۾ سنت رويداس لاءِ شرڌا ۽ پريم هو پر برهمڻن جي حسد واري شڪايت سبب منجهي پيو. راجا آگيا ڪئي ته هڪ طرف سنت رويداس ويهي ۽ ٻئي طرف برهمڻ ويهن ۽ وچ ۾ سنت رويداس واري ڀڳوان جي مورتي رکجي. جنهن طرف ڀڳوان جي مورتي وڃڻ چاهي اها مورتي ان وٽ رهندي. راجا جي آگيا سان ائين ڪيو ويو. ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ ڀڳوان جي مورتي رکي ويئي. برهمڻن سوچيو ته مورتي پاٺيهي ڪيئن ڪنهن وٽ سري ويندي. انهن مورتيءَ کي جڙ سمجهيو، ڇاڪاڻ ته انهن ۾ صرف ٻاهريون پريم هو. ٿوري ئي وقت ۾ ڀڳوان جي مورتي رکيل سنهاسن تان ٽپو ڏيئي وڃي سنت رويداس جي گود ۾ پيئي. اهو ڪؤتڪ ڏسي راجا ۽ اهي برهمڻ دنگ رهجي ويا. راجا آگيا ڪئي ته اها مورتي سدائين رويداس وٽ ئي رهندي. ڀڳوان پنهنجن ڀڳتن کي ڪيڏو نه پيار ڪري ٿو.

پريميو! توهان به ڀڳوان سان ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ناتو جوڙيو.

مٿرا ۾ هڪ دفعي راجا پيش ڌاري سنتن جي پريکشا وٺڻ جي خيال کان پڙهو گهمايو ته جيڪو مالها پائيندو ۽ تلڪ لڳائيندو تنهن کي موت جي سزا ڏني ويندي. ڪيترائي برهمڻ ۽ سنت اهو ڍنڍورو ٻڌي ڏڪي ويا ۽ تلڪ مالها جو تياڳ ڪيائون، مگر ڀڳت ڀڳوانداس هوندئن کان به وڌيڪ مالهائون پائي ۽ خوب تلڪ لڳائي راجا جي درٻار ۾ آيو. راجا هن کان پڇيو ته تو ڇو منهنجي آديش جو ڀنگ ڪيو آهي. تڏهن ڀڳت ڀڳوانداس وراڻيو ته مالهائون پائي ۽ تلڪ لڳائي مرڻ سان اُڌار ٿيندو آهي. جڏهن توهان جو ڍنڍورو ٻڌو تڏهن پڪ ٿي ته هاڻي مرتيو نزديڪ آهي ڇو نه راجا وٽ خوب مالهائون پائي وڃان جيئن منهنجي مڪتي ٿئي. راجا ڀڳت ڀڳوانداس جو درڍ وشواس ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. ڀڳت ڪڏهن به ڊڄي پنهنجي ڀڳتي اُپاسنا واري راهه نٿا ڇڏين.

ته 'دسهڙي جي ڏينهن رام ليلا ۾ ڀرت ميلاپ جي درشيه وقت مان توکي درشن ڏيندس. مان اُن وقت توکان ڪجهه نه گهرندس.' شري پالڪ سپني ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو. سپني ۾ مليل آڳيا انوسار هي دسهڙي ڏينهن رام ليلا ڏسڻ ويو. ڀرت ميلاپ جي درشيه وقت جڏهن ڀرت ڀڳوان شري رام جي چرنن تي ڪري پيو اُن وقت شري رام جو پارٽ ڪندڙ شري پالڪ کي پڪاريو. شري پالڪ هڪدم ڀڳوان جي ويجهو آيو ۽ اچي ڀڳوان جي چرنن تي ڪري پيو. ڀڳوان کيس آڳيا ڪئي ته پرساد طور ڪجهه مٺائي ۽ جل کڻي اچ. پالڪ هڪدم مٺائي ۽ جل کڻي آيو. ڀڳوان شري رام، پرساد کي ڀوڳ لڳائي وري اُهو پرساد شري پالڪ کي واپس ڪيو. رام ليلا ڏسندڙ لوڪ اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. شري پالڪ جي اکين ۾ پيار جا آنسون هئا ته ڪيئن نه پربهو سپني ۾ ڏنل انجام کي ساڪار ڪيو. پنهنجي پيارن جي تيور اچا ڏسي جاڳرت ۾ يا سوپن ۾ کين درشن ڏئي ٿو.

۵ جولاء پوجنيه سوامي جن ٽنڊي مستيءَ ۾ آيا. اتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڀڳت رڳ رڳ ۾ ڀڳوان کي ياد ڪندا آهن. هڪ دفعي ڀڳوان شنڪر ڪئلاش پروت تي پاروتيءَ کي ڀڳتن جي مهما ٻڌائي رهيو هو. تڏهن پاروتيءَ ڀڳوان شنڪر کي چيو ته اوهان ڀڳوان جي ڀڳتن جو ايڏو جس ڳائي رهيا آهيو، ڪنهن ڀڳت جو درشن ته ڪرايو. اهو ٻڌي ڀڳوان شنڪر پاروتيءَ کي اندرپرست ۾ شري ارجن جي گهر وٺي آيو. ڀڳوان شنڪر دوارپال کان پڇيو ته ارجن ڪٿي آهي؟ دوارپال وراڻيو، 'شري ارجن سمهيو پيو آهي.' ڀڳوان شنڪر شري ڪرشڻ جو سمرڻ ڪيو. ڀڳوان شري ڪرشڻ اتي اوڌو، رڪمڻي ۽ ستڀاما سهت پرگهٽ ٿيو. ڀڳوان شنڪر، ڀڳوان شري ڪرشڻ کي چيو ته اُما، شري ارجن جو درشن ڪرڻ ٿي چاهي. توهان ان کي جاڳايو. ڪرشن، ڀڳوان شري شنڪر، اُما، اوڌو، رڪمڻي ۽ ستڀاما سهت شري ارجن جي گهر پرويش ڪيو. جنهن سيج تي شري ارجن سمهيو پيو هو، هوُ ان سيجا جي چوڌاري بيٺا. شري ارجن جي روم روم مان 'شري ڪرشن! جئه شري ڪرشن! جئه شري ڪرشن' آواز اچي رهيو هو. ڀڳوان شنڪر پاروتيءَ کي چيو ته پاروتي، ڀڳت ته هھڙو جو ننڊ ۾ به ڀڳوان کي ياد ڪري رهيو آهي. ڀوءِ ڀڳوان چو نه اهڙن ڀڳتن جي سار لهندو!

سڪا ڀڳت ڪي نڪلتا روم روم سي نام،
سوتي ارجن ڪي سنا ڪرشڻ ڪرشڻ ايپرام.

پريميوا توهان به رڳه رڳه ۾ پربهوءَ کي ياد ڪريو.

ياد جنين کي يار جي ڪري يار به تن کي ياد.

پوجنيه جن ستسنگ ڪندي چيو ته سچو گرو ڀڳت گروءَ جي ڀاونائن کي ڄاڻي ٿو. اُن جي ويچار جي اُنکول هلي ٿو. اُن جي سڌانتن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي ٿو. شري چيتنيه مهاپربوءَ جو هڪ ششيه وشٺو پري ڪاشيءَ ۾ وڃي رهيو هو. ڪجهه ساڌن شري چيتنيه مهاپربوءَ کي چيو ته شري وشٺو پري مڪتيءَ جي چاهنا جي لحاظ کان ڪاشيءَ ۾ رهيو پيو آهي.

شري چيتنيه مهاپربوءَ چيو 'پيارا! شري وشٺو پري مڪتيءَ جي خيال کان نه پر ستسنگ

اُن ننگہ کيس چيو تہ پئسا ڪڍي ٻاهر رکہ ۽ پوءِ ڪوھ اندر نهار تہ توکي پريوءَ جو درشن ٿيندو. هن پئسا ڪڍي ٻاهر رکيا ۽ جنئن ئي ڪنڌ ڪوھ طرف هيٺ ڪيو تہ ننگہ ساڌوءَ کيس ڪوھ ۾ هيٺ ڌکو ڏنو ۽ سندس پئسا کڻي رمندو رهيو. وشواسي ڀڳت جنئن ئي هيٺ ڪوھ ۾ ڪريو تہ سندس وار بہ ونگو نہ ٿيو. هنجو تہ سچو ڌيان هو تہ پريوءَ جو درشن ڪريان. پرماتما کيس ڪوھ ۾ ئي ساکيات درشن ڏيئي ٻاهر ڪڍيو. ڀڳت درشن ڪري باغ بهار ٿيو. هيڏانهن ڀڳوان سپاهيءَ جي روپ ۾ اُن ننگہ ساڌوءَ کي پڪڙي اُن ڀڳت وٽ آندو ۽ کيس چيو تہ تو منهنجي پياسي ڀڳت سان ٺڳي ڪئي آهي. سندس پئسن ڦرڻ لاءِ کيس جهنگل ۾ وٺي ڪوھ ۾ ڌکو ڏنو اٿيئي. ان لاءِ سزا ڏيڻ گهرجي. ان وشواسي ڀڳت کي وينتي ڪئي تہ هن برابر مونسان دوکو ڪيو آهي پر اُن دوکي سان بہ اوهانجو مونکي درشن ٿيو آهي. ان حساب سان هي منهنجو گرو ٿيو. مهرباني ڪري کيس سزا نہ ڏيو. ڀڳوان کيس ڪميا ڪئي. اُهو ننگہ ساڌو بہ سنگہ سبب اڳتي هلي ڀڳوان جو ڀڳت بڻجي پيو.

٢٤ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن روپاهن جي ڳوٺ ۾ آيا. اُتي پنج ڏينهن ستسنگہ ڪيائون. سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو:

ظفر هم ديکتي رهي اؤرون کي عيب هنر،
جب اپني برائي پر پڙي تو نگاھ ۾ کوئي برا نہ رها.

پريميو! ٻين جي ڏوهن کي ڏسڻ کان پهرين اندر ۾ جهاتي پائجي تہ پاڻ ۾ تہ ڪو اهڙو اوگڻ ڪين آهي. ٻين جي دوشن جي چنتن ڪرڻ سان پاڻ کي نقصان پهچي ٿو. هڪ نانگو ساڌو هڪ نم جي وڻ هينان ڌوڻي دکائي وينو هو. اُن جي پرسان هڪ وئشيا جو گهر هو. اُن وٽ ڪيترائي مرد ايندا ويندا هئا. هي ساڌو جڏهن ڪنهن مرد کي سندن گهر ويندو ڏسندو هو تہ هڪ هڪ ننڍڙو پٿر ڌوڻيءَ پرسان رکندو ويندو هو. ائين ڪندي پٿرن جو ڍير ٿي ويو. هڪ ڏينهن ان ساڌوءَ اُن وئشيا کي گهرائي چيو تہ ڏس، هي پٿرن جو ڍير، تو انهن کان بہ وڌيڪ ماڻهن کي ڀرشٽ ڪري مهاپاپ ڪيو آهي، جنهن لاءِ توکي نرڪ جا دروازا ڏسڻا پوندا. اُن ساڌوءَ کيس ايڏو تہ ڊپ ڏنو جو هوءَ پنهنجي ڪيل ڪڪرمن تي روئڻ لڳي ۽ ان ساڌوءَ کان پڇيائين تہ مهاراج، ڪو اُپاءُ ٻڌايو جيئن مان نرڪ جي باھ کان بچي وڃان؟ ساڌوءَ وراڻيو، ’تنهنجي ڪيل ڪڪرمن جو ڪاٽو ئي ڪين آهي. توکي ڪنهي نرڪ ڀوڳڻو پوندو، ٻيو ڪو اُپاءُ ڪين آهي. تون هڪدم هي گهر ڇڏي هلي وڃ ۽ هن کان پوءِ ان ڪڪرم کان پاسو ڪري رهج.‘ اُها وئشيا هڪدم اهو گهر ڇڏي هڪ ڳوٺ ڏانهن رواني ٿي. رستي تي هوءَ زار زار ڳوڙها ڳاڙيندي، پڇتاءُ جا لڙڪ لاڙيندي، پرماتما کي پرارٿنا ڪرڻ لڳي ’اي ديناناٿ ديال پريو! مون کي پنهنجن ڪيل گناهن جي ڏي معافي، پنهنجي چرنن ۾ ويهار، پنهنجو پيار پيئارا مان گنهگار، عيبدار خطاوار، سزاوار، دوزخ جي حقدار، مونکي مار پنهنجي سنگہ ويهار.‘ ائين پرماتما کي ياد ڪندي سندس پراڻ پکيئڙو اتي ئي اُڏامي ويو.

انت سمي سچيءَ دل سان پڇتاءُ ڪرڻ سبب ۽ پريوءَ جي پرارٿنا ڪرڻ سبب اُن وئشيا جو وئڪنٺ ۾ واس ٿيو ۽ هيڏانهن ان ساڌوءَ ويني ان وئشيا جي ڪوٺن

پريميوا توهان بہ هر حالت ۾ ڀڳتي اُپاسنا جو مارگ نہ ڇڏيو. شرڌا ۽ وشواس رکي ان راهہ ۾ وک وڌايو تہ توهان کي آتمڪ آنند جي پراپتي ٿيندي. پريوءَ جو درشن ٿيندو. پنهنجي پٽ تي درڊ رهو.

١٤ جولاءِ سوامي جن ڪاهيءَ ۾ پڌاريا. اُتي ٽي ڏينهن ستسنگ ڪيائون. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن جي ڪيڏي نہ سار لهي ٿوا پر ڀڳت ڀڳوان کان سواءِ ڪجهہ ڪين ٿا چاهين. ڀڳت رويداس موچڪو ڌنڌو ڪندي ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندو هو پر سنتن سادن جي شيوا بہ ڪندو هو. انهن کي ڀوڄن ڪارائيندو هو. اها ڳالهہ سندس مائٽن کي ڪين وڻندي هئي. اُن ڪري هن کي گهر مان جدا ڪري ڇڏيائون. هي پيارو جتيون ٺاهيندو هو. سندس غريبي حالت ڀڳوان کان سٺي نہ وئي. ڀڳوان هڪ سادوءَ جي ڀيش ۾ وٽس آيو ۽ کيس هڪ پارس ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن تون ڪوبہ لوهہ جو ٽڪر هن سان لڳائيندين تہ سون ٿي پوندو. ڀڳوان پاڻ رويداس جي رنبي کڻي اُن کي پارس سان لڳائي کيس سوني ڪري ڏيکاري. پر تنهن هوندي بہ رويداس سون ۽ پارس ڏانهن ڪو ڌيان ڪونہ ڏنو. جنهنجي چت جي ورتي پرماتما طرف هوندي اُهو ماياوي پدارٿن ڏي ڌيان ڪيئن ڏيندو! آخر ان سنت رويداس کي چيو تہ اهو پارس ڇت ۾ رکي ڇڏج، مان جڏهن تيرٿن تان واپس وريندس تہ پارس کڻي ويندس. ويس ڌاري ڀڳوان، رويداس کي پارس ڏيئي رمندو رهيو. تيرهن مهنن کان پوءِ وٽس واپس آيو ۽ هن ڏٺو تہ پارس جٽن جو تئن ڇت ۾ رکيل آهي. سنت رويداس غريبيءَ ۾ گذاريندي بہ ان جو پريوگ ڪين ڪيو آهي. ڀڳت کي سڀ کان پرم پريہ آهي ڀڳوان.

١٧ جولاءِ پوڄنيہ سوامي جن چڪ ۾ پڌاريا. چڪ ۾ رشي رگهورام جن رهندا هئا. هو گرهستي هوندي بہ سنياسي هئا، ودوان هئا، گيانوان هئا، روحاني رهبر هئا، سچائيءَ ۽ سادگيءَ جي صورت هئا. هوُ ايشور ڀڳت بہ هئا تہ ديش ڀڳت بہ هئا ۽ گانڌي وادي بہ هئا. سوامي جن جو ساڻن سنيهہ سنبنڌ هوندو هو. سوامي جن کين ڏاڍي عزت ڏيندا هئا. سوامي جن چڪ ۾ پڌاريا. تہ پهرين رشي رگهورام صاحب وٽ ويا. کين نمرتا پورؤڪ نمسڪار ڪري حالي احوالي ٿيا. سوامي جن ٻہ ٽي ڏينهن رشي رگهورام صاحب سان رهاڻ ڪئي. چڪ ۾ سوامي جن هفتو ڪن ستسنگ جي مؤج مچائي.

سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڳتن کي ڀڳوان جي درشن جي ئي اُتڪنٺا رهي ٿي. انئي پهر پريوءَ کي پسڻ جي پياس رهي ٿي. پريميوا سنساري پدارٿن جي پياس پوري ٿيڻ جي ڪين آهي. توهان بہ پنهنجي اندر ۾ هڪ ئي آس هڪ ئي پياس رکو پريوءَ کي پسڻ جي تہ ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهان کي بہ پريوءَ جو درشن ٿيندو.

هڪڙو وشواسي ڀڳت هو. هي پيارو پرماتما جي درشن لاءِ ڏاڍو وياڪل رهندو هو. هر ڪنهن کان پڇندو هو تہ ڀڳوان جو درشن جلدي ڪيئن ٿيندو؟ هڪ نڱہ سنت جو ويس پائي هن کي چيو تہ مان اڄ ئي توکي ڀڳوان جو درشن ٿو ڪرايان، دلگير نہ ٿيءُ. تون پنهنجو سمورو سامان وٺي پئسا کڻي مون سان گڏ هلج. اُهو وشواسي ڀڳت، جنهن جي دل ۾ پريوءَ کي پسڻ جي تيبر پياس هئي، ان نڱہ سادوءَ جي چوڻ موجب پنهنجو سمورو سامان وٺي، پئسا ساڻ کڻي اُن نڱہ سادوءَ سان گڏ جهنگل ۾ آيو. جهنگل ۾ کوهہ

مهان اُپڪاري هو. جڏهن هوُ برهملين ٿيو، تڏهن ڀڳوان وشڻوءَ جا دوُت ڪيس وٺڻ
وٽي وچي رهيا هئا. رستي تي نرڪ هئا. نرڪواسي مهاراج مهيرٿ جي ستڪرمن جي
سڳنڌيءَ سبب سک جو ساه پٽڻ لڳا. هنن ڪروٽاميہ پڪار ڪئي: ’راجن، اوهان ڪرپا
ڪري ڪجھ وقت هت ترسو. اوهان جي صرف لنگهڻ سان ئي اسان سک جو احساس
ڪيو آهي، جي ڪجھ وقت ترسندا تہ اسان وڌيڪ سک حاصل ڪري سگهنداسين. مهيرٿ
دوتن کي چيو تہ مونکي هتي ترسڻ ڏيو. دوتن وراڻيو تہ جيڪڏهن اسان توهان کي
هتي ڇڏي ڏينداسين تہ ڀڳوان اسان تي ناراض ٿيندو. اوهان سرڳہ جا اڌڪاري آهيو،
هي تہ نرڪ آهي. تڏهن مهيرٿ چيو تہ منهنجي هت ترسڻ سان جيڪڏهن سوَن
جو ڀلو ٿي وڃي تہ مونکي نرڪ بہ قبول آهي. مهيرٿ جي ڪيڏي مهان ڀاونا هئي.
پاڻ نرڪ قبول ڪري ٻين کي سکي ڪرڻ. ديوتائن اُن وقت هن پياري مٿان گلن
جي ورکا ڪئي.

جڳہ جڳہجيئي پراُپڪاري، مرد هجي چاهي ناري.

هڪ دفعي ڀڳت ڀيپو پتنيءَ سيتا سهت ڀڳت چيڏر سان ملڻ ويو. سنت چيڏر
اندر وڃي پنهنجي پتنيءَ کي چيو تہ ڀڳت ڀيپو آيو آهي، ان لاءِ ڀوڄن تيار ڪج.
پتنيءَ ادب سان چيو، سائين! گهر ۾ تہ ڪاڏي ڀيتي لاءِ ڪجھ بہ ڪين آهي. پئسو
ڏوڪڙ بہ ڪين آهي ۽ ٻي ڪا شيءِ بہ ڪين آهي جا گروي رکي اناج وٺي اچجي.
مونکي صرف پنهنجو پاڻ جو گهاگهرو آهي، اهو لاهي اوهان کي ڏيان ٿي. بزار ۾
اهو وڪڻي ڀوڄن جو سامان وٺي اچو تہ ڀوڄن تيار ڪري ڏيانو. ڀڳت چيڏر پتنيءَ
جو گهاگهرو کڻي بزار ۾ وڪڻي ڀوڄن جو سامان وٺي آيو. پتنيءَ گيتا ڀوڄن تيار ڪيو.
ڀڳت چيڏر ڀوڄن کڻي ٻاهر وراندي ۾ آيو جتي ڀڳت ڀيپو ۽ سندس پتني ويٺا هئا.
انهن جي اڳيان ڀوڄن رکي کين کائڻ لاءِ وينتي ڪيائين. ڀڳت ڀيپو ڀڳت چيڏر کي
چوڻ لڳو تہ تون بہ پتنيءَ کي سڏ ڪر تہ گڏجي کائون. چيڏر چيو تہ هوُ پوءِ کائيندي.
تڏهن ڀيپا پنهنجي پتنيءَ سيتا کي اندر موڪليو تہ ڀڳت چيڏر جي پتنيءَ کي اندران
سڏي پاڻ سان وٺي آءِ تہ ڀوڄن گڏجي کائون. جڏهن سيتا اندر ويئي تہ ڀڳت چيڏر
جي پتنيءَ کي شرير تي پورا ڪپڙا نہ ڏسي دنگہ رهجي ويئي. ان سبب ئي هوءَ
ٻاهر نہ ٿي آئي. هن تہ پنهنجي بدن جو ڪپڙو لاهي، اُن عيوض هنن لاءِ ڀوڄن تيار
ڪيو هو. اها خبر جڏهن ڀيپا جي پتنيءَ سيتا کي پيئي، تڏهن هن پنهنجي ساڙهيءَ
جو اڌ ڦاڙي گيتا کي ڏنو. اها ساڙهي پهري گيتا ٻاهر آئي ۽ سڀني گڏجي ڀوڄن
ڪيو. راجا ڀيپا کي سندس پتنيءَ سيتا، ڀڳت چيڏر ۽ سندس پتنيءَ جي حال کان
واقف ڪيو. راجا ڀيپا سندن سنت شيوي ۽ پر اُپڪاري سڀاءَ ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو
۽ کين ايترو ان ڌن ڏنائين جئن هو آئي وئي جي چڱيءَ ريت شيوا ڪري سگهن.
پر اُپڪاري پاڻ کي دکي ڪري بہ ٻين کي سکي ڪن ٿا. پريو انهن جي بہ سار
لهي ٿو. ۹ آگسٽ پوجنيہ سوامي جن ٽنڊي آدم امراپور آستان تي واپس آيا. پهرين
ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي نمسڪار ڪري مليل ڀيٽائون سندن چرنن ۾ رکيائون.
پوجنيہ سوامي سروانند مهاراجن، سوامي جن کان حال احوال ورتو. پوءِ سوامي جن
پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن سان مليا. سوامي جن روز آستان تي ستسنگہ ڪندا

ڪرمن جو ويچار ڪيو تہ ھھڙي ڪمذات، ڪريل، ڪيئن نہ ڪنيي نرڪ ۾ وڃي ڪيتو لوڙيندي! ائين ڪندي ان ساڌوءَ جو بہ پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو ۽ انت سمي برن ويچارن جي چنتن ڪرڻ سبب ڪيس نرڪ جي پراپتي ٿي. ان ڪري پيارا! ٻين جا دوش نہ ويچاريو. ھر وقت ست سنڪلپ ڪريو. اُٿندي ويھندي پرماتما جو چنتن ڪريو تہ توھانجا سواس بہ سڦلا ٿيندا ۽ انت سھيلي ٿيندي.

٣٠ جولاءِ سوامي جن آرين جي ڳوٺ ۾ آيا. اتي سوامي جن ٽي ڏينھن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن دان جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو:

ڌن سنگرہ ٿي دان ڌن سؤگڻ اڌڪ پڇان،
بنا دان جو درويہ ھئہ، سو بن سمن سمان.

مايا گڏ ڪرڻ کان مايا دان ڪرڻ سؤ دفعا سٺي آھي. مايا بنا دان ڪرڻ ائين آھي جيئن بنا گلن جي باغ. ڏنو ٻنو آھي. پريوءَ اوھان کي جيڪي ڏنو آھي، سو ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ خرچ ڪريو.

دان پڃ ستڪرم منش لاءِ ھڪ وڏو سھارو آھن، ٽيڪ آھن. ھڪ نوجوان شادي ڪري آيو. سندس پتنيءَ کي ڪنھن جوتشيءَ ٻڌايو ھو تہ شاديءَ جي ٻئي ڏينھن تنھنجو سھاڳ ڪين رھندو، تون ڌاھڻ ٻٽجي ويندينءَ. ان ڪري شاديءَ رات ڪيس نيٽڻ ۾ ننڊ ئي ڪين ھئي. پتورت استري ھئي، پئي پريوءَ در پرارٿنا ڪيائين. اڌ رات جو ڪنھن سنت در جي ٻاھران اچي آواز ڪيو تہ بکايل آھيان، پياسي آھيان. ان سنت جو آواز ٻڌي ھن ھڪدم در کوليو. گھر ۾ وواھ سبب مٺائي پيئي ھئي. اُن سنت کي مٺائي ۽ ٻيو ڪجھ کارائي پاڻي پيئارياين. سنت ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ڪيس آسيس ڪندي چيائين ’سدا سھاڳہ ماڻيندينءَ‘ ور گھر سميت خوش رھندينءَ.‘ سنت جا اِھي وچن ٻڌي اُن استريءَ اکين ۾ پاڻي آڻيندي چيو ’سنت جي! سياڻي تہ منھنجي پتيءَ جو مرتيو ٿيڻو آھي، پوءِ مان سدا سھاڳڻ ڪيئن ٿينديس.‘ اُن مھاتما ڌيان ڪندي چيو تہ ائين برابر آھي. تنھن جي گھوٽ جو موت سياڻي لکيل آھي، پر تون نريئہ ٿيءُ، چنتا نہ ڪر. تنھنجو سھاڳہ قائم رھندو. ائين چئي اُھو سنت ھليو ويو. سنت جو وچن سورھن آنا سچو ثابت ٿيو. اُن استريءَ جي پتيءَ جو وار بہ ونگو نہ ٿيو. ان استريءَ مھل جو دان ڪيو. بکايل سنت کي کاڌو کارائي پرسن ڪيو. ان سنت جي آسيس سبب ڪال بہ ٽري ويو. ان ڪري مھل جي مدد جو ملھ آھي. ڪيل دان ڪنھنجو اجايو نٿو وڃي. پريميو! توھان بہ دان پڃ ۾ سخاوت ڏيکاريو تہ پريو توھان جي مشڪل آسان ڪندو.

٣ آگسٽ پوڄنيہ سواميجن ڌھرن جي ڳوٺ ۾ آيا. اُتي سواميجن پنج ڏينھن ستسنگ ڪيو. پھرين سنت اوڌوداس ستسنگ ڪيو، پوءِ سوامي جن پر اُپڪار جي وشيہ تي ستسنگ ڪندي چيو:

ورڪش ڪبھ نھين ڦل بکئن ندي نہ سنچئہ نير
پروپڪار ڪي ڪارني ساڌن ڌوءُ شرير.

سنت معنيٰ پراُپڪار جي پرتيمورتي. ھوُ پنھنجي سک جو بنھ خيال نٿو ڪري. ٻين کي سکي ڪرڻ ۾ ئي پر اُپڪاريءَ کي من جي خوشي ٿئي ٿي. مھاراج مھيرت

دور تي ويندا آهن. پيسومل ۽ سندس پتني پپربائي شاهپور تلهي جي ڏاڍي شيوا ڪندا هئا. کين پتر سنتان ڪين هئي. هڪ ڏينهن هنن سائين هرچورام صاحب کي عرض ڪيو تہ ديا درشٽي ڪري سندن گود سائي ڪريو. سائين هرچورام صاحب کين دلجاءِ ڏيندي چيو تہ سائين سيئورام صاحب ڀلي ڪندو. سائين هرچورام صاحب جي ڪرپا سان شري پيسومل کي پٽڙو ڄائو، سندس اڱڻ آباد ٿيو. ٻالڪ جو نالو رانجهو رکيو ويو. رانجهو اٺن سالن جو ٿيو تہ هڪ ڏينهن هڪ جيڏن سان راند روند ڪندي ٻاهر جهنگل ۾ نڪري ويو. غئبات سبب سندس اکين جي روشني اوچتو غائب ٿي ويئي. ٻين ساٿين سان گهر واپس وريو. گهر ۾ ماڻس اڪيلي هئي. سندس پتا پيسومل هڪ ٻن ڏينهن کان ٻاهر ويل هو. ماڻس پپربائي منجهي پيئي تہ ڇا ڪجي. سو ٻي واهہ نہ ڏسي سڌو هرچورام جي تلهي تي آئي ۽ اچي عرض ڪيائين، 'ڇوڪر بہ ڏنو اٿو انڌو! رانجهو ڏسي ڪونہ ٿو سگهي. اوهان جي ٻچڙي کي اوچتو الائي ڇا ٿي ويو! ٻالڪ تي ديا درشٽي ڪري نور بخشو.'

سائين هرچورام صاحب مائي پپر کي چيو 'پٽين ۾ جهُومل کي ڪارو گڏهہ اٿي. اُن ڪاري گڏهہ جي لڏ ڪٽي اچ. اُن لڏ جو پاڻي ڪڍي رانجهن جي اکين ۾ پاءِ. سائين سيئورام ڀلي ڪندو. سنتن جا ٽوپا پنهنجا ٿيندا آهن. مائي پپربائي سنتن جي چوڻ موجب جهُومل جي ڪاري گڏهہ جي لڏ گهرائي اُن جو پاڻي پٽ رانجهي جي اکين ۾ اڃا بہ سرايون مس پاتيون تہ رانجهي جي اکين ۾ نئين جوت اچي ويئي.' ڪٿي گڏهہ جي لڏ، ڪٿي اکين جي جوت! سنت ڳجهہ ڳوڙهہ ۾ ڳنديندا آهن. پنهنجن پيارن جا ڪم پاڻ ڪندا آهن. پيسومل ۽ سندس پتني پپربائي اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ سائين سيئورام صاحب ۽ هرچورام صاحب جي جئہ جئہ ڪار منائڻ لڳا. پريميو! توهان بہ صدق رکي اهڙن درويشن جي در تي ايندا تہ سنت توهان جي ڀلي ڪندا، ڏکن مان سکہ ڪندا، ڪنڊن مان گل ڪندا. وشواس رکي نام جو سمرڻ ڪريو ۽ سچيءَ دل سان پرارٿنا ڪريو، اوهانجو عرض قبول پوندو.

٢١ سيپٽمبر پوڄنيہ جن ڪنڊڪوٽ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن هفتو ڪن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

ٽيئون جل ٿل ويوم ۾، سب ڪو دي هر ايڪ
اور نہ ڪوئي ديت هئہ، ڪرڪي ديکہ وويڪ.

ڀڳوان ساري سرشٽيءَ جي سار وٺنو لهي. جيئن ماتا پتا پنهنجن ٻچڙن جي پرورش ڪن ٿا، تيئن پرماتما پڻ پنهنجي مخلوقات جي سار سنڀار لهي ٿو. هڪ ڳوٺ جي ٻاهران هڪ وڻ جي هيٺان هڪ مهاتما ڀڳوت ڀڄن ۾ لين هو. هڪ ڏينهن هڪ ٻڪرار اُتان لانگهائو ٿيو. اُن مهاتما کي ڏسي هن ٻڪرار جو کير ڏهي ان مهاتما جي اڳيان پيٽ رکيو. ان سنت اهو کير سويڪار ڪري پيتو. ٻڪرار سنت کان پڇيو تہ ڇا ٻيو بہ کير اوهان پيئندا. ان سنت مشڪندي چيو 'پيارا! جي پريو کير پيئاريندو تہ پيئبو، جي ڪجهہ کارائيندو تہ کائبو نہ تہ تہ هيئن بہ سڄڻ جي واهہ واهہ، هوئن بہ سڄڻ واهہ واهہ! اُن ٻڪرار وڃي ٻين ڳوٺن سان مهاتما جو ذڪر ڪيو. ڳوٺواسي هن سنت

هئا.

۱۷ سيپٽمبر کان ۱۹ سيپٽمبر تاءِ شاهپور ٿلهي تي سائين هرچورام صاحب جو ورسي اتسو هو. اُن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پوڄنيہ سوامي جن ۱۶ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي سرواننڊ مهاراڄن کان آگيا وٺي شاهپور ٿلهي تي پڌاريا. سوامي جن پهرين جوتين کي نمسڪار ڪري گادي نشين سائين لکيرام صاحب کي پرڻام ڪيائون. سوامي جن سان باجي تي سنت اوڌوداس مهاراج هئا. سوامي جن ٽي ڏينهن اُتي ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي سائين هرچورام صاحب جي مهما جو هيٺيون ڀڄن ڳايو:

شاهپور ۾ هرچورام هو سنت پيارو، شاهپور ۾ هرچورام.

۱. ويٺل ٻائي ماتا جنهنجي، پتا ڪيراج رام،
ستگر سيئورام سوامي، ظاهر جڳہ ۾ نام،
پورن جنهن ڪئي ڪمائي، جڳت ۾ مهما وڌائي،
پنهنجي پورهئي مان جنهن ڪاڏو، اهڙو هو نشڪام،

۲. چنڊ چنڊ ٽي ميلو لڳي ٿو، ٻارهين مهني ورسي،
پريان پريان جي خلق اچي ٿي ساراهہ جنهنجي سرسي
پڳت بہ موڄ مچائن ٽهليا ٽهل ڪمائن
طرحين طرحين جا طعام بڻائن خلق کائي ٿي جام.

۳. صبح شام جو سنت دواري سوين اچن سوالي
ڪي گهرن ٿا ڏڌ پٽ مايا، ڪي گهرن ٿا مالي،
سيني جا ٿو سوال پڄائي خالي ڪين موٽائي،
ڪل جا ٿو هوءَ ڪاڄ بڻائي، ڪرامت جو آ ڌام.

۴. انڌڙن کي ڏي اکيون ڏسڻ لئہ لولن کي ٻئي ٻانهون،
لنگڙن کي ڏي پير هلڻ لئہ دوکين جون ٻڌي دانهون
ڪنوارا پاڻ پرڻائي، پرڻلين کي پٽ ڏي ٿو
ڦٽل گهر خوب وسائي سڀ جا ڪري پورا ڪام.

۵. عجب استان سنت سچي جو سماڌ سوڀيا واري،
ڏوڪيءَ سان دکہ ٿين ٿا لائي جو هڪواري،
جڳہ مڳہ جوت ٻري ٿي، ڏسڻ سان دلڙي ٺري ٿي،
جئہ جئہ سنگت ڪري ٿي، شانتي پرڪاش پرڻام.

سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ داس بہ هن در جو دربان آهي. سنت سائين هرچورام صاحب ۽ سنت ڏرمون رام صاحب جي داس تي ڪيڏي نہ ڪرپا رهي. شل هن در سان نينهن نڀائيندو رهان. سائين هرچورام صاحب رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا. سوين سوالي هن آستان تي ايندا آهن جي مالا مال ٿي ويندا آهن. دکين جا دکہ

ڪٿيو ڪائيندو. جنهن جي ڪنڌ ۾ ڪلي هوندي سو ڪڏهن بہ ڏٺيءَ در قبول ڪين پوندو.

لگهتا ۾ پريتا بسي پريتا سي پرڀ دور،
چيٽي چيني ڪات هئن هاٿي ڊالت ڌوڙ.

نندي ٿيڻ ۾ ئي مهانتا آهي. پرماتما وڏائيءَ کان دور آهي. ارٿات جنهن کي پنهنجي مهانتا جي مغروري آهي، اُهو ڪڏهن بہ واليءَ جي ويجهو ڪين ٿي سگهندو. ڪوَلي ڪيتري نہ نندي آهي پر هوءَ سولائيءَ سان کنڊ کائي سگهي ٿي ۽ هاٿي ڪيڏو نہ وڏو آهي، سندس سونڊ بہ وڏي آهي، پر هوَ اُن سونڊ دواران پاڻ تي مٽيءَ جو وسڪارو ڪري ٿو. پريميو! جي توهان روحاني راه ۾ اڳتي وڌڻ چاهيو تہ خاڪساري اختيار ڪريو. پاڻ کي ڪجهہ ڪين سمجهو، نماڻا ٿيو. ڪوي نارائڻداس بہ چوي ٿو:

نارائڻ مئن ڪهت هون يچا اُناڪي آچ،
جي تو جيءَ غريب بني تہ ملي غريبنواج.

توهاُن غريبي ارٿات نمرتا جي راه اپنايو تہ توهان کي غريبن نواز ارٿات پرماتما جي پراپتي ٿئي. هڪ هڪ سنت ستپرش پنهنجي جيون ۾ نمرتا جي ساکي ڏني آهي.

هڪ دفعي ڀڳت ڪنوررام صاحب ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا تہ هڪ ماتا بہ پنهنجي ننڍڙي پٽ سان گڏ وڃي رهي هئي. اُن ماتا ڀڳت ڪنوررام صاحب کي ڏسي پنهنجي پٽ کي چيو تہ وڃي ڀڳت صاحب کي پيري پئي اچ. اُن وقت ڀڳت صاحب تورو اڳيرو نڪري ويو، سو ٻار وٽس پڄي نہ سگهيو ۽ تنگ ٿي ڏاڍيان ماءُ کي چيائين تہ پيري ڪنهن کي پوان. سنت ڪنوررام جو نوڪر ٿوروئي آهيان جو پنڌ ڪندو وڃان. ڀڳت ڪنوررام صاحب اُن ٻالڪ جا اهي لفظ ٻڌي ورتا ۽ اُتي ئي بيهي وڏي آواز سان ٻالڪ ڏانهن اِشارو ڪندي چيائين، ’بچا! تون منهنجو نوڪر ڪين آهين، پر مان تنهنجو نوڪر آهيان. تون اچي پل پيري پئہ ۽ ماتا جي اِڇا پوري ڪر.‘ ڀڳت ڪنوررام صاحب ۾ ڪيڏي نہ نمرتا هئي.

جنا غريبي سر ڌري سي شاهن کي شاه،
اٽل چٽر تن پر جُهلي واه غريبي واه.

٥ آڪٽوبر پوجنيہ سوامي جن بداڻيءَ ۾ آيا. اُتي سوامي جن چار پنج ڏينهن ستسنگ جي موج مچائي. سواميجن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪام بروبر وياڌ نهين، شترو نہ موه سمان،
آن اگن نهين ڪروڌ سم، سک نہ سمان سُگيان.

ڪام جهڙي ٻي بيماري ڪين آهي. موه جهڙو ٻيو ڪو دشمن ڪونهي ۽ ڪروڌ برابر ٻي باه ڪين آهي. انهن وڪارن جي وس ڪرڻ سان منش پرماتما جي ويجهو ٿئي ٿو ۽ آتمڪ آنند ماڻي ٿو. پر آهنڪار نہ ڪجي تہ مون وڪارن کي وس ڪيو آهي.

لاءِ پوڄن تيار ڪري ڪٽي آيا ۽ وينتي ڪيائون تہ خبر ناهي، توهان گھڻن ڏينهن کان پوڄن ڪين ڪاڌو آهي، هاڻي جلدي پوڄن کائو. جي هن ٻڪرار جي نگاھ اوهان تي ڪين پوي ها تہ شايد اوهان بکايل رهجي وڃو ها! سنت مشڪندي چيو:

ماهيوڙي ماهيو! مئن اڪ مودي لڌيا جو سڀ دي سار لهيندا،

سيل پٿر وچ جيو اُپايي تنا يي روزي رسيندا،

جڳہ جڳہ جيوي ميرا مودي ٽوٽا جو مهڻا ڪبھ نہ ڏيندا.

پرماتما هڪ هڪ جيو جنتوءَ جي سار وٺنو لهي.

'سر سر رزق سنباهي ناڪر ڪاهي من يوَ ڪريئا.'

ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ بہ هڪ اُتم ڪرم آهي. اوهان بہ جيڪڏهن سائينءَ کي ياد ڪندا تہ سائين اوهان جي ڪنهن نہ ڪنهن نموني ضروري سار لهندو. پرشارٿ ڪندا رهو. وهنوار چاهي پرمارٿ ۾ پرشارٿ ضروري آهي. ڪرم ڪرڻ تہ هر جيو جو فرض آهي. پريميو! جيڪي بہ ڪرم ڪريو، پريو ارپڻم! شري ڪرشڻ ارپڻم!

سوامي جن ڪنڊ ڪوٽ ۾ ستسنگ ڪندي پريمين کي چيو تہ نام سان نينهن لڳايو. پلي دنيا جا ڪم ڪاريون ڪريو، گھر گرهست ۾ رهو، پر پريوءَ کي نہ وساريو. نت نيم پريوءَ جو نام اُچاريو ۽ ان جو ڌيان ڪريو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ڪھ ٽيئون نت ڪيجئي رام نام سي پريم،

رام نام کي سم نهين جپ تپ سنيم نيم.

رام نام جي سمرڻ ہي ڪابہ ساڌنا ڪين آهي. ان ڪري پريميو! پرماتما سان پريم جو ناتو ڳنڍيوءَ. هر وقت اُن کي ياد ڪندا رهو تہ توهان جو جنم سڄايو ٿئي.

٢٩ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن ڪشمور ۾ پڌاريا اتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

انتر باهر رئن دن پوُلو نا هري نام،

جهوا من وا پران سي، ڪھ ٽيئون رٽ رام.

پريميو! رات ڏينهن، اندر من ۾ چاهي وهنوار ڪندي نام جو نالو اُچاريو. سواس سواس سان سائينءَ کي ياد ڪريو. نام سمرڻ سان سڀ ڏک دور ٿين ٿا. هڪ دفعي هڪ دکي منش پنهنجي ڏک دور ڪرڻ لاءِ سنت دادوءَ کان ڏس پڇيو. تڏهن سنت دادو ديال ڪيس ڏک دور ڪرڻ جو اُپاءُ ڏسيندي چيو:

دادو دکيا تب لگي، جب لگہ نام نہ ليھ،

تب هي پاوَن پرم سکہ ميري جيون ييھ.

جيوَ تيسين دکي آهي جيسين هن نام سان نينهن جو ناتو نہ جوڙيو آهي. جيئن ئي هوُ پرماتما سان پريم جو پيچ پائيندو، تيئن ئي هوُ سچي سک جو انڀوُ ڪندو. منهنجي جيون جو آڌار هڪ نام ئي آهي. پريميو! اسانجو سهارو بہ هڪ نام آهي ان ڪري نام نہ وساريو.

سوامي جن ڪشمور ۾ نمرتا جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ منش کي نمرتا جو رستو اختيار ڪرڻ گھرجي. وهنوار چاهي پرمارٿ ۾ نمرتا وارو

گڻ اوگڻ دونو سدا رهتي سب مانھ،
هنس کير کا پان کر، تجي نير وهانھ.

پريميوا هنس جي سامهون توهان کير ۽ پاڻي ملائي رکندا ته هنس اُن مان کير پي ويندو ۽ باقي پاڻي ڇڏي ڏيندو. توهان به هنس بڻجو. گڻ اوگڻ هر ڪنهن ۾ آهن. هنس وانگر گڻ گراهي ٿي ٻين جي اوگڻن جو خيال نه ڪريو. پرائي پڇر نه ڪريو، پرائي گلا ڪرڻ کان دور رهو.

گلا نه منهين ترار آهي. جيڪو گلا ڪري ٿو ۽ جيڪو گلا ٻڌي ٿو. جنهنجي گلا ڪري ٿو. گلا ٽنهي شخصن کي نقصان پهچائي ٿي. پريميوا ان ڪري ڪنهنجي گلا نه ڪريو. گڻ گراهي ٿيو. ٻين جي گلا ڪرڻ سان اوهانجو من اشانت رهندو. هڪڙا ٻه پنڊت گڏجي سڀر تي نڪتا. گهمندي گهمندي هوُ هڪ شهر ۾ آيا. اُتي ڪين خبر پيئي ته شري جئديو سنتن ۽ ودوانن جو ڏاڍو قدر ڪندو آهي ۽ اُنهي سنڪار به دل کولي ڪندو آهي. ٻئي ودوان شري جئديو جي جاء تي آيا. شري جئديو سندن آجيان ڪئي ۽ کين چيو ته اشنان پاڻي ڪري پوڄن ورتايو. اُنهن مان پهرين هڪ پنڊت اشنان ڪرڻ ويو ته شري جئديو ٻئي پنڊت کان پڇيو ته 'توسان جيڪو گڏ پنڊت آيو آهي سو ڪيئن آهي؟' اُن پنڊت پنهنجي اهميت ڏيکارڻ جي خيال کان پنهنجي ساٿي پنڊت جي گلا ڪندي چيو ته اِهو گڏھ آهي، ودوان ٿوروئي آهي. پهريون پنڊت اشنان ڪري واپس آيو ته ٻئي پنڊت جنهن سندس گلا ڪئي سو اشنان ڪرڻ ويو. شري جئديو وري اُن پنڊت کان ٻئي پنڊت بابت پڇيو ته 'ڪيئن آهي؟' اُن وري پنهنجو مهتوَ ڏيکارڻ جي خيال کان ٻئي ساٿي پنڊت جي گلا ڪندي چيو ته 'اِهو وديا مان ڇا ڄاڻي! اُٺ آهي اُٺ!' ٻنهي پنڊتن هڪ ٻئي جي پرپٺ گلا ڪئي. شري جئديو سندن اهڙي ذهين منورتي ڏسي پوڄن جي وقت گاھ، ڪندا ۽ لاٽيون ٻنهي پنڊتن کي کائڻ لاء نوڪر دواران موڪليون. ٻئي پنڊت اِهو کاڌو ڏسي داڻهون ڪرڻ لڳا ته اسانجو اپمان ڪيو ٿو وڃي! اسين منش آهيون. ڇا اسين گاھ ۽ ڪنديون کائيندا سين. سندن داڻهون ٻڌي شري جئديو اُتي آيو ۽ اچي چيائين ته توهان مان هڪ، ٻئي لاء چيو ته اُٺ آهي، ٻئي وري پهرين لاء چيو ته هو گڏھ آهي. توهان هڪ ٻئي کي پاڻ ئي گڏھ ۽ اُٺ سڏيو آهي. ان ڪري مان توهان کي توهان جي انڪوُل گڏھ ۽ اُٺ جو کاڌو ڏنو آهي. اِهو ٻڌي اُهي ٻئي پنڊت شرمندا ٿيا ۽ انجام ڪيائون ته اڳتي هو ڪنهنجي به گلا ڪين ڪندا.

پريميوا هڪ ٻئي کي ڪيرائڻ جي لحاظ کان يا سڀاءُ وس ٻين جي گلا ڪريو ٿا، اِها عادت پاڻ مان ڪڍي ڇڏيو. گڻ گراهي ٿيو. پريوءَ کي نه وساريو. توهان پرماتما کي ياد ڪندا ته پرماتما وري توهان کي ياد ڪندو. جنهن تي پريوءَ جي ديا آهي تنهن کي لهر نکي لوڏو سو سائينءَ جي اوڏو.

١٧ آڪٽوبر سوامي جن جيڪب آباد ۾ آيا. اُتي سوامي جن ست ڏينهن مهاراج شري ڪرشن گر جي آستان تي ستسنگ ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سوامي ڪرشن گر ڪيئن نه هن آستان تي رام جو رنگ لڳايو، سوَن کي پريوءَ جي راھ ۾ ڇڪيو.

هڪ دفعي رشي ويد وياس ڪام جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ ڪام کي روڪڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. ڪام جيوَ کي انڌو بڻائي ڇڏي ٿو. وڏا وڏا ودوان ۽ رشي مني بہ ڪڏهن ڪڏهن ڪام جو شڪار ٿي وڃن ٿا. اُتي ويٺل مني جئمني جو هڪ مهان تپسوي هو، تنهن رشي ويد وياس کي چيو تہ ڪام تي ضابطو رکڻ ڏکيو ڪين آهي. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار، اِهي پنجئي وڪار منهنجي وس ۾ آهن. تڏهن رشي ويد وياس کيس چيو تہ ان جو پتو وقت تي پوندو.

ڪجھ ڏينهن بعد سنڌيا جي سميہ جئمني جبل تان تپسيا ڪري جيئن هيٺ پنهنجي آشرم ڏانهن اچي رهيو هو تہ جهنگل ۾ سندر استري ڏاڍي دل سوز آواز ۾ روئي رهي هئي. مني جئمنيءَ هن کان روئڻ جو ڪارڻ پڇندي چيو تہ تون ڪير آهين ۽ هن مهل هن خوفناڪ جهنگل ۾ ڇو آئي آهين؟ اُن اِستريءَ جواب ڏيندي چيو تہ مان هت پتيءَ سان گهمڻ آئي هيس. مونکي اُڃ لڳي انڪري منهنجو پتي پاڻي پرڻ لاءِ ويو آهي. کيس ڪافي وقت گذري ويو آهي پر اجا ڪين موٽيو آهي. انڪري روئي رهي آهيان. هن وقت مان اڪيلي ڪيڏانهن وڃان؟ مني جئمنيءَ کي اُن اِستريءَ تي ديا آئي ۽ کيس چيائين تہ تون هن وقت هلي منهنجي آشرم ۾ رهہ. هن سنسان جهنگل ۾ تون ڪيئن رهندينءَ. صبح جو تنهنجي پتيءَ جي ڳولها ڪبي. مني جئمني اُن سندر استريءَ کي پنهنجي آشرم ۾ وٺي آيو. کيس کاڌو پيتو ڪارائي پنهنجي آشرم جي هڪ ڪٽيا ۾ کيس وشرام ڪرڻ لاءِ چيو. منيءَ کيس تاڪيد ڪندي چيو تہ ڪٽيا جو در بند ڪري ڇڏج. ڪوبہ رات جو دروازو کولڻ لاءِ چوي تہ نہ کولج، هت راڪشس جام آهن. اُها استري آڳيا انوسار دروازو بند ڪري آرامي ٿي. هيڏانهن مني جئمنيءَ کي ڪام لوڏي وڌو. هو اڌ رات جو اُٿي اُن ڪٽيا جي ٻاهران آيو ۽ در کڙڪايائين. اُها اِستري اڌ ننڊ مان اُٿي پر منيءَ جي آڳيا انوسار در ڪين کوليائين. مني جئمنيءَ چيس تہ مان راڪشس ڪين آهيان. مان ئي مني جئمني آهيان، جنهن توکي رات جو هت اجهو ڏنو آهي. اُن اِستريءَ پئيتا وچان متان ٻيو ڪو شخص منيءَ جو نالو وٺي دروازو کولائيندو هجي، اُن ڪري در نہ کوليو. مني جئمنيءَ کي ڪام جو ايڏو تہ نشو سوار ٿيو جو هوُ ڇت مان ٽپو ڏئي اندر گهڙيو. جيئن ئي هن اُن استريءَ جو هٿ پڪڙيو تہ استري غائب ۽ اُن جي جاءِ تي رشي ويدوياس بيٺو آهي. اُن کي ڏسندي ئي مني جئمني ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ رشي ويدوياس کان ڪميا ورتائين. رشي ويدوياس مشڪندي کيس چيو تہ ڏٺہ ڪام ڪيئن نہ تو جهڙي مها تپسويءَ کي بہ ڪيرائي وڌو. توکي پاڻ تي ڪيڏو نہ ٻانور هو تہ ڪام تنهنجي وس آهي. تون ڪام جي وس آهين، نہ ڪام تنهنجي وس.

پريميو! ڏاڍي ترڪڻ بازي آهي. قدم قدم سنڀالي ڪڻڻ کان پوءِ بہ پريوءَ کي پراپتنا ڪجي تہ پت جي رهجي اچي. ڪام ڪيئن نہ جيوَ کي انڌو بڻائي ٿو. ٻين وڪارن بابت وري توهانکي ٻئي دفعي ٻڌائبو. انهن کان بچڻ لاءِ پرماتما جي شرڻا سان شرڻ وٺو.

١١ آڪٽوبر پوڄنيہ سوامي جن غونٽ پور ۾ پڌاريا اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

هئا. هنن نہ صرف سنڌي سمدايہ کي مگر غير سنڌين، گجراتين ۽ پنجابين کي بہ پنهنجي پيار جي ڏور ۾ ٻڌو، هزارن کي پرماتما جي راهہ ۾ چڪيو. پريميوا توهان بہ سوامي گوالانند مهاراجن جيان جيون ۾ سمرڻ جي ساکي ڏيو. ڀڳوت ڀڄن ۾ ئي سچو آنند آهي. دنيا جا ڪم ڪاريون ڪڏهن بہ پورا ڪين ٿيندا، اسين پورا ٿي ويندا سين. انڪري اهڙن سنتن ستپرشن جو سنگہ ڪريو، جي توهان کي هن ڀوَ ساگر جي ڀيڙ مان پار ڪن.

ساڌ سنگہ سي ترت هئہ، ڪليگہ ۾ نرنار،
ڪهہ ٽيئون ستسنگہ ڪر، من ۾ شرڌا ڌار.

سوامي گوالانند مهاراج ويدانتي ڪوي هئا. هوُ جيوَ کي جاڳرت ڪندي چون ٿا:

موهہ ممتوَ نر تياڳہ ڪي ڌر لي هر ڪا ڌيان،
گوالا سکہ سوُروپ تہ ڪيون باندي اگيان.

سوامي گوالانند مهاراج ويدانت سوتر 'تت توم اسي' جي سمجهاڻي ڏيندي جيوَ کي چون ٿا:

سچدانند روپ تو ڪانهن گرو پرم ڪوپ
گوالا ساڪشي چيتن ڌن، توهي سکہ سوروپ

هي جيوا تون ست چت آنند روپ آهين. تون ڪهڙي ڪارڻ سنسن پرمن جي ڪوهہ ۾ ڪري رهيو آهين. تون پاڻ ساکي چيتن آنند روپ آهين. پريميوا توهان بہ اگيان جي نند مان جاڳرت ٿي پاڻ پڇاڻو. سوامي گوالانند مهاراج پنهنجن ستگرن سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ٽيئونرام گر پورڻ پايا جنم مرڻ ڪا سنشيہ جايا

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سوامي گوالانند مهاراج جا وڏا پراتا بہ هئا تہ ستگرو بہ هئا. سوامي گوالانند مهاراج کي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن لاءِ اٽوٽ شرڌا هئي. پريميو، اوهان بہ اننيہ ڀاوَ سان ستگرن جي شيوا ڪريو. ستگرن جي ڏنل نام جو جاپ ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ نام جو جاپ جپڻ جو آديش ڏيندي چون ٿا:

سڦل ڪرو نہ سواس ڪو گر ڪا شبد ڪمايہ،
ڪهہ ٽيئون گر شبد بن ورٿا ناهين گنوايہ.

٢٨ آڪٽوبر سوامي جن حيدرآباد ۾ پهلاج پوريءَ ۾ ويا، جتي ڪوي پهلاجرام سان روح رهاڻ ڪيائون. ٣٠ آڪٽوبر پوجنيہ سوامي جن ڪوٽڙيءَ ۾ پڌاريا. سوامي جن اُتي چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

ڪهہ ٽيئون اس جڳت ۾، جي تم چاهو سوکہ،
سنتون ڪا ستسنگہ سن، ديهہ نہ ڪسکو دوکہ.

پريميوا ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن توهانکي سچو سکہ کپي تہ سنتن جو ستسنگہ ٻڌو، سنتن جي وچنن کي هنڌايو، ڪنهن کي ڏکويو ڪين. ستسنگہ جي وڏي اهميت آهي. تپسيا کان بہ وڌيڪ مهتو ستسنگہ جو آهي. ستسنگہ بہ

سوامي ڪرشن گر سنتوشي پراُپڪاري پڳت هئا. اهڙا سنت راجائن کان به مهان آهن. اُنهن ماياوي پدارٿن جو تياڳ ڪري آتمڪ آنند پراپت ڪيو آهي. رڌين سڌين هوندي به هو ڏيکاري ڪين ڏيندا آهن.

هڪڙو راجا وزيرن ۽ سپاهين سان سئر ڪندو هڪڙي جهنگل مان لنگهي رهيو هو ته هن جي نظر هڪ وڻ جي هيٺان ويٺل سنت مٿان پيئي. راجا سندس ويجهو وڃي پڇيو 'توهان ڪير آهيو؟' اُن سنت چيو ته مان راجا آهيان. راجا اُن سنت جو جواب ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ته جهنگل ۾ وينو آهي، هي راجا وري ڪيئن ٿيوا راجا اُن سنت کي چيو 'راجا ته مان آهيان. مونکي پنهنجي راجڌاني آهي، لشڪر آهي. سپاهي آهن محل ماڙيون آهن، وزير آهن. توهان وٽ ته هٿ ڪجهه به ڪين آهي.' راجا چئي ٿورو اڳتي وڌيو ته اُن سنت کيس سڏ ڪري چيو هٿ مون وٽ آيو آهين ته ڪجهه نه ڪجهه وٺي وڃ. توکي جنهن شيءِ جي گهرج هجي گهري وٺ. راجا اِهو ٻڌي سنت وٽ واپس آيو ۽ عرض ڪيائين ته مون وٽ سڀ پدارٿ آهن، پر منهنجي جهولي خالي آهي. هڪڙو سپتر گهرجي جو منهنجي پٽ پڌري ڪري. سنت راجا کي آسيس ڪندي چيو ته پرماتما ديالو آهي، تنهنجي جهولي سائي ٿيندي. راجا اُن سنت جي آسيس ٻڌي ڏاڍو باغ بهار ٿيو. هن وري سنت کي ٻيو سوال ڪيو ته شرير ۾ ڳجهي بيماري آهي اُن بيماريءَ مان شفاياب ڪيو. اُن سنت مشڪندي راجا کي چيو 'راجن! توکي هيڏا مال اسباب هوندي پتر سنتان ڪين آهي. هيڏن راجائي سکن هوندي صحت سالم ڪين آهي، اڃا به تنهنجي اندر ۾ ڪي ارمان هوندا! مان ته هٿ نرانڇ آنند ۾ وينو آهيان. هاڻي تون ٻڌاءِ ته راجا مان آهيان يا تون آهين؟ توکي دشمن جي چنتا رهي ٿي ته متان ڪنهن وقت ٻيو راجا چڙهائي ڪري ملڪ نه هڙپ ڪري وڃي. مونکي ڪنهن به قسم جي چنتا ڪين آهي، نه وري ڪا چاهنا آهي.

چاهه نهين چنتا نهين، منوا بيپرواه،
جسڪو ڪڇه نه چاهيئي، وو شاهن ڪي شاه.

راجا اُن سنت جو جواب ٻڌي سندس چرنن تي ڪري پيو. سچا سنت، جن ترشنائن جو تياڳ ڪيو آهي ۽ ڀڳوت ڀڄن ۾ تلين آهن، سي ئي سچا راجائون مهاراجائون آهن. سوين سنساري راجائون سندن در تي مستڪ نوائين ٿا. پريميو! توهان به پنهنجون ترشنائون گهٽايو. نام ڳايو نام ڏيايو، آنند پايو.

٢٥ آڪٽوبر پوڄنيه سوامي جن حيدرآباد سنڌ ۾ سوامي گوالانند آشرم ۾ آيا. اُتي ٢٥ آڪٽوبر کان ٢٧ آڪٽوبر سوامي گوالانند مهاراجن جو ورسي اُتسوُ آيوجت ٿيل هو. سوامي جن ٽيئي ڏينهن اُتي ستسنگ پروچن ڪيو. سواميڄن سوامي گوالانند مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته 'سوامي گوالانند مهاراج مهان ويدانتي سنت هئا. سندن پيشانيءَ مان آتمڪ تيج پيو جهلڪندو هو. سندن آواز ڪيڏو نه بلند ۽ مٺو هوندو هو. سوامي جن جڏهن ڀڄن ڳائيندا هئا ته دلين کي ڏوڏي ڇڏيندا هئا.' ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن وانگر هنن به ڪيڏي نه سنڌي ۽ هندي ڀاشا ۾ ٻاڻي لکي آهي، جنهن جي پڙهڻ ۽ شروڻ ڪرڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. سوامي گوالانند مهاراج مهان مورتي

سنگرو مھاراج بہ فرمائين ٿا:

بڙ ڀاڳي ڀڪتي ڪري، ڪر نہ سڪي درياڳہ

تيئون ڻانتي سروَ ڻہج ھر ڀڪتي ۾ لاڳہ.

٦ نومبر ڪراچيءَ ۾ سوامي جن سوامي نارائڻ جي مندر ۾ ڀڻ ستسنگہ ڪيو. ٧ نومبر سوامي جن امراپور آستان ڻنڊي آدم ۾ واپس آيا. پھرين ستگرو سوامي سروانند مھاراجن کي پرڻام ڪري مليل ڀيٽائون سندن اڳيان ڀيٽ رکي آسيس ورتائون. سوامي گرمکداس، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس ۽ ٻين سنتن سان حالي احوالي ٿيا. سوامي جن اُتي نت نيم ستسنگہ ڪندا ھئا. ٢٥ نومبر سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مھاراج سان گڏجي نام جي پرچار لاءِ سِٽر تي نڪتا. سوامي جن نواب شاھ، ڪنڊياري، شھدادپور، شاھپور چاڪر، ماتلي، تلميار ۽ ميرپور خاص ۾ ستگرو مھاراجن سان گڏجي ستسنگہ پروچن ڪيو. ٢٢ ڊسمبر امراپور آستان تي واپس آيا.

٢ جنوري ١٩٤٦ سوامي جن سوامي سروانند مھاراجن ڪان آگيا وٺي ڪوئٽيا بلوچستان لاءِ روانا ٿيا. رستي تي ڪن شھرن ۾ ستسنگہ جي موج مچائي ١٢ جنوري ڪوئٽيا ۾ پڌاريا. شري دوارڪاداس واڌوا، شري ڪندنداس واڌوا، شري موٽومل روھڙا، شري دوارڪاداس چاولا ۽ ٻين ڪن ستسنگين جن جو پشپ مالھائن سان سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن ويھ ڏينھن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن پنھنجي مڌر زبان، واڻيءَ جي ورچسوتا سبب سڀن کي پريما ڀڳتيءَ جي ڏور ۾ ٻڌي ڇڏيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ توھان ۾ ڪيڏو نہ صدق آھي، پريم آھي. اڄا پاڻ ۾ پريوءَ لاءِ ۽ ستگرن لاءِ وڏيڪ وڏيڪ پريم پيدا ڪيو. جئن جئن توھان جي اندر ۾ اُڪير وڌندي ويندي، تيئن تيئن توھان پريوءَ جي ويجھو ٿيندا ويندا. ور ور 'شري ست نام ساکي' 'جئہ شري ڪرشن' جو منتر اُچاريو تہ توھان جا سواس سڦلا ٿيندا ۽ ڪشٽ بہ ڪافور ٿيندا.

ستگر ڪي ست شبد ڪا اھ نش ڪر ابياس،

ڪھ تيئون سنسار ڪ وگھن ھويہ سب ناس.

ڪوئيٽا ۾ سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ جيو جو جيئڻ يا دنيا ۾ رھڻ پنھنجي ھل تي ڪين آھي. ائين ھرڪو چوندو آھي تہ مان پنھنجي پيرن تي بيٺو آھيان، مان سڀ ڪجھ پاڻ ڪري سگھان ٿو، پر جڏھن ساڳئي شخص کي ڪا تڪليف ٿئي، اوچتو ساھ مٺ ۾ اچي، دماغ جي ڪل ٽڙي وڃي، ڌنڌي واپار ۾ واڌي بدران گھاٽو پوي، اميريءَ مان غريبيءَ جا ڏينھن ڏسڻا پون تہ ھڪدم ڊانوان ڊول! ڀڳوان جي ديا ڪان سواءِ جيوَ جو چاڙھو ڪونھي. پرماتما ئي جيوَ جو ھڪ سھارو آھي. اُن جي رحمت ڪان سواءِ ڪڪہ بہ ڀڃي ھيٺو نٿو ڪري سگھجي. انڪري ايشور کي، ستگروءَ کي سدائين سندس مھر لاءِ ئي عرض ڪجي ستگرن کي وينتي ڪجي:

چرنون ڪا چاڪر ڪرو ستگر ڪرپا ڌار،

ڪھ ٽيئون سيوا ڪرون نش دن تيري دوار.

کنهن وڏ ڀاڳيءَ کي ملي ٿو. پريوءَ جي ڪرپا سان ئي ستسنگ ۽ ڍڻ جو سوڀاڳيه ملي ٿو. گوسوامي سنت تلسيداس چوي ٿو:

بن ستسنگ وويڪ نہ هوئي،
رام ڪرپا بن سلڀ نہ سوئي.

هڪ دفعي رشي وشوامتر ۽ شري وششٽ مني پاڻ ۾ گيان گوشٽي ڪري رهيا هئا تہ اُتي شري وششٽ منيءَ ستسنگ جي مهتو تي زور ڏنو ۽ رشي وشوامتر وري چيو تہ ستسنگ کان وڌيڪ تپسيا جو ڦل آهي. ٻنهي مهاپرشن ان وشيہ تي ڪافي بحث ڪيو. آخر نرڻيہ ڪين ڪري سگهيا. ستسنگ وڏو يا تپسيا وڏي، ان نرڻيہ لاءِ هو جدا جدا ديوتائن وٽ ويا مگر ڪوبہ اُنهن کي پورو نرڻيہ نہ ڏيئي سگهيو. آخر اُهي ٻئي مهاپرش ڀڳوان نارائڻ جي آگيا سان شيش نانگ وٽ آيا. هنن شيش نانگ کان پڇيو تہ ستسنگ وڏو يا تپسيا؟ شيش نانگ وراڻيو تہ منهنجي سر تي سڄي پرٿويءَ جو بار آهي. اُن کي ٿوري وقت لاءِ ڪو سنڀالي تہ مان اوهان کي اوهان جي سوال جو جواب ٻڌايان. رشي وشوامتر پنهنجي ڏہ هزار ورهين جي تپسيا جو ڦل سمرپڻ ڪري پرٿويءَ کي روڪڻ جو سنڪلپ ڪيو پر پرٿويءَ جو چرخو هلندو رهيو. وري مني وششٽ ستسنگ جي هڪ گھڙيءَ جو ڦل ارپڻ ڪندي پرٿويءَ کي روڪڻ جو سنڪلپ ڪيو تہ پرٿوي بيهجي ويئي. تڏهن شيش نانگ چيو تہ توهان جي سوال جو جواب توهان کي ملي ويو. تپسيا کان وڌيڪ ستسنگ جي اهميت آهي. ستسنگ جي هڪ گھڙيءَ جي ڦل ڏيڻ سان بہ پرٿوي اچل رهي ۽ تپسيا جي هزارن ورهين جي ڦل ڏيڻ سان بہ پرٿوي اچل ڪين رهي.

پريميوا جيڪڏهن جيون سڦل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ روز ستسنگ ڪريو. ستسنگ ۾ توهان کي موتي هيرا لعل جواهر ملندا، جي توهانکي مالامال ڪندا. توهانجو هي لوڪ ۽ پرلوڪ سهيلو ٿيندو.

ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ ايڪسٽينشن پرسان سنت هرنامداس جو آشرم 'هرنام پوري' هو. سوامي جن جو سنت هرنامداس سان سنيہ سنٻنڌي هوندو هو. اُنهن جي برهملين ٿيڻ کان پوءِ، ناتو نڀاهڻ جي لحاظ کان پوڄنيہ سوامي جن ٢ نومبر ڪراچيءَ ۾ هرنام پوريءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سنت ديوداس سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ سوامي هرنامداس هڪ ورڪت مهاتما هو، اونهو ابياسي ۽ ودوان هو. يوگ ساڌنا جو بہ ماهر هو تہ جوتش وديا جو بہ ڄاڻو هو. هن آڌياتمڪ ۽ ڌارمڪ وشين تي ڪيترائي سندر پستڪ لکيا، جيئن تہ 'هرنام ولاس'، 'سڌانت سار' وغيره. هن سنت سارڪتاولي ۽ ويچار ساگر جو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اهڙا سنت سدائين امر اجر آهن.

امر ديش ۾ سنت جن نت هي ڪرت نواس،
ڪہ ٿيئون ڪرتي نهين، ڪال ڪرم جهن واس.

پريميو، توهان بہ سوامي هرنامداس جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. وئراڳہ ڌارڻ ڪري ڀڳوت ڀڄن ڪريو. ڀڳتي ڪرڻ جو وجهہ بہ ڀاڳن واري کي ملندو آهي. منش چولي ۾ بہ جيڪڏهن ڀڳوت ڀڄن نہ ٿيو تہ وري ٻي کهڙي جوڻ ۾ سمرڻ ڪبو!

ريڙهيون پائيندي ڏٺو، جو پڻ نماز پڙهڻ لاءِ وڃي رهيو هو. ريڙهين پائڻ سان اُن لنگڙي شخص کي بدن ۾ ڪيڏو نہ ايذاءُ پئي آيو، اُن جو تصور ڪندي شيخ سعدي اندر ۾ ڏٺيءَ ڪان معافي وٺندي چيو تہ الله جي مون تي ڪيڏي عنايت آهي جو هن مونکي هلڻ چلڻ لاءِ سالم عضوا ڏنا آهن. هي پيارو لنگڙو ڪيئن نہ خوشيءَ سان نماز پڙهڻ پيو وڃي.

پريميوا جي سکي ٿيڻ چاهيو ٿا تہ مٿي نہ نهاريو، هيٺ نهاريو. دنيا ۾ ڪيڏا نہ لوڪ دکي آهن! پريوءَ توهان کي ڪيڏا نہ سک سهنج ڏنا آهن، تڏهن بہ توهان پاڻ کي دکي محسوس ڪريو ٿا. پريوءَ توهان کي جيڪي ڏنو آهي اُن تي سنتشٽ رهي نام جپيو، ست ڪرم ڪريو. پڇ ڪريو، وڏڙن جي شيوا ڪريو.

ڪوٽليا ۾ پوجنيہ سوامي جن ستگروءَ جي اهميت تي پروچن ڪندي چيو:

ستگرو ڪي ڪرپا بنا ملي نہ موکش دوار،
ڪھ ٽيئون گر شرن لي اپنا ڪرو اُڌار.

ستگر جي ديا بنا جيوَ جو موکش ڪين ٿيندو. انڪري ستگرو مهاراج فرمائين ٿا تہ منش کي پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺڻ گهرجي. گرو جيڪا آگيا ڪري اُن موجب هلڻ گهرجي. پنهنجي من مٿي هلڻ نہ گهرجي. گرو ڪڏهن ڪڏهن شِشيہ جو امتحان وٺندا آهن، جيڪو اُن پريکشا مان پاس ٿيندو آهي، اُن تي پنهنجي پيار ۽ ديا جي درشٽي ڪندا آهن.

هڪ دفعي فريد صاحب کان سندس مرشد امتحان ورتو. هڪ رات جو زبردست برسات وسي رهي هئي. مرشد سيني مريدن کي چيو تہ باهہ وسائي، بتيون وسائي وڃي آرام ڪريو. اُن رات جو دير سان مرشد شيخ فريد کي حڪم ڪيو تہ 'ابا چلم ٽاهي ڏي.' مرشد کي چلم ٽاهي ڏيڻ لاءِ فريد صاحب ٽانڊي جي ڳولها ۾ نڪتو. چوڌاري ڦريو، مگر کيس ٽانڊو ڪين مليو. هڪ اونداهي رات ٻيو اوڙڪ برسات! هن جي نظر هڪ جهوپڙيءَ تي پيئي، جت بتي ٻري رهي هئي. شيخ فريد ڊڪندو اُتي آيو. اُها هڪ وئشيا جي جهوپڙي هئي. اُن جي گهر باهہ دکي رهي هئي. فريد کيس عرض ڪيو تہ ٽانڊو ڏي. وئشيا وراڻيو 'ٽانڊو ڀلي کڻي وڃ، پر اُنجي عيوض هڪ اک ڏيڻي پوندءِ.' فريد وئشيا کي چيو، 'تون ڀل منهنجي اک ڪڍ، جي اک جي عيوض منهنجو مرشد راضي ٿئي تہ بہ سؤدو سستو آهي.'

فريد صاحب اگر ڪنيو ۽ وئشيا سندس اک ۾ چمٽو وجهي اک ڪڍي رکي. فريد اُن اک هاريءَ جاءِ تي پٽي ٻڌي ٽانڊو کڻي آيو ۽ اچي مرشد کي چلم ٽاهي ڏني. مرشد پڇيو، 'ابا! چلم ڪيئن دکايئہ، ٽانڊو ڪٿان آندءِ ۽ تنهنجي اک تي هيءُ پٽي ڇو ٻڌل آهي؟'

شيخ فريد ساري حقيقت مرشد کي ٻڌائي. مرشد سندس پٽي کوليندي جئن ئي مٿس هٿ رکيو تہ سندس ٻئي اکيون سالم. مرشد کيس چيو 'پيارا فريدا تنهنجي ڪمائي قبول! تون امتحان ۾ ڪامياب وئين، الله نگهبان ٿيندءِ، اعليٰ شان ٿيندءِ.' مرشد مهر

مان جڏهن هردوار ۾ سوامي شنڪرآنند وٽ ويدانت جو اڀياس ڪندو هوس ته ڪن سنتن سان گڏجي اُتان بدري ناٿ ياترا جو ڪاريه ڪرم ٺاهيوسي. مونکي سوامي شنڪرآنند مهاراجن کان ان لاءِ موڪل وٺندي سنڪوچ پئي ٿيو. مون سنت امرداس کي چيو ته تون سوامي جن کان بدريناٿ ياترا جي موڪل وٺ. جڏهن سوامي شنڪرآنند مهاراج سان بدري ناٿ ياترا جو ذڪر ڪيو ويو، تڏهن مونکي سڏي چيائون، 'مون وٽ ويدانت پڙهي به تون وري بدري ناٿ ٿو وڃين! پاڻ ۾ اهڙي شڪتي رک جو بدري ناٿ هت اچي وڃي. نيڪ آ، هاڻي پلي تيرٿن تان ٿي اچ.' مون سوامي شنڪر آنند مهاراجن کان پڇيو ته تيرٿن تي وڃان ٿو، اُنهن کان ڇا گهران؟ ڇاڪاڻ ته چوندا آهن ته تيرٿن تي وڃجي يا ڪنهن ديوتا جي آستان تي وڃجي ته اُن کان ڪجھ نه ڪجھ گهرجي، نه ته ته هوءَ پنهنجو اپمان سمجهندا آهن. هاڻي اوهان صلاح ڏيو ته اُتي تيرٿن تي وڃي ڇا گهران؟

سوامي شنڪرآنند مهاراج چيو ته تيرٿن کان گهر ته 'ايشور ۽ ستگرن جي چرنن ۾ پيار وڌندو رهي.'

پريميو! توهان به هر وقت اِها پرارٿنا ڪريو 'هي پريو! هي ستگرو مهاراج! اهڙي ديا درشٽي ڪريو جو اوهانجي ڪمل چرنن ۾ پيار وڌندو رهي.' جنهن تي ڪامل گروءَ جي ڪرپا درشٽي آهي، اُن کي ئي داتار جو درشن ٿئي ٿو. اُهوئي آنند پراپت ڪري ٿو. سامي صاحب فرمائي ٿو!

ستگر پرکه سڄان، رکيو هٿ مٿي تي،
مٿي ويئي من مون، سامي ڪنچاڻاڻ،
وسيو مينگھه مهر جو، پريا نينهن نياڻ،
اچي بيٺم پاڻ، سنمکه منهنجي سپرين.

سوامي جن ستسنگه ڪندي چيو ته اسان مان ڪيترا ان ڪري دکي آهن جو هو ٻاڻي تي پنا نٿا رهن. پريوءَ جيڪي ڪين ڏنو آهي تنهن تي راضي ڪين آهن.
سامي صاحب چوي ٿو:

سدا ڪر شڪر، سامي در دوستن جي،
پاوين ملي مليدو، پاوين سڪو ٽڪر،
رکي چاھ اندر ۾ گهٽ وڌ ڪڏهن نه گهر،
نور اُنهيءَ ۾ ٽر، ته خاصو خلوتدار ٿين.

جيڪي پرماتما اسانکي ڏنو آهي ان تي خوش رهون. ٻين کي ڏسي ريس ۽ هوَس نه ڪريون، نه ته اشانت رهڻو پوندو.

گرميءَ جي مؤسم، منجهند جو ٽاڻو اُس هئي. شيخ سعدي مسجد ڏانهن نماز پڙهڻ لاءِ وڃي رهيو هو ته هن رستي تي هڪ شاهوڪار کي پٺ مسجد ڏانهن ويندو ڏٺو، جنهنجي سهڻي جتي چيچاٽ ڪري هئي. شيخ سعدي اندر ۾ اُداس ٿي چوڻ لڳو، رب وٽ انصاف ڪونهي. مونکي پراڻي چٻل جتي به ڪونهي ۽ هن شاهوڪار کي ڪهڙي نه سهڻي جتي پيئي آهي! شيخ سعدي اڃا ٿورو اڳتي وڌيو ته هن هڪ لنگڙي شخص کي مسجد طرف

نت نيم رام نام سمرڻ ڪندا رهون ته اسانجا شاريرڪ ۽ مانسڪ دک دور ٿي ويندا ۽ من جي شانتي پراپت ٿيندي.

۱ مارچ پوڄنيه سوامي جن پني عاقل ۾ پڌاريا. اُتي سواميجن هفتو کن ستسنگ ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

برا ڪسي ڪا نا ڪرو، سڀ ڪا ڀلا وچار،
ٿيئون برائي جو ڪري، تانڪا ڪر اُپڪار.

ڪي اگياني درويشن کي، سنتن کي ستائيندا آهن. ڪنهن کي به ستائڻ پاپ آهي. اُن جو نتيجو ڏاڍو برو ڀوڳڻو پوي ٿو. ڄڳننات پوريءَ کان ڏهن ڪوهن جي دوريءَ تي پپل چٽي ڳوٺ ۾ رگهو مهاٽو رهندو هو. هوُ پنهنجي گهر ٻار جي اُدرپورٽا لاءِ مهاٽڪو ڪم ڪندو هو. هڪ ڏينهن جڏن ئي هن هڪ مڇيءَ کي پڪڙيو تيئن مڇيءَ جي مک مان آواز نڪتو 'رکشا ڪريوا ڀڳوان نارائڻ رکشا ڪريوا' مڇيءَ جي مک مان اِهو آواز ٻڌي رگهو مهاٽو عجب ۾ پئجي ويو. هن هڪدم اُن مڇليءَ کي پاڻيءَ ۾ وڌو. مڇليءَ جي انهن لفظن مهاٽي رگهو جي زندگيءَ ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. هوُ مهاٽڪو ڌنڌو ڇڏي سڄو وقت نارائڻ نارائڻ اُچارڻ لڳو. رستي تي پنڌ ڪندي، اُٿندي وهندي بس نارائڻ نارائڻ اُچاريندو هو. هڪ ڏينهن ٻارن جي ٽوليءَ مان هڪ ٻار پياري رگهوءَ کي چار پنج پٿر هنيا، تڏهن به پيارو رگهو نارائڻ نارائڻ رٽيندو رهيو. جهٽ کان پوءِ هٽندڙ ٻالڪ اوچتو گذاري ويو. مائٽن ۾ رودن مچي ويو. ٻالڪ جي ساٿين گهر وارن کي ٻڌايو ته ڪيئن نه اُن ٻالڪ رگهو مهاٽي کي پٿر هنيا. گذاري ويل ٻالڪ جا ماتا ۽ ڪجهه ٻالڪ رگهو مهاٽي وٽ معافي وٺڻ ويا. پيارو رگهو ڀڳت چوڻ لڳو ته پيارا مونکي خبر به ڪين آهي ته ڪنهن پٿر هنيا. پريو ڀلي ڪندو. مائٽن جي زور ڀرڻ تي ڀڳت رگهو اُن ٻالڪ جي گهر ويو. هن ٻالڪن ۽ گهر جي مالڪن کي چيو ته اچو ته گڏجي ڪري پريوءَ کي پرارٿنا ڪريون ته پرماتما هن ٻالڪ تي ڪرپا ڪريو، ڪيس جيئدان ڏيو. رگهو ڀڳت گڏجي ڪري درد ڀري پڪار ڪندي پريوءَ کي ٻالڪ لاءِ پرارٿنا ڪئي مس ته مئل ٻالڪ جيئرو ٿي اُٿي ڪڙو ٿيو. ماتا پتا جي شرير ۾ نئون ساهه پيو. ڀڳت رگهوءَ کان معافي ورتائون. پريميوا ڪک جو به رنج نه ڪٽجي.

۷ مارچ پوڄنيه سوامي جن گهوٽڪيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

پريم سچا بڍتا رهي، جو ڪب گهٽتا ناهه،
ڪهه ٿيئون دک سوک ۾، اڪ رس رهه من مانهه.

سنساري ماڻهن، سنبنڌين سان ڪڏهن پريم گهٽ آهي ته ڪڏهن وڌ آهي. موهه جي ڪري اُهو پريم نشڪام ڪين آهي. ڪڏهن من باغ بهار هوندو ته ڪڏهن دکي، اشانت، پر پريوءَ لاءِ پريم ۽ پريوءَ جي پيارن سنتن ستپرشن لاءِ پريم ڏينهون ڏينهن وڌندو ويندو آهي. سچو پريمي دک سک ۾ سمان ڀاوَ ۾ رهي اُنئي پهر پنهنجي پريتم جو ئي ڌيان ڪري ٿو. ڪيترا ڀڳت دک کي دک ڪري ڪين ليکين ٿا. ايتري قدر جو پريم جي

قبول! تون امتحان ۾ ڪامياب وئين، الله نگهبان ٿيندءِ، اعليٰ شان ٿيندءِ.' مرشد مهر ڪئي. فريد لعلون لعل ٿي پيو. مرشد جي مهر مريد کي رڱي ڇڏيو.

پريميو! توهان بہ ايشور ۾، ستگرن ۾ پورڻ وشواس رکي پرارٿنا ڪريو:

ستگر مجھکو دان دي، پريم يکت وشواس،

که نيئون نت سمت دي، سنتن ماهه نواس.

اوهان جي پرارٿنا ستگرن جي در قبول پوندي ۽ ايشور ڪرپا سان توهانجا ٻيڙا ٻني لڳندا.

سوامي جن ساري سنگت کي دنيواد ڏيندي چيو تہ توهان ڪيڏو نہ پريم ڏيکاريو آهي، عزت ڏني آهي، اُن لاءِ داس آڀاري آهي. پريوءَ جي پريم جي راهہ ۾ اڳتي وڌندا رهو. جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏئي منش چولو سڦلو ڪريو. سوامي جن 'ست نام ساکي سرب آڌار' جي ڏني لڳائي پلئہ پاتو.

۲ فيبروري سوامي جن ڪوئيٽا جي پريمين کان موڪلائي روانا ٿيا. ڪيترن پريمين جي اکڙين ۾ پريم جا آنسون هئا. ۳ فيبروري سوامي جن جيڪب آباد ۾ پڌاريا. اُتي چار ڏينهن امرت ورکا ڪيائون، اُتان وري ۷ فيبروري ڪشمور ويا. اُتي پنج ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيائون. ۱۳ فيبروري سوامي جن ڪنڌڪوٽ ۾ پڌاريا. اُتي هفتو ڪن جدا جدا وشين تي پروچن ڪري پريمين جو مارگہ درشن ڪيائون. ۲۱ فيبروري سوامي جن شڪارپور ۾ آيا. اُتي هفتو ڪن ستسنگہ جي مؤج مچايائون. اُتي سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

نام ليئا تن سب ڪيئا، سندر جپ تپ نيم،

تيرٿ رٽن سنان ورت، تلا بٽٽ دت هيم.

پريميو! رام نام جو سمرڻ اُتم ساڌن آهي. سنت سندرداس بہ فرمائي ٿو تہ جنهن سمرڻ ڪيو، تنهن سڀ جپ تپ تيرٿ دان اشنان ڪيا. تارازيءَ جي هڪ پڙ ۾ سون ۽ ٻئي پڙ ۾ تيرٿ ياترا، اشنان ۽ ورتن جو ڦل وجهجي، پر نام جي سمرڻ کان اِهي سڀ گهٽ آهن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج بہ فرمائين ٿا:

چار اٺاره هٽ کہ کل هري نام آڌار

کہ ٽيئون جو جپت تنهن، تس کا هوت اُڌار.

چار ويد، اٺاره پراڻ، ڇهہ شاستر ڪليگہ ۾ هري نام جي پرڌانتا ڏيکارين ٿا. جيڪو شرڌا ۽ وشواس سان نام جو سمرڻ ڪري ٿو تنهن جي مڪتي ٿئي ٿي. رام نام ۾ وڏي شڪتي آهي. جيڪو وشواس رکي رام جو نام اُچاري ٿو، ان جو ڏک دور ٿئي ٿو. ڪاشيءَ ۾ هڪ ساهوڪار کي ڪوڙهہ جي بيماري ٿي پيئي. هن گهڻو ئي علاج ڪيو مگر ڪوڙهہ مان شفاياب ڪين ٿيو. هو زندگيءَ مان بيزار ٿي پيو. هن سوچيو تہ ههڙي جيئڻ کان مرڻ بهتر آهي. اِهو ارادو ڪري هو گنگا جي ڪناري آيو تہ گنگا ماتاجي گود ۾ سمائجي وڃي هميشهہ لاءِ سکي ٿيان. ڪناري تي سنت ڪبيرداس جي شِشيہ پدمناڀ هن کي ٻڏڻ ڏسي مٿس ڪهل آندي ۽ کيس صلاح ڏني تہ ٽي دفعا رام نام اُچاريندي گنگا مئيا ۾ ٽبي ڏي تہ ڀڳوان ڀلي ڪندو. سنت پدمناڀ جي آگيا موجب اُن ڪوڙهيءَ ٽي دفعا رام نام اُچاريندي جڏهن ٽي گنگا مئيا ۾ ٽبي ڏني تہ سندس ڪايا پلٽجي

پريو پرارٿنا سان گڏ پريوءَ جي ڏني مان ڪجهه دان ڪريو. دان ڪريو نشڪام ڀاونا سان، تڏهن اُهو اوهانجو ڪٽڪو ڪرتار وٽ قبول پوندو.

تين ڪرم نت هي ڪرو ڀڄن دان اشنان،
ڪهه ٽيئون ان تين سي، ڪل ۾ هو ڪليان.

منش کي روز دان، اشنان ۽ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان سندس ڪلياڻ ٿيندو.

سوامي جن چيٽ جي ميلي کان پوءِ پندرهن ڏينهن کن آستان تي رهيا. پوءِ وري مهنو کن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سان جدا جدا شهرن ۽ ڪن ڳوٺن ۾ نام جو پرچار ڪيائون. ٢ جون حيدرآباد سنڌ ۾ سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي آيا. ٣ جون کان اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسؤ آيوجت ڪيل هو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي بسنترام، ڪوي ڀهلاجرام ۽ ٻين سنتن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪندي ڪين شرڌانجلي ڏني. پوجنيه سوامي جن ان موقعي تي دلسوز آواز ۾ هينيون ڀڄن ڳايو:

سنياري تو منڙو، پرين کي سدائي،
گهڻا ڏينهن گذريا، رهي مون جدائي.

١. بدن منهنجو هتڙي، ته هر ڪو ڏسي ٿو،
مگر منهنجو منڙو، پرين ڏي وسي ٿو،
پلايان نه پلجن، جني لنوڙي لائي، سنياري تو...

٢. گهڙي هڪ ٿي گذري، ورهه ڏي ڏيکائي،
پرين جي وڇوڙي اندر آگ لائي،
ملڻ لاءِ تڙڦي، وٽي ڀي نه وائي، سنياري تو...

٣. وڃڻ لاءِ سواري، هجي جي نه ڪائي،
وڃان پيرين پنڌ پي، پرين ڏي مان پائي،
ويهڻ منهنجو وهه ٿيو، ڳجهي تار آئي، سنياري تو...

٤. ڪهي ٽيئون پل پل پرين کي پڪاريان،
ملن شال مونسان ته گڏجي گذاريان،
پري ٿيان نه پل هڪ، اندر ۾ اِهائي، سنياري تو...

پوجنيه سوامي جن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سوَن کي ’ست نام ساکي‘ منتر ڏيئي سندن لوڪ پرلوڪ سهيلو ڪيو. اسين به سندن ڏنل نام

پرپاڙ ڪري ڪين دک جو احساس ئي ڪين ٿئي ٿو. هڪ درويش کي ڪا شاريرڪ تڪليف ٿي پيئي، تڏهن بہ پيو مشڪندو هو. تڏهن هڪ پريميءَ پڇيس ڇا، توهان کي بيماريءَ سبب تڪليف ڪين ٿي ٿئي؟ ان درويش وراڻيو:

پريان سندي پار جي، مڙيوئي مٺائي،

ڪانهي ڪڙائي، چکين جي چيت ڪري.

ڏٺيءَ تہ قرب ڪري مونکي سورن جي سوغات موڪلي آهي. سوغات حاصل ڪري سکي ٿيو آهي يا دکي!

سور سختيون سالڪن کي محب مهمانيون مکيون.

جنهن سان نشڪام پريم جو ناتو ٿئي ٿو، اُن جو ڌيان ڪندي دک جو احساس ڪين ٿو ٿئي. مصر جي استرين يوسف کي ڏسندي ڇرين سان ليما ٿي ڪٽيا، سي يوسف جي سونهن ڏسندي اهڙو تہ مگن ٿي ويئون جو ليمن ڪٽيندي سندن آڱريون وڍجي ويئون، پر تڏهن بہ ڪين ايذاءُ جو احساس ڪين ٿيو. پريميوا جڏهن هڪ دنيوي ماڻهوءَ جي سونهن ايڏو مشتاق ڪري ڇڏي ٿي؛ تڏهن پرماتما جي عجيب سندرتا ۽ اٿاه اسيم سرشٽيءَ جو ڌيان ڪندي ڀڳت تلين نہ ٿيندو!

پريميوا روز ڪجھ نہ ڪجھ وقت دنيوي ڪمن کي پاسيرو رکي، نشٺا سان پربوءَ جو ڌيان ڪريو. سندس نام اُچاريو. مايا کان منهن موڙيو؛ پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو تہ توهان جو هي جنم سڦلو ٿيندو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

شڀ اوسر يھ نش تن، ملا ڀاڳ سي توھ،

ڦنس ڪر مايا موھ ۾، ٿيئون تان مت ڪويہ.

پرماتما، ستگرن ۽ سنتن لاءِ اندر ۾ اُڪير وڌايو!

۱۵ مارچ پوڄنيہ سوامي جن امراپور استان ٽنڊي آدم ۾ واپس آيا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي سادر نمسڪار ڪري، مليل ڀيٽائون سندن چرنن ۾ ڀيٽ رکيائون ۽ سفر جو احوال ڏنائون. سوامي جن ان بعد پريم پرڪاش منڊل جي ڀين سنتن سان مليا. سوامي جن اُتي آستان تي نت نيم ستسنگ ڪندا هئا.

اپريل ۾ چيٽ جو ميلو امراپور آستان تي ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان ملهايو ويو. ڪيترائي سنت مهاتمائون سوين صدقي پريمي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي گرمکداس مهاراج، سوامي ماڌوداس، سوامي بسنترام ۽ ٻين سنتن ستسنگ پروچن ڪيو. ان موقعي تي سوامي جن پڻ ستگرو سوامي مهاراج جي اسيم ڪرپا جو ورڻن ڪندي سندن مهما جو ڀڄن ڳايو. سوامي جن چيو تہ سوامي ٽيئونرام مهاراج ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. اسين بہ سندن نقش قدمن تي هلي نام جو سمرڻ ڪريون، زبان سان نہ، پر دل سان پربوءَ کي پرارٿنا ڪريون. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

هرديہ سي جب پرارٿنا ڪھ ٿيئون ڪر ڪويہ،

ڀڳوت کي تب ڪام ۾ پهنچت شيگرھ سويہ.

تي وينل ڏسي منٽ ڪئي تہ فقير صاحب هيٺ لهي اچو. پهرين توهان ڪاڏو ڪاٺو پوءِ اسين ڪاڏو ڪاٺينداسين. وتايو فقير من ۾ سوچڻ لڳو تہ هونءَ پاڻ ڪاڏي لاءِ در در ڀٽڪندو آهي اڄ ڪيس ڪاڏو ڪاڻڻ لاءِ منٿون ڪيون وڃن ٿيون. ماڃين جي منٽ تي وتايو فقير وڻ تان هيٺ لٿو ۽ طرحين طرجين جا طعام ڪائي ڍءُ ڪيائين ۽ ماڃين کي دعا ڪيائين. ٽئين ڏينهن ڪيس وري مرشد مليو ۽ ڪائنس پڇيائين تہ وتايا ڪر خبر سائين سار لهي ٿو نہ؟ وتايي سربستي ڳالهہ مرشد سان ڪندي چيو تہ 'سائين سار لهي ٿو، پر ڪنگهائي ڪنگهائي!''

پريميوا وتايي فقير يقينو رکي ڪئي تہ ڏٺيءَ سندس ڪيئن نہ سار لڌي. توهان بہ روٽي روزيءَ جي چنتا نہ ڪري ڀڳوت ڀڄن ڪريو تہ ڀڳوان توهان جي سنڀال ڪندو. توهان ڪان وڌيڪ توهان جي اون سائينءَ کي آهي.

تيري روزي تجهڪو ديوندي تو دل وچ ڪر آرام،
داني داني پر لکا هئہ اُس کاني والي ڪا نام

١٥ جون پوجنيہ سوامي جن شاهپور چاڪر ۾ آيا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

ڌرم ڪرم نا ڇوڙيئي، جب تک تن ۾ سواس،
ڪهہ ٽيئون ڪرتي رهو، ڏاري من وشواس.

منش ديهہ جي سارٿڪتا آهي، ويچار سان ڪرم ڪرڻ ۾. پرماتما جي پرڪرتيءَ جو اٽل نيم آهي. ڪم ڪندڙ يا ڪم اچڻ واري شيءِ قدرتي سنسار ۾ عزت پائي ٿي ۽ ان جي ئي سوڀيا ٿئي ٿي. ماڻهن کي ان شيءِ لاءِ چاهہ وڌي ٿو. بنا ڪم اچڻ واريءَ شيءِ لاءِ ڪنهن کي پيار ڪونهي. انهيءَ لاءِ منش کي بہ پنهنجي مرتبي وڌائڻ لاءِ ۽ پنهنجي سوڀيا وڌائڻ لاءِ ڪرم ڪرڻ ضروري آهي. بنا ڪرم ماڻهوءَ جو ملهہ نہ ٿيندو آهي، ڪم واري جو ئي ملهہ آهي. ماڻهو ڪيڏي بہ عقل وارو هجي، ڪهڙي بہ روپ وارو هجي يا ڪيڏي بہ مرتبي وارو هجي، پر جيڪڏهن ڪرم شيل نہ آهي تہ ڪنهن کي بہ نہ وڻندو. مٿين ڳڻن هوندي بہ ڪم ڪرڻ ڪانسواءِ ڪرندو ويندو. انهيءَ ڪري ڀڳوان شري ڪرشن ڀڳوت گيتا ۾ چيو آهي تہ ڪرم ڪرڻ تنهنجو اڌڪار آهي، پر ڪرم ڪنهن لاءِ ڪرڻ گهرجي انهيءَ کي سمجهڻو آهي.

جيتري قدر ڪرم ڪرڻ جو ميدان وڏو هوندو ۽ وڏيءَ دل سان ڪيو ويندو ۽ وڏي مقصد سان ڪيو ويندو، اوترو سنو ٿيندو صرف پنهنجي سوارٿ لاءِ تنگہ دليءَ سان جيڪو ڪرم ڪيو ويندو، اُنهيءَ ڪرم جو ڪجهہ بہ مهتو نہ آهي. پريوار، شهر، جاتيءَ، ديش ۽ وشو جي هرهڪ پراڻيءَ جي سک شانتيءَ لاءِ ڪرم ڪبو تہ اُهو ڪرم انسان کي مرتبو ڏيندو. جيتوڻيڪ ڪيترا وويڪي پرش گيان جي ساراهہ ڪندا آهن پر جي چڱيءَ طرح ويچار ڪبو تہ گيان موجب ڪرم نہ ڪرڻ ڪري گيان جو ملهہ نہ رهندو. جي جاڻ موجب نشڪام ٿي نر اهنڪاري ٿي ڪم ڪبو، تڏهن گيان جي سڦلتا يا سوڀ آهي.

جيئن تہ ڪنهن کي روٽي پچائڻ جو گيان آهي، پر پچائڻ لاءِ ڪرم نہ ڪندو، بڌايو

ور ور اُچاريون.

ستگر کي ست شبد کا، سمرن کر هروار،
ڪهه ٽيئون جنهه سمرتي، انيؤ کلي دوار.

ستگرو مهاراج سيني پراڻين کي پنهنجو پيار پيئاريندا هئا. هوُ ڪروڻا جا ساگر هئا. ستگرو مهاراج ماس کائڻ جي خلاف پرچار ڪندا هئا. جئن ساهوارن کي ٻه جيئدان ملي ۽ منش جو ٻه ڪلياڻ ٿئي. هڪ دفعي هڪ پريميءَ ستگرو مهاراجن کي ٻڌايو ته ميران پور جهوڪ ۾ صوفين جو وڏو ميلو آهي، جتي هندو مسلمان سڀ ايندا آهن. اُتي هوُ آهار ڪندا آهن. ڪيترن گگدامن جو ان ڪري قتلام ڪيو ويندو آهي. اِهو ٻڌي سوامي جن جي دل پگهرجي پيئي. ميلي جي موقعي تي پنهنجي منڊليءَ سان ميران پور جهوڪ ۾ پڌاريا. اُتي ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سنگت کي وينتي ڪئي ته ماس آهار کان بنهه پري رهو. سڀ سنت مهاتمائون پير پيغمبر اِهائي سکيا ڏين ٿا ته ڪنهن ٻه جيوَ کي نه ستايو. ستگرو مهاراجن جو اُپديش ٻڌي ڪيترن ئي مانس نه کائڻ جو سنڪلپ ڪيو. اُن سال درگاهه جي گادي نشين پڻ ستگرو مهاراجن جو عرض قبول ڪري مانس جو واهپو بند ڪيو. ستگرو مهاراج ڏاڏا ديالو ۽ پر اُپڪاري هئا. اچو ته اسان ٻه سندن آدرشن تي هلڻ جي ڪوشش ڪري منش جيون سڦل ڪريون.

١٠ جون سوامي جن ميرپور خاص ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

اُدر ڀرن کي ڪارني، ڀٽڪت ڪاهه اجان،
تياڳي چنتا پيٽ کي، سمرو شري ڀڳوان.

پريميوا پيٽوڙي پيٽ ڀرجڻ جو ڪين آهي. جيو رات ڏينهن پنهنجي ترشنائن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڀٽڪي رهيو آهي. مايا جو اهڙو چڪر آهي جو منش کان مالڪ وسري ويو آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا ته منش کي پنهنجي گذر جي چنتا نه ڪرڻ گهرجي. ڀڳوت ڀڄن ۾ جنم سڦلو ڪرڻ گهرجي. جيڪي پرماتما کي ياد ڪن ٿا، پرماتما اُنهن جي سار لهي ٿو. هڪ دفعي وتايو فقير اُن پيٽ جي چڪر ۾ گهمي رهيو هو ته کيس مرشد مليو. مرشد چيس فقير ٿي ڪري پيو ڀٽڪين! ڌڻيءَ جي وجي بندگي ڪر. پاڻهي سائين تنهنجي سار لهندو. مرشد جا اهي لفظ ٻڌي سڌو ڳوٺ جي ٻاهر جهنگل ۾ آيو. اُتي هڪ وڏي وڻ جي ٽاريءَ تي ويهي ڌڻيءَ جي بندگي ڪرڻ لڳو. رات ٿي ته هيٺ لٿو. کيس بک لڳي پر جهنگل ۾ ڪاڏو ڪٿان اچي! بنا ڪاڌي ئي سمهي پيو. صبح ٿيو، وري وجي وڻ جي ٽاريءَ تي وينو. کيس بک ستايو پر وري کيس مرشد جا لفظ ياد آيا ته الله جي عبادت ڪر. الله سار لهندو. وتايو فقير وڻ تي ويهي بندگي ڪرڻ لڳو. منجهند جو وقت ٿيو ته هڪ مڄ اُن وڻ جي هينان اچي ويٺي. مڄ وارن کي بک لڳي هئي سو پاڻ سان آندل ڪاڌي پيتي جو سامان کوليائون. کين طرحين طرحين جا طعام ساڻ هئا. وتايو مٿان وينو لقاءُ ڏسي، پر من ۾ سوچيائين ته گهرٽو ڪنهن ٽان ڪين آهي. طعمن جي خوشبوءِ سبب کيس ٿوري ڪنگهه ٿي. جيئن ئي وتايي ڪئون ٽئون ڪئي ته وڻ هيٺان ويٺل ماڃين جي مٿس نظر پيئي. ماڃين وتايي فقير کي وڻ

سان مرشد جي خدمت ڪندو رهيو. آخر مرشد وٽ قبول پيو ۽ مرشد مٿس مهر جي نظر ڪئي. ڪڏهن ڪڏهن مرشد يا ستگرو ششيه جي پريکشا وٺندا آهن. ششيه کي سڀ ڪجهه خوشيءَ سان سهڻ گهرجي. جيڪو سهندو سو لهندو. ڪس ڪائيندين جس پائيندين ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن ستگرو مٿس رحمت ڪندو.

آريه سماج جو سنسٿاپڪ سوامي ديانند پنهنجي گروءَ سوامي ورجانند جي ڏاڍي صدق سان سيوا ڪندو هو. سوامي ورجانند هر روز جمنا جي جل سان اشنان ڪندو هو. سوامي ديانند هر روز صبح جو سوير جمنا نديءَ جي ڪناري تي وڃي گروءَ لاءِ جل ڀري کڻي ايندو هو. ان بعد سوامي ديانند آشرم جي صفائي ڪندو هو هڪ ڏينهن صفائي ڪندي ڪٿي ٿورو ڪچرو رهجي ويو ۽ سوامي ورجانند جو پير اچانڪ اُن ڪچري کي لڳو. ان ڪري هُو هڪدم ڪاوڙ ۾ اچي ڏنڊي سان سوامي ديانند کي مارڻ لڳو. سوامي ديانند پهرين ته صبر سان گروءَ جا ڏنڊا سهندو رهيو، پر جڏهن گروءَ ڏنڊا هڻڻ بند نه ڪيا، تڏهن سوامي ديانند گروءَ کي وينتي ڪئي ته منهنجو شرير سخت آهي، ڏنڊن هڻڻ سان اوهانجي ڪومل هٿن کي ايذاءُ نه ايندو هجي، ان ڪري مونکي وڌيڪ نه ماريو. ششيه جي اِها وينتي ٻڌي گرو سوامي ورجانند ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ هن سوامي ديانند کي گلي لڳايو. پريميو ۽ شرڌا سان ستگرن جي سيوا ڪندا ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن ستگرو مهاراج توهان جي مٿان مهر جو مينهن وسائيندا.

ستگر جهڙو شاهه، ڪين ڏٺوسين ڪاٿهين،
پرچي ڏنو جنهن پوربي، آتم ڌن اٿاهه،
نڪي پڇيائين ذات پات، نڪي پڇيائين راهه،
ڪري من اڇاهه، سامي ڇڏيائين ڇن ۾.

٢٨ جون سوامي جن ڪنڌوءَ ۾ پڌاريا. اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آستان تي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته هيءُ ڪنڌوءَ جي ڀومي مهان پوتر آهي، ڌنيه ڌنيه آهي! جتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جنم ورتو. ستگرو مهاراج ننڍڙا ٻالڪ هئا تڏهن سندن گهر ۾ نت نيم ستسنگ ٿيندو هو. ڪيترائي سنت مهاتمائون جدا جدا وشين تي ڪٿائون ڪندا هئا. ستگرو مهاراجن تي ٻچپن ۾ ئي ڪٿا شروڻ جو ڪافي پرڀاءُ پيو.

ڀڳوت ڪٿا شروڻ سان منش جي ويچارن ۽ وهنوار ۾ ته پريورتن اچي وڃي ٿو، پر سندس آئينده به روشن ٿئي ٿو. رشي نارد اڳئين جنم ۾ هڪ داسيءَ جو پٽ هو. اُها داسي رشين منين جي سيوا ڪندي هئي. رشي مني جڏهن ڪٿا ڪندا هئا ته هي ٻالڪ اُنهن جي ويجهو وڃي ڪٿا ٻڌندو هو. اُنهن رشين منين جون ڪٿائون ٻڌي سندس من ۾ ڀڳتي گيان وئراڳه پيدا ٿيو. ان سبب ٻئي جنم ۾ اُهو ٻالڪ برهما جو پٽر بڻيو ۽ مهرشي نارد جي نالي سان پرسڌ ٿيو. سندس دل ۾ پرڀوءَ لاءِ ايڏي ته ڀڳتي ڀاونا هئي جو هن کي ڀڳوان جي دل ڪري سڏيو ويندو آهي. راجا پريڪشت شريمد ڀاڳوت جي ڪٿا ٻڌي پرم گتي پراپت ڪئي. ڀرنگه ڪيڙيءَ کي پڪڙي مٽيءَ جي کوپي ۾ رکندو آهي

ڇا هو روئيءَ جو سڪ وٺي سگهندو؟ تيئن گيان به تڏهن سڪ ڏيندو جڏهن ڪرم ڪبو. توهان پلي اتهاس ڏسو ته انهن جا ئي نالا اتهاس ۾ اڇن ٿا جن گيان موجب ديش، جاتيءَ ۽ ڌرم لاءِ ڪم ڪيو آهي.

شري لوڪمانيه تلڪ، مهاتما گانڌي، سوامي وويڪانند، شري اربندو گهوش وغيره، اِهي به گياني هئا، پر ڪرمٺ هئڻ ڪري ڪيڏو نه انهن جو اوچو درجو ۽ مرتبو ٿيو. ايڏي مهما صرف ويچار سهت ڪرم ڪرڻ جي ئي آهي. جي صرف پڙهيل آهن ۽ ڪرم ڪلا اُنهن ۾ نه آهي ته ڇڻ سنسار ۾ آهن ئي ڪونه توهان پاڻ ڪرم ڪريو ۽ ٻين کي ٻڻ ڪرم ڪرڻ لاءِ پريرت ڪريو. آلسي ۽ سست ٿي وقت نه گذاريو. ديش، سماج يا ڌرم جي لاءِ وڏي اُمنگ سان ڪاريه ڪريو.

٢١ جون پوجنيه سوامي جن شهدادپور ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن ستسنگ ڪيائون. اُتي پوجنيه سوامي جن دان جي وشيه تي ستسنگ ڪندي چيو ته دان ڪرڻ سان ڌن وڌندو آهي. ڪوهه مان جيترو به پاڻي ڪڍو ته ڪوهه کين ڪلندو. تيئن داني منش جو هٿ ڪڏهن کين منجهندو. پڳوان کيس ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ مالامال ڪري ٿو. ڪڇ جي طرف جڳڙوشاه رهندو هو. هي پيارو خوب دان پڇ ڪندو هو. هڪ دفعي سوڪ سبب اڪال اسٿتي پيدا ٿي. هي پيارو ٻين شهرن مان اناج گهرائي گهرجائن کي مفت ۾ ڏيندو رهيو. پنهنجو ڪيترو ناڻو هن دکين جي خدمت ۾ خرچ ڪيو. سندس گهر جا ڪي ياتي سندس ان دان ورتيءَ سبب ناراض به ٿيا، مگر هي پيارو شيوا جي ڪيتر ۾ اڳتي وڌندو رهيو. هڪ ڏينهن ڪن لٽيرن کي مينهن جا وڏا ٽڪر هٿ لڳا. هنن اُهي مينهن جا ٽڪر جڳڙوشاه کي وڪيا. هڪ ڏينهن سندس گهر جي ايوان ۾ باهه پئي ٻري. مينهن جو هڪ وڏو ٽڪر باهه جي پرسان اچي ڪريو. باهه جي گرمائش سبب مينهن رجڻ لڳي. اوچتو جڳڙوشاه جي نظر اُن رجيل مينهن تي پيئي. اُن رجيل مينهن جي اندر سون جا ٽڪر سمايل هئا. اِهو ڪوتڪ ڏسي جڳڙوشاه وري ٻيو مينهن جو ٽڪر باهه جي اڳيان رکيو. رجڻ بعد اُن مان به سون نڪتو.

اهين ڪندي سيني مينهن جي ٽڪرن مان سون نڪتو. جڳڙوشاه جيڪو دان ڪيو هو اُن ڪان سئوڻو ڌن سون روپ ۾ کيس پراپت ٿيو. اِهو ڪوتڪ ڏسي سندس ناراض ٿيل سنبنڌي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ اُهي پڻ اُداردليءَ سان دان پڇ ڪرڻ لڳا. پريميوا ڪنهنجو ڪيو اجايو نه ٿو وڃي، پر دان پڇ ڪجي نشڪام ڀاونا سان، فراخ دليءَ سان. پربوءَ جي ڏني مان ٻين کي ڏيندا، ستڪرمن ۾ مايا سڦلي ڪندا تهپريو توهان جي سار لهندو.

٢٥ جون سوامي جن ٽنڊي الله يار ۾ آيا. اُتي ٽي ڏينهن ستسنگ ڪيائون. ستسنگ ڪندي سوامي جن چيو:

تن من ڌن وچن سي، ڪيجي گر ڪي سيو،
گر ڪو پرسن جانڪي، ليجي آتم ڀيو.

ششيه کي تن من ڌن سان ستگروءَ جي سيوا ڪرڻ گهرجي. جڏهن ستگرو سيوا ڀاونا سان پرسن ٿين، تڏهن ئي اُنهن کي آتم گيان جي پراپتي لاءِ وينتي ڪجي. روحل فقير پنجويهه سال پنهنجي مرشد جي درگاه تي پاڻيءَ جون ملڪيون پريندو رهيو. عقيدي

ٻاڙ ئي ڪون لڳندي هئي. سندس زندگي نئين ٿي پيئي. رام نام جي پرتاپ سبب شراب جو عادتي بدلجي ڀڳت بڻجي پيو.

پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته جيءُ پورو جنمن جي ڪرمن ۽ سنسڪارن انوسار ڪرم ڦل ڀوڳي ٿو. پر پريو اهڙو ته ديالو آهي جو پنهنجن پيارن جا دوش معاف ڪري وري اُنهن کي پنهنجي چرنن ۾ جاءِ ڏئي ٿو.

چندر ۽ راجو ٻه ڀائر هئا. وڏو ڀاءُ چندر ڀڳت ڌيان ۾ مگن رهندو هو ۽ ڀڳتي پرڪ پد ٻه لکندو هو. ننڍو ڀاءُ راجو دنيوي ماڻهو ماس شراب ٻه ورتائيندو هو. مطلب سندس لاڙو پرماتما جي طرف ڪين هو. ڪيس وڏو ڀاءُ سمجهائيندو هو ته ديهه وشيه وڪارن ۾ برباد نه ڪر. پريوءَ جو ڀڄن ڪري اُن جي مهما جا گيت ڳاءِ. ڀاءُ جي انهن لفظن راجوءَ جي من ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. هن سنساري وشيه‌وڪارن جو تياڳ ڪيو ۽ پريوءَ جي مندر ۾ اچي ڏاڍي پريم سان سندس مهما جا گيت رچي ڳائڻ لڳو. ڀڳوان جي مورتيءَ مان آواز آيو 'هي پوڄاري! منهنجي هڪ ڦول مالها راجوءَ جي ڳلي ۾ وجهه' پوڄاري ڀڳوت آگيا انوسار پشپ مالها راجوءَ کي ڀيٽ ڪرڻ لڳو. اُتي چندر ٻه بيٺو هو. راجوءَ کي چيو ته منهنجو وڏو ڀاءُ بيٺو آهي، اها مالها اُن کي ڏيو. پوڄاريءَ چيو هت ننڍي وڏي جو سوال ڪين آهي. جنهن لاءِ ڀڳوان مونکي آگيا ڪئي آهي اُن کي ئي پشپ مالها ڀيٽ ڪرڻي آهي. پوڄاري ائين چئي اُها مالها راجوءَ جي ڳلي ۾ وڌي. اهو ڏسي چندر من ۾ ويچار ڪيو ته مان هيڏا سال ڀڳوان جي اُپاسنا ڪئي آهي. مالها مونکي نه ملي پر هن وشئي راجوءَ کي ملي. ان ڪري هي ڏاڍو دکي ٿيو. هن آويش ۾ اچي ڪري سمنڊ ۾ ٽپو ڏنو ۽ اچي سچي دوارڪا مندر پهتو. اُتي ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو. ڀوڄن جي وقت ڀڳوان ڪيس چيو ته پنهنجي پرسان هڪ ٻي پاتل ٻه رکه. چندر چيو ته اُها پاتل ڪنهن لاءِ رکان؟ ڀڳوان چيو ته 'راجوءَ لاءِ رکه.' اهو ٻڌي چندر کي دکه ٿيو. ڀڳوان ڪيس سمجهائيندي چيو ته راجوءَ جو هن جنم ۾ وهنوار برابر ٺيڪ ڪونه آهي، پر اڳئين جنم ۾ هن منهنجي ڏاڍي پوڄا ڪئي هئي. هو اڳئين جنم ۾ راجا هو. هن راجائيءَ جو تياڳ ڪري بن ۾ منهنجي ڀڳتي ڪئي. اُتي هڪ ٻئي راجا جي سنگه ۾ وري سندس من ۾ وشيه واسنا پيدا ٿي. ان ڪري هن جنم ۾ هوءُ وشئي ٿي رهيو. هاڻي هن جا سڀ دوش ختم ٿي ويا ۽ هوءُ هاڻي مونکي اچي پراپت ڪندو. اهو ٻڌي چندر جي من جو سنشيه دور ٿيو.

پريميوا سوچي ويچاري ڪرم ڪريو. ڪڪرم کان ڪنارو ڪري ست ڪرم ڪريو، پريوءَ جو ڌيان ڌريو. پريو ڪندو توهان کي هريو ڀريو!

۱۸ آگسٽ سوامي جن ماڇين ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن ستسنگ ڪيائون. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ٻين جا اوگڻ نه ويچاريو، گڻ گراهي ٿيو. هڪ دفعي وتايو فقير لنگهي رهيو هو. سندس ڳچيءَ ۾ ٻه ننڍڙيون جهوليون پيل هيون. هڪ جو منهن اڳيان ۽ ٻيءَ جهوليءَ جو منهن پٺيان. فقير ور ور پنهنجي اڳينءَ جهوليءَ ۾ پئي نهاريو. ڪنهن واٽهڙوءَ پڇيس فقيرا ڳچيءَ ۾ هي جهوليون ڇو رکيون ٿئي؟ وتائي وراڻيو 'اڳينءَ جهوليءَ ۾ پنهنجا عيب آهن ۽ پٺينءَ جهوليءَ ۾ ٻين جا عيب آهن. اڳينءَ جهوليءَ ۾ ور ور

۽ اُن جي مٿان وچي ور ور 'پون پون' ڪندو آهي. ڪجھ ڏينھن کان پوءِ پرنگہ جي پون پون جي اُچار سبب اُھو ڪيڙو بہ پرنگہ بڻجي پوندو آهي. جڏھن ڪيڙو پرنگہ جي 'پون پون' جي آواز سبب پرنگہ بڻجي سگھي ٿو تہ منش بہ ڀڳوت ڪٿا ٻڌڻ سبب ڀڳوت روپ بڻجي سگھي ٿو. ان ڪري پيارا! ڀڳوت ڪٿا چاھ رکي ٻڌو تہ توھان جو بہ ڪلياڻ ٿيندو. مھاراجا پرٿوءَ ڀڳوت ڪٿا شروع ڪرڻ لاءِ ڀڳوان کي پرارٿنا ڪئي تہ پريو مونکي ڏھ ھزار ڪن ڏي، جئن مان تنھنجون گھڻي ۾ گھڻيون ڪٿائون شروع ڪريان. پريميو، توھان بہ روز ڀڳوت ڪٿا ٻڌڻ جو نيم رکو. ڪٿا ٻڌندي ٻڌندي توھان تي رام جو رنگہ لڳندو، توھان جو آئيندھ روشن ٿيندو ۽ ٻارن تي بہ اُتم سنسڪار پوندا.

٢ جولاءِ سوامي جن اَمراپور استان ٽنڊي آدم ۾ واپس آيا. سنگرو سوامي سروانند مھاراجن کي پرڻام ڪري، مليل ڀيٽائون سندن چرنن ۾ ڀيٽ رکيائون. سوامي جن ڪجھ ڏينھن اُتي آستان تي رھيا ۽ نت نيم ستسنگہ ڪندا ھئا. ٨ آگسٽ سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مھاراجن جي آگيا سان ڪين پرڻام ڪري سنت ڀڄنداس سان گڏ نام جي پرچار لاءِ سئر تي نڪتا. ١٠ آگسٽ پوجنيہ سوامي جن پير ڳوٺ ۾ سنت آتم پرڪاش جي آستان تي پڌاريا. اُتي سوامي جن اٺ ڏينھن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن نام جي مھما جو ورڻن ڪندي چيو:

ڪھ ٽيئون سنسار ۾، ليھ نام ڪي اوٽ،

انت ڪال دکہ نا لگي، مٽي ڪرم اگھ ڪوٽ.

پريميوا جڳت ۾ نام کان سواءِ ٻيا سڀ جوٺا سھارا آھن. جن مترن سنبنڌين کي توھان پنھنجو آڌار سمجھي وينا آھيو اُھي تہ ڪڻ ڀنگر آھن. ھڪ نام جي اوٽ وٺو. نام ئي سچي ٽيڪ آهي. جنم جنم جا پاپ نام جي سمرڻ دواران مٽجي وڃن ٿا ۽ انت ڪال سھيلي ٿئي ٿي. ان ڪري نام جي اوٽ وٺو. نام نہ وساريو. ور ور نام جپيو، نام جپايو. نام سمرڻ دواران برين عادتن جو تياڳہ ڪري سگھجي ٿو. ھڪ سيٺ کي گانجي پيئڻ جو ڏاڍو شونق ھوندو ھو. نشيدار شين مان صحت جو بہ نقصان تہ پئسي جو بہ زيان. ھڪ ڏينھن ھو ھڪ مھاتما وٽ ويو ۽ کيس وينتي ڪيائين تہ گانجي پيئڻ جي عادت وڃي ڪين ٿي. توھان اھڙي آسيس ڪريو جو گانجو پيئڻ بند ڪريان. مھاتما کيس چيو تہ روز رات جو پنج ھزار دفعا رام نام اُچار تہ ان گانجي پيئڻ جي عادت کان ڇٽي پوندين. اُن سيٺ سنت جي سکيا جي پيروي ڪئي. ھو روز رات جو رام نام جپيندو ھو. سندس زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو. ھو پوءِ گانجي کي ھٿ بہ ڪين لڳائيندو ھو.

ٻيو ھڪ سرڪاري ملازم شراب پيئڻ جو عادتي ھو. اڌ ڳڀار شراب پيئڻ ۾ وڃائيندو ھو. شراب بہ خاني خراب آهي. شراب مان تندرستي ھڪ طرف ڍھي ٿي تہ ٻارن تي برو اثر ٻئي طرف ٿئي ٿو. سندس پتني ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي کيس ھڪ سنت وٽ وٺي آئي ۽ سنت کي پرارٿنا ڪيائين تہ سندس گھوٽ تي اھڙي آسيس ڪن جو ھو شراب پيئڻ ڇڏي ڏي. اُن سنت اُن شراب پيئندڙ شخص کي سمجھائيندي چيو پيارا، روز ڪجھ نہ ڪجھ وقت بچائي رام نام جپيندو ڪر، ڀڳوان ڀلي ڪندو. اُن سنت جي آسيس سان ھن شخص رام نام جو جاپ شروع ڪيو ۽ پوءِ ھن کي شراب پيئڻ جي

جي پنيءَ تي لت هنئي تہ سندس ڪب هڪدم لهي ويو ۽ اها ماتا سنئين سڌي تي پيئي. اِهو ڪؤتڪ ڏسي راس ليلا جي درشڪن جو ڀڳوان شري ڪرشن ۾ وشواس وڌيو. وشواس وارو ڪٿيو ڪائيندو آهي. انڪري راس ليلا هجي يا رام ليلا هجي، ڀڳوان ۽ ديوتائن جو پارٽ ڪٿندڙ اڳيان ڀاونا سان مستڪ نمائڻ گهرجي. اُنهن کي ساڌارڻ منش نہ سمجهڻ گهرجي.

۵ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن پٽين ۾ آيا. اُتي سوامي جن هفتو کن ستسنگہ وري ڪئي. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

ڪهہ ٽيئون ڀاون سدا، تن من باني جاس،
سمدرشي نرموهہ نت، ساڌو ڪهئي تاس.

سچن سنتن جو تن من ۽ ٻاڻي پوتر ٿئي ٿي. سندن ڪنهن بہ دنيوي پدارٿ ۾ آسڪتي ڪونہ ٿئي ٿي. هو سدائين سمدرشٽ ٿي رهن ٿا. سڀ ۾ ساڪي چيتن برهم پسن ٿا. هڪ دفعي سنت نامديو جي ٿالهيءَ مان هڪ ڪتو هڪ روٽي ڪڍي ڀڳو. اِهو ڏسي سنت نامديو بہ گيهہ کڻي سندس پوٺتان ڊوڙندو ويو. ڪتي جي ويجهو وڃي چيائين 'پريوا اِهو ڦلڪو ڏيو تہ توهان کي ان تي گيهہ لڳائي ڏيان. اوهان ايڏو ڦلڪو ڪيئن کائيندا! حالي گيهہ لڳل ڀيو ڦلڪو کائو.' سنت نامديو هڪ ڪتي کي بہ ڪرتار جو روپ ڄاڻي اُن سان سد وهنوار ڪيو. پريميوا سنت سم درشٽي ٿين ٿا. هوُ سڀ کي ٺاڪر جو روپ سمجهن ٿا. سنگمرمر جي مورتيءَ کي بہ ساڪيات ڀڳوت روپ ڄاڻن ٿا. ڪيئن نہ سنت ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان کير جو ڪٽورو ڀري رکيو ۽ اُهو کير پنهنجي هٿن سان پرڀوءَ کي پيئاريو. پريميوا توهان بہ سيني پراڻين ۾ هڪ مالڪ جو مشاهدو ماڻيو. ڪنهن کي گهٽ وڌ نہ سمجهو. اوچ نيچ جو ڀيد ڪڍي سڀ ۾ ساڪي سم پسو. سيني پکين پسن جيوَ جنتن ۾ بہ جانب جو جلوو جمال ڏسو. اُن هڪ ۽ حق کان سواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين آهي. جڏهن توهان جي اهڙي درشٽي ٿيندي، تڏهن توهان کي عجيب آنند جو احساس ٿيندو. توهان ٻين کي رنجائڻ جي بدران پنهنجو پيار ڏيندءُ، ٻين جي گلا ڪرڻ جي بجاءِ اُنهن جي اُستتي ڪندءُ تہ توهان جي جيون آنندمیہ ٿي پوندي. ڪنهن نہ ڪنهن ستپرش جو سنگہ ڪريو. اُن سنگہ مان توهانجو هي لوڪ بہ سهيلو ٿيندو ۽ پرلوڪ بہ سهيلو ٿيندو. ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺو، جيڪو توهان کي هن ڀوَ ساگر جي ڀيڙ مان پار پهچائي.

ستگر کي ڪرپا بنا، ڀوَ سنڌ تري نہ ڪويہ،
ڪهہ ٽيئون گر شرن لي، جي ڀوَ ترنا هويہ.

۱۳ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي شاهپور ٿلهي تي پڌاريا. اُتي سوامي جن ٻي ڏينهن ستسنگہ ڪيو. سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي اُستتيءَ جو هينيون ڀڄن ڳايو:

سنت سچا ڀڳوان ٿي، ڪرپا جا ڪلتار ٿي،
۱. سنگت ساري ياد ڪري، دم دم تنهنجو ڌيان ڌري ٿي،

انڪري نهاريان ٿو، جيئن پنهنجي عيبن جي ڄاڻ پويم، اُنهن کان خبردار رهان. ڀلين ۽ جهولي ۾ ٻين جا عيب آهن اُنهن ڏانهن ڇو ڏسان؟ ٻين جا عيب ڏسڻ سان ته اُهي پاڻ پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ ٻين جا اوگڻ جلدي ڏسڻ ۾ ايندا آهن، پر پنهنجا اوگڻ ماڻهو ڪين ڏسندا آهن.' راهگير وتائي فقير جو اهو سياڻپ وارو جواب ٻڌي وينجهائڻ لڳو.

پريميو! جيڪڏهن توهان سنتوشي جيون گذارڻ چاهيو ٿا ته ٻين جا دوش نه ڏسو. پاڻ ۾ ڪو عيب هجي ته اُن کي دور ڪري ست ڪرم ڪريو. ڪنهن نه ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺي اُن کان نام جو منتر وٺو. ستگروءَ جي ڪرپا کان سواءِ ڪارج سڌ ڪين ٿيندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ڪرپا بنا، سري نه ڪوئي ڪاج،
ٽانتي گر ڪي شرن لي، ڪه ٽيئون تج لاج.

گرو منتر جو اڀياس ڪريو. اڀياس ڪندي توهان کي آتمڪ آنند جو انڀوُ ٿيندو. ٢٢ آگسٽ سوامي جن اُلرن ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن ستسنگ ڪيائون. ٢٦ آگسٽ سوامي جن لاڙڪن ۾ آيا. اُتي سوامي جن ڏهه ڏينهن ستسنگ جي موج مچائي. ڀاءُ ولرمل ۽ ٻين پريمين سوامي جن جو آدر ستڪار ڪيو. اُتي پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته راس ليلا يا رام ليلا ۾ جيڪو پاتر ڀڳوان يا ڪنهن ديوتا جو پارٽ ڪري ٿو، اُن کي اُن وقت اُهو ساڪيات روپ سمجهي اُن جي اُپاسنا وندنا ڪرڻ گهرجي. اُن کي ساڌارڻ منش نه سمجهڻ گهرجي. هڪ ڌنوان راس ليلا جو آيوجن ڪيو هو. چندا ڊاڪوءَ کي خبر ملي ته اُن راس ليلا ۾ ڀڳوان جي اڳيان امولهه ڀيٽائون رکيون وينديون ۽ ڀڳوان کي امولهه آڀوشڻ پڻ پاتا ويندا. اُهو ڊاڪو پنهنجي ساٿين سميت راس ليلا اسٽيل تي پهچي ويو. راس ليلا ۾ هن مشهور ڊاڪوءَ کي آيل ڏسي راس ليلا جي درشڪن ۾ اچي ٽاڪوڙو پيو ۽ هوُ ڀڄڻ لڳا. تڏهن ڀڳوان شري ڪرشن جو پارٽ ادا ڪندڙ پڇيو ته ڇا جي ڪري درشڪ ڀڄ ڊڪ ڪري رهيا آهن؟ تڏهن اُن ڌنوان آيوجڪ چيو ته ڊاڪو اچي ويا آهن، ان ڪري درشڪن ۾ ٽاڪوڙ پيو آهي. تڏهن ڀڳوان شري ڪرشن جي پارٽ ڪندڙ پاتر چيو ته 'ڏڪڻ جي ضرورت ڪين آهي. ائين ڪندي چندا ڊاڪوءَ اُن شري ڪرشن سوَروپ پاتر جي آڀوشڻ ۾ هٿ وڌو. ڀڳوان سندس ٻانهن ڇڪي اهڙي ته زور سان چماٽ ٺڪاءُ ڪيس جو ڏوُ هيٺ وڃي ڪريو. سندس ساٿي هڪا ٻڪا رهجي ويا. ڀڳوان کيس چيتائيندي چيو 'نالائق، توکي ايڏي همٿ ٿي آهي جو منهنجا آڀوشڻ ڇنڻ آيو آهين!' ٻارهن سالن جي ڀڳوان شري ڪرشن پاتر رهزن ڊاڪوءَ کي ڏڪ هڻي مورڇت ڪري ڇڏيو. جڏهن اُهو سچيت ٿيو تڏهن اُهو ڊاڪو ڀڳوان جي چرنن تي ڪري پيو ۽ سندس هرديه پريورتن ٿي ويو. هو ڊاڪوءَ مان بدلجي ڀڳوان شري ڪرشن جو ڀڳت بڻجي پيو.

هڪ دفعي ڪٿي راس ليلا ٿي رهي هئي. اُتي هڪ ڪبڙي ماتا ڀڳوان شري ڪرشن جو پارٽ ڪندڙ سوَروپ اڳيان وينتي ڪندي چيو 'پريو، توهان ڪبجا ڪبڙيءَ جو ڪٻ دور ڪيو، منهنجو به ڪٻ دور ڪريو. ائين ڪندي اکين ۾ آنسون آڻيندي اُها ماتا ڀڳوت سوَروپ جي چرنن ۾ ڪري پيئي.' شري ڪرشن جو پارٽ ڪندڙ پاتر اُن ماتا

ان نموني ڪيترائي دکي بيمار شاهپور ٿلهي تي ايندا هئا، سائين هرچورام سندن سوال پورا ڪندو هو.

١٧ سيپٽمبر سوامي جن سائين لکيرام ۽ ساري سنگت کان موڪلائي خانپور ۾ آيا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ ڪيو. ١٩ سيپٽمبر سوامي جن منگهنواريءَ ۾ آيا. اُتي پڻ سوامي جن ٢ ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ صبح جو اُٿي پهرين پريوءَ جو ڌيان ڪريو، ان جو نام اُچاريو، پوءِ ڪرت ڪار کي لڳو. رات جو سمهڻ کان اڳ بہ پنهنجي اشٽ ديو ۽ ستگرن جو ڌيان ڪريو. وڏا وڏا سنت مهاتمائون بہ منزل تي پهچڻ کان پوءِ ڀڳوت ڌيان ۾ مگن رهندا آهن. هڪ دفعي سوامي رامڪرشن سنت طوطاپوري مهاراج کان پڇيو، ’اوهان آڌياتمڪ منزل تي پهتا آهيو، پوءِ اوهان کي ڌيان ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي.‘ سنت طوطاپوري مهاراج وراڻيو ’پتل جي ٿانوَ کي هر روز نہ ملبو تہ اُن جي چمڪ جهڪي ٿيندي ويندي. منش جو من بہ ائين آهي. جيسين نت نيم سان ڌيان نہ ڪبو تيسين اُهو من شڌ نہ رهندو. ايڪاگرچت ٿي ڌيان ڪرڻ سان آڌياتمڪ آنند جي پراپتي ٿئي ٿي.‘ سوامي رامڪرشن پوءِ پاڻ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ديوي ماتا جي ڌيان ۾ ويهندو هو. جنهنجو ڌيان ڪبو اُن جا گڻ آهستي آهستي پاڻ ۾ پيدا ٿيندا. پريميوا جيئن کاڌو، پيتو، هوا ضروري آهن، تيئن پريوءَ جو ۽ ستگرن جو ڌيان ڪرڻ بہ ضروري آهي.

سوامي جن ٢٢ سيپٽمبر لقمان ۾ راجاوير جي آستان تي ٽي ڏينهن ستسنگ ڪيو. پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڳوت ڀڄن سبب صحت بہ سٺي رهي ٿي ۽ عمر بہ وڏي ٿئي ٿي. هڪ دفعي راجا اندر ديمن مهرشي لومش کان پڇيو تہ اوهان جي وڏي عمر جو راز ڪهڙو آهي. مهرشي لومش چيو ’اڳئين جنم ۾ مان غريب شودر هوس. هڪ ڏينهن منجهند جي وقت مان نديءَ ۾ اشنان ڪندي هڪ وڏو شوَ لنگ ڏٺو. مان اشنان ڪري ڪنوَل جي گلن سان اُن شوَ لنگ جي پوڄا ڪئي. مان ڏاڍو بکايل هوس. بک سبب رستي تي ئي منهنجو پراڻ پکيئڙو اُڏامي ويو ۽ مان هڪ برهمڻ جي گهر جنم ورتو. شوَ لنگ جي پوڄا جي پرتاب سبب مونکي اڳئين جنم جون سڀ ڳالهيون ياد اچڻ لڳيون. مان ڄاڻي واڻي پنهنجي زبان بند رکي، اندر ۾ ’اوم نمه شوايہ، اوم نمه شوايہ‘ اُچاريندو هوس. پوءِ پتا جي پرلوڪ پڌارڻ بعد منهنجي سنبنڌين مونکي گونگو سمجهي ڇڏي ڏنو. مان سڄو وقت ڀڳوان شنڪر جي آراڌنا ڪندو رهيس. ائين سؤ سال گذري ويا. ڀڳوان شري شنڪر پرسن ٿي مونکي ساڪيات درشن ڏنو ۽ مونکي وڏي عمر بخشي. منهنجي وڏي عمر جو رهسيہ ڀڳوان شنڪر جي اُپاسنا ئي آهي.‘ پريميوا توهان بہ نت نيم ڀڄن ڪريو تہ توهان ۾ نئين شڪتي کلندي. ڪنهن نہ ڪنهن ديوتا يا پريوءَ جو سهارو ضرور وٺو. اُهو توهان جي رڪشا ڪندو. ٻئي ڏينهن پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

هري ڀڳت هرگز رٺي، هر بن ڪري نہ بات،
ڪه ٽيئون هر ڀڳتي بن، مانگي نہ درجي دات.

پرماتما جا پيارا ائي پهر هريءَ جا گڻ ڳائن ٿا. هوَ پريوءَ کي پراپت ڪرڻ جي

سنگت سچيءَ جا آڌارا! پائي هرچورام اچ پيارا!

٢. جيسارام جو عرض اگهايو، تنهن جو تو ناسور مٽايو،
دک ميٽڻ هارا، پائي هرچورام اچ پيارا!

٣. کيئل کي تو مرد بڻايو، کليانڊاس جو اڱڻ وسايو،
ڏاڻ ڏنئہ تو ڏاتارا، پائي هرچورام اچ پيارا!

٤. تنوءَ تي پي ڪرپا ڪيڙي، قسمت تنهن جي کلي پيڙي،
پري چڏيئہ تنهن پندارا، پائي هرچورام اچ پيارا!

سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي مهما جو ورڻن ڪندي چيو تہ سائين هرچورام سوَن دکين جا دک دور ڪيا. سندن زبان ۾ سڌي هوندي هئي. سچو وقت هرنام ست نام پيا اُچاريندا هئا. پريميوا توهان بہ هر وقت نام اُچاريو. نام اُچارڻ سان توهان جي اندر نئين شڪتي پيدا ٿيندي، اندر ۾ آنند جو انڀوَ ٿيندو. سنتن کي شڪتي بہ نام سمرڻ جي شڪتي آهي. اِها شڪتي هوُ ٻين جي دک دور ڪرڻ ۾ اِستعمال ڪندا آهن. سنتن جي در جي ڏوڻي بہ دوا جو ڪم ڪندي آهي. هڪ دفعي پيسورام کي چتيءَ ڪتيءَ چڪ پاتو. ڪتيءَ جي چڪ کان چوڻڪارو پائڻ لاءِ هوُ جهاڙ وجهائڻ پئي ويو. ان وقت اُتي سائين هرچورام صاحب موجود هئا. سائين هرچورام صاحب پيسورام کي چيو تہ چلهي مان ڏوڻي کڻي چڪ واري جاءِ تي لڳاءِ تہ سائين سيئورام ڀلي ڪندو. پيسوُرام، سائين هرچورام جي آگيا انوسار چلهي مان ڏوڻي کڻي، چڪ واري هنڌ لڳائي تہ نہ صرف هڪدم ڪتيءَ جي چڪ جو اثر لهي ويو، پر نشان بہ غائب ٿي ويو. سنتن جي در جي ڏوڻي دوا کان بہ وڌيڪ اثرائتي آهي. ڪو وشواس رکي استعمال ڪندو تہ اُن جو دک دور ٿيندو.

پرين جي وينل شري جيسارام کي چيلهہ تي وڏو ڦٽ هو. هن ڦٽ کي چٽائڻ لاءِ ڪيترائي حڪيم طبيب ڊاڪٽر پيٽيا پر ڦٽ ڪين چٽو. سندس سهري ڪيس صلاح ڏني تہ شاهپور ٺلهي تي سائين هرچورام صاحب جي وچي شرڻ وٺ تہ شفاياب ٿيندين. جيسارام سائين هرچورام صاحب ۾ پورو پورو يقينو رکي شاهپور ٺلهي تي آيو ۽ اچي سائين هرچورام صاحب کي وينتي ڪيائين تہ 'سائين! مون دکيءَ جو دک دور ڪريو. چيلهہ جي ڦٽ ڏاڍو تنگ ڪيو آهي.' سائين هرچورام چيو 'پيارا! اسان حڪيم طبيب ڪين آهيون. ڪنهن طبيب کي وڃي ڏيکار.' جيسارام وري نماڻي نوع ۾ عرض ڪيو 'مهروان مهر ڪريو، گهڻائي حڪيم پيٽيا اٿم. ڦڪين فرق ڪين ڪيو آهي. هاڻي توهان ئي داس تي ديا ڪري دک دور ڪريو.'

تون حبيب تو طبيب، تون دارُون کي دردن،
تون ڏئين، تون لاهئين، ڏاتر کي ڏکندن،
تڏهن ڦڪيون فرق ڪن، جڏهن امر ڪريو اُن کي.

سائين هرچورام دکي دل جي پڪار ٻڌي، جوتين تان تيل ڌري ڪڻي، جيسارام جي ڦٽ تي وڌي ۽ مٽائنس ڪڻي تماڪ جو پن ٻڌو. جيسارام جو ڦٽ هڪدم چٽي ويو.

ٽيئون اس اُپڪار سي، اپنا ڪرو اڌار.

هڪ دفعي زبردست ڏڪار پيو. اهڙي ڪٺن سمي ۾ هڪڙو پريوءَ جو پيارو ڇٽا رڌي ان ڪيتر ۾ ورهائيندو هو. ڇٽن جو هڪ هڪ ٻڪ هر ڪنهن بکايل کي ڏيندو ويندو هو. هڪڙو مسڪين شخص جنهن جي بدن تي صرف هڪ لنگوٽي پيئي هئي. ڇٽن جو ٻڪ وٺي ٻريان هڪ وڻ جي ڇانوَ ۾ کائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. رستي تي هڪ غريب استري، جنهن ٿورو وقت اڳ ڪنهن ٻالڪ کي جنم ڏنو، تنهن هن کان ٻڇيو ته ڇا، ان ڪيتر بند ته نه ٿي ويو؟ اُن شخص وراڻيو، اَن ڪيتر ته بند ٿي ويو. اُها مسڪين مائي ٻه روز اَن ڪيتر مان ڇٽا وٺڻ ويندي هئي. اڄ ويم ڪرڻ سبب هوءَ وقت سر اَن ڪيتر ڏانهن ڪين وڃي سگهي. اُن مسڪين شخص، جو پاڻ به بکايل هو، ويچار ڪيو ته هن استريءَ کي مونکان وڌيڪ بک هوندي، ٻار کي جنم ڏنو اٿائين بهتر آهي ته پاڻ نه کائي اُهي ڇٽا هن کي ڏيان. اُن شخص اُن مسڪين پيٽ جي دل وٺندي چيو ته تون اَن ڪيتر جو خيال نه ڪر، هي ڇٽا کائي ڇڏ. اُن بکايل شخص پاڻ بک ڪڍي اُن اِستريءَ جو پيٽ ڀريو. ٻئي جنم ۾ هو مانڌاتا نالي چڪرورتي راجا ٿيو. ڪنهنجو ڪيو اجايو ڪين ٿو وڃي. اسين انب جي ڪوڪڙي چوسي ڦٽي ڪريون ٿا. اُن هڪ ڪوڪڙيءَ مان هزارين انب ٿين ٿا. وقت سر ڪنهن بکايل جو پيٽ ڀرڻ، پياسيءَ کي پاڻي پيئارڻ، ننگي کي ڍڪڻ، وڏو ٻج جو ڪم آهي. اسين جيڪڏهن ٻين تي ديا ڪنداسين ته پريو اسان تي ديا ڪندو.

٢٤ آڪٽوبر سوامي جن حيدرآباد ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آستان تي سوامي ماڌوداس جن وٽ آيا. اُتي سوامي جن هفتو کن ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن اُتي ڀلاجپوريءَ ۾ ڪوي ڀلاجرام سان ٻڻ ملڻ ويا. اُتي ڪوي ڀلاجرام سان روح رهاڻ ڪيائون. ١ نومبر سوامي جن ڪندوءَ ۾ آيا. سوامي جن اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آستان تي سنت بسنترام مهاراج وٽ آيا. سوامي جن اُتي ٻه ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري ٤ نومبر امراپور استان تي واپس آيا. سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي نمسڪار ڪري حالي احوالي ٿيا ۽ مليل ڀيٽائون سندن چرنن ۾ رکيائون. سوامي جن نومبر جو سڄو مهنو اُتي آستان تي رهيا. نت نيم ستسنگ ٻڻ ڪندا رهيا. ديش جي آزاديءَ جو آندولن زور شور سان هلي رهيو هو. ڪڏهن ڪي ديش ڀڳت امراپور استان تي ايندا هئا. سوامي جن انهن سان قوميت ۽ آزاديءَ جي وشيه تي ويچارن جو آدان پردان ڪري ڪين اُتساهت ڪندا هئا. ستسنگ ۾ ٻڻ سوامي جن قومي جذبات واريون ڪهاڻيون ٻڌائيندا هئا. سندن ستسنگ جو ڍنگ به پنهنجي قسم جو هو. سواميجن ڪلائيندي ڪلائيندي ڪيتريون سڪدائڪ ڳالهيون ٻڌائيندا هئا. ان ڪري سندن پروچن روچڪ هوندو هو. سوامي جن ستگرو مهاراجن جو ڪونه ڪو ڀڄن ڳائي اُن جو ارٿ درشٽانتن سان سمجهائيندا هئا. سندن پروچن شروتائن کي ڏاڍو پرڀاوت ڪندڙ هوندو هو. اُن ڪري نه صرف پريمي، مگر آستان تي رهندڙ سنت به سوامي جن جو ستسنگ دلچسپيءَ سان ٻڌندا هئا. سوامي جن پنهنجي نماڻي ۽ مڌر سڀاءَ سبب هزارن پيارن کي پريوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو.

ٿي چاهنا رکن ٿا، نہ دنيوي سک آرام جي. انهن لاءِ اِندر جو آسڻ بہ تچ آهي. راجا پرٿوُ جڏهن سؤ اشوميڌ يگيہ ڪري رهيو هو، تڏهن اِندر کي ڀؤ ٿيو تہ متان راجا پرٿوُ سندس آسڻ نہ والاري. ان ڪري هن راجا پرٿوُ جو گهوڙو چورايو، جئن اشوميڌ يگيہ پورو نہ ڪري سگهي. راجا پرٿوُ جي پٽ، اِندر دوران چوري ڪيل اُن گهوڙي کي ڪيترا دفعا ڇڏايو پر اِندر ور ور گهوڙو چوري ڪري پيو وڃي. آخر راجا پرٿوُ اِندر تي غصي ٿي، کيس مات ڪرڻ لاءِ جڏهن ٻاڻ ٽئي چوڙيو، تڏهن برهما وٽس آيو ۽ اچي چيائينس 'راجا! تون تہ ڀڳوان جو ڀڳت آهين. تون اِندر جو راڄ ڇا ڪندين؟ جيڪڏهن تون سؤ اشوميڌ يگيہ پورو ڪندين تہ اِندر کي آسڻ ڇڏڻو پوندو ۽ توکي ان جي آسڻ تي براجمان ڪيو ويندو. راجا اِهو ٻڌي آخرين اشوميڌ يگيہ جي چاهنا جو تياڳ ڪيو. پريوءَ جي پيارن کي تہ تياڳ ۾ ئي آنند اچي ٿو. پريميوا توهان بہ نت نيم هريءَ جا گڻ ڳايو، ان جو ڌيان ڌيايو تہ توهان کي عجيب آنند جو احساس ٿيندو. ڀڳت ڀڄن ۾ رس آهي سو سڪدائي آهي. دنيا جي مزن جو رس دکدائي آهي.

٢٥ سيپٽمبر سوامي جن نندامائين ۾ ستسنگ ڪيو. ٢٦ سيپٽمبر سوامي جن سوامي رامانند جو درشن ڪرڻ لاءِ سندن آستان تي ويا. اُتي سنت ڀيجارام سوامي جن جو سواگت ڪيو، سوامي جن سوامي رامانند جن سان روح رهاڻ ڪري ٢٧ سيپٽمبر ٽيڙهيءَ ۾، ٢٨-٢٩ سيپٽمبر ڳاڙهي موري، ٣٠ سيپٽمبر راهوجا ۾ ستسنگ ڪيو. ١ آڪٽوبر سوامي جن ٽنڊي آدم امراپور آستان تي واپس آيا. سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي پرڻام ڪري مليل پيٽائون سندن چرنن ۾ رکيون ۽ پوءِ سيني سنتن سان حالي احوالي ٿيا. ڪجھ ڏينهن سوامي جن آستان تي رهيا ۽ اُتي بہ نت نيم ستسنگ ڪندا رهيا.

٢٠ آڪٽوبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسؤ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ حيدرآباد ۾ آيا. اتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ سوامي گوالانند مهاراج مهان گيانوان، ودوان ۽ ويدانتي ڪوي هئا. سندن ٻاڻي شروع ڪرڻ سان يا پڙهڻ سان آنند اچي ٿو. سندن سوڀاڳيہ هو جو سندن اُهڙي گهر ۾ جنم ٿيو جنهن گهر ۾ پوجنيہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جنم ورتو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي رهبريءَ ۾ ئي سوامي گوالانند مهاراج روحاني راھ ۾ ترقي ڪئي. هوُ پنهنجي رهڻي ڪهڻيءَ سبب سدائين اجر امر آهن.

امر ديـــش ۾ سنت جن، نت هي ڪرت نواس،
ڪھ ٽيئون ڪـــرتي نـــهين، ڪال ڪرم جهن ناس.

اهڙن سنتن ستپرش جي شيوا ڪرڻ سان ڀڳوان پرسن ٿئي ٿو. سنت پريوءَ جو نت اوتار آهن. سنساري سنبنڌي سوارٿي آهن، پر سنت مهاتمائون نهسوارٿي آهن. انڪري انهن سنتن سان سنيھ سنبنڌ جوڙڻ کپي.

سپ سوارٿ ڪي ميت هئن، بن سوارٿ هئن سنت،
ڪھ ٽيئون تهن سيو سي، راضي هـــو ڀـــڳونت

ٻئي ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڌار ديا دل ۾ سدا، دينون ڪو ڪر پيار،

ڪري نمرتا سان بيهي رهيو. سنت دادوءَ پنهنجي پيار جو هٿڙو اُن هاٿيءَ مٿان گهمايو. اهو هاٿي وري سنت دادوءَ جا چرڻ ڇهي واپس وريو. جڏهن راجا کي ان گهٽنا جي ڄاڻ پيئي تڏهن راجا کي ڏاڍو ڌڪ ٿيو ته مٿان سنت دادو کيس سراپ نه ڏئي. هوُ هڪدم سنت دادوءَ وٽ ڪميا ياچنا لاءِ آيو. راجا ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي سنت دادوءَ کان پنهنجي ڪيل گستاخيءَ ۽ گناهه جي معافي ورتي، سنتن جي شيوا لاءِ سندس چرنن ۾ خوب مايا پيٽ رکي. سنت دادو ديالو، سد سد ڪرپالو، هن راجا کي موٽ ۾ پيار ڏنو، پر سندس مايا جي پيٽ سويڪار ڪين ڪئي. سنت ته مايا کان ونئن ويندا آهن.

٦ ڊسمبر پوڄنيه سوامي جن پير ڳوٺ ۾ سنت پرپارام صاحب جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ سندن آستان تي پڌاريا. سيني پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن ورسيءَ جا ٽيئي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن سنت پرپارام جي مهما ڳائيندي چيو ته ننڍپڻ ۾ ئي سنت پرپارام جي من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي. ڪيئن نه هي پيارو ماڇين ۾ راهگيرن لاءِ پاڻيءَ جا مٽ ڀري رکندو هو. ڳانين مينهن لاءِ پاڻيءَ جا ڪوُنر ڀري رکندو هو. ايڪانت ۾ وڃي ڀڄن ڪندو هو. ڀڳوت ڀڄن ڪندي ڪندي رڇي لعل ٿي پيو. سچو الله لوڪ هو. سندس زبان ۾ سڌي اچي ويئي. پير ڳوٺ جو مهراج مولچند چنتا ۾ وياڪل هوندو هو. کيس جيڪا به اولاد ٿيندي هئي، اُها بچندي ڪين هئي، اُن ڪري هوُ اُداس گذاريندو هو. هڪ دفعي هو ان فڪرات سبب سائين پرپارام وٽ آيو. اُن وقت سائين پرپارام صاحب نند مان اُٿيو هو. سائين پرپارام مهراج مولچند کي نراس ۽ اُداس ڏسي چيو 'مهراج سوامي، چنتا نه ڪريو، اوهان کي ٽي پٽ ڄمندا.' پهرئين پٽ جو نالو چينانند رکجو. سنت پرپارام جي زبان سچي ٿي. مهراج مولچند کي برابر ٽي پٽ ڄاوا. سندس پهريون پٽ مهراج شري چينانند ودوان، مڌرڀاشي هو ۽ سندس ٻيا سپتر به سنتوشي آهن.

سنتن وٽ سڀ ڪجهه آهي. جيڪو وشواس رکي ايندو تنهن جا ٻيڙا ٻني لڳندا. جئن سنت پرپارام نام سان نينهن لڳايو، پڪين پسن جي شيوا ڪئي، تيئن توهان به پريوءَ کي نه وساريو، سندس سمرڻ ڪندا رهو. نت نيم پڪين پسن جي خدمت ڪريو. ڪين ڪاڏو ڪارايو پاڻي پيئاريو. توهان ٻين جي سار لهندا ته پرماتما توهان جي سار لهندو.

١٠ ڊسمبر سوامي جن پريمين کان موڪلائي سڄاول ۾ آيا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ڪيو. اُتي پوڄنيه سوامي جن دان جي وشيه تي پرسنگ ٻڌائيندي چيو ته هڪ دفعي سج گرهڻ جي موقعي تي ڪيترائي ياتري ڪروڪيتر تيرٿ ڏانهن وڃي رهيا هئا. اُنهن سان گڏ هڪ ڳاهه ڪٽيندڙ مسڪين شخص به ويو. اُتي ڪروڪيتر ۾ ڪيترن ئي پنهنجي ڀٽا شڪتيءَ دان پڇ ڪيو. هن ڳاهيءَ کي پاڻ سان ڳاهه ڪٽڻ جي هڪ ڪرپي ۽ ڪوڏر هئي، ٻيو وٽس ڪجهه ڪين هو. هن اُها ڪرپي ۽ ڪوڏر جيڪي سندس ڪمائيءَ جا ساڌن هئا، اُتي ڪنهن ضرورتمند کي دان ڪري ڇڏيا. گرهڻ ڇٽڻ کان پوءِ ڇوڏاري زبردست اُس هئي، پر ٿڪ سبب جتي هي پيارو ڳاهي ليٽي پيو، اُتي هڪ بادل جي ڇايا سبب ڇانوَ پئي ٿي. جدا جدا ياتري پاڻ ۾ بحث ڪرڻ لڳا ته اِها ڇايا سندس دان جي پرتاب سبب آهي. ائين ڪندي اُتي راجا اچي سهڙيو. راڄ جاچ ڪئي ته اِهو

۱ ڊسمبر پوڄنيہ سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان آگيا وٺي سئر تي نڪتا. ۲ ڊسمبر سوامي جن ڪوٽ ميرمحمدخان ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

برا ڪسي ڪا نا ڪرو، سڀ ڪا ڀلا وچار،
ٽيئون برائي جو ڪري، تانڪا ڪر اُپڪار.

پريميوا مانش جنم جي سارٿڪتا آهي ٻين جي ڀلائي ڪرڻ ۾، نہ ڪنهنجي لاءِ من ۾ برو سوچيو نہ برو وهنوار ڪريو. جيڪڏهن ڪو توهان سان سٺي هلت نہ هلي، تڏهن بہ اُن کي پنهنجو پيار ڏيو، اُن سان ڀلائيءَ جا پير پريو.

هڻ چوڻي، توُن ۾ چڱ، واٺان ورائي،
اڳہ اڳرائي جو ڪري، خطا سو ڪائي،
پاند ۾ پائي، ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

توهان کي ڪو گهٽ وڌ ڳالهائي، توهان اُن کي موٽ ۾ گهٽ وڌ ڪين ڳالهايو. جو توهان سان چيڙ ڇاڙ ڪري ٿو، ان کي نتيجو ڀوڳڻو پوي ٿو. حسد وارو شخص پيو حسد جي باھ ۾ پچندو، ڪيس ڪجھ هڙ حاصل تہ ڪين ٿيندو، پر سندس تن من دکي رهندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي حاسدن ڪيڏو نہ ستايو پر ستگرو مهاراج پنهنجي آنند ۾ رهيا. انهن کي بہ پنهنجو پيار ڏنائون.

جي وڙ جڙن جن سين، سي وڙ سيئي ڪن.

توهان بہ ڪنهن سان وير وروڌ ڪين رکو، حسد ڪين رکو. جيڪڏهن اوهان سان ڪو حسد رکي تہ توهان موٽ ۾ ڪيس پيار ڏ يو، سنت ڪبيرداس بہ فرمائي ٿو:

جو تُو ڪو ڪانٽا بوءِ، تاھ بوءَ تو ڦول،
توھ ڦول ڪي ڦول هئن، واڪو هئن ترسول،

بيڪانير جي راجا پرٿيراڄ سنت دادوءَ کي ڪاٺو ڳوٺ ۾ اچڻ جي نيند ڏني. سنت ديالو، سندس نمنترڻ سويڪار ڪري سنت دادو ڪاٺو ڳوٺ ۾ پڌاريو. ڪن وزيرن راجا کي سنت دادوءَ جي خلاف ڀڙڪايو تہ سنت دادو پاکنڊي آهي. راجا ڪنن جو ڪچو هو. جنهن شرڌا سان هن سنت دادوءَ کي نمنترڻ ڏيئي گهرايو هو، سندس من ۾ اُها شرڌا نہ رهي. شرڌا جي بدران اشرڌا پيدا ٿي. راجا سنت دادوءَ کي اپمانت ڪرڻ جي لحاظ کان سوال پڇيا تہ ’تنهنجو ڌرم ڪهڙو آهي؟ رهڻي ڪهڙي آهي؟ تنهنجا ڪم ڪهڙا آهن؟ تنهنجي چوٽي ڇا آهي؟‘ سنت دادوءَ راجا جي سوالن جا جواب ڏيندي چيو ’اسانجو ڌرم رام نام آهي. پنجن اِندرين تي ضابطو ڪرڻ اسان جي رهڻي آهي. اسان کان اڳہ جيڪي اُتم ڪم ڪيا ويا آهن، اسانجا بہ ساڳيا ڪاريہ آهن. اسانجي چوٽي آهي رات ڏينهن رام نام سمرڻ ڪريو.‘ راجا سنت دادوءَ جا جواب ٻڌي ايمان ۾ چيو تہ انهن جوابن مان تنهنجي گيان جي جاڻ ڪين ٿي ملي. سنت دادو راجا جو جواب ٻڌي شانت رهيو. راجا سنت دادوءَ کي مارائڻ جي رٿ رٿي، سندس رستي ۾ هڪ مست هاٿيءَ کي ڇڏيو. جڏہن سنت دادو پنهنجي شش سان واپس وري رهيو هو تہ هڪ مست هاٿي سنت دادوءَ جي چرنن جي مٽي کڻي پنهنجي مستڪ تي لڳائي ۽ پوءِ ڪنڌ هيٺ

پنهنجي ڪاريه جي شروعات نام اُچارڻ سان ڪريو. هلندي چلندي، ڏنڊو وهنوار ڪندي، آفيس ۾ ڪم ڪندي نام اُچاريو. ان کي ڪين وساريو.

١٩-٢٠ ڊسمبر سوامي جن احمدپور ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ٢١-٢٢-٢٣ ڊسمبر گڏيجيءَ ۾ ستسنگ جي ورڪا ڪيائون. ٢٥ ڊسمبر سوامي جن پرڪڻ ۾ آيا. اتي سوامي جن هفتو کن ستسنگ ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي رهڻيءَ تي زور ڏنو. جيڪي سنتن مهاتمائن کان ٻڌون ٿا، ست شاسترن ۾ پڙهون ٿا، ان تي عمل ڪريون، تڏهن ئي اسان کي فائدو پهچندو. صرف ٻڌڻ ۽ چوڻ سان لاڀ ڪين ٿيندو. شاهه لطيف به چيو آهي:

’جي رهڻيءَ رهيو نه سپرين، ته ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه‘

هڪ برهمڻ ڪٿا ڪندي واڱڻ کائڻ جو نشيد ڪيو. هن چيو ته واڱڻ کائڻ سان منش کي نرڪ جي پراپتي ٿئي ٿي ۽ پڇ ناس ٿين ٿا. ستسنگ ۾ ان برهمڻ جي پتني به ڪٿا ٻڌي رهي هئي. ٻئي ڏينهن اهو برهمڻ گهر ۾ واڱڻ وٺي آيو. سندس پتنيءَ واڱڻ ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيا ۽ گهر ۾ دال چاڙهي. جڏهن ڀوڄن تيار ڪري گهوٽ کي رسوئي پرچي ڏنائين، تڏهن اُن برهمڻ پتنيءَ کان پڇيو واڱڻ جي ڀاڄي ڪٿي آهي؟ سندس پتنيءَ وراڻيو ته ڪالهه توهان ڪٿا ڪندي واڱڻ جي منع ڪئي، ان ڪري مون واڱڻ ٻاهر ڦٽي ڪري ڇڏيا ۽ دال چاڙهي اٿم. برهمڻ پتنيءَ تي ڪاوڙ ڪندي چيو ته ’مورک، مان ڪٿا ڪندو آهيان آجيوڪا لاءِ، تو سوادي واڱڻ ائين اُڇلائي ڇڏيا! اُپديش ٻين لاءِ ٿيندو آهي نه پاڻ لاءِ. متان اڳتي ڪڏهن واڱڻ ڦٽي ڪرين.‘ سندس پتني دل ئي دل ۾ پنهنجي پتيءَ جي ڳالهه تي کلڻ لڳي. جي پاڻ عمل نه ڪبو ته ٻيا وري عمل ڪيئن ڪندا! ڪٿا واچڪ جو پرڀاءُ تڏهن پوندو آهي، جڏهن هُو پاڻ عمل ڪندو آهي، رهڻي وارو هوندو آهي.

پريميو! توهان شاسترن جي انڪول وهنوار ڪريو. سچ جي ڪمائي ڪري اُن مان ڪجهه دان ڪريو. دکين جي سار لهو ۽ نام سمرن ڪريو. ڏنڊو ڌاڙي ڪندي، دنيوي ڪم ڪاريون ڪندي، پرماتما کي نه وساريو پنهنجي رهڻي سڌاريو.

١ جنوري ١٩٤٧ سوامي جن چڪ ۾ آيا. اُتي ١٢ جنوريءَ ستسنگ پروچن ڪيائون. پوڄنيه سوامي جن جدا جدا وشين تي پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

پريتم ڪا جهن پريم هئه، پريتم هئن تهن نور،
ڪهه ٽيئون بن پريم ڪي، رهت نه سو ڦل اور.

جنهنجي دل ۾ پريوءَ لاءِ پريم آهي، سڪ آهي، پريوءَ اُن کان دور ڪين آهي. جتي پريم آهي اُتي پريو آهي. پرماتما ڏسي نه ذات، نه پات. پريو ڏسي ٿو پريم. ان ڪري پريميو، پريوءَ لاءِ پريم رکو. پريو پريم ئي سچو ۽ سکدائي آهي. ڪانها هريجن گهٽ ذات جو هو، پر سندس من ۾ پرماتما لاءِ ڪيڏي نه پياس هئي! هُو نت نيم صبح جو شريناٿ جي مندر کان ٻاهر ٻهاري پائي، پريان ئي پريوءَ جو درشن ڪري باغ بهار ٿيندو هو. شريناٿ مندر جي پوڄاريءَ کي اِها ڳالهه ٺيڪ نه لڳي ته جيڪو تيڪو، مطلب

ڇا جو ڳوڙ آهي؟ تڏهن ڪيس خبر پيئي ته هرڪو ياتري پنهنجي دان جي هام هڻندي ڇئي رهيو آهي ته اِهو بادل سندس پڇ جي پرتاب ڪري ئي ڇايا ڏيئي رهيو آهي. راجا آگيا ڪئي ته سڀ ياتري هتان ٻاهر هلو. راجائي آديش انوسار سڀ ياتري اُتان روانا ٿيا، پر اُهو غريب ڳاهي ٿڪاوت سبب سمهيو رهيو ۽ بادل به ساڳيءَ جاءِ تي بيٺو رهيو. ڇوڏاري زبردست اُس هئي مگر هن ڳاهيءَ جي مٿان اُن بادل جي ڇايا هئي. راجا جي سپاهين اُن ڳاهيءَ کي جڏهن اُٿي وڃڻ لاءِ چيو ته اهو بادل مٿس ڇانوَ ڪندو سندس مٿان هلندو هليو. راجا اِهو ڪؤتڪ ڏسي وائڙو ٿي ويو. هو ان غريب ڳاهيءَ کي حال راج محل ڏانهن وٺي ويو ته بادل به مٿس هلندو هليو. راجا هڪدم پنڊتن ودوانن جي سڀا گهرائي ۽ انهن کان سوال پڇيو ته ’ڪهڙي ڪارڻ هن ڳاهيءَ جي مٿان بادل ڇايا ڪري بيٺو آهي؟‘ سڀا ۾ اُن مسڪين ڳاهيءَ کي گهرائي هن کان پڇيو ويو ته ’تو ڇا دان ڪيو آهي؟‘ هن پياري وراڻيو ’مان مسڪين آهيان من ۾ اِڇا هيم ته سڄ گرهڻ جي موقعي تي ڪروڪيتر ۾ اچي اشنان ڪريان. مون وٽ ته ڪجهه ڪين هو جو دان پڇ ڪريان، صرف ڳاهه ڪوٽڻ جي ڪرپي ۽ ڪوڏر هئي، اُها مان هٽ ڪنهن گهرجائوءَ کي ڏيئي ڇڏي. اِهو ٻڌي هڪ پنڊت راجا کي چيو ’راجن! هر ڪنهن يٿا شڪتيءَ هٿ دان ڪيو آهي، پر هن پياري ڳاهيءَ وٽ جيڪي پنهنجي روزگار جا ساڌن هئا، اهي به دان ڪري ڇڏيا ان ڪري ئي هن جو دان وڏيڪ پرڀوءَ وٽ قبول پيو آهي. ان سبب ئي بادل هن جي مٿان هلي رهيو آهي، مٿس ڇانوَ آهي. هزارن وارن هزار دان ڪيا، سوَن وارا سوَ پر سموري مايا ڪنهن دان ڪونه ڪئي آهي. هن پياري پنهنجو سڀ ڪجهه دان ڪيو، ان ڪري مٿس ڀڳوت جي وشيش ڪرپا ٿي آهي. پريميو! توهان به دان پڇ وڏيءَ دل سان ڪيو. توهان وٽ جيڪي ڪجهه آهي، سو پرماتما جي امانت آهي. پرڀوءَ جي امانت پرڀوءَ جي پيارن کي ڏيڻ ۾ ڪنجوسائي نه ڪريو.

١٥ ڊسمبر سوامي جن مهيسرن ۾ آيا. اتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پرڀوءَ جو نام ڪلياڻ ڪاري آهي هر وقت نام اُچاريو، نام کي نه وساريو، راجا رڻجيت سنگهه جڏهن به لڙائي ڪرڻ يا ٻئي ڪنهن ڪم سان ويندو هو ته نام اُچاري پوءِ گهوڙي تي سوار ٿيندو هو ۽ چوندو هو ’شڪن اشڪن تسدون لگي، جس دي هردي نه نام‘ جنهنجي من ۾ نام آهي، اُن کي سوڻ اپسوڻ ڪين لڳندو. نام ۾ هنجو ايڏو وشواس هوندو هو. انڪري هو جيڏانهن ويندو هو تيڏانهن جيت حاصل ڪري ايندو هو. ڪيترا چوندا آهن ته گيان پراپتيءَ کان پوءِ نام سمرڻ جي ضرورت ڪين آهي، پر ائين نه آهي. گيانيءَ تي پڻ نام سمرڻ جي وڏيڪ جوابداري آهي. هوُ پاڻ به جپي ۽ ٻين کان به نام جپائي. هڪ دفعي هڪ جگياسوءَ سنت ڪبيرداس کان پڇيو ته شاسترن ۾ گيان جي ڏاڍي اهميت ڏيکاريل آهي ۽ اهو اسيم آهي. اوهانجو اُن بابت ڪهڙو ويچار آهي؟ تڏهن سنت ڪبير چيو:

پڍني ڪي حد سمجهه هئه، سمجهن ڪي حد گيان،

گيان ڪي حد هرنام هئه، يــهي نشچيه جان.

سنت ڪبيرداس جي هن دوهي جو مطلب به اِهو آهي ته گيان جي سيما به نام ۾ نشٺا آهي. گيان جي حد به نام سمرڻ ئي آهي. انڪري پيارا! صبح جو اُٿڻ سان

ٻڌڻ لاءِ دير سان آيو ۽ ٻيا نيم سان ايندڙ شخص ڪٿا ٻڌڻ لاءِ اچي ويا. پر اُهو ودوان ڪٿا شروع نہ پيو ڪري. تڏهن پريمين هن کان پڇيو تہ ڪٿا جو وقت پرجي آيو آهي، اوهان ڪٿا ڇو نہ ٿا ڪريو؟ تڏهن اُن ودوان وراڻيو تہ اڃا ٻڌندڙ ڪين آيا آهن. وري ڪجهہ وقت بعد پريمين چيو سائين ڪٿا شروع ڪريو، ٻڌندڙ اچي ويا آهن. تڏهن بہ ڪٿا واچڪ ودوان چيو تہ اڃا شروتا گهڻ ڪونہ آيا آهن. ڪجهہ وقت کان پوءِ جئن ئي سندرداس آيو تہ ڪٿا واچڪ ڪٿا ڪرڻ شروع ڪئي. ڪٿا پوري ڪرڻ بعد انهن پريمين اُن ڪٿا واچڪ کان پڇيو تہ هي ساڌوا سندرداس ئي، ڇا سچو شروتا آهي جو توهان هن جي اچڻ کان پوءِ ڪٿا شروع ڪئي؟ ڇا اسين شروتا نہ هئاسين؟ تڏهن ڪٿا واچڪ چيو تہ توهان سڀيئي هيترا ڏينهن ڪٿا ٻڌندا رهيا آهيو، ٻڌل ڪٿائن ۽ سکيائن جو تت جيڪو توهان مان اڄ ڪوتا ۾ لکي ڏيکاريندو، اُن کي ئي سچو شروتا مڃيو ويندو. اُهو ٻڌي سڀني ڪٿا ٻڌندڙن ها تہ ڪئي پر سواءِ سندرداس جي ڪوبہ ڪٿائن، سکيائن جو تت لکي ڪونہ سگهيو. ٿورن ڏينهن بعد سنت سندرداس ٻڌل ڪٿائن جي آڌار تي ’گيان سمندر‘ گرنٿ لکي اُن ودوان اڳيان پيش رکيو. اهو ڏسي ٻين ڪٿا ٻڌندڙن جو ايمان نشٽ ٿيو. سچو شروتا اُهو آهي جو ڪٿا شروڻ ڪري اُن کي ياد ڪري هنڊائي ٿو. سنت سندرداس نہ صرف ڪٿا ياد ڪئي، پر هردي ۾ هنڊائي، اُن جو تت ڪوتا جي روپ ۾ پڻ ٻين اڳيان رکيو. پريميوا ان ڪري شرڌا سان ستسنگ ٻڌو. ٻڌل وچنن تي وشواس رکي عمل ڪريو. نشڪام ڀاونا سان سيوا ڪريو تہ توهان جا سڀيئي ڪارج سڌ ٿيندا. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

شرڌا سي ستسنگ ڪري، سيو ڪرو نشڪام،
ڪهہ ٽيئون تيري سڀي، هووي پورڻ ڪام.

٢١ جنوري پوڄنيہ سوامي جن رستم ۾ آيا. اُتي سوامي جن هفتو ڪن ستسنگ پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن رام نام جي مهما جو ذڪر ڪندي پوڄنيہ سوامي جن چيو:

ڪهہ ٽيئون سنسار کي، ڇوڙي سڀئي ڪام،
جاڳت، سووت رام جپ، جو ست چت سکڌام.

پريميوا ٻيا ڪم ڪاريون ڇڏي، جاڳرت ۾، چاهي ننڊ ۾ بہ نام جپيو. نام جو نالو سکدائي آهي. نام جپڻ سان توهان کي آنند جي پراپتي ٿيندي. سمرڻ ۾ وڏي شڪتي آهي.

نام سمرڻ جو پرڀاءُ نہ صرف چيتن، مگر جڙ وستن تي پڻ پوي ٿو. سنت دادو ديال جي شش پرياگداس جي استول شرير کي جڏهن چکيا تي چاڙهيو ويو، تڏهن سندس مالها جنهن سان هو نام جو جاپ جپيندو هو، اُها بہ اُتي سندس سرير پرسان رکي ويئي. ڪاٺين سان گڏ استول سرير جلي ڀسم ٿي ويو، مگر پرياگداس جي مالها باهہ جي ڀنيٽ هوندي بہ جئن جو تئن سالم رهي. اِهو ڪوتڪ ڏسي پريمي دنگ رهجي ويا. اِها مالها هن وقت بہ سنت پرياگداس جي آستان ڏيدواني ۾ موجود آهي. سنت پرياگداس نام جي سمرڻ جي ۾ ان مالها جو پريوگ ڪيو. انڪري مالها باهہ ۾ ڀسم ٿيڻ کان بچي ويئي.

گھٹ ذات وارو بہ پريوءَ جي مورتيءَ جو درشن ڪري! ان ڪري هن مندر جي ٻاهرن هڪ اهڙي نموني پٽ ٺهرائي، جئن ڪانھا ڀاري پائيندي ڀڳوان جي مورتيءَ جو درشن نہ ڪري سگھي. پيارو ڪانھا ڳالھ ڪي سمجھي ويو، پر ڀڳوان شريناٿ جي مورتي تہ هن جي من مندر ۾ براجمان هئي. ڀاري پائيندي هي پيارو شريناٿ جي مورتيءَ جو ڌيان ڪندو هو. چوندو هو پريوا

'تيري تصوير ميري آنکون ۾ سمائي هئہ'

ڀڳوان، ڪانھا کي ننڊ ۾ درشن ڏيندي چيو تہ مندر جي پوڄاريءَ کي منهنجو نياپو ڏج تہ نئين ٺهرايل پٽ هڪدم ڍهرائي ڇڏ، مونکي دور دور نهارڻ ۾ تڪليف ٿي ٿئي. ڪانھا سپني ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو، پر سوچيائين تہ ڀڳوان جو ڏنل نياپو ٻڌي متان پوڄاري ڪاوڙ ڪري، سو هوُ ان ڏينهن ماٺ ۾ رهيو.وري ٻئي ڏينهن بہ رات جو کيس ڀڳوان درشن ڏيندي ساڳي آگيا ڏني، پر هي پيارو سنڪوچ وچان چپ رهيو. ٽئين ڏينهن بہ رات جو ڀڳوان کيس درشن ڏيندي چيو تہ هڪدم پوڄاريءَ کي منهنجو نياپو ڏج. ڪانھا پوڄاريءَ کي سربستو احوال ٻڌايو. هيڏانهن پوڄاريءَ کي بہ پريوءَ ۾ ساڳيو سنڪيت ڏنو. پوڄاريءَ ڀڳوان جي آگيا انوسار نئين پٽ ڍهرائي ڇڏي. ڪي پيارا ڀڳوان ۽ ڀڳت گروءَ ۽ ششيہ جي وچ ۾ بہ وٿي پيدا ڪرڻ چاهين ٿا، پر پرماتما اهڙو دين ديالو آهي جو هو اُن دوريءَ کي پاڻ دور ڪري ٿو. انڪري پريوءَ اسان ڪان پري ڪين آهي. جئن جئن اُنلاءِ پياس وڌندي، تئن تئن اسين پريوءَ جي نزديڪ ٿينداسين. سيني ڀڳتن پريم دواران ئي پريوءَ کي پراپت ڪيو آهي. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ڪرما ڪيجا ڀيلني، هاٿي اور هنومان
ٽيئون ڪيول پريم ڪر، پايا هر ڀڳوان.

پوجنيہ سوامي جن جو رشي رگھورام جن سان پڻ پريم جو ناتو هو. رشي رگھورام گھر گرهست ۾ رهندي. مهان ودوان ۽ وئراڳي سنتوشي سنت هئا. سوامي جن چڪ ۾ بہ ٽي ڏينهن رشي رگھورام جن سان پڻ گيان گوشٽي ڪئي. هونئن بہ جڏهن سوامي جن چڪ ۾ يا ڪڏهن شاهپور چاڪر ويندا هئا تہ رشي رگھورام سان ضرور ملندا هئا. سوامي جن کي رشي رگھورام جن لاءِ ڏاڍي شرڌا هوندي هئي ۽ رشي رگھورام پڻ سوامي جن کي ڏاڍو ڀائيندا هئا.

١٣ جنوري پوجنيہ سوامي جن عبدوءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٠ جنوري تائين جدا جدا وشين تي ستسنگہ پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ستسنگہ ۾ ڪٿا ٻڌڻ تہ هزارين شخص اچن ٿا، پر اُنهن مان ڪي ورلي سچي روپ ۾ شروتا آهن. ڪٿا ٻڌندي جيڪڏهن من ۾ ڪا شنڪا پيدا ٿئي تہ ان جي سماڌان لاءِ ڪٿا واچڪ ودوان کي وينتي ڪجي. سنت دادوءَ جو شش سندرداس، ڪاشيءَ ۾ هڪ ودوان جي ڪٿا ٻڌڻ ويندو هو. ڪٿا ٻڌڻ کان پوءِ هو اُن ڪٿا واچڪ ودوان کان من ۾ پيدا ٿيل مونجهاري جو حل پڻ پڇندو هو. اُهو ودوان سندس شنڪائن جو سماڌان ڪندي پرسن ٿيندو هو. هي ودوان محسوس ڪندو هو تہ هي سچو شروتا آهي، جو منهنجي ڪٿا ڌيان سان ٻڌي اُن بابت روح رهاڻ ڪري ٿو. هڪ ڏينهن سنت سندرداس ڪٿا

سوامي جن وارشڪ اُتسوَ جي موقعي تي ستسنگہ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن پريم پرڪاش منڊل جو هي وارشڪ اُتسوَ ان ڪري آرنڀ ڪيو تہ جدا جدا ڳوٺن ۽ شهرن جا پريمي هت اچي ستسنگہ جو لاڀ بہ وٺن ۽ سنتن جا درشن بہ ڪن، جئن پريم ۽ گيان جو پرچار بہ ٿئي. پريمين ڪي جيڪڏهن ڪي شنڪائون هجن تہ اُنهن جو بہ سماڌان ٿئي. ستگرو مهاراجن ’شري ست نام ساکي‘ جو منتر ڏيئي هزارن پيارن کي پريوءَ جي راه ۾ چڪيو آهي. پريميوا توهان بہ پنهنجي هر ڪاريہ جي شروعات ’شري ستنام ساکي‘ گرو منتر سان ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪه ٽيئون گرو منتر ڪو جاپ لي بارمبار،
جڳت ڀاوَ ڪو ڀول ڪر، پائو موڪش دوار.

گروءَ دواران ڏنل منتر جي وڏي اهميت آهي. دنيوي ڳالهين کي وساري سڪ ۽ شرڌا سان گرو منتر اُچاريندا تہ توهان جا ٻيڙا ٻني لڳندا. جئن شرير لاءِ کاڌ خوراڪ هوا ۽ پاڻي ضروري آهي، تيئن نام سمرن بہ جيو لاءِ آتمڪ خوراڪ آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج هيڏا پهتل سنت هئا، تڏهن بہ ڪيترو وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. شري سکمني صاحب ۾ پڻ گروجن نام جي ڪيڏي نہ مهما ڪئي آهي:

پرڀ ڪا سمرن سب ٿي اونچا،
پرڀ ڪيءَ سمرن اُڌري مؤچا.
پرڀ ڪيءَ سمرن ترشنا ٻجهي،
پرڀ ڪيءَ سمرن سب ڪجه سُجهي.

سيني ڪمن ۾ اُتم ڪم آهي نام جو سمرڻ. ان سمرڻ سبب ڪيترا گهٽ ذات وارا بہ سنسار جي ساگر مان تري ويا، مهان ٿي ويا. ترشنائن جو انت ڪونهي، پر نام سبب ترشنائن جي باه بہ وسامي ويندي. نام سمرڻ دواران جيوَ کي سچ ۽ ڪچ جي پروڙ پوندي. سنتن مهاتمائن نام جو سهارو ورتو آهي. ان ڪري پريميوا نام نہ وساريو. مايا ميڙڻ زندگيءَ جو مقصد ڪين آهي. پر توهان مان ڪيترا ائين سمجهن ٿا تہ جنهن وٽ ڌن پدارٿ آهي، سوئي ڀاڳن وارو آهي، پر حقيقت ۾ جنهن وٽ نام پدارٿ آهي سوئي ڌنوان آهي. پريوءَ جا پيارا مايا کي پٺي ڏيندا آهن. سندن منهن مالڪ طرف هوندو آهي. مايا تہ سندن پويان هوندي آهي. هڪ دفعي ڇترپتي شواجي مهاراج، سنت تڪارام جو راجائي سنمان ڪرڻ لاءِ ڪيس نمنترڻ موڪليو. مگر سنت تڪارام اُهو نمنترڻ سويڪار نہ ڪيو. جنهن کي ائٽي پهر پريوءَ جي اون، سو دنيوي شان مان وڏائيءَ کي ڇا ڪندو! آخرڪار شواجي مهاراج سنت تڪارام جو درشن ڪرڻ لاءِ ديهو ڳوٺ ۾ ويو. شواجي مهاراج سنت تڪارام جي چرنن ۾ مهرن جي ڳوٿري ڀيٽ رکي، سنت تڪارام سندس مهرن جي ڳوٿري سويڪار نہ ڪئي ۽ کيس چيائين ’پيارا شواجي! هيءَ مايا، مهرون تہ پريوءَ جي راه ۾ رنڊڪ آهن. اِهي دکين دريدرن جي شيوا ۾ لڳاءِ، اسين مهرون ڇا ڪنداسين!‘

سنت ستپرش هڪ نام سان ئي نينهن لڳائين ٿا. جيڪڏهن وٽن مايا اچي ٿي تہ

پريميوا توهان بہ نام نہ وساريو. نام سمرڻ سان توهان وڪارن جي باه کان بچي ويندا ۽ توهان کي آتمڪ آنند جو انڀؤ ٿيندو.

۲۸-۳۰ جنوري سوامي جن عظمت ڳوٺ ۾ ستسنگ ڪيو. ۱ فيبروريءَ کان ۴ فيبروري سوامي جن عدرتڪي ڳوٺ ۾ ستسنگہ ڪيو. ۵-٦ فيبروري ڏهرن جي ڳوٺ ۾ ستسنگہ ڪري ۷ فيبروري آراين جي ڳوٺ ۾ آيا. اتي پڻ سوامي جن چار ڏينهن ستسنگہ ورڪا ڪئي. ۱۱ فيبروري سوامي جن پني عاقل ۾ آيا. اُتي ٽي ڏينهن ستسنگہ ڪيائون. ان بعد سوامي جن گهوٽڪيءَ ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري ڪيترن پريمين کي پريوءَ جي راهہ ۾ چڪيائون. ۱۸ فيبروري سوامي جن ڪنڌڪوٽ ۾ آيا. اتي سوامي جن هفتو ڪن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن هڪ ڏينهن نام جي مهما جو ورنن ڪندي چيو:

اِڪ پڳوٽ ڪي نام بن، بول نہ دوُجي بات،
ڪہ ٽيئون هر نام ڪا، سمرن ڪر دن رات.

پريميوا رات ڏينهن ائي پهر نام سمرڻ ڪريو. سچو ڀڳت پريوءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهنجو چنتن ڪين ٿو ڪري. سواس سواس سان سمرڻ ڪريو. ڪرت ڪار ڪندي، ڪيتي ٻاڙي ڪندي، چت جي ورتي پريوءَ سان ڳنڍيل هجي. صرف زبان سان نہ پر دل سان پريوءَ کي ياد ڪريو تہ توهين آباد ٿيندا، شاد ٿيندا.

هڪ دفعي هڪ وئراڳي ڀڳت، سنت دادوءَ کان پڇيو تہ 'مان هر روز هڪ لک دفعا نام اُچاريان ٿو، پر تڏهن بہ مونکي توهان وانگر ڪو سنت نٿو سڏي، اُن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟' سنت دادوءَ وراڻيو، 'پيارا! تنهنجي ۽ منهنجي سمرڻ ۾ تفاوت آهي. صرف رام نام زبان سان رٽڻو ڪين آهي، سواس سواس ۾ اُن جو سمرڻ ڪرڻو آهي ۽ هر پراڻيءَ ۾ اُن داتار جو درشن ڪرڻو آهي.

الکہ نام انتر ڪهي، سب گهٽ هر هر هوير،
دادو پاني لون جيؤن، نام ڪماوو سوير.

جئن لوڻ پاڻيءَ ۾ ملي هڪ ٿي ويندو آهي. تئن جيو کي برهم جو سمرڻ ڪري تدروپ ٿيڻو آهي. اِهوئي سچو سمرڻ آهي.

۲۸ فيبروري سوامي جن سنت آيارام جي دربار ٽنڊي مستيءَ ۾ آيا. اتي سوامي جن هفتو ڪن ستسنگہ ورڪا ڪئي. ۸ مارچ سوامي جن امراپور استان ٽنڊي آدم ۾ سئر ڪري واپس وريا. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي پرڻام ڪري مليل پيٽائون سندن چرنن ۾ رکي، منڊل جي سيني سنتن سان مليا. چيٽ جي ميلي تائين سوامي جن اُتي ئي رهيا. چيٽ جي ميلي جي اُتسو سنبنڌ ۾ بريم پرڪاش منڊل جي سنتن کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي سنت مهاتمائون گڏ ٿي جن، ودوان آستان تي آيا. سوامي جن سيني سان روح رهاڻ ڪئي. سوامي جن جي شروع کان ئي سماجڪ وشين ۾ رچي پئي رهي آهي. ان اُتسو ۾ پروفيسر هاسانند جادوگر پڻ آيل هو، اُهو پڻ سوامي جن جي ڪمري ۾ رهيل هو ۽ سوامي جن سان سندس چڱو لڳاءُ هو. سوامي جن ساڻس سماجڪ وشين تي چرچا ڪئي.

تہ سنت اُن صفائي ڪندڙ مائيءَ کي چيو تہ جئن اِهو نوجوان اشنان ڪري واپس وري تہ تون پنهنجي ٻهاري ساڻس ڇهائجانءِ. مائيءَ سنت جي آديش انوسار ائين ڪيو وري بہ اُهو جوان غصي ۾ ڦوڪجي اُن مائيءَ کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو، پر ڪيس مارڻ جي اُلر ڪين ڪيائين ۽ وري اشنان ڪري سنت وٽ آيو. سنت چيس ’پيارا! تون اجا اُپديش وٺڻ جو اڌڪاري ڪين آهين. اجا سال ڪن نام جپي پوءِ اچج.‘ اُهو جوان نراس ٿي واپس وريو. وري سال ڪن نام جپي سنت وٽ آيو. سنت چيس تہ اشنان ڪري اچ تہ اُپديش ڏيانءِ. سنت وري اُن صفائي ڪندڙ مائيءَ کي چيو تہ اِهو جوان جئن اشنان ڪري اچي تہ مٿس گند جي ٽوڪري ڦٽي ڪج. مائيءَ مهاتما جي آديش انوسار ائين ڪيو. پر ان دفعي اُهو جوان اُن مائيءَ تي ڪاوڙيو ڪين. هن اُن مائيءَ جا احسان مڃيندي چيو ’ماتا! مان توهانجو شڪر گذار آهيان، جو توهان جي ان وهنوار سبب مان پنهنجي اهنڪار ۽ ڪروڌ کي جيتي سگهيو آهيان.‘ اُن مهاتما ڏٺو تہ هاڻي هن پنهنجي ڪروڌ ۽ اهنڪار کي بنهہ گهٽايو آهي ۽ اُپديش وٺڻ جي يوڳيہ آهي. جيئن ئي جوان اُن مهاتما وٽ آيو تہ اُن سنت ڪيس پنهنجي گلي لڳايو ۽ چيائينس ’پيارا! هاڻي توکي اُپديش ڏيان ٿو. آڌياتمڪ مارگہ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ اهمتو کي وڃائڻو آهي. اهمتو ويندو تہ ڪروڌ بہ ويندو. مان مان، اهنڪار ويندو تہ ڪروڌ بہ ان سان گڏ موڪلائي ويندو.

پريميو! توهان جا سوڀاڳيہ آهن جو ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا گادي نشين ستگرو سوامي سروانند مهاراج بنا پريڪشا وٺڻ جي ئي توهان کي گرو منتر ڏيئي ڪرتارٿ ڪري رهيا آهن. هوُ توهان تي ديا درشٽي ڪري ’شري ست نام ساکيءَ‘ جو منتر ڏيئي، توهان کي آتم گيان جو امرت پيئاري، توهان جو آئينده روشن ڪري رهيا آهن. توهان سندن سکيائن ۽ سڌانتن تي عمل ڪري منش جيون سڦل ڪريو.

سوامي جن ۲۰ مئي تائين اتي حيدرآباد جي آشرم ۾ رهيا. اتي ڀهلاج پوريءَ ۾ ڪوي ڀهلاجرام جن سان پڻ روح رهاڻ ڪيائون. ۲۱ مئي سوامي جن جيڪب آباد لاءِ روانا ٿيا. ۱ جون سوامي جن جيڪب آباد ۾ سوامي ڪرشن گر جي آستان تي آيا. اتي چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون. اتان ۵ جون سوامي جن ڪوئيٽا بلوچستان لاءِ روانا ٿيا. ڪوئيٽا ۾ سوامي جن جا سوين شرڌالو هئا، اُنهن سوامي جن جو هاردڪ سواگت ڪيو. اتي سوامي جن پندرهن ڏينهن ستسنگ ڪندي چيو:

برا ڪسي ڪا نا ڪرو، سب ڪا ڀلا وچار،
ٽيئون برائي جو ڪري، ٽانڪا ڪر اُپڪار.

پريميو، سڀ سان ڀلائي جا ٻير ٻريو. ڪو توهان سان پرتيڪوُل وهنوار ڪري، تڏهن بہ توهان ساڻس سنو ورتاءُ ڪريو. ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏٺي توهان کي ڏيندو. ڪنهن سان ڪيل ڀلائي اجائي ڪين ٿي وڃي. هڪ دفعي هڪ چور ڪنهن جهنگل مان لنگهي ٿو. سندس ڪن تي شينهن جي ڪيڪرات جو آواز پوي ٿو. هي چور اُن طرف پنڌ ڪندو اچي ڏسي ٿو تہ شينهن کي ڪا پيڙا آهي. جنهنڪري هوُ ڪيڪرائون ڪري رهيو آهي. چور پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي شينهن جي ويجهو وڃي ٿو. شينهن پنهنجو پير مٿي ڪري

پر اُپڪار جي ڪارين ۾ لڳائين ٿا. پريميوا توهان کي به جيڪڏهن پرماتما ڏن پدارٿ ڏنا آهن ته اُهي اُپڪار جي ڪارين ۾ لڳايو. ڪنهن بکئي جو پيٽ ڀريو، ڪنهن ننگي کي وستر وٺي ڏيو. ڪوهه ڪوڙهيو، سنتن ستپرشن ۽ مسڪينن جي شيوا ڪريو. جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏيو ته پريو توهان تي پرسن ٿيندو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

نشڪام نرمان هو، سيوُ ڪرت جن جويه،
ڪهه ٽيئون تس پر سدا، پڳون پرسن هويه.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسو جي سنبنڌ ۾ ۲۲ مئي سوامي جن، ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن سان گڏجي حيدرآباد ۾ سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آستان تي آيا. سوامي ماڌوداس ستگرو مهاراجن ۽ منڊل جي آيل سڀني سنتن جو سواگت ڪيو. ورسيءَ جا ٽيئي ڏينهن ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي گرمڪداس، سوامي بسنترام ۽ ٻين سنتن ستسنگه ورکا ڪري پريمين کي نام جو امرت پيئاريو. ان موقعي تي پوجنيه سوامي جن پڻ ستسنگه ڪندي چيو:

دنيا ۾ مهاپرش بڙي ڪام ڪو آتي هئن،
مٽائي موه من ڪا، امر بنانا سڪاتي هئن.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج به مهان ويوتي هئا، جن ڪندوءَ ۾ اوتار ڌارڻ ڪري هزارين پريمين کي آتم گيان ڏيئي ڪين موه ممت مان مکت ڪري امر پد ۾ اسٿت ڪيو. سوامي جن ’سوهم‘ منتر جي جاپ جي آگيا ڪندي چون ٿا:

ٽيئون سوهم جاپ جپ، غافل ڪبهن نه هويه،
اِڪ اِڪ شواس امول هئه، ٽانهن نه ورٿا کويه.

پريميوا سستي ڇڏي، سڄاڳه ٿي، ’سوهم‘ جو منتر اُچاري پنهنجو هڪ هڪ سواس سڦل ڪريو. پنهنجا امولهه سواس ويرٿ ڪين وڃايو.

اڄ ڪلهه ته گرو، سنت پريمين کي جلدي نام جو اُپديش ڏين ٿا، پر اڳه ششن کان ڪئن پريڪشائون وٺي ڪين يوگيه سمجهي پوءِ اُپديش ڏيندا هئا. هڪ نوجوان هڪ مهاتما وٽ اُپديش وٺڻ لاءِ سندس آشرم ۾ آيو ۽ اچي وينتي ڪيائين ’گرو مهاراج! داس کي نام جو اُپديش ڏيو.‘ اُن سنت چيس ’پيارا! پهرين اشنان ڪري اچ ته پوءِ توکي اُپديش ڏيان.‘ اُهو نوجوان اشنان ڪرڻ ويو ته اُن مهاتما آشرم جي صفائي ڪندڙ مائيءَ کي چيو ته اِهو جوان جڏهن اشنان ڪري موٽي ته ٻهاريءَ سان مٽي ڪڍي مٿس اُڇلائج. اُن مائيءَ کي اُن سنت جي سڀاءَ جي ڄاڻ هئي ته هو ان نموني نوَن ششن کان پريڪشا وٺندو آهي. ان مائيءَ سنت جي آديش انوسار اُن جوان مٿان مٽي اُڇلائي. اُهو جوان ڏاڍو ڪروڌ ۾ پڙڪي کيس مارڻ لاءِ پٿر هٿڻ لڳو، پر مائيءَ پاڻ بچائي ورتو. اُهو جوان وري اشنان ڪري سنت وٽ آيو. سنت چيس ’پيارا! تون اڃا اُپديش وٺڻ جو اڌڪاري ڪين آهين. تون سال کن نام جپي پوءِ وري هت اچج.‘ اُهو جوان سنت جي آگيا انوسار واپس وريو ۽ سال کن نام جو جاپ جپي اُن سنت وٽ اُپديش وٺڻ لاءِ آيو. سنت اڳه وانگر کيس چيو ته اشنان ڪري اچ ته توکي اُپديش ڏيان. اُهو جوان اشنان ڪرڻ ويو

جي چشڪي لاءِ مانس آهار ڪن ٿا. انهن گڏامن ٻڪرن ٻڪرين ۾ به مالڪ موجود آهي. دل ۾ ديا ڌاريو. انهن گڏامن جون آهون ۽ دانهون جنم جنم ۾ ڏک ڀوڳينديون. انهن تي قياس ڪري، انهن ۾ به پريوءَ کي پسي، انهن کي پيار ڪريو ته پرماتما توهان تي پرسن ٿيندو. ١ جولاءِ پوڄنيه سوامي جن، سنت اوڌوداس، سنت گنگارام، سنت ڪشنداس، سنت ڀڄنداس ۽ ڪي گرهستي گڏجي تيرٿ ياترا لاءِ روانا ٿيا. ٢٤ جولاءِ سوامي جن امرتسر ۾ پهتا. اتي سوني دربار جي تلاءُ ۾ اشنان پاڻي ڪري درشن ڪيائون. سوامي جن امرتسر ۾ ڪرمسنگهه ڪا ڪٽرا آستان تي ويا، جتي هنن گياني هميرسنگهه دواران شري گرو گرنٿ صاحب جي امرت باڻيءَ جو اڀياس ڪيو هو. سوامي جن چار ڏينهن امرتسر ۾ رهي ٢٨ جولاءِ هردوار روانا ٿيا. هردوار ۾ هفتو کن رهي بدريناٿ جي ياترا لاءِ روانا ٿيا. تن ڏينهن ۾ بدريناٿ وڃڻ لاءِ سهوليتون ڪين هيون. پيدل ياترا ڪرڻي پوندي هئي. سوامي جن سنتن سان گڏجي بدريناٿ لاءِ ٦ آگسٽ روانا ٿيا. پيچرن وارو رستو ڏاڍو جوکم وارو رستو هو. لاهيون چاڙهيون، هڪ طرف گنگا مئيا جو تيز پرواهه ته ٻئي طرف وڏيون کاهيون. رستي تي ڪيترائي مندر هئا. رستي تي منزلون هڻندا، اٺن ڏينهن کانپوءِ بدريناٿ پهتا. اتي سوامي جن پنج ڏينهن رهيا. اتي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن جا درشن ڪيائون. ڪنڊ ۾ اشنان پاڻي ڪري ڀڳوان جي مندر ۾ وڃي پوڄا اُپاسنا ڪيائون. سوامي جن اتي ڪن سنتن کي ڪمبل ڏنا ته ڪن سنتن کي ڀوڄن کارائي ڀيٽائون ڏنيون ۽ ستگرو مهاراجن جا پنڊ پڻ ڀرايائون. سوامي جن اتي وسوڌرا طرف پڻ ويا. چوندا آهن ته هوا جي لڳڻ ڪري وسوڌرا جي جل جون بوندون جنهن کي لڳن، سو پڻيه آتما هوندو آهي. سوامي جن جيئن ئي ٻين سنتن سان گڏجي وسوڌارا جي ويجهو آيا، تيئن مٿن ۽ ڪن سنتن تي وسوڌارا جون بوندون پيئون. سوامي جن سئر ڪندا وري ڪيدارناٿ آيا. رستي تي ڪيترائي مندر هئا. سوامي جن سڀني آستانن تي پرڻام ڪندا ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا. سندن درشن ڪري ساڻن روح رهاڻ ڪيائون. ١٦ سيپٽمبر سوامي جن هردوار ۾ واپس آيا. سوامي جن اُتي ڪنکل ۾ چيتن ديو جي ڪٽيا ۾ سنتن جو ڀنڊارو ڪرايو. سوامي جن ٢٠ سيپٽمبر هردوار مان بندرابن لاءِ روانا ٿيا. اُتي برج ڀومي، مٿرا ۽ گوڪل ۾ هفتو کن رهيا. ڀڳوان شري ڪرشنچندر جا ليلا استل ڏٺائون ۽ ڪيترن ئي ڪرشن ڀڳتن جو درشن ڪيائون. سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جا اننيه اُپاسڪ هئا. اٺئي پهر ڀڳوان شري ڪرشن جي نام جي مالها سوريندا هئا. سندن رڳ رڳ مان جئه شري ڪرشن جو آلاپ ايندو هو. برج ڀوميءَ ۾ راس ڏسي سوامي جن خوب آنندت ٿيا.

٣ آڪٽوبر پوڄنيه سوامي جن تيرٿ ياترا پوري ڪري سنتن ۽ پريمين سان گڏ ٽنڊي آدم دٻ تي واپس آيا. پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي ڏنڊوت پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي نمسڪار ڪري حالي احوالي ٿيا ۽ سندن چرنن ۾ تيرٿن جو پرساد رکيائون، پوءِ وري منڊل جي ٻين سنتن سان مليا.

١٥ آگسٽ ١٩٤٧ ديش جو ورهاڱو ٿي چڪو هو. سنڌ مان هندن جي لڏپلاڻ شروع ٿي. ڪن شهرن ۾ اڻوڻندڙ واقع ٿيا. خاص ڪري پنجاب ۽ ڪراچيءَ ۾ خوفناڪ گهٽنائون

ٿو، جنهن ۾ هڪ ڪنڊو چڀيل آهي. ان ڪنڊي سبب ئي اهو شينهن ڪيڪرائون ڪري رهيو هو. اُن چور آهستي آهستي ان شينهن جي پير مان ڪنڊو ڪڍيو. شينهن کي راحت ملي، سندس ڏک دور ٿيو. اُن وقت اُن شينهن جي اکين مان ان چور لاءِ شڪر گذاريءَ جي ڳاوڻا ٽپڪي رهي هئي. چور پنهنجي راهه وٺي رمندو رهيو. هڪ دفعي ڪنهن ڏوهه ۾ رياست جي راجا ان چور لاءِ سزا مقرر ڪئي ته ان چور کي بکئي شينهن جي منهن ۾ وڌو وڃي. قدرت سائينءَ جي، جو راجا جي سپاهين ان ساڳئي شينهن کي هٿ ڪري ان کي ٽي ڏينهن بکيو رکيو. چوٿين ڏينهن شاهي ميدان تي اُن چور کي بيهاري شينهن کي پڃري مان آزاد ڪيو ويو ته جيئن اُهو بکايل شينهن اُن چور کي لقمو بڻائي کائي ڇڏي. راجا ۽ وزير پڻ سر زمين تي ٻاهر ويٺا. ڪيترائي ماڻهو راجا جي اِها مقرر ٿيل سزا ڏسڻ لاءِ اتي اچي ويٺا. راجا وزير ۽ سڀني ماڻهن ائين سمجهيو ته اُهو بکايل شينهن جلدئي ان چور کي چنبو هڻي کائي خلاص ڪري ڇڏيندو. پر شينهن جڏهن ان چور کي ڏٺو، تڏهن اهو شينهن ڪنڌ هيٺ ڪري واپس هليو ويو. چور جو وار به ونگو ڪين ٿيو. اِهو ڪؤتڪ ڏسي راجا، وزير ۽ آيل ماڻهو دنگ رهجي ويا. چور محسوس ڪيو ته اهو ساڳيو شينهن آهي، جنهن جو هن ڪنڊو ڪڍيو هو. راجا چور کان پڇيو ته شينهن تنهنجي ويجهو اچي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇو واپس ويو؟ چور راجا کي سچي وارتا ٻڌائي ته ڪيئن نه هن جان جوکي ۾ وجهي ان شينهن جي پير مان ڪنڊو ڪڍي سندس ڏک دور ڪيو ته شينهن بکايل هوندي به موت ۾ ڪيس بک نه بڻايو، موت کان ڪيس مکت ڪيو.

پريميوا توهان به ٻين جو ڀلو ڪندا ته ٻيا به توهان سان ڀلائي ڪندا. روز ڪونه ڪو ڀلائيءَ جو ڪم ڪريو. ان سان گڏ نام کي نه وساريو. هروقت پڙڀوءَ کي ساريو، ڪيس پريم سان پڪاريو.

٢٥ جون سوامي جن ڪشمور ۾ آيا. اتي پنج ڏينهن ستسنگ ورکا ڪيائون. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ساکشي چيتن رم رها، جل ٿل پڻ آڪاش،
ڪهه ٽيئون تهن جان کي، پائو سک اوناش.

پريميوا پرماتما هرهنڌ وياپڪ آهي. توهان به هر پراڻيءَ ۾ ان داتار جو درشن ڪري ادوتيه آنند پراپت ڪريو. سڀ صورت ۾ سرجڻهار جو ديدار ڪريو. سنت سڀ ۾ پنهنجي پريتم کي پسن ٿا. هڪ دفعي رات جو سنت نامديو کوهيءَ تان پاڻي ڀرڻ ٿي ويو ته رستي تي ڪنهن چيس ته هن مهل کوهيءَ تي نه وڃ. اُتي ڀوت اٿيئي. سنت ته سڀ ۾ هڪ پرماتما جو روپ پسن ٿا. جڏهن سنت نامديو کوهيءَ جي ڀرسان آيو ته برابر هڪ ڀوت سندس سامهون آيو. سنت نامديو ان کي ڀڳوت روپ سمجهي ان جي اُستتي ڪرڻ لڳو. ڀوت مان به ڀڳوان پرگهٽ ٿي ڪيس چوڻ لڳو ’پيارا! تو ڀوت ۾ به مونکي پسيو.‘ سنت نامديو وراڻيو ’پريوا توهان سرووياپي آهيو، پوءِ ڇو نه هر چيز ۾، هر جيو ۾ اوهان جو ساکيات درشن ڪريان.‘

سڀني پراڻين ۾ پڙڀوءَ کي پسي ڪنهن به جيو کي نه ستايو. ڪيترا شخص زبان

جي گهر ۾ ستسنگ ڪندا هئا.

ڀاءُ دوارڪاداس ۽ ٻيا ڪي پريمي سوامي جن کي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ وٺي آيا. سوامي جن مهنو ڪن جدا جدا پريمين جي گهرن ۾ پروچن ڪيو. ١٠ آڪٽوبر سنہ ١٩٤٨ع ۾ سوامي جن ڪلياڻ ڪئمپ ٥، ملٽريءَ جي جهونن ٻن ڪمرن ۾ هوادار جڳهہ تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ننڍو مندر اسٿاپت ڪيو. اتي سوامي جن نت نيم ستسنگہ ڪرڻ شروع ڪيو. ڪيترائي پريمي سوامي جن جي ستسنگہ جو لاڀ وٺڻ لڳا. ڪاڪو ولرمل، ڀاءُ دوارڪاداس، ڏولوءَ ماءُ، ماتا رکي ۽ ٻيا پريمي سوامي جن جي شيوا ۾ رهندا هئا. آشرم ۾ آهستي آهستي ٻيا سنت گڏي گياني بہ اچڻ لڳا. سوامي جن سان باجي تي شري پرمانند ۽ ڏکڙن تي سندرداس هوندو هو.

اِهو ننڍڙو آستان پوجنيہ سوامي جن جي ڀڳتي ساڌنا ۽ پر اُپڪاري ڪارين سبب سنڌين جو هڪ مهان تيرٿ آستان بڻجي پيو آهي، جتي ستسنگہ سمرڻ سيوا جو يگيہ ٿيندو رهي ٿو. وڏا وڏا مهاتمائون گڏي گياني اچي گيان جي گنگا پرواهت ڪن ٿا. پريمين کي نام جو امرت پيئاري ڪرتارٿ ڪن ٿا.

ليڪبل ڪئمپ ۾ سوامي اوڌوداس سوامي ٽيئونرام آشرم برپا ڪيو هو. ٢٥ ڊسمبر پوجنيہ سوامي جن ان آستان تي پڌاريا. اتي سوامي جن ڏہ ڏينهن ستسنگہ ورڪا ڪندي سنگت کي چيو تہ شرڌا ۽ وشواس رکي سنتن ستپرشن جي شيوا ڪريو ۽ انهن جي ٻڌايل راہ تي هلڻ جي ڪوشش ڪريو.

جيڪي ساڌن سنتن جي شيوا ڪن ٿا، پريو انهن کي اَن ڌن جي ڪوٽ ڪونہ ٿو ڏئي. جوڌپور جي چٽيرا ڳوٺ ۾ هڪ سنت سيوي ودرجي رهندو هو. هوُ ڏاڍي شرڌا سان ساڌن سنتن کي نت نيم ڀوڄن ڪارائيندو هو. هڪ سال برسات گهٽ پوڻ سبب سندس کيتي سڪجي وئي. ان ڪري کيس چنتا ٿي تہ سڄو سال ڪيئن هو سنتن کي ڀوڄن ڪارائيندو. ڀڳوان هن کي سپني ۾ درشن ڏيندي چيو 'پيارا! تون اناج جي چنتا نہ ڪر. تون پنهنجي کيت جي سڪل ڪانن کي لٽي ڳاهج، توکي جهجهوئي اَن ملندو.' ڀڳوان جو درشن ڪري ودرجي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ سپني ۾ مليل آگيا انوسار هي پيارو سڪل ڪانن جا سنگہ لٽڻ لڳو. کي مٿس کلڻ لڳا تہ سڪل ڪانن مان ڪڻڪ ڪٿان ايندي، پر هي پيارو ڀڳوت آگيا انوسار سڪل ڪانا ڪٽڻ لڳو. ڀڳوت ڪرپا سان اُن سڪل کيت مان کيس ٻہ هزار مڻ ڪڻڪ جا مليا. جن کي پنهنجو سوارٿ ڪين آهي، پرماتما اُنهن جي پاڙهي سار لهي ٿو. ستڪرم ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ هٽ منجهندو ڪين آهي.

پريميوا ساڌن سنتن مسڪينن گهرجائن جي نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪندا رهو. ان ڪاريہ ڪندي ڪڏهن بہ توهان کي ڪمي ڪانہ ٿيندي. پريو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي توهان جي سار لهندو. پرماتما ۾ پورو پورو ڀروسو رکو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ري من راکو رام ۾، پورن نم وشواس،
کہ ٽيئون وشواس سي، سب دکہ ناس.

گھليون. سوامي جن اُن ڪري ڪجھ مهنا اُتي ٻه ٽي ئي ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ رهيا. سنڌ جي ڪن ڳوٺن ۽ شهرن ۾ هندن کي ڏاڍو ستايو ويو. سنڌ جي ناساز حالتن سبب ستگرو سوامي سروانند مهاراج منڊل جي سيني سنتن سان صلاح ڪري ڀارت ۾ لڏي اچڻ جو پڪو ارادو ڪيو. جنوري ۱۹۴۸ع ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراج منڊل جي سنتن کي ساڻ وٺي سونهاري سنڌڙيءَ جا وڻ ڇڏي پوءِ ڀارت ڀوميءَ ۾ پڌاريا. پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج به ساڻن گڏ هئا. پهرين ستگرو مهاراج احمدآباد ۾ آيا. اُتي ستگرو سوامي سروانند مهاراج جا ڪي گجراتي پريمي رهندا هئا. انهن پريم پرڪاش منڊل جي سيني سنتن جي رهائش جو جوڳو بندوبست ڪيو. ڀارت ۾ اچڻ سان چيٽ جو ميلو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي نيترتوَ ۾ احمدآباد ۾ ئي ملهايو ويو. چارئي ڏينهن ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ منڊل جي ٻين سنتن ستسنگ جي ورکا ڪئي.

اُتسو ۾ پوڄنيه سوامي جن پڻ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته اسين پنهنجي جنني جنم ڀومي سنڌ کي ڇڏي هٿ پٽر پٽيه ڀوميءَ ۾ آيا آهيون. ڪيترا پيارا پنهنجو سرو سوَ سنڌ ۾ ڇڏي هتي آيا آهن. ورهاڱي جي واءُ اباڻا اجها ڇڏايا آهن. ڪيترا سنڌي بي گهر آهن، بي روزگار آهن. اڄ ستگرو مهاراجن کي سڀ گڏجي پرارٿنا ڪريون، پريم وچان پڪاريون. ويساهه رکي وينتي ڪريون ته شل سڀيئي سنڌي سکيا ستابا ٿين.

پرارٿنا ڪر پريم سي ڪهه ٽيئون بن داس
شڌ ورديه ڪي سنت هر راکو من وشواس
هرديه سي جب پرارٿنا ڪهه ٽيئون ڪر ڪويه،
ڀڳوت ڪي تب ڪان ۾ پهنچت شيگهر سويه.

دک سک ۾ پرماتما ۽ ستگرن کي ياد ڪريو. اُهي اڇي اوکيءَ مان سؤکي ڪندا. پرماتما ته ديا جو ساگر آهي. اُن جي ڪرپا سان دک دور ٿي ويندا. اچو ته گڏجي ڀڳوان کي پرارٿنا ڪريون:

ڀڳت وتسل پيه هرن هر، ڪروڻا شيل نڌان،
ڪهه ٽيئون ڪل ڪال ۾ لاڄ راک ڀڳوان
هي سمرٿ سروگيه هر، دين ٻنڌو داتار،
ڪهه ٽيئون ڪرپا ڪري، دي شڀ گڻ ڀنڊار.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج به ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتي آهن. اُنهن جو درشن به ستگرو مهاراجن جو درشن ئي آهي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن اڄ اسان کي ڪيڏيون نه سندر سکيائون ڏنيون آهن. اُنهن سکيائن تي هلي مانش جنم سڦل ڪريون.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج احمدآباد کان پوءِ هردوار روانا ٿيا. سوامي جن پڻ هردوار ويا. منڊل جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن نالي آستان برپا ڪيا. پوڄنيه سوامي جن هردوار مان ٿي ڪرلا بمبئيءَ ۾ آيا. اُتي پياري دوارڪاداس ۽ ٻين پريمين سوامي جن جي شيوا ڪئي. سوامي جن جدا جدا پريمين

ناسڪ ۾ ٽي چار ڏينهن گوداوري نديءَ ۾ اشنان ڪري اُتي ستسنگ جي موج مچايائون. ١٨ جنوري سوامي جن ڪلياڻ ڪئمپ ۵ ۾ پنهنجي آستان تي واپس آيا. جتي نت نيم ستسنگ ڪندا رهيا. ٣٠ جنوري مهاتما گانڌيءَ جي شهيدي ڏينهن سوامي جن مهاتما گانڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته مهاتما گانڌي يگ پرش هو، اهنسا ۽ ستيه جو اوتار هو. هي پيارو ايشور ڀڳت به هو ته ديش ڀڳت به هو. آڌياتمڪ شڪتيءَ سبب هي ڀارتيه جنتا کي ايڪتا جي سوٽر ۾ ٻڌي سگهيو ۽ انگريزن جي حڪومت جي، است نه ٿيندڙ سورج کي است ڪري سگهيو. اڄ به اسانکي سندس سکيائون ۽ سڌانت اپنائي ڀارت جو ڪلياڻ ڪرڻ گهرجي. هو پيارو نه صرف ڀارت جو پر وشو جو مهان نيتا هو، جنهن دنيا کي نئين دشا ڏني.

٣ فيبروري پوڄنيه سوامي جن اڪبر ڪئمپ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته پرماتما هڪ هڪ جيو جي سار لهي ٿو. پرارٿنا ۽ پرشارٿ ڪريو ته پريو پاڻ ئي اوهانجا ڪم پورا ڪندو. مسٽر مولر هڪ اناٿ آشرم هلائيندو هو. جتي ڪيترائي اناٿ ٻار رهندا هئا. هڪ دفعي آشرم جي رسويي شري مولر کي اچي چيو ته اڄ ڪاڏي پيٽي جو ڪجھ به سامان ڪين آهي، رسوئي ڪيئن تيار ڪريان. مولر اِهو ٻڌي منجهي ڪين ويو. هن رسويي کي آٿت ڏيندي چيو ته ٻلي ٿي پوندي. هن اُن وقت پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي چيو 'پريوا هي آشرم جا ٻالڪ توهانجا ٻالڪ آهن. توهان ئي ته اُنهن جي سدائين سار ڀيا لهو. اڄ به اُنهن کي ڀوڄن توهان ئي ڪارائيندا. توهان ڪيڏا نه ديالو آهيو.' ائين ڪندي وري رسويو آيو ۽ اچي چيائين 'سائين، رسوئيءَ جو وقت ڀرجي آيو آهي. ڪو بندوبست ڪريو. مسٽر مولر وراڻيو، 'مون پنهنجو ڪم پورو ڪيو آهي، تون وڃي ٻارن کي قطار ۾ ويهار. پرماتما پاڻ اچي ٻالڪن ٻالڪين کي ڀوڄن ڪارائيندو. مسٽر مولر جو پرماتما ۾ پورڻ وشواس هو. جڏهن ئي ٻالڪ ٻالڪيون ڪاڏو کائڻ لاءِ قطار ۾ ويٺا ته ڪنهن ٻاهران در کڙڪايو. در کوليو ويو در تي ٻه جڻا بيٺا هئا. اُهي چوڻ لڳا ته ٻارن لاءِ تيار ڪاڏو کڻي آيا آهيون، اُهو ڪاڏو گاڏيءَ مان کڻايو. مسٽر مولر پڇيو ته 'توهان کي ڪنهن موڪليو آهي.' اُنهن ٻن جڻن وراڻيو ته ڪنهن وٽ اڄ خاص پارٽي ٿيڻي هئي، اُها پارٽي اڄ رد ٿي آهي. پارٽيءَ جي مالڪ حڪم ڪيو ته اِهو پارٽيءَ وارو ڪاڏو طرحين طرحين جا طعام هڪدم اناٿ آشرم ۾ ڏيئي اچو. اناٿ آشرم جي ٻالڪن کي ڪاڏو ڪارايو ويو. مسٽر مولر ۽ آشرم جو رسويو عجب ۾ پئجي ويا ته ڪيئن نه اناٿ ٻارن جي پرماتما سار لڌي. اسان مان هڪ هڪ جي پرماتما سنڀال ڪري ٿو، صرف اسان جو يقينو پڪو هجي. پريميوا پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکو ته توهان جا دک دور ٿيندا. پريو پاڻ اچي پنهنجي پيارن جا ڪشٽ ڪليش ڪٽي ٿو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

رام ڀروسا راکھ تُم، اور ڀروسا تياڳ،
کھ ٽيئون هر شرڻ لي، کولو اپنا ڀاڳ.

سوامي جن ٽي ڏينهن اڪبر ڪئمپ ۾ ستسنگ ورکا ڪري ٦ فيبروري ڪلياڻ ڪئمپ ۵ ۾ آشرم تي واپس آيا. هوُ اُتي روز شام جو ستسنگ ڪندا هئا. ١٥ فيبروري شوراتريءَ جي پوتر ڏينهن سوامي جن شوراتريءَ جي اهميت تي پروچن ڏنو ۽ پريمين کي صلاح

پوڄنيہ سوامي جن سنت اوڌوداس کان موڪلائي ٦ جنوري ١٩٤٩ ديولالي ڪئمپ ۾ آيا. اُتي سوامي جن هفتو کن ستسنگہ ڪيو. سوامي جن اُپديش ڏيندي چيو تہ پريميوا سچ جي ڪمائي کائو. ڪوڙ ڪپٽ ۽ هنسا سان ڪمايل ڌن، اَن، من کي اپوتر ڪري ٿو. انڪري چيو ويندو آهي تہ جهڙو اَن تهڙو من. هڪ تياڳي مهاتما ڪنهن ڳوٺ ۾ آيو. اُتي هن ٽي ڏينهن گيان وئراڳہ ڀڳتي وشين تي پروچن ڏنو. هي سنت جنهن گهر ۾ رهيو اُن گهر جا ڀاتي پاڻ کي سوڀاڳيشالي سمجهڻ لڳا. اُنهن اُن سنت کي رهڻ لاءِ جدا ڪمرو ڏنو ۽ سندس خوب شيوا ڪئي. اُهو سنت اهڙو تہ تياڳي هو جو پاڻ سان ڪجھ بہ رکندو ڪين هو. پنهنجي پوڄن لاءِ بہ فوت جيتري ڀکيا وٺي گذران ڪندو هو. اُهو سنت پنج ڏينهن کان پوءِ صبح جو اوچتو اهو گهر ڇڏي هليو ويو. گهر جا ڀاتي ۽ ڳوٺ جا ٻيا رهواسي اُن سنت کي نہ ڏسي اُداس ٿيا. اُن سنت پنج ئي ڏينهن اُن ڳوٺواسين کي اُپديش جو امرت پيئاري منتر مگد ڪري ڇڏيو هو. ان سنت جي وڃڻ کانپوءِ گهر جي ڀاتين ڏٺو تہ سندن هڪ سونو هار غائب آهي. هوُ سوچڻ لڳا تہ اهو سونو هار ڪنهن چوري ڪيوا مهاتما تہ تياڳي هو. ايتري قدر جو سندن گهر جو اَن بہ ڪين کاڌائين. گهر جا ڀاتي اُن هار جي چنتا ۾ ڏاڍو اُداس ٿيا. اُهو سنت ٽئين ڏينهن صبح جو سويل گهر ٻاهران اچي بيٺو ۽ در ڪڙڪايائين. گهر جي مالڪ در کوليو، مگر اُن سنت جو ڪنڌ شرم وچان هيٺ هو. گهر جو مالڪ اُن سنت کي اندر وٺي آيو. سنت جي اکين ۾ پڇتاءَ جا ڳوڙها هئا. هن هڪدم پنهنجي جهوليءَ مان چورايل سونو هار اُن گهر جي مالڪ کي ڏيندي چيو تہ هيءَ پنهنجي امانت وٺو. مونکي چوريءَ لاءِ ڪميا ڪندا. گهر جو مالڪ ۽ ٻيا ڀاتي اُهو سونو هار ڏسي وسميہ ۾ پئجي ويا ۽ سنت کان پڇيائون تہ اِهو سونو هار اوهان اسان جي گهر مان ڇو کڻي ويا ۽ پاڻ ئي ڇو واپس ڏيڻ لاءِ آيا آهيو؟

اُن مهاتما وراڻيو تہ ڇوٿون ڏينهن مان جيڪو ڀکيا ۾ اَن وٺي آيس، سو شايد چوريءَ ۽ ڪوڙ جي ڪمائيءَ جو هو. جنهن جي کائڻ سان منهنجي ٻڌي پرشٽ ٿي ويئي. ايتري قدر جو هيڏي تياڳہ ۽ گيان هوندي بہ مان توهانجو سونو هار کڻي رمندو رهيس. هتان واپس ورڻ تي مونکي خوب گهمرا ٿي پيا. جئن ئي اُهو چوريءَ ۽ ڪوڙ ڪپٽ جو اَن، گند جي روپ ۾ منهنجي شرير مان نڪرندو ويو، تيئن منهنجي ٻڌي وري ڪلي ۽ مان پنهنجي ڪيل ڪڪرم اَرٿات ڪيل چوريءَ تي لڙڪ ڳاڙڻ لڳس. ڪيل گناہ لاءِ اچ توهان کان معافي وٺڻ آيو آهيان ۽ توهان کي توهانجي امانت واپس ڪري هاڻي پاڻکي هلڪو محسوس ٿو ڪريان.

اُن مهاتما جي اِها وارتا ٻڌي گهر جا ڀاتي دنگہ رهجي ويا. پريميوا جهڙو آهار تهڙو ويچار ۽ وهنوار. اِن ڪري پنهنجي ڪاڌي پيتي ڌانهن ڌيان ڏيو. بي ايمانيءَ، ٺڳيءَ ۽ دولاب سان ڪمايل ڌن مان خريد ڪيل اُن جو من تي برو اثر پوي ٿو. ان ڪري سچ جي ڪمائيءَ مان پيٽ گذران ڪريو. بري نموني ڪمايل ڌن جي پريوگہ مان شاريرڪ مانسڪ بيماريون پيدا ٿين ٿيون. ڪوڙ ڪپٽ جي ڪمائيءَ کان ڪنارو ڪريو. پاپ جي ڪمائيءَ جي طعامن کان سچ سان ڪمايل سڪي روٽي بہ سوادي ۽ لاڀڪاري آهي.

سوامي جن ديولاليءَ ڪئمپ ۾ ستسنگہ سماپت ڪري بہ ٽي ڏينهن ناسڪ ۾ ويا.

ستگر مهاراجن جي واٽئي جو اڀياس ڪرڻ سان سنسا پرم نورت ٿيندا ۽ آنند جي پراپتي ٿيندي.

چيٽ جي ميلي کان پوءِ به ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ منڊل جا ڪي سنت آشرم ۾ هفتو کن رهيا ۽ شام جو ستسنگ ڪندا هئا. پوڄنيه سواميڄن ڪن پريمين سان گڏجي ۲۵ اپريل بندرابن روانا ٿيا. اُتي پندرهن ڏينهن بانڪي بهاري شيام سندر جا درشن ڪري، راس ليلائن جو آنند ورتائون. ڪيترن ئي ڀڳتن سان وارتالاپ ڪيائون. سوامي جن گوڪل ۽ مٿرا ۾ به ويا. جمنانديءَ ۾ خوب اشنان ڪيائون. سوامي جن هردوار ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن مهنو کن رهيا. رشيڪيش ۽ ڪنکل ۾ سوامي جن ڪيترن سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ اُنهن سان گيان گوشٽي ڪيائون. سوامي جن ڪنکل ۾ چيتن ديو جي ڪٽيا ۾ سنتن جو ڀنڊارو ڪرايو ۽ سڀني سنتن کي ڀيٽائون ڏنيون.

۱۴ جون سوامي جن تيرٿ ياترا ڪري سنڌونگر ۵ ۾ واپس وريا. اُتي نت نيم شام جو ستسنگ شروع ڪيائون. ۴ آڪٽوبر پوڄنيه سوامي جن اُرلي ڪئمپ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن جدا جدا وشين تي ستسنگ پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن پريما ڀڳتيءَ جي وشيه تي ستسنگ ڪندي پوڄنيه سوامي جن چيو:

ٿيئون هرڪو پاوني، ڪيول من ڪا پريم،

جانو من ڪي پريم بن، سوني جپ تپ نيم.

پريو پريم پاونا سان ئي پرسن ٿئي ٿو. پريما ڀڳتيءَ کان سواءِ جپ تپ نيم اڌورا آهن. پرماتما کي ٻاهريون اڊمبر ڪين کپي پر دل جو پريم کپي.

پنڍرپور ۾ چوکا نالي هڪ چماڙ ڀڳت هو. هو بکيا وٺي مندر جي سامهون واري رستي تي ويهي پريان ئي ڀڳوان کي ڀوڳ لڳائيندو هو ۽ تنهن بعد ئي پاڻ کائيندو هو. اِها ڳالهه مندر جي پوڄارين کي ڪين وڻندي هئي. هنن ڪيترائي دفعا چوکا کي سمجهايو پر پريم وس چوکا ڀوڳ لڳائيندو رهيو.

آخر پوڄارين چوکا جو ٺڪر وارو ٿانءُ، جنهن ۾ هو کاڌو گڏ ڪري ڀوڳ لڳائيندو هو، کاڌي سوڌو ڀڃي ٺڪر ٺڪر ڪري ڇڏيو. پوڄاري ان بعد جڏهن اندر مندر ۾ ويا، ڏسن ته ساڳيو کاڌو ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ٺڙيو پکڙيو پيو آهي. اِهو ڏسي ڪين عجب لڳو. اِئين ڪندي مورتيءَ مان آواز آيو پوڄاريوا توهان مونکي کاڌو ته ڪون ٿا کارايو، پر منهنجو پيارو چوکا ڪيئن نه کاڌو پني مونکي کارائي ٿو، اُن کي به توهان کاڌي کارائڻ کان روڪ ٿا ڪريو. توهان ۾ ايترو به پريم ڪين آهي، جو مان پيو بک ۾ مران ۽ توهان منهنجو کاڌو به روڪي ڇڏيو آهي. توهان منهنجي پياري چوکا تي اجايو مارڪٽ ڪئي آهي. اڳتي ڪيس مونکي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ نه روڪجو. ڪيس چئو ته جئن هوُ دستور موجب مونکي ڀوڳ لڳائيندو آهي تئن لڳائي. پوڄاري اِهو ٻڌي ڪؤتڪ ۾ پئجي ويا ۽ شرمندا ٿيا ۽ ڀڳت چوکا کان معافي وٺندي ڪيس ڀڳوان جو آديش ٻڌايائون ته آئينده

ڏني تہ اڄ رات جو جيترو وقت جاڳي سگهو، جاڳي گرو منتر جو جاپ ڪريو يا 'اوم نمو شوايہ' جي منتر جو جاپ ڪريو. هھڙيون راتيون سمهڻ لاءِ ڪين آهن. جاڳي جاڳي رام ريجھايو، آنند پايو، گيت گوبند جا ڳايو، پنهنجو نصيب نئون ٺاهيو.

سوامي بسنترام مهاراج ۽ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي انروڌ تي چيٽ جو ميلو سوامي ٽيئونرام آشرم ڪلياڻ ڪئمپ ۵ ۾ ۱۲ اپريل ۱۹۴۹ کان ۱۵ اپريل تاءِ آيوجت ڪيو ويو. پهرئين ڏينهن پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سنتن جي مهما جو هيٺيون ڀڄن ڳايو.

آيا سنت سڄان، ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا،
ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا، ڀلا اڄ ڪرم ٿي.
۱. سنتن آئي آنند ٿيڙا، دکہ سڀئي دور ٿي ويڙا،
ملیا سکہ تہ مهان، ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا.
۲. رات ڏينهن ٿي جن کي ساريم، اڄڻ جون ٿي راهون نهاريم،
مليا سي مهروان، ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا.
۳. ديا جا هٿ سر تي ڌريائون، نظر ساڻ نهال ڪيائون،
رهيو نہ غير گمان، ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا.
۴. جنم جنم جا ڪرم ڪٽيائون، ڀيد ڀرم جي پاڙ پٽيائون،
ٿيڙا سڀ ڪلياڻ، ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا،
۵. ڪهي ٽيئون سر تن تان گهوريان،
مرڻ گهڙيءَ تائين منهن نا موڙيان
سدا وڃان قربان، ڀلا اڄ ڀاڳہ ٿيا.

هن اُتسوءِ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي گرمکداس، سوامي پريمداس، سوامي آتمانند، سوامي بسنترام، سوامي گٽيشانند، سوامي ماڌوداس، سوامي ڪشنداس، سوامي هري پرڪاش، سنت جئہ پرڪاش، سوامي نتيہ پرڪاش، سوامي اوڌوداس، سوامي چندنرام ۽ سنت ڀڄنداس چارئي ڏينهن صبح شام ستسنگہ پروچن ڪيو.

پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن اُتسو جي سماپتيءَ ڏينهن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ آيل سڀني سنتن جا آڀار مڃيندي چيو تہ سنتن جي ڪرپا هن آستان تي چارئي ڏينهن ڄڻ ڪنڀ جو ميلو لڳو پيو هو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ منڊل جا ٻيا سنت مهاتمائون ور ور هت اچي گيان جي گنگا پرواهت ڪن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن منڊل جي سنتن ۽ ستسنگين جي ميلاپ لاءِ ئي هن چيٽ ميلي ملهائڻ جو آرنڀ ڪيو هو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن شري ست نام ساکيءَ جو منتر ڏيئي هزارن پريمين جي راهہ روشن ڪئي. اسين سڀ سندن ڏنل منتر جو شرڌا سان جاپ ڪريون. سندن لکيل واڻي بہ پريم سان پڙهون:

گر کي واڻي وید سم، پڙهي سني جن جويہ،
کہ ٽيئون سنشيہ هري، سکہ کو پاوت سويہ.

جيڪو بہ ڪيس دل جي گهرائيءَ مان پريم سان پڪاري ٿو، پريو اُن تي ديا درشٽي ڪري ٿو. وٺشيا چنتامٽي بلوا منگل جو درشن ڪرڻ لاءِ بندرابن ويئي. ڀڳت بلوا منگل سندس ستڪار ڪندي ڀڳوان شري ڪرشن جو پرساد هڪ دونو چانورن جي کيرڻيءَ جو کيس ڏنو. چنتامٽيءَ پڇيس اِهو پرساد توهان کي ڪنهن ڏنو آهي؟ بلوا منگل وراڻيو ڀڳوان شري ڪرشن اِهو پرساد ڏنو آهي. اِهو ٻڌي چنتامٽي چيو تہ مان بہ ڀڳوان جي هٿان ئي اهو پرساد وٺندس. ائين چنتامٽي ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتيءَ اڳيان ڏاڍي شرڌا ۽ پريم سان سندس نام اُچارڻ لڳي. ڀڳوان سندس پريما ڀڳتيءَ تي جلدي پرسن ٿي چانورن جي کيرڻيءَ جو دونو چنتامٽيءَ کي ڏنو. ان بعد چنتامٽيءَ جي جيون ۾ نئون ڦيرو اچي ويو. هوءَ ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتياڻي بڻجي پيئي. ڀڳوت پريم سبب نيچ بہ اوچ بڻجي سگهي ٿو. اپوتر بہ پوتر بڻجي سگهي ٿو.

نيچ تي اوچ ڪري، ميرا گوند ڪاهو تي نہ ڊري.

پريميو! توهان بہ پريم سان پريوءَ کي ياد ڪريو. ڏنڊا ڏاڙيون ڪندي ڀڳوان کي نہ وساريو. دم دم چئو جئہ شري ڪرشن، شري ستنام ساکي تہ توهان جا ٻيڙا ٻني لڳندا.

٨-٩ جنوري ١٩٥٠ سوامي جن چيمبور ڪئمپ ۾ ستسنگ ڪيو. پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ديا ڪرڻ سان من نرمل رهي ٿو. نرمل دل وارو شخص ڏيري ڏيري ديا اُپڪار جا ڪم ڪندي آتم آنند جو انڀوءُ ڪري ٿو. هڪ شهر ۾ هڪڙو پيارو چبو ڪٽي گهور ڪندو هو. سندس ستسنگ ۾ بہ چاهہ هوندو هو. هوُ نت نيم هڪ ويدانتي سنت جي ستسنگ ۾ ڪٿا ٻڌڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن اُن سنت کان سوال ڪيائين سنت جي! اوهان جي ستسنگ سبب آتما-اناتما جو مونکي گيان تہ برابر ٿيو آهي، پر آتم جي پراپتي ڪين ٿي آهي. اُن جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟ سنت وراڻيو تنهنجو ئي کيل ڪو پاپ رڪاوٽ آهي. اُن جي ناس ٿيڻ سان توکي آنند جي پراپتي ٿيندي. هڪ ڏينهن هي پيارو هڪ ڪوہ جي پرسان وڻ جي هيٺان پنهنجو چبو رکي پاسي ۾ ويهي ساهي پٽڻ لڳو. ائين اُتي هڪ چماڙ، گاهہ جي پري ڪٽي پئي آيو. هي سخت گرميءَ سبب هيٺ ڪري پيو. اُن چبيءَ واري شخص اُن بيهوش گاهہ واري کي کٽي وڻ جي چانو ۾ رکيو. پوءِ هن پنهنجي چبي مان شربت جو شيشو کٽي آهستي آهستي شربت سندس وات ۾ وڌو. ٿوري وقت ۾ هوُ سجاڳ ٿيو. کيس بک بہ ڏاڍي لڳي هئي. چبي واري ستسنگيءَ پنهنجي چبي مان ڪجهہ شيون کٽي کيس کارايائين، کيس هيانوَ جهل ٿي. هوُ گاهہ کٽي پنهنجي راهہ ڏانهن راهي ٿيو. چبي واري جي دل ۾، جا اچ ديا ڀاونا پئدا ٿي، اُن ديا سبب هن آنند جو انڀوءُ ڪيو.

پريميو! توهان بہ جڏهن دکين جي، هيڻن جي، نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪندا، ڪنهن دکي دل کي آٿت ڏيندا، ڪنهن کي پيار ڏيندا، ڪنهن سان همدردي ڪندا تہ توهان کي بہ آنند جي پراپتي ٿيندي.

١٠ جنوري پوڄنيہ سوامي جن ڪلياڻ ڪئمپ جي آشرم ۾ واپس آيا ۽ نت نيم

تون بلاشڪ ڀڳوان کي پوڄه لڳائيندو ڪر. ڀڳوان ڏسي ٿو، نه ذات نه پات، پر پريم. پوڄاري صرف مورتيءَ جي ٻاهرين پوڄا ڪندا هئا، يوڳ لڳائيندا هئا، پر سندن دليون خالي هيون. چوڪا گهٽ ذات جو هو، ڪاڏو به پني اڇي پوڄه لڳائيندو هو، پر سندس دل ۾ پريما ڀڳتي چوليون ماريندي هئي. پريميوا توهان به دل ۾ پريم پيدا ڪريو.

پريمين جي انروڌ تي سوامي جن ۹ آڪٽوبر ڊيونڊ ڪئمپ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ست ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته جئن ٻالڪ ماتا پتا کي پريم سان پڪاريندو آهي، توهان پريو پرماتما کي پريم سان پڪاريو. هر روز ڪجھ وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ سڦل ڪريو. سمرڻ سان گڏ پر اُپڪار جو ڪونه ڪو ڪم نت ڪندا رهو. ڪنهن دکيءَ کي سکي ڪريو. نه صرف مانوَ ماتر کي پر پکين پسن جيوَ جنتن جي به سار لهو. ست پرش ڪيئن نه پاڻ کي دک ڏيئي ٻين کي سکي ڪندا آهن. جيون جي آنند جي ڪنجي آهي پر اُپڪار.

فريد ڪوٽ پنجاب ۾ سنت ڏنيرام رهندو هو. هو رات جو ميدان ۾ ويهي ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. اُتي ڪافي مڇر هئا. مڇر هن سنت کي خوب چڪ پائيندا هئا. مگر هي دل ۾ سوچيندو هو ته مڇرن کي سندس رت مني لڳي ٿي، ڀلي پيا پياس پوري ڪن. پنج ڇھ ڏينهن ائين گذري ويا. مڇرن جي چڪن سبب سندس شرير ۾ ڪن هنڌ سوڄ ٿي پيئي، تڏهن به هي پيارو سانت ٿي سانت ۾ مڇرن جا چڪ سهندي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو. هميشھ جيان اُتي مڇر ته ايندا هئا، پر هن پياري کي ڪجهه ڏينهن کان پوءِ چڪ پائڻ بند ڪيائون.

هڪ دفعي مهاتما گانڌي شام جي وقت پنڌ ڪرڻ نڪتو. پنڌ ڪندي ڪندي رستي تي رڪجي ويو. ساڻس کي ساٿي هئا. مهاتما گانڌيءَ جي رڪجڻ سبب هو به رڪجي ويا. ڏسن ته مهاتما جي پير کي هڪ ماڪوڙو چڪ پائي رهيو آهي. جڏهن اُهو ماڪوڙو رت پي پير تان هيٺ لٿو، تڏهن مهاتما گانڌي اڳتي وڌيو. مهاتما چاهي ها ته اُن ماڪوڙي کي پير تان پري ڦٽي ڪري ها، مگر هن جي دل ۾ ديا ڀاونا هوندي هئي. هن پنهنجي صحت جو ڪوبه خيال نه ڪري ماڪوڙي کي پنهنجي رت پيئڻ ڏني. سنتن جي چال نرالي ٿيندي آهي. هو نه صرف مانو ماتر کي سکي ڪرڻ چاهيندا آهن، پر جيو جنتن پکين پسن کي پڻ سکي ڪرڻ چاهيندا آهن. اوهان به سنتن جي جيون مان سکيا گرهڻ ڪري ٻين کي سکي ڪريو ته پرماتما توهان کي سکي ڪندو.

۱۶ آڪٽوبر سوامي جن ڪلياڻ ڪئنپ ۵ جي آشرم ۾ آيا. اُتي نت نيم ستسنگ پروچن ڪندا هئا.

۳ جنوري ۱۹۵۰ کان ۷ جنوري تاءِ سوامي جن ڪرلا ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن پنجئي ڏينهن جدا جدا وشين تي وياکيان ڏنو. سوامي جن ڀڳوت پريم جو ذڪر ڪندي چيو ته ڀڳوان پريم وس آهي. هو ڏسي نه ذات نه پات، نه روپ نه رنگ نه جنس.

هٽ رهن ٿا. ڇم جي درگنڌ تي هري ويا آهن. هنن کي درگنڌ جو احساس نہ ٿيندو. جئن مهاڻن کي مڇين جي درگنڌ وٺي ويندي آهي.' تنهن تي مهاتما چيو 'راجن! جئن اِهي چماڙ ۽ مهاڻا درگنڌ جي وايومنڊل ۾ رهي درگنڌ تي هري ويا آهن، تيئن تون بہ ڀوڳہ ولاس، عيش جي درگنڌ تي ڏينهن رات هري ويو آهين. ان ڪري توکي انهن جي درگنڌ جو احساس ڪين ٿو ٿئي.' راجا مهاتما جي رهسيہ کي سمجهي ويو تہ سنساري ڀوڳہ ولاس جا پدارٿ انت ۾ دکدائي ۽ درگنڌ يکت آهن، پر دنيوي ماڻهن کي انهن مان مزي جو احساس ٿئي ٿو. راجا آگيا انوسار مهاتما کي سندس آشرم ۾ ڇڏي آيو. ان ڪري راجا جي دل ۾ بہ ڀوڳہ ولاس لاءِ ڪٿائي پيدا ٿي. جڏهن من ۾ ڪٿائي پيدا ٿئي ٿي تہ چت جي ورتي پريوءَ طرف لڳي ٿي. اُپرام واري منش کي دنيوي پدارٿن مان دکہ جو احساس ٿيندو، جيئن مهاتما کي ٿيو. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا:

پوگہ روگہ ڪو ديت هئہ، اور ديت سنتاپ،
تانتي تياگي ڀوڳہ ڪو، ٿيئون ڪر هر جاپ.

پريميوا جي ان بيماريءَ کان بچڻ چاهيو تہ وشيہ وڪارن، ڀوڳہ ولاسن کان پري ٿي پريوءَ جو چنتن ڪريو. اُن مان توهان کي آنند جي پراپتي ٿيندي.

٢٣ سيپٽمبر پوجنيہ سوامي جن ناگپور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن هفتو کن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ اسين سڀ استريون آهيون. اسانجو پتي پرماتما آهي. جيئن پتورت پتني پتيءَ کي پرسن ڪرڻ لاءِ هر ڪريا ڪندي آهي، تئن اسين بہ پريوءَ جو پيار پراپت ڪرڻ لاءِ ان جي انڪوُل ڪم ڪريون، ارٿات ست ڪرم ڪريون. اهڙو ڪو ڪم نہ ڪريون، جو راڻو رسي وڃي. سنڌ جو ويدانتي ڪوي سامي صاحب پڻ چوي ٿو:

جنهن ريجهايو ڪنت، آ؛ سهاڳڻ سا چوان،
چڙهي سکپت سيج تي، ڪيلي نت بسنت،
پائي سکہ بي انت، سامي سلي ڪين ڪي.
جنهن ريجهايو، سامي ور ويساه سان،
تنهن کي خاوند خوش ٿي، ڳل ڳچيءَ لايو،
چاڙهي سکپت سيج تي، سنسو ڇنايو،
اهڙو رس آيو، جو مشڪي ڪشڪي ڪين ڪي.

جيوَ جي سقلتا بہ تڏهن آهي، جڏهن هوُ شڀ ڪرمن دواران پريوءَ کي پرسن ڪري، اُن سان ملي هڪ ٿي، سشوپتيءَ روپي سيجا تي آتم آنند ۾ اسٿت رهي ٿو. اُن آنند

پروچن ڪندا رهيا. ١٢ اپريل ١٩٥٠ کان هردوار ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. اُن ڪري پريم پرڪاش منڊل طرفان اُتي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڇانوڻي ۽ اَن ڪيتر لڳايو. ١ اپريل کان ٤ اپريل چيٽ جو ميلو پڻ انڪري هردوار ۾ ملهايو ويو. اُتسؤ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي گرمکداس، سوامي پريمداس، سوامي بسنتراءِ، سوامي آتمانند، سوامي گڻيشانند، سوامي ڌرمداس، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سنت ڀڄنداس ۽ منڊل جي ڀين سنتن ۽ مهاتمائن صبح شام امرت ورکا ڪئي.

چيٽ جي ميلي کانپوءِ ڪنڀ جي ميلي جي تياري ڪئي ويئي. پريم پرڪاش منڊل طرفان اَن ڪيتر شروع ڪيو ويو. صبح شام ستگرو مهاراج ۽ منڊل جا سنت ستسنگ ڪندا هئا. پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج واري وٽيءَ ستسنگ ڪندا هئا. سوامي جن سنتن سان گڏ ڪنڀ جون ٽٻيون پڻ ڏنيون. ڪنڀ جي ميلي تي آيل ڪيترن سنتن مهاتمائن سان سوامي جن مليا ۽ گيان گوشٽي ڪيائون.

٢٠ جون سوامي جن هردوار مان دهليءَ ۾ آيا: اُتي ٻه ٽي ڏينهن رهي ٢٤ جون سنڌونگر ٥ آشرم ۾ واپس آيا. ١٥ سيپٽمبر سوامي جن ڪاشيءَ روانا ٿيا. اُتي سوامي جن هفتو کن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

جتنا سک سنسار ۾، اُن سي ٻهه دک جان،
ڪهه ٽيئون جگه آس تج، ڀڄن ڪرو ڀڳوان.

پريميو! جڳت جي پدارٿن ۾ توهان جيڪو سک سمجهو ٿا، سو ڪين آهي. اِهي سک کان وڌيڪ ڏکدائي آهن ان ڪري انهن جو تياڳ ڪري نام سمرڻ ڪريو.

هڪ جهنگل ۾ ايڪانت آستان تي هڪ مهاتما رهندو هو. اُن راڄڌانيءَ جو راجا وقت ٻه وقت اُن مهاتما جو درشن ڪرڻ ايندو هو. راجا جي اِڇا هئي ته مهاتما سندس راج محل ۾ چرڻ گهمائي، ان ڪري هن ڪيس راج محل ۾ پڌارڻ لاءِ وينتي ڪئي. مگر اُهو مهاتما اِنڪار ڪندو رهيو. آخر هڪ دفعي راجا جي گهڻي چوڻ تي مهاتما سندس دل رکي. راجا کيس راج محل ۾ وٺي آيو. راج محل ۾ ڀوڳ‌ولاس جا سڀ ساڌن هئا. مهاتما اُن محل ۾ ٿورو ترسي راجا کي چيو ته اسانکي جلدي آشرم ۾ پهچاءِ. راجا چيو ’سوامي، هاڻي ته اوهان آيا آهيو، ايتري ۾ ڪيئن واپس ويندا.‘ مهاتما چيو ’راجن، اسانکي هتي ڏاڍي درڳنڌ ٿي اچي. هت وڌيڪ ترسڻ ڪين ٿيندو.‘ راجا چيو ’سوامي، هتي درڳنڌ ڇا جي؟ هتي ته طرحين جا عطر عنبير ڇٽڪايل آهن، پاڻ وڌيڪ سڳنڌي آهي. ان ڪري اوهان ڪجهه ڏينهن هت رهو.‘ مهاتما اُن وقت ئي راجا کي راج محل مان ٻاهر وٺي چماڙن جي پاڙي ۾ وٺي ويو، جتي چماڙن جا دڪان ٻه هئا ۽ گهر ٻه هئا. راجا تڏهن مهاتما کي چيو ’سوامي! هت ته ڏاڍي درڳنڌ آهي. هتان ڪرپا ڪري جلدي هلو.‘ مهاتما چيو ’پيارا! هت درڳنڌ ڪٿي آهي؟ هت سوين چماڙ ويٺا آهن، انهن کي ته درڳنڌ ڪين ٿي اچي.‘ راجا وراڻيو ’سوامي جي! هي رات ڏينهن

پرڪاش مهاراجن پروچن ڪندي چيو ته گوسوامي سنت تلسيداس فرمائين ٿا:

مد منگل ميه سنت سماجو، جو جگ جنگم تيرٿ راجو، ۽رام ڀڳتي جنهه سُر سِر ڌارا،
سر سئه برهم وچار پرچارا.

سنت سماج آنندائڪ ۽ ڪلياڻڪاري آهي. سنت هن جڳت ۾ هلندڙ چلندڙ تيرٿ راج پرياگ آهي، ترويڻيءَ جو سنگم آهي. ان ترويڻيءَ ۾ رام ڀڳتيءَ روپي گنگا ۽ برهم ويچار روپي سرسوتي پرواهت ٿئي ٿي. پريميوا توهان جا سوڀاڳيه آهن جو هن آستان تي ستگرو مهاراج، پريم پرڪاش منڊل جا سنت ۽ ٻيا مهاتمائون پڌاريا آهن، جن ڀڳتي گيان آدي وشين تي پروچن ڪري توهان جي راهه روشن ڪئي آهي. جتي سنت آهن اُتي تيرٿ آهن. هڪ دفعو سنت دادوءَ جو شش سنت غريبداس، جئپور جي پرسان اُگراواس ڳوٺ جي پرسان ڪجهه وقت رهيو. اُتي روح رهاڻ ڪندي ڪنهن ڪيس چيو ته سنت مهاتما به تيرٿن تي وڃن ٿا. سنت غريبداس چيو ته تيرٿ ڀڳت وٽ اچن ٿا. ساڳئي شخص وري ڪيس چيو ته جيڪڏهن ائين آهي ته توهان هٿ گنگا مئيا کي گهرايو، اسين پوءِ توهان جي وچنن کي سچو سمجهنداسين. ايتري ۾ اُتي گنگا مئيا پرگهٽ ٿي، جا غريب گنگا جي نالي سان پرسڌ آهي. جتي اڄ به ياتري اشنان ڪرڻ اچن ٿا ۽ اتسؤ ملهايو وڃي ٿو.

پريميوا ستگر سوامي ٽيئونرام مهاراج جي سکيائن ۽ سڌانتن تي هلي جيون سڦلو ڪيو. سنتن ستپرشن جو سنگ ڪري نام ڳايو، نام ڌيايو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ڪلي ڪال ۾ ڪٺن هئه، يوگ يگيه تپ ڌيان،
ساڌو سنگ هر نام سي، ٽيئون هو ڪليان.

۲۵ اپريل سوامي جن سڀني سنتن سان گڏجي پشڪر اشنان ڪرڻ ويا. ۳۰ اپريل سوامي جن سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس وريا ۽ نت نيم شام جو ستسنگ ڪندا رهيا.

۲۸-۲۹ ۽ ۳۰ مئي سوامي جن سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسؤ ملهايو. ڪوي ڀلاجرام، سوامي بسنترام، سوامي اوڌوداس، سنت ڀڄنداس ۽ ٻين سنتن ستگرو مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي ۽ ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو 'پريميوا ستگرو مهاراج جي ورسيءَ مان ورسجي وڃو. جئن ستگرو مهاراجن نام سان نينهن لڳايو، تئن اسين به پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيون. دم دم رام نام جپيون.' گوسوامي سنت تلسيداس جن پڻ فرمائين ٿا:

رام نام مڻي ديپ ڌر، جيهه ديهري دوار.
تلسي ڀيتر باهره، جئون چاهس اُجيار.

جيڪڏهن توهان پنهنجي اندر، من مندر ۾ ۽ باهر پرڪاش چاهيو ٿا ته جڀ روپي چائنٺ تي رام نام روپي ديپڪ رکو. چائنٺ تي ڏيئو ٻاري رکڻ سان ڪمري جي اندر

جو انيو ڪري سگهجي ٿو، پر اُليڪہ نٿو ڪري سگهجي. جنهن پرماتما ۾ وشواس رکي اُن کي پرسن ڪيو آهي، پريو اُن کي پنهنجو بڻائي ٿو، ارٿات پاڻ ۾ سمائي ڇڏي ٿو. اسين لوڪ پدارٿن ۽ سنساري سنبنڌين کي سچو سمجهي ور کي وساري ويٺا آهيون. ڀڳتياڻي ميران دنيوي ناتا ٽوڙي ڀڳوان شري ڪرشن سان نينهن جو ناتو جوڙيو. سندس جيون امر ٿي ويئي.

هڪ دفعي ميران ٻائي شري جيوَ گوسواميءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ سندس آستان تي ويئي. گوسوامي پنهنجي شيوڪن دواران ميران ٻائيءَ کي چوائي موڪليو تہ مان استرين کي درشن ڪين ڏيندو آهيان. اِهو ٻڌي ميران ٻائي اُنهن سيوڪن ذريعي شري گوسواميءَ کي چوائي موڪليو تہ جيڪڏهن توهان پاڻ کي مرّد ٿا سمجهو تہ برج مان هليا وڃو. برج ۾ تہ هڪ شري ڪرشن ئي پرش آهي. ٻين پرشن کي بندرابن ۾ رهڻ جو اڌڪار ڪين آهي. ميران ٻائيءَ جو اِهو سنديش ٻڌي شري گوسوامي پشيمان ٿيو ۽ ميران ٻائيءَ وٽ ٻاهر اچي ڪميا ياچنا گهريائين ۽ چيائين تہ منهنجو اِهو نيم جن ساڌارڻ لاءِ آهي، تو جهڙين ڀڳتاڻين لاءِ در ڪليل رهندو.

اسين بہ ميران ٻائيءَ وانگر ڀڳوان شري ڪرشن سان پريم جو ناتو جوڙيون. پريوءَ کي پريم وڻي ٿو، سچ تي صاحب راضي ٿئي ٿو. اسين بہ ستيہ سنيهہ جي راهہ وٺي جيون سڦل ڪريون.

١ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ٥ ۾ آشرم ۾ واپس آيا ۽ اُتي نت نيم ستسنگہ ڪندا رهيا. ٢-٣ نومبر سوامي جن ملند ڪالونيءَ ۾ ستسنگہ ڪيو. ٤-٥ نومبر سوامي جن اڪبر ڪئمپ ۾ ستسنگہ ورڪا ڪئي. ٦ نومبر کان ١٢ نومبر ڪرلا ۾ سوامي جن ستسنگہ پروچن ڪيو. ٤ جنوري ١٩٥١ سوامي جن ليڪبل ڪئمپ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي اوڌوداس جي آستان تي سوامي جن هفتو ڪن ستسنگہ پروچن ڪيو. ١٢ جنوري سوامي جن ناسڪ ۾ آيا. اُتي گوداوري نديءَ ۾ ٻين سنتن ۽ پريمين سان گڏجي اشنان ڪيائون. ١٣ جنوري سوامي جن ناسڪ ۾ سنتن جو ڀنڊارو ڪيو. ناسڪ ۾ سوامي جن چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري ١٦ جنوري سنڌونگر ٥ ۾ آستان تي واپس آيا ۽ نت نيم ستسنگہ پروچن ڪندا هئا.

سوامي ماڌوداس مهاراج آدرش نگر اجمير ۾ سوامي ٽيئونرام آشرم ٺهرايو. سوامي ماڌوداس جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي وينتي ڪئي تہ، هن سال چيٽ جو ميلو اجمير ۾ ملهايو وڃي. ستگرو مهاراجن سوامي ماڌوداس جي وينتي سويڪار ڪئي. ١٩ اپريل کان ٢٢ اپريل چيٽ جو ميلو اجمير ۾ آيوجت ڪيو ويو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي گرمکداس، سوامي پريمداس، سوامي آتمانند، سوامي بسنترام، سنت گڻيشانند، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي اوڌوداس، سنت ڀڄنداس ۽ پريم پرڪاش منڊل جا ٻيا سنت اُتسو ۾ پڌاريا. سوامي ماڌوداس ستگرو مهاراجن ۽ سڀني سنتن جو هارڌڪ سواگت ڪيو. سڀني سنتن چار ئي ڏينهن امرت ورکا ڪئي. ان موقعي تي سوامي شانتي

۱۲ سيپٽمبر کان ۱۴ سيپٽمبر سائين هرچورام صاحب جي ورسي، سائين لکيرام صاحب، سائين هرچورام صاحب جي ٽلهي تي سنڌونگر ۾ ملهائي. اُن موقعي تي پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ستسنگہ ڪندي چيو تہ سائين هرچورام صاحب رڌين سڌين جو مالڪ هو. سائين هرچورام صاحب سوَن دکين جا دکہ دور ڪيا.

شاهپور ٽلهي تي هميشھ وانگر سائين هرچورام ٻارس جو ميلو لڳائي رهيا هئا. ان ميلي جي موقعي تي سائين هرچورام، ڀڳت گرمکداس کي ڀڳت وجھڻ لاءِ چوائي موڪليو. ڀڳت گرمکداس جو پتا سخت بيمار هو، ان ڪري ڀڳت گرمکداس پتا جي بيماريءَ جي مجبوري سائين هرچورام صاحب کي لکي موڪلي تہ اچڻ ممکن ڪين آهي. سائين هرچورام موٽ ۾ ڀڳت گرمکداس کي چوائي موڪليو تہ تون هت اچي ڀڳت وجھہ، سائين سيئورام پلي ڪندو. تنهنجو پتا ٺيڪ ٿي ويندو. سنتن جي آگيا اکين تي رکي، ڀڳت گرمکداس ٻارس جي ميلي جي موقعي تي ڀڳت ڪرڻ آيو، جڏهن هو ڀڳت پئي وڌي تڏهن کيس چٺي آئي، جنهن ۾ سندس پتا لکيو، ’رات جو ننڊ ۾ سنت هرچورام مونکي ڏندو هٿي اُٿاريو ۽ مان بلڪل ٺيڪ آهيان.‘ اِها چٺي پڙهي گرمکداس ڏاڍو خوش ٿيو. سنت پنهنجن پيارن جا گهر ويني ئي دکہ دور ڪن ٿا. ڀڳت صاحب سائين سيئورام ۽ سائين هرچورام جي مهما جا پڇن ڳائڻ لڳو.

پريميو! توهان بہ سڪ ۽ شرڌا رکي هن در تي آيا آهيو. سائين سيئورام، سائين هرچورام، سائين ڏرمون رام سيني جي پلي ڪندو.

۲۰ سيپٽمبر شري سنمکلعل (سنت ديو پرڪاش) جو سدائين سوامي جن جي شيوا ۾ حاضر هوندو هو ۽ شري راجورام (سنت ويد پرڪاش) پوڄنيہ سوامي جن کان نام ورتو.

۵ نومبر سوامي جن گواليار لاءِ روانا ٿيا. ٦ نومبر گواليار ۾ پهتا. پريمين سندن ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن ٦ نومبر کان ۱۵ نومبر تاءِ ستسنگہ پروچن ڪيو. پوڄنيہ سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنتن جي چال نرالي ٿيندي آهي. لوڪ وَهي لهوارو، هوُ وَهن اوڀارو. دنيوي ماڻهو ڪو گونگو هوندو تہ پربوءَ کي ياد ڪندو تہ پربو مونکي زبان ڏي تہ مان ڳالهائي سگهان. ٻوڙو هوندو تہ پرارٿنا ڪندو تہ ڪنن ۾ شڪتي ڏي تہ ٻڌي سگهان. سورداس هوندو تہ وينتي ڪندو تہ پربو مونکي جوت ڏيئي نهال ڪر. پر پربوءَ جا پيارا ڀڳت درويش وري پرارٿنا ڪن ٿا تہ اسانجي اهڙي اسٿتي ٿئي جو ’چشم بند، گوش بند، زبان بند.‘ سنڌ جو درويش شاه ڪريم بلڙيءَ وارو پڻ ڌڻيءَ کي التجا ڪندي چوي ٿو:

وائي وڃيم ڳالہ. ڪنن سين ڪين سڻان،

پلو ڪرين جي پال، تہ اکين سين انڌو ٿيان.

زبان بند ٿي وڃي، اسين ڪيترا دفعا زبان سان ڪوڙو ڳالهائي ٻئي کي رنجايون ٿا. ڪڏهن زبان سان ڪوڙ ڳالهائي پاپ ڪرم ڪريون ٿا. رسنا تہ رام جپڻ واسطي آهي. اسين ڪنن سان پرائي نندا ٻڌي خوش ٿيون ٿا. اجايون ڳالهيون جن سان اسانجو ڪو

ٻه روشني ٿيندي آهي ته ڪمري جي ٻاهر ٻه سوجهرو ٿيندو آهي. پريميوا جيڪڏهن توهان چاهيو ٿا ته توهانجي من مندر ۾ گيان جو پرڪاش ٿئي ۽ ٻاهر جڳت ۾ ٻه توهان جي راھ روشن ٿئي ته نام جي جوت جڳايو.

٢٠ جون سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سنتن جي ڏنل شيءِ جو ڪڏهن ٻه نرادر نه ڪجي. پرساد روپ ۾ سويڪار ڪجي. هڪ دفعي يوگي متسيندرناٿ سئر ڪندو ايوڌيا جي 'جيه شري' نگر ۾ اچي پهتو. اُتي ڀکيا وٺندي هن هڪ برهمڻ جي در وٽ الک نرنجن جو نعرو هنيو. براهمڻيءَ پريم پوروڪ کيس چانور ڏنا. براهمڻيءَ کي اُداس متسيندرناٿ اُن جو ڪارڻ پڇيو. براهمڻيءَ چيو مهاراج! 'پتر سنتان ڪين آهي. ان ڪري اُداس گذاريان ٿي.' سنت ديالو ٿيندا آهن. مستيندرناٿ پنهنجي جهوليءَ مان ڀڀوتي ڪڍي اُن براهمڻيءَ کي ڏيندي چيو ته هي کاءُ پٽ ٿيندو، ائين چئي يوگي متسيندرناٿ رمندو رهيو. اُن براهمڻيءَ کي ڀڀوتي کائيندي ڀرم پئي ٿيو. هن پاڙي واريءَ کي سڄي ڳالھ ٻڌائي. اُن پڻ کيس ڀڀوتي کائڻ کان منع ڪئي. براهمڻيءَ اُها ڀڀوتي نه کائي هڪ ڇيڻن جي کڏي ۾ ڪٽي ڦٽي ڪئي. ٻارهن تيرهن سالن کانپوءِ يوگي متسيندرناٿ گهمندي ڦرندي وري ساڳي براهمڻيءَ جي در ٻاهران الک نرنجن جو نعرو لڳايو. براهمڻيءَ هڪدم ٻاهر نڪري آئي. متسيندرناٿ کانئس پڇيو ته هاڻي تنهنجو پٽ ٻارهن سالن کن جو ٿيو هوندو ڪٿي آ تنهنجو پٽ؟ اُها براهمڻي يوگيراج جا اهي لفظ ٻڌي ڏاڍو لڄي ٿي ۽ ساري حقيقت کيس ٻڌائي ته ڪيئن نه هن ڏنل ڀڀوتي نه کائي ڇيڻي جي کڏي ۾ ڦٽي ڪئي. يوگيراج کيس چيو ته اُهو ڇيڻن جو کڏو مونکي ڏيکار. براهمڻيءَ يوگيراج متسيندرناٿ کي اُهو ڇيڻن جو کڏو ڏيکاريو. متسيندرناٿ اُتي 'الک نرنجن' جو نعرو لڳايو ته هڪدم اُن کڏي مان ٻارهن سالن جو سندر ٻالڪ نڪري آيو. اِهو ڪؤتڪ ڏسي براهمڻيءَ وسميه ۾ پئجي ويئي ۽ پڇتائڻ لڳي ته هن يوگيءَ جي ڏنل ڀڀوتي جيڪڏهن کاڌي هجي ها ته سندس جهول ٻارهن سال اڳي سائي هجي ها. يوگي متسيندرناٿ اُن ٻالڪ کي پاڻ سان گڏ وٺي ويو. هن کيس يوگ وديا ۾ پروين ڪيو ۽ سندس نالو گورک رکيو جو اڳتي هلي گورکناٿ جي نالي سان پرسڌ ٿيو. گورکناٿ متسيندرناٿ جو مکيه شش ٿيو.

٢٠ آگسٽ آشرم ۾ شري ڪرشن جنماشٽمي اُتسؤ ملهايو ويو. ان موقعي تي شام جو ستسنگ ڪندي، ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورنن ڪندي، سوامي جن چيو ته جڏهن جڏهن پرٿويءَ تي اتياچار وڌي وڃي ٿو، تڏهن تڏهن ڀڳوان اوتار وٺي دشٽن جو دمن ڪري ٿو. دواپور يگه ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، آنند ڪند، بانڪي بهاري، اوتار وٺي آيو، اتياچاري ظالمن جو انت آڻڻ لاءِ ۽ ڌرم جي رکشا لاءِ. اڄ اسان مان ڪيترائي ڌرم کي ڀلجي ويا آهن. توهان پنهنجو پنهنجو ڪرتويه پاليو ڪرتويه کان ڪڏهن به ومک نه ٿيو. اُٿندي ويهندي ڀڳوان شري ڪرشن کي ياد ڪريو. نت نيم شريمد ڀڳوت گيتا جو پاٺ ڪريو. ڀڳوت گيتا اسانجو امولیه گرنٿ آهي. گيان جو ڀنڊار آهي.

رات پٽرن جي کوٺائي ڪئي. سنتن جي ڳجهه ۾ نه وڃجي، اُنهن جي وچن کي به طاقت ڏيندي آهي. هوُ اڻ هوند مان هوند ڪندا آهن، مٽيءَ مان به سون ڪري سگهن ٿا.

پريميوا ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرش جو سنگ ڪريو. اُن مان توهان جو نيتارو ٿيندو. سنت توهان کي ست مارگ تي وٺي هلندا ۽ توهان جي جيون سڦل ٿيندي.

١٦ نومبر پوڄنيه سوامي جن بندرابن ۾ پڌاريا. سوامي جن ڏه ڏينهن مٿرا، گوڪل ۽ برج ڀوميءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا استلن جي ياترا ڪري ٢٩ نومبر سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢ اپريل ١٩٥٢ سوامي جن جئپور ۾ امراپور آستان تي آيا. اُتي ٨ اپريل کان چيٽ جو ميلو آرنڀ ٿيڻو هو. سوامي جن اُتي آستان تي پهچڻ سان پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ آيا. کين چرن وندنا ڪري پرسادي ۽ پيتائون سندن اڳيان رکيائون. ستگرو مهاراج به پرسن چت ٿي سوامي جن کان حال احوال ورتو. چيٽ جي ميلي جي اُتسوَ سبب منڊل جا سڀيئي سنت جئپور ۾ پڌاريا. سوامي جن سڀني سنتن سان مليا.

٨ اپريل کان ١١ اپريل تائين جئپور آستان تي جڳ ڪنڀ جو ميلو لڳو پيو هو. واري وٽيءَ تي سڀيئي سنت صبح شام ستسنگ ڪندا هئا. پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن به ستسنگ ڪندي چيو:

ورکش ڪبهن نه ڦل بکئن، ندي نه سينچي نير،

پر اُپکار کي ڪارني، ساڌن ڌرو شرير.

سنت ڪبيرداس چوي ٿو: وڻ پنهنجو ميوو پاڻ کين کائيندا آهن. ندي پنهنجو پاڻي پاڻ کين پيئندي آهي. وڻن جو ميوو ٻيا کائين ٿا. وڻن جي ڇايا جو لاڀ ٻيا وٺن ٿا. وڻ ڇپاڙيءَ تائين ٻين جي ڪم اچن ٿا. ندي به هزارن لکن ماڻهن، پکين پسن، جيوَ جنتن جي پياس پوري ڪري ٿي. سڪل ٽوٽ زمين کي سرسبز بڻائي ٿي، اُنڪري اناج اُتپن ٿئي ٿو. تئن سنت ستپرش به سدائين ٻين لاءِ جيئن ٿا. اُنهن جي جيون پراُپڪار ۽ پرمارٿ لاءِ آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج به پراُپڪار جي پرتيمورتي هئا. هنن پاڻ ڏک سهي ٻين کي سکي ڪيو. ستگرو مهاراجن ڪيڏا نه پرمارٿ ۽ پراُپڪار جا ڪاريه ڪيا. پريميوا توهان به جيون ۾ پراُپڪار جي ساکي ڏيو. روز ڪو نه ڪو اُپڪار جو ڪم ڪريو. توهان ٻين جو ڀلو ڪندا ته پرماتما توهان جو ڀلو ڪندو. ڪنهن جي کيل ڪمائي اجائي کين ٿي وڃي. گوسوامي سنت تلسيداس به پراُپڪارين جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

پرهت لاڳ تجئہ جو ديهي، سنتت سنت پرشنسهن تيهي.

جيڪي ٻين جي ڀلي جي لاءِ پنهنجي جيون قربان ڪن ٿا، سنتن به تن جو يش ڪيرتي ڳائين ٿا. راوڻ جي پٽني مندودري اڳئين جنم ۾ ڪرڙي هئي. جهنگل ۾ هڪ

مطلب ئي ڪونه آهي، ڪنن سان ٻڌي اندر ۾ جل پچ ڪريون ٿا. ’پرائي جهار پرائي جهرڪي.‘ اجاين ڳالهين ۾ اموليه جيون برباد ڪريون ٿا. اکين سان پڻ ڪڏهن اهڙا درشيه ڏسون ٿا، جنهن ڪري من ۾ برا سنڪلپ، برا ويچار پيدا ٿين ٿا. روحاني راه ۾ اِهي اندريون رڪاوٽون آهن. ان ڪري شاه ڪريم ڏٽيءَ کي عرض ڪندي چيو ته جيڪڏهن توهان مونتي عنايت ڪرڻ چاهيو ٿا ته منهنجيون اکيون، ڪن ۽ زبان بند ٿي وڃن.

هڪ دفعي ڀڳت سورداس هڪ ٻڌي کوه ۾ ڪري پيو. ڇه ڏينهن اُن کوه ۾ پيو هو، پر سندس رڳ رڳ ڀڳوان شري ڪرشن کي ياد ڪري رهي هئي. ستين ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن کيس کوه ۾ روشني بخشي درشن ڏنو. ڀڳوان جو درشن ڪري ڀڳت سورداس ڏاڍو آنندت ٿيو. هوُ کوه مان نڪتو. هن ڀڳوان شيام سندر کي وينتي ڪندي چيو ’پريوا جن نيترن سان مان تنهنجو درشن ڪيو آهي، اُنهن اکين سان وري مان ٻئي ڪنهنجو منهن نه ڏسان. انڪري اڳ جيان مونکي وري سورداس بڻاءِ. جئن مان سديوَ تنهنجي مهما ڳائيندو رهان، متان هي اکيون وري دنيا جي پرپنچ ۾ اٽڪي نه پون. ڀڳوان پنهنجي پرم پياري ڀڳت سورداس جي اِڇا پوري ڪئي. ڀڳتن کي ڀڳوان کان سواءِ ٻيو ڪجھ ڪين کپي.

پريميوا توهان به پريوءَ کان ڀڳتي دان گهرو. نام دان گهرو، جئن توهانجو هي لوڪ ۽ پرلوڪ ٻئي سهيلا ٿين. سنسار ۾ رهو. پريوءَ جا ٿي رهو. جڏهن توهان اِها وات اپنائيندا، تڏهن پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندا، سکي محسوس ڪندا.

سوامي جن ١١ نومبر صبح جو آگري روانا ٿيا. اُتي ١١ نومبر کان ١٥ نومبر تائين سوامي جن ستسنگ پروچن ڪيو. اُتي پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سنتن وٽ رڌيون سڌيون هونديون آهن، پر هوُ پنهنجي سک سهنج لاءِ اُنهن جو استعمال ڪين ڪندا آهن. ڪڏهن ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ، ٻين جي دک دور ڪرڻ لاءِ اُنهن جو پريوگ ڪندا آهن. سيها ڳوٺ ۾ پاڻيءَ جي ڏاڍي تنگي هوندي هئي. ماڻهو پاڻيءَ لاءِ پريشان هوندا هئا. پاڻيءَ جي سخت ضرورت محسوس ڪري سنت رام روپ اُتي هڪ تلاءُ ٺهرائڻ شروع ڪيو. مزدورن کي مزوري ڏيٽي هئي. سنت رام روپ پنهنجي هڪ شيواڌاريءَ کي چيو ته پٿر جي هيٺان پئسا ڪڍي مزدورن کي مزوري ڏي. مزدوريءَ جيترا پئسا ڪڍج وڌيڪ نه ڪڍج. شيواڌاريءَ ضرورت انوسار پٿر جي هيٺان پئسا ڪڍيا ۽ سڀني مزدورن کي مزوري ڏني. هڪ مزور پٿر هيٺان پئسا ڪيندي ڏٺا. اُن مزور رات جو اُن پٿر کي پري ڪري ڏٺو ته اتي ڪجھ به پئسا ڪين هئا. لالچ وس هن جيڪي به پاسي ۾ پٿر پيل هئا اُنهن جي کوٽائي ڪئي، مگر کيس هڪ پئسو به نصيب ڪين ٿيو. ٻئي ڏينهن جڏهن سڀني مزدورن کي مزوري ڏني ويئي تڏهن سنت رام روپ چيو ته هن مزدور کي ٻيڻي مزوري ڏيو، ڇاڪاڻ ته هن پياري اڄ ته پورهيو ڪيو آهي، پر ساري رات به پٿر کوٽيندو رهيو آهي، پر پياري کي ڪجھ هڙ حاصل ڪين ٿيو آهي. سنت ڄاڻي جاڻٽهار، ائين اُن مزدور جو ڳجھ ظاهر ٿيو ته ڪيئن نه هن پئسن جي لالچ تي

١٧-١٨ جون سوامي جن اڪبر ڪئمپ ٺاڻا ۾ ستسنگ ڪيو. ١٩-٢٠ جون ملند ڪالونيءَ ۾ ۽ ٢١ جون کان ٢٤ جون ڪرلا بمبئيءَ ۾ پوڄنيه سوامي جن ستسنگ پروچن ڪيو.

١٥ آگسٽ صبح جو سوامي جن جهنڊا وندن ڪرايو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن آزاديءَ جي وشيه تي ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪو ڏينهن وڏي اهميت وارو آهي. ديش جي آزاديءَ صدقي سوَن سرويچن سر جون سٽون ڏنيون. ڪي گولين جو شڪار ٿيا ته ڪي ملڪي مجنون مشڪندي ڦاسيءَ جي تختي تي سوار ٿيا. ’جئه هند‘ ڀارت ماتا ڪي جئه‘ جا نعرا هڻندي قربان ٿيا. هن وقت اسانجو فرض آهي ته اُن آزاديءَ کي سرڪشت رکون. ديش سان وفادار رهون.

٢٠ سيپٽمبر ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشنچندر آنند ڪند جي ليلائن جو ورڻن ڪيو ۽ ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جا ڀڄن ڳايا.

٢٠ آڪٽوبر ستگرو سوامي سروانند مهاراج آشرم ۾ پڌاريا. سوامي جن ۽ سيني پريمين ستگرو مهاراجن جو هاردڪ سواگت ڪيو. ستگرو مهاراجن اُتي ستسنگ يگيه جو آرنڀ ڪيو.

هڪ ڏينهن سوامي جن پوڄنيه ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي وينتي ڪئي ته آگيا ڏيو ته هت سنتن جو ڀنڊارو ڪجي. سوامي سروانند مهاراجن سوامي جن کان پڇيو ته ڀنڊاري جو خرچ ڪٿان آڻيندين؟ تن ڏينهن ۾ سوامي جن پاڻ وٽ پنجن روپين کان وڌيڪ ڪين رکندا هئا ۽ آشرم ۾ آوڪ به اهڙي ڪين هوندي هئي. جيڪڏهن سوامي جن کي ڪي پيئائون ملنديون هيون ته ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکندا هئا.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج جڏهن سوامي جن کان ڀنڊاري جي خرچ جو سوال پڇيو تڏهن سوامي جن چيو ته ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا. ڀنڊارو سادگيءَ سان ڪبو. اِهو ٻڌي سوامي سروانند مهاراجن چيو ته چڱو، ڀنڊارو بلاشڪ تون ڪر، پر سنتن کي دڪشڻا اسين ڏينداسين. تون ايترو خرچ ڪٿان ڪري سگهندين؟ سوامي جن سوامي سروانند مهاراجن کي وينتي ڪندي چيو ته اوهان ديا درشٽي ڪريو اُهائي ڪافي آهي. ڀنڊارو ۽ سنتن کي دڪشڻا آشرم طرفان ٿيندي، آشرم به ته اوهان جو ئي آهي. سوامي سروانند مهاراجن سوامي جن کي مشڪندي چيو ته جيڪا تنهنجي اِڇا. سنتن جي ڀنڊاري جو وقت مقرر ڪري، سوامي جن پنجن ئي ڪئمپن جي سنتن کي نمنترڻ ڏيڻ لاءِ سنت پورڻ پرڪاش کي موڪليو. ٻن ٽن ڪلاڪن لاءِ سوامي جن آشرم مان ڪنهن ڪاريه لاءِ ٻاهر ويا. پوئتان هڪ ٻڍڙو شخص، اڻواقف، ستگرو سوامي سروانند مهاراج وٽ آيو ۽ اچي پڇيائين ته سنت شانتي پرڪاش ڪٿي آهي؟ سوامي سروانند مهاراج چيس ’ابا! سنت شانتي پرڪاش ٻاهر ويل آهي، ڇاڻ آيو. اُن ۾ ڪهڙو ڪم اٿي؟ اُن شخص وراڻيو، ’سنت شانتي پرڪاش جا مون وٽ پندرهن سؤ رپيا رکيل هئا اُهي واپس ڏيڻ آيو آهيان. هي اٿوَ پندرهن سؤ رپيا، اوهان ئي سنت شانتي پرڪاش کي ڏيندا.‘ اُهو ٻڍڙو پندرهن سؤ

رشيءَ جي آشرم ۾ وڻ تي رهندي هئي. هڪ ڏينهن اُن آشرم ۾ رشين جو ساموهڪ پوڄن هو. اُن وڻ جي هيٺيان رشين لاءِ کيرڻي تيار ٿي رهي هئي. شيواڌاري آشرم ۾ اندر ڪجهه ڪٽڻ لاءِ ويو ته سندس پويان اُن وڻ مان هڪ ننڍڙو نانگ وچي گرم کير جي وڏي ڪڙهائيءَ ۾ ڪري پيو. اِها خبر آشرم جي ڪنهن به شيواڌاريءَ کي نه پيئي، صرف وڻ تي گهمندڙ ڪرڙيءَ نانگ کي ڪرندو ڏٺو. اُن ڪرڙيءَ ويچار ڪيو ته کيرڻيءَ ۾ نانگ ڪرڻ ڪري کيرڻي زهريلي ٿي ويئي آهي. هاڻي جيڪڏهن آشرم ۾ آيل سوين رشي منيءَ ۽ شيواڌاري اِها کيرڻي پيئندا ته سڀ موت جو شڪار ٿي ويندا. ان ڪري بهتر ٿيندو ته اُنهن سڀني جي جان بچائڻ لاءِ مان کيرڻي ڻاهيندڙ جي سامهون ان گرم کيرڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي ڀلي جلي مري وڃان. جئن هنن رشين منين جون حياتيون بچي وڃن. اهو ويچار ڪري اُن ڪرڙيءَ شيواڌاري جي اچڻ تي هڪدم کيرڻيءَ جي ڪڙهائيءَ ۾ ٽپو ڏنو. تڏهن شيواڌاري جي نظر ان تي پيئي. شيواڌاري هڪدم آشرم جي رشيءَ کي وڃي ٻڌايو ته ڪيئن نه هڪ ڪرڙي کيرڻيءَ جي ديگ ۾ وچي ڪري آهي. هن هڪدم آگيا ڪئي ته هيءُ ڪرڙيءَ وارو کير زهريلو ٿي ويو، ان ڪري ان کيرڻيءَ کي هڪدم هاري ڇڏيو. جئن ئي کيرڻيءَ جي ڪڙهائي زمين تي هاري ويئي ته اُن مان ننڍڙو مئل نانگ به نڪتو. اِهو ڏسي آشرم ۾ آيل رشين ڏيان لڳائي محسوس ڪيو ته ڪيئن نه ڪڙهائيءَ ۾ ڀرين نانگ ڪريو آهي. ان زهريلي کيرڻي پيئڻ کان، اسان سڀني رشين کي بچائڻ لاءِ ان ڪرڙيءَ گرم کيرڻيءَ ۾ ٽپو ڏيئي پاڻ کي ختم ڪري اسانجي سرڪشا ڪئي. اُتي آيل سڀني رشين اُن ڪرڙيءَ کي آشيرواد ڏني ۽ ڪرپا درشٽي ڪئي. ان ڪري اها ڪرڙي ٻئي جنم ۾ راوڻ جي پٽ راڻي مندودري ٿي. ڪنهنجي ڪيل ڪمائي، قرباني اجائي ڪين ٿي وڃي. پراُپڪار ڪندي ڪا نه ڪا قرباني ڪرڻي پوندي. پريميوا توهان به اُپڪار جا ڪم ڪريو. اُپڪار ڪندي جيڪڏهن ڪا قرباني ڪرڻي پوي ته اُن کان هچڪو نه مالڪ ڪنهن نه ڪنهن وقت توهان کي سڻي موت ڏيندو. پر موت جي خيال کان اُپڪار نه ڪريو. اُپڪار ڪندي توهان کي من جي شانتي به ملندي ته جيوَن به سڦل ٿيندو. ٢٠ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ منڊل جي ٻين سنتن کان موڪلائي هردوار روانا ٿيا. ٥ مئي تائين هردوار ۾ رهيا. اُتي گنگا مئيا ۾ خوب اشنان پاڻي ڪري ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان گيان گوشٽي ڪيائون. سوامي جن چيتن ديوَ جي ڪٽيا ۾ پنڊارو پڻ ڪرايو. اُتان ٦ مئي سوامي جن امرتسر روانا ٿيا. امرتسر ۾ سوامي جن هفتو کن رهيا ۽ ڪن پريمين جي گهرن ۾ ستسنگ ڪيائون. سوامي جن سوني دربار، ڀڳوان نارائڻ جي مندر ۽ ٻين ڪيترن آستانن تي ويا. ڪرمسنگهه ڪا ڪٽرا جتي سوامي جن شري گيانيءَ کان شري گرو گرنٿ صاحب جي سکيا ورتي ۽ اڀياس ڪيو هو، اُتي سوامي جن پنڊارو ڪرايو.

٢٠ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس وريا. اُتي آشرم ۾ ٣٠ مئي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. سوامي جن، ڪوي ڀلاجراءِ ۽ ٻين سنتن ستسنگ ڪندي سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

هڪ ڏينهن شام جو أني ستسنگ ڪندي سوامي جن چيو تہ پريميو! پربوءَ توهان کي هن پوتر موقعي تي مهان پوتر تيرٿ آستان تي اچڻ جو وجھہ ڏنو آهي. هڪ تروينيءَ ۾ ڪنڀ جو اشنان، ٻيو هڪ ئي وقت هزارن سنتن مهاتمائن، نانگن جوڳين جو درشن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ ڪنڀ جي ميلي تي ڇانوٽيون لڳائيندا هئا. اُنهن جا گادي نشين ستگرو سوامي سروانند مهاراج بہ ساڳي جوت جڳائي رهيا آهن. اسين انهن جي سڪيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون. هھڙي پوتر آستانن تي اچي يٿا شڪتيءَ دان ڪرڻ ۾ دير ۽ ڪنجوسائي نہ ڪرڻ گهرجي. دان بہ من پسند ڪرڻ گهرجي. ڪيترا پيارا اهڙيون شيون دان ڪندا آهن جي کين بہ پسند ڪين اينديون آهن. ڪيترا وري ٻڇيل پاروٿو يا جوٺو ڪاڌو فقيرن ساڌن کي ڏيندا آهن. شيءِ اُها دان ڪجي، ڪپڙو اُهو دان ڪجي، جو پاڻ کي پسند هجي. ٻين جيون کي بہ ڀڳوت روپ سمجهي دان ڪجي. اسان وٽ جيڪي ڪجھہ آهي سو اُن مالڪ جي امانت آهي. هڪڙو شاهوڪار ڏاڍو ڪنجوس هوندو هو. دان پڃ ڪرڻ کان ونئن ويندو هو. سندس ننڍي ننهن، سس، سهري ۽ ساهري گهر جو هي حال ڏسي اُداس ٿيندي هئي. هنجي دل ۾ ديا ڀاونا هوندي هئي. هڪ دفعي هڪ نوجوان نينگر فقير جي ويس ۾ اُن گهر ۾ ڀکيا وٺڻ آيو. اُن وقت گهر جي دريءَ وٽ سيٺ جي اُها ننهن پوڄا اُپاسنا ڪري رهي هئي. هن اُن نوجوان ساڌوءَ کي چيو تہ توهان ننڍي عمر ۾ ئي ڇو ساڌو بڻيا آهيو؟ تڏهن اُن ساڌوءَ وراڻيو تہ جيون تي ڪو ڀروسو ڪين آهي، ڪڏهن ٿو ڪال ڪڙڪي. توهان ڀکيا ڏيندا يا نہ؟ ننهن وراڻيو تہ هن گهر جا وڏڙا دان ڪرڻ سکيا ئي ڪين آهن. اسين پاروٿو پيا کائيندا آهيون. سندس سس پويون جملو ٻڌي ورتو تہ اسين پاروٿو کائيندا آهيون. هن هڪدم پنهنجي پتيءَ کي شڪايت ڪئي تہ ننڍي ننهن ساڌوءَ کي پيئي چوي تہ اسين گهر ۾ پاروٿا کائيندا آهيون. هن کي گهر جي ڳلا ڪرڻ ڪين جڳائي. اسين پاروٿي روٽي ڪٽي کائيندا آهيون! سيٺ هڪدم ننهن کي سڏ ڪري پڇيو تہ ڇا تو ساڌوءَ کي ائين چيو آهي تہ اسين پاروٿو کاڌو کائيندا آهيون؟ ننهن وراڻيو: ها، مون ائين برابر چيو آهي. توهان جيڪي اڳئين جنم ۾ ست ڪرم، دان پڃ ڪيا آهن، اُهي ڦل اسان هاڻي کائي رهيا آهيون. هن جنم ۾ تہ توهان ڪجھہ بہ دان پڃ ڪين ٿا ڪريو تہ ٻئي جنم ۾ وري توهان کي ڇا ملندو! جهڙي پوکہ پوکبي، تهڙي ئي لڻبي. سيٺ ننهن کان پڇيو، ڇا اڳئين جنم ۾ دان ڪيل اسين هاڻي کائي رهيا آهيون؟ ننهن جواب ڏيندي چيو تہ جهڙو ڪرم ڪبو اهڙو ئي ڦل ملندو. سيٺ ننهن کي چيو تہ اڄ کان وٺي تون روز پنج سير چڻن جا رڌي ورهائيندي ڪر. سهري جي آڳيا موجب ننهن روز آئي وئي سنت ساڌوءَ کي چڻا ڏيندي هئي. ڏهن پندرهن ڏينهن کانپوءِ، هن سس کي چيو تہ مان سهري لاءِ اڄ خاص ڀوڄن تيار ڪنديس. هن سهري لاءِ جدا طعام بہ تيار ڪيا ۽ چڻا بہ رڌا. جڏهن هو ڀوڄن کائڻ لاءِ ويٺو تہ هن ڪيس چڻن جي ٿالهي ڀري ڏني. هي جڏهن تڪڙ ۾ چڻا کائڻ لڳو تہ کي چڻا سندس ڳلي ۾ اٽڪي پيا ۽ دانهن ڪرڻ لڳو تہ صرف چڻن جو ڪو ڀوڄن ٿيندو آهي ڇا؟ هي تہ هيانوَ تي چڙهي پيا آهن! ننهن چيو ’سهرا

رپيا سوامي سروانند مهاراجن کي ڏيئي رمندو رهيو. ڪلاڪ ٻن کان پوءِ سوامي جن جڏهن آشرم ۾ آيا تڏهن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن مشڪندي کين چيو ته ”ڇا پئسا ٿو گڏ ڪري ماڻهن وٽ رکين! سوامي جن عجب مان چيو ”ستگرو مهاراج! مان ته سڀ پيلائون اوهان جي چرنن ۾ رکندو آهيان، ڪنهن به شخص وٽ پئسا ڪين رکيا اٿم. تڏهن سوامي سروانند مهاراجن سوامي جن کي چيو ته هاڻي تنهنجي پرپٺ هڪ ٻڍڙو شخص آيو ۽ تو لاءِ پڇيائين. اُن شخص مونکي هي پنڌرهن سؤ رپيا ڏيندي چيو ته اِها سنت شانتي پرڪاش جي رکيل امانت اٿوَ، کيس ڏجو. اِهو شخص ڪير هو؟ سوامي جن پريوءِ جي رهسيه کي سمجهي ويا ۽ نمرتا سان چيائون ته اِهو ٻڍڙو شخص سوامي ٽيئونرام صاحب ئي هوندو، جو اِن روپ ۾ اچي سهايتا ڏيئي ويو. پرماتما پنهنجن پيارن جا ڪم ڪيئن نه پورا ڪري ٿو. سوامي جن انهن پئسن مان ٻئي ڏينهن ڏام ڏوم سان سنتن جو ڀنڊارو ڪيو ۽ سڀني سنتن کي دڪشڻا پڻ ڏني. جيڪڏهن ڀڳت جو ڀڳوان ۾، شش جو گروءَ ۾، پورو پورو وشواس آهي ته اُن جا ڪارج سڌ ٿين ٿا. داس کي به ڪيترائي اهڙا آزمودا آهن. ست ڪرم ڪندي پريو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ اچي سهائتا ڪري ٿو. هٺ نٿو منجهي، صرف پنهنجو سوارٿ نه هجي.

۴ نومبر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو آخرين ستسنگ هو. اُن موقعي تي سواميجن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جا آڀار مڃيندي چيو ته اسان سڀني جا سوڀاڳيه آهن جو ستگرو مهاراجن هٿ ڏاڍو ڏينهن امرت ورکا ڪري اسان کي ڪرتارٿ ڪيو آهي. داس کان ڪا غلطي ٿي هجي يا پريمين کان شيوا ڪندي ڪا ڀل چوڪ ٿي ٿي هجي ته داس ان لاءِ ڪميا ياچنا وٺي ٿو.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۳۰ آڪٽوبر پونا روانا ٿيا. سوامي جن به ساڻن گڏ ويا. اُتي سوامي جن هفتو کن رهيا ۽ ستسنگ پروچن ڪيائون. پوڄنيه سوامي جن ڪنڀ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ۲۸ نومبر ۱۹۵۲ رات جو ڪلياڻ مان پرياڳ لاءِ روانا ٿيا ۽ ۳۰ نومبر صبح جو پرياڳ ۾ پهتا. اُتي پرياڳ ۾ ڪنڀ ميلي جي اُپلڪش ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پريم پرڪاش منڊل طرفان ڇانوٽي لڳائي ۽ اُن ڇيتر پڻ کوليو. ۱۳ جنوري ۱۹۵۳ تائين منڊل جي لڳايل منڊپ ۾ صبح شام ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي گرمکداس، سوامي بسنترام، سوامي پريمداس، سوامي ماڌوداس، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي اوڌوداس، سوامي چندنرام ۽ ٻيا سنت مهاتمائون ستسنگ ورکا ڪندا هئا.

ڪنڀ جي ٽٻين جي مهتوپورڻ ڏينهن تي پوڄنيه سوامي جن سنتن ۽ پريمين سان گڏجي تروينيءَ ۾ ڪنڀ جون ٽٻيون ڏنيون. ڪنڀ جي ميلي تي هزارين سنت مهاتمائون، نانگا ۽ جوڳي آيل هئا. سوامي جن جي شروع کان اِها پرڪرتي ۽ پرورتي هوندي هئي جو هو گڻ گراهي هوندا هئا. هو جتي به ڪنهن شهر ۾ يا ڳوٺ ۾ ويندا هئا ته پڇندا هئا ته هتي ڪو سنت مهاتما رهندو آهي ڇا؟ سوامي جن ٻاڻ اُتي اُنهن سنتن مهاتمائن ۽ آستان ڌارين سان ملڻ ويندا هئا. سوامي جن ڪنڀ جي ميلي تي به ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان ملبا ۽ اُنهن سان گيان گوشٽي ڪيائون.

ڪان آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسؤ جي سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ٢٠ مارچ جئپور ۾ آيا. پهرين سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جي مورتيءَ کي نمسڪار ڪري، پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪٽيا ۾ آيا. ڪين پرڻام ڪري پرساد پيٽ رکيائون. ستگرو سوامي سروانند مهاراج پوڄنيہ سوامي جن کي سندن نمرتا ۽ اننيہ گرو ڀڳتي پاونا سبب ڏاڍو پائيندا هئا. سوامي سروانند مهاراجن مشڪندي سوامي جن ڪان حال احوال ورتو. سوامي جن ڪين آشرم جو ۽ سئر سفر جو حال احوال ٻڌائيندي وينتي ڪئي تہ سنڌونگر ۾ بہ پڌارجڻ جي ڪرپا ڪريو. پريمي توهانکي ڏاڍو ياد ڪري رهيا آهن.

٢٨ مارچ چيٽ جو ميلو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي پرڌانپٽي هيٺ آرنڀ ٿيو. صبح جو ستگرو مهاراجن ۽ منڊل جي ٻين سنتن گڏجي جهنڊو چاڙهيو. شام جو ٤ بجي ستگرو مهاراجن جي سرپرستيءَ ۾ جلوس رام نام ۽ شري ستنام ساکيءَ جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو.

٢٨ مارچ ڪان ٣١ مارچ تائين امراپور استان تي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي گرمکداس، سوامي جيوَن مڪت، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي چندنرام، سوامي اوڌوداس، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سنت ڀڄنداس، پنڊت سيتلداس ۽ ٻين سنتن مهاتمائن ستسنگہ روپي امرت ورکا ڪئي. اُن اُتسو جي موقعي تي پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪهہ ٽيئون سنسار ۾، بات يهي هئي سار،
ڀڄن ڪرو ڀڳوان ڪا، ڇوڙو وشيہ وڪار،

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا. سڀني ڪرمن ۾ مکيہ ڪم آهي ڀڳوان جو ڀڄن.

سنساري وشين وڪارن جو تياڳ ڪري منش کي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ گهرجي. جيڻ ڪيترين جوڻين ۾ ڀٽڪڻ ڪانپوءِ منش ديهہ پراپت ڪري ٿو. اهڙي امولہ ديهہ وڃائڻ نہ گهرجي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج هرروز ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڳوان جي ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ سان آتمڪ ٻل ملي ٿو ۽ اسين پربهوءَ جي ويجهو ٿيون ٿا.

سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڄن جو چنتن ڪرڻ بہ ڀڄن ڪرڻ ئي آهي. هڪ دفعي هڪ ڳنوار جهنگل ۾ ڳانيون چاري رهيو هو. اُتان هڪ سنت لنگهي رهيو هو. اُن ڳنوار اُن سنت کي ڏسي ڪيس چرڻ وندنا ڪئي. اُن سنت اُن ڳنوار ڪان پڇيو 'پيارا! تون ڪجهہ وقت ڀڄن بہ ڪندو آهين يا صرف ڳانيون چاريندو آهين؟' ڳنوار وراڻيو تہ مونکي خبر ڪين آهي تہ ڀڄن ڇا ٿيندو آهي! سنت چيو 'پيارا! ڀڳوان جي نام جي مالها ڦيرڻ، پربهوءَ جو نالو پريم سان جپڻ ڀڳوان جو ڀڄن آهي. اڄ ڪان تون صبح شام ٻارهن ٻارهن مالهائون 'رام رام' جپيندو ڪر.' ڳنوار چيو تہ مونکي ايڏي فرصت ڪين آهي جو ٻارهن ٻارهن مالهائون ڦيريان. آخر سنت جي گهڻي سمجهائڻ تي اُن ڳنوار

صاحب، توهان روز چٽا دان ڪندا آهيو ته توهان کي به اڄ چٽا مليا آهن. چٽن مان چانور ڪين ملندا. جهڙي شيء اوهان ٻين کي ڪارائيندا، اهڙي شيء پريو اوهان کي ڪارائيندو. ننهن سياڻي هئي. هن وري جيڪي طرحين طرحين جا طعام تيار ڪيا هئا، اُهي ٻيءَ ٿالهيءَ ۾ ڪڍي آئي. سندس سهرو اُهي طعام کائي ڏاڍو خوش ٿيو. ان تي ننهن سهري کي چيو ته جيڪا چيز توهان کي وڻي ٿي، اهڙي شيء ٿي ٻين کي کارايو پيئاريو. دان ڪريو ته پرماتما توهان کي ٻئي جنم ۾ اهڙي موٽ ڏيندو. اِهو ٻڌي سيٺ جي خيالن ۾ ڦيرو آيو. هن هڪڙو چئن دروازن وارو وڏو ڪمرو ٺهرايو. هڪ دروازي کان اَن دان، ٻئي کان وستر دان، ٽئين دروازي کان تيار ٿيل پوڄن ۽ چوٿين دروازي کان برتن دان ڪرڻ شروع ڪيا. جيڪو سندس در تي ايندو هو سو خالي ڪين ويندو هو. سندس دان ورتيءَ جو يش چوڌاري ڦهلجي ويو. جنهنڪي جيترو کپي اوترو سيڌو پوڄن ڪپڙا برتن کڻي ويندو هو. ڀڳوان سندس امتحان وٺڻ لاءِ هڪ بکاريءَ جي روپ ۾ چئني دروازن کان اناج ۽ ڪپڙن جون پريون، خوب برتن ۽ پوڄن ڪنيو. تڏهن به سيٺ ڪجهه ڪجهو ڪين. سندس اکيون هيٺ هيون. اُن بکاريءَ سيٺ کان پڇيو:

چار دوار پر ديت هو، ڪرڪي نيچي نئن،

ڪهو ڪهان سي سيکيا، آئسي وڏ ڪا دين.

سيٺ ان سوال جو جواب ڏيندي چيو:

ايشور سب ۾ بست هئہ، ديتا هئہ دن رئن،

نام همارا ليت هئہ، يائي نيچي نئن.

پيارا! پريو سيني کي ڏيڻ وارو آهي. رات ڏينهن هوُ اسان جي سار سنڀار ويٺو لهي. مون وٽ به جيڪي آهي سو پرم پتا پرماتما جو آهي. ماڻهو وري منهنجي ساراهہ پيا ڪن. پنهنجي نيڪي ٻڌي، نالو ٻڌي مونکي لڄ پيئي اچي ته ڏيڻ وارو هڪڙو مالڪ ۽ ماڻهو منهنجي واهہ واهہ ٿا ڪن. ان ڪري شرم وچان منهنجيون اکيون هيٺ آهن.

سياڻي سيٺتي ست ويچارن واري ننهن، ساري ڪٽنب ۾ وڏو ڦيرو آڻي ڇڏيو. جي ڪڪر به دان ڪين ڪندا هئا، اُهي درياهہ دل ٿي دان پڃ ڪرڻ لڳا. ڏنو ٻنو آهي. پريميوا توهان به سڀ ٻڌجي پريوءَ جي ڏني مان ٻين جي شيوا ڪريو. بکايلن جا پيٽ پريو، ننگن کي وستر ڏيئي ڍڪيو، بيمارن کي دوائون وٺي ڏيو. توهان ٻين جي سار لهندا ته پرماتما توهان جي سار لهندو.

۱۸ جنوري ۱۹۵۳ سوامي جن ڪاشيءَ ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن رهيا. گنگا نديءَ ۾ اِشنان پاڻي ڪري ڀڳوان وشوناٿ جي مندر ۾ درشن لاءِ ويا. اُتي پريمين جي آگرهہ تي سوامي جن ستسنگ پروچن ڪيو. ۲۲ جنوري سوامي جن سنڌونگر ۵ آشرم ۾ واپس وريا. اُتي نت نيم ستسنگ جو آرنڀ ڪيائون.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ چيٽ جو ميلو امراپور استان جئپور ۾ ۲۸ مارچ

اُنهن جي سچي ڀاونا سان پوڄا اُپاسنا ڪريو.

٢٠ اپريل سوامي جن بڙودا وارشا ڪالونيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٨ اپريل تائين ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته جيئن توهان مان هرهڪ سکي گذارڻ چاهي ٿو، تيئن توهان به ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو. توهان ٻين کي سکي ڪندا ته پرماتما توهانکي سکي ڪندو.

راجا ڀيمديو جي راڄ ۾ هڪ سال برسات نه پوڻ سبب سوڪ اسٿتي پيدا ٿي. سوڪ جي ڪري ڏکار جهڙي حالتون پيدا ٿيون. ڪيترن ڪڙمين، ڳوٺاڻن کي کائڻ لاءِ پورو کاڌو ڪين هو. راجا جا سپاهي اُنهن ڪڙمين کان زوريءَ ڍل وصول ڪرڻ لاءِ، سندن گهرن جو سامان ضبط ڪري، اُنهن کي پاڻ سان گڏ راڄ دربار ۾ وٺي آيا. راجڪمار مولراج اُنهن ڪڙمين، ڳوٺاڻن جا اُداس، مايوس چهرا ڏسي اُن جو ڪارڻ پڇيو. تڏهن اُنهن پنهنجو درد ڀريو داستان راجڪمار کي ٻڌايو ته ڪيئن نه سوڪ سبب هڪ طرف اناج ڪين پيدا ٿيو آهي ۽ ٻئي طرف سپاهي سندن گهرن جو سامان ضبط ڪري آيا آهن.

راجڪمار مولراج اُنهن ڪڙمين کي آٿت ڏيندي، سندن ڍل ورتي ۽ هڪدم اُنهن کي پوڄڻ ڪارايو. راجڪمار کي سندس پتا راجا ڀيمديو چيو هو ته تون گهوڙيسواريءَ ۾ ماهريت حاصل ڪر ته جيڪي تون انعام گهرندين اُهو انعام توکي ڏيندس. راجڪمار مولراج گهوڙيسواري سکي پڙ ٿي ويو. هي پيارو پتا وٽ آيو ۽ پاڻوهه مان پوچ پتا کي چيائين ته پتاجي، مان گهوڙيسواريءَ ۾ ماهريت حاصل ڪئي آهي. هاڻي توهان مونکي گهربل اِنعام ڏيو. راجا ڀيمديو پرسن ٿي پڇيو 'راجڪمار! توکي ڪهڙو انعام گهرجي؟' راجڪمار وراڻيو 'هن سال راڄ ۾ سوڪ اِسٿتيءَ سبب ڪڙمين کان ڍل وصول نه ڪئي وڃي. سندن ضبط ڪيل سامان ڪين واپس ڪيو وڃي ۽ راڄائي خزاني مان ڪين ان ڏن ڏيئي سهايتا ڪئي وڃي ۽ آئينده پڻ سوڪ جي حالتن ۾، ڏکر جي حالتن ۾، اُنهن ڪڙمين ڳوٺاڻن کان ڍل نه ورتي وڃي. اِهو انعام ڪرپا ڪري مونکي ڏيو.' راجا سپتر جو اِهو جواب ٻڌي پرسن ٿيو ۽ آگيا ڪيائين ته ڪڙمين کي سامان واپس ڪيو وڃي. ڍل به نه ورتي وڃي ۽ ڪين ان ڏن جي سهائتا ڪئي وڃي. مولراج جي پراُپڪاري سڀاءَ سبب راجا به پرسن ٿيو ته پرجا به ڏاڍي خوش ٿي. راجڪمار مولراج پنهنجي سک ۽ اِنعام جو تياڳ ڪري ٻين کي سکي ڪيو.

پريميو! توهان به ان راجڪمار جيان ٻين کي سديو سکي رکڻ جي ڀاونا رکو.

پريمين جي آگره تي سوامي جن ٢٩ اپريل رامنگر سورت ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٥ مئي تائين ستسنگ ڪيو. اُتي سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پرماتما ئي هن ساري برهمانڊ جي رچنا ڪئي آهي. انڪري اُنکي هرگز نه وساريون. اُن اُپاٺهار ڪيڏيون نه نعمتون اسان لاءِ ميسر ڪيون آهن، مگر اسين احسان فراموش! اسان مان ڪيترا اهڙا به پيارا آهن جي پريوءَ جي استيتو ۾ به وشواس ڪين ٿا رکن. هن سرشٽيءَ روپي ڪارخاني کي هلائيندڙ سروَ شڪتيوان سرو سريشٽ پرماتما ئي آهي. بندي کي ڪهڙي

پنهنجي دفعا صبح ۽ پنج دفعا شام جو رام جو نالو جپڻ جو انجام ڪيو. جڏهن گهر ۾ آيو ته شام جي وقت پنج دفعا رام جو نالو اُچارياڻين. وري صبح جو به ساڳي ريت نام اُچارياڻين. ائين اُهو ڳنوار پنج دفعا رام نام جپيندو هو، پر نام جپڻ جو چنتن به ٿي به ٿي ڪلاڪ اڳه ڪندو هو. سوچيندو هو ته فلاڻي وقت پنج دفعا رام جي نام جو جاپ ڪرڻو آهي. اِهو سندس نيم ٿي ويو. سالن پڄاڻا جڏهن هي ڳنوار پرلوڪ پڌاريو، تڏهن اُتي هن کان پڇيائون ته تو ڪهڙا اُتم ڪاريه ڪيا آهن؟ اُن ڳنوار جواب ڏنو ته مون ڪوبه پڄ جو ڪم ڪين ڪيو آهي. تڏهن چتر گپت چيو ته هي ڳنوار روز ٻه پهر نام جپيندو هو، پهر صبح جو ۽ پهر شام جو. تڏهن ڳنوار چيو مان ته صرف پنج دفعا صبح ۽ پنج دفعا شام جو نام جپيندو هوس. چتر گپت چيو ته تون برابر پنج پنج دفعا نام اُچاريندو هئين، پر تون ان نيم کي پوري ڪرڻ لاءِ ٻه ٿي ڪلاڪ اڳه سوچيندو هئين، پڄن جو چنتن به پڄن ڪرڻ آهي. ان ڪري تون سرڳه جو اڌڪاري آهين. پريميوا توهان به اُن ڳنوار جيان نت نيم نام اُچارئيندا، پرڀوءَ کي ياد ڪندا ته توهانکي به سرڳ پراپت ٿيندو.

۱۰ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سرواننند مهاراجن کان موڪلائي آسيس وٺي احمدآباد ۾ آيا. اُتي سوامي جن هفتو کن ستسنگه ورڪا ڪئي. اُتي سوامي جن ستسنگه ڪندي چيو ته ڀڳوان پنهنجي پيارن جي پاڻ اچي پت رکندو آهي. اُديپور جي نزديڪ ڀڳوان چتر ڀڄ جو مندر آهي. ڪنهن زماني ۾ اُن مندر جو پوڄاري ديو جي پانڊي هو. هڪ ڏينهن هو ٺاڪرجيءَ کي سمهاري، سندس گلن واري مالها پنهنجي گلي ۾ وجهي، دروازو بند ڪري ٻاهر آيو ته هن پريان مهاراڻا کي ايندو ڏٺو. هن اُهو هار پنهنجي گلي مان لاهي رکيو. هار لاهيندي سندس مٿي جو ڪو اڇو وار اُن هار ۾ اٽڪي پيو هو، پر هن جو اُن طرف ڌيان ڪين هو. مندر جي ٻاهران ئي هيو هار نه ڏسي اُهو پشپ هار مهاراڻا کي ڀيٽ ڪيو. هار وٺندي مهاراڻا جي نظر اُن اڇي وار تي پيئي ۽ پوڄاريءَ کان پڇيائين ته ڀڳوان جا وار به ڇا اڇا ٿي ويا آهن؟ پوڄاريءَ چيو 'ها مهاراج!' مهاراڻا چيو ته سڀاڻي مندر ۾ اچي ڀڳوان جا وار ڏسبا، ائين چئي مهاراڻا رمندو رهيو. پوڄاريءَ کي چنتا ورائي ويئي ته سڀاڻي مهاراڻا مندر ۾ ايندو ۽ سندس پت وائڪي ٿي ويندي. سو هي پيارو مندر ۾ وڃي سڄي رات پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳو. پرڀو منهنجي پت رکجانءِ جو مون مهاراڻا کي چيو آهي ته ڀڳوان جا وار اڇا ٿي ويا آهن. ڀڳوان ڀڳت وتسل آهي. ٻئي ڏينهن صبح جو مهاراڻا مندر ۾ آيو. هن ڏٺو ته برابر ڀڳوان جا وار اڇا آهن، مگر تنهن هوندي به سندس دل ۾ گمان ٿيو ته متان اِهي وار نقلي نه هجن. هن هڪدم جٺ ئي ڀڳوان جو هڪڙو وار پٽيو ته رت جي بوند ٽپڪي اچي سندس ڪپڙي کي لڳي. پوءِ ته هي ڏاڍو پشيمان ٿيو، پڇتائڻ لڳو. هڪدم ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ساشٽانگه پرڻام ڪري معافي وٺڻ لڳو ته هن وشواس نه رکي ڀڳوان ۾ به شڪ رکيو. هن پوڄاريءَ کان پڻ معافي ورتي. پريميوا ڀڳوان پنهنجي پوڄاريءَ جي پت رکڻ لاءِ ڪيئن نه پنهنجا وار به اڇا ڪري ڇڏيا. ڀڳوان جي سنگمرمر جي مورتين کي بي جان نه سمجهو. ساکيات ڀڳوان سمجهي،

ئي هو. هي پيارو شروع ڪان ئي سنتن صوفين درويشن جي صحبت ۾ رهيو. گهر گرهست ۾ رهندي به هن کي صوفين ۽ سنتن جي ڪافي ٻاڻي ياد هوندي هئي ۽ هن سنٽپرش درويشن مان ڪافي ڪجهه پرايو. اُنهن جي سنگ ۾ رهندي پاڻ به سنت ٿي پيو. شري ٽيڪارام برجواڻي پڻ راتين جون راتيون سوامي جن سان اچي روح رهاڻيون ڪندو هو. صراف ئي هيرن جواهرن جو قدر ڪندا آهن. سواميجن لاءِ ڪيس اتي شرڌا هوندي هئي. سواميجن جي دل ۾ به هن پياري لاءِ ڏاڍو قرب هو. سواميجن وقت به وقت ستسنگ ۾ سنت ٽيڪارام جي ساتوڪ ۽ اپياسي جيون جو اُليک ڪندا هئا. شري ٽيڪارام پوڄنيه سواميجن کي صوفين سنتن جي ٻاڻي پڙهي ٻڌائيندو هو.

سنت شيواداس جن جو استان سنڌونگر ۵ ۾ مٺ مندر جي نالي سان پرسڌ آهي ۽ سندن استان سنڌونگر ۳ ۾ به آهي، هوُ گهڻو ڪري پرڀات جي وقت سوامي جن وٽ ايندا هئا. ٻئي سنت پاڻ ۾ گيان گوشٽي ڪندا هئا. سوامي شيواداس جيتوڻيڪ عمر ۾ پوڄنيه سوامي جن کان وڏا هئا، تڏهن به سندن من ۾ سوامي جن لاءِ شرڌا ۽ پيار هوندو هو.

لقمان سنڌ جو رهندڙ ڀائي جهمٽمل پرگيا چڪشيو سنڌونگر ۾ اچي رهيو. هي پيارو سٺو ڳائيندڙ هو ۽ ڪٿا پڻ ڪندو هو. هي پيارو به سوامي جن جي قرب پيار وچان اچي آشرم ۾ رهيو. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪيس ڀيک ڏيئي سندس نالو سنت جوتي پرڪاش رکيو. سوامي جن جڏهن اندر ٻاهر ويندا هئا ته سنت جوتي پرڪاش ڪٿا ڪيرتن ڪندو هو.

آشرم کي ننڍڙو باغ به آهي سنت پورڻ پرڪاش اُن باغ ۽ وڻن جي خوب شيوا ڪندو هو ۽ آشرم جي صفائي به پنهنجن هٿن سان ڪندو هو.

هر چنڇر رات جو سوامي جن جي ڪٽيا ٻاهران صوفي سماگم ٿيندو هو. سنت جوتي پرڪاش، شري ٽيڪارام، ڊاڪٽر راڌاڪرشن، ڀاءُ واڌورام بدلاڻي ۽ ٻيا ڪيترا سڄڻ سنڌ جي صوفين سنتن جا ڪلام ڳائيندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن پوڄنيه سوامي جن پڻ شاهه، سچل، سامي، بيدل، بيڪس، روحل، حمل جي بيتن، سلوڪن، ڪلامن جي سمجهاڻي ڏيندا هئا ته ڪڏهن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا شبد نج سنڌي راڳڻين ۾ ٻڌائيندا هئا. رات جو ايڪانت ۽ سانت جو وقت صوفين ۽ سنتن جي ٻاڻي ٻڌي روح کي راحت ايندي هئي. داس تڏهن اڄا اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن اُن رات جو اچي آنند وٺندو هو. ڊاڪٽر راڌاڪرشن حڪيم الومل آهوجا جو فرزند به صبح جو سويل اچي سوامي جن کان ڌارمڪ پستڪن جي سکيا ۽ سمجهاڻي گرهڻ ڪندو هو.

شري تلسيداس موٽواڻي، ماستر گوبندرام ليلاڻي، سوامي جن کي رات جو اخبارون ۽ پستڪ پڙهي ٻڌائيندا هئا. سوامي جن وقت اجايو ڪين وڃائيندا هئا. ڪنهن نه ڪنهن پريميءَ کي چوندا هئا ته ڪونه ڪو شاستر يا پستڪ پڙهي ٻڌاءِ. سوامي جن رات جو ڪيترو به دير سان سمهندا هئا، تڏهن به برهم مهورت جو اُٿي ڪريا ڪري، آتم چنتن

طاقت آهي! ان جي حڪم ڪانسواءِ هڪ ڪک پڃي هيٺو به نٿو ڪري سگهي.

هڪڙو ناستڪ هو، پر سندس پٽ آستڪ هوندو هو. پٽ نت نيم پرماتما کي پرارٿنا ڪندو هو. اهو ڏسي سندس پتا کيس چوندو هو ته پرماتما آهي ئي ڪين، تون اجايو وقت برباد ٿو ڪرين! پٽ پتا جو اهو جملو ٻڌي ٻڌي ڪک ٿي پيو هو. هنجو پرماتما جي هستيءَ ۾ پورڻ وشواس هو. هن هڪ ڏينهن پتا کان پڇيو ته جيڪڏهن پرماتما ڪين آهي ته هن سنسار جو چرخو ڪير ٿو هلائي؟ هيءَ سرشٽي ڪنهن بڻائي آهي؟ پتا وراڻيو 'پٽ، ڌرتيءَ جي ڦيري سبب تبديل ٿيندي رهي ٿي. هر شيءِ ۾ گرمي آهي. انکري بنا ڪنهن اُپائيندڙ جي گرماش ۽ ڌرتي جي ڏوري سبب چرخو هلي رهيو آهي. پتا جو اهو جواب ٻڌي پٽ کي سنتوش ڪين آيو. هن هڪ ڏينهن هڪ پني تي سندر رنگين چتر ڪڍي پتا جي ڪمري ۾ لڳائي ڇڏيو. جڏهن سندس پتا گهر ۾ آيو، اهو چتر ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پٽ کان پڇيائين اِهو چتر ڪنهن ٺاهيو آهي؟ پٽ وراڻيو 'پتاجي! گرمي ۽ ڌرتيءَ جي ڦيري سبب پنو اُڏامي آيو ۽ رنگ برش به اُڏامي هت اچي ڪريا ۽ هي چتر تيار ٿي ويو.' پتا پٽ جو اهو جواب ٻڌي مٿس ڪاوڙيو ۽ چيائينس 'تون ته ڪو مورک آهين ڪنهن شخص ته پنو، رنگ، برش کڻي هي چلر چٽيو هوندو. پنهنجو پاڻ ڪيئن چتر ٺهندو!' تڏهن پتر پتا کي مشڪندي نمرتا سان چيو 'بابا! جنهن صورت ۾ هن رواجي چتر کي ٺاهڻ وارو ڪو چترڪار آهي، تئن هن وشال سنسار کي ٺاهڻ وارو به ته ڪو ڪاريگر آهي، سرجن ڪندڙ، اُپائڻهار هوندو. ان ڪانسواءِ هي برهمانڊ ڪيئن ٺهيو هوندو.' پٽ جو سياڻپ وارو جواب ٻڌي سندس پتا ناستڪ مان آستڪ بڻجي پيو.

پريميو! توهان به برهم جي ستا ۾ پورڻ وشواس رکو. وشواس وارو ئي سڦلتا پراپت ڪندو آهي. پرماتما ۾ وشواس رکي اُن جا گڻ ڳايو، اُن جو نام اُچاريو. دنيوي ڪم ڪاريون ڪندي اُن کي نه وساريو.

٦ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس وريا ۽ اتي نت نيم شام جو ستسنگ ڪندا رهيا. سنت رگهورام جو سوامي جن سان سنيهه سنبنڌ سنڌ چڪ کان ئي هو. سنت رگهورام گهر گرهست ۾ رهندي به سچو ساڌڪ هو، اونهون ابياسي هو. ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيه اُپاسڪ هو. وڏو ودوان هو، پر سادگيءَ جي صورت هو. ڪڏهن به پنهنجي ودوتا جي ڏيکاري ڪين ڏيندو هو. سنڌ ۾ آزاديءَ جي هلچل ۾ به بهرو ورتائين. هريجن سڌار جو ڪاريه به ڪيائين. مهاتما گانڌيءَ جي سڌانتن تي هلندو هو. سوامي جن کي ننڍي عمر ۾ هن سد گرهستيءَ جو سنگ مليو ۽ ان جي صحبت مان سوامي جن چڱو ڪجهه پرايو. ديش جي ورهاڱي کانپوءِ سنت رگهورام ڪجهه وقت جئپور ۾ رهيو. سوامي جن جي وينتيءَ تي هي سنت سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ اچي رهيو. سندس تپسوي جيون سبب کيس رشي رگهورام ڪري سڏيندا هئا. سوامي جن صدق وچان سندس سيوا ڪندا هئا ۽ ڪيترو وقت ساڻس گيان گوشٽي ڪندا هئا.

شري ٽيڪارام برجواڻيءَ جو سوامي جن سان سنيهه سنبنڌ سنڌ شاهپور پير ڳوٺ کان

جتي بہ هجو، رات ڏينهن پريوءَ جو نالو زبان سان، من سان ۽ سواس سان اُچاريو. سائين هرچورام پوکہ کندي بہ پريوءَ کي ياد کندا هئا. ڌنڌو کندي بہ رام نام اُچاريندا هئا ۽ سچ جي ساکي ڏيندا هئا. توهان بہ ڪم ڪاريون کندي نام اُچاريندا رهو. دنيا جا ڪم ڪاريون ڪم نہ ايندا. نام سمرڻ ۾ بهانا نہ بڻايو. سچائي ۽ سپت جو ڌنڌو وهنوار ڪريو. توهان جي ڌنڌي ۾ بہ برڪت پوندي.

٢٠ سيپٽمبر سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگہ ورکا ڪئي. ٢٤ سيپٽمبر سوامي جن اُرلي ڪئمپ ۾ آيا. اُتي پڻ سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگہ جي مؤج مچائي. ٢٧ سيپٽمبر سوامي جن ڊوند ڪئمپ ۾ پڌاريا. اُتي چار پنج ڏينهن ستسنگہ ڪري ٢ آڪٽوبر صبح جو سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا.

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جي جنمدن سبب سوامي جن شام جي ستسنگہ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ اهنسا جو اوتار مهاتما گانڌي نہ صرف مهان راشٽر-ڀڳت هو، پر ايشور ڀڳت بہ هو. هوُ ڀڳوان شري رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو. هوُ برهم مهورت جو اُٿي ايشور چنتن ڪندو هو، شريمد ڀڳوت گيتا جو پاٺ ڪندو هو. ڀارت ڀوميءَ کي انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ڪرائڻ جي شڪتي بہ کيس پرارٿنا مان پراپت ٿي. سنڌيا جو بہ هي نيم انوسار پرارٿنا ڪندو هو. اُپنشد ۽ ڌارمڪ شاسترن جو ابياس ڪندو هو. پريو پرارٿنا دوارا ئي کيس آتمڪ بل پراپت ٿيو. پريميو! توهان بہ صبح جو سويل اُٿي پهرين پريوءَ جي پرارٿنا ڪريو. پنهنجي روز جي ڌنڌي وهنوار نوڪريءَ جي شروعات بہ پرارٿنا سان ڪريو. پنهنجي پوڄن جي شروعات بہ پرارٿنا سان ڪريو. ڏسو تہ توهان کي جيون ۾ ڪيڏي نہ ڪاميابي ٿي ملي، آتمڪ بل ٿو ملي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪھ ٽيئون نت ڪيجئي، رام نام سي پريم،
رام نام ڪي سم نهين، جپ تپ سنيم نيم.

ڀائو پرسرام مسند سکر سنڌ کان وٺي ڪيترائي شيوا جا ڪاريہ ڪيا. ديش جي ورهاڱي کانپوءِ هن پياري سنڌونگر ۾ ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ڪيا. پوجنيہ سوامي جن کيس شيوا ڪاريہ لاءِ سدائين همٿائيندا هئا. ڀاءُ پرسرام مسند سرڳڌام شمشان ڀوميءَ جو ڪاريہ شروع ڪيو. اُن لاءِ بہ سوامي جن کيس سهائتا ڏني. پوجنيہ سوامي جن جي صلاح سان ڀائو پرسرام مسند ١٠ جنوريءَ کان ١٧ جنوري ١٩٥٤ تاءِ گانڌي روڊ سنڌونگر ٥ ۾ مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي. جنهن ۾ اکين جي پرسڌ ۽ ماهر ڊاڪٽر موديءَ کي گهرايو ويو. ڊاڪٽر موديءَ پنهنجي سهيوگي ڊاڪٽرن جي ٽوليءَ سهت سوَن مريضن جي اکين جي تپاس ڪري سندن اکين جا آپريشن ڪيا. سواميجن اُن اکين جي ڪئمپ جي بيمارن لاءِ آشرم مان کاڌي پيتي جو بندوبست ڪيو. آپريشن ٿيل مريضن کي اُنهن جي انڪول ست ئي ڏينهن کاڌو پيتو کارايو ويو. سوامي جن آشرم ۾ ڊاڪٽر موديءَ جو ستڪار ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر مودي بجلي ڊاڪٽر آهي، جو هڪ ڪلاڪ ۾ پنجويھ ٽيھ آپريشن ڪري ٿو. هن پياري هزارن بيمارن کي نئون نور بخشيو آهي. شل پرماتما سندس صحت سالم رکي ۽ کيس وڏي آورجا بخشي جو خلق خدمت جو ڪاريہ ڪندو رهي.

ڪندا هئا. صبح جو ٥ بجي کن کي ساڌڪ سوامي جن وٽ ڌارمڪ پستڪن جو اڀياس ڪرڻ ايندا هئا. سوامي جن ڪيترن ئي پيارن کي سارڪتاولي، ويچار مالا، ويچار ساگر، وئراڳيہ شتڪ ۽ ٻيا ڌارمڪ، سکياداعڪ پستڪ پرسنتا سان پاڙهيندا هئا. هو ڳوڙهہ وشين کي سرل سنڌيءَ ۾ سمجهائيندا هئا. سوامي جن وٽ درشٽانتن جو تہ ڀرپور خزانو هو. ان ڪري هو درشٽانت ڏيئي خشڪ وشيہ کي بہ روچڪ بڻائي ڇڏيندا هئا. جيڪڏهن پاڙهيندي پاڙهيندي ڪنهن بہ پريميءَ کي ڪا شنڪا ٿيندي هئي تہ پوڇنيہ سوامي جن پرسن چت ٿي بروقت ئي اُن شنڪا جو سماڌان ڪندا هئا. ان نموني سوامي جن ڪيترن ئي پريمين کي ست شاسترن جو گيان ڏيئي سندن مارگہ درشن ڪري جيون ۾ نئون ڦيرو آندو. سوامي جن وٽ پريات جو ڪي ڀائر ڀينر ست شاسترن جو اڀياس ڪرڻ ايندا هئا. تمام مشغول جيون هوندي بہ سوامي جن اُنهن کي ڏاڍي ڀاوہ ۽ چاهہ سان پاڙهيندا هئا. داس کي بہ ڪيترا دفعا چيائون تہ پريات جو اچي ڪجهہ ست شاسترن جو اڀياس ڪر، پر داس اُهو لاڀ حاصل ڪين ڪيو. وديارٿي جيون کان ئي داس سوامي جن وٽ ايندو ويندو هو. ڳجهہ ڳوہ ۾ ٻيا داس تي ديا درشٽي ڪري گيان ڏيندا هئا ۽ اڃا بہ داس تي سندن ڪرپا درشٽي آهي.

ماتا رکي، ڪاڪو ولرمل واڌوا، پيارو چوئٿرام، ڀنڊاري جي شيوا ڪندا هئا. شري ليلارام، ڪاڪو دوارڪاداس واڌوا، ڀاءُ ڪندنداس، شري گوپالداس بہ آشرم جي شيوا ڪندا هئا.

سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سلسلي ۾ ١٢ سيپٽمبر سوامي جن سندن آستان تي ستسنگہ ڪندي چيو تہ سائين هرچورام صاحب لاثاني سنت هئا. داس جو سوڀاڳيہ هو جو ننڍپڻ ۾ سندن خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. سندن پيار ۽ آسيس ملي. سائين هرچورام جن شاهپور ٿلهي تي رهندڙ شيواڌارين جي ڪس پڪائيءَ تي ڪڏهن ڪڏهن ٿوري ڪاوڙ غصو ڪندا هئا پر داس تي ڪڏهن بہ ڪاوڙ ڪين ڪيائون چوندا هئا تہ تنهنجو نالو بہ کيراج تہ اسانجي پتا جو نالو بہ کيراج، انڪري توتي ڪاوڙ ڪين ڪبي. هو مونکي ڏاڍو پيار ڪندا هئا. سائين هرچورام ڏنڊو وهنوار ڪندي ائي پهر 'هرنام، هرنام' اُچاريندا هئا. جيڪي بہ پرساد يا پيٽائون وٺن پريمي کڻي ايندا هئا، تن کي چوندا هئا تہ ٿلهي تي ڏيئي اچو. پاڻ انگيڪار ڪين ڪندا هئا. پنهنجي رسوئي بہ پنهنجي ڪمايل ڌن مان کائيندا هئا. جيڪڏهن ڪو پريمي ڪين ڀوڄن ڪرڻ لاءِ تمام گهڻو آگرہ ڪندو هو تہ اُن وٽ رسوئي کائي موٽ ۾ ان جي عيوض ڪجهہ نہ ڪجهہ پئسا خرچي روپ ۾ سندس ٻارن کي ڏيئي ايندا هئا. ڪنهن جو بہ بوجهو ڪين کڻندا هئا. هو ڌرمائو پئسي کي، شين کي، ڀڳتين کي رڪ جا چٽا سمجهي اُنهن جو تياڳہ ڪندا هئا. سندن زبان ۾ شڪتي هئي جيڪي چوندا هئا سو ٿيندو هو. پريميوا اڄ توهان سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ مان ورسجي وڃو. سائين هرچورام صاحب جيان نام کي نہ وساريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

انتر باهر رئن دن، ڀولو نا هرنام،

جهوا من وا پران سي، ڪهہ ٽيئون رٽ رام.

گھرون.

نام پدارٿ نانڪ مانگي،
ساڌ جنا ڪي شيوا لاگي.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جن هن چيٽ جي ميلي جو آرنڀ ڪيو، اڄ تن جي چترڇايا ۾ اسين ويٺا آهيون. اُنهن به پنهنجي باڻيءَ ۾ پرماتما کي اِهائي پرارٿنا ڪئي ته پريو مونکي پنهنجي ڀڳتيءَ جو دان ڏي:

ڪهه ٽيئون ڪر جوڙ ڪي، مانگو يهه وردان،
ديجي ڀڳتي ڀيد بن، هي هر ڪرپانڌان.
ماڌوَ ٽيري چرن ۾، من لاگي دن- رات،
ڪهه ٽيئون سمرن ڪرون، جيئُن چاترڪ جل سوانت.

پرماتما آئي پهر تنهنجي ڪمل چرنن جو ڌيان ڪريان. جئن چاترڪ پکي سوانتي نکشتر ۾ برسات جي جل جو پياسي هوندو آهي، تئن مان تنهنجي پريما ڀڳتيءَ جو پياسي ٿي توکي پراپت ڪريان.

٢٥ اپريل ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪان موڪلائي سوامي جن اجمير ۾ آيا. اُتي سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي سوامي جن ٢٨ اپريل تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. ٢٩ اپريل احمدآباد لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن ٣٠ اپريل احمدآباد ۾ پهتا. سوامي جن اتي امباواڙيءَ ۾ ستگرو مهاراجن جي آستان تي سوامي اوڌودار جن وٽ هفتو کن رهيا ۽ ستسنگ ڪيائون. ٨ ميءَ سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا ۽ نت نيم ستسنگ شروع ڪيائون.

٣٠ ميءَ سوامي جن آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي. اُن موقعي تي سوامي جن برهم ڀوڄ ڪيو ۽ نياڻين کي پڻ ڪارايو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ستگرن جي مهما جو ورڻن ڪندي چيو:

ستگر ڪي ڪرپا بنا، ڀوَ سنڌ ٽري نه ڪويه،
ڪهه ٽيئون گر شرن لي، جي ڀوَ ترنا هويه.

پريميو! هن سنسار ساگر مان پار پوڻ لاءِ ستگروءَ جي سخت ضرورت آهي. گروءَ جي ڪرپا کانسواءِ هن ڀوَ ساگر جي ڀيڙ مان پار پوڻ ممڪن ڪين آهي، انڪري ساڌڪ کي ستگروءَ جي شرڻ وٺڻ گهرجي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن پريمين کي ’ستنام ساکي‘ جو منتر ڏيئي ڪارونڀار مان ڪناري لڳايو. گروءَ لاءِ به پورڻ شرڌا هئڻ گهرجي. سنت ڪبيرداس کي ستگروءَ لاءِ ڪيڏي پياس هئي. سندس چاهنا هئي ته سوامي رامانند کيس گرو منتر ڏئي. گهٽ ذات هئڻ سبب سوامي رامانند کيس گرومنتر ڪين ڏنو، پر تڏهن به سنت ڪبير نراس ڪين ٿيو. ڪبيرداس هڪ ڏينهن پرڀات جو ڪاشيءَ ۾ پنچ گنگا جي گهاٽ تي هڪ ڏاڪي تي وڃي ليٽي پيو. سوامي رامانند جئن گنگا اشنان ڪري موٽي رهيو هو، تئن اونده سبب سندس پير وڃي ڪبيرداس کي لڳو. سوامي رامانند رام! رام! چوندي پري ٿي بيٺو. ڪبيرداس هڪدم اُٿي سوامي رامانند کي ڏنڊوت پرڻام

سواميجن ڀاءُ پرسرام مسند ۽ سندس ساٿين شري لکميچند روپچندائي، ڀاءُ پرسرام بالاڻي، ڀاءُ هريرام روپاڻي ۽ ٻين شيواڌارين کي اکين جي ڪئمپ ۾ ڪيل شيوائن لاءِ ڏنيواد ڏني.

٢٢ جنوري شري سڀاش چندر بوس جينتيءَ جي سنٻنڌ ۾ ڀائو پرسرام مسند پوڄنيه سوامي جن کي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ وٺي ويا. اسڪول جي پرنسيپال شري پرسرام لعلواڻيءَ سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. اتي اسڪول جي وديارٿين سڀاش چندر بوس جي جيون تي ليڪچر ڏنا. سوامي جن وياکيان ڏيندڙ وديارٿين کي انعام ڏيندي چيو تہ شري سڀاش چندر بوس ندر نشڪام نيتا هو. هن وديش وڃي ڪيئن نہ آزاد هند فؤج برپا ڪري ديش کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اڻٿڪ ڪوششون ڪيون. اهڙي بانڪي بهادر ديش ڀڳت جي جيون مان توهان بہ ديش ڀڳتيءَ جي پريرڻا پراپت ڪريو. هن پياري ديش لاءِ ڪيڏي نہ قرباني ڪئي. شل اسان سڀني ۾ هن جهڙي راشٽريہ ڀڳتي پيدا ٿئي. ڀاءُ پرسرام مسند سوامي جن جي شڪرگذاري ڪئي. سوامي جن وديارٿين لاءِ ڪئمنڙا ۽ بسڪوٽ آندا هئا جي پرساد روپ ۾ سڀني وديارٿين ۽ اڌياپڪن ۾ ورهايا ويا.

١٦ اپريل کان ١٩ اپريل امراپور استان جئپور ۾ پريم پرڪاش منڊل جو چيٽ جو ميلو آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسو جي سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ١٨ اپريل جئپور آستان تي پڌاريا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ آيا ۽ کين نمسڪار ڪري پرسادي ڀيٽ رکيائون. سوامي جن پوءِ منڊل جي ٻين سنتن سان مليا ۽ حالي احوالي ٿيا. ميلي جا چارئي ڏينهن امرت ويلي ۽ شام جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ منڊل جي ٻين سنتن مهاتمائن ستسنگہ جي امرت ورکا ڪئي. ١٧ اپريل صبح جو ستسنگ ڪندي پوڄنيه سوامي جن چيو:

مڪت دوارا منش تن، پايا پورب ڀاڳہ،
ڪهہ ٽيئون پا مڪت ڪو، گر چرنو ۾ لاڳہ.
جڙن چوراسي ڪوٽ ۾، مانش تن هئہ دوار،
ڪهہ ٽيئون تيہ جڳت ڪو، پائو هر ديدار.

جيوُ دنيوي چاهنائن، ترشنائن سبب ڪيترين جوٽين ۾ ڀٽڪيو آهي. هيءَ منش جي اُتم جوٽي پراپت ڪري بہ جيڪڏهن هوُ وري ڌن پدارٿ ۽ اولاد جي اِڇائن ۾ ڦاسندو تہ وري ڪيس چوراسيءَ جو چڪر هٽڻو پوندو. پريوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ، آتم گيان جي پراپتيءَ لاءِ منش ديهہ ئي اُتم ديهہ آهي. منش ديهہ هڪ اهڙو دوار آهي، جنهن دوار دواران پرماتما جي لوڪ ۾ پرويش ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ڀڳت ڀڳوان کان دنيوي مال اسباب، مان- شان ڪين ٿا گهرن، صرف ڀڳتي دان گهرن ٿا. سنت دادوءَ جي پريما ڀڳتيءَ تي پرسن ٿي ڀڳوان کانئس پڇيو 'پيارا! توکي ڇا گهرجي؟' سنت دادوءَ وينتي ڪندي چيو 'پريوا جيئن اوهان اکند آهيو، تيئن مونکي بہ پنهنجي پريما ڀڳتيءَ جو اکند دان ڏيو.' بس ٻيو ڪجهہ ڪين کپي. اسين بہ پرماتما کان پريما ڀڳتيءَ جو دان

ڪجهه گهرو ها تہ اُهو توهان کي ملي ها. پر انهن پدارٿن کي ڇڏي پريوءَ کان گهرو نام جو دان، ڀڳتيءَ جو دان. ڪاڏو پيتو تہ پريو توهان کي اوس ڏيندو ئي رهندو. پريو هڪ هڪ جي سار لهي ٿو.

پريميوا توهان بہ نيت صاف رکي پريوءَ کي ياد ڪندا، ست ڪرم ڪندا تہ پريو اوس توهان جي سار لهندو. سندس نالو ئي آهي ڏاتار. ڏاتار اُهو جو ڏئي ئي ڏئي.

ديندا دي ليندي ٿڪ پاءِ، جڳان جڳنتر کائي کاءِ.

سائين پريارام جي ورسي اُتسو جي سنبنڌ ۾ ٨ ڊسمبر رات جو سوامي جن سائين پريارام مندر ۾ ستسنگ ڪندي سائين پريارام جي مهما ڪندي چيو تہ سنت پريارام ڪيئن نہ شروعات ۾ گهر گرهست ۾ رهندي سيوا سمرڻ جي ساکي ڏني. پتر ۽ پتنيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ کان پوءِ سندس من ۾ وئراڳہ ورتي پيدا ٿي ۽ آهستي آهستي روحاني رنگہ ۾ رچندو ويو.

هڪ دفعي پير ڳوٺ ۾ اچي وبا منهن ڪڍيو. ڪيترائي ماڻهو اُن جو شڪار ٿيا. ڪن پريمين اچي سائين پريارام جن کي وينتي ڪئي تہ سائين، ڪيترا شهرواسي ڪالرا جو بکہ ٿيا آهن. ڪرپا ڪري ديا درشٽي ڪريو. سائين پريارام وراڻيو 'ابا! اِها اُتر کان آئي، ڏکڻ ڏي ويئي. اوهان پنهنجن دروازن تي وچي بصر ٻڌو ۽ چٽڻ جي دال ۽ بصر کائو. سائين پلي ڪندو. پريمين سائين پريارام صاحب جي آگيا موجب وچي دروازن تي بصر ٻڌا، چٽڻ جي دال ۽ بصر کاڌا. هڪ ڏينهن ۾ ئي ڪالرا ڪافور ٿي ويئي. سنتن جي وچنن ۾ جيڪو ويساهہ رکندو تنهن جو دکہ دور ٿيندو. پريميوا توهان بہ سنتن وٽ صدق سان اچي سيوا ڪريو. پرماتما توهان جا دکہ دور ڪندا.

٢١ جنوري ١٩٥٥ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو ڏينهن پوڄنيہ سوامي جن جي زير صدارت آشرم ۾ ملهايو ويو. ڀائو پرسرام مسند، پرسرام ڪانگريسي، شري پنجورام ورما ۽ ڀاءُ لڪميچند روپچنداڻيءَ شهيد ڪالاڻيءَ جي قربانيءَ جو ذڪر ڪيو. پوڄنيہ سوامي جن شهيد کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سنڌي جاتيءَ کي هيمون ڪالاڻيءَ تي فخر آهي. هن نڊر نوجوان آزاديءَ جي هون ڪنڊ ۾ پنهنجي جيون جي آهوتي ڏني. سندس جيون اسان لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهي. اڄ بہ اهڙن ديش ڀڳتن جي درڪار آهي، جي ديش جي پرگتيءَ لاءِ پاڻ پتوڙين.

٢٦ جنوري ڏينهن سوامي جن آشرم ۾ شام جو ستسنگ ڪندي پرجاوادي ڏينهن جي اهميت تي ويچار ويڪت ڪيا. ٣٠ جنوري مهاتما گانڌيءَ جي شهيدي ڏينهن شام جو سوامي جن مهاتما گانڌيءَ کي ڀاويني شرڌانجلي ارپت ڪئي.

پونا اگروال ڪالونيءَ ۾ سوامي چندنرام مهاراج، سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ٺهرايو. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ١٨ فيبروري اُن نئين ٺهرايل مندر جو مهورت ڪيو. مهورتي اُتسو ۾ پوڄنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پروچن ڪندي چيو تہ پياري سنت چندنرام کي ڌنيواد آهي جو هت پونا ۾ هن سنت، ستگرو سوامي ٽيئورام مهاراجن جو مندر اسٿاپت ڪري اُتم ڪم ڪيو آهي. هن پوتر اسٿان تي وقت بہ وقت ڪيترائي

ڪيو ۽ سندن شڪرانا مڃيندي چيو: ’سوامي جي، داس جو اڄ سڀاڳيہ آهي جو اوهان داس کي رام نام جو منتر ڏيئي نهال ڪيو آهي.‘

سنت ڪبير ڪيئن نہ پورڻ گروءَ کي پراپت ڪيو. سندس دل ۾ ڪيڏي نہ گرو ڀڳتي هئي. ڪامل گروءَ جي ملڻ کانپوءِ سنت ڪبير چيو:

ستگر ڪي ڪرپا ڀئي، سر ٽي اُٽريا ٻوجھ.

پريميوا توهان بہ جيڪڏهن پنهنجي من جي ٻوجھ هلڪو ڪرڻ چاهيو ٿا، اگيان جي اوڙهہ مان نڪرڻ چاهيو ٿا تہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ڪرپا بنا، سري نہ ڪوئي ڪاج،
ٽانتي گر ڪي شرن لي، ڪھ ٽيئون تج لاج.

۱ آگسٽ بي. جي. تلڪ ماڊل اسڪول ۾ شري لوڪمانيہ تلڪ جي پٽيہ تلي سوامي جن جي پرڌانپٽي هيٺ ملهائي ويئي. ڀائو پرسرام مسند سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ طرفان سوامي جنجو سواگت ڪيو. اسڪول جي وديارٿين شري لوڪمانيہ تلڪ جي زندگي ۽ ڪاريہ تي وياکيان ڏنا. سوامي جن وياکيان ڏيندڙ وديارٿين کي اِنعام ڏنا ۽ شري لوڪمانيہ تلڪ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ شري لوڪمانيہ تلڪ مهان ڪرم يوگي نڌر نشڪام نيتا هو. هن هتاش ڀارتيہ جنتا کي سجاڳ ڪري نئين چيتنا پيدا ڪئي. هن راشٽريہ ڀڳت ’سوراج اسانجو جنم سڌ اڌڪار آهي‘ جو نعرو ديش کي ڏيئي آزاديءَ جي پراپتيءَ لاءِ جاڳرت ڪيو. اڄ بہ اهڙن نرڀيڪ قوم پرستن جي ڀارت کي سخت ضرورت آهي. شل اسان ۾ بہ هن جهڙي ديش ڀڳتي ۽ قوميت جي ڀاونا پيدا ٿئي. اسڪول جي هيڊ ماستر شري مينگهراج منشاراماڻيءَ سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

۱۵ آگسٽ صبح جو سوامي جن آشرم ۾ جهنڊا وندن ڪيو ۽ شام جي ستسنگ ۾ آزاديءَ جي ڏينهن جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن لاءِ ڪيترن ڀارتواسين پنهنجون قربانيون ڏنيون. اسانجو بہ ڪرتويہ آهي تہ ان آزاديءَ جي سرڪشا ڪريون.

۲۰ سيپٽمبر ڪرلا بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪندي سوامي جن چيو تہ پريو پنهنجن پيارن جي پاڙ سار لهيتو. هڪ دفعي سنت دادو پنهنجي ششن سان گڏ دوسا ڳوٺ جي ويجهو گيتورام تلاءَ تي آيو. هن پنهنجن ششن کي چيو تہ اشنان ڪريو. اُنهن ششن مان هڪ سنت، دادوءَ کان پڇيو تہ ڇا اشنان ڪرڻ کانپوءِ گرماگرم جليبيون کارائيندءِ؟ سنت وراڻيو ’پيارا، پهرين توهان اشنان تہ ڪريو، ڀڳوان جو ڌيان ڪريو، ڀڳوان پاڻيهي پنهنجو ڪم ڪندو. ڀڳوان لاءِ جليبيون کهڙي وڏي ڳالھ آهي! سنت دادوءَ جي آگيا انوسار سڀ شش اشنان پاٺي ڪري ڀڳوت ڀڄن ۾ وينا. ٿوري ئي وقت ۾ گرماگرم جليبين جي هڪ ٽوڪري اُن تلاءَ مان نڪري ڪناري تي آئي، جتي سنت دادو براجمان هو. اِهو ڪؤتڪ ڏسي شش عجب ۾ پئجي ويا. سنت دادوءَ سڀني ششن کي جليبيون ڏيندي چيو پيارا! توهان مان ڪنهن جليبيون کائڻ جي اِڇا ظاهر ڪئي تہ پريوءَ توهان لاءِ جليبيون موڪليون ۽ ٻيو

جي وڻ جڙن جن سين، سي وڻ سي ئي ڪن.

پريميو! توهان به دل ۾ ديا ڌاريو. ڪو ڪسو هلي، ڪو پڪو هلي، توهان سڀ سان ڀلائيءَ جا ڀير ڀريو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

جو تو ڪو ڪانٽا بوي، تاهه بوءِ تو ڦول،
توهه ڦول ڪي ڦول هئن، واڪو هئن ترسول.

١٨ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي آسيس وٺي ١٩ اپريل آگري ۾ آيا. اتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ڪيو. ٢٢ اپريل سوامي جن بندرابن ۾ پڌاريا. اتي برج ڀوميءَ ۾ هفتو ڪن راس ليلائن جو آنند وٺي، ٢ مئي سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا ۽ نت نيم ستسنگ شروع ڪيائون. ٢٨ کان ٣٠ ميءَ سوامي جن آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي. هن موقعي تي ڪوي ڀهلاجرام، سنت ڀڄنداس، سنت ڀائي خانورام ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورکا ڪئي ۽ ستگرو مهاراجن جي مهما ڳائي. پوڄنيه سوامي جن ٣٠ مئي صبح جو سنت سماگم جو آيوجت ڪيو ويو. سوامي جن آيل سنتن جي آجيان ڪئي. سڀني سنتن کي پوڄن ڪارائي سوامي جن پيٽائون ڏنيون. سوامي جن ورسي اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو ته سوامي ٽيئونرام مهاراج روز ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. پريميو! توهان به نت نيم ڪجهه وقت ڀڳوت ڀڄن ڪريو. ستگرو مهاراج به پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

جڳه ڪو جونا جان ڪي، ڀڄ لي جو ڀڳوان،
ڪهه ٽيئون سنسار ۾، سو جن هئه ڀڌيمان.

سچو سياڻو منش اُهو آهي جو جڳت کي ڪٽينگر سمجهي ڀڳوت ڀڄن ڪري ٿو. سياڻپ ڌن مال ميڙڻ ۾ ڪين آهي، نه گهڻن پستڪن پڙهڻ ۾ آهي. جيڪو سمرڻ ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪري ٿو سوئي سچو ودوان آهي، عالم آهي، سوئي گياني آهي.

٢٥ جولاءِ سوامي جن ناسڪ ۾ پڌاريا. اُتي ٤ آگسٽ کان ڪنڀ جو ميلو شروع ٿيڻو هو. اُن اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پريم پرڪاش منڊل طرفان ڇانوٽي لڳائي ۽ اُن ڇيتر جو آرنڀ ڪيو. لڳايل منڊپ ۾ صبح شام منڊل جا سنت ۽ ٻيا مهاتمائون ستسنگ پروچن ڪندا هئا. ان موقعي تي جدا جدا شهرن کان ڪيترائي ياتري آيا، اُنهن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست منڊل طرفان ڪيل هو. سوامي جن سنتن سان گڏجي گوداوري نديءَ ۾ ڪنڀ جون ٽٻيون ڏنيون. سوامي جن اُتي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان گيان گوشٽي ڪئي. سوامي جن ڪن پريمين سان گڏجي تپوبن ۾ ويا.

ڪنڀ جي ميلي جي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ جدا جدا ڏينهن تي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي گرمکداس، سوامي آتمانند، سوامي پريمداس، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي اوڌوداس، سوامي چندنرام، پنڊت سيتلداس ۽ سنت ڀڄنداس ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته اهڙن اُتم آستانن تي اچي دان ڀڄ ڪرڻ جڳائي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾

سنت مهاتمائون اچي ستسنگ پروچن ڪري پريمين کي نام دان ڏيندا. ستگرو مهاراجن جو جيترو يش ڳائجي اوترو ٿورو آهي.

مهورتي اُتسوَ ۾ پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن پڻ پروچن ڪيو. ان موقعي تي پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ سنت چندنرام پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو آهي. چندن سيتلتا ۽ سگنڌ جو پرتيڪ آهي. سوامي چندنرام بہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي خوشبوءِ چوڌاري ڦهلائڻ جو پرياس ڪيو آهي. سوامي چندنرام پونا جي پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ هي مندر ٺهرائي يش جو ڀاڳي ٿيو آهي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، منڊل جي ٻين سنتن مهاتمائن هٿ چرن ڪمل گهمائي آستان کي پوتر ڪيو آهي. جتي سنتن جا پيرا سي وسندا سدا ديرا.

١ اپريل سوامي جن جئپور ۾ امراپور آستان تي آيا. اُتي پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ چيٽ جو ميلو ٦ اپريل کان ٩ اپريل تائين آيوجت ڪيو ويو. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ آيا ۽ ڪين نمسڪار ڪري سندن چرنن ۾ پرساد پيٽ رکيائون. ان بعد سوامي جن منڊل جي ٻين سنتن مهاتمائن سان مليا. چارئي ڏينهن امراپور آستان تي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، منڊل جي سنتن ۽ آيل ودوانن گڏجي جنن امرت ورکا ڪئي.

٨ اپريل سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ڪميا، ديا، اُپڪار جي مورتي هئا. شروع ۾ ٺنڊي آدم ۾ ڪيئن نہ ڪن پريوءَ جي پيارن ستگرو مهاراجن کي ستائڻ جي ڪوشش ڪئي. ستگرو مهاراجن جي وڏنڊڙ ڪيرتي اُنهن کان سني نہ ويئي. سرڪار کي غلط شڪايتون ڏيئي امراپور آستان جي جهوپڙين کي جلايو ويو، پر ستگرو مهاراج سانت ئي سانت ۾ رهيا. هوُ مخالفتين کي بہ پنهنجو پيار ڏيندا رهيا، سختيون سهندي بہ مشڪندا رهيا. اڄ انهن جو جڳت ۾ ڪيڏو نہ يش آهي. ديالو پرش ٻين کي ديا ڪندي پاڻ کي ڪشٽ ڏيئي بہ ٻين کي سکي ڪرڻ چاهين ٿا.

هڪڙو سنت هڪ تلاءَ تي اشنان ڪري رهيو هو. اُن وقت هڪ وڇون تلاءَ ۾ ڪري پيو. اُن سنت کي اُن وڇونءَ تي ديا اچي ويئي تہ متان وڇون درياهہ ۾ ختم نہ ٿي وڃي. هن هڪدم اُن وڇونءَ کي تلاءَ مان ٻاهر ڪڍيو. وڇون پنهنجي سڀاوَ وس اُن سنت کي ڏنگ هڻي وري تلاءَ ۾ ڪري پيو. سنت ديالو، وري اُن سنت ڪيس تلاءَ مان ٻاهر ڪڍيو، وري بہ وڇونءَ اُن سنت کي ڏنگيو، ائين چار پنج دفعا سنت وڇونءَ کي پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍي جيئدان ڏنو ۽ چارئي دفعا وڇونءَ اُن ديالو سنت کي ڏنگيو. ڪناري تي بيٺل ڪنهن سڄڻ اِهو نظارو پئي ڏٺو. اُن سڄڻ سنت کي چيو تہ توهان وڇونءَ تي ديا ڪري ڪيس چار پنج دفعا پاڻيءَ مان ٻاهر ڪڍيو آهي ۽ هو موٽ ۾ اوهان کي ورور ڏنگ هڻي ٿو. توهان کي ڪهڙي پيئي آهي جو پنهنجي شرير کي پيڙا ۾ ٿا وجهو؟ سنت وراڻيو 'پيارا جڏهن وڇونءَ پنهنجو ڏنگڻ جو سڀاءُ نہ ڇڏيو تہ مان ٻين جو بچاءُ ڪرڻ وارو، ديالو سڀاءُ ڪيئن تياڳيان!'

چنتامڻي، ڪامڌينو ڳئون ۽ ڪلپ ورکش کان جيڪي بہ دنيوي پدارٿ گهربا سي ملندا، پر آتم گيان ڪين ملندو. آتم گيان ستسنگہ دواران ئي پراپت ٿيندو. پريميوا توهان کي ڏنيواد آهي جو توهان ستسنگہ جي مراد سان ئي هيءَ منڊلي برپا ڪئي آهي. نام جپيو، نام جپايو، هري ڳڻ ڳايو.

٣ نومبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پونا ۾ ويا. اُتي سوامي جن ستسنگہ ڪندي سوامي گوالانند مهاراج جي جيون تي روشني وڌي. ٥ نومبر سوامي جن سنڌونگر ٥ ۾ واپس آيا.

٧ نومبر ڏياريءَ جي ڏڻ سبب سوامي جن شام جي ستسنگہ ۾ مريادا پرشوتم ڀڳوان شري رام ۽ ڏياريءَ جي ڏڻ جي اهميت تي ڳالهايو. ٩ نومبر سوامي جن صبح جو ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٥ نومبر گوپ اشٽمي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ سوامي جن ڳئو ماتا جي شيوا جي مهتو تي پروچن ڏنو. ١٨ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ سبب سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا سوامي جن سان شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي ڀائو پرسرام مسند، پوڄ سوامي جن ۽ آيل ڀين سنتن جو سواڳت ڪندي شمشان ڀوميءَ جي ڪاريہ تي روشني وڌي. پوڄنيہ سواميڄن ان موقعي تي چيو تہ اڳي پوءِ هن آستان تي هرڪنهن کي اچڻو آهي. انڪري جيون ۾ ست ڪرم ڪريو، دان پنج ڪريو، نام سمرڻ ڪريو، سمر تيار ڪريو. پوڄنيہ سواميڄن هينيون ڀڄن پڻ ڳايو:

ڪوڙو ڪوڙو ٿي جڳت پسارو،
ڪبج ڪوڙ کان توں تہ ڪنارو...

(١) ڪوڙي دنيا، ڪوڙيون وستون، ڪوڙيون ماڻهن جون مستيون،
اٿي ڪوڙو ڪُل ڪاہارو...

(٢) ڪوڙا راجا، ڪوڙيون راڻيون، ڪوڙا مندر ڪوڙيون ماڙيون
اٿي ڪوڙو اڊمبر سارو...

(٣) ڪوڙا ماڻڪ موتي هيرا، ڪوڙيون بنديون ڪوڙا چيرا،
اٿي ڪوڙو ڪُل وستارو...

(٤) ڪوڙا ڀائر ڪوڙا ڀائٽيا، ڪوڙا پٽ ۽ ڪوڙا پوٽا،
اٿي ڪوڙو ڪُل پريوارو...

(٥) ڪوڙي جڳ مان ڪجھ بہ نہ ٿيندءِ، ڪهي ٿيئون وقت اجايو ويندءِ
ڪر پربهوءَ کي هڪ پيارو...

٢٢ نومبر شري گرونانڪ ديو جي جنم ڏينهن سوامي جن شري ڪارتڪ جي ڪٿا جو ڀوڳہ وڌو ۽ شري گرونانڪ ديو جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ شري گرونانڪ اوتاري پرش هوندي بہ نام کي نہ وساريو، پر اسين پربهوءَ کي وساري وينا آهيون. پريميوا گروجن نام جي ڪيڏي نہ مهما ڳائي آهي! توهان بہ نام ڳايو، نام ڏيايو، پرم سک پايو.

فرمائيـــن ٿا:

جيوَن ٽانڪا سڦل هئہ، جو هو ميگھ سمان،
کہ ٽيئون دي سروَ ڪو، دان پيار سنمان.

اُنهن جي حياتي سڦلي آهي جيڪي بادل جيان پريم ۽ دان جي ورکا وسائين ٿا پريميو، توهان بہ پنهنجي پيار جي ورکا سڀني مٿان وسايو. پرڀوءَ جي ڏني مان دان پڃ ڪري جيون سڦل ڪريو. دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪجي. جڏهن بہ دان ڪرڻ جو خيال ٿئي تہ هڪدم دان ڪجي. هڪ دفعي هڪ ڏنوان هردوار ۾ ويو ۽ پاڻ سان جهجهو ناڻو بہ دان ڪرڻ لاءِ کڻي ويو. جڏهن هوُ گنگا جي ڪناري اشنان ڪرڻ ويو تہ پاڻ سان آندل ڌن بہ کڻي ويو. ڪيترن برهمڻن ڪيس چيو تہ پهرين دان جو سنڪلپ ڪر ۽ پوءِ گنگا ۾ اشنان ڪر. اُن ڏنوان چيو تہ پهرين اشنان ڪري اچان پوءِ ٿو دان ڪريان. جئن ئي اُهو ڏنوان گنگا نديءَ جي وچ وهڪري ۾ ويو تہ تيز وهڪري سبب گنگا نديءَ ۾ ئي ٻڏي ويو. سيٺ دان ڪرڻ جو سنڪلپ ڪين ڪيو هو، تنهن ڪري سندس آيل سنبنڌين اُهو ڌن سندس نمت دان ڪين ڪيو. جيڪڏهن صرف سنڪلپ ڪري پوءِ گنگا ۾ اشنان ڪري ها تہ شايد سندس مائٽ مايا دان ۾ ڏيئي سڦلي ڪن ها. انڪري چوندا آهن تہ ترت دان مها پڃ. جيڪي ڪرڻو هجي سو هڪدم ڪجي. دان پڃ ۽ پڄن ڪرڻ ۾ دير اصل نہ وجهجي. ڪڏهن ٿو ڪال اچي ڪڙڪي، پتو ڪين آهي. ان ڪري ڪجھ هوُند مان بندا ڪر، ڪنهن خالي هٿ ڪي پر، ڪندو تنهنجي سائين ساري سر.

٢٠ آگسٽ شري ڪرشن جنماشٽميءَ جي ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ٣٠ آگسٽ پوڄنيہ سوامي جن گوڌرا روانا ٿيا. اُتي چار ڏينهن اَمرت وچنن جي ورکا ڪيائون. ۴ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن بڙودا ۾ پڌاريا. اُتي پڻ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون.

٨ سيپٽمبر سوامي جن سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس آيا. اتي نت نيم ستسنگ شروع ڪيائون.

ڀاءُ دوارڪاداس واڌوا، ڀاءُ جيوٽداس آهوجا ۽ ٻين پريمين گڏجي سنڌونگر ٢ ۾ سوامي ٽيئونرام منڊلي برپا ڪئي. پوڄنيہ سوامي جن ٢٠ آڪٽوبر منڊليءَ جو مهورت ڪيو. سوامي جن اُن موقعي تي ستسنگ ڪندي چيو تہ توهان سڀني پريمين کي ڌنيواد آهي جو هيءَ منڊلي برپا ڪئي اَٿوَ. هن آستان تي روز صبح جو ستسنگ ٿيندو. ڪي نہ ڪي سنت ستپـرش اچي ڪٿا ڪيرتن ستسنگ ڪندا. ستسنگ دواران توهانجو جـنم سـڦلو ٿيندو. ستسنگ دواران توهانکي آتم گيان جي پراپتي ٿيندي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمـــائين ٿا:

چنتا مڻ ار ڪامڌئن، تيجا سُر تر جان،
جگت پدارٿ ديت يي، ستسنگ دي نج گيان.

ڏکہ دور ڪين ڪيو. مال اسباب هوندي بہ ڏاڍو ڏکي گذاريندو هو. نہ کاڌو وڻي نہ پيتو، نہ وري پورو آرام اچي. سندس زندگي زهر ٿي پيئي. ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي هن ويچار ڪيو تہ گنگا مئيا ۾ ٽپو ڏيئي اڳو پوءِ ٿو وڃي وشرامي ٿيان. اِهو ويچار ڪري اُهو سيٺ بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي گنگا جي ڪناري تي آيو. اُتي ڪيس سنت ڪبيرداس جو شش سنت پدم ناڀ مليو. سنت پدم ناڀ هن ڏکيءَ جي پيڙا ڏسي ڪيس صلاح ڏني تہ تون ٽي دفعا رام نام اُچاريندي گنگا مئيا ۾ ٽٻي ڏي تہ تندرست ٿي ويندين. اُن ڏکي سيٺ سنت جي آگيا انوسار ٽي دفعا رام-نام اُچاريندي گنگا ۾ ٽٻي ڏني. جئن ئي هو گنگا نديءَ مان ٻاهر نڪتو تہ سندس روڳ غائب ٿي ويو. سندس زندگي نئين ٿي پيئي. جتي ڦڪين فرق نہ ڪيو، اُتي سنت جي دواران ڏنل رام نام جي منتر ڏکہ دور ڪيو. اُن سيٺ جو رام نام ۾ وشواس وڌي ويو. گهر واپس اچي هن خوب دان پنج ڪيا ۽ روز چت لڳائي رام نام جو سمرڻ ڪندو هو.

٢ مئي سوامي جن سنگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي آسيس وٺي هردوار روانا ٿيا. اُتي هردوار ۾ سوامي جن پندرهن ڏينهن گنگا مئيا جي گود ۾ اشنان پاٺي ڪري، ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان ملي، گيان گوشٽي ڪري ٢٠ مئي سنڌونگر ٥ ۾ واپس وريا. ٤ جون کان ٦ جون تائين آشرم ۾ سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. ان موقعي تي ڪيترائي سنت گڏجي جن آشرم ۾ آيا، جن سنگرو مهاراجن جو گڻ گان ڪيو.

پوجنيہ سوامي جن ان موقعي تي سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ سنگرو مهاراجن جي ٻاڻيءَ جو امولیہ سنگره شري پريم پرڪاش گرنٿ آهي. اُن جو اپياس ڪيو. اِهو گرنٿ هڪ اٿاه ساگر آهي جنهن ۾ گيان يڳتيءَ جا موتي جواهر آهن. ڪو ٽوٻو ٻڏجي لعل لوچي مالامال ٿي سگهيٿو. شاه لطيف بہ چوي ٿو:

اي گت غواصن جن سمنڊ سوجهائون،
پيهي منجھ پاتار ماڻڪ ميڙيائون،
آڻي ڏنائون هيرا لعل هٿن سين.

سوامي جن چؤماسي جا چار مهنا آشرم ۾ ئي ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٠ سيپٽمبر سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ سندن آستان سنڌونگر ٥ ۾ پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ سائين هرچورام رڏي سڏيءَ جا مالڪ هئا. شاهپور ٿلهي جي سامهون رستي لڳہ سائين هرچورام صاحب هڪ ٿلهي ٺهرائي. هوُ روز گهمندي گهمندي اُتي وڃي ويهندا هئا. مختيارڪار کي خبر پيئي تہ اها ڏکي بي قاعدي ٺهرائي ويئي آهي. مختيارڪار اُها ڏکي ڍهرائڻ لاءِ سر زمين تي آيو. سائين هرچورام صاحب ڪيس چيو تہ ابا! اِها ڏکي نہ ڍهرائج. سائين هرچورام صاحب جي منع ڪرڻ تي بہ اُن مختيارڪار پنهنجي ڏاڍائي ڏيکاري ڏکي ڍهرائي ڇڏي. ٻئي ڏينهن اُهو مختيارڪار انڌو ٿي پيو. مختيارڪار سوچڻ لڳو تہ سندس اکين جي روشني سورهن آنہ سالم هئي.

١٠ ڊسمبر سوامي جن سائين پرپارام مندر ۾ سائين پرپارام صاحب جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو.

٢١ جنوري ١٩٥٦ سوامي جن جي زيرصدارت شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو شهيدي ڏينهن آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن شهيد هيمونءَ کي شرڌانجلي ڏني. ٢٣ جنوري صبح جو ٩ بجي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ سڀاش چندر بوس جي جينتي راءِ صاحب سيتلداس ڪيماڻيءَ جي زيرصدارت ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن ان اُتسوَ جا مکيه مهمان هئا. سوامي جن شري نيتاجيءَ جي لاثاني قربانين جو ذڪر ڪندي وديارٿين کي اُتساهت ڪيو تہ جيون اُن جي سچائي آهي جو ديش يا سماج جي ڪم اچي ٿو. ديش ڀڳتن جون جيونيون اسان لاءِ روشن منار آهن.

١٤ فيبروري سوامي جن ڊوليا ۾ سوامي ٽيئونرام مندر ۾ پڌاريا. اُتي سنت هري پرڪاش سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي هفتو ڪن ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٢ فيبروري سوامي جن نندربار ۾ آيا. اُتي ٻہ ڏينهن ستسنگ ڪري چاليسگانوَ ۾ آيا. اُتي بہ سوامي جن ٻہ ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٨ فيبروري سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

١٨ مارچ آشرم ۾ هوليءَ ڏينهن سوامي جن ڀڳت پرهلاد جو ورڻن ڪندي چيو تہ پياري پرهلاد جي من ۾ ڪيڏي نہ ڀڳتي ڀاونا هئي، پريوءَ ۾ درڍ وشواس هو. سندس پتا ڪيس ڪيڏيون نہ پيڙائون ڏنيون، پر پرهلاد جو وار بہ ونگو نہ ٿيو. جيڪي پريوءَ جي شرن وٺن ٿا، پرماتما اُنهن جي رکشا ڪري ٿو. پريميو! توهان بہ ڀڳت پرهلاد وانگر رام نام جپيو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ۽ چيٽ جو ميلو ٢٤ اپريل کان ٢٧ اپريل امراپور آستان جئپور ۾ پوڄنيه ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جي سرپرستيءَ ۾ ملهايو ويو. ان اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ١٥ اپريل جئپور ۾ آيا. سواميڄن پهرين ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن کي نمسڪار ڪري، پرساد ڀيٽ رکي حالي احوالي ٿيا. اُن بعد سوامي جن سنت گرمکداس، سنت آتماننڊ، سنت پريمداس ۽ منڊل جي ٻين سنتن ۽ آيل مهاتمائن سان حالي احوالي ٿيا. ٢٥ اپريل شام جو سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن پريمين کي شري ستنام ساکيءَ جو منتر ڏيئي ڀوَساگر جي ڀيڙ مان پار لڱايو. رام نام جي وڏي مهما آهي.

ڪھ ٽيئون نت ڪيجئي، رام نام سي پريم،
رام نام کي سم نهين، جپ تپ سنيم نيم.

رام نام جي جاپ دواران لاعلاج مريض بہ شفاياب ٿي سگهن ٿا. ڪاشيءَ ۾ هڪ شاهوڪار رهندو هو. سندس بدن مان روڳہ وهندو هو. گهڻائي علاج ڪيائين، مگر دوائن

١٥ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ سبب صبح جو آشرم مان پوڄنيه سوامي جن جي سرپرستيءَ ۾ شمشان ڀوميءَ ڏانهن شاهي جلوس نڪتو. سوين ڀائر ڀينر رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. سوامي جن سان گڏ سائين جيوٽرام صاحب ۽ سوامي تلوڪداس مهاراجن ۽ سندن پريمين رستي ۾ ساٿ ڏنو. شمشان ڀوميءَ ۾ پاءِ پرسرام مسند آيلن سيني سنتن جو سواگت ڪيو.

پوڄنيه سوامي جو ان موقعي تي چيو ته مساڻ معنيٰ نه ساڻ. هن آستان تي ڪوئي به پاڻ سان ڪجھ ڪين کڻي ايندو. لکاپتي هجي چاهي ککاپتي، سيني کي هٿ خالي هٿين اچڻو آهي. انڪري پريميو! پريوءَ جي ڏنل خزاني مان دان پن ڪري مايا سڦلي ڪريو.

١٨ نومبر شري گرونانڪ ديو مهاراجن جو جنمدن اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن شري ڪارتڪ جي ڪٿا ۽ ڀين پاٺن جو ڀوڳ وڌو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن شري گرونانڪ ديو جن جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته 'نام خماري نانڪا، چڙهي رهي دن رات.' پريميو! توهان به نام جي نشي ۾ رهو. توهان کي آتمڪ آنند پراپت ٿيندو.

٢ ڊسمبر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن منڊليءَ سهت سنڌونگر ۵ ۾ پڌاريا. سوامي جن ۽ ساري سنگت سندن ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي آمد تي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته اسان سيني جو سوڀاڳيه آهي جو ستگرو مهاراج اڄ هت پڌاريا آهن. سندن امرت وچنن جو شروڻ ڪري اسين سڀ باغ بهار ٿينداسين. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ٻارهن ڏينهن آشرم ۾ امرت ورکا ڪئي. سوامي جن ١٣ ڊسمبر شام جي ستسنگ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جا آڀار مڃيندي چيو ته هي آشرم به سندن ئي آهي. دل ته ائين ٿي چاهي ته ستگرو مهاراج هن ئي آستان تي رهيا پيا هجن.

شيوا ۾ داس ڪان ڪا ڀل چوڪ ٿي هجي ته ڪميا ڪندا.

٤-٥ جنوري ١٩٥٧ سوامي جن ملند ڪالوني ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ٦ کان ١٠ جنوري سوامي جن ڪرلا ممبئيءَ ۾ ستسنگ ورکا ڪئي.

٢٨ مارچ سوامي جن احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي سوامي اوڌوداس جن جي آستان تي پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري ٢ اپريل سوامي جن احمدآباد مان جئپور لاءِ روانا ٿيا.

پوڄنيه سوامي جن ٣ اپريل جئپور ۾ امراپور آستان تي آيا. اُتي ڀهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ آيا. اُنهن کي نمسڪار ڪري پرساد ڀيٽ رکي حالي احوالي ٿيا. اُن بعد سوامي جن منڊل جي ڀين سنتن سان مليا. ١٣ اپريل کان ١٧ اپريل پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ چيٽ جو ميلو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. چارئي ڏينهن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي گرمکداس، سوامي پريمداس،

اوچتو ٻنهي اکين جي روشني چو غائب ٿي ويئي! اندر وارو ڪيس وڌ وڃڻ لڳو ته تو سنت هرچورام جي حڪم جي انحرافي ڪئي آهي، اِهو اُن جو نتيجو آهي.

مختيارڪار ڀل بخشائڻ لاءِ ڪي سوغاتون ساڻ ڪري شاهپور ٺلهي تي سائين هرچورام صاحب وٽ آيو ۽ اچي ٻاڏائيندي چيائين 'سائين! خطا معاف ڪريو. گنهگار آهيان، عيبدار آهيان، فضل ڪريو، ڏٺيءَ جي نالي مونکي نور موٽائي ڏيو.' سائين هرچورام مختيارڪار جي اکين ۾ ڀڇتاءَ جا ڳوڙها ڏسي چيو 'ابا! اِهي سوڪڙيون اسان جا ڪنداسين! وڃي دربار ۾ ڏي، اڳتي ڪجهه ڏٺيءَ جو خوف ڪر. هاڻي وڃي رات جو ٻه دلا پاڻيءَ جا ڀري رک. صبح جو ننڊ مان اُٿي هڪڙي سرائي هڪڙي دلي مان ۽ ٻي سرائي ٻئي دلي مان اکين ۾ پائج. سائين سيئورام ڀلي ڪندو. مختيارڪار سائين هرچورام جي حڪم انوسار رات جو ٻه دلا پاڻيءَ جا ڀرائي رکيا ۽ صبح جو جڏهن ٿي ٻنهي دلن مان ٻه سرايون پاڻيءَ جون اکيون ۾ پاتائين ته سندس اکين جي روشني موٽي آئي. سنت هرچورام صاحب جو وچن سچو نڪتو. مختيارڪار ٻه من ۾ انجام ڪيو ته اڳتي ثابت قدم هلندس. پريميو! سنتن وٽ هوڏ نه هلندي. تڪبر ڪيرائيندو آهي. جيڪو صدق رکي ايندو تنهن جو سوال پورو ٿيندو.

١٥ آڪٽوبر دسهڙي جو اُتسوَ دسهڙا ميدان سنڌونگر ۵ ۾ پوجنيہ سوامي جن جي پرڌانپٽي هيٺ ملهايو ويو. پائو پرسرام مسند، سوامي جن ۽ ٻين آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. پوجنيہ سوامي جن ان موقعي تي وياکيان ڏيندي چيو ته اجوڪي ڏينهن ڀڳوان شري رام، راوڻ تي جيت پائي ستيہ جو جهنڊو جهولايو. اتياچاري، انيائي شڪتين جو خاتمو ڪيو. اڄ به اسانجي ديش ۾ جيڪي راوڻي شڪتيون آهن، اُنهن کي نشٽ ڪرڻ جو سنڪلپ ڪريون. سوامي جن دسهڙا اُتسوَ جي ڪاريہ- ڪرتائن پائو پرسرام مسند، پاءُ پرسرام بالاڻي، پاءُ هريرام روپاڻي ۽ ٻين کي اُتسوَ جي آيوجن لاءِ ڌنيواد ڏني.

٣ نومبر ڏياريءَ جي ڏينهن ڪي پريمي پوجنيہ سوامي جن کي پنهنجن دڪانن تي نوان چوپڙا رکڻ لاءِ بمبئي وٺي ويا.

۵ نومبر کان سوامي جن آشرم ۾ ڪارتڪ جي ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. هرُ روز پرڀات جو شري گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ جو ٻه ارٿ سمجهائيندا هئا ۽ ڪارتڪ ڪٿا جي چٽي سمجهاڻي ڏيندا هئا. ١٢ نومبر راڌي شيام گئوشالا ۾ گوپ اشٽمي ۾ سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته گئو ماتا جي شيوا جي وڏي اهميت آهي. اجوڪي ڏينهن ئي ڀڳوان شري ڪرشن گانيون چارڻ آرنڀ ڪيون. ڀڳوان کي گانيون ڀاڻ کان ٻه وڌيڪ پياريون هونديون هيون. پريميو! توهان ٻه پريم ۽ شرڌا سان گانين جي شيوا ڪريو. ١۴ نومبر ٻال دوس سڀ سوامي جن شام جي ستسنگ ۾ چيو ته ٻار آئينده جا ابا آهن. اُنهنجي پوري پوري پرورش ٿيڻ گهرجي. اڄ پنڊت جواهرلعل نهروءَ جو جنمدن آهي. پنڊت جواهرلعل نهرو ٻارن کي ڏاڍو پيائيندو هو. انڪري سندس جنمدن ٻال دوس ڪري ملهايو وڃيٿو. ٻالڪن جي شاريرڪ ۽ مانسڪ وڪاس لاءِ پورو پورو ڌيان ڏيڻ گهرجي.

سوامي جن ١٢ جون سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا ۽ نت نيم ستسنگ آرنڀ ڪيائون. پرڀات جو ڪي جگياسو سوامي جن وٽ ڌارمڪ پستڪ پڙهڻ ايندا هئا. سوامي جن ڀاءُ سنمڪلعل (سنت ديو پرڪاش)، ڀاءُ راجورام (سنت ويد پرڪاش) کي سنسڪرت جي اڀياس ۽ ڌارمڪ وديا پراپت ڪرڻ لاءِ ڪاشيءَ موڪليو.

٧ جولاءِ سوامي جن آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن اُتسوُ ملهايو. ٨ جولاءِ صبح جو پوجنيه سوامي جن سنڌونگر ٢ جي منڊليءَ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.

١٤ آگسٽ جنماشٽميءَ جو اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ١٥ آگسٽ صبح جو سوامي جن آشرم ۾ قومي جهنڊو چاڙهيو ۽ شام جو آزاديءَ جي وشيه تي ڳالهايو. ٣٠ آڪٽوبر سوامي جن نوساريءَ ۾ پڌاريا. اتي سواميجن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٣ نومبر سوامي جن رام نگر سورت ۾ آيا. اُتي پنج ڏينهن ستسنگ ورکا ڪيائون. ٨ نومبر سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا.

سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ پوجنيه سوامي جن ٩ نومبر پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. ١٠ نومبر صبح جو سوامي جن سوامي چندنرام جي آستان تي ستسنگ ڪيو. ١١ نومبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا. ١٣ نومبر ڏياريءَ جي ڏينهن شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن مريادا پرشوتم ڀڳوان شري رام جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. گوپ اشٽميءَ جو اُتسوُ سوامي جن جي زير صدارت شري راڌي شيام گئوشالا ۾ ملهايو ويو. ڪارتڪ ايڪادشيءَ جو سوامي جن جي سرپرستيءَ ۾ شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو سرڳڌام شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليو.

اُتي سوامي جن هيٺيون ڀڄن ڳايو:

آخر منهنجا لعل هتان لڏبو، هتان هلبو لعل هتان لڏبو!

(١) ڇا جي لاءِ ٿو مايا ميڙين! پئسو ساڻ نه هڪ ڪڍبو!

(٢) جي جي ڇا تون جڳ ۾ جيئندين، نيٺ ته موت هٿان مربو!

(٣) مورک تن جو ماڻ نه ڪر تون، نيٺ مٽيءَ ۾ مڙهه گڏبو!

(٤) ڪهي ٽيئون ستگر پرسادي، جم جي ڦاسيءَ کان ڇٽبو!

پوجنيه سوامي جن اُپديش ڪندي چيو ته هڪ ڏينهن هر ڪنهن کي شمشان ڀوميءَ ۾ اچڻو آهي. راجا هجي يا رنڪ، استري هجي چاهي پرش، ننڍو هجي چاهي وڏو. انڪري پريميو! پکيئڙو پرواز ڪري، اُن کان اڳ پرلوڪ لاءِ توشو تيار ڪريو. سوامي جن ڪارتڪ پورڻماسيءَ ڏينهن شري ڪارتڪ جي ڪٿا، شريمد ڀڳوت گيتا، شري گرو گرنٿ صاحب، شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺن جا ڀوڳ وجهندي چيو:

پوروَ پڻيه ٽي پائيا، مانش ڪا اوتار،

سوامي آتمانند، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي جيون مکت، سوامي مرليڌر، سنت پڄنداس ۽ ٻين ستسنگ پروچن ڪيو.

پوڄنيہ سوامي جن ١٥ اپريل شام جو ستسنگ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن پريمين کي نام جي نؤڪا ۾ چاڙهي ڀؤ ساگر مان پار لنگهايو. پريميو! توهان بہ اُن پرم پتا پرماتما جي اوٽ وٺو تہ دنيوي دکن کان ڇٽي پوندؤ. جن سائينءَ جو، ستگرن جو سهارو ورتو آهي، تن کي لهر نہ لوڏو، ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

رام رکشا جانکي ڪري، تانه نہ ڪو دکہ هويہ،

کهہ ٽيئون پيہ تياگہ کي، نرڀيہ رهتا سويہ.

گنگا گهاٽ تي ڀڳت نارائڻداس رهندو هو. هي پيارو ڀڳوان شري رام جو اننيہ اُپاسڪ هو. ڪيس سنتان ڪين هئي. سندس اڇا ٿي تہ زندگيءَ جا باقي ڏينهن وڃي ڀڳوان شري رام جي جنم ڀوميءَ ايوڌيا ۾ گذاريان. ان خيال کان هو پنهنجي پتني مالتيءَ سهت ايوڌيا نگريءَ ڏانهن اُسهيو. رستي تي جهنگل ۾ ڪن ڌاڪن ڪيس مار ڏيئي لٽي چادر ۾ بند ڪيو. اُن وقت سندس پتني مالتي پريوءَ رام کي پڪاريندي چيو ’پريوا! تون رکشا ڪرا‘ مالتيءَ جي درد ڀري دانهن هڪدم پريوءَ وٽ پهتي. ڀڳوان شري رام گهوڙي تي سوار پرگهٽ ٿيو. ڌاڪو ڪيس ڏسي سامان ۽ چادر ۾ ٻڌل زخمي ڀڳت نارائڻداس کي اُتي ڇڏي وٺي ڀڳا. ڀڳوان شري رام پنهنجي ڀڳت نارائڻداس تي ڪرپا درشٽي ڪري ڪيس نؤبنو ڪري، ڪيس ۽ سندس پتنيءَ کي درشن ڏيئي پنهنجي گهوڙي تي چاڙهي ايوڌيا نگريءَ جي ٻاهران ڇڏي انترڌيان ٿي ويو. پرماتما ڪيئن نہ پنهنجن پيارن جي رکشا ڪري اوکيءَ مان سؤکي ڪري ٿو.

پريميو! توهان بہ ستگرن ۽ پرماتما جي اوٽ وٺو تہ توهان کي ڪابہ چوٽ ڪين لڳندي. پياري پرهلاد ڀڳت کي ڪيئن نہ باه جي ڀنيٺ ۾ ڦٽو ڪيو ويو، پر پرهلاد جو وار بہ ونگو ڪين ٿيو. توهان بہ پرهلاد وانگر ور ور رام جو نام اُچاريو. پريم سان ستنام ساکي اُچاريو تہ توهان جا ٻيڙا ٻني لڳندا.

٢٢ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي هردوار روانا ٿيا. سوامي جن هردوار ۾ مهنو کن رهيا. ٢٣ مئي سوامي جن دهليءَ ۾ آيا. اتي هفتو کن ستسنگ پروچن ڪيائون. ١ جون سوامي جن اجمير ۾ آيا. اُتي آدرش نگر ۾ سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسؤ هو. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن منڊليءَ سهت پڻ اُتي آيل هئا. سوامي جن ستگرو مهاراجن جي ورسي اُتسؤ ۾ ٣-٤ جون ستسنگ ورکا ڪندي، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا روحاني وارث ستگرو سوامي سروانند مهاراج بہ مهان ويوتي آهن. جهڙو سندن نالو آهي، اهڙائي هؤ سڀني کي آنند ڏيندڙ آهن. سندن سکيائن ۽ سڌانتن تي هلي مانش جنم سڦل ڪريون.

پوڄنيہ سوامي جن اُتي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ اُنهن سان گيان گوشٽي ڪيائون. ڪنڀ جي ٽيهن جي شڀ موقعي تي ٻين سنتن سان گڏجي ڪپرا نديءَ ۾ ٽٻيون ڏنائون. سوامي جن اُتي ڪڏهن صبح، تہ ڪڏهن شام جو ستسنگ ورڪا ڪندا هئا. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ مايا سان ناتو ٽوڙي مالڪ سان پريم جو ناتو جوڙيو. اِهو ناتو سڪدائي آهي ۽ دنيوي ناتا دکدائي آهن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن دنيوي لڳہ لاڳاپو لاهي فقيري اختيار ڪئي. پرماتما جي ڀڳتي ڪندي ڪندي لعلون لعل ٿي پيا. پريميوا توهان بہ پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. جن رام رس چکيو آهي، اُنهن کي دنيوي رسن مان ڪٿائي محسوس ٿئي ٿي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجو انيؤ ٻڌائيندي چون ٿا:

لگن لڳي جب رام سي، ڪيا لوڪن سي ڪام،
ٽيئون موه نہ ڀاوهين، ڪان پان آرام.

سچا ڀڳت ائي پهر پرماتما جو ئي چنتن ڪندا رهن ٿا. دنيا ۾ رهندي دنيوي پدارٿن ۽ دنيوي ماڻهن جو ويچار ڪين ڪندا آهن. هڪ سنت وٽ هڪ ڀيڻ ٽيهن سالن کان شيوا ٽهل ڪندي رهندي هئي، پر اُن سنت ڪڏهن بہ هن جو منهن ڪي ڏٺو هو. هڪ دفعي اُن سنت اُن شيواڌاري کي چيو تہ داسيءَ کي سڏ ڪجي. تڏهن اُن مائيءَ چيو تہ مان ئي اوهان جي داسي آهيان. ٽيهن سالن کان اوهانجي شيوا ڪندي رهي آهيان. توهان مونکي نٿا سڃاڻو. سنت چيو ’ٽيهن سالن کان مان صرف هڪ پريوءَ جو ئي ڪمل مکڙو پسندو رهيو آهيان. ٻيو ڪنهن کي ڪين سڃاڻان. ڀڳتن کي ڀڳوان کانسواءِ ٻيو ڪجھ ڪين سجهي. هو هڪ پرماتما سان ئي نينهن جو ناتو ڳنڍين ٿا.

پوڄنيہ سوامي جن ڪنڀ جي ميلي جي سماپتيءَ کان پوءِ ٢٨ مئي سنڌونگر جي آشرم ۾ واپس وريا. ٤ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسيءَ اُتسؤ ملهايو ويو. ٧ جون پريات جو سوامي جن ورسي اُتسؤ جو پلئہ پائيندي چيو تہ جئن وقت سر ڪاڌو کائو ٿا، وقت سر دنڌو ڌاڙي يا نوڪري ڪريو ٿا تئن پريات جو اُٿي نام سمرڻ ڪريو. ستگرو مهاراج بہ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

جو نر پراته نہ جاگهين، سو پيڇي پڇتاڻہ،
ٽيئون ٽانتي جاڳيي، غفلت نيند گنوايہ.

الائي گهڻا جنم ننڊون ڪندي ويرٿ وڃايا آهن. امرت جو ويلو جاڳي نام جپيو. پکيئڙا بہ پريات جو اُٿي مليون لاتيون لنوَن ٿا، صرف ڪتا ئي سمهيل رهن ٿا. توهان جي تہ اموليہ جوڻ آهي، اُها ائين ننڊون ڪندي ويرٿ ڪين وڃايو. جيڪڏهن آواگوَن کان ڇوٽڪارو چاهيو ٿا تہ سواس سواس سان گرو منتر جو جاپ جپيو.

ستگر ڪي نج نام ڪو، سمرو شواسون شواس،
ڪھ ٽيئون جس سمرتي، ٽوٽي جم ڪي ڦاس.

پوڄنيہ سوامي جن چؤماسي جا چار مهنا آشرم ۾ ئي ستسنگ پروچن ڪندا رهيا.

ڪه ٽيئون ٽهن سڦل ڪر، سمري سرجڻهار.

هي منش جو جنم ڪيترن ئي پڇن جي پرتاب سبب مليو آهي، اُن ڪري اجايو نہ وڃايو. ڀڳوت ڀڳتيءَ سان هي جنم سڦل بڻايو. هڪ هڪ سواس هيرن جواهرن کان بہ امولہ آهي. اُنهن سواسن جو قدر ڪريو. جنهن سان پريم جو ناتو هوندو آهي، اُن کي پل پل ياد ڪبو آهي. تئن پريوءَ کي بہ پل پل ياد ڪريو. دنيوي وشيہ وڪارن جو تياڳہ ڪري نام جپيو، نام جپايو.

ڪه ٽيئون هرنام جپ، ڀُولو نا ڪڻ ايڪ،

ڀوڳت ڀوڳت وشيہ رس، بيتي جنم انيڪ.

۸ ڊسمبر سوامي جن احمدآباد لاءِ روانا ٿيا. اُتي ۹- ۱۱ ڊسمبر سائين پرپارام صاحب جي ورسي اُتسؤ جو آيوجن ڪيل هو. سوامي جن ٽيئي ڏينهن ورسي اُتسؤ ۾ ستسنگہ ڪندي، سنت پرپارام جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو تہ سنت پرپارام توهان جو مٽ مائٽ ڪين هو، پر تنهن هوندي بہ توهان سال بہ سال ڏاڍي صدق سان هن سنت جي ورسي ملهايو ٿا، اِهو سندس ڀڳتيءَ جو پرتاب آهي. پريميو! توهان بہ نام سان نينهن لڳايو. ستگرن دواران ڏنل منتر جو جاپ ڪريو تہ توهان کي آنند جي پراپتي ٿيندي. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ست شبد ڪا، سمرن ڪر دن رئن،

ڪه ٽيئون جنه سمرتي، چت ۾ اُپجي چئن.

۱۲-۱۳ ڊسمبر سوامي جن امباواڙيءَ ۾ سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ ستسنگ ڪيو. سوامي جن ۱٦ ڊسمبر سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس آيا ۽ اُتي نت نيم ستسنگہ ڪندا رهيا.

۲۱ جنوري ۱۹۵۸ سوامي جن شام جي ستسنگہ ۾ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ۲۳ جنوري نيتاجي جينتي اُپلکش ۾ سوامي جن شام جي ستسنگہ ۾ شري نيتاجي سڀاش چندر بوس کي پشپانجلي ارپت ڪئي. ۳۰ جنوري راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ جي شهيدي ڏينهن سوامي جن ٻاپوءَ کي ڀاوڀيني شرڌانجلي ڀيٽ ڪئي.

۳۱ مارچ سوامي جن اندور ۾ سوامي مرليڌر جي آستان تي آيا. اُتي ۸ اپريل تائين ستسنگہ پروچن ڪيائون. ۹ اپريل صبح جو ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن ۽ ٻين سنتن سان گڏجي اُجين ۾ آيا. ۱۲ اپريل ۱۹۵۸ کان اُجين ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. ڪنڀ جي مبلي سبب پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ چيٽ جو ميلو پڻ اُجين ۾ ۱۳ اپريل کان ۱۷ اپريل ملهائڻ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. اُجين ۾ کپرا نديءَ جي پرسان ڪنڀ جي مبلي ۽ وارشڪ اُتسؤ سبب پريم پرڪاش منڊل طرفان شاهي منڊپ ۽ تنبو لڳايا ويا ۽ اُن چبتر جو پڻ آرنڀ ڪيو ويو. نت نيم ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج ۽ منڊل جا ٻيا سنت واري وٽيءَ تي ستسنگہ پروچن ڪندا هئا. جدا جدا شهرن مان ڪيترائي پريمي اُتسؤ ۾ شريڪ ٿيا.

’وديا ڏدائي ونيم‘

وديا سيکاري ٿي نمرتا، حليمائي. جنهن وڻ جي ٽاريءَ ۾ ڦل هوندا آهن، اُها ٽاري جهڪيل هوندي آهي. توهان جيترو وڌيڪ علم پرايو، اوترو وڌيڪ نماڻا ٿيو. وديارٿيو! جيوَن ۾ اهڙاس سان گڏ سادگي، سيوا، سچائي، سنيهه ديا ۽ نمرتا جي ساکي ڏيو. پشچمي سڀيتا جو نقل نه ڪريو. ڌارمڪ شاسترن شري رامائڻ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو اڀياس ڪريو. وڏن جي مريادا ۾ رهو، ان ۾ ئي توهانجو ڀلو آهي. توهانجو آئينده نهي پوندو.

١٦ فيبروري شوراتريءَ جي ڏينهن سوامي جن شام جي ستسنگ ۾ ڀڳوان ڀولانات شري شوَ شنڪر جي مهما ڳائيندي چيو ته اڄوڪي رات وڏي اهميت واري آهي. اڄ رات جو جيترو وقت ايڪانت ۾ ويهي ’اوم نمه شوايه، اوم نمه شوايه‘ جو جاپ ڪندا، اوترو توهانجو لاڀ ٿيندو.

سوامي جن هوليءَ جو اُتسوُ آشرم ۾ ملهائي آگري روانا ٿيا. اُتي ڪجهه ڏينهن ستگرو مهاراجن جي مندر ۾ ستسنگ پروچن ڪيائون. اُتان ٢٤ مارچ صبح جو جئپور لاءِ روانا ٿيا.

١ اپريل کان ٥ اپريل پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ۽ چيٽ جو ميلو امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوُ سبب سوامي جن ٢٤ مارچ جئپور ۾ آيا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ آيا. کين ڏنڊوت پرڻام ڪري پرساد ۽ ڪجهه پيڙائون پيٽ رکيائون. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سوامي جن کان آشرم جو حال احوال پڇيو. ان بعد سوامي جن منڊل جي ٻين سنتن سان مليا. سوين صدقي ان اُتسوُ ۾ شريڪ ٿيا.

٣ اپريل صبح جو ستسنگ ڪندي پوجنيه سوامي جن چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سوَن پريمين کي اگيان جي نند مان جاڳرت ڪري نج سوَروپ جو گيان ڏنو. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ جيوَ کي جاڳرت ڪندي چون ٿا:

سوئي اوديا نيند ۾، ڪه ٽيئون بهه ڪال،

اب تو غفلت ڇوڙ کي، سمرو دين ديال.

جيوُ اوديا اگيان جي نشي جي ڪري پنهنجي نج سوَروپ کي ڀلجي ويو آهي. هڪ سيٺ کي ڪنهن متر خوب ڀنگ پيئاري، انکري اُهو سيٺ پنهنجي شان شوقت، سينپٽي ۽ لياقت کي ڀلجي ويو. نشي سبب پنهنجا ڪپڙا ڦاڙڻ لڳو ۽ پاڻ کي سچو ڀينگو سڏڻ لڳو. گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. گهر جي ڀاتين کيس نشي ۾ تر ڏسي سچو گيهه پيئاريو. انکري سندس نشو آهستي آهستي گهٽجڻ لڳو. جڏهن سندس نشو صفا لهي ويو، تڏهن پنهنجا ڦاٽل ۽ گدلا ڪپڙا ڏسي گهر جي ڀاتين کان پڇڻ لڳو ته منهنجا هيءُ ڪپڙا ڪنهن ڦاڙيا آهن؟ تڏهن سندس گهر جي ڀاتين کيس چيو ته تو نشي جي حالت ۾ پنهنجا ڪپڙا پاڻ ڦاڙيا آهن. شاهوڪار هوندي نشي سبب تون پاڻ کي

پريات جو ڪيترائي جگياسو سوامي جن وٽ ڌارمڪ شاسترن جو اڀياس ڪرڻ ايندا هئا. سائين هرچورام صاحب جي موجوده گادي نشين ڀائي روپارام جي دل ۾ به سوامي جن لاءِ ڀڳتي ڀاونا هوندي هئي. هڪ پيارو به گهڻو ڪري صبح جي وقت سوامي جن وٽ ايندو هو ۽ مالامال ٿي ويندو هو.

١٧ سيپٽمبر سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سبب، سوامي جن سندن آستان تي ستسنگ ڪيو. گادي نشين سائين جيوڻ گهوٽ اُن وقت سوامي جن مٿان نوٽن جون ٿهيون گهوريندو ورهائيندو ويو. سائين جيوٽرام جو به سوامي جن سان ڏاڍو سنيهه جو سنبنڌ هو.

١٨ آڪٽوبر ڀائو پرسرام مسند، پوجنيه سوامي جن جي پريرڻا ۽ آگيا سان ڊاڪٽر موديءَ جي مفت اکين جي ڪئمپ سنڌونگر ۵ ۾ لڳائي. اُن ڪئمپ ۾ ڊاڪٽر ايم. سي. مودي پنهنجي ڊاڪٽرن جي ٽوليءَ سان هزارن اکين جي بيمارن جي اکين جي تپاس ڪري ڪن کي دوائون لکي ڏنيون ته ڪن کي چشما لکي ڏنا ۽ اُن موقعي تي ٢۵٠ موتيو ٻاڦيءَ جا آپريشن ڪيا. ڪاڏي ڀيتي جي وِيوستا پوجنيه سوامي جن آشرم طرفان ڪئي. ڪئمپ جي سماپتي اُتسوَ وقت پوجنيه سوامي جن ڊاڪٽر مودي، سندس سائين ۽ شيواڌارين کي پاڪرون پائيندي ڌنيواد ڏني. اُن موقعي تي سوامي جن چيو ته ڊاڪٽر مودي بجلي ڊاڪٽر آهي. جو هڪ ڪلاڪ ۾ ٽيهه چاليهه آپريشن ڪري ٿو. ڀڳوان ڪيس هٿ شفا ڏني آهي. پرماتما در پرارٿنا آهي ته شل ڪيس وڏي آورجا ۽ سٺي صحت بخشي جو لکن کي نور بخشيندو رهي. نور به وڏي نعمت آهي، نور بنا سڀ ڪوڙ آهي.

ڏياريءَ جي ڏينهن کي پريمي سوامي جن کي بمبئيءَ مهورتن لاءِ وٺي ويا. چند ڏينهن سوامي جن ڪارتڪ جي ڪٿا ۽ ٻين پاٺن جو آرنڀ ڪيو. گوپ اشٽميءَ ڏينهن سوامي جن آشرم جي سنتن ۽ پريمين سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. ان موقعي تي مهاتما سوامي پرڀوپاد پنهنجي ٽوليءَ سهت آيل هئا. راڌي شيام گئوشالا مان گئو ماتائن سان گڏ جلوس ڪڍيو ويو. اُن جلوس ۾ سوامي جن سان گڏ سوامي پرڀوپاد به ساڻ هئا ۽ اُنهن جي ٽولي ڪرتالن دهلن سان هري ڪرشن هري رام جون ڌنيون لڳائيندي هلي. ڀڳتن جو هي عجيب نظارو هو. چوڌاري رام نام جي گونج هئي. شام جو گئوشالا ۾ سوامي جن، پرڀوپاد ۽ ٻين سنتن گئو ماتا بابت پنهنجا ويچار ويڪت ڪيا.

١٠-١٢ دسمبر سنت پريارام جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سوامي جن سائين پريارام سوسائٽي احمدآباد ۾ ستسنگ ڪندي سائين پريارام جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

١٠ جنوري ١٩۵٩ سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ پوجنيه سوامي جن جي پريرڻا سان ديال آشا وديارٿي سميلن جو آيوجن ڪيو. ان سميلن ۾ سوين اسڪولي ۽ ڪاليجي وديارٿي شريڪ ٿيا. پوجنيه سوامي جن اُن سميلن جو مهورت ڪندي چيو ته وديا منش جو ٽيون نيتر آهي. وديا دواران ئي شروع کان هر قسم جو وڪاس ٿيو آهي. گيان ڪانسواءِ اونده آهي. اڄڪلهه ڪيترن وديارٿين ۾ نمرتا جو انگ ڪين آهي.

گھمائون پڙايون.

٣٠ آڪٽوبر رات جو سائين وسڻ شاه جي ورسيءَ جي موقعي تي سندن آستان تي پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سائين وسڻ شاه لولن لنگڙن، اپاهجن جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي. آسائو تڙ تي پاڻ پنهنجي هٿن سان صفائي به ڪندا هئا. هوُ سادگيءَ ۽ نمرتا جي مورت هئا. هو نام جو سمرڻ به ڪندا هئا ته شيوا به ڪندا هئا. سنسار ۾ رهي سنسار جا نه ٿي رهيا. سندن زبان ۾ سڌي اچي ويئي. پريميو! توهان به گهر گرهست ۾ رهندي ڀڳوت ڀڄن ڪريو ۽ اُن سان گڏ روز ڪونه ڪو پراُپڪار جو ڪم ڪريو.

ڏياريءَ ڏينهن ڪي پريمي سوامي جن کي نون چوپڙن رکڻ لاءِ بمبئيءَ وٺي ويا. چند ڏينهن سوامي جن ڪارتڪ جي ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. روز پريات جو سوامي جن ستسنگ ڪندا هئا. پيارو ڀاءُ ماڌوداس بودارام ڪيماڻي ڀرين شري گرو گرنٿ صاحب مان وچن وٺندو هو، پوءِ سوامي جن اُن شبد جي درشٽانتن سان وياکيا ڪندا هئا. ان بعد وري سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو مهاتم ٻڌائيندا هئا. گوپ اشٽميءَ ڏينهن صبح جو ستسنگ کان پوءِ سوامي جن سيني سنتن پريمين ۽ ڳائين سان گڏجي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا، پرڪرما ڏيئي آشرم ۾ واپس آيا. شام جو ٥ بجي شري راڌي شيام گئوشالا ۾ پوجنيه سوامي جن، سنت تلوڪداس مهاراج، سائين جيوڻ گهوٽ ۽ ٻين سنتن گئو ماتا جي مهما ڳائي.

ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو ستسنگ کانپوءِ هزارين پريمي پوڄنيه سوامي جن سان گڏ رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. ڀائو پرسرام مسند شمشان ڀوميءَ جي ڪاريه تي روشني وڌي. پوڄنيه سوامي جن ويراڳي ڀڄن ڳائيندي ست ڪرمن ڪرڻ لاءِ پريرت ڪيو.

هرڪو آ مهمان، ڪنهنکي رهڻو ناهي!

(١) ڏينهن عمر جا جڏهن ڪٽن ٿا، جم اچي جهٽ گلا گهٽن ٿا

پير هجي پهلوان، ڪنهنکي هٿ رهڻو ناهي!

پورو ٿئي جڏهن داڻو پاڻي، هلي هتائون اُهو پراڻي،

وير هجي ودوان، ڪنهن کي هٿ رهڻو ناهي!

ڪال جڏهن سر جنهنجي ڪاهي، پل ۾ تنهنکي ڇڏي ڪيرائي،

دين هجي ڌنوان، ڪنهنکي هٿ رهڻو ناهي!

اڄ تائين ڪنهن ڪال نه ٽاريو، موت سڀن کي آهي ماريو،

گياني هجي گڻوان، ڪنهنکي هٿ رهڻو ناهي!

کهي ٽيئون ڇڏ بانور ڪوڙو، ملڪ مسافر اٿي سمورو،

گروءَ ڏنو اهو گيان، ڪنهنکي هٿ رهڻو ناهي!

سچو ۽ ڀينگو پئي سڏيو.

پريميو! ان سيٺ وانگر ڪيترن کي اوديا جو نشو آهي. جڏهن ڪو پريپورڻ گرو گيان روپي گيهہ پيئاري ٿو، تڏهن اوديا جو نشو ٽٽي ٿو ۽ جيوُ پنهنجي ساکي سروپ کي سڃاڻي آتمڪ آنند ۾ استٿ رهي ٿو. اِنڪري توهان بہ ڪنهن سچي گروءَ، پريپورڻ سنت جي اوٽ وٺو، جيڪو اوهان جي اگيان جي ڪلف کي گيان جي ڪنجيءَ سان کولي. پوءِ توهانکي آتمڪ آنند جو انڀوُ ٿيندو. سامي صاحب فرمائي ٿو:

ڪنهن ڪان ڪين لهي، اوديا ڪلف اندر جو

توڙي تيرٿ تپ ڪري، دک سک سهي،

تياڳہ ڪري گهر ٻار جو، غفا منجهہ رهي،

ساڌوُ سرن پئي، تہ سکي ٿئي سامي چوي.

١٢ اپريل سوامي جن پوجنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان آشيرواد وٺي موڪلائي دهليءَ روانا ٿيا. اُتي دهليءَ ۾ سوامي جن ستگرو مهاراجن جي آستان تي پنج ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. ١٨ اپريل سوامي جن هردوار روانا ٿيا. سوامي جن هردوار ۾ مهنو کن رهيا. سوامي جن ڪن سنتن ۽ پريمين سان گڏجي بدريناٿ ياترا لاءِ ويا. سوامي جن ڪنکل ۽ رشيڪيش ۾ سنتن جو ڀنڊارو ڪيو. سوامي جن ٢٢ مئي ياترا پوري ڪري سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا.

٢-٣ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسوُ ملهايو ويو. هن موقعي تي سوامي اوڌوداس، ڪوي ڀلاجرام ۽ ٻين سنتن ستسنگہ ڪيو ۽ ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي.

٤ جون پرڀات جو پوجنيہ سوامي جن ورسي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ پريميوا پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو، نہ صرف چپن سان، پر دل جي گهرائيءَ سان. اُها پرارٿنا پرڀوءَ وٽ جلدي پهچندي. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پرارٿنا ڪر پريم سي، ڪهہ ٽيئون بن داس،

شڌ هرديہ ڪي سنت هر، راکو مـن وشواس.

چؤماسي جا چارئي مهنا پوجنيہ سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ ئي نت نيم ستسنگہ پروچن ڪندا رهيا.

١٢ آگسٽ جنماشٽميءَ ڏينهن شام جي ستسنگہ ۾ پوجنيہ سوامي جن ڀڳوان شيام سندر بانڪي بهاريءَ جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. رات جو بہ سوامي جن ۽ سنت جيوتي پرڪاش، شيوڪرام ۽ ٻين ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جا ڀڄن ڳايا. ١٨ سيپٽمبر سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوُ سنبنڌ ۾ سندن آستان سنڌونگر ٥ ۾ سوامي جن ستسنگہ ڪندي سائين هرچورام صاحب جي مهما ڳائيندي، سندن جيون جون کي

سوَروپ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريون. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا.

ساڪشي چيتن برهم ڪا، سب گهٽ ۾ هئہ واس،
ڪھ ٽيئون شش سوريہ ۾، ٽانڪا هئہ پرڪاش.
ساڪشي چيتن رم رها، جل ٿل پن آڪاش،
ڪھ ٽيئون تھ جان ڪي، پائو سکہ اوناش.

انتر ٻاهر هر جيو ۾، هر جاءِ ۾ هڪ برهم ئي وياپڪ آهي اُن جو دويہ درشن ڪري آنند پراپت ڪريو.

پريميو! پنهنجي دل جي درسنيءَ کي صاف رکو تہ توهان کي پنهنجي ساڪي سروپ جي پروڙ پوي. آتم ساڪياتڪار لاءِ پهرين مل کي مٽائڻو آهي. مل آهي ملينتا. جيڪڏهن آئيني تي ڪافي لٽ چڙهيل آهي تہ پنهنجو روپ چڱي ريت ڏسي نہ سگهبو. اسانجي من تي بہ برن ڪرمن، ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ، اهنڪار جي لٽ چڙهيل آهي. جڏهن اِها لٽ دور ڪبي تڏهن ئي آتما جو دويہ درشن ڪري سگهبو. نشڪام ستڪرمن ڪرڻ سان من جي آئيني تي چڙهيل مٽي مٽجي ويندي، من اوجل ٿيندو، نرمل ٿيندو ۽ پوءِ ست چت آنند سوَروپ آتما جو ساڪياتڪار ٿيندو.

آتم ساڪياتڪار لاءِ ساڌڪ کي چت جي چنچلتا بہ دور ڪرڻي آهي. ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ، اهنڪار جي ڪري من ۾ وکيپ رهي ٿو. جيستائين وکيپ دور نہ ٿيو آهي، ارٿات من استر نہ ٿيو آهي. تيسين آتمڪ آنند جي پراپتي ڪين ٿيندي. آنند اسان وٽ آهي، پر من جي مل ۽ وکيپ ڪري اسين آنند جو انڀوُ نٿا ڪري سگهون. تلاءُ جو پاڻي هڪ هنڌ بيٺل آهي يا ڪنهن بہ ٿانوَ ۾ پاڻي استر آهي تہ اُن ۾ پنهنجي شڪل سولائيءَ سان ڏسي سگهبي آهي، پر چلڪندڙ پاڻيءَ ۾ پنهنجي شڪل پوريءَ ريت ڏسي ڪين سگهبي آهي. چنچلتا من جو سڀاءُ آهي. اُن کي روڪڻ سان ئي پنهنجي نج سروپ جي پروڙ پوي ٿي. پريميو! جيڪڏهن پنهنجو ساڪي روپ ڏسڻ چاهيو ٿا تہ پهرين مل ۽ وکيپ دور ڪريو. استر من سان ئي چت جي ورتي پرڀوءَ جي چرن ڪملن ۾ لڳي ٿي. جيترو اندر جو آئينو صاف اوترو اسين پرڀوءَ جي وڌيڪ ويجھو ٿيون ٿا. من جي ميل ۽ وکيپ کي دور ڪرڻ لاءِ بہ ستگر جو مارگہ درشن ضروري آهي. سامي صاحب پڻ فرمائي ٿو:

گر گم جنهن ڪيو، شيشو شڌ اندر جو،
انيئہ آتم ديوِ جو، تنهن پرلاءُ پيو،
اندر ٻاهر هڪڙو، ڏسي ڪين ٻيو.

ڪنهن پريپورڻ گروءَ کان گيان وٺي من جي ملينتا ۽ چنچلتا کي دور ڪري، ساڪي سرجڻهار جو سروَتر درشن ڪريو.

ڪارتڪ پورڻما ڏينهن صبح جو سوامي جن شري گرو گرنٿ صاحب، شري ڪارتڪ جي ڪٿا ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جا ڀوڳ وڌا. رات جو سوامي جن شري گرونانڪ ديوَ جي جنمدن اُتسوَ سنبنڌ ۾ سنڌونگر ۾ جدا جدا آستانن تي ستسنگ ڪيو.

۲۰-۲۲ ڊسمبر پوڄنيہ سوامي جن سنت پرپارام صاحب جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سائين پرپارام سوسائٽي احمدآباد ۾ ستسنگ پروچن ڪندي سائين پرپارام جي جيون تي روشني وڌي. شري نيڻومل سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

۱۰ جنوري ۱۹۶۰ آشرم ۾ پوڄنيہ سوامي جن جي پريرڻا سان ديال آشا سنڌي اڌياپڪ سميلن جو آيوجن ڪيو. پوڄنيہ سوامي جن ان سميلن جو مهورت ڪندي چيو تہ ماتا پتا ٻالڪ کي جنم ڏيئي عرش تان فرش تي آڻي ٿو ۽ گرو فرش تان عرش تي پهچائي ٿو. جئن هڪ ڪنڀر مٽيءَ جي ٿانوَن کي پچائي راس ڪري ٿو، تئن گرو يا اُستاد پڻ وديارٿين ۾ اُتم سنسڪار وجهي، نيي ناهي تيار ڪري نيڪ ناگرڪ بڻائين ٿا. اڌياپڪن تي جاتي ۽ ديش جي وڏي جوابداري آهي. انڪري گروُجنو! توهان وديارٿين کي پنهنجي اولاد سمان سمجهي اُنهن جي شاريرڪ، مانسڪ نيتڪ وڪاس ڏانهن پورو پورو توج ڏيو.

هن موقعي تي پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي، پروفيسر چوهڙمل نارواڻي، ماسٽر ڪيرتراءِ آهوجا، ماسٽر ديالداس ڪڪومناڻي، پروفيسر موهنلعل نارواڻي، پرنسيپال پرسرام لعلواڻي، پرنسيپال بي. ايم. تيجواڻي، شري پريتم ديو ڀمناڻي، شري گرڌاريلعل ڀاٽيا ۽ ٻين اڌياپڪن پنهنجا پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا. ديال آشا آيل مهمانن ۽ اڌياپڪن جي شڪرگذاريءَ جي رسم ادا ڪئي. هن سميلن ۾ ۲۲۰ اڌياپڪن ۽ پروفيسرن ڀاڱہ ورتو.

۱۶ فيبروري شوراتريءَ جو اُتسوَ آشرم ۾ ملهايو ويو. پوڄنيہ سوامي جن شوراتريءَ جي مهتو تي پروچن ڪيو. پريمين جي وينتيءَ تي هوليءَ جو اُتسوُ سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ڪيو.

۹ اپريل کان ۱۳ اپريل پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ۽ چيٽ جو ميلو امراپور آستان جئپور ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي سونهپ ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوڄنيہ سوامي جن ۴ اپريل اُن اُتسوُ سنبنڌ ۾ جئپور آستان تي آيا. پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي نمسڪار ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي ڪمري ۾ آيا. ستگرو مهاراجن کي پرڻام ڪري سندن چرنن ۾ ويٺائون ۽ پرساد رکيائون. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن مشڪندي سوامي جن کان آشرم جو حال احوال پڇيو. سوامي جن، پوڄنيہ سوامي سروانند مهاراجن کي حال احوال ڏيئي منڊل جي ٻين سنتن سان مليا.

۱۲ اپريل پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سؤن جگياسن کي آتم گيان ڏيئي سندن راهہ روشن ڪئي. ستگرو سوامي سروانند مهاراج تہ سندن مورتي آهن. اهڙن مهان ويوتين کان آتم گيان پراپت ڪري پنهنجي نج

سوامي جن رات جو سندن آستان سنڌونگر ۵ ۾ ستسنگ ڪندي، سائين هرچورام صاحب جي مهما ڳائي.

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جي جينتي آشرم ۾ ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن مهاتما گانڌيءَ کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته مهاتما گانڌيءَ ديش جي آزاديءَ صدقي ڪيڏي نه قرباني ڪئي! پنهنجي شرير تي پورا ڪپڙا به ڪين پهريندو هو. سندس جيون تياڳميه هئي. هن اهنسا جي هٿيار سان ديش کي آزاد ڪيو. ڀاءُ پرسرام مسند، ڀاءُ پرسرام ڪانگريسي ۽ ٻين مهاتما گانڌيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

١٠ آڪٽوبر دسهڙي ڏينهن شام جو دسهڙي ميدان سنڌونگر ۵ ۾ ڀائو پرسرام مسند دسهڙي اُتسو جو آيوجن ڪيو. ميدان تي راوڻ، ڪنڀڪرڻ ۽ مينگهنات جا شاهي بوتا ڪڙا ڪيا ويا. هزارين درشڪ ميلي ۾ آيل هئا. سوامي جن ان موقعي تي اُپديش ڪندي چيو ته راوڻ مها ودوان پنڊت هو. شڪتيشالي مهاراجا هو، پر هڪ غلطيءَ جي ڪري هر سال سندس بوتو جلايو ٿو وڃي. راوڻ وانگر، ڀڳوان شري رام ڪان ومکه نه ٿيو. اهنڪار ۽ حوَس جو شڪار نه ٿي، ڀڳوان شري رام جي چرنن سان پريتي ڪريو ته توهانجو جنم سڦايو ٿئي. سوامي جن ڀائو پرسرام مسند ۽ دسهڙا ڪاميٽيءَ جي ميمبرن کي اُتسو جي آيوجن لاءِ ڌنيواد ڏني.

٢۵ آڪٽوبر سوامي جن پونا ۾ گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. اُتي سنت رامڪرشن سوامي جن جو هارڊڪ سواگت ڪيو. سوامي جن ٢۵-٢٦ آڪٽوبر ستسنگه ڪندي سوامي گوالانند مهاراج جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٢٧ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ۵ ۾ واپس آيا. پوڄنيه سوامي جن ٢٩ آڪٽوبر ڏياريءَ ڏينهن پريمين جي انروڌ تي بمبئيءَ ۾ ويا. نئين سال جي چوپڙن جي مهورت لاءِ کي پريمي سوامي جن کي پنهنجي دڪانن ۽ پيڍين تي وٺي ويا. چند جي ڏينهن سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو ۽ نت نيم پرڀات جو ستسنگه پڻ شروع ڪيو. ٧ نومبر گوپ اشٽميءَ جو اُتسو پوڄنيه سوامي جن جي پرڌانپٽي هيٺ شري راڌي شيام گئوشالا ۾ ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن ١٣ آڪٽوبر ڪارتڪ پورڻماسي شري گرونانڪ ديو جن جي جنمدن سنٻنڌ ۾ صبح جو شري ڪارتڪ ڪٿا، شري گرو گرنٿ صاحب، شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جو ڀوڳ وڌو ۽ گروجن جي جيون تي روشني وڌي.

٢٢ نومبر ستگرو سوامي سروانند مهاراج سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ پڌاريا. پوڄنيه سوامي جن ۽ پريمين ستگرو مهاراجن جو ڌام ڌوم سان سواگت ڪيو. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ٻارهن ڏينهن منڊليءَ سهت ستسنگه ورکا ڪري، سون پريمين کي 'شري ستنام ساکي' منتر ڏيئي سندن مارگه درشن ڪيو. ٣ ڊسمبر سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ آيل ٻين سنتن جو آڀار مڃيندي چيو ته ستگرو مهاراجن جي اچڻ ڪري هت چڻ وئڪنٺ لڳي پيئي آهي. سندن وچنن جي ورکا سوَن تپت دلين کي سيتلتا پردان ڪئي آهي. سندن درشن به سڪدائي آهي. هن آستان جا مالڪ به پاڻ ئي آهن. هت ور ور اچي اسان پياسين جي پياس پوري ڪن. داس تي سندن

۲۰ اپريل پوڄنيہ سوامي ڄن سنگرو سوامي سرواننڊ مھاراڄن کان موڪلائي، اڄمير ۾ سوامي بسنترام مھاراڄن جي آستان تي آيا. اُتي سوامي ڄن تيرٿ راڄ پشڪر تي ويا. خوب اشنان پاڻي ڪري شام جو وري آستان تي آيا. چار ڏينھن ستسنگ ڪيائون. اُتان وري آدرش نگر سوامي ماڌوداس ڄن جي آستان تي آيا. اتي بہ سوامي ڄن چار پنج ڏينھن ستسنگ ورڪا ڪئي.

۳۰ اپريل سوامي ڄن احمدآباد لاءِ روانا ٿيا. احمدآباد ۾ سوامي اوڌوداس ڄن جي آستان تي امباواڙيءَ ۾ ھفتو کن ستسنگ ڪيائون. ۹ مئي سوامي ڄن سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس وريا.

۳۰-۳۱ مئي آشرم ۾ سنگرو سوامي ٽيئونرام مھاراڄن جي ورسي ملھائي ويئي. ان موقعي تي سائين گوپارام، سنت کانورام، سنت پڇنداس ستسنگ ڪيو ۽ رات جو سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر موج مچائي. ۱ جون پرڀات جو پوڄنيہ سوامي ڄن ورسي اُتسو جو پلئہ پائيندي چيو تہ سنگرو سوامي ٽيئونرام فرمائين ٿا:

تن من ڌن وچ پران سي، ڪرنا پر اُپڪار،

ائسا پٽيہ نہ اور ڪو، ٽيئون اس سنسار.

پريميو! تن، من، ڌن، وچن ۽ پران سان ٻين جو ڀلو ڪريو. ان جھڙو ٻيو ڪو پنج ڪين آھي. ڪوي ڪشنچند بيوس بہ چوي ٿو:

ولھن ۾ بہ ونڊ، جي اٿئي مال ڌن،

نہ ڌن آھي ڪافي، تہ ڀيٽا ڏي من،

نہ من آھ موافق، تہ ارپي ڏي تن،

نہ تن جي توانو، تہ مٺڙو وچن،

مگر ڪي نہ ڪي توکي، ڏيڻو ضرور،

فدا پر ڀلي لاءِ، ٿيڻو ضرور.

ڀڪي پسون بہ ٻين سان ڀلائي ڪن ٿا. منش ديھ پراپت ڪري بہ جيڪڏھن پراُپڪار نہ ڪجي تہ جيون اجائي آھي. پريميو! سمرٿ ۽ سيوا دواران جيون سڦل ڪريو.

سوامي ڄن ۸ آگسٽ سانوڻ مھني ۾ ڪن پريمين سان گڏجي بندرابن ويا. اُتي جھولڻ جو اُتسو ھو. سوامي ڄن بندرابن ۾ بانڪي بھاري شيام سندر جي مندر، ٻين مندرن ۽ آستانن تي ويا. سوامي ڄن برسانا، گوڪل ۽ مٿرا ۾ بہ ويا. جمنانديءَ ۾ پريمين سان گڏجي خوب اشنان پاڻي ڪيائون. ۲۲ آگسٽ بندرابن کان آگري ۾ آيا. اُتي سوامي ڄن سنگرو مھاراڄن جي آستان تي ھفتو کن ستسنگ ڪيو. ۳۰ آگسٽ سوامي ڄن گواليار ۾ آيا. اُتي پنج ڏينھن ستسنگ پروچن ڪري ۷ سيپٽمبر سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس وريا. ۱۷ سيپٽمبر سائين ھرچورام صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي،

ٽيئونرام مهاراجن جي مورتي ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج آهن، اُنهن جي چرنن ۾ ويهي آتمڪ آنند پراپت ڪريون. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج گرديو جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ڪهہ ٽيئون گرديو هئہ، تيرٿ راج پرياگہ،

گنگا يمنا چرن يگہ، سرسوتي جان پراگہ.

اسان سڀني جو سوڀاڳيہ آهي جو اسان کي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن ۽ سوامي گرمکداس مهاراجن جو سنگہ مليو. پريميو! توهان ستگرو مهاراجن جي سکيائن ۽ سڌانتن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيو.

سووت سووت ڪويہ دي، ٽيئون مانش ديهہ،

هاٿ ملي بن هاٿ ۾، آوت هاٿ نہ ايهہ.

اگيان اوديا جي ننڊ ۾ سمهندي ساري جيون گذاري ويئي. وري اهڙي جوڻ ملڻ مشڪل آهي. پوءِ پڇتائڻ مان ڪجهہ ڪين ورندو، تنهن ڪري ستگرو مهاراج چون ٿا:

ٽيئون ٽانتي رئن دن، نيند تجي تم جاگہ،

رام ڀڄن ڪر ڌيان ڌر، پائو سوکہ سهاگہ.

اٺئي پهر ڀڳوت ڀڄن ڪري آتمڪ آنند ۾ استٿ رهو. ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي، نوڪريون چاڪريون ڪندي چت جي ورتي پرماتما سان جوڙيو.

١٠ اپريل پوڄنيہ سوامي جن ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن کان موڪلائي امرتسر روانا ٿيا. اُتي سوامي جن هفتو کن پريمين وٽ ستسنگہ ڪيو. ٢٠ اپريل سوامي جن هردوار ۾ آيا. اُتي سوامي جن ڏهاڪو رهيا. ٢ مئي سوامي جن سنڌونگر ۵ آشرم ۾ واپس وريا. ٢٧ - ٢٨ مئي آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. سائين گوپارام صاحب، سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر ۽ ٻين گڏجي جنن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ٢٩ مئي صبح جو سوامي جن اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن پريمين کي 'شري ستنام ساکي' جو منتر ڏيئي ڀوَ ساگر مان پار لڳايو. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

جئسي نؤڪا ڪاٺ ڪي، ڪرت سنڌو سي پار،

ڪهہ ٽيئون گياني گرو، تيون تارت سنسار.

جيئن ڪاٺ جي ٻيڙي درياه مان، نديءَ مان پار اُڪاري ٿي، تيئن پريپورڻ گيانوان گرو بہ جيوَ کي نام جي نؤڪا ۾ چاڙهي، هن دنيا جي درياه مان، سنسار جي ساگر مان پار اُڪاري ٿو. پريميو! پريم ۽ شرڌا سان گرديوَ جي اُستتي ڪريو تہ توهان کي چارئي پدارٿ پراپت ٿيندا.

گرو ڪو ڪر تم وندنا، شرڌا من ۾ ڌار،

اپار ڪرپا آهي. شيوا ۾ ڪا غلطي ٿي هجي تہ داس کي ڪميا ڪن.

پريمين جي انروڌ تي پوجنيہ سوامي جن ٥ جنوري ١٩٦١ جبلپور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ توهان مان ڪي پريوءَ کان مال اسباب گهرن ٿا، تہ ڪي سنتان گهرن ٿا، تہ ڪي شان شوڪت چاهين ٿا، پر پرماتما کان گهرو آتم گيان ۽ سندس درشن. جنهنکي آتم ساڪياتڪار ٿئي ٿو، پريوءَ جو درشن ٿئي ٿو، سو وڏڀاڳي آهي. اُنجو منش جيون سڦلو آهي.

سچو جگياسو ماياوي پدارٿن ۾ نٿو ڦاسي. نچڪيتا پوج پتا جي آگيا سان يم لوڪ ۾ ويو. يمراج مٿس پرسن ٿي پڇيو توکي ڇا کپي؟ نچڪيتا يمراج کان آڌياتمڪ وشين تي ڪي سوال پڇيا. يمراج هن کان پڇيو تہ اُنهن سوالن پڇڻ مان توکي ڪهڙو فائدو پراپت ٿيندو؟ تون مونکان ڪو ور گهر، ڪا راجائي گهر. پر نچڪيتا سچو جگياسو هو، هن آتم گيان کانسواءِ ٻيو ڪجھ ڪين گهريو. يمراج سندس پريڪشا وٺڻ لاءِ ڪيس خوب لالچايو، پر نچڪيتا جنهن کي آتمڪ اُچ هئي سو دنيوي پدارٿن، راڄ ڀاڳ، عهدي، اقبال کي ڇا ڪندو! سچي جگياسوءَ کي تہ پياس ٿيندي آهي پريوءَ کي پسڻ جي، پاڻ کي سڃاڻڻ جي.

پريميو! ان ڪري ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺو جو توهان کي آتم گيان ڏيئي ساڪياتڪار ڪرائي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ ستگروءَ جي مهما ڳائيندي چون ٿا.

انتر باهر آتما، ستگر ديئا دکايہ،

ڪھ ٽيئون مٺ ديکہ کي، دينا دکہ مٽايہ.

٩ جنوري سوامي جن ڪٽنيءَ ۾ پڌاريا. اُتي ڪٽنيءَ ڪئمپ ۾ پوجنيہ سوامي جن ٣ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري ١٢ جنوري الله آباد لاءِ روانا ٿيا. اُتي هفتو ڪن رهيا. تروينٽي سنگم وٽ پريمين سان گڏجي اشنان ڪيائون. ٢٠ جنوري سوامي جن ڪاشيءَ ۾ آيا. سوامي جن ڪاشيءَ ۾ اٺ ڏينهن رهيا. شري وشوناٿ جي مندر ۽ ٻين آستانن تي پڻ ويا. سوامي جن روز رات جو ستسنگہ پڻ ڪندا هئا. ٣٠ جنوري سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسو ۽ چيٽ جو ميلو ٣٠ مارچ کان امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسو جي سنبنڌ ۾ پوجنيہ سوامي جن ٢٥ مارچ جئپور ۾ آيا. سوامي جن ستگرو سروانند مهاراجن کي پرڻام ڪري پرسادي پيٽ رکي ۽ پوءِ منڊل جي ٻين سنتن سان حالي احوالي ٿيا. هزارين پريمي اُتسو ۾ شريڪ ٿيا.

١ اپريل شام جو پوجنيہ سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ اڄ اسين جئپور ۾ نہ، پر هردوار ۾ ويٺا آهيون. هي امراپور آستان اسان لاءِ تيرٿ راڄ آهي. ستگرو سوامي

جي جيون تي روشني وڌي. رات جو ۱۰ بجي شيواڌاري شري پهلومل ڪڪريجا سوامي جن کي ’شري گرونانڪ پندار‘ سنڌونگر ۲ ۾ وٺي ويو. سوامي جن اُتي ستسنگ ڪيو. شري پهلي مل ڪيترين سفيد پوش پينرن کي پوجنيه سوامي جن جي هٿان چادرون ڏياريون. ۲۵ نومبر ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج منڊليءَ سهت آشرم ۾ پڌاريا. پوجنيه سوامي جن سندن مهما ۾ ڀڄن ڳائيندي چيو ته اڄ اسان سڀني جا سوڀاڳيه آهن جو ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج هت پڌاريا آهن. سندن پڌارڻ سان هت چوڌاري آنند ڇانئجي ويو آهي، مرجهايل مکڙا ٽڙي پيا آهن. داس تي به سندن ڪيڏي نه ڪرپا آهي. ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن پنڌرهن ڏينهن آشرم ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. آشرم ۾ ڄڻ سرڳ لڳو پيو هو. ۱۰ ڊسمبر سوامي جن ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جا شڪرانا مڃيندي ورھ وارو ڀڄن ڳايو. سوامي جن جو اُهو شبد ٻڌي ساري سنگت جي اکڙين ۾ جدائيءَ جا لڙڪ لڙي آيا.

۲۱ جنوريءَ ۱۹۶۲ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جو شهادت دوس بمبئيءَ ۾ ملهايو ويو. اُتي سوامي جن شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي پاوڀيني شرڌانجلي ڏني. ۲۶ جنوري شام جو ستسنگ ۾ سوامي جن پرجاتنتر دوس جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو ته پاڻ ۾ ايڪتا قائم ڪري ديش جي آزادي برقرار رکو. ۳۰ جنوري مهاتما گانڌيءَ جي شهادت دوس تي شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن مهاتما گانڌيءَ جي نشڪام ۽ تياڳميه جيون جو ذڪر ڪيو. ۱۸ فيبروري شورراتريءَ جي ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شنڪر ڀولاناٿ جي ليلائن جو ورڻن ڪيو.

۱۳ اپريل ۱۹۶۲ کان هردوار ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. اُن ڪري پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ چيٽ جو ميلو به جئپور جي بدران هردوار پريم پرڪاش آشرم ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوجنيه سوامي جن اُتسؤ سنبنڌ ۾ ۱۲ اپريل هردوار پهچي ويا. پهرين سوامي جن ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن وٽ آيا. اُنهن کي پرڻام ڪري پرسادي ۽ ڀيٽائون ڀيٽ رکيائون. ستگرو مهاراجن سوامي جن کان حال احوال پڇيو. اُن بعد سوامي جن منڊل جي ٻين سنتن سان مليا. ۱۸ اپريل صبح جو ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جهنڊو چاڙهي ميلي جو آرنڀ ڪيو. هڪ هردوار جو مهان تيرٿ آستان، ٻيو ڪنڀ جو ميلو، ٽيون پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ، اُن ترويڻيءَ سبب هزارين پريمي صدقي اُتسؤ ۾ شريڪ ٿيا. پوجنيه ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج، سوامي گرمکداس مهاراج، سوامي بسنترام مهاراج، سوامي ماڌوداس مهاراج، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي جيون مڪت مهاراج، سوامي مرليڌر مهاراج، سنت هرداسرام، سنت ڀڳنداس ۽ منڊل جا ٻيا سنت نت نيم ستسنگ ورکا ڪندا هئا.

۲۰ اپريل پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پوجنيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ ئي هن اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. هڙڻ اُتسون ۾ ڪيترا نه سنت مهاتمائون اچي گيان جي گنگا پرواهت ڪن ٿا، جنهن ۾ ٽٻي هڻي اسين مانش جيون سڦل ڪري سگهون ٿا.

کھ ٿيئون اس جڳت ۾، پايہ پدارٿ چار.

پوجنيہ سوامي جن چؤماسي جا چار مهنا آشرم ۾ ئي ستسنگہ پروچن ڪندا رهيا. ١٧ آگسٽ شري ڪرشن جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ٢٢ آگسٽ پريمين ڪرلا بمبئيءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو ڇٺي اُتسؤ ملهايو. پوجنيہ سوامي جن ٢٢ آگسٽ اُن اُتسؤ ۾ ستسنگہ ڪندي ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما ڳائي. ٢٣ آگسٽ سوامي جن چيمبور ۾ ستسنگہ ڪري ٢٥ آگسٽ آشرم ۾ واپس آيا. ١٦ سيپٽمبر سائين هرچورام صاحب جي ورسي سندن آستان سنڌونگر ٥ ۾ ملهائي ويئي. رات جو سوامي جن اُن آستان تي ستسنگہ ڪندي سائين هرچورام صاحب جي الوڪڪ شڪتيءَ جو اُليکہ ڪيو.

١ آڪٽوبر سوامي جن ناگپور لاءِ روانا ٿيا. اُتي ٢ آڪٽوبر کان ٦ آڪٽوبر تائين سوامي جن ستسنگہ ڪيو. ٧ آڪٽوبر سوامي جن ڪاميٽيءَ ۾ آيا. اُتي سوامي جن ڏهاڪو ڏينهن ستسنگہ ورڪا ڪندي جدا جدا اُپيوگي وشين تي پروچن ڪيو. ٢٠ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا. ٢٥ آڪٽوبر ڏياريءَ جي ڏينهن ڪي پريمي سوامي جن ڪي بمبئيءَ ۾ پنهنجن دڪانن ۽ پيڍين تي نون چوپڙن رکڻ لاءِ وٺي ويا. رات جو ١٠ بجي سوامي جن واپس وريا.

چند ڏينهن پرڀات جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. سوامي جن پهرين شري گرو گرنٿ صاحب جي ڪنهن نہ ڪنهن شبد جو ارٿ ڪندا هئا، ڇٽي سمجهائي ڏيندا هئا ۽ پوءِ شري ڪارتڪ ڪٿا جو مهاتم ٻڌائيندا هئا. ٣ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن صبح جو ستسنگہ ڪانپوءِ پوجنيہ سوامي جن آشرم جي سنتن ۽ پريمين سان گئو ماتائن جي جلوس ۾ شريڪ ٿيا. شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ سوامي جن گئوماتا جي مهتو بابت پروچن ڪيو. ٨ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبح جو ستسنگہ ڪانپوءِ سوامي جن جي سونهپ هيٺ شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو سرڳدام شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليو. اُتي سوامي تلوڪداس مهاراج، سائين جيوڻ گهوٽ ۽ ٻيا سنت بہ آيا. ڀائو پرسرام مسند سيني سنتن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. پوجنيہ سوامي جن ان موقعي تي چيو اجوڪي ڏينهن هرڪنهن کي شمشان ڀومي ۽ اسپتال ۾ وڃڻ گهرجي. انهن آستانن تي وڃڻ سان منش جي من ۾ ڪجھ وئراڳہ پيدا ٿيندو. اجوڪي ايڪادشيءَ جو وڏو مهتو آهي. نام سمرڻ سان گڏ ڪجھ نہ ڪجھ دان ڪريو. سوامي جن اُن وقت شمشان ڀوميءَ جي مرمت لاءِ هڪ هزار روپيا دان طور ڏنا.

١١ نومبر شري گرونانڪ ديو جي جنم ڏينهن صبح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا، شري گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جو ڀوڳہ وڌو ۽ پريمين سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي چوڌاري پرڪرما ڏني. ان بعد سوامي جن سنت شبوداس جي مندر ۾ ويا. اُتي ٻڌ سوامي جن ڪلاڪ کن شري گرونانڪ ديو مهاراجن

پل ٽاهيندي دشمن جي گولين جو شڪار ٿيندي شهيد ٿيو. سوامي جن آشرم ۾ هن پياري کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سنڌي جاتيءَ کي اهڙن سرويچن تي فخر آهي.

ڪتي مهني ۾ سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. صبح جو سوامي جن پهرين شري گرو گرنٿ صاحب جي ڪنهن نه ڪنهن شبد جي وياکيا ڪندا هئا. گوپ اشٽميءَ ڏينهن سوامي جن شري راڌي شيام گئوشالا ۾ شري گئوماتا جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته شاسترن ۾ لکيل آهي ته پنهنجي ڪلياڻ چاهڻ واري منش کي گئوماتا جي شيوا ڪرڻ گهرجي. گانين جي شيوا ڪرڻ سان ڌن سمپتيءَ جو واڌارو ٿئي ٿو. صحت به سٺي رهي ٿي ته آتمڪ اُنتي به ٿئي ٿي. پريميو! انڪري نت نيم گانين جي شيوا ڪريو.

ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته هنن ڏينهن ۾ دان ڪرڻ جي وڏي اهميت آهي. دان دل کولي ڪريو ڪنهن ضرورتمند جي وقتائتي سهايتا ڪريو. ڪو بکايل آهي، ڪو پياسي آهي ته اُن کي هڪدم مدد ڪريو. توهان ٻين جو ڀلو ڪندا ته پرماتما توهانجو ڀلو ڪندو.

دروپدي جمنا نديءَ ۾ اشنان ڪرڻ ويئي. اُن وقت رشي درواسا جمنا نديءَ ۾ اشنان ڪري رهيو هو. رشي ڪيترو ئي وقت نديءَ ۾ بيٺو هو. دروپديءَ کيس وينتي ڪئي ته ڪرپا ڪري نديءَ کان ٻاهر اچو ته جيئن هوءَ اشنان ڪري سگهي. رشي درواسا وراڻيو، ديوي! منهنجي لانگوٽي نديءَ جي وهڪري ۾ گهلجي ويئي آهي، انڪري نديءَ مان ننگن ٻاهر ڪيئن نڪران! اِهو ٻڌي دروپديءَ پنهنجي ساڙهيءَ مان ٽڪر ڪپڙي جو ڦاڙي درواسا ڏانهن نديءَ ۾ ڦٽو ڪيو، مگر اُهو ٽڪر هوا سبب ٻئي طرف هليو ويو ۽ رشيءَ کي نه مليو. ائين ڪندي چار پنج دفعا هن ور ور ساڙهيءَ مان ڪپڙي جو ٽڪر ڦاڙي رشيءَ درواسا طرف ڦٽي ڪيو، مگر هوا جي بدلجندڙ رخ سبب اُهي ڪپڙي ٽڪر رشيءَ کي هٿ ۾ نه مليا ۽ هوا ۾ اُڏامي پئي ويا. تڏهن به دروپديءَ پنهنجي ساڙهيءَ جو خيال نه ڪري ستون دفعو ساڙهيءَ مان ٽڪر ڦاڙي، جڏهن هن رشي درواسا طرف ڦٽو ڪيو، تڏهن اُهو ٽڪر رشيءَ کي مليو. رشي درواسا اُهو ٽڪر لنگوٽيءَ طور پهري نديءَ مان ٻاهر آيو ۽ دروپديءَ کي سندس ڪيل اُپڪار لاءِ آشيرواد ڏنائين. اُن پڃ جي پرتاب سبب ئي دروپديءَ کي جڏهن دشاسن راج سڀا ۾ ننگو ٿي ڪيو ته سندس ساڙهيءَ جو ڪپڙو کٽو ئي نه ٿي. ڪنهنجو ڪيو اجايو نه ٿو وڃي. وقتائتو اُپڪار، مهل وارو دان، وڏيڪ سڦلو آهي. پرماتما، ڪيل دان جي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ موٽ ڏئي ٿو. دل کولي دان پڃ ڪريو، ست ڪرم ڪريو. ڌن پڌارٿ پريوءَ جي امانت آهن، اُن امانت ۾ خيانت نه ڪريو.

شري گرونانڪ ديو جي جنم ڏينهن سوامي جن پريمين سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن شري گرونانڪ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته شري گرونانڪ اوتاري پرش هوندي به نام کي نه وساريو. توهان به نام سان نينهن جو ناتو ڳنڍيو.

سنت سماگم سم نهين، ساڌن کو جگ ماﻧﮪ،
ڪﮪ ٽيئون بن هر ڪرپا، ستسنگ ملتا ناﻧﮪ.

پريميوا هن مهان تيرٿ آستان تي ستگرو مهاراجن جي چانوٽيءَ ۾ توهان هيترن سنتن جي ستسنگ ۽ درشن جو لاڀ وٺي رهيا آهيو، اِها بہ پرماتما جي توهان تي وڏي ڪرپا آهي. توهان نصيبن وارا آهيو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهراجن ڪيترائي پراُپڪاري جا ڪاريہ ڪيا. سندن گادي نشين ستگرو سوامي سروانند مهاراج پڻ ڪيترا نہ لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ ڪري رهيا آهن. توهان بہ هيءَ منش ديهہ ڀڳوت ڀڳتي ۽ پراُپڪاري جي ڪاريہ ۾ سڦلي ڪريو. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

مانش تن ڪو پايہ جنھ، ڪيئا نہ پراُپڪاري،
ٽيئون ورٿا جنم تنھ، ڪهتي سنت پڪار.

سوامي جن ٻين سنتن سان گڏجي ڪنڀ جون ٽٻيون ڏنيون. ڪنڀ جي ميلي ۾ آيل ڪيترن ئي سنتن ۽ مهاتمائن سان سوامي جن گيان گوشٽي ڪئي. ١٠ جون تائين سوامي جن هردوار ۾ رهيا. چار پنج ڏينهن دهليءَ ۾ ستسنگ ڪري ١٧ جون سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا. سوامي جن چؤماسي جا چار ئي مهنا اُتي آشرم ۾ ستسنگ پروچن ڪندا رهيا.

چين اسانجي ديش تي اوچتو حملو ڪري غداري ڪئي. شانتي پريہ ڀارت ديش مٿان جنگ جا بادل ڇانئجي ويا. ڀارتيہ جوانن سرحد تي دشمن جو ڇڱو مقابلو ڪيو، پر اوچتي حملي سبب اسانجا ڪيترا فوجي جوان سيمائن جي سرڪشا ڪندي شهيد ٿيا. ڀارت سرڪار جنگ ڪي منهن ڏيڻ لاءِ شهيدن جي پوين کي سهائتا ڏيڻ جي لحاظ کان 'راشٽريہ رڪشا فنڊ' لاءِ اپيل ڪئي. ان فنڊ ۾ ڪن ماتائن پنهنجا سونا ڳهڻا دان ڪيا، تہ ڪن مايا دان ڪئي. پوجنيہ سوامي جن جي من ۾ ديش ڀڳتيءَ جي جذبات ننڍپڻ کان ئي هئي. سوامي جن پڻ ديش جو سڌ اونائي راشٽريہ رڪشا فنڊ ۾ يوگدان ڏيڻ لاءِ ڀاءُ گوبندرام ڀاٽيا، ڀاءُ پريداس ڀڌراڻي آريہ سماجي، پرسرام ڪانگريسي، داس ۽ ٻين جي ڪاميٽي ٺاهي. ان طرفان اوڳڙ ڪري هڪدم سرڪار کي راشٽريہ رڪشا لاءِ هزارين روپيا موڪليا. پهرين سوامي جن پاڻ ان يگيہ لاءِ مايا ڀيٽ ڪئي.

اُن سنبنڌ ۾ سوامي جن شهيد ٿيل پريوارن کي ڪجھ سبڻ جون مشينون ڀيڻ جيني سپاهيملاڻي جي معرفت موڪليون. جنگ ۾ زخمي ٿيل ڪن جوانن کي بمبئيءَ ۾ ملٽري اسپتال ڪولابا بمبئيءَ ۾ پڻ ڀرتي ڪيو ويو. پوجنيہ سوامي جن اُنهن زخمي ٿيل جوانن سان ملڻ لاءِ ملٽري اسپتال ۾ ميوو ۽ بسڪٽ جا پاڪيٽ کڻي هليا. سوامي جن اُنهن زخمي ٿيل جوانن کي همٿائيندي، همدردي ڏيکاريندي ڌنيواد ڏني. داس بہ پوجنيہ سوامي جن سان ان موقعي تي گڏ هو.

چين جي چڙهائيءَ وقت هڪ سنڌي نوجوان انجنيئر شري صاحبسنگھ چڳاڻي بہ

۾ شريڪ ٿيا. چارئي ڏينهن سنتن مهاتمائن ستسنگ پروچن ڪيو.

٢٠ اپريل شام جو پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج نمرتا جي مورتي هئا، ديا جي صورت هئا. ستگرو مهاراج روز ڪيترو نه وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. راتين جون راتيون جاڳي رام کي ريجهائيندا هئا.

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آڳهه اچي تن جي.

اڄ هزارين صدقي ديش وديش مان اچي ستگرو مهاراجن جي هن اُتسو ۾ شريڪ ٿين ٿا ۽ آسيس وٺن ٿا. پريمي! توهان به نت نيم ستگرن وٽان مليل نام جو جاپ ڪريو. توهان جي اندر ۾ عجيب شڪتي ڪللندي ويندي. توهان جا ڏک دور ٿيندا. ستگرو مهاراج به پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:-

ستگر ڪي ست شبد ڪا، اهه نش ڪر ابياس،
ڪهه ٽيئون سنسار ڪي، وگهن هويه سب ناس.

٢٧ اپريل پوڄنيه سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي آگري مان آيا. اُتي ستگرو مهاراجن جي آستان تي ٽي ڏينهن ستسنگ ڪري ٣٠ اپريل سوامي جن گواليار ۾ آيا. اُتي پڻ سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٥ مئي سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا ۽ نت نيم ستسنگ پروچن ڪندا رهيا. ١-٢ جون ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي آشرم ۾ ملهائي ويئي. ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن، گڏي جنن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٣ جون پريات جو سوامي جن ورسي اُتسوءَ جو پلئه پائيندي چيو ته وهنوار ۾ چاهي پرمارٿ ۾ نمرتا اختيار ڪريو. اهنڪار ايمان جو تياڳ ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

نمر ڀاوَ من ڌار لي، تياڳي تن ايمان،
ٽيئون شيل سوڀاوَسي، اپنا ڪر ڪلياڻ.

پريمي! ايمان انسان کي ڪيرائي ٿي، آکڙ پرماتما جي پراپتيءَ جي راهه ۾ وڏي رڪاوٽ آهي. پريوءَ کي پراپت ڪرڻ چاهيو ته نرايمان ٿيو. ڀڳوان جو ٽيليفون نمبر اٿوَ 'زيرو' جيڪڏهن ڀڳوان سان نينهن جو ناتو ڳنڍڻ چاهيو ٿا ته ٻڙي ٿيو. ٻڙيءَ جو ملهه تڏهن آهي، جڏهن اُن سان هڪ، ارٿات پرماتما ساڻ آهي، نه ته ٻڙيءَ جو ڪو ملهه ڪين آهي. ڪن کي عقل تي ته ڪن کي علم تي ايمان آهي. ڪن کي ڌن تي، ته ڪن کي سونهن تي گهمنڊ آهي. ڪن کي اولاد تي، ته ڪن کي ڪنهن ڪلا تي ڪنڌ ۾ ڪلي آهي. جي روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ چاهيو ٿا ته ڪنڌ مان ڪلي ڪڍي ڇڏيو. نه ته ته قدرت توهان کي نيچو نوائيندي. هڪ دفعي ڪو ڪڙمي ڪوڏر ڪٽي وڃي رهيو هو ته رستي تي ڪنهن سنت هن کان پڇيو 'پيارا! ڪوڏر ڇو ڪنئي اٿيئي؟ جواب ڏنائين

١٢ جنوري ١٩٦٣ سوامي جن پريمين جي نيند تي رامنگر سورت ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ورکا ڪئي. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ساڌڪ کي دنيوي پدارٿن ۾ آسڪتي رکڻ کين گهرجي. هن کي اٺئي پهر پريوءَ جو چنتن ڪرڻ گهرجي. ڪامني ڪنچن روحاني راه ۾ رنڊڪون آهن. گووندپورا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو ڀڳت گنگاڌرداس رهندو هو. سندس من ۾ واتلسيه پريم هو. هنجو ڀڳوان شري ڪرشن سان ايترو ته سنيهه سنبنڌ هوندو هو، جو هي ڀڳوان جي ٻال روپ سان ويهي ڳالهيون ڪندو هو.

هڪ دفعي گنگاڌرداس اکين ۾ آنسون آڻيندي ڀڳوان کي وينتي ڪئي ته پريو، مان سڄو وقت پنهنجي سک جي سمرٽي سورڻ چاهيان ٿو، پر پيٽ گذر لاءِ ڌنڌو ڪرڻو پوي ٿو. مون وٽ مايا ايتري کين آهي جو بنا ڌنڌي هلي سگهان. ڀڳوان شري ڪرشن مشڪندي ڀڳت گنگاڌر کي چيو ’تون خيال نه ڪر، جلدي ئي تون ڌنوان ٿي ويندين.‘

ڀڳوت ڪرپا سان ڀڳت گنگاڌر جي گهر مايا نچندي آئي. مايا سبب سندس من ڀڳوان جي اُپاسنا ۾ کين لڳندو هو. مالڪ کان منهن ڦري ويو. مايا ۾ موهه وڌندو ويو. هونءَ ڪيڏي نه شرڌا پريم سان ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ويهي پريم جا لڙڪ لاڙيندو هو، پر هاڻي ٿورو ئي وقت ٻي دليو پريوءَ جي مورتيءَ اڳيان ويهندو هو.

پريميو! مايا اهڙي چيز آهي جو جيوَ کان سڀ ڪجهه ڀلائي ڇڏي ٿي. سنگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

مايا چل ول روپ هئه، مايا دکه ڪا ڌام،
ٽئون مايا ممت تجه، سمرو هر ڪا نام.

مايا دکه روپ آهي. مايا ساڌارڻ منش ته ٺهيو، پر ڪڏهن ڪڏهن وڌوانن، سنتن مهاتمائن کي به ٺڳي ٿي ڇڏي. انڪري پريميو! ماياوي پدارٿن چاهي سنتان ۾ موهه نه رکي پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو. سندس نام ڳايو، نام ڌيايو، پرم سکه پايو.

١٨ جنوري ١٩٦٣ سوامي جن نوساريءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن به ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري ٢٠ جنوري سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا.

٧ اپريل سوامي جن جئپور لاءِ روانا ٿيا. اُتي جئپور ۾ ١٨ اپريل کان پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ۽ چيٽ جو ميلو هو. ٨ اپريل سوامي جن امراپور استان جئپور ۾ پهچي ويا. سوامي جن پهريون سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي نمسڪار ڪري، سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمري ۾ آيا ۽ کين پرڻام ڪري پرسادي پيٽ رکيائون. سنگرو سوامي سروانند مهاراج سوامي جن کان آشرم جو حال احوال پڇيو. سوامي جن پوءِ منڊل جي ٻين سنتن سان مليا. ١٨ اپريل صبح جو سنگرو سوامي سروانند مهاراجن سيني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي ميلي جو آرنڀ ڪيو. سوين پريمي اُتسوَ

جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٺا ۽ ٻين پاٺن جو ڀوڳ وڌو ۽ تنهن بعد آشرم ۽ گئوشالا جي پرڪرما ڏيئي سوامي جن سنت شيواداس جي ٽڪاڻي (مٺ مندر) ۾ ستسنگ ڪيو. رات جو سنڌونگر ۲ ۾ سوامي جن ستسنگ ڪندي شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

۸ ڊسمبر سوامي جن ملند سنڌي ڪالونيءَ جي گر دربار ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ شيورام ڀمڀاڻيءَ سوامي جن جو آيار مڃيندي چيو ته اڄ اسين ستگرو مهاراجن کي وينتي ڪريون ٿا ته هن ڪالونيءَ ۾ ور ور اچي پريمين جي پياس پوري ڪن.

۲۰-۲۲ ڊسمبر سوامي جن سنت پرڀارام جي ورسي اُتسؤ سنبند ۾ سنت پرڀارام سوسائٽي، احمدآباد ۾ ستسنگ ڪيو ۽ سائين پرڀارام جي جيون تي روشني وڌي. ۲۱ جنوري ۱۹٦۴ پوڄنيه سوامي جن شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي. ۲٦ جنوري صبوح جو پوڄنيه سوامي جن راشٽريه ڌوڄ ڦهرايو. شام جي ستسنگ ۾ پوڄنيه سوامي جن پرجاوادي ڏينهن جي اهميت بابت ڳالهايو. ڪپليشور مهاديو منڊل طرفان ڀاءُ نندلعل هر سال ڪرلا ۾ شوراترِيءَ جو اُتسؤ ملهائيندو آهي. ۱۴-۱۵ فيبروري ۱۹٦۴ پوڄنيه سوامي جن اُن اُتسؤ سنبند ۾ ستسنگ پروچن ڪندي ڀڳوان شنڪر جي مهما ڳائي.

۲۷ مارچ جئپور ۾ امراپور آستان تي پريم پرڪاش منڊل جي وارشڪ اُتسؤ ۾ چيٽ جو ميلو آرنڀ ٿيڻو هو. اُن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سوامي جن ۲۰ مارچ جئپور ۾ آيا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي نمسڪار ڪري ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن وٽ آيا. ڪين چرن وندنا ڪري پرسادي ٻيٽ رکيائون. ۲۷ مارچ صبح جو ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن منڊل جي ٻين سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. شام جو ۴ بجي ستگرو مهاراجن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس 'رام نام' 'ست نام ساکي' جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو. چار ئي ڏينهن صبح شام منڊل جي سنتن مهاتمائن ٻين گڏجي جنن ستسنگ پروچن ڪيو. ۲۹ مارچ شام جو پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

مايا ممتا موه مد، من مت من اڙ مان

جوجيتي ان سات کو، سوهئہ سنت سڄان.

سچا سنت ڌن دولت، شان وڏائي، موه ممتا کان پري رهن ٿا. هو ائي پهر ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهن ٿا. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج به سووت چاهي جاگرت اوستا ۾ پيا نام جپيندا هئا ۽ نام جپائيندا هئا. مايا ته سنتن جي داسي آهي. ان ڪري سنت مايا کان منهن موڙي مالڪ سان ناتو جوڙين ٿا.

سنت ڀڳترام بنواس ۾ ايڪانت ۾ ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. هڪ دفعي بيڪانير جو راجا سندس درشن ڪرڻ لاءِ ونس آيو. راجا، مهاتما ڀڳترام جو درشن ڪري کيس وينتي ڪئي ته آگيا ڪريو ته اوهانجي ڪهڙي شيوا ڪريان. سنت ڀڳترام ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ لين رهيو ۽ راجا کي ڪوبه جواب ڪين ڏنائين. راجا وري وري وينتي دهرائي تڏهن سنت ڀڳترام کيس چيو ته تون وري هتي مون سان ملڻ نه اچج. اِهائي تو جڻ منهنجي

'جيڪا زمين گھٽ وڌ هوندي يعني هيٺ مٿي هوندي اُن کي هڪ سريکو ڪرڻ لاءِ کوڏر کنئي اٿم. زمين جو جيڪو حصو مٿتي هوندو، تنهن کي ڍاهي سڌو ڪندس.' اِهو ٻڌي سنت روئي وينو. ڪڙميءَ سنت کان پڇيو 'سائين! اوهان جي اکين ۾ آنسون ڇو؟' سنت چيو 'ابا، جنهن منش جو ڪنڌ ايمان سبب مٿي هوندو، پرماتما اُن جو ڪنڌ جهڪائيندو. انسان ڪيڏو غرور ڪري ٿو! غرور ڇا تي؟ ڌن تي؟ سندر سرير تي؟ پدارٿن پرِيوارن تي؟ سڀ خاڪ! سڀ خاڪ! توکي ڏسي ڪال روپي کوڏر ياد اچي ويئي. ڪال روپي کوڏر سيني کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيندي. ان ڪري منهنجي دل پرجي آئي آهي.'

پريميوا توهان به نمرتا جي راهه اپنايو. ڀڳتي مارگ ۾ سالڪ کي خاڪساري اختيار ڪرڻي آهي، تڏهن ئي پرماتما جو پيار پراپت ڪري سگهبو.

سوامي جن چؤماسي جا چارئي مهنا سنڌونگر آشرم ۾ ئي ستسنگ ڪندا رهيا. ١٤ جولاءِ گروپورڻما جي ڏينهن صبح جو سوامي جن گروءَ جي اُستتي ڪندي چيو ته ستگروءَ جي پريم ۽ شرڌا سان پوڄا ڪريو ته توهان کي چار پدارٿ پراپت ٿيندا. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

گر کو کر تم وندنا، شرڌا من ۾ ڌار،
که ٽيئون اس جڳت ۾، پاءِ پدارٿ چار.

١٨ آگسٽ جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪندي ڀڳوان شيام سندر جي مهما جو ڀڄن ڳايو.

١٦ سيپٽمبر رات جو سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سبب سندن آستان سنڌونگر ٥ ۾ ستسنگ ڪندي سائين هرچورام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

٢٤ آڪٽوبر سوامي جن گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي جن ٢٤-٢٥ آڪٽوبر ستسنگ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراج کي شرڌانجلي ڏني. ٢٦ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ٥ ۾ واپس آيا.

ڪتيءَ جي چنڊ ڏينهن صبح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ڪارتڪ جا ڏينهن پريات جو پيارو ماڌوداس بودارام شري گرو گرنٿ مان وچن وٺندو هو ۽ سوامي جن اُن وچن جي درشٽانتن سان وياکيا ڪندا هئا ۽ پائي پوجراج ڪکريجا وري ڪارتڪ ڪٿا پڙهندو هو ته سوامي جن ڪٿا جو مهتوَ ٻڌائيندا هئا.

گوپ اشٽميءَ ڏينهن صبح جي ستسنگ ڪانپوءِ سوامي جن گئو ماتائن جي سرگس ۾ شريڪ ٿيا. شام جو شري راڌي شيام گئوشالا ۾ سوامي جن پروچن ڪندي آگرهه ڪيو ته پنهنجي ڪلياڻ لاءِ، پترن جي ڪلياڻ لاءِ، ڌرم رکشا صدقي، گئوماتائن جي شيوا ڪريو. اِها اُتم شيوا آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ پاڻ اجوڪي ڏينهن گانيوين چارڻ شروع ڪيون.

١٢ نومبر شري گرونانڪ ديو مهاراج جي، جنمدن ڪارتڪ پورڻماسيءَ ڏينهن صبح

ڪھ ٽيئونڪر سادگي، ڪان پان پھران،

سادي رھني رھن سي، ريجھت ھئہ ڀڳوان.

ڪاڌي پيتي جي سادگي، لٽي ڪپڙي جي سادگي ۽ رهڻي ٻہ سادگيءَ واري هئڻ گهرجي ان ۾ توهانجو فائدو آهي. روز ڪجھ نہ ڪجھ وقت ايڪانت ۾ ويھي ڀڳوان جو چنتن ڪريو.

۱۱-۱۲ جون رات جو سوامي جن ڪوپري ڪالوني ٺاڻا ۾ ستسنگ ڪيو. ۱۳ جون سوامي جن ملند سنڌي ڪالونيءَ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۲ جولاءِ گرو پورڻما جو ڏينهن آشرم ۾ ملهايو ويو. صبح جو سوامي جن ’گرو ڀڳتي‘ وشيہ تي پروچن ڪيو. ۱۷ آگسٽ ڀائي ليکرام جي ورسيءَ جي موقعي تي سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي آستان تي ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀائي لکيرام نهنو نماڻو سنتوشي سنت هو. هُو پوکہ ٻہ پاڻ ڪندو هو. آستان جي ڀرسان ڀاڄيون پوکيندو هو. اُهي ڀاڄيون ڀنڊاري ۾ ٿي ڪم اينديون هيون. سندس هٿ هاج ۾ من مالڪ ڏي هوندو هو. کيتي ٻاڙيءَ جو ڪم ڪندي سندس چت جي ورتي پرماتما طرف هوندي هيس. گاديءَ تي براجمان هوندي ٻہ پاڻ پورهيو ڪندو هو. ويهي ڪين کائيندو هو.

پريميو! توهان ٻہ پيٽ گذر لاءِ پورهيو ڪندي ڌنڌو ڌاڙي يا نوڪري ڪندي پڀوءَ کي ياد ڪريو. نام جو سمرڻ اُتم ڪم آهي.

۲۴ آگسٽ جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن شام جو ۽ رات جو ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جا منترا ڀڄن ڳائيندي، ڀڳوان بانڪي بهاري شيام سندر جي ليلائن جو ذڪر ڪيو.

سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ۲۰ سيپٽمبر سندن آستان سنڌونگر ۵ ۾ رات جو ستسنگ ڪندي چيو تہ سائين هرچورام گادي نشين هوندي ٻہ پنهنجي پورهئي جي پئسي مان کاڌو کائيندا هئا. ڏاڍا پرهيز وارا سنت هئا. هڪ دفعي چاليهي صاحب وارا پريمي پوڄن جي ٿالهي کڻي سائين هرچورام وٽ آيا ۽ عرض ڪيائون تہ ڪرپا ڪري پوڄن ورتائيندا. سائين هرچورام هڪ روپيو ڪڍي اُن پوڄن جي ٿالهيءَ عيوض ڏنو. اُهو سستائيءَ وارو زمانو هو. ۲ آني سير کير ملندو هو. پريمين چيو ’سائين ڀنڊاري جي روٽي آهي اوهان کائيندا تہ برڪت پوندي. پئسا ڇا لاءِ ٿا ڏيو؟ سڀ ڪجھ اوهانجو آهي.‘ سائين هرچورام صاحب چيو ’ابا! اهي روڪ جا چٽا آهن، ائين چٻاڙي نہ سگهبا، تنهن ڪري اُن پوڄن جي عيوض هي روپيو وٺو. پريمين چيو تہ سائين روٽيءَ جي هڪ ٿالهيءَ لاءِ هڪ روپيو تمام گهڻو آهي. سائين هرچورام چيو ’ابا! اڳلو ٻہ قرض هوندو، سو لاهڻو آهي. وڃي ڀنڊاري ۾ وجهو.‘ سائين هرچورام پرائي کاڌي پيتي ۽ پئسي کان پري رهندا هئا. سندن اها ورتي اسان لاءِ سندر مثال آهي. اسان مان ڪيترا نہ مفت جي مال ملڻ تي خوش ٿين ٿا. پورهئي جي پئسي مان گذران ڪرڻ گهرجي. اڄڪلھ رشوتخوري وٺڻ تہ رواج ٿي پيو آهي. ڏڻ وار شاديءَ جي

شيوا ڪئي.

سنت ڀڳترام جو اِهو جواب ٻڌي راجا ڏاڍو پشيمان ٿيو. راجا سمجهيو ته سنت ڪيس چوندو ته سندر آشرم ٺهرائي ڏي، پر سنت ته هو ورڪت. ورڪت سنت دنيوي پدارٿن کان ته دور رهن ٿا، پر هو ماڻهن جو سمپرڪ به نٿا چاهين ته متان من وري نه پرپنچ ۾ ڦاسي پوي! هو ائين پهر پرماتما جو ئي چنتن ڪرڻ چاهين ٿا. پريميوا منش شرير پراپت ڪري به جيڪڏهن ڀڳوت ڀڄن نه ڪيوسي، ته هي جنم کهڙي ڪم جوا ستگرو مهاراج به پنهنجي ٻاڻيءَ دواران نام جپڻ جي صلاح ڏيندي چون ٿا:

پورو پٽيه ٿي پائيا، مانش ڪا اوتار،

کهه ٽيئون ٺهن سڦل ڪر، سمرو سرجڻهار.

انڪري پريميوا نام جپيو. ستسنگ ۾ اچڻ جي مول مراد به اِها آهي ته رام رنگ ۾ رڱجي وڃون.

سوامي جن ٨ اپريل ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي، ڪن پريمين سان گڏجي بندرابن ۾ آيا. اُتي سوامي جن هفتو کن رهيا. ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلا استانن تي ويا ۽ راس ليلائن جو شروڻ ڪيائون. ١٦ اپريل سوامي جن دهليءَ ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن ستگرو مهاراجن جي آستان تي ستسنگ ڪري ٢١ اپريل هردوار ۾ آيا. سوامي جن هردوار ۾ ١٥ ڏينهن رهيا. سوامي جن رشيڪيش ۽ ڪنکل ۾ ڪيترن سنتن مهاتمائن سان روح رهاڻيون ڪيون. سوامي جن اُتي سنتن جو ڀنڊارو به ڪرايو. سنتن کي پوڄن ڪارائي ڀيٽائون ڏنائون. ١٠ مئي سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا.

٢٧ مئي سنه ١٩٦٤ع ۾ ڀارت جو پرڌان منتري پنڊت جواهرلعل نهرو پرلوڪ پڌاريو. ساري ديش ۾ غم جون گهٽائون ڇانئجي ويئون. ٢٨ مئي شام جي ستسنگ ۾ پوڄنيه سوامي جن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پنڊت جواهرلعل نهرو نه صرف ڀارت جو مهان نيتا هو، پر وشو جي مهان هستي هو. هن ساري سنسار کي شانتيءَ جو سنتوش ڏنو. هن سڄي سنسار کي پنهنجو ڪٽنب ڪري ليکيو. پيارو جواهرلعل دورانديش ۽ ديرينو اڳوان هو. مهاتما گانڌيءَ جو راڄنيتي وارث هو. هن راشٽر ۾ خوشحالي آڻڻ لاءِ پنج ورشي يوجنائون شروع ڪيون. راشٽر جي نئو نرماڻ ۾ هنجو اوليه يوگدان رهيو. پرماتما در پرارٿنا آهي ته شل هي پيارو وري به ڀارت ڀوميءَ ۾ جنم وٺي، قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائي.

١-٢ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. ٢ جون پريات جو سوامي جن پلڪ پائيندي چيو ته اڄڪلهه ڇوڏاري ڪيڏو نه اڊمبر وڌي ويو آهي. ڪاڏي ڀيٽي تي به اُن جو وڏو اثر آهي. جهڙو ان تهڙو من انڪري پريميوا سادگي اختيار ڪريو. صحت جي خيال کان چاهي آتمڪ اُنتيءَ جي لحاظ کان سادگيءَ جي ضرورت آهي. پرماتما کي به اڊمبر ڪين ٿو وڻي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج

ڪھ ٽيئون هر نام جپ، ڀُلو نا ڪڻ ايڪ،
ڀوڳت ڀوڳت وشيہ رس، بيتي جنم انيڪ.

۱۵ نومبر شري گرونانڪ ديو جو جنم ڏينهن ڪارتڪ پورڻماسي صبح جو سوامي جن شري گرو گرنٿ صاحب، شريمد ڀڳوت گيتا، شري پريم پرڪاش گرنٿ ۽ شري ڪارتڪ ڪٿا جو ڀوڳ وڌو. ان بعد سوامي جن پريمين سان گڏجي آشرم ۾ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. صبح جو ۱۰ بجي سوامي جن مٺ مندر سنت شيوداس جي آستان تي ستسنگ ڪيو. رات جو سوامي جن سنڌونگر ۲ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.

پوڄنيہ سوامي جن جي پريرڻا سان ديال 'آشا' ۱۵ ڊسمبر آشرم ۾ اکل ڀارت سنڌي مهلا سميلن جو آيوجن ڪيو. ان موقعي تي بمبئيءَ جون بزرگ سماج شيوڪائون ڀيڻ ڪملا هيرانند، ڀيڻ جيني سپاهيملاڻي، ڀيڻ ٺاڪري سلامتراءِ، ڀيڻ ساوتري هوتچند آڏواڻي، پرنسيپال سيتا سامتاڻي، پروفيسر پوپٽي هيرانندڻي، ڀيڻ ٺاڪري لڪاڻي ۽ پروفيسر پارپتي رامڪرشن آڏواڻي، مهمان طور شريڪ ٿيون. اٽڪل ٽي سؤ کن ڀينرن ان سميلن ۾ ڀاڱہ ورتو. پوڄنيہ سوامي جن ان سميلن جو مهورت ڪندي چيو تہ

'يتر ناريستو پوڄينتي تتر رمنتي ديوتا'

جتي نارين جي پوڄا ٿئي ٿي، اُتي ئي ديوتائن جو واسو آهي. ڀارتيہ سنسڪرتيءَ موجب اِستريءَ جو مهتو پورڻ استان آهي. جڏهن اسين ڀڳوان جو نالو وٺندا آهيون تہ پهرين راڌا جو، پوءِ ڪرشن جو نالو وٺندا آهيون، راڌا ڪرشڻ. پهرين سيتا، پوءِ رام، سيتارام. ڪي اگياني استريءَ جي نندا ڪندا آهن. تنهنڪري سنت چون ٿا:

ناري نندا مت ڪرو، ناري گڻ کي کان،
ناري سي پيدا هوئي، ڌرو پرهلاد سمان.

ماتائو! پرسنتا آهي جو اڄ هن آستان تي پياري ديال آشا جي پرشارٿ سان سنڌي استري سميلن آيوجت ڪيو ويو آهي. سنڌي استري سماج جا ڪهڙا مسئلا آهن، اُنهن کي ڪيئن دور ڪجي، ان بابت اوهان پاڻ ۾ ويهي ويچار ومرش ڪري نوس اُپاءُ سوچيو، جئن سماج جو اُٿان ٿئي.

ڀيڻ ڪملا هيرانند خاص اجلاس جي صدارتي تقرير ڪئي. ڀيڻ اندرا (گلو) آڏواڻي ۽ ڀيڻ رتنا واڌواڻيءَ سڀني ڀينرن جو سواگت ڪيو. شام جو کليل اجلاس پروفيسر پوپٽي هيرانندڻيءَ جي زير صدارت ٿيو. هن سنڌي استريءَ کي نڊرتا سان للڪاريندي چيو تہ همٿ رکي اڌڪار حاصل ڪريو. ڀيڻ ڪانتا منواڻي ۽ ڀيڻ اِندو وڇاڻيءَ آيل ڀينرن جي شڪرادائي ڪئي.

پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي 'انوکا آزمودا' پستڪ تي ساهتيہ اڪادميءَ پنج هزار روپيا پرسڪار ڏنو. انڪري آشرم ۾ ۱۸ ڊسمبر پوڄنيہ سوامي جن جي زير صدارت پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو سنمان ڪيو ويو. اُتسو جو مکيہ مهمان هو ڊاڪٽر سي. ايل. پرڀات. هن موقعي تي سوامي جن پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي هڪ هزار روپيا، هڪ مصريءَ

موقعي تي سيٺن کان ڇڪي وٺڻ جڻ حق ٿي پيو آهي. اهو وساري ويٺا آهيون ته حق حلال جي ڪمائي ئي سچي ڪمائي آهي. پرائو پئسو، پرائو پدارٿ، پرائي امانت هضم نه ڪري سگهبي. پرماتما وٽ گڏيل وياج سوڌو حساب ڏيڻو پوندو. پرائي ڌن دولت کي نانگ سمجهڻ گهرجي. پريميوا توهان به حق حلال جي ڪمائي ڪائو ته توهان جو من نرمل رهندو ۽ نرمل من سان توهان جلدي پريوءَ کي پراپت ڪري سگهندا.

١٥ آڪٽوبر دسهڙي جي ڏينهن شام جو دسهڙا ميدان تي ڀائو پرسرام مسند ۽ سندس ساٿين وجيه دشمي اُتسوَ جو آيوجن ڪيو. پوجنيه سوامي جن اُن موقعي تي ڳالهائيندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن ڀڳوان شري رام راوڻ کي ختم ڪري ستيه ڌرم جو جهنڊو جهولايو. اتياچاري ظالمن جو آخر انت ٿئي ٿو.

٢٨ آڪٽوبر شاعر پرسرام ضيا جي ورسي سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ آشرم ۾ ملهائي ويئي. ان موقعي تي ڀاءُ گوبندرام ڀاٽيا، شري گدومل هرجاڻي ۽ ٻين، شاعرن شري پرسرام ضيا جي جيون ۽ شاعريءَ بابت ڳالهايو. پوجنيه سوامي جن شاعر کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته شاعر معنيٰ پيغمبر. شاعرن کي پرماتما وٽان قدرت جي ڪلف جي ڪنجي عطا ٿيل آهي. شاعر پرسرام ضيا آستڪ شاعر هو. هن پياري شريمد ڀڳوت گيتا، شري سکمني صاحب، شري نائين محلي جا سلوڪ ۽ شري جپ صاحب سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪري وڏو وڙ ڪيو آهي.

٣٠ آڪٽوبر سوامي جن پونا ۾ سوامي رامڪرشن جي آشرم ۾ سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. ٣٠ آڪٽوبر شام جو سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سوامي گوالانند مهان ودوان ۽ گيانوان هئا. سوَن کي پريوءَ جي راهه ۾ چڪيائون. سنڌن ٻاڻيءَ ۾ انيڪ هيرالعل جواهر آهن.

١ نومبر سوامي جن سنڌونگر جي آشرم ۾ واپس آيا. ٢ نومبر ڏياريءَ ڏينهن پريمي سوامي جن کي چوپڙن جي مهورت لاءِ بمبئيءَ وٺي ويا. ٣ نومبر چنڊ ڏينهن پرڀات جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٠ نومبر گوپ اشٽميءَ جي ڏينهن سوامي جن راڌي شيام گئوشالا ۾ گئوماتا جي مهما ڪندي چيو ته ڳانيون سرڳ جي ڏاڪڻ آهن. جيڪڏهن توهان سرڳ جي پراپتي چاهيو ٿا ته شيوا ڪريو. ڳانين جي شيوا جو وڏو مهتو آهي. پريميوا انڪري صدق ۽ شرڌا سان ڳانين جي شيوا ڪريو.

١٢ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبح جو ستسنگ بعد سوين پريمي سوامي جن سان گڏجي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا، شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي ڀائو پرسرام مسند شمشان ڀوميءَ جي گذريل سال جي رپورٽ پيش ڪئي. سوامي تلوڪداس مهاراج ۽ سائين جيوڻ گهوت به اُتي وئراڳه واري واڻي ڳائي. سوامي جن ان موقعي تي چيو ته اڄوڪي ڏينهن دل کولي دان پنج ڪريو. اڄ ساري رات جاڳي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. پيارا، ڪال جو نغارو پيو وڄي. ڪڏهن تو ڪنهن کي سڏ ٿئي، پتو ڪين آهي. انڪري دم دم چئو 'جئه شري ڪرشن' ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

۾ هن پياري گئو شالائون ٻه پوڄنيه سوامي جن جي آسيس ۽ سهڪار سان کوليون. سيٺ شولداس جي سنٻنڌين سوامي جن جي رٿيل پروگرام انوسار احمدآباد ٽيليفون لڳايو ته کين فون تي خبر ملي ته سوامي جن احمدآباد مان بمبئيءَ لاءِ ٽرين ۾ نڪري چڪا آهن.

پوڄنيه سوامي جن کي اندرين اهڙي ڪا چڪ ٿي جو احمدآباد جو رٿيل پروگرام رد ڪري اوچتو بمبئي روانا ٿيا. جڏهن ٽرين دادر اِسٽيشن تي پهتي ته سيٺ شولداس جي پريوار جو ڀاتي ۽ ڪي پريمي سواميجن سان مليا ۽ کين سيٺ شولداس هرگنداس جي پرلوڪ پڌارڻ جو سماچار سڻايائون. اُتان ئي سوامي جن سيٺ شولداس جي گهر هرگن هائوس ورلي بمبئيءَ ۾ آيا. سوامي جن جي پهچڻ سان سيٺ شولداس جو اَستوُل شرير سينگاري ڪنيو ويو. سوامي جن ٻه سرَ سان گڏ ويا. سيٺ شولداس گئو ڀڳت هو. اوچتو رستي تي سرَ سان ڪي ڳانيون ٻه شامل ٿي هلڻ لڳيون. جڏهن اَستوُل شرير شمشان ڀوميءَ ۾ پهتو، تڏهن اُهي ڳانيون ٻه غائب ٿي ويئون. اِهو ڪؤتڪ ڏسي ڪيترا پريمي پياري شولداس جي گئو ڀڳتيءَ جي مهما ڪرڻ لڳا. انت ويلي سوامي جن سنت شولداس سان اچي نڀايو.

ڀڳڙين ڏينهن سوامي جن سيٺ شولداس کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پيارو شولداس ڌرمشٺ، پراُپڪاري ۽ گئو ڀڳت هو. هي پيارو نت ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهندو هو. ڪيترين غريب نياڻين جون هن شاديون ڪرايون. ڪيترن سفيد پوش گهرن کي ڳجهه ڳوهه ۾ مدد ڪندو هو. پير ڀڳوٺ ڪان وٺي هن ڪيترائي پراُپڪار جا ڪم ڪيا. شل پرماتما هن پياري کي پنهنجي ڪمل چرنن ۾ رکي.

٢٨-٢٩ مئي آشرم ۾ سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. ٢٩ مئي صبوح جو سنتن جو ڀنڊارو ڪيو ويو. پنجن ئي نمبرن جا سنت اُن سنت سماگم ۾ شريڪ ٿيا ۽ اُنهن ڀڳتي گيان پوروَڪ وشين تي ڳالهايو. پوڄنيه سوامي جن سڀني سنتن جا آڀار مڃيا. ٣٠ مئي اُتسوَ جو پلڻ پائيندي پوڄنيه سوامي جن چيو:

شرڌا سي ستسنگ ڪرو، سيوَ ڪرو نشڪام،
ڪهه ٽيئون تيري سڀي، هووي پورڻ ڪام.

پريميوا ستسنگ دواران جيوَ جو وويڪ جاڳرت ٿئي ٿو. ست ۽ است جي ڄاڻ پوي ٿي. انڪري نت نيم ستسنگ ڪريو. ڪسنگ کان ڪنارو ڪري ڪنهن نه ڪنهن سنتپرش جو سنگ ڪريو. اُن مان توهان کي رام جُو رنگ لڳندو. ستسنگ سان گڏ دکين دريدرن گهرجائن جي نشڪام شيوا ڪريو. ائين ڪرڻ سان توهان جو هردو نرمل ٿيندو ويندو. نشڪام شيوا ۽ ستسنگ ذريعي توهان جا سڀئي ڪم راس ٿيندا.

٩- ١٠ جون سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. ١١ جون چيمبور ۾ ستسنگ ڪيائون. ١٢ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن صبوح جو سوامي جن آشرم ۾ گروءَ جي مهما ڳائيندي چيو:

جو ملڪو ڏيندي ۽ آشيرواد روپ ۾ دشالو پائيندي چيو تہ هن پياري سنڌي جاتيءَ جي لاثاني شيوا ڪئي آهي. هي سنڌين جو سانسڪرتڪ ايلچي آهي. هن پنهنجي ساهتيہ ۽ ڪلا دواران سنڌي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪيو آهي. شل پرماتما کيس وڌي آورجا بخشي جو ديش جا گهڙا ڀريندو رهي.

ڊاڪٽر سي. ايل. پرڀات، شري گوبند ڀاٽيا، شري پرسرام مسند ۽ ديال 'آشا'، پروفيسر رام پنجواڻي صاحب جي يوگدان تي روشني وڌي.

٢٥ ڊسمبر کان الله آباد ۾ ڪنڀ جو ميلو شروع ٿيڻو هو. اُن ميلي جي سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ٢٢ ڊسمبر پرياڳ ۾ پهچي ويا. اُتي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پريم پرڪاش منڊل جي طرفان ڇانوڻي لڳارائي هئي. پريم پرڪاش منڊل جا سنت ۽ سوين پريمي اُن ڪنڀ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيا. ڪنڀ جو ميلو ڊسمبر کان ٢٨ جنوري ١٩٦٥ تائين هو. سوامي جن واري وٿيءَ منڊپ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ڪنڀ جي ٽٻين ڏينهن سوامي جن ٻين سنتن سان گڏجي ترويڻي سنگم وٽ ٽٻيون ڏنيون. ٢ فيبروري سوامي جن ڪاشيءَ ۾ آيا. اُتي پڻ هفتو کن رهي ١١ فيبروري سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوءَ ۽ چيٽ جو ميلو ١٤ اپريل کان ١٨ اپريل ١٩٦٥ امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ٨ اپريل جئپور امراپور آستان تي پهچي ويا. سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي پرڻام ڪري ٻين سنتن سان حالي احوالي ٿيا. ١٠ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج برهملين ٿيا. اُتسوَ سبب منڊل جا گهڻو ڪري سڀيئي سنت اڳواٽ آيل هئا. انڪري ساڳئي ڏينهن سوامي گرمکداس مهاراج جو اَستوُل شرير ڏوليءَ ۾ سينگاري شمشان ڀوميءَ ڏانهن کنيو ويو.

ٻئي ڏينهن ستسنگ ۾ پوڄنيہ سوامي سروانند مهاراج، سوامي بسنترام، سوامي جيون مڪت، سوامي ماڌوداس، پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي اوڌوداس، سوامي مرليڌر، سنت هرداسرام ۽ منڊل جي ٻين سنتن سوامي گرمکداس مهاراج کي ڀاوَڀيني شرڌانجلي ڏني. ميلي جا چارئي ڏينهن منڊل جي سنتن ستسنگ ورکا ڪئي ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن اُتسوَ جو پلئہ پاتو.

سوامي گرمکداس مهاراج جي تيرهين جي اُتسوَ بعد ٢٦ اپريل سوامي جن ستگرو سروانند مهاراج کان موڪلائي ٢٧ اپريل احمدآباد اسٽيشن تي پهتا. سوامي جن جو ڪاريہ ڪرم احمدآباد ۾ رهڻ جو هو، پر اوچتو ئي پريمين کي چيائون تہ اسين هينئر ئي بمبئيءَ وڃون ٿا. بمبئيءَ جي ٽڪيٽ ڪڍائي اچو. سوامي جن احمدآباد مان ساڳئي وقت بمبئيءَ روانا ٿيا. هيڏانهن بمبئيءَ ۾ پراُپڪاري پٽيہ آتما سيٺ ٿولداس هرگنداس روهڙا پرلوڪ پڌاريو. سيٺ ٿولداس جو سوامي جن سان سنڌ کان سنيهہ سنبنڌ هو. ڌارمڪ سماجڪ ڳالهين ۾ سوامي جن کيس پورڻ سهيوگ ڏيندا هئا. سنڌونگر ۾ چاهي ڪوٽا راجستان

ڀائي ٻاس ٻاسيندين ته رهجي ديش جي عظمت.

(ڪوي ڪشنچند ٻيوس)

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جي جنمدن سبب سوامي جن مهاتما گانڌيءَ جي جيون جا ڪي مثال ٻڌائيندي چيو ته ڪيئن نه ٻاپوءَ ڪيترا مسئلا پرارٿنا دوارا حل ڪيا. توهان ٻه نت نيم پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو. مهاتما گانڌي آتمڪ ٻل جي ڪري ئي هيڏا سارا ڪاريه ڪري سگهيو.

٣٠ آڪٽوبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پونا ويا. اُتي سوامي جن ٻه ڏينهن ستسنگه پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ١ نومبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

٣ نومبر چنڊ جي ڏينهن صبوح جو سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٠ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن شام جو گئوشالا ۾ سوامي جن سيٺ شولداس هرگنداس جي فوٽي جو مهورت ڪندي چيو ته جئن پياري شولداس گانين جي شيوا ڪئي تئن توهان ٻه گئو ماتائن جي شرڌا سان شيوا ڪندو رهو. ١٣ نومبر ڪارتڪ ايڪادشي ڏينهن صبوح جي ستسنگه بعد سوامي جن پريمين سان گڏجي شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن وئراڳي ڀڄن ڳائيندي چيو ته ڪڏهن ٿو ڪنهن کي ڪال جو سڏ ٿئي، پتو ناهي. انڪري پريميو، پرلوڪ لاءِ تياري ڪريو. تياري اٿوَ ستڪرم ڪرڻ. سواس اجايا نه وڃايو. اُٿندي ويهندي نام جپيو ۽ دان پن ڪريو. ٻين جو ڀلو ڪريو. جي سگهي ٿيڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي سکي ڪريو.

١٧ نومبر ڪارتڪ پورڻماسيءَ ڏينهن صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا، شري گرو گرنٿ صاحب، شريمد ڀڳوت گيتا ۽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺن جو ڀوڳه وڌا. تنهن بعد سوامي جن سنت شيواداس جي ٽڪاڻي مٺ مندر ۾ ستسنگه ڪيو. رات جو پوڄنيه سوامي جن گرونانڪ شيوا منڊل سنڌونگر ٢ ۾ ستسنگ ڪندي گهرجائو ڀينرن کي ٽوال ڏنا.

١٢ ڊسمبر سائين پرڀارام صاحب جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ سوامي جن احمدآباد ويا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگه پروچن ڪندي، سنت پرڀارام جي جيون تي روشني وجهندي، سنگت کي اپيل ڪئي ته مانس، شراب، جوئا کان ڪنارو ڪري شڀ ڪرم ڪريو.

١١ جنوري ١٩٦٦ ڀارت جي پرڌان منتري شري لعل بهادر شاستريءَ جي اوچتي ديهانت جو سماچار ٻڌي ڀارت ۾ غم جي لهر ڇانئجي وئي. شام جي ستسنگه ۾ سوامي جن شري لعل بهادر شاستريءَ کي ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏيندي چيو ته شري لعل بهادر نڊر، نپڻ، نشڪام نيتا هو. ڀارتيه سنسڪرتيءَ جو سوروپ هو. چين ۽ پاڪستان جي لڙائيءَ وقت ڪيئن نه هن راشٽر ڀڳت دشمن جون ملين مرادون مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيون. هي پيارو نه صرف ديش ڀڳت هو، پر ايشور ڀڳت پڻ هو. ڌارمڪ پرورتيءَ وارو

گرو برهما، گرو وشڻو، هئہ گرو شيش مهيش،
کهہ ٽيئون گر سوريہ شش، هئہ گر گور گڻيش.

ستگرو ئي برهما، وشڻو ۽ شوَ شنکر جو روپ آهن. گرو ئي سورج چندرما ۽ گڻيش آهي. ان ڪري شرڌا ۽ پريم سان گروءَ جي اُپاسنا ڪرڻ گهرجي. گروءَ دواران ئي منش کي مڪتي ملندي، ان ڪري اننيہ ڀاوَ سان ستگرن جي شرن وٺڻ گهرجي.

ستگر ڪي ڪرپا بنا، ملي نہ موکش دوار،
کهہ ٽيئون گر شرن لي، آپنا ڪرو اُڌار.

١٤ آگسٽ رکشا بندن ڏينهن ڪيترن ئي پريمين سوامي جن کي رکڙيون ٻڌيون. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن 'رکشا بندن' جي مهتوَ تي پروچن ڏنو. ١٥ آگسٽ صبح جو سوامي جن آشرم ۾ قومي جهنڊو چاڙهيو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن آزاديءَ جي وشيہ تي ويچار ويڪت ڪيا. ٢٧ آگسٽ جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جا ڀڄن ڳائيندي بانڪي بهاريءَ جي ليلائن جو ورڻن ڪيو.

پاڪستان جي اڳوانن پڻ دوستيءَ جو دم هڻندي ٤ جنوري ١٩٦٥ کان ڀارتيہ سرحدن ۾ ڇيڙڇاڙ شروع ڪئي. پهرين ڪڇ ۽ ڪشمير کان اُن نندا نندا حملا ڪيا. ١ سيپٽمبر پاڪستان ڀارت تي زبردست حملو ڪيو. ڀارت جي پرڌان منتري شري لعل بهادر شاستريءَ فوج ۾ نئين چيتنا آڻي دشمن جو منهن ٽوڙ مقابلو ڪيو. ساري ديش ۾ راشٽريہ ڀڳتيءَ جي ڌارا پرواهت ٿي. ديش جي اڳوانن، ساهتيڪارن ۽ سنتن بہ پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ ديش جي آزاديءَ جي سرڪشا لاءِ ديش واسين ۾ راشٽر ڀڳتيءَ جو سنچار ڪيو. سواميَ جن پڻ پنهنجي ستسنگ دواران ديش ڀڳتيءَ ۽ ايڪتا جو سنديش ڏنو.

٢٤ سالن جي ندر سنڌي نوجوان فلائنگ آفيسر شري پريم رامچنداڻيءَ اُن جنگ جي دوران سرگودا اڏي مٿان بمبازي ڪندي، پاڪستاني فوج کي ٽوٽا چٻائيندي ٢٦ سيپٽمبر ويرگتي پاتي. ٣٠ سيپٽمبر سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ پوجنيہ سوامي جن زيرصدارت شهيد پريم رامچنداڻيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪرڻ لاءِ شوڪ سڀا جو آيوجن ڪيو ويو. شري نيوندرام وشنداس ايم. ايل. اي.، ڊاڪٽر ڌرمداس لڪاڻي، گوبندرام ڀاٽيا، پرسرام ڪانگريسي، ديال 'آشا' ۽ ٻين شهيد کي شرڌانجلي ڏني. پوجنيہ سوامي جن اُن موقعي تي شهيد کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ وير پريم رامچنداڻيءَ تي سنڌي قوم کي ناز آهي جنهن ديش جي آزاديءَ جي سرڪشا صدقي پنهنجي پراڻن جي آهوتي ڏئي، پنهنجي ماتا جي ڪک سڦلي ڪئي.

اُهي مائر ڀلي مرڪن جي ٻاروتن ۾ لولي ڏين،
تہ صدقي ديش تان تن من ڪرڻ جهڙي نہ ٻي خدمت،
جگر پنهنجا ڪڏي ڏينديون ملو اولاد موڪينديون،

۴. هنس هوندي ڪر پڃرو سڦلو، ڪھي ٽيئون ڪر سڀ جو ڀلو،
سمر هريءِ وڏ هنس، ڪريءِ هي پڃرو خالي...

تيرهي ڏينهن سوامي جن سنت رگھورام مهاراج جي نمت سنتن جو ڀنڊارو ڪرايو. اُن موقعي تي پنڃن ئي نمبرن جا سنت مهاتمائون شريڪ ٿيا. سوامي جن ڀائي رگھورام کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سنت رگھورام جو جيون تياڳ ۽ تپسيا جو جيون هو. سندس کاڌو پيتو ۽ رهڻي تمام سادگي واري پر ويچار مهان هئا. هي صاحب ايشور ڀڳت بہ هو تہ ديش ڀڳت بہ هو. ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو، لکل لعل هو. هن ڌارمڪ شاسترن بابت ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن. نندپڻ ۾ ئي داس کي هن ستپرش جو سنگ مليو. داس سنت رگھورام مان ڪافي ڪجھ پرايو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ۽ چيٽ جو ميلو ۴ اپريل کان ۷ اپريل ۱۹٦٦ تاءِ امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسؤ جي سنبنڌ ۾ پوجنيہ سوامي جن ۲۸ مارچ جئپور ۾ پهچي ويا. ۳ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ ٻين سنتن سنت گرمکداس مهاراج جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ان موقعي تي پوجنيہ سوامي جن هينيون ڀڄن سوز ڀرئي سر ۾ ڳايو:

ياد پون ياد پون، مونکي ستگرو پيارا ياد پون.
(۱) ياد ڪري مان تن سڄڻن کي، نيڻن وهايان روئي نارا - ياد پون...
(۲) گھڙيءَ گھڙيءَ ٿي جن سمجھايو، دين ديالو گيان ڀنڊارا - ياد پون...
(۳) پريم سچي جو منتر ڏيئي، من موهن سان ميلڻ وارا - ياد پون...
(۴) پيار ڏيئي جن پنهنجو ڪيڙو، ٻولي منڙي ٻولڻ وارا - ياد پون...
(۵) رام نام جي ٻيڙي چاڙهي، ڀوَ ساگر کان تارڻ وارا - ياد پون...
(٦) ڪهي ٽيئون سي ڪيئن وساريان، دل کي ڌيرج ڏيڻ وارا - ياد پون...

۴ اپريل صبوح جو پوجنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراج منڊل جي سڀني سنتن سان گڏجي جھنڊو چاڙهي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. ٦ اپريل سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

رام نام ستيہ وچن پن، مڌر نہ بولت جويہ،
ٽيئون دوجي جنم ۾، سونر گونگا هويہ

جيڪو جيوُ منش ديھ ڌاري بہ رام نام نٿو جپي، سچ نٿو ڳالهائي، مٺو نٿو ٻولي سو ٻئي جنم ۾ گونگو ٿئي ٿو. پريميوا جيڪڏهن توهان ٻئي جنم ۾ گونگا نٿا ٿيڻ چاهيو تہ مڌرڀاشي ٿيو. سچ ورتايو ۽ جو ست چت آنند روپ پرماتما آهي اُن جو نام جپيو. پريوءَ جا انيڪ نالا آهن. جيڪو نالو توهان شرڌا ۽ پريم سان جپيندا تہ توهان جو ڪلياڻ ٿيندو. سنت دادو بہ چوي ٿو:

دادو سرجنهار ڪي، ڪيتي نام اننت،
چت آوي سو ليجئي، يوُن ساڌو سمري سنت.

۽ سڌانتن وارو آدرشي اڳوان هو. هن موقعي تي ديال آشا خاص ڪوتا دواران شري شاستريءَ کي شرڌانجلي ڏني. سنت سنمکلعل، ڀاءُ جيوڙداس آهوجا ۽ ڀاءُ ڪيرتراء آهوجا پڻ شري لعل بهادر شاستريءَ جي گڻن جو ذڪر ڪيو.

١٦ جنوري سنڌ جو مهان سنت ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي پونا ۾ برهملين ٿيو. ٢٥ جنوري شام جو آشرم ۾ ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ارپت ڪرڻ لاءِ شوڪ سڀا جو آيوجن ڪيو ويو. هن موقعي تي پوڄنيه سوامي جن دادا واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪندي چيو ته ساڌو واسواڻي سنڌين جو سچو سونهون هو، ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيه اُپاسڪ هو. داس نندي هوندي حيدرآباد جي رشي ديارام گدومل سنسڪرت پاٺشالا ۾ هين هنڌ سندس وياڪيان ٻڌا. سندس وياڪيانن ۾ عجيب تاثير هوندو هو. هن سنت عهدي اقبال جو تياڳ ڪري فقيري اختيار ڪئي ۽ سوَن کي پريوءَ جي راهه ۾ چڪي سندن جيوَن نئين بڻائي. هن موقعي تي پرنسيپال ايل. ايڇ. اجواڻي، شري گوبندرام ڀاٽيا، شري پرسرام مسند ۽ هين ساڌو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ديال آشا خاص لکيل ڪوتا دلسوز سر ۾ پڙهي ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ارپت ڪئي.

سنت رشي رگهورام گهڻو وقت آشرم ۾ ئي رهندا هئا. هوُ گهڻو وقت گوشينشينيءَ ۾ گذاريندا هئا. پوڄنيه سوامي جن جو ساڻن سنيهه سنبنڌ هو. هوُ پاڻ ۾ گيان گوشٽي به ڪندا هئا. سنت رگهورام شام جو ڪڏهن ڪڏهن ستسنگ به ڪندا هئا. وڏا ودوان هئا. آشرم ۾ ئي سندن طبيعت ناساز ٿي پيئي. سندن ناچاڪائيءَ جي خبر ٻڌي سوامي ليلاشاهه مهاراج پڻ هنن کان صحت بابت پڇڻ آيا. سوامي ليلاشاهه مهاراج پنهنجي هٿن سان کين سوُٽ ڏني ۽ مانش ڪئي. ١٦ فيبروري ١٩٦٦ع تي سنت رگهورام جن برهملين ٿيا. ڪو نيائڻ سکي ته سوامي جن کان. سوامي جن هڪدم سنتن ۽ پريمين کي سنت رگهورام جن جي برهملين ٿيڻ جو سماچار موڪليو. ڪيترائي سنت ۽ پريمي اچي ويا. سنت رگهورام جي استول شرير کي سينگاريل ڏوليءَ ۾ ڪٽي شهر جي پرڪرما ڏياريندا، سوين پريمي شمشان يومي ۽ ڏانهن هليا.

١٩ فيبروري سنت رگهورام جن جي چاڻي ڏينهن ڪيترن سنتن سائين رگهورام کي شرڌانجلي ڏني. سوامي جن ان موقعي تي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

ويا اُڏامي هنس، ڪري هي پڃرو خالي

١. پنڄن تتن جو پڃرو آهي، هنس بنا نا شوڀا پائي،
ڏوڏڙ ۾ ٿي ڏونس، ڪري هي پڃرو خالي....

٢. هنس هوندي جن ٻڌا ٿي هتڙا، ڏين آهي ئي هاڻي لنبڙا،
ختم ڪري ويو ونس، ڪري هي پڃرو خالي....

٣. ڪلا هنس جي هيڙي ساري، تنهن بن پڃرو اونده ڪاري
لڳي ائين جيئڻ ڪنس، ڪري هي پڃرو خالي...

۱۷ سيپٽمبر رات جو سائين هرچورام صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي سوامي جن سندن آستان سنڌونگر ۵ ۾ ستسنگ ڪندي سائين هرچورام صاحب جي جيون جا ڪي سکيادائڪ مثال ٻڌايا.

۲۳ سيپٽمبر ڪوي ڪشنچند بيوس جي ورسي پوڄنيه سوامي جن جي زير صدارت آشرم ۾ ملهائي وئي. پوڄنيه سواميڄن ڪوي بيوس کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ ڪوي بيوس شري ڪرشن ڀڳت ڪوي هو. سندس دل ۾ ڀيٽن لاءِ همدردي ۽ پيار هو. پرماتما کيس ڪوتا لکڻ جي ڏات بخشيش ڪئي، سندس ڪوتا ۾ ڪيترائي گيان جا گوهر آهن. هن موقعي تي ڀاءُ گوبندرام ڀاٽيا، ڀاءُ جيوٽداس آهوجا، داس ۽ ٻين ڪن پريمين ڪوي بيوس کي پيار ڀري پشپانجلي ارپت ڪئي.

۲۲ آڪٽوبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي جن ۲۲-۲۳ آڪٽوبر ستسنگ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراجن جي جيون ۽ ڪاويہ تي روشني وڌي. ۲۴ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ۲٦ آڪٽوبر ڏياريءَ جي ڏينهن ڪي پريمي سوامي جن کي چوپڙن جو مهورت ڪرائڻ لاءِ بمبئي وٺي ويا. سوامي جن رات جو بمبئي مان واپس آيا. ۲۹ آڪٽوبر چنڊ ڏينهن صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ٦ نومبر گوپ اشٽمي اُتسو راڌي شيام گئوشالا ۾ ملهايو ويو جتي سوامي جن شري گئو ماتا جي مهتو جو ورڻن ڪندي سنگت کي چيو تہ جيڪڏهن ڀڳوان شري ڪرشن کي پرسن ڪرڻ چاهيو ٿا تہ شرڌا سان گئو ماتائن جي شيوا ڪريو. ۹ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو ستسنگ ڪانپوءِ سوامي جن ۽ سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ڀڄن ڳائيندي چيو تہ پريميو! هڪ ڏينهن سڀني کي هتي اچڻو آهي.

هڪ دفعي شاه لطيف ۽ سنت مدن پاڻ ۾ روح رهاڻ ڪري رهيا هئا. اُتي شاه لطيف جا ڪي مريد بہ ويٺا هئا. روح رهاڻ ڪندي شاه صاحب سنت مدن کان پڇيو 'تون ڪير؟ مان ڪير؟' سنت مدن ٺهه پهه وراڻيو 'تون ڏوڙ تہ مان ڇائي.' ڀڳت مدن جو اهو جواب ٻڌي مريد تہ واڻڙا ٿي ويا ۽ شاه لطيف کي چيائون تہ 'هي واڻيو ڇا ٿو آکي؟ توهان کي ڏوڙ سڏي ٿو!' تڏهن شاه لطيف مشڪندي چيو 'ابا! مدن سورهن آنا سچ ٿو آکي... مان مذهب جي لحاظ کان مسلمان آهيان، جڏهن مرندس تہ منهنجي هن بدن کي زمين ۾ دفنايو ويندو. مان ڏوڙ ۾ ڏوڙ ٿي ويندس. مدن فقير هندو آهي. جڏهن هن جو پکيئڙو پرواز ڪندو تہ هن جي بدن کي مساڻن ۾ ساڙي ايندا، بدن سڙي رک ٿيندو يعني ڇائي ٿيندو. ان ڪري مدن جو جواب تمام صحيح آهي.' شاه لطيف جو اهو ٻڌي مريد دنگ رهجي ويا. پريميو! آخر ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن شمشان ڀوميءَ ۾ شرير سڙي خاڪ ٿيندو. ان ڪري پرلوڪ لاءِ توشو تيار ڪريو. اُن ڪري شڀ ڪرم ڪريو. نام جپيو، دان پن ڪريو. اُپڪار جا ڪم ڪري جيون سڦل ڪريو.

۱۲ نومبر شري ڪارتڪ پورڻما ڏينهن صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا، شري گرو گرنٿ صاحب، شريمد ڀڳوت گيتا ۽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺن جا

جيڪو نالو توهان جي چت کي وڻي يا جيڪو نام ستگرو ٻڌائي اُن جو ور ور صدق سان اڀياس ڪيو تہ توهان کي پرم آنند جي پراپتي ٿيندي.

١٥ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي آگري ۾ آيا، اُتي ٽي چار ڏينهن ستسنگ ڪري گواليار ۾ آيا. اُتي بہ سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ڪيو. پوڄيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ جيون ۾ سچ جي ساکي ڏيو، ڪوڙ کان ڪنارو ڪريو، سچ کي وڏي شڪتي آهي. هڪ دفعي سوراشٽر ۾ برسات ڪين پيئي. ماڻهو پاڻيءَ کانسواءِ ڏاڍا پريشان هئا. جدا جدا هنڌن تي پرارٿنا ڪئي ويئي تہ جئن برسات پوي مگر مينهن ڪين پيو. ماڻهو نراس ٿي پيا! هڪ سادو سودو انسان پرارٿنا سڀا ۾ پرماتما کي وينتي ڪرڻ لڳو 'پريوا جيڪڏهن مان تور جو ڪٽيو ڪين ڪاڏو آهي تہ برسات وساءِ' ان پرارٿنا ڪرڻ سان هڪدم آسمان ۾ بادل ڇانئجي ويا ۽ برسات پوڻ لڳي. لوڪ اچرج ۾ پئجي ويا تہ هن ساڌارڻ ماڻهو جي عرضي پرماتما قبول ڪئي! اِهو اُن شخص جي سچائيءَ جو ڦل هو. صاحب سچ تي راضي ٿئي ٿو. سچ ڳالهائڻ ۽ سچ ورتائڻ سان زبان ۾ بہ طاقت رهي ٿي. تور جو ڪٽيو ڪاٽڻ ٺيڪ نہ آهي. پريميوا توهان ويچار ۾ چاهي وهنوار ۾ جيترو سچ ڳالهائيندا، سچ جي راهہ تي هلندا اوترو توهان کي آتمڪ ٻل ملندو. ٢٥ اپريل سوامي جن سنتونگر آشرم ۾ واپس آيا.

١-٢ جون آشرم ۾ سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي. ١٠ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن سوامي جن 'گرو ڀڳتي' وشيہ تي پروچن ڏنو. بهار ۾ زبردست سوڪ اسٿتي هئي. سوڪ پيڙتن جي سهائتا ڪرڻ لاءِ پوڄنيہ سوامي جن ڀرين حڪيم دوارڪاداس ريلواڻيءَ کي بهار موڪليو. اُتي ٻوڌ گيا ۾ سنت ونوبا ڀاوي جي آشرم ۾ ڀاءُ دوارڪي سندراڻيءَ جي سهڪار سان سوڪ پيڙتن جي سهائتا جو ڪاريہ شروع ڪيو ويو. ان بعد داس کي بہ بهار موڪليو ويو. سنت راجورام (ويد پرڪاش)، ڀاءُ گرنارام، ڀاءُ تلسيداس موٽواڻيءَ کي پڻ سوامي جن شيوا ڪاريہ لاءِ گيا موڪليو. اُتي بہ صرف مانو ماتر جي شيوا پر گئو ماتائن ۽ ٻين پسن کي بہ ڪاڏو ڪارايو ويندو هو. پوڄنيہ سوامي جن پاڻ بہ ١٥ جولاءِ بهار ڏانهن روانا ٿيا. سوامي جن سان گڏ سنت سنمکلعل، شري گوبندرام ڀاٽيا، شري جيئندرام واڌوا، شري ڪنيلعل جشنمل ڀوجا ۽ ٻيا شيواڌاري پڻ ساڻ هئا. سمونيہ آشرم جي ويوسٿاپڪ پياري ڀاءُ دوارڪي سندراڻي سوامي جن جو هارڊڪ سواڳت ڪيو. سوامي جن پاڻ سوڪ ايراضين ۾ ويا ۽ ٿيندڙ شيوا ڪاريہ نظر مان ڪڍيائون. سوامي جن اُتي هفتو کن رهيا. ٢٢ جولاءِ سوامي جن ڪاشيءَ ۾ آيا. اُتي ستگرن جي آستان تي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ڪيو. اُتان سوامي جن ستنا ڪئمپ ۾ آيا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٦ آگسٽ سوامي جن سنتونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا. ١٨ آگسٽ شري جنماشٽمي اُتسو ڏاڍي اُمنگ اُتساهہ سان آشرم ۾ ملهايو ويو. پوڄنيہ سوامي جن شام جي ستسنگ ۽ رات جي ڪاريہ ڪرم ۾ ڀڳوان شري ڪرشن شيام سندر جي مهما جا منڙا ڀڄن ڳائيندي اُن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو.

ٻڌيو ’ماتا! تو پٽ چو اُڇليو.‘ اُن مائيءَ ڏڪندڙ آواز ۾ چيو، ’اسين تمام مسڪين آهيون. ڪالهه کان منهنجو ٻچڙو بکه تي آهي. خيال ڪيم ته ڪجهه ٻير پٽي ٻچڙي کي کارايان. انڪري مان ٻيرن جي وڻ کي پٿر هڻي رهي هيس. اتفاق سان ڪو پٿر اوهانکي لڳي ويو آهي. ان لاءِ مان معافي طلبگار آهيان.‘ ان مائيءَ جو جواب ٻڌي راجا رنجيت سنگهه من ۾ ويچار ڪيو ته منهنجي حڪومت ۾ هيءَ مائي بکي ۽ دکي آهي. اِهو منهنجو قصور آهي. جڏهن پٿر لڳڻ سان وڻ موٽ ۾ ٻير ڏئي ٿو، مان ته راجا آهيان. جيڪڏهن مونکي پٿر لڳو آهي ته مونکي ٻه موٽ سني ڏيڻ گهرجي. هن هڪدم سپاهين کي آديش ڏنو ته هن ماتا کي خوب کاڌي پيتي جو سامان ڏيو ۽ اُن سان گڏ ڪجهه مهرون ٻه ڏنيون وڃن، جيئن سندس ٻار ۽ پاڻ سکي زندگي گذاري سگهي، راجا جو اِهو حڪم ٻڌي سپاهي وائڙا ٿي ويا. هنن سمجهيو ته هن مائيءَ راجا کي پٿر هنيو آهي، اُن سبب راجا کيس سزا ڏيندو، پر سزا جي عيوض کيس سونيون مهرون ۽ کاڌي پيتي جو سامان ڏيڻ جو حڪم مليو. اُها ماتا راجا رنجيت سنگهه جي اُدارتا جي ساراهه ڪرڻ لڳي. راجا چاهي ها ته ڪروڌ ۾ اچي اُن مائيءَ کي سزا ڏئي ها، پر هي پيارو اُدارچت هو، هن اُن مائيءَ کي ڪميا ڪندي پاڻ مالا مال ڪيو.

١٥ فيبروري رات جو سوامي جن سنت ڏامارام جي ورسيءَ جي موقعي تي سندن آستان سنڌونگر ۴ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته سنت ڏامارام گهر گرهست ۾ رهيو، مگر سندس دل دنيوي وهنوار مان ڪٽل ٿي پيئي. هوءِ چت جي ورتي نام سان جوڙي هردوار ۾ وڃي ايڪانت ۾ ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهيو. هڪ ورڪت مهاتما بڻجي ويو. پريمي! توهان ٻه پرڀوءَ سان ورتي جوڙيو. سنساري ڪرتويه پاليندي آسڪتي نه رکو.

١۴ مارچ سوامي ليلاشاهه مهاراج جي جينتي اُتسؤ جي موقعي تي سوامي جن جي زير صدارت سنڌي سماج سميلن سڏايو ويو. سوامي جن صدارتي تقرير ڪندي چيو ته سوامي ليلاشاهه سماجڪ براين کي دور ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نه جفاڪشي ڪري رهيا آهن. اڄ ڏيتي ليتيءَ جي رسم اُگرو روپ اختيار ڪيو آهي. زوريءَ چڪي ڏيب وٺڻ پاپ آهي. ان رسم کي گهٽايو. ان مسئلي سبب ڪيتريون وڏوَر نياڻيون گهرن ۾ ويٺيون آهن. اُنهن تي رحم ڪريو.

ان موقعي تي پرنسيپال ايل. ايڇ. اجواڻي، پروفيسر بي. ايڇ. ناگراڻي، سرو شري ڦتومل ٽيڪچنداڻي، خوبچند ٻاڳيا، حڪومتراءِ ڏيالاڻي، گوبندرام ڀاٽيا، پرسرام مسند، پرسرام ڪانگريسي، داس ۽ ٻين ڪيترن سوامي ليلاشاهه مهاراج جي ڪاريه ۽ سماجڪ مسئلن تي ڳالهايو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ۽ چيٽ جو ميلو ٢٣ اپريل ١٩٦٧ کان ٢٧ اپريل امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسؤ جي سنبنڌ ۾ سوامي جن ١٥ اپريل جئپور آستان تي پهچي ويا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمري ۾ آيا ۽ ستگرو مهاراجن کي نمسڪار ڪري پرسادي ڀيٽ رکيائون. پوءِ سوامي جن منڊل جي ٻين

پوڄيہ وڌا. اُن بعد سوامي جن ساري سنگت سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. ١٠ بجي وري سنت شيواداس جي ٽڪاڻي مٺ مندر ۾ آيا. اُتي سوامي جن ڪلاڪ کن ستسنگہ ڪندي شري گرونانڪ ديو جي جيون تي روشني وڌي. ١٢- ١٣ ڊسمبر سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ پروچن ڪيو.

پوڄنيہ سوامي جن شرڌالو پريمڻ پيڻ انجنا وڇاڻيءَ جي سرڳواسي پتيءَ شري سروج ڪمار ڪمل جي ڪوتا سنگرهہ 'بوندون' جو مهورت ڪندي شاعر ڪمل کي پاوَپيني شرڌانجلي ڏني ۽ سندس فوٽي جو بہ مهورت ڪيو. داس بہ اُن موقعي تي شاعر ڪمل جي ڪوتائن تي روشني وڌي.

اِندو آئل مل جي مالڪ سيٺ پيسومل پرپداس ڪڪواڻيءَ جو من دنيوي جهنجهٽن ڏنڌي وهنوار مان اُپرام ٿي پيو. ان ڪري هي پيارو پريپورڻ گروءَ جي کوج ۾ نڪتو. هي پيارو ڪيترن ئي تيرٿ آستانن تي ويو، رٽن ڪندي ڪندي هو پنڌرپور ۾ آيو. اُتي ڀڳوان شري هري وٺل سپني ۾ ڪيس آگيا ڪئي تہ تون سنڌونگر ۾ وڃي سوامي شانتي پرڪاش مهاراج کان گرو منتر وٺ. پيارو پيسومل هڪدم سنڌونگر ۵ ۾ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن وٽ آيو ۽ ڪين دل جو احوال ونڊي سپني ۾ ڀڳوان هري وٺل جي آگيا جو ذڪر ڪندي عرض ڪيائين تہ هت آشرم ۾ رهي شيوا ڪريان. سوامي جن مشڪندي ڪيس چيو 'پيارا! توکي اهو وئراڳہ دائمي ٿيو آهي يا ٿوري وقت لاءِ؟' پياري پيسومل نماڻي نوع ۾ چيو 'سوامي جي! هاڻي اوهان داس کي نام دان ڏيو. زندگيءَ جا باقي ڏينهن اوهان جي چرنن جي شيوا ڪندس تہ دين دکين جي بہ خدمت ڪندس.' سواميجن سندس جواب تي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ ڪيس چيائون تہ تون بلاشڪ هن آشرم ۾ رهي شيوا ڪندو رهہ. سوامي جن ڪيس نام دان ڏنو.

ڪوئٽا ۾ زلزلو ٿيو. سوامي جن هڪدم ڀونڪمپ جي ستايلن جي سهايتا لاءِ حڪيم دوارڪاداس ڀاءُ گوبندرام ايل ڀاٽيہ، پروفيسر ڪنعيالعل تلريجا ۽ ٻين سيواڌارين کي ڪوئٽا موڪليو. ڪجھ ڏينهن بعد سوامي جن پاڻ بہ ڪوئٽا ويا ۽ ستايلن کي سهائتا ۽ همدردي ڏنائون.

١٢- ١٣ جنوري سوامي جن پمپريءَ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ منش کي اُدار ٿيڻ گهرجي. جيڪي ڪجھ وٽس آهي اُها پربوءَ جي امانت آهي. امانت ۾ خيانت نہ ڪري. دل جي اُدارتا، ويچارن جي اُدارتا، پئسي پدارٿ جي اُدارتا. هڪ دفعي راجا رنجيت سنگھ سپاهين سان گڏ گهوڙي تي سوار ڪيڏانهن وڃي رهيو هو. رستي تي جهنگل ۾ اوچتو راجا جي مستڪ کي هڪ پٿر لڳو ۽ سندن مستڪ وٽان رت وهڻ لڳو. پٿر ڪنهن هنيو آهي اُن جي ڳولها ڪرڻ لاءِ سپاهي چوڌاري دوڙيا. سپاهي ڏسن تہ هڪ ماتا ٻيرن جي وڻ کي پٿر هڻي رهي آهي. سپاهي هڪدم اُن مائيءَ کي راجا وٽ وٺي آيا ۽ چيائونس 'مهاراج! هن مائيءَ ئي اوهان کي پٿر هنيو آهي. آگيا ڪريو تہ هن مائيءَ کي يوڳيہ سزا ڏني وڃي.' راجا رنجيت سنگھ اُن مائيءَ کان

۾ آيا. منجهند جو ڀنڊارو پورو ٿي چڪو هو ۽ پوڄنيہ سوامي جن پنهنجي ڪمري ۾ آرام ڪري رهيا هئا. اُنهن ڀاهران آيل سنتن آشرم جي ڪنهن سنت کي چيو تہ ٻن ڏينهن کان ڪاڌو ڪين کاڌو آهي جلدي ڀوڄن ڪرايو. اُن سنت ڪين چيو تہ ڀوڄن تہ خلاص ٿي چڪو آهي، وري ڀوڄن رات جو تيار ٿيندو، هن وقت اوهان کي ڪاڌو ڪين ملندو. آيل سنتن ٿورو زور سان ڳالهايو تہ پوڄنيہ سوامي جن آشرم جي شيوا ڪندڙ سنتَ کي سڏائي پڇيو تہ ڪير آيا آهن؟ اُن شيواڌاري سنت چيو تہ ڀاهران ٻہ سنت آيل آهن ۽ اُنهن ڀوڄن گهريو. مان ڪين چيو تہ ڪاڌو خلاص ٿي ويو آهي، هاڻي ڀوڄن ڪين ملندو. سوامي جن اِهو جواب ٻڌي اُن شيواڌاريءَ کي چيو سنت روٽي ٿا گهرن ڀيو ڪجھ تہ ڪين ٿا گهرن. هڪدم ڀاڙي مان ڪنهن ماتا کي سڏي رسوئي تيار ڪرائي سنتن کي کاراءِ. اويلو ڪو سنت اڃي يا مهمان اڃي بکيو نہ رهڻ گهرجي. سوامي جن جي آگيا انوسار ڀاڙي جي هڪڙي ماتا آئي، اُن ڪاڌو تيار ڪيو ۽ ٻنهي سنتن کي پريم پوروڪ کاڌو کارايو ويو. ٻئي سنت ڀوڄن ورتائڻ کانپوءِ آسيس ڪندي چوڻ لڳا سوامي جي! توهان اسانجو پيٽ ڀريو آهي، پرماتما توهان کي ڀريندو. توهان جو يش ۽ ڪيرتي وڌندي. ائين چوندي اُهي سنت رمندا رهيا.

جيئن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا سڏانت هوندا هئا تہ آشرم ۾ ڀوڄن ۽ ڀنڊارو سدا چالو هئڻ گهرجي، پوڄنيہ سوامي جن بہ ساڳين سڏانتن تي هلندا هئا. ڪو مهمان نوازي ڪرڻ سگهي، ڪو آدار ڏيڻ سگهي تہ پوڄنيہ سوامي جن کان. آشرم جي شيواڌارين کي وقت بہ وقت آئتيءَ جي آدر ستڪاري جي سکيا ڏيندا هئا تہ هٽ جس ڪريو. وهندڙ درياہ مان ٻين کي سک ڏيو. ١٤ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

جو جن گروءُ کي شرڻ لي، سمري هرڪا نام،

تانڪو مايا نا لگي، ڪهتا ٽيئونرام.

ستگرو گيان جو داتا آهي. اُن کان آتم گيان جو اُپديش وٺي نام جو سمرڻ ڪريو، پوءِ توهان کي دنيوي دک ڪين ستائيندا. مايا روپي نانگڻ جو توهان تي ڪو اثر ڪين ٿيندو. ان ڪري پريميوا شرڌا ۽ پريم سان ستگرن جي شرڻ وٺي اُنهن کان نام دان وٺو.

نام پدارٿ نانڪ مانگي سنت جنا کي سيوا لاگي.

١٣ آگسٽ رکشا ٻنڌڻ ڏينهن ڪيترن پريمين سوامي جن کي رکڙيون ٻڌيون ۽ شام جو ستسنگ ۾ سوامي جن رکشاٻنڌڻ جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ رکڙي پريم جو ٻنڌڻ آهي. هڪ ٻئي جي دک ۾ رکشا ڪريو. ديش جي رکشا ڪريو. ديش جي رکشا ڪريو. مانوَ ماتر جي رکشا ڪريو. پکين پسن جي رکشا ڪريو، چوڌاري پريم جو واتاورڻ پيدا ڪريو.

٢٥ آگسٽ شري ڪرشن جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو.

سنتن سان مليا. ٢٢ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيہ سوامي جن سوامي گرمکداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

٢٣ اپريل صبوح جو سنگرو سوامي سرواننڊ مهاراج جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. چارئي ڏينهن منڊل جي سنتن ۽ ٻين ڪلاڪارن سنسنگ ۽ ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ٢٤-٢٥ اپريل شام جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ پرماتما کي دل جي اونهائيءَ مان پرارٿنا ڪريو. پرڀوءَ کي توهان جا ڏن پدارٿ ڪين گهرجن. پرڀوءَ کي پريم واريون دليون گهرجن. جيون ۾ ستيہ جي ساکي ڏيو. پاڻنا ۾ هڪ جوتشيءَ اڳڪٿي ڪئي تہ ايندڙ سومر ڏينهن گنگا چڙهندي ٻوڏ جو خطرو آهي. ڪيترن سنتن پنڊتن پرارٿنا سڀائون ڪيون جئن گنگا ندي نہ چڙهي. سومر جو ڏينهن آيو جل وڃي چڙهندو! چوڌاري پوڄا پاٺ ٿي رهيا هئا، پاڻنا جي پنڊتن ۽ رهواسين پنهنجا پڇ بہ ارپڻ ڪيا مگر تڏهن بہ پاڻي هيٺ نہ لٿو. هڪ مسڪين ماتا جنڊ هلائي، باسڻ ملي، لٽا ڌوئي گهر جي پالنا بہ ڪندي هئي ۽ ٿورو دان بہ ڪندي هئي. اُن ماتا پنڊتن کي چيو تہ جيڪڏهن مونکي آگيا ڪريو تہ مان گنگا ماتا کي پرارٿنا ڪريان. ڀڳوان سڀ ۾ آهي. اُن غريب ماتا دل جي اونهائيءَ سان گنگا مئيا کي پرارٿنا ڪئي مس تہ هڪدم پاڻي هيٺ ٿيندو ويو. اِهو ڪوتڪ ڏسي پنڊت، سنت ۽ ٻيا لوڪ وائڙا ٿي ويا. پريميو! ايمانداريءَ، سچائيءَ جي ڪمائيءَ جي دان جي وڏي اهميت آهي ۽ دل جي گهرائيءَ مان ڪيل پرارٿنا پريو هڪدم ٻڌي ٿو. مسڪين ماتا جي پڪار ماتا گنگا ٻڌي. توهان سچ جي ڪمائي ڪريو. دان ڪريو ۽ پرماتما کي پرارٿنا ڪريو تہ توهانجا ڏک درد دور ٿيندا.

١ مئي سوامي جن سنگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن کان موڪلائي احمدآباد ۾ آيا. اُتي سوامي اوڌوداس جن وٽ چار پنج ڏينهن ستسنگ ڪري ٧ مئي سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس وريا.

٧-٨ جون سوامي جن آشرم ۾ سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي. ان موقعي تي سائين گوپارام، ڪوي ڀالاجرام، پوڄنيہ سوامي جن، سنت ڀڳنداس ۽ ٻين سنتن ستسنگ پروچن ڪندي سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٩ جون پرڀات جو سوامي جن ورسي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو:

ٿوڙي جيون هيت تہ ڪرو نہ پاپ اجان،

ڪھ ٽيئون من جيت ڪر، پٽيہ ڪرو پرڏان

پريميو! زندگي بي بقا آهي. اهڙي امولہ جيون ڪوڙن ڪرمن ۾ برباد نہ ڪريو. من کي وس ڪري شڀ ڪرم ڪريو. نام جو سمرڻ ڪريو. ديا ڌرم پڇ دان ڪري جيون سڦل ڪريو.

آشرم جي جنهن ڪليا ۾ هن وقت سنت ديوپرڪاش رهندو آهي، اُن ڪمري ۾ پوڄنيہ سواميجن رهندا هئا. هڪ ڏينهن منڇند جو هڪڙا بہ سنت ٻاهران آشرم

هڪ ڏينهن پرڀات جو ڪي پريمي سوامي جن جي ڪمري ۾ ويٺا هئا. سوامي جن گيان گوشٽي پئي ڪئي. اُتي هڪ پريمي سلامتراءِ برجواڻيءَ سوامي جن کي چيو تہ پنهنجو سوئيٽر لاهي ڏيو تہ مان پائيندس. سواميجن هڪدم پياري سنمڪلعل کي چيو تہ هن کي ٻيو سوئيٽر ڪڍي ڏي. تڏهن شري سلامتراءِ برجواڻيءَ وري وينتي ڪئي 'سوامي جي، مونکي ٻيو سوئيٽر نہ، پر اِهو سوئيٽر جيڪو توهان جي بدن تي پيو آهي، سو لاهي ڏيو.' وينل پريمي اِهو ٻڌي دنگ رهجي ويا تہ ڏسڻو وائسڻو بيٺل شخص ڪيئن ٿو سوامي جن کان سوئيٽر گهري. پوڄنيہ سوامي جن اُن پياري جي دل رکڻ لاءِ هڪدم پنهنجو سوئيٽر لاهي اُن کي ڏنو. سلامتراءِ برجواڻي سوامي جن کان سوئيٽر وٺي ڏاڍو خوش ٿيو. سنت ڪيئن نہ ٻين کي خوش رکڻ لاءِ، ٻين جي دل وٺڻ لاءِ، پنهنجي سک سهنج جو بہ خيال نہ ڪندا آهن. جيڪڏهن ڪو دل رکڻ سکي يا دل وٺڻ سکي تہ سوامي جن کان.

٢ نومبر ڏياريءَ ڏينهن ڪي پريمي سوامي جن کي چوپڙن جي مهورت لاءِ بمبئي وٺي ويا ۽ رات جو سوامي جن آشرم ۾ واپس آيا. ٤ نومبر چنڊ ڏينهن پرڀات جو سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٣ نومبر گوپ اشٽمي اُتسو جي موقعي تي سوامي جن راڌي شيام گئوشالا ۾ گئو شيوا جي وشيہ تي پروچن ڪيو. ١٦ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو ستسنگہ بعد سواميجن سان هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ۽ سوامي تلوڪداس مهاراج پروچن ڪيو. سائين جيوڻ گهوٽ 'اڄ تہ منهنجو شيام آيو' ڌني لڳائي. ١٨ نومبر ڪارتڪ پورڻما ڏينهن صبوح جو سواميجن ڪارتڪ ڪٿا، شريمد ڀڳوت گيتا، شري گروگرنٿ صاحب ۽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ صاحبن جو ڀوڳہ وڌو. اُن بعد سوامي جن سنتن ۽ پريمين سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. رات جو سوامي جن سنڌونگر ٢ ۾ ستسنگہ ڪندي شري گرونانڪ ديو جي جيون تي روشني وڌي. ٻاءِ پهلي مل پوڄنيہ سوامي جن جي هٿان سفيد پوش ڀينرن کي چادرون ڏياريون.

١٩ نومبر پوڄنيہ سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي ميڙائڻ لاءِ پونا ويا. سوامي جن ستگرو مهاراجن کي سنڌونگر جي آشرم ۾ پڌارڄڻ لاءِ وينتي ڪئي. ٢٠ نومبر سواميجن سنڌونگر واپس آيا. ٢١ نومبر کان ٢ ڊسمبر تائين ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ستسنگہ شواجي پارڪ دادر ۾ هو. ٢٧-٢٨ نومبر سوامي جن پڻ اُتي ستگرو مهاراجن سان ملڻ ويا ۽ اُتي ستسنگہ پروچن ڪيائون. ٣٠ نومبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

٣ ڊسمبر چنڊ ڏينهن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ پڌاريا، دهلن شهنايُن سان سندن سواگت ڪيو ويو. سوامي جن شام جو ستسنگہ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو سواگت ڪندي چيو تہ اسان سڀني جا سڀاڳيہ آهن جو اڄ ستگرو سوامي سروانند مهاراج هت پڌاريا آهن. سندن اچڻ سان ئي هت ميلو شروع ٿي ويو آهي. ستگرو مهاراج اسانکي ٻارهن ڏينهن امرت پيئاريندا.

ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ اُنهن سان آيل سنتن سوامي مرليڌر ۽ سنت

٢ سيپٽمبر کان ناسڪ ۾ ڪنڀ جو ميلو آرنڀ ٿيڻو هو. ان ڪري پريم پرڪاش منڊل طرفان ناسڪ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراج چانوڻي لڳائي. پوڄنيه سوامي جن ٢٨ آگسٽ ناسڪ ۾ آيا. اُتي ستگرو سوامي سروانند مهاراج، منڊل جا سنت نت نيم ستسنگ ڪندا هئا. ستگرو مهاراج ان ڇيتر جو پڻ ارنڀ ڪيو. ڪنڀ جي ٽيهن جي ڏينهن سوامي جن هين سنتن سان گڏجي گوداوري مئيا ۾ ٽبيون ڏنيون. اُتي سوامي جن ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان گيان گوشٽيون ڪيون. ڪن ڏينهن تي سوامي جن ستسنگ پروچن پڻ ڪيو. ٤ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

پوڄنيه سوامي جن جا جهونا ساٿي سنت سوامي اوڌوداس مهاراج احمدآباد ۾ ١٢ آڪٽوبر ١٩٦٧ع پرلوڪ پڌاريا. پوڄنيه سوامي جن هڪدم احمدآباد روانا ٿيا ۽ ١٣ آڪٽوبر صبوح جو احمدآباد آشرم ۾ پهچي ويا. سوامي اوڌوداس مهاراج جو اسٿول شرير سينگاري ڏوليءَ ۾ شمشان ڀوميءَ ڏانهن کنيو ويو. سواميجن، ٻيا سنت ۽ سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. چاڻي جي موقعي تي سوامي جن هينيون ڀڄن سوز ڀريءَ سر ۾ ڳايو:

هلندا هلن ٿا يار، جيڪي هئا من جا ميلي.

١- ڏسندي ڏسندي وڃن لڏيندا، اڱڻ اباڻا وڃن ڇڏيندا،
ٿيندا وڃن ٿا ڌار، جيڪي هئا من جا ميلي...

٢- وڃڻ مهل ڀي نا موڪلايو، هڪڙو اکر ڀي نا ڳالهايو،
حڪم مڃي ٿيا تيار، جيڪي هئا من جا ميلي...

٣- حڪم هريءَ جو جبرو آهي، سگهي نه ٽنهنڪي ڪو موٽائي،
ڇڏي هليا سنسار، جيڪي هئا من جا ميلي...

٤- وڃن سڄڻ ٿا ڪري اڪيلو، کهي ٿيئون ٿئي مشڪل ميلو،
روئان تن لاءِ زار، جيڪي هئا من جا ميلي...

٢٥ آڪٽوبر سوامي اوڌوداس جي تيرهي جي موقعي تي ستگرو سوامي سروانند مهاراج، پريم پرڪاش منڊل جي ٻين سنتن، سنت اوڌوداس کي ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني. سواميجن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سنت اوڌوداس سان نئڍپڻ کان نينهن جو ناتو هو. ڪيئن نه اسان ٻنهي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان نام ورتو. گڏجي رٽن ڪيو، گڏجي ستگرو مهاراجن جي شيوا ڪئي، اِهي ڳالهيون وسرڻ جون ڪين آهن. سنت اوڌوداس سنتوشي سنت هو، سدائين ڀيو مشڪندو هو. سادگيءَ جي صورت ۽ نمرتا جي مورت هو. پريم پرڪاش منڊل روپي مالها جو املهه هيرو هو. ٢٩ آڪٽوبر سوامي جن احمدآباد جي پريمين ۽ دادي مٽريءَ کان موڪلائي. ٣٠ آڪٽوبر سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس آيا.

پوڄنيه سوامي جن جڏهن آشرم جي جهوني ڪليا ۾ رهندا هئا، تڏهن سياري ۾

کي روڪڻ لاءِ مصريءَ جي تڙ، جل يا ڏھ انگ ڳڻڻ ھڪ قسم جي رڪاوٽ پيدا ڪندا ۽ ائين ڪروڌ جھڪو ٿيندو.

۲۰ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سرواننڊ مھاراجن کان موڪلائي ڪن پريمين سان گڏجي برج ڀوميءَ ۾ آيا. اُتي سواميجن ھفتو کن رھي ۲۸ اپريل ھردوار لاءِ روانا ٿيا، سواميجن ھردوار ۾ پنڌرھن ڏينھن کن رھيا. سوامي جن گنگا مئيا ۾ خوب اِشنان پاڻي ڪيا. اُتي سواميجن سنتن جو ڀنڊارو پڻ ڪيو ۽ کين ڀيٽائون ڏنيون. اُتي سواميجن ڪن ورڪت مھاتمائن سان گيان گوشٽي ڪئي. ۱٦ مئي سوامي جن ياترا ڪري سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ واپس وريا.

۲۲ مئي ڪوي ڀلاجرام برھملين ٿيا، سندن استول شرير سندن آستان ديواليءَ ۾ آندو ويو. پوڄنيہ سوامي جن جو ڪوي ڀلاجرام سان سنڌ کان ئي سنيھ سنبنڌ ھو. سوامي جن ديوالي ڪئمپ ۾ آيا. ۲٦ مئي ڪوي ڀلاجرام جي چاڻتي جي موقعي سوامي جن شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ ڪوي ڀلاجرام سنڌ جو مھان سنت ڪوي ھو. سنڌ ۾ گھر گھر ۾ سندس ڀڄن پريم سان ڳايا ويندا ھئا. ھرھڪ سنڌي ڀڳت کي ڪوي صاحب جي واڻي ياد ھوندي ھئي ۽ اڄ بہ ڳايڪ سندس واڻي پريم سان ڳائين ٿا.

۲۸ مئي آشرم ۾ ھندو مھا سڀا طرفان ڀائي پنجورام ورما وير ساورڪر جينتي اُتسو جو آيوجن ڪيو. اُن موقعي تي سواميجن وير ساورڪر کي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ وير ساورڪر سچو راشٽر ڀڳت آھي. ديش جي آزاديءَ لاءِ سندس ڪيل قرباني، لاثاني قرباني آھي. ھي نڊر نرڀيڪ ڪرانتيڪاري ديش ڀڳت آھي اسانجي جاتيءَ ھن جو پورو قدر ڪين ڪيو آھي. سندس رڳ رڳ ۾ ھندوتو ۽ قوميت جي ڀاونا آھي. ان موقعي تي ڀائي پنجورام ورما، شري گوبندرام ڀاٽيا، پروفيسر پريتمديو ڀمناڻي، شري چاندومل پرديسي ۽ ديال 'آشا' وير ساورڪر جي ويرتا جو ورڻن ڪيو.

۵ مئي ڪوي ڀلاجرام جي تيرھي جي موقعي تي سڀني سنتن گڏجي شري نارائڻداس کي گاديءَ تي ويھاري سندس نالو سنت نارائڻ پرڪاش رکيو. پوڄنيہ سوامي جن کيس پاڪر پائيندي آسيس ڪئي ۽ ڪوي ڀلاجرام جي گڻن جي ورڻن ڪيو. ۸-۹ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي ورسي ملھائي ويئي. ان موقعي سائين گوپارام، پوڄنيہ سواميجن، ڪوي واشديو، سنت ڀڄنداس ۽ ٻين سنتن ستسنگ ڪيو. رات جو سنگيت آچاريہ ماسٽر چندر ۽ ٻين ڪلاڪارن ڀڳتن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ۱۰ جون پرڀات جو سوامي جن ورسي اُتسو جو پلئہ پاتو.

چوماسي جا چار مھنا سوامي جن آشرم ۾ ئي ستسنگ پروچن ڪندا رھيا. پرڀات جو سويل کي جگياسو سوامي جن وٽ ويچار ساگر، ويچار مالھا، ٻيا ڌارمڪ پستڪ ۽ ويدانت جا پستڪ پڙھڻ ايندا ھئا. مھاراج نارائڻداس نت نيم صبوح جو سوامي جن جي سنمکہ ويھي کي نہ کي ڌارمڪ پستڪ پڙھندو ھو تہ ڪڏھن 'ڪلياڻ' انڪ پڙھندو ھو. ڳوڙھي وشيہ تي سوامي جن چٽي سمجھاڻي ڏيندا ھئا.

هرداسرام صبوح- شام امرت ورکا ڪئي. ١٤ ڊسمبر شام جي ستسنگ ۾ پوڄنيه سوامي جن سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جا آپار مهميندي چيو ته سنگرو مهاراجن جو درشن ئي سکدائي آهي. داس تي سندن ڪيڏي نه ڪرپا آهي! هي آسٿان به سندن ئي آهي. ور ور اچي اسان کي امرت پيئارين. شيوا ۾ داس کان ڪا غلطي ٿي هجي ته ڪميا ڪن.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوءَ چيٽ جو ميلو ١١ اپريل کان ١٤ ارپريل ١٩٦٨ امراپور آسٿان تي ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن اُن اُتسو جي سنبنڌ ۾ ٧ اپريل جئپور پهچي ويا. سوامي جن پهرين سنگرو سوامي ٽيئونرام جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري سنگرو سوامي سروانند مهاراجن سان مليا. ١٠ اپريل گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي وئي. سواميڄن اُن ڏينهن ستسنگ ڪندي سوامي گرمکداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ١١ اپريل سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جهنڊو چاڙهي اُتسوءَ جو آرنڀ ڪيو. ١٣ اپريل شام جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو:

ٽيئون ڪروڌ نه ڪيجئي، من ۾ شانتي ڌار،
شانتي سي سک هوت هئه، پاپ ٽاپ پرهار.

پريميوا ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. ان مان ڪيترا نه نقصان آهن. ڀڳتيءَ ۾ چاهي وهنوار ۾ ڪروڌ باڌڪ آهي.

ڪروڌ منش کي انڌو ۽ ٻوڙو ٿو ڪري ڇڏي. ڪروڌ ڪرڻ سان شاريرڪ ۽ مانسڪ هاڃي ٿئي ٿي ۽ ڪروڌ آتمڪ راهه ۾ به رڪاوٽ آهي. جنهن مهل ڪروڌ اچي ته هڪدم پاڻي پيئجي يا درسني ڪڍي پنهنجو منهن ڏسجي يا جيڪو ڪروڌ ڪري اُن کي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻڻ گهرجن يا سندس منهن کيس درسنيءَ ۾ ڏيکارجي ته ڪروڌ ڪرڻ سبب سندس منهن ڪيئن نه ٽامڻي ٿو هٽي. هڪ مائيءَ کي ڏاڍو ڪروڌ ايندو هو. ان ڪروڌ کي دور ڪرڻ لاءِ اُها مائي هڪ مهاتما وٽ آئي. مهاتما کيس هڪ شيشي ۾ پاڻي وجهي اُن ۾ تلسيءَ جا پن وجهي کيس چيو ته هيءَ دوا اٿيئي، جنهن مهل به غصو اچيئي ته هن مان ڍڪ ڪڍي پيئندي ڪر. ائين ڪرڻ سان اُن مائيءَ جو غصو گهٽبو ويو. هڪ دفعي هڪ شخص سنت ونوبا ڀاوي وٽ ويو ۽ اچي وينتي ڪيائين ته مونکي ڪاوڙ گهٽائڻ جو اُپاءُ ٻڌايو. سنت ونوبا ڀاوي کيس چيو 'پيارا، مونکي به ننڍپڻ ۾ ڪروڌ ايندو هو. مان پاڻ سان سدائين مصريءَ جو ٽڙون کڻندو هوس. جڏهن به ڪروڌ جو ڀوت سوار ٿيندو هو ته هڪدم مصريءَ جي ٽڙ وات ۾ وجهندو هوس. اِئين ڪرڻ سان ڪروڌ گهٽبو ويو. ٻيو اُپاءُ: جڏهن به ڪروڌ اچي ته پاڻيءَ کان ٻاهر نه نڪري وڃو. دکه جي ڳالهه ٻڌو، ڪاوڙ ڏياريندڙ ڳالهه ٻڌو ته هڪدم جواب نه ڏيو هڪدم نه ڳالهايو. ڪجهه وقت ترسو. ترسڻ سان اُن ڳالهه جو اثر ويندو گهٽبو، ان ڪري غصو به ويندو گهٽبو. ڪروڌ اچڻ وقت هڪ به ٽي ڏهه انگ ڳڻيو. اِها ڪريا ڪرڻ سان به توهانجو غصو گهٽبو. ڪروڌ ڪرڻ وقت منش جي جڀ تکي هلڻ تي چاهي. اِنسان ڪجهه ڳالهائڻ ٿو چاهي، اُنهيءَ ڳالهائڻ

جو ڪاريہ آرنڀ ڪجو.

سوامي جن ستگرو مهاراجن کي مڃائڻ لاءِ ١٦ نومبر پونا روانا ٿيا. سوامي جن اُتي ستگرو مهاراجن کي وينتي ڪئي تہ هن دفعي اوهان آشرم جي نئين مندر جي نرماڻ جي پومي پوڄا پنهنجي ڪرڪملن سان ڪرايو. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پرسننا پرڪٽ ڪندي چيو تہ ستگرو مهاراج پلي ڪندا. ١٨ نومبر کان ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم دادر بمبئيءَ ۾ رکيل هو. ١٩ نومبر سوامي جن ستگرو مهاراجن سان ملڻ لاءِ بمبئيءَ ويا. سوامي جون اُتي ١٩-٢٠ نومبر ستسنگ پروچن ڪيو.

شڪروار ٢٢ نومبر ستگرو سروانند مهاراج سنڌونگر ٥ جي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ پڌاريا. دهلن ۽ شهناين سان ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو ويو. سائين پرپارام مندر کان سندن آجيان ۾ جلوس ڪڍيو ويو. شام جي ستسنگ ۾ پوجنيہ سوامي جن ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪندي چيو تہ اسان لاءِ اڄ چنڊ آهي جو ستگرو سوامي سروانند مهاراج پريم ۽ گيان جو پرڪاش کڻي اچ هت پڌاريا آهن.

٢٤ نومبر آرتوار ڏينهن صبح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن آشرم جي نئين مندر جي نرماڻ جي پومي پوڄا ڪرائي. ستگرو مهاراجن آشيرواد ڪندي چيو تہ سنت شانتي پرڪاش ۽ توهان سڀني پريمين کي ڌنيواد آهي جو توهان اُتساهہ ۽ اُمنگ سان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جهنڊو جهولائي رهيا آهيو. هي مهان پوتر ڪاريہ آهي. پرماتما ۽ ستگرو مهاراج پاٺيهي اچي پورتي ڪندا. توهان ڪيول پرشارٿ ڪريو.

ان موقعي تي سوامي جن، پوجنيہ سوامي سروانند مهاراجن ۽ منڊل جي آيل ڀين سنتن جي شڪرگذاري مڃيندي چيو تہ هي سندن ئي ڪاريہ آهي ۽ سندن ئي آسيس سان نئين مندر جو نرماڻ ٿيندو. ستگرو مهاراجن هتي چرڻ گهمايا آهن، هي اڳتي هلي تيرٿ آستان ٿيندو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ سندن منڊليءَ جا سنت سوامي مرليڌر، سنت هرداسرام ۽ ٻيا سنت صبوح شام ستسنگ ورکا ڪندا هئا. ستگرو مهاراجن جي آگمن ڪري سنڌونگر جي پنجن ئي نمبرن، ٿاڻا، ملند ۽ بمبئيءَ جا ڪيترائي پريمي آشرم ۾ ايندا هئا وڏو ميلو مچي ويو.

٥ ڊسمبر پوجنيہ سوامي جن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جا آڀار مڃيندي چيو تہ ستگرو مهاراجن جي هت رهڻ ڪري هزارين پريمين کي لاڀ پراپت ٿيو آهي. هي آستان چڻ تيرٿ آستان بڻجي پيو آهي.

تيرٿ دو پرڪار ڪا چل پن اچل پڇان،

گنگا آدڪ هئہ اچل، چل هئہ سنت سڄان.

تيرٿ ٻہ قسمن جا آهن، هڪڙا اُهي جيڪي پنهنجي آستان تي سدائين قائم آهن. مات گنگا جو آنند وٺڻو آهي، پاڻ کي پوتر ڪرڻو آهي تہ هردوار وڃڻو پوندو. هت مات گنگا ڪين ايندي. ٻيا تيرٿ آهن سچا سنت جي جدا جدا آستانن تي وڃي گيان

١٢ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن سوامي جن گرو مهما جي وشيہ تي پروچن ڏنو. سوين پريمي اُتسو ۾ شريڪ ٿيا. ١۴ جولاءِ ساڌو هيرانند جي ورسي آشرم ۾ ملهائي ويئي. سوامي جن ساڌو هيرانند جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ هن پياري سنڌ ۾ ناري جاڳرتا آندي، دکين ۽ بيمارن جي لاثاني شيوا ڪئي.

١٣ آگسٽ رکشا ٻنڌن ڏينهن سوين پريمين سواميجن کي رکڙيون ٻڌيون. شرڌا ۽ پريم سان سوامي جن جو جنمدن اُتسو ملهايو. ڪيترن ئي پريمين سواميجن کي پنهنجي پريم جي پشپانجلي ڏني.

٢۵ آگسٽ جنماشٽمي اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. شام ۽ رات جي ستسنگ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ١٨ سيپٽمبر رات جو سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي سندن آستان تي ستسنگ ڪندي سائين هرچورام صاحب جي مهما ڳائي. ٢ آڪٽوبر شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ستسنگ ڪندي مهاتما گانڌيءَ جي تياڳ ۽ تپسيا جو ورڻن ڪيو.

٢٦ آڪٽوبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسو جي سنبنڌ ۾ پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي گوالانند مهاراج جي آشرم ۾ سوامي جن ٢٦-٢٧ آڪٽوبر ستسنگ ڪندي سوامي گوالانند مهاراج جي گيان ۽ ودوتا جو ورڻن ڪيو. ٢٨ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ۵ ۾ واپس آيا. ٢٩ آڪٽوبر ڏياريءَ ڏينهن ڪي شرڌالو پريمي سوامي جن کي بمبئيءَ وٺي ويا. ۽ رات جو سوامي جن بمبئيءَ مان واپس آيا. ٣١ آڪٽوبر صبح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ٨ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ سوامي جن گئو ماتا جي اهميت تي پروچن ڏنو. ١١ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبح جو ستسنگ ڪانپوءِ سوامي جن سان سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ڳالهائيندي چيو تہ حياتي بي بقا آهي. هرڪنهن کي اڳي پوءِ هن ڀوميءَ ۾ اچڻو آهي. هت اچڻ کان اڳ توشو تيار ڪريو. شڀ ڪرم ڪريو. ١۴ نومبر شري ڪارتڪ پورڻما ڏينهن صبح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا ۽ ٻين رکيل پاٺن جو ڀوڳ وڌو. ان بعد پريمين سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني.

ڀاءُ ڀيسومل پرسداس ڪڪواڻي، ڀاءُ دولهڏنيمل تلريجا ۽ ٻين ڪيترن ئي پريمين سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ هي مندر سندر نموني ٺهرايو وڃي. سوامي جن چيو تہ پيارا، اسان ان لاءِ ڪا مايا گڏ ڪري ڪين رکي آهي. پريمين چيو تہ اوهان آگيا ڪريو ۽ آشيرواد ڪريو تہ ڪم آرنڀ ڪريون، پاڇيھي پرماتما پلي ڪندو. سوامي جن پريمين جو اُمنگ ڏسي چيو تہ ٢١ نومبر پوڄنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراج منڊليءَ سهت هت ايندا، پوءِ اُنهن کان ڀومي پوڄا ڪرائي نئين مندر جي نرماڻ جو ڪاريہ آرنڀ ڪجو.

سوامي جن ستگرو مهاراجن کي مڃائڻ لاءِ ١٦ نومبر پونا روانا ٿيا. سوامي جن اُن ستگرو مهاراجن کي وينتي ڪئي تہ هن دفعي اوهان آشرم جي نئين مندر جي نرماڻ

جوڳ اُتم آهي. هن ديھ ۾ ئي جيو، ڌرم اڌرم بابت ويچار ڪري سگهي ٿو. پاپ ڪرمن کان پاسو ڪري ست ڪرم ڪري سگهي ٿو.

اڄ سنسار ۾ سڀ ماڻهو چاهين ٿا تہ کين هر قسم جو سک ملي، پر سک تہ پڇن سان ئي پراپت ٿيندو. پاپ ڪرم جو ڦل ڪشٽ دائي آهي. اڄ پاپ ڪرڻ وارو ماڻهو بہ پاپن جي ڦل کان بچڻ جو ويچار ڪري ٿو. شڀ ڪرم جو ڦل سنو ۽ اشڀ ڪرم جو ڦل برو ڀوڳڻو ئي پوندو. جيڪي پوکيندا سو لڻندا. جيڪڏهن توهان جيون ۾ سکي رهڻ چاهيو ٿا تہ ٻين کي ڀرين سکي ڪريو. هي شرير تہ ناسونت آهي. جيو آتما نڪري وڃڻ کانپوءِ هن شرير کي جلائي ڇڏيندا. ان ڪري جيترو ٿي سگهي اوترو ٻين جو ڀلو ڪريو. ٻين کي سکي ڪريو. شاسترن ۾ لکيل آهي تہ پراُپڪار ڪرڻ بنا منش ڏکارڻ يوگيہ آهي. هاٿي مري لک جو، ماڻهو مري ڪک جو. پسن جو چمڙو بہ ماڻهن جو اُپڪار ڪري ٿو، ان ڪري پر اُپڪار نہ ڪرڻ واري منش جو جيون پسونءَ کان بہ بدتر آهي.

جڳہ ۾ ڪينا نهـــين اُپـــڪار،

پيٽ ڀرن هٽ تمني، ڪرم ڪيئي بـــدڪار.

آشا ترشنا ڪي وش هوئڪي، ڪيني پاپ آپار،

نيڪ ڪرم تمني ايڪ نہ ڪينا، پڙا لوڀ ڪي لار.

مانش تن درلڀ يھ تمني، ديئا ڀوڳن ۾ ڊار،

دين جنون ڪو سک نا ديئا، تان تي توھ ڏڪار.

ديا ڌرم بن تيرا جيون سارا هئہ بيڪار،

کهي ٽيئون اب ڀي ڪڇ ڪرلي جان تي هويہ اڌار.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ پراُپڪار جي ڪيڏي نہ مهما ڳائي آهي. پراُپڪاري منش استول شرير ڇڏڻ کانپوءِ بہ امر آهي. اڄ بہ سارو سنسار پراُپڪار جي لاءِ پنهنجي شرير جو تياڳہ ڪرڻ واري مهرشي دڌيچ، جٽايوُ پکي، راجا شبي، گئو رکشا لاءِ پنهنجو جيون ڏيڻ واري مهاراجا دليپ ۽ ٻين ڪيترن اُپڪاري شخص جون گؤرو گاٿائون ڳائي رهيو آهي.

پريميوا توهان بہ هن جيون ۾ پراُپڪار جا ڪاريہ ڪري جيون سڦل ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ڪيترا نہ لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ ڪيا. سندن گادي نشين ستگرو سوامي سروانند مهاراج پڻ ڪيترا نہ اُپڪار جا ڪاريہ ڪري رهيا آهن. توهان بہ پرماتما جي ڏني مان ٻين جي ڀلائي ڪندا رهو.

ڪنڀ جي ميلي جي سماپتيءَ کانپوءِ سوامي جن، ستگرو سوامي سرواننداَ مهاراجن سان گڏجي اندور ۾ آيا. اُتي هفتو کن رهي سوامي جن، ستگرو مهاراجن کان موڪلائي ٢٠ مئي سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا.

جي گنگا پرواهت ڪري هزارن جيون جو ڪلياڻ ڪن ٿا. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن هت اسانکي گيان ڏيئي نهال ڪيو آهي. شيوا ڪندي جي داس ڪان يا شيواڌارين کان ڪا ڀل چوڪ ٿي هجي تہ داس کي ڪميا ڪن.

۲۱ جنوري ۱۹۶۹ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ورسي آشرم ۾ ملهائي ويئي. پوڄنيہ سوامي جن شهيد کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ نڊر نؤجوان هيمون ڪالاڻيءَ ديش جي آزاديءَ جي هون ڪنڊ ۾ پنهنجي جيون جي آهوتي ڏيئي نہ صرف پنهنجي ماتا جي ڪک سڦل ڪئي، پر سڄي سنڌي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪيو.

۲۳ جنوريءَ ڀاءُ پرسرام مسند سوامي جن کي نيتاجي هاءِ اسڪول ۾ وٺي ويا، جتي سڀاش چندر بوس جو جينتي اُتسو آيوجت ڪيو ويو. سوامي جن اُتي صدارتي تقرير ڪندي سڀاش چندر بوس جي قرباني ۽ ويرتا جو ذڪر ڪيو ۽ چيو تہ اڄ ڀارت کي اهڙن ديش ڀڳتن جي سخت ضرورت آهي.

۲۶ جنوري شام جو ستسنگ ڪندي سوامي جن پرجاوادي ڏينهن جي اهميت ٻڌائيندي چيو تہ هر ڀارتواسيءَ کي ڀارت سان وفادار رهي آزاديءَ جي سرڪشا ڪرڻ گهرجي.

۱۳-۱۴ فيبروري سوامي جن ڪرلا ۾ شوراتري اُتسو جو سنبنڌ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. هوليءَ جي ڏينهن شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ڀڳت پرهلاد جي پريرڻادائڪ گهٽنائن جو ورڻن ڪندي چيو تہ ڀڳت پرهلاد جيان توهان بہ رام کي نہ وساريو.

۱ اپريل ۱۹۶۹ کان اُڄين ۾ ڪنڀ جو ميلو آرنڀ ٿيڻو هو. ان ڪري پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسو ۽ چيٽ جو ميلو پڻ اُڄين ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسو جي سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ۲۸ مارچ اُڄين ۾ پهچي ويا. منڊل طرفان اُتي ڇانوڻي ۽ منڊپ لڳايو ويو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج پڻ ۲۹ مارچ اُتي پڌاريا. ۳۱ مارچ سوامي سروانند مهاراجن وارشڪ اُتسو جو آرنڀ ڪيو ۽ منڊل طرفان ان ڇيتر ۾ شروع ڪيو ويو.

منڊل طرفان لڳايل منڊپ ۾ روز صبوح ۽ شام پوڄنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي چندنرام، سوامي جيون مڪت، سوامي سويم پرڪاش، سوامي مرليڌر، سنت ڀڃنداس، سنت هرداسرام ۽ ٻيا سنت ستسنگ ڪندا هئا. سوامي جن ٻين سنتن سان گڏجي ۱۳ اپريل ويساکيءَ جي ڏينهن خاص ڪنڀ جي ٽٻي ڏني.

سوامي جن ڪنڀ جي ميلي تي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن ۽ جوڳين سان مليا. اُتي هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

تن من ڌن وچ پران سي ڪرنا پراُپڪار،
ائسا پٽيہ نہ اؤر ڪو ليئون اس سنسار.

پريميو! تن من ڌن وچن سان ٻين جو ڀلو ڪريو. پراُپڪار جهڙو ٻيو ڪو ڀڄ ڪين آهي، منش جيون ۾ ئي پراُپڪار جا ڪم ڪري سگهجن ٿا. سڀني جوڻين ۾ منش جي

وڏو. اُن بعد سيني سنتن ۽ پريمين سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. اُن ڪانپوءِ سوامي جن سوامي شيواداس جي آستان مٺ مندر تي ويا. اُتي سوامي جن ڪلاڪ ڪن ستسنگ ڪيو. رات جو سوامي جن سنڌونگر ۲ ۾ ستسنگ ڪيو. شري پهليمل ڪڪريجا پوڄنيه سوامي جن دوران گهرجائو ڀينرن کي شولاپوري ٽوال ڏياريا. ۲٦ نومبر سواميڄن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي سنڌونگر آشرم ۾ ستسنگ جي ڪاريه ڪرم رکڻ لاءِ مڃائڻ پونا ويا. ۲۸ نومبر کان ستگرو سوامي سروانند مهاراجن دادر بمبئيءَ ۾ ستسنگ يگيه جو آرنڀ ڪيو. ۴-۵ ڊسمبر سوامي جن دادر بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪيو.

۱۰ ڊسمبر گرووار چند ڏينهن پوڄنيه ستگرو سوامي سروانند مهاراج سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ پڌاريا. شام جي ستسنگ ۾ سواميڄن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو سواگت ڪندي چيو:

سنت ملي ستسنگ ملي منگتا اوُر مهمان،

تلسي پاپه اُديه ڪي يي چار نشاني جان.

پريميوا اسان سيني جا سؤڀاڳيه آهن جو اڄ ستگرو مهاراج منڊليءَ سهت هت پڌاريا آهن. اُنهن جي صدقي ٻين شهرن مان سڄڻ به آيا آهن. ستگرو مهاراج ۽ ٻيا سنت صبوح شام پنهنجي ستسنگ دوارا نام جو امرت پيئاريندا.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج پنهنجي منڊليءَ سهت ۲۴ ڊسمبر تائين صبوح ۽ شام جو ستسنگ پروچن جي ورکا ڪندا رهيا. ۲۴ ڊسمبر شام جي ستسنگ ۾ پوڄنيه سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جا آڀاس مڃيندي چيو:

ستگرو پوُرن پائيا هويا ڪارج راس،

ڪهه ٽيئون منگل پيا ٽوُٽي جم کي ڦاس.

پوڄنيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پريپورڻ گرو هئا، جن اسان کي شري ستنام ساکيءَ جو منتر ڏيئي اڌياتمڪ مارگ ۾ اڳتي وڌايو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج به اُنهن جا ئي روپ آهن. جن جي درشن ڪرڻ سان ئي آنند پراپت ٿئي ٿو. سندن نالو ئي آهي سيني کي آنند ڏيندڙ. سندن هت رهڻ ڪري ڪيڏا نه ميلا مچي ويا آهن. دل ته ائين چاهي ٿي ته ستگرو مهاراج هتي ئي رهيا پيا هجن. شيوا ۾ داس کان ڪا غلطي ٿي هجي ته داس کي ڪميا ڪن.

۲۸ ڊسمبر آشرم ۾ راشٽر پتا مهاتما گانڌيءَ جي جنمشتابدي اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن سنڌونگر- امبرناٿ ۽ ڪلياڻ شهر جي هريجن پائرن ڀينرن جي پوڄن جو آيوجن ڪيو. پنڌرهن سوَ کن هريجن پائر، ڀينر ۽ شهر جا معزز شخص سماروهه ۾ سملت ٿيا. ان موقعي تي سوامي جن مهاتما گانڌيءَ جي جيون ۽ سڌانتن تي روشني وجهندي چيو ته اسين سڀ هڪ آهيون هڪ ئي پرماتما جي سنتان آهيون، انڪري ڇوڌاري ڀائپي ۽ پريم جو واتاورڻ پيدا ڪريون ۽ مهاتما گانڌيءَ جي آدرشن تي عمل ڪريون. ۱۰ جنوري ۱۹۷۰ هالاڻي دربار جا مهنت سنت بابا گوبندداس گهر ويني ڪين درشن ڏيئي ڪرتارٿ

٦-٧ جون آشرم ۾ سَتگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. پوجنيه سوامي جن، سنت گوپارام صاحب، پنڊت سيتلداس ۽ سنت پڇنداس ستسنگ ورکا ڪندي سَتگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورنن ڪيو.

١٧ جولاءِ گروپورڻما جو اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوَن پريمين سنگرن جي پوڄا اُپاسنا ڪئي. پوجنيه سوامي جن 'سَتگروءَ جي ضرورت' وشيه تي پروچن ڪيو.

١٦ آگسٽ رکشابنڌن ڏينهن پوجنيه سوامي جن جو جنم دن اُتسوُ نيو ايرا هاءِ اسڪول سنڌونگر ٣ ۾ وڏي اُتساهه ۽ اُمنگ سان ملهايو ويو.

٢٥ سيپٽمبر رات جو پوجنيه سواميجن، سائين هرچورام صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي سندن آستان تي ستسنگ ڪندي چيو ته سائين هرچورام صاحب ڪيترن ئي دکين جا دکه دور ڪيا، سوالين جا سوال پورا ڪيا. ڪين ڀڳتيءَ جي شڪتي هئي، پر ڏيکاري بنهه ڪين ڏيندا هئا. ڌنڌو وهنوار ڪندي ساڌارڻ لوڪن جيان ورتندا هئا، پر سندن زبان ۾ سڌي هئي.

٢٠ آڪٽوبر دسهڙي ڏينهن شام جو پوجنيه سوامي جن جي زير صدارت دسهڙو اُتسوُ دسهڙا ميدان تي ملهايو ويو.

٤ نومبر پوجنيه سوامي جن، سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ سوامي رامڪرشن جي آستان تي پونا ۾ آيا. اُتي سوامي جن ٤-٥ نومبر ستسنگ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراج جي جيون تي روشني وڌي. ٦ نومبر واپس سنڌونگر ۾ آيا. ٨ نومبر ڏياريءَ ڏينهن صبوح جو سويل ڪي پريمي سوامي جن کي بمبئيءَ وٺي ويا. اُتي سوامي جن کان پنهنجن نون چوپڙن جي پوڄا ڪرايائون. رات جو سواميجن آشرم ۾ واپس آيا. ١٠ نومبر چنڊ ڏينهن صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٨ نومبر گوپ اشٽميءَ جي ڏينهن شام جو سوامي جن راڌي شيام گئوشالا ۾ گئو شيوا جي وشيه تي پروچن ڪندي چيو ته گانين جي شيوا اُتم شيوا آهي. ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ گئو ماتائن جي شيوا ڪئي. ڀڳوان کي پاڻ کان وڌيڪ گانيون پياريون هيون. توهان به شرڌا سان گئو ماتائن جي شيوا ڪريو. ٢١ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن سواميجن صبوح جو ستسنگ ڪانپوءِ شاهي جلوس سان گڏ شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. ڀائو پرسرام مسند شمشان ڀوميءَ جي ڪاريه جي رپورٽ پيش ڪندي چيو ته نئين هال ٺهرائڻ لاءِ پئسن جي ضرورت آهي.

سوامي جن شمشان ڀوميءَ جي ڪاريه لاءِ پنج هزار روپيا دان ڏيندي ٻين پريمين کي پڻ دان ڪرڻ لاءِ همٿائيندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن دان ڪرڻ جي وڌيڪ اهميت آهي. اڄ رات جو جاڳي شري ڪرشن جو نام اُچاريو.

٢٤ نومبر شري گرونانڪ ديو جي جنم ڏينهن صبوح جو سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا، شريمد ڀڳوت گيتا، شري گرنٿ صاحب ۽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺن جو ڀوڳ

سيوا سي ميوا ملي، يھ لوڪ اُڪتي وکيات.

پريميوا سنتن ستپرشن، سنگرن، ودوانن، گيانين، دکين دريدرن، مسڪينن محتاجن جي خدمت اھڙي لگن سان ڪريو جئن پنھنجا اڌڪار پراپت ڪرڻ لاءِ پرشارٿ ڪندا آھيو. نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪريو. چاھيندي نہ چاھيندي توھان کي ڪنھن نہ ڪنھن وقت ان شيوا جو ڦل اوس ملندو. ڪنھن جو بہ ڪيو اجايو ڪين ٿو وڃي. نت نيم ستسنگ ۽ شيوا ڪريو. ھت ستگرو سوامي سروانند مھاراج ۽ ٻيا سنت توھان کي نام جو امرت پيئارين ٿا. ستسنگ دواران ٽنھي قسمن جا ڏک دور ٿين ٿا.

ساڌ سنگ سنسار ۾ درلڀ منش شرير،
ستسنگ سون مٽت ھئہ تربڌ تاپ ڪي پيڙ.۱

امولڪ مانش جيون ستسنگ ۽ شيوا ۾ سڦل ڪريو.

۲۷ اپريل سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مھاراجن ڪان موڪلائي اجمير ۾ آيا. اُتي سواميجن سنت ماڌوداس جي آستان تي ٽي چار ڏينھن ستسنگ ڪيو. سواميجن اُتي سنت بابا گوبندداس جن وٽ ويا ۽ اُنھن سان روح رھاڻ ڪيائون.

۲ مئي سوامي جن احمدآباد ۾ آيا. اُتي سوامي جن سوامي ٽيئونرام مندر امباواڙيءَ ۾ چار ڏينھن ستسنگ ڪيو. ۷ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٦-۷ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي ورسي ملھائي ويندي. سائين گوپارام، ڀائي خانورام، سنت ڀڄنداس، سنت راجورام ۽ سنت سنمڪلعل ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي جيون تي روشني وڌي. ۸ جون صبوح جو ورسي اُتسو جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سواميجن چيو تہ:

جھان سمت تھان سمپت نانا،
جھان ڪمت تھان وپت نڌانا.

پريميوا پلئہ پائيندي پرماتما ۽ ستگرو مھاراجن ڪان سمت جو دان گھرون. جتي سمت آھي اُتي ئي سک سمپتي ايندي. جنھن جي من ۾ ڪمتي آھي، اُن کي ڏک ڀوڳڻا پوندا. ڪمتي آفتن کي آڻي ٿي. ان ڪري ور ور پربوءَ کي پرارٿنا ڪريون تہ پربوا اسان سڀني کي شبڌي ڏيا شمتي ڏي. شبڌيءَ وارو منش، نام جپي ٿو، ست ڪرم ڪري ٿو.

ستگر مجھڪو دان دي پريم ڀڪت وشواس،
ڪھ ٽيئون نت سمت دي سنتن مانھن نواس.

۲۰-۲۱ جون سوامي جن ڪرلا ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۹ جولاءِ گرو پورڻما ڏينھن سوامي جن ستگروءَ جي مھما ڳائيندي چيو:

ستگرو ٻڌ کي نئن ۾ ڌاري انجن گيان،
ڪھ ٽيئون نہ پرم ھر، دکلاوي ڀڳوان.

ڪيو آهي. بابا گوبندداس پهچنيڪ سنت آهن. هن وقت سندن مکيه آستان اجمير ۾ آهي. برڌ اوستا هوندي به ڪيڏا نه رتن ڪري پريمين کي نام جو دان پيا ڏين. سوامي جن ان موقعي تي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

آيا گهر ۾ ساڌو، پرميشور پيارا

١- گهمن ٺاهي ٽولا، ڪڍن پرم پولا،

هٽي گيان گولا، ڀڄن ڪوٽ ڀارا- آيا گهر...

٢- پائن جاني پيرا، وسن اُهي ويڙها،

متا رهن ميڙا، ست ٿي ڏينهن سارا- آيا گهر...

٣- آهن ڀاڳه شالي، سندن منهن ۾ لالي،

ڇڏين ڪنهن نه خالي، پريل تن پندار- آيا گهر...

٤- ڪهي ٽيئون سوامي، هيٺن جا ٿي حامي،

ڪيان مان نمامي، ڪشٽن ڪٽڻ هارا- آيا گهر...

سنت بابا گوبندداس پوجنيه سوامي جن کي قرب ڀريو ڀاڪر پائيندي ۽ سنگت کي آشيرواد ڪندي چيو ته پيارا، نام کي نه وساريو. اُٿندي ويهندي نام اُچاريو. ١٥ فيبروري سنت ڏامارام جي ورسي اُتسو جي سنبنڌ ۾ رات جو سوامي جن سندن آستان سنڌونگر ٤ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته سنت ڏامارام گهر گرهست ۾ رهيو، پر سندس چت جي ورتي دنيوي ڳالهين ۾ ڪين لڳي. ڪيئن نه هي پيارو هردوار ۾ وڃي ڀڳوت ڀڄن ڪري ٿو. مؤن ورت ڌارڻ ڪري ٿو ۽ گرهستيءَ مان سنت ٿي پوي ٿو. پوءِ ته سوين سندس در تان مرادون پڄائي ويندا هئا. ڀاءُ ڪيشوداس سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي. ٢٥ مارچ چيٽي چنڊ ڏينهن ڀائي آتم پرڪاش جي ورسي سندن آستان پوائي چونڪ سنڌونگر ٤ ۾ سنت گرداسرام ملهائي. رات جو اُن اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته منهنجو سوڀاڳيه هو جو جو پيرڀوٽ ۾ ڀائي آتم پرڪاش جن جي ٽڪاڻي ۾ ڪيترائي ڀيرا ستسنگ ڪيم. سال به سال سندن آستان تي ويندو هوس هن سنت مان مون ڪافي ڪجهه پرايو. مهمان نوازي ڪو ڪرڻ سکي ته سنت آتم پرڪاش کان. پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ١٩ اپريل کان امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوجنيه سوامي جن اُن اُتسؤ سنبنڌ ۾ ١٢ اپريل جئپور ۾ آيا. سواميڄن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمري ۾ ويا. ڪين پرڻام ڪري پرسادي پيٽ رکيائون. ان ڪانپوءِ سوامي جن ٻين سنتن سان مليا. ١٨ اپريل سوامي گرمکداس مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن سوامي گرمکداس مهاراج جي گڻن جو ورنن ڪيو. ديش وديش مان سوين پريمي هن اُتسؤ ۾ شريڪ ٿيا. ٢٠ اپريل سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

سيوا ڪر اڌڪار سم، ياد راکه يه بات،

٢٦ سيپٽمبر شهيد پريم رامچنداڻيءَ جو شهيدي ڏينهن آشرم ۾ پوڄنيه سوامي جن جي زير صدرت ملهايو ويو. هن موقعي تي شهيد جي پتا شري رامسنگهه رامچنداڻيءَ کي پڻ آشرم ۾ گهرايو ويو. شروع ۾ ديال 'آشا' شهيد پريم رامچنداڻيءَ تي لکيل ڪوتا ڳائي. تنهن بعد سوامي جن شهيد کي شردانجلي ڏيندي چيو تہ شري رامسنگهه رامچنداڻيءَ ڌنيہ آهي. جنهن پريم جهڙي وير پتر کي جنم ڏنو، جنهن ديش جي آزاديءَ جي سرڪشا لاءِ دشمنن جي نڪ ۾ دم آڻي پراڻن جي آهوتي ڏني.

٥ آڪٽوبر سوامي جن سنت اوڌوداس مهاراج جي ورسي سنبنڌ ۾ احمدآباد روانا ٿيا. اُتي سوامي جن سنت اوڌوداس جن جي آستان تي ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي سنت اوڌوداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

ڊاڪٽر پرمانند جو پوٽو ڊاڪٽر بنسيڌر هوتچند بدلاڻي سوامي جن جي چرنن ۾ ويهي اپياس ڪرڻ لاءِ ٻڙودي مان اچي آشرم ۾ رهيو. هي پيارو نت نيم سوامي جن جي نرديشن ۾ پستڪن جو اپياس بہ ڪندو هو تہ بيمارن جي شيوا بہ ڪندو هو.

سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سواميجن ٢٤ آڪٽوبر پونا ۾ سوامي رامڪرشن جي آشرم ۾ ويا. اُتي سوامي جن سوامي جن ٢٤-٢٥ آڪٽوبر ستسنگ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراج جي ڳوڙهي واڻيءَ جي وياکيا ڪئي. ٢٦ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا. ٢٨ آڪٽوبر ڏياريءَ ڏينهن ڪي پريمي سوامي جن کي بمبئيءَ چوپڙن جي مهورت لاءِ وٺي ويا، رات جو سوامي جن آشرم ۾ واپس آيا. ٣٠ آڪٽوبر چنڊ ڏينهن پريات جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ٧ نومبر گوپ اشٽمي اُتسؤ راڌي شيام گئوشالا ۾ ملهايو ويو. مئنيجر شري گرنيمل گلاڻي گئوشالا جي رپورٽ پيش ڪئي ۽ سيڪرٽري شري نينديرام ٺهلرام سوامي جن ۽ ٻين سنتن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميجن گئوشيوا جي وشيہ تي پروچن ڪيو. ١٠ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگ ڪانپوءِ سوامي جن شمشان ڀوميءَ ۾ پروچن ڪيو. ١٣ نومبر شري گرونانڪ ديو جي جنمدن ڏينهن صبوح جو سيني رکيل پاٺن جا ڀوڳہ وڌا. سواميجن سنگت سان گڏجي آشرم ۽ گئوشالا کي پرڪرما ڏني. رات جو سواميجن سنڌونگر ٢ ۾ ستسنگ ڪيو ۽ پوءِ سردار راجلسنگهه بنيجا دواران آيوجت اُتسو ۾ ستسنگ ڪندي شري گرونانڪ ديو جي مهما ڳائي.

١٥ نومبر سوامي جن سنگرو سوامي سروانند مهاراجن کي مڃائڻ لاءِ پونا ويا. ١٧ نومبر کان ٢٩ نومبر تائين سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم، دادر بمبئيءَ ۾ رکيل هو. ٢١-٢٢ نومبر سوامي جن اُتي سنگرو مهاراجن سان گڏجي ستسنگ ڪيو.

٣٠ نومبر سومر چنڊ ڏينهن صبوح جو ١٠ بجي سنگرو سوامي سروانند مهاراج منڊليءَ سميت پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ٥ ۾ پڌاريا. سوامي جن سنگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن جو سواگت ڪيو.

ٻارهن ئي ڏينهن صبوح- شام سنگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي بسنتڙام،

پريميوا اسانجي اکين ۾ اگيان جو، سنسن ڀرمن جو ڌنڌ آهي، اُن ڪري ساکي سوَروپ جو درشن ڪري ڪين ٿا سگهون. جڏهن ڪو ڪامل گرو ملي ٿو تڏهن اُهو اسانجي ٻڌيءَ روپي نيترن ۾ گيان جو سرمو پائي ٿو. تڏهن ئي سنسن ڀرمن روپي ڌنڌ دور ٿي وڃي ٿو ۽ اسين ڀڳوان جو دويه درشن ڪري سگهون ٿا.

شواجي مهاراج کي ڪيئن نه هڪ دفعي دماغ ۾ هوا چڙهي وڃي ٿي ته سندس راڄ ۾ سندس پرشارٿ سان ڪيترين جايون جڙي رهيون آهن، ان ڪري سوين مزورن کي روزگار ملي رهيو آهي، نه ته ته اُهي مزور شايد بک ۾ ڀاهه ٿين! شواجي مهاراج جو گرو سنت رامداس پنهنجي شش شواجي مهاراج جو اِهو اهنڪار دور ڪرڻ لاءِ کيس شهر جي ٻاهر وٺي وڃي ٿو، جتي پٿرن جون ڇپون پيئون آهن. اُتي سنت رامداس شواجي مهاراج کي سهج ڇوي ٿو 'پيارا! مزور کي گهرائي هن پٿر کي ته ڀڃائج.' شواجي مهاراج جڏّن پٿر کي ڀڃائڻ شروع ڪيو ته پاسي کان هڪ ڏيڏر ٽپا ڏيندو ٻاهر نڪتو. اُن وقت سنت رامداس شواجي مهاراج جو اهنڪار ڀڃڻ لاءِ کيس چيو 'شواجي! ڇا ڏيڏر جي پالنا به هت تو ٿي ڪئي؟ هن ڏيڏر کي ڪنهن ٿي هت جهنگل ۾ پاليو؟' شواجي مهاراج گروءَ جي اِشاري کي سمجهي ويو ۽ هڪدم سندس ڪمل چرنن تي ڪري پيو. سندس اهنڪار جو پردو پري ٿيو. پريميوا سچو گرو شش جي اگيان جو پردو پري ڪري کيس آتم گيان ڏيئي ساکي سوروپ جو درشن ڪرائي ٿو.

٢٠ آگسٽ پوجنيه سوامي جن جو جنمدن اُتساهه ۽ اُمنگه سان آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هون يگيه ڪري نياڻين کي کارايو ويو. شام جي ستسنگه ۾ سوين شرڌالو شريڪ ٿيا. شروع ۾ ديال 'آشا' سوامي جن جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته پوجنيه سوامي جن مهان ڪرم يوگي سنت آهن. اسانجو سوڀاڳيه آهي جو سندن ويجهو رهون ٿا. ان بعد پروفيسر رام پنجواڻيءَ چونڪي ڏيندي چيو ته سوامي جن پريم ۽ ديا جي مورتي آهن. سيني کي ڪيڏو نه پيار ڏين ٿا. شري گوبندرام ايل. ڀاٽيا، ڀائو پرسرام مسند، ڀاءُ پرسرام ڪانگريسي، شري چاندومل پرديسي، شري هيرالعل سينداساڻي ۽ ٻين سوامي جن جي جيون تي روشني وڌي.

پوجنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته توهان داس جي جيڪا مهما ڳائي آهي، اِها مهما سنگرو مهاراجن جي آهي. سنگت ۾ صاحب آهي. انڪري توهان به داس کي آسبس ڪندا ته نام جپيندو رهان، نام جپائيندو رهان ۽ وڏيڪ شيوا ڪندو رهان.

٢ سيپٽمبر جنماشٽمي اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. شام جو ستسنگه ۾ سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي چيو ته شري راڌا جي رڳه رڳه ۾ شري ڪرشن هو. هوءَ ڪيڏي نه پيار سان شري ڪرشن کي پڪاريندي هئي ۽ ڀڳوان شري ڪرشن به کيس ڪيڏو نه ڀائيندو هو، پريميوا توهان به سک ۽ شرڌا سان ڀڳوان شري ڪرشن کي پڪاريو، سندس نام اُچاريو. چيتنيه مهاپرڀوءَ جيان شري ڪرشن! شري ڪرشن! پڪاريندي تلين ٿي وڃو.

پريميوا پريات جو اُتي نام جپيو. ڏينهن ڪاڏي پيتي ڏنڏي وهنوار ۾ گذري وڃي ٿو ۽ رات ننڊون ڪندي گذري وڃي ٿي. هيرن جواهرن کان ملهائتي منش ديهه ڪوڏين ۽ ڪچ جهڙن پدارٿن لاءِ وئرٿ نه وڃايو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج به پنهنجي ٻاڻيءَ دواران سڄاڳ ڪندي چون ٿا:

مانش تن ڪو پائڪي، ڪيئا نه سندر ڪاج،
ٽيئون گنوايا پاپ ۾، توهه نه آئي لاج.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سوَن ستلن کي اگيان ۽ موهه جي نند مان سڄاڳ ڪري نام دان ڏنو. توهان سندن اُتسو ۾ آيا آهيو ته ستگرن کان نام دان وٺي خوب نام جپيو. ڏنڏا ڌاڙيون ڪندي، گهر گرهست ۾ رهندي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. مانش جيون جي سارٿڪتا ئي ڀڳوت ڀڄن ۾ آهي.

چوراسي لک جوُن ۾، ڦر پائي درلڀ ديهه،
ڪهه ٽيئون هر ڀڄن سي، سڦلي ڪرو ايهه.

٢٠ اپريل سواميڄن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان موڪلائي اجمير ۾ آيا. اُتي چار ڏينهن سوامي بسنترام جن جي آستان تي ۽ چار ڏينهن آدرش نگر سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي ستسنگ ڪيائون. ٣٠ اپريل سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ١-٢ جون سوامي جن آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسوُ ملهايو. چوماسي جا چار مهنا سوامي جن آشرم ۾ ئي رهيا. نت نيم پريات جو سوامي جن ڪن جگيا سن کي ويچار ساگر، ويچار مالها ۽ ٻيا ڌارمڪ ويدانت جا پستڪ پاڙهيندا هئا. ان بعد ڀاءُ پريداس واڌوا، ڀاءُ ڪشنچند، پنڊت بسنترام جو لکيل 'ڪرشٽاين' ڪرشن ڪاويه پڙهندا هئا ۽ پوڄنيه سوامي جن اُن جي چٽيءَ طرح وياکيا ڪندا هئا.

١٧ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن صبوح جو سوَن شرڌالن سواميڄن کان آسيس ورتي. سوامي جن پروچن ڪندي چيو:

ستگر کي ڪرپا بنا ڪب چت شانت نه هوءِ،
ڪهه ٽيئون گر شرن لي، وگهن نه لاڳي ڪوءِ.

پريميوا ايشور ۽ ستگرن جي آسيس ڪانسواءِ چت کي شانتي پراپت ڪين ٿيندي. ان ڪري ڪنهن نه ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺڻ گهرجي، جو آتم گيان ڏيئي اپيه بڻائي. جڏهن آتم گيان جي اُپلبڌي ٿيندي ته ڪوبه ڪشٽ ڪليش ڪين ستائيندو.

١٩ آگسٽ رڪشابنڌن ڏينهن پوڄنيه سوامي جن جو جنمدن اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. ڪيترن ئي پريمين سوامي جن کي پشپ مالهائون پيٽ ڪندي پشپانجلي ارپت ڪئي. ٣٠ آگسٽ جنماشٽمي اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ١٥-١٦ آڪٽوبر سوامي جن پونا ۾ سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسو جي سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو.

سوامي ماڌوداس، سوامي جيون مڪت، پوڄنيه سوامي جن، سوامي چندنرام، پنڊت سيتلداس، سنت پڇنداس، سوامي چيتن پرڪاش، سوامي مرليڌر، سنت هرداسرام، سوامي روي پرڪاش ۽ ٻيا سنت ستسنگ ورڪا ڪندا رهيا.

١٢ ڊسمبر شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ سيني آيل سنتن جا آڀار مڃيندي چيو ته ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن ٻارهن ڏينهن سانده اسانکي امرت پيئاري اسان تي وڏو اُپڪار ڪيو آهي. ستگرو مهاراجن اسان کي ڪيڏا نه سندر هندائڻ جهڙا اُپديش ڏنا آهن. انهن اُپديشن تي جڏهن عمل ڪنداسين تڏهن ئي من کي شانتي ملندي. اسانجو وهنوار ۽ پرمارٿ ٻئي سڌرندا. ستگرن جي ڏنل اُپديش جي وڏي اهميت آهي.

لکه پير پيغمبر اولئي، لکه قاضي ملان شيخ،
ڪسي سانت نه آئيا، بن ستگر کي اُپديش.

١٨ ڊسمبر پوڄنيه سوامي جن سنت پرڀارام جي ورسي سنبنڌ ۾ احمدآباد ويا. اُتي سوامي جن سنت پرڀارام سوسائٽيءَ ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي سنت پرڀارام جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

٨ جنوري ١٩٧١ سوامي جن گانڌينگر ڪولهاپور لاءِ روانا ٿيا. ٩ جنوري صبوح جو سواميجن گانڌينگر ۾ پهتا. سوَن پريمن بئنڊ باجن سان سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن پنج ڏينهن اُتي ستسنگ پروچن ڪيو. ١٤-١٥ جنوري سوامي جن اچلڪرنجيءَ ۾، ١٥ جنوري سانگليءَ، ١٦ جنوري ميرج، ١٧-١٨ جنوري ڪراد ۾ ستسنگ ورڪا ڪري سوَن پريمين جي پياس پوري ڪئي. ١٩ جنوري سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا. ٢٦ جنوري پرجاوادي ڏينهن شام جو سوامي جن آزاديءَ جي اهميت تي ويچار ظاهر ڪيا. ١٥-١٦-١٧ فيبروري سوامي جن ڪرلا ۾ شوَراتري اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ٩ اپريل کان امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ٣ اپريل جئپور آستان تي پهچي ويا. پهرين سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ ويا. کين پرڻام ڪري پرسادي پيٽ رکيائون.

٨ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. ٩ اپريل صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. ١٠ اپريل پرڀات جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

رئڻ گوائي سوئڪي، دوس گوائيا کاءِ،
هيري جئسا جنم هئه، ڪوڏي بدلي جاءِ.

پنڊت سيتلداس، سنت هرداسرام، سنت ارجن پرڪاش، سنت نارائڻ پرڪاش، سنت پچنداس، سوامي ڪشنداس ۽ ٻيا ڪيترائي سنت مهاتمائون پڌاريا.

مورتين جي پوڄا ۽ پراڻ پرتشنا ڪئي ويئي ۽ برهم ڀوڄ جو آيوجن ڪيو ويو. شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ جو آرنڀ ڪيو ويو. سڀئي سنت واري وٽي ۽ صبوح ۽ شام ستسنگ پروچن ڪندا هئا. اُتسوَ جا اِهي ڏينهن آشرم ۾ جڻ ڪنڀ جو ميلو لڳو پيو هو.

٢٤ نومبر ستگرو سوامي سروانند مهاراج نئين وشال مندر جو مهورت ڪندي چيو تہ سنت شانتي پرڪاش ۽ پريمين کي ڌنيواد آهي، جن جي پرشارٿ سان هن نئين مندر جو نرماڻ ٿيو آهي. هتي نت نيم ستسنگ يگيہ ٿيندو رهندو جنهن مان هزارين پريمي لاڀ پراپت ڪري جيون سڦل ڪندا.

پوڄنيہ سوامي جن پياري پيسومل پريداس ڪکواڻي، پياري دولهڏنيمل تلريڄا ۽ آرڪيٽيڪٽ شري هري نڪر کي پڻ ڪيل سيوا لاءِ ڌنيواد ڏني.

٢٥ نومبر گرووار پريات جو ستگرو سوامي سروانند مهاراج اُتسوَ جو پلئہ پاتو، اُن وقت سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ ٻين آيل سنتن جا آڀار مڃيندي چيو:

سنتن چرن پڌاريا، ديا ڪري مم ڌام،

ڪھ ٿيئون پوُرن ڀئي، آج هماري ڪام.

ستگرو مهاراجن ۽ منڊل جي ٻين سنتن هن پوتر آستان تي پنهنجا چرن ڪمل گهمائي وڌيڪ پوتر ڪيو آهي. سندن آسيس سان نئين مندر جو مهورتي اُتسو سماپت ٿيو آهي. سندن ئي سنيھ ۽ سهڪار سان اُتسو سڦل ٿيو آهي. داس ستگرو مهاراجن، سيني سنتن ۽ ساري سنگت جو آڀاري آهي. شيوا ۾ شيواڌارين کان ڪا غلطي ٿي هجي تہ داس کي ڪميا ڪن. ستگرو مهاراج منڊليءَ سهت اڄا اسانکي ڏاڪو ڏينهن امرت پيئاريندا.

٥ ڊسمبر تائين پوڄنيہ ستگرو مهاراجن امرت ورکا ڪري هزارن پريمين جي پياس پوري ڪئي ۽ ٦ ڊسمبر ستگرو مهاراج روانا ٿيا.

١٢ ڊسمبر پوڄنيہ سوامي جن احمدآباد روانا ٿيا. اُتي سائين پريارام سوسائٽيءَ ۾ سوامي جن سنت پريارام جي ورسي سنبنڌ ۾ ١٣-١٤-١٥ ڊسمبر ستسنگ پروچن ڪيو.

١٥ جنوري ١٩٧٢ سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سواميڄن سوامي چندنرام جن جي مندر ۾ چار ڏينهن ستسنگ ڪيو. ١٩ جنوري سوامي جن اُرليءَ ۾ ويا. اُتي سوامي جن ١٩-٢٠ جنوري ستسنگ پروچن ڪيو.

اُتان کي پريمي سوامي جن کي ڊونڊ ۾ وٺي ويا. اُتي سوامي جن ٢١-٢٢ جنوري ستسنگ ورکا ڪئي. ٢٣ جنوري سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢٦ جنوري صبوح جو سوامي جن آشرم ۾ قومي جهنڊو چاڙهيو ۽ شام جي ستسنگ ۾ پرجاوادي ڏينهن

٢٠ آڪٽوبر سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ سوين پريمي امرت ويلي سوامي جن جي ستسنگ جو اچي لاڀ وٺندا هئا. گوپ اشٽميءَ ڏينهن شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ سوامي جن گئوشيوا جي وشيه تي پروچن ڪندي چيو ته گئو ماتا جي شيوا مان انيڪ لاڀ آهن. گئو اسانجي ماتا سکن جي داتا آهي. ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن سوامي جن سان هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن پروچن ڪندي چيو:

دو باتن ڪو ڀول مت، جو چاهئه ڪلياڻ،

نارائڻ اِڪ موت ڪو، دوجي شري ڀڳوان.

پريميوا جيڪڏهن پنهنجو ڪلياڻ ڪرڻ چاهيو ٿا ته ٻه ڳالهيون دل ۾ سدائين ياد رکو. هڪڙو موت، ٻيو ڀڳوان. هر ڪنهن کي هي سنسار ڇڏڻو آهي.

جو ديسي زمين پر سو هو سي فنا.

جيڪڏهن موت ياد هوندو ته ڪڪرم کان هڪدم ڪنارو ٿيندو. هر ڪنهن کي هن ڀوميءَ ۾ اچڻو آهي. کهڙي به سندر ڪايا هجي، هتي جلي خاڪ ٿيندي. ٻيو هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪريو. جنهن کي پرڀو ياد سو سدائين آباد. انڪري واليءَ کي نه وساريو.

ڪارتڪ پورڻما ڏينهن صبوح جو سوامي جن سيني رکيل پاٺن جو ڀوڳ وڌو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن گرونانڪ ديو مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. ٤ نومبر سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي ملاڻ لاءِ پونا ويا.

٢٠ نومبر سومر چنڊ ڏينهن صبوح جو ١٠ بجي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي آمد تي سنڌونگر ٥ ۾ سنت پرڀارام مندر کان دهلن شهناين سان جلوس ڪڍيو ويو. پهرين سواميجن ستگرو مهاراجن ۽ ٻين آيل سنتن کي پشپ مالهائون ڀيٽ ڪيون. سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ آيا.

آشرم ۾ پهچڻ سان سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ ٻاهران آيل سيني سنتن جو سواگت ڪندي چيو ته اڄ اسان سيني جا سڀاڳيه آهن جو ستگرو مهاراج منڊليءَ سهت هت نئين مندر جي اُدگهاٽن اُتسو لاءِ پڌاريا آهن. پرماتما جي اسيم ڪرپا، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سروانند مهاراجن، سيني سنتن مهاتمائن جي آسيس ۽ شڀ منگل اِڇائن ۽ پريمين جي سهڪار سان هي سندر ڀويه مندر جڙي راس ٿيو آهي. ان جو اُدگهاٽن ٢٢ نومبر ستگرو سوامي سروانند مهاراج پنهنجي ڪرڪملن سان ڪندا.

مندر جي هن پهرئين وارشڪ اُتسوَ ۾ پريم پرڪاش منڊل جا ٻيا سنت سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي گٽيشانند، سوامي چندنرام، سوامي سويم پرڪاش، سوامي حئه پرڪاش، سوامي جيون مڪت، سوامي ڌرمداس، سوامي مرليڌر، سوامي رامڪرشن،

نکر. تڏهن چيڏر جي پتني اڌ ساڙهي ڀري ڀڳت ڀيپا وٽ آئي. ڀڳت ڀيپا کي جڏهن ان گهٽنا جي خبر پيئي تڏهن هوُ وسميہ ۾ پئجي ويو ۽ واپس ورڻ تي هن ڀڳت چيڏر کي ڪجهه اَن ڏن موڪليو. ڀڳت چيڏر ڀڳت ڀيپا وٽان آيل اَن ڏن جلدي اُپڪار جي ڪارين ۾ لڳائي ڇڏيو. سچا ڀڳت پاڻ وٽ ڪجهه ڪين رکن. جيڪي ڪين ملي سو ٻين جي ڀلي ۾ خرچ ڪري ڇڏين.

پريميو! توهان پڻ انهن سنتن جي جيون مان ڪجهه هنڌايو. سنت پاڻ کي ڏکيو رکي بہ ٻين کي سکي رکن ٿا، توهان بہ پنهنجو پئسو پدارٿ، عقل علم ٻين ۾ ونڊيو ورهايو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪريو.

٨ اپريل پوڄنيہ سوامي ستگرو سوامي سروانند مهاراج ڪان موڪلائي دهليءَ ۾ آيا. اُتي سوامي جن ٨ اپريل رات جو سنت گرداسرام جي آستان ڪيشوَ ڪٽير ۾ بابا ڪيشوداس مهاراجن جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو. سواميجن ڀائي ڪيشوداس مهاراج جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو تہ سوامي ڪيشوداس پراُپڪاري سنت هئا، گئو ڀڳت هئا. سوامي جن گئوشالا برپا ڪرڻ لاءِ شاهي ڀلاٽ پئنچات کي وٺي ڏنو. سوامي ڪيشوداس سداورت هلائيندا هئا. غريب گربن وڌوائن جي شيوا ڪندا هئا. گهرجائو گهرن ۾ سيڌو لڪائي موڪليندا هئا. سندن ورتي پرماتما سان جڙيل هوندي هئي.

هڪ دفعي هڪ مسلمان ملاح جي ٻيڙي سنڌو نديءَ ۾ ڪُنِ ۾ اٽڪي پيئي. اُن ملاح جو ڀائي ڪيشوداس جن ۾ ڏاڍو اعتقاد هوندو هو. اُن ملاح دل ئي دل ۾ ڀائي ڪيشوداس جن کي ياد ڪيو تہ ٻيڙي جلدئي سلامت ڪناري تي اچي پهتي. هي صاحب پريپورڻ سنت هئا.

سنت گرداسرام پوڄنيہ سوامي جن جو آپار پردرشن ڪيو. سوامي جن چار ڏينهن پريم پرڪاش آشرم دهليءَ ۾ امرت وچنن جي ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

١٢ اپريل شام جو سوامي جن هردوار ۾ پهتا. ١٣ اپريل ويساکيءَ ڏينهن سوامي جن ڪن سنتن ۽ پريمين سان گڏجي هرجي پؤڙين وٽ گنگا مئيا ۾ ٽٻيون ڏنيون. سوامي جن هردوار ۾ پنڌرهن ڏينهن رهيا. سوامي جن اُتي سنتن جو ڀنڊارو ڪيو. ٣٠ اپريل سوامي جن امرتسر ۾ آيا. اُتي سوامي جن پريمين وٽ چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. ٧ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

٢-٣ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. ٤ جون پرڀات جو پوڄنيہ سواميجن ورسي اُتسو جو ڀلئہ پائيندي چيو:

پورب پٽيہ پرتاپ تي پائي مانش ديهہ،
ڪهہ ٽيئون هر ملن ڪا اوسر جانو ايهہ.

پريميو! پوروَ جنمن ۾ ڪيل ڪيترن پڇن جي ڦل سوَروپ هيءَ منش ديهہ پراپت ٿي آهي. اُها اجاين ڳالهين ۾ ويرٿ ڪين وڃايو. منش جوڻ ۾ ئي پريوءَ جي پراپتي

جي اهميت تي ڳالهايو. ٣٠ جنوري مهاتما گانڌيءَ جي شهيدي ڏينهن شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن مهاتما گانڌيءَ کي شرڌانجليءَ ڏني.

١٧-١٨ فيبروي سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ شوراتري اُتسؤ سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪندي ڀڳوان شنڪر جا ڪي درشٽانت ٻڌايا.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ۽ چيٽ جو ميلو ٢٨ مارچ کان ١ اپريل تائين امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسو جي سنبنڌ ۾ پوجنيہ سوامي جن ٢٤ مارچ جئپور آستان تي پهچي ويا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ مٿو ٽيڪي پوءِ سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمري ۾ آيا. کين نمسڪار ڪري حالي احوالي ٿيا. ٢٧ مارچ سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي ويئي. پوجنيہ سوامي جن اُن ڏينهن شام جو ستسنگ ڪندي سوامي گرمکداس جي ڀڳتي ڪاويہ جو ورڻن ڪيو. ٢٨ مارچ صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جهنڊو چاڙهي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. چارئي ڏينهن منڊل جي سنتن ۽ ٻين ودوانن ويدانت ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي پروچن ڏنو.

٣٠ مارچ شام جو پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ پوجنيہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پراُپڪاري جي پرتيمورتي هئا. ستگرو مهاراجن ڪيڏا نہ اُپڪار جا ڪاريہ ڪيا. توهان بہ روز ڪو نہ ڪو پراُپڪار جو ڪم ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

پر اُپڪاري پرش جي جيون سڦلا تانهن،
ڪھ ٽيئون ڏن ڏن وهي پلي آئي جگہ مانهن.

هڪ دفعي ڀڳت پيپا پنهنجي پتني سيتا سهت ڀڳت چيڏر وٽ ويو. ڀڳت چيڏر پيپا کي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. صراف ئي هيرن جو قدر ڪندا آهن. ڀڳت پيپا ۽ ڀڳت چيڏر جي پاڻ ۾ روح رهاڻ ٿي. ڪجھ وقت بعد ڀڳت چيڏر ان ڪمري ۾ وڃي پنهنجي پتنيءَ کي چيو تہ سنت پيپا آيو آهي ان لاءِ ڀوجن تيار ڪر. سندس پتنيءَ چيو تہ گهر ۾ اناج بنھ ڪين آهي. جيڪي هيو سو ڪالھ سنتن کي کارائي خلاص ڪيو اٿم، جيڪڏهن توهان کي اُن کپي تہ مان پنهنجو پيشگير لاهي توهان کي ڏيان ٿي، اُهو وڪڻي سيڌو وٺي اچو تہ پوءِ سنت پيپا کي ڀوجن ٺاهي کارايون. ڀڳت چيڏر جي پتني بہ ڀڳتياڻي ۽ سنت سيوي هئي. هن هڪدم پنهنجو پيشگير لاهي پتيءَ کي ڏنو. ڀڳت چيڏر پيشگير وڪڻي سيڌو وٺي آيو. ڀوجن تيار ڪري ڀڳت پيپا اڳيان رکيو. ڀڳت پيپا ڀڳت چيڏر جي پتنيءَ کي سڏ ڪيو، پر هوءَ پيشگير نہ هئڻ سبب اندر رنڌڻي ۾ ئي ويٺي رهي. آخر ڀڳت پيپا جي پتني کيس سڏڻ لاءِ رنڌڻي ۾ ويئي. پيپا جي پتني سيتا کيس ننگن ڏسي اچرج ۾ پيئي ۽ ڪانئس پڇيائين تہ تو پنهنجو وستر ڪيڏانهن ڪيو آهي. تڏهن اُن کيس احوال ٻڌايو تہ ڪاڌو تيار ڪرڻ لاءِ هن کي پنهنجي شرير جو وستر وڪڻڻو پيو. ڀڳت پيپا جي پتنيءَ کيس پنهنجي ساڙهيءَ جو اڌ ٽڪر ڦاڙي ڏنو تہ اِهو پهري ٻاهر

ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ پريات جو سوين پريمي سوامي جن جي ستسنگ جو لاڀ پراپت ڪندا هئا. ١٥ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ سواميجن گوپ اشٽمي جي مهتو بابت ڳالهايو. ١٨ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو سوامي جن سان سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ڳالهائيندي چيو ته ڪال جو نغارو پيو وڄي. ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن سڀني کي هت اچڻو آهي. ان ڪري ست ڪرم ڪريو. دان پن ڪريو. پڀوءَ جو سمرڻ ڪريو. اڄ ساري رات جاڳي 'جئه شري ڪرشن'، 'جئه شري ڪرشن' جو نام اُچاريو.' ٢١ نومبر سوامي جن پونا ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي ميڙڻ لاءِ ويا.

٧ ڊسمبر ١٩٧٢ گرووار چنڊ ڏينهن صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراج سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ پڌاريا. ٨ ڊسمبر صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراج جهنڊو چاڙهي نئين مندر جي ٻئين وارشڪ اُتسؤ جو آرنڀ ڪيو.

منجهند جو ٣ بجي ستگرو مهاراجن جي نيترتو ۾ شاهي جلوس نڪتو. ميلي جا چارئي ڏينهن صبوح ۽ شام ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سنت بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي چندنرام، پوڄنيه سوامي جن، سوامي رامڪرشن، سوامي مرليڌر، سنت هرداسرام ۽ سنت پڇنداس ستسنگ ورکا ڪئي. ١٢ ڊسمبر پريات جو ستگرو مهاراجن اُتسؤ جو پلئه پاتو. ان موقعي تي پوڄنيه سواميجن ستگرو مهاراجن، منڊل جي سنتن ۽ ٻين مهاتمائن جا آڀار مڃيندي چيو:

سنت سماگم هري ڪٿا، تلسي درلڀ دوءِ،
ڌن دارا اور لڪشمي، پاپي ڪوپي هوءِ.

پريميوا توهان ڏٺو آهيو جو ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن مهاتمائن جا پروچن ٻڌڻ ۽ درشن ڪرڻ جو وجهه اوهان کي مليو آهي. سنتن جو سماگم ۽ اُنهن جي مکاروند مان پڀوءَ جي ڪٿا شروڻ ڪرڻ، ٻئي امولِيه ڳالهيون اوهانکي نصيب ٿيون آهن. ڌن دولت استري ته دشٽن کي به هونديون آهن. چارئي ڏينهن هت ڪيترو نه آنند لڳو پيو آهي. اِهو سڄو شريه ستگرو مهاراجن کي ئي آهي. اڄ کي سنت روانا ٿيندا. ستگرو مهاراج نه اچا ڏهاڪو کن ڏينهن اسانکي امرت پيئاريندا. سنتن جي شيوا ۾ شيواڌارين کان ڪا غلطي ٿي هجي ته داس کي کميا ڪن.

٢١ ڊسمبر ستگرو سوامي سروانند مهاراج روانا ٿيا.

٥ جنوري ١٩٧٣ سواميجن پمپري ڪالونيءَ ۾ ويا. اُتي سواميجن ٥-٦ جنوري ستسنگ پروچن ڪيو. ٧-٨ جنوري سواميجن پونا ۾ سوامي چندنرام جي آشرم ۾ ستسنگ ڪيو. ٩ جنوري صبوح جو سوامي جن احمدنگر روانا ٿيا. اُتي سوامي جن ٩-١٠-١١ جنوري ستسنگ پروچن ڪيو. ١٢ جنوري سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢١ جنوري سوامي جن شام جو ستسنگ ڪندي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شردانجلي ڏني. ٢٣ جنوري شام جو سوامي جن نيتاجي سڀاش چندر بوس جي جينتيءَ سبب ڪيس پشپانجلي ڏني.

سميؤ آهي. اُنَ ڪري هر وقت پريوءَ ڪي ياد ڪريو. سواس سواس سان نام جپي مانش جيون سڦل ڪريو.

١٢ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن سوامي جن گروءَ جي مهما ڳائيندي چيو:

ستگر ڪي نج نام ڪا هرديه ڪر ويچار،

ڪه ٽيئون اوديا مٽي پائو موڪش دوار.

پريميو! ستگروءَ دواران ڏنل نام جو ور چنتن ڪريو، سمرڻ ڪريو ته توهان جي اندر مان اَگيان جي اونده دور ٿي ويندي ۽ گيان جو پرڪاش ٿيندو. جڏهن گيان جو پرڪاش ٿيندو تڏهن توهان موڪش پد کي پراپت ڪندا. انڪري گروءَ دواران ڏنل نام جي وڏي اهميت آهي. شرڌا ۽ پريم سان نام جپيو ۽ نام جپايو.

١٣ آگسٽ رڪشابنڌن ڏينهن پوڄنيه سوامي جن جو جنمدن جنتا جناردن پريشد طرفان آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هون يڳيه ۽ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جو هزارين پريمي اُتسو ۾ شريڪ ٿيا. سنگيت آچاريه ماسٽر چندر ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪندي سوامي جن جي گڻن جي واکاڻ ڪئي. ديال آشا پريشد جي ڪيل شيوا جو ذڪر ڪندي چيو ته پوڄنيه سوامي جن جي پريرڻا سان ئي پريشد پراڻي ماتر جي شيوا ڪري رهيو آهي. سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته توهان داس جي جيڪا ساراهه ڪئي آهي، سا ستگرو مهاراجن جي ساراهه آهي. داس کي کهڙي شڪتي! پريميو! توهان به شڀ ڪرم ڪري ختم سڦل ڪريو.

٢٨ آگسٽ جنماشٽمي اُتسؤ آشرم ۾ ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن شام جي ستسنگ ۾ ۽ رات جو ڀڳوان شري ڪرشن جي جنم وقت ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما ڳائيندي سندس ليلائن جو ورڻن ڪيو. ٢ سيپٽمبر ڀڳوان شري ڪرشن جي ڇٺي اُتسؤ جي سنبنڌ ۾ سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. ٣ سيٽمبر آشرم ۾ ڇٺ ڀڳوان شري شيام سندر جي ڇٺي ملهائي ويئي. ١٨ سيپٽمبر رات جو سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسي سنبنڌ ۾ سندن آستان تي ستسنگ ڪيو.

١٨ آڪٽوبر وجيه دشمي اُتسؤ دسهڙي ميدان سنڌونگر ٥ ۾ پوڄنيه سوامي جن جي زير صدارت ملهايو ويو. سوامي جن وجيه دشميءَ جي اهميت تي ڳالهائيندي پائو پرسرام مسند، شري پرسرام بالاڻي ۽ شري هربرام روپاڻيءَ کي اُتسؤ جي آيوجن لاءِ ڌنيواد ڏني. ٢ نومبر سوامي جن پونا ۾ سوامي رامڪرشن جي آشرم ۾ ويا. اُتي ٢-٣ نومبر سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسؤ جي سنبنڌ ۾ سوامي جن ستسنگ پروچن ڪيو ۽ ٤ نومبر سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ واپس آيا. ٥ نومبر ڏياريءَ ڏينهن کي پريمي سوامي جن کي چوپڙن جي مهورت ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ وٺي ويا ۽ رات جو وري آشرم ۾ واپس آيا.

٧ نومبر چنڊ ڏينهن صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو.

بند جي ويجهو آيو. ڏسي تہ ٻہ پرش ۽ هڪ اِستري بند جي پرسان بيٺا آهن ۽ پاڻي بند کان ڏورو هيٺ وهي رهيو آهي. اُن آفيسر شرڌا وچان اُنهن کي نمسڪار ڪيو ۽ دل ۾ ائين محسوس ڪيو تہ مندر ۾ جي ڀڳوان شري رام، شري لڪشمڻ ۽ ماتا سيتا جون پرتمائون هيون، اُهي ساڪيات روپ ۾ هن بند جو بچاءُ ڪري رهيون آهن.

ڀڳوت ڪرپا سان بند ٽٽڻ کان بچي ويو. اُن آفيسر جو پرماتما جي هستيءَ ۾ اعتقاد وڌيو. اُهو مندر تمام جهونو هو. هن آفيسر شرڌا وچان اُهو مندر نئين سر ٺهرايو.

٢٨ اپريل سوامي جن ستگرو مهاراجن کان موڪلائي ٢٩ اپريل ڪوٽا ۾ آيا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ڪيو. ٥-٦ مئي سوامي جن بونديءَ ۾ ستسنگ ڪيو. ٧ مئي سوامي جن ڪوٽا مان روانا ٿيا. ٨ مئي سوامي جن گوڌرا ۾ پهتا. اسٽيشن تي پريمين سوامي جن جو پشپ مالهائن سان سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ١٣ مئي سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

٣-٤ جون ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي آشرم ۾ ملهائي ويئي. پوجنيہ سواميجن ورسي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ ستگرو مهاراجن جي ورسيءَ مان ورسجي وڃو. سچو ورثو اٿو نام جو پدارٿ. ماياوي پدارٿن پنيان رات ڏينهن ڌڪي ڌڪي سهڪي اموليہ ديہ ويرٿ نہ وڃايو. نام جو خزانو هٿ ڪريو. سنت ڪبيرداس ٻہ چوي ٿو:

ڪبير سڀ جگ نرڌنا، ڌنونتا نهين ڪويہ،
ڌنونتا تهين جانيئي، جاڪي رام نام ڌن هويہ.

١٨ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن صبوح جو سوامي جن گروءَ جي مهما ڪندي چيو:

گرو بن پريم نہ اُپجي گرو بن جڳي نہ ڀاڳ،
ڪهہ ٽيئون تانتي سدا، گرو چرنون ۾ لاگہ.

ستگروءَ ڪانسواءِ پرڀوءَ لاءِ پريم پيدا ڪين ٿيندو. ستگرو ئي پرماتما جي ملڻ جي راهہ ٻڌائي ٿو. ستگروءَ دواران ئي منش جو نصيب کلي ٿو. انڪري هرڪنهن منش کي ڪنهن نہ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺڻ گهرجي. گرو هجي گيانوان ويدانتي، برهمنيشٺي، برهمشروتري، جو شش کي ست مارگ ٻڌائي سندس راهہ روشن ڪري.

٢٠ آگسٽ پوجنيہ سوامي جن جو جنمدن اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هوَن يگيہ ڪيو ويو ۽ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جي ستسنگ ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ، ماسٽر چندر ۽ ٻين ڪيترن ڪلاڪارن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪندي پوجنيہ سوامي جن جي جيون- ڪاريہ تي روشني وڌي. ديال 'آشا' ٻڌايو تہ سواميجن جي آسيس سان ئي جنتا جناردن پريشد شيوا جا ڪاريہ ڪري رهيو آهي. پوجنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ توهان داس جي جيڪا مهما ڪئي آهي، اِها مهما ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي آهي. پريميوا توهان ٻہ نام جپيو ۽ پراُپڪاري جا ڪاريہ ڪري مانش جيون سڦل ڪريو.

۲٦ جنوري پرجاوادي ڏينهن صبوح جو سوامي جن قومي جهنڊو چاڙهيو ۽ شام جو ستسنگ ڪندي چيو تہ اڄ ساري ديش ۾ چڙواڳي اچي ويئي آهي. اسين جوُئارو اٿو ٿي پيا آهيون. ديش جي آزاديءَ جي سرڪشا لاءِ ايڪتا جي سخت ضرورت آهي.

۱۷-۱۸ فيبروري سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ شوراتري اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو. ۳۱ مارچ صبوح جو سواميجن گواليار ۾ پڌاريا. پريمين سوامي جن جو هاردڪ سواگت ڪيو. سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ سوامي جن هفتو ڪن ستسنگ ڪيو. ۸ اپريل سوامي جن آگري ۾ آيا. اُتي سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ سوامي جن ٻہ ڏينهن ستسنگ ڪيو. ۱۱ اپريل سواميجن جئپور ۾ آيا. ١٦ اپريل کان پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ آرنڀ ٿيڻو هو.

سوامي جن امراپور آستان تي پهچڻ سان پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ اڳيان وڃي متو ٽيڪيو. اُن بعد ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمري ۾ آيا. اُتي ستگرو مهاراجن کي پرڻام ڪري حالي احوالي ٿيا. ١٦ اپريل ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو.

۱۸ اپريل شام جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج نت نيم ڪيترو وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. توهان بہ روز ڪجھ وقت دنيوي ڳالهين کان دور ٿي نام سمرڻ ڪريو. پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي. توهان جا ڪيترائي مسئلا، دکہ درد پرارٿنا دواران دور ٿي ويندا. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

پرارٿنا ڪر پريم سي ڦن پرشارٿ ٺاٺ،
ڪھ ٽيئون ان ڪي ڪيئي هووي ٿوَ ڪشلات.

جيڪڏهن اسين سچيءَ دل سان پريوءَ کي پرارٿنا ڪنداسين تہ اُها پرارٿنا اوس پريوءَ در قبول پوندي. هڪ انگريز آفيسر تي بند ٻڌائڻ جو ڪم رکيل هو. بند ٻڌائڻ جو گهڻو ڪم پورو ٿي چڪو هو. اوچتو اچي زبردست برسات پيئي. اُهو انگريز آفيسر برسات سبب منجهي پيو تہ متان بند نہ ٽڪي پوي. هن پنهنجي هڪ هندو نوڪر کي سڏ ڪري پڇيو تہ برسات زور سان وسي رهي آهي، نديءَ جي پاڻيءَ ۾ تيزي آهي، بند جو باقي ٿورو ڪم رهيل آهي، ايتري برسات سبب بند جئن نہ ٽڪي، اُن لاءِ ڪو توکي اُپاءُ سجهي ٿو؟ نوڪر وراڻيو 'سائين، هن وقت ان بند جي بچاءُ لاءِ هڪڙو ئي اُپاءُ آهي. توهان سامهون واري رام مندر ۾ وڃي ڀڳوان شري رام کي پرارٿنا ڪريو تہ بند جي رکشا ڪريو تہ بند نہ ٽڪي. اُهو انگريز آفيسر يقينو رکي ڀڳوان جي مندر ۾ آيو ۽ سچيءَ دل سان پريوءَ کي پرارٿنا ڪيائين تہ 'هي پرماتما! اهڙي ديا ڪريو جئن هن وقت بند جو بچاءُ ٿئي. هيڏي برسات ۾ ٻي ڪنهن ماڻهوءَ جو ڪم ڪين آهي جو بند جو بچاءُ ڪري.' سڄي رات تيز برسات وسندي رهي. پريات جو اُهو آفيسر

صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪلا، شري گروگرنٿ صاحب، شريمد ڀڳوت گيتا ۽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جو ڀوڳ وڌو. رات جو سواميجن جدا جدا آستانن تي شري گرونانڪ جنمدن اُتسؤ سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪندي شري گرونانڪ ديو جي جيون جون گهٽنائون ٻڌايون.

١٢ نومبر سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي مڃائڻ لاءِ پونا ويا.

٢١ نومبر پيارو دوارڪاداس واڌوا پرلوڪ پڌاريو. هي پيارو سوامي جن جو انيه ڀڳت هو. سنڌ ۾ لاڙڪن ۽ ڪوئٽيا بلوچستان کان ئي هن پياري جو سوامي جن سان سنيه سنبنڌ هو. پوجنيه سواميجن ڪيس شرڌانجلي ارپت ڪندي چيو ته پياري دوارڪاداس ۾ گرو ڀڳتي ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هئي. سنڌ ۾ چاهي هتي، هن پياري چاهي سندس پتنيءَ ديولوءَ ماءُ سنتن جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي. ڪيئن نه هن پياري اُتساهه ڏيکاري سنڌونگر ٢ ۾ سوامي ٽيئونرام ستسنگ منڊلي برپا ڪئي ۽ اُتي نت نيم ستسنگ ڪندو هو. پرماتما در پرارٿنا آهي ته هن جي آتما کي پنهنجي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي.

٢٤ نومبر سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سان ملڻ لاءِ دادر بمبئيءَ ۾ ويا ۽ شام جو اُتي ستسنگ ڪيائون.

پريم پرڪاش مندر جي چوٿين وارشڪ اُتسوَ جي اُپلکش ۾ پوجنيه ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ٢٦ نومبر ١٩٧٣ سنڌونگر ٥ ۾ پڌاريا. سندن سواگت ۾ سنت پرڀارام مندر کان جلوس ڪڍيو ويو. شام جي ستسنگ ۾ پوجنيه سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سنت بسنترام، سنت ماڌوداس، سنت چندنرام، سوامي ڌرمداس ۽ ٻين سنتن جو سواگت ڪندي چيو:

ڪبير درشن ساڌڪي صاحب آوي ياد،

يهي گهڙي ليکي لڳي، باقي ڪي دن باد.

اڄ اسان سڀني جا سوڀاڳيه آهن جو ستگرو مهاراج منڊليءَ سهت هت پڌاريا آهن. انهن سنتن جو درشن ڪري پرماتما جي يادگيري اچي ٿي. سنت پربوءَ جا عيوضي آهن. اهڙن مهان پرشن جي سنگ ۾ اسين جيڪو وقت گذاريون ٿا، اهو سميه سڦلو آهي، باقي وقت ته اجايو وڃايون ٿا. پريميوا ستگرو مهاراج هت ٻارهن ڏينهن نام جو امرت پيئاريندا. پاڻ به نت نيم اچي لاڀ حاصل ڪريو ۽ ٻاڙي اوڙي وارن کي به وٺي اچي نام جو امرت پيئو. ٢٧ نومبر منگل صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. شام جو ۴ بجي ستگرو مهاراج جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن صبوح ۽ شام ستسنگ پروچن ڪيو. ١ ڊسمبر پريات جو ستگرو سروانند مهاراجن اُتسو جو پلئه پاتو. پوجنيه سوامي جن ستگرو مهاراجن ۽ آيل سنتن جا شڪرانا مڃيندي چيو ته ستگرو مهاراجن جي آمد تي آنند ڇانئجي ويو آهي. ستگرو مهاراج اجا ڏهه- ٻارهان ڏينهن اسان کي امرت پيئاريندا.

١٥ ڊسمبر سوامي جن سنت پرڀارام صاحب جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ احمدآباد

٢ سيپٽمبر شري ڪرشن جنماشٽمي اُتسؤ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن شام جو ستسنگ ۾ ۽ رات جي اُتسو ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ٢٤ سيپٽمبر رات جو سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسو جي سنبنڌ ۾ سندن آستان تي ستسنگ ڪيو.

٢ آڪٽوبر شام جي ستسنگ ۾ سواميجن مهاتما گانڌيءَ جي جيون جا ڪي پريرڻادائڪ درشٽانت ٻڌايا. ٢٠ آڪٽوبر سواميجن سائين وسڻ شاه جي ورسيءَ جي موقعي تي سندن آستان تي ستسنگ ڪندي سائين وسڻ گهوٽ جي مهما ڳائي.

٢٢ آڪٽوبر سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ سوامي رامڪرشن جي مندر ۾ سوامي جن ٢٢-٢٣ آڪٽوبر ستسنگ ڪندي سوامي گوالانند مهاراج کي شرڌانجلي ارپت ڪئي. ٢٤ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا. ٢٥ آڪٽوبر ڪي پريمي سوامي جن کي چوپڙن جي مهورت لاءِ پونڊي ۽ بمبئيءَ ۾ وٺي ويا ۽ رات جو سوامي جن آشرم ۾ واپس آيا. ٢٧ آڪٽوبر سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ٣ نومبر گوپ اشٽمي اُتسؤ پوڄنيه سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ راڌي شيام گئوشالا ۾ ملهايو ويو. مئنيجر شري گرني مل گلاٽيءَ گئوشالا جي ڪاريه جي رپورٽ پڙهي. پياري ننديرام ٺهلرام جنرل سيڪريٽريءَ سوامي جن ۽ ٻين آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. هن موقعي تي سيٺ سداجيوتلعل چندولعل پر اُتساهت تقرير ڪندي آگرهه ڪيو ته گئو ماتا جي شيوا ڪرڻ اسانجو ڪرتويه آهي. پوڄنيه سوامي جن گئو ماتا جي گوبر ۽ گؤنت جي مهما ڪندي ٻڌايو ته اهي ڪيڏا نه لاڀڪاري آهن. ڪيترين بيمارين لاءِ علاج طور ڪم آڻي سگهجن ٿا. ڪنهن کي برا سپنا اچن ته هوُ گئوماتا جو پڇ منهن تي گهمائيندو ته ڪيس برا سپنا ڪين ايندا. ڌن سمپتيءَ جي پراپتيءَ لاءِ به گئوماتا جي شيوا ضروري آهي.

٤ نومبر مهان ڪرم يوگي سنت ليلاشاه مهاراج پالنپور ۾ برهملين ٿيا. ٥ نومبر سوامي جن ڪين شرنڌانجلي ڏيندي چيو ته سوامي ليلا شاه مهان ڪرم يوگي، ويدانتي سنت هئا. هوُ سنڌي سماج جا آڌياتمڪ سونهان هئا. سوامي جن ڪيترا نه خلق خدمت جا ڪاريه ڪيا. هوُ سدائين امر آهن، امر رهندا.

سنت مئي ڪيا روئيئي، جو اپني گره ڪو جاءِ،
روئي ساڪت ٻاپڙي، هاٿون هاٽ بڪاءِ

ديال 'آشا' ۽ ٻين ڪيترن پريمين پڻ سوامي ليلاشاه مهاراج کي شرڌانجلي ڏني.

٦ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگ کان پوءِ سوامي جن سان سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان پوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ۽ ٻين سنتن ستسنگ ڪيو. ٨ نومبر سوامي جن سنڌونگر ٣ جي سي بلاڪ ڪالونيءَ ۾ شري گرونانڪ جنم اُتسؤ سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو. ١٠ نومبر ڪارتڪ پورڻماسيءَ ڏينهن

سندن مارڳ درشن ڪيائون. پريمي کين جئہ بابا ڪري پڪاريندا هئا. تيرهين جي ڏينهن پڻ سوامي جن نج ڌام آشرم ۾ سوامي تلوڪداس مهاراج جي ڳڻن جو ورڻن ڪيو.

۳-۴ جون ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي آشرم ۾ ملهائي ويئي. سائين گوپارام، سنت کانورام ۽ ٻين سنتن ستسنگ پروچن ڪيو. سواميجن ورسي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو:

کبير درلڀ مانش جنم هئہ ملي نہ بار ۾ بار،
ترور جيون پتي جهڙي، ڀهور نہ لاڳي ڊار.

پريميو! منش جي جُوڻي امولہ جُوڻي آهي. چوراسي لک جُوڻين جي چڪر ڪاٽپوءِ ڀڳن جي پرتاپ ڪري هي منش چولو مليو ٿو. وقت وڃي پيو گذرندو. انڪري هن جيون ۾ ست ڪرم ڪريو. نام جپيو. جئن وڻن مان پن جهرندا ويندا آهن تہ وري اُهي پن وڻن جي ٽارين ۾ کين لڳندا آهن تيئن جيڪو وقت گذرندو پيو وڃي، سو وري واپس موٽي کين ايندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارين پريمين کي نام جو دان ڏيئي ڀوَ ساڳر مان پار لڳايو. توهان بہ نام کي نہ وساريو. روز شڀ ڪرم ڪري مانش جيون سڦل ڪريو.

۷ جولاءِ شام جو ٦ بجي سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ سماج شيوڪ ڀائو پرسرام مسند جو سنمان اُتسوُ پوجنيہ سواميجن جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو. پوجنيہ سوامي جن ڀائو پرسرام کي دشالو پائيندي ۽ کيس آشيرواد ڪندي چيو تہ پيارو پرسرام نشڪام سماج شيوڪ آهي. سکر سنڌ ۾ هن سندر شيوڪ سڀا برپا ڪري ڪيڏا نہ شيوا جا ڪاريہ ڪيا. ورهاڱي بعد هن پياري ساٿي سنسٿا جي دواران بيمارن دکين جي ڪافي شيوا ڪئي آهي. ٻارن جي تعليم لاءِ بہ ڀاڱ پتوڙيو آهي تہ شمشان ڀوميءَ کي ٺاهڻ لاءِ بہ ڪافي جفاڪشي ڪئي آهي. هي پيارو سد سد نماڻو آهي. برڌ اوسٿا ۾ هوندي بہ وڏيڪ ۽ وڏيڪ خلق خدمت جا ڪاريہ ڪري رهيو آهي. هن موقعي تي ڀاءُ لڇميچند روپچنداڻي، پرسرام ڪانگريسي ۽ ديال ’آشا‘ پڻ ڀائو پرسرام جي ڪرم يوڳي جيون جو ذڪر ڪيو.

۱۲ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن صبوح جو سوامي جن گروءَ جي اهميت تي پروچن ڏنو ۽ شام جو سوامي گوالانند مهاراج جي جنمدن اُتسوَ سنبنڌ ۾ سندن آشرم ۾ ستسنگ ڪيو. سوامي نارائڻداس سواميجن جو آڀار پردرشن ڪيو.

سنت جيوتي پرڪاش ۷ جولاءِ جئپور امراپور آسٿان تي برهملين ٿيو. سندس تيرهو ۲۰ جولاءِ چنچر ڏينهن سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ملهايو ويو. سنڌونگر جو ڀيڪہ منڊل ۽ ڪيترائي سنت مهاتمائون اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. پوجنيہ سواميجن ان موقعي تي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سنت جوتي پرڪاش پنهنجو وارو وڃائي ويو. کيس سنتن صوفين جي ڪيتري نہ ڀاڳي ڪنٺ هئي ۽ هي پيارو اُها ڀاڳي پنهنجي سوز ڀرئي سُر ۾ ڳائيندو هو. نت نيم آشرم ۾ ستسنگ ڪندو هو، جدا جدا شهرن ۾ وڃي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو سنديش سڻائيندو هو. شل پرماتما سندس آتما کي شانتي بخشي.

ويا اُتي سوامي جن ڪبيرنگر ۾ ۱۶-۱۷ ڊسمبر سَتسنگ پروچن ڪندي سنت پرڀارام جي گڏن جو ورڻن ڪيو. ۱۸-۱۹ ڊسمبر سوامي جن ٻڙودا ۾ سوامي ڌرمداس مهاراجن جي آستان تي ستسنگ ڪيو. ۲۰ ڊسمبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۸-۹ جنوري ۱۹۷۴ سوامي جن ڪوپري ڪالوني ٿاڻا ۾ ستسنگ ڪيو. ۱۰-۱۱ فيبروري سواميڄن ڪرلا بمبئيءَ ۾ شوراتري اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو. ۸ مارچ سوامي جن ڪوٽا راجسٿان لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ هفتو ڪن ستسنگ ڪيو. ۱۷ مارچ دهليءَ لاءِ روانا ٿيا. دهليءَ رهي اُتان سوامي جن هردوار لاءِ روانا ٿيا.

۲۵ مارچ کان هردوار ۾ ڪنڀ جو ميلو آرنڀ ٿيڻو هو، ان ڪري پوڄنيه سوامي جن ۲۰ مارچ هردوار ۾ پهچي ويا. پريم پرڪاش منڊل طرفان اُتي ڇانوڻي لڳائي ويئي. ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن اُن ڇيتر جو آرنڀ ڪيو. پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوُ پڻ ۶ اپريل کان ملهايو ويو. هزارين شرڌالو پريمي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. صبوح ۽ شام ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج ۽ منڊل جا ٻيا سنت ستسنگ پروچن ڪندا هئا.

ڪنڀ جي ميلي هلندي اچانڪ پوڄنيه سوامي جن جي طبعيت تمام ناساز ٿي پيئي. پيارو سنت سنمکلعل ۽ ڊاڪٽر بنسيڌر بدلاڻي سوامي جن جي شيوا ۾ حاضر هئا. اُن وقت ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج سواميڄن وٽ آيا ۽ کين پيار جو هٿ گهمائيندي چيائون ته تو ۾ ئي اسانجو آسون اُميدون آهن، اسانجي اِهائي اِڇا آهي ته تون جلدي نيڪ ٿيءُ. ايشور جي ڪرپا ۽ ستگرو مهاراجن جي آسيس سان پوڄنيه سوامي جن هڪدم نيڪ ٿي ويا ۽ اُتسوَ جي پلئه وقت اچي ستسنگ ۾ وينا. ستگرو سرواننڊ مهاراج کين ڏاڍو ڀانئيندا هئا. ۱۰ اپريل پرڀات جو ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن اُتسوَ جي سماپتيءَ جو پلوَ پاتو.

۱۳ اپريل ويساکيءَ ڏينهن خاص ٽٻي هئي. سواميڄن سنتن سان گڏجي گنگا مئيا ۾ ٽٻي ڏيڻ ويا. سواميڄن ڪنڀ جي ميلي تي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ اُنهن سان گيان گوشٽي ڪيائون. سواميڄن اُتي ستسنگ پروچن پڻ ڪيو. ۲ مئي سوامي جن ستگرو مهاراجن کان موڪلائي دهليءَ ۾ آيا، اُتي ٽي ڏينهن رهي ۷ مئي سنڌونگر ۾ واپس آيا.

۱۲-۱۳ مئي سوامي جن ديولاليءَ ۾ ڪوي پهلاجرام صاحب جي ورسي اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪندي ڪوي صاحب جي گڏن جو ورڻن ڪيو.

۲۶ مئي ۱۹۷۴ سوامي تلوڪداس مهاراج سورت ۾ برهملين ٿيا. سندن چاڙٿي جي موقعي تي سوامي جن کين شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سوامي تلوڪداس مهاراج سنتوشي ودوان گڻوان سنت هئا. ڪيترن سالن کان اسانجو هنن سان نينهن جو ناتو هو. سندن ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. پراُپڪاري سنت هئا، سوَن پريمين کي نام جو دان ڏيئي

اُپاڻ سبب گرم گيھ جا چنڊا سندس منھن کي لڳا. سندس منھن کي ڏاڍي جلن ٿي. هوءَ هڪدم اچي ستسنگ هال ۾ ليٽي. پريمين پوڄنيه سوامي جن کي اِها گھٽنا اچي ٻڌائي. هيڏانهن ماڻهو ڊاڪٽر ڏانهن به ڀڳو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ هال ۾ آيا ۽ ٻالڪي ڪانتا جي مٿي تي آسيس جو هٿ گھمائيندي چيائون ’گھبرائج نه، ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا.‘ ڊاڪٽر به اچي ويو. ڊاڪٽر ڪانتا کي سئي هڻئي ۽ پاڻي پيئڻ لاءِ بنھ منع ڪئي. جلن سبب ڪانتا کي مونجھ ٿيڻ لڳي. پوڄنيه سواميڄن جل پڙهي ڪيس پيئڻ لاءِ ڏنو. جل پيئڻ سان ڪانتا جي جلن به شانت ٿي ۽ مونجھ به مٽجي ويئي. ڊاڪٽر جل پيئڻ کان منع ڪئي مگر سواميڄن جي جل پيئڻ سان ڪانتا جي پيڙا دور ٿي ويئي. ستگرو مهاراجن جي ڪرپا سان سندس جليل منھن جلدي ٺيڪ ٿي ويو.

۹ نومبر سواميڄن پونا ۾ سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانا ٿيا. اُتي سواميڄن سوامي رامڪرشن جي مندر ۾ ۹-۱۰ نومبر ستسنگ ڪندي سوامي گوالانند جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ۱۱ نومبر سنڌونگر ۾ واپس آيا. ۱۲ نومبر ڏياريءَ ڏينهن ڪي پريمي سواميڄن کي چوپڙن جي مهورت لاءِ پونڊي ۽ بمبئيءَ ۾ وٺي ويا. رات جو سوامي جن واپس آيا. ۱۴ نومبر چنڊ ڏينهن سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. شام جو پنڊت جواهرلعل نهروءَ جو جنمدن ملهايو ويو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته جواهرلعل بيشڪ جواهر هو. هُو وشو شانتيءَ جو اُپاسڪ هو ۽ انترراشٽريه مهان هستي هو. ۲۱ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن صبوح جو ستسنگ ۾ چاهي شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ سوامي جن گئوماتا جي مهما ڪئي. ۲۴ نومبر ڪارڪت ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگ کان پوءِ سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا، سوامي جن سان گڏ شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي پڻ سوامي جن ۽ ٻين سنتن پروچن ڪيو. ۲۸ نومبر شري گرونانڪ جي جنمدن ڏينهن صبوح جو ۽ رات جو سوامي جن ستسنگ ڪندي شري گرونانڪ جي جيون تي پرڪاش وڌو.

۱ ڊسمبر آرتوار صبوح جو ۱۰ ٻجي جنتا جناردن پريشد جي سهاري آشرم ۾ ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو پوڄنيه سوامي جن جي زير صدارت اُتساهه ۽ اُمنگ سان ملهايو ويو. پوڄنيه دادا جشن واسواڻي هن اُتسو جا مکيه مهمان هئا. پهرين ڀيڻ رتنا واسواڻي نوري گرنٿ مان وچن ورتو. اُن بعد ديال آشا پوڄنيه سواميڄن ۽ پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ جو سواگت ڪندي ساڌو واسواڻيءَ کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني.

پوڄنيه دادا جشن واسواڻي پنهنجي دل پڄائيندڙ پروچن ۾ چيو ته اڄ مان هت سوامي جن کان آسيس وٺڻ آيو آهيان. خوشي اٿم جو توهان اڄ پياري دادا جو جنمدن اُتسوُ ملهايو آهي.

پيارو دادا مسڪينن جو متر هو، دينن جو دوست هو. پڇاڙيءَ جي ڏينهن تائين پياري داد دکين دريدرن جي شيوا ڪئي ۽ ڪرائي. سندس دل ڊوڙي ويئي اناٿن ۽ بيواهن ڏي. غريبن کي پياري پنهنجي ڇاتيءَ ڇپايو. وڌوائن جا ڳوڙها سڪايائين. پاپين ۽ گنهگارن

١٥ آگسٽ پوڄنيه سوامي جن جو جنمدن اُتسو جنتا جناردن پريشد جي سهاري آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هوَن يڳيه ڪيو ويو ۽ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جو ڪيترن ئي شرڌالن پوڄنيه سوامي جن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو:

رام نام ستيه وچن پن مڌر نه بولت جويه،
تيئون دوُجي جنم ۾ سو نر گونگا هويه.

پريميو! پرماتما اسان کي هيءُ اُتم منش ديهه ڏني آهي. اسين رسنا سان رام نام جو سمرڻ ڪريون، سچ ڳالهايون ۽ مٺو ڳالهايون. رسنا رسن وٺڻ لاءِ ڪين آهي، ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ پرائي پچر ڪرڻ لاءِ ڪين آهي. جيڪڏهن رسنا کان پورو پورو ڪم نه وٺبو ته گونگو ٿيڻو پوندو. جيڪڏهن توهين ٻئي جنم ۾ گونگا ٿيڻ چاهيو ٿا ته بلاشڪ ڪوڙ ڳالهايو، پر ڪير به ائين ڪين چاهيندو ته هوَ گونگو ٿئي. ان ڪري سدائين زبان سان نام جپيو، مٺو ڳالهايو ۽ سچ ڳالهايو.

٢٧ آگسٽ جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن شام ۽ رات جي ستسنگ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ١ سيپٽمبر ڀڳوان شري ڪرشن جي ڇٺي اُتسوُ سنبنڌ ۾ سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪيو.

٢٠ سيپٽمبر سوامي جن جالنا روانا ٿيا. اُتي سواميڄن هفتو کن ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٨ سيپٽمبر پرڀنيءَ ۾ ويا. اُتي ٻه ڏينهن ستسنگ ڪيائون. ٣٠ سيپٽمبر سوامي جن پرڀنيءَ مان ماليگانو لاءِ روانا ٿيا.

پوڄنيه سوامي جن ماليگانوَ جي ويجهو جهنگل ۾ شري هنومان مهاوير جي مندر ۾ پڌاريا، مندر جو پوڄاري سوامي جن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ سوامي جن کي چيائين ته ڀڳوان جي درشن کان سنتن جو درشن درلڀ آهي. منهنجا سؤڀاڳيه آهن جو هن جهنگل ۾ اوهان اچي داس کي درشن ڏنو آهي. مها تياڳي ڀگتراج ڀرت جڏهن ڀڳوان شري رام کي موٽائڻ لاءِ چترڪوٽ وڃي رهيو هو ته واٽ تي پرياگ ۾ ڀردواج مني ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ چيائين 'ڀرتراج! منهنجي تپسيا جو ڦل مونکي هت اِهو مليو آهي جو هت جهنگل ۾ گهر ويٺي ڀڳوان شري رام، ماتا سيتا ۽ شري لڪشمڻ جو درشن ٿيو آهي. ڀڳوان شري رام جي درشن جو ڦل وري مونکي اهو مليو آهي جو توهان جهڙي مهان تياڳيءَ جو درشن اڄ مونکي نصيب ٿيو آهي.

سوامي جن ماليگانوَ ۾ پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٥ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. پيارو سنت اشوڪ لعل ۽ ڊاڪٽر بنسيڌر بدلاڻي روز صبوح ۽ رات جو سوامي جن جي چرنن ۾ ويهي ابياس ڪندا هئا.

پيڻ ڪانتا منواڻي آشرم جي رنڌڻي ۾ ڪٺهر جي ڀاڄي تري رهي هئي ته اوچتو ڪٺهر جا ٻج گرم گيهه جي تئيءَ مان اُڏامي اچي سندس منهن کي لڳا ۽ گيهه جي

چارئي ڏينهن ستگرو مهاراجن ۽ ٻين صبوح شام پروچن ڪيو. هزارين پريمي اُتسو ۾ شريڪ ٿيا. ٨ ڊسمبر ستگرو مهاراج اُتسو جو پلئہ پاتو. اُن موقعي تي سوامي جن سندن آڀار مڃيندي چيو تہ ستگرو مهاراجن پنهنجي درشن ۽ ستسنگہ دواران هزارين اُجڙ دلين کي نام جي امرت سان آباد ڪيو آهي. پريميو! توهان بہ نام سان نينهن لڳايو. نام نہ وساريو. پوجنيہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن نام سان پريم جوڙيو تہ اڄ چوڌاري سندن ڪيرتي آهي. نام سمرڻ سان ئي منش جو سچو يش ٿئي ٿو ۽ جيون سڦل ٿئي ٿو.

نام نہ هوئي نام بن، هوت نام سي نام،

ٽانتي سمرو نام ڪو، هوئہ دسون دس نام.

اُتسو ۾ داس ڪان يا شيواڌارين ڪان شيوا ڪندي ڪا غلطي ٿي هجي تہ داس کي ڪميا ڪندا.

١٥ ڊسمبر پوجنيہ سوامي جن احمدآباد روانا ٿيا. اُتي پوجنيہ سوامي جن ١٦ ڊسمبر کان ١٨ ڊسمبر سنت پرپارام ڪالونيءَ ۾ سنت پرپارام صاحب جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ جئن ڪلپ ورکش هيٺان ويهڻ سان سڀ ڪارج سڌ ٿين ٿا تيئن ستسنگ روپي وڻ هيٺان ويهڻ سان ڪاريہ سڌي ٿئي ٿي، ارٿ ڌرم ڪام موکش چار ئي سڌ ٿين ٿا. مايا ملڻ سان يا مايوي پدارٿن ڏسڻ سان ترشنائون وڌن ٿيون ۽ من ۾ اشانتي پيدا ٿئي ٿي پر ستسنگ ڪرڻ سان ترشنائون گهٽجن ٿيو ۽ من ۾ شانتي رهي ٿي. پريميو! اُنڪري ستسنگ ڪريو. ڀڳوت چنتن ڪريو. توهان ٽئي ڏينهن هت سنت پرپارام صاحب جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ اچي ستسنگ شروع ڪيو آهي. اُن جو سچو لاڀ توهان کي تڏهن ملندو جڏهن توهان ٻڌل وچنن تي عمل ڪندا. سنت پرپارام هڪ پريوءَ سان نينهن جو ناتو جوڙيو تہ توهان اڄ هن کي ياد ڪري رهيا آهيو. توهان بہ پرماتما سان پريم جو رشتو رکو. دنيوي رشتاناتا آهن سڀ ڪوڙا سنساري رشتاناتا ڏکدائي آهن پر پريوءَ جو ناتو سکدائي آهي.

روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ٤ فيبروري ١٩٧٥ صبوح جو ١١ بجي ڪرلا بمبئيءَ ۾ پوجنيہ سوامي جن جي زير صدارت ٿيو. ڀاءُ ڪندنداس طوطلداس، ڀاءُ موهنلعل روهڙا سوامي جن جو هارڊڪ ابيننڊن ڪيو. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ ڀاڻ ۾ ميل ميلاپ ڪري هڪ ٻئي کي مٿي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. هڪ ٻئي جي ڏکہ سکہ ۾ ڀائي ڀائي ٿيو. توهان ٻين جو ڀلو ڪندا تہ پرماتما توهانجو ڀلو ڪندو.

١٠-١١ فيبروري سوامي جن ڪرلا ۾ شوراتري اُتسو جي سنبنڌ ۾ ڪپليشور مهاديو منڊل ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو.

٥ مارچ سنت هرداسرام جلگانوَ وارا آشرم ۾ پڌاريا. سواميجن سندن سواگت ڪندي چيو تہ سنت هرداسرام نماڻي مورت آهن. هوءُ پنهنجي ستگرو ڀڳت ڪنوررام صاحب وانگر ڪيترائي پراُپڪار جا ڪم ڪري رهيا آهن.

هوليءَ جا ٻارهن ڏينهن سوامي جن وڊالا برادر منڊل طرفان آيوجت منڊپ ۾ وڊالا

کي پنهنجو پيار ڏنائين. پسن ۽ پکين کي ڪاسائن جي ڪپڻ ۽ ڪاٽين کان بچايائين. ڳائين جي آرتي ڪيائين، ڪتن کي مانيون کارايائين. ٻڪرن ۽ ڪڪڙن کي پنهنجي گهر ۾ اجهو ڏنائين. پشپن ۽ پتن کي، وڻن ۽ ٻوٽن کي پيار ڏنائين. سندن جيون هئي پيار. سندس زندگي هئي شيوا ۽ بندگي. پيارا! اوهان انهن گڻن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيئي نام ڳايو، نام ڏيايو، مانش جيون سڦل بڻايو.

پوڄنيه سوامي جن پشپانجلي ڏيندي چيو ته داس حيدرآباد سنڌ ۾ ڪيترائي دفعا ساڌو واسواڻيءَ جو وياکيان ٻڌو. سندن وياکيان ۾ ڪيڏو نه تاثير هوندو هو. ساڌو واسواڻي وِدوان هئا، فيلسوف هئا، سنڌي جاتيءَ جا سونهان هئا. سادگي ۽ نمرتا جي مورت هئا. ديال آشا پوڄنيه دادا جشن واسواڻي ۽ سنگت جي شڪرادائي.

پوڄنيه ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۵ ڊسمبر مندر جي پنجين وارشڪ اُتسوَ سنبنڌ ۾ سنڌونگر ۾ پڌاريا. پوڄنيه سواميڄن ستگرو مهاراج ۽ ٻين سنتن جو سواگت ڪندي چيو ته اڄ اسانجا سوڀاڳيه آهن جو ستگرو مهاراج منڊليءَ سهت هت پڌاريا آهن. ١٦ ڊسمبر صبوح جو ستگرو مهاراج جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو ۽ شام جو ۴ بجي سندن نيترتوَ ۾ جلوس نڪتو.

ميلو شروع ٿيو. ٻئي ڏينهن پوڄنيه سوامي جن کي گانڌينگر ڪولهاپور مان هڪ پريميءَ چٺي لکي ته پرهينءَ هڪ شاديءَ اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ مجلس ٿيڻي آهي، جنهن ۾ اٽڪل چاليهه کن ٻڪرا ٻڪريون ڪهي مانس آهار ڪندا. سوامي جن اِهو احوال ٻڌي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کان هڪ ڏينهن جي موڪل وٺي اُن رات جو ئي گانڌينگر ڪولهاپور لاءِ روانا ٿيا. سواميڄن آشرم جو وارشڪ اُتسوَ ڇڏي ٻڪر ٻڪرين کي جيئدان ڏيڻ لاءِ اوجاڳو ڪري خاص تڪليف وٺي گانڌينگر ۾ صبوح جو پهچي ويا. اُتان جا پريمي عجب ۾ پئجي ويا ته سوامي جن اُتي اچانڪ ڪيئن پڌاريا آهن! سوامي جن ڪلاڪ کن کان پوءِ شاديءَ واري گهر ۾ ويا. گهر جا ڀاتي ڏاڍو گد گد ٿيا ته سواميڄن سندن شاديءَ جي شڀ موقعي تي پڌاريا آهن. سوامي جن گهر جي ڀاتين کي پنهنجي آمد کان واقف ڪندي چيو ته شادي معنيٰ خوشي. توهان خوشيءَ جي موقعي تي گگدامن کي ڪهائي رهيا آهيو. اِهو مهاپاپ آهي. مروان موت ملوڪان شڪارا انهن گگدامن تي سدائين ڪهل ڪريو. مان اُتسوَ ڇڏي خاص انهن گگدامن جي جيئدان لاءِ توهان وٽ آيو آهيان. توهان انهن تي ديا ڪندا ته پربهو توهان تي ديا ڪندو.

سوامي جن جا وچن ٻڌي گهر جي ڀاتين سواميڄن کي انجام ڏنو ته هوُ مانس آهار واري مجلس رد ڪندا ۽ آئينده به اهڙو اشڀ ڪم ڪين ڪندا. سوامي جن اُن پريوار کي آشيرواد ڪري اُن ڏينهن ئي سنڌونگر لاءِ روانا ٿيا.

صدقي مانس شراب جو واهپو بند ڪريو. پريوءَ توهان کي مايا ڏني آهي تہ ستڪرن ۾ سڦلي ڪريو ۽ دل جي تار پريوءَ سان جوڙيو.

پوڄنيہ سوامي جن جي اپيل تي وڏالا جي ڪيترن ئي پريمين جي من ۾ پريورتن اچي ويو ۽ اُنهن مانس شراب جو تياڳ ڪيو.

١٤ اپريل سوامي جن احمدآباد روانا ٿيا. اُتي سوامي جن چار پنج ڏينهن ستسنگہ ڪيو. پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسو جو ميلو ٢٥ اپريل کان امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ سنبنڌ سواميڄن ٢٠ اپريل جئپور ۾ آيا. پهرين سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري سوامي سروانند مهاراجن وٽ آيا کين پرڻام ڪري حالي احوالي ٿيا. ٢٤ اپريل سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي ويئي. شام جو ستسنگہ ڪندي سوامي جن سنت گرمکداس جي گڻن جو ذڪر ڪيو. ميلي جا چارئي ڏينهن صبوح شام ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ منڊل جي ٻين سنتن ستسنگہ پروچن ڪيو.

٢٦ اپريل شام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو:

باڌڪ هوتا هئہ نهين ڀڳتي مانهہ ويوَهار،

جنڪ پيشم پرٿو آدي نرپ ڀئي سهج پار.

گهر گرهست ۾ رهندي، سنسار وهنوار ڪندي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. نام سمرڻ ۾ وهنوار رنڊڪ ڪين آهي. راجا جنڪ، پرٿو سنسار ۾ رهندي پريوءَ جي ڀڳتي ڪئي. انهن آڌياتمڪ اُنتي ڪئي. توهان بہ دنيوي ڪم ڪاريون ڪندي روحاني راهہ ۾ اڳتي وڌو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن دواران ڏنل نام جي پونجيءَ کي وڌايو.

٥ مئي سواميڄن ستگرو مهاراجن کان موڪلائي آگري ۾ آيا. اُتي ٨ مئي تائين سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ستسنگہ ڪيائون.

٩ مئي سوامي جن گواليار ۾ آيا. اُتي سوامي جن هفتو ڪن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ ۽ ٻين هنڌ ستسنگہ پروچن ڪيو. ١٧ مئي سوامي جن کنڊوا ۾ آيا. اُتي پڻ ٢٠ مئي تائين ستسنگہ ڪيائون. ٢١ مئي سوامي جن ڪوي پهلاجرام جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ ديولاليءَ ۾ سندن آستان تي پڌاريا. اُتي سوامي جن ٻہ ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي ڪوي پهلاجرام جي گڻن جو ورڻن ڪيو. سنت نارائڻ پرڪاش سوامي جن جو آڀار مڃيو. ٢٣-٢٤ مئي سوامي جن ناسڪ جي هولارام سوسائٽيءَ ۾ ستسنگہ ڪيو. ٢٥ سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

سائين هرچورام صاحب جا گادي نشين سائين جيوڻ رام ٢٩ مئي ١٩٧٥ دهليءَ ۾ برهملين ٿيا. سندن استول شرير دهليءَ مان سنڌونگر ۾ سندن آستان تي آندو ويو. سندن چائنٽي ڏينهن ڪيترن ئي سنتن کين شرڌانجلي ڏني. ان موقعي تي پوڄنيہ سوامي جن پڻ کين شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سنت جيوڻ رام سان شاهپور پير ڳوٺ کان پريم جو ناتو هو. هن پياري شاهپور ٿلهي تي سنتن ۽ آئي-وئي جي ڪيتري نہ ٽهل ڪئي. هي

بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. ١٧ مارچ پوجنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته سمرڻ ۾ سواس سڦلا ڪريو. نام سمرڻ ۽ نشڪام ڀاونا سان ڪريو. دک درک کي دور ڪرڻ لاءِ به نام جو سهارو وٺجي پر نشڪام سمرڻ جي وڏي اهميت آهي. سنت ڪبيرداس فرمائي ٿو:

راجا راڻي راو رنک بڙا جو سمري نام

ڪهي ڪبير بڙي ۾ بڙا جو سمري نه ڪام.

راجا هجي راڻي هجي، ڏنوان هجي نرڌن هجي سڀ ڪان مهان اُهو آهي جو نام سمرڻ ڪري ٿو. جنهن نام جو خزانو هٿ ڪيو سوئي سچو شاهوڪار آهي. شري سکمني صاحب ۾ گرو ارجن ديو مهاراج فرمائين ٿا:

منزل اوکي پنڌ پـري جت جاءِ نه ميلن ڪوهن جي

اُن منزل ۾ مورک من ڪڻ تون پونجي نام جي سمرڻ جي

پريميوا نام ڌن ڪنو ڪريو جو توهان کي هن لوڪ ۽ پرلوڪ ۾ ڪم اچي.

١٨ مارچ پوجنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته ڀڳتي مارگ ۾ پرگتي ڪرڻ لاءِ ويراڳ ضروري آهي. آسڪتي ئي مايا ۾ اٽڪائيندي لٽڪائيندي پراناسٽڪي ئي مالڪ سان ملائيندي. پريميوا توهان جيڪڏهن داتار جو درشن ڪرڻ چاهيو ٿا ته مايا جي پرپنچ کان پري رهي چت جي ورتي جانب سان جوڙيو توهان کي آتمڪ آنند پراپت ٿيندو. پاڇن پنيان ڊوڙي حياتي برباد نه ڪريو. پاڇن پوئتان ڊوڙندا ته ڌڪا کائيندا. هڪ الک جي اوٽ وٺو ته توهانجا ٻيڙا ٻني لڳندا.

١٩ مارچ شام جو وڊالا بمبئيءَ ۾ پوجنيه سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته شرڌا ۽ پريم سان سمرڻ ۽ دان پڄ ڪريو. دان نشڪام ڀاونا سان ڪرڻ گهرجي. سنت ڪبيرداس کان ڪنهن ساڌڪ پڇيو ته پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟ سنت ڪبيرداس چيو:

ڪبير هر ملن کي بات سُنـي هئه دو،

اِڪ صاحب ڪا نام لي اور ڪر اونچا هو.

پريو پراپتيءَ لاءِ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ ضروري آهي ۽ ٻيو هٿ سدائين مٿي هجي، ارٿات دان پڄ ڪجي. دان ڪرڻ واري جو هٿ سدائين مٿي هوندو آهي ۽ وٺندڙ جو هٿ هيٺ هوندو آهي. پريميو توهان به سنت ڪبير جي هن سکيا جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو ته توهانکي ڀڳوت درشن اوس ٿيندو.

٢٠ مارچ سوامي جن ستسنگ ڪندي دلسوز اپيل ڪئي ته مانس شراب کان ڪنارو ڪريو. روز ڪيترا نه گگدام ڪسجن ٿا اُنهن تي ڪهل ڪريو ته پريو توهان تي ديا ڪندو. صحت جي خيال کان چاهي ڌرم جي درشٽيءَ کان مانس آهار ۽ شراب خاني خراب آهن. کي پيارا هنس هوليءَ جي ڏينهن ۾ تهائين انهن شين جو وڏيک واهيو ڪري پنهنجي ۽ پريوار جي ستياناس ڪري رهيا آهن. داس توهان کي وينتي ڪري ٿو ته پرماتما جي

بخشي.

۲۸-۲۹ آڪٽوبر سواميجن پونا ۾ سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي رامڪرشن جي آشرم ۾ ستسنگ ڪيو. ۳۰ آڪٽوبر سواميجن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ۱ نومبر ڏياريءَ ڏينهن ڪي پريمي سوامي جن کي چوپڙن جي مهورت لاءِ بمبئي وٺي ويا. چنڊ ڏينهن صبوح جو پوجنيه سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ۹ نومبر گوپ آشٽمي ڏينهن سوامي جن راڌي ڪرشن اچوڪي ڏينهن گانيون چارڻ شروع ڪيون. انڪري شرڌا ۽ پريم سان گانين جي شيوا ڪرڻ گهرجي. ۱۲ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو ستسنگ ڪانپوءِ سوين پريمي سواميجن سان گڏ جلوس ۾ رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. سوامي جن اُتي وئراڳ وارو اُپديش ڏنو. ۱۵ نومبر ڪارتڪ پورڻما ڏينهن سوامي جن رڪيل پاڻي ۽ ڪٿائن جو ڀوڳ وڌو. رات جو سوامي جن سنڌونگر ۲ ۽ سنڌونگر ۵ شري گرونانڪ ديو صاحب جي جنمدن سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪندي جيون تي روشني وڌي.

۱۸ نومبر پوجنيه ستگرو سوامي سروانند مهاراج وديش ياترا ڪري بمبئيءَ ۾ آيا. اُتي دادر ۾ منڊليءَ طرفان سندن ڀوَيه سواگت ڪيو ويو. ان موقعي تي پوجنيه سوامي جن چيو ته ستگرو مهاراج سک سان سفر ڪري اچ اسان کي هت درشن ڏنو آهي، اِهو اسانجو سؤڀاڳيه آهي. ستگرو مهاراج وديش جي جدا جدا ملڪن ۾ وڃي هزارن پيارن جي پياس پوري ڪري ڪين نام جو امرت پيئاري پريوءَ جي راهه ۾ چڪيو آهي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش سروانند مهاراجن جي اڌيڪشتا ۾ ملهايو ويو. اُتسؤ ۾ سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي چندنرام، سوامي مرليڌر، سوامي جيون مڪت، سوامي جيه پرڪاش، سوامي ڪشنداس، سوامي سويم پرڪاش، سوامي گڻيشانند، سنت ڀڄنداس ۽ ٻيا ڪيترائي سنت مهاتمائون شريڪ ٿيا.

۵ ڊسمبر ۴ بجي شام جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي اڳوانيءَ ۾ شاهي جلوس نڪتو جنهن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن رام ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جون جهانڪيون ڏيکاريل هيون. هزارين شرڌالو پريمي ست نام ساکيءَ جي ڌني لڳائيندا، نچندا ٽپندا، ستگرو مهاراجن جي جئه جئڪار ڪندا هليا.

چارئي ڏينهن صبوح ۽ شام جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورکا ڪئي. ان موقعي تي پوجنيه سواميجن ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ منڊل جي ٻين سنتن جا آڀار مڃيندي چيو ته جتي سوامي سروانند مهاراج آهن اُتي ميلا ئي ميلا لڳن ٿا. انهن مهان وڀوتين جي پڌارڄڻ ڪري هت سرڳ لهو پيو آهي. داس ته ائين ٿو چاهي ته ستگرو مهاراج هت ئي رهيا پيا هجن ته ٻارهن ئي مهنا هڙو آنند جو وايومنڊل رهي.

ستگرو سوامي سروانند مهاراجن امرت ورکا ڪندي چيو ته سنت شانتي پرڪاش پريم پرڪاش منڊل جو پيارو سنت آهي. هن پنهنجي منڙي سڀاءَ سان هزارن دلين کي وس ڪيو آهي ۽ ڪيڏا نه شيوا جا ڪم ٿو ڪري. ڀڳوان ۽ گرو مهاراجن جي مٿس آسيس رهندي جو پراُپڪار جا وڏيڪ ڪاريه ڪري منڊل جو جس وڌائيندو.

لاهوتي سنت هو، سندس پيشانيءَ ۾ تيج هوندو هو. ڪيترن ئي سوالين جا هن سوال پورا ڪيا ۽ سنت جيوڻ گهوٽ جي نالي سان پرسڌ ٿيو.

٥-٦ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن ۽ ٻين سنتن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

١٨ جولاءِ گرو پورڻما اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. ان موقعي تي سوامي جن پروچن ڪندي چيو:

گر واڻي ويد ڪي سم پڙهي سني جن جويہ
کهه ٽيئون سنشيہ هري سکہ ڪو پاوت سويہ.

ستگرن جي ٻاڻي ويدن جي ٻاڻي سمان آهي. جو منش وشواس رکي اُن ٻاڻيءَ جو ابياس ڪري ٿو، شروڻ ڪري ٿو اُن جا ڀرم سنسا نورت ٿين ٿا ۽ ڪيس آنند جي پراپتي ٿئي ٿي.

٢٠ آگسٽ پوڄنيہ سوامي جن جو جنمدن اُتسو جنتا جناردن پريشد جي سهاري آشرم ۾ ملهايو ويو. شام جو ڪيترن سنتن ۽ سماج سيوڪن سواميڄن جي پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ اڄ مان ٻالڪ آهيان، توهان ڪيڏي نہ اُتساهہ اُمنگہ سان داس جو جنمدن ملهايو آهي. داس ڪي آسيس ڪندا، سنگت ۾ سائين آهي. توهان بہ نت نيم نام ياد ڪريو. نام سمرڻ دواران توهان جا سڀ دکہ درد دور ٿيندا.

رام نام ڪي پريم ڪي پاتي پيدو هميش،
کهه ٽيئون من شانت هو ڇوٽي تاپ ڪليش.

٢ سيپٽمبر شري ڪرشن جنماشٽميءَ اُتسوُ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن شام جو ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو منو ڀڄن ڳائيندي چيو تہ ٻال اوسٿا ۾ ڀڳوان شري ڪرشن مٽي کاڌي. پريان اِهو ڏسي ماتا يشودا ڊوڙندي آئي. اچي ٻالڪ ڪرشن تي ڪاوڙ ڪندي پڇيائين تو مٽي ڇو کاڌي آهي. ٻالڪ ڀڳوان وراڻيو تہ مون مٽي ڪونہ کاڌي آهي. تنهن تي يشودا ماتا مٿس وڌيڪ ڪاوڙ ڪندي چيو تہ مونکي وات کولي ڏيکار تہ پتو پوي تہ مٽي کاڌي آهي يا نہ. ٻالڪ ڪرشن جيئن ئي وات کوليو تہ ماتا سندس مکہ ۾ ٽنهي لوڪن جو درشن ڪري وسميہ ۾ پئجي ويئي ۽ هن هڪدم نندلعل کي ڇاتيءَ سان لڳائي پيار ڏنو ۽ سوچڻ لڳي تہ جنهن کي مان پنهنجو پٽڙو ٿي سمجهان سو تہ ترلوڪيناٿ آهي. ڀڳوان جون اننت ليلائون آهن. اڄ ساري رات ويهي ڀڳوان شري ڪرشن جو نام جپيو.

١٠ آڪٽوبر سنت پورڻ پرڪاش پرلوڪ پڌاريو. سوامي جن کيس شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ هي پيارو سانت ئي سانت ۾ آشرم جي ڪيڏي نہ شيوا ڪندو هو، پنڌاري جي بہ شيوا ڪندو هو تہ باغ جي بہ سار سنڀار لهندو هو. سنتن طرفان سر پڳڙين تي بہ سنت پورڻ پرڪاش ئي ويندو هو. پرماتما در پرارٿنا آهي تہ شل سندس آتما کي پريو شانتي بخشي.

لڳي پيئي آهي. ان ڪري توهان ان رسم کي گهٽايو. سيٺن سان سڪ رکو چڪ نه ڪيو. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھ حصو دان ڪريو ۽ نام جپيو. سنتن ستپرشن جو سنگ ڪريو ته توهان کي روحاني رنگ لڳي.

ڪھ ٽيئون سنسار ۾ سنتوش ڪا ڪر سنگ،

سنتوش ڪي ستسنگ ۾ لاڳت آتم رنگ.

۱۳-۱۴ فيبروري سواميجن ڪپليشور مهاديو مندر ڪرلا بمبئيءَ ۾ شوراتري اُتسؤ سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو.

۴ مارچ کان ۱٦ مارچ تائين سوامي جن وڊالا بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. سوامي جن جدا جدا وشين تي پروچن ڪندي سنگت کي اپيل ڪئي ته مانس شراب کان ڪنارو ڪريو. ڌارمڪ درشٽيءَ کان چاهي سواستيه جي خيال کان چاهي سماجڪ لحاظ کان اِهي شيون تمام هاجيڪارڪ آهن. گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

جي رت لڳيءَ ڪپڙي، جاما هوءِ پليت،

سو رت پيوي ماڻسا تن ڪئه نرمل چيت.

جنهن رت جي لڳڻ سان پوشاڪ پليت ٿئي ٿي، اُن رت مانس جي آهار سان منش جو چت نرمل ڪيئن ٿيندو؛ جهڙو ان کائبو تهڙو من ٿيندو. اُنهن کاڌن کائڻ ڪري چت جي ورتي پڳوت پڇن ۾ ڪين لڳندي. ان ڪري انهن شين جو سدا لاءِ تياڳ ڪريو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ۽ چيٽ جو ميلو ۱۳ اپريل ۱۹۷٦ کان ۱۷ اپريل امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوجنيه سوامي جن ۷ اپريل امراپور آستان تي آيا. سوامي جن پهرين پوجنيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي مٿو ٽيڪي ستگرو سوامي سراونند مهاراجن جي ڪمري ۾ آيا. سندن چرنن ۾ پرساد رکي ڪين پرڻام ڪيائون. ستگرو مهاراجن سوامي جن کان خوش پرسنتا جو احوال ورتو. پوءِ سوامي جن منڊل جي ٻين سنتن سان مليا. ۱٦ اپريل شام جو سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو:

تن من ڌن پن وچن سي ڪيجي گر ڪي سيوَ،

گر ڪو پرسن جان ڪــي ليجي آتم ڀيو.

ستگرو جي شيوا ڪندي سروست سمرپت ڪجي. جڏهن ڏسجي ته گرو اسانجي سيوا مان پرسن آهي تڏهن اُن کان آتم گيان جي ديڪشا وٺجي. گرو، ششيه جي پريم ۽ شرڌا سان پرسن ٿئي ٿو. سمرت گرو رامداس مهاراج کي ڏاڍو ڀائيندو هو. سندس ٻين ششن جي من ۾ اِها ڀاونا پيدا ٿي ته شواجي مهاراج راجا آهي ان ڪري سمرت گرو رامداس کيس وڌيڪ ڀائيندو آهي. ششن جي ان شنڪا کي دور ڪرڻ لاءِ هڪ دفعي سمرت گرو رامداس ششن سان گڏ جهنگل ۾ ويو. سندس کي شش رستو ڀلجي ٻئي طرف هليا ويا ۽ سنت رامداس هڪ غفا ۾ پيٽ جي سوُر جو بهانو ڪري ليٽي پيو ۽ درد ڀريون دانهون

سوامي سروانند مهاراج رشي جڙيرت جو مثال ڏيندي چيو ته جڳت جي پدارٿن ۽ مٿن مائٽن ۾ موھ نه رکو موھ دکدائي آهي. سنسار ۾ اناسڪت ڀاوَ سان رهو. رشي جڙيرت هڪ هرڻي جي ٻچي تي ديا ڪري سندس رکشا ۽ پالنا ڪئي. آهستي آهستي اُن هرڻ ۾ سندس موھ وڌندو ويو. هڪ ڏينهن اُهو هرڻ چالون ماريندو غائب ٿي ويو. رشيءَ هرڻ جي ڳولها ڪئي مگر هرڻ هٿ نه آيو. سندس اکين آڏو هرڻ جي شڪل پئي ڦري. موھ سبب چت جي استتي ڊانوڊول ٿي پئي. ان ڪري ڪنهن ۾ به آسڪتي نه رکو. ڏيتي ليتي، مانس شراب ۽ جوئا کان پاسو ڪريو. هر وقت پريوءَ کي ياد ڪريو.

اُتسو جي پلئه وقت پوجنيه سوامي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ اُتسو ۾ آيل ٻين سنتن جا ور ور شڪرانا مڃيندي چيو ته شيوا ۾ ڪا به پل چوڪ ٿي هجي ته داس کي کميا ڪجو.

پريم پرڪاش آشرم دهليءَ جو سنچالڪ سنت جئه پرڪاش جئپور امراپور آستان تي ۱۵ ڊسمبر برهملين ٿيو. سوامي جن اُتي سنت جئه پرڪاش کي شرڌانجلي پيش ڪئي.

مهلا ورش جي سنبنڌ ۾ جنتا جناردن پريشد جي سهاري ۴ جنوري ۱۹۷۶ آرتوار ڏينهن سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ اکل ڀارت سنڌي مهلا سميلن جو آيوجن ڪيو ويو. مهاراشٽر جي سماج ڪلياڻ منتري شريمتي پرتڀا پاٽل سميلن جو مهورت ڪيو. هن موقعي تي پوجنيه سواميجن آشيرواد ڪندي چيو ته اسانجي هندو سنسڪرتيءَ انوسار اِستريءَ جو درجو اوچو آهي. جتي نارين جي پوجا ٿئي ٿي اُتي ديوتائن جو واسو آهي. هي سال ساري وشو ۾ مهلاورش ڪري ملهايو وڃي ٿو. اِستري هر روپ ۾ ڏيئي جاڳي، تڏهن به اڄ جي سڀيه يگ ۾ اِستري اتياچارن جو شڪار ٿي رهي آهي. ڏيتي ليتيءَ سبب هزارين وڌور ڪنيائون گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن. اِهو سماج مٿان وڏو داغ آهي. اڄ استري جاتيءَ کي سڄاڳ ٿي سماجڪ ستمن جو منهن مقابلو ڪرڻ گهرجي. اِستري شڪتيءَ جو به روپ آهي، نبل ڪين آهي.

هن موقعي تي شريمتي پرتڀا پاٽل، ڀيڻ ڪملا هيرانند، ڀيڻ لڪشمي سڌوال، شري سنمکه ايسراڻي ۽ ٻين ڀائرن ڀينرن پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا. داس سميلن جي مراد ٻڌائي. هن موقعي تي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا جيٺي ٻائي ڪالاڻيءَ جو ڀڄ سنمان ڪيو ويو. ڀيڻ ڪانتا ڪڪريجا ۽ ڀيڻ نيلم بالاڻي آيل ڀينرن جي شڪرادائي ڪئي.

۲۱ جنوري آشرم ۾ شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي شهيدي ڏينهن سوامي جن نڊر نرڀيڪ ديش ڀڳت هيمون ڪالاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ۲۶ جنوري پرجاوادي ڏينهن سوامي جن صبوح جو قومي جهنڊو چاڙهيو ۽ شام جو ستسنگ ۾ آزاديءَ جي وشيه تي ڳالهائيندي چيو ته اسان کي هر کيتر ۾ ديش سان وفادار رهڻ گهرجي. ۳۰ جنوري سوامي جن مهاتما گانڌي ۽ ٻين شهيدن کي شرڌانجلي ڏني.

روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ۶ فيبروري صبوح جو ۱۰ بجي گهاٽڪوپر بمبئيءَ ۾ پوجنيه سواميجن جي پرڌانپٽي هيٺ ٿيو. سوامي جن اُتي پروچن ڪندي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏني ۽ اپيل ڪئي ته اڄ ڪلھ ڏيتي ليتيءَ سبب ڪيترن ئي گهرن ۾ اشانتي

١٤ جولاءِ ١٩٧٦ تي پيارو پيسومل پرپداس ڪڪواڻي آشرم ۾ پرلوڪ پڌاريو. ١٦ جولاءِ سندس پڳڙين جي موقعي تي وڊالا بمبئيءَ ۾ سوامي جن ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پيارو پيسومل لکاپتي هوندي بہ تمام سادگي سنيم واري زندگي گذاريندو هو. دکين جي ڪيترين نہ شيوا ڪندو هو. آشرم جي نئين مندر نهرائڻ لاءِ بہ پرشارٿ ڪيو. پرماتما در پرارٿنا آهي تہ ڪيس پنهنجي ڪمل چرنن ۾ رکي.

٢٠ جولاءِ آشرم ۾ سندر شيوڪ سڀا ۽ جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي جن جي زير صدارت شري پيسومل پرپداس کي شرڌانجلي ڏني ويئي. سوامي جن ۽ ٻين سماج سيوڪن پياري پيسومل کي شرڌانجلي ڏني.

٢٢ جولاءِ گرو پورڻما جو اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. سواميجن صبوح جي ستسنگہ ۾ ’ستگروءَ جي ضرورت‘ وشيہ تي پروچن ڏنو. هزارين پريمين سواميجن کان آسيس ورتي. شام جو سواميجن سوامي گوالانند مهاراج جي جنمدن اُتسوَ سنٻنڌ ۾ سوامي گوالانند آشرم ۾ ستسنگہ ڪيو. سوامي نارائڻداس سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

١ آگسٽ شري لوڪمانيہ تلڪ جي پڻيہ تٿيءَ جي موقعي تي شام جو سوامي جن شري لوڪمانيہ تلڪ کي پشپانجلي ڏني.

٧ آگسٽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسؤ آشرم ۾ ملهايو ويو. سوامي جن پشپانجلي ڏيندي چيو تہ پيارو جشن واسواڻي آهي پيار ۽ ديا جي مورت، نمرتا ۽ سادگيءَ جي صورت. پريميوا توهان بہ پنهنجي جيون ۾ انهن گڻن جي ساکي ڏيو.

١٥ آگسٽ صبوح جو سوامي جن قومي جهنڊو چاڙهيو ۽ شام جي ستسنگہ ۾ سواميجن آزاديءَ جي اتهاس تي روشني وڌي.

منيلا جو پريمي شري گينارام دادلاڻي پوجنيہ سواميجن سان ملڻ لاءِ سنڌونگر آشرم ۾ آيو. هي پيارو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ سنتن جو صدقي ۽ دکين دريدرن جو دوست هو. هن پياري سوامي جن سان روح رهاڻ پئي ڪئي. ڪجهہ وقت بعد داس کي ٻاهر وٺي چيائين تہ ستگرو سوامي سروانند مهاراج اسان کي منيلا ۾ چئي ويا آهن تہ هت منيلا ۾ اسانجو وري اچڻ ڪين ٿيندو. تڏهن پريمين کين چيو تہ سائين! اسانجون دليون پياسيون آهن. اُنهن جي پياس توهان کان سواءِ ڪير ٻجهائيندو سوامي سروانند مهاراج چيو ’پيارا! اڳتي توهان وٽ سنت شانتي پرڪاش ايندو ۽ اچي توهانکي آنند وٺائيندو.‘ ستگرو مهاراجن جي اڳڪٿي برابر صحيح ثابت ٿي.

١٨ آگسٽ سوامي جن جو جهونو صدقي سيوڪ ڪاڪو ولرمل واڌوا پرلوڪ پڌاريو. شام جي ستسنگہ ۾ سواميجن کيس پيار ڀري شرڌانجلي ڏني.

٥ سيپٽمبر سوامي جن جو جنم دن اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هوَن يڳيہ ۽ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جو خاص اُتسو ۾ ڪيترن ئي پريمين سوامي جن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ پريميوا مکہ سان نام سمرڻ ڪريو ۽ هٿن سان دان پڇ ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج

ڪرڻ لڳو. ائين ڪندي غفا جي ٻاهران شواجي مهاراج آيو. پنهنجي گروءَ جو آواز ٻڌي هڪدم اندر ويو. گروءَ کان پڇيائين ’مهاراج! اوهان کي ڪهڙي تڪليف آهي جو اوهان دانهون ڪري رهيا آهي؟‘ سمرت گرو رامداس شواجي مهاراج جي پريکشا وٺڻ جي خيال کان چيو ته پيٽ جو سور وڌي ويو آهي. اُن جو علاج ڏاڍو ڪٺن آهي. شواجي مهاراج وينتي ڪندي چيو ته ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اوهانجو اِهو درد ڪيئن دور ٿيندو؟ مان علاج جو بندوبست ڪندس. گرو رامداس وراڻيو ’هن درد کي دور ڪرڻ لاءِ شينهڻ جو تازو کير گهربل آهي.‘ شيواجي مهاراج گروءَ کي نمسڪار ڪري هڪدم جهنگل ۾ شينهڻ جي ڳولها ۾ نڪتو. هن جهنگل ۾ شينهڻ جا ٻه ٻچا ڏٺا. هن سوچيو ته شينهڻ جا ٻچا هت آهن ته شينهڻ به جاڻ هت آئي. ائين ڪندي ٿوري ئي وقت ۾ شينهڻ به اُتي آئي ۽ شواجي مهاراج کي چنبو هڻي ڪيرايائين. شواجي مهاراج پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪندي شينهڻ کي چيو ماتا مونکي تنهنجو کير گهربل آهي. مان تنهنجا ٻچا کڻڻ ڪين آيو آهيان ۽ نڪي شڪار ڪرڻ آيو آهيان. تنهنجو کير منهنجي گروءَ کي گهربل آهي. کير گروءَ کي ڏيئي اچان پوءِ تون بلاشڪ مونکي لقمو بڻاءِ. شيرڻي اِهو ٻڌي شانت ٿي ويئي.

شيواجي شيرڻي جو کير ڏهي پنهنجي گروءَ ڏانهن کڻي ٿي ويو ته هيڏانهن سندس گرو، وري پنهنجن ڪجھ ششن سان شواجيءَ جي ڳولها ۾ نڪتو. رستي تي ٻئي هڪ ٻئي کي مليا. سمرٿ گرو رامداس شواجيءَ کان پڇيو ’شيرڻيءَ جو کير کڻي آئين؟‘ شواجيءَ وراڻيو ’سوامي! مان اوهان لاءِ شيرڻيءَ جو کير کڻي آيو آهيان.‘ اِهو ٻڌي ٻين ششن جي شنڪا دور ٿي. گرو جيڪڏهن ڪنهن شش کي وڌيڪ ڀانئي ٿو ته سندس نشٺا، شرڌا ۽ ارپڻ جي ڀاونا ڪارڻ. شواجي مهاراج پنهنجي شرير جو خيال نه ڪري ڪيئن نه گروءَ جي اِڇا پوري ڪئي. گروءَ کي ڪا شيرڻيءَ جي کير جي ضرورت ڪين هئي صرف هن کي ٻين ششن کي ڏيکارڻو هو ته شواجيءَ ۾ ڪيتري نه ارپڻ جي ڀاونا آهي. گروءَ کي جيڪي ارپڻ ڪجي سو ٿورو آهي پر گرو گهرو نه هجي تياڳ ۽ وئراڳ جي مورت هجي.

پريميوا توهان به صدق سان ستگرن جي شيوا ڪريو ته توهان کي به ميوا ملندا. ٢٥ اپريل سوامي جن ستگرو مهاراجن کان موڪلائي ڪوٽا ۾ آيا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ڪيو. ٢ مئي گوڌرا ۾ آيا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ ورکا ڪئي. ٦ سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا. ١٧ مئي سوامي جن ڪوي پهلاجرام جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ ديولاليءَ ويا. اُتي سوامي جن ١٧-١٨ مئي ستسنگ ڪندي ڪوي پهلاجرام جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

٢٧-٢٨ مئي آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن ستگرو جن ٽيئونرام مهاراجن جي جيون جو ذڪر ڪندي چيو ته ننڍپڻ ۾ ئي ستگرو مهاراج ڪيئن نه جهنگل ۾ وڃي ڀڄن ڪندا هئا. سندن من مڪتب ۾ ڪين لڳندو هو. عمر ۾ وڏا ٿيا، تڏهن به سندن من ڌنڌي وهنوار ۾ ڪين لڳندو هو. سنتن درويشن جي صحبت مان ئي ڪين آنند ايندو هو. پريميوا توهان به ڪنهن ستپرش جو سنگ ڪمايو ته توهان کي آتمڪ رنگ لڳي.

سنت وچن اور ٻنڪ ٻيج جيون دنيا ڪو چنڊ،
ديــکن ڪــو نــيڪو ڀئيا، ٻڙهت ڪر رنگ.

سنتن سنپرشن جا وچن، ٻڙ جو ٻج ۽ دتيا جو چندرما نندا ڏسڻ ۾ ايندا آهن پر اُهي وڏي وڏي وڏو رنگ ڏيکارين ٿا. سنگرن جا وچن جڻ سُوتر آهن جن جي جيتري وياکيا ڪر اوتري ٿوري آهي ۽ اُنهن ۾ اونهي معنيٰ ڀريل آهي. اُتسوَ هلندي شيوا ۾ ڪنهن شيواڌاريءَ کان ڪا غلطي ٿي هجي ته داس کي ڪميا ڪندا.

١٥ ڊسمبر سواميڄن سنت پرڀارام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ احمدآباد روانا ٿيا. اُتي سوامي جن ١٦-١٧ ڊسمبر ستسنگ پروچن ڪندي سنت پرڀارام جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ١٩ ڊسمبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

ڪنڀ جو ميلو ڊسمبر ١٩٧٦ کان الله‌آباد ۾ آرنڀ ٿيڻو هو. پريم پرڪاش منڊل طرفان اُتي ڇانوٽي لڳائي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن اُتي ان ڪيتر جو آرنڀ ڪيو. پوڄنيه سواميڄن پڻ ٢٤ ڊسمبر الله آباد ۾ پهچي ويا. ستگرو سوامي سروانند مهاراج، سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، پوڄنيه سوامي جن، سوامي چندنرام، سوامي گڻيشانند، سوامي سويم پرڪاش، سوامي مرليڌر، سنت هرداسرام، سنت ڀڄنداس ۽ ٻيا سنت لڳايل منڊپ ۾ صبوح شام ستسنگ پروچن ڪندا هئا.

١٤ جنوري ڪنڀ جي خاص مهتوپورڻ ٽبي هئي. سواميڄن ٻين سنتن سان گڏجي تروينٽي سنگم وٽ ٽبي ڏني. سوامي جن ڪنڀ جي ميلي تي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ اُنهن سان گيان گوشٽي ڪيائون. اُتي سوامي جن هڪ ڏينهن ستسنگ ڪندي چيو:

دیا دیا سڀ ڪوءِ ڪهي، مرم نه جاني ڪويه،
جات جيوَ جاني نهين، دیا ڪهان سي هويه.

دیا دیا ته سڀئي چون ٿا، پر اُن جي مرم کي نٿا ڄاڻن. جيسين سڀني پراڻين ۾ ساکي چيتن برهم جو درشن نٿا ڪن، تيسين اُنهن جي من ۾ ديا پاونا ڪيئن پيدا ٿيندي. جيڪو ٻين تي ديا ڪري ٿو پرماتما اُن تي ديا ڪري ٿو.

هڪڙو اُدارچت ڏنوان سئر ڪندي ڪندي هڪ انبن جي باغ ۾ اچي پهتو. اُن باغ جي پهريدار کي کائڻ ڪو ٻه روٽيون ڏيئي ويو. ائين ڪندي اُتي هڪ ڪتو آيو. اُن پهريدار پهرين هڪ روٽي ڪتي کي ڏني. ڪتو ڏاڍو بکايل پئي لڳو. هڪدم اُها روٽي کائي ويو. اُن پهريدار وري ٻي روٽي به ڪتي کي ڏني. اِهو ڏسي ڏنوان، پهريدار کان پڇيو ته تو ٻئي روٽيون هن ڪتي کي کارائي ڇڏيون، پنهنجي لاءِ هڪ به نه رکي، ائين ڇو؟ پهريدار وراڻيو سائين! هي ڪتو هتان جو ڪين آهي. شايد دور کان آيل آهي ۽ بکايل پئي لڳو، انڪري مون سوچيو ته جي مون روٽي نه کاڌي ته پرواهه ڪين آهي، پر دور کان آيل بکايل جو پيٽ ڀرڻ گهرجي. مان ته هن باغ جي مالڪ جو خريديل ٻانهون آهيان.' پهريدار جي ايڏي اُدارتا ڏسي اُهو ڏاڍو خوش ٿيو. هن سوچيو ته غريب غلام هوندي به هن جي دل ڪيڏي نه ڪشادي

پڻ فرمائين ٿا:

مک سي سمرن نا ڪري، ڪر سي ديئہ نہ دان،

ڪھ ٽيئون ٽس منش ڪا جيون ورتا جان.

دکين دريدرن تي ديا ڪري اُنهن جي خدمت ڪريو. سمرڻ ۽ سيوا کانسواءِ مانش جيون بيڪار آهي.

١٨ سيپٽمبر جنماسٽمي ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي اُن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ٢٣ سيپٽمبر ڀڳوان شري ڪرشن جي ڇٺي اُتسو سنبنڌ ۾ سواميڄن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ستسنگہ ڪيو.

١٨ آڪٽوبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ پونا روانا ٿيا. سواميڄن اُتي سوامي رامڪرشن جي آشرم ۾ ١٨-١٩ آڪٽوبر ستسنگہ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٢٠ آڪٽوبر سواميڄن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

٢٢ آڪٽوبر صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ڪارتڪ جي ڏينهن ۾ سوين پريمي صبوح جو اچي سواميڄن جي درشن ۽ ستسنگ جو لاڀ وٺندا هئا. ٣٠ آڪٽوبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ سوامي جن گئو ماتا جي مهما جو ورڻن ڪيو ٣ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو ستسنگہ بعد سوين پريمي ڌنيون لڳائيندا سوامي جن سان گڏ شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ مساڻا معنيٰ جتي ڪجھ بہ ساڻ ڪٿي ڪين اچبو. مال ملڪيت ڌن دولت بنگلا ماڙيون سڀ ڇڏي هرڪو خالي هٿين هلندو. اُن ڪري پرماتما جي ڏني مان دان پڻ ڪريو، ست ڪرم ڪريو. ٦ نومبر ڪارتڪ پورڻماسيءَ ڏينهن سوامي جن آشرم ۾ رکيل پاٺن جو ڀوڳہ وڌو ۽ اُن بعد آشرم ۽ گئوشالا ڪي سنتن ۽ سنگت سان گڏجي پرڪرما ڏني. رات جو سنڌونگر ٢ ۾ ماتا پرميشوري جي آستان ۽ سنڌونگر ٥ ۾ سردار راجلسنگہ بنيجا طرفان آيوجت گرونانڪ جنمدن اُتسو ۾ سواميڄن ستسنگہ ڪندي شري گورنانڪ ديو صاحب جي جيون تي روشني وڌي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو وارشڪ اُتسو ٢٤ نومبر ١٩٧٦ کان ٢٩ نومبر تائين آيوجت ڪيو ويو. ٢٣ نومبر صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراج منڊليءَ سهت پڌاريا، پوجنيہ سواميڄن ستگرو مهاراجن، آيل سڀني سنتن جو سواگت ڪيو. ٢٤ نومبر صبوح جو ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جهنڊو چاڙهي ميلي جو آرنڀ ڪيو. پنج ئي ڏينهن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ ٻين سنتن ستسنگہ پروچن ڪيو. اُتسو جي سماپت وقت پوجنيہ سواميڄن ستگرو مهاراجن ۽ سنتن جا آڀار مڃيندي چيو تہ ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن امولیہ وچن ٻڌائي آتمڪ آنند ڏنو آهي. ستگرو مهاراج اڄا بہ ڪجھ ڏينهن اسانکي هت نام جو امرت پيئاريندا.

۾ آيا. سواميجن ستگرو مھاراجن جي چرنن ۾ پرسادي پيٽ رکي ڪين پرڻام ڪيو. ستگرو مھاراجن پاڻھوھ مان سواميجن کان حال احوال ورتو.

٢ اپريل شام جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪھ ٽيئون سنسار ۾ ليھ نام کي اوٽ،
انتڪال دک نا لگي، مٽي ڪرم اگھ ڪوٽ.

پريميو! پرماتما جي اوٽ وٺڻ سان، سندس نام جپڻ سان جيوَ جي انت سھيلي ٿئي ٿي، سندس جنم جنم جا پاپ نشٽ ٿي وڃن ٿا. نام جي نالي ۾ وڏي شڪتي آھي.

ھڪ دفعي راجا پيپا پنھنجي پتنيءَ سيتا سان گڏ دوارڪاپوريءَ جي ياترا ڪري واپس موٽي رھيو ھو تہ رستي تي سامھون ھڪ شينھن آيو، جنھن ڪيترن ماڻھن ۽ پسن کي ڪائي ختم ڪري ڇڏيو ھو. اُن شينھن راجا پيپا ڏانھن بہ جھپڪو ھنيو. راجا پيپا پنھنجي گلي مان مالھا لاھي ھڪدم اُن شينھن جي ڳچيءَ ۾ وڌي ۽ ’جئہ شري ڪرشن، جئہ شري ڪرشن‘ جو منتر پڙھيو. ڇتو شينھن ھڪدم شانت ٿي ويو ۽ اُن شينھن مانس کائڻ بند ڪري ڇڏيو. ڀڳت پيپا شينھن جي جيون ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو. ستين ڏينھن اُن شينھن پراڻ تياڳيا ۽ جھوناڳڙہ ۾ منش جنم ورتو ۽ ڀڳت نرسي مھتا جي نالي سان پرسڌ ٿيو. نرسي مھتا ايشور جي ڪيڏي نہ ڀڳتي ۽ لوڪن جي شيوا ڪئي.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن بہ ڪيڏي نہ ڀڳتي ڪئي ۽ لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريہ ڪيا. ستگرو سوامي سروانند مھراج پڻ ديش وديش جي جدا جدا شھرن ۾ وڃي نام جو امرت پيئارين ٿا. جڏھن ھڪ شينھن ڀڳت ٿي سگھي ٿو تہ اسين بہ اھڙا اُتم ڪرم ڪريون، نام جپيون جو آواگمن کان مڪتي ملي وڃي.

پريم پرڪاش آشرم اندور جا سنچالڪ سوامي مرليڌر مھاراج ١٢ اپريل برھملين ٿيا. پوڄنيہ سوامي جن جئپور مان ان ڪري سڌو اندور روانا ٿيا. اُتي سواميجن مرليڌر کي پاوپيني شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سوامي مرليڌر سنتوشي ستوگڻي سنت ھو. ھن سنت ستگرو سوامي سروانند مھاراجن سان گڏ ڪيترا نہ رٽن ڪري پريمين کي نام جپايو. ھن اندور جي ھن آشرم کي وسايو. سوامي جن سنت جي تيرھي ڏينھن بہ سوامي مرليڌر جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٢٧ اپريل سواميجن اندور مان گواليار آيا. اُتي چار ڏينھن ستسنگ پروچن ڪري ٢ مئي سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۱۴ مئي سوامي جن ديولاليءَ روانا ٿيا. اُتي ڪوي ڀلاجرام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سندن آستان تي سواميجن ۱۴-۱۵ مئي ستسنگ پروچن ڪندي ڪوي صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ١٧-١٨ مئي سواميجن ناسڪ آشرم ۾ ھولارام سوسائٽيءَ ۾ شري نھچلداس جي گھر ستسنگ ڪيو. ۴ جون آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي ورسي ملھائي ويئي. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي ڀڳتي پڪش بابت پروچن ڪيو.

١١ جولاءِ رات جو پوڄنيہ سواميجن کي جئپور مان ٽيليفون ذريعي خبر ملي تہ پوڄنيہ

آهي جو پاڻ بڪ ڪدي هن هڪ پسونءِ جو پيٽ پريو آهي. هي پيارو غريبي ۽ مجبوريءَ سبب ٻانهون ۽ پهريدار بڻيو آهي، نه ته ته هي هڪ تمام يوگيه منش لڳي ٿو. هن اُدارچت ڏنوان باغ جي مالڪ کان باغ ۽ اُهو ٻانهون پهريدار خريد ڪيو. باغ خريد ڪري سدائين لاءِ اُن پهريدار کي ڏيئي ڇڏيو ۽ غلاميءَ مان سندس پلوَ آجا ڪرايائين. پهريدار پنهنجي اُدارتا ۽ ديا ڀاونا سبب باغ جو مالڪ بڻجي پيو. اُن ڏنوان ۽ هنجو پيءُ پٽ وارو رشتو بڻجي پيو.

٢٨ جنوري سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراج کان موڪلائي سنڌونگر آشرم ۾ آيا.

روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ۵ فيبروري صبوح جو ١١ بجي ورلي بمبئيءَ ۾ ٿيو. پوڄنيه سواميڄن منڊل جي ڪاريه ڪرتائن کي ڏنيواد ڏيندي چيو ته غم ڪائي به پاڻ ۾ ايڪتا قائم رکو. ووٺ جو پوتر ناتو اڄ ٻاراٽي راند ٿي پيئي آهي. ٿوري ڳهٽي ڳالھ تي مرد زالن کي طلاق ڏين ٿا. اِهو مهاپاپ آهي. ان ڪري ان طلاق جي مرض کي تڙي ڪيو. گهرن ۾ پريم ۽ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ڪريو. ١٦-١٧ فيبروري سوامي جن ڪپليشور مهاديو مندر ڪرلا بمبئيءَ ۾ شوراتري اُتسؤ سنبنڌ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.

٢ مارچ کان ١٤ مارچ پوڄنيه سوامي جن وڏالا برادر منڊل طرفان آيوجت هولي اُتسؤ ۾ روز رات جو ۽ آرتوار شام جو ستسنگ ڪيو. سوامي جن آڌياتمڪ ۽ سماجڪ وشين تي پروچن ڪيو. سواميڄن ڀاءُ جيئندرام هيمنداس واڌوا جي گهر رهيا. مَني چوئٿرام بيگراج آخرين ستسنگ ڏينهن شام جو سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

آنڌرا پرديش ۾ طوفان ۽ ٻوڏ سبب زبردست نقصان ٿيو هو. سوامي جن طوفان ۽ ٻوڏ پيڙتن جي سهائتا لاءِ آنڌرا پرديش جي ڪرشنا ضلع ۾ شيوا ڪيندر کوليو. ان شيوا ڪاريه لاءِ سوامي جن سندرداس آڏواڻي، مرليڌر ڪيماڻي، ڪشنچند پارواڻي، گرني مل، آسومل شهاڻي، پرسرام پارواڻي ۽ هاسانند ماکيجاڻيءَ کي موڪليو. گانڌي نگر ڪولهاپور مان پڻ هري - ڀلي کي موڪليو.

اُنهن پيڙتن جي سار لهڻ لاءِ سوامي جن ١٧ مارچ حيدرآباد روانا ٿيا. اُتي حيدرآباد ۾ گرو سنگت سنڌي ائسوسئيشن جي آستان تي سوامي جن ١٨ مارچ شام جو ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ جينانند راشٽروادي، شري ڪوڙومل سوپراج ڏيوناڻي، ڀيڻ موهني ڪوڙومل ڏيوناڻي ۽ ٻين سوامي جن جو دشالن ۽ ڦُول مالهائن سان سواگت ڪيو. ١٨ مارچ رات جو ئي سوامي جن وجيه واڙا روانا ٿيا. اُتان سوامي جن ڪرشنا ضلع ۾ ٻوڏ ايراضين ۾ آيا. سوامي جن سان گڏ تلسيداس موٽواڻي، سنت اشوڪ لعل، شري گوبندرام ڀاٽيا، سنت ديو پرڪاش ۽ داس به گڏ هو. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن رهيا. سوامي جن ٻوڏ پيڙتن سان حالي احوالي ٿيا. کين ڪمبل، ڪپڙا، برتن ۽ اناج ڏنائون.

٢٧ مارچ سوامي جن واپس سنڌونگر ۾ آيا. ٣٠ مارچ سوامي جن جئپور روانا ٿيا. اُتي امراپور آستان تي ٢ اپريل کان پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسو چيٽ جو ميلو آرنڀ ٿيئو هو. سوامي جن ٢٩ مارچ امراپور آستان تي پهچي ويا. سوامي جن پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي متو ٽيڪي، پوءِ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمري

لڙي آيا. داس اهو دلسوز نظارو پنهنجي اکين سان ڏٺو.

ستگرو مهاراجن جي ڏوليءِ سان سوين سنت هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. صبوح جو ١١ بجي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي اسٿول شرير کي گنگا نديءَ ۾ جل سماڌي ڏني وئي. منڊل جا سڀ سنت امراپور اسٿان جئپور ڏانهن هليا. اُتي سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي جيون مکت، پوڄنيه سوامي جن، سنت هرداسرام ۽ ٻين سنتن ستگرو مهاراجن کي ڀاوپيني شرڌانجلي ڏني.

پوڄنيه سوامي جن ۽ ٻيا سنت صبوح ۽ شام امراپور اسٿان تي ستسنگ ڪندا رهيا.

برهملين ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي تيرهي ڏينهن گروار ۴ آگسٽ ١٩٧٧ع صبوح جو تيرهي جي رسم پوري ڪرڻ بعد منڊل جي سيني سنتن گڏجي پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي گاديءَ تي براجمان ڪيو. اُن موقعي تي سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته داس، منڊل جي سيني سنتن جو آڀاري آهي جن داس جي مٿان اچ وڏي جوابداري وڌي آهي. اُنهن سيني سنتن جي آسيس ۽ سهڪار سان ئي داس ڪاريه ڪري سگهندو. داس کي پنهنجو ٻل ڪين آهي. جيڪي ٻڌي ٻل آهي سو پوڄنيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو آهي، داس کي نه ته ڪير سڃاڻي!

پريميوا توهان ٻه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جا شش آهيو ته مان ٻه اُنهن جو ئي شش آهيان، داس آهيان. ان ناتي اسين سڀ گروڀائي آهيون. مون کي گادي نشين نه پر گرو ڀائي ڪري سمجهندا. اچو ته گڏجي ڪري پريم پرڪاش منڊل جي ورڪش کي پنهنجي پريم جي پاڻيءَ سان سر سبز رکون. سچو شش اُهو آهي جو ستگرن جي آگيا انڪول سندن شيوا ڪري سندن ڏنل نام جو ابياس ڪري ٿو. ستگرو مهاراج پنهنجي باڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

گرو ڪي سيوا جو ڪري، گرو ڪي آگيان مان،
ڪهه ٽيئون گر- نام رٽ، گرمکه سو پهچان.

سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي جيون مکت، سوامي سويم پرڪاش، سوامي ستيه پرڪاش، سنت هرداسرام، پنڊت سيتلداس، سنت ڀڳنداس، سوامي گڻيشانند، سنت امرديو، سنت گنگارام ۽ ٻين آيل سنتن سوامي جن کي دشالا ۽ هار وڌا. سوامي جن سنت هرداسرام، سنت اشوڪ لعل، شري ڏالورام ۽ ٻين پريمين کي امراپور آسٿان جي شيوا جو ڪم سونپي ١٨ آگسٽ سنڌونگر ۾ آيا.

٢۴ آگسٽ شري ڪرشن جنماشٽميءَ ڏينهن ستسنگ ڪندي پوڄنيه سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو.

٢٥ سيپٽمبر سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سندن اسٿان تي ستسنگ ڪيو.

١٣ آڪٽوبر سواميڄن روانا ٿيا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر امباواڙيءَ ۾ سوامي جن سوامي اوڌوداس مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ ١۴- ١٥ آڪٽوبر ستسنگ ڪندي سنت اوڌوداس کي

سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي حالت گنڀير آهي. سوامي جن پنهنجا سڀ ڪاريه ڪرم رد ڪري هوائي جهاز رستي جئپور روانا ٿيا. سواميڄن ١٢ جولاءِ صبوح جو امراپور آستان جئپور ۾ پهچي ويا ۽ سنگرو مهاراجن جو درشن ڪيائون ۽ سنگرو مهاراجن کان صحت لاءِ پڇيائون. ڊاڪٽر نارائڻداس ونجاڻي سنگرو مهاراجن جو علاج پئي ڪيو. ١٤ جولاءِ سنگرو مهاراجن کي اسپتال داخل ڪيو ويو. سنگرو مهاراجن چيو ته اسين پنهنجي آستان تي ئي واپس هلون، هتي رهي ڇا ڪبو. ١٥ جولاءِ سنگرو مهاراج مورڇوت ٿي ويا. دوائن دکه دور ڪين ڪيو. ڊاڪٽر نارائڻداس ۽ ٻين ڊاڪٽرن وڏا وس ڪيا پر حيلو ڪين هليو. پيارو ڀالورام دولترام، پوڄنيه سوامي جن، سنت هرداسرام ۽ ٻيا ڪيترائي پريمي ۽ سنت سنگرو مهاراجن جي حاضريءَ ۾ حاضر هئا. آخر ١٧ جولاءِ سنگرو مهاراجن کي بيهوشيءَ جي حالت ۾ امراپور آستان تي واپس آندو ويو. ١٨ جولاءِ شام کان سنتن ۽ پريمين هري ڪرشن هري رام رام هري هري جي اکنڊ ڌني آرنڀ ڪئي. ٢١ جولاءِ گروار پرڀات جو ٥-٥٠ هزارين دلين جا سهارا، روحاني راڻا سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جا گادي نشين پوڄنيه سنگرو سوامي سروانند مهاراج سنساري ياترا پوري ڪري پرم ڌام پڌاريا. سوامي بسنترام، سوامي ماڌوداس، سوامي جن مڪت، سواميڄن ۽ ٻين سنتن وئراڳه واري واڻي اُچاري. هزارين پريمي لڙڪ لاڙي رهيا هئا. سواميڄن اُن موقعي تي دلسوز آواز ۾ هيٺيون ڀڄن ڳايو.

جوڳي ويڙا ڪري لاڏاڻو،

روئن اکڙيون ڳوڙها ڳاڙي، خالي ڏسي ٽڪاڻو-جوڳي...

١. جن جوڳين سان گڏجي گهاريم، ڪيم روح رهاڻيون،

سي جوڳي اڄ ڪين ڏسان ٿو، ڀينگه ڪري ويا ڀاڻو. جوڳي...

٢. جن جوڳين جون مٺڙيون ٻوليون، سڀ جا من تي موهيا،

ياد ڪري نت ڳالهيون تن جون، روئي راجا راڻو. جوڳي...

٣. جن جوڳين سان جايون سونهن، سونهن ساز سمورا،

تن جوڳين کي ڏسي لڏيندو، ولڙ ٿيو ته ويڳاڻو. جوڳي...

٤. ساڌو سماج جي ڌاڳي اندر، مڻيا پوتل ڪيئي،

تنهن مالا جو هي به هيڙو موتيءَ جو هڪ داڻو. جوڳي...

٥. سرتيون مون تي ڪيو آسيسا، ڪهي ٽيئون ته اهائي

مرڻ گهڙيءَ تائين جوڳين سان شل نيئي پريم پراڻو.

سنگرو مهاراجن جي اِڇا انوسار سندن استول شرير سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ آندو ويو. منڊل جا سڀ سنت پڻ هردوار پهچي ويا. ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ کان هزارين شرڌالو پريمي سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي انتم درشن ڪرڻ لاءِ هردوار ۾ آيا. ٢٣ جولاءِ صبوح جو جڏهن سنگرو مهاراجن جو استول شرير ڏوليءَ ۾ سينگاري آشرم مان کنيو تي ويو. اُن وقت نه صرف سون پريمين جي اکڙين ۾ وره جا آنسون هئا پر آشرم ۾ استاپت ٿيل سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سنگمرمر جي پرتما مان، اکڙين مان لڙڪ

خوب دان پُن ڪريو. اڄ سڄي رات جاڳي نام جپيو.

٢٢ نومبر سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي چندنرام جن وٽ پريم پرڪاش مندر ۾ ٢٢ نومبر کان ٢٤ نومبر شري گرونانڪ ديو جي جيون جون ڪيتريون گهٽنائون ۽ سکيائون ٻڌايون. ٢٤ نومبر شام جو سواميجن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا ۽ شام جو رکيل پاٺن جا ڀوڳ وڌائون. رات جو سوامي جن سنڌونگر ٢ ۾ ڀاءُ ڪڪريجا ۽ ماتا پرميشوري جي آستان تي ستسنگ ڪيو.

٢ ڊسمبر سواميجن ڪي. سي. ڪاليج بمبئيءَ ۾ بمبئي جي پورٽ ٽرسٽ سنڌي سڀا جي اُتسوَ جي صدارت ڪندي سڀا طرفان شايع ٿيندڙ ’جهازراني‘ وارشڪ رسالي جو مهورت ڪندي چيو ته سڀا جي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد آهي جو نوڪري ڪندي وقت بچائي سنڌي ساهتيه ۽ ٻولي جي شيوا ڪن ٿا ۽ غريبن جي به سار لهن ٿا. ڀاءُ پريداس واڌوا سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ ڀاءُ دين ديال ڊنگريجا آڀار پردرشن ڪيو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو ستون وارشڪ اُتسو پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. ١٣ ڊسمبر سوامي جن سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. پوجنيه سوامي جن، سوامي بسنترام، سوامي جيون مڪت، سوامي ڌرمداس سوامي ڪشنداس، سوامي پرڪاش سنت هرداسرام سنت پڇنداس ۽ ٻين سنتن چارئي ڏينهن شام ستسنگ ورکا ڪئي. ١٧ ڊسمبر پرڀات جو سوامي جن اُتسو جو پلئه پائيندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج پريپورڻ سنت هئا. ستگرو مهاراجن سون کي نام جو امرت پيئاري پرماتما جي راهه ۾ چڪيو. جڏهن جيو کي اهڙا پريپورڻ گرو ملي وڃن ٿا تڏهن جيو ۽ برهم جو تاداتميه ٿي وڃي ٿو. اهڙن مهان پرشن جي آشيرواد سان مانسڪ شاريرڪ ڪشٽ به ڪٽجي وڃن ٿا. هڪ اُردو شاعر چيو آهي:

جو بات دوا سي بن نه سڪي، وو بات دعا سي هوتي هئه،
جب ڪامل مرشد مل جائي، تب بات خدا سي هوتي هئه.

پريميوا توهان به پريم ۽ شرڌا سان ستگرو مهاراجن جي شرن وٺو ته توهان ڀوساگر مان تري پرماتما کي پراپت ڪندا.

١٨ ڊسمبر ١٩٧٧ آرتوار صبوح جو ١١ بجي سندر شيوڪ سڀا جي سهاري سوامي سروانند اسپتال جي عمارت جو بنيادي پٿر ساڌٻيلا مهنت آچاريه سوامي گڻيشداس مهاراج وڌو ۽ اُتسو جي صدارت پوجنيه سوامي جن ڪئي. ان موقعي تي آچاريه سوامي گڻيشداس مهاراجن چيو ته سنڌونگر مان ڪيترا مريض علاج لاءِ بمبئي وڃن ٿا. اُميد ته هن اسپتال ٺهڻ کان پوءِ اهڙن بيمارن جو هتي علاج ٿيندو. ڪين علاج ڪرائڻ ۾ وڏي سهوليت ٿيندي. ان ڪري توهان هن ڪاريه لاءِ دل کولي دان ڪريو.

هن موقعي تي پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڀاءُ پرسرام کي ڌنيواد ڏني جنهن ورهاڱي بعد سنڌونگر ٥ ۾ سندر شيوڪ سڀا جي سهاري ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريه ڪيا. سوامي جن ڀاءُ پيسومل پريداس، دولهڌنيمل تلريجا، هيرالعل سيندااساڻي ۽ سڀا

شرڌانجلي ڏني. ١٧-١٨ آڪٽوبر سوامي جن رام نگر سورت ۾ ستسنگ ڪيو. ١٩-٢٠ آڪٽوبر سواميجن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ١٨ آڪٽوبر جلگانوَ ۾ سنت هرداسرام برهملين ٿيو. ٢١ آڪٽوبر شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن سنت هرداسرام جلگانوَ جي جانب کي شرڌانجلي ڏني.

٥ نومبر سوامي جن پونا روانا ٿيا. سواميجن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ پهريون دفعو سوامي چندنرام پريم پرڪاش ڀون ۾ پڌاريا. ٥-٦ نومبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي سنبنڌ ۾ سوامي رام ڪرشن جي مندر ۾ ستسنگ ڪيو.

پوڄنيہ سوامي جن کي ڀڳوت ڪرپا سان وڏي سوجهہ آهي، دويہ درشٽي آهي. پونا آشرم جي ڀرسان پشپا ڏوڏاڻي ۽ لاج ڏوڏاڻي ٻہ ڀينر رهنديون آهن. سندن دل ڀنل. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جون اننيہ اُپاسڪائون آهن. ڀيڻ پشپا پوڄنيہ سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ ڀرڀات جو اوهان لاءِ چانهہ تيار ڪري اچان سويڪار ڪندا. پوڄنيہ سوامي جن سيني پريمين جي دل رکندا آهن. سوامي جن ٻالڪيءَ جي دل وٺندي چيو تہ ڀلي چانهہ تيار ڪري اچ. ڀرڀات جو اُن ٻالڪيءَ پوڄنيہ سوامي جن لاءِ گهر ۾ چانهہ تيار ڪئي. ڪيس من ۾ خيال پيدا ٿيو تہ پهريون دفعو سوامي جن لاءِ چانهہ تيار ڪئي آهي، انڪري پهرين پي ڏسان تہ چانهہ سٺي ٿي آهي يا نہ، اهو خيال ڪري هن چانهہ جو ڪوپ پيتو. پوءِ چانهہ جگہ ۾ وجهي سوامي جن لاءِ آشرم ۾ کڻي آئي. سوامي جن کي جڏهن هن ٻالڪيءَ چانهہ ڏني تہ سوامي جن مشڪندي چيس تہ پهريون پاڻ چانهہ پي آئي آهين! اهو ٻڌي ڀيڻ پشپا وسميہ ۾ پئجي ويئي تہ جڏهن گهر ۾ هن چانهہ پيتي تہ رنڌڻي ۾ ڪوبہ ڪين هو. پوڄنيہ سوامي جن کي اها خبر ڪيئن پيئي تہ مان چانهہ پي پوءِ کڻي آئي آهيان. پوءِ ڀيڻ پشپا سوامي جن کان ڪميا ياچنا وٺندي چيو تہ اوهان لاءِ پهريون دفعو چانهہ ٺاهي هيم، متان ڪسي ڦڪي نہ ٿي هجي، ان ڪري سائين پهريون چانهہ پي ڏٺم.

هڪ دفعي ڀيڻ ايشوري ڏوڏاڻي پنهنجي ماتا مورٻائي ڏوڏاڻي سان گڏ پونا جي آشرم ۾ سوامي جن جو درشن ڪرڻ آئي. سوامي جن چيس تون تہ گهر جي مالڪياڻي آهين. جڏهن ماتا مور سوامي جن جا اهي لفظ ٻڌا تڏهن هوءَ من ۾ سوچڻ لڳي تہ منهنجي هوندي سوامي جن هن کي مالڪياڻي سڏيو. حقيقت ۾ گهر جو سارو ڪاروبار برابر ايشوري هلائيندي آهي، پر اها خبر پوڄنيہ سوامي جن کي ڪيئن پيئي! ماتا مور وسميہ ۾ پئجي ويئي تہ هن ڪڏهن بہ سوامي جن سان گهرو وهنوار جو ذڪر ڪين ڪيو هو. پوءِ سوامي جن کي اِها خبر ڪيئن پيئي! پوڄنيہ سوامي جن انترِيامي آهن.

٨ نومبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ١١ نومبر صبوح جو سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٨ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن راڌي شيام گئو شالا ۾ سوامي جن گئو ماتا جي مهما ڳائيندي چيو تہ گئو ڌن اسانجو راشٽريہ ڌن آهي اُن جي سرڪشا ڪرڻ اسانجو پرم ڪرتويہ آهي. ڌارمڪ درشٽيءَ کان چاهي وهنوارڪ خيال کان گئو ماتا جي شيوا ڪرڻ ڪلياڻڪاري آهي. ٢١ نومبر ڪارتڪ ايڪادشي ڏينهن صبوح جي ستسنگ ڪانپوءِ سوامي جن سان سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سواميجن وئراڳہ ورتيءَ وارو ڀڄن ڳائيندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن دان پڄ ڪرڻ جي وڏي اهميت آهي. پرماتما جي ڏني مان

ڳڻن جو ورڻن ڪيو. سوامي جن پونا مندر جي شيوا سنت اشوڪ لعل ۽ پريمين کي سونپي سنڌونگر ۾ آيا.

جنتا جناردن پريشد طرفان سنڌونگر ۴ ۾ سوامي شانتي پرڪاش ٻڌا آشرم هلندڙ آهي.

ان ٻڌا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهڻ جو اُتسو ۹ اپريل چيٽي چنڊ ڏينهن آرتوار صبح ۱۱ بجي سوامي ٽيئونرام سنڌونگر ۵ ۾ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پرڌانپٽي هيٺ ٿيو. پوڄنيه دادا جشن واسواڻي اُتسو جا مکيه مهمان هئا. پوڄنيه سوامي جن اُن موقعي تي هيٺيون شبد ڳايو:

مون گهر ساڌ اچن، آنءُ قربان وڃان،
آنءُ قربان وڃان، هي سر صدقي ڪريان.
۱. آسڻ اکڙين ۾ اُنهن کي آنءُ ڏيان،
پير ڌويو پريم سان جيڪر شال پيئان
چرخو چرپر جو پيري پونءُ سان پچان، مون گهر....
۲. پلنگ وڇايان پريم سان پاويءُ ساڻ پلا،
سمهاري سيجن تي جهليون جهول هٿان،
انيئه حال اندر جو ساڻن ورھ ونڊيان، مون گهر....
۳. هيرا ماڻڪ موتي ڪنچن پيٽ ڌريان
پانت پانت جا کائڻ خوشيءُ مان ته ڪريان
ڪارائي خوش ڪري قُل قُول فوتا ڏيان، مون گهر....
۴. چت چوکا ساڌوئڙا لچٽي لعل رتا
محبت ماڻ پريا، نشي نام متا
شيوارام چوي واتون تن جون وڃان. مون گهر...

پوڄنيه سوامي جن چيو ته پرسنتا آهي جو اڄ هتي اسانجو پيارو شري جشن واسواڻي آيو آهي. هي پيارو ڪيئن نه پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي ديا ۽ شيوا جي جوت جڳائي رهيو آهي. اڄ هي پيارو ٻڌا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهندو. اُميد ته اها عمارت جلدي نهي راس ٿيندي. جتي هڪ سؤ اٺ ٻڍڙا ٻڍڙيون نواس ڪري سکي زندگي گذاريندا. ٻڍڙن جي شيوا اُتم شيوا آهي. اڄ مريادا موڪلائي رهي آهي ڪيترائي ناخلف پٽ پنهنجي پيءُ ماءُ کي گهر مان ڪڍي ٿا ڇڏين. اُنهن سان اڻسهائيندو ورتاءُ ٿا ڪن. اهو نه ٿا سوچين ته جيڪو وهنوار هو پنهنجي ماتا پتا سان ڪن ٿا اڳتي هلي جڏهن اُهي پاڻ وڏا ٿيندا ته سندن اولاد به ساڻن ساڳيو ورتاءُ ڪندي.

ڪل يڳ نٿي، ڪر يڳ اٿي، ڏي ڏينهن جو وٺ رات جو.

پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ پروچن ڪندي چيو ته اڄ داس جو سوڀاڳيه آهي جو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو درشن ۽ سنگ مليو آهي. سندن درشن ڪرڻ سان روح کي راحت اچي ٿي.

جي ھين ڪاريہ ڪرتائن ڪي پڻ ڌنيواد ڏيندي چيو تہ بيمارن جي خدمت ڪرڻ اُتم شيوا آھي. ھن اسپتال ۾ جدا جدا بيمارين جي ماھر ڊاڪٽرن جو بندوبست ڪيو ويندو. سوامي جن نئين عمارت جي پومي پوجا ڪرائي ۽ ان ڪاريہ لاءِ ادائي لک روپيہ دان ڏنا. ديال 'آشا' دانويرن کي دان لاءِ اپيل ڪئي. شري چوئٿرام ونواڻي شڪرادائي ڪئي.

٢٢ ڊسمبر ١٩٧٧ شري پرسرام مسند پرلوڪ پڌاريو. ٢٤ ڊسمبر آشرم ۾ سندس پڳڙيون جي موقعي تي سوامي جن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پيارو پرسرام مسند نشڪام سماج شيوڪ ھو. ھن سکر ۾ چاھي ھت ڪيترا شيوا جا ڪاريہ ڪيا. سندر شيوڪ سڀا جي سھاري ھن پياري اکين جي اسپتال کولي شروع ۾ ٻارن لاءِ اسڪول کوليا، شمشان پومي ۽ جي بہ ڪيڏي نہ خدمت ڪئي. شل پرماتما سندس آتما کي پنھنجي چرنن ۾ نواس ڏئي.

٢٦ ڊسمبر سواميجن احمدآباد روانا ٿيا. اُتي پريرام ڪالوني ۾ ٢٧-٢٨ ڊسمبر سنت پريارام صاحب جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن ستسنگہ پروچن ڪيو. ٣٠ ڊسمبر سواميجن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

١ جنوري ١٩٧٨ ڀاءُ دامودرداس بولچنداڻي سواميجن کي چوپڙن جي مھورت لاءِ امبرناٿ وٺي ويو. ٤-٥ جنوري سوامي جن ڪوپري ٿاڻا ۾ ستسنگہ ڪيو. ٢١ جنوري شھيد ھيمون ڪالاڻيءَ جو شھيدي ڏينھن آشرم ۾ ملھايو ويو. سواميجن شھيد کي شرڌانجلي ڏني. ٢٦ جنوري صبوح جو سوامي جن آشرم ۾ قومي جھنڊو چاڙھيو ۽ شام جي ستسنگہ ۾ پرجاوادي ڏينھن جي اھميت تي ڳالھايو. ٣٠ جنوري شام جو ستسنگہ ۾ سواميجن مھاتما گانڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي سندس جيون جون پريرڻادايڪ گھٽنائون ٻڌايون.

روھڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسو ٣ فيبروري صبوح جو ١١ بجي ڪوپري ڪالوني ٿاڻا ۾ ٿيو. پوڄنيہ سوامي جن ان موقعي تي ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ ٻارن کي اسڪولن ۾ ڌارمڪ سکيا نٿي ڏني وڃي، انڪري توھان گھرن ۾ ٻارن کي ڌارمڪ سکيا ڏيو. ڌارمڪ پستڪ پاڙھيو، جيئن اڳتي ھلي اھي ٻار مريادا جو پالن ڪن. اڄ ڪيترن گھرن ۾ اشانتيءَ جو وايو منڊل آھي. سڀني سکن پدارٿن ھوندي بہ گھر جا ڀاتي دکي گذارين ٿا، ڇاڪاڻ تہ انھن کي ڌرم جي ٻوجھ ڪونھي. گھرن ۾ شانتيءَ ۽ پريم جو واتاورڻ پيدا ڪريو.

١٦-١٧ فيبروري سوامي جن ڪپليشور مھاديو مندر ڪرلا بمبئي ۾ شوراتري اُتسو سنبنڌ ۾ ستسنگہ ڪيو.

٢٧ فيبروري سوامي چندنرام مھاراج برھملين ٿيا. ان سبب سوامي جن ١ مارچ صبوح جو پونا ۾ پھچي ويا. ١ مارچ سوامي چندنرام مھاراج جي استول سرير کي ڏوليءَ ۾ سينگاري پرڪرما ڏني ويئي. سوامي جن جو سڄو وقت شمشان پومي ۽ تائين پنڌ ھليا. شام جي ستسنگہ ۾ سوامي جن سوامي چندرام مھاراج کي شرڌانجلي ارپڻ ڪندي چيو تہ سوامي چندنرام پريم پرڪاش منڊل جو مکيہ سنت ھو، سخاوت جو صاحب ھو. ڪو دان ڪرڻ سکي تہ ھن کان سکي.

سندس سڀاءُ بہ چندن سيتل ھوندو ھو. ناسڪ ۾ پريم پرڪاش آشرم ٺھرائي ھن سنت اُتم ڪم ڪيو. سوامي جن سوامي چندنرام جي چاڻي ۽ تيرھي ڏينھن پڻ سندس

ظاهر ڪندي ڌن پدارٿ ملڪيت گهرڻ جو سجهاءُ ڏنو. اُن شاهوڪار جي ننڍي ننهن ڏاڍي سياڻي هئي، اُن چيو تہ جڏهن لڪشمي هلي ويندي تہ پوءِ اهي ڌن پدارٿ ملڪيت اسان وٽ ٽڪاءُ ڪيئن ڪندا! اُنڪري لڪشمي ديويءَ کان وردان گهرو تہ اسانجي گهر ۾ ايڪتا ۽ پريم قائم رهي. ايڪتا ۽ پريم هئڻ سبب گهر ۾ شانتيءَ ۽ آنند جو وايو منڊل رهندو ۽ لڪشمي پاڻيهي موٽي ايندي. شاهوڪار کي ننڍي ننهن جو سجهاءُ بلڪل پسند پيو. جڏهن لڪشمي ماتا رات جو ننڊ ۾ وري کيس درشن ڏنو تڏهن اُن شاهوڪار کيس پرڻام ڪندي چيو تہ 'ماتا! اسان کي اهو وردان ڏي جو گهر ۾ ايڪو ۽ پريم سدائين قائم رهي.' لڪشمي ديويءَ مشڪندي چيو تہ پيارا! تو اهڙو تہ وردان گهريو آهي جو مونکي هتي ڇڏيئہ. جنهن گهر ۾ ميلاپ ۽ پريم هوندو اُتي تہ منهنجو واس واس هوندو. هاڻي مونکي تنهنجي گهر ۾ رهڻو ئي پوندو.

پريميو! وهنوار چاهي پرمارٿ جي خيال کان ميلاپ ۽ محبت ضروري آهن. انهن گڻن ڪري گهر ۾ ڪل ڪل ڪونہ رهندي، سک شانتي رهندي. زندگي آنندمیہ ٿي پوندي ۽ گهر سرڳ سمان ڀاسندو ۽ ڌن دولت جي ڪمي بہ ڪونہ رهندي.

۵ مئي سوامي جن جئپور مان سنڌونگر ۾ واپس آيا. ۹-۱۰ مئي سوامي جن ديواليءَ ۾ ڪوي ڀلاجرام جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۱-۱۲ مئي ناسڪ ۾ سوامي جن ستسنگ ڪيو ۽ ۱۳ مئي سنڌونگر ۾ واپس آيا.

۲۹ مئي سوامي جن اجمير روانا ٿيا. اُتي آدرش نگر ۾ سوامي ماڌوداس جي آستان تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سوامي جن ۱ کان ۳ جون ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. سوامي ماڌوداس جن سواميجن کي پشڪر تيرٿ آستان تي ٺهرايل نئون مندر ڏيکارڻ لاءِ وٺي ويا.

سوامي جن ۷ جون ٻيلواڙي روانا ٿيا. اُتي ٻہ ڏينهن ستسنگ ڪري نصيرآباد ۾ آيا. اُتي پڻ ٻہ ڏينهن ستسنگ ڪيائون. اُتان سوامي جن وري امراپور آستان جئپور ۾ آيا اُتي هفتو کن رهي ۱۹ جون سنڌونگر ۾ واپس آيا.

۱۲ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن صبوح جو سواميجن 'گروءَ جي اهميت' تي پروچن ڏنو. سوين پريمي گرو پوڄا اُتسو ۾ شريڪ ٿيا ۽ ستگرو مهاراجن کان آسيس ورتائون.

۲۰ آگسٽ پوڄنيہ سوامي جن جو جنمدن آشرم ۾ ملهايو ويو. ڪيترن ئي پريمين سوامي جن جي تياڳمیہ ۽ اُپڪاري جيون جو ذڪر ڪندي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني.

۳۰ آگسٽ جنماشٽمي اُتسو آشرم ۾ ملهايو ويو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. ۶ سيپٽمبر سوامي جن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي ڇٺي اُتسو سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو. ۷-۸ سيپٽمبر سوامي جن دادر پريم پرڪاش منڊليءَ ۾ ستسنگ ڪيو. ۱۵ سيپٽمبر رات جو سواميجن سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سبب سندن آستان سنڌونگر ۾ ستسنگ ڪندي چيو تہ سائين هرچورام رڌي سڌيءَ وارو ڪامل سنت هو. هن سوَن جا ڏک دور ڪيا. داس تي بہ سندن ديا درشٽي رهي.

پوڄنيه سوامي جن جي پريرڻا پرشارٿ سان جنتا جناردن پريشد طرفان ٻڍا آشرم جلدي ٺهي تيار ٿيندو، جنهنجو بنيادي پٿر اڄ چيٽي چنڊ جي پوتر ڏينهن وڌو وڃي ٿو. هن ٻڍا آشرم ۾ ڪيترا نه نرآڌار ٻيڙا ٻيڙيون بهتر زندگي بسر ڪري سگهندا. بنا اُجوري سندن شيوا ڪئي ويندي. اڄ اسانجي سماج ۾ ويچارن ٻڍڙن جي ڪهڙي دکميه جيون آهي! اُنهن مان ڪن کي سکي ڪرڻ لاءِ هن آشرم جي نئين عمارت ٺهرائي وڃي ٿي. شل ان ڪاريه تي پريوءِ جي آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

پوڄنيه سوامي شانتي پراڪش مهاراجن جي جيون ۾ سڳنڌ آهي، سادگيءَ جي نئڙت جي، دکين دريدرن جي شيوا جي سڳنڌ. سندن رڳ رڳ ۾ آهي غريبن دکين لاءِ همدردي. روز روز تن جي شيوا ڪري کين کاڌو پهچائين، ڪپڙو پهچائين، پر اُن کان وڌيڪ کين پهچائين پريوءِ جي پيار جو سنديش، نام جو پيغام ڇو ته کين پروڙ آهي ته پريوءِ جي پيار بنا، نام بنا جيون وئران آهه، دنيا بيابان آهه، پياري ديال آشا کي به ڌنيواد آهي جو اُمنگ اُتساهه سان ٻڍڙن جي خدمت ڪري رهيو آهي.

هن موقعي تي سياڳچند چاولا، هيرالعل سينڌاڻي ۽ دولترام منگتاڻي پڻ ويچار ظاهر ڪيا.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسو چيٽ جو ميلو، ٢١ اپريل کان ٢٥ اپريل امراپور آستان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ١٠ اپريل جئپور امراپور آستان تي پهچي ويا. پهرين پوڄنيه سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي مٿو ٽيڪيو. ٢٠ اپريل سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن سنسنگ ڪندي سوامي گرمکداس جي جيون تي روشني وڌي.

٢١ اپريل صبوح جو پوڄنيه سوامي جن منڊل جي سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ٣ بجي سواميجن جي نيترتو ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي جهانڪين سان شاهي جلوس نڪتو. هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. چارئي ڏينهن سنتن ودوانن ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن سيني سنتن سان گڏجي پلئه پائيندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هي چيٽ جو ميلو آرنڀ ڪيو. ميلو معنيٰ ميلاپ پريم ستگرو سوامي سروانند مهارجن به ڪيئن نه ديش وديش ۾ وڃي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو سنديش سڻائي، ست نام ساکيءَ جو منتر ڏيئي سون جي سونهپ ڪئي. پريميو! توهان به ستگرو مهاراجن جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيئي جيون سکميه بڻايو ۽ پرلوڪ به سڌاريو.

اڄ ڪله ڪيترن گهرن ۾ ناسازي ۽ نفاق آهي ۽ انڪري اشانتي آهي. لڪشميءَ جو واسو به اُتي ٿئي ٿو جتي پريم ۽ ايڪتا آهي. اُهو گهر سرڳ سمان آهي. ڪس ڪائي به گهر جو ايڪو پريم قائم رکو. هڪ دفعي شاهوڪار کي سپني ۾ لڪشمي ديويءَ درشن ڏيندي چيو ته مان ٿورن ڏينهن ۾ تنهنجي گهر مان هلي ويندس، توکي جيڪو مونکان گهرڻو هجي سو گهر. صبوح ٿيو، ان شاهوڪار گهر جي سيني ڀاتين کي گڏ ڪري چيو ته رات لڪشمي ديويءَ نند ۾ درشن ڏيندي چيو آهي ته هوءَ جلدي هن گهر مان هلي ويندي، اُن ڪري هن مونکي چيو آهي ته جيڪي توکي گهرجي سو گهر. گهر جي ڪنهن ڀاتيءَ چيو ته لڪشمي ديويءَ کان هڪ شاندار بنگلو گهرو، ڪنهن چيو ته هيرا جواهر گهرو، ڪنهن چيو ته سون گهرو مطلب ته گهر جي جدا جدا ڀاتين پنهنجون پنهنجون خواهشون

رهيو هو. هنجو سڄو ڌيان پريوءِ جو طرف هو. ان ڪري هن راجا سان ڳالهايو ڪين. راجا پاڻ کي اپمانت سمجهي واپس هليو ويو. جڏهن شري چيتنيه مهاپريوءَ نرتيه سماپت ڪيو تڏهن ڪن پريمين ڪيس راجا جي موٽي وڃڻ جي خبر ٻڌائي. تڏهن شري چيتنيه چيو ته پريوءَ جي در تي راجا ۽ رنڪ سڀ هڪ آهن. راجا کي راجائيءَ جو ايمان آهي ته اُن سان ڳالهائڻ جي ضرورت ڪين آهي. راجا کي جڏهن اِها خبر پيئي ته شري چيتنيه سندس ايمان سبب ناراض آهي، تڏهن هن هڪدم راجائي ٺاٺ باٺ لاهي پنهنجي گادي پنهنجي سپتر کي سونپي. وهنوار ڪان ورڪت ٿي شري مهاپريو چيتنيه جي نرتيه ۾ ڀڳوت نام جي ڌني لڳائيندي سڌ ٻڌ پلجي ويو. تڏهن شري چيتنيه مهاپريوءَ هڪدم ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو. راجا جڏهن خاڪساري اختيار ڪئي، تڏهن سندس گرو شري چيتنيه مهاپريو مٿس پرسن ٿيو. پريميو! توهان به نوڙت نياز جو رستو اختيار ڪريو ته توهان کي سنسار ۾ به سڦلتا ملندي ۽ پرماتما به پرسن ٿيندو ۽ ستگرو مهاراج به راضي ٿيندو. سامي صاحب پنهنجي سلوڪن ۾ فرمائي ٿو ته جيڪو منش پرماتما ۾ پوُرڻ وشواس رکي نمرتا روپي هار پائي ٿو، پريو تنهن کي پنهنجو بڻائي ٿو. وهنوار ۾ به گهوٽ اُن استريءَ کي گلي لڳائيندو، جنهن ۾ نياز ۽ نوڙت هوندي.

سهسين ڪن سينگار، سهاڳڻ ڪا هڪڙي،
پائو جنهن پرتيت سان، حليميءَ جو هار،
چڙهي سڪپت سيج تي، پيٽي نت پتار،
ٻيون سڀ ٿيون خوار ، سڪ ورائي سڪٽيون.

پريميو! مانس شراب جوئا ڪان ڪنارو ڪريو. روز ستسنگ ۾ اچي هري گڻ ڳايو، نام ڌيايو.

۱۵ ڊسمبر سواميڄن احمدآباد روانا ٿيا. اُتي پرپارام سوسائٽيءَ ۾ سوامي جن سنت پرپارام جي ورسي اُتسو سنڀنڌ ۾ ۱۶ - ۱۷ ڊسمبر ستسنگ ڪندي سنت پرپارام جي گڻن جو ورنن ڪيو. ۱۸ ڊسمبر سوامي جن پريم پرڪاش آشرم امباواڙيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. ۲۰ ڊسمبر سواميڄن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

۸ جنوري ۱۹۷۹ سوامي جن ناگپور روانا ٿيا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۳ جنوري صبوح جو سواميڄن ڪامٽيءَ ۾ آيا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ورکا ڪئي. ۱۸ جنوري پاناپاڙا لاءِ روانا ٿيا. اُتي چار ڏينهن ستسنگ ڪيائون. ۲۲ جنوري سواميڄن سيوني روانا ٿيا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ ڪيولرام ۽ ٻين پريمين سواميڄن کي عرض ڪيو ته هر سال اچي پريمين جي پياس پوري ڪريو. ۲۹ جنوري سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۱۲-۱۳ فيبروري پوڄنيه سوامي جن ڪرلا بمبئي ڪپليشور مهاديو مندل ۾ شوراتري اُتسوُ سنڀنڌ ۾ ستسنگ ڪيو.

۲۰ فيبروري روهڙا برادري مندل جو وارشڪ اُتسوُ گرانٽ روڊ بمبئيءَ ۾ ٿيو. اُتي صدارتي وياکيان ڪندي پوڄنيه سواميڄن چيو ته سماجڪ براين کي دور ڪرڻ جو سنڪلپ

۱۰ آڪٽوبر سواميڄڻ احمدآباد روانا ٿيا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر امباواڙيءَ ۾ سنت اوڌوداس جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ سوامي جن ۱۱-۱۲-۱۳ آڪٽوبر ستسنگ ڪيو. احمدآباد مان سواميڄڻ جئپور روانا ٿيا. اُتي ۱۷ آڪٽوبر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو جنمدن اُتسؤ ملهايو ويو. ۲۱ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

۱٦ آڪٽوبر سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سواميڄڻ سوامي رامڪرشن جي آستان تي سوامي گوالانند مهاراج جو ورسي سنبنڌ ۾ ۲٦-۲۷ آڪٽوبر ستسنگ ڪيو. ۲۸ آڪٽوبر سنڌونگر ۾ واپس آيا. ۳۰ آڪٽوبر ڏياريءَ ڏينهن صبوح جو ڪي پريمي سوامي جن کي چوپڙن جي مهورت لاءِ بمبئي وٺي ويا. ۱ نومبر سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ۷ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن شام جو سوامي جن راڌي شيام گئو شالا ۾ 'گئو شيوا' وشيہ تي پروچن ڏيندي چيو تہ گانين جي شيوا ڪرڻ اسانجو مکيہ ڪرتويہ آهي. ۱۰ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو سوامي جن ستسنگہ کان پوءِ شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ڳالهائيندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن خوب دان پڇ ڪريو ۽ نام جپيو. اُن بعد سوامي جن کي ڪي پريمي امبرناٿ جل آشرم ۾ وٺي ويا. اُتي ڀاءُ پرسرام ۽ ڀاءُ امرلعل وليڇا سواميڄڻ جو سواگت ڪيو. اُتي پڻ سوامي جن ڀڄن ڳائيندي اُپديش ڏنو.

۱۱ نومبر سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي جن سوامي ٽيئونرام سوامي چندنرام مندر ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سنت اشوڪ لعل سوامي جن جا آڀار مڃيا. ۱۳ نومبر شام جو ۴ بڄي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. شام جو ستسنگ ۾ رکيل پاٺن جو ڀوڳہ وڌائون ۽ شري گرونانڪ جي جيون تي روشني وڌائون. رات جو سوامي جن شري گرونانڪ ديو جنم اُتسؤ سنبنڌ ۾ سنڌونگر ۲ ۾ ماتا پرميشوريءَ جي آستان ۽ جئہ بابا ڏام سنڌونگر ۵ ۾ سنت برهمداس وٽ ستسنگہ پروچن ڪيو.

۱۴ نومبر شام جي ستسنگہ ۾ پنڊت جواهرلعل نهروءَ جو جنمدن ملهايو ويو. سواميڄڻ سندس جيون تي روشني وڌي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ۵ جو اٺون وارشڪ اُتسؤ ۲ ڊسمبر کان ٦ ڊسمبر ۱۹۷۸ آشرم ۾ سوامي جن جي اڌيڪشتا ۾ ملهايو ويو. ۲ ڊسمبر صبوح جو سواميڄڻ سيني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ۳ بڄي سواميڄڻ جي نيترتو ۾ شاهي جلوس نڪتو جنهن ۾ هزارين پريمي 'ست نام ساکي، هري ڪرشن هري رام' جون ڌنيون لڳائيندا هليا. اُتسؤ جا چارئي ڏينهن پوجنيہ سواميڄڻ، منڊل جي سنتن ۽ مهاتمائن ستسنگہ ڪيو. ۵ ڊسمبر سنت سماگم ۾ سوين سنت پڌاريا. سوامي جن سيني سنتن جو هارڊڪ سواگت ڪيو. ان موقعي تي شري سنڪملعل برهمچاري ۽ شري راجورام برهمچاريءَ کي ڀيکہ ڏيئي شري سنڪملعل جو نالو ديو پرڪاش ۽ شري راجورام جو نالو ويد پرڪاش رکيو ويو.

٦ ڊسمبر پرڀات جو پوجنيہ سوامي جن اُتسؤ جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ:

پريميوا ايمان آڪڙ اِنسان کي ڪيرائيندي آهي ۽ نمرتا نهنائي چاڙهيندي آهي. ڀڳوان بہ ڀڳتن جي نمرتا تي پرسن ٿئي ٿو. گرو بہ شش جي حليم سڀاءَ تي راضي ٿئي ٿو. هڪ دفعي ڄڳننات پريءَ جو راجا پرتاپرودر پنهنجي گرديو شري چيتنيہ مهاپرڀوءَ جو درشن ڪرڻ ويو. اُن وقت شري چيتنيہ مهاپرڀو ڀڳوت نام جي ڌني لڳائيندي نرتيہ ڪري

غريب مائيءَ چيس: پيڻ ڀاري تہ مون وٽ آهي. توکي جيتري بہ پاڻي هجي، جيئن بہ پاڻي هجي پلي پاءِ. منهنجون اکيون ٺڏيون پر تون ڀاري پاءِ هٿ. مان گهر لاءِ ڀاري کونہ ڏينديسانءِ! شاهوڪار مائي اِهو جواب ٻڌي محسوس ڪيو تہ جنئن هن اُن مائيءَ کي حمام دستي ڏيڻ کان انڪار ڪيو هو تئن هوءَ بہ کيس ڀاري ڏيڻ کان انڪار ڪري رهي آهي. پريميو! توهان بہ جيڪڏهن هڪ ٻئي کي سهڪار نہ ڏيندءُ تہ ڪو توهان کي مدد نہ ڪندو. هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيو. مکي چوئٿرام بيگراج سواميجن جي شڪرادائي ڪئي.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ چيٽ جو ميلو ١٠ اپريل ١٩٧٩ کان ١٤ اپريل امراپور آسٿان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوجنيہ سوامي جن اُن ميلي جي سنبنڌ ۾ ٢ اپريل جئپور ۾ پهچي ويا. سواميجن ڀرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ تي نمسڪار ڪري سنتن ۽ پريمين سان حالي احوالي ٿيا. ٩ اپريل سوامي گرمداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. شام جو ستسنگہ ڪندي سواميجن سنت گرمکداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ١٠ اپريل صبح جو هوَن يگيہ‌ڪرڻ بعد سواميجن سڀني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. ان بعد امراپور آسٿان تي ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي سنگمرمر جي سندر مورتي اسٿاپت ڪئي ويئي. پوجنيہ سواميجن ۽ ٻين سنتن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي پشپانجلي ڀيٽ ڪئي. منجهند جو ٣ بجي پوجنيہ سواميجن جي نيترتوَ ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو من موهيندڙ جهانڪين سان شاهي جلوس ’شري ست نام ساکي‘ جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو. چارئي ڏينهن سوامي جن، منڊل جي سنتن ۽ ٻين گڏي جنن ستسنگہ پروچن ڪيو.

١٤ اپريل پرڀات جو پوجنيہ سواميجن سڀني سنتن سان گڏجي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو:

> ڀوکي ڀوجن ديت جو، پياس کو جل دان،
> ننگي کو پٽ ديت جو، ٽيئون ڌنيہ سو جان.

ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا تہ جيڪو بکين جا پيٽ ڀري ٿو، پياسين کي پاڻي پيئاري سندن پياس پوري ڪري ٿو ۽ اُگهاڙن کي ڪپڙا ڏيئي ڍڪي ٿو سو منش ڌنيہ آهي. هڪڙي ننڍڙي شهر ۾ هڪڙو ڌرمشٽ ستو گڏي برهمڻ برهمڻي رهندا هئا. سندن اِڇا ٿي تہ تيرٿ ياترا ڪري اچجي پر وٽن پورا پئسا ڪين هئا. ان ڪري تيرٿ ياترا جي خيال کان هنن ٿورا پئسا ميڙڻ شروع ڪيا. ڇئن پنجن سالن ڪانپوءِ ڪجھ پئسا ميڙي ٻئي پتي پتني تيرٿ ياترا لاءِ نڪتا. رستي تي هڪ ڏينهن رات جو هڪ ڳوٺ ۾ هڪ غريب برهمڻ جي گهر ۾ وشرام لاءِ ترسيا. ميزبان برهمڻ سندن واقفڪار ڪين هو پر تنهن هوندي بہ هن سندن آدرڀاءُ ڪيو. مهمان برهمڻ برهمڻيءَ کيس چيو تہ اسان پنهنجي رسوئي پاڻ ڪري کائيندا آهيون. توهان صرف پاڻي ڏيو تہ اسين ڀوجن تيار ڪريون. ميزبان برهمڻ وٽ گهر ۾ ٿورو ئي پاڻي هو. هن اُهو سمورو پاڻي برهمڻ برهمڻيءَ کي ڏنو جنهن سان اُنهن ڀوجن تيار ڪري کاڌو ۽ جل پيتو. اُن بعد هوُ وشرام ٿيا. اُن بعد

ڪريو. اُن جي شروعات گهر کان ڪريو، مانس شراب ورتائڻ سان هڪ طرف صحت بگڙجي ٿي ته ٻئي طرف پئسي جو زيان ۽ ٻارن تي برا سنسڪار پون ٿا، ڌارمڪ درشٽيءَ کان به اِهو اشيُ ۽ پاپ ڪرم آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

مانس کان سي منش ڪي هووي ٻڌي ملين،
ڪهه ٽيئون ٻڌ پرشٽ سي، ڪرم ڌرم هو ڪين.

پوڄنيه سواميڄن ۲ مارچ کان ۱۵ مارچ وڌالا برادر طرفان آيوجت هولي اُتسؤ سنبنڌ ۾ وڌالا بمبئيءَ ۾ ستسنگه پروچن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن جدا جدا ڏينهن تي ڀڳتي - گيان وغيره وشين تي پروچن ڪندي چيو ته سنساري جوابداريون پوريون ڪندي پريوءَ کي به ياد ڪريو. جنهن مالڪ هھڙي سندر ڪايا - مايا توهان کي ڏني آهي اُن کي نه وساريو. اُن جا ور ور شڪرانا مڃيو. وهنوار ۾ به هڪ ٻئي کي ساٿ ڏيو. ڪڪه جو ڪم لکه ۾ پوندو آهي ۽ لکه جو ڪکه ۾. هڪ غريب مائي هئي. ويچار ٽيس ته هڪ به ڪلو مرچن جو ڪٽجي سو ڪنهن پاسي واري شاهوڪار مائي جي گهر ويئي ۽ هن کي عرض ڪيائين ته: ادي مونکي جيڪڏهن لوهه جو همام دستو ڏين ته مان پنهنجي گهر وڃي مرچ ڪٽيان.

شاهوڪار مائي چيس: ڀيڻ همام دستو ته آهي پر مان گهر لاءِ ڪونه ڏينديسانءِ. مرچ هتي جيترا به ڪٽڻا هجني ڀلي اچي ڪٽ. پر غريب مائيءَ وراڻيس ته مونکي الائي ڪيڏي مهل وقت ملي. ٻيو ته مرچن ڪٽڻ ڪري توهان به سڀ ويهي ڇڪون ڏيو. اهو مون غريب مائيءَ لاءِ سلو ڪونهي.

شاهوڪار مائيءَ هن غريب کي ائين خالي هٿين واپس ڪيو! ويچاري غريب مائي لڙڪ منهن سان پنهنجي گهر واپس آئي.

هڪ ڏينهن اها شاهوڪار مائي ننڊ مان اُٿي. صبوح جو وقت هو. من ۾ چيائين ڇو نه ويني ويني گهر جي ٻهاري ڪيدي ڇڏيان. اهو ويچار ڌاري گهر ۾ ٻهاري ڳولهڻ لڳي پر هن شاهوڪار مائيءَ کي ٻهاري هٿ ڪونه آئي. مڙس کي چيائين: ٻڌو ٿا، هڪ ٻهاريءَ ته جهٽ وٺي اچو! مڙس چيس: مون کي دوڪان تي دير پيئي ٿئي. پنهنجي پٽ کي اُٿاري چئه ته هو توکي ٻهاري آڻي ڏيندو. شاهوڪار مائيءَ پٽ کي ننڊ مان اُٿاري ٻهاري وٺي اچڻ لاءِ چيو. پر سندس پٽ به ڪو سست هو. تنهن پڻ ماءُ کي چيو، آخر ٻهاريءَ جي به ڪهڙي تڪڙ آهي! مونکي ڀرين ننڊ ڪرڻ ڏي.

شاهوڪار مائيءَ جي من ۾ هڪ ڳالهه تري آئي، من ۾ چيائين: ڇونه حال هن غريب مائيءَ وٽان ٻهاري وٺي اچي گهر کي صاف ڪريان؟

اهو ويچار ڪري مائي هن غريب مائيءَ جي گهر آئي ۽ هن غريب مائيءَ کي چيائين: ادي اها پنهنجي گهر جي ٻهاري جيڪر ٿوري وقت لاءِ نه ڏين ته مان پنهنجي گهر پائي توکي واپس ڪيان!

چڪتسا سميلن آيوجت ڪيو ويو، جنهن جو مهورت ڀارت جي سواسٿيه ۽ پريوار ڪلياڻ منتري شري روي راي ۲۲ مئي منگل صبوح جو ۱۱ بجي ڪيو. سميلن جي اڌيڪشنا پروفيسر سڌيشور پرساد ڪئي ۽ پوڄنيه سوامي جن سواڳت- اڌيڪشيه هئا. ڀارت جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين سڄڻ سميلن ۾ شريڪ ٿيا.

پوڄنيه سوامي جن پنهنجي سواڳتي ڀاشڻ ۾ چيو ته خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو هن آستان تي اکل ڀارتيه پراڪرتڪ چڪتسا سميلن جو آيوجن ڪيو ويو آهي. منش جيترو پرڪرتي ۽ پرماتما جي ويجهو ايندو اوترو هو روڳ ۽ شاريرڪ دکن کان دور رهندو. سنت تلسيداس پڻ چوي ٿو:

دئنڪ، ديهڪ ڀوتڪ تاپا،
رام-راڄ نهين ڪاهو وياپا.

پرڪرتي ۽ پرماتما کان پري رهڻ سبب ۽ قدرت جي نيمن جو اُلنگهن ڪرڻ سبب اسين وڏيڪ دک ۽ بيماريون ڀوڳيون ٿا. اڄڪلهه انگريزي دوائن ڪيترين بيمارين کي گهٽائڻ بدران ڪيتريون بيماريون وڌايون آهن. تامسي کاڌا تامسي ويچار پيدا ڪن ٿا. کاڌو کائجي جيئڻ لاءِ نه چشڪي لاءِ. سني صحت ماڻڻ لاءِ نيمت کائجي. قدرتي علاج دوران ڪيتريون ئي بيماريون دفع ٿي سگهن ٿيون. قدرتي علاج ڪرڻ ۾ نه ايترو خرچ آهي نه وري اُن جي ڪا اُلٽي پرتيڪريا ٿئي ٿي. شرير تندرست هوندو ته من به درست ٿيندو. جيڪڏهن اسانجو من به پرسن آهي ته آتمڪ اُنتي به سمڀوُ آهي. هن سميلن ۾ ڪيترائي قدرتي علاج جا ماهر ڊاڪٽر آيل آهن جي جدا جدا روڳن جا اُپاءَ توهان کي ڏسيندا. جيڪڏهن اُنهن اُپاوَن تي عمل ڪبو ته ضرور شفاياب ٿبو. آشرم طرفان مان مرڪزي منتري روي راي، پروفيسر سڌيشور پرساد ۽ سميلن ۾ آيل سڀني قدرتي علاج جي ماهرن جو هارڊڪ سواڳت ٿو ڪريان.

سوامي جيون مڪت ۱۸ جون ۱۹۷۹ برهملين ٿيا. پوڄنيه سوامي جن اُن وقت امراپور آستان جئپور ۾ رهيل هئا. سواميڄن هڪدم ڪيرٿل روانا ٿيا. سواميڄن سوامي جيون مڪت کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سوامي جيون مڪت منڊل جا بزرگ سنت هئا. ڪين سنتن ۽ سنڌ جي صوفي درويشن جي ڪيڏي نه ٻاڻي ياد هئي! ڪيئن نه اُها ٻاڻي يڪتاري تي ڳائيندا هئا. هو يوگي پرش هئا. سوامي جن تيرهي جي ڏينهن يوگيراڄ کي ڪيرٿل جي آشرم جو ڪم سونپي ۲ جولاءِ سنڌونگر ۾ واپس آيا.

۱۵ جولاءِ گرو پورڻما جي ڏينهن سوامي جن 'ستگروءَ جي ضرورت' وشيه تي پروچن ڏنو.

پوڄنيه سوامي جن جو ۷۳ جنمدن جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ملهايو ويو. پرڀات جو سواميڄن کي ڪير سان سنان ڪرايو ويو ۽ پريمين سندن پوڄا اُپاسنا ڪئي. صبح جو ۹ بجي هوَن يگيه ٿيو ۽ اُن بعد سواميڄن سفيد پوشن کي اسٽيل جون ٿالهيون، چانورن جا پاڪيٽ ۽ روڪ سهائتا ڏني ۽ انهن کي پوڄن ڪارايو.

گهر جي مالڪ برهمڻ برهمڻي برتن کڻي پاڻي ڀرڻ ويا. رات جي وقت هڪ ڪڏي تي آيا. اُن جي ٿوري کوٽائي به ڪيائون پر ڪين پاڻي ڪين مليو. وري موٽي گهر آيا. وري پرڀات جو برتڻ کڻي ساڳي جاءِ تي پاڻي ڀرڻ آيا ته ڪين مٽيءَ هاڻو ٿورو پاڻي مليو. اُهو پاڻ کڻي هو گهر آيا. آيل مهمان برهمڻ برهمڻيءَ اُنهن کان پڇيو ته توهان رات جي وقت ٻه دفعا برتڻ کڻي ڪيڏانهن ويا؟ هڪ دفعو آيا وري ٻيهر ويا ائين ڇو؟ گهر جي مالڪ برهمڻ جواب ڏيندي چيو ته ٽن چئن سالن کان هت برسات بنهه ڪين پيئي آهي. ٻي ڪا ندي يا کوهه به هت ڪين آهي. رات جيڪي پاڻي گهر ۾ هو سو توهان کي ڏنو. ٻيو پاڻي ڪڏي مان ڀرڻ لاءِ وياسين پر پاڻي ڪين مليو. ان ڪري وري پرڀات جو اُن ڪڏي تي پاڻي ڀرڻ وياسين ته مٽيءَ هاڻو ٿورو پاڻي مليو آهي جو ڇاڻي ڪري توهان کي ٻه ڏبو ۽ اسين به اِستعمال ڪنداسين. هتي پاڻيءَ جي سخت تڪليف آهي. مهمان برهمڻ وراڻيو ته جيڪڏهن هت پاڻيءَ جي ايڏي تنگي آهي ته پوءِ توهان هن ڳوٺ ۾ کوهه ڇو نه ٿا کوٽايو؟ ميزبان برهمڻ جواب ڏيندي چيو ته ڳوٺواسين ۾ ايڏي شڪتي ڪين آهي جو کوهه کوٽائي سگهن. هن ڳوٺ ۾ سڀئي غريب مسڪين رهن ٿا. آٽين ۽ چاڙهين ڏٽ ڏهاڙي سومرا. اِهو ٻڌي ياتري برهمڻ برهمڻيءَ کي ديا اچي ويئي ته هن ڳوٺ جا رهواسي پاڻيءَ ڪانسواءِ ڪيڏو نه مشڪلات ۾ آهن. جل جيون لاءِ تمام ضروري آهي. اُنهن ويچار ڪيو ته تيرٿن لاءِ گڏ ڪيل پئسن سان ڇونه هن ڳوٺ ۾ هڪڙو کوهه کوٽائجي جيئن پياسين جي پياس پوري ٿئي. ان کوهه مان نه صرف هن ڳوٺ جا رهواسي جل پيئندا پر اُهو جل پکين پسن جي پياس به پوري ڪندو. سندن دل ۾ ڪروڻا ڀاوَ پيدا ٿيو. هنن تيرٿن جو تياڳ ڪري ميڙي چونديءَ جي پئسن مان اُتي کوهه کوٽايو.

ايشور ڪرپا سان کوهه مان ڏاڍو مٺو جل نڪتو. ڳوٺواسي ان برهمڻ برهمڻيءَ جا ڏاڍا احسان مڃڻ لڳا جن سندن لاءِ کوهه کوٽائي مهان اُتم ڪم ڪيو آهي. جڏهن اُن کوهه جو پاڻي ڳوٺواسي ڀرڻ لڳا ۽ پسن پکين لاءِ پڻ پاڻيءَ جو پربند ٿيو ته برهمڻ برهمڻي عجيب آنند جو انڀوءُ ڪرڻ لڳا. کين ائين لڳو ته هو چارئي ڌام ڪري آيا آهن. پئسن نه هئڻ سبب هو اُتان ئي پنهنجي شهر واپس آيا. کين تيرٿن تي نه وڃڻ جو ڏک ڪين هو پر سندن دل پيار، ديا ۽ آنند سان ڀريل هئي.

پريميوا ديا بن سڌ به ڪاسائي آهي. ڪو ڀهتل سنت هجي پر جيڪڏهن سندس دل ۾ ديا ڪين آهي ته اُهو ڪاسائيءَ سمان آهي. ان ڪري ڀلي نام جپيو پر اُن سان گڏ دل ۾ ديا به ڌاريو. نام جپڻ سان توهانجو اندر اوجل ٿيندو ويندو ۽ ديا ڪرڻ سان توهان جي دل نرم ٿيندي ويندي. پريوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ يا اُن جي ڪرپا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻئي ڳالهيون ضروري آهن. ٻهاري پائڻ سان ڌرتي صاف ٿيندي پر پاڻي ڏيڻ سان ڌرتي نرم ٿيندي. پريوءَ جو پيار پائڻ لاءِ اندر جي اوجلتا ۽ نرملتا ٻئي ضروري آهن. ان ڪري خوب نام جپيو ۽ روز ڪي نه ڪي اُپڪار جا، شيوا جا ڪم ڪريو. پکين کي ڪاڻو کارايو، پياسين جي پياس پوري ڪيو، ڌرمشالائون ٺهرايو، گئوشالائون برپا ڪريو. اسڪول برپا ڪريو. اسپتالون ٺهرايو. يٿا شڪتيءَ خلق خدمت جا ڪم ڪريو.

٢٢ مئي کان ٢٤ مئي سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ سورهون اکل ڀارتيه پراڪرتڪ

دان طور ڏنا. ان موقعي تي سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ وديا دان اُتم دان آهي. هن وديالیہ مان هزارين وديارٿي وديا پراپت ڪري جيون ٺاهيندا.

هن موقعي تي راجڪوٽ جي ميئر شري اروندڀائي مٽيار، شري نيوندرام لوڪواٽي، شري ٺانورداس خوبچنداڻي، شري گوڏومل آهوجا، شري باشارام گوگيا، شري مولچند ڪٽر ۽ شري جواهرلعل ماٺا سوامي جن جو سواگت ڪندي ويچار ظاهر ڪيا، ديال 'آشا' عمارت جي نرماڻ لاءِ دانويرن کي اپيل ڪئي. اسڪول جي ڪاريہ ڪرتائن پذرائي ڪئي تہ اسڪول جو نالو 'سوامي ٽيئونرام هاءِ اسڪول' رکيو ويندو. اسڪول جي پرنسيپال شري وڪرم ٽوپڻداساڻي سوامي جن ۽ آيل مهمانن جي شڪرگذاري ڪئي.

پريم پرڪاش مندر سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ جو نائون وارشڪ اُتسو پوجنيہ سواميجن جي سرپرستيءَ ۾ ٢٢ نومبر کان ٢٦ نومبر ١٩٧٩ع تائين ڏاڍي اُتساهہ اُمنگ سان ملهايو ويو. سوامي ماڌوداس، سوامي بسنترام، سوامي ڏرمداس، سوامي ايشور آنند، سوامي رامڪرشن، سوامي گٽيشانند، سوامي گنگارام، سوامي سويم پرڪاش، سوامي چيتن پرڪاش، سنت پچنداس، سنت روي پرڪاش، سنت هرداسرام، سنت ارجن پرڪاش ۽ پنڊت سيتلداس چارئي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو.

٢٦ نومبر پرڀات جو پوجنيہ سوامي جن اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي هينيون ڀڄن ڳايو.

ايشور اها ڪر آسيسا، تنهنجا گڻ نت ڳايان مان.
١- مهروان ڪر مهر اهائي، من ۾ ڪو نا ماڻ رهي،
ستگر سنتن پاڻ وڏن کي، نوڙي سيس نوايان مان. ايشور...
٢- منگتو بڻجي دان مڱان تو، ديا، ڪري ڏي داتا مون،
نُور تنهنجو نرمل نالو، جپيان ٻين جپايان مان. ايشور...
٣- اهڙي ٻڌ ڏي اهڙي سڌ ڏي، اهڙي جڳتي ڏي سوامي،
جڳہ ساري جي پريتي تُوڙي، توسان پريتي پايان مان. ايشور...
٤- اهڙو سنگہ ڏي، اهڙو رنگہ ڏي، اهڙو ڍنگہ ڏي ڍولڻ مون،
ڦرٽا من جا مڙئي ميٽي، تنهنجا چرن ڏيايان مان. ايشور...
٥- ڪار اِها ڏي ڪرت اِها ڏي، ٽهل چاڪري ڏي اِها،
سڀ ۾ تنهنجي صورت جاڻي، سک سان سيو ڪمايان مان. ايشور...
٦- آس اِهائي پياس اِهائي، منشا اِها ڪر پوري،
ڪهي ٽيئون رهان جيسين جيئرو، توکي ڪين ڀلايان مان. ايشور...

پوجنيہ سوامي جن ڀڄن ڳائيندي چيو تہ نام کي نہ وساريون. ٻيون ڳالهيون سڀ وساريون. هڪ پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيون جيڪو هت هت اسان سان سهائي آهي. سواميجن سنگت کي اپيل ڪئي تہ جوئا شراب مانس آهار جو تياڳہ ڪريو. انهن براين اسانجي سماج کي وڏو ڪاٽ هنيو آهي. هزارين گهر برباد ٿي ويا آهن. دکين دريدرن پکين

شام جي ستسنگ ۾ پروفيسر رام پنجواڻي، شري گوبندرام ڀاٽيا، سنت ديوداس، هيرالعل سيندااساڻي، داس ۽ ٻين سواميڄن جي جيون ڪاريہ تي روشني وجهندي چيو تہ پرماتما شل سوامي جن کي ديرگهہ آيوُ ۽ صحت بخشي جو اسانجي رهنمائي ڪندا رهن.

هن موقعي تي ڀاءُ رامڪرشن آڏواڻيءَ چيو تہ سوامي شانتي پرڪاش اُهي ست پرش آهن جن رهڻي ڪهڻيءَ جي لحاظ کان سؤ سيڪڙو ڀاڳ کي پرماتما ۽ پبلڪ جي ڪاريہ لاءِ ارپيو آهي. سچ تہ سنڌونگرواسي ڀاڳيوان آهن جو ڪرم يوگي ۽ نمرتا جي مورتي سواميڄن سنڌونگر ۾ پنهنجو ديرو ڄمايو آهي ۽ هن آشرم کي تيرٿ آستان بڻايو آهي. جيڪي سندن صحبت ۾ رهن ٿا تن تي پڻ مالڪ جي محبت جو رنگہ چڙهي وڃي ٿو. سوامي جن خلق ۾ خدا کي پسن ٿا.

هنديءَ جي پرسڌ ڪوي سرسوتي ڪمار ديپڪ سواميڄن جي مهما ڪندي چيو:

سوامي شانتي پرڪاش نت بانٽ رهي هئن گيان،
بتا رهي همڪو سدا، هر نرهئہ ڀڳوان،
هر نر هئہ ڀڳوان، ڪرم- ديپڪ دمڪانا،
تلسي سوَر ڪبيرا بن ڪر، هر کي گن گاتا،
ڪهي ديپڪ ڪوي داس، ستيہ ڪا هوئا سويرا،
رام نام کي پرڪاش سي، من ڪا گيا انڌيرا.

پوڄنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ اوهان جيڪي ڪجهہ داس لاءِ چيو آهي اِها ڪاريہ جي مهما آهي. هيءَ منش ديهہ ستڪرمن لاءِ ملي آهي. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

شڀ اوسر يهہ منش تن، ملا ڀاڳہ سي توهہ،
ڦنس ڪر مايا موهہ ۾، ٽيئون نان مت کويہ.

پريميوا توهان کي ڀاڳن سان هيءَ منش ديهہ پراپت ٿي آهي. مايا جي پرپنچ ۾ اٺڪي اهڙو جنم ويرٿ ڪين وڃايو. نام ڳايو، نام ڏيايو، دکين دريدرن کي گلي لڳايو.

۱۲ آڪٽوبر مهيم ممبئيءَ ۾ بمبئي هندي ودياپيٺ جو ۴۱ وارشڪ اُتسو سنسڪرت ودوان ڊاڪٽر پراڙڪر جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو. پوڄنيہ سوامي جن اُن اُتسو جا مکيہ مهمان هئا. سوامي جن هنديءَ جي مهتوَ تي ڳالهائيندي چيو تہ هندي اسانجي راشٽر ڀاشا آهي. راشٽر ڀاشا بنا راشٽر گونگو آهي. ان ڪري وهنوار ۾ انگريزي ٻوليءَ کي ايتري اهميت نہ ڏيئي هنديءَ جو اڀياس ڪريو. هنديءَ ۾ اٿاهہ سنت ٻاڻيءَ جو خزانو آهي جنهنجي پڙهڻ ۽ شروڻ سان وهنوار چاهي پرمارٿ ٻئي سڌاري سگهجن ٿا. هندي جن مانس جي ڀاشا آهي.

۷ نومبر پوڄنيہ سواميڄن راجڪوٽ ۾ وديا گيان منڊل طرفان هلندڙ سنڌي اسڪول جي نئين عمارت جو ڀومي پوڄن ڪرايو. سوامي جن ان وديا ڀون لاءِ ايڪونجاهہ هزار روپيا

امراپور آستان جئپور ۾ پوجنيه سواميڄن جي زير صدارت ملهايو ويو. ۲۹ مارچ سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. سوامي جن شام جو ستسنگ ڪندي سوامي گرمکداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ۳۰ مارچ صبوح جو سواميڄن سيني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي ميلي جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ۲ بجي پوجنيه سوامي جن جي نيترتو ۾ شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو، جنهن ۾ ڪيترائي سنت ۽ هزارين پريمي شريڪ ٿيا. چارئي ڏينهن صبح شام منڊل جي سنتن ۽ ٻين آيل مهاتمائن ستسنگ پروچن ڪيو.

۲ اپريل پرڀات جو پوجنيه سوامي جن اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئه پائيندي چيو:

ڪليگ ۾ هري نام هئه، سڀ ساڌن ڪا سار،

ڪهه ٽيئون تنهه سمرڪي، پائو موڪش دوار.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن دواران ڏنل نام جي پونجيءَ کي وڌايو. ڪليگ ۾ نام سمرڻ جهڙو ٻيو ڪو ساڌن ڪين آهي. ان ڪري ڏنڊو وهنوار ڪندي، گهر گرهست ۾ رهندي به نام جپيو. نام کي نه وساريو. نام سمرڻ دواران توهان کي موڪش پد جي پراپتي ٿيندي. توهان پرماتما کي دل سان ياد ڪندا ته پرماتما وري توهان جي سار لهندو.

بنگال ۾ گنگا جي ڪناري ڀڳت نارائڻداس رهندو هو. سندس پتنيءَ جو نالو مالتي هو. کيس سنتان ڪين هئي. سندس اڇا هئي ته جيون جا باقي ڏينهن ٻئي جڻا ڀڳوان شري رام جي جنم ڀومي ايوڌيا ۾ ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريون. اُن ڀاونا سان پتي پتني ٻئي جڻا پنهنجو ٿورو گهڻو سامان بيل گاڏيءَ ۾ رکي ايوڌيا نگريءَ لاءِ نڪتا. رستي تي ڀيلن کين لٽي ڦري، ڀڳت نارائڻداس کي خوب ماري ڪٽي، کيس مئل سمجهي هڪڙي کڏي ۾ ڦٽي ڪري مال ڪٽندا رمندا رهيا. مالتيءَ کي سامان لٽجڻ جي چنتا ڪين هئي پر پنهنجي پتيءَ جي دردناڪ حالت ڏسي هوءَ به مورڇت ٿي ويئي. جڏهن هوش ۾ آئي تڏهن هن اکين ۾ لڙڪ آڻي پريو شري رام کي پڪاريو. هيڏانهن ڀڳوان شري رام انهن ڀيلن کي ختم ڪري پياري ڀڳت نارائڻداس جو ڦريل مال ڪٽي اچي جهنگل ۾ مالتيءَ کي درشن ڏنو ۽ ڀڳت نارائڻداس کي به هوش ۾ آڻي ٻنهي پتي پتنيءَ کي سامان سوڌو گهوڙي تي چاڙهي ايوڌيا نگريءَ جي ٻاهران گهوڙي تان هيٺ لاهي ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو. ڀڳت نارائڻداس ۽ ڀڳتياڻي مالتي عجب ۾ پئجي ويا ته ڪيئن نه پريو شري رام کين جهنگل ۾ درشن ڏيئي سهائتا ڪري ايوڌيا ۾ پهچائي انترڌيان ٿي ويو. پرماتما پنهنجن پيارن جي ڪيڏي نه سار لهي ٿو.

پريميو! توهان به سک ۽ شرڌا سان پريوءَ کي ياد ڪريو ته پرماتما توهانجي سار لهندو، ستگرو مهاراج توهانجي رکشا ڪندا.

۱۰ اپريل سوامي جن اندور ۾ آيا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ سوامي مرليڌر جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۵ اپريل سواميڄن کنڊوا ۾ آيا. اتي رات جو ستسنگ ڪري ۱٦ اپريل سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

پسن جي شيوا ڪريو. اوهان انهن جي سار لهندا ته پرڀو اوهان جي سار لهندو.

۵ ڊسمبر ۱۹۷۹ صبح جو سوامي جن احمدآباد ۾ پهتا. شري نيڻومل، شري سنتومل ۽ ٻين ڪيترن پريمين سوامي جن جو اسٽيشن تي سواگت ڪيو. سواميجن ۵-۶-۷ ڊسمبر سنت پرپارام صاحب جي ورسيءَ جي موقعي تي سنت پرپارام سوسائٽيءَ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.

۸ ڊسمبر سواميجن گوڌرا ۾ آيا. اُتي شري ارجنداس ماڪيجا ۽ ڀاءُ گوبندرام رانولاڻي سون پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۱ ڊسمبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۷ جنوري ۱۹۸۰ پوجنيه سوامي جن گانڌينگر ڪولهاپور ۾ پڌاريا. سون پريمين گانڌينگر اِسٽيشن تي سواميجن جو سواگت ڪيو. سواميجن اُتي ۷ جنوري کان ۹ جنوري ستسنگ پروچن ڪندي پياري هري ٻلي، مکي راڌيمل، ماتا راڻي ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد ڏني.

۱۰ جنوري سوامي جن اچلڪرنجيءَ ۾ ڀاءُ برجلعل هيراڻيءَ جي گهر پڌاريا. سوامي جن اُتي مندر ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ پهلاجراءِ راڌاڪرشن سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي. ۱۱ جنوري سوامي جن ميرج ۾ ستسنگ ڪيو. اُتان سواميجن بيلگام روانا ٿيا. اُتي سواميجن ٻه ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۴ جنوري سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

روهڙا برادر منڊل جو وارشڪ اُتسو ۱۰ فيبروري صبح جو ۱۱ بجي ڪار بمبئيءَ ۾ ٿيو. اتي سواميجن هوشيار وديارٿين کي پرسڪار ڏيندي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏني. سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته پاڻ ۾ سمپ رکو. ايڪتا ۾ ئي آنند آهي. سنگهٺن ۾ ئي سگهه آهي. اڄ ماڻهن ۾ سهنشيلتا ڪين رهي آهي، اُن ڪري گهر مان ٻه گهر، ٻن مان چار گهر ٿين ٿا. ناسازي نفاق وڌي ويو آهي. انڪري غم ڪائي ٻه ايڪو رکو. جيترو وڏڙن جي مان مريادا ۾ رهندا، اوترو توهان لاءِ سٺو آهي. وڏڙن جي آگيا ۾ رهي سندن آسيس وٺو.

۲۴ فيبروري سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ پڌاريا اُتي ماتا ستيءَ جي آسڻ تي سوامي جن ۲۳-۲۵ فيبروري ستسنگ ورکا ڪئي. ۲۶ فيبروري سوامي جن پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن ۲۶ کان ۲۸ فيبروري ستسنگ پروچن ڪندي سوامي چندن پرڪاش جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ۲۸ فيبروري ۱۹۸۰ صبح جو سواميجن سنت اشوڪلعل کي بيکه ڏيئي سندس نالو اننت پرڪاش رکيو. ۱ مارچ سواميجن اُرليءَ ۾ پڌاريا. اُتي رات جو ستسنگ ڪري ۲ مارچ سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۷ مارچ کان ۱۹ مارچ سواميجن وڏالا برادر منڊل طرفان آيوجت هولي اُتسو سنبنڌ ۾ سنسنگ ورکا ڪئي. مکي چوئٿرام بيگراج سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسو چيٽ جو ميلو ۳۰ مارچ ۱۹۸۰ کان ۳ اپريل

ڪاڻ لاءِ وينو ته هڪ ڪتي سندس سامهون بيهي گهور ڪري نهارڻ لڳي. اُن ڪتيءَ تازو ويم ڪيو هو اُن ڪري ڪيس ڇتي بک لڳي هئي. ڪتيءَ جي ڪاڏي تي سندس گلڙن جو به آڌار هو. اُن دڪاندار کي اُن ڪتيءَ تي ڪهل اچي ويئي. هن هڪدم هڪ روٽي ٽڪر ٽڪر ڪري اُن ڪتيءَ کي ڏني. ڪتي اُها روٽي هڪدم کائي ويئي ۽ وري به نماڻي ٿي گهوري اُن دڪاندار ڏانهن نهارڻ لڳي. رگهوناٿ کيس ٻي به روٽي ڏني ته ڪتي هڪدم کائي ويئي ۽ وري نهارڻ لڳي. رگهوناٿ پنهنجي ڪاڏي پيٽي جو خيال نه ڪري آخرين ٽين روٽي به اُن ڪتيءَ کي کائڻ لاءِ ڏني. ڪتي اُها روٽي به کائي رمندي رهي.

رگهوناٿ اُن وقت صرف ٻاجي کائي پاڻي پي ڇڏيو. هن اُن ڪتيءَ تي قياس ڪري پاڻ کي بکيو رکي به ڪتيءَ کي سکي ڪيو. اُن رات جو کيس سپنو آيو ته اڄ تو بنا مطلب جي هڪ ڪتيءَ تي قياس ڪري پاڻ روٽي نه کائي، ڪتيءَ کي کارائي جيئدان ڏنو آهي، ان ڪري تون جلدي ڌنوان ٿيندين. رگهوناٿ جلدي شاهوڪار ٿي ويو.

پريميوا نسوارٿ ديا ڪرڻ مان ڪيڏو نه لاڀ ٿئي ٿو. گروصاحب پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڌول ڌرم ديا ڪا پوت

ڌرم به ديا جي سنتان آهي. جيڪڏهن اسانجي دل ۾ ديا آهي ته ڀڳوان جي دل ۾ اسين ياد آهيون. ٨ جولاءِ منجهند جو پوڄنيه سواميڄن دبئيءَ مان بمبئيءَ لاءِ روانا ٿيا ۽ شام جو بمبئي هوائي اڏي تي پهتا. سون پريمين سواميڄن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو.

آرتوار ٢٧ جولاءِ گرو پورڻما جو اُتسو سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ملهايو ويو. پهرين پوڄنيه سواميڄن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراڄن جي مورتين جي پوڄا ڪئي ۽ ان بعد سون شرڌالو پريمين پوڄنيه سواميڄن کي پشپ مالهائون پائيندي ناريل مصري ڀيٽ ڪيا. سواميڄن گرو پورڻما جي مهتو بابت پروچن ڪندي چيو:

ستگر هري کي ديهه هئه يا ۾ سنشيه ناهه،

ڪهه ٽيئون گر ڌيان ڌر هر ديکو تنهه مانهه.

ستگرو ۽ پريوءَ ۾ ڀيد نه رکو. گروءَ کي ئي پرماتما جو روپ ڄاڻي اُن جو ڌيان ڪريو. گرديو جي روپ ۾ ئي پرم برهم پرماتما جو درشن ڪريو. شش کي گروءَ ۾ پورڻ وشواس رکڻ گهرجي. وشواس وارو ڪليو ڪائيندو آهي.

شرڌاوان ليتي گيانم.

٣١ آگسٽ ١٩٨٠ آرتوار ڏينهن پوڄنيه سواميڄن جو ٧٤ جنمدن جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم ۵ ۾ ملهايو ويو. پربات جو پريمين پوڄنيه سواميڄن کي کير سان سنان ڪرائي پوڄا ڪئي. صبح جو ٨ بڄي شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ جو ڀوڳ وڌو ويو ۽ هون يڳيه ڪيو ويو. ان بعد سفيد پوش ڀينرن جي شيوا ڪئي ويئي. سوامي جن ڪين چادرون، اناج جا پاڪيٽ ۽ روڪ سهائتا ڏني. شام جي ستسنگ ۾ ڪيترن

٢٠ اپريل شام جو سنت سورداس جي جينتي، آشرم ۾ ملهائي ويئي. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ سنت سورداس ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو، سرو سريشٽ ڪرشن ڀڳت ڪوي هو. هڪ دفعي اڪبر بادشاهہ جي دربار ۾ تانسين، سنت سورداس جو پد ڳائي رهيو هو. اڪبر بادشاهہ اهو پد ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو ۽ تانسين کي چيائين تہ ان ڪويءَ جو ديدار ڪراءِ.

تانسين اڪبر بادشاهہ کي سنت سورداس وٽ وٺي آيو. اُن وقت سنت سورداس شري ڪرشن مهما جا ڀڄن ڳائي رهيو هو. بادشاهہ ڀڳوان جي ساراهہ جا پد ٻڌي سنت سورداس کي چيو تہ هن وقت مان وڏو بادشاهہ آهيان، تون منهنجي ساراهہ جا گيت ٺاهہ ۽ ڳاءِ. سنت سورداس نمرتا سان ورائيو 'بادشاهہ! مان ڀڳوان شري ڪرشن ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن جي اُستتي ڪين ڪندو آهيان. منهنجي لاءِ شري ڪرشن ئي راجائن جو راجا مهاراجا آهي.'

پريميو! ڪيترا ڪوي دنيوي ماڻهن جي ساراهہ جون سرڪيون ڀري سرسوتي ماتا جو اپمان ٿا ڪن. ڪوتا دواران ڀڳوت اُستتي ڪرڻ گهرجي. ڀڳت سورداس وانگر توهان بہ هر وقت ڀڳوان شري ڪرشن جا گيت ڳايو، بانڪي بهاريءَ جو ڌيان ڪريو.

شري واسديو اُڏرائي، سندس ڌرمپتني اننديبائي ۽ ٻين پريمين جي قرب ڀري ڪوٺ تي پوڄنيہ سوامي جن ٢٨ جون دبئيءَ روانا ٿيا. سوامي جن سان گڏ سنت ديو پرڪاش، سنت ٽوپداس پنجواڻي، پيارو گيانلعل ۽ ديال 'آشا' هئا. منجهند جو ٣ بجي دبئي هوائي اڏي تي پريمين سواميڄن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي پياري شري واسديو اُڏرائيءَ جي گهر ۾ رهيا. اُتي سوامي جن روز شام جو گر دربار ۾ ستسنگ پروچن ڪندا هئا، ڀاءُ ڪيومل شراف، لڪميچند للا، ڀاءُ مورجمل منگهناڻي، ڀاءُ رام بخشاڻي، ڀاءُ گوپالداس شراف، ڀاءُ واشومل شراف، ڀاءُ گنگاڌر هوتچند روهڙا ۽ ٻين پريمين سوامي جن جي ستسنگ ۽ پوڄن جو ڪاريہ ڪرم رکيو. ڏهہ ئي ڏينهن دبئيءَ جي سنڌي سماج ۾ جڻ آنند جي لهر ڇانئجي ويئي.

سواميڄن پنهنجي ستسنگ دواران دبئيءَ جي سنڌي سماج کي اپيل ڪئي تہ وديش ۾ رهندي بہ سنڌيت ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريو. خوب ڪمايو پر اُن سان گڏ دان پڄ ڪريو، نام جپيو ۽ پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو، پراُپڪار جا ڪم ڪريو. هڪ ٻئي سان ڀلائيءَ جا پير ڀريو. اُتي هڪ ڏينهن ستسنگ ڪندي پوڄنيہ سوامي جن چيو:

جهان ديا تهان ڌرم هئہ، جهان لوڀ تهان پاپ،

جهان ڪروڌ وهان ڪال هئہ، جهان ڪميا تهان پرڀ آپ.

پريميو! جتي ديا آهي اُتي ڌرم آهي، جتي لوڀ آهي اُتي پاپ آهي. لوڀيءَ کي پاپ ڪرڻو ئي پوندو، ڪروڌيءَ کي ڪال جو جلدي سڏ ٿيندو. جتي ڪروڌ آهي اُتي موت آهي ۽ جتي ڪميا آهي اُتي جڻ پرماتما پاڻ موجود آهي. انڪري دل ۾ ديا ۽ ڪميا جا گڻ ڌارڻ ڪريو.

يو-پيءَ ۾ هڪ رگهونات دڪاندار هو. سندس منجهند جي رسوئي گهر مان ايندي هئي ۽ هو اُها رسوئي دڪان تي ئي کائيندو هو. هڪ ڏينهن منجهند جو جيئن ئي هي پيارو ڀوڄن

سوامي جن جي درشن ۽ مٺن وچنن سان پياري آنند جو ڏک دور ٿي ويو.
درسن پيکت هوئه نهال نانک صاحب سدا ديال

۱۵ نومبر گوپ اشٽميءَ جي ڏينهن صبوح جو سوامي جن ستسنگ ڪرڻ بعد گئو ماتائن جي جلوس ۾ شريڪ ٿيا. سوين پريمي 'گئو هماري ماتا هئه، ديش ڌرم ڪا ناتا هئه' جا نعرا لڳائيندا هليا. شام جو ۵ بجي راڌي شيام گئوشالا ۾ سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته ڳائين جي شيوا اُتم شيوا آهي. ڳانءِ جي کير، ڳوٺت ۽ ڇيڻي مان انيڪ لاڀ آهن. ڌارمڪ درشٽيءَ کان ڳئوماتا ۾ ديوتائن جو واسو آهي. ڳائين جي شيوا ڪبي ته ديوتائون ۽ ڀڳوان راضي ٿيندو. ان ڪري شرڌا ۽ پريم سان ڳائين جي شيوا ڪريو.

۱۸ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگ کان پوءِ سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا سواميڄن سان گڏ شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. سردار راجلسنگھ ٻنيڄا شمشان ڀوميءَ جي رپورٽ پيش ڪئي. اُتي پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته اڄوڪي پوتر ڏينهن هتي اچڻ جو اِهو اُديش آهي ته اسان ۾ وئراڳيه ورتي پيدا ٿئي. هڪ نه هڪ ڏينهن هرڪنهن کي هت اچڻو آهي. ان ڪري پرماتما جيڪا جيون ڏني آهي سا وئرٿ ڪين وڃايو. شڀ ڪرم ڪريو. نام جپيو ۽ نام جپايو. خوب دان پڃ ڪريو. موه اُتي دکدائي آهي. دنيا جي پدارٿن ۾ موه نه رکو. جڏهن جڳت جي پريت جو تياڳ ڪبو تڏهن ئي اُڌار ٿيندو.

موه مها دک روپ هئه تاڪو مار نڪار،
پريت جڳت ڪي ڇوڙ دي تب هووي نستار.

۱۹ نومبر ٻارس ڏينهن صبوح جو پوڄنيه سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي جن سوامي چندنرام پريم پرڪاش مندر ۾ ۱۹ نومبر کان ۲۲ نومبر تائين صبوح ۽ شام ستسنگ پروچن ڪيو. سنت اننت پرڪاش سوامي جن جو هارڊڪ ابيننڊن ڪيو. ۲۲ نومبر صبح جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته شري گرونانڪ ديو مهاراج جن جي اوتار ڌارڻ جو اڄ پوتر ڏينهن آهي. هوُ اوتاري پرش هوندي به نام جو سمرڻ ڪندو هو. ننڍپڻ ۾ ئي گروجن نام سان لنوَ لاتي. نوجوان نانڪ ديو جڏهن جهنگل ۾ ڳانيون مينهون چارڻ ويندو هو تڏهن ڳانين مينهن کي جهنگل ۾ چرڻ لاءِ ڇڏي پاڻ ڪنهن نه ڪنهن وڻ هيٺان ايڪانت ۾ ويهي ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. هڪ دفعي گروجن نام سمرڻ ۾ تلين هئا ته سندس ڳانين مينهن پر واري پرائي پوک کائي چٽ ڪري ڇڏي. پوک جو مالڪ راءِ بلار وٽ شڪايت کڻي ويو ته ڪيئن نه پائي ڪالوءَ جي پٽ شري نانڪ جي بيپرواهيءَ ڪري سندس ڳانين مينهن پوک چٽ ڪري ڇڏي آهي. راءِ بلار شري نانڪ کي گهرايو ۽ کيس چيائين ته تنهنجون ڳانيون مينهون پرائي پوک کائي چٽ ڪري آيون آهن. اهو ٺيڪ نه آهي. شري نانڪ ديو چيو ته منهنجي ڳانين مينهن زميندار جي پوک جو ڪوبه نقصان ڪين ڪيو آهي.

راءِ بلار، زميندار کي چيو ته تون وڃ، وڃي چڱيءَ طرح ڏسي اچ ته تنهنجي پوک جو ڪهڙو نقصان ٿيو آهي؟ زميندار جيئن ئي پنهنجي کيتيءَ ۾ پهتو ته پنهنجي پوک

ئي شرڌالن پوڄنيہ سواميڄن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. پروفيسر رام پنجواڻيءَ ڳتي سنگيت جي ورکا ڪندي چيو تہ سواميڄن مهان ڪرم يوگي سنت آهن، سنڌي سماج جا سچا سونهان آهن. شري هيرالعل سپنداساڻي ۽ ديال 'آشا' سواميڄن جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ سواميڄن جي آسيس سان جنتا جناردن پريشد طرفان انيڪ خلق خدمت جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. ڀاءُ هربخش پنجابي، شري گوبندرام ماڻر، پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ پڇن ڳايا.

پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ اوهان اڄ داس جو جنمدن ملهايو آهي. حقيقت ۾ جنمدن ڏينهن پنهنجي زندگيءَ جو پوتاميل ڪجي تہ مون زندگيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا شڀ ڪرم ڪيا آهن يا پنهنجا امولہ سواس اجايا وڃايا آهن. جيون جو پل پل هيرن ماڻڪن کان ملهائتو آهي. ان جو سدأپيوگہ ڪرڻ گهرجي. نشڪام شيوا ۽ نام سمرڻ ۾ سواس سڦل ڪرڻ گهرجن. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:-

ڪهہ ٽيئون هرنام جپ، پولو نا ڪڻ ايڪ،

پوگت پوگت وشيہ رس، بيتي جنم انيڪ.

وشيہ واسنائن جي چڪر ۾ الائي گهڻا جنم ٻڪيا آهيو. هاڻي منش جوڻ هوندي پل پل پربوءَ کي ياد ڪريو ۽ دکين دريدرن جي خدمت ڪريو.

پوڄنيہ ساڌو ٽي.ايل.واسواڻي ۽ پوڄنيہ سوامي ليلاشاه مهاراجن جي جنمشتابدي اُتسو سنبنڌ ۾ جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنتونگر ۵ ۾ سنڌي سماج شيوڪ سميلن ۹- ۱۰ نومبر پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پرڌانپڻي هيٺ آيوجت ڪيو ويو. سوامي جن صدارتي تقرير ڪندي چيو تہ سنڌ جي ٻن مهاپرشن جي جنمشتابدي موقعي تي سنڌي سماج کي ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌڻ لاءِ سماجڪ اوڻاين کي دور ڪرڻ لاءِ هن سميلن جو آيوجن ڪيو ويو آهي. سنڌين هر کيتر ۾ پاڻ موکيو آهي. ٻڌيءَ جي باوجود اسان ۾ ٻڌي ڪين آهي. سڀ هڪ ٿي جاتيءَ جي اُنتيءَ لاءِ سنڪلپ ڪريون. پنهنجي سنسڪرتي، سيتا، ساهتيہ ۽ ٻوليءَ جي رکشا ڪريون.

سميلن جي جدا جدا اجلاسن ۾ شري ناري گرسهاڻي، شري موتيلعل ٻٽاڻي، شري سنمکہ ايسراڻي، شري ليلارام پرسواڻي، شري سيتلداس هرچنداڻي، شري گوپيچند ڀهراڻي، شري گوبندرام ڀاٽيا، شري آسنداس پيرواڻي، شري سياڳچند چاولا، شري دنيچند ڪالاڻي، ڊاڪٽر ڌرمداس لکاڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، پروفيسر مينا روپچنداڻي، شري گوپ سڌوا، شريمتي لڪشمي سڌوا ۽ ٻين ڪيترن سماج شيوڪن سماجڪ مسئلن تي ويچار ظاهر ڪندي اُنهن کي دور ڪرڻ جا اُپاءَ ڏسيا. ديال 'آشا' سميلن ۾ شرڪت ڪندڙن جي شڪرادائي ڪئي.

ڪوي آنند جي طبيعت تمام ناساز ٿي پيئي. ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ هي پيارو سوامي جن وٽ آشرم ۾ آيو. سواميڄن ڪانئس پڇيو پيارا! تون هيترا ڏينهن ڪٿي هئين؟ ڪوي آنند وراڻيو 'سائين! منهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي.' تڏهن سواميڄن چيس تہ پيارا! تون تہ ٺيڪ آهي نہ! ڪوي آنند سواميڄن جا وچن ٻڌي باغ بهار ٿيو ۽ مشڪيو. اُن وقت ئي هن پياري ائين محسوس ڪيو تہ سندس اڌ دک دور ٿي ويو آهي. سنگرن ۽ سنتن جي درشن سان دک دور ٿي وڃن ٿا.

ستگرو مهاراجن کي چيو ته هن سنت کي مون چيو ته هي آسڻ ستگرو مهاراجن جو آهي پر تڏهن به هي ان آسڻ تان ڪين اُٿيو آهي. ستگرو مهاراجن فرمايو ابا ! وڏا ڀاڳ آهن جو سنت داس جي آسڻ تي براجمان ٿيو آهي. آسڻ تي ڪڏهن ماڪوڙا ڪوليون به اچي ويهندا آهن، هي ته مهاتما اچي ويٺو آهي، مان سندس آڀاري آهيان جو هن آسڻ تي براجمان ٿي اُن کي پوتر ڪيو اٿائين.

ستگرو مهاراجن ۾ ڪيڏي نه نمرتا هئي. توهان به جيون ۾ نمرتا جو گڻ اپنايو. مانس مڇي شراب کان ڪنارو ڪريو. خوب نام جپيو ۽ دان پڃ ڪريو. اُتسوَ ۾ شيواڌارين کان ڪا غلطي ٿي هجي ته داس کي ڪميا ڪندا.

پريم پرڪاش منڊل جا مکيه سنت ويدانت ڪيسري سوامي بسنترام مهاراج ١٢ ڊسمبر ١٩٨٠ع ۾ اندور ۾ برهملين ٿيا. اُن وقت پوجنيه سوامي جن به اندور ۾ هئا. سندن استول شرير سندن آستان تي اجمير ۾ آندو ويو. ٢٢ ڊسمبر سندن استول شرير سينگاري شمشان يومي‍ءَ ڏانهن کنيو ويو. پوجنيه سوامي جن چاٽتي ڏينهن ڪين شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سوامي بسنترام منڊل جا بزرگ ودوان گيانوان سنت هئا. هنن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي. ڀارت جي ڀن ڀن نگرن ۾ وڃي ستگرو مهاراجن جو سنديش سڻايو. سوَن پريمين کي پريوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو. سوامي بسنترام ڪيترا سکياداڻڪ دوها به لکيا آهن جي وهنوار چاهي پرمارٿ جي اُنتيءَ لاءِ ڪارگر آهن. سوامي بسنترام صاحب جي تيرهي ڏينهن پڻ سواميڄن، سوامي بسنترام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪندي سنت لڇمڻداس کي بيکه ڏيئي سندس نالو سنت برهمانند رکيو.

١٠ جنوري ١٩٨١ سوامي جن ڪامٺيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگه پروچن ڪيو. ١٥ جنوري سوامي جن ڀاٽاپاڙا ۾ آيا. اُتي سوامي جن ٢١ جنوريءَ تائين ستسنگه پروچن ڪيو. ٢٢ جنوري سواميڄن بلاسپور ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن ٢٥ جنوريءَ تائين ستسنگه ورکا ڪئي. ٢٧ جنوري پوجنيه سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ پڌاريا. ٣٠ جنوري شام جي ستسنگه ۾ سوامي جن مهاتما گانڌيءَ ۽ ٻين شهيدن کي شرڌانجلي ڏني.

روهڙا برادر منڊل جو وارشڪ اُتسوُ پوجنيه سواميڄن جي پرڌانپٽي هيٺ سنڌونگر آشرم ۾ ملهايو ويو. شري ڪندنداس طوطلداس سواميڄن جو سواگت ڪندي چيو ته سندن مارگه درشن سبب اسان هڪ ٻئي جي ويجهو آيا آهيون ۽ سماجڪ ڪارين ۾ سڪريه ٿيا آهيون. اڄ به هتي اسين سوامي جن کان آسيس وٺڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. ڀاءُ موهن روهڙا گذريل سال جي کيل ڪاريه جي وچور پيش ڪئي. سوامي جن هوشيار وديارٿين کي انعام ڏيندي چيو ته ٻارن ۾ اُتم سنسڪار وجهو، جيئن اڳتي هلي هوُ نيڪ ناگرڪ بڻجن ۽ سنڌي جاتيءَ جو نالو روشن ڪن.

پريميوا توهان به پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي، نوڪريون ڪندي، پرماتما کي نه وساريو. هر وقت اُن کي ياد ڪريو. پريو اسان کان پري ڪين آهي. اگيان سبب اسين اُنکي دور سمجهي ويٺا آهيون. جتي پريم آهي، اُتي پريو پاڻ اچي درشن ڏئي ٿو.

پريمين لاءِ پرماتما جو در ائي پهر ڪليل آهي. جڏهن به، هوُ سک سان سائينءَ

اڳي ڪان اڳري سرسبز ڏسي دنگ رهجي ويو ۽ ڦڪو ٿي واپس وريو.

پريميوا توهان بہ نام کي نہ وساريو. اڄ شري گرونانڪ صاحب جو جنمدن آهي. اُنهن پنهنجي جيون ۾ نام جپڻ ۽ جپائڻ جي ساکي ڏني. توهان بہ هروقت نام ڏيايو ۽ نام ڳايو.

سوامي جن شام جو ۵ بجي سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. اُتي رڪيل پائن جو پوڄہ وڌائون. رات جو سنڌونگر ۲ ۾ ۽ جئہ بابا ڏام ۾ ستسنگہ ڪندي شري گرونانڪ ديو صاحبن جي جيون تي روشني وڌائون. سنت برهمداس سندن آڀار مڃيا.

۲۳ نومبر صبوح جو سواميجن ڪپليشور مهاديو مندل ڪرلا بمبئي طرفان آيوجت اکين جي ڪئمپ جو مهورت ڪندي چيو تہ ڪنهن کي اکين جي روشني بخشڻ وڏو پڃ آهي. پيارو نندلعل بختياڻي ۽ سندس ساٿي هر سال ڪئمپ لڳائي سون اکين جي بيمارن جو مفت علاج ڪرائي اُتم يگيہ ڪن ٿا. ڊاڪٽرن کي بہ ڀڳوان هٿ ۾ شفا ڏيندو.

۳۰ نومبر صبوح جو سوامي جن ان ڪئمپ جي سماپتي اُتسوَ ۾ سيني ڊاڪٽرن ۽ شيواڌارين کي آسيس جي روپ ۾ دشالا پائيندي چيو تہ اجا وڌيڪ وڌيڪ خلق جي خدمت ڪندا رهو. جنتا جي شيوا بہ پربوءَ جئي شيوا آهي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر جو ڏهون وارشڪ اُتسو ۱۰ ڊسمبر ڪان آرنڀ ٿيو. صبوح جو پوڄنيہ سوامي جن جهندو چاڙهيو. منجهند جو ۳ بجي پوڄنيہ سواميجن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. چارئي ڏينهن صبوح شام منڊل جي سنتن ۽ ڪيترن ڳڏي جنن ستسنگہ پروچن ڪيو. ۱۴ ڊسمبر صبوح جو سنت سماڳم ۾ ڪيترائي سنت مهاتمائون پڌاريا. سوامي جن سيني سنتن جو هارڊڪ سواڳت ڪيو. ۱۵ ڊسمبر پرڀات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سواميجن چيو:

پريميوا وهنوارڪ چاهي آتمڪ اُنتيءَ لاءِ نمرتا جو ڳڻ ضروري آهي. درياهہ جو تيز وهڪرو ڪناري تي بيٺل ڪيترن وڻن کي پاڙون پٽي ڇڏيندو آهي پر بيد جا وڻ اُن وقت جهڪي ويندا آهن پر پاڙون ڪين پٽبا آهن. جيڪي زندگيءَ ۾ جهڪي هلن ٿا، نمرتا اختيار ڪن ٿا سي قائم آهن. جيڪي ايمان ڪن ٿا، هوڏ ڪن ٿا سي ختم ٿي وڃن ٿا.

نانڪ ننها هو رهو، جئسي ننهي دوب،
بڙي ورڪش گر جات هئن، دوب خوب کي خوب.

شري گرونانڪ صاحب پڻ فرمائين ٿا تہ سدائين ڇبر وانگر نندا ٿي رهو. طوفان لڳڻ سان وڏا وڏا وڻ پاڙون پٽجي هيٺ ڪري پوندا آهن پر ڇبر (گاهہ) قائم هوندو آهي. جيتري حليمائي اختيار ڪندا اوترو اوهانجو پلو آهي. راجا يڌشٽر جڏهن راجسويہ يگيہ ڪيو تڏهن ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ اُن يگيہ ۾ آيل برهمڻن جا چرن ڌوتا. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۾ ڪيڏي نہ نمرتا هئي. هڪ دفعي سندن پرپٽ سندن آسڻ تي هڪ ٻاهران آيل سنت اچي ويٺو. اُن وقت سنت اوڌوداس ڪيس وينتي ڪئي تہ هي آسڻ ستگرو مهاراجن جو آهي توهان ڪرپا ڪري ٻئي آسڻ تي ويهو. پر اُهو سنت ستگرو مهاراجن جي آسڻ تان ڪين اُٿيو. ائين ڪندي ستگرو مهاراج اُتي اچي پڌاريا. تڏهن سنت اوڌوداس

رات جو سواميجن ستسنگ وَرِڪا ڪئي. سواميجن پروچن ڪندي چيو تہ توهانکي ڏنيواد آهي جو توهان هر سال هوليءَ جي ڏينهن ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪريو ٿا.

گنگا سنان ستسنگ پن سنتون ڪا درشن،

شرڌا سي تم سيوڪي، ڪريئي من پرسن.

سنتن جو ستسنگ ۽ درشن، گنگا جي اشنان جيان پاون ڪندڙ آهي، انڪري شرڌا ۽ پريم سان سنتن ستپرشن جي شيوا ڪريو. نام جپيو. ڀڳت پرهلاد ننڍپڻ ۾ ئي پرڀوءَ سان ناتو ڳنڍيو. سندس پتا ڪيس ڪيڏا نہ ڪشٽ ڏنا. جبل جي چوٽيءَ تان ٻالڪ پرهلاد کي ڌڪو ڏنو ويو، جيئن هو چڪناچور ٿي وڃي، مگر ٻالڪ پرهلاد رام جو سهارو نہ ڇڏيو. رام رام اُچاريندي جبل جي چوٽيءَ تان اُئين هيٺ زمين تي ڪريو، ڄڻ ٻخمل جي گديلن تي. سندس وار بہ ونگو نہ ٿيو. پريميوا توهان بہ هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪندا رهو تہ پرڀو هر وقت توهان جي رڪشا ڪندو. مانس شراب راڪشسي کاڌو آهي. اِن کاڌي کان دور رهي شڀ ڪرم ڪريو. مايا پراُپڪاري جي ڪارين ۾ خرچ ڪري سڦل ڪريو.

هڪ ڏينهن سوامي جن وڏالا ۾ ستسنگ ڪندي چيو تہ مايا موهڻي آهي. اُن جي پويان پنهنجي زندگي برباد نہ ڪريو. حقيقت شناس ٿيو.

هڪڙي ڳوٺ ۾ هڪڙو سارنگي وڄائيندڙ شخص رهندو هو. هڪ رات جو هو گهر جي ٻاهر گرميءَ سبب کٽ تي سمهيو پيو هو. اڌ رات جو ڪي جن ڪيس کٽ سوڌو کڻي پنهنجي آستان تي آيا. صبوح جو جيئن هن سارنگي وڄائيندڙ اکيون پٽيون تہ وائڙو ٿي ويو تہ ڪٿي پهچي ويو آهيان! جنن پوتن کي ڏسي هو ڏاڍو گهٻرائجي ويو. جنن چيس تہ تون گهٻرائج نہ، اسان وٽ شادي آهي. شاديءَ جي موقعي تي تون سارنگي وڄاءِ، پوءِ توکي تنهنجي گهر ڇڏي اينداسين. هيڏانهن گهر جا ڀاتي عجب ۾ پئجي ويا تہ کٽ سوڌو ڪيڏانهن اُڏامي ويو. جنن اُن شخص کي هيرن جواهرن جڙيل سارنگي وڄائڻ لاءِ ڏني. اُها سارنگيءَ وارو ڏاڍو خوش ٿيو. جنن جي شاديءَ جو اُتسؤ شروع ٿيو. هن سارنگي وڄائڻ شروع ڪئي. ٻن ڏينهن کان پوءِ جنن هن کان پڇيو تہ توکي ڪهڙي سوکڙي ڏيون. اُن شخص وراڻيو تہ مونکي اِها هيرن جواهرن جڙيل سارنگي ئي سوکڙي طور ڏيو. جنن چيس تہ ڀيو ڪجھ گهر. سارنگيءَ واري ٻيو ڪجھ نہ گهري اُها سارنگي ئي جنن کان سوکڙيءَ طور ورتي. جنن ڪيس ساڳيءَ کٽ تي سمهاريو. سارنگيءَ واري اُن سارنگيءَ کي ڪپڙي ۾ ويڙهي پنهنجي پر ۾ رکيو. جيئن ئي ڪيس رات جو ننڊ جو جهوٽو آيو تہ ڇڏي آيا. جئين ئي صبوح جو سندس اکيون کليون تہ پاڻ کي گهر جي ٻاهر ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سندس گهر جا ڀاتي جيڪي گذريل ٽن ڏينهن کان هن لاءِ ڏاڍا وياڪل هئا، هن سان ملي ڏاڍو خوش ٿيا. هن کان حال احوال ورتائون. جڏهن هن احوال ڏيندي ڪين هيرن جواهرن واري سارنگيءَ جو ذڪر ڪيو ۽ ڪپڙو کوليائين تہ ڪپڙي ۾ سارنگيءَ جي بدران اُٺ جي ٽنگ نڪتي. اِهو ڏسي هو وائڙو ٿي ويو. سندس پيشاني پيلي ٿي ويئي تہ هيرن جواهرن جي سارنگيءَ بدران اُٺ جي ٽنگ!

پريميوا اِها سارنگي جنن ڀوتن جي ماياوي سارنگي هئي جا ڀهرين هيرن جواهرن

ڪي ياد ڪندا تہ ڪين داتار جو درشن ٿيندو. جي صرف ٻاهرينءَ ريت پريوءَ جي پوڄا ڪن ٿا، صرف پوٿيون پڙهن ٿا، سي پريوءَ کان پري رهجي وڃن ٿا. ڀڳت همٿداس نت نيم پنج ڪوهہ پنڌ ڪري ڀڳوان يگل ڪشور جو درشن ڪرڻ لاءِ ويندو هو. هڪ ڏينهن ڪم سبب کيس مندر پهچڻ ۾ دير ٿي ويئي. مندر جي پانڌي کيس چيو تہ هاڻي پڙدو بند ڪيوسي، توکي ڀڳوان جو درشن ڪين ٿيندو. اِهو ٻڌي ڀڳت همٿداس چيو:

ڪپٽن ڪي لاڳي رهي، همٿداس ڪپاٽ،

پريمين ڪي پڳ ڏرت هي، کلت ڪپاٽ جهپاٽ.

ڀڳت همٿداس اڃا اندر گهڙيو مس تہ مندر جو پڙدو پاڻ مرادو پري ٿي ويو ۽ هن پياري ڀڳت کي ڀڳوان يگل ڪشور جو درشن ٿيو. اِهو ڪؤتڪ ڏسي پانڌو دنگ رهجي ويو. ڀڳتن لاءِ ڀڳوان جو دروازو سدائين کليل آهي.

١٠ فيبروري ڪرلا ڪپليشور مهاديو منڊل جي سهاري شوراتري اُتسوَ سبب شاهي جلوس پوڄنيہ سواميڄن جي نيترتوَ ۾ ڪڍيو ويو. ١٠-١١ فيبروري رات جو سواميڄڻ ڪرلا ڪپليشور مهاديو مندر ۾ ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڳوان شنڪر کي ڀولاناٿ ڪري سڏيندا آهيون. ڀڳوان شنڪر جلدي راضي ٿئي ٿو. ان ڪري کيس پريم ۽ شرڌا سان ياد ڪريو. جنهن بہ اشٽ ديو جو ڌيان ڪريو تہ من لڳائي ڌيان ڪريو. مورتيءَ کي مورتي نہ سمجهي ساڪيات سوَروُپ سمجهي پوڄا اُپاسنا ڪريو.

ڀڳوان جي پرتما کي ساڪيات ڀڳوان سمجهڻ گهرجي. اُن نشٺا سان ڀڳوان جي پوڄا ۽ ڌيان ڪرڻ گهرجي. هڪڙو شخص مايا جي پراپتيءَ لاءِ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪندو هو. ڀڳوان جي مورتيءَ جي پوڄا ارچنا ڪندو هو. ائين ڪندي ڪيترائي سال گذري ويا پر کيس ڌن جي پراپتي ڪين ٿي. وري ڪنهن کيس ڏس ڏنو تہ ڌن جي پراپتيءَ لاءِ درگا ماتا جي پوڄا اُپاسنا ڪر. هي درگا ماتا جي مورتي رکي اُن جي اُپاسنا ڪرڻ لڳو. هڪ ڏينهن سندس من ۾ ويچار پيدا ٿيو تہ جيڪو ڌوپ مان درگا ماتا جي اڳيان ٻاريان ٿو، اُن جي سڳنڌ تہ ڀڳوان ڏانهن بہ ويندي هوندي. ان ڪري ڪپهہ ڪٽي ڀڳوان جي نڪ ۾ وجهڻ لڳو، جيئن اُها سڳنڌ صرف درگا ماتا ڏانهن وڃي. اُن وقت اوچتو ڀڳوان پرسن ٿي کيس چيو تہ جيڪي کپيئي سو گهر. اُهو اُپاسڪ وائڙو ٿي ويو ۽ چيائين پريو، هيتري ڀڳتي ڪندي بہ تون راضي ڪونہ ٿئين، اڄ جڏهن تنهنجي نڪ ۾ ڪپهہ وڌي اٿم تڏهن مون تي راضي ٿيو آهين. تڏهن ڀڳوان چيو 'پيارا! هونءَ تون منهنجي مورتيءَ کي پٿر جي مورتي سمجهي يعني جڙ وستو ڄاڻي منهنجي پوڄا ڪندو هئين پر اڄ تو منهنجي مورتيءَ کي ساڪيات چيتن روپ سمجهي نڪ ۾ ڪپهہ وڌي، انڪري مان پرسن ٿيو آهيان.' اِهو ٻڌي اُهو ڀڳت ڏاڍو پرسن ٿيو. ڀڳوان کيس گهربل ور ڏنو.

پريميوا ڀڳوان، ديوتائن سنتن مهاتمائن جي مورتين کي رواجي مورتيون يا پرتمائون نہ سمجهو. جڏهن انهن جي پراڻ پرتشٺا ٿئي ٿي تہ انهن کي ساڪيات چيتن روپ سمجهي اُنهن جي پوڄا ڪريو.

١٠ مارچ کان ٢٣ مارچ وڊالا برادر منڊل طرفان وڊالا بمبئيءَ ۾ پوڄنيہ سوامي جن جو دستور موجب ستسنگ ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. آرتوار ڏينهن شام جو ۽ ٻين ڏينهن تي

تون ڊڄ نه. مان توکي ماريندس ڪونه، پر تنهنجو ڀلو ڪندس. پر تون منهنجي چوڻ تي هلجانءِ. نانگ جي ڳالهه ٻڌي برهمڻ کي ڪي قدر ڌيرج آيو. نانگ وري چيو ته تون صبوح ٿيندي ئي فلاڻي شهر جي راجا وٽ وڃجانءِ، اتي راجا توکان ڪجهه پڇندو. تون جواب ۾ چئجانس ته هي سال ڪجهه قدر ڳرو آهي. ڏاڍيون تڪليفون ڏسڻيون پونديون، باهيون لڳنديون ۽ هوائون لڳنديون، ماڻهن جا نقصان ٿيندا، راجا کي ائين اڳڪٿي ڪري ٻڌائج. صبوح ٿيندي ئي برهمڻ شهر ڏانهن هليو. راجا وٽ پهتو. راجا هن کان حال احوال وٺي عزت سان وهاريو. تنهن تي برهمڻ راجا کي چوڻ لڳو ته راجن، هن سال هتي باهيون لڳنديون، هوائون واچوڙا لڳندا. اها اڳڪٿي ٻڌي راجا هن تي خوش ٿي کيس خوب انعام ڏنا، جيڪي وٺي هي ڏاڍو خوش ٿيو. پر دل ۾ بدگماني پيدا ٿيس ته هاڻي نانگ جي چوڻ تي هيترو ڪجهه مليو اٿم، جي نانگ جيئرو هوندو ته ضرور اڳتي ماڻهو ان کي ئي مڃيندا. چو نه ان کي ماري هر سال راجا کي اڳڪٿي ٻڌائي انعام وٺان. انهيءَ خيال کان هن راجا کان گاسليٽ جي ٽينن جي گهر ڪئي. راجا کان گاسليٽ جا پنجاهه ٽين وٺي، اهي ٽين کڻائي انهيءَ ٻر وٽ آيو، جتي نانگ رهندو هو. اتي ٻر ۾ گاسليٽ هارائي باهه ڏيارائي ڇڏيائين. پاڻ پنهنجي گهر خوش ٿي وڃي ويٺو. ٻئي سال وري جڏهن هي اتي آيو ته ساڳئي هنڌ هن ساڳيو نانگ ڏٺو، جو ڏسي هي عجب ۾ پئجي ويو. نانگ وري به برهمڻ کي ائين چيو پيارا، ڊڄ نه ۽ تون ڪيترو به مونکي دکي ڪندين ۽ برو ڪندين، پر مان تنهنجو ڀلو ئي ڪندس. هن سال به تون ساڳئي راجا وٽ وڃ ۽ چئينس ته هن سال به تنهنجي ملڪ ۾ خوب برساتيون پونديون ۽ ٻوڏون ٿينديون. برهمڻ نانگ جي چوڻ موجب راجا وٽ آيو ۽ راجا کي اڳڪٿي ٻڌائي. وري به راجا برهمڻ کي خوب انعام ڏنا، جيڪي وٺي هي ڏاڍو خوش ٿيو. پر دل ۾ بدگماني پيدا ٿيس ته هاڻي نانگ جي چوڻ تي هيترو ڪجهه مليو اٿم، جي نانگ جيئرو هوندو ته ضرور اڳتي ماڻهو ان کي ئي مڃيندا. چو نه ان کي ماري هر سال راجا کي اڳڪٿي ٻڌائي انعام وٺان. انهيءَ خيال کان هن راجا کان گاسليٽ جي ٽينن جي گهر ڪئي. راجا کان گاسليٽ جا پنجاهه ٽين وٺي، اهي ٽين کڻائي انهيءَ ٻر وٽ آيو، جتي نانگ رهندو هو. اتي ٻر ۾ گاسليٽ هارائي باهه ڏيارائي ڇڏيائين. پاڻ پنهنجي گهر خوش ٿي وڃي ويٺو. ٻئي سال وري جڏهن هي اتي آيو ته ساڳئي هنڌ هن ساڳيو نانگ ڏٺو، جو ڏسي هي عجب ۾ پئجي ويو. نانگ وري به برهمڻ کي ائين چيو پيارا، ڊڄ نه ۽ تون ڪيترو به مونکي دکي ڪندين ۽ برو ڪندين، پر مان تنهنجو ڀلو ئي ڪندس. هن سال به تون ساڳئي راجا وٽ وڃ ۽ چئينس ته هن سال به تنهنجي ملڪ ۾ خوب برساتيون پونديون ۽ ٻوڏون ٿينديون. برهمڻ نانگ جي چوڻ موجب راجا وٽ آيو ۽ راجا کي اڳڪٿي ٻڌائي. وري به راجا برهمڻ کي خوب انعام ڏنا. پر ڏسو ته برهمڻ جي دل ۾ وري به کوٽ پئدا ٿيو. وري نانگ کي ناس ڪرڻ لاءِ پنجاهه ٽين پاڻيءَ جا ڀرائي نانگ جي ٻر ۾ هارايائين ۽ پاڻ نانگ کي مئل سمجهي خوش ٿيندو گهر ڏانهن آيو. وري ٽئين سال به ساڳئي وقت ئي ساڳئي هنڌ آيو. اتي نانگ به وري نڪتو. نانگ کي ڏسي برهمڻ دنگ رهجي ويو ۽ سندس ساهه مٺ ۾ اچي ويو. سوچيائين ته مون هن سان ٻه دفعا برائي ڪئي آهي، هاڻي هي ضرور ماريندو، پر نانگ هن کي ساڳيا اکر

جي ڏسڻ ۾ آئي، پر حقيقت ۾ اُن جي ٽنگ هئي. تيئن سنسار جا پدارٿ ڏسڻ ماتر سھڻا سڪدائي آهن، مگر آهن سپ مثل. اڳ سھڻين استرين کي حاصل ڪرڻ لاءِ راجائون هڪ ٻئي تي حملو ڪري جنگيون جوٽيندا هئا، هزارن جون حياتيون ختم ٿينديون هيون، هڪ سندر استريءَ لاءِ ! ڪيڏي نہ مورکتا! آخر سپ مثل ئي مثل. پيارا، اهي سپ روپ مايا جا اٿوَ. ماياوي روپن تي ڀنيلجي ڀڳوان کي نہ وساريو.

۱ اپريل پنڊت سيتلداس اجمير ۾ برهملين ٿيو. پوجنيہ سواميڄن ۲ اپريل اجمير ۾ پھچي ويا. سندس چائٽي جي موقعي تي سواميڄن شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پنڊت سيتلداس سان سنڌ کان سنيھ سنبنڌ هو. هي پيارو نمرتا ۽ سادگيءَ جي مورت هو، ودوان هو. ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو. هر سال ڪيڏي نہ شرڌا سان شري گيتا جينتي اُتسؤ ملهائيندو هو. پرماتما در پرارٿنا آهي تہ کيس پنھنجي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي.

پريم پرڪاش منڊل جو ٦٠ وارشڪ اُتسؤ چيٽ جو ميلو ۱۸ اپريل ۱۹۸۱ کان ۲۱ اپريل امراپور آستان جئپور ۾ پوجنيہ سوامي جن جي پرڌانپٽي هيٺ ملهايو ويو. ۱۷ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي وئي. شام جي ستسنگ ۾ پوجنيہ سواميڄن سوامي گرمکداس مهاراج جي جيون تي روشني وڌي. ۱۸ اپريل صبوح جو سواميڄن جھنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. شام جو ۴ بجي پوجنيہ سواميڄن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. جلوس ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، شنڪر ڀڳوان، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراج جون سندر جھانڪيون ڪنيون ويئون.

گواليار جي نوجوان پريمين ماسڪ ’پريم پرڪاش سنديش‘ پتريڪا جو پرڪاشن ڪيو. اُن جي پھرين انڪ جو مهورت پوجنيہ سواميڄن ۱۸ اپريل ڪيو. سواميڄن مهورت ڪندي چيو تہ هن پتريڪا دواران ستگرو مهاراجن جي سکيائن جو سنديش سڻايو ويندو.

۲۲ اپريل پرڀات جو پوجنيہ سواميڄن اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج نہ صرف مهان سنت هئا، پر سماج سڌارڪ بہ هئا. ستگرو مهاراجن مانس آهار، شراب ۽ ٻين سماجڪ برائين خلاف خوب پرچار ڪيو. پريميوا توهان بہ مانس شراب کان ڪنارو ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

مانس کان ۾ پاپ بھ، مت ڪو کاوي ٽانھ،
ڪھ ٽيئون جو کات هئن، جاوت نرڪون مانھ.

پريميوا ٻين سان ڀلائيءَ جا پير ڀريو، اُپڪار جا ڪم ڪريو، نام جپيو، دل ۾ ديا ڌاريو، ائين جيون سڦل ڪريو.

سنت مهاتمائون هميشھ ديالو ٿيندا آهن. جيوَ ڀلي ڪٿي انهن جي مهما کي نہ ڄاڻن ۽ برائي ڪن، پر هوُ ڪرپالو وري بہ جيو جو ڀلو ئي ڪرڻ چاهيندا آهن. هڪ دفعي جي ڳالھ آهي تہ ڪنھن ڳوٺ ۾ هڪ غريب برهمڻ رهندو هو. هڪ ڏينھن برهمڻ ڪمائيءَ سانگي گهر کان ٻاهر نڪتو. سندس استريءَ کيس رستي لاءِ ڪجھ روٽي پچائي ڏني. جڏهن پنڌ ڪندي ٿڪو ۽ رات بہ ٿي چڪي هئي تہ خيال ڪيائين تہ هي نديءَ جو ڪنارو آهي، هتي ٽڪر کائي آرام ڪريان. اهو سوچي روٽي کائي جڏهن سمهڻ تي هو تہ اُتي هڪ نانگ ڦڻ ڪڍي اچي بيٺو. برهمڻ نانگ ڏسي ڊڄي ويو. تنهن تي ان نانگ چيو تہ پيارا

ياترا لاءِ روانا ٿيا. سواميڄن سان گڏ سنت ديو پرڪاش، سنت آننت پرڪاش، سنت ٽوپڻداس ۽ پيارو گيان لعل ساڻ هئا. سوامي جن ٢٧ جون صبوح جو ١١ بجي بئنڪاڪ هوائي اڏي تي پهتا. ڪيترن ئي پريمين سواميڄن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن ڀيڻ رڪمڻي ديارام جي گهر ۾ رهيا. ٩ ڏينهن سوامي جن جدا جدا پريمين جي گهرن ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ناري نانواڻي، واشي پرسواڻي، جهامنداس گنگلاڻي، ناري گلراجاڻي، سشيلا ڪشنچند، ڪملا ديالداس ۽ ٻين پريمين سوامي جن جي شاندار آجيان ڪئي. پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪليگ ۾ هري نام هئہ، سب ساڌن ڪا سار،
ڪهہ ٽيون ٽنهن سمر ڪي، پائو موڪش دوار.

پريميوا ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ديش وديش ۾ وڃي ستلن ڪي سڄاڳ ڪري نام جپايو. توهان بہ نام ڪي نہ وساريو. اُٿندي ويهندي، هلندي چلندي نام ڪي ياد ڪريو. جيڪڏهن نام ياد هوندو تہ پڇندي پڇائيندي ناميءَ ارٿات پرماتما وٽ پهچي وڃبو يا ڪو سچو سنت ملي ويندو جو مالڪ سان ملائيندو. سنت نامديو جو پيارو شش ڀڳت چوکا ميلا ۽ ٻيا ڪي پريمي جڳهہ جي اوچتي ڪري پوڻ سبب دٻجي مري ويا. خبر پوڻ تي ڪجھ وقت بعد چوکا ميلا جا مائٽ سنڪہ (هڏا) ڪڍڻ ويا پر سڃاڻي نہ پئي سگهيا تہ چوکا ميلا جا ڪهڙا سنڪہ آهن! ان ڪري هوءُ سنت نامديو وٽ ويا. سنت نامديو ڪين چيو تہ منهنجي پياري ڀڳت چوکا ميلا جي هڏن جي پهچاڻ اِها اٿو تہ اُن جي هڪ هڪ هڏي مان جئہ شري ڪرشن جي مڌر ڌوني توهان ڪي ٻڌڻ ۾ ايندي. جڏهن اُنهن سڀڻن اُنهن هڏن جي پرکہ ڪئي تہ ڪن هڏن مان ڪين جئہ شري ڪرشن جي ڌوني ٻڌڻ ۾ آئي. اِهو ڪؤتڪ ڏسي اُهي وائڙا ٿي ويا، جيئري تہ ڀڳت جي رڳہ رڳہ نام اُچاري ٿي پر سندس اسٿول شرير جي هڏن مان بہ نام جي ڌوني ٻڌڻ ۾ اچي ٿي.

سنت نامديو جي پريمڻ ڀڳتياڻي جنا ٻائي ڇيڻا ٿڦيندي هئي. هڪ دفعي سندس ڪجھ ڇيڻا ڪا مائي کڻي ويئي تہ سندس اکين ۾ آنسون هئا. ٻئيءَ ڪنهن مائيءَ چيس تہ تون ڀڳتياڻي ٿي ڪري روئين ٿي؟ جنا ٻائيءَ وراڻيو 'مان جئہ شري ڪرشن اُچاريندي ڇيڻا ٿڦيا آهن. اُنهن ڇيڻن مان شري ڪرشن! شري ڪرشن جو آواز ٻڌڻ ۾ ايندو. اهو ٻڌي اُن مائيءَ بہ ٻي ڇيڻا کڻي جئن پنهنجي ڪن جي ڀرسان رکيا تہ اُنهن مان شري ڪرشن ۽ جئہ شري ڪرشن جي ڌوني ٻڌڻ ۾ آئي. مائي اچرج ۾ پئجي ويئي.'

ڀڳت جي هڪ هڪ شئہ مان ڀڳوان بکي ٿو ۽ ڀڳوان جي ڌوني پرتي ڌونت ٿئي ٿي. ڪنهنجو ڪيو اجايو ڪين ٿو وڃي. تنهنڪري پيارا! ٻيون سڀ ڳالهيون وساريو، پر نام نہ وساريو.

٧ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن بئنڪاڪ مان هانگ ڪانگ لاءِ روانا ٿيا. هانگہ ڪانگہ هوائي اڏي تي ٻاءِ هري واڌواڻي ۽ ٻين، ڪيترن ئي پريمين پوڄنيہ سوامي جن جو ڀوبہ سواگت ڪيو. اُتي پريمين گڏجي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي پيغام پکيڙڻ لاءِ پريم پرڪاش مندر برپا ڪيو هو. سوامي جن ڪي هوائي اڏي تان سڌو ان مندر ۾ وٺي آيا. سواميڄن

چيا، جي ٻڌي برهمڻ وائڙو ٿي ويو. نانگ هن دفعي ٻڌايس ته هاڻي راجا کي چئجانءِ ته هن سال توکي هر ڳالهه ۾ فائدو پوندو. خوب اناج پئدا ٿيندو. خوب پئسو ٿيندو ۽ تنهنجي هرهنڌ جيت ٿيندي. اهو ٻڌي برهمڻ راجا وٽ آيو ۽ وري اهائي اڳڪٿي ٻڌايائين جا نانگ چئي هئي. هن دفعي ته راجا هن تي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هونئن کان به وڌيڪ انعام ڏنائينس، جي ولي برهمڻ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ راجا کان هن دفعي پنجاهه ٽين کير جا دٻا کڻائي انهيءَ ٻر وٽ آيو ۽ اتي کير نانگ کي پيارپائين. تڏهن نانگ، جو اصلي ڪنهن ساڌوءَ جي روپ ۾ هو، ڏسي کلڻ لڳو ۽ چيائين اي مورک، هن دفعي کير آندو اٿيئي، اڳ جڏهن تو گاسليٽ ۽ ٻاٽي آندو هو، ان مان ڪوبه نقصان ڪونه ٿيو ته تو ان مان سبق ڪونه پرايو ته جنهن پرڀوءَ جي هٿ ۾ سڀڪي آهي، اهو ڪجھ به ڪري سگهي ٿو. جيڪڏهن ٻاهه لڳي ها ته اها مون وٽ به اچي ها ۽ جي ٻوڏ اچي ها ته مان به ضرور ٻڏان ها. پر تو مورک پاڻ کي سڀ ڪجھ ٿي سمجهيو ۽ مونکي مارڻ جي ڪوشش ڪئي. پر ڪرڻ ڪراونهارو اهو پرڀو آهي. بندو ڪجھ به ڪونه ڪري سگهندو. برهمڻ ان سنت کي، جو نانگ جي روپ ۾ هو، ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر سنتن پنهنجو سيتل سڀاءُ نه ڇڏيو ۽ ور ور ان برهمڻ تي ديا جي درشٽي ڪندو رهيو. پريميوا توهان به سيتل سڀاءُ سان سيوا ۽ اُپڪار جا ڪاريه ڪندا رهو.

اُتسوَ کان پوءِ به پوجنيه سوامي جن ٢٧ اپريل تائين روز امراپور آستان تي ستسنگ ڪندا رهيا. ٢٨ اپريل صبح جو سواميڄن جئپور مان اندور روانا ٿيا. اُتي سوامي مرليڌر مهاراج جي ورسي سنبنڌ ۾ پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون. ٥ مئي سواميڄن کنڊوا ۾ آيا. اُتي ٻه ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون. ٧ مئي سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ١٤ مئي سواميڄن ڪوي پهلاجرام جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ ديولاليءَ روانا ٿيا. اُتي سواميڄن ١٤-١٥ مئي ستسنگ ڪندي ڪوي پهلاجرام جي ڳڻن جو ورڻن ڪيو. ١٦ مئي سواميڄن ناسڪ ۾ آيا. اُتي ٻه ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون. ١٨ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

٣٠ مئي ١٩٨١ پوجنيه سوامي جن اجمير ۾ سوامي ماڌوداس جي پريم پرڪاش آشرم آدرش نگر ۾ پڌاريا، جتي ١ جون کان ٧ جون ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسوَ ملهائڻ جو آيوجن ڪيو ويو. پوجنيه سواميڄن ۽ منڊل جي ٻين سنتن صبوح ۽ شام ستسنگ ورکا ڪئي. ٧ جون پوجنيه سوامي جن اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سوَن ساڌڪن کي ست نام ساڪيءَ جو منتر ڏئي پار لڳايو. ستگرو مهاراج ڀڳتيءَ جا ڀنڊار ۽ گيان جا گلزار هئا. پريميوا توهان به پنهنجي جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳايو. سڀني پراڻين ۾ پرڀوءَ جي جوت پسي سڀني کي پيار ڪريو. مانس آهر ۽ شراب جو تياڳ ڪريو. جهڙو ان تهڙو من. ساتوڪ ڀوڄن کائيندا ته توهان جي ٻڌي به ساتوڪ ٿيندي ۽ جيون نروڳ رهندو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ساتوڪ سولپ نيم سي، جو جن ڪرت آهار،
تانکو روگ نه لاگ هي، ٽيئون ديھ منجهار.

پريمين جي نينهن ڀري نيند تي پوجنيه سوامي جن ٢٧ جون ڀرڀات جو وديش

هو. هن نديءَ جي گهاٽ تي پريم پيرئي آواز ۾ پريوءَ کي پڪار ڪئي. هڪدم اُهو ساڳيو ٻئون تيز نديءَ مان نڪري اچي سندس گود ۾ پيو. هن کي اُهو ٻئون مليو ڄڻ نئين زندگي ملي. ٻئون کولي هڪدم اُن مان ڀڳوان جي مورتي ڪڍي اُن کي ڇاتيءَ سان لڳايائين. سندس پتيءَ ۽ ساٿس آيل ٻيا ماڻهو اهو ڪؤتڪ ڏسي دنگ رهجي ويا ۽ راجڪمار جو پڻ ڀڳوان ۾ وشواس پيدا ٿيو. پتنيءَ جي سنگ ۾ پتي به ڀڳتي مارگ جو راهگير بڻيو. ڪملا ۽ رتنا کي پريوءَ جي مورتيءَ لاءِ اتينت شرڌا هئي. اسان مان هڪ هڪ ۾ ڀڳوان لاءِ شرڌا ۽ پريم هئڻ گهرجي. پريميو! ڀڳوان، ديوتائن ۽ سنگرن جي مورتين کي رواجي مورتيون نه سمجهو، اُنهن کي ساڪيات سمجهي پوڄا اُپاسنا ڪريو.

گرو پورڻما جي ڏينهن سوامي جن اُپديش ڪندي چيو:

گر مورت ڪا ڌيان ڌر، گر هٿه ديون ديو،

ڪهه ٽيئون گر نام جپ، پائو آتم ڀيو.

ستگرو ديوتائن جو به ديوتا آهي. ان ڪري جگياسوءَ کي ستگروءَ جي مورت جو پورو پورو ڌيان ڪري سندس ڏنل نام جو جاپ ڪرڻ گهرجي. ان بعد ئي کيس آتم گيان پراپت ٿيندو. گرو لفظ جي معنيٰ ئي آهي جيڪو اوندهه مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي، اگيان مان ڪڍي گيان مارگ تي آڻي، اَست مان ڪڍي ست مارگ بتائي. پريميو! ان ڪري گروءَ جي وڏي اهميت آهي، شش کي گروءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيڻ گهرجي.

هانگ ڪانگ ۾ آخرين ستسنگ ڪندي پوڄنيه سوامي جن چيو:-

ديا دل ۾ راکيئي، تون ڪيون نرديه هوي،

سائين کي سب جيو هئن، ڪيڙي ڪنجر سوي.

ديا نه صرف مانو ماتر تي ڪرڻ گهرجي پر پکين پسن تي به ديا ڪرڻ گهرجي. ڪيترا امير ماڻهو پنهنجي شونق پوري ڪرڻ لاءِ شڪار ڪرڻ ويندا هئا. شڪار ڪرڻ ڄڻ سندن من جي وندر هوندي هئي. اڄ ڪلهه شڪار جو رواج گهٽ آهي. شڪار ڪندي هو ڪيترن معصوم جانورن کي ماري محفلون ڪندا هئا. 'مروان موت ملوڪان شڪارا' منش کي پنهنجي هڪ هڪ ڪرم جو ڦل ڀوڳڻو آهي. ڪو به ڪرم چڪر کان ڇٽي ڪين سگهندو. تنهنڪري پيارا، اهڙو برو ڪرم نه ڪريو جنهن مان هنسا ٿئي. دل ۾ ديا ۽ پريم جي جوت جڳايو.

سبڪتگين هڪ رواجي سپاهي هو. هڪ ڏينهن هو جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويو. شڪار ڪندي هن هڪ هرڻي ڏٺي، جنهن سان گڏ سندس ننڍڙو ٻچڙو به هو. سبڪتگين اُن هرڻيءَ ۽ سندس ٻچي جي پٺيان ڊوڙيو. هرڻي ڇالون ماريندي وڃي لڪي. سندس ٻچو رهجي ويو. سبڪتگين هرڻيءَ جي ٻچي کي ڪٽي ٽپا ڏيندو واپس وريو. ته هرڻي به ٻوڙن مان ٻاهر نڪري سندس پويان ويئي. هرڻيءَ کي پويان ايندي ڏسي سبڪتگين جي دل ۾ ديا پيدا ٿي ته ويچاري هرڻي پنهنجي ٻچن لاءِ تڙفي رهي آهي. اولاد هر ڪنهن کي پياري ٿيندي آهي. سندس سنگدل موم دل بڻجي پيئي. هن هڪدم هرڻيءَ جي ٻچي کي آزاد ڇڏي ڏنو. اُها هرڻي پنهنجي ٻچي کي ڪٽي ڏاڍو خوش ٿي جهنگل ڏانهن هلي ويئي.

اُن مندر ۾ روز صبوح جو ١٠ بجي ۽ شام جو ٧ بجي ستسنگ پروچن ڪندا هئا. پريم پرڪاش مندر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي مورتين جي پراڻ پرتشٺا، پوڄنيه سواميڄن جي اُپسٿتيءَ ۾ ڪئي ويئي. اُن موقعي تي سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته اڄ کان وٺي انهن مورتين کي سنگمرمر جون مورتيون نه سمجهو، پر ساکيات روپ سمجهي شرڌا سان اُنهن جو ڌيان ۽ اُپاسنا ڪريو. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

جپ ٽپ سيوا ڪرم شپ، ٽيرٿ دان سنان،
شرڌا بن ڦل ديت نهن، ڪهه ٽيئون ست مان.

هڪ راجا جي ڌيءَ رتنا ۽ هڪ زميندار جي ڌيءَ ڪملا پاڻ ۾ ساهيڙيون هيون. هڪ دفعي راجا وٽ سندس گرو آيو هو. اُن کي ڀڳوان جي مورتين جي پوڄا ڪندي ڏسي ٻنهي ساهيڙين اُن کان ڀڳوان جون مورتيون گهريون. اُن سنت ٻنهي ٻالڪين کي هڪ هڪ پٿر جي ننڍڙي مورتي ڏيندي چيو ته هيءَ ڀڳوان جي مورت اٿو. جيڪڏهن انهن جي ڀڳتي ڪندءُ ته سنسار مان پار پوندءُ. ٻئي ڄڻيون پنهنجي پنهنجي گهر ۾ اُها مورتي رکي تنميه ڀاوَ سان اُپاسنا پوڄا ڪنديون رهيون. ڪملا جي پتا سان سندس ڀاءُ جي اڻبڻت هئي. هڪ ڏينهن ڪملا جو چاچو ڀاءُ جي گهر جو ڪيترو سامان زوريءَ کڻي هليو ويو. ان سامان ۾ ڪملا جو اُهو ٻٽون به هو، جنهن ۾ هوءَ ڀڳوان جي مورتي رکندي هئي. مورتي نه هئڻ سبب ڪملا ڏاڍي اُداس ٿيڻ لڳي ته ڪيئن نه هوءَ ڀڳوان جي پوڄا ڪندي! هوءَ چاچي جي گهر آئي ۽ چاچي کي چيائين ته مونکي منهنجي ڀڳوان جي مورتي واپس ڏيو. چاچهنس چيس ته هن سامان ۾ ڪهڙي تنهنجي مورتي آهي؟ مونکي خبر ڪين آهي. اندر نه اچ، دروازي تي بيهي پنهنجي ڀڳوان کي سڏ ڪر. جيڪڏهن تنهنجي ڀڳتي سچي هوندي ته پاڻهي ڀڳوان تو وٽ هليو ايندو. ڪملا ڏاڍي پريم سان پريوءَ کي پڪاريو. اُن سامان مان ڀڳوان جي مورتيءَ وارو ٻٽون اُڏامندو اچي ڪملا جي گود ۾ پيو. چاچهنس اهو ڪؤتڪ ڏسي وائڙو ٿي ويو. ڪملا اُهو ٻٽون پراپت ڪري ڏاڍو گدگد ٿي ۽ گهر اچي سچي حقيقت ماءُ پيءُ سان ڪيائين ۽ ڏاڍي شرڌا سان ڀڳوان جي مورتي ڪڍي اُن جي پوڄا اُپاسنا ڪيائين. پريوءَ ۾ سندس پريم ۽ شرڌا وڌندي رهي.

راجا جي سپتريءَ رتنا جو وواهه وري اهڙي راجڪمار سان ٿيو جيڪو ڀڳوان کي مڃيندو به ڪين هو. جڏهن پتيءَ جي ان سڀاءُ جي ڄاڻ رتنا کي پيئي ته هوءَ چنتت ٿي. وواهه بعد هوءَ جڏهن گهوٽ سان گڏ ساهري وڃڻ لڳي ته هن پاڻ سان اُهو ٻٽون به ساڻ کنيو جنهن ۾ ڀڳوان جي مورتي پيل هئي. رستي تي ٻئي پاڻ ۾ ڳالهائيندا ٻولهائيندا هليا. رتنا ڪيس پريم سان سمجهائيندي چيو ته توهان من ۾ ڀڳوت پريم ڌاريو نه ته مونکي سپرش به نه ڪيو. اهو ٻڌي سندس پتيءَ ڪاوڙ ۾ اچي ڀڳوان جي مورتيءَ وارو اُهو ٻٽون نديءَ ۾ کڻي ڦٽي ڪيو. رتنا اهو ڏسي ڏاڍو دکي ٿي. ساهرن ۾ پهتي پر سندس منهن تي مشڪ ڪين هئي. پريوءَ جي ويوگ ۾ نه کائي نه پيئي. ساهري گهر جي ڀاتين هن کي گهڻو ئي سمجهايو، مگر ڀڳوت مورتيءَ جي ورهه ۾ هوءَ اُداس گذارڻ لڳي. آخر هنجي چوڻ موجب سندس ساهرا مائٽ ڪيس اُن نديءَ وٽ وٺي آيا، جتي سندس پتيءَ ڀڳوان جي مورتيءَ وارو ٻٽون ڦٽي ڪيو

ڪري مان ڪار روڪي ڪيس چڪڻ مان ٻاهر ڪڍي آيس ۽ پوءِ مون سڪ جو اٿهؤ ڪيو. مون هن تي ڪهڙي ديا ڪئي!

١٥ آگسٽ سيني پريمين گڏجي پوڄنيہ سوامي جن جو جنمدن ملهايو.

١٧ آگسٽ سوامي جن جاڪرتا ۾ آيا. اُتي هوائي اڏي تي سوَن صدقين سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ڀاءُ شنڪر گوپ سامتاڻيءَ جي گهر ۾ رهيا ۽ اُتيئي ٩ سيپٽمبر تائين ستسنگہ پروچن ڪيائون. ماتا ڪرشنا سامتاڻي ۽ سندس ساري پريوار پوڄنيہ سوامي جن جي خوب شيوا ڪئي. پوڄنيہ سوامي جن نت نيم ماتا ڪرشنا سامتاڻيءَ جي گهر ستسنگہ پروچن ڪندا هئا. سوامي جن پنهنجي پروچن ۾ چيو تہ ڀلي ڏنڌا ڌاڙيون ڪري خوب ناڻو ڪمايو، پر اُن کي پرماتما جي امانت سمجهي ستڪرمن ۾ سڦلو ڪريو ۽ پرڀوءَ کي نہ وساريو. پرڀو توهان جي ڪيڏي سار سنڀال لهي ٿو، اُن جا شڪرانا مڃيو. ستگرن سنتن ۽ پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

سنت گرو پرماتما، ساچي سنگي جان،
کھ ٽيئون اِن تين سي، ڪرلي پريم سجان.

٢٣ آگسٽ جنماشٽميءَ ڏينهن سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي ڀڳوان بانڪي بهاريءَ جي ليلائن جو ورڻن ڪيو.

مدن موهن ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ ڀڳت هو. هڪ دفعي هن بزار ۾ ڏاڍي سني کنڊ ڏٺي. سندس دل ٿي تہ ان کنڊ جي گاڏي ڀرائي بندرابن موڪليان. ان کنڊ جا مالپوڙا تيار ڪري ڀڳوان شري ڪرشن کي ڀوڳہ لڳايو وڃي. هن اُن کنڊ جي هڪ گاڏي بندرابن موڪلڻ جي لاءِ سيوڪن کي آگيا ڪئي. سيوڪن چيو تہ هتان کنڊ موڪلڻ تي ڪافي خرچ ايندو، اِها کنڊ اُتي پهتي مصريءَ کان بہ مهانگي پوندي. اُتي بندرابن ۾ ئي کنڊ خريد ڪري مندر ۾ موڪلجي. تڏهن مدن موهن چيو 'ڀڳوان کي جنهن شيءِ جو ڀوڳہ لڳي، اُن لاءِ خرچ جو ڪهڙو سوال آهي!' مدن موهن کنڊ جي گاڏي ڀرائي بندرابن ڀڳوان جي مندر ۾ موڪلي. مندر جي پوڄارين کنڊ ڀنڊاري ۾ رکائي تہ ٻئي ڏينهن ڀنڊاري ۾ کنڊ استعمال ڪبي. ڀڳوان اهڙو ديالو جو رات جوئي هن گوسائينءَ کي سپني ۾ آگيا ڪئي تہ هاڻي جو هاڻي مدن موهن واري کنڊ جا مالپوڙا تيار ڪري مونکي ڀوڳہ لڳايو ۽ ڀنڊارو ڪيو. گوسائين هڪدم ننڊ مان اُٿي مالپوڙا تيار ڪرايا ۽ پرڀات جو ئي اُن کنڊ مان تيار ٿيل مالپوڙن جو ڀوڳہ ڀڳوان کي لڳايو. ڀڳوان پنهنجن پيارن جي اڇا پورڻ ڪرڻ ۾ دير نہ ٿو لڳائي.

هڪ ڏينهن جاڪرتا ۾ پوڄنيہ سوامي جن پرارٿنا جي اهميت تي پروچن ڪندي چيو:

پرارٿنا ڪر پريم سي کھ ٽيئون بن داس،
شڌ هرديہ کي سنت هر، راکو من وشواس.

پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي. مهاتما گانڌي برهم مهورت جو اُٿي شريمد ڀڳوت

رات جو سبڪتگين کي فرشتي سپني ۾ ٻڌايو ته تو اڄ هڪ هرڻيءَ جي ٻچي تي ديا ڪئي آهي، ان ڪري تون بادشاهه ٿيندين. اڳتي هلي سبڪتگين غزنويءَ جو بادشاهه بڻيو. هڪ هرڻيءَ تي ديا ڪرڻ سبب رواجي سپاهي بادشاهه بڻيو. پر جيڪو سڀني جيون تي ديا ڪندو اُن جي مٿان ڀڳوان جو ڪيڏو نه چت جهلندو. پريميوا انڪري دل ۾ ديا ڌاريو. پنهنجي زبان جي ٿوري چشڪي لاءِ ٻگدامن کي نه ڪهو.

ڪمت هون ڪم جات هون، ڪها جو مان همار،
آڄ ڳلا تم ڪاٽ هو، ڪل ڪاٽيگا تمهار.

ٻڪرا ٻڪريون ڪيئن نه ٻاڏائين ٿا. ڪڪڙ ڪڪڙيون ڪيئن نه ڪيڪرائون ڪن ٿا. اُنهن جيون تي ديا ڪريو، نه ته توهان کي ٻئي جنم ۾ ڪڪڙ يا ٻڪرو بڻجڻو پوندو. پنهنجو آئينده ڀاڳ چاهيو ته سڀني جيون تي ديا ڪريو.

۲۲ جولاءِ سوامي جن هانگ ڪانگ مان منيلا ۾ آيا. هوائي اڏي تي ڪيترن پريمين سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواڳت ڪيو. سوامي جن منڊليءَ سميت ڀاڳ ديو سچوائيءَ جي گهر ۾ رهيا. سوامي جن ۱۶ آگسٽ تائين منيلا جي هندو مندر ۾ ستسنگ پرچن ڪيو. سوامي جن گرو منتر جي اهميت ٻڌائيندي چيو ته ستگرو مهراج فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ست شبد ڪا، ڪرلي نسدن جاپ،
ڪه نيئون جس جاپ تي، مٽي سڪل سنتاپ.

پريميوا ستگروءَ دوارا ڏنل منتر جو جاپ ڪرڻ سان توهان جا سڀ ڪشٽ ڪيش ڪافور ٿي ويندا، شرڌا ۽ وشواس سان نام جپيو ۽ دکين دريدرن جي سيوا ڪريو. دل ۾ ديا ڌاريو، پراُپڪار جا ڪم ڪريو.

ڌار ديا دل ۾ سدا، دينون سي ڪر پيار،
نيئون اس اُپڪار سي، اپنا ڪرو اڌار.

پوڄنيه سوامي جن ديا جي وشيه تي پروچن ڪندي چيو ته جن جي دل ۾ ديا ڀاونا هوندي آهي، اُهي ٻئي جو دک سهي نه سگهندا آهن. هو پاڻ کي تڪليف ڏيئي به ٻئي کي سکي ڪندا آهن.

هڪ دفعي آمريڪا جو پريزيڊنٽ پارليامينٽ هائوس ۾ وڃي رهيو هو. رستي تي هڪ سوئر جي ٻچي کي چڪڻ ۾ ڦاٿل ڏسي ٻس دل ۾ ديا آئي. هي هڪدم ڪار مان هيٺ لٿو. هي پنهنجي اعليٰ عهدي ۽ اُجرن ڪپڙن جو بلڪل خيال نه ڪري اُن ڪيچڙ ۾ گهڙيو ۽ ڦاٿل سوئر جي ٻچي کي چڪڻ مان ٻاهر ڪڍي آيو. هيڏانهن پارليامينٽ ۾ ميٽنگ جو وقت پڄي آيو هو. هي صاحب وقت جو ڏاڍو پابند هوندو هو. سو اُنهن ڪپڙن بدلائڻ کان سواءِ ئي هي پارليامينٽ هائوس ۾ ويو. سندس ڪپڙن کي ڪيچڙ لڳل هئي، هن اُن ڳالهه جي ڪابه پرواهه ڪين ڪئي. پارليامينٽ جي ميمبرن کي جڏهن اُن گهٽنا جي خبر پيئي ته هو هن صاحب جي ساراهه ڪرڻ لڳا. تڏهن هن پڇاڙي چيو ته مون ڪو وڏو مير ڪين ماريو آهي، منهنجي ساراهه ڪرڻ جي ضرورت ڪين آهي. مون جڏهن سوئر جي ٻچي کي گپ ۾ ڦاٿل ڏٺو ۽ ڪيڪرائون ڪندو ڏٺو ته منهنجو من دکي ٿيو. ان

۽ اُن استريءَ جي بچاءَ صدقي اُن سنت کيس چيو ته تون منهنجو ئي نالو جاڻائج. جيڪڏهن ان سبب مونکي ڪا تڪليف سهڻي پيئي ته مان سهندس. سنت جي چوڻ موجب اُن استريءَ سنت جو نالو لکايو. پوءِ ته لوڪ آهي ھوڪ. لوڪن بنا سوچ ويچار جي سنت ماڌوداس جو منهن ڪارو ڪري، کيس گڏھ تي چاڙهي گهمائي سندس اپمان ڪيو. هن سنت اهو اپمان صبر سان سٺو، ڪنهن کي به ڪجھ ڪين چيو. اُن استريءَ جي گرڀ جي رکشا ٿي. سچ ڪيترو وقت بادلن ۾ ڇپيو رهندو! نيٺ سچ ظاهر ٿيو ته سنت ماڌوداس ديا ڀاونا وچان ٻالڪ جي رکشا ۽ اُن استريءَ جي عزت بچاءَ جي لحاظ کان پنهنجو نالو ڏنو هو. پوءِ ته جن شخص سنت کي اپمانت ڪيو هو، سي وٽس ويا ۽ وڃي معافي ورتائون. پريميوا بنا سوچ ويچار جي ڪنهن تي به تهمت نه هڻجي ۽ نه ڪنهن سنت جي گلا ڪجي.

سنت ڪي نندا نانڪا، بهر بهر اوتار.

هڪ ڏينهن سينگاپور ۾ پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ماڻهو معنيٰ موم دل، نرم دل. منش ٿي جيڪڏهن سنگدل ٿيو ته هو نه پربوءَ کي پراپت ڪري سگهندو نه لوڪن جي شيوا ڪري سگهندو. سنگدل معنيٰ پٿر دل، جنهنجي دل ۾ ديا نه هجي، همدردي نه هجي. نرم دل انسان جي نيڪي رهي ٿي. زبان منش کي جنم کان وٺي مرڻ تائين هوندي آهي پر ڏند ڄاوا به پوءِ ۽ وڃن به زبان کان اڳهي، پر زبان منڍ کان پڇاڙيءَ تائين هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته زبان نرم آهي ۽ ڏند ڪنور آهن. ڏند هر چيز کي چٻاڙي ختم ڪريو ڇڏين، ان ڪري زبان کان اڳه ختم ٿيو وڃن. پريميوا زبان جيان نرم ٿيو ۽ زبان به مٺي رکو.

زبان جنهنجي مٺڙي سو سڀ کي وڻي ٿو،
هزارن دلين جو سو راجا بڻي ٿو.

سنت ڪنهن جا مٽ مائٽ ڪين آهن. اُنهن ته دنيوي سنبند ٽوڙي پرماتما جي راھ ورتي آهي. اُنهن جي دل ڪيڏي نه نرم آهي. مکڻ کان به وڌيڪ نرم آهي. هوُ ٻئي جي پيڙا سهي نه سگهندا آهن. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

ڪبير سوئي پير هئہ، جو جاني پر پيڙ،
جو پر پيڙ نه جانئي، سو ڪافر بي پير.

جو ٻين جي پيڙا جو، دک جو احساس ڪري ٿو، سوئي اولياءَ آهي. جو ٻئي جي درد جو انيڻ ڪري نٿو ڪري سو نگرو ۽ ناستڪ آهي.

٢٤ سيپٽمبر شام جو سينگاپور ۾ آخرين ستسنگ ڪندي پوجنيه سوامي جن پريمين کي چيو ته پرديس ۾ رهي به ڀارتيه سنسڪرتي، سڀيتا ۽ سنڌي ٻوليءَ کي نه وساريو. هندو سناتن ڌرم جي سڌانتن تي هلي جيوَن سڦل ڪريو. سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو.

١٥ سيپٽمبر شام جو ٧ بجي سوامي جن سينگاپور مان روانا ٿيا ۽ رات جو ١٢

گيتا جو پاٺ ڪندو هو، پرارٿنا ڪندو هو. ڪيترائي وڏا وڏا مسئلا سندس سامهون هوندا هئا. پرارٿنا بعد اُنهنجو حل ڪيس ملي ويندو هو.

هڪ دفعي جارج مولر جهاز رستي ڪئناڊا وڃي رهيو هو. اوچتو چئني طرفن کان ڪوهيڙو ڇانئجي ويو. ڪپتان جهاز روڪيو. چوويهه ڪلاڪ گذري ويا ته آسمان صاف نظر نه آيو. مسٽر مولر جهاز جي ڪپتان کي ٻڌايو ته کيس ڇنڇر ڏينهن ڪيئن به ڪري ڪيوبيڪ شهر پهچڻو آهي. ڪپتان چيس ته جهاز ڪوهيڙي سبب ڪافي ليٽ ٿي ويو آهي ۽ اڃا ڪوهيڙي سبب جهاز هلڻ جي اُميد ڪين آهي، ان ڪري اوهان جو ڇنڇر ڏينهن ڪيوبيڪ ۾ پهچڻ ناممڪن آهي. اِهو ٻڌي مولر چيو ته گذريل ستونجاهه سالن ۾ مان هر پروگرام ۾ وقت سر پهتو آهيان، ڪڏهن به ڪو ڪاريه ڪرم رد ڪين ڪيو آهي. جيڪڏهن تنهنجو جهاز نٿو هلي سگهي ته ڀڳوان ٻيو ڪو رستو ڪيندو. مسٽر مولر اُن وقت آتم وشواس سان پرماتما کي پرارٿنا ڪئي. آسمان هڪدم صاف ٿي ويو ۽ جهاز هليو. مسٽر مولر پنهنجي مقرر وقت تي ڪيوبيڪ شهر ۾ پهتو. پر رواجي ڳالهين لاءِ پريوءَ کي پرارٿنا نه ڪجي ته سٺو آهي. ڪنهن ڪروڙپتيءَ کي پرارٿنا ڪريون ته اسان کي پنج پئسا ڏئي ته ٺهي نٿو. پرماتما کان ننڍڙيون شيون نه گهرون. پريوءَ کي پرارٿنا ڪندي نام پدارٿ گهرون، آتم گيان گهرون، جنهن مان اسان جو ڪلياڻ ٿئي.

٩ سيپٽمبر سوامي جن جاڪرتا ۾ آخرين ستسنگ ڪيو. پوڄنيه سوامي جن سيني پريمين کي آشيرواد ڪندي چيو ته ستگرن دواران ڏنل نام جو خوب جاپ ڪريو. هڪ ٻئي سان سڪ سهڪار سان هلو. محبت ۽ ميلاپ واري زندگي گذاريو. ڀاءُ شنڪر، گوپ ۽ پرنسيپال وي - رام سوامي جن جا شڪرانا مڃيا.

١٠ سيپٽمبر پوڄنيه سوامي جن منڊليءَ سميت سينگاپور ۾ پهتا. هوائي اڏي تي ڀيڻ اندرا منگهارام، ڀاءُ رام ڇڳاڻي ۽ ٻين پريمين سوامي جن جو ڀويه سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ٢٢ سيپٽمبر تائين ڀيڻ اندران منگهارام جي پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.

هڪ ڏينهن اُتي پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سنت ڪيڏا نه ديالو ٿين ٿا، جو ٻين جي عزت بچائڻ لاءِ پنهنجو اپمان به سهن ٿا. ٻين جي رکشا لاءِ پاڻ ڪشٽ سهن ٿا. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

ساڌو بڙي پرمارٿي، گهن جيون برسي آيه،
تپت بجهاوي اور ڪي، امرت وچن سنايه.

هڪ گريوتي وڏوا استري سنت ماڌوداس وٽ ٽرنڪ ڳوٺ ۾ اچي روئڻ ۾ چڙهي. سنت هن کان روئڻ جو ڪارڻ پڇيو. اُن استريءَ وراڻيو 'مان گريوتي وڌوا آهيان، هاڻي گرڀ پات ڪرڻ چاهيان ٿي، جئن منهنجي عزت رهجي اچي.' سنت ماڌوداس چيس 'گرڀ پات اصل نه ڪج، ائين ڪرڻ مهاپاپ آهي. تون گرڀ جي رکشا ڪر. ان ڪم ۾ مان تنهنجي مدد ڪندس. اُن استريءَ وراڻيو ته جنهن مڙد مان کيس ٻار ٿيو آهي، اُهو ته هن وقت سويڪار ڪين ڪندو. ان سبب مان ڏاڍي منجهيل ۽ مايوس آهيان. سنت ديالو سنت ماڌوداس کي اُن استريءَ ۽ گرڀ واري ٻالڪ تي رحم اچي ويو. ان ٻالڪ جي رکشا

٢٩ سيپٽمبر رات جو سواميڄڻ احمدآباد روانا ٿيا. اُتي سوامي جن اوڌوداس مهاراج جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي سوامي اوڌوداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٣ آڪٽوبر سواميڄڻ اُتان هوائي جهاز رستي دهليءِ آيا ۽ دهليءَ مان وري ڪار رستي هردوار آشرم ۾ پڌاريا.

ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ٨٥ جنمدن اُتسو پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ ١١ آڪٽوبر کان ١٣ آڪٽوبر ملهايو ويو. اُن سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄڻ ١٠ آڪٽوبر هردوار ۾ پهچي ويا صبوح شام سواميڄڻ ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورکا ڪئي. سواميڄڻ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته سوامي سروانند مهاراج ايڪانت پريه هئا. ڪيترو وقت رشيڪيش هردوار ۾ ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريائون. هر ڇنڇر تي مؤن ڌارڻ ڪندا هئا. پريميو! توهان به ڪجهه وقت مؤن ڌارڻ ڪريو. مؤن ورت رکي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

جهوا جيتي هوت هوئه، من اِندريون پر جيت،
ڪه ٽيئون ست بات يه، راکو من پرتيت.

١٢ آڪٽوبر اُتسوَ جو پلئه پائيندي سواميڄڻ چيو ته اڄڪلهه ماڻهو ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي ڪروڌت ٿي پنهنجو مانسڪ آتمڪ ٻل گهٽائين ٿا. جنهن جي دل ۾ ڪميا آهي سو ڪاوڙ ڪين ڪندو. ان ڪري پريميو! ڪميا جو گڻ اپنايو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج چاهي ستگرو سوامي سروانند مهاراج ڪيڏا نه ڪمياشيل هئا. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪميا جانکي من وسي، سو ديوَن ڪا ديوَ،
ڪه ٽيئون تس پرش ڪي، سب جن ڪرتي سيوَ.

١٨ آڪٽوبر پوڄنيه سواميڄڻ دهليءِ ۾ آيا. اُتي پريم پرڪاش مندر ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ ڪيائون. ٢١ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢٣ آڪٽوبر سواميڄڻ پونا ۾ سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ روانا ٿيا. اُتي ٢٣-٢٤ آڪٽوبر ستسنگ ڪندي سواميڄڻ سوامي گوالانند مهاراج جي جيون تي روشني وڌي. ٢٥ آڪٽوبر سوامي جن سنڌونگر ۾ واپس آيا. ٢٩ آڪٽوبر ڏياريءَ ڏينهن سوامي جن بمبئيءَ ۾ ڪيترن ئي پريمين جي نوَن چوپڙن جو مهورت ڪيو. ٣١ آڪٽوبر سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو.

سوامي ترويٽي پوري گهاٽڪوپر بمبئيءِ ۾ ٥ کان ٧ نومبر تائين ويدانت گيان يگيه مها اُتسوَ جو آيوجن ڪيو. ٦ نومبر شام جو اُن اُتسو ۾ پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته جيوُ مايا جي پرپنچ سبب پنهنجي آتم سوَروپ کي ڀلجي ويو آهي. هوُ شرير جي سک لاءِ رات ڏينهن ڀٽڪي رهيو آهي. ڀوتڪ سک سچو سک ڪين آهي. جڏهن ٻاهرين سک جو تياڳ ڪبو تڏهن ئي اندريون سک پراپت ٿيندو. جيوُ رام ڀڳتي روپي گنگا کي ڇڏي ماڪ ڦڙن جي آس رکي ٿو. ماڪ ڦڙا ته سوريه جي اُڀرڻ سان ئي ختم ٿي ويندا. سنساري پدارٿ به ماڪ جي ڦڙن وانگر ناسونت آهن. نام پدارٿ سچو ۽ سکدائي آهي.

ٻجي بمبئي هوائي اڏي تي سک سان وديش ياترا ڪري واپس وريا. سوَن پريمين سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. ٢٦ سيپٽمبر صبوح جو سوامي جن پريم پرڪاش منڊلي ماٽونگا ۾ ستسنگ ڪيو. منڊليءَ جي شيواڌارين ڀاءُ آسنداس سچانندداڻي، ڀاءُ گورڌن ٿهلراماڻي ۽ ٻين سوامي جن جي آجيان ڪندي پشپ مالهائون ڀيٽ ڪيون. منجهند جو ١٢ ٻجي سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ پهچي ويا. سوَن پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن جي وديش ياترا تان واپس ورڻ تي جدا جدا سنسٿائن طرفان سواگت ڪيو ويو. وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت ۾ چٽاڀيٽي رکي ويئي. سوامي جن وديارٿين کي انعام ڏنا. سنت اننت پرڪاش وديش ياترا جو مختصر احوال ڏنو.

پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته وديش ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن لاءِ ڪيڏي نه شرڌا آهي، صدق آهي. اُتان جي پريمين داس کي به ڏاڍو قرب ۽ سنمان ڏنو. ڪيئن نه اُتي پيارا منڊليون ٺاهي ستسنگ جي جوت جڳائي رهيا آهن. وديش ۾ رهي ڪري به ڪيترن ستگرو مهاراجن جي سکيائن جي پنهنجي جيوَن ۾ ساکي ڏني آهي.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري پوڄنيه سوامي جن جو ٧٥ جنمدن اُتسؤ ١٧ سيپٽمبر ١٩٨١ آرتوار ڏينهن آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هوَن يگيه بعد سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جو ڪيترن ئي شرڌالن پوڄنيه سوامي جن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. دادا تيرٿ سياڻيءَ چيو ته سائين بيوس جو شعر آهي ’دنيا ۾ خلق خدمت کان نه ڀانيان بندگي بهتر‘ سوامي جن به ڀڳتيءَ سان گڏ ڪيترائي خلق خدمت جا ڪم ڪري رهيا آهن. سواميڄن جي ڀڳتي پکش ۽ ڪرم پکش مونکي ڏاڍو پرڀاوت ڪيو آهي. ڀاءُ سيتلداس هرچنداڻي ايم. ايل. اي. چيو ته مون سوامي جن جي آسيس سان ترقي ڪئي آهي. هوُ سدائي اسانکي پبلڪ ڪارين لاءِ همٿائيندا رهن ٿا. ڀاءُ گوبندرام ڀاٽيا، شري گوتم شڪارپوري، شري سياڳچند چاولا، شري هيرالعل سينڌاساڻي سوامي جن جي جيون ڪاريه تي روشني وڌي. ديال ’آشا‘ پوڄنيه سوامي جن جا شڪرانا مڃيندي چيو ته سندن آسيم ڪرپا سان ئي جنتا جناردن پريشد شيوا جا ڪاريه ڪري رهيو آهي.

پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته منش چئن قسمن جا آهن. هڪڙا سوپاريءَ وانگر ٻاهر به سخت ته اندر به سخت. ٻيا باداميءَ جهڙا ٻاهران سخت ۽ اندر شڪتي ۽ ميناج جو سار آرٿات ٻاهران ڪنور پر اندر جا مٺا ۽ ڀلو ڪندڙ. ٽيان اِنسان وري ڇهاري جيان ٻاهران مٺا پر اندر سخت ڪکڙي. چوٿان منش ڪشمش وانگر ٻاهر به نرم، اندر به نرم ۽ مٺا. پريميوا توهان به ڪشمش جيان ٿيو. سڀ سان مٺو ڳالهايو ۽ اندر ۾ به ڪنهن جي لاءِ غيرت نه هجي. اندر ۾ به سيني جيوَن سان پيار محبت هئڻ گهرجي. چوندا آهن ٿڌو گهڙو پاڻ کي چانوَ ۾ ويهاري. توهانجي واڻيءَ ۾ چاهي وهنوار ۾ مڌرتا ۽ سيتلتا هئڻ گهرجي. پوءِ هرڪو توهان کي قرب ۽ عزت ڏيندو. توهان پنهنجي ويچار وهنوار ۾ مٺا رهو. توهان اڄ داس جي جيڪا مهما ڪئي آهي، سا حقيقت ۾ ستگرو مهاراجن جي مهما آهي. اُنهنجي ڪرپا ۽ توهان جي سهڪار سان ئي ڪاريه ٿي رهيا آهن. پريميوا! توهان به نت نيم نام جپيندا رهو ۽ پراُپڪار جا ڪاريه ڪندا رهو.

هڪ غريب ڇوڪري اِهو نظارو ڏسي رهي هئي. اُهو دانوير جڏهن اُن ڇوڪريءَ کي روڪ سهائتا ۽ ٻيون چيزون ڏيڻ لڳو تہ اُن ٻالڪا وٺڻ کان بنھ انڪار ڪيو. تڏهن اُهو ڏنوان عجب ۾ پئجي ويو تہ اُن ڳوٺ جا ٻيا غريب ڪيئن نہ هٿ پساري سهائتا وٺي رهيا آهن ۽ هيءَ ٻالڪا ڪجھ بہ وٺڻ کان بنھ آناڪاني ٿي ڪري. اُن ڏنوان اُن ٻالڪا کان اُن جو ڪارڻ پڇيو. ٻالڪا نمرتا سان وراڻيو تہ منهنجي ماتا چوندي آهي تہ ٻن ٻانهن هئڻ ۽ ٻن پيرن جي وچھ پرماتما هڪ پيٽ ڏنو آهي. ڪجھ محنت ڪري پيٽ پالجي. اُهو ڏنوان ٻالڪا جو جواب ٻڌي ڏاڍو پرڀاوت ٿيو ۽ سندس ماتا وٽ آيو. اُن ڏنوان جڏهن ٻالڪا جي ماتا کان حال احوال ورتو. تڏهن ماتا کيس ٻڌايو تہ اسين ٻئي ماءُ ڌيءُ ڪائيون ڪري محنت جي روٽي ڪائينديون آهيون. شاديءَ کان پنج سال پوءِ اُن ماتا جو پتي پرلوڪ پڌاريو. اُن ماتا ٻڌايو تہ پتيءَ واري پونجيءَ سان هن پنهنجي پتيءَ جي سمرتيءَ ۾ هڪ کوہ کوٽايو ۽ اُن جي پرسان پکين پسن جي پاڻي پيئڻ لاءِ حوض ٺهرايو. تن ڏينهن کان وٺي اُها ماتا پورهيو ڪري پيٽ پاليندي آهي. پريميوا دان جو پئسو ڏاڍو ڳورو ٿيندو آهي اُن کي هضم ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اُن ڪري غريبيءَ ۾ گذاريندي بہ پنهنجي پورهئي جو کائجي. پنهنجي ٻانهن تي ڀاڙڻ گهرجي. ماتا کا ڏنوان ڪين هئي، پر پنهنجي پتيءَ جي گڏ ڪيل موڙي بہ هن عام ماڻهن جي ڀلي لاءِ کوہ کوٽائي سڦلي ڪئي. توهان کان بہ جيترو ٿي سگهي اُپڪار جا ڪاريہ ڪندا رهو.

١٧ نومبر سوامي جن گواليار ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ سواميجن ٽي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن پريم پرڪاش سنديش جي سمپادڪ پياري سريچند پنجواڻيءَ ۽ سريچند ماڌواڻيءَ جي وواہ اُپلڪش ۾ کين آشيرواد ڪئي. سوامي جن سوامي سروانند سيوا سمتيءَ جي نوجوان ڪاريہ ڪرتائن کي آشيرواد ڏيندي چيو تہ خوب خلق خدمت جا ڪاريہ ڪيو. ٢٠ نومبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ جو ٻارهون وارشڪ اُتسو ٢٩ نومبر کان ٢ ڊسمبر تائين ملهايو ويو. ٢٩ نومبر آرتوار صبوح جو ٨ بجي پوجنيہ سواميجن سيني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهيو. منجهند جو ٣ بجي سواميجن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. چارئي ڏينهن صبوح شام پوجنيہ سوامي جن، سنت ڌرمداس، سنت گنگارام، سوامي ايشور آنند، سوامي چيتن پرڪاش، سوامي وديا پرڪاش، سوامي روي پرڪاش، سوامي نارائڻ پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت ڀڃنداس، سنت ديو پرڪاش ۽ سنت ديوداس پنهنجي پروچن دواران ڀڳتي گيان جي گنگا پرواهت ڪئي ۽ چارئي راتيون جدا جدا ڀڄن سنگيتڪارن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ٢ ڊسمبر سنتن جو ڀنڊارو ٿيو.

٣ ڊسمبر پريات جو پوجنيہ سوامي جن سيني سنتن سان گڏجي اُتسوَ جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ سنساري سنبنڌين کي خوش ڪرڻ لاءِ موھ وس ڪوڙ ڪپٽ جا ڏنڊا ڪين ڪريو. سچ جي ڪمائي برڪت واري ٿيندي آهي. اُن سچ جي ڪمائيءَ مان دان پڃ ڪريو. جيڪي ڪرڻو آڻو پنهنجي هوندي ڪريو. پويان پڳہ ڪين ٻڌائيندا.

هڪ دفعي ناردمني ۽ انگرا رشي ويس بدلائي سنسار جو سئر ڪندي هڪ ننڍڙي

ڀڳتيءَ روپي گنگا ۾ ٽٻي ڏيڻ سان ادوتيہ امر آنند جو انڀوُ ٿيندو.

پريميو! الائي ڪيترا جنم جيوُ جدا جدا جوڻين جي چڪر ۾ ڀٽڪيو آهي. ههڙي امولہ مانش ديهي ڪچ ڪنڪر ڪٺي ڪرڻ ڀنيان ڪين وڃايو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

سروَ ٽيرٿ سب ديوميہ، گيان ڌيان گڻ گيھ،
پاڪر ائسا منش تن، هر سمرڻ ڪر ليھ.

۷ نومبر سواميڄن گوپ اشٽمي اُتسو سنبنڌ ۾ شام جو شري راڌي شيام گئو شالا ۾ گائين جي اهميت تي پروچن ڪيو. ۱۰ نومبر گيارس ڏينهن صبوح جي ستسنگہ ڪانپوءِ سوامي جن سان گڏ هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ هڪ ڏينهن هر ڪنهن کي هت اچڻو آهي. ان ڪري هت اچڻ کان اڳ۾ خوب دان پڇ ڪريو. نام جپيو. پتو ناهي ڪڏهن ٿو ڪال اچي ڪڙڪي. اُتان سواميڄن امبرناٿ جل آشرم ۾ هليا. اُتي پڻ سواميڄن اُپديش ڪيو.

ڪارتڪ گيارس شام جو ستسنگہ ڪندي سوامي جن چيو تہ اڄوڪي ڏينهن دان ڪرڻ جي وڏي اهميت آهي. دان سان گڏ اڄ ساري رات جاڳي ڀڳوان شري ڪرشن جو نام جپيو. دان ڪريو پنهنجي پنهنجي لائقيءَ وٽان.

هڪ دفعي راجا رنجيتسنگھ وٽ هڪ فقير آيو ۽ کيس اچي عرض ڪيائين 'راجن! داس کي هيرن جواهرن جو ڍهرو دان ڏيو.' راجا فقير کي چيو 'درسنيءَ ۾ پنهنجو منهن تہ ڏس! هيرن جواهرن وٺڻ جي لائق تنهنجو منهن آهي. تون ڀينو فقير، هليو آهين هيرا جواهر گهرڻ!'

فقير سياڻو هو، تنهن عرض ڪندي چيو 'مهاراجا! منهنجو تہ منهن برابر هيرن جواهرن وٺڻ جي لائق ڪين آهي، پر اوهان پنهنجو منهن ڏسو! اوهان جو منهن پئسي ٽڪي يا اناج جي ڀڪ ڏيڻ جي لائق آهي! اوهان کي اِهو رواجي دان ڏيڻ سونهين ٿو. اوهان پنهنجي منهن کي ڏسي ارٿات پنهنجي شان کي ڏسي داس کي دان ڏيو. راجا رنجيتسنگھ فقير جو سياڻپ ڀريو جواب ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کيس خوب هيرا جواهر دان ۾ ڏيئي خوش ڪيائين.

۱۱ نومبر ڀوڄنيہ سواميڄن پونا روانا ٿيا. اُتي سواميڄن سوامي ٽيئونرام سوامي چندنرام مندر ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

مانش تن هر ني ديئا، دينا ڌن ست ڌام،
ٽيئون ٽانهن وسارڪي، هويہ نہ نمڪ حرام.

پريميو! سنگرو مهاراج فرمائين ٿا تہ جنهن پرماتما توهان کي املھ رتن مانش ديھ ڏني آهي، ڌن دولت سنتان ڏني آهي، تنهن کي نہ وساريو. نمڪ حرام نہ ٿيو. نمڪ حلال ٿيو. نام جپيو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪريو.

هڪ دفعي سوراشٽر جي هڪ ڳوٺ ۾ هڪڙو ڌنواد دانوير گهرجائو غريبن کي روڪ سهائتا، وستر ۽ مٺائيءَ جا پاڪيٽ ڏيئي رهيو هو. وٺندڙن جي قطار لڳي ويئي. پاسي ۾

ڪين روئي رهيو آهيان، مونکي موٽائڻ لاءِ جڏهن پيارو ڀرت هتان لنگهندو ته ڪيس به ڪنڊا لڳندا، مان ان ڪري روئي رهيو آهيان.‘ شري لڪشمڻ اهو ٻڌي آويش ۾ اچي چوڻ لڳو ’پريو! ڀرت لاءِ اسانکي هي بنواس ڀوڳايو آهي. اُنجي ڪري ئي ته ڪشٽ سهي رهيا آهيون. اوهان وري اُن جي ڪنڊن لڳڻ جي دک جو انهيءَ ڪري آنسون وهائي رهيا آهيو!‘

ڀڳوان شري رام چيو ’پيارا لڪشمڻ! توکي ڀرت جي ڀراتري پريم جي اڃا پوري پروڙ ڪين آهي. مان ان لاءِ نٿو روئان ته ڀرت کي پيرن ۾ ڪنڊا لڳندا، ڪيس سور ٿيندو، پر ان لاءِ ٿو روئان ته جڏهن ڀرت هتان لنگهندو ۽ ڪيس پير ۾ ڪنڊا لڳندا ته هو سوچيندو ته رام کي هتان لنگهڻ وقت هي ڪنڊا لڳا هوندا ۽ ڪيس ايترو ايذاءُ آيو هوندو. منهنجون تڪليفون ياد ڪري ۽ اُن جو ڪارڻ پاڻ کي سمجهي مٿان انهيءَ دک ۾ ڀرت پنهنجا پراڻ نه تياڳي. ان سبب مان روئي رهيو آهيان.‘

پريميو! ڀڳوان کي پنهنجن پيارن جو ڪيڏو نه خيال ٿئي ٿو. ڀڳوان شري رام کي ڀرت جو ڪيڏو نه اونو هو ۽ هيڏانهن وري ڀرت کي ڀڳوان شري رام لاءِ ڪيڏي نه پريما ڀڳتي هئي. توهان به من ۾ پريوءَ لاءِ پريما ڀڳتي وڌايو ته پرماتما توهانجي وڏيڪ پرگهور لهندو. هڪ ٻئي لاءِ سنيهه ۽ سدڀاونا رکو.

٢٩ ڊسمبر سوامي جن راجڪوٽ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٩-٣٠ ڊسمبر ستسنگه پروچن ڪيو. ڀاءُ جوهر لڇمڻداس ماٽا سوامي جن جو سواگت ڪيو.

پوڄنيه سوامي جن ستسنگه ڪندي چيو ته پريو، نه ڏسي ذات نه پات، دليون پرکي داسڙو. ڀڳت مني واهڻ جو اصلي نالو تروپن آلوار هو. ڪيس گهٽ ذات جو ليکيو ويندو هو. ڇاڪاڻ ته جڏهن هو ٻالڪ هو، تڏهن هڪ گهٽ ذات واري سنگيتڪار هن کي هڪ کيت ۾ سمهيل ڏسي هنجي پريم سان پالنا ڪئي ۽ ڪيس سنگيت ۾ پڙ ڪيو. هي جيئن عمر ۾ وڏو ٿيو تيئن ويڻا وڄائيندي پرماتما جي پريم جا ڀڄن درد ڀري دل سان ڳائيندو هو. ڪجهه مدت بعد هي پيارو نشلا پوريءَ ۾ اچي رهيو. اُتي هو رنگه مندر جي ٻاهر وچي رستي جي صفائي به ڪندو هو ته ڀڄن به ڳائيندو هو. هڪ ڏينهن جيئن هي مندر جي ٻاهر صفائي ڪري رهيو هو ته هڪ برهمڻ هنکي ڏسي مٿس ڪاوڙ ڪندي ڌڪ وهائي ڪڍيا ۽ گهٽ وڌ ڳالهائيندي چيو ’تون اڇوت آهين! تو مندر کي اپوتر ڪري ڇڏيو آهي. رستو به اپوتر ڪري ڇڏيو آهي. خبردار جي وري هن طرف پير رکيو اٿيئي!‘ پياري مني واهڻ مشڪندي مشڪندي اُن برهمڻ جي مار سٺي ۽ پريوءَ جا گيت ڳائيندو واپس وريو. سندس دل ڀريل هئي. ڀڳوان پنهنجي پيارن جو اپمان ڪڏهن به سهي نه سگهندو آهي. ڀڳوان سارنگما منيءَ کي سپني ۾ آگيا ڪئي ته اڄ منهنجي ئي مندر ۾ منهنجي پياري ڀڳت تروپن آلوار جو پاکنڊي برهمڻ اپمان ڪيو آهي. ان ڪري تون سپاٽي هن پياري کي پنهنجي ڪلهن تي چاڙهي شهر جي پرڪرما ڏيئي اچ، جيئن اهي پاکنڊي محسوس

شهر ۾ اچي پهتا. اُتي هڪ اناج جي دڪان تي اناج جون جنسون ڪليل رکيون هيون ۽ دڪاندار مزي سان گديءَ تي ويٺو هو. اوچتو اُتي هڪ ٻڪر آيو، جنهن هڪ ڳوڻ ۾ منهن وڌو. جيئن ئي اُهو ٻڪر اچا اناج کائڻ لڳو ته اُن دڪاندار جي مٿس نظر پيئي. هن هڪدم لٺ کڻي ان ٻڪر کي ننڪاءِ ڪندي اناج جي ڳوڻ کان پري ڪيو. دڪاندار جو اِهو ورتاءُ ڏسي رشي نارد ۽ انگرا رشي مشڪڻ لڳا. اُن دڪاندار هنن کان کلڻ جو ڪارڻ پڇيو. تڏهن ناردمنيءَ اُن دڪاندار کي چيو ته تنهنجي پتا ڪوڙ ڪپٽ ڪري مايا ميڙي هي دڪان اناج سان ڀرپور ڪيو. اڄ تنهنجو پتا ٻڪر جي روپ ۾ پنهنجي دڪان تي پنهنجو اناج کائڻ آيو آهي، تو اُن کي لٺيون هڻي ماري اناج کائڻ کان به ونچت رکيو آهي. اسين ان لاءِ کلي رهيا آهيون!

پريميو! توهان به جيئري هٿ سڦلا ڪريو. گرو منتر جو ابياس ڪريو. جوئا مانس شراب جو تياڳ ڪريو.

۹ ڊسمبر صبوح جو سواميجن اجمير ۾ سوامي بسنترام مهاراج جي ورسي اُتسوُ سنبنڌ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. پرنسيپال جهمٽمل ٽلواڻي پوڄنيه سواميجن کي آدرش هاءِ اسڪول ۾ چرن گهمائڻ لاءِ وٺي ويو. اُتي سوامي جن وديارٿين کي ڪارگر سکيائون ڏيندي چيو ته پڙهڻ ۾ ڀلي پروين ٿيو، پر اُن سان گڏ ماتا پتا ۽ اُستادن جي عزت ڪريو، سندن آگيا ۾ رهي سندن آسيس پايو.

اکل سوراشٽر سنڌي پئنچات فيڊريشن جو ٽيون وارشڪ سميلن ۲۶-۲۷ ڊسمبر جهوناڳڙه مهاجن واڙيءَ ۾ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي زير صدارت ٿيو. سواميجن ڀاشڻ ڪندي چيو ته سنڌي سماج جي نؤ نرماڻ لاءِ پرشارٿ ڪريو. محنت توهانجي، مهر مالڪ جي، ڪوشش توهان جي ڪرپا ڪرتار جي. اڄ اسانجي سماج ۾ ڪي ڪرسمون ڪاهي پيئون آهن، تن کي تڙي ڪڍو. ڏيتي ليتي ۽ طلاق جي ڪرسمن ڪيترائي گهر برباد ڪيا آهن. پنهنجن پٽن جو وڪرو بند ڪريو. سيڻ ته سڪ. ڏيتي ليتيءَ جي چِڪ سڪ وڃائي ڇڏي آهي.، ڪيتريون وڏور نياڻيون نير وهائي رهيون آهن! شاديءَ ڪانپوءِ به ڏيتي ليتيءَ جي چڪ! ان رسم عام ماڻهن جا پاسائي ڀڃي ڇڏيا آهن. شاديءَ ڪانپوءِ وري طلاق ڏيڻ جو برو بيشرميءَ جو رواج شروع ٿي ويو آهي. پرماتما جو ڊپ ڪين رهيو آهي. ٿوري گهٽي ڳالهه تي استريءَ کي طلاق ڏيڻ رواجي ڳالهه ٿي پيئي آهي. پريميو! اهي اوٽايون اسان کي اوڙاه ۾ اُڇلائيندديون. اُن ڪري سڄاڳ ٿيو. سنڌي سماج ۾ نئين چيتنا آڻيو. قوم جو ڪنڌ مٿي ڪريو.

۲۷ ڊسمبر رات جو سواميجن جهوناڳڙه ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته پاڻ ۾ ميل ميلاپ رکو، ڀراتري ڀاوَ رکو. شري ڀرت کي ڀڳوان شري رام لاءِ ۽ ڀڳوان شري رام کي وري ڀرت لاءِ ڪيڏو نه پريم هو.

چترڪوٽ پهچڻ کان اڳ ۾ بن ۾ ويندي ڀڳوان شري رام کي جڏهن پيرن ۾ ڪنڊا لڳا، تڏهن سندس اکڙين ۾ آنسون اچي ويا. شري لڪشمڻ اها ليلا ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ ڀڳوان کي چيائين 'توهان مها سوروير، سهنشيل، سرو شڪتيوان هوندي به ڪنڊن لڳڻ سبب روئي رهيا آهيو!' ڀڳوان شري رام چيو 'پيارا لڪشمڻ، مان ڪنڊن جي سور سبب

تي ڪين ڪرن، پر منهنجي پٺيءَ تي ڪرن. ڳڻن ڪرڻ ڪري اِهو ڪپ ۽ داغ پٺيءَ تي ٿي پيو. جيڪڏهن ڳڙا تنهنجي مٿان ڪرن ها تہ تون بيمار ٿي پوين ها! ٻچڙا! هاڻي جڏهن تون اهو منهنجو ڪپ ۽ داغ مٿائي سگهين تڏهن مان سمجهان تہ تو منهنجا احسان لاهي پورا ڪيا. اِهو ٻڌي ان نوجوان جي اکين ۾ پاڻي اچي ويو ۽ هڪدم ماتا جي چرنن تي ڪري پيو. ماءُ، پيءُ، ايشور، گروءَ ۽ وڏڙن جا ٿورا هرگز لاهي نٿا سگهجن. پر اسين اُنهن جي ڪيڏي بہ شيوا ڪريون. انڪري پيارا ٻالڪو! وڏڙن جي شيوا ڪريو. صبوح جو اُٿڻ وقت ۽ رات جو سمهڻ وقت پربوءَ کي ضرور ياد ڪريو.

شام جو ۴ بجي ڪنيا وديا مندر ۾ سوامي جن جو سواگت ڪيو ويو. وديا مندر جي ٻالڪين آجيان جو گيت ڳايو. سواميجن ٻالڪين کي چيو تہ پڙهائيءَ جي ڪم سان گڏ گهر جو ڪم ڪار ڪريو. پهرين پرارٿنا ڪري پوءِ روز جو ڪم شروع ڪريو. هرروز ڪونہ ڪو ننڍڙو شيوا جو ڪم ڪريو. رات جو پريم پرڪاش مندر ڌرمشالا جي شاهي ميدان تي سوامي جن ستسنگ ڪيو.

۱۴ جنوري صبوح جو سوامي جن سفيد پوش گهرجائو پينرن کي اناج ۽ وستر ڏيڻ جو شيوا ڪاريہ آرنڀ ڪيو. شام جو ۴ بجي سواميجن کي سينگاريل گاڏيءَ ۾ چاڙهي شوڀا ياترا ڪڍي ويئي. شام جو ٦ بجي ڌرمشالا ۾ سوامي جن جو ۷۵ جنمدن ملهايو ويو. ڀاءُ هري ٻلي، ڀاءُ ڪوڙومل سچديو، ڀاءُ رميش تنواڻي، ڀاءُ ڀلاجراءِ راڌاڪرشن ۽ ديال 'آشا' سواميجن جي جيون جون پريرڻادائڪ گهٽنائون ٻڌايون. سواميجن ان موقعي تي پروچن ڪندي چيو، پريميو! توهان داس جي جيڪا بہ مهما ڪئي آهي، اِها مهما ستگرو مهاراجن جي آهي. داس کي ڪا شڪتي ڪين آهي. داس تہ پاڻ ٻين جي سهاري هلي ٿو. ايشور جي آسيس ۽ توهان سڀني جي سهڪار سان ئي خلق خدمت جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. توهان نت نيم نام جپيو ۽ پراُپڪار جا ڪاريہ ڪريو.

۱۵ جنوري سواميجن شري گرونانڪ مندر جي پومي پوجا ڪرائي. رات جو سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي منڊليءَ جي ڪاريہ ڪرتائن مکي راڌيمل، هري ٻلي، برجلعل هيراڻي ۽ ٻين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ پريميو! نام کي نہ وساريو. دنيوي اِڇائون هرگز پوريون ڪين ٿينديون. چاهنائن جي چڪر ۾ اچي پربوءَ کي نہ وساريو. سنسار ۾ رهي نام جپيو ۽ ستڪرم ڪريو. تياڳ، اِڇائن جو ڪرڻ گهرجي، نہ سنسار جو.

هڪ دفعي سنت رجب وٽ هڪ سنت آيو، جنهن پنهنجي تياڳ ورتيءَ جو ذڪر ڪندي ايمان وچان چيو تہ مان جُتي بہ ڪين پائيندو آهيان، پئسا بہ ڪين ولندو آهيان، انڪري مان مهان آهيان. اِهو ٻڌي سنت رجب چيو:

پشو پي پئسا نهين گهي، نهين پهني پئجار،
رجب ائسي تياڳ سي ملي نہ سرجنهار.

ڪن تہ ڀڳت مونکي ڪيڏا نہ پيارا آهن.' مني سپني ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن تي ڀڳوان جي آگيا انوسار اُن ڀڳت کي پنهنجن ڪلهن تي چاڙهي رنگہ مندر ۽ شهر جي چوڌاري پرڪرما ڏياري. اهو ڏسي ڪيترا برهمڻ ۽ شهرواسي دنگہ رهجي ويا. جنهن کي لوڪن گهٽ ذات جو ٿي سمجهيو، پريو اُنهن کي پريما - سيوا ڀڳتيءَ سبب اوچ بڻائي ٿو، اُنهن جو دڪہ سهي نٿو سگهي. ڀڳوان شري ڪرشن شريمد ڀڳوت گيتا ۾ چوي ٿو:

'ڀڪتيمان س مي پريہ'

ڀڳتي ڪندڙ ارتات ڀڳت مونکي پيارا آهن. پريميو! جيڪڏهن چاهيو ٿا تہ پريو توهان کي پيار ڪري تہ ان جي ڀڳتيءَ ۾ تلين ٿي وڃو. رڳہ رڳہ سان پريوءَ کي ياد ڪريو. پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو ۽ موهہ جا ٻنڌن ٽوڙيو.

پريم پرڪاش ستسنگہ منڊلي گانڌي نگر ڪولهاپور طرفان پوڄنيہ سوامي جن جو ۷۵ جنمدن اُتسو هيرڪ جينتي ۽ وارشڪ اُتسوَ ۱۳ جنوري ۱۹۸۲ کان ۱۵ جنوري تائين ڏاڍي اُتساهہ اُمنگہ سان ملهايو ويو. ۱۳ جنوري صبوح جو ۷ ٻجي جيئن ئي سواميجن ٽرين مان گانڌي نگر اسٽيشن تي لٿا تہ سون پريمين بئنڊ باجن ۽ گلن جي هارن سان سندن سواگت ڪيو.

صبوح جو ۱۱ ٻجي سوامي سروانند پرائمري اسڪول ۾ پوڄنيہ سوامي جن جو سواگت ڪيو ويو. سوامي جن ٻالڪن کي سڪياداڻڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو تہ ماتا پتا، اُستاد ۽ وڏڙن جي آگيا ۾ رهو. اُنهن جا احسان ڪڏهن بہ لاهي نٿا سگهجن. سوامي جن هڪ درشٽانت ڏيندي چيو تہ ڪنهن شهر ۾ هڪ نوجوان پنهنجي ماتا سان گڏ رهندو هو. هن ماتا جي خوب سيوا ڪئي. کيس چارئي ڌام تيرٿ ياترا ڪرائي آيو. سندس من ۾ ٿورو اهنڪار پيدا ٿيو تہ هاڻي ماتا جي سيوا ڪري احسان پورو ڪيو آهي. سندس ماءُ هنجي ڀاونا کي پرکي ويئي. هفتي کن کانپوءِ اُهو جوان جيئن ئي گهر ۾ آيو تہ سندس ماتا کيس چيو، ٻچڙا، منهنجي پنيءَ تان چولو تہ مٿي ڪر، سُور تو ٿئي، ڏس ڪنهن جيت چڪ تہ ڪونہ پاتو آهي! سندس پٽ جيئن ئي ماتا جي پنيءَ تان چولو مٿي ڪيو تہ ماتا جي پنيءَ تي ٿورو ڪٻ ۽ ڪارو داغ ڏسي ماءُ کي چيو تہ اما، ڪنهن جيت جو چڪ تہ ڪين آهي، باقي هي ڪٻ ۽ ڪارو داغ پنيءَ تي ڇا جو آهي؟ ماءُ وراڻيو پٽ! جڏهن تون منهنجي گرڀ ۾ هئين تڏهن تنهنجو پتا گذر ڪري ويو. اسانجي غريبي حالت هئي. هڪ ڳوٺ ۾ جهوپڙيءَ ۾ رهندا هئاسين. مون ۾ مسواڙ ڀرڻ جي طاقت ڪين هئي، اٺ ڏهہ مهنا مسواڙ ڪين ڀريم، آخر اُن ڳوٺ مان ڀڪن ۾ وڃڻو پيو، اُن وقت تون اڃا پنجن ڇهن مهنن جو هئين. رستي تي پنڌ ڪندي جهنگل ۾ ڳڙا برسات پوڻ لڳي. مان هڪ وڻ جي هيٺان توکي جهلي ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺس، جيئن برسات جا ڳڙا تنهنجي ڇاتيءَ

رام نام جي سمرڻ برابر ٻيو ڪو جپ تپ ڪين آهي. ڀڳتياڻي ميران ڪيئن نه ڀڳوان شري ڪرشن جي پريم ۾ مگن رهندي هئي. سندس جيون ئي شري ڪرشن ميه هو.

ڀڳوان پنهنجن پيارن کي پاڻ ۾ ئي سمائي ڇڏي ٿو يا پنهنجي لوڪ ۾ موڪلي ٿو. ميران ٻائيءَ جي رڳ رڳ ۾ شري ڪرشن جي تار هئي. ڀڳوان شري ڪرشن جي پريم ۾ متوالي ميران، راجائي سکن جو تياڳ ڪري ڪيئن نه دوارڪا ۾ اچي ٿي. ميران کي واپس اُديه پور ۾ وٺي اچڻ لاءِ ڪي پيارا دوارڪا وڃي ڪيس عرض ڪن ٿا، پر ميران اُديه پور وڃڻ کان انڪار ڪري ٿي. مٿس جڏهن گهڻو زور بار آندو وڃي ٿو تڏهن ميران ٻائي چوي ٿي ته ڀڳوان کان پڇنديس ته اُديه پور واپس وڃان يا نه وڃان. پوءِ پريمڻ ڀڳوان شري ڪرشن جي مندر ۾ وڃي پريما ڀڳتيءَ جا ڀڄن ڳائيندي ڀڳوان کان پڇيو ’پريو! اُديه پور وڃان ڇا؟‘ ميران جو ائين پڇڻ ۽ ڀڳوان شري ڪرشن هڪدم ڪيس پنهنجي جوتي سوَروپ ۾ ملائي ڇڏيو. مندر ۾ ويٺل پريمين ۽ اُديه پور مان آيل شخص اِهو الوَڪڪ درشيه ڏٺو ۽ عجب ۾ پئجي ويا ته پريوءَ ڪيئن نه ميران ٻائيءَ کي پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو.

سوامي جن پريمين کي ڏنيواد ڏيندي چيو ته پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. پئسي پدارٿ ۾ ڀلي ڪيترو به وڌو، پر ٻاهران ادمبر نه ڪريو. اُپڪار جي ڪمن ۾ مايا سڦلي ڪريو.

٢١ جنوري سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢٥ جنوري پوڄنيه سوامي جن گونديا ۾ پڌاريا. اُتي رات جو پروچن ڪندي سوامي جن چيو ته پرماتما پنهنجن پيارن جي سدائين رکشا ڪري ٿو. پياري پرهلاد کي ڪيئن نه ٻاهه جي ڀنڀٽ مان بچايائين. ڪيس پهاڙيءَ تان ڌڪو ڏيئي هيٺ ڪيرايو ويو، پر سندس وار به ونگو نه ٿيو. ڪيس ٻاهه ۾ تپايل لوهه جي ٿنڀي سان ڀاڪر پارايو ويو، پر پرهلاد جو ڪجهه نه بگڙيو شاهه لطيف چيو آهي:

سر ٿي پڪي هيڪڙو، پاڙيهري لڪ،
جنهن کي سائين جي رک، سو سر ۾ گهمي سرهو.

راجسٿان ۾ رهندڙ ڪرمني ٻائي ننڍي هوندي وڌوا ٿي پيئي. هوءَ بندرابن ويئي. اُتي شري هري هرونش کان گرومنتر وٺي ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتي ڪرڻ ۾ لڳي. الئي پهر شري ڪرشن، شري ڪرشن پيئي پڪاريندي هئي. هيءَ ڀڳتياڻي شڪل جي تمام سندر هئي. مٿرا جو حاڪم حسن بيگ مٿس اکن ڇڪن ٿي پيو. هن ڪرمني ٻائيءَ کي پنهنجي نفس جو شڪار بڻائڻ لاءِ ٻن عورتن کي سنتياڻين جو ويس پهرائي موڪليو. اُنهن بيکه ڌاري اِسترين ڪرمني ٻائيءَ کي چيو ته هڪ مهان سنت ٻاهران آيل آهي جو توهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي. اُهي بيکه ڌاري اِستريون ڪرمني ٻائيءَ

پسؤن بہ پئسي کي کين ڇنڊا آهن، نہ وري پيرن ۾ جتي پهريندا آهن. اهڙي تياڳہ سان پرماتما کين ملندو آهي.

١٦ جنوري صبوح جو سوامي جن اچلکرنجيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن جي سواڳت ۾ جلوس ڪڍيو ويو. گرو مندر ۾ ڀاءُ برجلعل هيراڻي، ڀاءُ ڀلاجراءِ راڌاڪرشن ۽ ٻين سواميڄن جو سواڳت ڪيو.

پوڄنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ پرماتما اسان مان هرڪنهن کي ڪا نہ ڪا ڏات يا ڪلا بخشي آهي. اُن دواران پريوءَ کي راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. پر اسان مان ڪيترا اُنهن ڪلائن جو دراُپيوگہ ڪن ٿا. لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ يا پرماتما کي پرسن ڪرڻ لاءِ ڪلا جو اُپيوگہ ڪرڻ گهرجي. ڀڳت هريداس پريوءَ جو سچو ڀڳت هو، ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو ۽ ساڻ ساڻ مهان سنگيتگيہ هو. هي ڀڳت ڪيئن نہ جهنگل ۾ پريوءَ جي پريم جا ڀڄن منڙي درديلي آواز ۾ ڳائيندو هو. ڳائيندي ڳائيندي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هيس. ڇا تہ هنجي ڳائڻ ۾ رس هو، آنند هو. ٻڌندڙ منتر مگڌ ٿي ويندا هئا. تانسين گوئيو بہ سندس شش هو. تانسين سنگيت وديا سکڻ کان پوءِ اڪبر بادشاھ جي دربار جو رتن بڻيو ۽ ڀڳت هريداس ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ بڻيو. هڪ دفعي اڪبر بادشاھ تانسين سان گڏ ڀڳت هريداس جو درشن ڪرڻ لاءِ ويو. هوُ اُتي ڀڳت هريداس جو ڀڄن ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيو. جڏهن اڪبر بادشاہ پنهنجي دربار ۾ واپس آيو تڏهن ڪجھ وقت بعد هن تانسين کي چيو تہ سنت هريداس وارو ڀڄن ڳائي ٻڌاءِ. تانسين بادشاہ جي حڪم موجب ساڳيو ڀڄن ڳايو مگر بادشاہ کي اُن راڳہ مان اُهو لطف نہ آيو، جيڪو لطف سنت هريداس جي ڀڄن مان آيو هوس. اڪبر بادشاہ تانسين کان پڇيو 'تو ڀڳت هريداس جو ساڳيو ڀڄن ڳايو، پر مونکي اهڙي راحت محسوس ڪين ٿي جيڪا راحت ڀڳت هريداس جي ڳائڻ مان، ائين ڇو؟' تانسين جواب ڏنو 'قبلا! مان ڳايان ٿو توهان کي خوش ڪرڻ لاءِ ۽ ڀڳت هريداس ڳائي ٿو پريوءَ کي پرسن ڪرڻ لاءِ. هوُ پريما ڀڳتيءَ سبب دل مان ڳائي ٿو. اُن ڪري سندس آواز ۾ وڌيڪ رس آهي.'

پريميو! پرماتما کي راضي ڪرڻ لاءِ سندس ڏنل امانتن جو سد اُپيوگہ ڪريو. سمرپت ڀاؤ سان پريوءَ جي ڀڳتي ڪريو.

١٧ جنوري شام جو سواميڄن ميرج ۾ ستسنگہ ڪيو. اُتان رات جو سواميڄن بيلگام روانا ٿيا. اُتي پئنڇن سوامي جن جو هارڊڪ اِيينندن ڪيو. ١٨-١٩ جنوري سواميڄن اُتي ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

ڪھ ٽيئون نت ڪيجئي، رام نام سي پريم،
رام نام کي سم نهين، جپ تپ سنيم نيم.

پريميو! سنساري سنبنڌين ۾ موھ نہ رکي پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو.

جي پريم جي راھ ۾ آنتي ڪريو.

راجا ماڌو سنھ جي راڻي رتناوتي ڀڳوان جي ڀڳتياڻي ھئي. اِھا ڳالھ سندس پتيءَ کي نہ وڻندي ھئي. ھن رتناوتيءَ کي منع ڪئي تہ ڀڳتي ڪرڻ بند ڪر، مگر راڻي رتناوتي ڀڳتي مارگ ۾ وڌندي رھي. راجا غصي ۾ اچي روتناوتيءَ کي ختم ڪرائڻ لاءِ ھڪ شينھن موڪليو. شينھن کي ايندو ڏسي راڻيءَ جي داسي، جا پڻ بہ ڀڳتياڻي ھئي، تنھن راڻيءَ کي چيو تہ نرسنھ ڀڳوان اچي رھيو آھي. آتي اُن جي آرتي ڪريو. شينھن جيئن ئي راڻيءَ جي ويجھو آيو، تيئن راڻي ڊني ڪانہ، پر شينھن کي نرسنھ اوتار سمجھي نمسڪار ڪري اُن جي آرتي ڪيائين. شينھن اُتي ائين بيھجي ويو، ڄڻ پٿر. جئين راڻيءَ آرتي پوري ڪئي، تہ اُھو شير اُتان واپس ھليو ويو. جنھن شينھن کي آندو ھو اُن کي چنبو رمندو رھيو. راڻي ۽ داسي اِھو ڏسي عجب ۾ پئجي ويئون تہ ڪيئن پريوءَ سندس رکشا ڪئي. راجا ماڌوسنھ کي جڏھن اُن گھٽنا جي خبر ملي تہ شينھن راڻيءَ اڳيان بوتو بڻجي ويو، تہ سندس من ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ ھو پاڻ پڇتاءُ ڪري پنھنجي پتنيءَ وانگر ايشوري راھ ۾ اڳتي وڌيو.

١١ فيبروري سوامي جن پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر ۾ سوامي چندن پرڪاش مھاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن تي ڏينھن ستسنگ پروچن ڪيو.

پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڪيترن گھرن ۾ ڪل ڪل جيھڙا جھڳڙا آھن، اُھي بہ پرارٿنا دواران دور ٿي سگھن ٿا. گھر جا ڀاتي ڏوڏو ڏوڏي ٿي نہ پچن. جيڪڏھن ھڪ ڀاتيءَ جو سڀاءُ ڪروڌي آھي، جھڳڙالو آھي تہ اُن کي سُڌي اچي، ان لاءِ پرماتما کي پرارٿنا ڪجي. ھرديوي وشال پوريءَ جي سيٺ اسٽانڪديو جي سڪيلڌي ڌيءَ ھئي. جڏھن سندس وواھ ٿي رھيو ھو تہ اُن وقت سندس ماتا اوچتو بيمار ٿي پيئي. ماتا ڌيءَ جي ودائيءَ وقت کيس ڀڳوان جي ننڍڙي مورتي ڏيندي چيو تہ ھاڻي مان ڀڳوان جي ڌام وڃي رھي آھيان، توکي ڀڳوان جي ھٿن ۾ ٿي سونپيان. تون ان مورتيءَ کي پنھنجو ماتا پتا ۽ رکشڪ سمجھي اُن جي پوجا اُپاسنا ڪندي رھج. ھرديوي ساھري گھر ۾ سکي ھئي. سندس سھرو ۽ پتي ساتوڪ سڀاءُ وارا ھئا، پر سندس سس ڪڙڪ سڀاءُ واري ھئي. ٿوريءَ گھٽيءَ تي ھرديويءَ کي گھٽ وڌ ڳالھائيندي ھئي، پر ھرديوي سھنشيلتا جي مورتي ھئي. کيس ڀڳتيءَ جو ٻل ھو. مشڪندي مشڪندي سس جا سھما سھندي ھئي. ھرديويءَ جو سھرو گذاري ويو تہ بہ ھرديويءَ جي سس جي سڀاءُ ۾ ڦيرو ڪين آيو. ھڪ ڏينھن سندس سس کيس ڪٽيل باسڻ ملڻ لاءِ ڏنا. اُھي باسڻ ملڻ ۾ ھرديويءَ کي ڪجھ دير لڳي ويئي. اُن تي سندس سس ڏاڍو تپي باھ ٿي ويئي. اوچتو ھرديويءَ جو پتي بہ گھر ۾ اچي

ڪي هڪ هنڌ وهاري ۽ چيائونس تہ هاڻي اُهو سنت جلدي هتي ايندو. ڪرمني ٻائي اُتي بہ شري ڪرشن جو ڌيان ڪرڻ لڳي. ائين ڪندي اُتي حاڪم حسن بيگ آيو. اُن پنهنجي ترشنا کي پوري ڪرڻ لاءِ جيئن ئي ڪرمني ٻائيءَ کي پڪڙيو تہ ڪرمني ٻائيءَ درد ڀري پڪار ڪئي. هڪدم اُتي شينهن پرگهٽ ٿيو. شينهن گرجنا ڪندي اُن حسن بيگ کي چنبو نڪاءِ ڪري هيٺ ڪيرائي وڌو ۽ انترڌيان ٿي ويو. اهو نظارو ڏسي ڪرمني ٻائي وسميہ ۾ پئجي ويئي. ڀڳوان ڪيئن نہ پنهنجي ڀڳتياڻيءَ جي آپدا وقت سرڪشا ڪئي.

پريميو، توهان بہ هر وقت پريوءَ کي ياد ڪريو تہ هو توهان جي بہ هر وقت رڪشا ڪندو.

سنڌي پئنچات گونديا جي سهاري آدرش سنڌي وديامندر ۾ ٢٧ جنوري ساموهڪ شادين جو آيوجن ڪيو ويو. سماروهہ ۾ سوامي جن ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ ساموهڪ شاديون سماج ۾ هڪ ڪرانتڪاري قدم آهي، جنهن ۾ غريب شاهوڪار سڀ گڏجي هڪ منڊپ ۾ شاديون ڪن ٿا. اڻنگو خرچ بچي ٿو. وقت بچي ٿو ۽ شاديون پوتر واتاورڻ ۾ ٿين ٿيون. ٻين شهرن ۾ بہ ساموهڪ وواهن جو آيوجن ٿيڻ گهرجي. سوامي جن سڀني جوڙن کي آشيرواد ڪندي ڀاڪرون وڌيون.

٢٨ جنوري سوامي جن گونديا مان روانا ٿيا ۽ ٢٩ جنوري ڪامٽيءَ ۾ آيا. اُتي ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيائون. ٢ فيبروري سوامي جن اُلهاسنگر آشرم ۾ واپس آيا.

٧ فيبروري سوامي ڪرپاتري مهاراج برهملين ٿيو. ٨ فيبروري پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ ۾ ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سوامي ڪرپاتري مهاراج مهان ودوان ۽ سناتن هندو ڌرم جو ٿنڀو هو. گئو رڪشا لاءِ هن مهاپرش ڪيڏو نہ پاڻ پتوڙيو. هي پرڪانڊ پنڊت هو. سنسڪرت ۽ ويدانت جو پرچار ڪري هن هزارين ديشواسين کي سچيت ڪيو. اهڙا مهان پرش سدائين اجر امر آهن.

٩ فيبروري سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ سوامي جن ٩ ۽ ١٠ فيبروري رات جو ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

پريم ڀاوَ سي. هوت وش، ڀڳت وڇل ڀڳوان،
ڪهه ٽيئون تانتي ڪرو، هر سي پريم پرڌان.

پريميو، پرماتما کي پريم دواران ئي پراپت ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري ستگرو مهاراج فرمائين ٿا: پريوءَ سان سنيهہ جو سنبنڌ جوڙيو. توهان ڀڳوان کي ياد ڪندا تہ هوُ توهان تي ديا ڪندو. انگ سنگ سهائي ٿيندو. ڀَوَتڪ راهہ ۾ نہ وڌي، پريوءَ

توهان پنهنجي تپسيا جو ڦل ڇو ڏيئي رهيا آهيو؟ ماتا پاروتيءَ وراڻيو ٻالڪ جي رکشا لاءِ مان پنهنجي تپسيا جو ڦل توکي ڏيئي رهي آهيان. تپسيا تہ مان وري بہ ڪري سگهندس، مگر ٻالڪ وري تنهنجي مک مان واپس اچي ڪين سگهندو. مهرباني ڪري هن ٻالڪ کي جلدي ڇڏي ڏي. واگهہ وراڻيو تہ مان تنهنجي ديا پاونا تي پرسن آهيان. مان ٻالڪ کي بہ ڇڏي ڏيان ٿو ۽ تنهنجي تپسيا بہ قائم آهي. ائين چوندي اُهو واگهہ ٻالڪ کي ڇڏي غائب ٿي ويو ۽ ڀڳوان شنڪر مهاديو پرگهٽ ٿي چيو 'پاروتي، توکي هاڻي تپسيا ڪرڻ جي ضرورت ڪين آهي. اِها تپسيا تون مونکي ٿي ارپڻ ڪئي آهي. مون تنهنجي پريکشا وٺڻ لاءِ تہ تو ۾ ڪيتري قدر ديا پاونا آهي، واگهہ جو روپ اختيار ڪيو. تون ڌنيہ ڌنيہ آهين!'

پرميو، توهان بہ دل ۾ ديا ۽ ڪميا جا گڻ ڌارڻ ڪريو. پريم سان پريوءَ جو سمرڻ ڪريو. پريو توهان کان پري ڪين آهي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جيڪا اسان کي نام جي پونجي ڏني آهي، اُن پونجيءَ کي وڌايو. پرم سک پايو.

٢٨ فيبروري پوجنيہ سوامي جن ديونار ڪوس گهر بمبئيءَ ۾ گئو رکشا آندولن جي سنبنڌ ۾ ستياگره ۾ شريڪ ٿيا. سوامي جن اُن موقعي تي للڪار ڪندي چيو تہ افسوس جي ڳالھ آهي جو هن پڻيہ پوتر ڀوميءَ تي روز هزارن گئو ماتائن جو ڪوس ٿئي ٿو. ڀڳوان شري ڪرشن ۽ ڀڳوان شري رام جي ڀوميءَ تي اهڙو اتياچار! اسان کي سڄاڳہ ٿي سرڪار کان زوردار طلب ڪرڻ گهرجي تہ گئو هتيا ساري ديش ۾ بند ٿيڻ گهرجي. گئو ماتا جي شيوا سان توهان کي آنند جي پراپتي ٿيندي. نت نيم گئو ماتا جي شيوا ڪريو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

گنگا گيتا گايتري، گياني گر گوبند،

ليئون سپتم گايہ ڪو، سيوي پا آنند.

روهڙا برادر منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ٧ مارچ آرتوار صبح جو ١١ بجي مرلي منوهر سوسائٽي، ڪرلا، بمبئيءَ ۾ پوجنيہ سوامي جن جي زير صدارت ملهايو ويو. سوامي جن پرويڻ وديارٿين کي پرسڪار ڏنا ۽ ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ جتي ايڪو آهي، اُتي آنند آهي. جتي سنگهٽن آهي، اُتي سهن شڪتي آهي. ان ڪري جتي رهو، پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. پنهنجي سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريو. سنتن ستپرشن شاسترن جي ٻاڻيءَ جو ابياس ڪريو ۽ پنهنجي ٻارن ۾ شڀ سنسڪار وجهو، جيئن هو اڳتي هلي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪن.

وڏالا بمبئيءَ ۾ وڏالا برادر منڊل جي طرفان ٩ مارچ کان ٢٠ مارچ تاءِ پوجنيہ سوامي جن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. سوامي جن جدا جدا ڏينهن تي ڀڳتي، گيان، وئراڳ، اُپڪار ۽ سماجڪ وشين تي پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ويو. ٻئي سهنشيل هئا. ڪجھ ڪچيائون ڪين. هرديويءَ ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ويهي پرارٿنا ڪئي ’هي پريو! منهنجي سس کي سٻڌي ڏي، سمتي ڏي، جيئن پريم پريو ورتاءُ ڪري.‘ ڀڳل دل جي پڪار پرماتما وٽ قبول پيئي. ڀڳوت ڪرپا سان هرديويءَ جي سس جي من ۾ پريورتن اچي ويو. هن جهڳڙالو سڀاءَ جو پڇتاءُ ڪيو. هوءَ ننهن ۽ پٽ جي سنگ ۾ پاڻ پريوءَ جي ڀڳتياڻي بڻجي پيئي. سندن گهر سرڳ بڻجي پيو. پريميو، گهر ۾ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ڪرڻ لاءِ پريوءَ کي پرارٿنا دواران سرؤآنند تئي تو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

پرارٿنا ڪر پريم سي، پن پرشارٿ ٿات،

ڪھ ٽيئون ان کي ڪيئي، هوي تو ڪشلات

پريميو، پنهنجي آتمڪ اُنتي لاءِ چاهي وهنوارڪ ترقيءَ لاءِ، نت نيم پرارٿنا ڪريو. سوامي چندن پرڪاش پنهنجي جيون ڪيئن نہ ڀڳوت ڀڄن ۽ اُپڪار جي ڪمن ۾ سڦل ڪئي. توهان بہ ان سنت جي سڌانتن تي هلي جيون سڦل ڪريو.

١٤ فيبروري سوامي جن اُلهاسنگر آشرم ۾ واپس آيا. پوڄنيہ سوامي جن ١٧ فيبروري امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا، اُتي سوامي جن روز شام جو ستسنگ ڪندا هئا. سڀ پريمين سوامي جن جي ستسنگ جو لاڀ ورتو. ٢٢ فيبروري شوراتري اُتسوُ آستان تي ملهايو ويو. سوامي جن اُن ڏينهن ستسنگ ڪندي چيو تہ اجوڪي ڏينهن جو وڏو مهتوَ آهي. اڄ ساري رات جاڳي ’اوم نمو شوايہ‘ جو منتر اُچاريو. ڀڳوان شنڪر ڀولاناٿ آهي، جلدي پرسن ٿئي ٿو، پر شرڌا سان ڪيس ياد ڪريو. توهان دل ۾ ديا ڌاريو. اڄ ڪيترن جون دليون ديا کان خالي آهن. توهان ٻين تي ديا ڪندا تہ پرماتما توهان تي ديا ڪندو. ديا ڌرم جو بنياد آهي ۽ پاپ دکن جي جڙ آهي. جتي ڪميا آهي، اُتي ڌرم اهي جتي ديا آهي اُتي پريو پاڻ آهي.

ديا ڌرم ڪا مؤل هئہ، پاپ مؤل سنتاپ،

جهان ڪميا تهان ڌرم هئہ، جهان ديا تهان آپ.

هڪ دفعي ماتا پاروتيءَ نديءَ ڪناري هڪ پٿر تي ويٺي تپسيا ڪئي. اوچتو هڪ ٻالڪ جو دردناڪ آواز سندس ڪن تي پيو ’بچايو، مونکي واگهہ جي وات مان بچايو! پاروتي ماتا جون اکيون کليون. هن ڏٺو تہ هڪ سندر ٻالڪ کي واگهہ جهلي بيٺو آهي. هن واگهہ کي آديش ڪيو تہ مون هماليہ تي هيڏي تپسيا ڪئي آهي، اُن صدقي هن ٻالڪ کي ڇڏي ڏي. تڏهن واگهہ وراڻيو تہ جڏهن توهان پنهنجي تپسيا جو ڪجھ ڦل مونکي ڏيندا، مان تڏهن ئي ٻالڪ کي ڇڏي ڏيندس. ماتا پاروتيءَ جي دل ۾ ديا پيدا ٿي. هن واگهہ کي چيو تہ مان پنهنجي سموري تپسيا جو ڦل توکي ڏيان ٿي. تون هڪدم هن معصوم ٻالڪ کي ڇڏي ڏي. تڏهن واگهہ وراڻيو،

۵ ۾ ديش ڀڳت آچاريہ جي. بي. ڪرپالاڻيءَ جي ديهانت سبب سڏايل شوڪ سڀا ۾ سوامي جن شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ آچاريہ ڪرپالاڻي هڪ نشڪام نذر نيتا هو. سچو راشٽر ڀڳت هو. هڪ آدرشي اُستاد مان هوُ هڪ آدرشي راڄنيتي ماهر بڻيو.

دانوير داتا شري وڪيومل شراف ديواليءَ ۾ پنهنجي پوڄنيہ پتا شري شامداس شراف ۽ ماتاگومي ٻائي شامداس جي پوتر سمرتيءَ ۾ اسپتال جي نئين عمارت نهرائي سرڪار کي سمرپت ڪئي. ان اُتسو سنبنڌ ۾ ۲۵ مارچ پوڄنيہ سوامي جن ديواليءَ ۾ پڌاريا سوامي جن ڀاءُ وڪيومل شراف ۽ سندس ڀائرن گوپالداس شراف ۽ واشديو شراف کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان پوڄ ماتا پتا جي پاون سمرتيءَ ۾ هيءَ اسپتال جي عمارت نهرائي اُتم ڪرم ڪيو آهي. بيمار بيواهن جي شيوا ڪرڻ اسانجو اهم ڪرتويہ آهي. اِها بہ هڪ ايشور جي ڀڳتي آهي. شل اجا وڌيڪ خلق خدمت ۽ پراُپڪار جا ڪاريہ ڪندي مايا ۽ جيون سڦل ڪريو.

جنتا جناردن پريشد سنڌونگر جي سهاري پوڄنيہ سواميڄن جي پريرڻا ۽ آگيا سان ۲۶ مارچ چيٽي چنڊ جي موقعي تي سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ساموهڪ جڻين جو ڪاريڪرم رکيو ويو. هن موقعي تي ۵۰۰ ٻالڪن کي جڻيا پاتا ويا. سواميڄن سيني ٻالڪن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ ان جڻئي جي رکشا ڪرڻ اوهان جو فرض آهي. هي هندو ڌرم جي نشاني آهي. ماتا پتا ۽ اُستادن جي عزت ڪريو ۽ اُنهن جي شيوا ڪريو.

هن موقعي تي ۲۵۰ غريب ٻارن کي نوان ڪپڙا ڏنا ويا. سيني ٻارن ۽ سندن متن مائٽن کي ڀوڄن ڪارايو ويو. آشرم ۾ جڻ ڪنڀ جو ميلو لڳي ويو.

پريم پرڪاش منڊل جي ۶۱ وارشڪ مها اتسوَ جي سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. ۳-۴-۵ اپريل شام جو سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪيو ۽ رات جو شيواڌارين جو ميڙ سوامي جن جي حاضريءَ ۾ ٿيو. ۶ اپريل سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي ويئي. سوامي جن سوامي گرمکداس جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو تہ سنت سوامي گرمکداس پريم پرڪاش منڊل جا رتن هئا.

۷ اپريل صبوح جو سوامي جن جهنڊو چاڙهي وارشڪ اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ۳ بجي سوامي جن جي نگرانيءَ ۾ شاهي جلوس نڪتو جنهن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رامچندر، ڀڳوان شنڪر، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جون سندر جهانڪيون درشايون ويئون. هزارين پريمي جلوس ۾ شريڪ ٿيا. ٽپي ٽپي تي سيسا ۽ شربت پريمين پئي پيئاريو، ستگرو مهاراجن جي جئہ جئہ جا نعرا لڳايا. ڪيڏو نہ اُتساه ۽ اُمنگہ هو پريمين ۾. چارئي ڏينهن صبوح شام ۽ رات جو سنتن مهاتمائن ستسنگ پروچن ڪيو. سنگيتڪارن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ۱۱ اپريل پربات جو پوڄنيہ سواميڄن سنت منڊل سان گڏجي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي

رام پروسا راکہ تم، اور پروسا تیاگ،
کہ ٹیئون ھر شرڻ لي، کولو اپنا پاگ.

جيڪڏهن توهان پاڳيوان ٿيڻ چاهيو ته دنيوي سهارن جو تياڳ ڪري هڪ پرماتما جي شرڻ وٺو. جيڪڏهن توهان پريوءَ کي ياد ڪندا ته پريو توهان جا ڏکيا ڪم به سولا ڪندو.

ڀڳوان پنهنجي پيارن جا اوکا ڪم به سوکا ڪري ٿو. جيوتي پنت ڀڳوان شري گڻيش جو انيہ اُپاسڪ هو. سندس مامو پونا جي پيشوا جو پرڌان منتري هو. جيوتي پنت جي ماتا دفتر جو ڪم سکڻ لاءِ جيوتي پنت کي پونا ۾ پنهنجي ڀاءُ وٽ موڪليو. هڪ ڏينهن پونا جي پيشوا پنهنجي پرڌان منتري کي لکپڙھ حساب ڪتاب جو ڪافي ڪم سونپيندي چيو ته اهو سمورو ڪم ٽن ڏينهن ۾ پورو ڪرائڄ. پرڌان منتري پيشوا جي آڳيا ته اکين تي رکي پر من ۾ چنتت ٿيو ته ٽن مهنن جو ڪم ٽن ڏينهن ۾ ڪيئن پورو ٿيندو. پنهنجي مامي کي اُداس ڏسي جيوتي پنت ڪائونس اُن جو ڪارڻ پڇيو. سندس مامي ساري حقيقت ڪيس ٻڌائي. جيوتي پنت مامي کي چيو ته توهان چنتت نہ ٿيو. مونکي اِهو سمورو ڪم سونپيو. ان ڪم پوري ڪرڻ لاءِ مونکي هڪ اڪيلو ڪمرو ۽ ٽن ڏينهن لاءِ کاڌو پيتو ڦل وغيره ڏيو ته پاڻيهي ڪم پورو ٿي ويندو. دروازو بند ڪري ڇڏيندا، جڏهن مان اِشارو ڏيان تڏهن دروازو کوليندا. پرڌان منتري پنهنجي ڀاڻيجي جيوتي پنت جي چوڻ موجب ڪيس هڪ ڪمرو ۽ ڦل وغيره کاڌي لاءِ ڏنا. شري جيوتي پنت ڀڳوان شري گڻيش جو ڌيان ڪيو. وگهن هرٽن ڀڳوان شري گڻيش سارو ڪم پاڻ اچي پورو ڪيو. ٽئين ڏينهن جيوتي پنت دروازو کوليو. پرڌان منتري سمورو ڪم پورو ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. ڀڳوان ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي پنهنجي پيارن جا ڪم پورا ڪري ٿو، ڪشٽ ڪليش هري ٿو. پريميو! ٻيون ڳالهيون ڀلي وساريو پر پريوءَ کي نہ وساريو.

ڏوڙئي ڏينهن آخرين ستسنگ ڪندي سوامي جن سنگت کي خوب ڪاڻيو، پر ساڳئي وقت سنڌي سماج کي زوردار اپيل ڪندي چيو ته مڱڻي وقت منڍي پائڻ جي رسم بند ڪريو. ان منڍيءَ جي رسم ماڻهن جي منڍي ئي ڀڃي ڇڏي آهي. هوٽلن ۾ شاديون نہ ڪريو. اجائي ادمبر ۽ اڍنگن خرچن سبب سڄي سماج کي ڌهرم رسي رهيو آهي. مانس شراب جو واهپو بند ڪريو. نئين سماج جو نرماڻ ڪريو. ستسنگ ۾ آيل ڪيترن ئي شاهوڪارن سوامي جن جي اپيل اونائي بروقت ئي منڍيءَ جي رسم بند ڪرڻ ۽ هوٽلن ۾ شادي نہ ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو. مکي چوئٿرام بيگراج سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي. ٢١ مارچ رات جو سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

٢٢ مارچ شام جو جنتا جناردن پرشد طرفان سوامي ٽيئونرام آشرم اُلهاسنگر

ست پرش سدائين ٻين جو ڀلو چاهيندا آهن. ڪين پنهنجي سک جي چاهنا ڪين هوندي آهي. هڪ دفعي گجرات جي راجا ڀيم ديو جي راڄ ۾ برسات نه پوڻ سبب سوڪ ٿي. اُنڪري ڏڪر جي اسٿتي پيدا ٿي. هڪ ته ويچارن ڳوٺاڻن کي کاڌي لاءِ اناج پورو ڪونه، ٻيو وري راجائي ڍل ڪٿان ڀري سگهن! راجا جي سپاهين اُنهن ڳوٺاڻن جي جهوپڙين ۾ وڃي سندن گهر جو سامان ضبط ڪري ڪين راڄڌانيءَ ۾ آندو. ويچارا ڪڙمي اِهو ظلم ڏسي ڏاڍو دکي ٿيا. سندن پريوار جا سنٻنڌي به اُن ڪري ڏاڍا اُداس ٿي پيا. راجا ڀيمديو جو پٽ مولراج ڏاڍو ديالو سڀاءَ وارو هو. جڏهن دکي پرجا جي دانهن سندس ڪنن تي پيئي، تڏهن هن سندن دک کي دور ڪرڻ جو اُپاءُ سوچيو. سندس پتا کيس چيو هو ته تون گهوڙيسواريءَ ۾ قابليت حاصل ڪر ته تون جيڪي انعام مونکان گهرندين اُهو انعام مان توکي ڏيندس. پريوءَ جي ڪرپا سان مولراج گهوڙيسواريءَ ۾ ماهريت حاصل ڪئي هئي پر پتا کان ڪوبه انعام ڪين گهريو هو. هن سياڻپ ڪري وجهه وٺي پتا کي چيو ته مون گهوڙيسواريءَ ۾ ماهريت حاصل ڪئي آهي. پنهنجي انجام موجب مونکي انعام ڏيو. راڄن پڇيو 'ٻالڪ! توکي ڪهڙو انعام گهرجي؟' مولراج وراڻيو 'اڪال پيڙتن جي ڍل نه ڏيڻ سبب جيڪو سامان ظبط ڪيو ويو آهي، اُهو سامان ڪين هڪدم واپس ڪيو وڃي ۽ انهن کي هڪدم آزاد ڪيو وڃي. آئينده به جڏهن راڄ ۾ اڪال جي اسٿتي ٿئي ته هنن ڪڙمين مسڪينن کان ڍل نه اُڳاڙي وڃي، انهن کي پاڻ کاڌي پيتي لاءِ اناج مفت ڏنو وڃي. بس مونکي اهوئي انعام ڏيو.' راجا پنهنجي پٽ جي چوڻ موجب ڪڙمين کي آزاد ڪيو. ڪين سندن سامان به موٽايو، ڪين ان جا انبار ڀري ڏنا. مولراج جي ان ديا ڀاونا واري وهنوار سبب سندس پتا به پرسن ٿيو ته پرجا به ڏاڍي خوش ٿي ۽ کيس آسيس ڪرڻ لڳي. ڀڳت نرسيءَ چيو آهي:

'وئشڻو جن تو تيڻي ڪهيئي، جو پيڙ پرائي جاڻي ري.'

سچو وئشڻوَ ڀڳت اُهو آهي جو ٻئي جي دک جو احسان ڪري اُن دک درد کي دور ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري ٿو. پريميو! لکين لوڪ دکي آهن اُنهن جي شيوا ڪريو. ٻين جو ڀلو ڪندا ته پريو توهان جو ڀلو ڪندو.

ڀلو جي ڪندين تون، ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ڀاڙا، ڏڻي توکي ڏيندو.

ڍوليا ڪمارنگر جي سوامي ٽيئونرام مندر جي مهورتي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ۱۲ مئي صبوح جو ڍوليا ۾ پڌاريا. سنت ڀهلاج پرڪاش سوامي جن ۽ آيل ٻين سنتن جو سواڳت ڪيو. شام جو پوڄنيه سوامي جن جي نيرتوَ ۾ جلوس نڪتو. سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ورکا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

چيو تہ ستگرو مھاراج فرمائين ٿا:

ستگر تيرٿ روپ ھئہ، وچن سُ نرمل نير،
ٽيئون ٽامي نايڪي، پاوَن ڪرو شرير.

پريميو! ستگرو مھان تيرٿ سمان آھن ۽ اُنھن جي واڻي گنگا جل جيان پاون آھي. اُن واڻيءَ روپي گنگا جل ۾ اشنان ڪري پنھنجو تن من سڦلو ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن ستگرو سوامي سروانند مھاراجن لاءِ جيتري ڀڳتي پاونا رکندا اوترو توھان لاءِ سنو آھي. گرو ڀڳتي شش کي پار پھچائي ٿي. ستگرن جي شيوا ڪريو تہ سمرپت ڀاوَ سان.

سنت موھنداس دفتريءَ جي من ۾ پنھنجي گرو سنت دادوءَ لاءِ اننيہ شرڌا ڀاونا ھوندي ھئي. ھڪ ڏينھن سنت موھنداس سرونج ڳوٺ ۾ آيو. اُتي پريمين سندس خوب آجيان ڪئي. پريمين طرحين طرحين جا طعام تيار ڪري پوڄن جي وقت سندس اڳيان رکيا. سنت موھنداس اُھي طعام ڏسي ويچار ڪيو تہ اِھو پوڄن تہ جيڪر منھنجو ستگرو سنت دادو ورتائي. ھن اِھو سنڪلپ ڪري اکيون بند ڪيون. ھيڏانھن سنت دادو پنھنجي آستان تي پوڄن لاءِ ويٺو ھو پر سندس اڳيان پوڄن ڪين رکيو ويو ھو. ائين ڪندي سنت موھنداس وارو پوڄن جو ٿالھ سنت دادوءَ جي اڳيان اچي ويو. سنت دادو تہ رھسيہ کي سمجھي ويو. اُتي ويٺل شيواڌاري دنگ رھجي ويا. سنت دادوءَ اُن ٿالھ مان ڪجھ پوڄن ويٺل پريمين ۾ ورھايو ۽ ڪجھ پاڻ کائي شش جي اِڇا پوري ڪئي. ٿوري وقت بعد اُھو خالي ٿالھ وري سنت موھنداس جي اڳيان اچي ويو. سرونج ڳوٺ جا پريمي اِھو ڏسي اچرج ۾ پئجي ويا تہ ھنن طعامن سان ڀريل ٿالھ سنت موھنداس جي اڳيان رکيو ۽ اُھو ٿالھ ڪجھ وقت غائب ٿي وري ڪيئن واپس آيو. سنت موھنداس اُھو خالي ٿالھ ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. سچي شش ۽ سچي گروءَ جون دليون مليل رھن ٿيون. ٻنھي جي تار ڳنڍيل رھي ٿي. جيئن سنت موھنداس جي اِڇا ٿي تہ ھي سڀ طعام جيڪر منھنجو ستگرو سويڪار ڪري، تيئن گرو ڀڳتيءَ جي ڀاونا وارو سچو شش ائين ئي چاھيندو آھي تہ منھنجو محبوب ئي منھنجو سرمور آھي، سڀ سڀ آھي. جيڪي ڪاڌا پيتا مونکي بھترين لڳن ٿا اُھي منھنجو ستگرو پھرين ورتائي. انجي خوشيءَ ۾ ئي منھنجي خوشي سمايل آھي.

سوامي مرليڌر مھاراج جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ١٨ اپريل اندور ۾ آيا. اتي سوامي جن ڇھ ڏينھن ستسنگ پروچن ڪندي سوامي مرليڌر کي شرڌانجلي ڏني. سوامي جن پنھنجي پروچن ۾ چيو:

ترڙ سرڙ سنت جن، چوٿان برسي ميھ،
پرمارٿ کي ڪارڻي، چارون ڌاري ديھ.

مئي اجمير ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٨ مئي تائين ستسنگ پروچن ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي جيون جا ڪيترائي پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌايا. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪهه ٽيئون ڪب نا ڪرو، اِس من پر وشواس،

ديکت سندر وشيه ڪو، ويگ ڪرت تنه آس.

پريميو! ستگرو مهاراج فرمائين ٿا ته من ڏاڍو چنچل آهي، اُن تي وشواس نه ڪريو. من موهيندڙ وشيه پدارٿ ڏسي ڪيئن نه ترڪي وڃي ٿو. اُن ڪري سدائين نام جي اوٽ وٺو. پنهنجي من مندر ۾ پريوءَ جي مورت براجمان ڪري اُن جو ئي ڌيان ڪريو، نه ته ته واسنائن جي وڪڙ ۾ وڪڙجي ويندا.

پريميو! جيون جي سارٿڪتا يوڳن ڀوڳڻ ۾ ڪين آهي. ڀوڳ ته روڳ پيدا ڪن ٿا. منش ڀوڳ ڀوڳي ڀوڳي آخر بيزار ٿي پوي ٿو. راجا ورشپرا جي ڌيءَ شرمنا ۽ شنڪر آچاريه جي ڌيءَ ديوياني پاڻ ۾ ساهيڙيون هيون. هڪ ڏينهن ڪنهن ڳالهه تان اڇي پاڻ ۾ اٽڪيون. ٽوٽ لڳي ساهيڙي ڀڳي. ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ ديوياني‌ءَ جي شادي راجا يياتي‌ءَ سان ٿي ۽ شرمنا کي اُن جي داسي ٿي اُن سان گڏجي وڃڻو پيو. ديوياني‌ءَ سان ڀوڳ ولاس ڪندي راجا يياتي‌ءَ جو شرمنا داسي‌ءَ سان به پيار ٿي ويو. ايتري قدر جو اُن مان ڪيس سنتان به ٿي. شري شنڪر آچاريه ناني‌ءَ جو اهو حال ڏسي ڪاوڙ ڪندي سراپ ڏنو ته تون هڪدم ٻڍو ٿي وڃ. شري شنڪر آچاريه جو سراپ ڏنو سو راجا يياتي هڪدم ٻڍو ٿي ويو. راجا يياتي پڇتائيندي شنڪر آچاريه کي چيو 'ڪرپا ڪري ڪميا ڪريو. گناهه معاف ڪريو.' شنڪر آچاريه کي ناني‌ءَ تي ديا اچي ويئي. هن ڪيس چيو ته جڏهن تنهنجو ڪو پٽ توکي جواني ارپيندو ته تون ٻڍي مان وري جوان ٿي پوندين. راجا يياتي‌ءَ جي هڪ پٽ پنهنجي جواني پنهنجي پتا کي ارپڻ ڪئي ته راجا يياتي وري ٻڍي مان جوان ٿي پيو. جواني حاصل ڪري راجا يياتي‌ءَ وري خوب ڀوڳ ڀوڳيا. پر ڪيس من جي خوشي ڪين ملي. ڀوڳ ڀوڳي آخر اهڙو ته بيزار ٿي پيو جو ٿوري عرصي ۾ پنهنجي جواني وري هن ساڳئي پٽ کي ارپڻ ڪئي. ان ڪري سندس پٽ جوان ٿي پيو ۽ پاڻ شنڪر آچاريه جي سراپ موجب ٻڍو ٿي پيو. سندس من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي. پنهنجي ڪيل غلطين سبب خوب پڇتايائين ۽ زندگي‌ءَ جا باقي ڏينهن ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريائين.

پريميو! دنيوي يوڳن ڀوڳڻ سان منش اشڪت اشانت ٿئي ٿو ۽ آخر دنيا کان ڪنائي اچي ٿي. ان ڪري ڦهريون ئي جڳت جي پدارٿن ۾ آسڪتي نه رکو. پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو، موهه جا ٻنڌن ٽوڙيو.

٣٠ مئي صبوح جو سروودیه هاسپيٽل گهاٽڪوپر بمبئي‌ءَ ۾ پوجنيه سوامي جن جي زير صدارت گئو رڪشا سمتي‌ءَ جي بيٺڪ ٿي. اُن موقعي تي سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته گئو ڌن ديش جو امولیه ڌن آهي. اُن جي رڪشا ڪرڻ اسان سڀني جو ڪرتويه آهي. گانين جي رڪشا هندو سنسڪرتي‌ءَ ۽ ديش جي رڪشا آهي.

ڪوي واشديو ا جون پرلوڪ پڌاريو. ٤ جون سنڌونگر آشرم ۾ سوامي جن ڪيس ڀاو ڀيني شرڌانجلي ڏني.

رام نام کي پريم کي پاتي پڊو هميش،
ڪھ ٽيئون من شانت ھو ڇوٽي تاپ ڪليش.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا تہ سدائين پريوءَ جي پريم جي پٽي پڙهندا رهو، ارٿات پريم سان پرماتما جو سمرڻ ڪندا رهو تہ توهانجا مانسڪ شاريرڪ ڪشٽ ڪليش دور ٿيندا.

ستسنگہ، ست شاسترن جو ابياس، نام سمرڻ دان پڇ نت ڪندو رهجي. ڪهڙي وقت اُنجو ڦل ملندو، اُن جي اون نہ ڪجي. نشڪام ڀاونا سان ستڪرم ڪرڻ گهرجن. ڪنهن نہ ڪنهن وقت ڪرتار کي قبول پوندا. سنتن ستگرن جي شيوا بہ ڪندو رهجي. ڪنهن نہ ڪنهن مهل هوُ ضرور ڪرپا درشٽي ڪندا. روحل فقير پنهنجي مرشد جي در تي ويھ سال پاڻيءَ جا مٽ پريندو رهيو. سندس چاڪريءَ ۾ هڪيو حاضر رهيو. هڪ ڏينهن سندس مرشد مٿس عنايت ڪئي. ڀڳوان ۽ سنتن جا ڀوُر ٿيندا آهن. پرارٿنا ڪندا رهو. ڪڏهن نہ ڪڏهن توهانجون پرارٿنائون پريوءَ کي قبول پونديون. سمنڊ بہ ڪڏهن ڪڏهن اچانڪ موتين جي جولي ڏيندو آهي.

هڪ دفعي هڪ ٻالڪ پنهنجي پتا سان هڪ روپئي جو انگل ڪيو. پتا ٻين پٽن کي پائلي پائلي ڏيئي خوش ڪيو پر سندس ننڍو پٽ هڪ روپئي جي خرچيءَ لاءِ هٺ ڪري روئڻ لڳو. ڪيتروئي وقت روئڻ بعد هوُ ٿڪجي پيو. سندس گلو سڪي ويو. اُن ڪري هوُ روئڻ بند ڪري پاڻي پيئڻ ويو. سندس پتا چيس تہ پٽ، آخر روئي روئي ٿڪجي پئين نہ! وٺ هيءَ ساڳي پائلي. پٽ وراڻيو 'بابا! مان روئي روئي ٿڪيو ٿوروئي آهيان، اُڃ لڳي سو پاڻي پيئڻ لاءِ اُٿيس. هاڻي وري روپئي لاءِ روئڻ شروع ڪريان ٿو.' ائين ڪندي وري هوُ روئڻ لڳو. پيءُ کي پٽ جي روئڻ ۽ سياڻپ تي ديا اچي ويئي، کيس هڪ روپيو خرچي ڪڍي ڏنائين.

پريميو! پرماتما اسان سڀني جو پتا آهي. اُن ڪري ٻالڪ وانگر پريوءَ جي اڳيان درد ڀريءَ دل سان سندس مهر لاءِ، سندس پيار لاءِ لڙڪ لاڙيندا رهو. ڪنهن نہ ڪنهن وقت پرماتما توهان جي اکڙين ۾ پريم جا آنسون ڏسي اُوس توهان کي پنهنجي ڇاتيءَ چپائيندو.

١٧ مئي سوامي جن ناسڪ ۾ آيا. اُتي شام جو سوامي ٽيئونرام مهاراج سوامي چندنرام مهاراج جي آشرم ۾ ستسنگ ڪيائون. ١٨-١٩ مئي سواميجن ديولاليءَ ۾ ڪوٽ ڀالاجرام جي ورسي اُتسو سنبند ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو. ٢٠ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

سنت اوڌوداس سنڌو گيتا گيان ٽرسٽ طرفان بڙودا ۾ گيتا گيان يگيہ جو آيوجن ڪيو. اُن اُتسو سنبند ۾ پوجنيہ سواميجن ٢٦ اپريل بڙودا ۾ پڌاريا. سنت اوڌوداس ۽ ڀاءُ پرتاب رامچندانيءَ سوامي جن جو هاردڪ آيينندن ڪيو. پنج ڏينهن سوامي جن امرت ورکا ڪئي. ٣٠ اپريل رات جو اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي سوامي جن چيو تہ گيتا ڀڳوان شري ڪرشن جي مکاروند جي واڻي آهي.

گيتا اسان جو اُموليہ گرنٿ آهي. انجو ابياس ڪرڻ اسانجو ڪرتويہ آهي. گيتا جو گيان، وهنوار جي خيال کان بہ ۽ آڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ بہ اسانجو مارگ درشن ڪري ٿو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسو سنبند ۾ پوجنيہ سوامي جن ٢٤

ڪندي، ڀڳوان جو به سمرڻ ڪرڻ گهرجي.

اوهانجي هن شهر ۾ ٻڍا آشرم ڏٺو. اُتي هڪ سڄڻ کان پڇيم ته تون خاص ٻڍو ته ڪين آهين! پوءِ به ٻڍا آشرم ۾ ڇو اچي رهيو آهين؟ اُن پياري جواب ڏنو ته هتي اهو رواج آهي ته پٽ شادي ڪرڻ کان پوءِ ماتا پتا جي شيوا ۽ اُنهن جو گهر ۾ رهڻ پسند ڪين ڪندو آهي. ان پياري جو اهو جواب ٻڌي عجب لڳو. ماتا پتا جيڪي ٻالڪ جي جمڻ کان وٺي ڪيترا نه سور سهن ٿا. اولاد جي پالنا لاءِ ڪشالا ڪڍن ٿا. اُنهن کي ائين ڌڪاريو وڃي ٿو. پريميو! توهان ڀلي لاس پال ماس ۾ رهو، لنڊن ۾ رهو، آمريڪا ۾ رهو، پر ڀارت جي سنسڪرتي ۽ سڀيتا نه ڀلايو. ماتا پتا، سس سهري، سنتن مهاتمائن ۽ ستگرن جي شيوا ڪندا رهو. ڌنڌا ڌاڙيون ۽ نوڪريون ڪندي نام کي نه وساريو.

٩ جولاءِ سوامي جن لئبيريا ۾ آيا. اُتي سواميجن ڇهه ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته پريميو! وديش ۾ رهي بلاشڪ خوب ناڻو ڪمايو، پر پنهنجي اخلاق جي سنڀال ڪريو. مايا جي ڪري ڪُڪرم ڪين ڪريو. نام جپيو ۽ مايا پراُپڪار جي ڪارين ۾ سڦلي ڪريو. توهان ڀارت ماتا جي سنتان آهيو. اخلاق جي لحاظ کان پڪا پختا رهو.

راجا اشوڪ جو پٽ ڪڻال ڏاڍو چرتروان هو. راجا اشوڪ جي ننڍي راڻي تشيرڪيتا، ڪڻال جو سونهن سوڀيا ۽ جوانيءَ تي موهت ٿي پيئي. هڪ ڏينهن ان انڌ ۾ هن ڪڻال کي پنهنجي واسنا کان واقف ڪيو. ڪڻال هٿ جوڙي کيس چيو 'ماتا! اوهان مونکي سڳي ماتا جيان آهيو. مان اوهانجو ٻچو آهيان. اها ڳالهه پٽ کي چوڻ ٺيڪ نه آهي.' ڪڻال جو اهو جواب ٻڌي راڻيءَ جو پارو چڙهي ويو ۽ غصي وچان کيس چيائين ته توکي سبق سيکاريندس. ڪڻال پنهنجي اخلاق تي پختو رهيو. راڻي موقعي جي ڳولها ۾ هئي. ڪجهه مدت بعد تڪششلا تي دشمنن حملي جي ڪوشش ڪئي. ڪڻال سينا وٺي اُنهن جو نڪ ۾ دم آڻي ڇڏيو. راجا پٽ جي وجئه جي وارتا ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو، پر ننڍي راڻي اهو ٻڌي نه صرف دکي ٿي پر هن سئناپتيءَ کي هڪ پتر ۾ لکيو ته ڪڻال جون ٻئي اکيون هڪدم ڪڍائي ڇڏ. اُن خط تي راڻيءَ، راجا جي صحيح جي مهر هڻائي، اهو پتر سئناپتيءَ کي تڪششلا ۾ موڪليو. سئناپتيءَ اهو پتر پڙهي وائڙو ٿي ويو ته هي ڪهڙي قسم جو آديش آهي! ڪڻال جهڙو بهادر گڻوان آگياڪاري سپاتر اُن جون اکيون ڇو ڪڍائجن! هي اُهو آديش پتر کڻي ڪڻال وٽ ويو. ڪڻال اُهو پتر پڙهي سئناپتيءَ کي چيو ته وڏن جي آگيا اکين تي آهي. توهان منهنجون اکيون هڪدم ڪڍايو. سئناپتيءَ اکيون ڪڍڻ کان بنهه انڪار ڪيو. ڪڻال آديش تي پاڻ عمل ڪيو. پنهنجون اکيون پاڻ ڪڍيائين. جڏهن هي پيارو راجڌانيءَ ۾ آيو تڏهن راجا اشوڪ پنهنجي پٽ جي اها حالت ڏسي ڏاڍو دکي ٿيو. هن هڪدم جاچ ڪرائي ته ڪنهن سندس صحيح واري مهر جو دراُپيوگ ڪري ڪڻال جهڙي لاثاني پٽ جي جوت وڃائي آهي. ننڍي راڻي تشيرڪيتا جو ڦاٽ ڦاٽي پيو. راجا حڪم ڏنو ته هڪدم راڻي تشيرڪيتا کي جيئري

٣١ مئي سوامي جن شام جي ستسنگہ ۾ ڊاڪٽر ديال 'آشا' جي پستڪ 'سنڌ جا سنت' جو وموچن ڪندي ديال آشا کي ڌنيواد ڏني، جنهن سنڌي سنتن جي جيون تي سندر گلدستو تيار ڪيو آهي ۽ پرڪاشڪ شري وشنداس آسراڻيءَ کي بہ آسيس ڪئي تہ جيئن هو وڌيڪ وڌيڪ اهڙا امولہ پستڪ پرڪاشت ڪندو رهي.

٨ جون رات جو سوامي جن اسپين لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن سان گڏ سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش ۽ گيان لعل بہ هئا. ٩ جون سوامي جن لاس پال ماس هوائي اڏي تي پهتا. اُتان جي پريمين سوامي جن جو شاندار سواگت ڪيو. سواميجن اُتي شري موهن رامچنداڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. سوامي جن هڪ مهنو اُتي ست نام ساکي مندر ۾ ستسنگہ ورڪا ڪئي.

سوامي جن ڀڳتي گيان، وئراڳہ، پريم ۽ ٻين ڪيترين وشين تي سڪيادائڪ پروچن ڏنا. سوامي جن اُتي آخرين ستسنگ ۾ پريمين کي چيو تہ ستگرو سوامي سروانند مهاراج توهان کي جو ست نام ساکيءَ جو منتر ڏيئي ويا آهن اُنجو خوب جاپ ڪريو.

سڦل ڪرو نج شواس ڪو، گر ڪا شبد ڪمايہ،

ڪھ ٽيئون گر شبد بن، ورٿا نانھ گنوايہ.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا تہ گرو منتر دواران پنهنجا سواس سڦلا ڪريو. پنهنجا امولہ سواس ويرٿ ڪين وڃايو. گرو توهان کي نام جي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي هن ڀو ساگر جي ڀيڙ مان پار لڳائيندو.

ٽيئون نؤڪا نام ڪي، ڪرڻڌار گر هويہ.

بنا شرم ڀو سنڌ سي، پار جات سڀ ڪويہ.

ان ڪري ڪنهن نہ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو. جيڪو پريمي گروءَ جي شرڻ ۾ آيو، سمجهو تہ اُهو ڀڳوان جي شرڻ ۾ آيو. جنهن پنهنجي ٻانهن گروءَ جي هٿ ۾ ڏني، گرو ان جي ٻانهن وري پرڀوءَ جي حوالي ڪندو. گرو ڪبو ئي ان لاءِ آهي تہ ڀڳوان سان ملائي. ڀڳوان سان ملڻ کان پوءِ ڪال ڪجھ ڪين ڪري سگهندو، ڇو تہ ڀڳوان اڪال پرکہ آهي، ڪال کان پري آهي.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج بہ گروءَ جي شرڻ ۾ آيا. گهر وهنوار جا ٻنڌن ٽوڙي سنتن جي سنگہ ۾ رڌن ڪيائون. رڌن ڪري جڏهن گهر واپس آيا تہ ماتا کي پرڻام ڪري ماتا کان آسيس گهرڻ لڳا. ماتا ڪرشڻا ديوي پرسن ٿي ۽ آسيس ڪندي چيو تہ پٽڙا! تنهنجي سنت ٿيڻ ڪري اسان جو نالو بہ روشن ٿيو ۽ ڪل بہ پوتر ٿيو. سوامي جن نمرتا سان چيو 'اما! منزل تہ اڃا گهڻو اڳتي آهي. آسيس ڪري اهڙي سهڻي سکيا ڏي جو منهنجو سنتپڻو سڦل ٿئي. ماتا جي آسيس سون کان بہ وڌيڪ آهي، پارس سمان آهي. گوپيچند تي، پورڻ تي، ڌروءَ تي، ماتا جي ئي آسيس تي، جو هو وڃي ڀڳت بڻيا. اڄ بہ سنسار اُنهن جو جس ڳائي ٿو.

ماتا جو درجو سڀ کان اوچو آهي. ان جو مطلب اهو ناهي تہ ڀڳوان جي ڀڳتي نہ ڪجي. جڳت گرو شنڪر آچاريہ ۽ راجا گوپيچند گهر ٻار تياڳڻ کان پوءِ بہ ماتا جي انت ويلي بہ اچي شيوا ڪئي، ڪريا ڪرم ڪيو. ماتا پتا ۽ ستگرن جي شيوا

کھ ٽيئون گڻ گيان دي، سک سمپت پرپور.

پريميو! ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن توهان جي پرارٿنا پرماتما جي در قبول پوندي. هڪ فقير ڪنهن سيٺ جي در تي سوالي ٿي ويو. سيٺ فقير کي چيو ’واپس هليو وڃ.‘ فقير چپ چاپ واپس هليو ويو ۽ وري ڪجھ وقت بعد ساڳئي فقير اُن سيٺ جي در تي اچي سوال ڪيو. سيٺ پڇيس ’اڙي فقير! توکي مون اڳ ڪجھ بہ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. تون وري مون وٽ ڇو آيو آهين؟‘ فقير وراڻيو ’سيٺ صاحب! ڪا مهل ڪهڙي، ڪا مهل ڪهڙي! مون ويچار ڪيو تہ پهرين جڏهن مان اوهان وٽ آيس، اُن وقت متان اوهان پنهنجن پوڙن ۾ پورا هجو يا اُن گهڙيءَ منهنجي نصيب ۾ ولڻ متان لکيل نہ هجي! ان ڪري ٻيهر اوهان وٽ سوالي ٿي آيو آهيان. من هاڻي ڪا اوهان کي مون تي ڪهل پوي.‘ فقير جو سياٽپ ۽ نياز وارو جواب ٻڌي اُهو شاهوڪار ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اُن فقير کي مالا مال ڪيائين. پريميو! اوهان بہ پرماتما جي در تي سندس ڪرپا لاءِ ٻاڏائيندا رهو. نمرتا ۽ شرڌا سان وينتي ڪندا رهو. ڪنهن نہ ڪنهن مهل مالڪ اوس توهان تي ديا درشٽي ڪندو. شاهہ لطيف بہ ليلا کي اِها صلاح ڏيندي چيو ته:

جي ليلائي نہ لهين تہ وري ليلائيج،
آسرو ۾ لاهيج، سچڻ ٻاجهاندڙ گهڻو.

٢٦ جولاءِ سوامي جن منوروئيا ۾ پڌاريا. ياڻ جاني ۽ ٻين پريمين سواميجن جو پويہ سواگت ڪيو. سواميجن اُتي ڇهہ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. ٢٦ جولاءِ سوامي جن سوامي سروانند مهاراجن جي پٽيہ ٽلڻيءَ جي موقعي تي ڪين شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ديش وديش ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سکيائن ۽ سڌانتن جو سنديش ڏيئي، هزارين پريمين کي ’ست نام ساکي‘ جو منتر ڏيئي، سندن مارگہ درشن ڪيو. سوامي سروانند مهاراج ڀڳتي ۽ شڪتيءَ جا مالڪ هئا، پر ڏيکاري اصل ڪين ڏيندا هئا. ڪوئي سوالي وٽن ايندو هو تہ چوندا هئا تہ ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا.

هڪ دفعي بياور جي هڪ پريميءَ جي ٻالڪ جي زبان اوچتو بيهجي ويئي. هن پنهنجي پٽ جو گهڻوئي علاج ڪيو پر دوائن دکہ دور ڪين ڪيو. ٻالڪ جا ماتا پتا ڏاڍو پريشان ۽ اُداس ٿيا. آخر ٻي ڪا واهہ نہ ڏسي امراپور آستان جئپور ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن وٽ سوالي ٿي پٽ کي وٺي آيا.

پتي پتنيءَ اکين ۾ آب آڻي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي عرض ڪندي چيو ’گرو مهاراج! ننگہ ڪڍو. ٻالڪ جي زبان اوچتو بيهجي ويئي آهي. گذريل ويهن ڏينهن کان هنجو ڳالهائڻ بند ٿي ويو آهي. ڊاڪٽرن جي علاج ڪو فائدو ڪين رسايو آهي. اوهان جي اوٽ ورتي آهي. پنهنجي ٻالڪ تي ديا درشٽي ڪريو.‘ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪين چيو تہ ٻالڪ کي پهرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سماڌيءَ ۽ مورتيءَ تي مٿو ٽيڪائي جل ڪڻي اچو تہ ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا. ماءُ پيءُ ٻالڪ کي ستگرو مهاراجن جي سماڌيءَ ۽ مورتيءَ تي مٿو ٽيڪائي جل ڪڻي

ئي زمين ۾ پوريو وڃي. راڄڪمار ڪڻال ڪيڏو نہ سٺو! سندس نندي ماءُ سندس نور ختم ڪري ڇڏيو، تڏهن بہ هن پتا راجا اشوڪ کي وينتي ڪئي تہ راڻي تشيرڪيتا کي سندس ڪيل ڏوھ جي سزا معاف ڪريو. راجا اشوڪ هڙني چرتروان لاثاني پٽ ڪڻال جو چوڻ موٽائي نہ سگهيو. سندس چوڻ موجب نندي راڻيءَ کي معافي ڏني، پر سندس دل تان اُها راڻي سدائين لاءِ لهي ويئي. پنهنجي چرتر تي پڪو پختو رهڻ لاءِ ڪڏهن ڪيڏو نہ ڪشٽ سهڻو پوي ٿو! چرتر تي پختو رهڻ لاءِ سور سهڻ گهرجن. پئسو ويو تہ ڪجھ ڪجھ ويو، تندرستي ڍلي تہ اُن کان وڌيڪ ڪجھ ويو، پر جي چرتر ويو تہ منش جو سڀ ڪجھ ويو. انڪري پريميو! چرتر جي سنڀال ڪريو. وديش ۾ رهي بہ هندو سناتن ڌرم جي سڌانت تي هلو.

١٦ جولاءِ سواميڄن فري ٽائون ۾ پڌاريا. سواميڄن جو درشن ڪري پريمي ڏاڍو باغ بهار ٿيا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ستگر تم پورن ڪرو، ميري يھ ارداس،

ڪھ ٽيئون من ۾ ڪيي، رهي نہ جنگ ڪي آس.

پريميو! ستگرن کي اهائي پرارٿنا ڪريو تہ دنيوي اڇائن کان ڇوٽڪارو ملي. نام ۾ چت لڳي. نام ئي سچو پدارٿ آهي.

جيڪڏهن جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽڻ چاهيو ٿا تہ نشڪام ڪرم ڪريو، آشائن ترشنائن جو تياڳ ڪريو. جيڪڏهن ترشنائن واسنائن ۽ موھ ممتا جو سامان هتي ڇڏيو ويندءِ تہ وري توهان کي هن جڳت ۾ ڪو نہ ڪو جنم وٺي اها ترشنا ترپت ڪرڻي پوندي.

سوامي رامانند جي من ۾ انت ويلي ڪيئن نہ صوف ڪائڻ جي اڇا ٿئي ٿي. پکيڙو پرواز ڪري وڃي ٿو، سندس واسنا رهجي ويئي! هڙني مهان مورتيءَ کي اُن تڇ اڇا سبب ڪينئين جو جنم وٺڻو پيو. جيئن ڪوئي پرديس وڃڻ وقت جيڪڏهن پنهنجي جاءِ، سامان وغيره سڀ ڪجھ وڪڻي ٻارن ٻچن سميت ٻئي ملڪ ڏانهن هليو وڃي ٿو تہ اُنکي وري اڳئين شهر ۾ اچڻ جي ضرورت ڪين ٿي پوي. هو نئين ملڪ ۾ وڃي ديرو دمائي ٿو. پريميو! توهان بہ تيئن هن جڳت جون واسنائون تياڳيو تڏهن توهان پرماتما جي ڌام ۾ وڃي سدا سکي ٿيندءُ ۽ آواگمن جي چڪر کان ڇٽي پوندءُ.

ڪھ ٽيئون سنسار ۾، بات يهي هئہ سار،

ڀڄن ڪرو ڀڳوان ڪا، ڇوڙو وشيہ وڪار.

پنهنجي جيون ڀڳوت ڀڄن ۽ دکين دريدرن جي شيوا ۾ سڦلي ڪريو.

٢١ جولاءِ سوامي جن ڪاسا بلانڪا ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن ٥ ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ شرڌا سان روز پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو:

دين بندو آپ ڪر ديا، ڪرتو پاپ سب دور،

هوائي اڏي تي ڪيترن ئي شرڌالن سوامي جن جو ڀول مالهائن سان سواڳت ڪيو. سوامي جن اُتي پياري ڪيشو درياناڻي ۽ پياري ليلارام ڪيولاڻيءَ جي گهرن ۾ رهيا. سوامي جن ا سيپٽمبر تائين لنڊن ۾ ستسنگ پروچن ڪري سوَن پريمين کي پريوءَ جي راهه ۾ چڪيو.

سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته سنساري سهارا ڇڏي پريوءَ جي شرڻ وٺو. پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ئي سچو سک آهي. ڏنڌا ڌاڙيون ڪندي، دنيوي ڪم ڪندي جيڪڏهن هر وقت پرماتما جي شرڻ وٺندا ته پاڻکي هلڪو محسوس ڪندا، آنند واري جيون گذاري سگهندا. جيڪو به ڪم ڪريو سو پريوءَ جو سمجهي پريوءَ کي اَرپڻ ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج به پرماتما کي پرارٿنا ڪندي چون ٿا:

چرن شرن مئن آپڪي، تم سوامي هم داس،

نهين مانگت مئن اؤر ڪڇ، دي هر چرن نواس.

هڪڙي ٻڍڙي ماتا ڳوٺ جي ٻاهران هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندي هئي. هوءَ مسڪين مگر پريوءَ جي سچي ڀڳتياڻي هئي. جيڪي ڪم ڪار ڪندي هئي ته چوندي هئي 'پريو! تنهنجي ارپڻم.' هڪ دفعي ناردمني اُن ماتا جي جهوپڙي اڳيان لنگهي رهيو هو ته اُها ماتا ٻهاري پائي گند ڦٽي ڪري رهي هئي ۽ دستور موجب هن پياريءَ چيو 'پريو! تنهنجي ارپڻم.' اِهو ٻڌي ناردمنيءَ ڪاوڙ ڪندي ماتا کي چيو ته ڀڳوان کي ڦل ڦول، مڻايون وغيره اَرپت ڪبا آهن يا گند! ماتا وراڻيو 'مونکي ڪنهن سنت اِها سکيا ڏني آهي ته تون جيڪا به ڪريا ڪرين سا پريوءَ کي ارپڻ ڪر. انڪري مان جيڪي ڪجهه ڪندي آهيان سو پريوءَ کي ارپڻ ڪندي آهيان.' نارد اِهو جواب ٻڌي غصي ۾ اچي ويو ۽ ماتا کي لت ٺڪاءُ ڪيائين. ماتا مشڪندي چيو 'لت به پريوءَ ارپڻم.' نارد سمجهيو ته ان مائيءَ جو دماغ ٺيڪ ڪين آهي. نارد سڌو وئڪنٺ ۾ آيو. نارد کي ڀڳوان جو من چوندا آهن، رشي نارد ڀڳوان جو اننيه ڀڳت آهي. رشي نارد جيئن ئي وئڪنٺ ۾ پهتو ته ڏٺائين ڀڳوان نارائڻ، لڪشميءَ کان سٿر تي سوٽ پيو ڏيارائي ۽ سوُر جون دانهون پيو ڪري. نارد ڀڳوان کان پڇيو 'اوهان کي وري ڇو سوُر تيو آهي؟' ڀڳوان چيو 'نارد، ڪنهن ڏک هنيو آهي، اُن ڏک جو سوُر تي پيو آهي. نارد پڇيو 'اوهان کي ڪنهن ڏک هنيو؟ اهڙي جرئت ڪنهن کي تي آهي؟' ڀڳوان وراڻيو 'نارد! توئي مونکي ڏک هنيو، اُن جو سوُر تي پيو آهي.' نارد عجب ۾ پئجي پڇڻ لڳو 'ڀڳوان دينانات! مان ته اوهانجو اننيه اُپاسڪ آهيان. مان اوهانکي ڏک ڪيئن هڻندس، مون ڪڏهن اوهان کي ڏک هنيو؟' ڀڳوان چيو 'نارد! تو منهنجي پياري ڀڳتياڻيءَ کي جيڪا لت ٺڪاءُ ڪئي، اُن ڀڳتياڻيءَ اُها لت مونکي ارپڻ ڪئي. اُن لت لڳڻ سبب مونکي سور تي پيو آهي.' نارد ڀڳوان جو اِهو جواب ٻڌي اکين ۾ پاڻي آڻي ڀڳوان کان کميا ياچنا وٺڻ لڳو ۽ ڀڳوان کي چيائين اوهان جو اِهو سوُر ڪيئن لهندو؟ ڀڳوان وراڻيو 'نارد! تون جڏهن منهنجي اُن ڀڳتياڻيءَ کان پنهنجي ڪيل غلطيءَ جي معافي وٺندين، تڏهن هيءُ درد دور ٿيندو. مونکان معافي وٺڻ بدران تون وڃي اُن مسڪين ڀڳتياڻيءَ کان معافي وٺ.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج وٽ آيا. سوامي سروانند مهاراجن جل پڙهي ٻالڪ تي ڇنڊو هڻندي ٻالڪ کي چيو 'چئه ست نام ساکي.' ته ٻالڪ چيو 'شري ست نام ساکي،' ستگرن جي ڪرپا سان ٻالڪ جي زبان کلي پيئي. جتي ڊاڪٽرن جي دوائن فرق نه ڪيو اُتي ستگرو مهاراجن جي جل ٻالڪ کي نئين حياتي بخشي. ٻالڪ ۽ سندس ماتا پتا ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي ڪمل چرنن تي ڪري، سندن لک لک احسان مڃڻ لڳا. سنتن کي اِها نام سمرڻ جي شڪتي ٿئي ٿي. پريميو! توهان به پريم ۽ شرڌا سان ڀڳوت ڀڄن ڪريو. ڀلي ڏنڌا ڌاڙيون ۽ نوڪريون ڪريو، پر پريوءَ کي نه وساريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج به نام سمرڻ جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

گنگا هرئي پاپ کو، شش هرتا هئه تاپ،

پاپ تاپ دونو هري، ٽيئون هرڪا جاپ.

۱ آگسٽ سوامي جن سائوٿا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪه ٽيئون گر وچن ڪو، مانت هئه شش جويه،

آگيا ڀنگه نه ڪرت ڪب، پاوت مڪتي سويه.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا ته جيڪو شش ستگروءَ جي آگيا اکين تي رکي ٿو سو موڪش پد کي پائي ٿو. شش کي سمرپت ڀاو سان شيوا ڪرڻ گهرجي.

هڪ دفعي گوتم ٻڌ پنهنجي هڪ پياري شش کي چيو ته پرم ڳوٺ ۾ وڃي ماڻهن کي اُپديش ڪر. ان ڳوٺ جا ماڻهو ٺيڪ نه آهن. ڪنهن جي ڳالا ڪندي، گهٽ وڌ ڳالهائيندي دير ڪين ڪندا آهن. شش چيو 'ڀڳوان! ڳوٺواسي منهن سان ڳالا ڪندا نه، ماريندا ته نه. وري به چڱا چئبا.' گوتم ٻڌ چيو 'هو هٿن سان ماري سگهن ٿا. پوءِ تون ڇا ڪندين؟' شش چيو 'هٿن سان ماريندا نه اِها وڏي ڳالهه ڪين آهي لٺين ڏنڊن سان ته ڪين ماريندا، وري به شڪر.' شري گوتم چيو 'پيارا! اُهي ڳوٺواسي توکي ڏنڊو هڻندي به ويرم نه ڪندا.' شش چيو 'سوامي وري به مونکي ڏنڊو هڻندا نه، تيرن يا تلوار سان ته نه ماريندا نه.' ڀڳوان گوتم شش جي پريڪشا وٺندي چيو 'پيارا! اُهي ڳوٺاڻا توکي تيرن يا تلوار هڻڻ ۾ به پٺتي نه پوندا.' شش چيو 'سوامي، اوهان جو سنديش سڻائيندي جيڪڏهن مان تيرن ۽ تلوار جو شڪار ٿي ويس ته مونکي موت جو ڊپ ڪين آهي. گرديو جي آگيا جو پالن ڪندي جيڪڏهن قربان ٿيس ته مان پاڻ کي خوش نصيب سمجهندس.' گوتم ٻڌ پنهنجي شش جا اِهڙا جواب ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کيس گلي لڳائيندي چيائين 'پيارا! تون ڌنيه آهين. تو من کي وس ۾ رکيو آهي. تو ۾ اننيه گرو ڀڳتي ڀاونا آهي.'

پريميو! توهان به ان شش جيان ستگرن لاءِ شرڌا ڀاونا رکو ته گرو توهان کي گلي لڳائيندو.

٦ آگسٽ سوامي جن ملاگا ۾ پڌاريا. اُتي سواميجن چار ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. ۱۰ آگسٽ سوامي جن تنريف ۾ آيا. اُتي به سواميجن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري لاس پال ماس ۾ واپس آيا. اُتان سوامي جن ۱۷ آگسٽ لنڊن ۾ آيا. لنڊن ۾

پريمين کي جنهن نام جپايو، ستگر منهنجو آيو آيو!
٢- ٽٽل دلين کي ٽاري ٽاري، آيو تن کي امرت پيئاري،
هار گلن جا پايو پايو، ستگر منهنجو آيو آيو!
٣- پيار ديا جو ڀنڊار آ سوامي، ڪرم يوگي سنت آ نشڪامي،
نام سان نينهن جنهن نہ لڳايو، ستگر منهنجو آيو آيو!
٤- ’آشا‘ جي اکڙين جو تارو، آهي لکن دلين جو سهارو،
درشن سان ٿئي جنم سڄايو، ستگر منهنجو آيو آيو!

٤ سيپٽمبر سوامي جن اپاهجن، گونگن ۽ ٻوڙن کي ٽول ۽ رانديڪا ڏنا. ٥ سيپٽمبر صبوح جو شري پريم پرڪاش گرنٿ جو پوڳہ صاحب پاتو ويو ۽ هوَن يگيہ ٿيو. سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جي ستسنگہ ۾ ڪيترن ئي پريمين سوامي جن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. پوڄنيہ سوامي جن ڊاڪٽر ديال’آشا‘ جي نئين ڪئسيٽ ’گيت ورهي دل جا‘ جو مهورت ڪندي ديال آشا کي آسيس ڪئي. سوامي جن ان موقعي تي پروچن ڪندي چيو تہ ايشور جي ڪرپا، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي ڪرپا سان سک سان سفر ٿيو. توهان اڄ داس جي جنمدن تي جيڪا داس جي مهما ڪئي آهي، اِها گرو مهاراجن ۽ ڪاريہ جي مهما آهي. توهان نت نيم نام جپيو ۽ پر اُپڪار جا ڪاريہ ڪريو. زندگيءَ جي خوشي اتوَ ٻين کي سکي ڪرڻ ۾. سنت تلسيداس بہ چوي ٿو:

پر هت سرس ڌرم نهين ڀائي،
پر پيڙا سم نهين اڌڪائي.

ٻين جي اُپڪار ڪرڻ جهڙو ٻيو ڪو ڌرم ڪين آهي ۽ ٻين کي پيڙڻ جهڙو ٻيو پاپ ڪين آهي. سدائين ٻين تي ديا ڪريو. هڪ دفعي سنت رامچرڻ ڪن سنتن سان گڏ جئپور گلتاڌارا ڏانهن وڃي رهيو هو. هي جيتوڻيڪ پاڻ سنت هو پر هن کي ٻين سنتن جي شيوا ڪرڻ ۾ آنند ايندو هو. رستي تي هن سنتن لاءِ جڏهن ڀوڄن تيار ٿي ڪيو تہ باهہ ۾ جلندڙ ڪاٺين ۾ ڪولين کي ڏسي هن کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هڪدم هن نموني سان باهہ وسائي جيئن ڪوليون بچي وڃن. سندس ديا درشٽيءَ سبب ڪولين کي جيئدان مليو. هن من ۾ سنڪلپ ڪيو تہ هوُ آئينده ڪڏهن بہ ڀوڄن تيار نہ ڪندو. جيڪي ڪيس ڀکيا ۾ ملندو سو کائيندو ۽ ٻين کي کارائيندو. ديا وارو منش نہ صرف مانوَ ماتر تي ديا ڪري ٿو مگر ڪولين ماڪوڙن، جيوَ جنتن، پکين پسن تي بہ ديا ڪري ٿو. پنهنجي سک جي ڪري هوُ ٻين کي دکي نٿو ڪري. پريميو! توهان بہ ٻين کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. توهان ٻين کي سکي ڪندءُ تہ پرماتما توهانکي سکي ڪندو.

١٦ سيپٽمبر سوامي جن سنت اوڌوداس مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ احمدآباد

ناردمني ڀڳوان کي نمسڪار ڪري جلدي اُن ٻڍڙي ڀڳتياڻيءَ وٽ آيو ۽ پنهنجي ڪيل غلطيءَ جو پڇتاءُ ظاهر ڪندي اُن ماتا کي چيائين تہ مونکي ڪميا ڪريو جو مون توهانکي لت هنئين. اُن گناه جي معافي ڏيو. اُن ماتا چيو 'معافي بہ پريو ارپڻم.' ناردمني اُتان سڌو وئڪنٺ ۾ ڀڳوان وٽ آيو ۽ اچي پڇيائين 'ڀڳوان! اوهان هاڻي ڪيئن آهيو؟ اوهان جو سُور لهي ويو؟' ڀڳوان مشڪندي چيو 'نارد! ڀڳت جيڪي ڪجهہ ڪن ٿا، سو مونکي ارپڻ ڪن ٿا. ڪڏهن بہ ڪنهن کي نہ ستائجي. ڪڪہ هيٺان لڪہ پيو آهي. تو جنهن مائيءَ کي پاڳل سمجهي لت هنئين سا منهنجي پياري ڀڳتياڻي آهي.'

پريميو! ڀڳوان کي ڀڳتن جو ڪيڏو نہ خيال ٿئي ٿو. اوهان ڀڳتياڻيءَ وانگر سڀ ڪجهہ پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪريو.

وديش ۾ رهي بہ پنهنجي ديش کي نہ وساريو. ڀارت ورش رشين منين ۽ اوتارن جو ديش آهي. ڌارمڪ شاسترن جو اڀياس ڪريو. پنهنجن ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهو. ناڻو ڀلي ڪمايو پر ناڻي جو ستڪرمن ۾ اُپيوگہ ڪريو. ستگرن جي ڏنل منتر جو روز اڀياس ڪريو تہ توهان جو اگيان انڌيرو دور ٿي ويندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

جئسي روي ڪي ڪرڻ سي، تتڪڻ تم مٽ جات،
ڪهہ ٽيئون گر گيان سي، تم آگيان نشات.

پوجنيہ سوامي جن سيني پريمين کي آشيرواد ۽ ڌنيواد ڏيندي پلئہ پاتو.

٢ سيپٽمبر پوجنيہ سواميجن وديش ياترا پوري ڪري ڀارت لاءِ روانا ٿيا. ٣ سيپٽمبر رات جو ٢ بجي سوامي جن بمبئي هوائي اڏي تي واپس پڌاريا. سوَن پريمين ڦول مالهائن سان سوامي جن جي آجيان ڪئي.

پوجنيہ سوامي جن جو ٧٦ جنمدن اُتسو جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ ١ سيپٽمبر ١٩٨٢ کان ٥ سيپٽمبر آرتوار تائين ملهايو ويو. ١ سيپٽمبر سينٽرل اسپتال جي بيمارن جي شيوا ڪئي وئي ۽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جو پاٺ صاحب رکيو ويو. ٢ سيپٽمبر شام جو اسڪولي وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت چٽاڀيٽي رکي وئي. ٣ سيپٽمبر پوجنيہ سوامي جن جو وديش مان واپس ورڻ تي ڀويہ سواگت ڪيو ويو. سنڌونگر جي معزز ماڻهن شري پرهلاد آڏواڻي، شري سيتلداس هرچنداڻي، شري هيرالعل سيٺداساڻي ۽ ٻين سوَن پريمين سواميجن کي هارن سان جهنجهي ڇڏيو. داس سوامي جن جي آجيان ۾ خاص هينئون گيت ڳايو:

ستگر منهنجو آيو آيو! گيت خوشيءَ جا ڳايو ڳايو.

١- سفر ڪري آيو سئلاني، راهہ ڏيکاري آيو روحاني،

سندس اڇا موجب نه پر ايشور جي اڇا انوسار ڪيس ڀوڳڻي پوندي. ان ڪري جيو کي سدائين ست ڪرم ڪرڻ گهرجن، نه ته ته ڪيس سزاياب ٿيڻو پوندو.

٢٦ آڪٽوبر کان ٣٠ آڪٽوبر هردوار پريم پرڪاش آشرم ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جو ٨٦ جنمدن اُتسؤ ملهايو ويو. اُن اُتسؤ سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٢٢ آڪٽوبر هردوار ۾ پڌاريا. ٢٨ آڪٽوبر سوامي جن جي نيترتو ۾ شاهي جلوس نڪتو. سوامي جن، سوامي ڏرمداس، سنت هرداسرام، سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش ۽ ٻين سنتن جدا جدا ڏينهن تي ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٢٩ آڪٽوبر سوامي جن گنگا نديءَ جي ڪناري سوامي سروانند گهاٽ جو بنيادي پٿر وڌو.

سوامي جن اُتسؤ جو پلئه پائيندي چيو ته ستگرو سوامي سروانند مهاراج ديش وديش ۾ پريم جي پوکه پوکي آيا آهن. اُنهن جي صدقي داس کي به وديش ۾ ڪيڏو نه قرب مليو. پريميو! توهان به پنهنجي جيون ۾ پريم جا پؤڏا پوکيو. سچو پريم آهي پريوءُ لاءِ پريم. جنهن جي دل ۾ پرماتما لاءِ پريم آهي سو سڀني جيون کي پيار ڏئي ٿو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

پريم جڳت ۾ بهت هئه، پريم بنا نهين ڪويه،
ٿيئون ساچا پريم سو، جو هر هين سي هويه.

سنساري پريم دکدائي آهي ۽ ڀڳوت پريم آننددائڪ آهي. ان ڪري اندر ۾ ايشور لاءِ اُڪير اُتاريو.

پريم اُيه پرڪار ڪا، ڪهه ٿيئون تم جان،
جڳت پريم دکه روپ هئه، پرڀو پريم سکه کان.

٢ نومبر سوامي جن هردوار مان دهليءَ آيا. اُتي آشرم ۾ سوامي جن ٻه ڏينهن ستسنگ ڪيو. ٥ نومبر سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ١٢ نومبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي سنٻنڌ ۾ پونا پڌاريا. اُتي سوامي رامڪرشن سوامي گوالانند آشرم ۾ سوامي جن ١٢-١٣ نومبر ستسنگ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراج جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته هوُ نه صرف مهان سنت هئا پر ويدانتي ڪوي هئا. هنن هندي ۽ سنڌيءَ ۾ اموليه ٻاڻي لکي آهي. ١٤ نومبر سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ١٦ نومبر ڏياريءَ ڏينهن سواميڄن بمبئيءَ ۾ ڪيترن ئي پريمين جي نون چوپڙن جو مهورت ڪيو. ١٨ نومبر سوامي جن پرڀات جو ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. روز صبوح جو سوامي جن شري گرو گرنٿ صاحب جي واڻيءَ جي سمجهاڻي ٻه ڏيندا هئا. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ٿيئون غفلت نيند تج، ديکو اپنا آپ.

۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. پريمين سواميڄن جو ٧٦ جنمدن پڻ اُتساهہ ۽ اُمنگ سان ملهايو. ٢٤ سيپٽمبر کان ٢٦ سيپٽمبر سواميڄن گوڌرا ۾ ستسنگ ورکا ڪئي. ٢٧ سيپٽمبر سوامي جن ٻڙودا ۾ ستسنگ ڪيو. ٢٨ سيپٽمبر سوامي جن جئپور لاءِ روانا ٿيا. اُتي پياري ڏالورام دولترام ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جو جنمدن اُتسو ملهايو. ٢٩-٣٠ سيپٽمبر سوامي جن اُن اُتسو ۾ ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. سواميڄن ڏهہ ٻارهن ڏينهن امراپور آسٿان تي ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

١٣ آڪٽوبر سوامي جن گواليار ۾ پڌاريا. ١٣-١٤-١٥ آڪٽوبر سواميڄن سوامي ٽيئونرام پرڪاش آشرم ۾ ستسنگ ڪندي چيو تہ پريمي جنهن پاونا سان پڀوءَ جي مندر ۾ يا ڪنهن سنت وٽ ڪجهہ ڀيٽائون کڻي وڃن يا ڪي وستو ڀيٽ ڪن ٿا تہ اُهي پريم سان ڏنل شيون قبول پون ٿيون. سنت ستپرش اُنهن کي ڪهڙي نموني استعمال ڪن ٿا اهو ڀيٽ ڪندڙن کي خيال نہ ڪرڻ گهرجي.

هڪ دفعي ڀڳت هريداس جمنا نديءَ جي ڪناري، واريءَ جي ميدان تي ايڪانت ۾ ويٺو هو. هو پنهنجي خيالن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن سان هولي کيڏي رهيو هو. اُتي ڀڳت هريداس جي هڪ پريميءَ هڪ عطر جي شيشي ڀڳت هريداس کي ڀيٽ ڪئي. ڀڳت هريداس اُها عطر جي شيشي کڻي واريءَ ۾ ڇٽڪائي. اهو ڏسي عطر آڻيندڙ پريمي دل ۾ اُداس ٿيو تہ هُو کيڏي نہ پريم ۽ صدق سان ڀڳت هريداس لاءِ عطر کڻي آيو ۽ ڀڳت هريداس وري عطر جي شيشي ائين ريتيءَ ۾ ڇٽڪائي ڇڏي. ڀڳت هريداس پريميءَ جي ڀاونا کي سمجهي ويو ۽ کيس چيائين مندر ۾ وڃي برج بهاريءَ جو درشن ڪري اچ. اُهو پريمي جڏهن بانڪي بهاريءَ جي مندر ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ ڀڳوان جي سڄي پوشاڪ عطر ۾ ٻڏي پيئي آهي. اهو ڏسي کيس سنتوش ٿيو تہ سندس آندل عطر سڄايو ٿيو. ڀڳت هريداس خيال جي هوليءَ ۾ ڀڳوان تي عطر ڇنڪايو ۽ اُهو کيئن نہ بانڪي بهاريءَ کي پهچي ويو. پريميو! توهان پڀوءَ کي يا سنتن کي جيڪي ڀيٽ ڪريو سو سمرپت ڀاو سان. توهان جي ڀيٽ ڀاڻيهي قبول پوندي.

٧ آڪٽوبر سوامي جن مورينا ۾ پڌاريا. سوامي جن ١٧-١٨ آڪٽوبر مورينا ۾ ستسنگ ورکا ڪئي. ١٩ آڪٽوبر سوامي جن آگري ۾ آيا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو: پريميو! جيو ڪرم ڪرڻ لاءِ سوتنتر آهي، پر اُن جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ سوتنتر ڪين آهي. جيئن ڪوئي چور ڪنهن ڌنوان جي گهر ۾ کاٽ هڻي، اندر اچي گهر ۾ رکيل ڪي بہ چيزون پنهنجي مرضيءَ موجب کڻي سگهي ٿو، ارٿات چوري ڪري سگهي ٿو، پر چوري ڪندي پڪڙجڻ سبب کيس سزا سندس مرضيءَ موجب ڪين ملندي. کيس ڪهڙي سزا ملندي اُهو تہ جج جي وس ۾ آهي. جيو جيڪڏهن هن جڳت ۾ ڪي ڪرم ڪندو تہ اُن جي سزا

اسپتال جو مهورت ۱۹ ڊسمبر آرتوار ڏينهن صبوح جو ۱۰ بجي پوڄنيه سوامي جن ڪيو. سواميڄن مهورت ڪندي چيو تہ سنڌونگر جا ڪيترا بيمار علاج لاءِ بمبئيءَ وڃن ٿا. اچڻ وڃڻ جي تڪليف ۽ گهاٽي پئسا خرچ، مسئلو آهن. هن اسپتال سبب مريضن کي علاج ڪرائڻ ۾ سهوليت بہ ٿيندي ۽ خرچ جو بہ بچاءُ ٿيندو. اهڙن پر اُپڪار جي ڪارين ۾ مايا سڦلي ڪرڻ سڀني جو فرض آهي. سوامي جن ان موقعي تي سندر شيوڪ سڀا جي برپا ڪندڙ سرڳواسي شري پرسرام مسند جي نشڪام شيوا جو ذڪر ڪيو. سوامي جن اسپتال جي ڊاڪٽرن، آيل مهمانن ۽ اسپتال جي ڪاريہ ڪرتائن کي آسيس ڪندي دشالا پاتا. پوڄنيہ سوامي جن اسپتال جي اڏاوت لاءِ پنج لک روپيا دان ڏنو.

هن موقعي تي سوامي ڏرمداس، سنت رامڪرشن، سنت اننت پرڪاش، سنت برهمانند، سنت ديو پرڪاش، سنت دبويداس، ڀائي ارجنداس هنس، ڀائي روپارام، سنت برهمداس، شري تيرٿ سڀاڻي، پدم شري ڊاڪٽر مودي، شري رامڪرشن آڏواڻي، شري سيتلداس هرچنداڻي ايم.ايل.اي.، شري گوپ ڀهراڻي، شري گوبندرام ڀاٽيا ۽ شري گوورڌن شرما 'گهايل' هن سندر ڪاريہ جي پرشنسا ڪئي ۽ ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏني. سڀا جي ائسوسيئيٽ پريزيڊنٽ شري سڀاڳچند چاولا سوامي جن، آيل سنتن مهاتمائن ۽ مهمانن جو هارن سان سواگت ڪيو ۽ جنرل سيڪرٽري شري هيرالعل سينڌاساڻي آڀار پردرشن ڪيو. ڊاڪٽر ديال آشا اسپتال جي ڪاريہ لاءِ دانوبرن کي دلسوز اپيل ڪندي شري هوندراج دکايل جو گيت 'ڪجھ ڏيو ڪجھ ڏيو، ڏيندڙ جو ڀلو ٿيندو' ڳايو. ڪيترن ئي سڄڻن دل کولي دان ڏنو.

۲۳ ڊسمبر پربات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سوامي جن پرڀاتي پڄن ڳائيندي اُپديش ڏنو تہ پاپ ڪرم کان پاسو ڪريو. ٻاهر کان بچي سگهبو، نانگن بلائن کان بچي سگهبو مگر پاپ ڪرم جي ڦل ڀوڳڻ کان منش ڇٽي نہ سگهندو. ڪيس اوس ڦل ڀوڳڻو پوندو. ان ڪري سدائين اندرين کي پاپ ڪرم کان پري رکو. انهن کي ڇڙواڳ نہ ڇڏيو. جيئن اولاد کي ڇڙواڳ ڇڏبو آهي تہ خراب ٿي پوندي آهي تيئن اِندرين کي ڇڙواڳ ڇڏبو تہ پاپ ڪرم ۾ لڳي وينديون. جگياسوءَ کي پرماتما ۽ گروءَ جو ڊپ هئڻ گهرجي. اُنهن جو ڊپ ڪيس پاپ ڪرم کان بچائيندو. ڌنڌي ۾، وهنوار ۾ ماڻهو ڪيڏو نہ پاپ جو ڪم ڪن ٿا، ايتري قدر جو ڪاڌي جي شين ۾ بہ ملاوت ڪري پنهنجي نفعي خاطر سوَن کي بيمار ڪن ٿا. رشوت وٺڻ بہ پاپ جو پيسو آهي. وڏا نفعا رکي عوام جو رت چوسڻ بہ پاپ جو ڪم آهي. ڏيتي ليتي زوريءَ وٺڻ بہ مها پاپ آهي. اڄ اوهان کي اها صلاح آهي تہ ڪوٺن ڪرمن جو تياڳ ڪريو، سچ جي راهہ تي هلي پربوءَ کي نہ وساريو. ڪم ڪاريون ڪندي پنهنجي اشٽ کي ياد ڪريو. سواميڄن سڀني سنتن سان گڏجي اُتسوَ جي سماپتيءَ جو پلؤ پاتو.

۱۴ جنوري ۱۹۸۳ سوامي جن آڪاشواڻي بمبئيءَ تان 'زندگي ڏيڻ لاءِ آهي'

جس ديکن سي جڳت کي، مٽهن پاپ سنتاپ.

پريميو! اڳيان جي نند مان سڄاڳہ ٿي پنهنجي آتم روپ کي سڃاڻو. آتم ساکياتڪار سان توهان دنيا جي دکن ۽ پاپن کان ڇٽي پوندا. توهان کي آتمڪ آنند جي پراپتي ٿيندي.

٢٤ نومبر گوپ اشٽميءَ جي ڏينهن صبوح جو سوامي جن ستسنگ ڪندي ڳئو ماتا جي اهميت تي پروچن ڏنو. ڳئو شالا ۾ گوپ اشٽمي اُتسوُ ملهايو ويو. اُن موقعي تي پوڄنيہ سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن ۽ ڳائين جو ورڻن ڪندي چيو تہ ڳئو ماتا ڀارتيہ سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو چنهہ آهي، اسانجي ڌرم ۽ آرٿڪ اُنتيءَ جو آڌار آهي. روز هزارن جي تعداد ۾ ڳائين جو ڪوس ٿي رهيو آهي، اها اسان لاءِ شرم جي ڳالهہ آهي! اسانجي اکين آڏو اسانجو ڳئو ڌن لٽجي ڪٽجي رهيو آهي. اسين اهو نظارو خاموش ويٺا ڏسون. جيڪڏهن هي سلسلو قائم رهيو تہ اسان کي کير لاءِ پرڏيهي ملڪن تي ڀاڙڻو پوندو. اُن ڪري سيني کي زوردار اپيل آهي تہ تن من ڌن سان ڳائين جي رکشا ڪريو، ڳئو رکشا آندولن ۾ پورڻ سهيوگہ ڏيو.

٢٦ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگہ ڪانپوءِ سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان يوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڪال نغارا سر پر باجي، ڪرلو اب تياري. پريميو! موت پيو گهنڊ وڄائي. هر ڪنهن کي هت اچڻو آهي. اُن لاءِ ڀهرين ستڪرمن جو سؤدو ڪريو، جيئن توهانجو هي لوڪ ۽ پرلوڪ سهيلو ٿئي.

٢٧ نومبر سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي ٽيئونرام سوامي چندنرام آستان تي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري ٢٧ نومبر شام جو سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

٨ ڊسمبر سوامي جن احمدآباد ۾ سنت پريارام صاحب جي ورسي اُتسوُ سنبنڌ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪندي سنت پريارام جي جيون تي روشني وڌي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ٥ جو ٻارهون وارشڪ اُتسوُ ١٨ ڊسمبر کان ٢٣ ڊسمبر ملهايو ويو. ١٧ ڊسمبر شري پريم پرڪاش گرنٿ جو پاٺ صاحب رکيو ويو. ١٨ ڊسمبر صبوح جو پوڄنيہ سواميڄن اُتسوُ جي آرنڀ جو جهنڊو چاڙهيو. منجهند جو ٣ بجي پوڄنيہ سوامي جن جي سرپرستيءَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. چارئي ڏينهن صبوح شام سوامي جن، سنت ڀڳنداس، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ ٻين سنتن ستسنگہ پروچن ڪيو.

پوڄنيہ سوامي جن جي پرشارٿ پريشرم سان سندر هيوڪ سڀا جي سهاري سوامي سروانند اسپتال سنڌونگر ٥ ۾ نهرائي ويئي، جنهن تي ٢٥ لک روپيا خرچ آيو. ان

پياري هوندراج دکايل به چيو آهي ته ڏيندڙ جو پلو ڀيندو. سو پيارا ستسنگيو! ڏيڻ جي ڀاونا رکو ڏيڻ ۾ ئي آنند آهي.

٢٠ جنوري پوڄنيه سواميڄن احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن ڪبيرنگر ۾ پيڙ پشپا دواران آيوجت سوامي بسنترام جينتي اُتسو ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي سوامي بسنترام مهاراج جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

٢٢ جنوري سوامي جن ڪميات ۾ پڌاريا. اُتي پريمين سواميڄن جو هاردڪ سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ٢٢-٢٣ جنوري رات جو ستسنگ ورکا ڪندي چيو:

هري سمرن ڪي سيج پر، سويه ڪرو وشرام،
ڪهه ٽيئون هر جاپ بن، ملي نه ڪب آرام.

پريميو! سچو سک دنيوي پدارٿن جي ڀوڳن ڀوڳڻ ۾ ڪين آهي. اِهي ته دکدائي آهن. جيڪڏهن توهان آتمڪ آنند پراپت ڪرڻ چاهيو ٿا ته هر وقت پريوءَ کي ياد ڪريو. ڀيون ڳالهيون ڀلي وساريو پر نام نه وساريو. پريوءَ کان نام پدارٿ گهرو. نام پدارٿ ئي سچو سکدائي پدارٿ آهي.

٢٤ جنوري سوامي جن ويراول ۾ پڌاريا ۽ اُتي سوامي ليلاشاه سوسائٽيءَ ۾ رات جو ستسنگ ڪيائون. ٢٥ جنوري صبوح جو سوامي جن پرڀاس پاٽڻ ۾ پرائمري اسڪول جي ٻارن لاءِ سوامي ٽيئونرام ڀون جو بنيادي پٿر وڌو ۽ رات جو وري ويراول ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.

٢٦ جنوري سواميڄن ويراول ۾ سنڌي اسڪول جو مهورت ڪيو. ڀاءُ نيوندرام لوڪواٽي سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن مهورتي تقرير ڪندي چيو ته توهان سنڌي ٻوليءَ جي پرچار لاءِ ڳوٺن ۽ شهرن ۾ سنڌي اسڪول برپا ڪريو. ماتري ڀاشا دواران ٻارن کي تعليم ڏيو. سوامي جن اسڪول لاءِ اڌ لک روپيا دان ڏنو.

٢٦ جنوري شام جو سوامي جن جهوناڳڙهه ۾ ڌرمشالا جو مهورت ڪيو ۽ رات جو سوامي جن راجڪوٽ ۾ پڌاريا. اُتي ڀاءُ جواهر ماٽا جي گهر ٻاهران لڳايل منڊپ ۾ سواميڄن ٢٦-٢٧ رات ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٨ جنوري سوامي جن ڄامنگر ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر ۾ رات جو ستسنگ پروچن ڪيائون.

اکل سوراشٽر سنڌي پنچات فيڊريشن جو وارشڪ سميلن ٣٠ جنوري آرتوار ڏينهن ڄامنگر جي دادو سنڌي پنچات جي ڌرمشالا ۾ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو. سوامي جن جوت جلائي سميلن جو آرنڀ ڪيو. پنچات جي پريزيڊنٽ شري نيوندرام لوڪواٽيءَ پوڄنيه سوامي جن ۽ آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. شري مولچند ڪٽر پنچات جي ڪيل ڪاريه تي روشني وڌي.

پوڄنيه سوامي جن ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان سڀني جيڪي

وشيه تي وياکيان کندي چيو؛

پريميو! زندگي ڏيڻ لاءِ آهي. ڏيڻ سنو آهي. وٺڻ کان سؤ ڀاڱا وڌيڪ ڏيڻ ۾ آنند آهي، پرسنتا آهي، جس آهي. وٺڻ واري جي اکين ۾ پاڻي، دل ۾ دک هوندو آهي. جنهنکي وٺڻ جي عادت آهي سو من ۾ ڪڏهن خوش ڪين گذاريندو. نيتي شاسترن ۾ جو هڪ سلوڪ آهي؛

تب لگ گڻ گورتا، جب لگ ڪهي نه دي،

دي ڪهي ڪئه سب گڻ گوروتا پيٽ دي.

مطلب آهي ته ڪنهن به جيو جو جس ۽ گڻ تيستائين قائم آهن جيستائين هن منهن مان 'ڏي' اکر نه ڪڍيو آهي. جنهن وقت 'ڏي' چيائين معنيٰ ڪجهه گهريائين ته سندس گڻ، وڏيائي ۽ جس پنهي ڏيندا.

جالنا شهر ۾ ڪنهن پريميءَ پڇيو ته 'پرماتما ڪي پرماتما ڇو ٿو مڃجي؟ ڇو ٿو ياد ڪجي؟' اُن وقت هڪ مهورت تي وڃي رهيا هئاسين. اُن پريميءَ کي ساڻ ولي وياسين. اُتي هڪڙو پريمي پرساد پيو ورهائي ۽ سڀ اُن کي چون پيا 'مونکي ڏي، مونکي ڏي.' مون هڪ پريميءَ کي سڏ ڪري پاڻ سان ساڻ آيل پريميءَ کي چيو ته 'تون فلاڻي شخص کان گهر.' تنهن تي اُن وراڻيو ته 'هي ڪو ڏئي ٿورو ئي ٿو، جو هنڪان گهران.' مون ساڻ آيل پريميءَ کي چيو ته 'پيارا، تون پنهنجي سوال جو جواب سمجهي وئين؟' هرڪو ڏيندڙ کان ئي گهرندو آهي. ڏيندڙ کي ئي ياد ڪندو آهي. ڏيندڙ کي ئي پريم ڪندو آهي. پرماتما به سدائين سڀ کي ڏئي پيو، ان ڪري ئي اُهو پرماتما آهي، سڀ اُن کي مڃين ٿا ۽ ياد ڪن ٿا. سو پيارا، توهان به سڀئي ڏيندڙ بڻجو. راجا رتنديو، راجاوڪرماجيت، حاتم طائي، راجا هريشچندر، سوامي ٽيئونرام، ڀڳت ڪنوررام اهي ڇو مشهور آهن؟ انهن سنسار کي گهڻو ڪجهه ڏنو آهي، ڏيئي رهيا آهن، ڏيندا رهندا. ودیا ڏيڻ، سيوا ڏيڻ، منتر ڏيڻ، مان ڏيڻ، پريم ڏيڻ، پئسو ڏيڻ، مدد ڏيڻ، سڀ ڏيڻ ئي آهن. ڏيندڙ داتا آهي ۽ وٺندڙ منگتو. بادل بوندون برسائي سڀ کي جل ڏين ٿا ته سڀ انکي ياد ڪندا آهن، ساراهه ڪندا آهن. سمنڊ کارو هجڻ ڪري ڪوئي هن مان سک ڪونه ٿو حاصل ڪري، انڪري ڪوبه انکي ياد نه ٿو ڪري. اُپڪاري ۽ داتا پرش جو جيئڻ هزارن لاءِ لاڀدائڪ ۽ سکدائڪ آهي. اُپڪاري ۽ داتار منشيه جو درشن پڻ دائڪ آهي.

'يا تو آتم گيان هو، يا هو اُپڪاري.

ٽيئون جس ۾ يي نهين، وو مانش هئه بيڪار.'

سنت ڪبير ته ائين به چيو آهي 'مانگه نه پاني پيءُ، مانگن تي مرنا ڀلا.' مطلب ته ڪنهن کان پاڻي گهرڻ به چڱو ناهي.

شري ڪرشن جا پرسنگ ٻڌايا. هوليءَ ڏوڙئي ڏينهن پريمين ڀڳوان جي مورتين ۽ سوامي جن تي خوب گلال ڇٽڪايو. اُتسوءَ جو پلئه پائيندي سوامي جن چيو:

پريم ڀاو سي هوت وش، ڀڪت وتسل ڀڳوان،
ڪهه ٽيئون ٽانتي ڪرو، هري سي پريم پرڏان.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا ته پرماتما کي پريم دواران ئي وس ڪري سگهجي ٿو. ان ڪري پريميو! ٻيون سڀ ڳالهيون ڇڏي پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. پريم جي وڏي اهميت آهي.

پريو پريم جي وس آهي. جڏهن ڀڳت جي دل ۾ ڀڳوان جي درشن جي تيبر اڇا پيدا ٿئي ٿي تڏهن پريو ڪيس درشن ڏئي ٿو. سڪ ۾ ڇڪ ٿئي ٿي، جا ڇڪي پريتم وٽ وٺي وڃي ٿي يا ڀڳوان کي ڀڳت وٽ ڇڪي آڻي ٿي.

ڪورمداس جنم کان ئي لولو لنگڙو هو، پر سندس دل ۾ ڀڳوان شري وٺل لاءِ ڪيڏي نه اُڪير ۽ شرڌا هوندي هئي. هي پيارو پٽڻ ڳوٺ ۾ رهندو هو. هڪ ڏينهن هن ڪٿا ٻڌندي پنڍرپور ۾ ڪارتڪ آشاڍ ايڪادشي وڃڻ جو مهاتم ٻڌو. مهاتم ٻڌي سندس دل تي جيڪر هو ٻه ان موقعي تي پنڍرپور وڃي. هي پيارو ريڙهيون پائيندو پنڍرپور طرف روانو ٿيو. ڪٿي کاڌو مليو نه مليو، ٿڌيءَ ٿڌيءَ برسات ۾ رڙهندو رڙهندو ڪارتڪ ايڪادشيءَ کان هڪ ڏينهن اڳ پنڍرپور کان ست ڪوهه پري اچي پهتو. هن من ۾ سوچيو ته سڀاڻي پنڍرپور پهچڻ ممڪن ڪين آهي. ڪيڏي نه تيبر اڇا ڪري ٻه مهنا ساندهه ريڙهيون پائيندو آيو آهيان ته ٻه پنڍرپور پهچي نه سگهيو آهيان. رستي تان هزارين ياتري ’هري وٺل! هري وٺل!‘ جون ڌنيون لڳائيندا پنڍرپور وڃي رهيا هئا. ڪورمداس جي دل ۾ ڪيڏي نه پياس پريوءَ کي پسڻ جي! هن پياري رستي تي ڪنهن سڄڻ کان هڪ چٺي ڀڳوان ڏانهن لکائي ’پريو! توهان سمرٿ آهيو، مان اسمرٿ آهيان. ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن پنڍرپور ۾ اچي اوهان جي درشن ڪرڻ جي پياس هئي پر پهچي ڪين سگهيو آهيان. توهان هتي ئي مونکي پنهنجو مکڙو پسايو.‘ اها چٺي هن هڪ ياتريءَ کي ڏيندي چيو ته پنڍرپور ۾ ڀڳوان وٺل جي چرنن ۾ رکجِ. ياتريءَ اُها چٺي ڀڳوان وٺل جي چرنن ۾ وڃي رکي. ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن ڀڳوان وٺل، سنت گياناديو، سنت نامديو ۽ سنت سانوتا، ڀڳت ڪورمداس کي اچي درشن ڏنو. ڀڳت ڪورمداس ڀڳوان ۽ ڀڳتن جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو. سندس اکڙين مان پريم جا آنسون ڇلڪڻ لڳا. پريميو! توهان ٻه پريوءَ کي، ستگرو کي سڪ سان ياد ڪندا ته اوس توهانکي انهن جو درشن ٿيندو.

۱۴ اپريل ۱۹۸۳ چيٽي چنڊ جي پوتر ڏينهن جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ساموهڪ جڻين جو آيوجن ڪيو ويو. ۲۵۰ ٻالڪن کي جڻيا پاتا ويا. پوجنيه سوامي جن سڀني ٻالڪن کي پاڪرون پائيندي آشيرواد ڏني.

ويچار ظاهر ڪيا آهن سي سماج جي اُنتيءَ لاءِ ڪارائتا آهن. انهن تي عمل ڪندا تہ ضرور سکي رهندا. ٻين جاتين طرفان ٿيندڙ حملن جو سامنو ڪرڻ لاءِ پاڻ ۾ ايڪو ڪريو. پنهنجو هڪ ئي آواز بلند ڪريو. ڪاريہ ڪرڻ جي شڪتي ٻہ ايڪتا سان ايندي. اجايا اڏنگا رواج بند ڪريو. ديکا ديکيءَ کان دور رهي سؤسٿ سماج جو نرماڻ ڪريو. پنهنجي ٻوليءَ کي هرگز نہ وساريو. ڏيتي ليتي ۽ ٻين ڪرسمن جو ٻهشڪار ڪريو.

۳۱ جنوري سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ۱ فيبروري سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ پڌاريا. اُتي ۱ فيبروري رات جو ستسنگہ ورڪا ڪيائون. ۲ فيبروري سواميجن سوامي چندنرام مهاراج جي ورسي اُتسؤ سنٻنڌ ۾ پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر ۾ سواميجن ٽي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جا پريرٽادائڪ پرسنگہ ٻڌايا. سواميجن چيو تہ سوامي چندن پرڪاش جو سڀاءَ ٻہ چندن جهڙو سيتل هوندو هو، دان پڃ ٻہ دل سان ڪندو هو. پريمين کي خوب نام جپايائين. توهان نت نيم ستسنگہ ۾ اچي خوب نام جپيو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪريو. سنت اننت پرڪاش سوامي جن جا آڀار مڃيا.

٦ فيبروري شوراتري اُتسؤ سنٻنڌ ۾ ڪپليشور مهاديو منڊل ڪرلا بمبئيءَ طرفان شاهي جلوس پوڄنيہ سواميجن جي نيترتو ۾ نڪتو. سوامي جن مندر ۾ ۷-۸ فيبروري ستسنگ پروچن ڪندي ڀڳوان شري شنڪر جا پرسنگہ ٻڌايا.

روهڙا برادر منڊل جو وارشڪ اُتسؤ ۲۷ فيبروري صبوح جو ۱۱ بجي آريہ سماج مندر هال گهاٽڪوپر بمبئيءَ ۾ پوڄنيہ سواميجن جي زيرصدارت ٿيو. سوامي جن هوشيار وديارٿين کي انعام ڏيندي چيو تہ توهان هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. جيون ۾ وندي ورهائي کائو.

ڏيکاري کائڻ آهہ شرمندگي،
لڪائي کائڻ آهہ گندگي،
ورهائي کائڻ آهہ بندگي.

پريوءَ توهان کي ڪيترائي پدارٿ ڏنا آهن. پاڻ ٻہ سک ڪڍو ۽ اُنهن مان ٻين کي ٻہ سک ڏيو. پرماتما توهان کي ڪا ڪلا ڏني آهي تہ اُن جو اُپيوگہ ڪندي پنهنجو ٻہ ڀلو ڪريو ۽ اُن سان ٻين کي ٻہ فائدو رسايو.

پريم پرڪاش منڊل طرفان ۱۷ مارچ کان ۲۹ مارچ ڀهريون دفعو هوليءَ جو اُتسؤ سوامي شواننڊ آشرم بندرابن ۾ پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي اڌيڪشتا ۾ ملهايو ويو. هزارين پريمي سنت مهاتمائون هن آنند اُتسؤ ۾ شريڪ ٿيا. روز پوڄنيہ سوامي جن ۽ ٻيا سنت ستسنگہ ورڪا ڪندا هئا. سوامي جن پنهنجي پروچن ۾ ڀڳوان

وقت وزير ڀڳوت ڀڄڻ ۾ ويٺو هو. راجا کيس سڏيندي چيو 'پيارا! تون وزيري ڇڏي چو اچي هن جهنگل ۾ ويٺو آهين. توکي هن حالت ۾ ڇا ملندو؟' وزير نمرتا سان وراڻيو 'راجن! هت مان کيڏو نه آنند ۾ ويٺو آهيان. هت ڪنهنجي به ڪاڻ ڪيڏٺي کين تي پوي. ڪيتري حياتي مان بين جي غلامي ڪندو رهيس، خوشامد ڪندو رهيس، باقي جيون پريوءِ جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪريان. هت آئي مونکي صرف پنج ڏينهن ٿيا آهن. پنجن ڏينهن جي ڀڳوت ڀڳتي ڪرڻ ۾ ڪيترو نه لاڀ ٿيو آهي! هونءَ مان ڪيترو ڪيترو وقت اچي اوهان جي در تي بيهندو هوس تڏهن به توهان کين پڇندا هئا. هاڻي اوهان نه صرف پاڻ پر پنهنجي راڻين ۽ سپا سدن سان گڏ مون وٽ هت جهنگل ۾ ڪشٽ ڪري آيا آهيو.' وزير جو اهو جواب ٻڌي راجا جون اکيون کلي ويئون. سندس من ۾ به وئراڳيه ورتي پئدا ٿي. راجا پنهنجو راڄ پاڳ راجڪمار کي سونپي پاڻ به وزير سان گڏ بن ۾ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو. پريميو! ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لاءِ وئراڳيه ضروري آهي.

٦ مئي سوامي جن اندور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي پريم پرڪاش مندر ۾ سوامي مرليڌر جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي مرليڌر جي گڻن جو ورڻن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته ستيه سڦلتا جي ڪنجي آهي. ستيه جي راهه تي هلڻ سان وهنوار ۽ پرمارٿ ٻئي سڌاري سگهجن ٿا. سچ ڳالهائڻ سبب زبان جي شڪتي وڌي ٿي سچ ۾ وڏي طاقت آهي. سنت ڪبيرداس به چوي ٿو:

ساچ برابر تپ نهين جوٺ برابر پاپ،
جانکي هردي ساچ هئه تانکي هردي آپ.

سچ جي برابر ٻي تپسيا کين آهي ۽ ڪوڙ برابر پاپ ڪونهي. جنهنجي هرديه ۾ سچائي آهي اُن کي من ۾ ئي پريوءِ جو درشن ٿئي ٿو. سچي منش کان پرماتما پري کين آهي. هڪڙي شخص کي ڪچ ڳانيون مينهون هيون. هوُ کير ۽ ڏهي وڪڻندو هو. هوُ کير ۾ پاڻي ملائي کير وڪڻندو هو. کيس هڪڙي ڪنيا ستيوتي نالي هئي. هڪ ڏينهن ستيوتي پنهنجي ساهيڙيءَ سان ستسنگ ۾ ويئي. ستسنگ ۾ سنت سچ جي مهما ڪندي چيو ته سچ ۾ وڏي شڪتي اهي. ڪوڙ کان ڪنارو ڪريو. سچ تي پرماتما به پرسن ٿيندو آهي. ڪوڙ جي منهن ۾ ڌوڙ آهي. ڌنڌي وهنوار ۾ ڪپٽ نه ڪريو. ملاوٽ نه ڪريو، سچ جي ساکي ڏيو. کاڌي جي شين ۾ ملاوٽ ڪرڻ به مهاپاپ آهي.

سنت جي سکيا ستيوتيءَ کي ڪافي پرڀاوت ڪيو. هن من ۾ سچ جي راهه تي هلڻ جو سنڪلپ ڪيو. هوءَ گهر ۾ آئي. روزاني نيم موجب پيءُ جي آگيا انوسار سدائين بالٽيءَ ۾ ٿورو پاڻي وجهي پوءِ اُها بالٽي کير ڏهڻ لاءِ پيءُ کي ڏييندي هئي. مگر هن سنت جي سکيا جي اثر سبب پيءُ کي خالي بالٽي ڏني. سندس پتا سمجهو ته سندس ڌيءُ کان شايد

پريم پرڪاش منڊل جو ٦٢ وارشڪ اُتسو چيٽ جو ميلو ٢٦ اپريل کان ٣٠ اپريل امراپور آسٿان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوڄنيہ سوامي جن ان اُتسوءَ سنبنڌ ۾ ٢٠ اپريل جئپور ۾ پڌاريا. ٢٥ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. ٢٦ اپريل صبوح جو سوامي جن سيني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسوءَ جو آرنڀ ڪيو. شام جو ٤ بجي سوامي جن جي نيترتو ۾ شاهي جلوس نڪتو. چارئي ڏينهن سوامي جن ۽ بين سنتن امرت ورکا ڪئي. ٣٠ اپريل پرڀات جو ميلي جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سوامي جن چيو:

ستگر ڪي نج نام ڪو، سمرو شواسون شواس،
ڪهہ ٽيئون جس سمرتي، ٽوٽي جم ڪي ڦانس.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن دواران ڏنل گرو منتر جو خوب اڀياس ڪريو. اُن منتر جو جاپ ڪندي ڪندي توهان جنم مرڻ جي چڪر کان مکت ٿي ويندا. مانش جنم جي سارٿڪتا ئي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ ۾ آهي. ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لاءِ وئراڳہ بہ ضروري آهي. وئراڳہ سبب چت جي ورتي وڏيڪ ڀڄن ڪرڻ ۾ لڳندي. ڪڏهن ڪڏهن پورو جنم جي سنسڪارن سبب وئراڳہ پيدا ٿيندو آهي تہ ڪڏهن غلاميءَ واري حالت ۾ من ۾ ڪنائي اڇي ويندي آهي. هڪڙو راجا ڏاڍو وشئي هو ۽ سندس وزير وري ڏاڍو ايماندار ۽ چرتروان هو. هڪ ڏينهن اُهو وزير راجا سان ڪا صلاح مصلحت ڪرڻ ويو. راجا اُن وقت راڻين سان راند ڪري رهيو هو. دوارپال راجا کي وزير جي اچڻ جي سوچنا ڏني. راجا چيس تہ ڪجهہ وقت ترس مان اچان ٿو. راجا راند ۾ ايڏو تہ مگن ٿي ويو جو وزير ڪيترو وقت راجا جي اچڻ جو انتظار ڪندي ڪندي ٿڪجي پيو ۽ سندس من ۾ اوچتو وزيريءَ کان ڪنائي اچي ويئي هن ويچار ڪيو تہ راجا جي هن غلاميءَ کان چو نہ مان ڀڳوان جي غلامي ڪريان، پرڀوءَ جي ڀڳتي ڪريان. هيڏا سال راجا جي غلامي ڪئي آهي. وزير جي من ۾ گوتم ٻڌ جيان تيور وئراڳہ پئدا ٿيو. هي هڪدم وزيري ويس جو تياڳہ ڪري جهنگل ڏانهن راهي ٿيو ۽ اُتي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو. هيڏانهن راجا راڻين سان راند روند ڪري ڪافي وقت کان پوءِ ٻاهر آيو ۽ دوارپال کان پڇيائين تہ وزير ڪٿي آهي! دوارپال کيس حقيقت کان واقف ڪيو تہ ڪيئن نہ وزير اوهانجو انتظار ڪندي ڪندي واپس هليو ويو. ٻئي ڏينهن بہ وزير راڄ دربار ۾ ڪين آيو. ٽئين ڏينهن بہ ڪين آيو. راجا جاچ ڪئي تہ وزير ڪيڏانهن ويو آهي. کيس پتو پيو تہ وزير وئراڳہ ورتيءَ سبب جهنگل ڏانهن هليو ويو آهي.

راجا هڙي ايماندار سياڻي صلاحڪار چرتروان وزير جي کوٽ محسوس ڪئي. پنجين ڏينهن راجا پاڻ سان راڻين ۽ سيا سدن کي ساڻ ولي جهنگل ڏانهن ويو. اُن

۽ پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو دان ڪريو. سنت پهلاج پرڪاش سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

١٤ جون پوڄنيه سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ اجمير ۾ پڌاريا. اُتي آدرش نگر ۾ سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي سواميڄن ستسنگه پروچن ڪندي رام نام جي مهما ڳائي.

١٦ جون صبوح جو ١١ بجي پوڄنيه سوامي جن اجمير سڌار سڀا جي ٽي. جي. مياڻي اسپتال لاءِ ورتل جاين ۽ پلاٽن تي پڌاريا. سڌار سڀا جي پريزيڊنٽ شري ديپچندر بيلاڻي ۽ سيڪريٽري شري ايشور ناراڻيءَ پوڄنيه سوامي جن جو سواگت ڪندي سڀا جي ڪاريه تي روشني وڌي. سواميڄن سڀا جي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته خلق جي خدمت به پرڀوءَ جي ڀڳتي آهي. شيوا ۽ اُپڪار جا خوب ڪاريه ڪري مانش جنم سڦل ڪريو. سواميڄن پياري ڀڳونداس مياڻيءَ لاءِ ڌنيواد جو اظهار ڪندي چيو ته هن پياري هن اسپتال لاءِ دان ڏيئي مايا سڦلي ڪئي آهي. هي ستگرن جو صدقي ڀيا به ڪيترائي اُپڪار جا ڪاريه ڪندو رهيو آهي. توهان به ڪي نه ڪي اُپڪار جا ڪاريه ڪندا رهو.

سوامي جن ورسي اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو:

ڪام ڪرو ويچار ڪي، نام جپو چت لايه،
دان ڪرو دل کول ڪي، ڪھ ٽيئون سک پايه.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا ته جيڪڏهن توهان سکي ٿيڻ چاهيو ٿا ته جيڪو به ڪرم ڪريو ۽ چت جي ورتي پرڀوءَ سان جوڙيو. دل کولي دان ڪريو. دان ڪريو نشڪام ڀاونا سان ائين ڪرڻ سان توهان کي آنند جو انڀوَ ٿيندو. آنند کو مايا ميڙڻ ۾ ڪين آهي. سچو آنند تياڳ ۾ آهي. ڏيڻ ۾ ئي آنند آهي، نه وٺڻ ۾.

سوامي جن ورڪت سڀاءَ جا هئا. جيڪي به ڀيٽائون ڪين ملنديون هيون سي هڪدم سنت ديوَ پرڪاش کي يا ڪوناريءَ کي ڏيئي ڇڏيندا هئا. ٻارن کي ڏيڻ لاءِ ٿوري چلر رکندا هئا. هڪ دفعي سوامي جن جو گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ ڪاريه ڪرم هو. سواميڄن رات جو ستسنگه ڪري رسوئي ڪائي ١٢-٣٠ بجي آرامي ٿيا. ان دفعي سواميڄن سان گڏ سنت ديو پرڪاش ڪنهن ڪارڻ وچي ڪين سگهيو ۽ ان بدران ڀاءُ پريداس واڌوا سندن شيوا ۾ هو. ڀاءُ پريداس به سانگي ڪمري ۾ سوامي جن سان گڏ هو. هن سواميڄن کي مليل پئسا ڳٽي ناهي ٿي رکيا. ٿوري ڪڙڪي تي سواميڄن پڇيس 'پيارا پرڀوا تون هن مهل ڇا پيو ڪرين؟' پريداس وراڻيو 'سوامي جي! اوهانجو ڏنل ڀوڄهو ارڻات پئسا ڳٽي ناهي پيو رکان.' تنهن تي سوامي جن چيس 'پيارا! تون ته ڪو مست آهين. جيئن اسان توکي پئسا ڏنا سي تيئن تون وري ٻئي ڪنهن پريميءَ کي ڏئين ها. اُهو پاڻهي پئسا ڳٽي توکي ٻڌائي ها. ايترو جنجال ۾ پوڻ نه گهرجي. اسان کو هتي پئسا گڏ ڪرڻ ته ڪين آيا آهيون

سبب پيءُ کي خالي ٻالٽي ڏني. سندس پتا سمجهو تہ سندس ڏيءُ کان شايد ٻالٽيءَ ۾ پاڻي وجهڻ وسري ويو آهي. هن ڏيءُ کي اشاري ۾ چيو تہ ٻالٽي ڏوئي ڏي ارڦات ٻالٽي ڏوئي اُن ۾ جل وجهي آءُ مگر سندس نياڻيءَ وري بہ کيس کجھ ڪين چيو پر اندر ۾ کيس ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. ڪم ڪار لاهي رات جو گهر ۾ پتا ستيوتيءَ کي ڇنڊ ڪيندي پڇيو تہ تو اڄ ٻالٽيءَ ۾ پاڻي ڇو نہ وجهي ڏنو؟

ستيوتي مريادا سان پتا کي چيو تہ اڄ کان وٺي مان اهو ملاوت جو ڪم ڪين ڪندس. کير ۾ پاڻي ملائڻ پاپ جو ڪم آهي. مان سچ ڳالهائيندس ۽ سچ جو وهنوار ڪنديس. سندس پتا ڏاڍو غصي ۾ اچي کيس چوڻ لڳو 'نالائق! تون مونکي اهڙو جواب ٿي ڏئين. مان توکي ڪنهن ڪنگال سان شادي ڪرائيندس، پوءِ توکي سچ ۽ ڪوڙ جي ڪل پوندي.

کير واري جي گهر ٻاهران اُن نگريءَ جو راجا ڇمڙا پوش روپ ۾ ڏيءُ ۽ پيءُ جو وارتالاپ ٻڌو. راجا اُن نياڻيءَ جي سچائي ندرتا واري سڀاءَ کان ڏاڍو پرڀاوت ٿيو. هوُ اُن کير واري جي گهر اندر ويو. کير وارو وائڙو ٿي ويو. راجا اُن نياڻي کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ مان تنهنجو جواب ٻڌي پرسن ٿيو آهيان. مان توکي پنهنجي راجڪمار سان وواهہ ڪرائيندس. راجا کير واري جي ڏيءُ ستيوتيءَ جي ستيوادي سڀاءَ کان ايڏو تہ پرڀاوت ٿيو جو هن اُن جو وواهہ پنهنجي راجڪمار سان ڪرايو. ستيہ جي راهہ تي هلڻ ڪري ستيوتيءَ جو ڀاڳ کليو. انڪري پتا بہ اِها ڳالهہ محسوس ڪئي. هن ان بعد کير ۾ پاڻي ملائڻ بند ڪيو ۽ سدائين سچ جو وهنوار ڪرڻ لڳو. پريميو، توهين بہ جيڪڏهن سچ جي مارگ تي هلندا تہ اوس توهانجو نصيب کلندو. سچ تي صاحب راضي.

سوامي مرليڌر جي ورسيءَ مان ورسجي وڃو. پنهنجي جيون ۾ سمرڻ ستيہ سنيهہ سادگيءَ جي ساکي ڏيو.

١٢ مئي سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢٠ مئي سوامي جن ديواليءَ روانا ٿيا. اُتي ڪوي ڀلاجرام جي ورسيءَ جي موقعي تي ستسنگ ڪندي سوامي جن ڪوي ڀلاجرام جي گڻن جو ورڻن ڪيائون. ٢٢ مئي سوامي جن ناسڪ ۾ پڌاريا. ٢٤ مئي سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

سنت ڀلاج پرڪاش ڪمارنگر ڍوليا ۾ پريمين جي سهڪاري سان سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر نهرايو آهي. اُن مندر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام ۽ سوامي ٽيئونرام مهاراج جون مورتيون ٦ جون ١٩٨٣ تي اسٿاپن ڪيون ويئون. مورتي اسٿاپن اُتسوُ سنبنڌ ۾ سوامي جن ڍوليا پڌاريا. سندن سنمان ۾ شاهي جلوس ڪڍيو ويو. اسڪول جي ٻالڪين چوڏاري گلن جي ورکا ڪئي. سوامي جن اُتي ٻہ ڏينهن ستسنگہ ورکا ڪئي. سوامي جن پنهنجي پروچن ۾ چيو تہ انهن مورتين کي ساکيات ڀڳوت روپ سمجهي شرڌا سان اُنهن جي پوڄا اُپاسنا ڪريو. نت نيم ايڪانت ۾ ويهي پرڀوءَ کي ياد ڪريو، سندس گڻ ڳايو

هوا جو رخ بدلجي ويو ۽ سندن فئڪٽري باهه کان بچي ويئي. سنگرو مهاراج ٻڇهه ٻوهه ۾ پريمين جا ڪارج پورا ڪيا.

هڪ دفعي ڀاءُ تلسيداس موٽواڻيءَ جو پٽ رميش هلنڊڙ لوڪل ٽرين مان ڪري پيو. مائٽن رات جو سندس اچڻ جو انتظار ڪيو پر ٻالڪ ته اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. شري تلسيداس بمبئيءَ ۾ ڏاڍي ڳولها ڪئي. ڳولها ڪندي به ڪيس پٽ بابت ڪا خبر ڪين ملي. اِئين پنج ڏينهن گذري ويا. برسات جي مند هئي. ڇهين ڏينهن ڀاءُ پرمانند موٽواڻيءَ پوجنيه سواميڄن کي وينتي ڪندي چيو ته ڀاءُ رميش جي ڳولها لاءِ وڃان ٿو. آسيس ڪندا جيئن اڄ رميش جو پتو پئجي وڃي. پوجنيه سواميڄن پرمانند کي چيو ’زبردست برسات وسي رهي آهي. چنتا نه ڪر. سڀاڻي پاڻيهي رميش جو پتو پئجي ويندو.‘ پرمانند سواميڄن جي آگيا انوسار گهر وارن کي ڌيرج ڏنو. ٻئي ڏينهن صبوح جو سول اسپتال ٽاٽا مان ماڻهو شري تلسيداس کي رميش جي درگهٽنا جو سماچار ٻڌائي ويو. رميش جي بيهوشيءَ سبب ئي مائٽن کي دير سان خبر پيئي. پوجنيه سوامي جن جو چوڻ سورهن آنه صحيح نڪتو.

اسپتال ۾ رميش جي حالت ٿوري گنڀير هئي. ڊاڪٽر چيو ته ڪيس شفاياب ٿيڻ ۾ ٽي چار مهنا لڳندا ۽ اسپتال ۾ رهڻو پوندو. شري تلسيداس موٽواڻي پوجنيه سوامي جن کان جل پڙهائي ۽ گئو ماتا جي چرنن جي رج کڻي سول اسپتال ۾ آيو. رميش کي سوامي جن وارو جل پيئاري سندس زخمن واري جائي تي گئو ماتا جي چرنن جي رج لڳايائين. ايشور جي ديا ۽ سنگرو مهاراجن جي آسيس سان رميش هفتي ۾ ئي پنهنجي گهر سنڌونگر ۾ واپس آيو. سندس مائٽن جو پوجنيه سوامي جن ۾ پورو پورو صدق هو.

٢ جولاءِ ١٩٨٣ پرڀات جو پوجنيه سوامي جن بمبئيءَ مان هانگ ڪانگ لاءِ روانا ٿيا. سوامي جن سان گڏ سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، پيارو هرگنلعل به هئا. هانگ ڪانگ هوائي اڏي تي سنت نامديو، ڀاءُ هري واڌواڻي، ڀاءُ گوپال، ڀاءُ تولارام ۽ ٻين ڪيترن پريمين سواميڄن جو هاردڪ سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن ٢٥ جولاءِ تائين ستسنگ ورڪا ڪئي.

هڪ ڏينهن هانگ ڪانگ ۾ سوامي جن پياري هوتچند واڌواڻيءَ جي آفيس ۾ سنت منڊل سهت پڌاريا. اُن وقت ڪين خبر پيئي ته آفيس ڀرسان ڪو ڪاسائي ڪبوترن کي کهي رهيو آهي. سوامي جن هڪدم هڪ پريميءَ کي اُن ڪاسائيءَ وٽ موڪليو. اُن وقت اُن ڪاسائيءَ وٽ اڃا ٢١ ڪبوتر جيئرا هئا، جن کي کهڻ وارو هو. سوامي جن اُن وقت ايڪويهه ئي ڪبوتر خريد ڪري هڪدم آسمان ڏانهن اُڏائي ڪبوترن کي جيئدان ڏنو. سوامي جن جي دل ۾ نه صرف مانو ماتر لاءِ ديا ڀاونا هئي، پر پکين پسن لاءِ به پريم ۽ ڪروڻا ڀاو هو.

سوامي جن اُن ڏينهن شام جو ستسنگ ڪندي چيو ته روز پکين پسن جي شيوا ڪريو.

جو پائي پائيءَ جو وينو حساب رکين. جيڪڏهن اُن ڳڻيندڙ ڪجھ پئسا ڪنيا ٻه ته اِتان جا پئسا اِتي بيو چاڻ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج هڪ دفعي چيو هو ته سنت ڏين ته پئسا نه ڳڻيندو ڪر، نه اُنهن جو ڦرنو ڪندو ڪر.

پوجنيه سوامي جن وٽ هزارين پريمي ايندا آهن، سڀرش سان ئي سواميجن اُنهن کي سڃاڻي وٺندا آهن. هڪ دفعي برجلعل هيراڻي سنڌونگر ۵ جي آشرم ۾ پوجنيه سوامي جن سان ملي پلنگ جي پويان ٻه ڪلاڪ ڪن ساندھ بيٺو رهيو. سوامي جن اوچتو چيس ته ٿڪجي پوندين، ويهي رھ. برجلعل سوامي جن جا اِهي لفظ ٻڌي وائڙو ٿي ويو ته سندس ساندھ بيهڻ جي خبر سواميجن کي ڪيئن پيئي. اُهو ڏينهن اُهو شينهن، پياري برجلعل جي شرڌا سواميجن ۾ وڌندي ويئي. هن محسوس ڪيو ته پوجنيه سوامي جن جاڻي جاڻڻهار آهن.

ڀاءُ برجلعل هيراڻي ڪولهاپور ضلع جي گرينگ لچ شهر ۾ ڪنٻ جي ڪارخاني جو نيڪو ڪنيو. ڪنٻ جي واپار ۾ هي پيارو نئون هو. ڪيس ڪيترين تڪليفون درپيش آيون. اُن نيڪي ۾ نفعي جو بدران نقصان جي سمپاونا هئي. هي پيارو وشواس رکي پوجنيه سواميجن وٽ آيو. سواميجن ڪان جل پڙهائي وجي اُن جو چنبو هنيو. ايشور ڪرپا ۽ ستگرو مهاراج جي آسيس سان آيل دقتون ٻه دور ٿيون ته ڪنٻ جي ڏنڊي ۾ گهاٽي جي بدران واڌو ٿيو. اُن بعد هي پيارو ڪوٻه ڏنڊو وهنوار ڪندو هو ته پهرين سوامي جن جي صلاح ۽ آسيس سان شروع ڪندو هو. ڪيس ڪافي ڪاميابي حاصل ٿي. وشواس وارو ئي ڪٽيو ڪائيندو آهي.

پوجنيه سواميجن وٽ ڪيترائي سوالي ايندا هئا ته سواميجن کين چوندا هئا ته مندر ۾ وڃي ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراجن جي مورتيءَ تي مٿو ٽيڪي وڃو، ڀڳوان ڀلي ڪندو، ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا. ايشور جي آسيس ۽ ستگرو مهاراجن جي ڪرپا سان ڪيترن ئي سوالين جا عرض اگهاڻا آهن.

چندر ڪنعيالعل ڀوڄا کي پهرين ٻه ٻالڪيون ڄايون. چندر جي ماتا لڇي ٻائيءَ پوجنيه سوامي جن کي وينتي ڪئي ته چندر اوهانجو ٻالڪ آهي، سندس گود سائي ڪريو، جيئن سندس پٽ پڌري رهي. سوامي جن ڦل پڙهي ماتا کي ڏيندي چيو ته اِهو ڦل چندر ۽ سندس پتنيءَ کي کارائجو. پٽ ۽ ننهن کي مندر ۾ مٿو ٽيڪائي وڃجو، ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا. ايشور جي ڪرپا ۽ ستگرو مهاراجن جي ديا سان چندر کي ٻالڪ ڄائو. ماتا لڇيءَ جي اِڇا پوري ٿي.

هڪ دفعي شري ڪنعيالعل چشنمل جي ايس. آر. پروسيس فئڪٽري گهاٽڪوپر جي ڇوڏاري فئڪٽرين ۾ اوچتو اچي باھ لڳي. ايس. آر. پروسيس کي ٻه باھ وڪڙڻ جو سخت انديشو هو، انڪري شري ڪنعيالعل ۽ سندس سپترن شنڪر، چندر، رام ۽ لڇوءَ پوجنيه سوامي جن جو ڌيان ڪري پرارٿنا ڪئي ته فئڪٽريءَ جو بچاءُ ڪريو. جيئن هنن پرارٿنا ڪئي تيئن

اُنهن جي سار لهڻ سان پريو اوهان جي سار لهندو. جيترو ٿي سگهي ڏرمائو ۽ سنتن جي در جو ڪاڏو لالچ ڪري نہ ڪائو. پرساد روپ ۾ ورتائڻ ٻي ڳالھ آهي. پنهنجي پورهئي پريشرم جو ڪاڏو ڪائو.

هانگ ڪانگ ۾ ڪن پريمين سوامي جن ڪان پڇيو، ’ستگرو، مهاراج! اسان توهان کي ڏاڍو ياد ڪندا آهيون. ڇا توهان بہ اسان کي ياد ڪندا آهيو؟‘ سوامي جن چيو، ’پيارا! سچ ٻڌايانو تہ مان توهان کي ياد ڪين ڪندو آهيان.‘ پريمي پڇڻ لڳا، سوامي جي! ائين ڇو؟ سوامي جن پڇيو، ’توهان مونکي ڇو ياد ڪندا آهيو؟‘ پريمين وراڻيو، ’اوهان ڀڳوان جي ڀڳتي ڪريو ٿا، هر وقت اُن کي ياد ڪريو ٿا انڪري اسان توهان کي ياد ڪريون ٿا. سوامي جن چيو، ’پريميوا مان جيڪڏهن ڀڳوان کي ياد ڪرڻ ڇڏي ڏيان ۽ توهان کي ياد ڪريان تہ مان بہ توهان جهڙو ئي ٿيس. الائي گهڻا جنم ٻين سان ناتا جوڙيندا رهيا آهيون. هي منش جي ديھ ڌارڻ ڪري پرماتما سان ئي پريم جو ناتو جوڙڻ گهرجي. اُن کي ئي هر وقت ياد ڪرڻ گهرجي.

٢٥ جولاءِ هانگ ڪانگ ۾ پوڄنيہ سوامي جن آخرين ستسنگہ ڪندي چيو تہ پريميوا ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي سکيائن ۽ سڌانتن تي هلڻ جي ڪوشش ڪريو. نت نيم نام جپيو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪيو، ستڪرم ڪريو.

منش جي ڪٽ سندس سڀاءَ ۽ شڀ گڻن سان ڪرڻ گهرجي نہ سندن ذات پات مان. ڪيترائي گهٽ ذات پريوارن ۾ جنم وٺي پنهنجي پرشارٿ، پريشرم، پنهنجي پورءَ جنم جي اُتم سنسڪارن سبب، پنهنجي گڻن سبب مهان بڻيا آهن. ڪمل جا گل ڪيچڙ ۾ پئدا ٿيندا آهن.

هڪ دفعي رشي گوتم جي گرُوڪل ۾ سڪ مسڪين نماڻو ٻالڪ آيو ۽ اچي رشي گوتم کي وينتي ڪيائين، ’گرديوا مان اوهان جي چرنن ۾ ويهي وديا گرهڻ ڪرڻ چاهيان ٿو. مونکي پنهنجي گروڪل ۾ داخل ڪريو.‘ رشي گوتم ٻالڪ کان پڇيو، ’ٻالڪ! تون ڪٿان آيو آهين؟ ڪيئن اچي هت پهتو آهين؟ تنهنجي ذات ڪهڙي آهي؟ تنهنجي ۽ تنهنجي پتا جو نالو ڇا آهي؟ ڇاڪاڻ تہ ذات انوسار ئي توکي هن گروڪل ۾ داخلا ملندي.‘

اُن ٻالڪ وراڻيو، گرديوا منهنجو نالو ستيڪام آهي. باقي مونکي پنهنجي پتا ۽ ذات جي ڄاڻ ڪين آهي. مان پنهنجي ماتا سان گڏ هڪ ڳوٺ ۾ نديءَ جي ڪناري ٽن ڇئن ڪوهن جي مفاصلي تي رهندو آهيان. مان اُتان پنڌ ئي پنڌ هت اوهان وٽ وديا گرهڻ ڪرڻ لاءِ آيو آهيان. مون تي ڪرپا ڪري مونکي پنهنجي گروڪل ۾ داخل ڪريو.‘

رشي گوتم، ٻالڪ جي وديا اپياس ۾ چاهنا، نمرتا ۽ مريادا ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کيس چيائين، ’ٻالڪ! تون پنهنجي ماتا کان پنهنجي پتا جو نالو ۽ ذات پڇي وري سڀاڻي هت اچج، ڀڳوان تنهنجي اِڇا پوري ڪندو.‘

توهان اُنهن تي ديا ڪندا ته پريهو توهانۡ تي درشٽي ڪندو. هڪڙا غريب زال مڙس هئا. پورهيو ڪري پيٽ پاليندا هئا. هڪ جهوپڙيءَ ۾ رهندا هئا. جهوپڙي ڪليل هئي، ان ڪري پکي اندر اچي پٽ تي پيل ٻاجهري يا ان جا داڻا چڳندا هئا. پکي روزانو ان ڪائي پيٽ ڀري خوش گذاريندا هئا. هي زال مڙس پڻ پکين جي ڪاڏي ۾ ارها ڪين ٿيندا هئا. پکين کي جهوپڙيءَ ۾ ايندو ڏسي اُنهن جي ڪائڻ ۾ خوش ٿيندا هئا ته ڀلي پيارا ڪائي خوش ٿين.

هڪ ڏينهن پکين جي راجا هنس پکيءَ اُنهن پکين کان حال احوال پڇي ورتو ته اُنهن پکين چيو ته هوُ ڪيئن نه اُن غريب جي جهوپڙيءَ ۾ وڃي ان ڪائي پيٽ ڀريندا آهن. پکين هنس کي عرض ڪيو ته جنهن غريب شخص جي گهر جو هوُ روز ان ڪائين ٿا اُهو ڪيئن شاهوڪار ٿئي، اهڙو اُپاءُ ڏسيو.

هنس، پکين کي چيو ته توهان ان چڳي، ان جا ٿورا داڻا سنتن جي ڀنڊاري ۾ وجهي ايندا ڪريو ته سنتن جي مکه ۾ اُن مسڪين جو ان پوندو. سنت جي ڪرپا سان اُهو مسڪين مالدار ٿيندو. پکين ائين ڪرڻ شروع ڪيو. اُن شخص ڏٺو ته پکي نه صرف ان هتي ڪائين ٿا پر ٻاڻ سان ڪجهه داڻا ڪڻي به ٿا وڃن. پکي اُهي داڻا ڪڻي سنتن جي ڀنڊاري ۾ وجهي ايندا هئا. پکين جي پرشارٿ، شبي ڀاونا ۽ ايشور ڪرپا سان اُهو مسڪين شخص شاهوڪار ٿيندو ويو. ڀاڳه ڏئي ڀيڙو ته دال مان به سيرو.

انهن زال مڙسن جهوپڙي ڊهرائي نئون سندر مڪان نهرايو. پکي نت نيم اڳي جيان ان ڪائڻ ايندا هئا. پکي جڏهن مڪان ۾ ونيون لاهيندا هئا ته اها ڳالهه اُن شخص جي پتنيءَ کي ڪين وڻندي هئي. هن پنهنجي پتيءَ کي چيو ته هھڙي سندر مڪان ۾ پکي ونيون لاهي گهر خراب ڪري رهيا آهن، ان ڪري پکين کي هڪدم لٺ هڻي اڏائي ڇڏج. مڙد پتنيءَ کي گهڻو ئي سمجهايو ته اُنهن پکين جي آسيس سان ته اسان وڏيا ويجها آهيون، ساوا ٿيا آهيون. انهن کي لٺ ڪيئن هڻبي! مڙد پکين کي ان ڏيندو رهيو. مگر سندس پتني ڏاڍو ناراض ٿيندي هئي. آخر هڪ ڏينهن مڙد پتنيءَ جي گهڻي زور ڀرڻ تي پکين کي لٺ هنئي. ويچارا پکي دل ۾ ڏاڍو دکي ٿيا. قدرتي وري ڪين هنس پکي گڏيو ۽ هن اُنهن پکين کان حال احوال ورتو. پکين چيو ته جنهن مسڪين کي ڏنوان بڻائڻ لاءِ توهان کان صلاح ورتي سي سو هاڻي مغرور ٿي اسان کي ئي لٺيون هڻي رهيو آهي. هنس وراڻيو، ’هاڻي توهان وري سنتن جي ڀنڊاري مان ٻه ٽي داڻا چڳي ان ڏنوان جي ان ۾ وجهي ايندا ڪريو ته پاڻيهي وري اُهو ڏنوان، ڏنوان مان غريب ٿي ويندو. ڇاڪاڻ ته سنتن جو ڪڻو ڏاڍو ڳورو ٿيندو آهي. جيئن جيئن اُهو ڏنوان سنتن جا ڪڻا ڪائيندو، تيئن تيئن پئسي ۾ پنتي پوندو ويندو. پکين ائين ڪيو. ٿورن ڏينهن کان پوءِ اُهو مالدار وري مسڪين ٿي پيو.

پريميو! پکين پسن، جيوَ جنتن کي نت کارايو. انهن جي کارائڻ ۾ ناراض ڪين ٿيو.

نيئون تنھ جو نا جپي، تانکو ھئہ ڦٽکار.

پريميوا پرماتما توھان کي ھيءَ اموليہ ديھي ۽ انيک پدارٿ ڏنا آھن، تنھن ھوندي بہ جيڪڏھن پرڀوءَ جو نام نہ جپيوَ تہ جيئڻ مان جس کھڙوا سنسار ۾ رھندي، ڪم ڪاريون ۽ ڏنڌا ڌاڙيون ڪندي، پرڀوءَ کي نہ وساريو. نشڪام ڀاونا سان پرماتما کي پرارٿنا ڪندا رھو ۽ ٻين جو ڀلو ڪندا رھو. ڪنھن نہ ڪنھن ڏينھن توھانجي پرارٿنا پرماتما در قبول پوندي.

ڀڳوان پنھنجي پيارن جي اڇا پوري ڪري ٿو، پر اُن ۾ سُوارٿ جي ڀاونا نہ ھجي. ڀڳت اللھجي تيرٿ ياترا ڪندي ھڪ راجا جي باغ ۾ آيو. اُتي ھڪ انبن جي وڻ ھينان ويھي، ھوُ ڀڳوان جي مورتي رکي پوڄا پرارٿنا ڪرڻ لڳو. اُپاسنا ڪرڻ ڪان پوءِ انبن جي وڻ ۾ انب ڏسي سندس اِڇا ٿي تہ انھن انبن جو ڀڳوان کي ڀوڳہ لڳايان. ھن ڀڳت، باغ جي مالھيءَ کي چيو ہہ ٿي انب لاھي ڏي تہ ڀڳوان کي ڀوڳہ لڳايان. مالھيءَ وراڻيو تہ جيڪڏھن توکي انب کپن تہ وڻ تي چڙھي انب پٽي اچ. وڻ جون ٽاريون مٿيرو ھيون. ڪرتار جي ڪرپا سان ان وڻ جي ھڪ انبن واري ٽاري پنھنجو پاڻ ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان جھڪي پيئي. ڀڳت اللھجي ان ٽاريءَ مان ہہ چار انب پٽي ڀڳوان کي ڀوڳہ لڳايو. اِھو ڪوٺڪ ڏسي مالھي وائڙو ٿي ويو تہ وڻ جي ٽاري پنھنجو پاڻ ڪيئن اوچتو ايڏو ھيٺ جھڪي آئي. مالھيءَ وڃي اھا گھٽنا راجا کي ٻڌائي. راجا ھڪدم باغ ۾ آيو ۽ ڀڳت اللھجيءَ جي چرنن ۾ اچي سيس نوايائين. سندس درشن ڪري راجا جو چت ڏاڍو پرسن ٿيو. ڀڳتن جي پرارٿنا ۽ سنڪلپ ۾ ڪيڏي نہ شڪتي ٿئي ٿي. توھان ہہ سدائين سنڪلپ ڪريو. پريم سان پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو.

١٤ آگسٽ منيلا ۾ سوامي جن آخرين ستسنگ ڪندي ڀاءُ گينارام دادلاڻيءَ جو ذڪر ڪندي چيو تہ ھن پياري ھن مندر جي اسٿاپنا لاءِ ڪيڏو نہ پرشارٿ ڪيو. سندس دل ۾ سنتن ستپرشن لاءِ ڪيڏي نہ اُڪير ھوندي ھئي. ھي پيارو گرھست ۾ رھندي ڀڳت جن ھو. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ ہہ درد ھو. ٻجھ ٻوھ ۾ ڪين مدد ڪندو ھو. پريميو! توھان ھن پوتر آستان تي نت نيم نام جپيندا رھو. پرڀوءَ جو ڪوبہ نالو شرڌا ۽ پريم سان ور ور اُچاريندو رھو.

ھري کي منتر اننت ھئي، جامي شرڌا ھويہ،
ڪھ نيئون نت پريم سي، جپلي منتر سويہ.

ڪنھن نہ ڪنھن سنت ستپرش جو سنگ ڪمايو. اُھو توھان جي جيون کي نئون موڙ ڏيندو. مايا جي پرپنچ ڪان پري ڪري توھان کي مالڪ سان ملائيندو.

ڪھ نيئون اس جڳت ۾، جو چاھو آرام،
ساڌ سنگت نت ھي ڪرو، سمرو ھري ڪا نام.

ماتا، ٻالڪ ستيڪام لاءِ گهر ۾ اڪيون پائي ويٺي هئي. سنڌيا ٿي چڪي هئي. ٻالڪ جيئن گهر ۾ آيو ته سندس ماتا کيس ڇاتيءَ سان لڳائيندي پڇيو، ’ٻالڪ! ڇا رشي گوتم توکي گروڪل ۾ داخل ڪيو؟‘ ٻالڪ وراڻيو، ’اما، رشي گوتم پڇيو ته تنهنجي پتا جو نالو ڇا آهي ۽ تنهنجي ذات ڪهڙي آهي، ان موجب توکي سکيا ڏبي.‘ مهرباني ڪري مونکي منهنجي پتا جو نالو ۽ ذات ٻڌاءِ.‘ پٽ جو سوال ٻڌي ماتا کي ڄڻ ٻجليءَ جو شاڪ اچي ويو. هن هٻڪندڙ آواز ۾ چيو، ’ستيڪام! مان ڏاڍو غريبيءَ ۾ زندگي گذر ڪئي آهي. روٽي ٽڪر لاءِ ڪيترن پرشن جي ڪاڻ ڪڍڻي پيئي. مان ڪن بدنگاهن جو شڪار ٿيس. تنهنجي جنم ڪان پوءِ پورهيو ڪندي تنهنجي پالنا ڪندي رهي آهيان. اسين گهٽ ذات جا آهيون.‘ ائين چوندي ماتا جي اکڙين مان آنسون ٽپڪڻ لڳا ۽ ستيڪام کي سيني سان لڳائي اندر ئي اندر ڳوڙها پيئڻ لڳي.

صبوح ٿيو، ٻالڪ ستيڪام ماتا کان موڪلائي، پاٺشالا ۾ داخل ٿيڻ لاءِ پنڌ پيو. هن ڪلاڪن جي پنڌ ڪرڻ پڄاڻا ستيڪام رشي گوتم جي گروڪل ۾ اچي پهتو. گرديو کي پرڻام ڪندي چيائين ’ڪرپا ڪري مونکي پاٺشالا ۾ داخلا ڪريو.‘ رشي گوتم کانئس پڇيو، ’پيارا! تون ڪالهوڪي سوال جو پورين جواب ڏي ته اُن موجب توکي داخلا ملندي.‘ ستيڪام ماتا واري حقيقت ٻڌائيندي چيو ته مونکي پتا جي نالي جي پروڙ ڪين آهي، باقي اسين گهٽ ذات جا آهيون، پڙهڻ جي ڏاڍي چاهنا اٿم. گرديو! منهنجي اِڇا پوري ڪريو.‘ ائين چوندي ٻالڪ ستيڪام جو گلو گهٽجي ويو! سندس اکين ۾ آنسون هئا. رشي گوتم کي ستيڪام تي ديا اچي ويئي. هن ستيڪام کي پنهنجي سيني سان لڳائيندي سندس آنسون اُگهيا ۽ کيس چيو، ’ستيڪام! تون دلگير نه ٿيءُ. توکي اڄ گروڪل ۾ داخل ڪيو وڃي ٿو.‘ گرديو جا اهي وچن ٻڌي ستيڪام باغ بهار ٿي پيو ۽ رشي گوتم جي ڪمل قدمن تي ڪري پيو. سندس اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها گرديو جي چرنن تي ٽپڪيا.

پريميو! سچو گرو شش جي ذات پات، غريبي شاهوڪاري نٿو ڏسي. هو ڏسي ٿو نمرتا نشنا سدڀاونا. توهان به گروءَ جي در تي نمرتا، وشواس پريم رکي شرڻ وڃو ته توهان کي گرديو گر منتر ڏيئي گيان ۽ موکش جو مارگ ٻڌائي. ان ڪري پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وڃو.

ستگر شرني جايه ڪي مانگو مڪتي دان،
ڪه ٽيئون جس پايه ڪي هووي تو ڪلياڻ.

٢٦ جولاءِ سوامي جن منڊليءَ سهت منيلا ۾ آيا. اُتي سوامي جن هندو مندر ۾ ١٤ آگسٽ تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ڀڳتي، گيان وئراڳ ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون تي پريرڻادائڪ پروچن ڏنا. اُتي هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

سرؤ پدارٿ جڳت ۾، ديِنا جنهه ڪرتار،

هڪ دفعي سنت هري وياس ديو پنهنجي ششن سان گڏ، ڀڳتيءَ جو پرچار ڪندي پنجاب جي گدياول ڳوٺ ۾ اچي پهتو. اُن ڳوٺ جي ٻاهران ديوي ماتا جو وڏو مندر هو. اُن رياست جي راجا جي طرفان اُن مندر جي ٻاهران سوين ٻڪريون ٻڪرا ٻلي چاڙهڻ لاءِ ٻڌل هئا. اهو ڏسي سنت هري وياس جي اکڙين مان آنسو وهڻ لڳا. سنت ديالو ٿيندا آهن. سنت ويچار ڪيو ته راجا ڪيڏو نه نردئي آهي جو ديوي ماتا کي خوش ڪرڻ لاءِ هيڏن ٻڪرين ٻڪرن کي ٻلي چاڙهيندو. ڪوبه ديوتا ان ريت پرسن نه ٿيندو. ڪهڙي نه غلط ڌارڻا وينل آهي. اهڙي آستان تان هڪدم واپس وڃڻ گهرجي. اُهو سنت پنهنجي ششن سميت اُتان روانو ٿيو. ايتري قدر جو اُتي تيار ٿيل ڀوڄن به ڪين کاڌائين. ان رات جو ديوي ماتا راجا کي ننڊ ۾ درشن ڏيندي آگيا ڪئي ته انهن ٻڪرين ٻڪرن کي هڪدم آزاد ڪر ۽ ٻلي چاڙهڻ بند ڪريو. منهنجي پياري ڀڳت سنت هري وياس ديو کان ڪميا وٺي کيس مندر ۾ وٺي اچو. راجا، ماتا جو درشن ڪري پرسن ٿيو ۽ ماتا جي آگيا انوسار سڀني ٻڪرن ٻڪرين کي آزاد ڪيائين ۽ هڪدم سنت هري وياس ديو وٽ ڪميا ياچنا لاءِ ويو ۽ کيس واپس مندر ۾ وٺي آيو. راجا ٻلي چاڙهڻ تي بندش وڌي. سنت جي ديالو سڀاءَ سبب سوين ٻڪرين ٻڪرن کي جيءَ دان مليو.

٣٠ آگسٽ سينگاپور ۾ آخرين ستسنگ ڪندي پوڄنيه سوامي جن ڀيڻ اِندرا منگهارام ۽ ڀين پريمين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان وديش ۾ رهي به ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي آتم ڪاريه ڪري رهيا آهيو. ستگرن دواران ڏنل نام جو خوب اڀياس ڪريو. رسنا جي سارٿڪتا نام سمرڻ ۾ ئي آهي. آتم ۾ آتم ڪم آهي نام سمرڻ. ستگرو مهاراج نام جي مهما ڳائيندي آگيا ڪن ٿا.

موٽي بن شوڀت نهين، جيون سيپي جگ مانهه،
ٽيئون ٽيؤن هرنام بن، جهوا شوڀت نانهه.

ڀلي توهان ڌنڌا ڌاڙيون، نوڪريون چاڪريون ڪريو، گهر گرهست ۾ رهو، پر پرڀوءَ کي نه وساريو.

ڪيترائي پنهنجي اِڇا پورتيءَ لاءِ سنتن درويشن جي در تي سُکائون باسيندا آهن، پر جڏهن سندن اِڇا پوري ٿيندي آهي يا دک دور ٿيندو آهي ته اڌوري باس پوري ڪندا آهن يا بنهه وساري ڇڏيندا آهن. ڪم لٿو ڏڪڻ وسريو. سندن سوارٿ پورو ٿيو، پوءِ چاڪاڻ ڪيل قؤل پورو ڪن! ائين ڪرڻ نيڪ نه آهي. باس باسجي ته پوري ڪجي نه ته باس نه باسجي، نه ته ته اها درويشن ۽ ديوتائن سان مخول چئبي. هڪ دفعي هڪ واپاري سنت رامداس وٽ سوالي ٿي آيو. سندس پير ۾ ڏاڍي پيڙا هئي. هن سنت جي در باس باسي ته جيڪڏهن پير جي پيڙا دوُر ٿي ته هو آشرم ۾ سندر کوهه نهرائيندو. سنتن جي ڪرپا سان ڪجهه ڏينهن بعد اُن واپاريءَ جي پير جو درد دور ٿي ويو. هن لالچ وس ٿي پڪو کوهه نه نهرائي ڪچو کوهه نهرايو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ اُهو کوهه ڊهي پيو ۽ وري سندس پير ۾ پيڙا پيدا ٿي ۽ هي واپاري سنت وٽ آيو ۽

ساڌن کي نيم جو پڪو ٿيڻ گھرجي. ساڌنا پٿ تي ڪيترا ئي ڪشٽ ڪشالا ايندا، پر تڏهن بہ پنهنجن سڌانتن تي قائم رهجي. ايوڌيا جي راجا روڪماگند جو اهو نيم هو تہ پاڻ بہ ايڪادشيءَ جو ورت رکندو هو ۽ سندس پوجا سواءِ گرهوتي استرين، تمام ننڍڙن ٻارن کي ڇڏي، پڻ ايڪادشي ورت ڌارڻ ڪندي هئي. راجا جي آديش موجب سندس نگريءَ جو هڪ بہ شخص نيم جو اُلنگھن ڪين ڪندو هو. ايڪادشي ورت ڌارڻ ڪري موت تمام گھٽ ٿيندا هئا. برهما، راجا جو اهو نيم ٽوڙڻ لاءِ هڪ مايوي سندر استري اُن راجا وٽ موڪلي. اُن موهڻي استريءَ راجا کي موهي ڇڏيو ۽ راجا سان وواهہ ڪرڻ لاءِ هڪ شرط وڌائين تہ جيڪي ڪيس هوءَ چوندي، اُهو راجا کي مڃڻو پوندو. راجا اُن استريءَ سان وواهہ ڪيو. ان استريءَ شرط موجب راجا کي چيو تہ تون ايڪادشي ورت رکڻ بند ڪر تہ پرجا بہ ورت ڪين رکندي. راجا ڪيس چيو، 'هي سندري! ايڪادشي ورت رکڻ جو تياڳ مون لاءِ ناممڪن آهي. توکي ٻيو ڪي گھرجي تہ ٻڌاءِ. مان تنهنجي اِڇا پوري ڪندس. اُن راڻيءَ راجا کي چيو تہ جيڪڏهن ايڪادشي ورت جو تياڳ ڪرڻ نٿو چاهين تہ پنهنجي پٽ کي پنهنجي هٿن سان ماري ختم ڪر. راجا ايڪادشي ورت رکڻ جي نيم تي قائم رهيو. اُن راڻيءَ سان ڪيل قول کي نڀاهڻ لاءِ هن پنهنجي پٽ کي مارڻ لاءِ گھرايو. جڏهن ئي هن نورچشم ٻچڙي کي مارڻ لاءِ وار ٿي ڪيو تہ ڀڳوان ڪيس ساڪيات درشن ڏيئي سپتر کي مارڻ کان روڪي ڪيس ڪرتارٿ ڪيو. راجا پنهنجي نيم تي قائم رهيو تہ ڀڳوان بہ سندس سڌانتن جي رڪشا ڪري ڪيس درشن ڏنو.

پريميو! توهان بہ پنهنجي سڌانتن تي محڪم رهو. پنهنجي ساڌنا پٿ تي هلندي جيڪڏهن ڪا وپدا اچي تہ پربوءَ کي پرارٿنا ڪريو. پرماتما توهان جي اچي سهائتا ڪندو.

١٥ آگسٽ سوامي جن سينگاپور ۾ پڌاريا. اُتي پياري رام ڇٻاڻي، ڀيڻ اندرا منگھارام، ڀيڻ اندرا ڏيئلداس ۽ ٻين پريمن سوامي جن جو سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن سنڌو ڪلب ۽ ڀيڻ اندرا منگھارام جي گھر جدا جدا ڏينهن تي ٣٠ آگسٽ تائين ستسنگ پروچن ڪيو.

هڪ ڏينهن پوڄنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو:

دیا دل ۾ راکيئي، تون ڪيؤن نرديہ هوئہ،
سائين کي سب جيوَ هئن، ڪيڙي ڪنجر سوئہ.

پريميو! توهان مان ڪيترن جون دليون ديا کان خالي آهن. ديا کان سواءِ ماڻهو ڪسائي آهي. پکين پسن اناٿن اپاهجن مسڪينن محتاجن تي ديا ڪريو. توهان مان ڪيترا هنسڪ کاڌو کائين ٿا. اهو مها پاپ آهي. هنسڪ کاڌي کائڻ سان تندرستي هڪ طرف ٻڌي تي تہ ٻئي طرف ڪيترا ئي گگدام روز ڪسجن ٿا. اُنهن جي هتيا جو پاپ هنسڪ کاڌي کائيندڙن مٿان پوندو. ان ڪري توهان دل ۾ ديا ڌاري هنسڪ کاڌو نہ کائو. سڀني پراڻين تي ديا ڪريو.

هڪ جهنگل ۾ هڪ ڀيل استري - پرش رهندا هئا. هڪ ڏينهن سندس جهوپڙيءَ ۾ هڪ سنياسي مهاتما آيو. جهوپڙي تمام ننڍي هئي. استري - پرش اُن سنياسيءَ کي پوڄن ڪارائي آدر ستڪار ڪيو. هنن سوچيو تہ هن سنياسي سنت کي جيڪڏهن جهوپڙيءَ جي ٻاهر سمهاربو تہ متان کو جهنگلي جانور کيس کائي نہ ڇڏي. ان ڪري ان سنياسيءَ کي پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ سمهاري پنهنجي آرام ۽ حياتيءَ جو خيال نہ ڪري هو ٻئي جهوپڙيءَ جي ٻاهران سمهي پيا. رات جو هڪ شينهن آيو جنهن ڀيل ڀيلڻيءَ ٻنهي کي چنبو هڻي ماري لقمو بڻائي ڇڏيو. ڀيل ڀيلڻيءَ جي دل ۾ ڪيڏي نہ ديا ۽ اُپڪار جي ڀاونا هئي. هنن پنهنجي سک ۽ حياتيءَ جو خيال نہ ڪري سنت کي سکي ڪيو. ان ست ڪرم سبب ٻئي جنم ۾ ڀيل، راجا نل ٿيو ۽ ڀيلڻي راڻي دمينتي ٿي. ڪنهنجو بہ ڪيو وئرٿ ڪين ٿو وڃي. منش جيڪي ست ڪرم ڪري ٿو، ان ۾ سندس ئي ڀلائي آهي.

پريميوا توهان بہ دل ۾ ديا ۽ اُپڪار جي ڀاونا رکي ٻين کي سکي ڪريو تہ ڀڳوان توهانکي سکي ڪندو.

جاڪرتا ۾ پي. ٽي. بئنڪ سڪاپرا جي مالڪ شري ارجنداس دنيچند نانواڻيءَ پوڄنيہ سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ داس اوهان کي هڪ ايئرڪنڊيشنڊ ڪار ڀيٽ ڪرڻ چاهي ٿو. ڪرپا ڪري اوهان اُها ڪار سويڪار ڪريو. سوامي جن کيس چيو، 'پيارا ارجنداس! توکي ڌنيواد آهي جو تو ڪار جي آڇ ڪئي آهي، پر اسين ڪار ڇا ڪنداسين! شري ارجنداس وري بہ ساڳيو عرض دهرايو. تڏهن سوامي جن کيس چيو تہ جيڪڏهن تون اسان کي ڪار ڏيڻ چاهين ٿو تہ ان جي بدران سنڌونگر ۾ هلنڊڙ سوامي سروانند اسپتال لاءِ امبولنس گاڏي ڏي جا بيمارن لاءِ تمام اُپيوڳي ٿيندي. بيمار خوش تہ اسان خوش. پياري ارجنداس نانواڻيءَ سوامي جن جي آگيا موجب امبولنس جي خريديءَ لاءِ سوا لک روپيا سوامي جن کي ڀيٽ ڪيا.

پياري ارجنداس نانواڻيءَ سوامي جن جي سک سهنج لاءِ قرب وچان ڪين ڪار ڀيٽ ڪرڻ ٿي چاهي، مگر سوامي جن پنهنجي سک سهنج جو خيال نہ ڪري، بيمارن جي سهوليت جو خيال ڪيو. سنت ڪيڏا نہ ديالو ٿين ٿا. ڪين سديوَ ٻين جي سک جو خيال رهي ٿو.

٢٣ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن جاڪرتا ۾ آخرين ستسنگ ڪندي ڀاءُ شنڪر گوپ سامتاڻي، ماتا ڪرشنا سامتاڻي، پياري ارجنداس نانواڻي، دلپت ميرچنداڻي، رميش مرليڌر ڪرناڻي، ديپڪ مرليڌر ڪرناڻي ۽ ٻين پريمين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان جس جا ڀاڳي آهيو جو هت وديش ۾ رهندي بہ ستسنگ جي جوت جڳائي رهيا آهيو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن، سوامي ماڌوداس جهڙيون مهان وڀوتيون توهان کي ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيون.

ستگر پورن پائيا، هويا ڪارج راس،

اچي عرض ڪيائين ته وري پير ۾ سور شروع ٿيو آهي. ديا ڪريو ته ڏک دور ٿئي. سنت مشڪندي چيو، پڪو ڪوھ جي باس باسي ڪچو ڪوھ نهرائيندين، پوءِ ڪيئن سور لهندو؟ اُن واپاري سنت رامداس کي پرارٿنا ڪئي ته ديا جي درشٽي ڪريو، وري اهڙي غلطي ڪين ڪندس. سنتن جي ڪرپا سان اُن واپاريءَ جي پير جو درد دور ٿيو. هن اُتي پڪو کوھ نهرايو ۽ ويھ ايڪڙ زمين پڻ آشرم کي دان ڪيائين.

پريميو! پرماتما جي مندر ۾ يا ڪنهن سنت جي سامهون يا پنهنجي من ۾ پنهنجي اِڇا پورتيءَ جي لاءِ جيڪڏهن ڪا باس باسيو ٿا ته اُن کي ضرور پورو ڪريو نه ته باس نه باسيو.

۳۱ آگسٽ تي پوڄنيه سوامي جن جاڪرتا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ڀاءُ شنڪر ڳوپ سامتاڻيءَ جي گهر ۾ ۲۲ سيپٽمبر تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. هڪ ڏينهن سوامي جن اُتي ستسنگ جي مهما ڪندي چيو:

پورو پڳيه سي ملت هئه، سنتون ڪا ستسنگ،
ڪه ٽيئون جنھ سيوتي، مٽهن مستڪ انگ.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا ته اڳين جنمن جي پڇڻ جي پرتاب سبب، جيوَ کي سنتن جو ستسنگ نصيب ٿئي ٿو. انهن سنتن ستپرشن جي شيوا ڪرڻ سان ڀاڳ جون ريکائون به بدلجي سگهجن ٿيون، سنتن جو ستسنگ سدا سکدائي آهي. سنتن جو ستسنگ وئڪنٺ سمان آهي. ڪيترن سنتن ائين به فرمايو آهي ته رڌين سڌين کي ڇڏي به سنتن جو سنگ ڪجي. سنتن جي سنگ ۾ نرڪ به سرڳ بڻجي پوندو آهي. مورکن جي سنگ ۾ سرڳ به نرڪ کان وڌيڪ دکدائي ٿي پوندو آهي. پريميو! سڀ ڪجھ ڇڏيو، ڪوڙ ڪپٽ ڇل ڌوھ کي ڇڏيو، من جا ڇڏيو سڀيئي وڪار، پر سنتن جو سنگ نه ڇڏيو. مات پتا پٽ نارين ڇڏيو، محل منوهر ماڙيون ڇڏيو، ان ڌن جا ڇڏيو انبار، پر سنتن جو سنگ نه ڇڏجو.

ستسنگ سان گڏ سيوا ۽ اُپڪار جا ڪاريه ڪريو. تن من ڌن سان ٻين جي شيوا ڪريو. مانش جنم جي سارٿڪتا ئي سمرڻ ۽ شيوا ۾ آهي.

پڃڻ ۾ هڪ دفعي ايڪناٿ وٽ اڌ رات جو چار برهمڻ آيا. برسات جي مند هئي. ايڪناٿ پنهنجي پتنيءَ کي ڀوڄن تيار ڪرڻ لاءِ چيو. پتنيءَ چيو، 'ڀوڄن تيار ڪرڻ لاءِ سڪيون ڪاٺيون ڪين آهن.' ايڪناٿ پنهنجي سمهڻ واري کٽ ڀڃي ڪاٺيون پتنيءَ کي ڏيندي چيو ته هاڻي هڪدم ڀوڄن تيار ڪر، جيئن آيل برهمڻ ڀوڄن ڪري آرام ڪن. سنت ايڪناٿ پنهنجي کٽ ڀڃي براهمڻن کي ڀوڄن ڪرايو. سندس من ۾ ڪيڏي نه اُپڪار جي ڀاونا هئي. سنت ايڪناٿ کيت مان ڪمند وڪري لاءِ کڻي ايندو هو. رستي تي ڪيترا ٻالڪ هنڪان ڪمند گهرندا هئا. هو ڌنڌي ڪمائيءَ جو خيال نه ڪري ٻارن کي مفت ڪمند جون ڇڙيون ورهائيندو ويندو هو. ست پرشن کي ٻين کي خوش ڪرڻ ۾ ئي خوشي حاصل ٿئي ٿي.

ڌرم جو پالن ڪن ٿا.

سنت نہ صرف اهنسا، ديا، پريم جو پرچار ڪندا آهن، پر انهن گڻن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيندا آهن. ٻين کي سکي ڪرڻ لاءِ پاڻ دکہ سهندا آهن. ورڌمن مهاوير جو شش ميتاريہ بکيا وٺڻ جي خيال کان راج گرهہ ۾ ويو. اُن جي ٻاهر راج گرهہ جو سونارو سونا گهٽا ناهي رهيو هو. سندس پاسي ۾ سون جا ننڍڙا ننڍڙا داڻا پيا هئا. آيل سنت کي بکيا ڏيڻ جي خيال کان هو هڪدم اُٿي پوڄناليہ ۾ ويو. پوئتان هڪ پکي اُن سون جي داڻن کي اَن جا داڻا سمجهي، ڇهنب ۾ کڻي وڃي پاسي واريءَ ٻِت تي وينو. اُن سنت اهو نظارو ڏٺو. هيڏانهن سونارو سنت لاءِ سيڌو کڻي واپس آيو تہ ڏسي تہ سون جا داڻا غائب آهن. هن کي هڪدم سنت ۾ شڪ پيو تہ هن ئي اهي سون جا داڻا چورايا آهن. بنا سوچڻ جي اُن سنت کي چيو تہ تو ئي سون جا داڻا چورايا آهن، هڪدم واپس ڪر. سنت چيو تہ جيڪڏهن ڪيس ٻڌائيندس تہ ٻِت تي وينل پکيءَ اهي داڻا ڇهنب ۾ کڻي ويو آهي تہ هي پيارو اُن پکيءَ کي پٿري ماري ڇڏيندو. اُن پکيءَ جي جان بچائڻ لاءِ اُهو سنت شانت ۾ رهيو. سوناري سمجهيو تہ پڪ ئي پڪ سون جا داڻا اُن سنت وٽ آهن. هن اُن سنت کي خوب مار ڏيئي ٻڌي ڇڏيو. ٻن ٽن پهرن کان پوءِ ساڳئي پکيءَ اُتي وِشٽا اڇي ڪئي. سوناري پکيءَ کي وِشٽا ڪندو ڏسي وٽي ڪيس اُڏايو. سونارو ان پکيءَ جي وِشٽا ۾ سون جا داڻا ڏسي عجب ۾ پئجي ويو ۽ هن هڪدم اُن سنت کان معافي ورتي، اٿو ڪاڏو ڪوئي، مار پيئي گابي تي. سنت ڪمياشيل ٿيندا آهن. حقيقت ظاهر ٿي. ڪيترا دشٽ ماڻهو بنا سوچ ويچار جي سنتن جي نندا ڪندا آهن، کين ڪشٽ ڏيندا آهن پر سنت مشڪي مشڪي دکہ سهندا آهن. ٻين کي سکي ڪرڻ ۾ ئي کين آنند ايندو آهي. جيڪڏهن بروقت ئي اهو سنت سوناري کي ٻڌائي ها تہ اهي سون جا داڻا پکي کڻي ويو تہ پکيءَ کي هو جيئرو نہ ڇڏي ها. پکيءَ جي جان بچائڻ لاءِ سنت پاڻ سوُر سٺا. هڪ هڪ سنت آهي سهنشيلتا، ديا ۽ اهنسا جي ساکيات تصوير. پريميو! توهان بہ جيون ۾ پريم، اهنسا، ديا ۽ سهنشيلتا جي ساکي ڏيو.

٢٧ سيپٽمبر ٻئنڪاڪ ۾ آخرين ستسنگ ڪندي پوڄنيہ سوامي جن چيو:

جو جن گر کي شرن لي، سمري هري ڪا نام،
تانڪو مايا نا لگي، ڪهتا ٽيئونرام.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا تہ جيڪو منش ستگروءَ جي شرن وٺي ڀڳوت ڀڄن ڪري ٿو، تنهن کي مايا ڏنگي نہ سگهندي. پريميو! توهان بہ ستگرن جي شرن وٺي، اُنهن کان نام دان وٺي نام سان نينهن لڳايو تہ توهان ٽنهي دکن (آدي، وياڌي، اُپاڌي) کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا. دنيوي اِڇائون پوريون ٿيڻ جون کين آهن. واسنائون جيوَ کي ڀٽڪائين ٿيون. ان ڪري واسنائن جي وڪڙ ۾ وڪوڙجي نہ وڃو. سنساري جوابداريون پوريون

کھ ٿيئون منگل پيا، ٿوٽي جم کي ڦاس.

نت نيم ستگرو مهاراج جي امولھ ھاٽي پريم پرڪاش گرنٿ جو پاٺ ڪريو. اُن ۾ سمايل سندر سکيائن جي پيروي ڪري مانش جنم سڦل ڪريو. ڊاڪٽر جي ڏنل دوا جڏهن پيئبي، تڏهن ئي اُن جو اثر ٿيندو. صرف دوا وٺي اچڻ مان فائدو ڪين ٿيندو. گرن جو ڏنل گرو منتر ور ور جپيو. جيون ۾ نام سمرڻ ۽ سيوا اُپڪار جي ساکي ڏيو.

هڪڙي گروڪل ۾ ٽي وديارٿي پڙهندا هئا. ٻن سالن جي پڙهائيءَ کان پوءِ سندن گروءَ پستڪن جي گيان جو امتحان ورتو ۽ ٽيئي ڄڻا پاس ٿيا. سندن گروءَ ڪين چيو باقي هڪڙو امتحان توهان کان وٺڻو آهي. ائين ڪندي ڏھ ٻارهن ڏينهن گذري ويا. ششن گهر وڃڻ لاءِ گروءَ کان موڪلايو. گروءَ ڪين آشيرواد ڪندي گهر وڃڻ جي موڪل ڏني. هي ٽيئي شش سوچڻ لڳا تہ گروءَ اسان کان پڇاڙيءَ جو امتحان وٺڻ ٿي چاهيو، پر امتحان ڪين ورتائين.

ٽيئي شش گروءَ کي پرڻام ڪري گروڪل مان ٻاهر نڪتا. رستي تي ڪافي ڪنڊا پيا هئا. اُنهن مان ٻہ شش ڪنڊن وارو رستو ڇڏي پاسي کان هلندا هليا ۽ باقي هڪ شش رستي تان ڪنڊا ڪٽي رستي کي صاف ڪرڻ لڳو. سندس ساٿين چيس تہ تون ڇو ٿو وينو ڪنڊن وارو رستو صاف ڪرين؟ پاسو وٺي اسان وانگر هليو اچ. اُن شش وراڻيو ٻهن رستي تان ڪيترن کي لنگهڻو پوندو. ڪنڊن هئڻ سبب راهگير رستي تان ڪيئن هلي سگهندا، هلندا تہ ڪين ڪنڊا لڳندا ۽ ڪين ڪشٽ ٿيندو. انڪري مان هي ڪنڊا پاسيرا ڪري رستو صاف ڪري رهيو آهيان.

ائين ڪندي پريان سندن گروُ آيو، جنهن سمورو نظارو ڏٺو. هن پريان ٽنهي ششن کي سڏ ڪري چيو تہ توهان مان هي شش جنهن رستي تان ڪنڊا پاسيرا ڪري رستو صاف ٿي ڪيو، اُهو امتحان ۾ پاس ٿيو آهي باقي توهان ٻئي ڄڻا پريکشا ۾ ناپاس ٿيا. پڙهائيءَ جو اُديش آهي نہ پيٽ پالڻ، پر نسوارٿي ٿيڻ، پراُپڪار جا ڪم ڪرڻ، ٻين جي ڀلي جا ڪم ڪرڻ. ٻئي جو دک پنهنجو دک سمجهي اُن دک کي دور ڪرڻ. هي پيارو ڪيئن نہ سيني راهگيرن جو خيال ڪري ڪنڊا پري ڪري رستو صاف ڪري رهيو آهي. ان ڪري هن جي پڙهائي سڦل، توهان ٻئي امتحان ۾ اسڦل ٿيا.

پريميو! ستگرن جون سکيائون نہ صرف پڙهو، پر اُن تي عمل ڪريو تہ توهان بہ سڦلتا جو سهرو ٻڌندا.

٢٢ سيپٽمبر سوامي جن بئنڪاڪ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٧ سيپٽمبر تائين ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

سدا ڪرپال دکہ هرن، ٻئر پاؤ نهين دويہ،
کميا گيان ست پاکهين، هنسا رهت جو هويہ.

سنت سدائين ٻين جو دکہ دور ڪرڻ لاءِ وير پاؤ جو تياگہ ڪري کميا ستيہ وچن اهنسا

آيو ته ڪيس بمبئي ۾ فون تي سندس ڪڪيءَ جي مڱڻيءَ جو سماچار مليو. پرڀٽ ئي پرڀوءَ ۽ ستگرو مهاراجن سندس ڪم راس ڪيو.

داس جي وڏي ڪڪيءَ جو ڪم به پاڻ ئي راس ڪيائون. داس ستسنگ ۾ وينو هو. نماشام جو ستسنگ پورو ٿيو. داس سوامي جن جي ستسنگي اننيه پريمي شري موٽومل ڪيراجمل چاندواڻيءَ سان پنهنجي وڏي ڪڪي درگا جي ڳالهه چوري مس ته اُتي جو اُتي بنا چوڪري ڏسڻ جي شري موٽومل چاندواڻيءَ ها ڪئي پر شرط وڌائين ته مڱڻيءَ جي موقعي تي واڌائيءَ ۾ هڪ پاءُ مصري، انين آني وارو رومال ۽ هڪ ناريل وٺنداسين. مان هڪدم پوجنيه سوامي جن وٽ ڪيس وٺي ويس ۽ سربستو احوال ڪيم. پوجنيه سوامي جن چيس 'پيارا موٽورام! توهان پهرين پياري ديال جي ڪڪي ڏسو، پوءِ پڪ ڪريو.' پاءُ موٽومل اهڙو وشواسي، جو سوامي جن کي چيائين، 'سوامي جي! جيڪڏهن چوڪريءَ ۾ ڪا ڪس پڪائي هوندي ته اوهان جي ڪرپا سان سڀ نيڪ ٿي ويندو.' سوامي جن جي ڪرپا سان ٻالڪيءَ درگا جو وواهه بنا ڏيتي ليتيءَ شري موٽومل جي سپتر ڪشورلعل سان ٿيو.

سوامي جن ۸ آڪٽوبر صبوح جو احمدآباد هوائي اڏي تي پهتا. سندن سواگت ڪرڻ لاءِ سوين پريمي گلن جا هار کڻي آيا. اُتان شاهي جلوس نڪتو، جنهن ۾ هزارين وديارٿين گلن جي ورکا ڪئي. ست نام ساکيءَ جي ڌني لڳائيندو جلوس امباواڙيءَ ۾ سماپت ٿيو. اُتان جي پريمين نشڪام سيوا ٽرسٽ ۽ پريم پرڪاش سيوا منڊل طرفان امباواڙي ۽ ڪبيرنگر جي وچ تي شاهي پلاٽ ورتو هو. جتي پريم پرڪاش آشرم پويه آستان نهرائڻ جي يوجنا هئي. اُن آستان تي سوامي اوڌوداس مهاراج جي ورسي اُتسوُ سنپنڊ ۾ ستسنگه ڪندي سوامي جن چيو ته سوامي اوڌوداس سان ننڍپڻ کان نينهن جو ناتو هو. اسان گڏجي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان گروُ منتر ورتوسي، سالن جا سال ستگرو مهاراجن جي سنگه ۽ سيوا ۾ گذارياسي. هن سنت جون انيڪ يادگيريون دل تي تري اچن ٿيون. گڏجي سنڌ هند ۾ نام جو پرچار ڪيوسي. پريميو! توهان به پرڀوءَ جي ملڻ جي پياس رکو. سنساري اِڇائون دکدائي آهن اِن ڪري دنيوي اِڇائن جو تياڳ ڪري پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ پريتن ۽ پرشارٿ ڪريو. ڌن دولت مال ملڪيت جي حاصلات لاءِ ڪيڏي نه محنت ڪريو ٿا. ايڏو اُدم پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ ڪريو ته توهان جو هي لوڪ ۽ پرلوڪ ٻئي سهيلا ٿين. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

راکو هر کي آس اِڪ، جگه کي آس نوار،
جگه آسا دک ديت هئه، هري آسا سک ڪار.

پوجنيه سوامي جن ۱۰ آڪٽوبر صبوح جو ڏهين بجي پريم پرڪاش آشرم جي شاهي عمارت جي بنيادي پٿر وجهڻ جي رسم ادا ڪئي. ان بعد اُن پوتر استان تي پوجنيه سوامي جن جو ۷۷ جنم اُتسوُ ملهايو ويو. شيوارام سڳنومل، شيوارام منگهنداس، ساجنداس انندرام،

ڪندي من جي ورتي مالڪ سان جوڙيو. هٺ جي بہ ڪريو تہ هريءَ جي بہ ڪريو. نت نيم ستسنگ ڪريو. ستسنگ دواران توهان کي چئني پدارٿن جي پراپتي ٿيندي.

ڪھ ٽيئون ستسنگ سي، ملت پدارٿ چار،
تانتي تم ستسنگ ڪر، نشچيہ من ۾ ڌار.

پريميو! توهان ڀڳوان کي سچي دل سان ياد ڪريو تہ پرماتما توهان سان انگ سنگ سهائي ٿيندو.

٢٨ سيپٽمبر اڌ رات جو پوڄنيہ سوامي جن وديش ياترا پوري ڪري بمبئي هوائي اڏي تي واپس آيا. سوَن پريمين سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. صبوح جو ٨ بجي پريم پرڪاش منڊلي ڀاڳيہ نگر ماٽونگا بمبئيءَ ۾ سوامي جن ستسنگ ڪيو. ١٢ بجي منجهند جو سوامي جن الهاسنگر آشرم ۾ آيا. سوَن پريمين ستگرو مهاراجن جو اپينندن ڪيو. شام جو ستسنگ ۾ ستگرو مهاراجن وديش ياترا جو حال احوال ڏنو.

٣٠ سيپٽمبر سوامي جن جو ٧٧ جنم دن جنتا جناردن پريشد جي سهاري آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو شري پريم پرڪاش گرنٿ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي ڀوڳ کان پوءِ هوَن يگيہ ڪيو ويو. سوامي جن ايائي سؤ سفيد پوش پينرن کي روڪ سهائتا، چادرون ۽ ڪنبل جا پاڪيٽ ڏنا.

شام جي ستسنگ ۾ ڪيترن ئي شرڌالن پوڄنيہ سوامي جن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ داس جي توهان جيڪا مهما ڪئي آهي، اهو سڄو شريہ ستگرو مهاراجن کي آهي. پرماتما جي ڪرپا، ستگروُ سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگروُ سوامي سروانند مهاراجن جي آسيس ۽ توهان سڀني ستسنگين جي سهڪار سان ئي سماج شيوا جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. ستگروُ مهاراج فرمائين ٿا:

نچ ڪو ڇوٽا مان ڪي، سب ڪو دي سنمان،
سهنشيلتا ڌارمن، ٽيئون پاڪليان.

پريميو! جيڪڏهن جيون ۾ اُنتي ڪرڻ چاهيو ٿا تہ نماڻا ٿيو، ٻين کي عزت ڏيو، من ۾ سهنشيلتا ڌارڻ ڪريو. اُنهن گڻن سان توهان جو ڪلياڻ ٿيندو. نت نيم پرارٿنا ڪريو ۽ پرماتما جي ڏني مان ڪجھ دکين دريدرن اپاهجن کي ڏيو. ڏيڻ ۾ ئي آنند آهي. پکين پسن کي پيار ڪريو. مانس شراب جو تياڳ ڪريو.

سوامي جن پنهنجي پيارن جا ڪم پاڻ پيا ڪن. جالنا ۾ رهندڙ ڀاءُ منگھنمل سنڌونگر ۾ پوڄنيہ سوامي جن وٽ آيو. سندس ڪڪيءَ جي مائٽي سندس شهر ۾ هلي رهي هئي. هن پياري سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ نياٽيءَ تي آسيس ڪريو جئن سندس مڱڻو ٿي وڃي. سوامي جن چيو: 'پيارا! ستگرو مهاراجن جي مورتيءَ کي مٿو ٽيڪي وڃ. ايشور ڀلي ڪندو. منگھنمل سوامي جن جي آگيا انوسار مٿو ٽيڪي سوامي جن کان موڪلائي بمبئيءَ

جنتا جناردن پريشد جي طرفان سنڌونگر ۾ ۹ لکن روپين جي لاڳت سان سوامي شانتي پرڪاش ٻڍا آشرم جي نئين عمارت نهرائي ويئي. ۳۰ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو ۱۰ بجي ان مهورتي اُتسوَ جي سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ٻڍا آشرم جي نئين ٻون ۾ پڌاريا. اُن موقعي تي پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ ان نئين عمارت جو مهورت ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ۽ دادا جن ڪيڏي نه قرب سان مليا، اُهو درشيه ڏسڻ وٽان هو. ٻڍا آشرم جي مندر جي هال جو نالو دادا جشن پرارٿنا هال رکيو ويو. ان مندر جو مهورت پوڄنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪيو. مهورتي اُتسوَ جي وڏيڪ ڪاروائي سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۾ هلائي ويئي، جتي هزارن جي تعداد ۾ پريمي شريڪ ٿيا. شري ڪشنچند ٽي. شهاڻي، ٻئريسٽر شري هوتچند گوپالداس آڏواڻي، پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي، ڀيڻ ساوتري هوتچند آڏواڻي، ڀاءُ وڪيومل شراف، پوڄنيه سوامي جن جي پراُپڪاري ڪارين جي پرشنسا ڪئي.

ڊاڪٽر ديال آشا جنتا جناردن پريشد جي جدا جدا ڪارين ۽ ٻڍا آشرم جي ڪاريه تي روشني وجهندي دادا جشن واسواڻي ۽ آيل مهمانن جي واقفيت ڏني. ڀاءُ سياڳچند چاولا ۽ شري هيرالعل سينداساڻي، پوڄنيه سوامي جن، پوڄنيه دادا جشن واسواڻي ۽ آيل مهمانن جو سواگت ڪيو.

پوڄنيه دادا جشن واسواڻي مهورتي تقرير ۾ چيو ته مون لاءِ ڪي اکر چيا ويا، مان اُنهن اکرن جي لائق ڪين آهيان. آسيس ڪريو ته پڇاڙيءَ تائين توهان پيارن جو داس ٿي رهان. هن سندر اُتسوَ ۾ شامل ٿي مونکي ڪيڏي نه خوشي ٿئي ٿي. پرم پياري سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اڳيان ويهي مونکي ڪيڏي نه آسيس ملي آهي. اوهان سڀاڳا آهيو جو اُن نگر ۾ رهو ٿا جنهن نگر ۾ پريوءَ جو پيارو، اسان سڀني جو پيارو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج رهي ٿو. هيءُ پيارو سادگي، سيوا ۽ ستيه جي صورت آهي، پريم ۽ محبت جي مورت آهي. نينهن وارو آهي، نماڻو آهي. منهنجي روح جو راڻو آهي. هيءُ سنت ڪيڏي نه شيوا ڪري ٿو. توهان ڀرين مونکي دشالو وڌو. اُن وقت ئي مونکي خيال آيو ته اهو دشالو مان سوامي جن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکان.

جنتا جناردن پريشد کي به ڌنيواد ڏيان ٿو جا سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان ڪيڏا نه شيوا جا ڪم ڪري رهي آهي. جناردن پريشد سنڌي قوم جو شان آهي. ڪٿي به ٻوڏ پوي، ڪٿي به سوڪ ٿئي، ڪٿي به شيوا جي گهرج هجي ته اُتي جنتا جناردن پريشد جا سيوڪ وڃي شيوا ڪن ٿا. اڄ هيءَ پريشد پوڄ سوامي جن جي نالي ٻڍا آشرم هلائي رهي آهي. اُڏگهاٽن ڪرڻ وقت مون پريوءَ کي پرارٿنا ڪئي ته اسان جي قوم تي اهڙي آسيس ڪر ته ٻين ٻڍا آشرمن کولڻ جي ضرورت نه پوي. هڪ وقت هو، جو ڀارت ورش ۾ ٻڍا گهرن جي ضرورت ڪين سمجهي ويندي هئي. ڇو ته هڪ هڪ ٻالڪ پنهنجي

دولترام واسومل آڏارڻي، سنتومل پهومل ۽ ٻين پريمين سوامي جن جو سواڳت ڪندي سندن ڪرم يوڳي جيون تي روشني وڌي. ان موقعي تي ڊاڪٽر ديال آشا پشپانجلي ڏيندي چيو تہ سوامي جن جي جيون ۾ ڀڳتي گيان ۽ ڪرم جو سندر سمنويہ آهي. سندن پريرڻا پرشارٿ سان ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ ڪيترائي شيوا جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. اُميد تہ سوامي جن جي آشيرواد سان هي آشرم پڻ ڀڳتي ۽ شيوا جو مرڪز ٿي رهندو. ديال آشا ان آشرم جي اڏاوت لاءِ دانويرن کي اپيل ڪئي. پوجنيہ سوامي جن هڪ لک روپيا ۽ ٻين ڪيترن شرڌالو پريمين پڻ ان ڪاريہ لاءِ هٿ ڍگهيرڻ جي پڌرائي ڪئي.

پوجنيہ سوامي جن ڪاريہ ڪرتائن کي ڏنيواد ڏيندي چيو تہ توهان هن آسڻ تي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر نهرائڻ جي جا رٿا رٿي آهي، اُن لاءِ توهان کي جس هجي. پنهنجي لاءِ هرڪو بنگلا ماڙيون عاليشان عمارتون اڏائي ٿو، پر توهان ستگرو مهاراجن جو سندر آسڻ نهرائڻ جي، جا يوجنا ناهي آهي ان لاءِ توهان ڌنيواد جا پاتر آهيو. هن اسڻ تي نت نيم ستسنگ ٿيندو. سوين سنت ساڌو اچي ڀڳتي گيان جي گنگا پرواهت ڪري هزارين منشن جي راهہ روشن ڪندا.

توهان اڄ داس جو جنم ڏن ملهايو آهي. ارڻات اڄ مان ٻار آهيان. سنگت ۾ صاحب ٿيندو آهي. اُن ڪري داس کي گڏجي آسيس ڪندا تہ ستگروُ سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي سکيائن ۽ سڌانتن تي هلي وڏيڪ وڏيڪ خلق خدمت جا ڪاريہ ڪندو رهان. نام جپيان ۽ نام جپائيندو رهان.

١٥ آڪٽوبر سوامي جن جلگانو ۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب ۽ سنت هرداسرام جي ورسي اُتسوُ سنبنڌ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ١٥-١٦ آڪٽوبر ستسنگ پروچن ڪندي ڀڳت ڪنوررام صاحب ۽ سنت هرداسرام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

پوجنيہ سوامي جن جلگانو مان واپس ٽرين ۾ سنڌونگر اچي رهيا هئا، جڏهن ٽرين منماڙ اسٽيشن تي اچي پهتي، اُن وقت پوجنيہ سوامي جن کي اک لڳي وئي. اسٽيشن تي ڪيترائي پريمي پوجنيہ سوامي جن جو درشن ڪرڻ آيا. سنت ديو پرڪاش ۽ ڀاءُ پريداس واڌوا پريمين کان آندل پرسادي وني رکي. ٽرين هلڻ لڳي تہ ڪن پريمين سوامي جن جي جئڪار جئڪار منائي. پوجنيہ سوامي جن جي اک کلي پئي ۽ پڇيائون تہ ڪهڙي اسٽيشن آهي. ڪين ٻڌايو ويو تہ منماڙ اسٽيشن آهي. ڪيترائي پريمي اوهان لاءِ پرساد ڏئي ويا آهن. سوامي جن چيو تہ پيارا آيا درشن لاءِ، پرساد جي ڪهڙي ڳالهہ! ٽرين آهستي هلڻ لڳي. سوامي جن چيو گهبرايو نہ، ٽرين وري بيهندي. سوامي جن جو ائين چوڻ ۽ هلندڙ گاڏي وري پليٽفارم تي بيهجي وئي. آيل سڀني پريمين سوامي جن جو درشن ڪيو ۽ سندن آسيس ورتي. سوامي جن پلؤ پاتو پوءِ ٽرين هلي. ستگرو مهاراج پريمين کي ڪيڏو نہ پيار ڏيندا هئا. پياسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ سندن اٽل ارادي سان ٽرين رڪجي وئي.

ڪيون آهن. ايتري قدر جو مٺائي به نه ورتائين. سندس پاءُ دولترام به پنهنجي پٽن کي بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪرائي. اُنهن پنهي پيارن کي ڌنيواد آهي. اهڙا مثال اسانجي جاتيءَ ۾ پئدا ٿيڻ گهرجن.

پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ان موقعي تي ’خوش رهن شل شيواڌاري‘ ڀڄن ڳائيندي چيو ته آشيرواد ڪرڻ گهرجي شيواڌارين تي، اُهي خوش هوندا ته چڱيءَ طرح شيوا ڪري سگهندا. اڄ اُنهن پيارن کي پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن جي آشيرواد آهي، جي تن من ڌن ۽ واٽيءَ سان شيوا ڪري رهيا آهن. مان ته اُنهن پيارن کي به ڌنيواد ڏيان جي ٻڍڙن ٻڍڙين جو منهن ڏسڻ اچن ٿا. اهي ٻڍڙا اسان جا ابا ڏاڏا آهن. اُنهن جي سار لهڻ اسانجو فرض آهي. وارو ڀارو آهي. جي حياتي آهي ته هرڪو ان اسٿتيءَ تي پهچندو. جيڪي به سڄڻ جدا جدا ڪيترن ۾ خلق جي خدمت ڪري رهيا آهن، سي ڌنيواد جا پاتر آهن.

اڪه ڪان پڇن ٿا ’اڙي اڪرا پير ۾ ڪنڊو لڳي ته روئين تون، پيٽ ۾ ڏاڍو سور پوي تڏهن به روئين تون. ڪابه مانسڪ پيڙا ٿئي يا شاريرڪ پيڙا ٿئي ته تون هڪدم روئي پوين. اها تنهنجي ڪني عادت آهي.‘ اڪه وراڻيو، ’مان ماڻهن جي راهه روشن ڪريان ٿي. منهنجي دواران هي سارو سنسار ڏسي سگهن ٿا. گيان وگيان حاصل ڪري سگهن ٿا. مان ٻين جي پيڙا ڏسي روئان ٿي، چاڪاڻ ته مون ۾ ديد آهي. شرير جي ٻين انگن ۾ ديد آهي ئي ڪونه، ته هو ڪيئن روئندا. اُنهن تي ڪهڙي ميار!‘ ديد واري انسان جي دل ۾ درد ۽ همدردي ٿيندي آهي. اسانجو پيارو دادا جشن به ديد وارو درويش آهي. پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي دکين دريدرن جي شيوا ڪري رهيو آهي. هزارن کي پريوءَ جي راهه ۾ جڪي رهيو آهي، محبت جي مورت نمرتا جي صورت آهي.

شيش نانگ ڌرتيءَ کي جهلي بيٺو آهي. سڀيئي ديوتائون روز ڪيس نمسڪار ڪندا آهن. هڪ دفعي ڪن ديوتائن ڪيس چيو ته ڇا تون ڪو گهوڙو آهين يا گڏهه آهين جو ڌرتيءَ جو هيڏو ٻوجهو جهلي بيٺو آهين. تڏهن شيش نانگ وراڻيو:

شيش ڌرني سر ڌري نهين ڪڇ اپنا ڪاڄ،
پرمارٿ کي ڪارني موهه نه آوي لاڄ.

ديوتائوا مان ٻين جي ڀلي لاءِ هيءَ ڌرتي جهلي بيٺو آهيان. پنهنجو ڪوبه سوارٿ ڪونهي. توهان ڀلي مونکي گهوڙو سڏيو يا گڏهه سڏيو، مان ڌرتيءَ جو بار جهلي بيهندس.

ديوتائن شيش نانگ جي اها وارتا ٻڌي چوڻ لڳا ته تون ڌنيه آهين. اڄ کان وني اسين سڀ تنهنجي اُپاسنا پوڄا ڪنداسين. ان ڏينهن کان ديوتائن شيش نانگ جي پوڄا آرنڀ ڪئي ۽ اُهو ڏينهن هر سال نانگ پنچميءَ جو ڏينهن ڪري ملهائبو آهي. ڪوبه نئون مڪان، گهر يا دڪان ٺهرابو آهي ته چانديءَ يا ٽامي جي شيش نانگ جي پوڄا ڪري عمارت جي بنياد ۾ اُها رکبي آهي. شيش نانگ سڄي ڌرتيءَ جو بار جهلي بيٺو تڏهن ته اُن جي

ماتا پتا، وڏڙن جي شيوا ڪرڻ پنهنجو پهريون فرض سمجهندو هو. هن وقت اسانجي قوم جي ڪهڙي؛ حالت آهي! هڪ ودوان جدا جدا قومن جو اڀياس ڪري لکيو آهي ته جا قوم زواليت ڪي پهچي ٿي، اُن جي هڪ نشاني اها آهي ته اها قوم برڊ اوسٿا وارن جي سنڀال نٿي لهي. ماتا پتا جي شيوا ڪرڻ اسان جو فرض آهي. مان سامهون پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي تصوير ڏسان ٿو ته ياد اچي ٿي ته دادا جڏهن هڪ وڏي ڪاليج جو پرنسيپال هو ته هڪ ڏينهن سندس ماتا کيس چوي ٿي ته 'پٽ، ڪٽ جي نوار ڍلي ٿي ويئي آهي پڃيوالي کي چئه ته نوار چڪي وڃي.' دادا بروقت ئي پنهنجو ڪوٽ لاهي ڪٽ جي نوار چڪي ٿو، تڏهن ماتا کيس چوي ٿي، 'تون منهنجو صاحب پٽ، اهو ڪم تو پڃيوالي کي چو نه چيو؟' تڏهن دادا ماتا کي چيو ته، 'امي، مان تنهنجو پڃيوالو ڪين آهيان.' جڏهن اڄ جي جوانن جي مک مان ان قسم جا لفظ نڪرندا، تڏهن ئي اسانجي قوم وري چڙهندي. اڄ اسان جي قوم وٽ پئسو برابر گهڻو آهي، پر برڪت ڪين آهي. اُن جو ڪارڻ، جو ماتا پتا جي آسيس ورتي ڪين ٿي وڃي. اسين روز پنهنجي ماتا پتا جي آسيس وٺون. پونا جي ميران اسڪول جي ٻالڪين کي اها سکيا ڏني وڃي ٿي ته روز صبوح جو پنهنجي ماتا پتا جا چرڻ ڇمي آسيس وٺو.

چين ۾ هڪ مهاپرش ڪانفيوشس ٿي گذريو آهي. سندس زماني ۾ چين ۾ رواج هوندو هو ته جڏهن ماتا پتا ٻڍڙو ٿيندو هو ته اُن کي نديءَ ۾ ٻوڙي ايندا هئا. هڪ دفعي ڪانفيوشس رستي تان پنڌ پيو ڪري ته هن هڪ نوجوان کي ڏٺو جو پنهنجي ٻڍڙي پيءُ کي ڪيڏانهن وٺي پئي ويو. تڏهن ڪانفيوشس هن نوجوان کان پڇيو ته تون پنهنجي پيءُ کي ڪيڏانهن وٺي وڃي رهيو آهين؟ اُن جوان وراڻيو ته 'منهنجو هيءُ پيءُ هاڻي بيڪار ٿي ويو آهي، سڄو وقت پيو ٿو کنگهي ان ڪري ملڪ جي رواج موجب مان کيس وڃي ٿو سرن درياهه ڪريان.' اهو ٻڌي ڪانفيوشس کيس سمجهائيندي چيو، 'اي نوجوان، تنهنجو به اهڙو وقت ايندو، تون جڏهن ٻڍو ٿيندين ته تنهنجو پٽ به توکي ٻوڙي ايندو. تون ويچار ڪر ته اها روايت برابر آهي يا غلط؟' اُن نوجوان جي ويچارن ۾ ڦيرو اچي ويو. ڪانفيوشس جي ويچاردارا ۽ اُن نوجوان جي من ۾ آيل پريورتن سبب سڄي چين ۾ ڦيرو اچي ويو. ٻڍڙن ماءُ پيءُ کي نديءَ ۾ ٻوڙڻ جو رواج بند ٿيو ۽ سيني انجام ڪيو ته اڄ کان اسين ماتا پتا کي ٺاڪر ڪري پوڄينداسين.

قوم جي ڳراوٽ جي ٻي نشاني آهي ڇوڪرين جي عزت نه ڪرڻ. اڄ نياڻيون نير وهائي رهيون آهن. سندن ماتائون کين شينهن کلهي چاڙهڻ لاءِ پئسن جون ٿيلهيون ڪٺي پيئون ٻڌڪن. ڏيتي ليتيءَ جو مرض وڃي پيو وڌندو. نياڻين سان اتياچار ٿي رهيو آهي. اُنهن جون آهون ۽ دانهون قوم کي ڪيرائينديون. مونکي خوشي آهي جو هت توهان مان کي پيارا آهن، جيڪي ڏيتي ليتيءَ جو تياڳ ڪري رهيا آهن. مونکي ٻڌايو ويو آهي ته هت وينل شري موٽومل چاندواڻيءَ پنهنجي پٽن گهنشيام ۽ ڪشورلعل جون شاديون بنا ڏيتي ليتيءَ

ڀڳوان جي راز کي سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ منهنجا دشمن ڏنيہ آهن، جن کي ڀڳوان درشن ڏنو.

پريميو! توهان بہ جيڪڏهن هڪ چت ٿي پرڀوءَ جو ڀڄن ڪندا تہ پرماتما توهان جا ڪم پاڻ اچي پورا ڪندو.

ڀڳتان ڪي ڪارج پريو آپ ڪلوئيا، هري ڪم ڪراون آيا رام

پوجنيہ سوامي جن ڀيڻ راڌي ڀڳونداس وسنداڻي جي گهر آديپور ۾ پڻ ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي آيل پريمين کي چيو تہ سيئي گيارسي پرساد کائي پوءِ وڃجو. ڀيڻ راڌا پوجنيہ سوامي جن جي پڌرائي ھڏي پھرين منجهي پئي تہ هن تہ صرف ٢٠-٢٥ ڄڻن جو گيارسي ڪاڏو تيار ڪيو آهي. سيئي پريمي گيارسي ڪاڏو کيئن کائي سگهندا. ڀيڻ راڌا پوءِ همت ھڏي پوجنيہ سوامي جن کان جل پڙهائي ڀنڊاري ۾ هنيو. ستگرو مهاراجن اهڙي برڪت وڌي جو آيل سنتن ۽ سيني پريمين گيارسي ڀوڄن ورتايو. اُن رات جو پوجنيہ سوامي جن تلسي لونگاڻيءَ جي گهر ۾ ستسنگ ڪيو ۽ گيارسي ڀوڄن ورتائي هوُ منڊليءَ سهت نارايڻ سر روانا ٿيا. پرڀات جو پنڄين بڄي پوجنيہ سوامي جن نارايڻ سرتيرٿ آسٽان تي پڌاريا. اُتي اشنان ڪري مندر ۾ ويا.

٥ نومبر سوامي جن شري ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ١٢ نومبر گوپ اشٽميءَ جي ڏينهن صبوح جو سوامي جن گئو ماتا جي مهما بابت پروچن ڪيو. اُن بعد سوامي جن سوين پريمين سان گڏجي گانين جي جلوس ۾ شريڪ ٿيا. ’ديش ڌرم ڪا ناتا هئہ گئو هماري ماتا هئہ‘ جا نعرا هڻندا آشرم ۾ واپس آيا. شام جو ٥ بڄي شري راڌي شيام گئوشالا ۾ وارشڪ اُتسوَ پوجنيہ سوامي جن جي پرڌان پڻي هيٺ ملهايو ويو. سوامي جن گئو شيوا جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو تہ گئو ڌن امولیہ اُتم ڌن آهي. اُن جي سُرڪشا ۽ شيوا ڪرڻ هر منشيہ جو ڪرتويہ آهي. پر افسوس! جو ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام جي هن پوتر ڀوميءَ تي هرروز هزارين گانيون ڪسجي رهيون آهن! اسان کي سرڪار کان زوردار طلب ڪري گئو - ڪوس تي بندش وجهائڻ گهرجي. شري نديرام ٺهلرام گئو شالا جي وارشڪ ڪاريہ تي روشني وڌي. سنت روپارام، سنت برهمداس پڻ گئو ماتا جي مهما بابت ويچار ظاهر ڪيا.

١٥ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگہ کان پوءِ سوامي جن سان هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا، شمشان ڀوميءَ ۾ آيا. سوامي جن اُتي پروچن ڪندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن خوب دان پنہ ڪريو. ساري رات ڀڳوان شري ڪرشن جو ڀڄن ڪريو. هن آسٽان تي اچي بہ جيڪڏهن توهان ۾ وئراڳہ ورتي پيدا ڪين ٿي تہ وئراڳہ ڀيو ڪٿي پيدا ٿيندو! هر ڪنهن کي ڪنهن نہ ڪنهن ڏينهن هت اچڻو آهي، اُن ڪري هت اچڻ کان اڳہ ستڪرمن جو توشو تيار ڪريو.

ايڏي اهميت آهي. توهان به تن من ڌن سان خلق خدمت جا ڪاريه ڪندا رهو. توهانجو هٿ ڪڏهن نه منجهندو.

شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ ٣١ آڪٽوبر ١٩٨٣ پوڄنيه سوامي جن هوائي جهاز رستي گانڌيڌام پڌاريا. هوائي اڏي تي سنت ڪنوررام منڊل طرفان سندن سواگت ڪيو ويو ۽ جلوس ڪڍيو ويو. سوامي جن ٻي ڏينهن اُتي ستسنگ ورڪا ڪندي ڀڳت ڪنوررام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڀڳت ڪنوررام سنڌ جي سنتن جو شرومڻي ڀڳت هو. هن وقت سنڌ هند ۾ جيترن هنڌ هن سنت جي ورسي ملهائي ٿي وڃي، ٻئي ڪنهن به سنڌي سنت جو ورسي ايترن هنڌ نٿي ملهائي وڃي. اهو سندس مهانتا جو ثبوت آهي. ڀڳت صاحب کي ڀڳت وڄندي جيڪي ڪجهه ملندو هو، سو اُتي ئي پراُپڪار جي ڪمن ۾ ڏيئي ڇڏيندو هو. منجهس تياڳ ڀاونا هوندي هئي. لُولن لنگڙن، منڊن، سورداسن ۽ اپاهجن جي ڪو شيوا ڪرڻ سکي ته ڀڳت صاحب کان. سندس ڀڳت ٻڌڻ لاءِ پريمي ڪوهن تان ڪهي ايندا هئا. هي صاحب سچو سنت هو. سوَن سوالين جا سوال پورا ڪيائين. پريميوا توهان کي به ڌنيواد آهي جو ڏاڍي اُتساهه ۽ اُمنگ سان ڀڳت ڪنوررام صاحب جو ورسي اُتسؤ ملهائي رهيا آهيو. توهان ڀڳت صاحب وانگر پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو ۽ پراُپڪار جا ڪاريه ڪريو. سنگرو مهاراج به سنتن جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

پراُپڪاري جڳت ۾، هئه اِڪ سنت سڄان،
ڪهه ٽيئون نت ديت هئن، سيڪو ڀڪتي گيان.

سنت پراُپڪار جي پرتيمورتي ٿين ٿا. هو ٻين کي ڀڳتي ۽ گيان جو دان ڏيئي راهه روشن ڪن ٿا. پريميوا توهان به ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرش جي شرڻ وٺو. اُن کان نام جو دان وٺي خوب نام جپيو.

ٻئي ڏينهن پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڀڳوان پاڻ اچي ڀڳتن جو سهائڪ ۽ رکشڪ ٿئي ٿو. ميڙتا رياست جو راجا جئمل نت نيم هڪ پهر سڀ ٽرٽا ڇڏي ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. هڪ ڏينهن اچا ڀڄن ۾ ويٺو مس ته وزيرن راڄ ماتا کي ٻڌايو ته دشمن اوچتو حملو ڪيو آهي، مهرباني ڪري راجا کي سوچنا ٻڌايو. ڀڄن جي وقت راجا وٽ وڃڻ جي منع هئي. راڄ ماتا اندر وڃي پٽ کي دشمن جي حملي جي خبر ٻڌائي. راجا اِشاري سان ماتا کي وڃڻ لاءِ چيو. راجا دشمن جي حملي جي ڪا چنتا نه ڪري پاڻ ڀڳوت ڀڄن ۾ تلين رهيو. هيڏانهن ڀڳوان سندس ڀڄن جي درڍتا ڏسي پاڻ راجا جئمل جو روپ ڌارڻ ڪري دشمن کي ڀڄائي ڪڍيو. ائين پنهنجي پياري ڀڳت جي رکشا ڪئي. هيڏانهن جڏهن راجا جئمل ڀڄن ڪري اُٿيو ته هن دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ، تياري ڪرڻ لاءِ وزيرن کي گهرايو. وزيرن چيو ته سائين، هاڻي اوهان دشمن جو مقابلو ڪري، کيس ڀڄائي واپس آيا آهيو ۽ ڇاجي ٿا تياري ڪريو؟ راجا جئمل

ٿيندو.

١٦ نومبر سوامي جن پونا ۾ سوامي چندنرام سوامي ٽيئونرام مندر ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگ ورکا کندي شري گرو نانک ديو جي جيون تي روشني وڌي. ١٩ نومبر سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. شام جو سوامي جن شري گرو نانک جنم دن سنبنڌ ۾ سندن جيون جون کي گهٽنائون ٻڌايون. رات جو پياري پهلي مل ککريجا جي برپا کيل گرو نانک ڀنڊار سنڌونگر ٢ ۾ سوامي جن سفيد پوشن کي کمبل ڏنا ۽ ستسنگ کيو. اُن بعد رات جو ساڍي ١٢ بجي جڳه بابا ڏام سنت برهمداس وٽ ستسنگ کيو. ان بعد سردار راجلسنگھ بنيجا وٽ سوامي جن ستسنگ کيو.

٣٠ نومبر سنڌونگر ٢ ۾ ڀائو پرسرام جهوليلعل ٽرسٽ جي سهاري ڊاڪٽر موديءَ اکين جي آپريشن جي مفت کئمپ لڳائي، جنهنجو مهورت پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کندي ڀائو پرسرام ۽ سندس ساٿين کي ڏنيواد ڏني جي هر سال مفت اکين جي کئمپ لڳائي سون دکين جي شيوا کن ٿا. سوامي جن ڊاڪٽر موديءَ کي پڻ آسيس کندي چيو تہ هي هڪ بجلي ڊاڪٽر آهي، کيئن نہ ٿوري عرصي ۾ کيترين ئي آپريشن کري ٿو. پرماتما کيس هٿ ۾ شفا ڏني آهي. هي پيارو کيئن نہ جدا جدا شهرن ۾ وڃي اکين جي بيمارن کي نئون نور بخشي ٿو. شل پرماتما کيس وڌي ۽ صحت واري آورجا بخشي جو دکين جي شيوا کندو رهي.

سوامي ٽيئونرام آشرم پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو وارشڪ اُتسؤ ٧ ڊسمبر کان ١٢ ڊسمبر ملهايو ويو. ٧ ڊسمبر سوامي جن سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسؤ جو آرنڀ کيو. منجهند جو ٣ بجي سوامي جن جي نيترتو ۾ ڀڳوان شري کرشن، ڀڳوان شري رام، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننداند مهاراجن جي جهانکين سان شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو. چار ئي ڏينهن صبوح شام پوڄنيه سوامي جن ۽ ٻين سنتن مهاتمائن امرت ورکا کئي. ١١ ڊسمبر پرڀات جو اُتسؤ جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سوامي جن چيو:

کبير سنگت ساڌ کي، هرءِ اور کي بياد،
بري سنگت اساڌ کي، جو آٺون پهر اُپاڌ.

پريميو! سنتن ستپرشن جو سنگہ توهان جا مڙئي مرض مٽائي ڇڏيندو. مورکن جي سنگت سدائين دکائي آهي. ان کري سنتن جو سنگہ کريو، کنهن نہ کنهن مهل توهان کي بہ رام جو رنگہ لڳندو. جنهنکي رام نام جو رنگہ لڳي ٿو، سو سڀاڳو آهي، اُن جي جيون سڃائي آهي. نام جو سمرڻ ئي اُتم ۾ اُتم کرم آهي. ٻيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو، پر نام نہ وساريو.

٢٠ ڊسمبر سوامي جن سنت پرڀارام جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي

سوامي جن ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن شام جو آشرم ۾ ستسنگ ڪندي ڀڳوان شري ڪرشن جو هڪ درشٽانت ٻڌائيندي چيو ته پريمي ڀڳت پريوءَ لاءِ نه صرف سڀ ڪجھ قربان ڪرڻ لاءِ تيار هوندا آهن، پر هو پنهنجي پريتم کي راضي رکڻ لاءِ پاڻ تي دک به هموار ڪندا آهن. ڀڳوان شري ڪرشن جون پٽ راڻيون برج گوپڪائن جو نالو ٻڌي نڪ موڙيندو هيون، ڪين پاڻ تي ايمان هو. ڀڳوان سندن گهمنڊ دور ڪرڻ لاءِ هڪ کيل ڪيڏيو. شري ڪرشنچند آنند ڪند پاڻ بيماريءَ جو بهانو ڪري ڌرتيءَ تي ليٽي پيو. اتين رشي نارد آيو ۽ اُن ڀڳوان کان پڇيو: پريو، توهان کي شاريرڪ ڪشٽ ٿيو آهي اُن جو علاج ڇو نه ٿا ڪريو؟ ٻڌايو ڪهڙو علاج ڦلدائي ٿيندو؟ ڀڳوان چيو، ’نارد، منهنجي پيڙا کي دور ڪرڻ لاءِ ڪنهن پريمي ڀڳت جي چرڻن جي ڌوڙ جي ضرورت آهي. رشي نارد شري ڪرشن جي راڻين کي چرڻ ڌوڙ ڏيڻ لاءِ چيو، جئن شري ڪرشن جي پيڙا دور ٿئي. راڻين خيال ڪيو ته شري ڪرشن اسان جو پتي آهي اُن کي جيڪڏهن اسين پنهنجي چرڻن جي ڌوڙ کائڻ لاءِ ڏينداسين ته اهو وڏو پاپ ٿيندو، اُن پاپ سبب اسان کي نرڪ ڀوڳڻو پوندو. ان ڪري ڪنهن به راڻيءَ چرڻن جي ڌوڙ ڏيڻ کان انڪار ڪيو. ڀڳوان شري ڪرشن راڻين جي پريم جي پريڪشا ٿي ورتي، اُهي پريڪشا ۾ اسڦل ويون. ڀڳوان شري نارد کي اشارو ڪيو ته تون برج ۾ وڃي گوپين کي منهنجي پيڙا جو سماچار سڻاءِ. رشي نارد برج ڀوميءَ ۾ آيو ۽ اچي برج بالائن سان ڀڳوان جي پيڙا جو ورڻن ڪيائين. گوپيون ڀڳوان جي بيماريءَ جي خبر ٻڌي دکي ٿيون. سندن دل ڀرجي آئي ۽ هڪدم شري نارد کان پڇيائون ته اُن بيماريءَ جو ڪو علاج آهي يا نه؟ رشي نارد وراڻيو ته ڀڳوان جو ڪو پريمي جيڪڏهن پنهنجي چرڻن جي ڌوڙ ڏيندو ته اُها کائڻ سان ڀڳوان نيڪ ٿي ويندو.

اهو ٻڌي گوپين چيو ته اسين ڌوڙ ڏينديونسين. تنهن تي رشي نارد کين چيو ته جيڪڏهن توهان پنهنجي چرڻن جي ڌوڙ ڏينديون ۽ اُها ڀڳوان گرهڻ ڪري ته .توهان کي نرڪ وڃڻو پوندو، پر ڀڳوان نيڪ ٿي ويندو. سڀني گوپين جي اکين ۾ پريم جا آنسون هئا، سڀني گوپين گڏجي رشي نارد کي چيو:

نرڪ مليگا همين يھ چنتا نهين هئه ليش
پر نج پريتم ڪونه لوَ، هونا چاهئي ڪليش.

ڀلي اسان کي نرڪ ملي اُن جي اسان کي چنتا ڪين آهي، پر اسان جو پرم پيارو، جيءَ جياريو، اکين جو تارو، مرلي منوهر بانڪي بهاري شري ڪرشن مراري نيڪ ٿي وڃي. رشي نارد گوپين جي ڌوڙ کڻي شري ڪرشن وٽ آيو. اهو احوال ٻڌي اُنهن پٽ راڻين جو اهنڪار نشٽ ٿيو ۽ انهن محسوس ڪيو ته شري ڪرشن گوپين کي پيار ڇو ٿو ڪري. پيار معنيٰ قرباني. گوپيون شري ڪرشن جي صدقي هر قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيون. ايتري قدر جو نرڪ ڀوڳڻ لاءِ به ڪين ڊنيون. ڀڳوان پريم وارن کي پريم ڪري ٿو. ان ڪري پريميو! توهان به پنهنجي من ۾ پريما ڀڳتيءَ جا ٻج پوکيو. اُهي جڏهن وڏي وڻ ٿيندا، تڏهن توهان کي هرهنڌ شيام سندر جو درشن

وساري ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌجي وڃو.

١٠ فيبروري ڪرلا ڪپليشور مهاديو مندر طرفان آيوجت شو جي ميلي سنبنڌ ۾ شاهي جلوس پوڄنيه سوامي جن جي نيترتو ۾ نڪتو. ١١-١٢ فيبروري سوامي جن اُتي ستسنگ ڪندي ڀڳوان ڀولاناٿ شنڪر جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسوَ ١٢ فيبروري آرتوار صبوح جو ١١ بجي مارڪنڊيشور مهاديو مندر ورلي بمبئيءَ ۾ پوڄنيه سوامي جن جي زير صدارت ٿيو. سوامي جن هوشيار وديارٿين کي انعام ڏيندي منڊل جي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏني. سوامي جن هن موقعي تي سماجڪ مسئلن تي ڳالهائيندي چيو ته ڪيترا ئي مسئلا سماج پاڻ پيدا ڪيا آهن. سماج ئي انهن کي دور ڪري سگهي ٿي. سماج جي نوَنرماڻ لاءِ ڪرسمن جو تياڳ ڪريو. شادين ۽ ٻين خوشين جي موقعن تي هزارن گگدامن جو ڪوس ڪيو وڃي ٿو. ملڪ ۾ ڪيڏي نه مفلسي آهي! شراب مانس ۽ اجاين ڏيکاوَن تي خرچ نه ڪري غريبن نياڻين جو اُڪلاءُ ڪريو. اها سڄي سماج تي جوابداري آهي. هزارين وڌور ڪنيائون ڪنواريون وينيون گونگا ٻوڙها ڳاڙين، اُنهن تي قياس ڪريوا

هر سال جيان هوليءَ جي موقعي تي وڏالا برادر منڊل طرفان وڏالا بمبئيءَ ۾ ٨ مارچ کان پوڄنيه سوامي جن ستسنگ يڳيه آرنڀ ڪيو. سوامي جن اُتي پياري جيئندرام هيمنداس واڌوا جي گهر ۾ رهيا. سوامي جن اُتي ٢٠ مارچ تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. هڪ ڏينهن سوامي جن منشيه جيون جي سچي مقصد تي پروچن ڪندي چيو: منشيه کي پراُپڪار ۽ پرمارٿ لاءِ جيون گذارڻ گهرجي.

يا تو آتم گيان هو، يا تو پراُپڪار
يي دونو جس ۾ نهين، مانش وه بيڪار.

پرڀوءَ جيڪي اسان کي مال ملڪيت، عهدو اقبال ڏنو آهي، سندس ئي امانت آهي. جيڪڏهن ان امانت ۾ خيانت ڪبي ته ڀوڳنا پاڻ کي ڀوڳڻي پوندي. تنهنڪري پئسو پدارٿ ۽ شڪتي ست ڪرمن ۾ لڳايون. جيڪڏهن ڪنجوس ٿي مايا جا مڇو ٿي رهنداسين ته مالڪ جي مهر کان وانجهجي وينداسين. جهڙو ڪرم ڪبو ڦل به تهڙو ئي ملندو. سهارنپور شهر ۾ هڪ سيٺ رهندو هو. سندس گهر واري گذاري ويئي هئي. کيس ٻه پٽ هئا. شادي ٻنهي جي ٿيل هئي. ٻئي پٽ دڪان سنڀاليندا هئا. ڌن دولت جي ڪمي ڪين هين. پر سيٺ دل جو ڪنجوس هو.

سيٺ جي اوسٿا اچي وڏي ٿي، سو سڄو ڏينهن گهر ۾ ئي گذارڻ لڳو. ٿوري گهڻي نقصان تي ننهرن کي پيو ڳالهائيندو هو. هڪ دفعي هنن پاڻ ۾ سوچيو ته سهري جي گهر ويهڻ ڪري اسان کي ان کان منهن ڍڪڻو ٿو پوي، جنهن ڪري ڪم ڪار رڌڻ پچائڻ، سنان پاڻي ڪرڻ وغيره ٻين ڪمن ۾ تڪليف ٿي ٿئي. سو هنن پنهنجي پتيءَ

سوامي جن سنت پرڀارام ڪالونيءَ ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ سنت پرڀارام جي من ۾ سنت واسورام لاءِ ايڏي تہ گرو ڀاونا پيدا ٿي جو هوُ هر روز ڏينهن جو دڪان جو ڪم ڪار هلائي رات رات جو ٽنڊي مستيءَ ۾ اچي گرو شري واسورام جي شيوا ڪندو هو ۽ وري صبح جو سويل ماڇين لاءِ پيرين پنڌ نڪرندو هو. محبت ۾ مفاصلو ڪهڙوا هڪ ڏينهن پتا کي خبر پوي ٿي تہ سندس سپاتر پرڀارام روز رات جو ٽنڊي مستيءَ سنت واسورام وٽ وڃي ٿو. هو ڪيس روز وڃڻ کان منع ڪري ٿو، مگر سڪ سمجھڻ نہ ڏي سالڪ کي. هڪ ڏينهن آخر سندس پتا ڪيس ڪوٺيءَ ۾ بند ڪيو، جئن هو گروءَ وٽ نہ وڃي. مگر تڏهن بہ هي پيارو پنهنجي پريتم وٽ پنڌ ڪندو پهچي ويو. سنڌ جو درويش شاعر شاهہ ڪريم بلڙيءَ وارو چوي ٿو:

نينهن نياپي نہ ٿئي، سڏين سيڻ نہ هون
ڪارين راتين رت ڦڙا، جان جان نيڻ نہ رون

پريميوا توهان بہ ستگرن جي شرڻ وٺي خوب نام جپيو. ڀلي سنسار ۾ رهو، پر سنسار جا ٿي نہ رهو. جيڪڏهن سکي رهڻ چاهيو ٿا تہ پرماتما جا ٻالڪ ٿي رهو. شري ارجن جيان پنهنجي واڳ ڀڳوان شري ڪرشن کي ڏيو تہ پاڻيهي پڀو توهان کي دنيا جي درياهہ مان پار لنگهائيندو.

٢٣ ڊسمبر سوامي جن بڙودي ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٻہ ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري ٢٥ ڊسمبر سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢٥ ڊسمبر شام جي ستسنگ ۾ ڊاڪٽر چوئٿرام گدوانيءَ جو جنمدن ملهايو ويو پوڄنيہ سوامي جن پشپانجلي ڏيندي چيو تہ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي سنڌ جو گجندڙ شير هو، نڊر نشڪام نيتا هو. هن پياري ساري جيون ديش ۽ سماج کي ارپڻ ڪئي، پريميوا توهان بہ جيون ۾ ديش ۽ جاتيءَ لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ ڪريو. جڳہ جڳہ جيوي پراُپڪاري، مرد هجي چاهي ناري.

١٠ جنوري ١٩٨٤ صبوح جو سوامي جن ٽيئونرام ستسنگ منڊلي سنڌونگر ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ جيوٽداس آهوجا سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ اهڙي آسيس ڪريو جو جلدي ستسنگ لاءِ نئون هال نهي تيار ٿئي.

٢١ جنوري سوامي جن شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ هن نوجوان ديش جي آزاديءَ جي هون ڪنڊ ۾ پنهنجي پراڻن جي آهوتي ڏيئي سنڌي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪيو. قرباني ئي انسان جي مهانتا جي ڪسوٽي آهي. پريميوا توهان بہ ديش ۾ سماج جي اُٿان لاءِ ڪجھ نہ ڪجھ يوگدان ڏيو.

٢٦ جنوري صبوح جو آشرم ۾ سوامي جن جهنڊا وندن ڪرايو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن پرجاوادي ڏينهن جي اهميت تي ڳالهائيندي چيو تہ ڀرين ديش جو ويچار ڪريو پوءِ پنهنجو. سوارٿ سبب اڄ ديش ۾ نفاق ۽ ناسازيءَ وارو واپومنڊل آهي. سڀ ويچا

کي لاهي پالڪيءَ ۾ مان سمهي پوان. اهڙي نموني هردوار پهچي وڃبو. اُتي ٻڪيا ڪري وقت گذاربو، ڳالهه ڪليءَ ڪان پوءِ ڪٽي ڪجهه مارينداهيو چا ڪندا! جي وري مري ٻه ويس تہ چڱو، گنگا وٽ گتي تہ ٿيندي. ائين سوچي ٻڍو جاڳندو رهيو. هوڏانهن جيڪو ماڻهو جاڳي پهرو ڏيئي رهيو هو، تنهن کي بہ ٿڪاوٽ جي ڪري ننڊ اچڻ لڳي ۽ ليٽي پيو. ٻڍي اهو موقعو ڏسي جهٽ پٽ سيٺ جي شرير کي پالڪيءَ مان لاهي پاسيرو ڪري ڪنهن ڪنڊ ۾ رکي ۽ پاڻ چپ ڪري مڙدو ٻڻجي پالڪيءَ ۾ سمهي پيو ۽ اڳي وانگر چادر پائي ڇڏيائين. پرڀات جو سڀ اُٿيا ۽ جلدي پالڪي کڻي اچي هردوار ڪنکل ۾ پهتا. گر برهمڻ کي گهرائي ڪرياڪرم شروع ڪيائون. ايتري ۾ لاش ۾ ڪجهه چرپر ٿي. ماڻهن کي شڪ پيو تہ شايد سيٺ جيئرو آهي. اچا جو چادر لاهي ڏسن تہ هڪ جيئرو جاڳندو ڪوڙهي ليٽيو پيو آهي. سڀ وائڙا ٿي ويا. ڪوڙهيءَ ڪنبندي ڪنبندي سموري ڳالهه ڪئي. هاڻي ماڻهو ويچارا چا ڪن! سيٺ جي پٽن چيس ڪم تہ ڏاڍو ڪسو ڪيو اٿيئي. جيڪر جيئري ئي توکي ماري ڇڏجي، پر هاڻي چا ٿيندو! ڪيس ڇڏي ڏنائون. پاڻ ۾ صلاح ڪري ٻہ ڄڻا پنتي موٽيا. هڪ سيٺ جو پٽ ۽ هڪ ٻيو، ٻہ گهوڙا وٺي تڪڙا موٽيا ۽ ڌرمشالا ۾ اچي ڏسن تہ برابر لاش پيو آهي. هو لاش کڻي جلدي هڪ گهوڙي تي پاڻ چڙهيا. گهوڙو لاش ڏسي ڏڪي ويو. هردوار نہ هلي پويان پير ڪيائين. هنن گهڻي ڪوشش ڪئي، پر گهوڙي کي روڪي نہ سگهيا. گهوڙو ڏڪندو موٽي اچي سيٺ جي گهر پهتو. سڀ وائڙا ٿي ويا تہ هي مڙدو ڪيئن گنگا تان موٽي آيو! سڀ ڪنو ٿئي، منهن ڪنو ٿئي، پر ڪنهن جو ڪرم نہ ڪنو ٿئي. سيٺ جو ڪو ڪرم ڪنو هو. ٻيا چا ڪن!

آخر گنگا مان ماڻهو گهرائي، پنهنجي شهر ۾ ئي اگني سنسڪار ڪيائون. باقي هڏا (گورو) هڪڙي دٻي ۾ وجهي، مٿان سنو ريشمي ڪپڙو ويڙهي، پنهنجي گر برهمڻ کي گهرائي، پنج سؤ رپيا ۽ گورو ڏيئي چيائونس تہ گورو هردوار گنگا ۾ پرواهہ ڪري ڪرياڪرم پنڊارو وغيره سڀ سٺي نموني ڪري اچ؛ جيئن سيٺ جي سدگتي ٿئي. برهمڻ پئسا وٺي گورو کڻي هليو. ٿورڙو پنڌ ڪيائين تہ اچي اندر ۾ خيال ٿيس تہ مان اڪيلو ماڻهو، جهر جهنگل جو ڪم، مٿان ڪوئي ڦري نہ وٺي. تنهن کان چڱو تہ ائين ٿيندو جو پئسا گهر رکي اچان. هردوار ۾ گهڻائي سڃاتل برهمڻ آهن، انهن کان وٺي ڪم پورو ڪري اچبو. پوءِ موٽي اچي کڻي اُنهن کي ڏبا. ايترا پئسا ڪهندا بہ ڪين، اجايو خطرو ڇو ساڻ کڻان. اها ڳالهه سوچي، گورو مٽي وڻ ۾ ٽنگي، گهر موٽيو.

عجب آرام جي ليلا تہ چا مان چا ٻڌائي ٿو،
ٻندي جي من ۾ هڪڙي تہ پريو وري ٻي ٻڌائي ٿو.

ان جهنگ ۾ هڪ صفائي ڪندڙ هريجن ڪاٺيون ڪرڻ آيو. مٿي جو نظر پيس تہ وڻ تي چڙهي دٻو لاهي آيو ۽ گهٽو پري وڃي کوليائين. هڏا ڏسي وائڙو ٿي ويو. گهٽ ذات وارن کي ڌرم ادرم جي ڄاڻ پوي ڪين، سو هڏا هيڏانهن هوڏانهن ڦٽي ڪري دٻو ڏوئي

کي سڄي ڳالهه سمجھائي چيو 'سائينءَ اوهان کي سڀ ڪجهه ڏنو آهي. جو نه سهري کي الڳ اوطاق نهرائي ڏيو. جتي آيو ويو مهمان وغيره پيو اچي ۽ پڳڙا ڪاٽي پاٽي پيئي. سيوا ۾ هڪ نوڪر ڪٽي رکي ڏيوس.'

سيٺ جي پٽن کي اها ڳالهه نيڪ لڳي. پنهنجن هڪ ٻن برادريءَ وارن سان صلاح ڪري انهن کي ساڻ وٺي پيءُ وٽ آيا ۽ مٿين سڄي ڳالهه سمجھائي الڳ اوطاق ۾ رهڻ لاءِ وينتي ڪيائون. سيٺ ڪاوڙجي پٽن کي چوڻ لڳو، ته اسان جو آئي وئي سان کهڙو ڪم! چاچي لاءِ ٻي جڳهه نهرائجي. اجايو خرچ! مون ڪيتري تڪليف ڪري مايا ميڙي آهي. توهان اجايو خرچڻ ۾ وڃائڻ جي سوچي رهيا آهيو. ها، باقي ننهرن کي تڪليف ٿيندي هوندي، ان ڪري مان ٿي منهن ڍڪي وهندس. اڳتي هنن کي تڪليف ڪين ٿيندي. باقي الڳ اوطاق ۽ نوڪر جو خرچ ڪين ڪبو. سو اهڙي نموني سيٺ مايا ۾ موهه هجڻ جي ڪري پٽن جي ڳالهه نٽائي ڇڏي. ڪجھ وقت گذريو، پٽن سيٺ کي هردوار هلڻ لاءِ چيو. سيٺ چيو سنت ۽ شاستر چوندا آهن ته گنگا ۾ سنان ڪرڻ سان پاپ ناس ٿيندا آهن، هردو اوجل ٿيندو آهي. دل ۾ ديا اُتپن ٿيندي آهي. سو اگر گنگا هلبو ته هڪ ته خرچ، وري اشنان ڪرڻ سان پاپ ناس ٿيندا ته هردو اوجل ٿيندو ۽ ديا اُتپن ٿيندي جي ديا اُتپن ٿي ته دان ڪرڻ تي دل ٿيندي ۽ دان ڪرڻ سان ڌن خلاص ٿي ويندو. هيتري محنت سان ميڙيل مايا مان ائين ڪين وڃائيندس. سو سيٺ اهڙا دليل ڏيئي مايا جي موهه ڪري گنگا جي درشن، آنند ۽ دان پڃه، پڄن کان بيمکه ٿي رهجي ويو. گنگا جو درشن ته ڀاڳن وارن کي پراپت ٿيندو آهي.

آخر ٿوري سمي ۾ سيٺ جو سرير شانت ٿي ويو. سيٺ جي پٽن پنهنجي برادريءَ وارن ۽ چئن ڇڱن پئنچن سان صلاح ڪئي ته پتا کي جيئري هردوار ڪونه وٺي وڃي سگھياسين. هاڻي اسان جي مرضي آهي ته پتا جي شرير کي هردوار ڪڍائي اُتي هلي ڪرياڪرم اگني سنسڪار وغيره ڪيو وڃي، سائينءَ سڀ ڪجهه ڏنو آهي. سڀني سوچيو، سپاتر سنتان آهي. ڪين ان ڇڱي ڪم ۾ مدد ڪرڻ گهرجي، اُن بهاني گنگا جو درشن پڻ ٿيندو. سياڻن جو چوڻ آهي، شاديءَ تي وڃڻ، اهو ته هڪ قسم جو رستو آهي. پر مڙدي سان ساڻ وڃڻ پڃه ڪرم آهي. مڙدي سان هڪ هڪ پير کڻڻ يڳيه جي سمان آهي. اهو سوچي سڀني ها ڪئي. ڪي برادريءَ جا مٽ مائٽ، ڪي پئنچ بزرگ ۽ ٻيا به ڪي هردوار جي درشن جا پياسي تيار ٿيا. سيٺ جي شرير کي سينگاري پالڪيءَ ۾ رکي ڏاڍي ڌام ڌوم سان هردوار ڏي هليا. رستي ۾ رات پيئي، هڪ ڌرمشالا ۾ ٽڪيا. گرميءَ جا ڏينهن هئا، سڀ ٻاهر سمهيا. سيٺ جي پالڪي اندر هڪ ڪوٺيءَ ۾ رکيائون ۽ هڪ ماڻهو پهري تي رکيائون.

اُن ڌرمشالا ۾ هڪ ڪوڙهي ٻڍو شرير رهندو هو. ان ماڻهن کان اها سڄي وارتا ٻڌي. ڏسو ڪرتار جي قدرت ۽ ڪنجوس جي قسمت. اُن ٻڍي جي من ۾ پريو کهڙي پريرڻا ٿو ڪري. ٻڍي من ۾ سوچيو، هتي ڪوئي مونکي ڪونه ٿو ليکي، چونه اُن سيٺ جي شرير

مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ڪھ ٿيئون سنسار ڪي ڇوڙو سب هي ڪام،
جاڳت، سووت رام جپ جو ست چت سڪڏام.

گانڌي نگر پريم پرڪاش مندر جي وارشڪ اُتسوءَ سنبنڌ ۾ سوامي جن ۲۴ مارچ صبوح جو گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ پڌاريا. گانڌي نگر ريلوي اسٽيشن تي دهلن شهناين سان سوامي جن جو سواڳت ڪيو ويو. صبوح جو ڏهين بجي سوامي جن جهنڊو چاڙهي اُتسوءَ جو آرنڀ ڪيو. شام جو پنجين بجي سوامي جن جي نيترتو ۾ شاهي جلوس نڪتو. چارئي ڏينهن سوامي جن ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورکا ڪئي. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڀڳت وتسل ڀيھ هرن هري، ڪروڻا شيل نڌان،
ڪھ ٿيئون ڪل ڪال ۾، لاج راکھ ڀڳوان.

پريميو! پرماتما ڀڳت وتسل آهي، پنهنجن پيارن جا دک درد دور ڪري ٿو. پرڀو ديا جو ڀنڊار آهي. اُن کي نت نيم پرارٿنا ڪريو تہ پرڀو ڀڄاڙيءَ تائين پٺ جي رهجي اچي. ڀڳوان پنهنجن پيارن جي ڪيڏي نہ پرگهور لهي ٿو، رکشا ڪري ٿو. ڪرشڻ ڀڳت رحيم خانخانہ دهليءَ جي بادشاھ جي حڪم سان، ڏکڻ ڀارت جي هڪ هندو راڄڌانيءَ تي حملو ڪيو ۽ هن فتح حاصل ڪئي. راجا رحيم خانخانہ ڏي نياپو موڪليو تہ توهان جي جيت تہ برابر ٿي آهي، پوءِ اسين ڀاڻ ۾ ڇو نہ مترتا جو ناتو ڳنڍيون. توهان اسان جي گهر ۾ ڀوڄن ڪريو. رحيم، راجا جي اها نينڊ قبول ڪئي. جڏهن هو راجا وٽ کاڌو کائڻ وڃي رهيو هو تہ قلعي جي دروازي وٽ ڪيس هڪ ٻالڪ چيو تہ راجا وٽ ڀوڄن ڪرڻ نہ وڃجہ. راجا جي من ۾ کوٽ آهي. هن تنهنجي کاڌي ۾ زهر ملائي رکيو آهي. توکي زهر کارائي پوءِ تنهنجي سئنا کي ڀڄائي ڪيندو. رحيم ٻالڪ کي چيو تہ مان راجا کي انجام ڏنو آهي تہ تو وٽ اچي ڀوڄن کائيندس. ٻالڪ چيو: رحيم انجام ڇا جو؟ هرگز نہ وڃجہ. رحيم اُن ٻالڪ کي چيو: ’ڇا، تون شري ڪرشڻ آهين جو تنهنجي ڳالھ مڃيان.‘ ٻالڪ مشڪندي چيو تہ مان ڪرشن ئي هجان، پوءِ ڳالھ مڃيندين. رحيم ٻالڪ ڏانهن نهاريندي ٻال روپ ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪيو. اُهو ٻالڪ جلدي انترڌيان ٿي ويو. پرڀو پنهنجن ڀڳتن جي ڪيئن نہ سار سنڀال لهي ٿو. رحيم، ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. هن هڪدم قلعي تي چڙهائي ڪري راجا کي قيد ڪيو. رحيم، راجا کي شرمائيندي چيو تہ تو مونکي متر ڪري کاڌي کائڻ لاءِ دعوت ڏني. ڇا دوست کي زهر ڏبو آهي؟ اهو ٻڌي راجا شرمندو ٿيو. هن رحيم کي چيو تہ مونکي ڀڪ ئي پڪ موت جي سزا ملندي، پر توهان کي اها خبر ڪيئن پيئي تہ مان کاڌي ۾ زهر ملايو آهي. مهرباني ڪري اهو راز مونکي ٻڌايو. رحيم چيو، ’راجا، تو مونکي هڪ دفعو متر سڏيو آهي، وري ويساھ گهاتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر مان توکي موٽ جي سزا ڪين ڏيندس. باقي مونکي زهر جي ڳالھ ڪنهن ٻڌائي، اهو راز ڪين ٻڌائيندس. راجا ڏاڍو پشيمان ٿيندي رحيم کي

پوئي گهر ڪٽي آيو ۽ ڪپڙي مان خميص سبايائين. ڏسو، پڇڻ ڪان بيمڪ جا هڏا به رليا. جيڪو نام نٿو جپي، دان نٿو ڪري، ان جي اها حالت ٿي ٿئي. هوڏانهن جڏهن برهمڻ موٽيو، دهو نه ڏسي واڻڙو ٿي ويو. هيڏانهن هوڏانهن گهڻو ئي ڳولهيائين، پر پتو ڪين پيس. آخر هٿين خالي هردوار وڃي گهمي ڦري ٿوري وقت ۾ واپس اچي سيٺ جي پٽن کي خاطري ڏنائين ته سني نموني ڪرياڪرم، پاٺ، پندارو وغيره ڪري آيو آهيان، توهان ڪوئي خيال نه ڪريو. سيٺ سڌو سرڳ ويو. ڀلا ڀيو ڇا چوي!

مهني ٻن ڪان پوءِ اُهو هريجن ساڳيو ڪپڙو پائي سيٺ جي گهر صفائي ڪرڻ لاءِ آيو. گهر جي زالن اُهو ڪپڙو سڃاتو ۽ پڇيائونس ته اهو خميص جو ڪپڙو ڪٿان آندو اٿيئي؟ هريجن چيو مڙيئي مالڪ مهر ڪئي آهي، ڪٿان ملي ويو. زالن مردن کي ڳالهه ڪئي ته جاچ ڪريو ته سهرو گنگا تي پهتو، يا اڃا هتي ئي گهمي ڦري رهيو آهي! آخر سيٺ جي پٽن پئنچن کي گهرائي هريجن ۽ برهمڻ کان سموري ڳالهه پڇي. هريجن سچ ٻڌايو. برهمڻ کي چيائون: تو چيو ته سڀ ڪرياڪرم سني نموني ڪري آيس. تنهن تي برهمڻ چيو، توهان سوچيو ته جيڪو پاڻ جيئري ته گنگا تي نه هليو، پر مرڻ کان پوءِ هيترن ماڻهن هوندي به اڌ تان موٽي آيو. سو مون اڪيلي سان ڪيئن هردوار هلندو ها مان ڇا ڪريان، منهنجو ڪوئي ڏوهه ڪونهي. سندس ڪرم ئي اهڙا هئا.

پريميوا ان ڪري توهان کي جيڪي دان پڄ، نام سمرڻ ست ڪرم ڪرڻا آهن، سي هاڻي ئي ڪريو. نام جپي رسنا پوتر ڪريو ۽ دان پڄ ڪري مايا ۽ هٿ سڦلا ڪريو. داتار جي ڏني مان ڏيندا رهو.

اُتسؤ جو پلؤ پائيندي سوامي جن چيو ته ستسنگ جي مراد ئي آهي نام جپڻ. پريميوا توهان کي ڌنيواد آهي جو هر سال هنن ڏينهن ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪريو ٿا. خوب نام جپيو ۽ ستڪرم ڪريو. سنساري ماڻهو بئنڪ ۾ پنهنجا پئسا الڳ الڳ نالن سان کاتا کولي رکائيندا آهن. پنهنجو کاتو، پتنيءَ جو کاتو، پٽ جو کاتو، ننهن جو کاتو، ڌيءَ جو کاتو. مطلب ته پئسن جي بچت يا انڪم ٽئڪس جي بچاءَ لاءِ الڳ الڳ کاتا کولين ٿا، يا نندين ۾ مايا ميڙڻ جي چوسي پوي، ان لاءِ ڪين جدا جدا کاتا کولائي ڏنا وڃن ٿا. ائين گهر جي سڀني ڀاتين کي به ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ گهرجي. پرارٿنا ڪرڻ گهرجي. ڪيترن گهرن ۾ ڏٺو ويو آهي ته گهر جو هڪڙو ڀاتي نام سمرڻ ڪندو ته ٻيا ڀاتي ان ۾ ئي خوش. پاڻ پريوءَ کي وساري ڇڏين ٿا. جئن مايا ميڙڻ لاءِ سڀ ڀاتي الڳ الڳ کاتا کولين ٿا، تيئن گهر جي هر ڀاتيءَ کي پريوءَ جي بئنڪ ۾ نام پدارٿ روپي پونجي رکائڻ گهرجي. هر ڪنهن جيو کي پنهنجن پنهنجن ڪرمن جو ڦل ملي ٿو. ان ڪري پريميوا نام سمرڻ ۽ ستڪرمن ڪرڻ ۾ ڪنجوسائي ڪين ڪريو. نام جي پونجي سکدائڪ آهي. هن لوڪ ۾ به توهان کي سک ڏيندي ته پرلوڪ لاءِ به توشو ٿيندي. منش ديهيءَ ۾ ئي نام پدارٿ گڏ ڪري سگهجي ٿو. ٻيءَ ڪنهن به جوڻ ۾ نام سمرڻ ممڪن ڪين آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام

رهو. توهان ڏرم جي رکشا ڪندا تہ ڏرم توهان جي رکشا ڪندو. توهان ڀڳوان شري رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشن جي سنتان آهيو. اُنهن جي سڌانتن تي هلو.

پريم پرڪاش منڊل جو ٦٣ وارشڪ اُتسوَ ١٥ اپريل کان ١٩ اپريل امراپور آسٿان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوجنيہ سوامي جن اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ ١٠ اپريل جئپور ۾ پڌاريا. ١٤ اپريل سوامي گرمکداس مهاراج جي پٽيہ تٿي سنبنڌ ۾ سوامي جن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سوامي گرمکداس مهاراج منڊل جو مٽيو هو. هن سنت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سان گڏجي رٽن ڪري سوَن کي نام جپايو، سوين ڀڄن رچيا. هي سنت جڏهن تنبوري تي ڀڄن ڳائيندو هو تہ سوَن دلين کي ڏوڏيندو هو.

١٥ اپريل صبوح جو سوامي جن سڀني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو سوامي جن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو. چارئي ڏينهن صبوح شام پوجنيہ سوامي جن، منڊل جي سنتن ۽ ٻين مهاتمائن ستسنگہ ورکا ڪئي. ١٩ اپريل پرڀات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي سوامي جن چيو:

مايا ڇل وَل روپ هئہ، مايا دکہ ڪا ڌام،
ٽيئون مايا ممت تجہ، سمرو هري ڪا نام.

پريميو! ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا تہ ماياوي پدارٿن جو تياڳہ ڪري، نام سان نينهن لڳايو. مايا جا ٻين ٻين روپ ڪشش ڪندڙ آهن، پر انت ۾ دکدائي آهن. ستيہ سوَروپ پرماتما کي ڇڏي جيڪي مايا روپي پاڇن پنيان ڊوڙندا، سي اوس ٿاٻا کائيندا، ان ڪري پرماتما جي اوٽ وٺو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن پرماتما جي اوٽ ورتي، توهان بہ اُن الکہ جي اوٽ وٺو. ستگرو مهاراجن جي ٻاڻيءَ جو نت اڀياس ڪريو. ڪنهن نہ ڪنهن ستپرش جي سکيائن کي هنڊايو تہ توهان جو اندر اوجل ٿيندو ويندو. ڪنهن ڪامل گروءَ جي اوٽ وٺو.

ستگر ڪي ڪرپا بنا، ڪلي نہ دشم دوار،
ڪهہ ٽيئون گر شرن لي، سن انحد جهنڪار.

گهر ۾ جيڪڏهن ڪن ڪچرو هجي يا گندو سامان هجي تہ هڪدم اُهو ڦٽي ڪرڻ گهرجي. صفائي ڪرڻ گهرجي. صاف سٿري گهر ۾ رهڻ سان آنند ايندو آهي. بيماريون بہ ڀڄي وينديون آهن. گهر ۾ سڳنڌيءَ واريون شيون گل عطر وغيرہ رکبا آهن جيئن گهر جي سونهن سڳنڌ سجاوٽ هجي، تيئن جڏهن من ۾ ڪام ڪروڌ، لوڀ موهہ، اهنڪار روپي گند ڦٽ وڌي وجي تہ هڪدم اُنهن وڪارن جو تياڳہ ڪجي. جيئن گهر جي صفائي، شرير جي صفائي ضروري آهي تيئن من جي صفائي بہ تمام ضروري آهي. من ۾ ست ويچارن روپي گل رکڻ گهرجن. ست ويچارن جي سماويش سان من کي شانتي ملندي، چت جي ورتي پرماتما سان لڳندي. پريميو! من جي صفائيءَ لاءِ ست شاسترن جو اڀياس ڪريو. ستپرشن جي ٻاڻيءَ جي اڀياس سان بہ توهان جي من جو ڪچرو نڪرندو ويندو.

اُن راز ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو. راجا جي گهڻي زور ڀرڻ تي رحيم اُن کي ٻڌايو تہ ڪيئن نہ شري ڪرشن ٻار جو روپ ڌاري ڪيس وٽس اچڻ جي اڇي منع ڪئي ۽ ڪاڏي ۾ زهر بابت ٻڌايو. اهو ٻڌي راجا زار زار روئڻ لڳو. سنت ديالوُ ٿيندا آهن. رحيم خانخانہ هڪدم ڪيس گلي لڳايو. اُهو راجا، رحيم جي سنگ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو پريمي بڻجي پيو. پريميو! جيڪي ڀڳوان سان ناتو ڳنڍين ٿا، ڀڳوان ڪيئن نہ اُنهن جي اچي رکشا ڪري ٿو. تنهنڪري پريوءَ سان پريم جو ناتو ڳنڍيو تہ توهان جا ٻئي لوڪ سهيلا ٿيندا.

ڀائونگر سنڌي پئنچات فيڊريشن، ڀاءُ ايشورلعل سندرداس منگناڻي ۽ ٻين پريمين جي نينڊ تي پوجنيہ سوامي جن هوائي جهاز رستي ٢ اپريل ڀاونگر ۾ پڌاريا. هوائي اڏي تي سوَن پريمين سوامي جن کي ڦول مالهائن سان جهنجهي ڇڏيو. سوامي جن سان گڏ سنت ديو پرڪاش ۽ ڊاڪٽر ديال آشا بہ ساڻ هئا. رات جو سوامي جن ستسنگ ورڪا ڪئي.

ڀاونگر سنڌي پئنچات فيڊريشن ٣ اپريل ١٩٨٤ چيٽي چنڊ جي پوتر ڏينهن صبوح جو ساموهڪ جڻين جو ڪاريہ ڪرم جهوليلعل مندر ۾ رکيو. ان موقعي تي پوجنيہ سوامي جن جڻيا پائيندڙ سڀني ٻالڪن کي آشيرواد ڪندي اسٽيل جون پليٽون سوکڙيءَ طور ڏنيون. سوامي جن ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي جڻين جي اهميت تي ڳالهايو. ڊاڪٽر ديال آشا پڻ ان سماجڪ ڪاريہ جي پرشنسا ڪئي.

رات جو شاهي پئنڊال ۾ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ سڀ سان ڀلائيءَ جا ٻير ٻريو. ڪو ڪسو هلي يا پڪو، توهان سڀني کي پنهنجي دل جو پيار ڏيو. سلطان محمود هڪ عمدو عاليشان باغ نهرايو. جنهن ۾ طرحين طرحين جا گل هئا، جن جي سرهاڻ ۽ سونهن لاثاني هئي. هڪ ڏينهن هن پياري اُن باغ ۾ محفل لڳائي. اُن محفل ۾ سندس پيءُ بہ شريڪ ٿيو، سلطان محمود پيءُ کان پڇيو، ’مهربان بابا! اوهان کي هي باغ ڪيئن لڳو؟‘ پيءُ وراڻيو، ’پٽ، اهڙا باغ تہ اسان جا نوڪر يا امير بہ لڳائي سگهن ٿا. تون زندگيءَ جي باغ ۾ رحمت ۽ پيار، حليمائيءَ ۽ ڀلائيءَ جا درخت پوکہ. اُنهن درختن جا ميوا هزارن شخصن کي فيض رسائيندا.‘ پريميو! توهان بہ جيون جي ڦلواڙيءَ ۾ سک جا سلا ۽ پراُپڪار جا ٻج پوکيو. هي محل ماڙيون مڪان مايا پريوءَ جي پريم کان سواءِ ڪنهن ڪم جا ڪين آهن. پريوءَ توهان کي مايا ڏني آهي تہ اُها ستڪرمن ۾ سڦلي ڪريو. جيڪڏهن مايا گهٽ آهي تہ پنهنجي مٺڙي زبان سان ٻين جون دليون وٺو. ڪنهنجي بہ دل ونڻ پڇ جو ڪم آهي. روز نيم سان نام جپيو. منش جيون جا سواس سڦلا ڪريو.

٧ اپريل جڳت گرو شنڪر آچاريہ اُترا کنڊ، سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ پڌاريا. پوجنيہ سوامي جن سندن سواگت ڪندي چيو تہ اسان سڀني جا سؤڀاڳيہ آهن جو هن پوتر آسڻ تي جڳت گرو شنڪر آچاريہ پڌاريا آهن. هي مهان ويوتي هندو ڌرم جا رکشڪ آهن، اسانجا ڌارمڪ نيتا آهن. جڳت گرو شنڪر آچاريہ چيو تہ هن مندر ۾ اچي اسانکي پرسنتا ٿي آهي. توهان گئو ماتا، هندو ڌرم ۽ ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جا سنرکشڪ سچيت پرهري ٿي

هڏا نڪري اچن ٿا. هڪ ڏينهن اُتان ڪي ڀينر هڪ راڳ ڳائيندين وڃن ٿيون. راڳ جو مطلب هو ته ستار جي تارن کي ايترو ڍلو نه ڇڏ جو اُنهن مان پورو آواز نه نڪري، نه وري ستار جي تارن کي تمام ڇڪ ڏي جو تارون ٽٽي پون، ميزان قائم رکڻ گهرجي. راڳ جي انهن لفظن گوتم جي من ۾ پريورتن آڻي ڇڏيو. پرماتما جي پراپتيءَ لاءِ شرير کي ايتري تسيا نه ڏجي جو هي شرير ڍهي پوي. هي شرير به پرڀوءَ جو مندر آهي. نه وري شرير کان ايترو ڪم وٺجي جو شرير گهٽي ڇڪتاڻ سبب ڍهي پوي. هر ڳالهه جي حد هئڻ گهرجي. ان راڳ ٻڌڻ کان پوءِ گوتم هٺ ڪيئن نه پنهنجي راڄڌانيءَ ۾ اچي دکين دريدرن جي شيوا ڪري ٿو. سنساري لوڪن کي اشٽ مارگ جو رستو ٻڌائي ٿو، لوڪن کي پيار ڏئي ٿو ۽ اهنسا جو پرچار ڪري ٿو.

ان ڪري پريميوا نه شرير کان تمام گهٽو ڪم وٺجي، نه صفا ٻڪون ڪڍي ۽ آرام ڦٽائي شرير کي سڪائجي. سهج روپ ۾ گهر گرهست ۾ رهي به پرڀوءَ جي ڀڳتي ۽ لوڪن جي شيوا ڪجي.

١٨ مئي پوڄنيه سوامي جن ڪمارنگر ڍوليا ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ پڌاريا. سنت پهلاج پرڪاش ۽ ڀين پريمين سوامي جن جو سواڳت ڪندي سندن ڪرم يوڳي جيون جو ورڻن ڪيو. سوامي جن اُتي ١٨ کان ٢٠ مئي ستسنگ پروچن ڪيو. ٢١ مئي سوامي جن ماليگانوَ ۾ پڌاريا. ڀاءُ ڪيشوداس ۽ ڀين ڪيترن پريمين سوامي جن جو هاردڪ ابيننذن ڪيو. اُتي سوامي جن ٢١-٢٢ مئي ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته جيئري ماڻهوءَ کي نديءَ يا سمنڊ ۾ ڦٽو ڪبو ته هو ٻڏي ويندو، پر جي مرتڪ ماڻهوءَ کي درياهه يا ساگر ۾ وجهبو ته ٻڏندو ڪين، پر پيو ترندو. پريميوا توهان کي به جيڪڏهن سنسار جي ساگر مان ترڻو آهي ته پاڻ کي جيئري ماري ارپات خوديءَ کي ختم ڪري ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو ته توهان سولائيءَ سان هن ڀوَ ساگر مان پار ٿي ويندا. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا.

ستگر ڪي اُپديش بن، هويه نه ڪب ڪليان،
ڪهه ٽيئون نسچيه ڪرو، ڪهتي سنت سجان.

جهوليلعل ٽرسٽ سنڌونگر جي سهاري شري پرسرام جهوليلعل ٽرسٽ هاءِ اسڪول نهرايو. جنهنجو مهورت ٢٧ مئي ١٩٨٤ آرتوار صبوح جو ١١ ٻجي پوڄنيه سوامي جن ڪيو. سوامي جن اسڪول جي شاهي عمارت جو مهورت ڪندي چيو ته هي وديا جا مرڪز هزارن جي راهه روشن ڪندا. وديا دان اُتم دان آهي. سنڌونگر ۾ آدرشي اسڪولن جي ڪافي ضرورت آهي. ان ڏس ۾ پياري پرسرام هي اسڪول کولي اُپڪار جو ڪاريه ڪيو آهي. ڪيس ڌنيواد آهي. اُميد ته هن اسڪول جي وديارٿين ۾ ڌارمڪ سنسڪار پيدا ڪيا ويندا، جيئن هو اڳتي هلي نيڪ ناگرڪ بڻجن.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ١ جون اجمير ۾ سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ

جئپور ۾ وارشڪ اُتسوَ جي موقعي تي ڀاءُ سندرداس آڏواڻيءَ کي اوچتو اچي موڪن جي سخت تڪليف ٿي. ڪافي خون نڪتو، هلڻ کان هلاڪ ٿي پيو. ڊاڪٽر کي آندو ويو. ڊاڪٽر صلاح ڏني تہ سندرداس کي هڪدم اسپتال ۾ داخل ڪيو وڃي. سندرداس گهٻرائجي ويو. هي پيارو ڀن چڱن جو سهارو وٺي پوڄنيہ سوامي جن وٽ غمگين حالت ۾ آيو ۽ اچي وينتي ڪيائين تہ سائين، اوچتو موڪن جي ڏاڍي پيڙا ٿي آهي، هلي ڪين ٿو سگهان. مان بمبئيءَ ڪيئن پهچندس؟ ڊاڪٽر چوي ٿو تہ اسپتال ۾ داخل ٿيءُ. اوهان ڪا ديا درشٽي ڪريو. سوامي جن ميلي سبب تمام مشغول هئا. تڏهن بہ هن پياري جي دل وٺندي چيائون، 'سندرا گهٻراءِ نہ رسوَل وٺي وڃي ڦڪي ڇڏ، ستگرو مهاراج ڀلي ڪندا.' سندرداس سوامي جن جي آگيا سان بروقت ئي رسوَل گهرائي ڦڪي. ٻئي ڏينهن ئي سندس موڪا غائب ٿي ويا. سنت مهر ڪن تہ دک ئي دور ٿي وڃن.

٢٦ اپريل سوامي جن سوامي مرليڌر مهاراج جي ورسي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ اندور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سوامي مرليڌار سنتوشي سنيهي سنت هو. سندس سوڀاڳيہ هو جو هن سنت، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سان گڏجي خوب نام جو پرچار ڪيو. پريميوا توهان بہ نام کي نہ وساريو. توهان پرڀوءَ کي پريم سان ياد ڪندا تہ پرڀو توهان جي ائين سنڀال ڪندو، جيئن هڪ ماتا پنهنجي ٻالڪ جي سار سنڀالي لهندي آهي.

ڪڏاگڊ جي ڀڳت ماڌوداس جو ڪيرتن سان ڏاڍو پريم هو. هو پرڀوءَ جا گڻ ڳائيندي ڳائيندي بي سڌ ويندو هو. ڪن ڪاڙو ڪبڙن راجا کي برغلايو تہ ماڌوداس ساڌو هئڻ جو ڍونگہ ٿو ڪري. ڪيرتن ڪرڻ وقت هو ڏيکاءَ جي خيال کان ڌرتيءَ تي ليٽي پيٽي ٿو. راجا ڀڳت ماڌوداس جي پريڪشا جي لحاظ کان پنهنجي محل جي ٽئين ماڙي تي هن ڀڳت جو ڪيرتن ڪرايو. ڀڳت ماڌوداس گهنگهرو ٻڌي پرڀوءَ جي مهما ڳائيندي نچندي ٽپندي بيسڌ ٿي ويو ۽ ٽئين ماڙي تان هيٺ هڪ گرم گيه جي وڏيءَ ٽئيءَ ۾ اچي ڪريو. پرماتما جي ڪرپا سان گرم گيه جي ٽئيءَ ۾ ڪرڻ سان بہ سندس وار ونگو نہ ٿيو. ڀڳوان پنهنجن ڀڳتن کي پنهنجي ٻاجھ ڀرين ٻانهن ۾ جهپي ٿو.

پريميوا توهان بہ پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو. اُن کي شرڌا سان ياد ڪريو تہ پرماتما اوس توهان جي رکشا ڪندو، توهان جي سار لهندو.

١٥ مئي آشرم ۾ پوڄنيہ سوامي جن ٻڌ جينتيءَ جي موقعي تي پروچن ڪندي چيو تہ گوتم ٻڌ کي ڀڳوان جو اوتار مڃيو وڃي ٿو. هو ڄائو ڀارت ۾ مگر سندس پوئلڳہ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ آهن. هي پيارو اهنسا ۽ ديا جو ساکيات روپ هو. هن کي اوچتو دنيا کان ڪنائي اچي وئي. راجڪمار هوندي، سڀني سکن هوندي بہ پنهنجي پتنيءَ، پٽر ۽ راڄ محل کي تياڳي، ڪيئن نہ جهنگل ۾ سالن جا سال تن کي تسيا ڏيئي ڪٺن تپسيا ڪري ٿو. ڪاڏو پيتو تمام گهٽ ڪائڻ سبب سندس شرير ڏاڍو ڏهرو ٿي وڃي ٿو. سندس

ڇڏي. اُنهن دشتن جي اها دلي مراد هئي ته سنت دادوءَ کي جئن اُن کٽ تي ويهڻ لاءِ چئبو تئن هو کٽ تي ويهڻ سان ئي وڃي ڪڏي ۾ ڪرندو ۽ ڪيس پالا ڪنڊيون لڳندا ته چيچلائي ختم ٿي ويندو. اُهي دشٽ سنت دادوءَ وٽ آيا ۽ اچي ڪيس وينتي ڪيائون ته ڪرپا ڪري سندن ڳوٺ ۾ هلي چرڻ گهمائي ڪرتارٿ ڪريو. سنت ديالو، سنت دادوءَ پنهنجن ششن سان گڏجي اُن ڳوٺ ۾ ويو. اُنهن دشٽن ٻاهرين نموني سنت دادوءَ جو سواگت ڪندي ڪيس اُن کٽ تي ويهڻ لاءِ چيو سنت دادوءَ جي هٿ ۾ هڪ ڏنڊو هو. کٽ تي ويهڻ کان اڳ ۾ جيئن هن اُهو ڏنڊو کٽ جي چادر تي هنيو ته چادر هيٺ کڏ ۾ وڃي ڪري. سنت دادوءَ ۽ سندس ششن ڏٺو ته اُن کڏ ۾ ڪيئن پالا ۽ ڪنڊيون اُڀيون ڪيون آهن. اُنهن دشٽن جي ملين مراد جو پڙدو کلي پيو. سنت دادوءَ سان آيل ڪن ششن ۽ پريمين اُنهن دشٽن کي اچي ورتو ۽ سندن ملين مراد لاءِ کين مارڻ لڳا، پر سنت دادوءَ کين منع ڪئي ته انهن تي هٿ نه هلايو. سنت دادو اُنهن دشٽن کي ڪميا ڪندي کين شانتيءَ جو اُپديش ڏنو. سنت دادوءَ جو اُپديش ٻڌي انهن دشٽن جي من ورتيءَ ۾ ڦيرو آيو. سنت سدائين ڪمياشيل ٿيندا آهن. پريميو! توهان به ڪميا شيل ٿيو.

١٢ جولاءِ ١٩٨٤ پوڄنيه سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ گرو پوڄا دوس جي مهتوَ تي پروچن ڪندي چيو ته آدي ڪال کان اڄوڪو ڏينهن وياس پوڄا - گرو پوڄا جو ڏينهن ڪري ملهايو وڃي ٿو. ستگروءَ کان سواءِ سڀ ساڌنائون ڪرم اڌورا آهن. آتمڪ گيان چاهي وهنواري وديا لاءِ گروءَ جي تمام ضرورت آهي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون ستگر بنا، سڪل نه پوڄا پاٺ،

ڪرم ڌرم مالا تلڪ، ڀيکه پنٿ سب ناٺ.

پريميو! ان ڪري ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وڃي اُن کان نام دان وٺو. گرو منتر جو اڀياس ڪندي تلين ٿي وڃو ته توهان جا دکه درد دور ٿي ويندا ۽ آنند جو انڀوءُ ٿيندو.

هرديه ۾ گرو شبد ڪي، باجي انهد بين،

ڪهه ٽيئون سن تانهن ڪو، گرمکه هو لوَلين.

ڏکڻ ڀارت جي پريمين جي قرب ڀري ڪوٺ تي پوڄنيه سواميجن ١٨ جولاءِ مدراس ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيه سواميجن پياري ڀڳونداس چڱاڻيءَ جي گهر ۾ ۽ جدا جدا آستان تي ستسنگ پروچن ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي. سوامي جن ڀڳتي، گيان، سيوا، سمرڻ وشين تي پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

نشڪامي نرمان هو، سيو ڪرت جن جويه،

ڪهه ٽيئون تس پر سدا، ڀڳون پرسن هويه.

پريميو! نت نيم ايڪانت ۾ ويهي نام سمرڻ ڪريو. سمرڻ سان گڏ نشڪام ڀاونا سان

پروچن ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

سوامي جيون مڪت جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سوامي جن ٨ جون ڪيرٿل ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ پڌاريا. ٩ مئي سوامي جن سوامي جيون مڪت کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سوامي جيون مڪت پريم پرڪاش منڊل جو مکيہ سنت هو. ڪيس ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن صوفين جي ڪيتري ڳاڻي ياد هوندي هئي. هو اها ڳاڻي ڪيتري نہ سوز سان يڪتاري تي ڳائي روح ريجهائيندو هو. ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي هن سنت نام جو پرچار ڪيو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم آدرش نگر اجمير جا مهنت سوامي ماڌوداس مهاراج ١١ جون ١٩٨٤ ۾ برهملين ٿيا. اهو سماچار ٻڌي پوجنيہ سوامي جن ٻيا ڪاريہ ڪرم رد ڪري اجمير ۾ آيا. هزارن پريمين جي اکڙين ۾ آنسون هئا. سوامي جن اُنهن کي سانتونا ڏني. سوامي جن اُن موقعي تي مارو راڳ سوز ڀريئي سر ۾ ڳايو. سوامي جن ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سوامي ماڌوداس مهاراج پريم پرڪاش منڊل جو امولہ رتن هو، سخاوت جو صاحب هو. هو هزارن دلين جو راڻو هو. ڪيترن کي هن سنت پرڀوءَ جي راهہ ۾ چڪيو. ڪيترا نہ پراُپڪار ۽ شيوا جا ڪاريہ ڪيا. هن سنت پشڪر تيرٿ راڄ ۾ ڀويہ انوکو مندر ٺهرايو جو سندس امر يادگار ٿي رهندو. اهڙا سنت ملڻ مشڪل آهن. هو ڪيڏو نہ مهمان نواز هو. هڪ هڪ کي پنهنجو پيار ۽ نينهن ڀري نهار ڏيندو هو. ڪيڏي نہ اُتساهہ ۽ اُمنگہ سان ستگرو ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائيندو هو. ستگرن جي لاءِ سندس دل ۾ عجيب سڪ ۽ شرڌا هوندي هئي.

سوامي ماڌوداس مهاراج جي تيرهي جي موقعي تي سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

امر ديش ۾ سنت جن، نت هي ڪرت نواس،
ڪهہ ٽيئون ڪرتي نهين، ڪال ڪرم جنهہ واس.

سوامي ماڌوداس امراپور ۾ وڃي واسو ڪيو. هو امر آهن، اجر آهن. پريميو! توهان بہ سندن سکيائن ۽ سڌانتن کي جيون ۾ هنڊايو ۽ آتمڪ آنند پايو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جنمدن اُتسوَ سنبنڌ ۾ سوامي جن ٣٠ جون اجمير ۾ سوامي بسنترام مهاراج جي آستان تي پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگہ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنتن ستپرشن کي پڻ ڪٺنايون سهڻيون پون ٿيون. شروع ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جڏهن ڊپ تي آستان ٿي اڏيو تہ ڪيئن نہ مخالفتين ممڻ مچايو! پر تڏهن بہ ستگرو مهاراج ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهيا. سنت ڪميا - شيل ٿين ٿا. توهان بہ سندن جيون مان ڪميا ۽ سمرڻ جا گڻ کڻو.

لوهرواڙي ڳوٺ ۾ ڪن دشٽن سنت دادوءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ هڪ وڏو کڏو کوٽي اُن ۾ ڀالا ۽ ڪناريون اُڀيون رکي اُن جي مٿان هڪ بنا واڻيل کٽ رکي، کٽ تي چادر رکي

رام جهان سڪڏام تنهه، رهي نه ڪلپنا ڪام.

پريميوا جتي نت نيم ڀڳوت ڀڄن جي گنگا پرواهت آهي، اُتي پريو پاڻ براجمان آهي. جتي پرماتما پاڻ آهي اُتي دنيوي ڪالپنڪ دک ڀرم ڪين آهن. نام سمرڻ ۾ ئي سچو آنند آهي. منشيه ديهه اموليه ۽ درلڀ آهي، اُها سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريو:

اڪ اڪ انگه بهه مول ڪا، توهه ديئا ڪرتار،
ڪهه نيئون هر ڀڄن ڪر، ملهن نه دوجي بار.

پريمين جي قرب ڀري ڪوٺ تي پوجنيه سوامي جن ٣ آگسٽ بئنگلور ۾ پڌاريا. اُتي سنڌي پئنچات ۽ پريمين طرفان سوامي جن جو اڀينندن ڪيو ويو. سوامي جن اُتي سنڌي پئنچايتي ڌرمشالا، ڀيڻ ليلا جي گهر ۽ دادا امر جي آستان تي ١١ آگسٽ تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته نت نيم پرماتما کي پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ڪريو نه چپن سان، پر دل جي اونهائيءَ مان. اُها پرارٿنا جهٽ پريوءَ وٽ پهچندي. پريوءَ کي پرارٿنا ڪريو:

چرن شرن مئن آپ ڪي، تم سوامي هم داس،
نهين مانگت مئن اور ڪڇهه، دي هر چرن نواس.

پريميوا نه صرف پنهنجي ڪلياڻ لاءِ پر لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ به پرارٿنا ڪرڻ گهرجي. هڪ دفعي سنت دادو ديال جئپور جي آنڌي ڳوٺ جي ماڻهن کي برسات نه پوڻ سبب دکي ڏسي ڀڳوان کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو ته هي پريوا لوڪ پاڻيءَ لاءِ پياسا آهن. اهڙي ڪا برسات وساءِ جيئن کيت به سرسبز ٿين ۽ لوڪن جي پياس به پوري ٿئي. نه ته ته ڏڪر سبب لوڪ ختم ٿي ويندا. ڀڳت جي اها وينتي ڀڳوان وٽ قبول پيئي. چوڌاري گهنگهور گهٽائون ڇانئجي ويئون ۽ خوب وسڪارا وسيا ۽ ماڻهن جي منهن ۾ سرهائي آئي. سنت دادو پنهنجي ڪنهن مطلب لاءِ پريوءَ کي پرارٿنا ڪين ڪئي، مگر لوڪن جو دک هن کان سٺو نه ويو. جنتا جي پيڙا کي دور ڪرڻ لاءِ ئي هن ايشور کي آراڌنا ڪئي.

سوامي جن پياري دادا امر کي به ڌنيواد ڏيندي چيو ته هي پيارو هٽ ستسنگ ۽ سيوا جي جوت جڳائي ويٺو آهي. جيون جي سارٿڪتا آهن نام سمرڻ ۽ شيوا ۾. دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ڪريو. ڪنهن نه ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺو، جو توهان کي ست مارگ بتائي.

ستگر ائسا ڪيجئي، تم اگيان مٽايه،
ڪهه نيئون اُر ۾ سدا، انڀوَ جوت جڳايه.

بئنگلور جي سنڌي پئنچات جي ڪاريه ڪرتائن کي به ڌنيواد آهي. پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. ايڪي ۾ ئي آنند آهي. ٻڌيءَ ۾ ٻل آهي.

١٤ آگسٽ سوامي جن ڪرافورڊ مارڪيٽ بمبئيءَ ۾ جهوليلعل جي اُتسو ۾ شريڪ ٿيا.

مسڪينن محتاجن اپاڻن اناٿن جي سيوا ڪريو ته توهان تي پرماتما پرسن ٿيندو.

جرمن جو هيو بادشاھ جوسف رواجي پوشاڪ پهري جنتا جي سار سنڀال لهڻ ويندو هو. هڪ ڏينهن رستي تي ڪنهن غريب ٻالڪ هن کان پئسا گهريا. بادشاھ هن کان پڇيو ته پيارا، تون پئسا ڪيڏانهن ڪندين؟ اُن ڇوڪري وراڻيو ته منهنجو پتا گذاري ويو آهي، گهر ۾ بيمار ماءُ ۽ ننڍو ڀاءُ آهي. بيمار ماتا جي دوا لاءِ پئسا گهربل آهن. ڳالهائيندي ڳالهائيندي ٻالڪ جو گلو گهٽجي ويو. بادشاھ جي دل ۾ ديا ڀاونا پيدا ٿي. هن ٻالڪ جو پتو نوٽ ڪري ڪيس پئسا ڏيندي چيو ته هڪدم ڊاڪٽر کي گهر وٺي وڃ ۽ ماتا جو علاج ڪرائج. ٻالڪ پئسا وٺي ڊاڪٽر کي وٺڻ ويو. هيڏانهن ننڍو ٻالڪ ٻڪ وڇان پاھ ٿي رهيو هو. جوسف ان ماتا کي چيو ته مان ڊاڪٽر آهيان، توکي ڪهڙي تڪليف آهي. ان ماتا بادشاھ جوسف کي ڊاڪٽر سمجهي سمورو احوال ٻڌايو ته سندس بيماريءَ جو مول ڪارڻ غريبي آهي. بادشاھ هڪ پني تي ڪجھ لکي ڏنو ۽ چيو ته هن ۾ لکيل دوا سبب توهان جو دک هميشھ لاءِ دور ٿي ويندو، اهو ڪاغذ وڏي ڪکي کي ڏجو. ائين چئي بادشاھ جوسف اُتان هليو ويو. ٿوري وقت بعد ماتا جو ٻالڪ ڊاڪٽر کي وٺي آيو. اُن ماتا چيو ته هاڻي هڪڙو ڊاڪٽر آيو هو جنهن هن ڪاغذ تي دوا لکي ڏني آهي. ڊاڪٽر اهو پنو وٺي پڙهيو. ڊاڪٽر مشڪندي چيو ته هي پنو رواجي پنو ڪين آهي. جوسف بادشاھ پاڻ توهان وٽ ڊاڪٽر جي روپ ۾ آيو ۽ سرڪاري خزاني مان توهان کي خوب پئسن ڏيڻ جو حڪم هن پني تي لکيو اٿائين. توهان هڪدم سرڪاري خزاني ۾ هي پنو کڻي وڃو. ڊاڪٽر ان ماتا کي دوا ڏني. هوءَ چاڪ ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن پٽ سان گڏ اهو بادشاھ جو پنو خزاني ۾ کڻي ويا ۽ ڪين خوب ڌن مليو. سندن غريبي دور ٿي ويئي ۽ هو سکي گذارڻ لڳا. بادشاھ جوسف وڏوا جي ٻار تي ڪهل ڪري سندس بيمار ماتا جي حالت ڏسڻ لاءِ پاڻ غريب وڏوا جي گهر ويو ۽ اُنهن جو دک دور ڪيائين. اهڙا جيڪڏهن ديالو، رحمدل راجائون هجن ته مفلسيءَ جو مرض ختم ٿي وڃي.

سوامي جن پياري ڀڳوانداس کي ڌنيواد ڏني جو هي پيارو مدراس ۾ سنگرو مهاراجن جي جوت جڳائي وينو آهي. سوامي جن گرو مندر ۾ پڻ ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ ديوداس ميرپوري ۽ ڀيڻ وينا ديوداس ميرپوري سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ امولڪ پروچن ڏيڻ لاءِ شڪراداڻي ڪئي.

مدراس ۾ پريوءَ جي پياري جشن سوڀراج ۽ سندس ڌرمپتنيءَ وملا ڀڳوان شري ڪرشن جو مندر ٺهرايو آهي. سوامي جن اُن مندر ۾ ستسنگ ڪندي پياري جشن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته پنهنجي سک سهنج سهوليت آرام لاءِ ته هرڪو ئي محل ماڙيون اڏائي ٿو، پر جيڪي ههڙا ڌارمڪ آستان ۽ پراُپڪار جا ڪيندر برپا ڪن ٿا، اُهي ڌنيہ آهن. مالڪ جي ڏنل مايا سڪرت ۽ ڌرم جي ڪارين ۾ سڦلي ڪرڻ گهرجي. سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

رام ڀڄن جنھ هوت هئہ، تهان براجت رام،

۾ رهي ڀڳوت اُپاسنا ڪريو. دان پڇ ڪريو. ڪنهن نہ ڪنهن ڪامل گروءَ جي اوٽ وٺو. ان جي ڪرپا سان توهان جي من جا مونجهارا مٽجي ويندا ۽ آنند جي پراپتي ٿيندي.

ٿيري هرديہ ۾ هئہ سدا، سکہ شانت ڀنڊار،
گر ڪرپا سي پايہ سو، ڪھ ٽيئون سکہ سار.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۾ ٥ سيپٽمبر کان ٩ سيپٽمبر پوجنيہ سوامي جن جو ٧٨ جنمدن اُتسو اُتساهہ اُمنگہ سان ملهايو ويو. ٥ سيپٽمبر شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ صاحب رکيو ويو ۽ اڌياپڪ ڏوس ملهايو ويو. سوامي جن کن آدرشي اڌياپڪن جو سنمان ڪيو. سوامي جن ان موقعي تي چيو تہ اُستاد ديش جا اڏيندڙ آهن. اُنهن جي سماج ۾ يوگيہ عزت ٿيڻ گهرجي. اڄ ڀارت جي مهان فيلسوف ۽ اڳين راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جو جنم دن آهي، جنهن پنهنجي قابليت ۽ ودوتا سان ماستر جي پد تان اُنتي ڪندي راشٽرپتيءَ جو پد پراپت ڪيو. سوامي جن اڌياپڪن کي اپيل ڪئي تہ وديارٿين ۾ پوترتا، پرارٿنا، سچائي ۽ سادگيءَ شيوا جا سنسڪار وجهو.

جنمدن سنبنڌ ۾ ٦ سيپٽمبر اناٿ ٻارن جي شيوا ۽ وديارٿين جي ڀڳتي گيتن ۾ چٽاڀيٽي رکي وئي. سوامي جن ڀاڱہ وٺندڙ وديارٿين کي انعام ڏنا. ٨ سيپٽمبر سوامي جن راڌي شيام گئو شالا ۾ هليا جتي گائين کي گاهہ ۽ ڳڙ کارايائون. ٩ سيپٽمبر پرڀاٽ جو پريمين گڏجي سوامي جن کي کير سان اشنان ڪرايو ۽ سندن پوڄا ڪئي. گرو مهما جا گيت ڳايا. صبوح جو ٩ بجي هوَن يگيہ ۽ سفيد پوشن جي شيوا جا ڪاريہ ڪرم ٿيا.

شام جي ستسنگہ ۾ جنتا جناردن پريشد جي سيڪريٽري ديال آشا ٻڌايو تہ ڪيئن نہ سوامي جن جي پريرڻا پرشارٿ سان سوامي سروانند اسپتال، ٻڍا آشرم ۽ ٻيا ڪيترا ئي شيوا جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. سنت ديو پرڪاش، سوامي نارائڻداس امرڏام، ڀائي روپارام صاحب، سنت برهمداس، شري سيتلداس هرچنداڻي ايم. ايل. اي، شري سياڳچند چاولا، شري هيرالعل سيندااساڻي، شري گوبندرام ايل. ڀاٽيا، شري پرسرام ڪانگريسي ۽ ٻين سوامي جن جي پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. پوجنيہ سوامي جن ديال 'آشا' جي لکيل پستڪ 'ڀارت جا ڀڳت' جو مهورت ڪندي چيو تہ هھڙن سندر پستڪن پڙهڻ سان من ۾ ڀڳتي ڀاونا پيدا ٿيندي. ڀڳتي ڀڳوان جي ويجهو آڻيندي.

سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ توهان داس جي جيڪا مهما ڪئي آهي، اها مهما ستگرو مهاراجن جي آهي. داس کي پنهنجي ڪهڙي طاقت! هلڻ لاءِ ٻئي ڪنهنجو سهارو وٺڻو پوي ٿو. سنگت ۾ صاحب ٿيندو آهي. توهان ڪيڏي نہ قرب سان داس جو جنم دن ملهايو آهي. اڄ مان ٻار آهيان. مون ٻالڪ تي آسيس ڪريو تہ نام ڇپيندو رهان، نام جپائيندو رهان ۽ اُپڪار جا وڏيڪ ڪاريہ ڪندو رهان.

١٤ سيپٽمبر سوامي جن رتلام ۾ ستسنگہ ڪيو. ١٥ سيپٽمبر سوامي جن سوامي ٽيئونرام

سوامي جن پياري هوندراج سئناڻيءَ ۽ سندس ساٿين کي ڏنيواد ڏيندي چيو ته هي پيارا ڪيڏي نه اُتساه اُمنگ سان اُڏيري لعل جي چاليهه ڏينهن اُپاسنا ڪن ٿا ۽ ورت رکن ٿا. اُڏيرو لعل ورڻ ديوتا جو اوتار وني سنڌ ۾ آيو. هن اڌرم ۽ اتياچار جو خاتمو ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ اوتار ڌارڻ ڪيو. اُڏيرولعل سنڌين جو اشٽ ديو آهي. جيڪو ان جي پريم شرڌا سان پوڄا ڪري ٿو لعل سائين سندس من جون مرادون پڄائي ٿو.

ڀڳوان شري ڪرشن جو جنم جو دن ٢٠ آگسٽ پوڄنيه سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ ملهايو. سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪندي چيو ته اڄوڪي پوتر ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن دشٽن جو دمن ڪرڻ لاءِ اوتار وني آيو. ڀڳوان بانڪي بهاري پاڻ شري ارجن کي گيتا ۾ چوي ٿو ته جڏهن جڏهن پرٿويءَ تي ڌرم جي هاڃي ٿئي ٿي، دشٽ دراچاري وڌي وڃن ٿا، ظلم وڌي وڃي ٿو تڏهن دشٽن جو دمن ڪرڻ لاءِ ڌرم جي سنسٿاپنا لاءِ يگه يگه ۾ اوتار وني اچان ٿو.

ڪنس ڪيئن نه ٻالڪ ڪرشن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پاپڻ پوتنا ڪيئن نه سندر روپ ڪري پنهنجن استنن کي زهر لڳائي نند يشودا جي گهر وڃي ٻالڪ ڪرشن کي ٻاهران پيار وچان ڪڇي پنهنجي زهريلي ٿڃ دواران کيس مارڻ چاهي ٿي. ٻالڪ شري ڪرشن سندس ملين مراد کي سمجهي وڃي ٿو. جڏهن ئي پوتنا شري گوپال ڪرشن کي ٿڃ ڏئي ٿي ته ٻال نندلعل سندس استنن کي اهڙو ته چڪ پاتو جو پوتنا جو ساهه مٺ ۾ اچي ويو ۽ بروقت ئي مري وئي. وري ڪنس ترڻا ورت راڪشس کي موڪلي ٿو ته ڪيئن به ڪري ٻال ڪرشن کي ختم ڪري اچ. راڪشس شڪتيءَ سان چوڌاري اوندهه انڌڪار ڪري ڇڏيو ۽ هي سڌو نند يشودا جي گهر ۾ آيو. ان وقت ماتا يشودا نندلعل کي پينگهي ۾ ليٽائي ٻئي ڪمري ۾ وئي. جڏهن ئي راڪشس ترڻاورت ٻال گوپال جي ويجهو آيو ته ڀڳوان ٻال گوپال پاڻ کي ايڏو ته وزندار بڻائي ڇڏيو جو راڪشس ترڻاورت کيس ڪڇي ته کين سگهيو پر کيس چوري به کين سگهيو. ڀڳوان شري ڪرشن ان راڪشس جو اهڙو ته گلو گهٽيو جو هوُ ڦٿڪي ڦٿڪي اُتي ئي مري ويو. ڀڳوان ٻال اوسٿا ۾ ئي ڪيئن نه دشٽن جو دمن ڪيو. ڀڳوان جي سڳي مامي راجا ڪنس ڪيترا نه ظلم ڪيا. ڀڳوان شري ڪرشن ان جو خاتمو ڪري ڌرتيءَ جو بار هلڪو ڪيو.

اهڙي مهان ڪرم يوگي ڀڳوان جو اڄ جنمدن آهي. اڄ ڀڳوان شري ڪرشن جي سکيائن ۽ آدرشن تي هلي جيون سڦل ڪريو. سندس نام ۾ اٿاهه شڪتي آهي. اُٿندي ويهندي 'جئه شري ڪرشن.' چئو. مرلي منوهر جي تصوير پنهنجي من مندر ۾ ڌارڻ ڪري ان جو ڌيان ڪريو ته توهان جو هي جنم ۽ پرلوڪ سهيلو ٿيندو.

٢٢ آگسٽ کان ٢٥ آگسٽ سوامي جن ڪرلا بمبئي جهوليلعل مندر ۾ چاليهي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ ستسنگه پروچن ڪيو. سوامي جن پريمين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هر سال توهان نيم نڀاهيو ٿا ان لاءِ جس جا ڀاڳي آهيو. ورڻ ديوتا جي اُپاسنا تمام ضروري آهي. گهر گرهست

روپي جيوتي پرڪاش پيئي ڪري ۽ شيشي جي ذريعي ٻاهر نڪري ٿي. پاڻ معنيٰ من جون ڪلپنائون سمنڊ جي لهرن وانگر ڪونہ آهن، پر اُهي ڪلپنائن روپي لهرون جتي ۽ جنهن ۾ اٿن ٿيون ان کي پاڻ جي معنيٰ سمجهڻ گهرجي. انهيءَ پاڻ جي معنيٰ سمجهڻ لاءِ گيان روپي نيتر يعني انتهڪرڻ بلڪل صاف هئڻ گهرجي. انتهڪرڻ جي صفائي اوچن ڪاڏن ڪائڻ سان ڪونہ ٿيندي پر ٿوري ساتوڪ ڀوڄن ڪائڻ سان. من جي صفائي سنساري رسن ونڻ سان ڪونہ ٿيندي، پر اُنهن رسن کان اُداس رهڻ سان ٿيندي. من ديهہ روپي لالٽين جو هڪ شيشو آهي. جنهن ۾ پاڻ پرڪاش روپ ديو براجمان آهي. شيشي جي جيتري صفائي هوندي، اوترو پرڪاش روپي آنند وڌيڪ انيؤ ۾ ايندو.

پاڻ هڪ سدا پرڪاش روپ وستوُ آهي، جنهن جو پرڪاش هڪ هنڌ ڪونهي. پر پرڪاش سيني هنڌ هڪ جهڙو آهي. هو پرڪاش بہ هن پرڪاش وانگر ڪونہ آهي هو هڪ نرالو پرڪاش آهي. هن پرڪاش جي ذريعي هي پرڪاش چمڪي ٿو. پر هن پرڪاش سان هن پرڪاش جو سنبنڌ آهي. اهو سنبنڌ سچو ۽ انادي آهي. اهو سنبنڌ هڪ ذريعو آهي. جيئن هن سان هن کي ڄاڻجي. ڪم اسان جو هن ۾ آهي مقصد اتي آهي، جڏهن اهو ڪم پورو ٿيو، تڏهن هي پرڪاش بہ هو پرڪاش ٿي ويندو اهو سنبنڌ بہ ختم ٿي ويندو.

اهو پاڻ سڃاڻڻ، پاڻ لاءِ نجو سڃاڻڻ ڪونہ آهي، پر انهيءَ پاڻ سڃاڻڻ سان سڀ کي سڃاڻي سگهجي ٿو ۽ پاڻ کي سڃاڻڻ کان پوءِ ڪابہ وستو سڃاڻڻ لاءِ بچي ڪانہ ٿي. پريميو! ان ڪري پاڻ پڇاڻڻ لاءِ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو.

اجمير ۾ سنڌين جي نشڪام نماڻي سماج شيوڪ ڀڳت جن دادا ديپچند بيلاڻي سڏار سيا طرفان ڀاءُ ڀڳوانداس مياڻي جي سهڪار ۽ سوامي ماڌوداس مهاراج جي آشيرواد سان مياڻي هاسپيٽل نهرائي. اُن اسپتال جو مهورت ڪرڻ لاءِ پوڄنيہ سوامي جن ٢٣ سيپٽمبر اجمير ۾ پڌاريا. ٢٤ سيپٽمبر سوامي جن اسپتال جو مهورت ڪندي مياڻي پريوار ۽ پياري ديپچند بيلاڻي ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ هنن خيراتي اسپتال کولي اُتم پراُپڪار جو ڪاريہ ڪيو آهي. هن اسپتال مان سوين بيمار شفا حاصل ڪندا. بيمار اپاهجن دکين جي شيوا بہ پرڀوءَ جي ڀڳتي آهي.

شري ايشور ناراڻي پوڄنيہ سوامي جن ۽ ٻين آيل مهمانن جو سواگت ڪيو.

سوامي جن ٢٦ سيپٽمبر ١٩٨٤ تي اجمير جي آدرش ڊگري ڪاليج ۾ اسو چنڊ سماروهہ جي موقعي تي پڌاريا. پرنسيپال جهمٽمل ٽلواڻي پوڄيہ سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ آدرش تعليمي سنسٿائن سنڌيت جي جوت قائم رکڻ ۾ خاص ڀاڱو ورتو آهي. پرنسيپال ٽلواڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هن اسڪول کولي سنڌي ٻوليءَ جي جوت جڳائي آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ وديارٿين ۾ ڌارمڪ سنسڪار وجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. پرنسيپال سندري ڪيولراماڻي سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

پريم پرڪاش آشرم ڪوٽا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ١٧ سيپٽمبر تائين ستسنگ ورکا ڪئي. ١٨ سيپٽمبر سوامي جن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٢ سيپٽمبر تائين ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

اُتي سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ منش جيون جي سڦلتا پاڻ کي سڃاڻڻ ۾ آهي. پاڻ کي سڃاڻڻ جي معنيٰ اها نہ سمجهڻ گهرجي تہ منهنجو نالو هي آهي ۽ منهنجي ائڊريس فلاڻي آهي، پر پنهنجي اندر جيڪا جيوتي آهي، ان جي رهسيہ کي سمجهڻ، جئن کنڊ کائڻ سؤلي آهي، پر کنڊ جي ڄاڻ رکڻ تہ کهڙين شين جي ميلاپ سان هي سنهڙا داڻا ٺهن ٿا. اها ڳالھ ڄاڻڻ ڪٺن آهي، پر ان جو مطلب اهو نہ سمجهڻ گهرجي تہ پاڻ کي سڃاڻڻ اسنڀو آهي. پرماتما ۽ سنتن جي ڪرپا سان ۽ ست شاسترن جي منن ڪرڻ سان رستو کلي پوندو آهي. منش پنهنجي ساکي سوروپ کي سڃاڻي سگهي ٿو.

جيڪا شيءِ ڪٺنتا سان پراپت ٿيندي آهي، اُن کي پراپت ڪرڻ کان پوءِ ان لاءِ پيار، عزت ۽ اُن کي سوگهو رکڻ جي ضرورت وڌيڪ محسوس ٿيندي آهي، پر شيءِ جي پراپت ڪرڻ ۾ هڪ سڪ ۽ ٻيو اُدم ضروري آهي. سڪ اُدم کي رسيلو ڪندي آهي ۽ اُدم بہ سڪ کي ٻلوان ڪندو آهي. ٻئي گاڏيءَ جي ٻن ڦيٿن وانگر ضروري آهن. ٻنهي سان سڦلتا پڪ ملندي آهي. سڦلتا جي نہ ملي تہ ڪوئي وچ ۾ وگهن سمجهڻ گهرجي. وگهن دشمن وانگر ڊيڄاريندڙ ڪونہ ٿيندو آهي پر سڪ ۽ اُدم جي ڪمزوري ئي وگهن بڻجندي آهي.

تهڙيءَ طرح پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ بہ سڪ ۽ اُدم ضروري آهن. انهن ٻنهي اکرن کي دارشنڪ ٻوليءَ ۾ وئراڳ ۽ اڀياس چئبو آهي. جيئن ڪنهن لاءِ سڪ ٻين پاسن کان منهن موڙائي مقصد ڏانهن دل ۽ دماغ کي ڇڪيندي آهي، تيئن وئراڳ بہ سيني سڃاڻڻ يوڳيہ ٻاهرين پدارٿن کان موڙي اندر هيل تائين اڻ سڃاتل شيءِ يا اِسرار ڏانهن من کي ڇڪيندو آهي. دنيا ۾ سڃاڻپ اڻ سڃاتل شين جي ٿيندي آهي يا ڪرائبي آهي، پر هت سڃاڻپ، سڃاڻپ جي سڃاڻپ آهي. سڃاڻپ جي سڃاڻپ اُتي ٿيندي آهي، جتي سڃاڻپ جي پوري سڃاڻپ ڪانہ هجي. اڻپوري سڃاڻپ معنيٰ اڌ وسريل ۽ اڌ ياد ٿيل. جئن هٿ ۾ پاتل منڊي ڀرم سبب هٿ ۾ ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي. انجو مطلب اهو ڪونهي تہ منڊي ڪانہ آهي. منڊي آهي پر ڪٿي؟ اها خبر ڪڏهن پوندي جڏهن سڪ ۽ اُدم ڪبو.

ڪنهن بہ شيءِ جي سڃاڻپ لاءِ ٽن شين جي ضرورت ٿيندي آهي (١) اکيون سٺيون ۽ صاف هجن (٢) سمجهڻ ۽ سڃاڻڻ لاءِ ان شيءِ سان پريم هجي (٣) گيان شڪتي يا سوچڻ جي شڪتي بہ ضروري آهي. انهيءَ شيءِ جي باري ۾ پهريائين ٿورڙو گيان هئڻ گهرجي، ارٿات انهيءَ شيءِ جي سمجهائڻ لاءِ جن سنبنڌ رکندڙ ڳالهين ۽ شين جو گيان هئڻ ضروري آهي نہ تہ آڪاش جي گلن جي ڪٿا وانگر اُن جو گيان بہ بي بقا ٿي پوندو. تهڙيءَ طرح پاڻ کي سڃاڻڻ لاءِ پهريائين 'پاڻ' اکر جي معنيٰ سمجهجي. پاڻ جي معنيٰ هي سندر شرير نہ آهي. هي شرير تہ لالٽين جي شيشي وانگر آهي جنهنجي اندران پاڻ

جي آسڻان پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٠-٢١ آڪٽوبر ستسنگہ پروچن ڪندي سوامي گوالانند مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ وقت من کي ايڪاگر چت ڪريو. دنيوي خيالن کان خالي ٿي هڪ خالق جو خيال ڪريو.

هڪ راجا جو نيم هو تہ هوُ چار ڪلاڪ ايڪانت ۾ ويهي ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. هن جو اهو آديش هو تہ ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ وقت جيڪڏهن ڪوبہ وٽس ويندو تہ اُن کي ڦاسيءَ جي سزا ڏني ويندي. هڪ دفعي اوچتو ئي اوچتو راجڪمار سخت بيمار ٿي پيو. راڻيءَ وزير کي چيو تہ راجا کي اها سوچنا ڏئي اچ. اُن وقت راجا ڀڳوت ڀڄن ۾ لين هو. سڪيلڏو راجڪمار سرڳواس ٿي ويو. ڀڄن بعد راجا ڪمري ۾ ليٽي پيو. وزير راجا جي ڪمري ۾ ويو ۽ ڪيس پٽر جي پرلوڪ پڌارجڻ جي دکدائڪ خبر ٻڌايائين. اهو شوڪ سماچار ٻڌي راجا ٽهڪ ڏنو. اهو ڏسي وزير وائڙو ٿي ويو. وزير وائڙو ٿي ويو. وزير وري پٽر ويوگہ جي ڳالهہ راجا کي ٻڌائي.

راجا وزير کي چيو تہ تنهنجي اچڻ کان اڳہ ۾ مان سپنو لهي رهيو هوس تہ مان چڪرورتي راجا آهيان، پنج سپاتر پٽر آهن. اُنهن جي شادي ٿي رهي آهي. اُهي مڪٽ پائي پنهنجين زالن سان ويڏيءَ تي وينا آهن ۽ مان بہ ڏاڍي شان مان ۽ خوشيءَ سان گهوٽ پيءُ بڻجي اُتي وينو آهيان. چوڌاري خوشيءَ جو واتاورڻ آهي ۽ ايتري ۾ تو اچي مونکي سڏ ڪيو. منهنجو سپنو ٽٽي پيو. هاڻي مان سپني واري سرشٽيءَ جو ارٿات پنهنجن پٽن جو ذڪر ڪريان يا هن راجڪمار جو؟ وزير محسوس ڪيو تہ راجا مهان گياني آهي، ڪيس پٽر جي مرتيوءَ جو شوڪ ڪين آهي.

پريميو! جئن سپني جي سرشٽي مٿيا آهي تئن جڳت جي رچنا بہ مٿيا آهي. هڪ برهم ئي ست آهي، مايا ۽ مايوي پدارٿ ڏسڻ ماتر آهن پراست آهن. ان ڪري ست برهم جو گيان پراپت ڪري مانو جيون سڦل ڪريو.

٢٣ آڪٽوبر پرڀات جو سوامي جن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. سوامي جن شري گرو گرنٿ صاحب جي وچن جي وياکيا ڪرڻ بعد شري ڪارتڪ ڪٿا جي چٽي سمجهاڻي ڏيندا هئا. ٣٠ آڪٽوبر گوپ اشٽمي ڏينهن صبوح جو آشرم ۾ ۽ شام جو شري راڌي شيام گئو شالا ۾ سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جو ورڻن ڪندي گئو ماتا جي مهما ڳائي. سوامي جن پنهنجي پروچن ۾ چيو تہ ڳائين جي شيوا سان چئني پدارٿن جي پراپتي ٿئي ٿي. ڳانءِ جو کير مفيد آهي ڳانءِ اسان جي ماتا آهي، سڀن جي داتا آهي. اُن جي رکشا ڪرڻ اسان جو اهم فرض آهي.

ڀارت جي پرڌان منتري شريمتي اندرا ڳانڌيءَ جي دکدائڪ ديهانت سبب ٢ نومبر جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ شوڪ سڀا پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پرڌانپڻي هيٺ ٿي. سوامي جن ڀاو ڀيني شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ شريمتي اندرا ڳانڌيءَ جي هتيا جاتيءَ تي ڪارو ڪلنڪ آهي. پنهنجي ماتا جي ديهانت کان وڌيڪ دکہ اندرا ڳانڌيءَ جي ديهانت جو ٿيو آهي. ديوي اندرا نہ صرف ڀارت

٢٧ سيپٽمبر سوامي جن سنت اوڌوداس جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پريوءَ کي پريم سان پڪاريو. پريم واري پڪار پرماتما هڪدم ٻڌي ٿو. درد ڀري دانهن ٻڌي ماءُ به ٻالڪ کي هڪدم گلي لڳائيندي آهي.

گراهه گج کي جڏهن پاڻيءَ ۾ پڪڙيو، تڏهن گج (هاٿي) پنهنجو زور هلائي نه ٿي سگهيو، تڏهن گج پريم ۽ درد ڀري آواز سان پريوءَ کي پڪاريو، تڏهن ڀڳوان گرڙ کي به ڇڏي پيرين پيادو اچي ڪيئن نه گج جو گل سويڪار ڪري ڪيس گراهه کان مڪت ڪيو. ڀڳوان پنهنجي ڀڳتن لاءِ ڇا ڇا نٿو ڪري. گج ته ڀڳوان کي پريم سان پڪرايو، ان ڪري ڀڳوان گج جي اچي رکشا ڪئي، پر جنهن گراهه گج کي ختم ڪرڻ ٿي چاهيو اُن جي ڀڳوان ڇو مڪتي ڪئي؟ ڀڳوان چيو ته گراهه برابر مونکي ڪين پڪاريو، پر هن منهنجي پياري گج جا پير پڪڙيا اُن ڪري پهرين اُن جو به اُڌار ڪيم. جيڪو ڀڳتن جا به چرڻ پڪڙي ٿو، ڀڳوان اُن جي به مڪتي ڪري ٿو.

پريميوا پرماتما کي پريم سان پرارٿنا ڪريو. سڪ سان سڏ ڪريو ته ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن، ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ پريو اچي توهان کي درشن ڏيندو، توهان جا ڏک درد دور ڪندو.

سنت اوڌوداس جيڪڏهن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي شرڻ نه ولي ها ته توهان ڪيس اڄ ياد ڪين ڪريو ها. سالن جا سال هن پياري ستگرو مهاراجن جي شيوا ڪئي ۽ ڀڳوت ڀڄن ڪيو. اڄ هن جو چوڏاري يش آهي. توهان به ستگرن جي سکيا هنڌائي نام سمرڻ ڪريو ۽ پراُپڪار جا ڪم ڪريو.

ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي ٨٨ جنمدن اُتسوءَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ٢ آڪٽوبر هردوار ۾ پڌاريا. ٦ آڪٽوبر کان جينتي اُتسوءَ آرنڀ ٿيو. هزارين شرڌالو هن اُتسوءَ ۾ شريڪ ٿيا. ٦ آڪٽوبر شام جو پريم پرڪاش آشرم مان شاهي جلوس سوامي جن جي سرپرستيءَ ۾ نڪتو جنهن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، ستگرو سوامي سروانند مهاراج جون جهانڪيون هيون. چار ڏينهن سانده اُتي سوامي جن سوامي ڌرمداس، سنت هرداسرام، سنت برهمانند، سنت اننت پرڪاش ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورکا ڪئي. سوامي جن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته سوامي سروانند مهاراج ڀڳتي ۽ گيان جي مورت هئا، سادگي ۽ نمرتا جي صورت هئا. هزارن جيون کي نام جو منتر ڏيئي پريوءَ جي راهه ۾ چڪيائون. توهان به سنساري جوابداريون پوريون ڪندي نام جپيو. سمرڻ دوارن توهان جا ڏکيا ڪم به آسان ٿي پوندا. نام جپيو سڪ ۽ شرڌا سان. سوامي جن سنت منڊل سان گڏ اُتسوءَ جو پلوءُ پائيندي سنگت کي اپيل ڪئي ته مايا کي ايشور جي امانت سمجهي ستڪرمن ۾ خرچ ڪيو. ويچار ۽ وهنوار شڌ رکو.

٢٠ آڪٽوبر سوامي جن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوءَ سنبنڌ ۾ سوامي رامڪرشن

دفعي هڪ مهاتما ستسنگ ڪندي پريمين کي چيو تہ سڀني جيون ۾ پرماتما رمي رهيو آهي. ان ڪري سڀني کي سم درشٽي ٿي، ڀڳوت روپ سمجهو. ڪٿا ٻڌڻ بعد هڪ پريمي رستي تان وڃي رهيو هو تہ پريان هڪ مست هاٿي اچي رهيو هو. هي پيارو هاٿيءَ کي پريان ڏسي هٽيو ڪين. پيلوان هڪل ڪئي تہ پيارا! هاٿي مست آهي، پري ٿي بيهہ، مگر اُن پريميءَ من ۾ سوچيو تہ ڪٿا ۾ سنت چيو تہ سڀ ۾ پريو پاڻ آهي. جيڪو هاٿيءَ ۾ آهي سو مون ۾ آهي، جڏهن اسين ٻئي ڀڳوت روپ آهيون، پوءِ هاٿي مونکي ڇا ڪندو! ائين ڪندي هاٿي اُن جي ويجهو آيو ۽ کيس سونڍ ۾ کڻي ڦيرائي ڦٽو ڪيائين. اُن پريميءَ جا هڏ گڏ ڀڄي پيا. ڪجهہ ڏينهن بعد ٺيڪ ٿيو ۽ ساڳئي سنت وٽ آيو ۽ اچي سموري گهٽنا کيس ٻڌايائين ۽ چيائين تہ ڪير توهان جي وچنن ۾ ويساهہ ڪندو!

مهاتما اُن پريميءَ کي سمجهائيندي چيو، 'پيارا! جي هاٿيءَ ۾ اُهو پريو هو تہ پيلوان ۾ بہ اُهو مالڪ موجود هو. توکي جڏهن پيلوان پري ٿيڻ لاءِ چيو تہ تون ڇو نہ پري ٿي بيٺين؟ جي پيلوان جي چوڻ موجب دور ٿي بيهين ها تہ هاٿي توکي سونڍ ۾ کڻي ڦٽو نہ ڪري ها. تو هاٿي ۽ پيلوان ۾ ساڪي ساڳيو روپ ڪين سمجهيو. سمجهہ سمجهہ جو ڦير آهي. جيڪڏهن ٻنهي کي سم روپ سمجهين ها تہ دکي نہ ٿين ها. پريميو! پرماتما هر پراڻيءَ ۾ وياپڪ آهي. ڪنهنکي ڪين رنجايو، سڀني کي سنيهہ سنمان ڏيو.

سوامي جن ٢ ڊسمبر ١٩٨٤ آرتوار صبوح جو ١٠ بجي اندرا گانڌي مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو مهورت ڪندي ڀاءُ گوپالداس رام رکياڻي، شوقتراءِ پرياڻي، جيوترام گوبندرام پرياڻي ۽ آيل ٻيهن ڊاڪٽرن کي ڌنيواد ڏني. جن جدا جدا بيمارن جي تپاس ۽ علاج جي مفت ويوستا ڪئي. سوامي جن ميڊيڪل ڪئمپ ۾ شيوا ڪندڙ سڀني ڊاڪٽرن ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي پاڪرون پاتيون. سوامي جن هن موقعي تي چيو تہ دکين جو دک دور ڪرڻ اسانجو ڪرتويہ آهي. اوهان بيمارن جي مفت تپاس ڪري ڪين دوائون پڻ مفت ڏيو ٿا. ان لاءِ اوهان جس جا ڀاڳي آهيو.

ڊسمبر ۾ نوساريءَ ۾ مارڪيٽ کي باهہ لڳي جنهن ۾ سنڌين جا سؤ کن دڪان جلي ويا. ان وقت پوجنيہ سوامي جن سورت ۾ هئا. پوجنيہ سوامي جن کي جڏهن ان درگهٽنا جي خبر ملي تڏهن هوُ هڪدم نوساريءَ ۾ سرزمين تي پڌاريا. سوامي جن کي ڀاءُ ٽلومل ڪٽواڻي ٿيل نقصان بابت احوال ڏنو. پوجنيہ سوامي جن ڀائرن کي آٿت ڏيندي چيو تہ دڪان ناهڻ لاءِ توهانکي مدد ڪئي ويندي. توهان پاڻ ۾ ٻڌيءَ ۾ رهي جاچ ڪريو تہ باهہ جو ڪارڻ ڪهڙو آهي. سائين ڀلي ڪندو.

ڀاءُ ايشور بالاڻيءَ جي قرب ڀري ڪوٺ تي سوامي جن ٢٦ ڊسمبر ١٩٨٤ صبوح جو سنگت سان گڏ سنڌونگر مان امرت ويلا آشرم ڪنڊالا لاءِ روانا ٿيا. منجهند جو ١٢ بجي سوامي جن آشرم ۾ پهتا جتي ڀاءُ ايشور بالاڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو. شام جو ٥ بجي پوجنيہ سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پياري ايشورلعل کي ڌنيواد آهي جو هن ساڌڪن جي سهوليت لاءِ هي آننددائڪ آستان نهرايو آهي. شهر جي گوڙ گنبوڙ ۽ تناوَ واري

جي، مگر وشو جي مهان نيتا هئي. يوگيہ پتا جي يوگيہ پتري هئي. ٻي طرفدار ملڪن کيس پنهنجو اڳوان ڪري چونڊيو. اها سندس مهاننا جي نشاني هئي ۽ ڀارت لاءِ فخر جي ڳالھ هئي. اسان کي شخصي آزمودو آهي تہ وديشن ۾ پڻ هن ماتا لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا ۽ پيار آهي.

ڊاڪٽر ڏرمداس لڪاٽي، شري دولترام منگناڻي، پرنسيپال ڪنعيالعل تلريجا، ڊاڪٽر ديال آشا، پرسرام ڪانگريسي، گوپيچند ٻهراڻي، ڪرشنلعل ٻجاج پڻ شريمتي اندرا گانڌيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي.

٢ نومبر ڪارتڪ ايڪادشي ڏينهن صبوح جي ستسنگ کان پوءِ سوامي جن سان هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. ڀاءُ راجلسنگھ ٻنيجا شمشان ڀوميءَ جي ڪاريہ تي روشني وڌي. پوڄنيہ سوامي جن اُتي وياکيان ڪندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن جو وڏو مهاتم آهي. اڄ خوب دان پڄ ڪريو ۽ نام جپيو. ساري رات جاڳي گوبند جا گڻ ڳايو. ان بعد سوامي جن امرناٿ جل آشرم ۾ پڌاريا، جتي ڀاءُ امرلعل وليچا ۽ ڀاءُ ڪشن سوامي جن جو سواڳت ڪيو. اُتي پڻ سوامي جن سڪيادائڪ اُپديش ڏنو.

٣ نومبر صبوح جو سوامي جن پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن سوامي چندنرام سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ٣ نومبر کان ٦ نومبر ستسنگ ورکا ڪئي. سنت اننت پرڪاش سوامي جن جا آڀار مڃيا.

٦ نومبر شام جو ٣ بجي سوامي جن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ پهچي ويا. شام جو ستسنگ ڪندي پوڄنيہ سوامي جن شري گرونانڪ ديو جن جي جنم اُتسو سنٻنڌ ۾ سندن جيون ۽ سکيائن تي پرڪاش وجهندي چيو تہ اسان جا ڪيترا ڀائر شري گرو نانڪ جي سکيائن کي پلجي ويا آهن. شريمتي اندرا گانڌيءَ جي دکدائي ديهانت جو ذڪر ڪندي سوامي جن ايڪتا لاءِ اپيل ڪئي. سنت ديو پرڪاش شريمتي اندرا گانڌيءَ جي ديهانت نمت رکيل شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺ جو ڀوڳ وڌو.

پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو چوڏهون وارشڪ اُتسوُ ٢٥ نومبر کان ٢٩ نومبر تائين ڏاڍي اُتساھ ۽ اُمنگ سان سوامي جن جي اڌيڪشتا ۾ ملهايو ويو. ٢٥ نومبر سندن اڳوانيءَ ۾ شاهي جلوس نڪتو، جنهن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جون جهانڪيون هيون ۽ هزارين پريمي ست نام ساکيءَ جي ڌني لڳائيندا رهيا. ٢٩ نومبر پرڀات جو سوامي جن سنت منڊل سان گڏجي اُتسوُ جو پلئہ پائيندي چيو:

> ساکي چيتن رم رها، جل ٿل پن آڪاش،
> ڪھ ٽيئون تهن جانڪي پائو سکھ اوناش.

پريميو! سڀني جيون ۾ برهم وياپڪ آهي. اهو گيان حاصل ڪري امرآنند پراپت ڪريو. جل ۾ ٿل ۾ اُن برهم کان سواءِ ٻئي ڪنهنجي سنا ڪين آهي، اُهو سرووياپي آهي. هڪ

٢٧ ڊسمبر سوامي جن احمدنگر ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش منڊليءَ ۾ سوامي جن ٢٧-٢٨ ڊسمبر ستسنگ ورڪا ڪئي. ٢٩-٣٠ ڊسمبر سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ سوامي ٽيئونرام ستسنگ منڊليءَ ۾ پروچن ڪندي ماتا ستي ۽ ڀين شيواڌارين کي ڏنيواد ڏيندي چيو تہ توهان هٿ نت نيم ستسنگ جي. جوت جڳائي اُتم ڪاريہ ڪري رهيا آهيو. ستگرو مهاراج ستسنگ جي مهما ڪندي چون ٿا:

سب سنتون ني بئٺ ڪي، ڪينا يھ ويچار،
ڪھ ٽيئون ستسنگ سم، ساڌن نهين ڪو سار.

پريميوا ستسنگ ۾ اچو تہ سنساري خيال ڦرنا ڇڏي ايڪاگرچت ٿي ستسنگ جو آنند وٺو. دنيوي ڳالهين کان ورتي ٽوڙي پريوءَ سان ورتي جوڙيو.

ساڌ سنگ ۾ جائيي، چنتا گھر ڪي ڇوڙ،
ڪھ ٽيئون ست وچن ۾، ديجي من ڪو جوڙ.

ڪو دل رکڻ سگھي تہ سوامي جن کان. سوامي جن ساري ديش ۾ رٽن ڪيو. سنڌونگر آشرم ۾ هوئڻ تہ نت نيم سوامي جن ستسنگ ڪندا هئا پر گاديءَ تي براجمان ٿيڻ کان پوءِ پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ جدا جدا شهرن ۾ وڃي پريمين جي پياس پوري ڪندا هئا. جڏهن سنڌونگر ۾ سوامي جن هوندا هئا تہ سڀئي پريمي ائين چاهيندا هئا تہ سوامي جن جي مکاروند مان وچن ٻڌي ترپت ٿيون. سوامي جن جي اُتي هئڻ سبب ٻيا ڪي سنت يا گياني جن آشرم ۾ ايندا هئا تہ سوامي جن پهرين ستسنگ ڪرڻ جو وجھ اُنهن کي ڏيندا هئا. ڪيترائي دفعا پاڻ ستسنگ نہ ڪري بہ آئي وئي سنت جو آدر ڀاءُ ڪري ڪيس ستسنگ ڪرڻ لاءِ چوندا هئا. اها بہ سندن مهانتا هئي جو پاڻ کي پاسيرو ڪري ٻين کي ستسنگ پروچن ڪرڻ جو وقت ڏيندا هئا.

سوامي جن جو دروازو انئي پهر کليل رهندو هو. ڪابہ بندش ڪين هئي. سوامي جن پنهنجي صحت جو ڪوبہ خيال نہ ڪري ٻين جي دل پوري ڪندا هئا. هڪ دفعي گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ داس سوامي جن جي ڪمري ۾ وينو هو. رات جو ڏيڍ لڳو هو. سوامي جن ستسنگ پورو ڪري آيا هئا، ان وقت هڪ ڀاءُ سوامي جن کان جل پڙهائڻ لاءِ ڪٽي آيو. سوامي جن مشڪندي اُن کي چيو پيارا، هاڻي ڀڳوان تہ سمهيو پيو آهي! سوامي جن کيس جل پڙهي ڏنو. سوامي جن هلندي چلندي ڪار ۾ ويٺي بہ جل پڙهي ڏيندا هئا ۽ ٻين جي دل پوري ڪندا هئا.

آشرم جي وارشڪ اُتسوَ ۾ ديش وديش کان سوين پريمي ايندا آهن. اُنهن جي رهڻ، ڪاڌي پيتي جو جوڳو بندوبست سوامي جن ڪندا هئا. داس اکين سان ڏٺو آهي تہ ڪمرن ڀرپور هئڻ سبب سوامي جن ڪن پريمين کي پنهنجي ڪمري ۾ ئي سمهڻ لاءِ چوندا هئا، نہ صرف ايترو پر پنهنجي پلنگ تي وڇايل هنڌ ۽ وهاڻا بہ ڪٽي ڏيندا هئا تہ ڀلي مهمان سک ڪين.

زندگيءَ کان پري هٽ اچي ڀائر ڀينر نام سمرڻ ڪن. جيوَ جون اڇائون پوري ٿيڻ جون ڪين آهن. اسين پورا ٿي وينداسين مگر اڇائون پوريون ڪين ٿينديون.

ترشنائون جيوَ کي ڀٽڪائن ٿيون. انهن ترشنائن کي پوري ڪرڻ لاءِ جيوَ ڪيترا نہ پاپ نڳيون ڪڪرم پڻ ڪري ٿو. ڀڳوان شري ڪرشن آنندڪند پڻ شري ارجن کي چوي ٿو تہ تياڳ سنسار جو نہ پر اڇائن جو تياڳ ڪرڻ گهرجي. سڪندر بادشاهہ کي اڇا ٿي تہ دنيا فتح ڪريان. ان اڇا کي پوري ڪرڻ لاءِ هن ڪيڏيون نہ خون جون نديون وهايون! جدا جدا ملڪن تي حملا ڪندي لکن جيوَن کي موٽ جو نشانو بڻائي حڪومت قائم ڪندو ويو. ايران مان فتح حاصل ڪري سڪندر جڏهن هڪ ٻئي ملڪ وڃي رهيو هو تہ ان ملڪ جي رعيت نوڙي سندس سلامي ڀري رهي هئي. پهرين سندس سپہ سالار ۽ پوءِ سندس سواري هئي. رستي تي هڪ بي باڪ درويش پنهنجي موڄ مستيءَ ۾ وينو هو. سڪندر جي سپہ سالار ڪيس آکيو تہ بادشاهہ سڪندر جي سواري اچي رهي آهي تون ان اڳيان ڪنڌ جهڪاءِ. درويش وراڻيو، ’بادشان جا پٽ! تنهنجو سڪندر اسان جي داسيءَ جو داس آهي، پوءِ اسين سر ڇو جهڪايون؟‘ اهو ٻڌي سپہ سالار جوش ۾ اچي ويو ۽ پنهنجو هٿيار ڪڍي اُن درويش مٿان وار ڪرڻ لڳو تہ پريان سڪندر بادشاهہ اهو ڏسي ورتو ۽ هن هڪدم سپہ سالار کان پڇيو تہ ڪهڙي ماجرا آهي؟ سپہ سالار وراڻيو، ’بادشاهہ سلامت، هي فقير اوهان لاءِ گهٽ وڌ ڳالهائي اوهانجي بي عزتي ڪري رهيو آهي. چوي ٿو تہ بادشاهہ سڪندر اسانجي نوڪرياڻيءَ جو نوڪر آهي‘ فقير اها گفتار ٻڌي چيو ’اي سڪندر، تون پنهنجي اڇائن کي پوري ڪرڻ لاءِ لکين انسانن جو خون وهايو آهي تہ تون اِڇائن جو نوڪر ليکبين ۽ اسان دنيوي خواهشن کي لت هڻي ڏٽيءَ جي راهہ ورتي آهي. اسين خواهشن جا غلام ڪين آهيون، خواهشون اسان جون غلام ٻانهيون آهن. تون اُنهن جو غلام آهيون، پوءِ اسان تنهنجي اڳيان ڇا جي سلامي ڀريون؟ تون انهن خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ ڪيڏو نہ پاڻ پتوڙيو آهي، ملڪن جا ملڪ فتح ڪندي بہ تنهنجون خواهشون پوريون ڪين ٿيون آهن. تون پورو ٿي ويندين مگر اهي ترشنائون پوريون ڪين ٿينديون. تنهنجا بنگلا مال اسباب سونا، چاندي، هيرا، جواهر، لشڪر وغيرهہ سڀ اتيئي پيا هوندا پر تون رب جي راهہ ڏانهن هٿين خالي ويندين! پوءِ ڇا جي لاءِ ايڏو اهنڪار! مغروري! خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ خون خوار جنگيون فساد تناوَ! خاڪ ۾ خاڪ ٿي ويندين. تون جيڪڏهن فتح پائڻ چاهين ٿو تہ خواهشن تي فتح پاءِ تہ توکي سچي سک جي پراپتي ٿيندي. ڀوڳڻ ۾ بيماري آهي ۽ تياڳڻ ۾ آنند آهي.

ان ڪري پريميو! دنيوي اِڇائون تياڳي نام جو سمرڻ ڪريو، پراُپڪار جا ڪم ڪريو.

٢٧ سيپٽمبر امرت ويلي سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ٿيئون غفلت نيند ۾، بيتي جنم انيڪ،
منش جنم ڪو پايہ تم، تجي نہ سوؤن ٽيڪ.

پريميو! منش جنم پراپت ڪرڻ کان پوءِ بہ اڃا توهان اگيان جي نند ۾ ستل آهيو! اڃا ڪڏهن پريوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ يتن ڪندا!

ايشور جي ڀڳتيءَ بنا ٻيون سڀ ڳالهيون اڌوريون آهن. مايا، جيوَ ۽ برهم جي وچ ۾ رنڊڪ آهي. ڀڳتيءَ بنا گيان سان به آتمڪ آنند جي اُپلبڌي ڪين ٿي سگهندي. رشي ويد وياس جنهن ١٧ پراڻ ۽ مهاڀارت لکيو، ان کي هڪ ڏينهن اُداس ڏسي رشي نارد پڇيو ’اوهان اُداس ڇو آهيو؟‘ رشي ويد وياس وراڻيو ته هيترن مهان گرنٿن جي رچنا کان پوءِ به منهنجي من ۾ آنند ڪين آهي!

تڏهن رشي نارد وراڻيو، مهرشي! اوهان پنهنجي پراڻن ۾ ڌرم، ارٿ، ڪام موکش جو ورڻن ڪيو آهي، پر ڀڳوان جي ليلائن جو بيان ڪين ڪيو آهي. هاڻي اهڙي گرنٿ جي رچنا ڪريو، جنهنجي پڙهڻ سان پاٺڪ جي من ۾ يا شروتائن جي من ۾ پريما ڀڳتيءَ جو پرواهه پرواهت ٿئي، پوءِ اوهان کي آنند جي پراپتي ٿيندي. پريما ڀڳتي جلدي پريوءَ جي ويجهو آڻي ٿي. جنهنجي اندر ۾ پريما ڀڳتي آهي، سو سديوَ آنند اوستا ۾ رهي ٿو. رشي نارد جا اهي وچن ٻڌڻ بعد رشي ويد وياس شريمد ڀاڳوت جي رچنا ڪئي، جنهن ۾ هن پريوءَ جي پريما ڀڳتيءَ جو ورڻن ڪيو. اُن کان پوءِ کيس آنند جي انڀوتي ٿي. ڪيڏا به پستڪ پڙهجن، عقل علم حاصل ڪجي، پر پرماتما جي پريما ڀڳتيءَ کان سواءِ جيوَ کي آنند جي پراپتي ڪين ٿيندي.

١٤ جنوري ١٩٨٥ سوامي جن بلاسپور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٻه ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي.

٢ فيبروري رات جو سوامي جن ڪرلا مرلي منوهر سوسائٽيءَ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته نام کي نه وساريو. جيترو توهان وڌيڪ نام جپيندا اوتري توهان کي وڌيڪ شڪتي ملندي. ڀڳتيءَ مان شڪتي ملي ٿي ۽ پوءِ هن سنسار جي ساگر مان پار پوڻ آسان ٿئي ٿو. هڪ دفعي برسات جي مند ۾ هڪ راهگير کي ندي پار ڪرڻي هئي. نديءَ جو وهڪرو تمام تيز هو. هن رامايڻ جي ڳالهه ٻڌي هئي ته پٿرن تي رام نام لکڻ سبب پٿر تري ويا. اهو ويچار ڪري هن پنهنجي هٿ تي رام نام لکيو ۽ پوءِ نديءَ ۾ گهڙيو. اڃا ٿورو ئي اڳتي وڌيو ته پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ ڪري پيو. پاڻ کي ٻڏڻ کان بچائڻ لاءِ نديءَ مان ساڳئي ڪناري تي واپس هلي آيو. ڪو ملاح به ڪين هو جنهن کي پتڻ ڏئي پار پوي. سامهون هڪ سنت جي ڪٽيا ڏسي اُن وٽ آيو ۽ اچي سنت کي وينتي ڪيائين ته ڪنهن ضروري ڪم سبب نديءَ جي هن پار وڃڻو آهي. ديا درشٽي ڪريو. اوهان ته ڀو ساگر مان پار لنگهائڻ وارا آهيو. مونکي هن نديءَ مان پار لنگهايو ته وڃي منزل تي پهچان. سنت ديالو، اُن سنت سندس هٿ تي رام نام لکي چيو ته اهو هٿ اڳيان ڪري نديءَ ۾ گهڙج، پرماتما ڀلي ڪندو. راهگير چيو ته سائين مان پاڻ هٿ تي رام نام لکي گهڙيس، مگر نديءَ ۾ ٿورو ئي وڌيس ته لهرن لهروارو ڪيو. ان وقت جان بچائي توهان وٽ آيس جيئن وري به نه لهرن جي چپيٽ جو شڪار ٿيان! سنت چيو پيارا، پريوءَ ۾ وشواس رکي رام نام اُچاريندي نديءَ ۾ پرويش ڪج. اُهو راهگير سنت جي چوڻ سان نديءَ ۾ گهڙيو ۽ رام

هڪ دفعي سوامي جن پنهنجي ڪمري ۾ ويٺا هئا. داس بہ اُتي موجود هو. هڪ نئون فقير اندر گهڙي آيو ۽ اچي چيائين 'مجهي ست رنگي دو' مون سوچيو تہ سترنگي تہ انڊلٺ ٿيندي آهي. هي انڊلٺ ڪيئن ٿو گهري. مون وري اُن سنت کان پڇيو تہ توهان کي ڇا کپي؟ سنت ساڳيو جواب ڏنو 'ست رنگي چاهيئي.' ان سنت سوامي جن جي پلنگہ تي وڇايل فراسيءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيو تہ اها کپي. سوامي جن آگيا ڪئي تہ هن سنت لاءِ هڪڙي فراسي ڪڍي اچو. ڪيس فراسي گهربل آهي. سنت وري چيو تہ مونکي اها پلنگہ تي وڇايل فراسي گهرجي. سوامي جن هڪدم پلنگہ تان اُٿيا ۽ چيائون تہ پلنگہ تان فراسي ڪڍي ان کي ڏيو جيئن سنت جي دل راضي ٿئي. سوامي جن اهڙا ديالو جو اُن ساڌارڻ سنت جي دل رکڻ لاءِ پاڻ پلنگہ تان اُٿي پنهنجي بستري واري فراسي ان کي ڏنائون.

سوامي جن وٽ ڪيترائي سوالي ايندا هئا. ڪي مانسڪ پيڙا، تہ ڪي شاريرڪ پيڙا. ڪن کي پتنيءَ جو دک تہ ڪن کي پٽن جو دک. ڪنهن کي گهوٽ جو دک تہ ڪن کي سس جو دک. ڪي ڏنڍي وهنوار ۾ ڦاٿل، مٽ مائٽ يا ڀائيوار پاڻ ۾ اٽڪندا هئا تہ فيصلي لاءِ پوڇڻ سوامي جن وٽ ايندا هئا. سوامي جن سڀني ڏرين کي هڏي ديريناڻيءَ سان دريافت ڪري ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جڳہ ڇڳي پلئہ پائي رئلن کي پرچائي ڇڏيندا هئا. سوامي جن پنهنجي انڀو، آتم گيان دواران مشڪل مسئلا جلدي حل ڪري ڇڏيندا هئا.

سوامي جن وٽ ڪيترائي دکي، جل جا شيشا پڙهائڻ لاءِ ڪڻي ايندا هئا تہ اُهو جل پي من دک نورت ٿئي. سوامي جن اُنهن کي چوندا هئا تہ مندر ۾ وڃي ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراجن جي مورتيءَ کي مٿو ٽيڪي وڃو، ڀڳوان ڀلي ڪندو. ڪيترن ئي بيمارن کي صلاح ڏيندا هئا تہ ڪنهن قابل ڊاڪٽر کي وڃي ڏيکاريو، پنهنجي ڏيکاري ڪين ڏيندا هئا ۽ ائين بہ چوندا هئا تہ اسين ڊاڪٽر تہ ڪين آهيون، وڃي ڪنهن ڊاڪٽر يا طبيب کان صلاح وٺي علاج ڪرايو.

هڪ پريميءَ جي ٻالڪيءَ جي ڪڪيءَ جي دل جو وال خراب ٿي پيو. ڊاڪٽرن صلاح ڏني تہ ڪي. ئي. ايم. اسپتال ۾ اُن جو آپريشن ٿيندو. خود ڊاڪٽرياڻي سوامي جن جي ڪمري ۾ سوامي جن کي احوال ٻڌايو تہ ڪڪيءَ جو علاج آپريشن کان سواءِ ٿيو ڪين آهي. اُن ڪڪيءَ جي ماتا ۽ ڏاڏيءَ آپريشن جو خيال لاهي ڇڏيو ۽ ٻالڪيءَ کي سوامي جن جي آشرم ۾ رهايو ۽ صدق سان شيوا ڪنديون رهيون. ايشور ڪرپا ۽ ستگرو مهاراجن جي ديا سان ٻالڪي ٺيڪ ٿي ويئي.

٩ جنوري ١٩٨٥ رات جو سوامي جن ڪلياڻ مان ڀاٽا پاڙا لاءِ ڪلڪتا ميل ۾ روانا ٿيا. ١٠ جنوري ڀاٽا پاڙا ۾ پڌاريا. سڀن پريمين سوامي جن جو هارن سان سواگت ڪيو. چار ڏينهن سوامي جن ڀاٽاپاڙا ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سنساري ڪم ڪاريون ڪندي پريوءَ کي نہ وساريو. جنهن سان پريم جو ناتو هوندو آهي، اُن کي هر وقت ياد ڪبو آهي.

ڪوي ڪشنچند بيوس جنم شتابدي اُتسو پوڄنيہ سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. ڀاءُ ڪوڙي مل تولاڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ رميش تولاڻيءَ اُتسو جي مراد تي روشني وڌي. روچيرام ٽانواڻيءَ جوت جڳائي اُتسو آرنڀ ڪيو.

سوامي جن ڪوي بيوس کي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ ڪوي معنيٰ گياني. ڪوي بيوس هڪ گيانوان آستڪ ۽ آشاوادي ڪوي هو. سندس ڪاويہ ۾ پرڪرتيءَ جا سندر نظارا پڻ چٽيل آهن تہ سماج جي سچي تصوير پڻ انڪت آهي. هي لوڪ پريہ ڪوي هو. سندس ڪوتا ۾ آڌياتمڪ اشارا پڻ آهن. سوامي جن سان گڏ ڊاڪٽر ديال آشا پڻ ڪوي بيوس جا ڪي شعر ڳائيندي ڪويءَ جي ڪاويہ درشن تي روشني وڌي.

سوامي جن ١٧ فيبروري صبوح جو سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ طرفان سوامي ٽيئونرام هال جو بنيادي پٿر وجهندي چيو تہ هي هال سماج لاءِ اُپيوگي ٿيندو. سوامي جن ان هال لاءِ ڏھ هزارن روپيا دان طور ڏنا.

شوراتريءَ ڏينهن ١٨ فيبروري گونديا جي نويوڪ منڊل ساموهڪ شادين جو آيوجن ڪيو. هن سماروھ ۾ ١٧ جوڙا وواھ جي سوتر ۾ ٻڌا ويا. سوامي جن انهن جوڙن کي آشيرواد ڏيندي چيو تہ اڄ توهان گرهست آشرم ۾ پرويش ڪري رهيا آهيو. ان آشرم جا فرض پوريءَ ريت ٻجا آڻجو ماتا پتا سس سهري جي شيوا ڪندا رهندا تہ ان ۾ توهانجو ڀلو آهي. ڪس ڪائي بہ وڏن جي شيوا ڪندا رهجو. سوامي جن سترهن ئي جوڙن کي آسيس روپ ۾ هار پائيندي شريمد ڀڳوت گيتا سوکڙيءَ طور ڏني.

١٩ فيبروري پوڄنيہ سوامي جن ڀاءُ جاڙي مل ولرمل واڌوا جي سپتر جي شڀ وواھ جي سنبنڌ ۾ جالنا پڌاريا. سوامي جن اُتي ١٩-٢٠ فيبروري ستسنگ ورکا ڪئي ۽ جوڙي کي آسيس ڪئي.

اورنگ آباد پنچات جي وينتيءَ تي سوامي جن ٢٢ فيبروري اورنگ آباد ۾ پڌاريا. اُتي اُن ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي سنڌي سمدايہ کي اپيل ڪئي تہ پاڻ ۾ پريم ۽ ايڪتا سان رهي هڪ ٻئي کي مٿي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. مايا ڀلي ڪمايو پر ستڪرمن ۾ سڦلي ڪريو ۽ روز ڪجھ نہ ڪجھ وقت ايڪانت ۾ ويهي نام سمرڻ ڪريو.

وڌوا برادر منڊل بمبئيءَ جي سهاري پوڄنيہ سوامي جن جي ستسنگ پروچن جو ڪاريہ ڪرم ٢٤ فيبروري کان ٧ مارچ تائين رکيو ويو. ٢٤ فيبروري سوامي جن وڌوا بمبئيءَ ۾ پڌاريا، مکي چوئٿرام بيگراج ۽ ٻين پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جي ٻارهن ڏينهن جدا جدا وشين تي ستسنگ پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

گرو آگيا پالن ڪري، گهي گرو سي گيان،
ڪھ ٽيئون سک دک سهي، گرمک سو پروان.

نام اُچاريندو جلدي ندي پار ڪري پنهنجي منزل تي وڃي پهتو. راهگير رام نام جي ڪابہ ساڌنا ڪونہ ڪئي هئي. هن ائين ئي ٻڌو ٻڌايو ڪٺي پنهنجي هٿ تي رام نام لکيو، پر سنت رام نام جي خوب ساڌنا ڪئي هئي، ان ڪري هن جي رام نام لکڻ ڪي وڏي اهميت هئي. ان ڪري ئي اُهو راهگير وڃي پار پهتو.

اسين بہ جيڪڏهن پريپورڻ سنت ستگرو ڪان نام وٺي جپينداسين تہ سنسار جي ڀؤ ساگر مان وڃي پار پهچنداسين.

٣ فيبروري منجهند جو ٿاڻا ۾ روهڙا پئنچات جو وارشڪ ميلاپي ميڙ پوجنيہ سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ ٿيو. پوجنيہ سوامي جن ان موقعي تي ڪاريہ ڪرتائن ڪي ڏنيواد ڏيندي چيو تہ جيترو توهان ۾ ايڪو هوندو، اوترو وڏيڪ شڪتي پئدا ٿيندي. اُن شڪتي دواران توهان هڪ ٻئي جا دکہ درد دور ڪريو ۽ سماج جا مسئلا حل ڪريو. اڄڪلھ طلاق ڏيڻ رواجي ڳالھ ٿي پيئي آهي. طلاق ڪي تلانجلي ڏيئي گهرن ڪي سرڳہ بڻايو. جيڪڏهن توهان ٻين ڪي سکي ڪندءَ تہ ڀڳوان توهان ڪي سکي ڪندو.

ٽرسٽ فار سنڌي چلڊرينس ۽ وومينس جي سهاري ڪستوربا هال مندر سنڌونگر ۵ ۾ شري پيسومل چانڊواڻيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. ان موقعي تي پيڻ ناڪري لڪاڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن دادا پيسومل چانڊواڻيءَ ڪي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ هي پيارو نشڪام ڀاونا سان ٻارڙن ۽ ٻيئرن جي شيوا ڪندو رهيو، جدا جدا شهرن ۾ ٻال مندر ۽ ناري شالائون برپا ڪري هن اُتم ڪاريہ ڪيو. سوامي جن ٻالڪن ڪي سکياڏائڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو تہ ماتا پتا ۽ اُستاد جي آگيا ۾ رهو. وڏڙن جي عزت ڪريو. روز صبوح ۽ رات جو پرماتما ڪي پرارٿنا ڪريو.

٩ فيبروري سوامي جن پمپري روانا ٿيا. اُتي سوامي جن سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ٩-١٠ فيبروري رات جو ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي ماتا ستيءَ ۽ ٻين پريمين ڪي ڌنيواد ڏني جي نت نيم ستسنگہ جي جوت جڳائي رهيا آهن.

١١ فيبروري سوامي جن پريم پرڪاش پون پونا ۾ آيا. اُتي سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن ١١-١٢-١٣ فيبروري ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن اُتسو جو پلئہ پائيندي چيو تہ سوامي چندن پرڪاش منڊل جو مکيہ سنت هو، سخاوت جو صاحب هو. هن سنت اُپڪار ۽ سمرڻ ۾ جيون سڦل ڪئي. توهان پڻ سندس سڌانتن تي هلي منش ديھ سڦلي ڪريو. توهان ڪي پرڀوءَ جيڪي ڏنو آهي سو سڀ ان جو ئي آهي، ان تي اجايو اهنڪار نہ ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

سڀ وستو ڀڳوان ڪي، اور ڪسي ڪي نانھ،
ٽيئون آپني جان ڪي، گرؤ نہ ڪر من مانھ.

گونديا ۾ سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي سلور جبلي موقعي تي ١٦ فيبروري رات جو

١٢ مارچ صبوح جو ٧ بجي پوڄنيہ سوامي جن ڳانڌي نگر اسٽيشن تي لٿا. سوَن پريمين دهلن سان سوامي جن جو سواڳت ڪيو. سوامي جن پريم پرڪاش مندر جي ميدان تي شاهي منڊپ ۾ ٽي ڏينهن ستسنگہ ورڪا ڪئي. ١٦ مارچ پرڀات جو سوامي جن اُتسو جو پلئہ پائيندي چيو تہ جيڪو پريمي ستگروءَ جي شرڻ ۾ آيو، سمجهو تہ اُهو ڀڳوان جي شرڻ ۾ آيو. جنهن پنهنجو هٿ گروءَ جي هٿ ۾ ڏنو، گرو وري سندس ٻانهن ايشور کي سونپيندو. گرو ڪبو ئي ان لاءِ آهي تہ ڀڳوان سان ملائي. ستگرو مهاراج گروءَ جو مهتوَ ٻڌائيندي چون ٿا:

گرو سي اڌڪ نہ اور ڪو، ديـوي ديوَ پڇـان،
ستگر سڀ سي سريشٽ هئہ، ڪھ ٽيئون ست جان.

پريميوا ستگرن جي مورتيءَ جو ڌيان ڪري گرو منتر جو اڀياس ڪريو. ائين ڪرڻ سان توهان کي آتمڪ آنند جي اُپلبڌي ٿيندي.

گرو مورت ڪا ڌيان ڌر، گرو هئہ ديوَن ديوَ،
ڪھ ٽيئون گرو نام جپ، پائو آتم ڀيوَ.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ ڏاڏا آسورام جي شرڻ ۾ آيا. سمرپت ڀاو سان سندن سيوا ڪيائون تہ ستگرن مٿن ديا درشٽي ڪري آتم گيان ڏنو. ستگرو مهاراج گرديو جي ڪرپا جو ذڪر ڪندي چون ٿا:-

ستگر ڪرپا ڌار ڪي، ديئي نام ڪي دات،
ڪھ ٽيئون تهن نام سي، لڳن لڳي دن رات.

سوامي جن ڳانڌي نگر مان ١٧ مارچ اچلڪرنجي روانا ٿيا. اُتي ١٧ مارچ ستسنگہ ڪري ١٨ مارچ بيلگام روانا ٿيا. سوامي جن بيلگام ۾ ٻہ ڏينهن ستسنگہ ورڪا ڪري سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

سنڌو سماج دهلي وارن راجيندرنگر، سنڌوڀون ۾ چيٽي چنڊ جو ميلو ٣١ مارچ آرتوار ڏينهن صبوح جو ملهايو. ان موقعي تي پوڄنيہ سوامي جن اُتي سنڌ جي اوتار شري اُڏيري لعل جي سنگمرمر جي مورتيءَ جو مهورت ڪندي سنڌي سمدايہ کي اپيل ڪئي تہ سنڌيت، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ کي نہ وساريو. اوهان کي ڌنيواد آهي جو اوهان راڄڌانيءَ ۾ سنڌو ڀون برپا ڪري اڄ هتي شري لعل سائينءَ جي مورتي اسٿاپت ڪئي آهي. پاڻ ۾ ايڪو ڪري هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. شري ڀوڄراج وڻجاڻيءَ پوڄيہ سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

٥ اپريل پوڄنيہ سوامي جن ڄئپور ۾ ميران اسڪول جي سوامي سروانند بلاڪ جو مهورت ڪندي ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ وديا دان اُتم دان آهي. هن

سچو شش اُهو آهي جو سنگروءَ جي آگيا جو پالن ڪري ٿو. گروءَ کان ست گيان گرهڻ ڪري ٿو. ستگروءَ جي سيوا ڪندي سک دک سهي ساڌنا ڪندو رهي ٿو. سوئي پرڀوءَ در قبول پوي ٿو. سچو شش سنگروءَ جي ڪمل چرنن ۾ سرو سو ارپڻ ڪري ٿو.

هڪڙو سنت جهنگل ۾ رهندو هو. هن هڪ ڏينهن شش کي چيو ته هڪ روپئي جا چار لڏون شهر مان وني آءُ. شش گهر ۾ آيو. هن گروءَ جي آگيا موجب هڪ روپئي جا چار بونديءَ جا لڏون خريد ڪيا ۽ پنهنجي گروءَ ڏانهن واپس وريو. کيس بک لڳي هئي. هن سوچيو ته گرو اڪيلو ٿوروئي هي لڏون کائيندو! ضرور مونکي به لڏون کارائيندو. ان ڪري مان هاڻي ئي چو نه لڏون کاوان. اِهو ويچار ڪري هن هڪدم هڪ لڏون کاڌو. لڏون سوادي هو. ان ڪري هڪ لڏوءَ کائڻ تي به سندس اِڇا ٿي ۽ هن هڪدم ٻيو لڏون به وات ۾ وڌو. اڳتي وڌيو. ٻيو لڏوءَ کائڻ سان به سندس اڇا پيٽ کين پريو. هن سوچيو ته گروءَ کي باقي ٻه لڏون ڏيندس ته ضروري گرو ٻن لڏن مان مونکي هڪ لڏون کائڻ لاءِ ڏيندو، صرف پاڻ ٿوروئي کائيندو! چو نه باقي ٻن لڏن مان هڪ لڏون کائي بک مٽايان. هن شش هڪدم ٽيون لڏون به ڪٽي وات ۾ وڌو. ڪجهه وقت بعد جڏهن هي شش پنهنجي گروءَ وٽ آيو ته کيس هڪ بونديءَ جو لڏون ڏنائين. گروءَ پڇيس، 'پيارا! صرف هڪ لڏون! ٻيا لڏون ڪاڏي ويا.' شش اُهو لڏون به ڪٽي وات ۾ وجهندي چيو ته اُهي هيڏانهن ويا.

پيئوڙي شش گروءَ جي بک جو ڪو خيال نه ڪري چارئي لڏون پاڻ کائي ويو. پريميوا جي اهڙا هبڇي، لالچي، شش هوندا ته گرو اُنهن جو ڪهڙو اُڌار ڪري سگهندو! شش کي ته سنيم ۽ تياڳ اختيار ڪرڻ گهرجي، تڏهن ئي هو گروءَ کان ڪجهه گيان حاصل ڪري سگهندو.

٣ مارچ واڊالا بمبئيءَ ۾ سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ گئو رکشا سميلن ٿيو. سوامي جن گئو رکشا جي اهميت تي روشني وجهندي چيو ته گائيون ديش جو املهه خزانو آهن. ڌارمڪ لحاظ کان پڻ اُنهن جي شيوا ۽ رکشا ڪرڻ اسانجو پرم ڪرتويه آهي.

٧ مارچ سوامي جن اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئه پائيندي چيو ته پرماتما کي پرارٿنا ڪريو ته آواگمن جي چڪر مان مڪت ڪر. سنتن ستگرن وٽ اچي دنيوي مال اسباب اولاد نه گهرو. جڏهن کيوٽ ڀڳوان شري رام لڪشمڻ ۽ سيتا کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي گنگا جي هن پار پهچايو، تڏهن ڀڳوان شري رام کيوٽ کان پڇيو ته هاڻي توکي ڇا ڏيان؟ تڏهن کيوٽ اکين ۾ آنسون آڻيندي چيو 'پرڀوا مان جڏهن اوهان جي گهاٽ تي اچان ته مون کي ڀو ساگر جي ٻيڙ مان پار ڪجو. اِهائي داس جي وينتي آهي.' ڀڳوان شري رام کيوٽ جي اها وينتي ٻڌي مشڪندي مٿس مهر جي نگاهه ڪئي. پريميوا توهان به کيوٽ وانگر سنتن ستگرن کان نام دان ڀڳتي دان، مڪتي دان مڱو.

پياري چوئٿرام بيگراج، پياري جيئندرام هيمنداس، پياري نهچلداس منگترام ۽ برادر منڌل جي سيني شيواڌارين کي ڌنيواد آهي، جيڪي هر سال اُتساهه اُمنگ سان هن اُتسو

ڪهه ٽيئون رڌ سڌ ملي، وپت وگهن هو ناس.

ڀڳت شرومڻي سنت ڪنوررام صاحب جو جنم شتابدي اُتسوُ امراوتيءَ ۾ ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن ان اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ ١٤ اپريل امراوتيءَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ستسنگ ڪندي ڀڳت صاحب کي پنهنجي پيار ۽ شرڌا جي پشپانجلي ڏيندي چيو ته ڀڳت ڪنوررام صاحب سنڌي ڀڳتن جو سرمور هو، نياز نوڙت جي مورت، شيوا ۽ ديا جي صورت هو. ڀڳت وڄهندي جيڪي ڪيس ملندو هو سو پراُپڪار جي ڪارين ۾ لڳائيندو هو. هي پيارو سوَن لوُلن لنگڙن سورداسن جو سهارو هو.

پريميو! توهان به ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جيون مان نمرتا ۽ پراُپڪار جا گڻ گرهڻ ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

نشڪامي نرمان هو، سيوَ ڪرت جن جويه،
ڪهه ٽيئون تس پر سدا، ڀگون پرسن هويه.

پوڄنيه سوامي جن سوامي مرليڌر مهاراج جي ورسي اُتسوَ سبب ١٥ اپريل سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم انڊور ۾ پڌاريا. ٽيئي ڏينهن سوامي جن صبوح شام اُتي ستسنگ ڪندي چيو ته جيڪڏهن سچو سک چاهيو ٿا ته توهان مان هرڪو من ۾ نشچيه ڪري ته مان سرو شڪتيوان پرماتما جو انش آهيان ۽ اُن جي شڪتي مون ۾ ڀريل آهي. ڪڏهن به پاپ اڌرم کي پاڻ ۾ واسو نه ڏيندس. مان آنند روپ آهيان، چيتن روپ آهيان. مان آتما آهيان، امر آهيان. 'سوهم' جو منتر اُچاريو. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ٽيئون سوهم جاپ تم، شواس شواس جپ ليهه،
دونون پد کي لکش لکه، پائو مڪتي وديهه.

ساڌو واسواڻي نگر ٽاٽا جي پوج دڪاندار سنڌي پئنچات شري گرو گرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ صاحب رکايو. پوڄنيه سوامي جن اُن اُتسو سنبنڌ ۾ ٢٠ اپريل رات جو اُتي ستسنگ ڪندي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏني. سوامي جن اپيل ڪئي ته پاڻ ۾ ايڪتا ڪري رهو. هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. ماتائن کي وينتي آهي ته گهڻو سون نه پايو، اجايو اڊمبر نه ڪريو ڇو ته ڌارين جي نظرن ۾ ٿي پئون ٿا. مانس شراب جوئا کان باز اچو. ڏنڌو وهنوار ڪندي خوب نام جپيو، دان پنج ڪريو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ڍوليا جي وارشڪ اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن ٤ مئي ڍوليا ۾ پڌاريا. سوَن پريمين سوامي جن جو پشپ مالهائن سان سواگت ڪيو. شام جو سنڌن سنمان ۾ جلوس ڪڍيو ويو. رات جو سوامي جن اتي ٽي ڏينهن ستسنگ ورکا ڪئي. ٧ مئي سوامي جن ماليگانوَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٧-٨ مئي ستسنگ پروچن ڪيو.

وديا مندر ۾ هزارين وديارٿي وديا حاصل ڪري پنهنجي جيون ٺاهيندا. وديارٿين ۾ پوترتا، پريم، پرارٿنا، سادگي، سيوا ۽ سچائيءَ جا ٻج پوکيو، جئن هو اڳتي هلي نيڪ ناگرڪ بڻجي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪن. اهي آئينده جا ابا آهن. اُنهن جي شاريرڪ مانسڪ وڪاس ڏانهن توّج ڏيڻ گهرجي. سوامي جن ميران اسڪول کي ايڪونجاهه هزار رپيا دان ڏنو ۽ سوامي جن سان آيل پريمين پڻ چوڏهن هزارن رپيا سوامي سروانند بلاڪ لاءِ دان ڏنو.

پريم پرڪاش منڊل جو ٦٤ وارشڪ اُتسوُ امراپور استان جئپور ۾ ٧ اپريل کان ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن ٤ اپريل جئپور ۾ پڌاريا. ٦ اپريل سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي وئي. سوامي جن سوامي گرمکداس هڪ لاثاني سنت هو.

٧ اپريل صبوح جو سڀني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. چارئي ڏينهن منڊل جي سنتن، مهاتمائن ۽ ڪلاڪارن ستسنگ ڪيو ۽ ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ١١ اپريل پرڀات جو سوامي جن اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو ته پريميو! ڀڳوت ڀڄن ۾ چت لڳايو. ڏنڊو ڏاڙي به جڏهن من لڳائي ڪبو آهي، تڏهن اُن مان فائدو رسندو آهي. نام سمرڻ به دل سان ڪبو ته ان مان آنند ايندو. ڀڳوت پراپتيءَ لاءِ وئراڳيه ضروري آهي.

هڪ دفعي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج منڊليءَ سهت وئراڳي ڀڄن ڳائيندا لنگهي رهيا هئا. رستي تي پائي روپي مينهن پئي ڏڌي. ستگرو مهاراجن جي وئراڳيه واڻي سندس ڪنن تي پيئي ته هن هڪدم مينهن کي اڌ ۾ ڏهي، کير جي بالٽي اُتي ئي ڇڏي، ڊوڙ پائي ستگرو مهاراجن جي پويان ويو. واڙي جو ۽ گهر جو ڪوبه خيال ڪين ڪيائين. سندس مٽن مائٽن کي جڏهن ان گهٽنا جي خبر پيئي هوُ ستگرو مهاراجن جي آستان تي پائي روپي وٽ آيا ۽ چيائونس ته توکي کهڙي تڪڙ پيئي جو بنا ٻڌائڻ جي، مينهن کي اڌ ۾ ڏهندي، سنتن جي پويان ڀڳين؟ پياري روپارام وراڻيو، ’توهان ئي چوندا آهيو ته پڙهين جاءِ اڌ ۾ جوڙائي رمندو رهيو، ماڻهين به ائين اوچتو هلي وئي. پوءِ مان به جي ڏنڊو وهنوار اڌ ۾ ڇڏي آيس ته کهڙي ڳالها! دنيوي اڇائون اڌوريون ئي رهجي وينديون. ان ڪري ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سنگ ۾ رهي مان باقي زندگيءَ جا ڏينهن ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندس. دنيا جا ڪم ڪڏهن ڪين پورا ٿيندا. ڪم دنيا جا ڪم نه ايندا.

پريميو! توهان ڀلي سنسار ۾ رهي پنهنجا ڪرتويه پاليو، پر دل جي تار مالڪ سان ڳنڍيو. هٿن سان هاج ڪريو، مک سان رام جپيو. سنتن ستپرشن دکين دريدرن جي شيوا ڪريو.

سنت جنون کي سيؤ سي، پورن هووي آس،

ᐃتي سوامي جن ۳۱ مئي تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ڀوڳ روڳ ڪو ديت هئہ، اور ديت سنتاپ،
تانتي تياڳي ڀوڳ ڪو، ٽيئون ڪر هري جاپ.

پريميو! دنيوي ڀوڳ پدارٿ دکدائڪ آهن. ان ڪري انهن جو تياڳ ڪري ڀڳوت ڀڄن ڪريو. نام سمرڻ سکدائڪ آهي. راجا ڀشپ سنتتيءَ جي من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي. ڪيس ٽي پٽ هئا: تتو درشٽي، ادرشٽي ۽ ترڪ درشٽي. راجا پنهنجو سڄو راڄ ڀاڳ ٽنهي پٽن کي سونپي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لاءِ بن ڏانهن هليو ويو. سندس ٽيئي پٽ وويڪي، ودوان، ويچارڪ ۽ وئراڳي هئا. اُنهن سوچيو تہ جنهن صورت ۾ پوڄ پتا صاحب کي راڄ ڀاڳ مان آنند جي پراپتي ڪين ٿي تہ اسين وري ڇو راڄ ڀاڳ ڇا ڪنداسين! ٽيئي ڀائر ڀڳوت پراپتيءَ لاءِ راڄ ڪاروبار تياڳي بن ڏانهن هليا ويا ۽ اُتي وڃي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳا. پريميو! توهان ڀلي سنسار ۾ رهو، پر ڪجهہ وقت ڀڳوان جو ڀڄن ڪريو. جنهن پربوءَ ههڙي امولہ منش ديهہ ڏني آهي، تنهن کي نہ وساريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

سرو تيرٿ سب ديو ميہ، گيان ڌيان، گڻ گيهہ،
پاڪر ائسا منش تن، هري سمرن ڪر ليهہ.

۱ جون سوامي جن هردوار ۾ پڌاريا. پوڄنيہ سوامي جن اڍائي سؤ کن پريمين ۽ سنتن سان گڏ ۴ جون صبوح جو ٦ بجي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ڀوپتوالا هردوار مان بدرينات ياترا لاءِ روانا ٿيا. رشي ڪيش، ديو پرياگ کان ٿيندا منجهند جو ردر پرياگ پهچي پوتر اشنان ڪري اُتي پوڄن ورتائي رات جو جوشي مٺ ۾ پهتا. اُتي رات جو آرام ڪري صبوح جو سويل بدري نارايڻ لاءِ روانا ٿيا. صبوح جو ڏهين بجي کن سوامي جن سيني سنتن ۽ پريمين سان گڏ بدري ناٿ پهتا. اُتي زبردست ٿڌ هئي. پريمين اڳوات ئي رهڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو هو. سوامي جن بدريناٿ مندر جي ٻاهر گرم ڪنڊ ۾ اشنان ڪيو.

٦ جون صبوح جو سوامي جن اُتي سنڌ پنجاب کيتر طرفان نهرايل سوامي ٽيئونرام ڌرمشالا جو مهورت ڪيو. سوامي جن گهرجائو سادن ۾ ڪمبل ورهايا. سوامي جن مهورت ڪندي چيو تہ هن آستان تي ڪيترائي ياتري اچي سک وٺندا. بدري ناٿ جي ياترا جي وڏي اهميت آهي. جن ڌرمشالا جي ڪمرن لاءِ دان ڏنو هو، سوامي جن اُنهن کي ڌنيواد ڏني.

۷ جون منجهند جو ڀوڄن ڪري پوڄنيہ سوامي جن هردوار لاءِ روانا ٿيا. ۸ جون منجهند هردوار آشرم ۾ سک سان ياترا ڪري واپس پهتا.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جنمدن اُتسؤ سنبنڌ ۾ سوامي جن ۱۹ جون اجمير ۾ سوامي بسنترام جي آستان تي پڌاريا. سوامي جن اُتي چار ڏينهن ستسنگ

١٥ مئي پوڄنيہ ستگرو مهاراج گواليار ۾ پڌاريا. سوَن پريمين گواليار اسٽيشن تي سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواڳت ڪيو. شام جو سوامي جن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ جيوَ کي ابهمان ڪرڻ نہ گهرجي. ابهمان منش کي پنهنجي اوگڻ ڏسڻ جو وجھ نٿو ڏئي. ابهمان انسان کي انڌو بڻائي ڇڏي ٿو. ان ڪري منجھس ٻيا اوگڻ بہ پيدا ٿين ٿا. جو منش ابهمان وس جڳت ۾، ڪيل سنمان لاءِ للچائي ٿو، اُن ۾ مانسڪ درٻلتا پيدا ٿيندي ويندي. هوُ پنهنجي عزت جي لوڀ وس پنهنجا اپراڌ پاپ لڪائي پاڻ کي ست پرش سڏ ڪرڻ لاءِ نہ معلوم ڪيترائي نوان نوان ڪوڙ ڳالهائي ٿو، ڪيترائي ويس بدلائي ٿو. ان ڪري ڪيس سچو سنمان تہ ڪونہ ٿو ملي، پر سندس اندر جا گهاوَ وڌندا وڃن ٿا. هوُ پنهنجا دوش ٻين تي مڙهي وڏيڪ دکي ٿئي ٿو. اندر جي شانتي وڃائي ٿو.

ابهمان منش کي پرماتما سان ملڻ لاءِ ڏاڪڻ تي چڙهڻ ئي نٿو ڏئي. ابهمان سبب هو ترکي اچي پٽ پوي ٿو. سچ پڇ تہ ابهمان دکن جي ڏاڪڻ آهي. ان ڪري جيو کي ابهمان ڪرڻ نہ گهرجي.

١٦ مئي صبوح جو ستگرو مهاراجن پريم پرڪاش مندر ۾ استاپت ٿيل ڀڳوان شري رام، ماتا سيتا، ڀڳت هنومان، ڀڳوان شري ڪرشن ۽ راڌا راڻيءَ جي مورتين جي پراڻ پرتشٺا ڪئي. ان بعد سوامي سرواننڊ سيوا سمتيءَ طرفان آشرم ۾ ئي اسپتال جو مهورت ستگرو مهاراجن ڪيو. مهورت ڪندي سوامي جن چيو تہ دکين جو درد دور ڪرڻ اسانجو ڪرتويہ آهي. اڄڪلھ بيمارين وڌي ويئون آهن ۽ ڊاڪٽر وڏيون فيون وٺن ٿا. هن خيراتي اسپتال مان غريبن کي مفت دوائون ۽ ٻين کان نالي ماتر چارجز ورتيون وينديون. سوامي جن پياري شنڪر سبناڻي، پياري ڀاءُ سريچند پنجواڻي ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد ڏني جي اُتساهہ سان شيوا ڪاريہ جي جوت جڳائي رهيا آهن.

١٨ مئي سوامي جن ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر آگري ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن مورتين جي استاپنا ڪرائيندي چيو تہ پريميوا انهن مورتين جي جڏهن پراڻ پرتشٺا ٿئي ٿي تہ انهن کي ساکيات سوروپ سمجھو. روز گرو منتر جو جاپ ڪريو ۽ ستسنگ ۾ اچو تہ توهان جي جيون نئين تي پوندي. ستسنگ دواران توهان جو وويڪ جاگرت ٿيندو. جڏهن توهان گرو منتر جو وڌيڪ ابياس ڪندا، تڏهن توهان کي پنهنجي اندر ۾ آتمڪ جوت جو درشن ٿيندو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ٽيئون جيتي ڪرم شپ، لکي ويد کي مانھ،
ساڌو سنگ گرو نام سمر، اور ڪرم کو ناھ.

٢٠ مئي سوامي جن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٧ مئي تائين ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٨ مئي سوامي جن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ڪوٽا ۾ پڌاريا.

۾ اُتم سنسڪار وجهو جئن اڳتي هلي هوُ آدرشي ناگرڪ ٿين. وديارٿين ۾ پرارٿنا پوترتا سادگي ۽ سچائي سيوا جا ٻج ڇٽيو. اسڪول بورڊ جي چيئرمن شري ڪيولرام جوهراڻي سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ ڀاءُ آسودي مل موهناڻيءَ هيڊ ماستر شڪرادائي ڪئي.

٢٨ آگسٽ ڪرافورڊ مارڪيٽ ۾ جهولي لال جو ميلو ملهايو ويو. پوڄنيہ سوامي جن اُن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. شري هوندلداس سئناڻي ۽ سندس ساٿين سوامي جن جو سواگت ڪيو. ان موقعي تي سوامي جن وياکياڻ ڪندي چيو تہ هندو ڌرم جي رکشا لاءِ اُڏيرولعل سنڌ ۾ اوتار ورتي آيو. توهان کي ڌنيواد آهي جو چاليهي جو ورت رکي لعل سائينءَ جي اُپاسنا ڪريو ٿا، جوتيون جڳايو ٿا. هي ميلا ميلاپ جو پرتيڪ آهن. پاڻ ۾ وڏيڪ سنگهٽت ٿي جاتي ۽ ديش جو نالو روشن ڪريو. ديش ۽ ڌرم جي رکشا لاءِ ديش دروهي شڪتين جو دمن ڪريو.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري ستگرو مهاراجن جو ٧٩ جنمدن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ٥ ۾ ملهايو ويو. پراتہ ڪال جو پريمين پوڄنيہ سوامي جن کي ڪير سنان ڪرائي سندن مهما جا گيت ڳايا. صبوح جو ٨ ٻجي شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ جو ڀوڳہ وڌو ويو. ١٠ ٻجي سفيد پوش ڀينرن ڀائرن کي سوامي جن چادرون ۽ کنڊ جا پاڪيٽ ۽ روڪ سهائتا ڏني. دريدر نارائڻ جي شيوا ڪئي ويئي.

شام جو ٥ ٻجي ڪيترن ئي سنگيتڪارن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. سوامي نارائڻ داس، سنت روپارام، شري گوبندرام ڀاٽيا، ديال آشا ۽ ٻين ڪيترن ئي پريمين سوامي جن جي جيون ڪاريہ تي روشني وڌي. ڀاءُ وڪيومل شيامداس شراف ۽ ڀاءُ ريواچند لکياڻيءَ پوڄنيہ سوامي جن کي سفيد پوش نياڻين جي شادين لاءِ اڌ لکہ روپيا ڀيٽ رکيا.

سوامي جن اُپديش ڪندي چيو تہ جيون جي سارٿڪتا آهي سمرڻ ۽ شيوا ۾. پياري وڪيومل شراف، ڀائي ريواچند لکياڻي ۽ ٻين سڄڻن کي ڌنيواد آهي جي شڀ ڪاريہ ۾ مايا سڦلي ڪري رهيا آهن. مايا پريوءَ جي امانت آهي. لڪشمي تہ ڀڳوان جي استري آهي. توهان جيڪڏهن ان لڪشميءَ تي پنهنجو دائو جمائيندا تہ پريو ناراض ٿيندو. ان ڪري مايا ۾ موهہ نہ رکو. پرماتما سام پريم جو ناتو جوڙيو. روز ڪونہ ڪو اُپڪار جو ڪم ڪريو. اوهان داس جو جنمدن ملهائي مهما ڳائي آهي. اها مهما داس جي ڪين آهي، پر ڪاريہ جي آهي. ايشور جي ڪرپا ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي آسيس ۽ اوهان پيارن جي سهڪار سان ئي شيوا ڪاريہ ٿي رهيا آهن.

٢ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن پونا اگروال ڪالوني سوامي چندنرام سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ پڌاريا. شام جو ساڍي ٦ ٻجي اُتي پوڄنيہ سوامي جن جو ٧٩ جنمدن سندن حاضريءَ ۾ اُتساهہ ۽ اُمنگہ سان ملهايو ويو. هن موقعي تي دادا جشن واسواڻي جن پڻ پڌاريا. سنت اننت پرڪاش سوامي جن ۽ دادا جشن جو هاردڪ سواگت ڪيو. ڊاڪٽر ديال آشا چيو تہ اڄ هن پوتر اسٿان تي اسانجا ٻہ روحاني راڻا وينا آهن.

پروچن ڪندي سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون جا پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌايا. سنت برهمانند سوامي جن جا آڀار مڃيا. ١٠ جولاءِ سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ گرو پورڻما ڏينهن هزارن شرڌالو پريمين پوڄنيہ سوامي جن کان آسيس ورتي. سوامي جن سنگروءَ جي مهما بابت پروچن ڪندي چيو:

گرو چرنون ڪي ڌول ڪا، تلڪ ديت جي ڏير،
ڪهہ ٽئون ڪٽ ڪرم وي، پاوت گيان گنڀير.

شرڌا ۽ پريم سان سنگرن جي چرڻ رج لڳائڻ سان ڪرمن جون ريکائون ڪٽجي وڃن ٿيون. منش کي آتم گيان جي اُپلبڌي ٿئي ٿي. پريميو! ان ڪري ڪنهن نہ ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺو جو توهان جي راهہ روشن ڪري.

ان موقعي تي ديال آشا گرو ڪرپا جو ورڻن ڪندي چيو تہ مون تي بہ پوڄنيہ سوامي جن جي اسيم ڪرپا آهي. سوامي جن هزارن پريمين کي نام ڏيئي پربوءَ جي راهہ ۾ چڪيو آهي. پيارو پيسورام پرپداس انبو آئل مل جو مالڪ هو. شاهوڪار هو، پر سندس دل دنيوي وهنوار مان ڪٽي ٿي پيئي ۽ پوڄنيہ سوامي جن جي آشرم سنڌونگر ۾ اچي رهيو. هن اجا سنگرو ڪين ڪيو هو. هن سنگرو ڪرڻ لاءِ گهڻن ئي سنتن جو سنگہ بہ ڪيو، پر ڪيس پورو سنتوش نہ مليو، اُن ڪري هي ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي تلاش ۾ هو. هڪ دفعو هي پيارو ياترا ڪندي پنڌرپور ۾ آيو. اُتي ڀڳوان وٺل جو درشن ڪيائين. رات پنڌرپور ۾ ئي رهيو. رات جو سپني ۾ ڀڳوان شري وٺل ڪيس آگيا ڪئي تہ 'پيارا! تنهنجي گهر ۾ پيئي گنگا وهي ۽ تون ائين ئي پياسو رهجي ويو آهين! هڪدم وڃي سوامي شانتي پرڪاش کي ستگرو ڪر.' اهو سپنو ڏسڻ بعد هڪدم ڪيس سجاڳي ٿي. پيارو پيسورام هڪدم سنڌونگر آشرم ۾ آيو. ڀڳوان شري وٺل جي آگيا انوسار پوڄنيہ سوامي جن کي سپني جي ساري حقيقت ٻڌائيندي عرض ڪيائين، 'ڪرپانڌان! داس تي ديا ڪري گرو منتر ڏيو.' پوڄنيہ سوامي جن ڪيس گرو منتر جي ديڪشا ڏني. پياري ستسنگيو! پوڄنيہ سوامي جن ڀڳوت سوروپ آهن. انهن ۾ پورڻ وشواس رکنداسين تہ بيڙا ٻنين لڳندا.

١١ آگسٽ پوڄنيہ سوامي جن سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ دهليءَ مان شايع ٿيندڙ پانچجنيہ ماسڪ هندي پتريڪا جي سنڌو سنسڪرتي وشيش انڪ' جو مهورت ڪيو. اُتسوءَ جي شروعات ۾ ديال آشا ٻڌايو تہ ڀاءُ هيرانند رامناڻيءَ جي جاڪوڙ سان ئي هڪ انڪ پرڪاشت ٿيو آهي، جنهن مان سنڌي سنتن، سنڌي سڀيتا، سنسڪرتي ۽ ساهتيہ جي پروڙ پوي ٿي تہ سنڌي جاتيءَ جدا جدا کيترن ۾ کهڙو يوگدان ڪيو آهي.

١۵ آگسٽ صبوح جو ساڍي ٧ بجي پوڄنيہ سوامي جن جهنڊا وندن ڪيو. صبوح جو ١١ بجي سنڌونگر ٣ ۾ ميونسپل اسڪول بورڊ طرفان اسڪول نمبر ٢۵ جي نئين عمارت جو مهورت ڪندي سوامي جن ڪاريہ ڪرتائن کي ڏنيواد ڏني. سوامي جن پنهنجي ڀاشڻ ۾ چيو تہ وديارٿين جي پڙهائيءَ سان گڏ انهن جي اخلاق جي اون رکو. اُنهن

کان وٺي، ٻي زمين کسانن کي ڏني. ڀودان آندولن، گرام دان آندولن سندس شانتي ميہ آندولن هئا. ڀارت ۾ گئو رکشا لاءِ هن پراڻ تياڳہ ورت ڌارڻ ڪيو. هن ساري جيون ديش کي ارپڻ ڪئي.

۱ آڪٽوبر منگل رات جو پوڄنيہ سوامي جن سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سوامي هرچورام ڌام سنڌونگر ۵ ۾ ستسنگہ ڪندي چيو تہ سائين هرچورام صاحب رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا. سون سوالين جا ڏکہ دور ڪيائون. هڪ دفعي هوتچند شامداس اوڌر اوڳاڙڻ لاءِ ٻئي ڪنهن شهر وڃي رهيو هو. ٽرين ۾ سفر ڪندي سندس هڪ اکہ کي اهڙي تہ چوٽ لڳي جو سندس اُن اکہ جي روشني غائب ٿي ويئي. هوتچند گهڻائي علاج ڪيا مگر دوائن ڏکہ دور ڪين ڪيو. اکين جي ماهر ڊاڪٽر بہ انڪاري جواب ڏنو. پيارو هوتچند وشواس رکي سائين هرچورام صاحب وٽ شاهپور ٿلهي تي آيو ۽ اچي سائين هرچورام صاحب کي عرض ڪيائين 'سائين! داس کي نئون نور بخشيش ڪريو.' سائين هرچورام چيو 'ٿلهي تي مٿو ٽيڪي، جوتين جو تيل ڪڍي وڃي اکين ۾ پاءِ. سائين سيئورام ڀلي ڪندو.' هوتچند سائين هرچورام جي آگيا انوسار جوتين جو ٿورو تيل گهر ڪڍي آيو ۽ اکين ۾ وڌائين. ٽن ڏينهن کان پوءِ هوتچند جي اکہ جو درد دور ٿيو، سندس اکہ ۾ نئين روشني اچي ويئي. جتي ماهر ڊاڪٽر جواب ڏنو اُتي سنتن جي ڏس نئون نور بخشيو. پريميو! هڙن آستانن تي صدق رکي اچو تہ توهانجا بہ ڏکہ درد دور ٿيندا. ڀائي روپارام صاحب سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

سوامي اوڌوداس مهاراج جي چوڏهين ورسي ۱۵ آڪٽوبر کان ۱۹ آڪٽوبر نشڪام شيوا منڊل شانتي ڌام امباواڙي احمدآباد ۾ شري پريم پرڪاش شيوا منڊل جي سهاري ملهائي وئي. ان ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ۱۵ آڪٽوبر احمدآباد پڌاريا. پنج ئي ڏينهن پوڄنيہ ستگرو مهاراجن امرت وچنن جي ورکا ڪئي. سوامي جن سوامي اوڌوداس کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ سنت اوڌوداس پريم پرڪاش منڊل جو ماڻڪ هو. ڪئن نہ هن سڄان سنت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سان گڏ سنڌ جي نگر نگر ۾ نام جو پرچار ڪيو. هي پيارو سادو نماڻو گڏي گياني هو. سڀن کي پريوءَ جي راهہ ۾ چڪيائين. دادي مٽري، اوهان پريمين جي سهڪار سان سندس جڳايل جوت جڳائي ويني آهي.

جڳہ ڪو جونا جان کي ڀڄتي جو ڀڳوان
ڪهہ ٽيئون سنسار ۾ سو جن هئہ ٻڌيمان

پريميو! رات ڏينهن مايا جي ڀويان نہ ٻوڙو. هي جڳت ۽ جڳت جا پدارٿ ڪٽينگر آهن. اُنهن جي پراپتيءَ لاءِ اموليہ مانش جيون برباد نہ ڪريو. جيڪو جيو جڳت کي استيہ سمجهي ستيہ سروپ ڀڳوان جو ڀڄن ٿو ڪري سوئي سچو گيانوان آهي، ودوان آهي. راجا ڀاڳيہ ولکيہ پنهنجي پتنيءَ مئتريءَ کي چيو تہ مان هاڻي سنياس ڌارڻ ڪندس. اُن ڪري سمورو ڌن پدارٿ ڪاتيايني ۽ توکي ورهائي ٿو ڏيان. مئتري گيانوان

جي سنڌي سماج جا سچا سونهان آهن. ڀڳي پريم، ڪروڻا ۽ نمرتا جي مورتي آهن. شل اسين سندن سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيون.

دادا جشن واسواڻيءَ سوامي جن کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته سوامي جن محبت جي مورت آهن، پيار جي صورت آهن. سوامي جن جي سکيا آهي ٻن اکرن ۾ سمرن ۽ پيار. پريوءَ کي نه وساريو. پنهنجا ڪم ڪار ڪندي نام کي نه وساريو. سوامي جن ڪيڏو نه ڪم ڪن ٿا پر هڪ پل به پريوءَ کي نه ٿا وسارين. سوامي جن ڪيڏي نه شيوا ڪن ٿا. دکي دلين کي آٿت ڏين ٿا. اوهان به دکين دريدرن جا ڳوڙها سڪايو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ به ساڳيو پيغام ڏنو. سوامي جن جو سنديش آهي پيار ڏيو، پيار وٺو، پيار پيئاريو، گگدامن پسن پکين کي به پنهنجو پيار ڏيو.

سنت اننت پرڪاش ۽ ڀاءُ رامچند ميرپوري ٧٩٠٠ روپين جي ڳوٿري سوامي جن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکي.

پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته اوهان ڪيڏو نه قرب ۽ پيار ڏيکاريو آهي. اوهان جيڪي ٧٩٠٠ رپيا ڀيٽ رکيا آهن، سي احمدآباد جي فسادن ۾ ستايلن ۾ خرچ ڪيا ويندا ۽ ٻي پڻ مدد اُنهن ڀينرن ڀائرن کي ڪئي ويندي. داس جيڪي ڪاريه ڪيا آهن، اها ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ سوامي سرواننڊ مهاراجن جي ڪرپا آهي. اوهان جو سهيوگ آهي. جڳن پياري دادا جشن چيو ته سمرڻ ۽ پيار، شيوا ۽ ديا جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيو ۽ مانش جنم سڦل ڪريو. اها راهه اپنايو، ستگرن جي آسيس پايو. ان ۾ ئي جيون جي سارٿڪتا آهي.

سنت اننت پرڪاش، ڀاءُ ڪشنچند پارواڻي، ڀاءُ هري ٻلي، سنت ستيه پرڪاش ۽ سنت رامپرساد پڻ سوامي جن جي ڳڻن جو ورڻن ڪيو.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري سنڌونگر ۴ ۾ سوامي شانتي پرڪاش ٻڍا آشرم هلندڙ آهي. ٻڍا آشرم جي مندر ۾ جنماشٽمي اُتسوءَ ملهايو ويو. ان موقعي تي سوامي جن پروچن ڪندي ٻڍڙن کي چيو ته اوهان زندگيءَ جي آخرين دؤر مان لنگهي رهيا آهيو. هر وقت ڀڳوان شري ڪرشن کي ياد ڪريو. ان کي ڌيايو، ان جو نام ڳايو، آنند پايو. شري ڪرشن هو پريم جو اوتار. اوهان به هڪ ٻئي کي دل جو پيار ڏيو. اوهان کي مٽن مائٽن وساري ڇڏيو آهي، پر پريو اوهان جي ڪيڏي نه سار وينو لهي. ان ڪري پريوءَ کي نه وساريو. ڀاءُ شيوڪرام ونواڙيءَ سوامي جن جا شڪرانا مڃيا.

١١ سيپٽمبر سنت ونوبا ڀاوي جو جنم ڏن سندس جنم آستان ڳاگودا ڳوٺ ۾ پوڄنيه سوامي جن جي سرپرستيءَ هيٺ ملهايو ويو. شري اچيت ديشپانڊي سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن سنت ونوبا ڀاوي کي پشانجلي ڏيندي چيو ته شري ونوبا ڀاوي هن صديءَ جو مهان ڪرم يوگي سنت هو، مهاتما گانڌيءَ جو روحاني وارث هو. هن رشيءَ پيدل ياترا ڪري هزارن جي دلين ۾ مانسڪ پريورتن آندي، هزارين ايڪڙ زمين زميندارن

ترشنائون بہ دکہ ۽ اشانتي پيدا ڪن ٿيون. جيڪڏهن سکہ شانتي چاهيو ٿا تہ اڇائون گهٽايو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ترشڻا ڪالي ناگڻي، وکہٗ وش سي ڀرپور،
ڪهہ ٽيئون سکہ چهت جو، هو تم ٿانسي دور.

گهر ۾ وڏڙن کي عزت ۽ ننڍڙن کي پيار ڏيو. هڪ جيڏن لاءِ قرب ۽ همدردي رکو. نت نيم صبوح شام گهر ۾ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو. ٻارن ۾ ڌارمڪ سنسڪار وجهو. ڪين ڌارمڪ پستڪ پاڙهيو. مريادا پرشوتم ڀڳوان رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشن ۽ ٻين ايشور جون وارتائون ٻڌايو. ائين ڪرڻ سان گهرن ۾ سکہ ۽ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ٿيندو. توهان کي جيئڻ مان آنند ايندو.

برهمگياني برهملين ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ٨٩ جنمدن اُتسؤ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ ٢٣ آڪٽوبر کان ٢٧ آڪٽوبر ملهايو ويندو. ٢٣ آڪٽوبر صبوح جو شري پريم پرڪاش گرنٿ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جا پاٺ رکيا ويا. شڪروار ٢٥ آڪٽوبر شام جو ٤ بجي آشرم کان شاهي جلوس پوڄنيہ سوامي جن جي نيترتو ۾ نڪتو. پنج ئي ڏينهن پوڄنيہ سوامي جن، سوامي ڌرمداس، سنت هرداسرام، سوامي سويم پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ ٻين مهاتمائن ستسنگہ پروچن ڪيو. ٢٧ آڪٽوبر رات جو ٨ بجي پوڄنيہ سوامي جن، سيني سنتن سان گڏجي جنمدن اُتسؤ جو پلؤ پائيندي چيو تہ هر وقت نام جپيو. جيڪي نام کان ومکہ آهن اُنهن کي چوراسيءَ جو چڪر ڦرڻو پوي ٿو.

هري ڪا نام نہ پاوهين، هرجس سُنتا ناهن،
ڪهہ ٽيئون سو موڍ نرجات چوراسي ماهن.

هڪ سنت پئي لنگهيو. رستي تي هڪ ٿاهوڪو نوجوان بيٺو هو. سنت اُن کان پڇيو تہ پيارا! هي رستو ڪيڏانهن ٿو وڃي؟ اُن نوجوان جواب ڪين ڏنو. اُن سنت محسوس ڪيو تہ شايد هي جوان ٻوڙو آهي، ان ڪري سندس ويجهو وڃي وري ساڳيو سوال پڇيائين. تڏهن اُن نوجوان اشاري سان ٻڌايو تہ هُو گونگو ۽ ٻوڙو آهي. سنت اُن نوجوان کي گونگو ۽ ٻوڙو ڄاڻي روئي ويٺو. اُتان لنگهندڙ هڪ شخص وري سنت کان پڇيو تہ توهان سنت ٿي روئي رهيا آهيو! سنت وراڻيو، 'پيارا! هن سندر ٿاهوڪي نوجوان کي گونگو ۽ ٻوڙو ڏسي روئي رهيو آهيان. هن اڳئين جنم ۾ نہ نام جپيو آهي نہ ڀڳوت ڪٿا شروع ڪئي آهي، اُن ڪري هن جنم ۾ سندر ڪايا هوندي بہ هو ٻوڙو ۽ گونگو ٿي پيو آهي!

پريميو! جيڪي جيو منش ديهہ ۾ بہ نام نٿا جپين يا ست شاستر ۽ ڀڳوت ڪٿا نہ ٿا ٻڌن، اُنهن کي ٻئي جنم ۾ گونگو ۽ ٻوڙو ٿيڻو پوندو. تنهنڪري توهان خوب نام جپيو. سنتن ستپرشن جي ڪٿا شروڻ ڪري هنڍايو. ستگرو مهاراج اسانکي پنهنجي واڻيءَ دواران جاڳرت ڪندي چون ٿا:

امرت ويلي ننڊ مان جاڳي سک سان رام سنڀار بندا

ڪندس. اُن ڪري سمورو ڌن پدارٿ ڪاتيايني ۽ توکي ورهائي ٿو ڏيان. مئتري گيانوان هئي. اُن راجا کان پڇيو 'راڄن، جيڪڏهن هيءُ سڄي پرٿوي ڌن ڌانيه سان سمپن منهنجي ٿي وڃي ته ڇا مان امر پد کي پراپت ڪنديس؟' راجا وراڻيو 'مئتري! هرگز نه. ماياوي پدارٿن جي ڪري ڪوئي امر پد ڪين پائيندو. آتم گيان، پراُپڪار ڀڳوت ڀڄن سان ئي امر پد پراپت ٿيندو.'

تڏهن مئتريءَ چيو 'مهاراج! پوءِ هنن دنيوي ڀوڳن پدارٿن کي مان ڇا ڪنديس! مونکي اهڙو ڪو اُپديش ڏيو جو امر پد کي پراپت ڪريان.' راجا ياگيه ولڪيه پتنيءَ جو اهو سياڻپ وارو جواب ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو. کيس پاڻ سان ٻن ۾ وٺي ويو ۽ کيس اُپديش ڏيئي ڪرتارٿ ڪيائين. کيس آتم گيان ڏئي سندس مارگ درشن ڪيائين. پريميو! توهان به سنتن سنگتن کي آتم گيان جي پراپتيءَ لاءِ وينتي ڪريو.

چرن ڪمل کي سيو ڪر هرهون تن ايمان،
ڪه ٽيئون درمت ڪٽي پائون آتم گيان.

شڪروار ١٨ آڪٽوبر صبوح جو پوجنيه سوامي جن احمدآباد ۾ 'هندو' اخبار جي ڪاريالیه ۾ پڌاريا. هندو اخبار جي مکيه سمپادڪ شري ڪشنچند ورياڻي ۽ سندس فرزند شري اشوڪ ورياڻي سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ 'هندو' جي خاص انڪ جو سوامي جن کان وموچن ڪرايو. سوامي جن آسيس ڪندي چيو ته اخبار ۾ اهڙا ليک ڏيو جن سان سماج ۽ راشٽر جو اُٿان ٿئي. ڀاءُ ليلارام رچنداڻي سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

پريم پرڪاش شيوا منڊل ۽ نشڪام شيوا منڊل احمدآباد جي سهاري ١٩ آڪٽوبر شام جو ٥ بجي شانتي ڌام ۾ پوجنيه ستگرو مهاراجن جو ٧٩ جنمدن ملهايو ويو. ڪيترن ئي پريمين سوامي جن جي تياڳميه پراُپڪاري ڪرم يوگي جيون جو ورڻن ڪندي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته توهان جيڪا داس جي مهما ڪئي آهي اها ڪاريه جي مهما آهي، توهان به پربوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. شڀ ڪرم ڪريو. پراُپڪار جي ڪارين ۾ مايا سڦلي ڪريو.

٢١ آڪٽوبر شام جو سوائين ڇهين بجي آڪاشواڻي احمدآباد تان پوجنيه سوامي جن 'ڪٽنب جي شانتي' وشيه تي وياکيان ڪندي چيو ته ڪيترن ئي گهرن ۾ اشانتيءَ جو واتاورڻ آهي. جنهن گهر ۾ ڪل ڪل ۽ گهڀي هوندي اُتان لڪشمي به موٽ ڪائيندي. جنهن گهر ۾ شانتيءَ جو واتاورڻ آهي اُهو گهر سرڳ سمان آهي. ماتا پتا، سس سهري ۽ وڏڙن جي ادب ۾ رهي، غم کائي به گهرن ۾ شانتيءَ جو ماحول پيدا ڪريو. ڪس ۾ ئي جس آهي. پر اڄڪلهه ڪو ڪس کائڻ لاءِ تيار ڪين آهي. ننڍا وڏن سان ڏوڏو ڏوڏي تي پڇن ٿا، مريادا جا ليڪا لنگهي وڃن ٿا، ان ڪري گهرن ۾ اشانتي رهي ٿي. اڄڪلهه گهرجون به وڌي ويون آهن. گهٽيون

سوامي وويڪانند، ڀڳت سنگهه، هيمون ڪالاڻي، چندر شيکر آزاد، پريم رامچنداڻي، رميش بدلاڻي، پرت ڪمار مسند جهڙن وير جوانن جي سخت ضرورت آهي. جن ۾ قرباني، تياڳ ۽ ديش ڀڳتي جي ڀاونا هجي. نوجوان جيڪڏهن پنهنجي شڪتيءَ جو سدُپيوگ ڪن ته قوم جي ڪشتي وچي ڪناري لڳندي.

سميلن جي صدارت آچاريه ڀڳوانديو آريه ڪئي. آچاريه ڀڳوانديو، شري گوبندرام ايل. ڀاٽيا، شري سياڳچند چاولا، شري نيوندرام لوڪواڻي، شري آسنداس ڀيرواڻي، پرنسيپال ڀڳوان ابيچنداڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڊاڪٽر ديال آشا، پروفيسر شوو بودواڻي، شريمتي رينو ماڪيجاڻي، ارجن هسراجاڻي، وڏيو گجواڻي، ڊيلارام ڪڪريجا، پروفيسر ٻلديو مٽلاڻي ۽ ٻين نوجوانن جي مسئلن ۽ فرضن تي روشني وجهندي چيو ته نوجوانن کي ديش جي وڪاس ۽ اُٿان لاءِ يوگدان ڏيڻ گهرجي.

١٩ نومبر منگل ڏينهن گوپ اشٽميءَ جي پوتر ڏينهن پرڀات جو آشرم ۾ ستسنگ ڪندي سوامي جن چيو ته ڳانين جي شيوا ته هر روز ڪجي پر اڄوڪي ڏينهن ڳانين جي پوڄا ۽ سيوا ڪرڻ اهميت واري آهي. اڄوڪي ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن ڳانيون چاريون. ڪوشش ڪري اڄ ورت رکو ۽ ڳانءِ جي کير جو سيون ڪريو ۽ دم دم جئه شري ڪرشن اُچاريو.

هي ڪارتڪ جا ڏينهن پوتر ڏينهن آهن. برهم مهورت جو اُٿي پريوءَ کي ياد ڪريو. اسان مان ڪيترا آهن جي پکين پسن کان به ڪريل ۽ بي سمجهه آهن. پکين کي به ٻوجهه آهي. اُهي به پنهنجي مالڪ جو خيال ڪن ٿا. راجڪوٽ ۾ هڪ سيٺ رهندو هو. سندس اهو نيم هوندو هو ته پنهنجي گهر جي ڪڏ تي پکين لاءِ اناج جا داڻا ۽ پاڻي ڀري رکندو هو. اتفاق سان جيڪڏهن ڪنهن ڏينهن پاڻ ٻاهر ويندو هو ته سندس سپتر اهو نيم پاليندا هئا. هڪ دفعي اُهو سيٺ پنهنجي پتنيءَ سان گڏ ٻئي ڪنهن شهر ويو. سندن پٽن نيم انوسار اناج جا داڻا ۽ پاڻي ڀري رکيو. اُتي پکي آيا به مگر نه داڻا کاڌائون نه پاڻي پيتائون، ڪنڌ هيٺ ڪري ويئا رهيا. ٻئي ڏينهن پڻ پکين ائين ڪيو. بنا کاڌي پيتي مايوس ويئا رهيا. ٽئين ڏينهن صبوح جو سنديش آيو ته سيٺ ۽ سندس پتني ڪار درگهٽنا ۾ اجل جو شڪار ٿي ويا. پکين کي پنهنجي مالڪ جي مؤت جي اڳواٽ ڄاڻ پئجي ويئي ۽ اُن شوڪ ۾ کاڌو پيتو ڪين ورتاياڻون. انهن پکين کي به مالڪ لاءِ ايڏي چڪ هئي مگر اسان پنهنجي پريتم کي بنهه وساري ويٺا آهيون. پريميوا پرماتما کي نه وساريو. پل پل پريوءَ کي پريم سان ياد ڪريو، سواس سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪريو.

شام جو ڇئين بجي پوجنيه سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ شري راڌي شيام ڳئو شالا سنڌونگر ۵ ۾ گوپ اشٽمي اُتسوُ ملهايو ويو. ڀاءُ ننديرام ٺهلرام، پوجنيه سوامي جن ۽ ٻين سنتن جو سواڳت ڪيو. سوامي جن ڳئو شالا جي ٽرسٽين ۽ ڀاءُ تلسيداس موٽواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته اسانجي شاسترن ۾ لکيل آهي ته ڳانءِ ۾ سڀني ديوتائن جو واسو آهي. سندس چيڙي ۾ لڪشميءَ جو واسو آهي. ڳئو ماتا جو ڇيڻو ۽ ڳؤنٽ ڪيترين ئي بيمارين لاءِ دوا

(۱) رام ڀڄن لِئہ آئين هتڙي - ڪر ڀڳتيءَ جي ڪار بندا،
ماتا گرڀ ۾ وچن ڪيئہ جو پاڙج سو اقرار بندا.
(۲) ڀوڳ وشيہ جي رس ۾ ريجهي - غافل ٿي نہ گذار بندا،
رام نام جو سمرن ڪر تون - هردم ٿي هوشيار بندا.
(۳) ڀڳوت جو ڀوَ ڏارج دل ۾ - ڏاڍي ٿي سرڪار بندا،
پاپ پڻيہ جو ليکو ٿيندءِ - صاحب جي دربار بندا.
(۴) کهي ٽيئون ٿي مهل اجان ڀي - ڏيان ڏٽيءَ جو ڏار بندا،
ديا ڌرم ست ڪرم ڪري تون - مانش جنم سڌار بندا.

۷ نومبر شڪروار صبوح جو ساڍي ۱۱ بجي پوجنيہ سوامي جن سنڌونگر ۳ ۾ نوجيون سهڪاري بئنڪ جو مهورت ڪندي چيو تہ پياري سيتلداس هرچنداڻي ۽ سندس سائين کي ڌنيواد آهي جن پاڻ ۾ گڏجي سهڪاري متي تي بئنڪ کولي آهي. اُميد آهي تہ هن بئنڪ دواران ڪيترن گهرجائن کي قرض ملندو جئن هوُ پنهنجو ڌنڌو ڏاڙي ڪري سگهن. شل پرماتما جي آسيس سان هيءَ بئنڪ وڌندي ويجهندي رهي. سوامي جن ان موقعي تي اپيل ڪندي چيو تہ توهان ڀلي خوب مايا ميڙيو پر اُن سان گڏ پراُپڪار جي ڪارين ۾ مايا سڦلي ڪريو.

شري سيتلداس هرچنداڻي سوامي جن جا آڀار مڃيا.

يوا ورش جي سنبنڌ ۾ جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ۱۶-۱۷ نومبر اکل ڀارت سنڌي نوجوان سميلن جو آيوجن ڪيو ويو. ۱۶ نومبر صبوح جو ساڍي ۱۰ بجي پوجنيہ سوامي جن ان سميلن جو مهورتي ڀاشڻ ڪندي چيو تہ هي سال ساريءَ دنيا ۾ انترراشٽريہ يوا ورش ڪري ملهايو پيو وڃي. ان ڪري اڄ هت اکل ڀارت سنڌي نوجوان سميلن سڏايو ويو آهي. نوجوانن جو جوش ۽ هيڙن جو هوش جاتيءَ ۽ ديش کي اڳتي وني هلندو. اڄ اسان جا جوان ديش ۽ سماج ڏانهن پورو توج ڪين ٿا ڏين. عيش عشرت جي زندگيءَ ڏانهن وڌيڪ مائل آهن. اڄ اسان جو ديش برابر آزاد آهي، مگر اُن آزاديءَ جي سرڪشا نہ صرف سرحد تي ڪرڻي آهي، پر گهر ۾ سچيت ۽ سجاڳ رهي سماج ۽ ديش جو نؤ نرماڻ ڪرڻو آهي. اسان جي سماج ۾ ڪيتريون ئي ڪرسمون گهر ڪري ويئون آهن. جيڪڏهن اسان جا جوان ڪمر ڪشي بيهن تہ اهي سماجڪ برايون پر ڪري اُڏامي وڃن.

ڏيتي ليتي هڪ ڀرندڙ مسئلو آهي. سرڪار ڀل ڪيترا بہ بل پاس ڪري، عمل نوجوانن کي ڪرڻو آهي. جيڪڏهن نوجوان ڇوڪريون اهڙين ڏي وٽ وارين شادين جو ۽ هوٽلن ۾ ٿيندڙ پارٽين جو بائڪاٽ ڪن ۽ ڏيتي ليتيءَ جو تياڳ ڪن تہ اهي ڪرسمون بنهہ بند ٿي وڃن. شراب مانس جو واهپو ڪيڏو نہ وڌي ويو آهي. ملڪ ۾ ڪيڏو نہ مفلسي آهي! کاڌي ۾ سادگي، ڪپڙي ۾ سادگي جيون کي ناهينديون.

ديش جي اکنڊتا ۽ ايڪتا لاءِ جوان اهم پارٽ ادا ڪري سگهن ٿا. اڄ بہ ديش کي

ڳالھ کي اهميت ڏيئي چئي ٿا سگهون تہ هن وقت تائين جو ڪاريہ نئين بلڊنگ جو ٿيو آهي سا آهي ڪرپا اسان تي پوجنيہ سائين شانتي پرڪاش جن جي. نہ تہ تہ ھھڙو اوکو ڪم، اسين گرهستي ۽ دنيوي سنسار ۾ قاتل جيو ڪئي ٿا ڪري سگهون! سائين جن اسان تي ايتري تہ مهر ڪئي آهي جو اڄ تائين پيسي جي تنگي ڏسڻ ۾ ئي ڪانہ آئي آهي ۽ دربار جا ستسنگي پنهنجي ڪشاديءَ دل سان مدد جو هٿ ڏگهيري رهيا آهن.

پوجنيہ سوامي جن ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ اوهان ٿوري ئي وقت ۾ نئين عمارت جو چڱو ڪم ڪرايو آهي. ڌنذا ڌاڙيون ڪندي نام کي نہ وساريو.

احمدآباد ڪبيرنگر ۾ ڪن نوجوانن پوجنيہ سوامي جن جي نالي مندر نهرايو هو. ١١ ڊسمبر سوامي جن اُتي سوَن گهرجائن کي مندر طرفان ڪمبل ڏنا. شام جو ستسنگ ڪندي سوامي جن نوجوانن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ شيوا ۽ ستسنگ جي جوت جڳائيندا رهو. گهرجائن جي شيوا بہ پربھوءَ جي ڀڳتي آهي. نشڪام ڀاونا ۽ پريم سان انهن جي شيوا ڪندا رهو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو ١٥ وارشڪ اُتسوَ ١٤ ڊسمبر کان ١٨ ڊسمبر ڏاڍي اُتساھ اُمنگ سان ملهايو ويو. ديش وديش مان هزارين پريمي اُتسو ۾ شريڪ ٿيا. پوجنيہ سوامي جن ١٤ ڊسمبر صبوح جو جهنڊو چاڙهي ميلي جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ٣ بجي آشرم مان پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي سرپرستيءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شري شنڪر، سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جي جهانڪين سان شاهي جلوس نڪتو.

چارئي ڏينهن صبوح شام ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سوامي ڌرمداس، سوامي سويم پرڪاش، سنت هرداسرام، سنت ڀڇنداس، سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش ۽ ٻين سنتن ستسنگ پروچن ڪيو. ١٨ ڊسمبر پرڀات جو سوامي جن سنت منڊل سان گڏجي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو:

ڪرتا هرتا سرو ڪا، پرتا هئہ ڀڳوان،
ڪھ ٽيئون تم آپکو، ڪرتا ڪبهن نہ مان.

جيو جو جيئڻ يا رهڻ، هلڻ چلڻ پنهنجي پيرن تي ڪين آهي. هرڪو ائين چوندو آهي تہ مان پنهنجي پيرن تي بيٺو آهيان، پر ڪنهن کي بہ پنهنجن پيرن تي بيهڻ جو ٻل ڪين آهي. لڳو واءُ ويو ساھ. اوچتو ساھ مٽ ۾ اچي وڃي ٿو. ڪال جي ڪل ئي ڪين ٿي پوي. اسين جيئون ٿا ڀڳوان جي رحمت تي، داتار جي ديا جي سهاري. اسان کي پنهنجي ڪا سنا ڪين آهي. ان ڪري سديو پرماتما کان ستگرو کان سندس ٻاجھ مڱون، ديا جو دان گهرون. ديا ۾ سڀ ڳالهيون اچي ويون.

هڪ دفعي اڪبر وزيرن کي چيو تہ هڪ پائيءَ ۾ گيهہ، بيسڻ، مرچ، لوڻ، ڌاڻا، بصر سڀ وٺي اچو. وزير وائڙا ٿي ويا تہ هڪ پائيءَ ۾ اهي سڀ شيون ڪيئن ملنديون! ائين ڪندي بادشاھ جي دربار ۾ بيربل آيو. اڪبر ساڳي ڳالھ بيربل کي چئي. بيربل هڪدم

طور ڪم آڻي سگهجي ٿو. آيرويدڪ ۾ اهي دوائن طور استعمال ڪيا وڃن ٿا. ڪنهن کي برا سپنا ايندا هجن ته ڳانءِ جو پڇ منهن تي گهمائي ته ڪيس برا سپنا ڪين ايندا. ڀڳوان شري ڪرشن کي ڳانيون پاڻ کان به وڌيڪ پياريون هيون. اسانکي به ڳانين جي شيوا ۽ سرکشا ڪرڻ گهرجي.

۲۲ نومبر ڪارتڪ ايڪادشي صبوح جي ستسنگ کان پوءِ سوامي جن سان سوين پريمي ۽ سنت رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته ڪن کي مايا جو ته ڪن کي ڪايا جو، ڪن کي علم عقل جو ته ڪن کي ڌن پدارٿ جو ايمان آهي. آڪڙ ايمان انسان کي ڪيرائي ٿو. راجا هجي يا رنڪ هجي، هڪ ڏينهن اُن کي هن آسڻ تي اچڻو آهي. اُن ڪري پريميو! غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي ست ڪرم ڪريو، نام سمرڻ ڪريو. سنگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

هري سمرو تم جاڳ ڪي، سويه نه ندرا مانه،
ڪه ٽيئون جاڳي بنا، هر درشن دي نانه.

پريميو! اوديا اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ٿي نام جپيو ته توهان کي پرڀوءَ جو درشن ٿئي. سو سڀاڳو، جو مالڪ جو مشاهدو ماڻي ٿو. شام جي ستسنگ ۾ سوامي جن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪندي چيو ته اڄ ساري رات هت ويهي شري ڪرشن جو ملو نالو جپيو.

۲۴ نومبر سوامي جن پونا ۾ پڌاريا. سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي شري گرونانڪ ديو ۽ ڪارتڪ مهاتم جي وشيه تي پروچن ڏنو. ۲۶ نومبر شام جو سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. اُتي شام جو ۽ رات جو جدا جدا آسڻن تي سوامي جن شري گرونانڪ ديو جي جيون تي روشني وڌي.

پريم پرڪاش آشرم گواليار ۾ سوامي سروانند سيوا سمتيءَ جي سهاري ۲۴ نومبر کان مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي ويئي. اکين جي مفت تپاس ڪري مفت آپريشن ڪيا ويا. ۳ ڊسمبر اُن نيتر شبر جي سماپتي اُتسوءَ ۾ پوڄنيه سوامي جن ڊاڪٽرن ۽ شيواڌارين جو اُتساهه وڌائڻ لاءِ ڪين دشالا پاتا ۽ ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان هن مفت ڪئمپ جو آيوجن ڪري هڪ مها يگيه ڪيو آهي. ڪنهن کي نور بخشڻ اهو اُتم ڪاريه آهي.

۱۰ ڊسمبر صبوح جو ۷ بجي پوڄنيه سوامي جن هري ڪيرتن دربار سنڌونگر ۳ ۾ پڌاريا. هري ڪيرتن دربار ٽرسٽ جي پرڌان ڀاءُ ريواچند ڪيسواڻيءَ سوامي جن جي سنمان ۾ مانپتر پڙهندي چيو ته:

بيحد گهڻن نيازن ۽ ادبن سان اسان هري ڪيرتن دربار ٽرسٽ جا ٽرسٽي پنهنجي نيڪ نيت سان مهاشيه پوڄنيه سائين شانتي پرڪاش مهاراجن جا نهايت شڪرگذار آهيون، جن صاحبن پنهنجو قيمتي وقت بچائي اسان جي وينتي سويڪار ڪري اڄ اسان جي هري ڪيرتن دربار ۾ حاضران حضور ٿي پڌاريا آهن ۽ اسان جي وچ ويهي اسان کي آشيرواد ڏني اٿن. ياد رهي ته هري ڪيرتن دربار جي نئين بلڊنگ جو بنيادي پٿر سائين جن پنهنجي پوتر ۽ شڀ هٿن

ڏنيواد ڏني جن پنهنجو ڏن ۽ سمي ڏيئي اهو هال نهرايو آهي. ان هال ۾ ڪيترائي سڪرت جا ڪم ٿيندا.

سوامي جن ستسنگ ڪندي سرڳواسي ٻنڌي وڪيل جنهن هال نهرائڻ لاءِ پرشارٿ ڪيو هو، تنهنکي پڻ ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني. ڀاءُ نيوندرام لوڪوائيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو. رات جو سوامي جن ڌرمشالا ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پريميو! توهان جيڪڏهن آتم پد تي پهچڻ چاهيو ٿا ته پهرين جيو پڻي جي ڀاونا ڇڏيو. جيئن ڪنهن شخص کي هردوار وڃڻو هجي ته پهرين هوُ جيتپور کي ڇڏيندو، هردوار طرف رخ رکندو ته مدت بعد هردوار پهچي ويندو. تيئن جڏهن جيو اگيان اوديا، مايا، مايوي پدارٿن کي ڇڏيندو، تڏهن ئي هو مالڪ جي ويجهو ٿيندو ويندو. پوءِ هڪ نه هڪ ڏينهن ڪيس پرماتما جو درشن ٿيندو.

پوڄنيه سوامي جن ۲ جنوري ۱۹۸۶ تي ويراول ۾ 'سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول' جي نئين عمارت جو مهورت ڪيو. اُدگهاٽن سماروه ۾ ڀاءُ روپچند چندولعل آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. سوراشٽر سنڌي پئنچايت فيڊريشن جي پرڌان شري نيوندرام لوڪوائي ان اسڪول جي مشغولين ۽ ڪاريه تي روشني وڌي. پوڄنيه سوامي جن مهورتي تقرير ۾ چيو ته وديا دان اُتم دان آهي. هن يڳيه ۾ جن به آهوتي ڏني آهي سي ڌنيواد جا پاتر آهن. توهان سنڌي ٻارن لاءِ سنڌيءَ ۾ پڙهائيءَ جو اُتم ڪاريه ڪري جاتيءَ سان وڏ ڪيو آهي. اسان کي پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌي هرگز وسارڻ نه کپي. ٻولي جيئندي ته جاتي به زنده رهندي.

ان ڪاريه ڪرم کان پوءِ سوامي جن پرياس پاٽڻ ۾ پڌاريا. اُتي اکل سوراشٽر سنڌي پئنچات جي سهاري سنڌي پرائمري اسڪول لاءِ سوامي ٽيئونرام ڀون جو بنيادي پٿر پوڄنيه سوامي جن وڌو. سوامي جن ان ڪاريه لاءِ پنجويهه هزار رپيا دان ڏنو. ڀاءُ نيوندرام لوڪوائي سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

۲ جنوري رات جو سوامي جن ليلا شاهه سوسائٽي ويراول ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته پريميو! توهان سچيءَ دل سان پرماتما جو سمرڻ ڪريو ته توهانجا ڪل ڪارج پريو پاڻ اچي سنواريندو. ڀڳت جئديو ڀڳوان شري ڪرشن جو انيه اُپاسڪ هو. جڏهن هي 'گيت گووند' لکي رهيو هو ته هڪ ڏينهن هڪ پد لکيائين ته ٻئي پد ٺاهڻ ۾ ڪيس مونجهارو ٿيو. هو ڪيترو وقت پد رچڻ جي خيال ۾ هو. اِئين ڪيترو وقت گذري ويو. سندس پتني پدما ڪيس ونيه ڪئي ته ڀوڄن تيار آهي جلدي اشنان ڪري اچو. پتنيءَ جي گهٽي آگرهه تي شري جئديو پد رچنا اڌ ۾ ڇڏي اشنان ڪرڻ ويو. هيڏانهن ڀڳوان جئديو جي روپ ۾ سندس گهر آيو ۽ سندس پتنيءَ کي چيائين ته هاڻي مونکي سندر ويچار اچي ويو آهي. پستڪ ڏي ته پد لکي پورو ڪري پوءِ ٿو وري اشنان ڪرڻ وڃان. پدماوتيءَ اهو هست لکت ڪاويه اُن کي ڏنو. ڀڳوان ڀڳت جئديو جو اڌورو چند پورو ڪري ارٿات ٻيو پد لکي هليو ويو. هيڏانهن وري ڀڳت جئديو اشنان ڪري جلدي گهر واپس آيو. سندس پتنيءَ چيو ته توهان هاڻي ته هتان اشنان ڪرڻ ويا، ايتري ۾ ڪيئن واپس آيا؟ جئديو چيو ته مان ته ڪڏهوڪو اشنان لاءِ ويس. سندس پتنيءَ چيو ته توهان

چيو قبلا! مان اهي سڀ شيون هڪ پائيءَ ۾ وني ٿو اچان. بيربل جو جواب ٻڌي ٻيا وزير دنگ رهجي ويا. بيربل بزار ۾ ويو ۽ پائيءَ جا پڪوڙا وني آيو. پڪوڙا اچي اڪبر کي ڏنائين ڪيس چيائين ته پڪوڙن ۾ بيسڻ، گيهه، مرچ، لوڻ، بصر، ڏاٽا سڀ اٿو. اڪبر بادشاهه ۽ ٻيا وزير بيربل جي سياڻپ ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا. بيربل کي مشڪل مسئلا حل ڪرڻ جون اٽڪلون هيون. گرو به گيان دواران اهي رمزون سيکاري ٿو جڏهن جيو جو جيون سڦل ٿي پوي. جئن پڪوڙي ۾ سڀيئي مٺيون شيون سمايل آهن تئن ايشور ۽ ستگرن جي ديا ۾ سڀ نعمتون اچي وڃن ٿيون. پريميو! ان ڪري پربوءَ کي سديو سندس ڪرپا لاءِ پرارٿنا ڪريو:

دين هين بل کين مئن، موهه پروسا تور،

ٽيئون تجهه بن ڪو نهين، تو هي هر اڪ مور.

٢٥ ڊسمبر ڊاڪٽر چوئٿرام گدوانيءَ جو جنمدن جنتا جناردن پريشد جي سهاري آشرم ۾ پوجنيه سوامي جن جي زير صدارت ملهايو ويو. سوامي جن پشپانجلي ڏيندي چيو ته ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي آزاديءَ جي آندولن ۾ سرگرم ڀرو ورتو پر آزاديءَ جي حاصلات کان پوءِ نرواسين کي عيوضو وٺي ڏيڻ جو شريبه به هن پياري ڪي آهي. هي پيارو آجيون برهمچاري ٿي رهيو. ڪيترائي پراُپڪار جا ڪاريه ڪيائين. ديش کي اهڙن نشناوان نشڪام نيتائن جي سخت ضرورت آهي.

ڀارتيه سنڌو سڀا طرفان سوامي وويڪانند هاءِ اسڪول چيمبور بمبئيءَ ۾ اکل ڀارتيه سنڌي سميلن جو آيوجن ٢٧ ڊسمبر ١٩٨٥ کان ٢٩ ڊسمبر تائين ڪيو ويو. ٢٧ ڊسمبر شڪروار صبوح جو ١٠ بجي سوامي جن ان سميلن جو اُدگهاٽن ڪندي سنڌي سماج کي اپيل ڪئي ته سنڌي سنسڪرتي، سڀيتا، ساهتيه ۽ ڀاشا جي سرڪشا لاءِ عملي قدم کڻو. روزمره جي وهنوار ۾ سنڌي ٻولي جو استعمال ڪريو. ڀلي پنهنجي ٻالڪن کي ڪيترين به ٻولين سيکاريو پر ماتر ڀاشا کان کين محروم نه رکو. ٻولي جيئندي ته قوم به جيئندي. پاڻ ۾ ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌجي هڪ ٻئي کي چاڙهيو. ڪيرائڻ جي ڀاونا ڪڍي ڇڏيو.

انرراشٽريه يوا ورش جي سنبنڌ ۾ مهاراشٽر يوا شبر جو آيوجن سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ ٢٨ ڊسمبر کان ٢٩ ڊسمبر ڪيو ويو. هن موقعي تي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا جيٺي ٻائي جو پڻ سنمان ڪيو ويو. ڀاءُ آسنداس ڀيرواڻي شبر جي مراد تي روشني وڌي. پوجنيه سوامي جن ان شبر جو مهورت ڪندي چيو ته ڀارت جي نوجوانن تي اڄ وڏي جوابداري آهي. ديش جي آزاديءَ جي سرڪشا، ديش جي اکنڊتا قائم ڪرڻ لاءِ ڀارتيه جوانن کي سڪريه ڀاڱه وٺڻ گهرجي. ديش جي نونرماڻ لاءِ ۽ سماجڪ براين دور ڪرڻ لاءِ نوجوان وڏو يوگدان ڏئي سگهن ٿا. شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جي ماتا ڌنيه آهي جنهن هيمونءَ جهڙي ديش ڀڳت کي جنم ڏيئي پنهنجي ڪک سڦلي ڪئي. ڀاءُ ڪرشنلعل ٻجاج، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڀاءُ ٻچارام ليڏواڻي پڻ نوجوانن جون جوابداريون وشيه تي ويچار ظاهر ڪيا.

١ جنوري ١٩٨٦ شام جو ٤ بجي پوجنيه سوامي جن جيتپور ۾ 'سنڌي سماج ڪميونٽي هال' جو مهورت ڪيو ۽ اُن هال ۾ ستسنگ پروچن ڪندي سوامي جن ڪاريه ڪرتائن کي

سهڻو باغ هو. سيٺ پنهنجي ڪڪيءَ کي چيو تہ روز گلن ٻوٽن کي پاڻي ڏيندي ڪر. ڪڪيءَ پتا کي چيو تہ مان توهان جي چوڻ موجب گلن ٻوٽن کي پاڻي ڏيندس، خيال نہ ڪجو. ڪجهہ ڏينهن بعد سيٺ جڏهن واپس وريو، تڏهن گلن ٻوٽن کي مرجهايل ڏسي ڌيءَ کان اُن بابت پڇيائين. ڌيڻس وراڻيو 'مان هرروز ٻہ دفعا گلن مٿان خوب پاڻي وجهندي آهيان.' سيٺ چيس تہ تو محنت ئي برباد ڪري ڇڏي، باغ ئي اُجڙ ڪري ڇڏيو اٿيئي! پاڻي ڏبو آهي پاڙ کي. پاڙن کي پاڻي ڏين ها تہ اڄ سڀ گل ٻوٽا سرسبز مهڪن ها! پريميو! توهان بہ مول پرماتما کي ڇڏي دنيوي مال اسباب لاءِ رت پسينو هڪ ڪريو ٿا. واليءَ کي نہ وساريو. پرماتما کي پرسن ڪرڻ آهي ساري سنسار کي پرسن ڪرڻ. ان هڪ پربوءَ جي ڀڳتي ڪريو، اُپاسنا ڪريو تہ توهان کي سچي سک جي پراپتي ٿيندي. پنهنجو سروَ سوَ پرماتما جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪريو. جئن کاڌو مکہ ۾ وجهبو آهي تہ اُن جو رس ۽ شڪتي سڀني انگن کي ملندي آهي، تئن ڀڳوان کي ڏيڻ معنيٰ سڀ کي ڏيڻ. حقيقت ۾ جيڪي ڪجهہ اسين پنهنجو سمجهون ٿا اُهو سڀ ڪجهہ اُن پرم پتا جو آهي. تيرا تجهڪو سونپ دون ڪيا لاڳي ميرا.

۵ جنوري سميلن جي سماپتي سماروهہ ۾ سوامي جن اپيل ڪندي چيو تہ اڄ طلاق جو مرض بہ وڌي ويو آهي. ڪيترن کي نڪ پتو ڪونهي. ڏسٽا وائسٽا ماڻهو پنهنجين پتنين کي طلاق ڏيئي وڏو پاپ جو ڪم ڪري رهيا آهن. گهرن ۾ پيار جو واتاورڻ پيدا ڪريو. ڪي وري مٿا ٽوڙي رهيا آهن. اهڙن اپراڌين کي ٿالهين لاهي ڇڏيو، اهڙن ماڻهن جو ترسڪار ڪريو. اسان جي ڦوٽ جو فائدو ٻيا وٺي رهيا آهن، ان ڪري ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌجي سماج ۽ ديش جو اُٿان ڪريو.

پوڄنيہ ستگرو مهاراجن ۵ جنوري رات جو ڀاءُ جواهر لڇمڻداس ماٽا جي گهر جي ميدان تي ستسنگہ ڪندي چيو:

انتر باهر آتما، ستگر ديئا دکايہ،
ڪهہ ٽيئون مٺن ديکہ کي، دينا دکہ مٽايہ.

پريميو! ستگرو مهاراج فرمائين ٿا تہ ستگرن ئي مونکي من ۾ چاهي ساري سرشٽيءَ ۾ پرماتما جو درشن ڪرايو. ارٿات گرديو جي ڪرپا سان ئي مان آتم ساڪياتڪار ڪيو ۽ مان دنيوي دکن کان نورت ٿيس. پرماتما سروَ وياپي آهي. دوش اسانجي درشٽيءَ جو آهي جو اسان اُن کي پاڻ کان پري سمجهي ويٺا آهيون. هڪڙي سنت کان ڪنهن راجا پڇيو تہ پرماتما ڪٿي آهي؟ اُن سنت چيو تہ مالڪ هرهنڌ موجود آهي. راجا وري پڇيو، 'مهاراج! جيڪڏهن پرماتما هر جڳهہ وياپڪ آهي تہ ڏسڻ ۾ تہ ڪين ٿو اچي! ائين ڇو؟' اُن مهاتما بروقت ئي هڪ برتن ۾ کير گهرائي راجا کان پڇيو تہ ڇا مکڻ ۽ گيهہ هن کير ۾ آهي؟

ڪيئن واپس آيا؟ جئديو چيو ته مان ته ڪڏهوڪو اشنان لاءِ ويس. سندس پتنيءَ چيو ته توهان پهرين اشنان لاءِ گهر مان نڪتا ته وري جلدي پد لکڻ لاءِ واپس ڪين آيا! اهو ٻڌي ڀڳت جئديو عجب ۾ پئجي ويو. سندس پتنيءَ ڪيس لکيل پد ڏيکاريو. اهو پد لکيل ڏسي جئديو دنگ رهجي ويو ۽ من محسوس ڪيو ته ڀڳوان پاڻ ئي سندس روپ ڌاري سندس رچيل ڇند کي پورو ڪيو ارٿات جنهن پد لکڻ ڪري هو منجهيل هو، اهو منجهارو ڀڳوان پاڻ اچي دور ڪيو. پريوءِ پاڻ اچي پد لکي انترڌيان ٿي ويو. ڀڳت جئديو جي اکڙين ۾ پريم جا آنسون اچي ويا. سندس پتني پدما پڇيو 'اوهان جي اکين ۾ لڙڪ ڇو آهن؟' ڀڳت جئديو چيو 'پدما! تون ڀاڳن واري آهين جو ڀڳوان منهنجو روپ ڌاري توکي درشن ڏنو ۽ پاڻ اچي پريوءَ منهنجي لکيل اڌوري ڇند کي پورو ڪري لکي ويو.

پريميو! ڀڳوان ڪيئن نه پنهنجن پيارن جا مونجهارا مٽائي ٿو. پاڻ اچي سندن سمسيائون سلجهائي ٿو. توهان به پريوءَ ۾ پورن وشواس رکي سندس نام ڳايو، نام ڏيايو آنند پايو.

٢ جنوري صبوح جو ٩ بجي سوامي جن سورٺ ونٿليءَ ۾ سنڌي ڌرمشالا ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته پئنچن کي ڌنيواد آهي جن ڀڄ ڪارج لاءِ هيءَ ڌرمشالا نهرائي آهي. اهڙن پراُپڪار جي ڪارين ۾ مايا سڦلي ڪرڻ گهرجي. پراُپڪاري سدائين ٻين جو ڀلو ڪرڻ ئي چاهيندا آهن. پنهنجي لاءِ ته هرڪو گهر نهرائي ٿو، پر ٻين جي سک سهنج لاءِ ڌرمشالا نهرائڻ اُتم ڪاريه آهي. ان ڪري پريميو! توهان ڌنيواد جا پاتر آهيو. روز امرت ويلي اُٿي ايشور کي پرارٿنا ڪريو:

ڀڪت وتسل ڀيه هرن هري، ڪروڻا شيل نڌان،
ڪه ٿيئون ڪل ڪال ۾، اڄ راکه ڀڳوان،

هي پرماتما! اسان سڀني کي سبڌي ڏي نام دان ڏي.

اکل سوراشٽر سنڌي پئنچات فيڊريشن جو پنجون سميلن ٢-٥ جنوري راجڪوٽ ۾ پوجنيه سوامي جن جي پرڌانپٽي هيٺ ٿيو. پئنچات جي پريزيڊنٽ شري نيوندرام لوڪواڻيءَ پئنچات جي ڪاريه تي روشني وجهندي پوجنيه ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اڏڪشيه ڀاشڻ ڪندي چيو ته اڄ اسان جي سماج ۾ جيڪي ڪرسمون پيدا ٿيون آهن، انهن کي دور ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻڻ گهرجن. ڏيتي ليتيءَ ڪيڏا نه راڱا ڪيا آهن. سوين وڏور ڪنيائون ڏيتي ليتيءَ سبب ڪنواريون وينيون آهن. ڪيتريون نياڻيون شاديءَ کان پوءِ به اُن ڏي وٺ جي مرض سبب دکي زندگي گذاري رهيون آهن. انهن اهلائن تي قياس ڪريو. مانس ۽ شراب جو واهپو بنهه بند ڪريو. اوهان ٻين کي سکي ڪندا ته پرماتما اوهان کي سکي ڪندو. پياري نيوندرام لوڪواڻي، پياري مولچند ڪٽر ۽ اوهان سڀني کي ڌنيواد آهي جو ههڙا سميلن سڏائي سماج ۾ سجاڳي آڻي رهيا آهيو.

٢ جنوري رات جو پوجنيه سوامي جن هرمندر رامنات پورا راجڪوٽ ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته هڪڙو سيٺ ڪنهن ڪم سبب ڪجهه ڏينهن لاءِ ٻاهر وڃي رهيو هو. ڪيس هڪ

اُلهاسنگر ۵ ۾ سنت ڀائي کانورام جو ۸۱ جنمدن ملهايو ويو. پوڄيه سوامي جن ڀائي کانورام کي دشالو پائيندي چيو ته سنت کانورام پراُپڪاري سنت آهي. سندس رهڻي سادي آهي. سنگيت جو ماهر آهي. ڪيس سنتن جي ڪيڏي نه ڀاڳي ڪنٺ آهي ۽ اُها سوز ڀريئي سر سان ڳائي سوَن کي ڀريوءَ جي راهه ۾ ڇڪي ٿو.

هن موقعي تي سوامي نارائڻداس، سنت پرمانند هنس، سنت ڀڳنداس، سنت ديو پرڪاش، سنت برهمداس ۽ ديال آشا پڻ سنت کانورام جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

سوامي جن پياري ڀوري مل ڦڳڻمل ميواڻيءَ جي گهر ڀڳوان شري ڪرشن جي مندر جو مهورت ڪندي ڪيس ڏنيواد ڏني.

۲٦ جنوري صبوح جو ۱۱ بجي پوڄنيه سوامي جن سنڌونگر ۲ ۾ بجاج شاپنگ ڪامپليڪس ۾ بجاج مئرينج هالن جو مهورت ڪندي پياري شيوارام سانولداس بجاج ۽ گرمکداس بجاج کي ڏنيواد ڏني جن عوام جي سهوليت لاءِ سندر هال ٺهرايا آهن. سوامي جن چيو ته جيڪو بنا ڏيتي ليتيءَ شادي ڪندو، تنهنکي بجاج هال مفت ڏنو ويندو.

روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسو ۲ فيبروري آرتوار صبوح جو ۱۱ بجي ڀارت سيوا سدن هال دادر بمبئيءَ ۾ ٿيو. هن موقعي تي پوڄنيه سوامي جن هوشيار وديارٿين کي پرسڪار ڏيندي ڪاريه ڪرتائن کي ڏنيواد ڏني. سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته پاڻ ۾ سمپ رکي هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو. اهڙا ڪم ڪريو جئن سنڌي جاتيءَ جو ڪنڌ سدائين مٿي رهي. پراُپڪار جي ڪارين ۾ مايا سڦلي ڪريو ۽ ڀريوءَ کي نه وساريو. روز پنهنجي وهنوار جي شروعات پرارٿنا سان ڪريو.

۹ فيبروري دادا لعلچند ماڪيجاڻيءَ شري هنومان مندر ونل واڊي سنڌونگر ۳ ۾ سوامي هرنامداس مهاراج جو ورسي اُتسوَ ملهايو. پوڄنيه سوامي جن اُتي ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سوامي هرنامداس مهاراج ڀڳنيڪ يوڳي پرش ۽ ودوان سنت هئا. داس جو ساڻن سنيهه سنبنڌ رهيو. پياري لعلچند کي ڏنيواد آهي جو پنهنجي گرديو جو ڏينهن هرسال ملهائي ٿو. پريميو توهان به سنتن جي ورسيءَ مان ورسجي وڃو.

۱۰ فيبروري جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ سماج سيوڪا ڀيڻ جيٺي سپاهيملاڻيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن پشپانجلي ڏيندي چيو ته جيٺي ڀيڻ ديش ۽ جاتيءَ جي ايتري ته شيوا ڪئي آهي جو ڪو مرد به شايد مشڪل ڪري سگهي. هوءَ پهرين سنڌي ڀيڻ هئي جا اسيمبليءَ جي ڊپٽي اسپيڪر بڻي. ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ سڪريه ڀاڱه ورتائين. ديش جي ورهاڱي کان پوءِ نرواسي ڀائرن جي شيوا ڪيائين. سوَن سنڌين کي سهڪاريه منتي تي سهڻا گهر ٺهرائي ڏنائين.

۱۵ فيبروري شام جو ۵ بجي پوڄنيه سوامي جن احمدآباد جي آدرش هاءِ اسڪول ۾

راجا وراڻيو، ’سوامي! مکڻ ۽ گيھ تہ ھن کير ۾ سمايل آھن پر نظر ڪين ٿا اچن.‘ مھاتما چيو، ’راجن! جڏھن ھن کير ۾ سنڀال وجھي اُن کي ڄمائبو، ڪجھ وقت کان پوءِ وري اُن کي مانڌاڻيءَ سان آھستي آھستي ولوڙبو تڏھن اُن مان مکڻ نڪرندو. پوءِ وري مکڻ کي رجائبو تہ اُن مان وري گيھ نڪرندو. تئن جگياسو جڏھن پنھنجي من ۾ گرو اُپديش روپي مانڌاڻيءَ سان ولوڙيندو ارٿات ساڌنا ڪندو، چنتن ڪندو تہ من ۾ ئي ڪيس مکڻ ارٿات پرماتما جو درشن ڏيندو.‘ پريميو! اسين آتم روپ آھيون. آتم ساڪياتڪار تڏھن ڏيندو جڏھن گرو منتر جي پوري پوري ساڌنا ڪبي. ستگرو مھاراج بہ فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ست شبد ڪا، سمرن ڪر ھروار،
ڪھ ٽيئون جھن سمرتي، انيو ڪلي دوار.

٦ جنوري صبوح جو سوامي جن ڄامنگر پريم پرڪاش منڊلي آستان تي پڌاريا. سوَن پريمين سوامي جن جو ھارن سان سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ستسنگ ڪندي چيو:

آلس تج اُدم ڪرو، رام ڀڄن ڪي ھيت،
يوگ روگ ميہ جانکي، سمرن ڪرتو چيت.

پريميو! ستگرو مھاراج فرمائين ٿا تہ نام سمرڻ ۾ سستي نہ ڪريو. جئن وھنوارڪ اُنتيءَ لاءِ پرشارٿ ڪريو ٿا اُن کان وڌيڪ اُدم ڪريو ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لاءِ. دنيوي ڀوڳ پدارٿ دکدائي آھن.

ھري ڪا نام سدا سکدائي.

رات ڏينھن بنگلن ماڙين لھرائڻ، واپار وڌائڻ ۾ نہ وڃايو. دنيوي پدارٿن فرجن فرنيچر فليٽن مان توھانکي من جو آنند ڪين پراپت ٿيندو. جن کي توھان سکن جا ساڌن سمجھو ٿا سي دکدائي آھن. ڀڳوت ڀڄن دواران ئي توھان کي مانسڪ شانتي ملندي. جيڪو سچي دل سان نام سمرڻ ڪري ٿو سو سڀ ۾ ساڪي سم ڏسي ٿو.

چيٽي ۽ ڪنچر ۾ سم ڏسي ڀڳوان.

توھان بہ سڀ ۾ اُن برھم جو درشن ڪري سڀني جي سمان ڀاوَ سان سيوا ڪريو. سڀني جيوَن کي پيار ڏيو. ڀاءُ پرمانند ڪٽر سوامي جن جو آڀار پردرشن ڪيو.

٦ جنوري شام جو سوامي جن ڄامنگر مان راجڪوٽ واپس آيا ۽ رات جو اُتي ستسنگ ڪري ٧ جنوري ھوائي جھاز رستي بمبئيءَ واپس آيا. سوراشٽر جي سڄي دوري جو پروگرام ڀاءُ نيوندرام لوڪواڻي، ڀاءُ مولچند ڪٽر، ڀاءُ ڪانجيمل ۽ پئنچات طرفان آيوجت ڪيو ويو.

١٢ جنوري شام جو ٦ ٻجي پوجنيہ سوامي جن جي حاضريءَ ۾ سوامي ٽيئونرام آشرم

ارپ ساڏڪو اپنا جيءُ

٢٨ فيبروري شام جو پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

آهي آهي هت هرڪو پيارا - دم پل جو مهمان.

(١) سئلاني ٿي سئر ڪرڻ لاءِ - سڀ ڪو آيو آهہ،

منزل ڪانهي اصلي گهر ڏي - نيٺ هلي انسان.

(٢) ڪٽنب قبيلو ڀائي ٻنڌو - ساڻ هلي ناڪو،

مال خزانا سمجھ سپيئي - سپني جو سامان.

(٣) جڳت مسافر خاني ۾ تون-موهہ نہ رک ڪنهن سان،

کهي ٽيئون ستگر جي سنگ ۾-ڪر پنهنجو ڪليان.

ڪپليشور مهاديو منڊل ڪرلا بمبئيءَ جي سهاري شوراتري اُتسوَ سنٻنڌ ۾ هر سال جيان ٢ مارچ آرتوار منجهند جو پوڄنيہ سوامي جن جي نيترتوَ ۾ ڀڳوان شري شنڪر جي جهانڪين سان شاهي جلوس ڪڍيو ويو. ٢-٣ مارچ رات جو سوامي جن ڪپليشور مهاديو مندر ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي ڀڳوان شري شنڪر جي مهما جو ورنن ڪيو ۽ پياري نندلعل بختياڻيءَ کي ڌنيواد ڏني.

٤ مارچ سوامي جن لکنوءَ لاءِ روانو ٿيا. ٥ مارچ سوامي جن لکنوءَ ۾ پهتا. ڀاءُ نانڪرام ڀاءُ رامچند ۽ ڀين پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو.

٥ ۽ ٦ مارچ سائين آسودارام صاحب جي گادي نشين سنت چاندورام صاحب شوَ شانتي آشرم لکنوءَ ۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جنمشتابدي اُتسو آيوجت ڪيو. اُتي پوڄيہ سوامي جن ستسنگہ پرچن ڪندي چيو ته هڪ دفعي شري نارد، ڀڳوان کان پڇيو تہ ڪيئن خبر پوي تہ اوهان ڪنهن تي راضي آهيو؟ ڀڳوان ان سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ جڏهن ڪنهن کي ڪنهن سنت جو درشن نصيب ٿئي تہ سمجهو تہ مان اُن تي راضي ٿيو آهيان. رشي نارد وري ٻيو سوال ڪيو تہ ڪيئن ڄاڻ پوي تہ اوهان ڪنهن تي اتينت پرسن ٿيا آهيو؟ ڀڳوان چيو، ’نارد! جڏهن منش کي هڪ کان وڌيڪ سنتن جو درشن ٿئي تہ ڄاڻ مان اُن تي اتينت پرسن ٿيو آهيان.‘ پريميو! اڄ اوهان جا وڏا ڀاڳہ آهن جو امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جنمشتابدي اُتسوَ سبب اوهان کي هتي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن جو درشن ٿيو آهي. سوامي جن هيٺيون ڀڄن ڳايو:

آيا آيا ٿي سنت سنيهي، ڪج حال اُنهن سان ويهي

(١) حال ڪندين ڀال ڪندءِ، نام ڏيئي نهال ڪندءِ،

پڌاريا. آدرش وديا مندر جي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر چاڳيمل ۽ پرنسيپال بي.جي.آسنانيءَ سوامي جن جو سواگت ڪندي سندن پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. سوامي جن اسڪول جي پستڪاليہ جو مهورت ڪندي پستڪاليہ لاءِ يارهن هزار رپيا ڏنا ۽ پروچن ڪندي چيو تہ وديا دان اُتم دان آهي. پربوءَ مايا ڏني آهي تہ اهڙن ڪارين ۾ سڦلي ڪرڻ گهرجي.

٢٤ فيبروري شام جو سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ سنت ڪوي رويداس جي جينتي پوڄنيہ سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهائي ويئي. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ پيارو رويداس گهٽ ذات جو هوندي بہ پربوءَ جي پريما ڀڳتيءَ سبب مهان بڻيو. ڀڳوان، رويداس جي مسڪيني حالت دور ڪرڻ لاءِ هڪ سنت جي روپ ۾ وٽس اچي ٿو. رويداس اُن جي ڪافي شيوا ڪري ٿو. ڪيس پريم سان ڀوڄن ڪارائي ٿو. اُهو سنت، رويداس تي راضي ٿي ڪيس هڪ پارس پيٽ ڪندي چوي ٿو تہ تون ڪوبہ لوهہ جو ٽڪر هن پارس سان لڳائيندين تہ اُهو سون ٿي پوندو. ان دوران توکي پئسي جي ڪمي ڪڏهن ڪين ٿيندي. ڀلي پيو اُن مايا سان سنتن جي شيوا ڪجہ ۽ پنهنجي زندگي بہ سکي گذارج. ڀڳت رويداس اُن مهاتما کي وينتي ڪئي تہ مونکي تہ هڪ رام گهرجي، ان پارس پٿر کي ڇا ڪندس!

پريميوا پربوءَ جي پيارن کي نہ مايا گهرجي نہ مايا جا پدارٿ. انهن کي پربوءَ جي ملڻ جي ئي پياس رهي ٿي. توهان بہ من ۾ پربوءَ لاءِ پياس رکو. اُن پياس دوران ئي ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهان کي داتار جو درشن ٿيندو. پياري ڀڳت رويداس ڪيڏي نہ مٺي ڳالهہ لکي آهي، جنهنجي پڙهڻ سان اندر کي آنند پيو اچي.

٢٥ فيبروري سوامي جن پريم پرڪاش آشرم پمپريءَ ۾ پڌاريا. شام جو سندن سواگت ۾ جلوس ڪڍيو ويو. ٢٥-٢٦ فيبروري رات جو سوامي جن اُتي ستسنگ ورکا ڪئي.

٢٧ فيبروري سوامي جن سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ پريم پرڪاش آشرم پونا ۾ پڌاريا. سوامي جن اُتي ٽي ڏينهن ستسنگ ورکا ڪندي چيو:

ڪهہ ٽيئون اِس جڳت ۾، جي تم چاهو سوکہ،
سنتون ڪا ستسنگہ سن، ديهہ نہ ڪسڪو دوکہ.

پريميوا جيڪڏهن سچو سکہ چاهيو ٿا تہ سنتن ستپرشن جو سنگہ ڪريو ۽ ڪنهن بہ پراڻيءَ کي نہ رنجايو، دکي نہ ڪريو. سوامي چندن پرڪاش سوَن کي نام جو امرت پيئاري سکي ڪيو. توهان نام کان ومک نہ ٿيو. ڀڳوان ۽ گرديو جي ڪمل چرنن جو ڌيان ڪريو. جيڪو اشٽ جي چرڻن جو ڌيان ٿو ڪري سو جنم مرڻ جي چڪر کان مڪت ٿئي ٿو. گروجن ڳالهہ ۾ فرمائين ٿا:

چرڻ ساڌڪي ڌوءِ ڌوءِ پيءُ

کي ننڊ اچڻ لڳي. پتنيءَ ويجهي وڻ هيٺان ڇانوَ ۾ پتي کي سمهاريو. پتيءَ جو مٿو سندس پتنيءَ جي سٿر تي رکيل هو. ڪيس گهري ننڊ اچي ويئي. اُن وقت اوچتو اُن وڻ جي ٽاري سندس سمهيل پتيءَ مٿان ڪرڻ تي هئي. پتنيءَ پنهنجي پتورت شڪتيءَ دواران اُن ڪرندڙ ٽاريءَ کي اُتي ئي روڪي ڇڏيو، جئين سندس پتيءَ جي آرام ۾ رخنو نہ پوي.

اُهو درشٽانت ٻڌائي گروءَ آيل پتي پتنيءَ کان پڇيو تہ ياترا تي ويل پتي پتنيءَ مان وڏو ڪير؟ تڏهن اُن استريءَ وراڻيو تہ ياترا واري استري وڏي چئبي، جنهن کي ايتري شڪتي هئي جو منتر پڙهي وڻ جي ڪرندڙ ٽاريءَ کي روڪي پتيءَ کي آرام ڪرايائين. گروءَ چيو تہ ان استريءَ ايتري شڪتي هوندي بہ پتيءَ جو سک ۽ آرام جو ايترو خيال رکيو، پاڻ کان وڏيڪ گهوٽ کي سمجهيو. پريميوا پتيءَ جو درجو پتنيءَ کان وڏيڪ آهي، پر اُن جي اها معنيٰ ڪين آهي تہ پتي پتنيءَ تي اتياچار ڪري. استري شڪتي ۽ سهنشيلتا جو روپ آهي. پتيءَ جو فرض آهي تہ پتنيءَ کي پيار ڏئي، پر، استريءَ جو بہ ڪرتويہ آهي تہ هوءَ پتيءَ کي ڀڳوت روپ سمجهي اُن جي شيوا ڪري ۽ نمرتا سان هلي. تڏهن ئي گرهست جيون سکي ٿي سگهندو. پريميوا پاڻ ۾ ميل ميلاپ محبت سان هلو، نام جپيو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪندا رهو.

١٢ مارچ صبوح جو ١٠ بجي پوجنيہ سوامي جن سڌار سڀا اجمير طرفان نهرايل امولي ٻائي گهر جو مهورت ڪيو. سوامي جن پياري ديپچندر بيلاڻيءَ ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان جنهن لگن ۽ اُتساهہ سان دکين دريدرن جي خدمت ڪري رهيا آهيو، اُن لاءِ جس جا ڀاڳي آهيو. هن امولي ٻائي گهر ۾ بيواهہ ٻڍڙيون ٻڍڙا رهي آرام واري زندگي بسر ڪندا ۽ توهان کي دعائون ڪندا. ٻڍڙن بيواهن جي شيوا بہ پربهوءَ جي ڀڳتي آهي.

١٦ مارچ آرتوار شام جو ٥ بجي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ٥ ۾ آڪاشواڻي بمبئيءَ طرفان ڀڳتي سنگيت جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. شري بلوسي راڻي، راڻي گدواڻي، ششي آهوجا، پنڊت آسڪرن شرما، گلاب ساڌواڻي گهنشيام واسواڻي ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. پوجنيہ سوامي جن سڀني ڪلاڪارن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان جتي ڪٿي اهڙا ڀڄن ڳائي آنند جو وايو منڊل پيدا ڪريو. ڪاريہ ڪرم جو سنچالن ديال آشا ڪيو. شري هريش ميرچنداڻيءَ پوجنيہ سوامي جن ۽ شروتائن جي شڪرگذاري ڪئي.

هردوار ڪنڀ مهاپرو جو سنٻنڌ ۾ پوجنيہ سوامي جن ٢٩ مارچ صبوح جو ٦ بجي بمبئيءَ کان هوائي جهاز رستي دهليءَ روانا ٿيا ۽ اُتان وري ڪار ۾ ساڳئي ڏينهن منجهند جو سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ پڌاريا. سوامي جن اُن ڪيتر جو آرنڀ ڪيو. روز صبوح شام پوجنيہ سوامي جن ۽ ٻيا سنت ستسنگہ ڪندا هئا. ان موقعي تي ١٠ اپريل کان ١٤ اپريل چيٽ جو ميلو (٦٥ وارشڪ اُتسوُ) جيڪو جئپور ۾ ملهايو ويندو آهي، سو پڻ اُن سال اُتي هردوار ۾ ملهايو ويو. هزارين ياتري هن اُتسوُ ۾ شريڪ ٿيا. آشرم جي ٻاهر شاهي منڊپ لڳايو ويو،

پر پيرين پيرن پيئي، ڪڄ حال اندر جو ويهي،

(٢) من ماري ڪندين سيوا، سنت ڏيندءِ مٺا ميوا،

پر جوڙي هٿڙا بيئي، ڪڄ حال اندر جو ويهي.

(٣) ڪپٽ تياڳي رهڄ سنگ ۾، رڱين توکي سچي رنگ ۾،

پر نينهن نہ ڇڏجانءِ نيهي، ڪڄ حال اندر جو ويهي.

(٤) سنت ديالو آهن جهڙا، کهي ٽيئون نہ بيا اهڙا،

کيان مهما تن جي ڪيهي، ڪڄ حال اندر جو ويهي.

سوامي جن ڀڳت ڪنوررام صاحب جو ورڻن ڪندي چيو تہ ڀڳت صاحب پراُپڪار جا پتلا هئا. نمرتا ۽ مريادا جي مورت، سيوا سنيهہ جي صورت هئا. سنتن جي مهما ڪرڻ ڇڏي پر اهڙا ٿيون. سندن جيون مان ڪجهہ پرايون. منش جي مهما سندس گڻن ۽ ستڪرمن سبب ٿئي ٿي. هڪ دفعي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج صاحب پنهنجي ٽوليءَ سهت جروارن جي ڳوٺ ۾ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي گهر ۾ پڌاريا. اُن وقت ڀڳت صاحب گهر ۾ ڪين هئا. سوامي جن پنهنجي ٽوليءَ کي وٺي سڌو ڳوٺ جي ٻاهر کوهہ تي آيا. جڏهن ڀڳت ڪنوررام صاحب کي ستگرو مهاراجن جي اچڻ جي خبر پيئي تہ هڪدم کوهہ تي آيا ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سان ڏاڍي قرب سان ملي ڪين گهر ۾ وٺي آيا. نياز ۽ نوڙت کو سکي تہ ڀڳت ڪنوررام صاحب کان سنت چانڊورام کي ڏنيواد آهي جنهن پياري امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جو هٿ جنمشتابدي اُتسوَ ملهايو آهي.

٨ مارچ ڇنڇر شوراتريءَ ڏينهن منجهند جو پوجنيہ سوامي جن لکنوءَ مان ڪانپور پڌاريا. پريم پرڪاش منڊل ۽ سرو سنڌي سماج ڪانپور طرفان پوجنيہ سوامي جن جو ڀويہ سواگت ڪيو ويو. سنڌي سماج طرفان ساموهڪ جٽين جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. سوامي جن جٽين جي اهميت تي ڳالهائيندي ٻالڪن کي آشيرواد ڏني ۽ آيوجڪن کي پڻ ڏنيواد ڏني. شام جو پريم پرڪاش آشرم ۾ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ اڄڪلهہ سماجڪ ڍانچو ٽٽي رهيو آهي. جيسين توهان وهنوار نہ سڌاريو آهي تيسين پرمارٿ ۾ پرگتي ممڪن نہ آهي. ڪيترن گهرن ۾ اشانتي آهي. پتني پتيءَ سان ڪلهو ڪلهي ۾ لائڻ ٿي چاهي.

هڪ استري پرش ٻاڻ ۾ وڙهندا هئا. پتني چوي مان وڏي، پتي چوي مان وڏو. آخر ڪار ان ڳالهہ جي فيصلي ڪرائڻ لاءِ گروءَ وٽ آيا. گروءَ ويچار ڪيو تہ ٻنهي مان جيڪڏهن هڪدم ڪنهن کي چئبو تہ تون وڏي يا وڏو تہ ٻيو دل ۾ ڪندو. گروءَ کين هڪ درشٽانت ٻڌائيندي چيو تہ هڪ پتي پتني تيرٿ ياترا تي وڃي رهيا هئا. ٻئي ڏرمشٽ هئا. رستي تي پنڌ ڪندي ٿڪجي پيا ۽ پوڄن جو وقت بہ ٿيو هو. ٻنهي ڀوڄن ڪاڍو. سندس گهوٽ

ور ور اسانکي سچيت ڪندي چون ٿا:

چوراسي لکه يون ڪا مانش هئه سرتاج،

ڪهه ٽيئون هر پڇن ڪا، ڪر اس تن ۾ ڪاج .

ڪنڀ جي وڏي ٽٻيءَ ڏينهن دکدائي درگهٽنا ٿي. آشرم ۾ آيل پريمين مان پنج پريمي ان درگهٽنا جو شڪار ٿيا. پريم پرڪاش آشرم ۾ دکه جي لهر ڇانئجي ويئي. سوامي ڪشنداس جو سپتر ماسٽر نارائڻداس ڏنجياڻي ۽ ٻيا چار پريمي جن گنگا مئيا جي گود ۾ وشرام ورتو، تن لاءِ سوامي جن ۽ ٻين سنتن پرماتما ۽ ستگر مهاراجن کي پرارٿنا ڪندي پلئه پاتو ته سرڳواسين کي پنهنجي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي.

١٩ اپريل سوامي جن هردوار مان دهليءَ لاءِ روانا ٿيا. اُتي دهليءَ ۾ پريم پرڪاش مندر ۾ ١٩-٢٠ اپريل ستسنگ ڪري سنگت کي آسيس ڏنائون. سنت جئديو سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي. ٢٢ اپريل سوامي جن پلول ۾ ستسنگ ڪيو. ٢٣ اپريل سوامي جن پريم پرڪاش آشرم دهليءَ ۾ ستسنگ ورکا ڪري ٢٤ اپريل جئپور ۾ آيا. اُتي امراپور آستان تي سوامي جن ٽي ڏينهن سنگت کي امرت پيئاري پياري ڊالورام جي سپتريءَ جي وواهه سنبنڌ ۾ ٢٨ اپريل احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتان سوامي جن ٢٩ اپريل ڪوٽا لاءِ روانا ٿيا. ڪوٽا ۾ سوامي جن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ ٻه ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سنت منوهر لعل سوامي جن جا آڀار مڃيا.

سوامي مرليڌر مهاراج جي ورسي اُتسوءَ سنبنڌ ۾ سوامي جن ٣ مئي اندور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن پنج ڏينهن ستسنگ ورکا ڪندي چيو ته سنت مرليڌر پنهنجي جيون ستگرو مهاراجن کي ارپڻ ڪري پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. توهان به پرماتما سان نينهن جو ناتو جوڙيو. سنساري ترشنائون ڪڏهن پوريون ڪين ٿينديون. توهان سدائين سک کي چاهيو ٿا. ان مان ثابت آهي ته توهان ڪنهن اصلي سچي سک کان وڇڙي آيا آهيو. اُن کي پائڻ ڪانسواءِ توهانکي شانتي نٿي اچي. توهان جيسين پنهنجو پاڻ ارٿات آتم سوروپ نه سڃاتو آهي، تيسين سنساري سکن مان ارٿات رڃ جي پاڻيءَ مان توهان جي پياس پوري هرگز نه ٿيندي، شانتي نه ملندي.

جيئن ڪنهن چڪرورتي راجا کان راجائي کسجي وڃڻ کان پوءِ ڪيس جيڪڏهن ٻه ٽي ڳوٺ راڄ ڪرڻ لاءِ ڏجن ته به خوش نه ٿيندو ۽ سموري راجائي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. پريميو! توهان به تيئن پاڻ کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. پاڻ سڃاڻڻ سان ارٿات آتم ساکياتڪار سان توهان کي سچي آنند جو انڀو ٿيندو. پاڻ سڃاڻڻ لاءِ به پريپورڻ گروءَ جي ضرورت آهي. ساڌڪ کي پنهنجي ستگروءَ جي وچنن ۾ پورو پورو وشواس رکي اُن جي شرڻ وٺڻي آهي. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پورن گر کي وچن ۾، پورن جنهه وشواس،

ڪهه ٽيئون تس داس ڪو، هووي گيان پرڪاش.

جنهن ۾ بتين جي جهرمر هئي. سامهون گنگا مئيا جو اسيم پرواهه، سوامي سرواننڊ گهاٽ جو ڏاڍو رمڻيڪ درشيه هو. روز صبوح شام ڪيترائي سنت مهاتمائون اُن منڊپ ۾ ستسنگ پروچن ڪندا هئا. سنت سماگم ۾ جڳت گرو شنڪرآچاريه اُتراکنڊ وارا پڻ پڌاريا، جن پروچن ڪندي چيو ته توهان دور دور نگرن کان کهي گنگا ماتا جي گود ۾ آيا آهيو ته پنهنجي رسنا نام سمرڻ ۾ سڦلي ڪريو. الائي ڪيترن ڄمن جي پرتاب کان پوءِ توهان کي هي مانش جنم مليو آهي، سو اهڙو اموليه جيون ڀڳوت ڀڄن ۽ ستڪرمن ۾ سڦل ڪريو. مونکي پرسنتا ٿي آهي جو ههڙو منڊپ ۽ هيڏا شروتا گڏ هن ڪنڀ جي ميلي تي هردوار ۾ هئي ڪنهن هنڌ مون ڪين ڏٺا آهن. سوامي شانتي پرڪاش کي ڌنيواد آهي جو هوُ پنهنجن ستگرن سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ سوامي سرواننڊ مهاراجن جو جهنڊو جهلائي رهيو آهي.

سوامي جن جڳت گرو شنڪرآچاريه مهاراجن جا آڀار مڃيندي چيو ته اڄ اسان سڀني جا سوڀاڳيه آهن جو پرم شرڌيه مهان وڀوتي جڳت گرو شري شنڪرآچاريه اسان وٽ پڌاريا آهن. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

هري ڀڪت کي درس سي، هري آوت هئه ياد،

کهه ٽيئون دکه دور هو، من ۾ پن اهلاد.

پريميو! هڪ ته اسين گنگا مئيا جي گود ۾ ويٺا آهيون. ٻيو ته اڄ اسان کي هت جڳت گرو شري شنڪرآچاريه درشن ڏنو آهي، جن جي درشن سان اسان کي پرماتما جي ياد تازي ٿئي ٿي. ٽيون ڪنڀ جو ميلو، پوءِ ڪيئن نه اسان جا دکه درد دور ٿيندا ۽ من ۾ آنند چوليون ماريندو. اهڙن مهان پرشن جي ديا درشٽي اسان جي تتل دلين کي شانتي پردان ڪندي. هئي ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ساڌو سنگه سي ترت هئه، ڪليگه ۾ نر نار،

کهه ٽيئون ستسنگه ڪر، من ۾ شرڌا ڌار.

پريميو! ستگرو مهاراج فرمائين ٿا ته ڪليگه ۾ هن ڀو ساگر مان پار پوڻ لاءِ ساڌ سنگت سرل ساڌن آهي. شرڌا ۽ وشواس رکي سنتن وٽ اچي ستسنگ جو لاڀ وٺجي. سميه اُهو سڦلو جو ستسنگ ستڪرمن ۾ سڦل ٿئي، باقي زندگي بيڪار آهي. هڪ ڌنوان کي هڪڙو سندر سشيل پٽر هو. جوان ٿيو ته سندس لاءِ ڪيترين ئي مائٽيون اچڻ لڳيون پر هن نوجوان وواهه ڪرڻ کان آناڪاني ٿي ڪئي. آخرڪار ماتا جي گهڻي زور ڀرڻ تي هن چيو ته مان ڇوڪرين کان پريڪشا وٺندس، جيڪا ڇوڪري پريڪشا ۾ سڦل ٿيندي، اُن سان وواهه ڪندس. آخر هن جوان جدا جدا ڇوڪرين کان ساڳيو سوال پڇيو ته مند ڪهڙي ڀلي؟ ڪنهن چيو ته بهار جي مند، ڪنهن چيو سياري جي مند سٺي. مطلب هرڪنهن ڪنهن نه ڪنهن مند جو نالو وٺي اُن جي ساراهه ڪئي. جوان کي انهن ڇوڪرين جا جواب سنتشٽ ڪري ڪين سگهيا. هڪ ڇوڪريءَ کيس چيو ته مند اُها ڀلي جنهن ۾ پتي پتنيءَ تي پرسن ٿئي، کيس پيار ڏئي. جوان ان ڇوڪريءَ جو جواب ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اُن ڇوڪريءَ سان وواهه ڪيائين. ڇاڪاڻ هن محسوس ڪيو ته اها ڇوڪري کيس راضي رکي سگهندي. پريميو! جيون جون اُهي گهڙيون سڀايون، جي ڀڳوت ڀڄن ۽ ستڪرمن ۾ سڦل ٿين. اسان پنهنجو ڪيترو اموليه وقت اجاين ڳالهين ۾ برباد ڪريون ٿا. ستگرو مهاراج

جي مک مان جئه شري ڪرشن، راڌي ڪرشن جو آواز ايندو هو. توهان به رڳه رڳه سان شري ڪرشن ڪي پڪاريو. هڪ دفعي ڀڳوان شري ڪرشن شري اوڌوَ کي چيو ته وڃي بندرابن جو سماچار لهي اچ. جڏهن اوڌوَ بندرابن ۾ آيو تڏهن ڇا ڏسي ته سڀني جي اکين ۾ آنسون آهن. وڻ ٽڻ به ڀيا ڀڳوان لاءِ روئن ۽ ائين ڀيا چون ته هي ڪرشن! تون جلدي اچ. تڏهن اوڌوَ اهو ڏسي من ۾ سوچڻ لڳو ته ڪنهن ڪان پڇان ته خوش آهيو! جڏهن اوڌو واپس وڃي رهيو هو تڏهن جمنا ندي ڏنائين ته اها سڄي ڀريل هئي. اوڌو جمنا ڪان پڇيو ته جمنا، ڀيا ته سڀ ڀڳوان جي جدائيءَ ۾ روئي سڪي ويا آهن تون ڇو اهڙي ڀريل ڏسڻ ۾ اچين ٿي؟ تڏهن جمنا چيو ته اوڌوَ هي جيڪو پاڻي آهي سو بندرابن ۾ رهندڙ ڀڳوان شري ڪرشن جي پريمين جي اکين جو پاڻي آهي.

واهه! پيار ته اهڙو! پريم ته اهڙو! اسان جي اکين مان ڪنهن وقت ڪٿي ڀڳوان جي لاءِ به ڳوڙها ڳڙندا ته اچي ايمان ٿيندو، هتي ته زندگيءَ ڀر وره جا آنسون وهائڻا آهن. ڀريو پنهنجي پيارن جا پريم جا لڙڪ ڏسي ڪيئن ڀري رهندو! پريميو! ڀريوءَ لاءِ پريم جا لڙڪ لاڙيو ته ڪنهن نه ڪنهن ڏينهن اچي بانڪي بهاري توهان جي سار لهندو.

سوامي جن سنڌو منچ طرفان ڪولهاپور ۾ حقيقتراءِ هيراڻي ڌرمشالا جو بنيادي پٿر وجهندي ڀاءُ برجلال هيراڻيءَ کي ڌنيواد ڏني، جنهن پوڄ پتا جي پوتر يادگيريءَ ۾ مفت پلاٽ ڌرمشالا ٺهرائڻ لاءِ ڏنو هو. سوامي جن منچ جي پرڌان ششي گجواڻي ۽ ٻين ڪاريه ڪرتائن کي پڻ ان اُتم ڪاريه آرنڀ ڪرڻ لاءِ ڌنيواد ڏيندي چيو ته هن ڌرمشالا جو اهو نيم مقرر ڪيو وڃي ته هن ڌرمشالا ۾ مانس، مڇي ۽ شراب جو واهپو بند رهندو. اُميد آهي ته هيءَ ڌرمشالا جلدي ٺهي تيار ٿيندي ۽ سوين ياتري ان مان سک ڪيندا. سوامي جن ڌرمشالا لاءِ پنج هزار رپيا ڏنا، پوءِ ٻين پريمين پڻ ان ڪاريه لاءِ دان ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي.

٢٢ مئي شام جو سوامي ايسرداس ڌرمشالا اُلهاسنگر ٢ ۾ سوامي جن ڀائي سنت خانورام صاحب جي چاٺي جي موقعي تي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سنت خانورام ملنساز حال محرم هو. پراُپڪاري سنت هو. ساڌس روح رهاڻ ڪرڻ ۾ آنند ايندو هو. گاين وديا ۾ به پرٻيڻ هو. ستسنگ ڪندي ڪيس جيڪي به ڀيٽائون ملنديون هيون، سي دکين دريدرن جي شيوا ۾ لڳائيندو هو، سوامي ايسرداس هنس سندس گرو هو. اُن جي سنگ ۾ پاڻ به هنس ٿي پيو. اهڙي اُتم پرش جي جيتري مهما ڪجي سا ٿوري آهي.

پياري ڀاءُ شري ليلارام پرسواڻيءَ جي نيند تي ٢٤ مئي آرتوار ڏينهن پوڄنيه سوامي جن ٻڙودا ۾ پڌاريا. ٻڙودا اسٽيشن تي ڪيترن پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. صبوح جو ١١ بجي سوامي پريمداس نگر ٻڙودا ۾ سوامي جن سوامي پريمداس ٻڍا آشرم جي ڀومي پوڄا جي رسم ادا ڪئي. ان موقعي تي سوامي جن ڀاءُ ليلارام پرسواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هي پيارو ڪيترا نه شيوا جا ڪاريه ڪري رهيو آهي. پرسنتا آهي جو هو پنهنجي ستگرن جي نالي ٻڍا آشرم ٺهرائي رهيو آهي. جتي ڪيترائي ٻڍڙا ٻڍڙيون آنند واري زندگي بسر ڪندا. ٻڍڙن جي شيوا، دکين جي خدمت ڀريوءَ جي ڀڳتي آهي. اهي ٻڍڙا ٻڍڙيون اسان جي سماج جو ڇٽ آهن. پر اڄڪلهه اهڙي اُلٽي هوا لڳي رهي آهي جو ننڍي ٿهيءَ وارا اُنهن جو پورو قدر ڪين ٿا ڪن. اُنهن جي عزت ڪرڻ

٦ مئي صبوح جو ١٠ بجي سوامي جن چاليهي صاحب جي ٿلهي تي نئين مندر جي ڀومي پوڃا ڪرائي. سوامي جن ڀڳت خانورام، ڪنعيالعل سپنداساڻي، ڪنعيالعل ماڪيجا، ديارام نامديو ۽ سڀني شيواڌارين کي ڏنيواد ڏني.

ساڌو واسواڻي نگر ڻاڻا جي پوچ سنڌي بئڪري پئنچاٽ شري گرو گرنٽ صاحب جو پاٺ صاحب رکايو. پوڄنيہ سوامي جن اُتي ١٠ ۽ ١١ مئي رات جو ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پريميو! توهان وٽ جيڪي مال ملڪيت ڌن پدارٿ عقل علم آهي سڀ پرماتما جي دين آهي. ان ڪري دان پن ڪرڻ ۾ ڪنجوسائي ڪين ڪريو. انهن پدارٿن کي پنهنجو سمجهي اجايو اهنڪار نہ ڪريو. هڪ دفعي ڀڳوان شري رام جي ماتا ڪوشليا باغ ۾ گهمي رهي هئي تہ ائين ڪندي شري هنومان جي ماتا انجنا ديوي ۽ اگستيہ منيءَ جي ماتا پڻ اُتي باغ ۾ اچي نڪتيون. پاڻ ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائيندي انجنا ديويءَ چيو تہ منهنجو پٽ هنومان اهڙو تہ ٻلوان آهي جو هڪ ئي ڇالنگ ۾ سؤ يوجن سمنڊ ٽپي ويو. اگستيہ منيءَ جي ماتا وري چيو تہ منهنجو پٽر اگستيہ اهڙو تہ شڪتيشالي آهي جو سڄي سمنڊ کي هڪ ڍڪ ڪري پي ويو. اهي ڳالهيون ٻڌي ماتا ڪوشليا ڪجهہ ڪڇيو ڪين مگر اندر ۾ اُداس ٿي تہ هنن کي پنهنجي پٽ بابت ڪوءَ چا ٻڌائي. ڪوءَ چپ چاپ راج محل ۾ واپس آئي. ماتا کي اُداس ڏسي ڀڳوان رام اُن جو ڪارڻ پڇيو. ماتا ڪوشليا کيس ٻڌايو تہ انجنا ديوي ۽ اگستيہ منيءَ جي ماتا کيس پنهنجي پنهنجي سپٽر جي شڪتيءَ جو ورڻن ڪيو ۽ هيءَ پنهنجي پٽر جي ٻل جو ورڻن ڪين ڪري سگهي. ڀڳوان شري رام ماتا کي چيو تہ تون اُنهن ٻنهي ماتائن کان وري پڇج تہ هنومان ۽ مني اگستيہ کي ڪنهنجو ٻل آهي؟ ڪجهہ ڏينهن بعد وري ٽنهي ماتائن جي پاڻ ۾ گڏجاڻي ٿي. تڏهن ماتا ڪوشليا هنن کان پڇيو تہ توهانجي سپٽرن کي ڪنهنجو ٻل آهي؟ تڏهن ٻنهي ماتائن ڪنڌ هيٺ ڪري چيو تہ اُنهن کي ڀڳوان شري رام جو ٻل آهي. سندن جواب ٻڌي ماتا ڪوشليا پرسن ٿي. پريميو! اسان سڀني کي بہ اُن هڪ پرماتما جي ئي شڪتي آهي، اُن جي ٻل کان سواءِ جيئُ اسمرٿ آهي. ان ڪري پرم پتا پرماتما جي اوٽ وٺو. سڀ ڪجهہ اُن جو سمجهي اُن کي ارپڻ ڪريو.

تيرا تجهڪو سونپ دون ڪيا لاڳي ميرا.

پريم پرڪاش مندر گانڌي نگر ڪولهاپور جي چوٿين وارشڪ اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ١٥ مئي صبوح جو ٧ بجي گانڌي نگر اسٽيشن تي لٿا. بئنڊ باجن سان سون پريمين پشپ مالهائن سان سندن سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي چار ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. سوامي سروانند اسڪول ۾ ڀاءُ رميش تنواڻي سوامي جن جو سواگت ڪندي سندن پراُپڪاري جيون جو اُليکہ ڪيو.

اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي سوامي جن چيو:

ڌن وديا گڻ روپ ٻل، ياوت نا ڀڳوان،

نيئون هرڪو پاوهين، پريم ايڪ پرڌان.

پريميو! پرماتما توهانجي ودوتا، گيان، سندرتا ۽ مايا تي پرسن ڪين ٿيندو. ڀڳوان کي گهرجن پريما ڀڳتيءَ واريون دليون، اکيون آليون، جن ۾ هجي اُڪير پريتم لاءِ ڀڳوان لاءِ. سچو پريم رکو. جئن بندرابن جا ماڻهو تہ ڇڏيو پر پکي پسون وڻ ٽڻ بہ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ روئندا هئا. اُنهن

جو منتر ڏيئي آواگمن جي چڪر کان مڪت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائون. ستگرو مهاراجن جي دل ۾ نہ صرف مانوَ ماتر لاءِ پريم ۽ همدردي هئي، پر هوُ پکين پسن کي بہ پيار ڪندا هئا. ستگرو مهاراج ڪيئن نہ هڪ دفعي جهوڪ شريف ۾ صوفي شاه عنايت جي ميلي جي موقعي تي هندو چاهي مسلمان مريدن ۽ پريمين کي مانس آهار کان دور رهڻ لاءِ اپيل ڪن ٿا.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان سنت ڪوي بہ هئا. 'شري پريم پرڪاش گرنٿ' ستگرو مهاراجن جي واڻيءَ جو امولیہ گرنٿ آهي. جنهن جي پڙهڻ سان يا ٻڌڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سندن جڳايل جوت اڄ ڀارت جي ڳوٺ ڳوٺ نگرن ۾ جڳائي، هزارن جي ٻيڙي ڪناري لڳائي. پياري سنت برهمانند، سنت وشنداس ۽ ٻين پريمين کي ڌنيواد آهي جو اُنهن ستگرو مهاراج جي جنمشتابدي اُتسو جو آرنڀ هتان کان ڪيو آهي. سوامي جن راجستان جي راجيپال شري وسنت دادا پاٽل کي پڻ ڌنيواد ڏني، جنهن خاص جئپور مان اچي هن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿي اُتسو جي سوڀيا وڌائي.

١٩ جون سوامي جن سوامي ٽيئونرام مندر ڪمارنگر ڍوليا ۾ پڌاريا. سنت ڀهلاج پرڪاش سوامي جن جو سواگت ڪيو. اُتي سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ توهان کي ڌنيواد آهي جو سنت هرپرڪاش جو ورسي اُتسو ماهائي رهيا آهيو. سنتن جي ورسيءَ مان ورسجي وڃو. سندن جيون مان ڪونہ ڪو گڻ گرهڻ ڪري جيون سڦل ڪريو. خوب نام جپيو. ڪنهن نہ ڪنهن سنت ستپرش جي شرڻ وٺو ۽ ان جي شيوا ڪريو. سنتن جي شيوا ڪرڻ سان ڀڳوان بہ پرسن ٿئي ٿو.

سب سوارٿ ڪي ميت هئن، بن سوارٿ هئن سنت،
ڪه ٽيئون تنه سيوَ سي، پرسن هو ڀڳونت.

سنت جنهن تي ديا درشٽي ڪن، تنهن کي نهال ڪري ڇڏين. شري گرونانڪ ديو مهاراج جڏهن ننڍي اوسٿا جا هئا تڏهن هڪ دفعي هڪ بزار مان لنگهي رهيا هئا. ان وقت هڪ مائي پنهنجي پٽ کي مردا! مردا! سڏي رهي هئي. ان وقت بزار مان شري گرونانڪ ديو لنگهي رهيا هئا. شري گرو نانڪ ديو مائيءَ کان پڇيو، 'ماتا، تون پنهنجي پٽ کي 'مردا' چو ٿي سڏين؟' مائي وراڻيو، 'مونکي ڪيترا پٽ ڄاوا آهن، پر جلدي وڃي پربوءَ جي گود ۾ سمايا آهن. ان ڪري هن پٽڙي کي مردا مردا ڪري سڏيان ٿي، جيئن هن تي ڪنهن جي نظر نہ لڳي ۽ من مردا مردا چوڻ سان هي جيئرو رهي.' گرونانڪ اُن مائيءَ کي چيو، 'اڄ کان هن کي مردانا چوندي ڪر. مرندو ڪين امر رهندو.' گرو جن جا وچن سچ نڪتا. جڏهن اُهو ٻالڪ وڏو ٿيو تڏهن شري گرونانڪ ديو جن جي سنگہ ۾ رهيو ۽ ڀائي مردانا جي نالي مشهور ٿيو. جنهن تي پرماتما يا سنت ديا درشٽي ڪن تنهن کي امر ڪري ڇڏين. پريميو! توهان بہ سنتن ۾ وشواس رکي اُنهن جي شرڻ وٺو تہ توهان کي هوُ نام دان ڏيئي ڪرتارٿ ڪندا.

٢٢ جون سوامي جن ماليگانو ۾ پڌاريا، اُتي سوامي جن رات جو ستسنگہ ورڪا ڪئي. پوجنيہ سوامي جن ٢٩ جون صبوح جو گوڌرا ۾ پڌاريا. سوَن پريمين سوامي جن جو ڦول مالهائن

گهرجي. سوامي جن هڏا آشرم جي عمارت لاءِ ڏهه هزار رپيا ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. سوامي جن ان موقعي تي سنسٿا طرفان شايع ٿيل سووينر جو پڻ مهورت ڪيو. ڊاڪٽر ديال آشا هڏا آشرم جي نئين عمارت لاءِ دانوين کي اپيل ڪئي. ڀيڻ گوسوامي اندرا ۽ ٻين ان موقعي تي ويچار ظاهر ڪيا ۽ شري ليلارام سوامي جن جو آڀار مڃيو.

شام جو ٦ بجي پوڄنيه سوامي جن ڀاءُ ليلارام پرسواڻيءَ جي گهر جي نئين ڀوَن ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته گهر گرهست جون جوابداريون نباهيندي نام کي نه وساريو. نام پدارٿ گڏ ڪريو ۽ ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو گهرجائن ۾ خرچ ڪريو.

٣١ مئي سوامي جن گونديا ۾ پڌاريا. اتي رات جو ستسنگ پروچن ڪيائون. ١ جون آرتوار ڏينهن رات جو ساموهڪ وواهه آيوجت ڪيا ويا. سوامي جن سڀني جوڙن کي هار پائيندي آسيس ڪئي ته گهر گرهست ۾ محبت ۽ ميلاپ سان هلي سکي جيون گذاريو. گهر ۾ وڏن جي عزت ڪندا ۽ سندن آگيا ۾ رهندا ته توهان به سکي گذاريندا.

٢ جون سوامي جن گونديا کان ڪوربا روانا ٿيا. اُتي رات جو سوامي جن ستسنگ پروچن ڪيو. ٣ جون صبوح جو اتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سرواننند مهاراج جون مورتيون اسٿاپت ڪيون ويون. ان موقعي تي سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته انهن مورتين کي ساڪيات سوَروپ سمجهي پوڄا اُپاسنا ڪندا ڪريو. ستگرو مهاراج سديوَ توهان جو ڀلو ڪندا. ستگرن ۾ وشواس رکي ڪين پرارٿنا ڪريو.

ڀوَ ساگر کي بيچ ۾، ڊوبت هون گرديوَ،

ڪهي ٽيئون موهه ڪاڍلي، دي نج آتم ڀيوَ.

٤ جون سوامي جن چانپا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن رات جو ستسنگ ڪيو. ٥ جون سواميجن بالا گهاٽ ۾ پريم پرڪاش مندر جي ڀون نرماڻ جي پوڄا ڪرائيندي پريمين کي ڌنيواد ڏني جي ستگرو مهاراجن جو مندر جوڙائڻ لاءِ پرشارٿ ڪري رهيا آهن. ٦ جون سوامي جن سيونيءَ ۾ پڌاريا ۽ رات جو ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪيائون. ڀاءُ ڪيولرام سوامي جن جا شڪرانا مڃيا.

اجمير ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ وڏي اُمنگ اُتساهه سان ملهايو ويو. ٨ جون پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ان اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. ٩ جون سوامي جن جي نيترتوَ ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جهانڪين سان شاهي جلوس نڪتو، جنهن ۾ ڪيترائي سنت مهاتمائون راجسٿان جو راجيپال شري وسنت دادا پاٽل پڻ شريڪ ٿيو، جنهن سوامي بسنترام مهاراج دواران لکيل 'سوامي ٽيئونرام کي جيوني' هندي ڪويتا ۾ پستڪ جو وموچن ڪندي چيو ته سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي يگ جو مهان سنت ڪوي هو.

پوڄنيه سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان ويڀوتي هئا. سوامي جن پريم پرڪاش منڊل برپا ڪري هزارن پريمين کي پرماتما جي راهه ۾ چڪيو. ستگرو مهاراج مهان گيانوان، ودوان، نشٺاوان سنت هئا. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ ستلن کي سجاڳ ڪري نام جو امرت پيئاريائون. ڪين شري ست نام ساڪيءَ

وڻ ڪندي. روز صبوح جو اُٿڻ سان پهرين پرماتما کي پرارٿنا ڪريو، ڪوڙ کان ڪنارو ڪري سچ ۽ سادگيءَ جي ساکي ڏيو. سوامي جن منڊل جي ڪاريہ ڪرتائن ڀڳوانداس سنتومل، چندرگورڌنداس، لکميچند جئڪشنداس ۽ لڇمڻداس گوبندرام کي ڌنيواد ڏني، جي پنهنجو سميہ ۽ پئسو ڏيئي دکين گهرجائن جي خدمت ڪري رهيا آهن. خلق جي خدمت بہ پريوءَ جي ڀڳتي آهي.

ڀارت سرڪار شڪشا منتراليہ جي هندي نديشاليہ جي سهاري ١٦ جولاءِ کان ٢٢ جولاءِ تاءِ سوامي ٽيئونرام آشرم اُلهاسنگر ٥ ۾ سنڌي انواد ڪاريہ شالا جو آيوجن ڪيو ويو. ١٦ جولاءِ صبوح جو ١١ بجي ڪاريہ شالا جو مهورت ڪندي پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج چيو تہ شڪشا منتراليہ طرفان جيڪا هيءَ ڪاريہ شالا لڳائي ويئي آهي اهو اُتم ڪاريہ آهي. جدا جدا ٻولين جي ترجمن سبب ويچارن جو آدان پردان ٿئي ٿو. هڪ ٻئي جي خيالن کان واقف ٿيندا. سنڌي ٻوليءَ جو ساهتيہ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪريو. سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريو. اهڙا ڪي اُپاءَ عمل ۾ آڻيو جئن اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس ٿئي. سرحد جي گانڌي عبدالغفار هڪ دفعي پنهنجي ملڪ ۾ هڪ ڪاليج ۾ انگريزي ۾ تقرير ڪندي چيو تہ پنهنجي ماتر ڀاشا پشتوءَ کي نہ وساريو. روزاني وهنوار ۾ اُن جو استعمال ڪريو. ٻڌندڙن ۾ هڪ شخص اُتي باادب ڪيس چيو تہ اوهان اسان کي ماتر ڀاشا ۾ ڳالهائڻ جي صلاح ڏيو ٿا ۽ پاڻ وري هت انگريزيءَ ۾ ڳالهايو ٿا، ائين ڇو؟ اهو ٻڌي سرحد جي گانڌيءَ پنهنجي ڀل محسوس ڪئي ۽ آئينده پنهنجي ئي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جو انجام ڪيو. اسانجا بہ ننڍڙا ٻالڪ پنهنجي ماتر ڀاشا کان محروم نہ رهن، وهنوارڪ جيون ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پريوگ ڪريو.

پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ٢٦ جولاءِ ڇنڇر رات جو ١٢ بجي سينگاپور ايئرلائينس جي جهاز رستي جڪارتا روانا ٿيا. سوامي جن سان گڏ سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، پيارو هرگنلعل ۽ گيانلعل ساڻ هئا. جاڪرتا هوائي اڏي تي ٢٧ جولاءِ سوَن پريمين سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. سوامي جن ٢٤ ڏينهن اُتي ماتا ڪرشنا سامتاڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. پيارو شنڪرلعل سامتاڻي، ڀاءُ گوپ سامتاڻي ۽ سارو ڪٽنب سوامي جن جي شيوا ۾ حاضر هوندو هو. ٢٧ جولاءِ کان ئي سوامي جن اُتي ستسنگ آرنڀ ڪيو.

٢ آگسٽ جڪارتا ۾ دادا جشن واسواڻيءَ جو جنمدن پوڄنيہ سوامي جن جي اُپسٿتيءَ ۾ ملهايو ويو. ڀاءُ وي.رام ۽ ڪن پريمين دادا جشن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. سوامي جن پڻ پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ پيارو جشن واسواڻي محبت جي مورت آهي، نمرتا ۽ سادگيءَ جي صورت آهي. پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن جو ڦهلاءُ ڪندي هزارن لوڪن کي پرماتما جي راھ ۾ جڪي رهيو آهي. شل پرماتما کيس سني صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جو سونهپ ڪندو رهي.

٣ آگسٽ سوامي جن بالي شهر ۾ ويا. هي سندر رمڻيڪ شهر آهي. اُتي پرڪرتيءَ جا من موهيندڙ نظارا ڏسي منش دنگ رهجي وڃي. سوامي جن اُتي ٽي ڏينهن رهيا. ٦ آگسٽ سوامي جن واپس جڪارتا ۾ آيا. اُتي سوامي جن ستسنگ جي گنگا پرواهت ڪئي. سوين صدقي سڄڻ روز سوامي جن جي وچنن جو امرت پي پنهنجي آتمڪ اُڃ ٻجهائيندا هئا. هڪ ڏينهن سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ جتي پريم آهي اُتي پرماتما آهي. جنهن جي دل ۾ پريوءَ لاءِ پريم

سان سواگت ڪيو. هن موقعي تي گوڌرا ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنم شتابدي اُتسو شري ارجنداس ماکيجاڻي هال ۾ پوڄنيه سوامي جن جي اُپسٿتيءَ ۾ ملهايو ويو. ڀاءُ گوبندرام رانولاڻي ۽ ڀاءُ نيوندرام لوڪواڻيءَ گرو مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ري مـن راکـو رام ۾، پـورن ٽم وشواس،
ڪه ٽيئون وشواس سي، هووي سب دکه ناس.

هي منهنجا من تون سڀ ڪجهه ايشور تي رک. سڀ ڪجهه انهيءَ جي ارپڻ ڪري ڇڏ. جيڪو ڪجهه هُو ڪندو سو اسانجي ڀلائيءَ لاءِ ئي ڪندو. اسانکي ڪهڙي طاقت آهي جو ڪک کي به لوڏي سگهون! جيئن ڪو ماڻهو مري ويندو آهي ته اهو ڪڏهن به چري پري ڪونه سگهندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان مان آتما نڪري ويئي. تنهنڪري هي منهنجا پيارا، اسان سڀ ائين سمجهون ته جيڪا ڳالهه دنيا ۾ ٿي رهي آهي تنهنجو ڪرتا اهو پربهو پاڻ آهي. جيئن اهو ڪري تنهن تي راضي رهو. هڪ دفعي ارجن شري ڪرشڻ کان پڇيو ته هي پربهو! سڄيءَ دنيا جو بار ڪنهن تي آهي. تنهن تي ڀڳوان چيو ته سڄو بار مون تي آهي، اجايو ماڻهن پنهنجي سر مٿان بوجو کنيو آهي. جيئن ته هڪ ڳوناڻو اُٺ تي روز بار ڪڻي ويندو هو. هڪ ڏينهن بار گهڻو هوس، سو ڇا ڪيائين جيترو بار روز هن تي رکندو هو اوترو رکيائين، باقي بار پاڻ پنهنجي مٿي تي رکيائين ۽ پاڻ اُٺ تي چڙهي ويٺو ۽ ائين پيو سمجهي ته بار منهنجي مٿان آهي. ٿوري سميه کان پوءِ اُٺ ڪري پيو. اهو اوني به ڪري پيو. ڪيس خوب ڏک لڳا. جيئن ڳوناڻي سمجهيو هو ته بار سندس مٿان آهي، پر اهو اُٺ جي مٿان هو. تيئن اسان جو سڄو بار آهي ڀڳوان تي. پر اسان ائين سمجهي ويٺا آهيون ته سڄيءَ دنيا جو چرخو اسان ئي ٿا هلايون. پريميو! جي پاڻ کي ڪرتا سمجهندءَ ته اونيءَ وانگر ڏکو کائيندءَ.

پريميو! توهان کي ڌنيواد آهي جو توهان اڄ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جو جنمشتابدي اُتسؤ ملهايو آهي. ستگرو مهاراج مهان گيانوان سنت هئا. نه صرف پاڻ نام جپيائون پر هزارن پريمين کي نام دان ڏيئي سندن جيون نئين بڻايائون. توهان به خوب نام جپيو. ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي سمرڻ ۽ سيوا ڪريو.

١ جولاءِ صبوح جو ١٠ بجي گوڌرا جي ظهور پورا اسڪول ۾ پوڄنيه سوامي جن جي زير صدارت پشپا راولاڻيءَ جي ياد ۾ انعامي اُتسو رکيو ويو جتي سوامي جن اسڪول جي هوشيار وديارٿين کي انعام ڏيندي چيو ته پڙهڻ سان گڏ روز ڪو نه ڪو ننڍڙو ئي شيوا جو ڪم ڪريو. ماتا پتا اُستاد ۽ وڏڙن جي آگيا ۽ مريادا ۾ رهو. اُنهن جي آسيس توهان کي سڦلتا ڏيندي. سنا سنا پستڪ پڙهو جنهن مان توهان جي گيان جي ورڌي ٿئي.

٦ جولاءِ آرتوار صبوح جو ١٠ بجي پوڄنيه سوامي جن سوامي شانتي پرڪاش مندر ٽرسٽ طرفان ڪبيرنگر احمدآباد ۾ گهرجائو وديارٿين کي اسڪولي يونيفارمس جو ڪپڙو، ڪتاب ڪاپيون، روٽيءَ جا باڪس، پينيون، پينسلون مفت ڏنيون. سوامي جن وديارٿين کي چيو ته اُتساهه ۽ لگن سان اڀياس ڪريو. ماتا پتا وڏڙن ۽ اُستاد جي آگيا ۾ رهي سندن شيوا ڪريو. اُنهن جي آسيس توهان کي وڏائي

مانس ڪان سي منش ڪي، هووي ٻڏي ملين،
ڪهه ٽيئون ٻڌ پرشٽ سي، ڪرم ڌرم هو ڪين.

ساتوڪ ڀوڄن ڪائڻ سان اوهان جي ٻڌي ٻه ساتوڪ ٿيندي ويندي.

جڪارتا جي سنڌو ڀوَن ۾ پوڄنيه سوامي جن جو ٨٠ جنمدن اُتساهه اُمنگه سان پريمين سوامي جن جي اُپسٿتيءَ ۾ ملهايو. پرنسيپال وي.رام سوامي جن جي جيون ڪاريه تي روشني وڌي. ماتا ڪرشنا سامتاڻي، سنڌن فرزندن گوپ، شنڪرلعل واسواڻي ۽ ٻين پريمين سوامي جن کي ڦول مالهائون ۽ ڀيون ڀيٽائون ڀيٽ ڪندي پنهنجي شرڌا جو اظهار ڪيو. ڀاءُ هري واڌواڻي سوامي جن جي اُستتيءَ ۾ ڀڄن ڳايا.

سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته ڀائرن داس لاءِ جيڪي ڪجهه چيو آهي ۽ مهما ڪئي آهي، اها مهما ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراجن جي آهي. توهان ٻه اُن پرڀوءَ کي نه وساريو، جنهن توهان کي ههڙي مانش ديهه ۽ سوين سک ڏنا آهن. دکين دريدرن جي خدمت ڪريو.

ان موقعي تي سوامي جن اسي ڪبوترن کي پڃرن مان آزاد ڪري آسمان ڏانهن اُڏايو. اسي ٻڍڙن کي ڀوڄن پڻ ڪارايو ويو.

٢٠ آگسٽ سوامي جن جڪارتا جي پريمين ڪان موڪلائي سينگاپور لاءِ روانا ٿيا. ٢٠ آگسٽ سوامي جن سينگاپور هوائي اڏي تي پهچي ويا. جتي ڪيترائي پريمي سوامي جن جي انتظار ۾ بينا هئا. هوائي اڏي تي ڪيترن ئي پريمين سوامي جن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. ڀيڻ اندرا منگهارام، ڀاءُ رام ڄڳاڻي، ڀيڻ اندرا ڏيئلداس ۽ ٻيا پريمي سوامي جن جي شيوا ۾ حاضر هئا. اُتي سوامي جن سنڌو هائوس ۽ ٻين پريمين جي گهرن ۾ ٻارهن ڏينهن ستسنگه ورڪا ڪئي.

سوامي جن گيان ڀڳتي شيوا، گرو مهما ۽ جدا جدا وشين تي ستسنگه پروچن ڪيو. هڪ ڏينهن پريما ڀڳتيءَ جي وشيه تي ستسنگه پروچن ڪندي چيائون، پريم ڪان سواءِ منش پسوءَ ڪان ٻه ڪريل آهي. جنهن منش جي دل ۾ پرڀوءَ لاءِ پريم آهي سو هر جيوَ ۾ اُن مالڪ جو مشاهدو ماڻي سيني کي سنيهه ۽ سنمان ڏئي ٿو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پريم جسي سو منش هئه، پريم بنا پشو جان،
تانتي سب سي پريم ڪر، ٽيئون دي سنمان.

لاهور ۾ گنجا مالهيءَ نالي هي ڀڳت رهندو هو. جڏهن سندس نوجوان شادي شده پٽ اوچتو گذاري ويو، تڏهن هن پنهنجي ننهن کي چيو ته هي ڌن سمپتي سڀ تنهنجو آهي ۽ اُن جو رکپال ڀڳوان شري ڪرشن اٿي. مان هاڻي برج ڀوميءَ ڏانهن هليو ٿو وڃان. سندس ننهن چيو ته مونکي ٻه هاڻي ناڪرجيءَ جي شيوا ئي ڪرڻي آهي، ڌن پدارٿ ڇا ڪنداسين! گنجا مالهي برج ڏانهن روانو ٿي ويو. هيڏانهن سندس ننهن نت نيم ناڪرجيءَ جي پوڄا اُپاسنا ڪري ڪيس ڀوڳه لڳائيندي هئي. ڀڳوان سندس پريم ۽ شرڌا ڏسي پرساد گرهڻ ڪندو هو. هڪ ڏينهن کي ننڍڙا ٻالڪ سندس گهر راند ڪندي آيا ۽ اُنهن ڀڳوان جي مورتيءَ مٿان مٽي اُڇلائي. اِهو اُن ڀڳتياڻيءَ ڪان سنو نه ويو.

آهي، پريو ان کان پري ڪين آهي. سٹگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

پريتم ڪا جنهه پريم هئه، پريتم هئه تنهه ٺور،
ڪهه ٽيئون بن پريم ڪي، رهت نه سو قل اور.

ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ ڀڳوان سان نينهن جو ناتو ڳنڍيو. ڪي پريوءَ جي واتسليه ڀاوَ سان ته ڪي سکا ڀاوَ سان ته ڪي پتي ڀاوَ سان اُپاسنا ڪن ٿا. وشٹو اُچت جي ڏيءَ ڪوڏئي ڀڳوان جي پتي روپ ۾ اُپاسنا ڪندي هئي. هوءَ ڀڳوان جي مورتيءَ لاءِ گلن جي مالها تيار ڪري پهرين اُها پاڻ پائي درسنيءَ ۾ ڏسندي هئي ته گلن جي مالها ٺهي ٿي يا نه ۽ پوءِ اُها مالها پوڄاريءَ کي ڀڳوان جي مورتيءَ لاءِ ڀيٽ ڪندي هئي. هڪ ڏينهن مندر جي پوڄاريءَ مالها ۾ وار ڏسي اُها مالها وشٹواُچت کي واپس ڪئي ۽ کيس چوائي موڪليو ته اوهان جي مالها ۾ منش جو وار اٽڪيل آهي. ڪنهن شايد اِها مالها پهرين پاتي آهي. جوني مالها پريوءَ کي ڪيئن پائجي! هئي ڏينهن به پوڄاريءَ پشپ مالها واپس موڪلي. تڏهن وشٹواُچت ويچار ڪيو ته ان وار جو به ڪو راز آهي. اُن جي ڪارڻ ڳولهڻ جي خيال کان هن ٽئين ڏينهن ڏٺو ته سندس ڪڪي، جا پريوءَ جي اننيه ڀاوَ سان ڀڳتي ڪندي هئي، سا پشپ مالها پائي درسنيءَ ۾ نهاري رهي آهي. اهو ڏسي هوُ هڪدم پنهنجي ڪڪيءَ جي ويجهو آيو ۽ کيس چيائين 'ڪڪي! تون هي ڇا ڪري رهي آهين؟ پاتل مالها پريوءَ کي ڪيئن ڀيٽ ڪبي؟ وشٹو اُچت ٻيو تازو هار ٺهرائي ڀڳوان جي مورتيءَ کي پاتو. اُن رات وشٹواُچت کي سپني ۾ پريوءَ درشن ڏيندي آگيا ڪئي ته مونکي ڪوڏئي آندال جي پشپ مالها پسند آهي. انڪري اڳتي اُن جي پاتل مالها ئي مونکي پائيندا ڪريو. ان بعد ڀڳوان جي آگيا انڪول ڪوڏئي هميشه وانگر پهرين پشپ مالها پاڻ پائي پوءِ پريوءَ جي مورتيءَ کي ڀيٽ ڪندي هئي. ڀڳوان پنهنجن پيارن جي ڪيئن نه اڇا پوري ڪري ٿو.

مانش جنم مليو ئي آهي مالڪ سان ناتو جوڙڻ لاءِ. سنسار جا ڪم ڪاريون ڪندي پريوءَ کي نه وساريو، ته هو به توهان کي نه وساريندو.

ياد جنين کي يار جي، ڪري يار به تن کي ياد،

پريوءَ جي ڏنل امانت مان ڪجهه نه ڪجهه دکين دريدرن جي خدمت ۾ خرچ ڪريو.

۱۲ آگسٽ پريم پرڪاش منڊل آچاريه سٹگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ ملهايو ويو. سوامي جن ان موقعي تي سٹگرو مهاراجن کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته سٹگرو مهاراج اوتاري پرش هئا جن جڳت جي ڪلياڻ لاءِ پريم پرڪاش منڊل برپا ڪري هزارن پريمين کي نام جو امرت پيئاري پريوءَ جي راهه ۾ چڪيو. توهان کي ڏنيواد آهي جو سک ۽ شرڌا سان سندن جنمشتابدي اُتسو ملهائي رهيا آهيو. سٹگرو مهاراجن ڪيڏي نه ڀائي لکي آهي جنهن جي پڙهڻ ۽ شروڻ ڪرڻ سان نه صرف توهان جو وهنوار سڌرندو پر پرمارٿ لاءِ به راهه روشن ٿيندي. پريم پرڪاش گرنٿ سٹگرو مهاراجن جو امولیه گرنٿ آهي. جئن جئن توهان ان گرنٿ جو وڌيڪ وڌيڪ اڀياس ۽ چنتن ڪندا تيئن توهان جي دل جي ڪڙڪي ويندي ڪلندي. سٹگرن جي ڏنل نام جو نيم سان اڀياس ڪريو ۽ اناٿن اپاهجن دکين مسڪينن جي شيوا ڪريو. ڪڪين پسن کي مارائي هنسڪ کاڌو نه کائو. هنسڪ کاڌي کائڻ سان بڌي ڀرشٽ ٿيندي ويندي. سٹگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

جي ئي داس تي ڪرپا آهي، نہ تہ داس ڪي ڪير سڃاڻي! سنگت ۾ صاحب آهي. توهان داس تي آسيس ڪندا. توهان ڪيڏو نہ قرب ۽ پيار ڏنو آهي، ان لاءِ توهان ڪي ڌنيواد آهي.

۳۱ آگسٽ تائين سوامي جن سينگاپور ۾ ستسنگ جي موج مچائي، پريمين ڪان موڪلائي ۱ سيپٽمبر منيلا ۾ آيا. ۲ سيپٽمبر هندو ٽيمپل منيلا ۾ پوڄنيہ سوامي جن اُپديش ڪندي چيو:

من امرت ويلي جاڳ تون
اُٿي ڪولهہ پنهنجو ڀاڳ تون

جيڪو پرڀات جو جاڳي ٿو سو پنهنجو نصيب کولي ٿو. امرت ويلي اُٿي نام جپيو. نام تہ سدائين جپڻ گهرجي پر برهم مهورت جو جاڳي نام جپڻ جو خاص مهتو آهي. نيراٽي پيٽ جو ڪڪ پريندءَ تہ هڪدم هضم ٿيندو پر جي ڪاڏي ڪان پوءِ پيٽ ڪڪ پريندءَ تہ هنياءَ تي چڙهي پوندو. انڪري گرو منتر جو جاپ بہ نيراٽي ڪيو. دنيا جي خيالن ڪان فارغ ٿي صبوح جو سويل نس نس سان نام جپيو. امرت ويلي جاڳڻ لاءِ صرف سمهڻ وقت سنڪلپ ڪريو، تہ توهانکي پنهنجو پاڻ جاڳ ٿيندي. نہ توهان کي گهڙيال جي ضرورت پوندي نہ ٽيليفون ڪال جي. توهان کي جاڳ پوري وقت تي ٿيندي پر وري سستيءَ ڪري سمهي نہ پئو. جاڳي هڪدم ڪريا ڪرمي نام جپيو. گروجن پڻ فرمائين ٿا:

امرت ويلا سچنا وڏيائي ويچار

امرت ويلي ڪنهن بہ ڪنور ماڻهوءَ کي بہ عرض ڪندءَ تہ اُن جي دل پگهرجي پوندي. امرت ويلي پريوءَ کي پريم سان پڪاريو تہ اوس پرماتما جي پڪار ٻڌندو.

پوڄنيہ سوامي جن ۲۵ ڏينهن منيلا ۾ هندو ٽيمپل، ٻين آستانن ۽ پريمين جي گهرن ۾ امرت وچن جي ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ۲۵ سيپٽمبر هندو ٽيمپل ۾ پوڄنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ جئن اوندهہ کي پرڪاش دور ڪري ٿو تئن سنت ستپرک سنسن پرمن جي انڌڪار کي دور ڪن ٿا. جيڪڏهن جگياسوءَ کي ڪو سنسو پرم آهي ۽ اُن بابت گروءَ ڪان نٿو پڇي تہ اهو پاپ جگياسوءَ تي آهي. جي گرو سنشيہ دور نٿو ڪري تہ اُهو پاپ گروءَ تي آهي. انڪري بنا سنڪوچ جي شنڪا بابت گروءَ ڪان پڇڻ گهرجي. گرو اُلجهيل کي سلجهائيندا آهن. سچو سنت اُهو جنهنجي رڳ رڳ مان رام جو آواز اچي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ڪيئن نہ انئي پهر نام سمرڻ ڪندا هئا. سنت سمهندا آهن تڏهن بہ سندن دل جي تار پريوءَ سان ٻنڊيل هوندي آهي. پريميو! توهان پلي سنسار جا ڪم ڪاريون ڪريو. دنيوي جوابداريون پوريون ڪريو پر پريو کي نہ وساريو. ۽ پنهنجي مايا ستڪرمن ۾ سڦلي ڪريو، دکين بکين جي سار لهو. توهان داس کي ڪيڏو نہ سنيهہ ۽ سنمان ڏنو آهي، ڪيڏي نہ شيوا ڪئي آهي، ان لاءِ توهان سڀني کي ڌنيواد آهي.

پياري پاءُ ديو، پاءُ ارجن ۽ ٻين پريمين پوڄنيہ سوامي جن جي شڪردائي ڪئي. ۲۶ سيپٽمبر پوڄنيہ سوامي جن بئنڪانگ ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيہ سوامي جن پنج ڏينهن جدا جدا پريمين جي گهرن ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ سنت توهان وٽ نام جو پيغام کڻي اچن ٿا. دنيوي پدارٿ اٿو سپ ڊوڙ ان ڪري نام پدارٿ جي پوڄي ميڙيو. ان پوڄيءَ دواران توهانجو هي لوڪ بہ سهيلو

هن ٻالڪن کي گهر واري مندر مان ٻاهر ڪڍي دروازو بند ڪيو. ٿوري وقت کان پوءِ جڏهن هن ڀڳوان جي اڳيان پرساد رکيو ته ڀڳوان ڀوڳ ڪين لڳايو. ڪيترو وقت پرساد ائين ئي پيو هو. اُن ڀڳتياڻيءَ پريوءَ کي پرساد ورتائڻ لاءِ وينتي ڪئي. تڏهن ڀڳوان جي مورتيءَ مان آواز آيو 'پياري، تو منهنجي ٻالڪن جو نرادر ڪيو آهي. مان وري تنهنجو ڀوڄن ڪيئن کائيندس.' ڀڳتياڻيءَ وري پريم وچان چيو 'پريو! انهن ٻالڪن راند روند ڪندي توهان جي مٿان ڌوڙ ٿي اُڏائي، ان ڪري مون دروازو ڪٽي بند ڪيو.' وري مورتيءَ مان آواز آيو ته 'اهي ٻالڪ منهنجا پيارا آهن، پلي هت اچي مون سان راند ڪن.' اها ڀڳتياڻي ڀڳوان جي آڳيا ٻڌي ٻاهر آئي ۽ اُنهن ٻالڪن کي منائيءَ جي لالچ ڏيئي سڏيو. اهي ٻالڪ مندر ۾ وينا انهن کي هن ڀڳتياڻيءَ منائي کارائي خوش ڪيو. ان بعد ڀڳوان پرساد گرهڻ ڪيو. پريو ڪيڏو نه ديالو آهي جو معصوم ٻارن کي ايڏو پيار ڪري ٿو. حقيقت ۾ اهي معصوم ٻالڪ پريوَ جي وڏيڪ ويجهو آهن، ڇاڪاڻ ته اُهي ويرڀاوَ ۽ ٻين وڪارن رهت آهن. پريميوا توهان به معصوم ٻڻجي پريوءَ کي ريجهائي، گوبند جا گڻ ڳايو، مانش جنم سڦل بڻايو.

سينگاپور ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ پڻ ملهايو ويو. سوامي جن ان موقعي تي ستگرو مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته ستگرو مهاراجن هزارن پريمين کي شري ستنام ساکيءَ جو منتر ڏيئي آڌياتمڪ گيان ڏنو. اوهان به نت نيم گرو منتر جو اڀياس ڪريو. اڀياس ڪندي تلين ٿي آتمڪ آنند پراپت ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

هرديه ۾ گر شبد کي، باجي انحد بين،

کھ ٽيئون سن تانھ کو، گرمکھ هو لوَلين.

هڪ دفعي ستگرو مهاراجن جو ڪاهي ڳوٺ ۾ ستسنگ هو. ستگرو مهاراجن رات جو هڪ بجي ستسنگ سماپت ڪندي آيل سنگت کي چيو ته ڀنڊاري مان ڀوڄن کائي سڀ پوءِ وڃجو. ڪاهيءَ جي پريمين ڀائي وانورام ڀائي سومن رام گهبرائجي ستگرو مهاراجن جي ويجهو اچي عرض ڪيو ته اسان صرف سوَ سوا ماڻهن جو ڀوڄن تيار ڪيو آهي ۽ سنگت چار پنج سوَ کن ٿيندي. هن اويلي وقت ٻيو ڪاڌو تيار ڪرڻ به ممڪن ڪين آهي. انڪري اسين منجهي پيا آهيون! ستگرو مهاراج پاڻ هڪدم ڀنڊاري ۾ آيا ۽ چيائون ته چانورن جون ٻئي ديگيون تڏن تي پلٽائي چادر سان ڍڪيو، لوٽو پاڻيءَ جو به ڪٽي اچو. شيواڌارين ستگرو مهاراجن جي آڳيا انوسار ائين ڪيو. ستگرو مهاراجن لوٽو پاڻيءَ جو هٿ ۾ جهلي شري ستنام ساکي اُچاري جل جو ڇنڊو چانورن ۽ ڀاڄيءَ مٿان هنيو. ايشور جي ڪرپا ۽ ستگرو مهاراجن جي آسيس سان سڀني ساڌن سنتن ۽ ساري سنگت ڀوڄن ورتايو، ان کان پوءِ به ڪاڌو بچي پيو. ستگرو مهاراجن رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا، پر ڏيکاري ڪين ڏيندا هئا. سوامي جن ڪيترن ئي پريمين جي تن من جا مونجهارا مٽايا.

پريميو! توهان نت نيم گرو منتر جو جاپ جپيو، جپايو، آنند پايو. روز ڪونه ڪو اُپڪار جو ڪم ڪريو. دان پڻ ۾ مايا سڦلي ڪريو.

سينگاپور جي پريمين پوڄنيه سوامي جن جو ٨٠ جنمدن پڻ اُتساهه اُمنگ سان ملهايو. سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، سوامي جن جي ڪرم يوگي جيون جو ذڪر ڪيو. سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته توهان داس جي جيڪا مهما ڪئي اها ايشور ۽ ستگرو مهاراجن جي مهما آهي. اُنهن

ان اتسؤ سنبند ۾ پرم پوجنيہ سوامي جن ٦ آڪٽوبر صبوح جو هوائي جهاز رستي احمدآباد پڌاريا. هوائي اڏي کان آشرم تائين سوامي جن جي سواگت ۾ شاهي جلوس ڪڍيو ويو. سوامي جن شام جو ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنت اوڌوداس سالن جا سال ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي صدق سان شيوا ڪئي. پريميو! توهان بہ پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي ستگرن سنتن جي صدق سان شيوا ڪريو. ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهان دکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا ۽ آتمڪ آنند جو انڀؤ ڪندا. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

جو گر ست اُپديش دي، ڪرت پاپ مل ناس،
ڪه ٽيئون تنه سيؤ ڪر، پائو برهم هلاس،

٨ آڪٽوبر ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسو ملهايو ويو. پوجنيہ سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون ۽ ڪاريہ تي روشني وجهندي چيو تہ ستگرو مهاراجن جي سڌانتن ۽ سکيائن تي عمل ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

بئل اشؤ وانر گڏا، مانس نہ، کاوت گهاس
ٽيئون مانش هويہ ڪي، ڪيون تم کاوت مانس

پريميو! ڍڳا، گهوڙا، باندر، گڏھ، مانس نہ کائي گاھ کائيندا آهن. توهان منش ٿي مانس آهار ڪريو ٿا، هنسڪ ڪاڌو کائو ٿا! اهو توهان کي سونهين ڪين ٿو. ويچارا گگدام ٻڪرا ٻڪريون ڪيئن نہ ڪيڪراٽون ڪن ٿا، اُنهن تي ديا ڪريو. جهڙو ڪاڌو کائيندا، توهان جا ويچار بہ اهڙائي ٿيندا. گذري سا گذري، باقي رکہ رهت سان. ستگرو مهاراجن جي جنمشتابديءَ تي مانس آهار جي تياڳہ جو سنڪلپ ڪريو.

١٠ آڪٽوبر پريمين پوجنيہ سوامي جن جو ٨٠ جنمدن اُتسو ملهايو. سوامي جن پريم پرڪاش منڊل ۽ نشڪام شيوا منڊل جي شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ خوب خلق خدمت جا ڪاريہڪندا رهو ۽ نام جپيو.

جئپور امراپور استان تي ١٣ آڪٽوبر کان ١٨ آڪٽوبر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ٩٠ جنمدن اُتسو ملهايو ويو. اُن اُتسو جي سنبند ۾ پوجنيہ سوامي جن ١١ آڪٽوبر جئپور ۾ پڌاريا. چاريئي ڏينهن سوامي جن ۽ ٻين سنتن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

سوامي جن اُتسؤ جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ ستگرو سوامي سروانند مهاراج اسان جا سچا سونهان هئا. جهڙو سندن نالو هو تهڙو ئي سڀني کي سديؤ آنند ڏيندڙ هئا. سندن درشن ڪرڻ سان ئي من کي شانتي ملندي هئي. ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪيترا نہ اُپڪار جا ڪاريہ ڪيا.

هري يڪت هت ڪرت هئہ، سب کا جگت منجهار،
ڪه ٽيئون سوارٿ بنا، سدا ڪري اُپڪار.

پريميو! توهان بہ پرماتما سان پريم جو ناتو جوڙيو. جي توهان پريوءَ کي ياد ڪندا تہ پريو توهان جي هر وقت سهائتا ڪندو. سنت تلسيداس جي رڳہ رڳہ ۾ رام هو. ان ڪري هن سڀني جيون ۾ ڀڳوان شري رام ۽ سيتا جو درشن ڪيو.

ڏيندو ته پرلوڪ به سهيلو ڏيندو. ڪنهن نه ڪنهن سنت سان سنيهه جو سنٻنڌ رکو. جنهن سنتن کي ياد ڪيو تنهن پربوءَ کي ياد ڪيو، جنهن سنتن کي سڃاتو تنهن ڀڳوان کي سڃاتو، جنهن تي سنت راضي تنهن تي پرماتما راضي. پريميو! سنتن جو سنگ ڪريو ته توهان کي رام جو رنگ لڳندو. گنگا ۾ اشنان ڪرڻ سان پاپ دور ٿين ٿا، چوڏس جي رات چندرما جي سيتلتا سبب تپت مٽجي ٿي، ڪلپ ورڪش هيٺان ويهڻ سان غريبي دور ٿئي ٿي پر ستسنگ دواران ٽئي ڳالهيون ٿين ٿيون، پاپ نشٽ ٿين ٿا، من جي تپت ختم ٿئي ٿي ۽ دنيوي دريدرتا به دور ٿئي ٿي. انڪري نت نيم ستسنگ ڪريو. سنتن توهان کي جيڪي سکيائون ڏنيون آهن، انهن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ته توهان جا ٻيڙا ٻني لڳندا.

٣ آڪٽوبر شام جو آشرم ۾ سوامي جن جو وديش ياترا تان واپس ورڻ سبب سواگت ڪيو ويو. ٤ آڪٽوبر سوامي جن گئوشالا ۾ هلي ڳائين جي شيوا ڪئي. ٥ آڪٽوبر پوڄنيه سوامي جن جو ٨٠ جنمدن اُتسوُ ملهايو ويو. صبوح جو سوامي جن سفيد پوش پينرن کي روڪ سهائتا ۽ چادرون ڏنيون. شام جو ڪيترن پريمين پوڄيه سوامي جن جي ڳُڻن جو ورڻن ڪيو. سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته توهان ڪيڏي نه اُتساهه اُمنگ سان داس جو جنمدن ملهايو آهي. اڄ مان هار آهيان. توهان سڀئي مون ٻالڪ تي آسيس ڪريو. سنگت ۾ صاحب آهي. توهان جيڪا مهما داس جي ڪئي آهي، اِها مهما ڪاريه جي آهي. توهان به سيوا ۽ سمرڻ ۾ جيون سڦل ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پورب پُٽيه پرتاپ تي پائي مانش ديهه،

ڪهه نيئون هر ملن ڪا، اوسر جانو ايهه.

پريميو! ڪيترن ڄمن جي ڦل سوروپ جيوَ کي منش ديهه ملي ٿي. اهڙي امولهه جيون وئرٿ ڪين وڃايو. هن جونِ ۾ ئي پرماتما کي پراپت ڪري سگهجي ٿو. ست ڪرم ڪري سگهجن ٿا. ان ڪري خوب ڀڳوت ڀڄن ڪريو.

پربوءَ جي ڀڳتي ڪرڻ سان ايوگيه به يوگيه بڻجي پوي ٿو. شريڌر سوامي جنهن شريمد ڀاڳوت جي ٽيڪا ڪئي آهي، سو جڏهن ٻالڪ هو، تڏهن سندس ماتا پتا پرلوڪ پڌاريا. اُهو ٻالڪ هڪ ڏينهن ڪنهن خراب ٿانوَ ۾ تيل کڻي وڃي رهيو هو ته رستي تي راجا ۽ سندس وزير ڀڳوت ڀڳتي جي مهما بابت ڳالهائيندا پئي ويا. وزير چيو ته ايشور جي ڀڳتي ڪرڻ سان ايوگيه به يوگيه بڻجي سگهي ٿو. غريب شريڌر ٻالڪ کي سامهون ايندو ڏسي راجا وزير کان پڇيو ته ڇا، هي ٻالڪ پڻ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪرڻ سان ودوان بڻجي سگهي ٿو. وزير چيو ته ها راجن، ڀڳتيءَ ۾ شڪتي ڏيندي آهي. راجا جي آگيا سان اُن ٻالڪ جي ڀڳتيمه واتاورڻ ۾ پرورش ڪئي ويئي. شريڌر جڏهن وڏو ٿيو تڏهن سندس چت جي ورتي ڀڳوت ڀڄن ۾ هوندي هئي. اڳتي هلي هو وڏو ودوان ٿيو ۽ ڀڳت شريڌر سواميءَ جي نالي سان پرسڌ ٿيو.

پريميو! توهان به نت نيم ڀڳوت ڀڄن ڪريو. توهان کي عجيب آنند ۽ شڪتيءَ جو انڀوُ ٿيندو.

شري پريم پرڪاش منڊل ۽ شري نشڪام شيوا منڊل احمدآباد جي سهاري پريم پرڪاش آشرم جي نئين نهنڌڙ پوَن ۾ ٥ آڪٽوبر کان ٩ آڪٽوبر تاءِ سوامي اوڌوداس جي ١٥ ورسي ملهائي ويئي.

بئراڳڙھ ڀوپال ۾ پوڄنيہ سوامي جن جو ڪاريہ ڪرم رکيل ھو. جنھن ڏينھن شام جو پوڄنيہ سوامي جن ڪلياڻ مان پنجاب ميل ۾ ڀوپال لاءِ روانا ٿيڻا ھئا، اُن ڏينھن صبوح جو ١٠ بجي سوامي ٽيئونرام منڊلي سنڌونگر ٢ ۾ ستسنگہ ڪندي پوڄنيہ سوامي جن کي سخت شاريرڪ تڪليف ٿي. سڀ پريمي منجهي ويا. ڊاڪٽر کي گھرايو ويو. ڊاڪٽر جي.ايس.گرناٽيءَ سائين جن جي تپاس ڪري مڪمل آرام جي صلاح ڏني. ڪين سنڌونگر ٥ جي آشرم ۾ آندو ويو. ساري سنگت سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ ڪرپا ڪري ڀوپال جو پروگرام رد ڪريو. پوڄيہ سوامي جن چيو ’پيارا! ڀوپال جي پريمين ڪيڏو نہ ڪشٽ ڪري پروگرام رٿيا ھوندا‘. اُنھن جي اُميدن تي پاڻي ڦيرڻ نيڪ ڪين آھي. جيڪي سرير مان نڪري سگھي اوترو سٺو.‘ ناساز طبيعت ھوندي بہ پوڄنيہ سوامي جن رٿيل پروگرام موجب شام جو پنجاب ميل دواران ڀوپال روانا ٿيا. سوامي جن پنھنجي سکہ سھنج آرام جو خيال ئي ڪين ڪندا ھئا. رات ڏينھن ھل ھلان. ھوُ پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ وڏي اوسٿا ۾ بہ ڪيڏو نہ رٿن ڪندا رھيا.

سنت ڪنوررام نگر جلگانو ۾ ٢١ آڪٽوبر کان ٢٤ آڪٽوبر ١٩٨٦ تاءِ امر شھيد ڀڳت ڪنوررام صاحب ۽ سنت ھرداسرام جي ورسي ملھائي ويئي. پوڄنيہ سوامي جن ان ورسي سنبنڌ ۾ ٢١ آڪٽوبر جلگانوَ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي جن ٢٢ آڪٽوبر رات جو ستسنگہ ڪندي چيو تہ امر شھيد ڀڳت ڪنوررام صاحب سنڌي ڀڳتن جو شرومڻي ڀڳت ھو. پراُپڪار پرمارٿ جي مورت ھو؛ نياز ۽ نوڙت جي صورت ھو. لولن لنگڙن اپاھجن جي ھن ڪيڏي نہ شيوا ڪئي. سنت ھرداسرام بہ ڀڳت صاحب جو اننيہ اُپاسڪ ھو. ھن بہ پنھنجي ستگرو ڀڳت ڪنوررام صاحب وانگر پنھنجي جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏني. ھِدا آشرم کولي بيواھ ڀيڻن جي شيوا ڪئي. پريميو! توھان بہ انھن سنتن جي جيون مان گڻ گرھڻ ڪري ڀڳوت ڀڄن ۽ پراُپڪار جي پنھنجي زندگيءَ ۾ ساکي ڏيو.

پريم پرڪاش آشرم گواليار ۾ ٢٣ آڪٽوبر کان ٢٥ آڪٽوبر تاءِ ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ مندر جي پرسان شاھي منڊپ ۾ ملھايو ويو. پوڄنيہ سوامي جن جي نيترتوَ ۾ شاھي جلوس ڪڍيو ويو. ٽيئي ڏينھن سوامي جن ستسنگہ پروچن ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن جي جيون ۽ ڪاريہ تي روشني وجھندي چيو تہ ھڪ سوُ سال اڳہ سنڌ جي پوتر ڀوميءَ تي ڪنڊوُ ڳوٺ ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراج اوتار وٺي آيا. ستگرو مھاراج ٽنڊي آدم شھر جي ٻاھر واريءَ جي دڙن تي ويھي ڪيڏي نہ ڪٺن تپسيا ڪئي. جھنگل ۾ منگل لڳي ويا. سندن ڀڳتي ساڌنا سبب اُتي ڊپ تي ھزارين پريمي سندن درشن لاءِ ايندا ھئا. سندن پيشاني پيئي ڀھڪندي ھئي. سندن منھن ۾ ڀڳتيءَ جو تيج ھوندو ھو. اھڙن ستگرن جي وچنن ۾ ويساھ رکي گرو منتر جي ساڌنا ڪريو تہ توھان جا ٻيڙا ٻني لڳندا.

جن جي دل صاف ۽ معصوم آھي سي پرماتما ۽ ستگرن جي ڪرپا جلدي پراپت ڪري سگھن ٿا. ٻالڪ سڪرام ماتا جي آگيا انوسار سنت دادوءَ جي شش سنت پريمداس جو شش بڻجڻ لاءِ ويو. سنت پريمداس کيس ’دادورام، دادورام‘ جو منتر ڏنو ۽ چيو تہ ھي دلو ٻارھن سال مان ڀريندو رھيو آھيان. تون بہ اڄ کان وٺي ٻارھن سال ھي پاڻيءَ جو دلو نديءَ مان ڀري ايندو ڪر، تڏھن تنھنجي ساڌنا سڦل ٿيندي. ان ڏينھن ڏاڍي شرڌا ۽ وشواس سان ٻالڪ سڪرام ’دادورام دادورام‘

سيارام ميه سب جگ جاني،
ڪرئون پرنام جوڙ جگ پاني.

اهڙي رام ڀڳت سنت تلسيداس کي ڀڳوان شري رام ڪيڏو نه پيار ڪندو هو ۽ سندس سار لهندو هو. هڪ دفعي اڌ رات جو ڪي چور سنت تلسيداس جي چوري ڪرڻ آيا چورن ڏٺو ته سنت تلسيداس جي ڪٽيا جي ٻاهران هڪ ڌنش ڌاري نوجوان پهرو ڏيئي رهيو آهي. چورن هڪدم پويان پير ڪيا. اُهي چور وري صبوح جو سنت تلسيداس جي ڪٽيا ۾ آيا ۽ کيس چيائون ته رات اسان توهان جي چوري ڪرڻ لاءِ آياسي، پر توهان جي ڪٽيا جي ٻاهران هڪ تجليدار ڌنش ڌاري نوجوان پهرو ڏيئي رهيو هو. اُن جو درشن ڪري اسين واپس هليا وياسين. ٻڌايو ته اُهو پهريدار ڪير هو؟ اسان کي وري اُن جو مکڙو ڏسڻو آهي. سنت تلسيداس راز کي سمجهي ويو ته ڀڳوان شري رام سندس ڪٽيا جي رکشا ڪرڻ لاءِ پاڻ اڌ رات جو آيو آهي. سنت تلسيداس اُنهن چورن کي اندر ڀڳوان شري رام جي مورتي اڳيان وٺي ويو ۽ کين چيائين اهو ڀڳوان شري رام ئي پهريدار جو روپ وٺي آيو هوندو. ڀڳوان جي مورتيءَ جو درشن ڪري اُنهن چورن جي خيالات ۾ ڦيرو اچي ويو. اُنهن سنت تلسيداس کي پرڻام ڪري هن کان رام جو منتر ورتو. سندن زندگي نئين ٻڌجي پيئي.

پريميو! توهان به دل سان پڀوءَ کي ياد ڪريو ته توهان جي به سڄڻ سار لهندو. توهان جي جيون ۾ ڦيرو اچي ويندو.

پوڄنيه سوامي جن وچن جا ڏاڍا پڪا هوندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن سندن طبيعت ناساز هوندي هئي، ڊاڪٽر منع ڪندا هئا تڏهن به هوُ ڏنل پروگرام موجب اُتي پهچي ويندا هئا. هڪ ڏينهن سندن ستسنگ جو پروگرام گهاٽڪوپر ۾ ڪنهن پريميءَ جي گهر ۾ رکيل هو. اُن ڏينهن صبوح جو پوڄنيه سوامي جن کي ڏاڍو بخار ٿي پيو. ڊاڪٽر ڀڳونداس اگهيچا سندن تپاس ڪري ٻڌايو ته سوامي جن کي هڪ سؤ چار ڊگريون بخار آهي. کين مڪمل آرام جي ضرورت آهي، گهاٽڪوپر وڃڻ جو پروگرام رد ڪريو. مان وري منجهند جو سوامي جن کي ڏسڻ ايندس. ڀاءُ پرمانند موٽواڻي کي چيو ويو ته گهاٽڪوپر جي پريمين کي بمبئيءَ وڃي فون ڪري ته بخار سبب سوامي جي کين اچي سگهندا. هيڏانهن ڀاءُ پرمانند بمبئي ڏنڌي تي روانو ٿيو هوڏانهن پوڄنيه سوامي جن هيڏي بخار هوندي به گهاٽڪوپر ڏنل پروگرام سبب روانا ٿيا. ڀاءُ پرمانند گهاٽڪوپر جي پريمين جي گهر فون ڪيو ته پوڄنيه سوامي جن اڄ اوهان وٽ اچي ڪين سگهندا کين سخت بخار آهي. گهاٽڪوپر جي پريمين موٽ ۾ پرمانند کي فون تي چيو ته تنهنجي مٿو خراب آهي ڇا! سوامي جن اسان وٽ پهچي به ويا آهن. تون غلط نياپو ڇو ٿو ڏين؟

پوڄنيه سوامي جن ناساز طبيعت هوندي به پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ ۾ ويا.

هڪ دفعي ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ بئڪري پئنچاٽ طرفان شري گروگرنٿ صاحب جو پاٺ رکيل هو ۽ پوڄنيه سوامي جن جو ستسنگ جو پروگرام به رکيل هو. پوڄنيه سوامي جن کي اُن ڏينهن به قدرتن سخت بخار هو. کين ڊاڪٽر جي.ايس.گرناڻي ۽ ڪيترن پريمين وينتي ڪئي ته ڪرپا ڪري اوهان آرام ڪريو مگر ڏنل وچنُ کي نڀائڻ لاءِ پوڄنيه سوامي جن سخت بخار هوندي به ٿاڻا روانا ٿيا ۽ اُتي وڃي ستسنگ ڪيائون.

لڳي، ۽ اهو پنو تائڻ ۾ وجهي ٻانهن ۾ ٻڌي ڇڏيائين. راڻي رات ڏينهن راجا جي پريم سان شيوا ڪندي رهي. ٿورن ئي ڏينهن ۾ راجا ڪيس پاڻئڻ لڳو.

هڪ ڏينهن راجا راڻيءَ کان پاڇوهه مان پڇيو ته توکي هي ٻانهن ۾ ڇا ٻڌل آهي؟ راڻيءَ چيو ته ان ۾ اوهان کي وس ڪرڻ جو منتر سنت کان لکائي ٻڌي ڇڏيو اٿم. راجا چيس ته مون کي به ان سنت جو درشن ڪراءِ. راڻي راجا کي ان سنت وٽ وٺي ويئي. راجا سنت کي پرڻام ڪري عرض ڪيو ته اوهان جيئن راڻيءَ کي مونکي وس ڪرڻ جو منتر تنتر ڏنو آهي، تيئن مونکي به هين کي وس ڪرڻ جو ڪرپا ڪري ڪو منتر ڏيو. مهاتما چيو ته پيارا، مان راڻيءَ کي ڪوبه منتر تنتر لکي ڪين ڏنو آهي. بلاشڪ توهان اهو تائڻ کولي ڏسو. راجا سنت جي آگيا انوسار اهو تائڻ کوليو. اُن ۾ هڪ ڪاغذ جي ٽڪر تي ذڪر ڪيل دوهو لکيل هو. راجا اهو دوهو پڙهي سنت کي نمسڪار ڪري جنتا جي شيوا ۾ جنبي ويو. جنتا به ڪيس ڏاڍو پاڻئڻ لڳي. پيارا، شيوا دواران دلين کي ڪينچي سگهجي ٿو. پرماتما جي شيوا پڳتي ڪريو ته موٽ ۾ سندس پيار ملندو. شيوا ڪندي ڪندي من ڪومل ٿئي ٿو، نرمل ٿئي ٿو ۽ منش پرڀوءَ جي ويجهو ٿيندو وڃي ٿو. دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ڪريو شرڌا ۽ پيار وچان ته پريو پرسن ٿيندو.

پوجنيه سوامي جن ٢٧ آڪٽوبر صبوح جو ٻئراڳڙهه ڀوپال جي ساڌو واسواڻي ڪاليج ۾ پڌاريا. ڪاليج بورڊ جي پريزيڊنٽ شري ٿڌارام گيانچنداڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ ڀاءُ مولچند منواڻي ڪاليج جي شاندار امتحاني نتيجن ۽ ڪاريه تي روشني وجهندي چيو ته اڄ جنهن مهاپرش سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي اسين جنمشتابدي ملهائي رهيا آهيون. اُنهن جا گادي نشين ڪرم يوگي سنت سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اسان وٽ پڌاريا آهن. اِهو اسانجو سوڀاڳيه آهي. ڪاليج جي ڇئن وديارٿين سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. سوامي جن ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي. چيو ته جنهن مهان سنت ساڌو واسواڻي جو نالو هن ڪاليج تي رکيو ويو آهي، اُن جي سکيائن جي ساکي هن ڪاليج جي وديارٿين کي جيون ۾ ڏيڻ گهرجي. وديارٿين کي گهرجي ته هو اُستادن ۽ ماتا پتا وڏڙن جي آگيا ۾ رهي مريادائن جو پالن ڪن جئن هو وڌيڪ ودیا حاصل ڪن، تئن منجهن نمرتا، سچائي سادگي پوترتا پرارٿنا جا گڻ وڪست ٿيڻ گهرجن. هن موقعي تي ڊاڪٽر ديال آشا سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي ڳالهائيندي اپيل ڪئي ته جيون ۾ مانس آهار تياڳ ڪريو. جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو. ڪاليج جي پرنسيپال آڀار پردرشن ڪيو.

شام جو ٤ بجي نويوڪ سڀا هال ۾ اسڪولي وديارٿين جي سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي وياکيان چٽاڀٽي ٿي. جدا جدا اسڪولن جي ١٥ وديارٿين ستگرو مهاراجن جي جيون تي وياکيان ڏنا. سوامي جن وياکيان چٽاڀٽيءَ ۾ ڀاڳيه وٺندڙ کي انعام ڏنا. ڀاءُ واشديو تلسياڻي شڪرادائي ڪئي.

رات جو سوامي جن ڀوپال مان سنڌونگر لاءِ روانا ٿيا. ٢٨ آڪٽوبر منجهند جو سوامي جن سنڌونگر ٥ آشرم ۾ پهتا.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو وارشڪ اُتسوُ ٤ ڊسمبر آيوجت ڪيو ويو. ٤ ڊسمبر صبوح جو سوامـــي جن سنت منڊل سان گڏجي جهنڊو چاڙهيو ۽ منجهند جو سوامي جن

جهپيندو رهيو. هئي ڏينهن هي ٻالڪ اُهو دلو کڻي جل ڀرڻ ويو. پاڻي ڀرڻ وقت اُهو دلو ڀڄي ٽڪر ٽي پيو. اهو ڏسي ٻالڪ سڪرام روئڻ لڳو ته گرو ڇا چوندو، ڀرين ڏينهن ئي دلو ڀڄي آيو! ٻالڪ سڪرام 'دادورام دادورام' پڪارڻ لڳو. ٻالڪ جي پڪار ٻڌي سنت دادو پاڻ اچي پرگهٽ ٿيو ۽ ٻالڪ سڪرام کي گلي لڳائي اُن ڀڳل دلي کي سڄو ڪري ڏنو ۽ پوءِ انترڌيان ٿي ويو. ڀڳل دلو سنتن جي ڪرپا سان سڄو ته ٿي ويو پر ٿورو نڪريءَ جو فرق ڏسڻ ۾ آيو. سڪرام جڏهن پاڻيءَ جو دلو ڀري کڻي آيو ته سنت پريمداس دلي ۾ ٿورو فرق ڏٺو. تڏهن هن اُن جو ڪارڻ پڇيو. ٻالڪ سڪرام سموري حقيقت گرو سنت پريمداس کي ٻڌائي. سنت پريمداس اهو ٻڌي دنگ رهجي ويو ۽ ٻالڪ سڪرام کي گلي لڳائي چيائين ته ٻالڪ، تون ڌنيه آهين جو توکي هڪ ڏينهن ۾ سنت دادوءَ جو درشن نصيب ٿيو آهي ۽ مونکي چوويهن سالن ۾ به ساڪيات درشن ڪين مليو آهي.

پريميو! توهان به پرماتما ۽ ستگرن کي سڪ سان ياد ڪريو ته توهان کي به اُنهن جو درشن ٿئي.

٢٥ آڪٽوبر رات جو پوڄنيه سوامي جن ٻئراڳڙهه ڀوپال ۾ پڌاريا. پريمين دهلن شهناين سان سوامي جن جو سواگت ڪيو. رات جو سوامي جن راجا وير مندر ڀرسان لڳايل منڊپ ۾ ستسنگ ڪيو. ٢٦ آڪٽوبر صبوح جو ٩ بجي سوامي جن جي نيترتو ۾ شاهي جلوس ساڌو واسواڻي ڪاليج تائين ڏنيون لڳائيندو نڪتو. ڀيڻ وديا، ڀاءُ مرچومل، سنتومل ۽ ٻين پريمين شهر جي ٻاهر سوامي ٽيئونرام آشرم نهرائڻ لاءِ پلاٽ ورتو هو. پوڄنيه سوامي جن اُن پلاٽ تي نئين آشرم نهڻ جي لاءِ ڀومي پوڄا ڪئي. اُن موقعي تي مڌيه پرديش جو ڪاڌيه منتري شري شرما پڻ پڌاريو، جنهن مندر جي اسٿاپنا لاءِ شڀ ڀاونائون پرگهٽ ڪندي چيو ته منهنجو اڄ سوڀاڳيه آهي جو پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو درشن ڪري ڪرتارٿ ٿيو آهيان. ڊاڪٽر ديال آشا داڻويرن کي اپيل ڪئي ته دل کولي هن مندر جي ڀوِن لاءِ دان ڪريو. اهڙن ستڪرمن ۾ مايا سڦلي ڪرڻ گهرجي.

پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي ڀيڻ وديا ۽ سيني ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جس ڦهلائڻ لاءِ، سندن سکيائن سڌانتن کي اپنائڻ لاءِ هٽ سندن نالي آشرم ٺاهي رهيا آهيو. پرماتما ۽ ستگرو مهاراج وري توهان جو جس ڪندا.

رات جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پرماتما جي پريم ۽ شرڌا سان شيوا ڀڳتي ڪريو. ڪرُ سمجهي، ٻوجهو سمجهي، ڀڳتي نه ڪريو. توهان ڀريوءَ سان پريم جو ناتو ڳنڍيندا ته ڀريو به توهان کي پيار ڪندو. هڪڙي راڻي هڪ سنت وٽ ويئي ۽ وڃي ڪيس وينتي ڪيائين 'مهاراج! منهنجو پتي مون مان بيزار ٿي پيو آهي. مونکي اهڙو ڪو اُپاءُ ڏسيو يا منتر لکي ڏيو جو هوُ مونکي پيار ڪري.' سنت سوچيو ته راڻي ٻالي ڀولي آهي. هوُ پنهنجي ڪٽيا ۾ ويو. اندر وڃي سنت هڪ پني تي هيٺيون دوهو لکيو:

منتر تنتر تم هي سکي، ڀول نه ڪريي ڪويه،
پتي کي سيوا ڪيجيي، آپ هي وش ۾ هويه.

سنت اهو پنو کڻي ان راڻيءَ کي ڏيندي چيو ته ان دوهي کي ور ور پڙهي تائت ۾ ٻڌي پائي جڏج. راڻي سنت کي نمسڪار ڪري سندس آگيا موجب اهو دوهو پڙهي ان تي عمل ڪرڻ

ايڏي تہ پيڙا وڌي ويئي جو ششدر ٿي سنت ماڻڪداس ۽ سنت گياندداس کي پرارٿنا ڪرڻ لڳا تہ مهرباني ڪري اسان تي ديا درشٽي ڪريو. ٻنهي سنتن کين چيو تہ رام نام اُچاريو تہ توهان جي جلن دور ٿيندي. سيني سئنڪن سئناپتيءَ سهت رام نام جي ڌوم مچائي ۽ سندن سرير جي جلن دور ٿي ويئي. رام نام جو اهو جادو ڏسي اُنهن سئنڪن ۽ راجائن جي من ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ اُنهن راجائن ٻلي چاڙهڻ بند ڪئي. سڄو دويپ رام نام جي ڌنين سان گونججي اُٿيو.

پريميو! توهان بہ جيون ۾ پريم ديا جي جوت جڳايو. نام سان نيهين لڳايو، مانش جيون سڦل بڻايو.

١٨ ڊسمبر سوامي جن سنت پرڀارام جي ورسي اُتسو سنٻنڌ ۾ احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي پرڀارام ڪالونيءَ ۾ سوامي جن ٽي ڏينهن ستسنگہ ورکا ڪندي سنت پرڀارام کي شرڌانجلي ڏني. ٢١-٢٢ ڊسمبر سوامي جو سڌپر ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو.

٢٦ ڊسمبر پمپري ڪالونيءَ جي جشن هال ۾ آل انڊيا سنڌي سماج جي سميلن جي اُدگهاٽن سماروهہ ۾ سوامي جن اپيل ڪئي تہ ڏيتي ليتي، جيئري تي جيئري شادي ۽ طلاق جي مسئلن کي دور ڪرڻ لاءِ سدائين سجاڳ رهو. اڄ سماجڪ ڪرانتيءَ جي ضرورت آهي. سڀ سنڌي متڀيد وساري هڪ ٿي وڃو ۽ سماج جو اُٿان ڪريو. شري نانڪرام ايسرانيءَ سوامي جن جا شڪرانا مڃيا.

٢٧-٢٨ ڊسمبر سوامي جن احمدنگر پريم پرڪاش منڊليءَ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو. سنت ديا پرڪاش سوامي جن جو سواگت ڪندي شڪرادائي ڪئي.

٣٠ ڊسمبر شام جو سوامي جن ساڌو واسواڻي باغ سنڌونگر ١ ۾ ستسنگہ ڪندي پريم منڊل جي شيواڌارين ڀاءُ چيناننڊ چاولا، موهنداس ڏاميجا ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد ڏني جي نت نيم اُتي ستسنگہ جي جوت جڳائين ٿا.

سوامي جن جي آسيس سان ڪيترن جي پٽ پڌري ٿي آهي. هانگہ ڪانگہ ۾ رهندڙ شري سندرداس نانواڻيءَ کي پتر سنتان ڪين هئي. هن پياري گهٽيون ئي دوائون ڪيون پر سندس جهول سائي ڪين ٿي. سندس ماتا ۽ سندس پتنيءَ جي تيور اچا هئي تہ گهر ۾ هڪڙو لعل هجي جو پٽ پڌري ڪري. پوجنيہ سوامي جن جڏهن هانگہ ڪانگہ ۾ رهيل هئا، تڏهن شري سندرداس کين پوڄن ورتائڻ لاءِ وينتي ڪئي. سوامي جن تمام مشغول هئا. سيني ڏينهن جو رسوئي ڪارائڻ جو پروگرام اڳوات جدا جدا پريمين کي ڏنل هو. ڀاءُ سندرداس جي گهڻي آگرهہ ڪرڻ تي سندس گهر ۾ ناشتي ڪائڻ جو پروگرام رکيو ويو. پوجنيہ سوامي جن جڏهن ڀاءُ سندرداس جي گهر ۾ پڌاريا تڏهن ڀاءُ سندرداس جي ماتا سوامي جن کي وينتي ڪئي تہ پنهنجي گنج مان سندر کي هڪڙو ٻچڙو بخشش ڪريو. سوامي جن جل پڙهي کين ڏنو ۽ هڪڙو ڦل بہ ڏنو. سال کان پوءِ سندرداس جي گهر ٻالڪ ڄائو،

جي نيترتو ۾ شاهي جلوس رام نام جون ڏنيون لڳائيندو هليو. هن موقعي تي سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنم شتابدي اُتسؤ پڻ ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن، سنت منوهرداس، سنت ڏرمداس، سنت هرداسرام، سنت برهمانند، سنت ويد پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش ۽ ٻين ڪيترن سنتن سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

آرتوار ۷ ڊسمبر صبوح جو ۱۰ بجي پوڄنيه سوامي جن سوامي سروانند اسپتال ۾ اکين جي مفت ڪئمپ جو مهورت ڪيو.

۸ ڊسمبر پرڀات جو پوڄنيه سوامي جن اُتسو جي سماپتي جو پلئه پائيندي چيو ته سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ڪيرتي نه صرف ڀارت ورش ۾ پر دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڦهليل آهي.

پڳٽ ڪري پاتال ۾، پرگهٽ هوءِ آڪاس،
رجب ٽينون لوڪ ۾، ڇپي نه هري ڪا داس.

سنگرو سوامي سروانند مهاراجن پڻ سنگرو مهاراجن جي سکيائن ۽ سڌانتن جو پرچار ڪندي هزارن ڪي پرڀوءِ جي راهه ۾ چڪيو.

پريميوا توهان به گرو منتر جي خوب ساڌنا ڪريو. هڪ هڪ سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪريو. جيڪو پنهنجي جيون ۾ سمرڻ جي ساکي ڏئي ٿو، سو سڀني پراڻين کي پيار ڏئي ٿو. هڪ هڪ جيو ۾ پرڀوءِ کي پسي ٿو. من وچن ۽ ڪرم سان هنسا نٿو ڪري، ديا جا ديپڪ ٻاري ٿو ۽ ٻين کي پرڀوءِ جي راهه ۾ چڪي ٿو.

سنت گيانداس ۽ ماڻڪداس ڪيدار دويپ ۾ رام نام جو پرچا ڪرڻ ويا. اُتان جا به راجائون پدم سنهه ۽ ڏرياجنگمل ديوي ماتا اڳيان ٻليون چاڙهيندا هئا. سنت گيانداس ۽ سنت ماڻڪداس انهن ٻلين چاڙهڻ جي خلاف اُتي پرچار ڪيو ته اهي گگدام جن کي ديوي ماتا تي ٻلي چاڙهيو ٿو وڃي، پرماتما جي موڪ سنتان آهن. انهن کي ماري ديوي ماتا اڳيان ڀيٽ رکڻ سان ديوي ماتا پرسن ڪين ٿيندي. ديوي ماتا جي ڀڳتي ڪريو، اُن جي مهما ڳايو، نه ڪي اُن جي اڳيان گگدام ٻڪرا ٻڪريون ماري ڀيٽ رکو. اُهي ٻئي راجائون اُنهن سنتن جي ورود سبب ڏاڍا ڪاوڙيا ۽ حڪم ڪيائون ته انهن ٻنهي سنتن کي هڪدم ختم ڪيو وڃي. راجائي حڪم جي پيروي ڪئي ويئي؛ مگر ٻنهي سنتن جو وار به ونگو ڪين ٿيو. راجائون وسميه ۾ پئجي ويا. هنن پرڌان منتريءَ کي حڪم ڪيو ته سئنا کي وني جدا جدا شستر استعمال ڪري انهن ٻنهي مخالفتين کي ڪيئن به ڪري ختم ڪريو. وڏي وزير حڪم انوسار ٿوري سئنا کي وٺي اُنهن سنتن کي مارڻ جي ڪوشش ڪئي مگر اُنهن ٻنهي سنتن پنهنجي يوگ ٻل سان پنهنجي ديهه جو پريورتن ڪيو. ڪوبه سئنڪ انهن کي ماري نه سگهيو. سڀني سئنڪن کي اچي ڀيٽ ۾ جلن پيدا ٿي. سندن شرير ۾

روز لوڪل ٽرين ۾ سفر ڪندي نام ڪيرتن ڪندا رهو ٿا ۽ ساڻ ساڻ دکين دريدرن جي شيوا ڪندا رهو ٿا. اوهان ڀين جي سار لهو ٿا، پريو اوهان جي سار لهندو.

شام جو ۵ بجي سوامي جن سوامي وويڪانند هندي وديالیہ سنڌونگر ۵ طرفان آيوجت وارشڪ اُتسو ۾ صدارت ڪندي وديارٿين ۽ ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ وڏڙن جي مريادا ۾ رهو. ماتا پتا ۽ اُستاد جي عزت ڪرڻ اهم فرض آهي. وديا اڀياس سان گڏ نندڙا نندڙا سيوا جا ڪاريہ ڪريو ۽ پريوءَ کي نہ وساريو. اسان جي ديش ڀڳتن اسان کي جا آزادي وٺي ڏني ان جي گڏجي ڪري رکشا ڪريون. شري اوم حشمتراءِ لعلواڻي سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ اشوڪ لعلواڻيءَ آڀار پردرشن ڪيو.

روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسو ۱ فيبروري آرتوار صبوح جو ۱۰ بجي دياونتي ٽيڪمداس هال ڪار بمبئيءَ ۾ پوڄنيہ سوامي جن جي پرڌانپٽي هيٺ ٿيو. سوامي جن ان موقعي تي زوردار اپيل ڪئي تہ پنهنجن پٽن جو وڪرو بند ڪريو. ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي سبب هزارين وڏور ڪنيائون ڳوڙها ڳاري رهيون آهن. اُنهن تي ديا ڪريو. سيٺن کان پنو نہ. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

مانگن مرن سمان هئہ، مت مانگو ڪوئي بيکہ،
مانگن تي مرنا ڀلا، يهہ سنگرو ڪي سيکہ.

۱ فيبروري رات جو سوامي جن بڙودا روانا ٿيا. اُتي شري ڪشوريلعل ۽ سندس ڌرمپتني هاسي ٻائيءَ جي ورسي اُتسوَ سنبند ۾ سوامي جن ٻہ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پيارو ڪشوريلعل گهر گرهست ۾ رهندي بہ ڪيئن نہ ڀڳوت ڀڄن ۽ پراُپڪار جا ڪاريہ ڪندو رهيو. توهان بہ روز نام سمرڻ ڪريو. پيارو نيڻومل ۽ سندس ٻائر ڪيڏا نہ صدقي آهن، پنهنجي پتا جي جڳايل ستسنگہ جي جوت جڳائيندا پيا رهن.

سوامي شيوندرپوري ۲ فيبروريءَ کان ۸ فيبروريءَ سنڌونگر ۵ ۾ ويدڪ هوماتمڪ اتي ردر يگيہ جو آيوجن ڪيو. ٦ فيبروري صبوح جو سوامي جن يگيہ منڊپ ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ هون يگيہ دواران ديوتائون پرسن ٿين ٿا. ان سبب اَن ڌن جي پراپتي ٿئي ٿي. سکہ سمپتيءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو. هوا شڌ ٿئي ٿي. خوب برسات پوي ٿي. آتمڪ اُنتيءَ لاءِ بہ يگيہ ضروري آهي. سوامي شيوندرپوريءَ کي ڌنيواد آهي جنهن اهڙي مهان يگيہ جو آيوجن ڪيو آهي. سوامي شيوندرپوريءَ اُن موقعي تي چيو تہ پوڄنيہ سوامي جن جي پريرڻا ۽ سهيوگہ سان ئي هن يگيہ جو آيوجن ڪيو اٿم. شل سندن سهڪار سديوَ ملندو رهي.

۱۲ فيبروري شام جو سوامي جن دياونتي ٽيڪمداس هال ڪار بمبئيءَ ۾ ستسنگہ ڪيو.

پريم پرڪاش منڊلي پمپري ڪالونيءَ ۾ ۱۴-۱۵ فيبروري ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسو ملهايو ويو. ان اُتسو سنبند ۾ پرم پوڄنيہ سوامي جن ۱۴ فيبروري منجهند جو پمپري ڪالونيءَ ۾ پڌاريا. شام جو ساڍي ۴ بجي سوامي جي جن نيترتوَ ۾ سوامي ٽيئونرام

واڌايون وريون. سارو ڪٽنب پريوار باغ بهار ٿيو ۽ ستگرو مهاراجن جي جئہ جئہ ڪار سان گهر گونججي اُٿيو. ٻالڪ جو نالو موهت رکيو ويو. جنهن کي سالن کان پٽڙي جي پياس هئي، گرو مهاراجن جي ڪرپا سان سندس پٽ پڌري ٿي.

ملند ڪالونيءَ ۾ رهندڙ سوامي جن جي صدقيءَ پياري شيوارام ڀمپاڻيءَ کي پٽر سنتان ڪين هئي. هڪ دفعي ملند ڪالونيءَ ۾ سوامي جن جو ستسنگہ هو. ڀڳت جيوٽداس سوامي جن کي عرض ڪيو تہ داس شيوارام جي جهول سائي ڪريو. اُن وقت ئي سوامي جن پلئہ پاتو ۽ سال کان پوءِ پياري شيوارام کي پٽر سنتان ٿي.

ساڌو واسواڻي نگر ٽاٽا بيڪري پڻچات شري گرو گرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ رکايو. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ سوامي جن ٢-٣ جنوري ١٩٨٧ رات جو اُتي ستسنگہ پروچن ڪيو. سوامي جن ستسنگہ ڪندي چيو:

ساچ برابر تپ نهين، جوٺ برابر پاپ،

جانڪي هردي ساچ هئہ، تانڪي هردي آپ.

پريميو! ڏنڌي ۾، وهنوار ۾ سچہ ڳالهايو. ستيہ جي برابر ٻي ڪا تپسيا ڪين آهي ۽ ڪوڙ برابر ٻيو ڪو پاپ ڪين آهي. جتي سچ آهي اُتي پرماتما پاڻ آهي. جيترو جيون ۾ سچ ڳالهائيندا، سچ ورتائيندا، اوترو توهان جو آتمڪ ٻل وڌندو ويندو. توهان جي زبان ۾ بہ شڪتي وڌندي ويندي. توهان کي من جي شانتي ملندي. توهان کي ڪيترو بہ دنيوي لاڀ پوي تڏهن بہ ڪوڙ نہ ڳالهايو. پاڻ ۾ سڀ ايڪو ڪري رهو ۽ هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو.

ڀاءُ ليڇمڻداس پنجواڻي سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

١١ جنوري سوامي جن ڀاٽاپاڙا روانا ٿيا. اُتي سوامي جن ١٢-١٣ جنوري رات جو ستسنگہ ورکا ڪئي. ١٥-١٦ جنوري سوامي جن ڪامٺيءَ ۾ ستسنگہ ڪيو. ١٩-٢٠ جنوري سوامي جن ناگپور ۾ ستسنگہ ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

٢٥ جنوري صبوح جو سوامي جن يوٿ سرڪل ملند ڪالونيءَ جي نوجوان کي آسيس ڪندي چيو تہ اهڙا ڪم ڪريو جن سان سنڌي جاتيءَ جو شان بلند ٿئي. ڏيتي ليتي ۽ ٻين سماجڪ براين کي دور ڪرڻ لاءِ توهان گهڻو ڪجھ ڪري سگهو ٿا.

٢٦ جنوري صبوح جو ٧ بجي پوجنيہ سوامي جن سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ جهنڊا وندن ڪرائيندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن ڀارتيہ جوڙجڪ عمل ۾ آيو. اڄ اسان سڀني کي ايڪتا جي سوٽر ۾ ٻڌجي ديش جو نوُ نرماڻ ڪرڻ گهرجي. ديش جي ايڪتا ۽ اکنڊتا قائم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

منجهند جو ساڍي ١٢ بجي هيراگهاٽ سنڌونگر ٣ ۾ جهوليلعل لوڪل منڊليءَ جي ساليانی اُتسو ۾ پوجنيہ سوامي جن ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ اوهان ڌنيہ آهيو جو

سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ سدائين پرماتما ۽ ستگرن کي ياد ڪريو. سمرڻ ۾ وڏي شڪتي آهي. ڪونج هماليہ تي برف ۾ پنھنجا آنڊا رکي اڏامي ويندي آهي. انھن انڊن مٿان برف ڄمي ويندي آهي. هيڏانھن ڪونج پنھنجي انھن انڊن کي ياد ڪندي آهي. ان جي ياد ڪرڻ ڪري اهي آنڊا برف ۾ ڳري ڪين ويندا آهن. ويساکہ ۾ جڏهن گرميءَ سبب برف رجندي آهي تہ ڪونج جا آنڊا ٻاهر نڪري ايندا آهن. ان وقت ڪونج اتي پھچي ويندي آهي ۽ پنھنجي انڊن جي سنڀال ڪندي آهي. جيڪڏهن ڪونج اتفاق سان مري ويندي آهي تہ سندس آنڊا بہ برف ۾ ڳري ختم ٿي ويندا آهن. ڪونج جي يادگيري سندس آنڊن کي زنده رکي ٿي. تيئن پريوءَ جي يادگيري ارٿات سمرڻ، ستگرن جي يادگيري بہ توهان کي نئين جيون بخشيندي. توهان ڪال جي چڪرر کان مڪت ٿي ويندا. پريميوا ان ڪري پريوءَ کي نہ وساريو.

سنت اننت پرڪاش سوامي جن جا آپار مڃيا.

٢٢ فيبروري منجھند جو ٣ بجي سوامي جن جسٽس ايڇ.ڪي.چئناڻي ايلڊرس هوم ملند ۾ پڌاريا. جتي دادا شري پيسومل چانڊواڻي ۽ جسٽس شري ايڇ.ڪي.چئناڻيءَ جي ورسي اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. دادي ناڪري لڪاڻي سوامي جن کي ڦول مالھا پيٽ ڪندي سندن سواگت ڪيو. پيڻ ڪملا هيرانند چيو تہ اسان جو سوڀاڳيہ آهي جو اڄ اسان وٽ سوامي جن پڌاريا آهن.

سوامي جن ڀڄن ڳائيندي، شري ڪشنچند شهاڻي ۽ ٻين ڪاريہ ڪرتائن کي ڏنيواد ڏني جن ٻڍڙن جي سک سهنج لاءِ ۽ سکي زندگي گذارڻ لاءِ ٻڍا گهر کوليو آهي. سوامي جن پنھنجي پروچن ۾ ٻڍڙن ٻڍڙين کي صلاح ڏني تہ توهان جي زندگيءَ جي شام ٿي چڪي آهي، باقي وقت نام سمرڻ ۽ ستسنگ ۾ گذاريو. اُٿندي وهندي رسنا سان رام جپيو. ڪڏهن ٿو پريوءَ وٽان سڏ ٿئي. انت سهيلي ٿئي ان لاءِ ايڪانت ۾ ويھي پريوءَ کي ياد ڪريو.

شام جو ۵ بجي ڪرلا بمبئيءَ ۾ ڪپليشور مهاديو منڊل طرفان شوراتري اُتسوَ جي سنبنڌ ۾ پوجنيہ سوامي جن جي نيترتوَ ۾ بئنڊ باجن سان شاهي جلوس ڪڍيو ويو. جلوس ۾ ڀڳوان شري شنڪر مهاديو، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جون جهانڪيون هيون. سوَن پريمين پوجنيہ سوامي جن کي ڦول مالھائن سان جهنجهي ڇڏيو. پريمي جلوس ۾ 'ست نام ساکي هر هر مهاديو' جون ڌنيون لڳائيندا هليا. سوامي جن ڀاءُ نندلعل بختياڻي ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد ڏني. سوامي جن ٢٣-٢٤ فيبروري رات جو اُتي ستسنگ ورڪا ڪئي.

٢٤ فيبروري شام جو سوامي جن ڪار بمبئيءَ ۾ پياري ڀيمنداس ڀوڄراج جي گهر سندس سپتر جي وواھ سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪيو. پياري مولچند ڀوڄراج سوامي جن جو سواگت ڪيو.

مهاراجن، سوامي سروانند مهاراجن جي جهانڪينن سان جلوس نڪتو. پريمي ڏن گرو ٽيئونرام جي ڏني لڳائيندا نچندا ٽپندا هليا. رات جو پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ توهان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسو اُمنگ اتساهہ سان ملهائي رهيا آهيو اُن لاءِ توهان کي ڌنيواد. جيڪڏهن توهان گرن جي ڪارج ۾ شامل ٿيندا تہ گرو مهاراج وري توهان جي ڪارج ۾ سهاءِ ٿيندا. منش ديهہ جو قدر ڪريو. ڪنهن نہ ڪنهن مهاتما جي شرڻ وڃو جيڪو سناتني ڌرم جو هجي. سنتن وٽ رمزون آهن. اُنهن رمزن دواران بہ هوُ رستو ڏيکاريندا آهن. هڪ شخص کي ٽي پٽ هئا. اُهو ٽنهي پٽن کي هڪ مهاتما وٽ وٺي آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ’ڪرپا ڪري هنن ٽنهي پٽن جو آئينده ٻڌايو‘. اُن مهاتما ٽنهي پٽن کي هڪ هڪ ڪيلو کائڻ لاءِ ڏنو. اُنهن مان هڪڙي ڇڻي ڪيلو کائي کل ڪٽي ڦٽي ڪئي. ٻئي ڇڻي ڪيلو کائي ڪيلي جي کل پاسي ۾ رکيل دٻي ۾ ڦٽي ڪئي ۽ ٽئين ڇڻي ڪيلو کائي اُن جي کل ڳانءِ کي کارائي. مهاتما چيو جنهن کي کل جو قدر ڪونهي اُهو زندگيءَ جو کهڙو قدر ڪندوا جنهن پٽ ڳانءِ کي کل کارائي اُهو اڳتي هلي چمڪندو. پنهنجو بہ ڀلو ڪندو ۽ ٻين جو بہ ڀلو ڪندو. جنهن ڪيلو کائي کل رستي تي ڦٽي ڪئي، اِهو مت جو موڙهو رهندو. جنهن دٻي ۾ ڦٽي ڪئي اُهو پاڻ تائين سميت رهندو، صرف پنهنجو ڀلو چاهيندو.

سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن پريمين شرڌالن کي روحاني رمزون سلي سندن راهہ روشن ڪئي. سوامي جن وٽ جيڪي پيئائون ايندا هيون سي اُپڪار جي ڪاريہ ۾ لڳائي ڇڏيندا هئا. توهان بہ مايا جو سدُاپيوگہ ڪريو. هڪ دفعي هڪ شاهوڪار سوامي رام ڪرشن پرم هنس وٽ پنجن هزارن روپين جي ٿيلهي کڻي آيو ۽ اچي سندن چرنن ۾ پيٽ رکيائين. سوامي رامڪرشن کيس چيو ’پيارا! هن وقت پئسن جي ضرورت ڪين آهي.‘ سيٺ وينتي ڪندي چيو ’اهي پئسا بئنڪ ۾ کڻي رکو يا ڪنهن وٽ امانت ڪري رکو.‘ سوامي جن وراڻيو، ’پيارا! اسان وٽ اها مايا بدبوُ ڪندي. بدبوءِ کان دور رهجي، ويجهو وڃبو تہ نڪ سڙندو، تندرستي بگڙجندي. سنت کي مايا کان پاسو ڪرڻ گهرجي. گرهستين کي مايا اپڪار جي ڪارين ۾ خرچ ڪرڻ گهرجي نہ تہ تہ اها مايا بدبوءِ پيدا ڪندي. سنت مايا جو تياڳہ ڪري وري مايا ۾ اٽڪي تہ سنتپڻو کهڙي ڪم جو!‘

سوامي جن هڪ ٻيو درشٽانت ٻڌايو تہ ڪيئن نہ هڪ فقير وٽ روز جيڪي ايندو هو سو ورهائي خلاص ڪري ڇڏيندو هو، ايتري قدر جو رات جو مٽن جو پاڻي بہ هارائي ڇڏيندو هو، چوندو هو ڏٺيءَ کي جيڪي سِپاڻي ڏيڻو هوندو سو پاڻيهي ڏيندو. پريميوا توهان بہ مايا ۾ موهہ نہ رکو، ستڪرمن ۾ سڦلي ڪريو ۽ نام سان نينهن رکو.

سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي اتسوُ سنبنڌ ۾ سوامي جن ١٦-١٧-١٨ فيبروري پريم پرڪاش آشرم اگروال ڪالوني پونا ۾ ستسنگ پروچن ڪندي سوامي چندن پرڪاش جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

ڪئي.

٢٨ فيبروري ڇنڇر ڏينهن صبوح جو سادي ١١ بجي پوڄنيه سوامي جن ڪوٽا راجسٿان ۾ پڌاريا. اسٽيشن تي سوَن پريمين ڦول مالهائن سان سوامي جن جو سواڳت ڪيو. پريم پرڪاش آشرم ڪوٽا طرفان سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسو ملهايو ويو. منجهند جو ٢ بجي جهوليلعل مندر سنڌي ڪالونيءَ وٽان پوڄنيه سوامي جن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. هزارين پريمي ان جلوس ۾ رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا ۽ اُهو جلوس پريم پرڪاش آشرم ۾ سماپت ٿيو. سوامي جن ستسنگ ورڪا ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. سوامي جن پريمين کي اپيل ڪئي ته روز ڪجھ نه ڪجھ وقت نام سمرڻ ڪريو ۽ پراُپڪار جا ڪاريه ڪيو. جوئا مانس شراب کان ڪنارو ڪريو. ساتوڪ کاڌو کائو. سنت منوهر لعل سوامي جن جي شڪرادائي ڪئي.

آڪاشواڻي بمبئيءَ تان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جنمشتابدي اُتسو سنبند ۾ ڪاريه ڪرم پرسارت ڪيو ويو. پوڄنيه سوامي جن ان ڪاريه ڪرم ۾ ستگرو مهاراجن کي پشپانجلي پيٽ ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان وڀوتي هئا. ستگرو مهاراجن پريم پرڪاش منڊل برپا ڪري هزارين ستلن کي سڄاڳ ڪري پريوءَ جي راهه ۾ چڪيو. ستگرو مهاراجن هندي ۽ سنڌيءَ ۾ امولیه واڻي لکي آهي، جا پريم پرڪاش گرنٿ ۾ سنگرهيت آهي. هڪ سو سال اڳ سنڌ جي ڪنڊوُ ڳوٺ ۾ ستگرو مهاراجن جنم ورتو. اڄ ديش وديش ۾ سندن سرهاڻ پکڙيل آهي. اسين به سندن سڌانتن تي هلي جيون سڦل ڪريون.

پوڄنيه سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مهما جو هينيون ڀڄن پڻ ڳايو:

جنم لهي اڄ جوڳي آيو، ٽيئونرام آ نالو جن جو،
سڀ جي من کي ڀانيو.
(١) چيلارام کي ڏين واڌايون، ٻار ٻڍا نر ناريون
شهر ڪنڊوءَ جي گليءَ گليءَ ۾ ڏاڍو آنند ڇانيو
(٢) جنم لهڻ سان ٿي روشنائي، اوديا اوندهه ويڙ۾ي،
سورج وانگر اُڀري جڳ ۾، ڪل انڌڪار مٽايو.
(٣) گوال ٻال جي ڪرشن جا هئا، تن مان هڪڙو هي پي،
موهن وانگر بين بڄائي، سڀ کي مست بڻايو.
(٤) جڳ جي تارڻ خاطر جوڳي، حڪم هريءَ سان آيو،
رام نام جي ٻيڙي چاڙهي، سارو ساٿ ترايو.
(٥) ’شانتي پرڪاش‘ ڇئي هٿ جوڙي، اهو عرض اگهايو،

٢٥ فيبروري صبوح جو سادي ١٠ بجي پوڄنيه سوامي جن سنڌونگر ٣ ۾ ڀڳوان شري لڪشمي نارائڻ مندر جو مهورت ڪيو. ڀاءُ سندرداس ڊنگواڻي، ڀاءُ گوپيچند ڀهراڻي ۽ ماتا رامديويءَ سوامي جن جو سواڳت ڪيو. سوامي جن پرواچن ڪندي چيو ته هي مندر پڇ جي پيدا ڪرڻ جا آستان آهن. سوين سال هن آستان تي ڪيترائي پريمي پريوءَ جو ڀڄن ڪيرتن ڪندا رهندا. مانوَ جيون جي سارٿڪتا آهي نام سمرڻ ۾، نام کي نه وساريو. ور ور دل اندر نام اُچاريو. سڪرت جا ڪم ڪريو. خوشي آهي پياري ڪمون مل هي مندر جوڙايو آهي ۽ ان مندر مٿان وري ڌرمشالا ٺهرائي سوَن ياترين لاءِ سک سهنج ميسر ڪندو.

منجهند جو ١٢ بجي نيناجي هاءِ اسڪول سنڌونگر ٢ ۾ سوامي ٽيئونرام جنمشتابدي سنبنڌ ۾ پوڄنيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جي جيون تي وديارٿين جي وياکيان چٽاڀيٽي رکي ويئي. اسڪول جي وائيس پرنسيپال شري گيانچند شهدادپوري پوڄ سوامي جن جي جيون ڪاريه تي روشني وجهندي سواڳت ڪيو. پوڄنيه سوامي جن وديارٿين کي انعام ڏيندي چيو ته گهر ۾ وڏڙن ۽ اسڪول ۾ اُستادن جي عزت ڪريو. سندن آگيا ۾ هلو. ڪوڙ کان ڪنارو ڪريو. جيون ۾ سادگي ۽ سچائيءَ جي ساکي ڏيو. هنسڪ ڪاڏو نه کائو، جوئا شراب سگريٽن جو واهپو زندگي تباهه ڪري ٿو، انهن شين کان سدا پري رهو.

ان موقعي تي سنت برهمداس، ديال 'آشا'، سريچند صابلاڻيءَ پڻ سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. جونير پرنسيپال شري رام آٿلاڻيءَ سوامي جن جو آڀار پردرشن ڪيو.

شام جو ٦ بجي آشرم ۾ رشي رگهورام جي ورسي ملهائي ويئي. ان موقعي تي پوڄنيه سوامي جن ستسنگ پرواچن ڪندي چيو ته رشي رگهورام گهر گرهست ۾ وئراڳ ڌارڻ ڪيو. هن سنت ست شاسترن ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو اونهو اڀياس ڪيو. هي صاحب سچو گانڌي وادي هو ۽ گيان جو گلزار هو. هي سنت ايشور ڀڳت به هو ته ديش ڀڳت به هو. پياري جيوٽداس آهوجا، سنت ديو پرڪاش ۽ ديال 'آشا' رشي رگهورام کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي.

رات جو ١٠ بجي سائين هرچورام صاحب جي ٽلهي تي سنت ڏيونرام جي ورسيءَ جي موقعي تي سوامي جن ستسنگ ورکا ڪئي. سنت روپارام سوامي جن جو سواڳت ڪيو.

پوڄنيه سوامي جن ٢٧ فيبروري صبوح جو ٧ بجي بمبئيءَ مان هوائي جهاز رستي احمدآباد ۾ پڌاريا. صبوح جو سادي ٨ بجي سوامي جن آدرش هاءِ اسڪول ڪبيرنگر ۾ سوامي ٽيئونرام پستڪاليه جو مهورت ڪيو. آدرش وديا منڊل جي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر چاڳي مل هيرانندانيءَ سوامي جن جو سواڳت ڪيو. هن موقعي تي سوامي جن پرواچن ڪندي چيو ته پستڪ به سچا ساٿي آهن. انهن جي اڀياس سان گيان جو وڪاس ٿئي ٿو، مانسڪ ۽ آتمڪ اُنتي ٿئي. اميد ته هن پستڪاليه مان وديارٿي پورو پورو لاڀ پراپت ڪندا.

اسڪول جي پرنسيپال ڀڳوانداس آسناڻيءَ سوامي جن جي ڏنل سهڪار لاءِ شڪرادائي

موڪش گتي پراپت ڪئي. توهان بہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني پريوءَ جو نالو اُچاريندا رهو. توهان جو اُڌار ۽ ڪلياڻ ٿيندو.

١٩ مارچ کان گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ پريم پرڪاش مندر جو پنجون وارشڪ اُتسو ۽ سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسوُ ملهايو ويو. ان اُتسو سنبنڌ ۾ پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج منڊليءَ سميت ١٩ مارچ صبوح جو گانڌي نگر ۾ پڌاريا. گانڌي نگر اسٽيشن تي هزارن پريمين سوامي جن جو بئنڊ باجن ۽ ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. صبوح جو ٩ بجي سوامي جن سناتن ڌرم ڌوجا جهلائي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. هن موقعي تي ڪولهاپور ضلع جو ڊي.ايس.پي. پڻ سوامي جن کان آشيرواد وٺڻ آيو. ڀاءُ ششي گجواڻي، ڊاڪٽر ديال آشا، ڀاءُ رميش تنواڻي ۽ ڀاءُ رميش لعلواڻي سوامي جن جي جيون ڪاريہ تي روشني وڌي. ڊي.ايس.پي چيو تہ هي ڌارمڪ آيوجن ڏسي ۽ پوجنيہ سوامي جن جو درشن ڪري مان نهال ٿيو آهيان. سوامي ڌرمداس پڻ آشيرواد ڏني. پوجنيہ سوامي جن چيو تہ سوامي ٽيئونرام مهاراج پريم جو اوتار هئا. توهان پڻ پاڻ ۾ پريم ۽ ايڪتا سان هلي جاتي ۽ ديش جو شان بلند ڪيو. اڄ توهان ستگرن جي جنمشتابدي سنبنڌ ۾ جلوس ڪڍي رهيا آهيو، ان ۾ جهجهي تعداد ۾ شريڪ ٿيو. جي توهان ستگرن جي ڪارج ۾ شامل ٿيندا تہ ستگرو مهاراج توهان جي ڪارج ۾ اچي شامل ٿيندا ۽ آسيس ڏيندا.

شام جو سوامي جن جي نيترتوَ ۾ ڪولهاپور شهر ۾ شاهي جلوس ڀڳوان شري گڻيش جي مندر کان نڪتو. رات جو ڪولهاپور جي هڪ سندر هال ۾ سوامي جن ۽ ٻين شرڌالن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي پشپانجلي ارپت ڪئي ۽ آڪاشواڻيءَ طرفان سڄو پروگرام رڪارڊ ڪري ٻئي ڏينهن پرسارت ڪيو ويو.

٢٠ مارچ کان ٢٢ مارچ ٽيئي ڏينهن پوجنيہ سوامي جن ۽ ٻين سنتن ستسنگ ورڪا ڪئي. ٢٣ مارچ پرڀات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي سوامي جن چيو تہ ڀڳوان جي ڀڳتي ڪير بہ ڪري سگهي ٿو اُن لاءِ ڪو بہ ٻنڌن ڪونهي. شاهہ لطيف چوي ٿو:

’ذات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي.‘

ڀڳتي، نہ عمر سان واسطو رکي ٿي، نہ ذات پات سان. ڪيترا پيارا گهٽ جاتيءَ ۾ پيدا ٿي ڪري ڀڳتيءَ جي راهہ ۾ اڳتي وڌيا ۽ مهان بڻيا. سڌنو ڪاسائي، اجاميل، گنڪا، نيچ پيشي وارا بہ پريوءَ جي ڀڳتيءَ سبب سريشٽ بڻيا. ڀڳت پرهلاد، ڀڳت ڌروُ ننڍڙا ٻالڪ پر ڀڳوت ڀڳتيءَ سبب وڏڙن کان وڏڙا ٿي ويا.

پسون پکي بہ پريوءَ جي ڀڳتيءَ سبب اُتم پدوي پائين ٿا. جئن ٻيڙيءَ ۾ اوچ نيچ، ننڍو وڏ، غريب شاهوڪار، پکي پسون بہ چڙهي ندي پار ڪن ٿا، تئن ڀڳتيءَ روپي ٻيڙيءَ ۾ ڪير بہ چڙهي ڀوَساگر پار ڪري سگهي ٿو. بنا ڀڳتيءَ جي هن دنيا جي درياهہ مان پار پوڻ مشڪل آهي. دنيا جي درياهہ ۾ ڪيترائي ڪچ مچ وڪارن روپي واگهو وات ڦاڙيو وينا

سنگر پنهنجي چرنن ۾ نت، من جو پريم وڌايو.

وڏالا سنڌي برادري منڊل طرفان هر سال جيان ٤ مارچ کان ١٥ مارچ تاءِ سوامي جن جي ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. سوامي جن شري چانڊومل نامي مل جي گهر ۾ رهيا. سوامي جن يارهن ڏينهن ستسنگ ورکا ڪئي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته جيڪڏهن سنسار روپي ساگر مان پار پهچڻ ٿا چاهيون ته نام جي ٻيڙيءَ ۾ چڙهو، نه ته ته ٻوَ ساگر ۾ ٻڏي ويندا. سنگرو مهاراج فرمائين ٿا:

بيڙا هرڪا نام هئه، چڙهت نه جي نر تانه،
ڪه ٽيئون سي موڍ نر، ڊوٻت ڀوَ جل مانه.

پريميو! هروقت پربهوءَ جو نام جپيو. جئن جئن توهان نام جپيندا، تئين تئين توهان جي دل جي ڪڙڪي ڪلندي ويندي چت نرمل ٿيندو ويندو. رام نام اُچارڻ سان اڇوتر جيوَ به پوتر ٿي پوندا آهن.

هڪ نديءَ جي ڪناري هڪڙو ڳوٺ هو. ان ڳوٺ جا رهواسي اُن نديءَ تان ئي پيئڻ لاءِ پاڻي ڪڍي ايندا هئا. هڪ دفعي ان ڳوٺ جي هڪ برهمڻ ڪنيا نديءَ تي پاڻي ڀرڻ ويئي، پاڻيءَ وارو ٿانءُ وڏو هو. هوءَ اڪيلي سر اُهو مٿي تي رکي ڪين ٿي سگهي. نديءَ جي ڪناري هڪ هريجن بيٺو هو. هن اُن کي سڏ ڪري چيو ته هي ٿانءُ مونکي مٿي تي رکاءِ. تڏهن اُن شخص وراڻيو، تون مونکي ڪين سڃاڻين. مان اڇوت آهيان، اڇوتر آهيان، توهان برهمڻ آهيو. مونکان اهو ٿانءُ ڪيئن ٿي کڻائين؟ اُن برهمڻ ڪنيا وراڻيو، مان توهان کي پوتر بڻائي پوءِ ئي هي ٿانءُ کڻايان ٿي. تون مکه سان ٽي دفعا شري رام، شري رام، چئه. رام نام اُچارڻ سان تون پوتر ٿي ويندين اُن اڇوت ٽي دفعا رام رام اُچاريو ۽ اُهو پاڻيءَ وارو ٿانءُ اِن ڪنيا جي مٿي تي رکيو. اها ڪنيا جڏهن گهر پهتي تڏهن سندس پتا هن کان پڇيو ته اڄ توسان ڪا ساهيڙي به ساڻ ڪونه هئي، تو اهو ٿانءُ مٿي تي ڪيئن رکيو. ڪنيا چيو بابا اُتي هڪ هريجن بيٺو هو. اُن کان رام نام اُچارائي، پوتر ڪري پوءِ هن کي ٿانءُ کڻائڻ لاءِ چيم. اهو برهمڻ ڀڳت جن هو. اهو ٻڌي پنهنجي ڌيءَ کي چيائين ٻالڪي، رام جو نام هڪ دفعو اُچارڻ سان به اڇوتر جيوَ پوتر ٿي ويندو آهي. تو ٽي دفعا پربهوءَ کي پڪاري ڇو تڪليف ڏني. اِهو ٻڌي ان ڪنيا محسوس ته رام جو نالو جيڪڏهن پريم شرڌا سان اُچاريو وڃي ٿو ته اڇوتر شرير چاهي من رام نام دواران پوتر ٿئي ٿو. تنهنڪري پيارا، جتي به هجو، ڪنهن به حالت ۾ هجو، رام نام اُچاريندا رهو. سنڌ ۾ ڪيترائي سنت ٿيا آهن، اهي، ڪي ودوان ڪين هئا، سادا سوڌا سرل چت اُٿندي ويهندي رام رام اُچاريندي سندن زبان ۾ سڌي اچي ويندي هئي. انهن جي زبان کي طاقت اچي ويندي هئي. اِها طاقت هئي رام نام جي. اجاميل پاپي هو. انت ڪال ۾ پنهنجي پٽ نارائڻ کي ور ور پڪاريائين. نارائڻ نارائڻ چوندي سندس پکيئڙو پرواز ڪري ويو ۽ هن پياري جو اُڌار ٿي ويو. اجاميل جهڙي دشت پرورتي واري به پربهوءَ جو نالو پڪاريندي

پرٽالي لاڀدايڪ آهي. اسان وديشي دوائن جو پريوگ ڪري ڪيترن بيمارين کي نمنترڻ ڏيون. اِنڪري آيرويدڪ چڪتسا جو پرچار ڪرڻ گهرجي.

٣١ مارچ صبوح جو ١٠ بجي سنڌ نئشنل هاءِ اِسڪول سنڌونگر ۾ سوامي جن جي زير صدارت سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي وياڪيان چٽاڀيٽي رکي ويئي. پرنسيپال گهنشام آهوجا سوامي جن جو سواگت ڪيو ۽ سوامي جن وياڪيان ڏيندڙ وديارٿين کي انعام ڏنا. پوڄنيه سوامي جن ۽ ڊاڪٽر ديال آشا پڻ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون ۽ سکيائن تي ڳالهائيندي چيو ته هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو.

سوامي ٽيئونرام جنم شتابدي اُتسو ۽ پريم پرڪاش منڊل جو ٦٦ وارشڪ اتسوُ امراپور اسٿان جئپور ۾ ١١ اپريل کان ١٥ اپريل تاءِ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي اڌيڪشتا ۾ ملهايو ويو. ١٠ اپريل سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي ويئي. شام جي ستسنگ ۾ پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي سوامي گرمکداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته هڪ سوُ سال اڳ سنڌ جي پاوَن پوميءَ تي ستگرو مهاراج اوتار وٺي آيا. ستگرو مهاراجن پريم پرڪاش منڊل ناهي ڪيڏو نه نام جو پرچار ڪيو. ستگرو مهاراجن جي ستسنگ ۾ ڏاڍو تاثير هوندو هو. هندو چاهي مسلمان ستگرو مهاراجن جا ڪلام ۽ پچن ٻڌي ڏاڍو متاثر ٿيندا هئا. پرسنتا آهي جو هن سال سندن جنمشتابدي ديش وديش ۾ سنت ۽ پريمي ملهائي رهيا آهن. سندن امولي سکيائون پريم پرڪاش گرنٿ ۾ سمايل آهن، اُنهن تي عمل ڪريون. ستگرو مهاراج ديا ۽ پريم جي مورت هئا. اسانجي جيون ۾ ديا ۽ پريم جي کوٽ آهي. جيون ۾ ديا ۽ پيار جي جوت جڳايو. نت نيم ستسنگ ۾ اچي لاڀ حاصل ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ستسنگ تيرٿ روپ هئي، ستسنگ موڪش دوار،
ڪهه ٽيئون تج ڪسنگ کو، ستسنگ ڪر نرڌار.

پريميوا ستسنگ تيرٿ آسٿان سمان آهي ۽ مڪتيءَ جو دروازو آهي. ان ڪري روز ڪجهه وقت بچائي ستسنگ ۾ اچو. سنتن ستپرشن جا وچن شروڻ ڪري اُنهن تي عمل ڪندا ته توهان جي زندگي نئين ٿي پوندي.

جئن منش لاءِ کاڌو پيتو ننڊ ضروري آهي تئن ستسنگ به تمام ضروري آهي. ڪيترا پيارا ستسنگ کان نٽائڻ لاءِ بهانا بڻائيندا آهن ته ڪين ستسنگ لاءِ وقت ئي ڪونه ٿو ملي. ٽي ٽي چار چار دفعا کاڌي کائڻ لاءِ، چانهيون پيئڻ لاءِ، گپن شپن هڻڻ لاءِ وقت آهي، باقي ستسنگ لاءِ وقت ڪين آهي. جتي چاهه آهي اُتي راهه آهي. جي سکي ٿيڻ چاهيو ته ستسنگ ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون اس جڳت ۾ جو چاهو آرام،
ساڌو سنگ نت هي ڪرو، سمرو هر ڪا نام.
ڪهه ٽيئون ستسنگ سي، ملت پدارٿ چار،

آهن. لوڀ جون لهرون ۽ ڪام جو ڪاروهنوار لڳو پيو آهي. ڀڳوت ڀڳتيءَ جي ٻيڙي ئي جيوَ کي پرڀوءَ جي پار پهچائيندي. سنت ڪوي نارائڻداس انڪري چوي ٿو:

ايش ڀڳتي ۾ هوت هئہ، سب ڪا هي اڌڪار،
پرگٽ ناوَ ۾ ٻئنڪر، هوتي هئن سب پار.

ڀڳتي وهنوار ۾ باڌڪ ڪين آهي. ڪيترائي گهر گرهست ۾ رهي ڀڳتي مارگ ۾ اڳتي وڌيا. نہ صرف پاڻ پرڀوءَ جو درشن ڪيائون مگر هزارن کي پرڀوءَ جي راهہ ۾ چڪيائون.

رواجي طرح چوندا آهن تہ ٻہ گدرا هٿ ڪين ايندا. پوڄ ستگرو سروانند مهاراج چوندا هئا تہ ٻہ گدرا تہ نهيو پر پنج گدرا ٻہ هٿ ۾ کڻي سگهبا آهن. صرف رمز کپي. چليءَ ۾ پنج گدرا وجهي هٿ ۾ چلي کڻ تہ پنج گدرا کڻڻ ٻہ سولا آهن. تيئن ڀڳتيءَ جي چلي ساڻ هجي تہ ماڻهو ڪيترائي وهنوار جا ۽ ڌرم جا ڪاريہ ڪري سگهي ٿو. پريميو! توهان ٻہ نت نيم ڪجھ وقت ڀڳوت ڀڄن ڪريو.

۲۳ مارچ صبوح جو پوڄنيہ سوامي جن جهوليلعل مارڪيٽ ۽ هيراڻي مارڪيٽ جو مهورت ڪندي چيو تہ سنڌين واپار جي ڪيتر ۾ نالو ڪڍيو آهي. سنڌين جو ان سڌانت ۾ وشواس آهي تہ ٿوري ڪڻئي گهڻي برڪت. پريميو! پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھ حصو دان پڃ ۾ خرچ ڪريو.

۲۴ مارچ سوامي جن اچلڪرنجيءَ ۾ پڌاريا. اُتي پياري برجلعل هيراڻيءَ پنهنجي گهر ۾ سوامي جن جو جنمدن ملهايو. اُتان سوامي جن بيلگام روانا ٿيا. اُتي ۲۴-۲۵ مئي سوامي جن ستسنگ ورڪا ڪئي.

گوڌرا ۾ پريمين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جنم شتابدي اُتسوُ ۲۷-۲۸ مارچ ۱۹۸۷ شري ارجنداس ماڪيجاڻي هال ۾ پوڄنيہ سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو. ان اتسوُ سنٻنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ۲۷ مارچ صبوح جو گوڌرا ۾ پڌاريا. سندن عزت ۾ شاهي جلوس ڪڍيو ويو. شري گوبندرام رانولاڻي سوامي جن جو سواگت ڪيو.

سوامي جن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي چيو تہ ستگرو مهاراج هزارن پريمين کي شري ستنام ساکيءَ جو منتر ڏيئي سندن مارگ درشن ڪيو. ستگرو مهاراج مهان ودوان گيانوان هئا. سادگيءَ جي صورت ۽ نمرتا جي مورت هئا. پريميوا توهان بہ ستگرو مهاراجن جي سکيائن تي هلي جيون سڦل ڪريو. گهر گرهست ۾ رهندي نام جپيو، دان پڃ ڪريو. سڀني پراڻين کي پنهنجو پيار ڏيو.

۲۹ مارچ آرتوار صبوح جو ۹ ٻجي پوڄنيہ سوامي جن گوڌرا مان واپس سنڌونگر ۾ پڌاريا. آشرم ۾ مهاراشٽر آيرويدڪ چڪتسا منڊل جو سميلن ۽ چڪتسا شوَر ڊاڪٽر ايشوري گانڌي ۽ ٻين وئدين جي پرشارٽ سان آيوجت ڪئي وئي. منجهند جو ۱۲ ٻجي سوامي جن وئدين جي سميلن ۾ پروچن ڪندي چيو تہ آيرويد چڪتسا اسانجي پراچين چڪتسا آهي. ڪايا کي نروگہ رکڻ لاءِ آيرويدڪ

ستسنگ ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

٢١ جون آرتوار ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جو سوامي جن پمپري ڪالونيءَ ۾ سنت ڪيول پرڪاش جي ٻارهي جي موقعي تي ستسنگ ڪندي چيو ته سنت ڪيول پرڪاش سوامي گوالانند مهاراج جو پرم شش هو. سانت ئي سانت ۾ ڀڳوت ڀڄن ڪندو هو. ڪنهنجي تيري ميريءَ ۾ ڪين هوندو هو. ڪيس ڪيڏي نه شاريرڪ پيڙا هوندي هئي، تڏهن به مشڪندو رهيو. شل پرماتما ڪيس پنهنجي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي.

٢١ جون شام جو سوامي جن سوامي اونڪار آنند آشرم سنڌونگر ٥ ۾ سوامي اونڪارآنند مهاراج جي پٽيه تڪي اُتسو سنٻنڌ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته سوامي اونڪارانند مهان گيانوان ۽ ودوان سنت هئا. ويدانت جا ماهر هئا. سوَن ڪي آتم گيان جي راهه بتايائون. پريميوا توهان به سندن سکيائن تي عمل ڪري منش جيون سڦل ڪريو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ١٠١ جنمدن اُتسو سوامي بسنترام پريم پرڪاش آشرم دهلي گيٽ اجمير ۾ ٢٧ جون کان ١ جولاءِ ١٩٨٧ تائين ملهايو ويو. پوڄنيه سوامي جن ان اُتسو سنٻنڌ ۾ ٢٤ جون اجمير ۾ پهچي ويا. اُتي سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي.

٢ جولاءِ سوامي جن جوڌپور ۾ پڌاريا. اُتي گر سنگت دربار ۾ پياري لونگمل ڀيرواڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ٻه ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. ٥ جولاءِ سوامي جن احمدآباد سمرت نگر جي سوامي وويڪانند هال ۾ ستسنگ ڪيو.

١١ جولاءِ سنڌونگر ٥ آشرم ۾ گرو پوڄا جي پوتر ڏينهن سوَن شرڌالن ستگرو مهاراجن ۽ سوامي جن جي پوڄا اُپاسنا ڪئي. سوامي جن گروءَ جي مهما ڪندي چيو:

سنسا سڪل نوارهين ديڪر آتم گيان،
ڪهه ٽيئون اس جگت ۾ ستگر سو پهچان.

پريميوا سچو گرو شش جا سنسا پرم نورت ڪري کيس آتم گيان ڏيئي آتم ساڪياتڪار ڪرائي ٿو. ستگروءَ دواران ڏنل منتر جو جاپ ڪريو. جاپ ڪندي توهان جي انيوَ جو دوار کلندو. گرو منتر جي ساڌنا ۾ وڏي شڪتي آهي. وشواس رکي ساڌنا ڪريو ته توهان جو جيون سڦل ٿئي.

١٣ جولاءِ ١٩٨٧ صبوح جو ١٠ بجي پوڄنيه سوامي جن سوامي ٽيئونرا منڊلي سنڌونگر ٢ جي نئين ستسنگ هال جي ڀومي پوڄا ڪرائي. سوامي جن ان موقعي تي پياري جيوڻداس آهوجا، پياري موٽومل چانڊواڻي، ڀڳوانداس ڪيسواڻي، رامچند نانڪرام ۽ ڀيڻ ميران کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان هٿ ستسنگ هال نهرائي اُتم ڪاريه ڪري رهيا آهيو. ڪيترائي سنت مهاتمائون هت اچي ستسنگ ڪري نام جپائيندا.

سوراشٽر ۾ سوڪ سبب سوامي جن شيواڌارين جي ٽولي سوڪ پيڙتن جي سهائتا لاءِ سوراشٽر ۾ موڪلي جتي ڀاءُ نيوندرام لوڪواڻيءَ جي سهڪار سان ڪن شهرن ۾ پاتالي نلڪا

تانتي ٿم ستسنگ ڪر، نشچيہ من ۾ ڌار.

سنتن جو سنگ ڪام، ارٿ، ڌرم، موڪش، چارئي پدارٿ ڏيڻ وارو آهي، ان ڪري سديوَ سنتن جو سنگ ڪريو.

جاڪرتا مان جئپور امراپور استان تي سنت اننت پرڪاش کي ڀيڻ ڀاري لوينا ناٿاڻيءَ فون ڪيو تہ ڀيڻ ريٽا ناڪرداس پيري ڀاري آهي. سندس سونوگرافي ڪرائي ويئي آهي، جنهن ۾ ڏيکاريل آهي تہ ڪيس ڏيءَ ڄمندي. هن کان اڳہ ڪيس ڌيئر آهن. هيءَ ڏاڍي وياڪل ٿي پيئي آهي. انڪري پوڄنيہ سوامي جن کي وينتي ڪريو تہ اُتسو جي موقعي تي پلئہ پائين، جئن ريٽا کي ڪڪيءَ جي بدران ڪڪو ڄمي. سندس جهول سائي ٿئي. سنت اننت پرڪاش پوڄ سوامي جن کي فون جو احوال ٻڌائيندي پلئہ پائڻ لاءِ عرض ڪيو. مگر ميلي جي ڀيڙ سبب سوامي جن ساري سنگت جو گڏي پلئہ پاتو. اُتسو جي سماپتيءَ کان پوءِ سوامي جن جئپور کان اِندور ٽرين ۾ وڃي رهيا هئا تہ چتوڙ ڳڙهہ اسٽيشن تي سنت اننت پرڪاش وري سوامي جن کي ريٽا کي پتر سنتان ٿيڻ لاءِ پلئہ پائڻ جي وينتي ڪئي. سوامي جن چيو پيارا! جنهن صورت ۾ ايڪسري ۾ ٻالڪي ڏيکاريل آهي تہ ٻالڪ ڪيئن ڄمندو! تڏهن سنت اننت پرڪاش وري عرض ڪندي چيو تہ اوهان سمرٿ آهيو، ريٽا جي اڇا پوري ڪريو. تڏهن سوامي جن چيو تہ اسانکي اهڙي طاقت ڪين آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ئي سمرٿ آهن. ڪين وينتي ڪريون ٿا، وڌيڪ جئن ايشور اڇا. سوامي جن اُتي ئي پلئہ پاتو. اپريل ۾ سوامي جن پلئہ پاتو. مئي ۾ جاڪرتا مان فون آيو تہ ريٽا کي ستگرو مهاراجن جي ڪرپا سان ڪڪو ڄائو آهي. ايڪسري ۾ ڪڪي ڏيکاريل هئي. سوامي جن جي پلئہ ۽ پرارٿنا ڪڪيءَ کي ڪڪو بڻائي ڇڏيو. ريٽا ناڪرداس جي پٽ پڌري ٿي. سندس سارو پريوار باغ بهار ٿي پيو.

سنت اوڌوداس برهمچاري سنڌو گيتا گيان يون ٽرسٽ طرفان ٢٩ اپريل کان ٥ مئي ١٩٨٧ تاءِ ٻڙودا ۾ گيتا گيان مها يگيہ جو آيوجن ڪيو. ٣٠ اپريل سوامي جن اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ ٻڙودا ۾ پڌاريا. سنت اوڌوداس ۽ ڀاءُ پرتاب رامچنداڻي سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ٽي ڏينهن ستسنگ ڪندي چيو تہ شريمد ڀڳوت گيتا اسانجو اموليہ امر خزانو آهي. ڀڳوان شري ڪرشن جي مکاروند جي هيءَ امرت واڻي شروڻ ڪرڻ سان ئي آتم گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. پريميو! توهان سوڀاڳيشالي آهيو جو هت هر سال سنت اوڌوداس گيتا گيان يگيہ جو آيوجن ڪري توهان کي شريمد ڀڳوت گيتا جو امرت پيئاري ٿو. نت نيم ان مهان گرنٿ جو اڀياس ڪريو ۽ پنهنجي جيون ۾ شريمد ڀڳوت گيتا جون سکيائون هنڊايو، پرم آنند پايو.

پريم پرڪاش آشرم آگري ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمشتابدي اُتسو ٢٤ مئي ١٩٨٧ کان ٢٨ مئي تائين ملهايو ويو. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن ٢٦ مئي آگري ۾ پڌاريا. شري ڀڳونداس سوامي جن جو سواگت ڪيو. شام جو ٤ بجي سوامي جن جي نيترتوَ ۾ شوڀا ياترا نڪتي. ٻئي ڏينهن سوامي جن سنڌي ڌرمشالا ڪالا محل ۾

۵ آگسٽ پوڄيه سوامي جن دادا امر جي ستسنگ هال ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. دادا امر سوامي جن جو سواگت ڪيو. ٦ آگسٽ سوامي جن ليلا ٻيڻ جي ستسنگ هال ۾ ستسنگ ورڪا ڪئي. ٧ آگسٽ سوامي جن سنڌونگر ۾ آشرم ۾ واپس آيا.

٩ آگسٽ آرتوار ڏينهن سوامي جن جو ٨١ جنمدن اتسو جنتا جناردن پريشد جي سهاري آشرم ۾ ملهايو ويو. صبوح جو سوامي جن سفيد پوش ٻينرن کي روڪ سهائتا، اناج ۽ چادرون ڏنيون. شام جي ستسنگ ۾ ڪيترن پريمين سوامي جن کي پشپانجلي ڏني. ڊاڪٽر ديال آشا پريشد جي شيوا ڪارين تي روشني وڌي. پوڄنيه سوامي جن پريشد جي سوونيئر جو مهورت ڪيو. ڊاڪٽر ديال آشا پوڄيه سوامي جن جي ڀڄنن جي ڪئسيٽ 'ڀڄن بهار' تيار ڪئي. پوڄيه سوامي جن اُن ڪئسيٽ جو پڻ مهورت ڪيو. سوامي جن پروچن ڪندي چيو:

اڪ ڀگوت ڪي نام بن، بول نه دوُجي بات،
ڪهه ٽيئون هر نام ڪا، سمرن ڪر دن رات.

پريميو! مانش جيون جي سارٿڪتا آهي نام سمرڻ ۽ شيوا ۾. ڪيترا پيارا ودوتا هوندي به پريوءَ ڪان پري رهجي وڃن ٿا. شاهه لطيف به آکيو آهي:

'پاڻيءَ مٿي جهوپڙا، مورکه اُڃ مرن.'

توهان به ستسنگ ۾ اچي ڪجهه سکيا هنڊايو، جيون سڦل بڻايو. دکين جي شيوا ڪريو.

٣١ آگسٽ رات جو شاليمار سوسائٽي سنڌونگر ٢ ۾ پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته اڄ پياري ڊاڪٽر جي.ايس.گرناڻيءَ جي ٻالڪ جو جنمدن آهي. جنم معنيٰ خوشي. جنمدن جو ڏينهن اميدن جو ڀنڊار آهي ته ٻالڪ اڳتي هلي ماتا پتا گرن وڏڙن جي شيوا ڪندو، سماج جي شيوا ڪندو. ٻالڪ جو جهڙو نالو رتن آهي، ايشور ڪرپا سان اڳتي هلي شل هو سماج جو سچو رتن بڻجي. پريميو! ستسنگ ۾ اچي به جيڪڏهن رام نام جو رنگ نه لڳي ته ڪهڙو فائدو. رام جي سنگ ۾ پڪي به تري ويا. جٽايوُ پکي رام جي ڪم آيو ته امر ٿي ويو. سنت ڪبيرداس، ڀڳت ڪنوررام، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پنهنجي ڪرمن جي ڪري ئي مهان بڻيا. ست ڪرم ئي منش کي سهڻو بڻائيندا آهن. ڪرم ڪنڊڙ جو به جس ته سندس وڏڙن جو به جس. ٽرين ۾ جنهنکي ٽڪيٽ هوندي آهي اُن کي ڪنهن به ٽي.سيءَ جو ڊپ ڪين ٿيندو آهي. بنا ٽڪيٽ وارو ڊپ وچان هڪ هڪ اسٽيشن تي ڏسندو، متان ٽي.سيءَ نه پڪڙي. توهان کي به جيڪڏهن نام روپي ٽڪيٽ هوندي، ستڪرمن روپي ٽڪيٽ هوندي ته سنسار جي سفر ڪرڻ ۾ ڪا دقت ڪين ٿيندي، ڊپ ڪين ٿيندو ۽ ٻئي لوڪ سهيلا ٿيندا. ان ڪري خوب نام جپيو ۽ شڀ ڪرم ڪريو. ڊاڪٽر جي.ايس.گرناڻي سوامي جن جو سواگت ڪندي سندن شڪرادائي ڪئي.

ڊبئيءَ جي پريمين جي نمترڻ تي پوڄنيه سوامي جن ٢ سيپٽمبر ڊبئيءَ ۾ پڌاريا. ڊبئي هوائي اڏي تي ڊاڪٽر آسوداڻي، ڀاءُ گنگاڌر هوتچند، ڀاءُ هريش ڪکواڻي، ڀاءُ ڀڳوان اُڏراڻي، ڀاءُ راجو لالا، ڀاءُ هريش ڪيماڻي ۽ ٻين ڪيترن پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو.

نهرايا ويا. روڪ ۽ سيڌي جي مدد ڪئي وئي. بهار ۾ ٻوڏن پيڙتن جي سهائتا لاءِ ٻاءِ دوارڪي سندرائيءَ جي سهڪار سان طوفان ۽ ٻوڏ پيڙتن کي مدد ڪئي وئي. سوامي جن بهار ۾ پيڙين لاءِ هڪ سؤ جهوپڙيون نهرايون.

بئنگلور سنڌي مرچنٽ ائسوسيئيشن جي نينڊ تي پوجنيہ سوامي جن ٣ آگسٽ مئسور مان بئنگلور ۾ پڌاريا. ۴ آگسٽ صبوح جو سوامي جن پيڻ ليلان جي گهر ستسنگ ڪيو ۽ شام جو گرو مندر ۾ ستسنگ ڪيو. ٥ آگسٽ صبوح جو سوامي جن گرو مندر ۾ ستسنگ ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

پريوءَ کي دل سان ياد ڪريو، نہ صرف زبان سان. پرماتما جو ڪهڙو بہ نالو وشواس سان جپيندا تہ توهان کي سڦلتا ملندي. مترا ۾ هڪ پنڊت ڪٿا ڪندو هو. هڪ ڏينهن اُن پنڊت ڪٿا پئي ڪئي تہ هڪ ڏوڌڻ اُتان لنگهي ۽ هوءَ اُن ستسنگ ۾ ويهي رهي. پنڊت ڀڳوان جي نام جي مهما ڪندي چيو تہ ڀڳوان جي نام جي جپڻ سان ڀو ساگر مان بہ پار لنگهي سگهجي ٿو. نام جي نؤڪا ۾ چڙهي هي دنيا جو درياهہ پار ڪريون. اُن ڏوڌڻ ماتا پنڊت جي ان وچن ۾ ويساهہ رکيو. هوءَ روز ٻيڙيءَ واري کي پئسو ڏيئي جمنا جي هن پر ويندي هئي. سندس جهوپڙي جمنا نديءَ جي هن پر هئي. اڄ جئن هوءَ جمنا نديءَ جي گهاٽ وٽ آئي تہ هري ڪرشن هري رام اُچاريندي نديءَ ۾ گهڙي. هوءَ بنا ٻيڙيءَ ندي پار ڪري هن پر وئي. ايشور ۾ سندس ويساهہ وڌيو. هوءَ روز ڏڌ جي چاڏي ڪٽي رام نام اُچاريندي نديءَ ۾ گهڙندي هئي، جڻ سڪيءَ تي پنڌ ڪندي هئي. هڪ ڏينهن هن ويچار ڪيو تہ جنهن پنڊت جو مون وچن ڪنيو آهي ان کي اڱڻ ۾ گهرايان. اها ماتا پنڊت وٽ وئي ۽ کيس وينتي ڪيائين تہ سندس اڱڻ ۾ پير گهمائي ڀوڄن ورتائي. پنڊت سندس وينتي سويڪار ڪئي ٻئي ڏينهن اُها ڏوڌڻ پنڊت کي پنهنجي گهر وٺي اچڻ لاءِ آئي. ٻئي گڏجي جئن جمنا جي ڪناري تي آيا تہ ان ماتا پنڊت کي چيو تہ جمنا نديءَ ۾ گهڙو. پنڊت چيو تہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ھن پار هلبو، ائين ڪيئن نديءَ ۾ گهڙبو. اُن ڏوڌڻ کيس چيو تہ ان ڏينهن توهان ڪٿا ۾ چيو تہ نام جي نؤڪا ڀو ساگر مان پار پهچائيندي آهي. سو مان رام نام اُچاريندي روز نديءَ ۾ گهڙندي آهيان ۽ سولائيءَ سان وڃي ھن پار پهچندي آهيان. اوهان بہ رام نام اُچاري مون سان گڏ جمنا ۾ گهڙو. پنڊت اهو ٻڌي وسميہ ۾ پئجي ويو ۽ چيائين مائي، تون ڪا پاڳل آهين! مونکي نديءَ ۾ ٻڏڻو ڪين آهي. مونکي ڀوڄن تي ڪارائين يا نديءَ ۾ ٻوڙڻ لاءِ وٺي آئي آهين. مونکي ٻيڙيءَ ۾ وٺي هل. اها ڏوڌڻ رام نام اُچاريندي جمنا نديءَ ۾ گهڙي ۽ جلدي هن پار پهچي وئي. اهو ڏسي اهو ڪٿا واچڪ پنڊت ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳو. ڏوڌڻ پنڊت کي پريان اشارا ڪيا تہ تون بہ ائين نديءَ مان هليو اچ، مگر پنڊت جو رام نام ۾ پورو وشواس ڪين هو. کيس پنهنجي شرير جي چنتا هئي. جنهن ماتا ان پنڊت جو وچن ٻڌي رام نام ۾ وشواس رکيو، سا اڻ پڙهيل ڏوڌڻ ڪتي وئي، پڙهيل پنڊت ائين رهجي ويو! ان ڪري پيارا، پريوءَ ۾ پورڻ وشواس رکي پريم سان، دل سان پريوءَ کي پڪاريو تہ توهان جا ٻيڙا بہ وڃي ٻني لڳندا. نام سمرڻ ۾ وڏي شڪتي آهي، جو شرڌا ۽ وشواس سان جپيندو سوئي سڦلتا جو سهرو ٻڌندو.

ٽي.چوئٿرام ستسنگ هال ۾ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو:

ٽيئون هرڪو پاوتي، ڪيول من ڪا پريم،
جانو من ڪي پريم بن، سوني جپ تپ نيم.

پريميو! پرڀو پريم سان ئي پرسن ٿئي ٿو. ڀڳوت پريم ڪانسواءِ ٻيا جپ تپ اڌورا آهن. پريمين جي پرماتما پاڻ اچي سار لهي ٿو.

ڀڳت چترداس جي من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ اتينت پريم هو. هي پيارو پنهنجو گهرٻار تياڳي برج ڀوميءَ ۾ اچي رهيو. هي پيارو سمورو وقت ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتيءَ ۾ لين رهندو هو. هڪ دفعي لند ڳانوَ ۾ هي پيارو بکيو ۽ پياسو هو، پر تنهن هوندي به شري ڪرشن! شري ڪرشن! پئي پڪاريائين. ايتري ۾ ڀڳوان شري ڪرشن ڪمار اوسٿا ۾ کير جو لوٽو کڻي اچي هن ڀڳت جي سامهون پرگهٽ ٿئي ٿو. ڀڳت ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿئي ٿو. ڀڳوان کيس کير پياري انترڌيان ٿي وڃي ٿو. ڀڳت چترداس پريم وچان ور ور پڪاري ٿو 'منهنجا ڪرشڻ! وري اچي پنهنجي پريم جو پاٽي مون پياسيءَ کي پيئار! وري نينهن واري نگاهه سان نهار.' ڀڳت چترداس زار زار لڙڪ لاڙي ٿو. رات جو جڏهن کيس ننڊ اچي ٿي تڏهن ننڊ ۾ ڀڳوان کيس درشن ڏيندي چوي ٿو 'پيارا، توکي روز برجواسي کير پيئاريندا رهندا. تون پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ مگن رهه.' صبوح ٿيڻ سان ڪيئن نه ڪي برجواسي هن پياري وٽ کير کڻي ايندا هئا. هي پيارو ڀڳوان شري ڪرشن کي کير جو ڀوڳ لڳائي پاڻ به ورتائيندو هو ۽ ٻين کي به کير پيئاريندو هو. ڀڳوان پنهنجي پيارن جي ڪيئن نه سار لهي ٿو. پريميو! توهان به پريم سان پرڀوءَ کي پڪاريو ته پرماتما توهانجي اچي سار لهندو.

آسٽرا هوٽل ۾ سوامي جن جي آجيان ۾ خاص اُتسو رکيو ويو. ڀاءُ رام بخشاڻي، ڀاءُ راجو لکميچند للا ۽ ڀاءُ گنگاڌر هوتچند روهڙا سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن ان موقعي تي ستسنگ ڪندي چيو ته پريميو! توهان ڀلي هت ڊبئيءَ ۾ رهي ڌنڌو وهنوار ڪريو، ڌن ڪمايو پر سنڌيت سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سنسڪرتيءَ کي نه ڀلايو. پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. وديش ۾ به اهڙا ڪم ڪريو جئن سنڌي جاتيءَ جو شان بلند ٿئي. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھ حصو دان پُڃ ۾ خرچ ڪريو. توهان ڏکين بکين جي سار لهندا ته پرماتما وري توهان جي سار لهندو.

پريميو! زندگيءَ ۾ غم کائڻ سکو. ڪروڌ ڪرڻ ڪري ڪيترين بيمارين پيدا ٿين ٿيون. ڪروڌ مان ڪيترائي نقصان ٿين ٿا. آتمڪ، مانسڪ، شاريرڪ، سماجڪ، آرٿڪ هاڃي ٿئي ٿي. ان ڪري ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ٽيئون ڪروڌ نه ڪيجئي، من ۾ شانتي ڌار،
شانتي سي سک هوت هئه، پاپ تاپ پرهار.

ڪروڌ اوندهه سمان آهي. اوندهه ۾ به ڏسي سگهبو آهي، پر ڪروڌ ۾ پنهنجي پرائي

سوامي جن سان سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، ديال آشا، سنت ٽوپڻداس پنجوائي، پيارو گيانلعل گڏ هئا. سوامي جن ڀاءُ گنگاڌر روهڙا جي گهر ۾ رهيا. ڀيڻ وندنا گنگاڌر ڏاڍي پريم سان شيوا ڪئي.

شام جو سوامي جن گر مندر ۾ ستسنگ ڪندي چيو:

ست دارا اور لڪشمي، پاپي ڪو ڀي هوءِ،

سنت سماگم هر ڪٿا، تلسي درلڀ دوءِ.

پريميوا توهان کي ڏنيواد آهي جو نت نيم گر دربار ۾ اچي ستسنگ جو لاڀ وٺو ٿا. سنساري سنبنڌي ته پاپين کي به هوندا آهن، پر سنتن جو درشن ۽ ڀڳوت ڪٿا شروع جو وجهه ڀاڳن واري کي ملي ٿو. جيئن هوا جي سنبنڌ سان گل جي سڳنڌ نڪ تائين پهچندي آهي، اهڙي نموني ستپرش ستگرن جي سنبنڌ ۽ سيوا سان نرمل چت سهج سڀاءِ پرماتما تائين پهچي ويندو آهي. ان ڪري ڪنهن نه ڪنهن پربهوءَ جي پياري ستپرش سان پريم جو ناتو جوڙيو، جيڪو توهان کي ست مارگ بتائي، ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

کهي ٽيئون نت نيم سي سنسنگ ۾ جو جاءِ،

سنتن ڪي پرساد سي، سو جن مڪتي پاءِ.

ڀاءُ واشولعل شراف سوامي جن جو سواگت ڪندي شڪرگذاري ڪئي.

سوامي جن دبئيءَ ۾ جدا جدا پريمين جي گهرن ۾ ٻارهن ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪئي. دبئيءَ ۾ ڀڳتي ۽ پريم جي جڻ ڌارا پرواهت ٿي. ڀاءُ ڀڳوان (ايشور) اڏرائيءَ جي گهر سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته پياري واسديو جي من ۾ ستگرن لاءِ ۽ پربهوءَ لاءِ سڪ هئي. توهان به من ۾ پربهوءَ لاءِ پريم رکو. سنتن ستپرشن ۽ وڏن جي عزت ڪريو.

ڪڏهن به ڀڳوان جي ڀڳت جو يا اُن جي ڏنل شيءِ جو نرادر نه ڪرڻ گهرجي. ڀڳتياڻي شبري ڀيلڻي جهنگل ۾ جڏهن ڀڳوان شري رام اڳيان ميوو کائڻ لاءِ رکي ٿي، تڏهن پربهو شري رام ته پريم پوروڪ سندس جهنگلي ميوو کائي ٿو، مگر شري لڪشمڻ هڪ ڦل ڪٽي نفرت وچان نه کائي پاسيرو ڦٽو ڪري ٿو. ڀڳوان شري رام ۽ راوڻ جي لڙائيءَ ۾ جڏهن ميگهنات شري لڪشمڻ سان زبردست يڌ ڪندي کيس بيهوش ڪري ڇڏي ٿو، تڏهن راجکيه وئديه صلاح ڏئي ٿو ته سنجيوني ٻوٽيءَ کانسواءِ شري لڪشمڻ هوش ۾ اچي ڪين سگهندو. شري لڪشمڻ جي حياتي بچائڻ لاءِ ڪيئن نه شري هنومان سنجيوني ٻوٽي کڻي ويو. شري لڪشمڻ ڀيلڻيءَ جو جيڪو ڦل نفرت وچان پاسيرو ڦٽي ڪيو هو، اُن مان ئي سنجيوني ٻوٽي پئدا ٿي ۽ اُن سنجيوني ٻوٽيءَ دواران ئي شري لڪشمڻ سرجيت ٿيو. پريميوا ان ڪري پرساد جو يا ڪنهن پربهوءَ جي پياري جي شيءِ جو نرادر نه ڪريو. راجا تنگڌوج شري ستيناراڻ سواميءَ جي ڪٿا پريم سان نه ڏي پرساد گرهڻ ڪيو تڏهن کيس راڄ ڀاڳ وري سرڪشت مليو. ڀڳوان اُڏرائيءَ جي ماتا انديءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو. ان بعد سوامي جن ڀاءُ خوبچند واسديو اُڏرائيءَ جي گهر پيرا گهمايا.

ڪونہ ڪو پراُپڪار جو ڪم ڪريو. سدائين ھين ڪي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ڀڳتي توھان جي وھنوار ۾ باڌڪ ڪين ٿيندي. ڀڳتيءَ دواران پاڻ توھان کي آتمڪ شڪتي ملندي، توھان جا مشڪل ڪم آسان ٿيندا.

باڌڪ ھوتا ھئہ نھين، ڀڪتي مانھن ويوَھار،
جنڪ پيشم پرٿو آد، نرپ ڀيي سھج ڀوَ پار.

پوڄنيہ سوامي جن پياري مورجمل منگھناڻي ۽ پياري رام بخشاڻيءَ جي بنگلي تي ستسنگہ ڪندي چيو تہ ھي ٻئي پيارا سنڌي سماج جا املھ رتن آھن. منجھن ڪيڏو نہ قرب ۽ نمرتا آھي. پريميو! ڌن دولت عقل علم گيان ۾ توھان ڪيڏي بہ ترقي ڪريو، پر اندر ۾ ايمان نہ رکو. آڪڙ انسان کي نقصان پھچائي ٿي.

ھڪڙو سنت پنھنجي شش سان گڏ وڃي رھيو ھو. رستي تي ھڪ ميدان تي وديارٿي فوٽ بال راند ڪري رھيا ھئا. شش اھو نظارو ڏسي گروءَ کان پڇيو ’گروجي! ھن ويچاري بال ڪھڙو گناھ ڪيو آھي جو ڪيس ھيڏانھن ھوڏانھن اُڇلائي رھيا آھن ۽ ڪيس ڏک ھڻي رھيا آھن؟ سنت چيو ’پيارا! بال ھوا پرائي ايمان ۾ ڦوڪجي سيٺجي ويو آھي، ان ڪري ڏک ٿو ڪائي. اھنڪاري ۽ ايماني جيوَ جو بہ اھڙوئي حال ٿئي ٿو، ھو ڪڏھن شانتي نٿو پائي. ٺاپا ٺوہا ڪائي ٿو. پريميو! ان ڪري نماڻا ٿيو. ستگرو مھاراج پڻ فرمائين ٿا:

نمر ڀاوَ من ڌارلي، تياڳي من ايمان،
ٽيئون شيل سوڀاو سي، اپنا ڪر ڪليان.

ڪنھن نہ ڪنھن سنت ستپرش جو سنگہ ڪريو. اُنھنجي سنگہ ڪرڻ سان توھان اشڀ ڪرمن کان دور رھندا ۽ ست ڪرم ڪندا. مورکن جو سنگہ جيون بگاڙيندو آھي ۽ سنتن جو سنگہ جيون سڌاريندو آھي.

سنسار جي ساگر مان پار پوڻ لاءِ ڪنھن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وڃو، جو توھان کي نام جي نؤڪا ۾ چاڙھي پار لڳائي. گروءَ کي پرارٿنا ڪجي:

ڀوَ ساگر ڪي بيچ ۾، ڏوبت ھوُن گرديو،
ڪھ ٽيئون موھ ڪاڍلي، دي نج آتم ڀيوَ.
چرنو ڪا چاڪر ڪرو، ستگر ڪرپا ڌار،
ڪھ ٽيئون سيوا ڪرون نش دن تيري دوار

١٣ سيپٽمبر شام جو ٽي.جوئٿرام ھال ۾ ڏبئيءَ جي سنڌي سماج طرفان سوامي جن جو ودائي سماروھ رکيو ويو. ان موقعي تي ڊاڪٽر ديال آشا سوامي جن جي ڪرم يوگي جيون تي روشني وڌي. سنت اننت پرڪاش پڻ ڀڄن ڳائيندي سوامي جن جي مھما ڳائي. سنڌي سماج طرفان سوامي جن کي مانپتر ڏنو ويو. ڀاءُ رام بخشاڻي مانپتر پڙھندي چيو تہ ڏبئيءَ ۾ سوامي جن جي پڌراجڻ سان آنند جي لھر ڇانئجي ويئي آھي. سوامي جن ڏبئيءَ ۾ جدا جدا آستانن تي

جي پروڙ کين پوندي آهي. ڪروڌيءَ جو منهن سڇيل هوندو آهي، ڇڻ ڪنهن ڏينهوءَ چڪ پاتو اٿس. جيڪڏهن ڪروڌ مان کو تڪ ڦٽي ڪري ۽ اُن تڪ تي ڪا مک ويهي ته اُها مک مري ويندي، ڇاڪاڻ ته ڪروڌيءَ جي تڪ به زهريلي ٿيندي آهي. ڊاڪٽرن پڻ اهڙا تجربا ڪيا آهن. ڪروڌي ماتا جي ٿڃ به زهريلي ٿئي ٿي. جيڪڏهن ڪا ماتا ڪروڌ ۾ آهي ۽ اُن جو ٻالڪ ان وقت ٿڃ پيئندو ته اُهو ٻالڪ بيمار ٿي پوندو.

ڪروڌ چنڊال آهي، ڪروڌ ڪرڻ ڪري ڪيل تپسيا به ناس ٿي وڃي ٿي. ڪروڌي بلڊ پريشر ۽ ٻين ڪيترين بيمارين جو شڪار ٿئي ٿو. ڪروڌ وڏو زهر آهي. زهر نانگ وٽ هوندو آهي، پر ڪيس کو نقصان ڪونه رسائيندو آهي. ڪروڌي پاڻ به پيو اندر ۾ سڙندو ۽ ٻين کي به پيو ساڙيندو.

نرڪ جا ٽي دروازا آهن: ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ. ان ڪري انهن ٽنهي وڪارن جو ترڪ ڪرڻ گهرجي. ڪروڌ جي ڪري ڪيترا جهڳڙا ٿيندا آهن، نقصان ٿيندا آهن. ڪروڌ وڏي بيماري آهي. ڪروڌ شپ ڪرمن کي ڪٽڻ جي ڪهاڙي آهي. ڪروڌي سدا دکي رهي ٿو.

ڪنهن راجا ڪاوڙ جي ڪري پنهنجي راڄ پروهت کي سندس ڪيل غلطيءَ سبب راڄڌانيءَ مان ڪڍي ڇڏيو. پروهت راجا جو ڪروڌ شانت ڪرڻ جي گهڻي ڪوشش ڪئي پر راجا جو ڪروڌ جهڪو نه ٿيو. ان ڪري پروهت دکي گذارڻ لڳو. ڪيس دکي ڏسي راڄ محل جي جهاڙو هڻندڙ پروهت کان دک جو ڪارڻ پڇيو. تڏهن هن ڪيس ٻڌيو ته راجا جي ڪروڌت ٿيڻ سبب نيڪالي ملي آهي، ان ڪري دکي آهيان. اُهو هريجن راڄ محل جي صفائي ڪري راجا کي ڇوڻ لڳو، مونسان انصاف ٿيڻ گهرجي. راجا ان کان پڇيو ’توسان ڪهڙي بي انصافي ٿي آهي؟‘ هريجن وراڻيو،’راجن، توهان منهنجي ڀاءُ کي پاڻ وٽ روڪي وهاري ڇڏيو آهي.‘ راجا عجب مان پڇيو ’تنهنجي ڪهڙي ڀاءُ کي مان پاڻ وٽ روڪي ڇڏيو آهي؟‘ هريجن وراڻيو: راجن، مان ذات جو چنڊال آهيان، اهو ڪروڌ منهنجو ڀاءُ آهي. اهو ٻڌي راجا ڪروڌ جو تياڳ ڪيو.

ڪبير سنگت ساڌ ڪي، جوَ ڪي بوسي کاءِ،
کير کنڊ رس ڀوڄن ملي، مورک سنگ نه جاءِ.

ان ڪري سنت ڪبيرداس پڻ چوي ٿو ته مورکن جي سنگ ۾ جيڪڏهن نانا پرڪارن جا سوادي ڀوڄن ملن، تڏهن به اُنهن جو سنگ نه ڪجي ۽ سنتن جي سنگ ۾ جوَن جي روٽي نصيب ٿئي، تڏهن به انهن جو سنگ نه ڇڏجي. پريميوا روز ايڪانت ۾ ويهي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. ڪاڏي پيتي ڏنڊي وهنوار آرام لاءِ وقت ڏيو ٿا، تيئن ڪجهه وقت سمرڻ ۾ سڦل ڪريو. سمرڻ واريون گهڙيون ئي سچايون گهڙيون آهن.

سوامي جن جدا جدا ڏينهن تي پياري ڊالورام جتوائي، پياري موهنلعل منسڪائي، راجو لکميچند للا، هريش ڪشنچند ڪيمائي، سندر منگهنائي، هيرانند ادنائي، ڊاڪٽر آسودائي، گنگاڌر روهڙا، هريش لونگائي، لوڪيش اُڏرائي، ڊاڪٽر چرن ڪمل ڪيائي ۽ گرو مندر ۾ ستسنگ ورڪا ڪندي اُپديش ڏنو ته ٻيون سڀ ڳالهيون وساريو، پر نام کي نه وساريو. روز

سنت وچن سنگي ڪرو، ٿيئون هو ڪليان.

ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ٩١ جنمدن اُتسو پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ ٣ آڪٽوبر کان ٧ آڪٽوبر آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن ٢ آڪٽوبر هردوار ۾ پڌاريا. چارئي ڏينهن سوامي جن ۽ ٻين سنتن ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون ۽ ڪاريہ تي روشني وڌي.

مندا ڪس ڪا نا ڪرو، مندي مندا هوءِ،
بويي ڪيڪر بيج ڪو، سڪہ نا پاوت ڪوءِ.

پريميوا ڪنهنجو بہ برو نہ چاهيو، نہ برو وهنوار ڪريو. جيڪو توهان سان برو هلي ٿو، اُن کي قدرت پاڻيهي اهڙي موٽ ڏيندي. توهان سيني سان ڀلائي جا پير ڀريو. هڪڙي شهر ۾ هڪ ڪاٺين جي واپاريءَ چندن جون ڪاٺيون خريد ڪري رکيون. سال گذري ويا پر چندن جي ڪاٺين جو ڪو خريدار ڪين آيو. ڪاٺين واري ويچار ڪيو تہ هيترو وياج بہ تاوان. سندس من ۾ برو ويچار پيدا ٿيو تہ هن رياست جو راجا مري تہ من تڏهن چندن جون ڪاٺيون هلن ۽ سيڙپ جا پئسا نڪرن. هڪ ڏينهن راجا ۽ وزير سئر ڪندي اُن ڪاٺين واري جي مڏيءَ وٽان لنگهيا. راجا وزير کي چيو تہ هن بازار ۾ ڪاٺين جي مڏيءَ سونهين ڪين ٿي. اها مڏي اتان ڪٽائي ڇڏ. وزير هڪدم ها ڪئي، پر گهر وڃي ويچار ڪيو تہ راجا جي من ۾ ڪڏهن ڪنهنجي خلاف اهڙو ويچار پيدا ڪين ٿيو آهي. ساڳئي رستي تان هن کان اڳ گهڻائي دفعا راجا لنگهيو آهي. ويچاري ڪاٺين واري جو ڌنڌو ٻئي هنڌ اهڙو نہ هلندو. ڪيس اجايو نقصان سهڻو پوندو. وزير سياڻو هو. هن هڪدم اُن ڪاٺ مڏيءَ واري کي گهرائي پڇيو تہ تون گهبراءِ ڪين، سچ سچ ٻڌائيندي تہ اُن ۾ تنهنجو فائدو آهي. ٻڌاءِ تہ تنهنجي من ۾ راجا جي خلاف ڪو برو ويچار پيدا ٿيو آهي ڇا يا تو راجا جي خلاف ڪجھ ڳالهايو آهي ڇا؟ اُن ڪاٺين واري ڏڪندڙ آواز ۾ چيو 'ڪميا ڪريو! مون راجا جي خلاف هڪ لفظ بہ ڪين ڳالهايو آهي، پر ڪيترن سالن کان مون وٽ چندن جون ڪاٺيون نيڪال ڪين ٿيون آهن، انڪري صرف من ۾ ويچار پيدا ٿيو تہ جيڪر راجا سرڳواس ٿئي ۽ ان سبب من چندن جون ڪاٺيون وڪامن. مان اهو ويچار ڪنهن کي ڪين ٻڌايو آهي.'

وزير ڪاٺين واري کي چيو تہ تو راجا جي خلاف من ۾ ويچار ڪيو تہ راجا جي من ۾ بہ تنهنجي مڏيءَ خلاف ويچار پيدا ٿيو. اڄ راجا سئر ڪندي تنهنجي مڏي ڏسي آگيا ڪئي تہ تنهنجي مڏي هڪدم هتان ڪٽائي وڃي. ان ڪري تون اڄ کان وٺي وڃي پرماتما کي پرارٿنا ڪر تہ هي پريو! تون راجا کي وڏي حياتي ۽ سٺي صحت ڏئي. اُن ڪاٺين واري وزير جي صلاح موجب صبوح شام پرماتما کي اِها پرارٿنا ڪئي تہ ٿن چئن ڏينهن کان پوءِ راجا وزير کي گهرائي چيو تہ ڪاٺين واري جي مڏي ڪين ڊهرائجِ، ويچاري جو نهيو نڪيو ڌنڌو ختم ٿي ويندو.' وزير راجا جي آگيا جو پالن ڪيو. پريميوا ڪاٺين واري جي من ۾ راجا جي لاءِ بري ڀاونا پيدا ٿي تہ راجا جي من ۾ بہ ڪاٺين واري لاءِ بري ڀاونا پيدا ٿي. وري ڪاٺين واري سدڀاونا سان راجا لاءِ پرارٿنا ڪئي تہ راجا جي من ۾

امرت ورکا کري سوَن پياسين جي پياس پوري ڪئي آهي، ان لاءِ اسين سوامي جن جا آڀاري آهيون. سندن آمد اسانجي دلين کي وڏو آٿت ۽ آنند ڏنو آهي. ڪين پرارٿنا ڪريون ٿا تہ هت ور ور اچي مهر جو مينهن وسائين.

سوامي جن ان موقعي تي ستسنگ ڪندي چيو تہ پريميوا! توهان داس کي ڪيڏو نہ قرب ۽ عزت ڏني آهي. توهان داس جي جيڪا مهما ڪئي آهي، اِها ڪاريہ جي مهما آهي. توهان ڀلي خوب ناڻو ڪمايو پر مايا سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪريو. ديا ڌرم جا ڪم ڪريو. ديا وارو ئي ديوتا آهي. ديالو معنيٰ ديا-آليہ، ديا جو گهر. ڀڳوان جو گهر آهي ديا. جيڪڏهن توهان پرماتما جو درشن ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پهرين ديا جي گهر ۾ پرويش ڪريو ارٿات ٻين تي ديا ڪريو. هڪ دفعي ڪي سنت ڀڳوان وٽ ويا ۽ عرض ڪيائون ’پرڀوا اسانتي ديا ڪريو‘ ڀڳوان انهن کان پڇيو تہ ’توهان ڪڏهن ڪنهن تي ديا ڪئي آهي؟ جو مان توهان تي ديا ڪريان! توهان ديا جو ٻج ئي ڪين پوکيو آهي. توهان ڀلي ڪيتري نہ تپسيا ڪئي آهي، گيان حاصل ڪيو آهي، پر ديا بنا سڀ ساڌنائون اڌوريون آهن. ديا دواران دل نرمل ۽ نرم ٿئي ٿي ۽ پرڀوءَ جي ويجهو ٿئي ٿي. ان ڪري سدائين نہ صرف مانوَ ماتر تي ديا ڪريو، پر پکين پسن تي بہ ديا ڪريو. سڀني کي پنهنجو پيار ڏيو. پريم ئي پرماتما آهي. پريم سان پرڀوءَ کي نت پرارٿنا ڪريو. توهانجا مشڪل مسئلا آسان ٿي ويندا. وديش ۾ رهي بہ ڀارت کي نہ ڀلايو. ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جا سنرڪشڪ ٿيو.

١٤ سيپٽمبر شام جو پوجنيہ سوامي جن ڊبئي جو سفر پورو ڪري سنڌونگر آشرم ۾ پڌاريا. سوامي اوڌوداس جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ سوامي جن ٢٤ سيپٽمبر احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش آشرم ۾ سوامي جن چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي سنت اوڌوداس جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

پوجنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ لوڪ رات ڏينهن جڳت جي است پدارٿن پنيان ڊوڙي رهيا آهن پر سچا سنت انئي پهر نام چنتن ڪن ٿا. جيو جڏهن است کان وِمک ٿئي ٿو تڏهن ئي هو پرڀوءَ جي سنمک ٿئي ٿو. اسانجي اندر ۾ راڳ دويش ايرکا وغيره ڪچرو پيو آهي. اِهو ڪچرو پرڀوءَ جي درشن ۾ رڪاوٽ آهي. جڏهن انتهڪرڻ شڌ ٿيندو تہ آتم ساڪياتڪار ٿيندو. سنتن جي سنگ ۽ ڏنل گيان دواران ئي ڌيري ڌيري انتهڪرڻ شڌ ٿيندو. نام جپيندي جپيندي من نرمل ٿيندو. هنن اُتسون جي اِها ئي مراد آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني اسين نام جپيون پرڀوءَ جي طرف ڇڪجي اچون. پريميوا مايا کان منهن موڙي مالڪ سان نينهن جو ناتو جوڙيو.

٢٧ سيپٽمبر شام جو سوامي جن جو ٨١ جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ڪيترن ئي شرڌالن سوامي جن جي جيون تي روشني وڌي. سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ پريميوا جيون ۾ ڏيڻ سکو، ڏيڻ ۾ ئي آنند آهي. ڏيڻ واري جو ئي جس ٿئي ٿو. پرماتما توهان کي مايا ڏني آهي تہ مايا شڀ ڪرمن ۾ سڦلي ڪريو. بکين جا پيٽ ڀريو، دکين جا دک دور ڪريو. ننگن کي ڍڪيو تہ پرڀو توهان کي ڍڪيندو. اُٿندي ويهندي سمرڻ ۾ سواس سڦلا ڪريو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ڪام ڪرو هري ڀڄن ڪا، ميت ڪرو ڀڳوان،

مهاتمائن تي ٻه ديش ۽ سماج جي وڏي جوابداري آهي. سنت ست ويچارن، ست سنسڪارن دوارا سماج جو روپ بدلائي سگهن ٿا. سنت مهاتمائون نه صرف آتم گيان ڏيئي اُڌار ڪن ٿا، پر سماج ۾ جي اوڻايون آهن اُنهن کي به دور ڪرڻ لاءِ پريتن ڪن ٿا. جيسين وهنوار نه سڌريو آهي. تيسين پرمارٿ ڪيئن نهندو. اڄ اسانجون سوين سنڌي ڪنيائون ڏيتي ليتي جي مرض جو شڪار ٿي رهيون آهن! ڪيتريون نياڻيون ان بڇڙي رسم ڪري گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن! طلاق جي ڪرسم به وڌي ويئي آهي. سنت سماج کي ڪرانتيڪاري قدم کڻي اهڙو نوس ڪاريه ڪرڻ گهرجي جئن سماجڪ برايون دور ٿين ۽ گهرن ۾: پريوار ۾ مريادا وارو واتاورڻ پيدا ٿئي. سنت سنتوڪداس ۽ ٻين آيوجڪن کي سميلن آيوجت ڪرڻ لاءِ ڌنيواد آهي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ جو وارشڪ اُتسو ۲۳ نومبر کان ۲۷ نومبر آيوجت ڪيو ويو. ۲۳ نومبر صبوح جو سوامي جن ڌوَجا ڦهرائي ميلي جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ۳ بجي سوامي جن جي سرپرستيءَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. چارئي ڏينهن سوامي جن، سنتن مهاتمائن، سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون، سکيائن، ويدانت ۽ ڀڳتيءَ جي وشيه تي پروچن ڏنا. ۲۷ نومبر پرڀات جو سوامي جن اُتسو جو پلئه پائيندي چيو:

هري نام آنند نڌ کھ ٽيئون جپ تانھ،

جا کي جپ تي هو سدا، آنند من کي مانھ.

پريميو! پڀوءَ جو نالو آنند جو امر خزانو آهي، جنهن جي جپڻ سان من ۾ سديوَ آنند رهي ٿو، چت پرڦلت رهي ٿو.

يوگ ساڌنا به سني، برهم گيان به سنو، پر ڪليگ ۾ نام جپڻ سولو آهي. ڪاڌو اُهو کائجي جو هضم ڪري سگهجي. پريميو! نام سمرڻ ڪريو، ستسنگ ڪريو، دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ڪريو ۽ پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھ حصو دان پڃ ڪريو. ڀڳوان ڪان پڇيائون توهان جيڪي چاهيو سو سنڪلپ سان ڪري سگهو ٿا پوءِ اوتار ڌارڻ جو ٿا ڪريو. ڀڳوان چيو 'مان اوتار ڌارڻ ڪريان ٿو لوڪن کي ڪرم ۽ شيوا جو مارگ ڏيکارڻ لاءِ.' خود ڀڳوان ڪيئن نه ڀڳيه ۾ جونيون پاتلون ڪنيون. ان ڪري پيارا ! توهان به خلق جي خدمت پيار ۽ صدق سان ڪريو. اُن جي اُجوري جي اڇا نه رکو. اُجوري ڏيڻ واري کي نوڪر چئبو آهي. نرانڇ شيوا ڪندا رهو.

۲۰ ڊسمبر ۱۹۸۷ آرتوار صبوح جو ۸ بجي اکل ڀارتيه ڪرشي گئو سيوا سنگھ جو ڪاريه اڌيڪش شري راڌا ڪرشن بجاج سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ ۾ پڌاريو. پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سندس هارڌڪ سواگت ڪندي چيو ته هن پياري ساري جيون گئو ماتائن جي شيوا ۾ ارپڻ ڪئي آهي. سندس نالو ئي آهي ڀگل سرڪار 'راڌا ڪرشن' شام جي ستسنگ ۾ پوجنيه سوامي جن شري راڌاڪرشن بجاج ۽ سندس پتني انسويا کي شالون پائيندي سندن سنمان ڪيو. سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته پيارو راڌاڪرشن

۾ پريورتن اچي ويو. ان ڪري توهان نہ ڪنهن لاءِ برو سوچيو نہ ڪنهنجو برو ڪريو. سدائين شڀ ويچار ڪريو، نام جپيو ۽ ديا ڌرم جا ڪم ڪري جيون سڦل ڪريو.

سنڌونگر ۾ ٣ ۽ ٢٥ آڪٽوبر سوامي جن شري ماڌوداس جيرامداس چتاڻيءَ جي 'شري گيتا پرنٽنگ پريس' جي نئين جڳھ جو مهورت ڪندي پياري ماڌوداس، ڪيئلداس ماڌوداس ۽ اجيت ماڌوداس کي آسيس ڪئي.

٢٩ آڪٽوبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن صبوح جو سوامي جن گئوشيوا جي اهميت تي پروچن ڪيو. شام جو راڌي شيام گئوشالا ۾ گوپ اشٽمي اُتسو ملهايو ويو. سوامي جن اُپديش ڪندي چيو تہ گئو ڌن راشٽر جو سچو ڌن آهي. اڄ اسانجي راشٽر ۾ روز هزارين ڳانين جو ڪوس ٿئي ٿو، ڀڳوان شري ڪرشن جي ديش ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي پيارين ڳانين جو قتلام ٿئي اها اسان لاءِ شرم جي ڳالھ آهي. زور شور سان آندولن هلائي گئو ڪوس تي بندش وجهايو.

١ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن صبوح جي ستسنگ بعد سوامي جن هزارن پريمين سان گڏ شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ پريميوا توهان ڏسي رهيا آهيو تہ هي جهان بي بقا آهي. ڀڏي رهيا آهيو تہ دنيا فاني آهي، تنهن هوندي ۾ ويچار ڪري وينجهايو ڪين ٿا. سنسار ڪنهن سان ڪين نباهيو آهي. ان ڪري جيتري قدر ٿي سگهيوَ سنسار سان ايترو پريم رکو جو پوءِ روئڻو نہ پوي. سنسار آهي ڪوڙو ۽ هڪ ڀڳوان سچو آهي. ان سچ کي وساري ڪوڙ ڪچ پويان مانش جنم برباد ڪين ڪريو. سمرڻ ۽ شيوا ۾ جيون سڦل ڪريو.

شام جو سوامي جن آشرم ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي پروچن ڪيو. ٢ نومبر ٻارس ڏينهن صبوح جو ستسنگ ڪري سوامي جن پونا روانا ٿيا. اُتي سواي چندن پرڪاش جي پريم پرڪاش مندر ۾ سوامي جن ٢ نومبر کان ٥ نومبر ستسنگ پروچن ڪندي شري گرونانڪ صاحب جي جيون جا ڪيترا درشٽانت ٻڌايا تہ گروجن اوتاري پرش هوندي ۾ ڪيئن نہ پاڻ ۾ نام جپيو ۽ هزارن کي نام جپايو. توهان ۾ پريم ۽ شرڌا سان نام جپيو.

سنت اننت پرڪاش پوجيہ سوامي جن جا آڀار مڃيا.

٥ نومبر شام جو ٤ بجي پوجنيہ سوامي جن پونا کان پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۾ واپس آيا. سنڌيا جي ستسنگ بعد شري ڪارتڪ مهني جي ڪٿا، شري گرو گرنٿ صاحب ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جو ڀوڳہ وڌو ويو. پوجنيہ سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو تہ اڄ ڪلجڳہ جي اوتار شري گرو نانڪ ديو جو جنمدن آهي. سندس سکيائن کي اپنائڻ جي اڄ سخت ضرورت آهي. رات جو ١٢ بجي سوامي جن جڳہ بابا ڌام ۾ ستسنگ ڪيو. سنت برهمداس سوامي جن جو سواگت ڪيو ان بعد پوجنيہ سوامي جن راجلسنگھ ٻليجا جي گهر ٻاهران منڊپ ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراجن کي پشپانجلي ارپڻ ڪئي.

اکل ڀارتيہ سنڌي ساڌو سماج جي سهاري ١٣ نومبر کان ١٥ نومبر ١٩٨٧ اندور ۾ سنڌي سنت سماڳم آيوجت ڪيو ويو. ڀارت جي ڀن ڀن نگرن مان سوين سنت مهنت هن سميلن ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي سوامي جن وياکيان ڪندي چيو تہ اڄ جي يڳہ ۾ سنتن

پاٺ چڙهيو. استري اموليہ ڌن آهي. ٽرين ۾ چڙهبو آهي تہ پهرين سامان چاڙهبو آهي. ڪا موليوان چيز هوندي آهي تہ اُها پاڻ سان گڏ چاڙهبي آهي. پيارا! تو جيڪڏهن رامايڻ پڙهيو هجي ها تہ پهرين پنهنجي پتنيءَ کي ٽرين ۾ چاڙهي پوءِ پاڻ چڙهين ها ۽ توکي پريشان ٿيڻو ڪين پوي ها. پريمبوا رامايڻ، مهاڀارت ۽ اسان جا ڌرمڪ شاستر وهنوار چاهي پرمارٿ جي لحاظ کان راهہ روشن ڪن ٿا. اُنهن جي انڪول هلنداسين تہ سنساري سفر سهنجو ٿيندو. توهان پاڻ بہ اهي ڌارمڪ گرنٿ پڙهو ۽ پنهنجن ٻارن کي بہ پاڙهيو، جئن اُنهن ۾ ننڍپڻ کان اُتم سنسڪار پون.

پياري موٽورام ۽ پياري دولترام، ستگرو سوامي سروانند مهاراج ۽ ٻين، سنتن جي ستسنگہ مان وچن ٻڌي هنڌايا آهن. اڄڪلهہ ڏيتي ليتي ڪيڏي نہ وڌي ويئي آهي. ان ڪارڻ ڪيتريون نياڻيون آتم هتيا ڪن ٿيون، دکي جيون گذاري رهيون آهن. پر هنن ٻنهي ڀائرن پنهنجن سپاترن گهنشام، ڪشور، واشو ۽ پرڪاش کي بنا ڏيتي ليتيءَ شاديون ڪرائي جس ڪٽيو آهي. اوهان بہ اهڙي جس جا ڀاڳي ٿيو. پٽن کي نيلام نہ ڪريو. ڏيتي ليتيءَ جو تياڳ ڪريو.

۱ جنوري ۱۹۸۸ رات جو ۹ بجي پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج راجڪوٽ ۾ پڌاريا. ڀاءُ جواهر لڇمڻداس، ماتا موهني، ڊاڪٽر جيوترام ۽ ٻين سون پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. رات جو ۱۰ بجي پوجنيہ سوامي جن گيتا مندر ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي چيو:

جا گهٽ پريم نہ سنچارءِ سو گهٽ جان مسان،

جئسي کال لهار کي، سانس ليت بن پران.

جنهن جي من ۾ پريم ڪين آهي، اُن جو من مساڻ وانگر آهي. جنهنجي اندر ۾ ايشور لاءِ اُڪير ڪين آهي، اُن جي حالت لوهار جي ڌوٽيءَ وانگر آهي جا بنا پراڻن جي سواس کڻندي آهي. پريميوا اڄ دنيا ۾ پريم جي اڻاٺ آهي، جي پريم هجي تہ هيڏا فساد فتنا، جنگيون جهيڙا ڪين ٿين. گهرن ۾ اشانتي ۽ تناءُ نہ ٿين. پريميو، سڀني پراڻين کي پيار ڏيو. سڀني کان اُتم اٿو پريو پريم. جنهنجي من مندر ۾ پريوءَ لاءِ پياس پيدا ٿئي ٿي، اُن کي جڳت جا جونا پدارٿ نٿا وڻن، پرماتما کان سواءِ اُن کي ڪا چيز مٺي ڪين ٿي لڳي. پريميوا توهان بہ اندر ۾ پريوءَ لاءِ پياس پيدا ڪريو، پريم رکو.

۲ جنوري صبوح جو ۹ بجي پوجنيہ سوامي جن اکل سوراشٽر سنڌي پئنچات فيڊريشن جي سميلن جي صدارت ڪرڻ لاءِ جيتپور روانا ٿيا. رستي تي شري جيئومل جي پلاٽ تي چرڻ گهمائي ساڍي ۱۱ بجي جيتپور ۾ آيا. جتي سوين پريمي سوامي جن جي سواگت لاءِ بيٺا هئا. سوامي جن کي سينگاريل گاڏيءَ ۾ براجمان ڪري جلوس ڪڍيو ويو. سوين پريمي جلوس ۾ رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. رستي تي سوامي جن جي سواگت ۾ پنجهتر دروازا سينگاريا ويا هئا. شري ٻڌاڻيءَ جي گهر وٽ جلوس سماپت ٿيو.

شام جو ۴ بجي جيتپور جي سنڌي ڌرمشالا ۾ اکل سورشٽر سنڌي پئنچات جو سميلن پوجنيہ سوامي جن جي پرڌانپڻي هيٺ آرنڀ ٿيو. پهرين شري نيوندرام لوڪواڻيءَ سنسٿا

بجاج ڪيڏي نه لڳن ۽ نشٺا سان ڳئو ماتا جي شيوا ڪري رهيو آهي. اسان کي به شرڌا ۽ پريم سان سکن جي داتا ڳئو ماتا جي شيوا ڪرڻ گهرجي. ڀڳوان شري ڪرشن ڳانئن جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي، هوُ ڳانئن کي ڪيڏو نه ڀانئيندو هو. وشوَ ڪرما جڏهن جدا جدا ديوتائن، ڀڳوان جي اوتارن لاءِ ڀوَن يا لوڪ ٺاهيا تڏهن ڀڳوان شنڪر پنهنجي لوڪ جو نالو شوَلوڪ، ڀڳوان وشنوءَ وشنو لوڪ ڏنو، پر ڀڳوان شري ڪرشن 'ڳئو لوڪ' نالو ڏنو. ارٿات پاڻ کان وڌيڪ ڳئو ماتا کي اهميت ڏني. پنهنجي لوڪ تي پنهنجو نالو نه ڏيئي ڳئو ماتا جو نالو ڏنو. اڄ ڀڳوان شري ڪرشن جي هن پاوَن ڀوميءَ تي هرروز هزارين ڳانئن ٻيلن جو قتلام ٿي رهيو آهي! اُٿو! جاڳو! قرباني ڏيئي، ڳئو ماتا جي رڪشا ڪريو! ڳئو رڪشا هندو سناتن ڌرم جي رڪشا آهي. سوامي جن شري راڌا ڪرشن بجاج کي ڳئو ماتائن جي ڪاريه لاءِ ايڪائي هزار روپيا ڏنا. ڀاءُ آسنداس ڀيرواڻي، ڀيڻ لڪشمي گوپ سڌوا ۽ ڀاءُ پرسرام ڪانگريسيءَ پڻ ڳئو رڪشا هلچل تي روشني وڌي.

رات جو ۹ بجي شري موٽومل ڪيراجمل چاندواڻي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي سپاتر چندرلعل جي مٽڻي ۽ پنهنجي سپتر ڪشورلعل جي ٻن ٻالڪن للت ۽ ڌيرج جي جنم سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سوامي جن جي ستسنگ جو آيوجن ڪيو. سوامي جن شري موٽومل چاندواڻي ۽ سندس ڀراتا شري دولترام چاندواڻيءَ کي ڌنيواد ڏني ڇاڪاڻ ته هنن ڏيتي ليتيءَ جو بنڌ تياڳ ڪري هڪ آدرشي مثال قائم ڪيو آهي. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته اسين جتي به ويندا آهيون ۽ ڏيتي ليتيءَ جو ذڪر ٿيندو آهي ته هڪدم هنن پيارن جو مثال ڏيندا آهيون ته ڪيئن نه هنن پيارن سنتن جي وچنن تي پورو پورو عمل ڪيو آهي. اڄ پنهنجي سپاتر جي پڪي مصريءَ جي موقعي تي هن پياري صرف هڪ ناريل، هڪ پاءُ مصري ۽ سادو ننڍڙو ٽوال ورتو آهي. وچنن هنڌائڻ وارا تمام ڪي ٿورا پريمي آهن. شل سدائين سندن ڪٽنب پريوار ڀريو ڀاڳيو رهي.

هڪ دفعي هڪ ريلوي پليٽ فارم تي ڪي مسافر ٽرين جي انتظار ۾ ويٺا هئا. اُتي پليٽفارم تي هڪ پرڀوءَ جو پيارو شري رامچرت مانس پڙهي رهيو هو ته ٻئي هڪ مسافر، جو پنهنجي پتنيءَ سهت ڀرسان ويٺو هو، تنهن مٿس خندهزني ڪندي چيو ته ڇا جو رامايڻ ٿو پڙهين؟ رامايڻ ۾ ڇاهي؟ اهو ٻڌي اُن ڀڳت جن کيس ورجائيندي چيو پيارا! رامايڻ آهي سکيائن جو ساگر. وهنوار چاهي پرمارٿ جي اُنتيءَ ۽ شانتيءَ لاءِ هي هڪ امولهه سونهون آهي. تون پڻ چاهه رکي رامايڻ پڙهه ۽ شرڌا سان ٻڌ. پر اُن شخص هن ڀڳت کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو. ٽرين آئي، اُهو ڀڳت جن به چڙهيو ۽ اُهو مسافر به چڙهيو مس ته ٽرين هلڻ شروع ڪيو. سندس پتني ريلوي پليٽفارم تي ئي رهجي ويئي تڏهن اُن مسافر اُن ڀڳت جن کي چيو ته اڃا مون تنهنجو رامايڻ ڪين ٻڌو صرف رامايڻ بابت تو چيو ته منهنجي پتني پليٽفارم تي رهجي ويئي! هاڻي مان جڏهن وري ٻيءَ ٽرين ۾ واپس وڃي کيس وٺي اچان. هوءَ به پريشان، مان به پريشان ٿيس ۽ وقت به ويرٿ ويو. تڏهن اُن ڀڳت کيس سمجهائيندي چيو ته جيڪڏهن تو رامايڻ پڙهيو هجي ها يا ٻڌو هجي ها يا ناٽڪ جي روپ ۾ ڏٺو هجي ها ته تنهنجي پتني پليٽفارم تي رهجي ڪين وڃي ها. ڀڳوان شري رام کي جڏهن ندي پار ڪرڻي هئي تڏهن پهرين ٻيڙيءَ ۾ سيتا کي چاڙهي پوءِ

ڏرمي ڪارين ۾ دل ڪولي دان پڄ ڪريو. هن آستان تي ستگرو مهاراجن جو سندر مندر تيار ٿيندو، جتي نت نيم ڪيترائي ستسنگي اچي ستسنگ جو لاڀ وٺندا. ماتا موهني، ڊاڪٽر جيوترام، پياري جواهر، پياري ڊيٽارام ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد آهي جيڪي ان ڏس ۾ پرشارٿ ڪري هي مندر ٺهرائي رهيا آهن. ڪيترائي سنت مهاتمائون هت اچي توهان کي نام جو امرت پيئاريندا.

ڊاڪٽر ديال آشا مندر جي نرماڻ لاءِ دانويرن کي اپيل ڪئي. بروقت ئي پنجٽيهه هزار کن اُڳڙجي ويا. سوامي جن چيو ته مندر نرماڻ جو ڪم شروع ڪريو، جيڪڏهن ڪا ضرورت پئي ته ستگرو مهاراج پوري ڪندا.

٦ جنوري پوجنيه سوامي جن ڄامنگر ۾ پڌاريا. اُتي ماتا ڌني نت نيم ستسنگ هلائيندي آهي. ياءُ پرمانند ڪٽر ۽ ٻين پريمين سوامي جن جو سواگت ڪيو. پهرين ديال آشا پوجنيه سوامي جن جي پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪندي ڏيتي ليتيءَ جي وشيه تي دلسوز گيت ڳايو. ان بعد پرم پوجنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو هت روز ستسنگ جي جوت جڳائي رهيا آهيو. ستسنگ سان گڏ ڪو نه ڪو اُپڪار جو ڪم به روز ڪريو. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

اپنا سوارٿ ڇوڙ جو ڪرتا پراُپڪار،
ڪهه ٽيئون يش هوت هئه ٽانڪا جڳت منجهار.

هڪ ڏينهن هڪ ماري پکين کي ڦاسائڻ لاءِ جهنگل ۾ گهمندو ڦرندو رهيو پر ڪيس هڪ به پکي نه مليو. اُن ڏينهن ٿڌ به ڏاڍي هئي. ڪيس جهنگل ۾ ئي رات پئجي ويئي. هي ماري رات جو هڪ وڻ هيٺان بڪايل وينو رهيو. هوُ ٿڌ سبب ڏڪي پڻ رهيو هو. اُن وڻ تي هڪ ڪبوتر جو آکيرو هو. اُن ماريءَ کي ٿڌ ۾ ڏڪندو ڏسي ڪبوتر ۽ ڪبوتريءَ کي هن تي ديا اچي ويئي. ماري جيتوڻيڪ سندن دشمن هو، پر تنهن هوندي به انهن پکين هن سان همدردي ڏيکاري. ڪبوتر ڪبوتريءَ پنهنجو آکيرو ڊاهي هيٺ ڦٽي ڪيو. پوءِ ڪبوتري چهنب ۾ ٽانڊو کڻي اُن آکيري واري گاهه ۾ رکيو. جلدي آکيري واري سڪل گاهه کي باهه لڳي. باهه سبب ماريءَ کي ٿڌ کان بچاءُ مليو. اُن ڪبوتر ڪبوتريءَ اُن بکايل ماريءَ جي بک مٽائڻ لاءِ اُن باهه ۾ ٽپو ڏنو، جيئن اُهو بکايل ماري سندن ماس کائي ترپت ٿئي. ڪبوتر ڪبوتريءَ قرباني ڪري ماريءَ کي جيئدان ڏنو.

پريميو، جنهن صورت ۾ پکي ايڏو اُپڪار ڪري سگهن ٿا ته منش کي ته ٻين جي ڀلائي ڪرڻ ۾ پوئتي پوڻ نه گهرجي. پراُپڪاري جيوَ سدائين امر آهي. جڳت ۾ جنهنجو يش آهي سوئي جيوت آهي. توهان پراُپڪار جا ڪاريه ڪري مانش جيون سڦل ڪريو.

٧ جنوري رات جو پوجنيه سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس وريا. ١١ جنوري شام جي ستسنگ ۾ پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته اڄ ڀارت جي اڳئين پرڌان منتري شري لعل بهادر شاستريءَ جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. هي پيارو نشڪام نڊر نيتا هو. ڀارت جو پرڌان منتري هوندي به پنهنجي جاءِ جوڙائي نه سگهيو. ڪيڏو نه تياڳ! اڄ راشٽر

جي پريزيڊنٽ، پوڄنيه سوامي جن ۽ آيل مهمانن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. شري
آڏارام گولاڻيءَ سميلن جو مهورت ڪيو. شري نيونڌرام لوڪواڻيءَ سنسٿا جي ڪاريه جي رپورٽ
پيش ڪندي ٻڌايو ته ڪيئن نه پوڄيه سوامي جن جي آشيرواد ۽ سهڪار سان وقت به وقت
فيڊريشن دکي ڀائرن جي شيوا پئي ڪئي آهي. پدم شري جيوٽداس جيرامداس، شري ٿانورداس
خوبچنداڻي ۽ ٻين سماج سيوڪن به ڳالهايو.

پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو ته اها فخر جي ڳالهه آهي جو سوراشٽر ۾
اوهان سنڌي ڀائر سنگهٺن جي سوتر ۾ ٻڌجي، سماجڪ اوڻاين کي دور ڪرڻ لاءِ پرشارٿ
ڪري رهيا آهيو. اڄ ڪلهه ڏيتي ليتيءَ جي مرض ماڻهن جي ڇيلهه ڇٻي ڪري ڇڏي آهي.
سماج ۾ ڪيترين ئي وڏور ڪنيائون گونگا ڳوڙها ڳاڙي رهيون آهن، جن جون آهون ۽ دانهون،
ديش ۽ جاتيءَ کي تباهه ڪنديون. ان ڪري پريميو، سچيت ٿي ان مرض کي مٽائڻ جي
ڪوشش ڪريو. طلاق جي بيماري به وڌي ويئي آهي. جيئري تي جيئري شادي ڪرڻ يا
پنهنجي استرين کي گهر مان ڪڍي ڇڏڻ، اهو مهاپاپ آهي. گهرن کي ناهيو، سرڳ بڻايو
۽ نام کي نه وساريو. دکين دريدرن، اناٿن اپاهجن جي سار لهو ته پريو اوهانجي سار لهندو.
ڊاڪٽر ديال آشا ڏيتي ليتيءَ جي وشيه تي دل سوز ڪوتا ڳائيندي اپيل ڪئي ته نياڻين
تي قياس ڪري ڪين پنهنجين نياڻين جهڙو پيار ڏيو.

۴ جنوري سومر شام جو ۴ بجي پوڄنيه سوامي جن راجڪوٽ ۾ ساڌو واسواڻي مشن
طرفان شروع ڪيل گئو ڪئمپ ۾ پڌاريا. اُتي شري باشارام گوگيا ۽ سندس پتني ڀيڻ وديا
گوگيا سوامي جن جو سواگت ڪيو. سوامي جن اُتي ستسنگ ڪندي گئو ماتا جي شيوا جي
اهميت ٻڌائيندي چيو ته ڳائين جي شيوا ڪرڻ اسانجو ڪرتويه آهي. انهن جي شيوا آتم
شيوا آهي. ڀڳوان شري ڪرشڻ ڳائين جي ڪيڏي نه شيوا ڪندو هو، ڪين پيار ڪندو هو.
توهان هن سوڪ جي سميه ڳائين لاءِ شيوا ڪيندر کولي آتم ڪاريه ڪيو آهي. توهان ڳائين
جي شيوا ڪندءَ ته ڀڳوان شري ڪرشن توهان جي رکشا ڪندو.

رات جو ۱۰ بجي سوامي جن گائڪواڙي پلاٽ ۾ ستسنگ ڪيو. ۵ جنوري صبح جو
ساڍي ۹ بجي سوامي جن ٽيئونرام هاءِ اسڪول ۾ پڌاريا، جتي وديا منڊل جي پريزيڊنٽ
شري گوڌومل آهوجا ۽ پرنسيپال ٽوپڻداساڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪندي چيو ته ڪيئن
نه سوامي جن جي آشيرواد ۽ سهڪار سان هن وديا مندر جي هيءَ عمارت تيار ٿي آهي.
ان موقعي تي سوامي جن اسڪول کي رنگ لڳائڻ لاءِ ڏهه هزار روپيا ڏنا ۽ وديارٿين کي
آشيرواد ڪندي چيو ته گهر ۾ ماتا پتا ۽ وڏڙن جي آگيا ۾ رهو، سندن خدمت ڪريو ۽
اسڪول ۾ اُستادن جي آگيا ۾ رهي سندن آسيس ڪٺو. سوامي جن ماسترن کي پڻ اپيل
ڪئي ته وديارٿين ۾ آتم سنسڪار وجهو. سندن پڙهائي ڏانهن پورو پورو ڌيان ڏيندي اُنهن
جي شاريرڪ، مانسڪ ۽ آتمڪ وڪاس ڏانهن توج ڏيو.

ڊاڪٽر ديال آشا پڻ ان موقعي تي وديارٿين کي سکياداءِڪ ڳالهيون ٻڌايون.

راجڪوٽ جي پريمين پريم پرڪاش شيوا منڊل برپا ڪيو. ان سنسٿا طرفان سوامي
ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر نهرايو ويندو. اُن مندر جي ڀومي پوڄا پوڄنيه سوامي جن ۵
جنوري صبح جو ساڍي ۱۰ بجي ڪرائي. سوامي جن اُن وقت ستسنگ ڪندي چيو ته اهڙن

ڪشوريلعل ڀياڻي گوڌرا نگر پالڪا جو وائيس پريزيڊنٽ چونڊجي آيو. سندس سنمان ڪرڻ لاءِ سنڌي سماج طرفان گوڌرا جي ماڪيجاڻي هال ۾ ٢٨ جنوري گروار ڏينهن پوجنيہ سواميڄن جي زير صدارت اُتسوَ رکيو ويو. شروع ۾ شري گوبندرام رانولاڻي شري ڪشوريلعل جي خدمتن جو ذڪر ڪيو.

پوجنيہ سواميڄن شري ڪشوريلعل کي آسيس روپ ۾ دشالو پائيندي چيو تہ اها سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر جي ڳالھ آهي جو پيارو ڪشوريلعل ميونسپل جو اُپ پرڌان چونڊجي آيو آهي. لوڪن جي شيوا بہ پربوءَ جي ڀڳتي آهي. اُميد تہ پيارو ڪشوريلعل گوڌرا نگر ۽ جاتيءَ جي وڌيڪ ۽ وڌيڪ شيوا ڪري جس جو ڀاڳي ٿيندو.

پوجيہ سواميڄن شام جو ٦ بجي ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي روڊ، دڙي چال ڪمپائونڊ ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ 'منهنجا پيارا، توهين سنسار ۾ اڪيلا آيا ۽ وري واپس بہ اڪيلا ويندا. هتان جي ڪائي وستو توهان سان گڏ ڪين هلندي. اڄ توهان جي گهر ۾ توهانجي ضرورت آهي. توهان ائين سمجهو ٿا تہ توهان کان سواءِ گهر جو ڪاروبار ڪين هلندو، اهو ڀرم آهي. توهانجي مرتيو بعد ڏيري ڏيري گهر جي ڀاتين کان بہ توهانجي يادگيري ڀلجي ويندي، جيئن توهان پنهنجن ابن ڏاڏن کي ڀلجي ويا آهيو تيئن توهانجي سنتان بہ توهان کي ڀلجي ويندي. توهان اجايو ممتا جار ۾ ڦاسي ويا آهيو. هڪ ڏينهن هي دنيوي سنٻنڌ ٽٽي ويندا. هي سنساري سنٻنڌ سڀ ڪوڙا آهن، اُنهن لاءِ توهان ڪوڙا ڪرم ڪري پنهنجو ويرٿ وقت وڃايو ٿا. توهان کان پربو بہ وسري ويو آهي. سنساري فرض پاليندي اناسڪت ڀاوَ سان رهو تڏهن ئي چت جي ورتي پربوءَ ۾ لڳندي. ڪم ڪاريون ڪندي پربوءَ کي نہ وساريو. توهين بہ پربوءَ جي پيارن سان پريم جو ناتو رکو.

پوڄ بيڪري پئنچات ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ وشوَ شانتيءَ لاءِ ٢٩ جنوريءَ کان ٣١ جنوريءَ تائين ستسنگ يگيہ جو آرنڀ ڪيو. ان سنٻنڌ ۾ پوجنيہ ستگرو مهاراج ٢٩ جنوري شام جو ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ پڌاريا. رات جو ستسنگ جو ڪاريہ - ڪرم رکيو ويو. پياري لڇنداس پنجواڻي ۽ ڀين پريمين پوجيہ ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو. ستگرو مهاراجن امرت ورکا ڪندي چيو تہ هت هر سال شري گرو گرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ رکايو وڃي ٿو ۽ ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو وڃي ٿو ان لاءِ ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد آهي. ساڌ سنگت بہ ڪن وڏ ڀاڳين کي نصيب ٿئي ٿي. سامي صاحب چوي ٿو:

ٻي سڀ اٿي سچ بنا ساڌ سنگت جي،
مرگھ ترشنا جي جل مون سامي لهي نہ اُڃ،
جاڳن پورن پڇ، ساڌو سکہ ساگر ملي.

پريميو، اسان مان ڪيترائي مايا جي جدا جدا روپن پٺيان ڀيا ڊوڙين، جنهن مان دکن جي پراپتي ٿئي ٿي. پياسي هرڻ ڪيئن نہ واريءَ کي سج جي چمڪات سبب جل سمجهي ڀڄڪي ڀڄڪي پراڻ ڏيندو آهي. تيئن ڪيترائي منش ماياوي پدارٿن کي سچو سمجهي پنهنجي امولہ جيون برباد ڪن ٿا. سنتن ستپرکن جي سنگ سان جيون جي هڏي نرمل ٿئي ٿي. انڪري ڪنهن

ڪي اهڙن تياڳي اڳوانن جي سخت ضرورت آهي.

١٨ جنوري شام جو آشرم ۾ سنت واڌورام جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سنت واڌورام گهر گرهست ۾ رهندي سچ جي ڪمائي ڪئي. ڏنڌو ڌاڙي ڪندي پيارو واڌورام نام جپيندو هو. پريميو، توهان به بلاشڪ پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريو پر سنساري ڪم ڪندي پريوءَ کي به ياد ڪريو. سنت واڌورام روز پسن پکين ڪولين کي ڪاڌو کارائيندو هو. انهن جيوَن جي شيوا وڏي برڪت آڻي ٿي. توهين به جيڪر پراڻي ماتر جي شيوا ۾ مايا ۽ سميه سڦل ڪريو ته توهان تي پرماتما جي وڏيڪ وڏيڪ آسيس ٿيندي.

٢٢-٢٣ جنوري پوڄنيه سوامي جن بڙودا ۾ پياري نيڻول ڪشوريلعل جي گهر، مندر ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو هر سال پنهنجي پوڄيه پتا پياري ڪشوريلعل جي پڻيه تٿيءَ جي موقعي تي ستسنگ جو آيوجن ڪريو ٿا. پياري ڪشوريلعل جو ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن چاهي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سان نينهن جو ناتو هو. توهان به سنتن سان اُهو ناتو نڀائيندا رهو ٿا اُن لاءِ توهان کي ڌنيواد آهي. جيون جي سارٿڪتا آهي نام سمرڻ ۽ شيوا ڪرڻ ۾. پريوءَ کي نه وساريو. روز ڪونه ڪو پراُپڪار جو ڪم ڪريو. ٻين جي دک درد دور ڪرڻ، ڀلائيءَ جا ڪم ڪرڻ اسانجو فرض آهي. ستگرو مهاراج به پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون سم ورکش ڪي سر پر سهڪي دوکه،
سب جيون ڪو ديجئي، سروَ پانت سي سوکه.

جمون -ڪشمير جو راجا پرتاپسنهه پرجا جي پرگهور لهڻ لاءِ ويس بدلائي چڪر هڻندو هو. هڪ دفعي هو گهمندي هڪ تلاءَ وٽ آيو. هن ڏٺو ته وڻ جي هيٺان هڪ نوجوان سخت بخار سبب سمهيو پيو آهي. راجا اُن جوان کي پيرَن ڏسي ڪيترو وقت کيس مالش ڪندو رهيو. راجا اُن جوان کان حال احوال پڇيو. جوان وراڻيو ته هو جمون ڪشمير جي مهاراجا جي وڏي نوڪرياڻي لڪشمي بائيءَ جو ناني آهي ۽ پنهنجي پتنيءَ کي وٺي اچڻ لاءِ هوُ جمون ۾ لڪشمي ديويءَ وٽ وڃي رهيو آهي. راجا کيس چيو ته پيارا، تون منهنجي گهوڙي تي چڙهه ته توکي لڪشمي ديويءَ وٽ پهچايان ٿو. راجا اُن پيرَن جوان کي پنهنجي گهوڙي تي چاڙهي پنهنجي محلات ۾ وٺي آيو. اُن جوان کي اِها ڪل ڪين هئي ته جنهن شخص کيس مالش ڪري، گهوڙي تي چاڙهي آندو آهي سو پاڻ جمون ڪشمير جو راجا هو. کيس جڏهن ان ڳالهه جي خبر پيئي ته هوُ پشيمان ٿي راجا کان معافي وٺڻ لڳو. راجا وراڻيو پيارا، مان ڀرين منش آهيان ۽ پوءِ راجا. منش جيڪڏهن ٻئي منش کي پيڙا ۾ ڏسي اُن جو دک درد دور نه ڪري ته هوُ منش چوائڻ جي لائق ڪين آهي. تون جهنگل ۾ اڪيلو بخار سبب ليٽيو پيو هئين، تنهنجي شيوا ڪري مان توتي احسان ڪين ڪيو آهي پر مانوَتا جو ڪرتويه پاليو آهي. راجا جو ڪم آهي رعيت جي شيوا ڪرڻ. پريميو، توهان به اهڙا پراُپڪار جا ڪاريه ڪري جيون سڦل ڪريو.

٢٧ جنوري پوڄنيه سواميجن گوڌرا ۾ پڌاريا ۽ رات جو ستسنگ پروچن ڪيائون. پيارو

سواميجن جو سواڳت ڪيو ويو. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ ست ڪرمن ڪرڻ ۾ دير نہ ڪريو. ساھ تي ڀروسو ڪين آھي. ھڪڙو واپاري ويھ ھزار روپيا ھردوار ۾ دان ڪرڻ لاءِ کڻي آيو. گنگا جي گھاٽ تي برھمڻ ڪيس چيو تہ پھرين دان جو سنڪلپ ڪر ۽ پوءِ گنگا ۾ اشنان ڪر. اُن واپاريءَ چيو تہ پھرين گنگا ۾ ٽٻي ھڻي اچان، پوءِ اچي دان پڃ ڪندس. ھي پيارو گنگا ۾ گھڙيو، جيئن ئي وچ پرواھ ۾ ويو، اُتي ٽٻي ھڻندي ٻڏي ويو. ھن پياري دان ڪرڻ لاءِ جيڪا مايا آندي ھئي سندس سنبنڌي اُھا سموري مايا واپس کڻي ويا. جيڪڏھن اُن واپاريءَ دان ڪرڻ جو سنڪلپ ڪيو ھجي ھا تہ اُھا مايا سڦلي ٿئي ھا. پريميو، ان ڪري ڪڏھن بہ دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪريو. ڪنھن مھل ٿو ڪال جو سڏ ٿئي، پتو ڪين آھي. دان ڪرڻ ۽ نام سمرڻ ۾ سستي ھرگز نہ ڪريو. جيڪو جا سواس اُھي سڦلا آھن جي ھو سمرڻ ۾ سجايا ڪري ٿو. سنت ڪبيرداس چوي:

سانس سڦل سو جانيئي جو سمرن ۾ جايہ،
اور سانس يوُن ھي گئي، ڪر ڪر بھت اُپايہ.

٢ فيبروري پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پرماتما کي ھر وقت ياد ڪريو. توھانجو دکہ درد داتار دور ڪندو. شري گرو ارجن ديو مھاراج شري سکمني صاحب ۾ فرمائين ٿا:

ٿوئي ٻانڌين ھار گوپال سرب جيئان آپي پرتپال

پريو ٿٽل کي ٻَنديندڙ آھي ۽ سڀني جيوَن جي پيو سنڀال لھي، رکشا ڪري. ان ڪري پريم سان کيس پڪاريو. ڀڳوان پنھنجن پيارن جي ڪنھن نہ ڪنھن روپ ۾ اچي رکشا ڪري ٿو. ھڪ دفعي ڀڳت نيلامبرداس جگديش پوريءَ وڃي رھيو ھو. رستي تي گنگا ندي پار ڪرڻ لاءِ ھو ٻيڙيءَ ۾ چڙھيو. ملاح دشٽ پرورتيءَ وارو ھو. ھن ڀڳت نيلامبرداس کي اڪيلو ڏسي وچ سير ۾ ٻوڙي سندس مال اسباب لٽڻ تي چاھيو. ڀڳت جي انتر آتما ھن دشٽ شخص کي ڀانپيو. ھن ڀڳت، ملاح کي چيو تہ ڪشتي ڪناري تي واپس وٺي ھل، پر ملاح ٻڌي اڻٻڌي ڪئي. ھوُ ڪشتيءَ کي وچ سير طرف ڪاھڻ لڳو. ڀڳت ٻيڙيءَ ۾ ڀڳوان کي پرارٿنا ڪئي تہ ڪرپانڌان تون رکشا ڪج. اجا ڀڳت پرارٿنا ڪري رھيو ھو تہ ڪناري تان ڪنھن ازغئبي شخص ملاح کي دھشت واري آواز ۾ للڪاريندي چيو، ’جيڪڏھن پنھنجو خير چاھين تہ ٻيڙيءَ کي ھڪدم ڪناري تي آڻ.‘ ملاح اھو ٻڌي ڏڪي ويو ۽ ھن ھڪدم ڪشتي ڪناري تي آندي. ڀڳت نيلامبرداس سلامتيءَ سان ڪناري تي پھتو. پرماتما پنھنجي پياري جي ڪيئن نہ رکشا ڪئي.

پريميو، توھان بہ پريم سان پريوءَ کي پڪاريو تہ پريو توھان جي اچي رکشا ڪندو. ڪشٽن ڪشالن مان توھانجي ڪشتي ڪناري لڳائيندو.

نہ ڪنهن سنت ستپرش جي شرڻ ولو.

۳۰ جنوري رات جو پوڄنيہ سوامي جن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ گوسوامي سنت تلسيداس مهاراج فرمائين ٿا:

بڙي ڀاڳہ مانش تن پاوا،
سر درلڀ سب گرنٿھ گاوا.

سڀ ڌرمي شاستر، ديوتائون، منش ديھ جي مهما ڳائين ٿا. پريميو! توهانجو سوڀاڳيہ آهي جو توهان کي منش جنم مليو آهي. پرماتما جهڙو صاف چولو توهان کي ڏنو آهي، اهڙو ئي ڪيس واپس ڪريو. ان چولي تي داغ نہ لڳايو. ان ڪري ڪڪرمن کان ڪنارو ڪري ست ڪرم ڪريو. توهان کي ڪو داڳيل انب ڏئي تہ ڪين کائيندا. جي هن پوتر منش چولي تي داغ لڳل هوندا تہ پريو قبول ڪين ڪندو. ان ڪري چت نرمل رکو. ويچار ۽ وهنوار شڌ رکو تہ توهان جو من پريوءَ جي ڌيان ۾ لڳندو.

۳۱ جنوري صبح جو شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جي ڀوڳہ کان پوءِ پوڄنيہ ستگرو مهاراجن ساري سنگت کي آشيرواد ڪندي چيو تہ گروجن جي ٻاڻيءَ مان کهڙو نہ مٺو وچن آيو. سچ جي ڪمائي ڪريو. سچ تي صاحب راضي. هڪ شاهوڪار خوب دان پڇ ڪيا. باغ بغيچا نهرايا، هڪ ٻئي غريب شخص پنهنجي لاءِ ٻہ روٽيون پچايون مس تہ سندس سامهون هڪ بکايل ڪتي آئي. هن هڪدم هڪ روٽي اُن بکايل ڪتيءَ کي کارائي ۽ پاڻ صرف هڪ روٽي کاڌي. ڪجھ وقت بعد اُن شاهوڪار ۽ اُن غريب، ٻنهيءَ کي سائينءَ جو سڏ ٿيو. چترگپت ٻنهي جو ليکو ڪڍي آگيا ڪئي تہ هن ڌنوان کي نرڪ ۾ موڪليو وڃي ۽ هن مسڪين کي سرڳہ ۾. ڌنوان عرض ڪيو تہ مان خوب سڪرت جا ڪم ڪيا آهن. تڏهن چترگپت چيو پيارا، تو غريبن پورهيتن کي پيڙي مايا ميڙي باغ بغيچا نهرايا. ڪوڙ ڪمائي ڪروڙ ڪنا ڪيا. انڪري تون نرڪ جو اڌڪاري آهين. هي غريب دياوان آهي جو پنهنجي پورهئي جي پئسن مان روٽي پچائي، پاڻ گهٽ کائي بکايل ڪتيءَ کي روٽي کارائي، اُن جي رکشا ڪئي. هن جو اهو پڇ مهتوَ وارو آهي.

پريميو، توهين بہ ويچار ۾، وهنوار ۾ سچ جي ساکي ڏيو. ڪپٽ جي ڪمائي کهڙي ڪم جيا دکين بکين جي شيوا ڪريو.

منجهند جو پوڄنيہ ستگرو مهاراج سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. رات جو بجاج هال ۾ پنهنجي ٻالڪ ديال آشا جي ٻالڪيءَ مينا جي شپ وواھ ۾ پڌاريا. ٻالڪي مينا ۽ سندس پياري پتي هرديال اٽلاٽيءَ کي آسيس ڪيائون.

۱ فيبروري منجهند جو پوڄنيہ سواميجن پمپريءَ ۾ پڌاريا. پريم پرڪاش مندر جي سامهون ميدان تي رات جو ستسنگہ جو آيوجن ڪيو ويو. پيڻ ستي ۽ ٻين پريمين پوڄنيہ

نام اُچاريندو رهيو. ٻارهين ڏينهن هن ماءُ کي چيو تہ اڃا تہ گهاءُ ڀريو ڪين آهي، ساڳي تڪليف قائم آهي. ٻارهن ڏينهن ۾ ڪو فرق ڪين ٿيو آهي. سندس ماءُ هنجي دل وندندي چيو تہ نراس نہ ٿيءُ، ڏٺيءَ جا وڻ ويجها آهن. ٻارهين ڏينهن رات جو ننڊ ۾ سال بيگہ کي ڀڳوان شري ڪرشن درشن ڏيندي ڪيس ڀڀوتي ڏني تہ اها ان گهاوَ تي لڳائج تہ نيڪ ٿي ويندين. سال بيگہ جي اک کلي. سندس هٿ ۾ ڀڀوتي هئي. هن اُها ڀڀوتي هڪدم مٽي تي گهاوَ تي لڳائي مس تہ سندس گهاوَ هڪدم نيڪ ٿي ويو. سندس خوشيءَ جي حد نہ رهي. هن جو ڀڳوان شري ڪرشن ۾ ويساهہ وڌيو ۽ مسلمان ٿي هي ڀڳوان شري ڪرشن جو ڀڳت بڻجي پيو. ڀڳوان ذات پات ڏسي نہ مور، جيڪو شرڌا سان جپي تنهن جا ڏک ٿين دور.

پريميو، توهان بہ پريوءَ ۾ پورڻ وشواس رکي سندس نام ڳايو. ڌيان ڌيايو تہ توهان جا مڙئي مرض ناس ٿي ويندا.

۵ فيبروري پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ هڪ هڪ سنت پاڻ سان نام جو سنديش کڻي اچي لوڪن کي سڄاڳہ ڪري ٿو. سوامي چندن پرڪاش مهاراج بہ ديش وديش ۾ پريمين کي خوب نام جپايو. سنتن جو خاص ڪم ئي آهي نام جپائڻ. توهان بہ پنهنجي جيون ۾ نام جي جوت جڳايو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

رام نام کي پريم کي پاٺي پڙهو هميش،
کہ ٿيئون من شانت هو، ڇوٽي پاپ ڪليش.

ڪيترائي پريمي پڇندا آهن تہ من ايشور ۾ نٿو لڳي. جيسين من ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار جون لهرون لڳنديون رهنديون، تيسين نام ۾ چت ڪين لڳندو. اِهي وڪار ڪنڊا آهن، ڀڳوت ڀڄن ۾ روڪاوٽون آهن. پير ۾ ڪنڊو لڳندو آهي تہ هلي نہ سگهبو آهي. اک ۾ ڪڪہ پوندو آهي تہ ڏسي نہ سگهبو آهي. جيسين من جي مهراڻ ۾ وڪارن جي وير چڙهيل آهي، تيسين پريوءَ سان چت جي ورتي نہ جڙندي.

پريميو، وئراڳہ ۽ اڀياس سان من جو ڀٽڪڻ بند ٿيندو ۽ پوءِ نام ۾ چت لڳندو. دليو بي دليو نام جپيندا رهو. بيمار ماڻهو دوا دل سان پيئي، اُن جو اثر اوس اُن تي ٿيندو. دل سان دوا پيئڻ ڪري منو وگيانڪ اُن جو صرف جلدي اثر ٿيندو. ان ڪري نام کان ومکہ نہ ٿيو. جيئن جيئن اوهان نام جپيندا ويندا، تئين تئين توهان جو چت نرمل ٿيندو ويندو.

نام جپڻ من نرمل هوءِ

جيئن جيئن اسان جو من نرمل ٿيندو ويندو، اسين پريوءَ جي ويجهو ٿيندا ويندا سين.
روهڙا برادري منڊل جو وارشڪ اُتسوُ ۷ فيبروري آرتوار صبح جو ۱۱ بجي سوامي

٣ فيبروري پوڄنيه سواميڄن سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ شام جو سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته پياري سنت اننت پرڪاش ۽ ساري سنگت کي ڌنيواد آهي جو توهين ڏاڍي شرڌا ۽ اُتساهه سان سوامي چندن پرڪاش مهاراج جو ورسي اُتسوَ ملهائي رهيا آهيو. سوامي چندن پرڪاش پريم پرڪاش منڊل جو مکيه سنت هو. اُدار دل ۽ پراُپڪاري هو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

ڪمل پتر هئه ساڌ جن، بسي جگت کي مانهه،
بالک ڪيري ڌايه جيون اپنا جانت نانهه.

سنت ساڌو سنسار ۾ ارڻات ڪمل پتر ڪمل جي گل جيان نرلپت رهن ٿا، جيئن دائي ٻار ڇٽائيندي آهي پر اُن ٻار کي پنهنجو نه سمجهندي آهي. هوءَ ٻار ڇٽائي هلي ويندي آهي. تيئن سنت، مايا کي، جڳت جي پدارٿن کي، پنهنجو هرگز ڪين ٿا سمجهن. هو سڀ ڪجهه پرماتما جو سمجهي جڳت ۾ اناسڪت ڀاوَ سان رهن ٿا. سوامي چندن پرڪاش وٽ به لکين روپيا ايندا هئا، هي پيارو اُپڪار جي ڪارين ۾ خرچ ڪندو هو. پريميو، توهان به سنساري سنٻنڌين ۽ پدارٿن کي پنهنجو سمجهي، اُنهن ۾ موهه رکي مالک کي وساري نه ويهو.

سمرو سمر سک پاوهه

نام جو سمرڻ ڪندي ڪندي توهان کي سچي سک جي پراپتي ٿيندي.

٤ فيبروري پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي اُنجو سمرڻ ڪريو ته توهانجا دک درد دور ٿيندا. ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ٽيئون پروسي رام کي، پورن هو سب ڪام،
ڪشٽ وگهن دکه دور هو، من ۾ هو آرام.

پريميو، ڀڳوان ۾ پورو ڀروسو رکي کيس ياد ڪريو.

اوڙيسا جي گڄپتي ونش جو راجا ڪمزور ٿي ويو. اهو وجهه وٺي ڪٽڪ جي بادشاهه لال بيگ مٿس چڙهائي ڪري حڪومت هٿ ڪئي. لال بيگ اتياچاري هو. هي هڪ وڏوا برهمڻيءَ کي نديءَ ۾ سنان ڪندي ڀڄائي آيو. اُن مان کيس پٽ ڄائو، جنهنجو نالو سال بيگ رکيائين. سال بيگ وڏو ٿيو. جنگ ۾ کيس مٿي تي سخت چوٽ لڳي. سندس پتا هن جو علاج ڪرايو، مگر سال بيگ نيڪ نه ٿيو. لال بيگ نراس ٿي ان راڻيءَ جي گهر وڃڻ ئي ڇڏي ڏنو. سال بيگ پڻ علاج ڪري بيزار ٿي پيو. سندس ماتا کيس چيو 'پٽ، تون يارهن ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن جو صدق سان سمرڻ ڪر ته تنهنجو دک درد دور ٿي ويندو. سال بيگ ماءُ جي آگيا موجب رات ڏينهن جڳه شري ڪرشن، جڳه شري ڪرشن

کنچن ديئا کرن ني، دروپدي ديئا چير،
جو ديئا سو پائيا، ائسي کهي کبير.

جهڙي وستو توهان دان کندا، اهڙي شيءِ توهان کي موٽ ۾ ملندي. ڪرڻ سون دان ڪيو تہ ڪيس سون پئي مليو، دروپديءَ وستر دان ڪيو تہ ڪيئن نہ پربوءِ ڪيس ساڙهين جا سٽ ڏيندي رڪشا ڪئي. توهين بہ خوب دان پن ڪريو.

لوڏا لمان، لاهيون چاڙهيون هر ڪنهن جي جيون ۾ آهن. پر جيڪو منش دان پن ڪرڻ ۾ سخي آهي اُن جو هٿ ڪڏهن بہ نہ منجهندو. پربو پاڻ اچي اُن جي سهايتا ڪري ٿو. صرف نيت صاف هجي. نيت صاف مراد حاصل. پدريشور ڳوٺ ۾ شري جڳڙو رهندو هو. هي پيارو ڏاڍو اُدارچت هو. خوب دان پن ڪندو هو. ڪوبہ سوالي هن وٽان خالي ڪين ويندو هو. سچ بہ پاڇا آهي. اوچتو سندس ڪمائي گهٽجي ويئي. هي دل ۾ سوچڻ لڳو تہ ائين نہ ٿئي جو ڏن جي گهٽجڻ سبب ڪو سوالي نراس ٿي واپس وڃي! هڪ ڏينهن سندس ڳوٺ وٽان هڪ ٻڪرين جو ڌڻ وڃي رهيو هو. هن پياري جي نظر هڪ ٻڪريءَ تي پيئي، جنهن جي ڳچيءَ ۾ هڪ مٽي ڏاڳي ۾ ٻڌل هئي. هن اُها ٻڪري ٻڪرار کان خريد ڪئي. هي ٻڪريءَ کي گهر وٺي آيو ۽ اُها مٽي پاڻ وٽ رکي. اُها مٽي کا رواجي مٽي ڪين هئي پر پارس مٽي هئي. اُن سبب شري جڳڙوءَ وٽ وري مايا جا ڍير لڳي ويا. هُو ڪشادي دل سان دان پن ڪندو رهيو. پرماتما ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ ڪيس مدد ڪئي جنهن ڪري هُو جيون ڀر خوب دان پن ڪندو رهيو.

پريميو، توهان بہ شڌ ۽ نشڪام ڀاونا سان خوب دان پن ڪندا رهو تہ توهانجي ڪمائي ۾ بہ برڪت پوندي، اَن، ڌن ۽ سنتان ۾ واڌو ٿيندو. دان ڪرڻ سان ڌن آ وڌندو. کوهہ مان جيترو پاڻي ٻاهر ڪڍو تڏهن بہ کوهہ سدائين ڀريل رهندو.

۲۲ فيبروري رات جو پوڄيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنت ڪيڏا نہ ڪميا شيل ٿين ٿا. توهان بہ ان ڳڻ جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. شواجي مهاراج جو گرو سمرٿ گرو رامداس روز هڪ ٻن گهرن مان مذوڪڙي ڪرڻ ويندو هو. جيڪي ڪيس ملندو هو، اُهو کائي هُو آنند ۾ لين رهندو هو. هڪ دفعي صبح جو سنت رامداس هڪ گهر ۾ مذوڪڙي ڪرڻ ويو تہ اُن وقت اُن گهر جي ماتا رنڌڻو صاف ڪري رهي هئي. اُها ماتا سياڻ جي ڪروڌڻ هئي. اُن سنت جو آواز ٻڌي هن اُهو رنڌڻي جي صفائيءَ وارو ڪپڙو ڪڍي اُن سنت جي منهن تي ڦٽو ڪيو. سنت رامداس چپ چاپ اُهو ڪپڙو کڻي نديءَ جي ڪناري تي آيو. پاڻ بہ اُتي اشنان ڪيائين ۽ اُهو ڪپڙو بہ ڌوئي سڪايائين. سنڌيا جي آرتي ڪرڻ وقت هن سنت اُن ڪپڙي مان وٽيون ٺاهي جلايون ۽ هٿ جوڙي پربوءَ کي پرارٿنا ڪئي تہ جيئن هي وٽيون پرڪاش ڏئي رهيون آهن، شل ان ڪروڌت ماتا جي

ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۾ ٿيو. پوڄنيه سواميڄن آشيرواد ڪندي چيو ته پريميو، توهان کي ڏنيواد آهي جو هر سال هن قسم جو ميلاپي ميڙ آيوجت ڪيو ٿا. ميلاپ ۾ ئي آنند آهي. اڄ ڪيترن ئي گهرن ۾ اشانتيءَ جو واتاورڻ آهي. ميلاپ ۽ پريم ڪونهي. غم ڪائي به ڳالهه ۾ ميل ميلاپ سان هلو. ڪل ڪل مان آئي لڪشمي به واپس ويندي آهي ۽ مرض به منهن ڪڍندا آهن. سکي جيون لاءِ توهانجا ويچار وهنوار شڌ هئڻ گهرجن. ڏڻ وار تي ڏي وٺ سبب اجائي اشانتي پيدا نه ڪريو. جيون ۾ سادگي، ستيه، سنيهه، سيوا جي ساکي ڏيو. مايا سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪريو.

شام جو ڪرلا بمبئيءَ ۾ ڪپليشور مهاديو منڊل طرفان شوراتري اُتسو سنبنڌ ۾ جلوس ڪڍيو ويو. پوڄنيه سواميڄن ان جلوس ۾ شريڪ ٿيا. سوَن پريمين سواميڄن کي پشپ مالهائون پيش ڪيون. رات جو پوڄنيه سواميڄن شوراتري اُتسوُ سنبنڌ ۾ اُتي ستسنگ پروچن ڪيو.

٨ فيبروري رات جو پڻ پوڄنيه سواميڄن ڪپليشور مهاديو مندر ۾ ستسنگ ورڪا ڪندي پياري نندلعل بختياڻي ۽ سندس ساٿين کي ڏنيواد ڏني جي ڏاڍي اُتساهه سان شوراتري اُتسو ملهائين ٿا ۽ ساڻ ساڻ شيوا جا ڪاريه پڻ ڪندا رهن ٿا. سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته ڀڳوان شنڪر کي ڀولانات ڪري سڏيندا آهن. توهان سڪ شرڌا سان ڪيس ياد ڪريو ته هوُ توهان تي ديا درشٽي ڪندو.

٢٠ فيبروريءَ کان ٣ مارچ وڏالا بمبئي ۾ سنڌي برادري منڊل طرفان پوڄنيه سوامي جن ستسنگ پروچن جو ڪاريه - ڪرم رکيو ويو. ٢٠ فيبروري رات جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پريميو، توهان کي ڏنيواد آهي جو هر سال جيان توهان هن سال به هت ستسنگ يگيه جو آيوجن ڪيو آهي. ستسنگ به وڏڀاڳين کي هٿ ايندو آهي. سنتن ستپرکن جي درشن سان پرماتما ياد ايندو آهي. ستسنگ، سنتن جو سنگ ۾ گذاريل سميه ئي سڦلو سميه آهي، باقي جيون ته ويرٿ آهي. سنت ڪبيرداس به پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

ڪبير درشن ساڌ کي، صاحب آوي ياد،
ليکي ۾ سوئي گهڙي، باقي کي دن باد.

ستسنگ ۾ اچڻ سان انتهڪرڻ شڌ ٿئي ٿو. انتهڪرڻ شڌ هوندو ته نام جپڻ مان آنند ايندو. جيئن تندرست ماڻهو روٽي کائيندو ته روٽيءَ مان سواد به ايندو ۽ ٻل به ملندو. ڪنهن ماڻهوءَ کي بخار هجي، توهان اُن کي سوادي ڀوڄن ڏيو ته اُنکي ان مان سواد ڪين ايندو. توهان به صاف سوسٿ من سان نام جپيو ته توهانکي آتمڪ آنند پراپت ٿيندو.

٢١ فيبروري آرتوار شام جو پوڄيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

گهر باندرا ۾ پڌاريا. پياري نندلعل ۽ سندس پتنيءَ سواميڄن جو شرڌا ۽ سڪ سان سواگت ڪيو. پوڄيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته جيڪڏهن روحاني راهه ۾ وک اڳتي وڌائڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو. الله وٽ آڪڙ نه هلندي. توهان ڪيڏا به ڏنوان هجو، گيانوان هجو، تڏهن به پنهنجي هستي وساري اهڙن ستپرشن جو سنگ ڪريو، جن کي پريوءَ ڪانسواءِ ٻي ڪا چيز ملي ڪين آهي. فقير چون ٿا:

پاڻئڻ ڀڃي ڇڏ متان ڇاڻ وجهئي ڇار ۾،
پاڻ تنين سان گڏ، نينهن جن جو نا ڪنهين.

٢٧ فيبروري رات جو پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته گروڄن فرمائين ٿا:

امرت ويلا سچنا وڏيائي ويچار

پريميو، هر وقت نام جپيو، پر امرت ويلو ته وشيش مهتوَ وارو آهي. رشين منين امرت ويلي کي برهم مهورت سڏيو آهي. اُهو وقت ويرٿ نه وڃايو. صبح جو سويل جو ڪنهن ڪنور ماڻهوءَ کي به عرض ڪبو ته اُن کي به ترس پوندو. پر پرماتما جي اڳيان ان وقت ٻاڏائيندا سين ته ضرور اسان تي ڪرپا ڪندو، اهڙي وقت پريوءَ ڪان نام دان مڱون. نه مايا ملڪيت مال، جو آهي جنجال.

٢٨ فيبروي آرتوار شام جو وڊالا بمبئيءَ ۾ پوڄنيه ستگرو مهاراڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پنهنجو وهنوار چاهي پرمارٿ سڌارڻ لاءِ صرف پستڪن جو گيان ڪافي ڪين آهي. شاسترن جي انڪول هلڻ سان ئي سک جي پراپتي ٿيندي. شاهه لطيف چوي ٿو:

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب ۾،
پاٺا ڏوهه چڙهن، جيئن ورق ورائن وترا.

جيڪي پڙهجي، اُن جو چنتن ڪجي ۽ پوءِ اُن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. ڪي ڪي ودوان پنهنجي ودوتا جو ڍنڍورو ڏيندا آهن، ائين ڪرڻ نه جڳائي. گلن جي سڳند پاٺيهي ايندي آهي. هڪ برهمڻ ڪاشيءَ مان وديا پراپت ڪري واپس وريو ۽ راجا کي چوائي موڪليائين ته هن شريمد ڀڳوت گيتا جو چڱيءَ ريت اڀياس ڪيو آهي. راجا کيس چوائي موڪليو ته تو اڃا گيتا جو پورو ارٿ نه سمجهو آهي. برهمڻ راجا جو اهو جواب ٻڌي وري ڪاشيءَ ۾ ويو. اُتي هن گيتا تي لکيل خوب ٽيڪائون پڙهيون ۽ سال کن بعد واپس وريو. هن وري راجا کي چوائي موڪليو ته هُو چڱيءَ ريت گيتا جو اڀياس ڪري آيو آهي. راجا وري کيس چوائي موڪليو ته اڃا تو گيتا جي رهسيه کي ڪين ڄاتو آهي. اُهو برهمڻ وري ڪنهن مهاتما جي شرڻ ۾ وڃي گيتا جو اڀياس ڪرڻ لڳو ۽ اُن جي سڌانتن موجب وهنوار ڪرڻ لڳو. ائين ڪرڻ سان سندس من مان مايا گڏ ڪرڻ ۽ اهنڪار جي ڀاونا نشٽ ٿيندي وئي. هي پيارو ڪيترو وقت سانت ۾، وئراڳ اوسٿا ۾ گذارڻ لڳو. راجا کي

من ۾ بہ گيان جو پرڪاش ٿئي. سنت بري جو بہ ڀلو چاھين ٿا. ستگرو مھاراج پڻ ڪميا جي مھما ڳائيندي چون ٿا:

ڪميا جانڪي من بسي، تس ھر انتر نانھ،
ڪھ ٽيئون سُر نر سيي درشن چاھت تانھ.

٢٣ فيبروري رات جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ جو پراڻي ڪامنائن ۽ اِڇائن جي ڦندي مان نڪري آيو آھي، اُھو سدائين سکي آھي، انھيءَ جي ڪوئي شانتي ڀنگ نٿو ڪري سگھي. جنھن منش جو ڀڳوان جي ڪرپا تي ڀروسو آھي، انھيءَ جو نام ۾ وشواس آھي. انھيءَ کي سنسار جي ڪائي بہ اِستٿي وچلت نٿي ڪري سگھي.

جو سنسار جي پدارٿن جي ڪائي پرواھ نہ ڪري، ڪيول ڀڳوان سان پريم رکي ٿو، جڳت جون ساريون وستُون ۽ ساريون حالتون سہاويڪ ئي انھيءَ جي ڪلياڻ ۾ لڳي وڃن ٿيون. جو ڀڳوان جو سھارو وٺي ٿو سو نشچنت آھي. انھيءَ کي ڪنھن بہ ڳالھ جي پرواھ ڪين آھي ۽ انھيءَ لاءِ جو ڪجھ بہ ضروري آھي ڀڳوان ئي پورو ڪري ٿو.

جنھن جي ويچار ڌارا تيز ٿيندي آھي، اُھو سندر پريٽام کي نٿو ڄاڻي ۽ نہ پائي سگھي ٿو. تنھنڪري ڪنھن بہ ڏکہ کي ڏسي شوڪ ۾ پئجي وڃي ٿو. ڀڳوان تي ڀروسو رکندڙ اِنسان ڪشٽن کي ڀڳوان جو پرساد سمجھي ٿو ۽ اِنھيءَ کي تپسيا سمجھي سکہ جو انڀو ڪري ٿو. جو منش ڀڳوان تي ڀروسو ڪري ٿو انھيءَ جو ويمو ايشور خود ڪري ٿو. سنسار جون ويمي ڪمپنيون تہ ٽٽي بہ سگھن ٿيون پر ڀڳوان جي ويمي ڪمپني ايڏي وڏي ۽ اڪٽ ڪمپني آھي، جنھنکان سيڪجھ وٺڻ کان پوءِ بہ اوھانجي ڀڳتيءَ روپي رقم ثابت جمع رھندي. ھڪوار ڀڳوان جي ڀڳتيءَ جو ويمو وٺڻ سان ويمي جي پاليسي سدا لاءِ قائم رھندي. سدا سکي رھڻ لاءِ ڀڳوان جي ڀڳتيءَ جي پاليسي پراپت ڪريو. رام نام جمع ڪندا تہ اوھان جي سکہ ۾ ڪڏھن بہ ڪمي نہ ايندي ۽ سدائين سکي رھندا.

٢٤-٢٥ فيبروري رات جو پوڄنيہ سواميڄن امرت ورکا ڪندي راھ روشن ڪئي.

٢٦ فيبروري شام جو ڏياونتي ڀائي ٽيڪمداس ھال، کار بمبئيءَ ۾ نشڪام سماج شيوڪ دادا گوپالداس جمعيتراء جي پرلوڪ پڌارڻ سبب شوڪ سڀا جو آيوجن ڪيو ويو. ان موقعي تي پوڄيہ سواميڄن شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پيارو گوپالداس سنڌي سماج جو ھڪ مٺيو ھو. سکر سنڌ ۾ چاھي ھتي ھن ڪيترا نہ شيوا جا ڪاريہ ڪيا. ٻين کي بہ شيوا ڪارين لاءِ اُتساھت ڪندو رھيو. آزاديءَ جي آندولن ۾ پڻ ھن نوجوانن جي ٽولي تيار ڪري اُنھن ۾ ديش ڀڳتيءَ جي ڀاونا ڦوڪي. سندس جيون ھئي ارپڻ جي جيون. توھان بہ خلق خدمت جا ڪاريہ ڪري تن، من، ڌن سڦلو ڪريو.

٢٧ فيبروري ڇنڇر صبح جو ١٠ بجي پوڄنيہ سواميڄن پياري نندلعل بدلاڻيءَ جي

چيو تہ توهان ڪيڏي نہ اُتساهہ اُمنگ سان ستسنگ يگيہ جو آيوجن ڪري، سوَن پريمين ڪي ستسنگ جو لاڀ ڏنو آهي. هت ڪيترن ئي سنتن پڻ اوهان کي امرت پيئاريو آهي. ستسنگ جي مول مراد آهي توهان کي نام جپائڻ. رام نام نہ صرف زبان سان جپيو پر من ۾ بہ اُنجو ئي ڌيان ڪريو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

ڪبير مکہ تي رام ڪهہ من هين رام ڪو ڌيان،
رام ڪا سمرن ڌيان نت يهي ڀڳتي يهہ گيان

رام نام جو سمرڻ ۽ اُن جو ڌيان ئي ڀڳتي گيان آهي. جيئن توهان سنساري ڳالهين لاءِ پنهنجو وقت ڏيو ٿا، تيئن ڪجهہ وقت پرڀوءَ لاءِ بہ پاسيرو ٿي نام چنتن ڪريو. توهان کي پرماتما ڌن دولت ڏني آهي، پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهہ حصو سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو. وهندڙ درياهہ مان جس ڪريو. لکہ ڪروڙ سڀ اِتي ئي ڇڏي ويندا. مايا اُها سڦلي جا اُپڪار جي ڪارين ۾ ڪم اچي.

٦ مارچ صبح جو ١١ بجي پوجنيہ ستگرو مهاراج سوامي وويڪانند ايڊيوڪيشن سوسائٽيءَ جي اسڪول بلڊنگ اُرپڻ اُتسوُ ۾ سنڌي سوسائٽي چيمبور بمبئيءَ ۾ پڌاريا. ان اُتسوَ جا پرڌان هئا بئريسٽر دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي. اسپين ۾ رهندڙ پياري پريم نارواڻيءَ پنهنجي پوجيہ پتا نئرمل تاراچند نارواڻي ۽ ماتا سيتا ٻائي نارواڻيءَ جي پوتر يادگيريءَ ۾ ڏهہ لکہ روپيا اسڪول بلڊنگ لاءِ دان ڏنا. سندس خواهش هئي تہ ان موقعي تي پوجيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اچي آسيس ڪن. مهاراشٽر جي اڳئين منتري ڀاءُ حشو آڏواڻي ۽ شري جهمٽمل واڌواڻيءَ پوجنيہ سواميجن جو سواگت ڪيو. پوجنيہ ستگرو مهاراجن آشيرواد ڪندي چيو تہ پياري پريم نارواڻيءَ کي ڌنيواد آهي جنهن پنهنجي پتا ۽ ماتا جي پوتر يادگيريءَ ۾ ڏهہ لکہ روپيا دان ڏئي اُتم ڪاريہ ڪيو آهي. وديا دان اُتم دان آهي. هزارين وديارٿي هن وديا مندر مان وديا گرهڻ ڪري آدرشي ناگرڪ بڻبا. پياري حشو آڏواڻي ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد آهي، جو هي پيارا نشڪام ڀاونا سان علم جي جوت جڳائي رهيا آهن. شل اچا وڌيڪ وڌيڪ شيوا جا ڪم ڪندا رهن.

پريم پرڪاش مندر گانڌي نگر جو ڇهون وارشڪ اُتسوُ ٩ مارچ ١٩٨٨ کان ١٣ مارچ پوجنيہ سواميجن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. ٩ مارچ صبح جو ٦ بجي جيئن ئي پوجنيہ سواميجن گانڌينگر اسٽيشن تي ٽرين مان لٿا تہ سندن ڀويہ سواگت ڪيو ويو. دهلن شهناين سان جلوس ڪڍي ڪين شهر ۾ آندو ويو. صبح جو ٩ بجي پوجنيہ سواميجن جهنڊو چاڙهي اُتسوُ آرنڀ ڪيو. شام جو ٤ بجي سواميجن کي سينگاريل ڪار ۾ ويهاري شوڀا ياترا ڪڍي وئي. رات جو سواميجن ستسنگ ڪيو. ١٠ مارچ شام جو سواميجن سوامي سروانند اسڪول ۾ پڌاريا. ڀاءُ رميش تنواڻيءَ سواميجن جو سواگت ڪيو.

جڏهن ان برهمڻ بابت اِها ڄاڻ پيئي، تڏهن پاڻ اُن وٽ وڃي کيس پرڻام ڪري چيائين هاڻي توهان گيتا جو رهسيه ڄاتو آهي.

پريميو، ڌارمڪ شاسترن جو پڙهڻ ۽ شروڻ سولو آهي، پر اُنهن جي سکيا جي ساکي ڏيڻ ڏکي آهي. انهن سکيائن تي عمل ڪرڻ سان ئي آنند جي پراپتي ٿئي ٿي.

۱ مارچ رات جو وڏالا ۾ پوجنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ڀڳوت ڀڄن ايڪاگرچت سان ڪريو. جڏهن وڪارن جو تياڳ ڪبو تڏهن من جي ورتي پرڀوءَ سان جڙندي، سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

ڪامي ڪروڌي لالچي، ان تي ڀڳت نه هوءِ

ڪامي پرش، ڪروڌي ماڻهو، لوڀي شخص ڀڳتي نه ڪري سگهندو. اهي وڪار من جي اڳيان رنڊڪون آهن. جڏهن ڏاڍي مڙس جو سهارو ونبو آهي ته دشمن ويجهو ڪين ايندو آهي. توهين به جڏهن ڀڳوان جي شرڻ ونندا، اُن هڪ پرڀوءَ جو سهارو وٺندا ته وڪارن روپي دشمن ڀڄي ويندا ۽ توهانجي حياتي انهن وڪارن جي چنبي مان بچي ويندي. انڪري من کي ڀڳوان طرف لڳائجي، اُن جي شرڻ ونجي ته ته وڪار من روپي گهر مان ڀڄي هليا ويندا ۽ پوءِ ڀڳوت ڀڄن ۾ من لڳندو. سنڌ مان هڪ پياري حڪومتراءِ چلي لکي ته ڏس ڏيو ته سنسار کان ڪيئن ڇٽان جو ڀڳوان جي راهه ڏانهن وک وڌايان. اسان کيس چٺيءَ جو جواب ڏيندي لکيو ته سنسار کان ڇٽڻ جي ڪوشش نه ڪر، توکي صرف جنهن طرف هلڻو آهي اُن طرف تون هلڻ جي ڪوشش ڪر، پوءِ توکي سنسار ڏسڻ ۾ به ڪونه ايندو. تنهنجي چاهنا جيڪڏهن پريو پراپتيءَ جي آهي ته تون اُن پٽ جو پانڌيڙو ٿي اڳتي وک وڌاءِ، ٻيءَ ڪنهن ڳالهه جي چنتا نه ڪر ته ڪنهن نه ڪنهن سپاڳي ڏينهن تون پرڀوءَ کي اوس پائيندين.

۳ مارچ رات جو پوجنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته اڄ هولي آهي. هولي ڀڳت پرهلاد جي يادگيري ڏياري ٿي. ڀڳوان ڪيئن نه باهه جي ڀنيٽ مان ٻالڪ پرهلاد کي بچايو. هولڪا جلي ويئي، ڀڳت پرهلاد بچي ويو. ڀڳت پرهلاد کي ڪيئن نه جبل جي چوٽيءَ تان ڪيرائين ٿا ته جيئن هوُ ٽڪر ٽڪر ٿي ختم ٿي وڃي، پر ٻالڪ پرهلاد رام رام چوندو هيٺ ڪريو. سندس وار به ونگو نه ٿيو. هنجو ڀڳوان ۾ اٽل وشواس هو. وري ڪيئن نه کيس باهه ۾ تپيل لوهه جي ٿنڀي سان ٻاڪر پارايو ويو، پر تڏهن به پرهلاد ڀڳت سلامت رهيو ۽ ڀڳوان پاڻ پرگهٽ ٿي سندس رکشا ڪئي. پريميو، توهين به پرڀوءَ کي شرڌا ۽ وشواس سان ياد ڪريو ته ڀڳوان توهانجي رکشا ڪندو. پريو پنهنجي پيارن جي پاڻ اچي سار لهي ٿو.

۴ مارچ شام جو وڏالا بردار منڊل جي طرفان هوشيار سنڌي وديارٿين کي پوجنيه سواميڄن جي هٿان انعام ڏيارِيا ويا. پوجنيه سواميڄن آيوجڪن مکي چوئٿرام بيگراج، ڀاءُ پرياڻي، نهچلداس منگترام، جيئندرام واڌوا، ننديرام ٺهلرام ۽ ٻين پريمين کي ڌنيواد ڏيندي

ڀڳت وياس چيس تہ ڀڳوان کي ڀوڳہ لڳائي ڀوڄن کٽي ٿو اچان. ڀڳت وياس ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان ڀوڄن رکي ڀوڳہ لڳائڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. ساڌو شايد ڏاڍو بکايل هو، ڀوڄن ڏيڻ ۾ دير ڪرڻ سبب اُن ساڌوءَ ڪروڌ ۾ اچي ڀڳت وياس کي گهٽ وڌ ڳالهايو. پيارو وياس، ڀڳوان شري ڪرشن کي ڀوڳہ لڳائي اُن ساڌوءَ لاءِ ڀوڄن کٽي آيو. تڏهن بہ اُهو ساڌو کيس گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. ڀڳت وياس کيس وينتي ڪندي چيو ’مهاراج، داس تي ڪميا ڪريو. ڀوڄن ڏيڻ ۾ دير ڪيم. هاڻي ڪرپا ڪري ڀوڄن ورتايو. باقي رهيل سهيل گاريون ڪاڌو ڪائي پوءِ بلاشڪ مونکي ڏجو.‘ ڀڳت وياس ۾ ڪيڏي نہ سهنشيلتا هئي. پريميو، توهان بہ سهنشيل ٿيو.

۱۳ مارچ رات جو پوڄيہ سواميڄن بيلگام ۾ پڌاريا. رات جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ جيڪڏهن توهان سک چاهيو ٿا تہ ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو. سنت ستپرکہ پنهنجي سک سهنج جو خيال نہ ڪندا آهن. هو ٻين ٻين کي خوش رکندا آهن. هڪ دفعي اڌ رات جو سنت ايڪنات جي ڪٽيا ۾ چار پرديسي برهمڻ پڌاريا، ايڪنات سندن ستڪار ڪيو ۽ پتنيءَ کي ڀوڄن تيار ڪرڻ لاءِ چيو. ستن ڏينهن کان ساندهہ برسات وسي رهي هئي. گهر ۾ ٻاهہ ٻارڻ لاءِ سڪل ڪاٺيون ڪين هيون. پتني گرجا ٻائيءَ اهڙي مجبوري ڏيکاري. سنت ايڪنات پنهنجي کٽ پڃي اُن جا ٽڪر ٽڪر ڪري پتنيءَ کي ڏنا تہ جلدي ڪاڌو تيار ڪري آيل مهمانن کي پرسن ڪر. پتنيءَ ڪاڌو تيار ڪري آيل برهمڻن کي ڪارايو. سنت پنهنجي سک جو خيال نہ ڪري ٻين کي راضي رکڻ جو وڏيڪ اونو ڪن ٿا. توهين بہ جيڪر اِها وات ونو. توهان ٻين کي سکي ڪندا تہ پريو توهان کي سکي ڪندو.

۱۴ مارچ پوڄنيہ سواميڄن هبليءَ ۾ پڌاريا. سنڌي پئنچات سواميڄن جو سواگت ڪيو. اُتي سواميڄن بہ ڏينهن امرت ورکا ڪئي. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پنهنڄن ٻالڪن ۾ سنا سنسڪار وجهو. توهين پاڻ بہ روز ڪجهہ وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ سڦل ڪريو. روز ڪو نہ ڪو اُپڪار جو ڪم ڪريو.

تمنگل نالي هڪ ٻالڪ جهنگل ۾ گانيون چاري رهيو هو. اُتان هڪ سنت لنگهيو. ٻالڪ اُن مهاتما کي نمسڪار ڪندي چيو تہ منهنجي امڙ منهنجي لاءِ روٽي کٽي ايندي. اوهان جيڪر ٿورو ترسي روٽي کائي پوءِ وڃو. اُن سنت چيو، ’ٻالڪ، تنهنجي ماتا صرف تو لاءِ روٽي کٽي ايندي، مون لاءِ ٿوروئي ڀوڄن آڻيندي.‘ ٻالڪ وراڻيو ’ڀرين اوهان ڀوڄن ڪائجو، پوءِ اما ٻيهر مون لاءِ روٽي کٽي ايندي.‘ سنت ڪجهہ وقت ترسيو. جڏهن ٻالڪ جي ماتا روٽي کٽي آئي، تڏهن سنت روٽي کائي اُن ٻالڪ کي پنهنجو ڏنبو هنيو، هڪ دفعو ٻيهر بہ ڏنبو هنيو. تڏهن ماتا مهاتما کي چيو تہ مهاراج، ٻالڪ اڄاڻ آهي. هن کان ڪا غلطي ٿي هجي تہ ڪميا ڪريو. سنت پنهنجي موڄ ۾ اُن ٻالڪ کي وري ڏنبو هڻڻ لڳو. سنت ٻالڪ کي ۷ دفعا ڏنبو هنيو ۽ پوءِ اُتان هليو ويو. ماتا ممتا سبب ٻالڪ کي لپٽي پئي. اُن سنت ٻالڪ تي پرسن ٿي کيس ست دفعا ڏنبو هڻدي ست جنم راجا ٿيڻ جو وردان ڏنو ۽ اڳتي هلي اُهو ٻالڪ راجا ٿيو ۽ ٻين ڇهن جنمن ۾ پڻ راجا ٿيو. ٻالڪ پنهنجي روٽي پاڻ نہ کائي سنت کي روٽي کارائي. اُن پڄ سبب کيس ست جنم راجا ٿيڻو پيو.

سواميڄن وديارٿين کي ڪيترين ئي سکيائون ڏنيون. سواميڄن روز رات جو شاهي منڊپ ۾ ستسنگ ڪندا هئا. ١٢ مارچ سواميڄن سوامي ٽيئونرام مهلا منڊليءَ ۾ ستسنگ ڪندي ماتائن کي چيو تہ پنهنجي پتي ديوَ، سس سهري جي خوشيءَ ۽ اُمنگ سان شيوا ڪريو. اوهان جا ٻالڪ بہ ڀڳوان جو روپ آهن، اُنهن جي بہ پوري پوري پرگهور لهو. منڊل جي سنچالڪا ماتا راڻي ديالداس سواميڄن جو سواگت ڪندي آڀار مڃيا.

١٣ مارچ پرڀات جو پوڄنيہ سواميڄن سڀني سنتن سان گڏجي اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ مکي راڌا ڪرشن، هري ڀلي، رميش تنواڻي ۽ ڀين پريمين کي ڌنيواد آهي جي هت ستگرو مهاراڄن جي جوت جڳائي وينا آهن. توهان هر سال هي اُتسوَ ملهايو ٿا، جتي سنت مهاتمائون اچي نام جو امرت پيئارن ٿا. توهان چارئي ڏينهن ڏاڍي شرڌا سان ستسنگ جو شروڻ ڪيو آهي. سنتن جي سکيائن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. گروڄن ستسنگ جو مهتوَ ٻڌائيندي چون ٿا:

ميري ماڌو جي ستسنگ ملي سو تريا،
گرو پرساد پرم پد پايا سوڪي ڪاشٽ هريا.

جنهنکي ستسنگ پراپت ٿئي ٿو سو ڀوَ ساگر مان پار تري وڃي ٿو. ستگروءَ جي ڪرپا سان ئي پرم پد ارٿات آڌياتمڪ منزل تي پهچي سگهبو. پربهوءَ جي ديا سان ئي سڪل ڪانيون سرسبز ٿي سگهن ٿيون. انڪري ڪنهن نہ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو، جو توهان جي راهہ روشن ڪري. موهہ ممت جو تياڳ ڪري پربهوءَ جي چرنن ۾ چت لڳايو. هي سارو سنسار ۽ سنسار جا پدارٿ پرماتما جا ئي آهن. جيوَ اگيان سبب انهن کي پنهنجو سمجهي اجايو دکي ٿئي ٿو. پريميو! توهان جيڪڏهن سکي رهڻ چاهيو ٿا تہ پاڻ کي مالڪ نہ، پر مهمان سمجهي سنسار ۾ رهو. ڪم ڪار بہ ڪرتار جو سمجهي ڪيو. پاڻ کي ڪرتا بہ نہ سمجهو، نہ تہ دکي ٿيندا. پاڻ کي پربهوءَ جو اوزار سمجهو. پاڻ کي پرماتما جو نوڪر، شيواڌاري سمجهي ڪم ڪار ڪريو. شيواڌاريءَ جو ڪرتويہ آهي تہ سڀ مالڪ جو سمجهي شيوا ڪري، سڀ سان منو ڳالهائي. هرهڪ ڪاريہ مالڪ جو سمجهي سٺي نموني ڪري. ائين ڪرڻ سان مالڪ بہ خوش ٿيندو تہ ملڪ بہ خوش ۽ جيوَ پاڻ بہ آنند جو انڀوُ ڪندو.

١٣ مارچ صبح جو پوڄيہ سواميڄن اچلڪرنجيءَ ۾ پڌاريا. ڀاءُ برجلعل هيراڻي ۽ ڀين پريمين سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوڄيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ ستگرو مهاراڄ فرمائين ٿا:

ڪميا جانڪي من بسي، تس هر انتر نانهہ،
ڪهہ نيئون سُر نر سڀي، درشن چاهت تانهہ.

سنت ڪميا جو روپ ٿين ٿا، انڪري انهن سنتن ۽ پربهوءَ ۾ تفاوت ڪين آهي. ديوتائون بہ اهڙن ستپرشن جو درشن ڪرڻ چاهين ٿا. پريميو، توهان ڀلي ڪنهن بہ ڪيتر ۾ واڌارو ڪريو پر سديوَ ڪميا شيل ٿي رهو. ڪميا وڏو گڻ آهي.

هڪ دفعي بندرابن ۾ ڀڳت وياس وٽ هڪ ساڌو آيو ۽ ڪيس پوڄن ڪرائڻ لاءِ چيائين.

مايا ملي ٿي، ڪو وڏو عهدو ملي ٿو تہ ماڻهو ڦونڊ ۾ پيا پرجن. نماڻائي منش جو ڀُوڻو آهي.

شري نارايڻ مهاراج ڀڳت مالها ناهي رهيو هو. جيئن مالها ۾ سمير داڻي ڪي چڏي باقي ٻيا ساڌارڻ هڪجهڙا داڻا ٿيندا آهن، تيئن سنت ناپارام ويچار ڪيو تہ سندس ڀڳت مالها جو ڪهڙو سنت شُميرداڻي وانگر اهميت وارو هئڻ گهرجي. هن ان سنبنڌ ۾ ڀڳتن جي پنڊاري جو آيوجن ڪيو. ان پنڊاري ۾ سوين ڀڳت شريڪ ٿيا. پنڊاري لاءِ پنگت لڳي. آيل سنت پنهنجي پنهنجي آسڻ تي ويٺا. سنت تلسيداس ٿورو دير سان آيو، ان ڪري شري ناڀي مهاراج کيس چيو تہ تون هيٺ زمين تي ئي ويهہ. سنت تلسيداس هيٺ مٽيءَ تي ويهي رهيو. آيل سيني سنتن کي کيرٽيءَ لاءِ پيالا مليا، پر سنت تلسيداس جي پريکيا وٺڻ جي خيال کان کيس پيالي جي بدران سنت ناڀاداس جتيءَ جي پادر ۾ کيرٽي وجهي ڏني. سنت تلسيداس ان ۾ پنهنجو نرادر ڪين سمجهو. هو مشڪندي مٽيءَ تي ويهي جيئن پوڄن ورتائڻ لڳو تہ سنت ناڀاداس، سنت تلسيداس کي پادر ۾ ورتل کيرٽي کائڻ کان روڪيو ۽ سندس چرنن تي ڪري پيو. سنت تلسيداس جي نمرتا ڏسي هن اُتي پنگت ۾ پڌرائي ڪئي تہ مونکي ڀڳت مالها لاءِ سمير داڻو گهربل هو، اُهو اڄ سمير داڻو سنت تلسيداس جي روپ ۾ مونکي ملي ويو. سچ پچ سنت تلسيداس سنتن جو سرمور آهي.

پريميو، توهان بہ جيڪڏهن پريوءَ جي راهہ ۾ اڳتي وڌڻ چاهيو ٿا تہ نماڻا ٿيو. وهنوار ۾ بہ حليمائيءَ جي ضرورت آهي. نمرتا وارو جتي ڪٿي عزت مان پائيندو.

٢ اپريل صبح جو پوڄنيہ سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پرڀات جو ويلو امرت جو ويلو آهي. اهو امولہ سميہ ويرٿ نہ وڃائجي، نام جو چنتن ڪجي. سنگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

امرت ويلي اوُٺ ڪي، ڇوڙ ڪلپنا ڪام،
ڪهہ ٽيئُون هر ڏيان ڌر، سمرو گرو ڪا نام.

ڪرم ڪجي وقت موجب. جنهنجو وقت ويو تنهنجا سواس ويا، لوڪ ويو پرلوڪ ويو. جيڪو امرت ويلي جاڳي ٿو سو سدائين سجاڳ آهي. جو پرڀات جو سمهي ٿو سو سدائين سمهيل آهي. سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ برهم مهورت جو اُتي نام چپيندا هئا. سنت ڪنهن کي ڪل نہ ڏيندا آهن تہ هوُ سويرو اُٿي ڀڳوت ڀڄن ڪندا آهن. شاهہ لطيف بہ چويٿو:

جيهر لوڪ جهپ ڪري اوهير اُڏامن.

لوڪ جڏهن ننڊ ۾ ستل آهن، تڏهن ستپرڪہ سجاڳ ٿي سائينءَ کي ياد ڪن ٿا. پائي هرچورام صاحب جي آستان شاهپور ٺلهي تي ڏيالداس پنڊاري هوندو هو. هڪ رات جو ٢ بجي سندس اک کلي. ڏسي تہ سائين هرچورام صاحب ڀڳوت ڀڄن ۾ لين آهن. ڏيالداس پيو هنن ڏانهن نهاري. سائين هرچورا صاحب جن چيس 'پيارا، تون ٻليءَ وانگر چو پيو

سنتن جي ڏنڊي هٽ سان ٻه ڀاڱا ڪلي ٿو.

١٨ مارچ شام جو ٦ ٻجي پوڄنيه سواميڄن سوامي ٽلوڪداس مهاراج جئه بابا جينتي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ جئه بابا ڌام، سنڌونگر ٥ ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سوامي ٽلوڪداس مهاراج سان سالن کان سنيھ جو سنٻنڌ هو. سندس گيان گرڀت پروچن ۾ تاثير هوندو هو. هن سنت سڀن کي پرماتما جي پٿ ۾ چڪيو ۽ ڪيترائي اُپڪار جا ڪاريه ڪيا. پيارو سنت برهداس پڻ سندس جوت جڳائي رهيو آهي. پريميو، توهان پڻ سوامي ٽلوڪداس مهاراج جي سکيائن تي عمل ڪريو. پرڀوءَ کي نه وساريو ۽ روز ڪو نه ڪو شيوا ۽ پراُپڪار جو ڪم ڪريو.

سنت برهمداس سواميڄن جا آڀار مڃيندي چيو ته پرم شرڌييه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي جيون مان مونکي ڪافي پريرڻا ملي آهي. سندن آسيس سان منهنجا ڪيترا ڏکيا مسئلا حل ٿيا آهن. سواميڄن سدائين منهنجي دل وڌندا آهن ۽ ڪاريه ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪندا آهن. سواميڄن سنت برهمداس جي ڪئسيٽ جو پڻ مهورت ڪيو.

١٩ مارچ چيٽي چنڊ ڏينهن منجهند جو ١٢ ٻجي سواميڄن چاليهي صاحب جي نئين تلاءَ جي ڀومي پوڄا ڪرائي. سواميڄن چاليهي جي شيواڌارين ۽ پياري ويرومل راڳهاڻيءَ کي ڌنيواد ڏني. جي تن، من ۽ ڌن سان چاليهي صاحب جي شيوا ڪري رهيا آهن.

شام جو آشرم ۾ ستسنگ ڪندي سواميڄن چيو ته اڄوڪي ڏينهن ورڻ ديوتا امرلعل سنڌ جي نصرپور شهر ۾ جنم ورتي آيو، ڌرم جي رکشا ڪرڻ لاءِ. اڄوڪي ڏينهن ساري ديش ۾ سنڌيت جو ڏينهن ڪري ملهايو ٿو وڃي. پريميو، توهان سنڌيت، سنڌي سنسڪرتيءَ کي قائم رکو. ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکاريو. شري لعل سائينءَ جي اُپاسنا ڪريو. لعل سائين توهانجا ڪم راس ڪندو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسوَ چيٽ جو ميلو ٣١ مارچ کان ٤ اپريل امراپور آسٿان جئپور ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوڄنيه ستگرو مهاراج ٢٥ مارچ جئپور امراپور آسٿان تي پڌاريا. پوڄيه ستگرو مهاراج صبح ۽ شام جو امرت ورکا ڪندا رهيا. ٣٠ مارچ سوامي گرمکداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيه سواميڄن سوامي گرمکداس مهاراج کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته هوُ اسانجي پريم پرڪاش منڊل جا مکيه سنت هئا. هنن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سان گڏجي خوب نام جو پرچار ڪيو. هو ڪيئن نه يڪتارو وڄائيندي، ڀڄن ڳائيندي، پريمين کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيندا هئا. هنن ٻاڻ ٻه ڪيترائي ڀڄن لکيا.

٣١ مارچ صبح جو پوڄنيه ستگرو مهاراجن جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. شام جو ٤ ٻجي شاهي جلوس پوڄنيه سواميڄن جي سرپرستيءَ ۾ نڪتو. چارئي ڏينهن صبح شام منڊل جي سنتن ۽ ٻين مهاتمائن ستسنگ ورکا ڪئي. ١ اپريل شام جو پوڄيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سنڌين جا سرمور سنت هئا، پر سياڻا ڪيڏا نه نماڻا! هوُ ودوان هئا، مهان گيانوان هئا، پر ڏيکاري ٻنھ ڪين ڏيندا هئا. سندن ٻاڻيءَ ۾ اٿاھ گيان سمايل آهي. اڄ ڪلھ اهنڪار ڪيڏو نه وڌي ويو آهي. وڌيڪ

٢- سنت ديالو آهن جهڙا، ڪهي ٽيئون نہ ٻيا اهڙا،
ڪيان مهما تن جي ڪيهي، ڪڇ حال اُنهن سان ويهي.

چوندا آهن اڪيلي وڻ سان بہ حال اوربو آهي تہ دل جو بار هلڪو ٿيندو آهي. اڳي هڪ قسم جو بخار ايندو هو، پيڙيون چونديون هيون تہ وڻ کي وڃي چئہ تہ مونکي ضرور ناناٽي وڃڻو آهي، تون بخار وٺ. ايشور ڪرپا سان وڻ کي ائين چوڻ سان بخار لهي ويندو هو. وڻ سان حال اورڻ سان بخار لهي وڃي ٿو تہ سنتن ستپرکن سان حال اورڻ سان دل جو بار هلڪو ڪيئن نہ ٿيندو! جڏهن سنت ستگر ديا جي درشٽي ڪن ٿا تہ تن من جا دکہ درد دور ٿي وڃن ٿا. سامي صاحب بہ فرمائي ٿو:

ستگر پرکہ سڄان، رکيو هٿ مٿي تي،
مٿي ويئي من مون، سامي کنچاتاڻ،
وسيو مينگهہ مهر جو، پريا نينهن نياڻ،
اچي بيٺا پاڻ، سنمکہ منهنجي سپرين.

٢ اپريل پرڀات جو پوجنيہ سواميڄن سيني سنتن سان گڏجي اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ پرماتما جي ڪرپا ۽ ستگرو مهاراجن جي ديا سان هي وارشڪ اُتسوُ سڦلتا سان سماپت ٿي رهيو آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هي وارشڪ اُتسوَ آرنڀ ڪيو جيئن پريمي اچي سنتن جو لاڀ پراپت ڪن. سنتن جو مول مقصد اٿوَ پاڻ نام جپڻ ۽ نام جپائڻ. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن چاهي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪيڏا نہ رتن ڪري سنتن کي سڄاڳہ ڪري پريوءَ جي راهہ ۾ چڪيو، پريم جو پيغام ڏنو. اڄ توهان هتان نام پدارٿ کڻي وڃو. نام جي وڏي مهما آهي. ستگرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪهہ ٽيئون نت ڪيجئي، رام نام سي پريم،
رام نام ڪي سم نهين، جپ تپ سنيم نيم.

پريميو، توهين گهر گرهست ۾ رهي ڪجهہ وقت بچائي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. اسان پورا ٿي ويندا سين، سنسار جا ڪم پورا ڪين ٿيندا. رام نام جي سمرڻ برابر ڪو ٻيو ساڌن ڪين آهي. سواس سواس سان سائينءَ جو سمرڻ ڪريو.

شري گرو رامداس صاحب شروع کان آڌياتمڪ ساڌنا ڪندي روز رات جو پنهنجي چوٽي ڇت جي ڪڙيءَ سان ٻڌي ڀڄن ڪندا هئا، جيئن ننڊ نہ اچي. رات جو وقت ايڪانت جو وقت ٿئي ٿو. اُن وقت ڀڄن ۾ ڪوبہ وگهن وجهي نٿو سگهي، انڪري ڪيترا ستپرش راتيون جاڳي پريوءَ جو سمرڻ ڪندا آهن. گرو رامداس صاحب سالن جا سال ائين رات جو ڀڄن ڪندا رهيا. جڏهن ڪين گاديءَ تي براجمان ڪيو ويو تڏهن بہ هوُ ساڳيءَ ريت رات جو ڀڳوت ڀڄن ڪندا هئا. هڪ دفعي ڪن پريمين گروجن کي وينتي ڪئي تہ اوهان هاڻي گادي نشين آهيو، پوءِ اوهان ايڏو ڪشٽ ڪري راتيون ڇو ٿا جاڳو؟ گروجن چيو ’پيارا،

نهارين.؟' پڇن ڪجي جيئن ٻين کي ڪل ڪين پوي.

يوڇن پڇن اور ناري، ٻي پردي کي اڏڪاري

پريميو، امرت ويلي ڪنا ٻہ نہ ڀونڪندا آهن، هوُ جاڳندا آهن. انڪري توهان امرت ويلي سجاڳہ ٿي شانت چت ٿي خوب نام ڄپيو.

٢ اپريل نماشام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پريوءَ جي پٽ ۾ هلندي، اندرين جي سکہ جو تياڳہ ڪرڻ سان ئي اڳتي وڌي سگهبو. ڀڳوان جا ڀڳت ڀڳتيءَ جي راهہ ۾ هلندي ايندڙ رڪاوٽن کي دور ڪرڻ لاءِ پنهنجي سکہ جو تياڳہ ڪن ٿا. بلوا منگل بندرابن وڃي رهيو هو. رستي تي هڪ سندر استريءَ کي ڏسي اُن جي پوئتان هلندو هليو. اُها استري پنهنجي گهر هلي وئي ۽ هي اُن جي گهر جي در وٽ ويهي رهيو. اُن استريءَ جو پتي بہ ڀڳوان جو ڀڳت هو. هي بلوا منگل کي اندر گهر ۾ وٺي ويو ۽ پريم سان سندس سيوا ڪئي، ڪيس ڀوڄن ڪارايو، بلوا منگل جي من ۾ خيال پيدا ٿيو تہ جيڪڏهن هوُ ان استريءَ کي پنهنجي اکين سان نہ ڏسي ها تہ سندس اها حالت ڪين ٿئي ها! هوُ ڀڳتيءَ جي پٽ تان وڇلت ٿي پيو. هن محسوس ڪيو تہ اِهي اکيون پريوءَ جي راهہ ۾ ٻاڌڪ آهن. اسين اکين سان سنساري پدارٿ ڏسي موهجي وڃون ٿا ۽ پريو اسان کان وسري وڃي ٿو. ان ڪري هن اُتي ئي اُن استريءَ کي چيو تہ ٻہ سوئا ڪڍي اچ. بلوا منگل ٻئي سوئا ٻنهي اکين ۾ وجهي پاڻ کي انڌو ڪري ڇڏيو ۽ پوءِ سچي جيون ڀڳوان شري ڪرشن جي ڀڳتيءَ ۾ لين رهيو ۽ شري ڪرشن جي ليلا جا پد ڳائيندو رهيو.

پريميو، ڪرم اِندرين سان ست ڪرم ڪريو. دنيا ۾ ڏاڍي ترڪڻ بازي آهي. هر وقت پريوءَ کي پرارٿنا ڪجي تہ پريو، تون ان ترڪڻ کان اسان کي بچائيندو رهہ.

٣ اپريل شام جو پوڄنيہ سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو تہ هن اُتسوَ ۾ ڪيڏا نہ سنت مهاتمائون آيا آهن. اُنهن جو درشن ئي لايڪاري آهي. مهاتمائون مهاپرش ماتا پتا آهن. جيڪڏهن ڪو دکہ درد هجي تہ اڪيلائيءَ ۾ اُنهن سان پنهنجو دکہ درد ونڊجي، جئن هو دک درد دور ڪن، پرچائي پنهنجو ڪن، وڏا چوندا هئا، روئجي سياڻي اڳيان جيڪو پرچائي دل وٺي. اياڻي اڳيان روئڻ آهي اکين جو زيان. سنتن سان دل جو حال اوري دل جو بار هلڪو ڪجي.

آيا آيا ٿي سنت سنيهي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.
١- حال ڪندين پال ڪندءِ، نام ڏيئي نهال ڪندءِ،
پر پيرين پيرن پيئي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.
٢- من ماري ڪندين سيوا، سنت ڏيندءِ مٺا ميوا،
پر جوڙي هٿڙا بيئي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.
٣- ڪپت تياڳي رهہ سنگہ ۾، رڱين توکي سچي رنگہ ۾
پر نينهن نہ ڇڏجانءِ نيهي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.

اُن کي واس ڏوپ ڪرڻ لڳو، نمسڪار ڪرڻ لڳو. جڏهن هيءَ ڪرمچاري واپس وريا، راجا ٻنهي کان جدا جدا احوال ورتو ته توهان لکيل پٽرن جي ڪيتري قدر پيروي ڪئي. جنهن ڪرمچاريءَ راجا جي ڏنل آديش انوسار ڪم ڪيو، راجا تنهنکي خاص پد ڏنو، پر جنهن ڪرمچاريءَ راجا جو پٽر مستڪ تي رکي اُن جي صرف پوڄا ڪئي، راجا اُن کي نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو. پريميو، پستڪ پڙهو، پاٺ پوڄائون به ضروري آهن پر سنتن ستپرکن جي واٽيءَ جي ساکي جيون ۾ ڏيندا ته توهانجو ڪلياڻ ٿيندو.

پياري سنت اوڌوداس کي ڌنيواد آهي جو سدائين هھڙا اُتسوَ منائي پريمين کي پريوءَ جي راهه ۾ ڇڪي ٿو.

٢٥ اپريل رات جو ٩ بجي پوڄنيه سواميڄن سنت خانورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ سندن آستان سوامي ايسرداس هنس ڌام سنڌونگر ٢ ۾ ستسنگه پروچن ڪندي چيو ته سنت خانورام جي آواز ۾ ڪيڏو نه سوز ۽ درد هوندو هو. هوُ ڀڳتي سنگيت ڳائيندو هو ته دلين کي ڌوڏي ڇڏيندو هو. هن پراُپڪاري سنت کي جيڪي ڪجهه ملندو هو سو ڏکين دريدرن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو. ڪيس گرواٽيءَ ۽ سنتن درويشن جي ڪيتري واٽي ڪنسٽ هوندي هئي. هوُ ڪيئن نه قرب وچان اسان سان اچي روح رهاڻ ڪندو هو. پريميو، توهان به سندس سکيائن تي عمل ڪريو، خوب نام جپيو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪريو.

٢٦ اپريل صبح جو ١١ بجي پڻ ساڳئي آستان تي پوڄنيه سواميڄن اُتسو جو پلئه پائيندي سنت خانورام کي شرڌانجلي ڏني.

٢٧ اپريل رات جو پوڄنيه سواميڄن بڙودا روانا ٿيا. اُتي پريمداس ٿلهي وارن سنتن جي جنمدن اُتسو سنبنڌ ۾ سندن آستان تي پوڄنيه سواميڄن ٢٨-٢٩ اپريل امرت ورکا ڪئي. پياري سنت واسديو ۽ دادا ليلارام پرسواٽيءَ پوڄنيه سواميڄن جو سواڳت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن ستسنگه پروچن ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو پنهنجن ستگرن جو جنمدن اُتسوُ هر سال ملهايو ٿا. گروءَ جي ڪرپا جي سخت ضرورت آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرا مهاراج فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ڪرپا بنا، ملي نه موکش دوار،
کھ ٽيئون گر شرن لي، اپنا ڪرو اُڌار.

گروءَ جي ڪرپا سان ئي ڪارج پورو ٿئي ٿو. جيوُ جنم مرڻ جي چڪر کان مکت ٿئي ٿو. انکري شرڌا سان گروءَ جي شرڻ وٺو. سوامي پريمداس مهاراج نماڻا نينهن وارا سنت هئا. سوَن پيارن کي پريوءَ جي راهه ۾ ڇڪيائون. ڪين سچ جي پروڙ ڏنائون.

٣٠ اپريل شام جو ۴ بجي انڊين مرچنٽ چيمبرس هال ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس ميٽنگه ڪوٺائي. پوڄنيه سواميڄن ان ميٽنگه ۾ پڌاريا. ڀاءُ ڪندنداس طوطلداس سواميڄن جو سواڳت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن وياکيان ڪندي سنڌي سمدايه کي اپيل ڪئي ته جيڪڏهن توهين سرڪار کان حق وٺڻ چاهيو ته پهرين آپسي متڀيد وساري هڪ ٿي وڃو. هڪ هئي لاءِ سد

جنھن ڀڳوت ڀڄن جي ڪرڻ ڪري مان ھن پد تي پھتو آھيان اُن ڪي ڪيئن ڇڏيندس!'

پريميو، اسان مان ھڪ ھڪ تي پريوءَ جي ڪيڏي نہ ڪرپا آھي. اُن پريوءَ ڪي نہ وساريو، پل پل تنھن کي ساريو، پنھنجي جيون نئيا تاريو.

سوامي مرليڌر مھاراج جي ورسي سنبنڌ ۾ پوڄنيہ ستگرو مھاراج ٨ اپريل پريم پرڪاش مندر انڊور ۾ پڌاريا. سوامي گنگارام ۽ ٻين پريمين سندن سواگت ڪيو. ستگرو مھاراجن سارو ھفتو صبح ۽ شام اتي امرت ورکا ڪئي. ھڪ ڏينھن پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ وھنوار ۾ چاھي پرمارٿ ۾ ڪميا شيل ٿيو، ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. ھڪ ٻئي کي سمجھڻ جي ڪوشش ڪريو.

١٥ اپريل پوڄنيہ سواميڄن اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ سوامي مرليڌر مھاراج، ستگرو سوامي سروانند مھاراج سان گڏ ڪيترا نہ رتن ڪيا. ھن سنت پريمين کي خوب نام جپايو. توھان لاءِ ھي سندر مندر نھرايو جيئن توھان ھت روز اچي ستسنگہ جو لاڀ وٺو. شرڌا ۽ وشواس سان نام جپيو. وشواس وارو ئي ڪٿيو ڪائيندو آھي. پريميو، پريوءَ ۽ سنتن ۾ پورو پورو صدق رکو. ھڪ سنت ڪنھن نوجوان کي سکيا ڏيندي چيو تہ پيارا، توکي جڏھن بہ ڪو دکہ ستائي، تو مٿان ڪا مصيبت اچي تہ ھي دوھو ور ور اُچاري پريوءَ کي پرارٿنا ڪج.

سيوڪ ڪي رکشا ڪري، سيوڪ ڪي پرتپال،

سيوڪ ڪي باھر چڙي، دادو دين ديال.

ان نوجوان سنتن جي وچنن ۾ پورو ڀروسو رکيو. ڪڏھن بہ ڪو ننڍو وڏو دکہ ايندو ھوس تہ ھي پيارو مٿيون دوھو اُچاريندو ھو ۽ سندس بچاءُ ٿي ويندو ھو. ھڪ دفعي اُھو نوجوان پنھنجي کيت جي سنڀال ڪري رھيو ھو. سياري جي مند ھئي. اوچتو ڳڙا برسات پوڻ لڳي. فصل پڃي تيار ھو. ھي نوجوان گھبرايو ڪين. ھن ھڪدم سنتن جي سکيا ھنڊائي مٿيون دوھو ور ور اُچاريو. جيسين ڳڙا برسات وسندي رھي، تيسين ھي وشواس رکي پرارٿنا ڪندو رھيو. پاسي وارا سڀ فصل چٽ ٿي ويا پر پرماتما جي ڪرپا سان ھن نوجوان جي کيت جو ڪجھ بہ نقصان ڪين ٿيو ۽ پاڻ بہ سلامت رھيو. اھو ڏسي سندس واليءَ ۾ وشواس وڌيو. پريميو، پريوءَ کي دل جي گھرائيءَ مان پڪاريو تہ پريو توھانجي پڪار ٻڌندو.

سوامي اوڌوداس برھمچاري ٻڙودا ۾ گيتا گيان ٽرسٽ طرفان ھر سال جيان گيتا گيان يگيہ جو آيوجن ڪيو. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ١٧ اپريل ٻڙودا ۾ پڌاريا. سوامي اوڌوداس برھمچاريءَ ۽ ڀاءُ پرتاب رامچندانيءَ پوڄنيہ سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ شريمد ڀڳوت گيتا ڀڳوان جي واڻي آھي. اُن جي سکيائن تي عمل ڪرڻ سان اسانجي وھنوارڪ چاھي آڌياتمڪ اُنتي ٿئي سگھي ٿي. ڀڳوان شري ڪرشن جي ان واڻيءَ جو شرڌا ۽ پريم سان ابياس ڪيو. شريمد ڀڳوت گيتا جو پاٺ ڪرڻ ۽ شروع ڪرڻ بہ ڪيڏو نہ لاڀڪاري آھي. پر جي اُن جي سڌانتن موجب ھلون تہ سون تي سھاڳو آھي.

ھڪڙي راجا پنھنجن ٻن ڪرمچارين کي ڪنھن ڪم سانگي ٻئي شھر ۾ موڪليو. ڪجھ ڏينھن بعد راجا ٻنھي ڪرمچارين کي پتر لکيا، جن ۾ کين جدا جدا آديش ڏنل ھئا. ھڪ ڪرمچاريءَ راجا جي آديش انوسار ڪاريہ ڪيو. ٻيو ڪرمچاري پتر پراپت ڪري

عبدالقادر کي پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو. ڳوٺ ۾ ننڍو مدرسو هو. شروع ۾ هُو اُتي پڙهيو. ڪجهه وقت بعد عبدالقادر جو پيءُ راهه رباني ورتي ويو. بغداد ۾ وڏيڪ پڙهائيءَ جو بندوبست هو. ٻالڪ عبدالقادر ماءُ کي چيو تہ مونکي موڪل ڏي تہ مان بغداد پڙهڻ وڃان. تن ڏينهن ۾ اُنن جي سواري هوندي هئي ۽ ماڻهو اڪيلي سر ٻاهر ڪين نڪرندا هئا، ٽولا ناهي سفر تي اُسهندا هئا. ڪي واپاري بغداد وڃي رهيا هئا، عبدالقادر پڙهائيءَ لاءِ اُنهن سان گڏ وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. سندس ماءُ کيس دعا ڪندي چيو 'پٽڙا، سدائين سچ ڳالهائج. سچ تي صاحب راضي.' عبدالقادر ماءُ کي سجدو ڪري واپارين سان اُٺ تي روانو ٿيو. رستي تي ڪن ڌاڙيلن اُنهن واپارين جو سمورو مال اسباب ڦري ورتو. عبدالقادر ڌاڙيلن کي ڏسي ڏڪيو ڪين. هن کان ڌاڙيلن پڇيو تہ توکي ڇا آهي؟ هن هڪدم چيو تہ مونکي چاليهہ اشرفيون آهن. ڌاڙيلن جي سردار کيس چيو تہ اُهي اشرفيون ڪٿي آهن؟ عبدالقادر پنهنجي جيب مان چاليهہ اشرفيون ڪڍي کين ڏنيون. ڌاڙيلن جي سردار اُن ٻالڪ کان پڇيو توکي خبر هئي تہ اسين ڌاڙيلو آهيون ۽ اِهي اشرفيون توکان ڦري وٺنداسين، پوءِ بہ تو بنا لڪ لڪاءُ ۽ ڏکڻ جي ڇو پنهنجون اشرفيون اسانکي ڪڍي ڏنيون؟ ٻالڪ عبدالقادر چيو تہ توهان مون کان پڇيو تہ تو وٽ ڇا آهي؟ مان حقيقت بيان ڪئي. مان پڙهڻ لاءِ بغداد وڃي رهيو آهيان، ان لاءِ مونکي امڙ اهي اشرفيون خرچ پکي لاءِ ڏنيون. منهنجو والد بہ گذر ڪري ويو آهي. اُسهڻ وقت امڙ دعا ڪندي چيو پٽ، سدائين سچ ڳالهائج، ڪوڙ کان ڪنارو ڪج. الله نگهبان! اهو جواب ٻڌي ڌاڙيلن نہ صرف اُهي اشرفيون اُن ٻالڪ کي واپس ڪيون، پر کيس بغداد ۾ با سلامت پهچايو.

پريميو، توهان پاڻ بہ سچ ڳالهايو ۽ پنهنجي سنتان ۾ پڻ ان گڻ جو سنچار ڪريو.

پوجنيہ سواميجن اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ ستسنگہ ۾ نت نيم اچي لاڀ پراپت ڪريو. خوب نام جپيو. سنساري ڪم ڪٽڻ جا ڪين آهن. اسين ڪٽي ويندا‌سين ارٿات جيون پوري ٿي ويندي سنساري اِڇائون پوريون نہ ٿينديون. انڪري موهہ جي ننڊ مان سجاڳہ ٿي پريوءَ جي شرڻ وٺو، اُن جو مٺو نام جپيو. دکين بکين، پکين پسن جي شيوا ڪري جيون سڦل ڪريو.

١٠ مئي پوجنيہ سواميجن ماليگانو ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ شرڌا ۽ پريم سان نام جپيو. نام جپڻ ۾ نفعا ئي نفعا آهن، نقصان ڪجهه بہ ڪين آهي. نام جپڻ سان اسانجا ڪيترا مانسڪ ۽ شاريرڪ دکہ درد بہ دور ٿي ويندا. ستگرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪهہ نيئون نت ڪيجئي رام نام سي پريم،
رام نام کي سم نهين چپ تپ سنيم نيم.

منش جي اُتم ديهي ڌارڻ ڪري ۽ وري شاسترن جو ابياس ڪري بہ جيڪڏهن جيوُ

ڀاونا رکو. جتي ايڪو آهي اُتي آنند آهي. هڪ ٻئي کي سهيوڳ ۽ ساٿ ڏئي جاتيءَ جو ڀلو ڪريو.

١ مئي صبح جو ١١ بجي پير ڳوٺ پئنچات جو وارشڪ اُتسوُ ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ رکيو ويو. ان موقعي تي پوڄنيه سواميڄن آسيس ڪندي اپيل ڪئي ته پاڻ ۾ ميل ميلاپ ڪري هلو. ميلاپ ۾ ئي مزو آهي. اڄ گهرن ۾ ڪيڏي نه گهپي، ڪل ڪل لڳي پيئي آهي. جتي ڪل ڪل، ڪروڌ، اشانتي اُتي لڪشميءَ جو واسو نه ٿيندو، بيمارين جو واسو ٿيندو. پريميو! غم کائي به گهر ۾ شانتيءَ جو وايو منڊل پيدا ڪريو. اڄ ڪلهه غم کائڻ لاءِ ڪو تيار ڪونهي.

غم کائيندين سک پائيندين، ساڄن هن سنسار ۾

١- غم کائڻ مردانگي، چت چاهيندين، سک پائيندين، ساڄن هن سنسار ۾....

٢ - صاحب جي سرڪار جو ڀؤ ڀائيندين، سک پائيندين، ساڄن هن سنسار ۾ ....

٣- ڀاڻو مڃي ڀڳوان جو، جس ڳائيندين، سک پائيندين، ساڄن هن سنسار ۾ ....

٤- کهي ٽيئون گر شبد سان لنوَ لائيندي، سک پائيندين، ساڄن هن سنسار ۾ ....

٧ مئي منجهند جو سواميڄن چاليس گانوَ ۾ پڌاريا، چاليس گانوَ پئنچات سواميڄن جو هاردڪ سواڳت ڪيو. سوامي جن ٢ ڪلاڪ کن چاليس گانوَ ۾ رهيا. اُتي سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته پريميو، پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو ۽ نت نيم نام جپيو. ٣ بجي منجهند جو سواميڄن ڍوليا، ڪمارنگر سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ پڌاريا. سنت پهلاج پرڪاش، ڀاءُ مينگهراج ريلن ۽ ٻين پريمين سواميڄن جو ڀوپه سواڳت ڪيو. اُتي سواميڄن مندر جي وارشڪ اُتسوَ ۽ سنت هري پرڪاش جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ٨ مئي سوامي جن جي نيترتوَ ۾ جلوس ڪڍيو ويو.

٨ مئي رات جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سنتن مهاتمائن جا وچن ٻڌي دل سان هنڊايو. سنتن جي واٽيءَ تي عمل ڪرڻ سان ئي توهان کي سچو آنند ملندو. جيون جي سڦلتا لاءِ صرف پستڪن جو گيان ڪافي ڪين آهي. اُن گيان کي گرهڻ ڪرڻ سان ئي زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ٿو. صرف پاڻمرادو پستڪن پڙهڻ مان ڪجهه ڪين ٿيندو. شاهه لطيف چوي ٿو:

رهڻيءَ رهيو نه سپرين ته ڪهڻيءَ ڪبو ڪوهه

اسين پنهنجي جيون ۾ ست شاسترن جي سکيائن انڪول هلنداسين ته لاڀ ٿيندو.

٩ مئي پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته جيون ۾ سچ جي ساکي ڏيو. ڪوڙ ڳالهائڻ پاپ آهي ۽ ستيه ڳالهائڻ ڌرم آهي. سچ ڳالهائڻ سان آتمڪ شڪتي وڌي ٿي. سچ ڳالهائڻ به هڪ تپسيا آهي. گرو مهاراج پڻ سچ جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ستيه تليه نهين ڌرم پن، يوگ يگيه پن جاپ،

پڌاريا. ڀاءُ جيوٽڏاس آهوجا، ڀيڻ ميران ۽ ڀين پريمين ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سوامي جن امرت ورکا ڪئي.

ڪار سنڌي سيوا منڊل جي طرفان ١٨ مئي کان ٢٤ مئي تائين ديوانتي ٽيڪمداس هال ۾ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄنيه سواميڄن ١٨ مئي کان ٢٤ تاءِ امرت ورکا ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي. ١٨ مئي پوڄنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته لکين لوڪ رات ڏينهن پنهنجن ڌنڌن وهنوارن ۾ پورا آهن. پئسي پدارٿ ۾ سک ڪين آهي. ڪروڙپتي به دکي آهن. ڪنهن کي به سنتوش ڪونهي. رات ڏينهن چوراڪوري چنتائون منش کي دکي ڪري رهيون آهن، انڪري هو مانسڪ ۽ شاريرڪ بيمارين جو شڪار ٿئي ٿو. سچو سک اٿو نام سمرڻ ۾. ستسنگ ۾ اچي نام امرت پيئو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون اس جگت ۾، جو چاهو آرام،
ساڌ سنگه نت هي ڪرو، سمرو هري ڪا نام.

ستسنگ ۾ اچي سنتن کان نام دان گهرو. ڀيون سڀ اِڇائون پاسيريون ڪري ڇڏيو. اِڇائون جيو کي جنم جنم ۾ ڀٽڪائين ٿيون.

جو اِڇائون ٿو ڇڏي پائي سوئي وشرام ٿو

١٩ مئي پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته نام سمرڻ سان گڏ پراُپڪار جا ڪم ڪريو. روز ڪونه ڪو ننڍو وڏو اُپڪار جو ڪم ڪريو. اُهو ڏينهن پنهنجو سڦلو سمجهو. پراُپڪاري پرشن جي مهما ڳائيندي ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

پراُپڪاري پرش جي جيون سڦلا تانهه،
ڪه ٽيئون ڌن ڌن وهي پل آيي جگه مانهه.

جئپور نواسي سنت ڪرشڻداس جهنگل ۾ هڪ غفا ۾ ڀڄن ڪري رهيو هو. اچانڪ هڪ بکايل شينهن سندس غفا جي در تي اچي بيٺو. هن سنت پنهنجي ٽنگ جو ٽڪر ڪپي بکايل شينهن کي کائڻ لاءِ ڏنو. سنت جو اهڙو اُپڪار جو ڪرتب ڏسي ڀڳوان اُن وقت ئي کيس ساڪيات درشن ڏنو ۽ پنهنجي ڪرپا درشٽيءَ سان کيس نئين ٽنگ به ڏني. پريوءَ جا پيارا، جيڪي پنهنجي ڪاڏي پيتي، صحت سک جو خيال نٿا ڪن ۽ اُپڪار جي ڪارين ۾ رڌل آهن، پريوءَ تن جي پاڻ اچي سار لهي ٿو.

٢٠ مئي پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ڪميا وڏو گڻ آهي. وهنوار چاهي پرمارٿ ۾ اِهو گڻ تمام ضروري آهي. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ڪروڌ تياگه ڪميا ڌري، سو هئه پوڄن يوگه،
ڪه ٽيئون تنه درس تي مٽ جاوت سڀ روگه.

رام نام کان وڌڪ رهي يا اُن ۾ وشواس نه رکي ته هي جنم اجايو ۽ اسڦل آهي. ڪاشيءَ ۾ هڪ شخص زور زور سان رام نام اُچاريندي چوندو هو ته مون پاپيءَ کي بکيا ڏيو. هڪ دفعي سنت تلسيداس سندس درد ڀريو آواز ٻڌي هڪدم کيس ڀريوءَ جو پرساد ڏنو. ان ڳالهه تي ڪن پنڊتن کي غصو لڳو. هنن تلسيداس کي چيو ته تو هڪ پاپيءَ کي ڀريوءَ جو پرساد ڏيئي اپراڌ ڪيو آهي. يوڳيه ماڻهوءَ کي ئي ڀريوءَ جو پرساد ڏيڻ گهرجي. سنت تلسيداس پاڀوهه مان ورائيو 'پيارا، هن پياري ور ور ڪيئن نه ڀريوءَ جو نالو اُچاريو آهي. توهان هن کي هچارو سڏيو ٿا، پر هچارو به ڀريوءَ جو نام جپڻ سان ڀريوءَ جي ديا جو پاتر ٿي سگهي ٿو. ان ڪري ڪاوڙ نه ڪريو. اُنهن پنڊتن چيو ته جيڪڏهن ڀڳوان وشوناٿ جو ٻئل هن دشٽ جي هٿ جو پرساد کائي، تڏهن اسان کي وشواس ايندو ته اهو شخص به پوتر آهي. اُن شخص کي وشوناٿ جي مندر ۾ وٺي ويا. ٻاهران جيڪو پٿر جو ٻئل بيٺو هو، جڏهن اُن کي اُن شخص کاڌو ڏنو ته اُهو پٿر وارو ڀڳوان شنڪر جو ٻئل اُهو کاڌو کائڻ لڳو. اهو ڪوتڪ ڏسي پنڊت وائڙا ٿي ويا.

جنهن کي پنڊتن پاپي دشٽ پئي سڏيو، اُهو ڀريوءَ جي ديا جو پاتر بڻجي ويو. تنهنڪري پيارا، دشٽ کي دشٽ نه سمجهو. پاپيءَ کي سدائين پاپي نه سمجهو. رام نام ۾ اهڙو جادو آهي جو پاپيءَ کي به پٺيه آتما بڻائي سگهي ٿو.

ڪوي ڀلاجرام صاحب جي ويهين ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سوامي جن ١٢ مئي صبح جو ديواليءَ ۾ پڌاريا. سوامي نارائڻ پرڪاش ۽ ڀين پريمين سوامي جن جو سواڳت ڪيو. نماشام جو پوجنيه سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته ڪوي ڀلاجرام سنڌ جو رتن هو. سنڌ جا ڀڳت، ڳايڪ ۽ عام ماڻهو سندس ڀڄن ڏاڍي چاهه سان ڳائيندا هئا. هي پيارو نڊر ڪوي هو. ڌارمڪ ۽ سماجڪ وشين تي هن هزارين ڀڄن لکيا، شريمد ڀڳوت گيتا جو پڻ سنڌي ڪوتا ۾ ترجمو ڪيائين. هي صاحب سچ جي راهه تي هلندي سچ چوڻ کان ڪين هٻڪندو هو. اهڙي مهان ڪويءَ جو خال ڀرڻ مشڪل آهي. پريميو، اڄ ايڪادشيءَ جو پوتر ڏينهن آهي. رات جو ايڪانت ۾ ويهي خوب نام جپيو. ڀڳوان جا گڻ ڳايو.

١٥ مئي صبح جو ١١ بجي سوامي ٽيئونرام آشرم اُلهاسنگر ٥ ۾ جنتا جناردن پريشد جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ پوجنيه ستگرو مهاراجن جي پرڌانپٽي هيٺ ٿي. پوجنيه ستگرو مهاراجن آسيس ڪندي چيو ته خلق خدمت جا ڪاريه وڌائيندا رهو، خرچ جو خيال نه ڪيو، ٻاٽيهي ڀريو پيو سهايتا موڪليندو. توهين نشڪام ڀاونا سان ڪاريه ڪندا رهو، توهانجو هٿ ڪڏهن به نه منجهندو. دل کشادي ڪري شيوا ڪريو. مال مالڪ جو آهي، توهان کي صرف هٿ جس ڪرڻو آهي.

١٧ مئي صبح جو ٨ بجي پوجنيه سواي جن سوامي ٽيئونرام منڊلي اُلهاسنگر ٢ ۾

پالينديِ، پريوءَ کي نہ وساريو، پريو وري توهان کي نہ وساريندو. پريوءَ کي ياد ڪريو نشڪام ڀاونا سان، تہ ڀاڳيهي پريو اچي توهان جي سار لهندو. ڀڳت جڏهن ڀاڻ وساري سمرپت ڀاوَ سان سمرڻ ڪري ٿو تہ پريو ڀاڻ سندس درشن لاءِ اچي پرگهٽ ٿئي ٿو. ستگرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

هري جن کي ڀيڄي ڦرون، سن نارد يھ ڳاٿ،
کھ ٿيئون نج ڀڳت کي، سدا رهون مئن ساٿ.

ڀڳوان، رشي نارد کي چوي ٿو تہ مان ڀڳتن جي پويان ڦرندو آهيان ۽ مان اُنهن سان انگہ سنگہ سهائي آهيان.

هڪ دفعي ڀڳوان شنڪر پارپتيءَ سان گڏ ڪيڏانهن وڃي رهيو هو تہ رستي تي ٻن هنڌن ڀڳوان شنڪر رڪجي پرڻام ڪيو. پارپتيءَ پڇيو ’مهاراج، توهان ڪجھ وقت اڳہ رستي تي اوچتو بيهجي ويا، وري ڪجھ وقت ٻئي هنڌ بيهنا ۽ پرڻام ڪيو، ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي!‘ ڀڳوان شنڪر وراڻيو ’پارپتي، پهرئين هنڌ مان بينس، اُتي منهنجي پياري ڀڳت ڏھ هزار ورهيہ ڀڳتي ڪئي آهي، ان ڪري اُن آستان کي نمسڪار ڪيم. ٻئي هنڌ وري ٻيو ڀڳت ڏھ هزار ورهيہ ڀڳتي ڪندو، اُن ڪري پرڻام ڪيم.‘ ڀڳتيءَ جي ايڏي مهما ٻڌي پارپتي ديوي ڏاڍو پرڀاوت ٿي. ڀڳوان نہ صرف پنهنجن پيارن کي، پر جتي سندس پيارا ڀڄن ڪن ٿا، اُنهن آستانن کي بہ وڏي اهميت ڏئي ٿو. پريميو، توهان بہ خوب ڀڳوت ڀڄن ڪريو. پياري گوبندرام بولچنداڻيءَ، چندر پهوجا، هيرانند روهڙا، گوبندرام دلهنومل ۽ ٻين پريمين کي ڌنيواد آهي جن هن ستسنگہ ڀڳيہ جو آيوجن ڪيو آهي.

٢٥ مئي سومر شام جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ اڄوڪي ايڪادشيءَ کي ديوياني پدما ايڪادشي سڏيو وڃي ٿو. اڄوڪي ڏينهن ڀڳوان شري وشنو آرام ڪندو آهي ۽ وري ڪارتڪ شڪل پڪش هرپربوڌني ايڪادشيءَ تي ڀڳوان جاڳندو آهي. چترماس جو ورت اڄ کائي شروع ٿئي ٿو. جيڪي پيارا برهمچريہ جو پالن ڪري، چترماس جو ورت رکن ٿا، اُهي ڀڳوان کي ڏاڍا پيارا لڳن ٿا. ديوتائون پڻ اُنهن کي نمسڪار ڪن ٿا. چترماس ۾ جيڪي هڪ دفعو ڀوڄن ورتائين ٿا ۽ غريب گهرجائن کي اناج کارائين ٿا، اُهي وئڪنٺ کي پراپت ٿين ٿا.

سوريہ ونشي راجا مانڌاتا، ستيوادي راجا، ايوڌيا ۾ راڄ ڪندو هو. هڪ دفعي سندس ايامڪاريءَ ۾ اڪال پيدا ٿيو. پرجا دکي ٿي بکہ جي وگهي مرڻ لڳي. راجا کان اِها ڳالھ سٺي نہ ويئي. هو ان چنتا سبب جهنگل ڏانهن انگرا رشيءَ جي آشرم ۾ ويو ۽ وڃي ڪيس پرارٿنا ڪيائين. ’هي مهرشي، اڪال سبب منهنجي پرجا ڏاڍي دکي آهي. پرجا جو چوڻ آهي تہ راجا جي ارٿات منهنجي ڪنهن پاپ ڪرم سبب ئي منهنجي راڄ ۾ اڪال پيو آهي. مون تہ پنهنجي جيون ۾ ڪوبہ پاپ ڪرم ڪين ڪيو آهي. اوهان پنهنجي دويہ درشٽيءَ

هڪ هڪ ست پرش ان ڳڻ جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏني آهي. ڪروڌ ڪيرائي ٿو، ڪميا مهان بڻائي ٿي. هڪ دفعي رشي درواسا، دوارڪا ۾ گهمندي گهمندي وڏي آواز ۾ چوڻ لڳو، ته مونکي پاڻ وٽ رهائڻ لاءِ ڪو تيار آهي؟ مان ٿوري غلطيءَ تي به ڏاڍي ڪاوڙ ڪندو آهيان. ڪنهن به ڪيس آشريه ڪين ڏنو، صرف ڀڳوان شري ڪرشڻ ئي ڪيس رهڻ لاءِ، سندس شيوا ڪرڻ لاءِ، ڪيس آشريه ڏنو. رشي درواسا، ڀڳوان شري ڪرشڻ کي چيو، ته مان هڪ ورت رکندس، ڪابه غلطي ٿيڻ ڪين گهرجي. ڀڳوان چيو 'ڪابه گهٽتائي ڪين ٿيندي.' رشي درواسا، ڀڳوان شري ڪرشن وٽ رهي پيو. رشي درواسا، ڪنهن ڏينهن سؤ سؤ ماڻهن جيترو ڀوڄن کائيندو هو ته ڪڏهن هڪ ماڻهوءَ جيترو ڀوڄن کائيندو هو. ڪڏهن روئندو هو ته ڪڏهن مشڪندو هو. هڪ ڏينهن هن ڪن ڪنيائن کي ڀسم ڪري ڇڏيو. هڪ ڏينهن رشي، ڀڳوان شري ڪرشڻ ۽ رڪمڻيءَ کي رٿ سان ٻڌي، رٿ هلائڻ لڳو. ڀڳوان شري ڪرشن، رشي درواسا جي اهڙي هلت ڏسي ڪڏهن به ناراض نه ٿيو ۽ نه هن صبر وڃايو. رشي درواسا، شري ڪرشن جو صبر ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. ڀڳوان شري ڪرشن پاڻ اوتاري پرش هوندي به ڪيڏي نه ڪميا ۽ صبر ڌارڻ ڪيو. پريميو، توهين به اِهي ڳڻ پنهنجي جيون ۾ اپنايو.

٢٢ مئي صبح جو ڪوليواڊا بمبئي ۾ پوجنيه سواميجن پياري ماڌوداس هيمنداس واڌوا جي نئين گهر جو مهورت ڪندي آشيرواد ڪئي ۽ هينيون ڀڄن ڳايو:

ستگر تيرا هو رکوارا،
اؤکي گهڙي نه ديکڻ ديوي، ستگر ديا پنڌارا.
١- آگي راکي پيڇي راکي، اَرڌ اُرڌ گر راکي،
ارد گرد گر تجهکو راکي، راکي گر چوڌارا. ستگر تيرا....
٢- دن ڪو راکي، نش ڪو راکي، شام صبح گر راکي،
آٺ پهر گر تجهکو راکي، راکي گر هروارا. ستگر تيرا...
٣- جل ۾ راکي، ٿل ۾ راکي، نڀ ۾ پي گر راکي،
تين لوڪ ۾ نشچي هووي، راکا گرو تمهارا. ستگر تيرا...
٤- تن ڪو راکي، ڌن ڪو راکي، من بڌ ڪو گر راکي،
سڀ وستن ڪو ستگر راکي، ستگر پئه بلهارا. ستگر تيرا...
٥- پاپ سي راکي، تاپ سي راکي، شير سانپ سي راکي،
سڀ وگهنو سي هردم راکي، ڪهي ٽيئون گر پيارا. ستگر تيرا...

رات جو پوجنيه سواميجن ڪار بمبئيءَ ۾ امرت ورکا ڪئي. ٢٤ مئي شام جو پوجنيه سامي جن ستسنگ ڪندي چيو ستسنگ جي مول مراد آهي نام سمرڻ. توهين سنساري فرض

جو ڀنڊارو پڻ ڪرايائون. روز شام جو امرت ورکا ڪندا هئا. صبح جو ٻه جڳياسو وٺڻ ايندا هئا، جن جي شنڪائن جو سماڌان ڪري مارگ درشن ڪندا هئا.

۱۴ جون پوڄنيه سواميڄن، سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر دهليءَ ۾ پڌاريا. اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوُ سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٻه ڏينهن امرت ورکا ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن ستل لوڪن کي اوديا جي ننڊ مان سڄاڳ ڪري، نام جو منتر ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو. ستگرو مهاراج گرو منتر جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ستگر ڪي ست شبد ڪا، ڪرلي نشدن جاپ،
ڪهه ٽيئون جس جاپ تي، مٽي سڪل سنتاپ.

گروءَ جي ڏنل نام جو انئي پهر چنتن ڪرڻ گهرجي. ان نام جي جاپ دواران سڀ ڪشٽ ڪليش ختم ٿي ويندا. پريميو، سنساري ڪم ڪاريون ڪندي پرڀوءَ کي نه وساريو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوُ سنٻنڌ ۾، پوڄنيه سواميڄن ۱۶ جون آدرش نگر سوامي ماڌوداس جن جي آستان تي اجمير ۾ پڌاريا. ڀاءُ مرليڌر ڪرناڻي ۽ ڀين پريمين سواميڄن جو سواگت ڪيو. سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته توهان نصيبن وارا آهيو جو هر سال ڏاڍي اُتساهه اُمنگ سان پوڄنيه ستگرو مهاراجن جو ورسي اُتسوُ ملهايو ٿا. پنهنجو نينهن ۽ فرض نڀايو ٿا.

ڀاڳن وارا سي ٿي جڳهه ۾، ستگر جن کي ياد ادا.
۱- شرڌا سان جي ڏينهن ملهائن، اندر ۾ اُتساهه رکي،
چئن جڳن ۾ اڱڻ اُنهن جا، رهن سدا آباد ادا.
۲- اؤکي تن کي اچي نه ڪائي، دشمن تن نا وار ڪري،
ستگر تن جو آ رکوارو، جم ڪان ٿي آزاد ادا.
۳- ٿين منورٿ پورا تن جا، ڀريا رهن ڀنڊار سدا،
نانءُ گرن جي خرچڻ جيڪي، هٿ هٿ تن اهلاد ادا.
۴- ستگر ۾ سڪ آهي جن جي، انل اُنهن تي ڇتر ڦري،
ڪهي ٽيئون سڪ ناهي جن ۾، جنم تني برباد ادا.

۱۷ جون شام جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پرم پوڄنيه ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، ننڍپڻ کان ئي ايڪانت اسٿل تي وڃي ڀڳوت ڀڄن ڪندا هئا. امراپور آستان تي پڻ راتين جون راتيون ايڪانت ۾ ڀڄن ڪندا هئا. سنتن جي ڀڄن ۾ وکيپ نه وجهجي. اهڙن مهان مورتين جو درشن ئي دکه درد دور ڪري ٿو. ستگرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

دوران ويچار ڪري ٻڌايو ته مون ڪهڙو پاپ ڪيو آهي؟ اڪال کي دور ڪرڻ لاءِ مونکي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ انگرا رشيءَ چيو ’راجن، تون پرجا سهت ديوياني پدما ايڪادشيءَ جو ورت ڌارڻ ڪر ته چار مهنا برسات وسندي ۽ سوڪ اسٽتي دور ٿيندي ۽ تنهنجي راڄ ۾ خوشحالي ايندي.

راجا، انگرا رشيءَ جي آگيا انوسار، پرجا سهت اڄوڪي ايڪادشيءَ جو ورت ڌارڻ ڪيو. چار مهنا برسات وسي. خوب فصل ٿيا ۽ پرجا ڏاڍي پرسن ٿي. پريميو، توهان به شرڌا سان اڄ ورت ڌارڻ ڪندا ته سدائين شاد آباد رهندا. اڄوڪي ڏينهن تلسيءَ جو ٻج زمين ۾ پوکيو. تلسيءَ جي پوڄا ڪريو.

۵ جون آرتوار ڏينهن صبح جو ۱۱ ٻجي پوڄنيه سواميڄن چيمبور ۾ گونگن ٻوڙن جي اسڪول جو مهورت ڪيو. شري جهمٽمل واڌواڻيءَ پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن هن موقعي تي ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو توهان معصوم گونگن ٻوڙن لاءِ سکيا جو مرڪز کوليو آهي. انهن جي شيوا پرڀوءَ جي ڀڳتي آهي. اپاهڄن، دکين لاءِ همدردي هئڻ مانوتا جو گڻ آهي. اڄ ديش کي همدردي ۽ پريم وارا منش گهرجن، جي مانوتا جي ساکي ڏين.

گجرات جي قومي ڪوي جهويرچند مينگهاڻيءَ جي دل ۾ ننڍپڻ کان ئي دکين بکين، بيمارن بيواهن لاءِ همدردي هوندي هئي. سندس پتا پوليس عملدار هو. هڪ دفعي سندس پتا سرڪاري آفيسرن ۽ ڪن وڏن ماڻهن لاءِ پنهنجي گهر ۾ کيرٽيءَ جو ڀنڊارو ڪرايو. پوليس عملدار هئڻ سبب پاسي وارن سيني ڳوٺن جو سمورو کير اُن ڀوڄ لاءِ اچي ويو. آيل سيني مهمانن مالپوڙا، پوڙيون، کيرٽي پيئي ڪاڍي. کيرٽي به چڪاچڪ هئي. اُن ۾ بادام، پستا وغيره پيل هئا. ٻالڪ جهويرچند کي به کيرٽيءَ جو ڪٽورو ڏنو ويو، مگر هن کيرٽي پيئڻ کان انڪار ڪندي چيو ته اڄ صبح جو هت کير آڻيندڙن مان مونکي خبر پيئي ته پاسي وارن ڳوٺن مان سمورو کير هت آندو ويو آهي. ڳوٺن ۾ رهندڙ بيمارن ۽ ٻارن کي اڄ کير نصيب نه ٿيندو. نه صرف ايترو، پر ويچارا وَڇڙا به کير پيئڻ کان محروم رهجي ويندا! جنهن حالت ۾ کير پياڪ ٻار، اڄ کير پيئڻ کان محروم رهندا ته مان هيءَ کيرٽي ڪيئن پي سگهندس! جي پيئندس ته گلي ۾ رڪجي پوندي! ٻالڪ جو اهو جواب ٻڌي سندس ماتا پتا جي اکين ۾ آنسون اچي ويا ۽ اُنهن چيو ته آئينده هو ان قسم جو ڀوڄن ڪين ڪندا. پريميو، توهان به اهڙي ديا ڀاونا ڌارڻ ڪريو. ٻين لاءِ همدردي رکو ته پرڀوءَ جي آسيس توهان تي اوس ٿيندي.

۷ جون صبح جو پوڄنيه سواميڄن هردوار ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ هفتو کن رهيا. سنت ارجن پرڪاش، پياري اشوڪ لعل ۽ ٻين سنتن سان حالي احوالي ٿيا. پوڄنيه سواميڄن ٻه ٽي دفعا هرجي پؤڙين تي اشنان ڪرڻ ويا ۽ آشرم ۾ سنتن

آهي. سنت سندرداس وراڻيو 'پيارا، جادوءَ واري چيز ڪڏهن پيٽ نہ ڀريندي آهي اُها تہ صرف ڏسڻ ماتر ٿيندي آهي. هي صرف پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ جو پرتاب آهي.

پريميو، توهين بہ پنهنجي جيون ۾ ڀڳتيءَ ۽ پراُپڪار جي ساکي ڏئي جيون سڦل ڪريو.

٢٠ جون پوڄنيہ سواميڄن نصير آباد ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ وهنوار چاهي پرمارٿ ۾ پرگتي ڪرڻ لاءِ ڪميا شيل ٿيو. ڪميا ڪرڻ ڪري اڳلو پاڻيهي لڇي ٿيندو. توهان پنهنجي آنند ۾ رهو.

هڪ دفعي ڀڳوان ٻڌ کي ڪو دشٽ پرورتيءَ وارو شخص گاريون ڏئي رهيو هو. اُن وقت ڪنهن سڄڻ گوتم ٻڌ کي چيو تہ هي شخص اوهان کي گاريون ڏئي رهيو آهي ۽ اوهان هن کي ڪجهہ نٿا چئو! گوتم ٻڌ وراڻيو 'پيارا، هي پيارو تہ اسانکي ڪجهہ ڏئي رهيو آهي، اُن کي ڇا چئجي. جنهن وٽ جهڙي وستو هوندي، اُهو اُهائي ٻين کي ڏيندو. هن وٽ گارين جو ڀنڊار آهي تہ هي گاريون ئي ڏيندو. ڏيندڙ تہ ڌنيواد جو پاتر آهي. هن پياري کي ڌنيواد آهي جو منهنجي مٿان گارين جي ورکا وسائي رهيو آهي.

٢٢ جون پوڄنيہ سواميڄن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. سواميڄن ڀرين ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سرواننذ مهاراجن جي مورتين کي پرڻام ڪيو. نماشام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڀڳوان ڀڳت وتسل آهي. پنهنجن پيارن جي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سار لهي ٿو. ستگرو مهاراڄ بہ پرماتما جي مهما ڳائيندي فرمائين ٿا:

ڀڳت وتسل ڀيہ هرن، هر ڪروڻا شيل نڌان،

ڪهہ ٽيئون ڪل ڪال ۾، لاڄ راکہ ڀڳوان.

هڪڙي شهر ۾ رامديو نالي برهمڻ رهندو هو. هي پيارو ڀڳوان جو ڀڳت هو. سندس پتني بہ سدا سنتوشي ۽ ڀڳتياڻي هئي. سندن يش ٻڌي راجا ويس بدلائي سندن گهر ۾ آيو. مهمان کي آيل ڏسي برهمڻ برهمڻيءَ سندس آدر ستڪار ڪيو. غريبيءَ سبب گهر ۾ ڪو کاڌي جو پدارٿ ڪين پيو هو، صرف ٿورو کير پيو هو. برهمڻيءَ کير گرم ڪري اُن ۾ پيل جو هڪ ٻہ ڦل وجهي، کيرڻي ناهي، اُن مهمان کي کارائي. مهمان کائي ڏاڍو پرسن ٿيو. اُن مهمان پنهنجي پريچيہ ڏيندي چيو تہ مان هتان جو راجا آهيان. اوهان جو يش ٻڌي، ويس بدلائي توهان وٽ آيو آهيان. توهان، جا مونکي کيرڻي کارائي آهي، اهڙي کيرڻي مون ڪڏهن ڪين کاڌي آهي. توهان غريبيءَ ۾ گذاريندي، ڪيڏو نہ سنتوش ۾ رهندي، ڀڳوت ڀڄن ڪريو ٿا، ان ڪري مان ڏاڍو پرسن ٿيو آهيان. اڄ کان وٺي آجيون توهانجي کاڌي پيتي جي جوابداري منهنجي ٿي رهندي. توهان ڀلي سارو سميہ ڀڳوت ڀڄن ۾ مگن رهو. اِهو ٻڌي برهمڻ برهمڻيءَ جي دل ڀرجي آئي تہ پرڀو ڪيئن نہ سار لهي ٿو. پريميو، توهان پرڀوءَ کي نہ وساريو. ٻيا ڪم ڪاريون ڀلي وساريو.

ياد جنين کي يار جي، ڪري يار بہ تن کي ياد.

نردوشي جي سنت جن، سي هر مورت مان،
ٽيئون تن کي درس ٿي، پاپن کي هو هان.

هڪ ڀڳتي شيل سنت ڀڄن ۾ لين هو. هڪ شخص وٽس آيو ۽ هن کان ڪن سوالن جا جواب پڇڻ ٿي چاهيائين. سنت چيس 'پيارا، پڇڻ، چوڻ ۽ ٻڌڻ کان بهتر آهي ته ڀڳوت ڀڄن ڪجي. سنت جي ائين چوڻ ڪانپوءِ اُن شخص، سنت کان سوال پڇيو منش ۾ سريشٽ ڪير آهي.' سنت وراڻيو 'جنهن کي ڀڳوان ٻڌائي، اُهو ئي سريشٽ آهي.' وري اُن شخص سنت کان ٻيو سوال پڇيو ته توهان هت اڪيلا ئي رهندا آهيو؟ سنت چيو 'مان اڪيلو ڪين آهيان، مون سان گڏ ڀڳوان رهندو آهي.' اُن شخص وري ٽيون سوال پڇيو ته سک جي راهه ڪهڙي آهي؟ سنت هڪدم اُتي آسمان ڏانهن نهارڻ لڳو ۽ اُتان هلڻ لڳو. پريميو، سنتن جي ڀڄن ۾ اهي ڳالهيون رنڌڪون آهن. ڏسجي ته جڏهن ڪو سنت ڀڄن ۾ وينو آهي يا پنهنجي آنند اوسٿا ۾ مگن آهي ته ويهي صرف اُن جو ڌيان ڪجي، درشن ڪجي. اُنهن سان گهڻو نه ڳالهائجي. پاڻ به ويهي پرڀوءَ کي ياد ڪجي. سوالن جا جواب توهان کي پنهنجو پاڻ ملي ويندا. اهڙن ڀڄن شيل سنتن جو درشن به ڪافي آهي، هوُ من جي تپت مٽائي شانتي پردان ڪن ٿا.

۱۸ نومبر پرم پوجنيه سواميڄن امرت ورکا ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪندي چيو ته سڀن جو ڀلو ڪريو. توهان ٻين جو ڀلو ڪندا ته پرڀو توهانجو ڀلو ڪندو. گرو مهاراج فرمائين ٿا:

هر ڀڳت هت ڪرت هئه، سب ڪا جڳت منجهار،
ڪهه ٽيئون سوارٿ بنا، سدا ڪري اُپڪار.

۱۹ جون اُتسوَ جو پلئه پائيندي پوجنيه سواميڄن چيو ته ڀڳتيءَ ۾ وڏي شڪتي ٿيندي آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن نام سان نينهن لاتو، اڄ چوڌاري سندن سڳنڌ ڦهليل آهي. ستگرو مهاراجن ڪيترن ئي پريمين جا ڏک درد دور ڪيا، اِهو سندن ڀڳتيءَ جو پرتاب آهي.

سنت سندرداس جهنگل ۾ وينو هو. اوچتو اُتان هڪ نواب شڪار ڪري پنهنجي سپاهين سان گڏ موٽي رهيو هو. هڪڙي سپاهيءَ کي ڏاڍي اُڄ لڳي هئي. هن اُن سنت وٽ تنبي ڏسي چيو، 'مهاراج، پياس لڳي آهي، پاڻي پيئاريو. سنت سندرداس چيو ته پيارا، هن ۾ پاڻي نه پر ڏڌ آهي. سپاهيءَ چيو مهرباني ڪري ڏڌ ئي پيئاريو. سنت هن کي ڏڌ پيئاريو. ائين ڪندي ٻيا به ڪيترائي پياسي سپاهي اُن سنت وٽ آيا. سنت سڀني کي ڏڌ پيئاري ترپت ڪيو. سپاهي وائڙا ٿي ويا ته تنبي ننڍڙي، ايڏو ڏڌ هن مان ڪيئن پيو نڪرندو اچي! سپاهين اها ڳالهه نواب کي ٻڌائي. نواب سنت وٽ آيو ۽ اچي پڇيائين ته ڇا، اِها تنبي جادوءَ جي آهي؟ جو ايترن سپاهين کي توهان ڏڌ پيئاري سندن پياس پوري ڪئي

تہ وچي پنھنجي حياتي سڳنڌ ارتات شپ ڪرمن سان ڀريو.

اسان مان ھڪڙا پنھنجي حياتي گند سان ڀري رھيا آھن، ڀيا ڳاھ سان ۽ ٽيان ڳٽن روپي ڳلن سان. ھاڻي توھان پاڻ فيصلو ڪريو تہ پرم پتا پرماتما، ڪنھن تي راضي ٿيندو ۽ مڪتيءَ روپي ملڪيت عطا ڪندو. يعني جنھن پنھنجي حياتيءَ ۾ گل ڦوڪيا ھوندا ۽ پنھنجو حياتي روپي دڪان، سڳنڌين يعني نيڪ ڪارين جي ھبڪارن سان ڀريو ھوندو، سوئي مھان آھي.

۲۹ جون شام جو آشرم ۾ سنت ڪبيرداس جي جينتي ملھائي ويئي. پوجنيہ سواميڄن سنت ڪبيرداس کي پشپانڄلي ڏيندي چيو تہ ڪبير معنيٰ وڏو. جھڙو سندس نالو ھو، تھڙو ھوُ مھان ھو. ڪوري ھوندي، گھر گرھست ۾ رھندي، ھن ڪيڏي نہ ڀڳتي ڪئي. ھي نہ صرف مھان سنت ھو، پر ھندي نرگڻ ڪاويہ ڌارا جو پرمکہ ڪوي ھو. سندس ڪاويہ ۾ گيان جا گوھر سمايل آھن. سندس واڻي، وھنوار چاھي پرمارٿ جي خيال کان اسانجي سونھپ ڪري ٿي. پريميو، توھان بہ سنسار ۾ رھندي سنت ڪبير جيان نام سمرڻ ڪريو، ست ڪرم ڪريو.

۱ جولاءِ پوجنيہ سواميڄن جبلپور ۾ پڌاريا. سنت رامداس پنھنجي گرو سوامي ديالداس جي پوتر سمرتيءَ ۾ نرمدا نديءَ جي ڪناري گروڌام مندر نھرائڻ لاءِ ۲ جولاءِ ڇنڇر صبوح جو ۷ بڄي ڀومي پوڄن جو ڪاريہ ڪرم رکيو. پوجنيہ سوامي جن ڀومي پوڄن ڪرائيندي پياري سنت رامداس ۽ شرڌالو پريمين کي ان اُتم ڪاريہ لاءِ ڌنيواد ڏيندي چيو تہ سوامي ديالداس جو ھي مندر امر يادگار ٿي رھندو. پريميو! جيئن سوامي ديالداس پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو توھان بہ سنسار جا ڪم ڪاريون ڪندي نام سان نينھن لڳايو.

۲ جولاءِ شام جو ۽ ۳ جولاءِ صبوح ۽ شام سنڌي ڌرمشالا جبلپور ۾ پوجنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي سوَن پريمين جي پياس پوري ڪئي. ۴ جولاءِ پوجنيہ سواميڄن ڪٽنيءَ ۾ پڌاريا. پوجنيہ سواميڄن ۴-۵ جولاءِ اُتي امرت وچنن جي ورکا ڪئي. ٦ جولاءِ سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۱۰ جولاءِ آشرم ۾ جنتا جناردن پريشد جي سھاري، پياري پيسومل پريداس جي ورسي ملھائي ويئي. پوجنيہ سواميڄن ڪيس شرڌانڄلي ڏيندي چيو تہ پيارو پيسومل، زندگيءَ جا ڪيترا ڀويان سال ھت آشرم ۾ شيوا ڪندو رھيو. آشرم جي نئين مندر جوڙائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيائين ۽ ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ڪندو رھيو. اھڙا ڀلي ڄاوا انسان، جي سنگت جي شيوا ڪن.

۱۴ جولاءِ رات جو پوجنيہ سواميڄن بڙودا روانا ٿيا. ۱۵ جولاءِ بڙودا ۾ پياري گوبندرام ميرپوريءَ جي سپتريءَ جيوتيءَ جو وواھ پياري پرتاب رامچنداڻيءَ جي سپتر سان ٿيو. ستگرو مھاراجن جوڙي کي آسيس ڪئي. ۱٦ جولاءِ پوجنيہ سواميڄن بڙودا ۾ امرت ورکا ڪئي. ۱۷ جولاءِ کان ۱۹ جولاءِ پوجنيہ سواميڄن بمبئيءَ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو.

نيم سان سنگرو مهاراجن جي هن آستان تي اچي، ڪٿا ڪيرتن شروع ڪري، پريم ۽ سان ۽ ستگرن سان نينهن جو ناتو نڀايو. سمرڻ ۾ سواس سڦلا بڻايو. اتڻي ڪي ايشور روپ سمجهي اُن جي شيوا ڪريو.

٢٢ جون پوجنيه سواميڄن پريم پرڪاش آشرم ڪوٽا ۾ پڌاريا. سنت منوهرلعل سواميڄن جو هاردڪ ابينندن ڪيو. پوجنيه سواميڄن نماشام جو ستسنگ ڪندي چيو ته منش موهه چڪر ۾ ڦاسي مالڪ کي وساري ويٺو آهي. هوُ پنهنجا امولہ سواس ويرٿ وڃائي رهيو آهي. اسين سواسن جو قدر ڪين ٿا ڪريون. اِهي هيرن جواهرن کان وڌيڪ ملهائتا آهن. سامي صاحب به فرمائي ٿو:

موڙک ٿو ماري، پنهنجي هٿين پاڻ کي،
لڳي مايا موهه جي، ڪوڙي لنوَ لاڙي،
ڏسي نه سار سروپ کي، سامي سنڀاري،
گهڻ منجهه گاري، ٿو هيرا لعل اڻ ملها.

سستائي جو زمانو هو. هڪڙي شخص پنهنجي ٽن پٽن کي هڪ هڪ سؤ روپيا ڏيئي چيو ته اُنهن پئسن سان خريدي ڪري وڃي پنهنجو پنهنجو دڪان ڀري ڏيکاريو. جنهنجو دڪان سڀ ڀريل هوندو، اُهوئي منهنجي سموري ملڪيت جو حقدار ٿيندو.

وڏو پٽ جيڪو جوئاري هو، تنهن ته وڃي جوئا ۾ سڀ روپيا هارائي ڇڏيا، سو دڪان لاءِ ڇا خريد ڪري! گهڻي ويچار کان پوءِ خيال آيس ته بابي چيو آهي ته دڪان وڃي ڀريو، سو ڇا ڪيائين جو ميونسيپالٽيءَ جي گند جون ٢-٣ گاڏيون مفت ۾ لهرائي، ڪٽي دڪان ڀريائين.

ٻيو وچون پٽ، جيڪو شرابي هو، تنهن وڃي خوب شراب پي روپيا منو سؤ ته خلاص ڪري ڇڏيا. باقي روپيه ٢٥ بچيس، سو دڪان ڪيئن ڀري. سو ٢٥ روپين مان ٢-٣ گاهه جون گاڏيون لهرائي دڪان ڀريائين.

ٽيون ننڍو پٽ، جيڪو پتا جو آگياڪاري پٽ هو، گرمکہ ۽ ستسنگي هو، جنهنکي ڪابه عادت ڪانه هئي، سو اُن سؤ روپين جا وڃي گل خريد ڪيا. هر ڪنهن قسم جا گُل، گلاب، موتيو، موگرو، رابيل، ٽانگر، گيندو، سمن، سوسن وغيره. اُنهن جا هار ٺهرائي ڪٽي سڄو دڪان ڀريائين ۽ اگربتيون واس ڌوپ ٻاري، سڄو دڪان سڳنڌين سان ڀرپور ڪري ڇڏيائين.

سندن پتا دڪان ڏسڻ آيو ته هڪ دڪان گند سان، ٻيو گاهه سان ۽ ٽيون گلن سان ڀريل ڏٺائين. هاڻي توهين پاڻ سمجهو ته پتا ڪهڙي پٽ تي خوش ٿيندو؟ ضرور گلن واري تي خوش ٿيندو، ائين برابر آهي. هي هڪڙو درشٽانت آهي. انهيءَ جو مطلب آهي ته اسان جو پتا، پريو پرماتما، اسان ٽن قسمن جي پٽن کي هڪڙا تموگڻي، ٻيا رجوگڻي، ٽيان ستوگڻي، اِنهن ٽنهي کي سؤ سو ورهيه عمر ڏيئي، شرير روپي دڪان ڏيئي، آگيا ڪئي آهي

١٣ آگسٽ پوڄنيہ سوامجن دتيا ۾ پڌاريا. پياري رامچند ۽ ڀين پريمين سندن سواڳت ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن اُتي ٿي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ پريميو، پربهوءَ لاءِ دل ۾ پريم رکو تہ پربهو توهان کان پري ڪين آهي. ستگرو مهاراج پڻ پريم جي باري ۾ چوندا هئا:

پريم جڳت ۾ بهت هئہ، پريم بنا نهين ڪويہ،
ٽيئون ساچا پريم سو، جو هر هين سي هويہ.

اسان ۾ پريم آهي پر اسان اُهو پريم دنيوي مٽن مائٽن ۾ ڦيري ڇڏيو آهي. ڪو ڌنوان هجي، پر اُن جو ڌن ٻئنڪن ۾ هجي، ڌنڌي وهنوار ۾ سيڙيل هجي، وياج تي ڏنل هجي، پر وٽس ڌن نہ هجي تہ ڪهڙي ڪم جو! اُهو نالي ۾ ڌنوان سڏبو. ڌنوان هوندي بہ سندس هٿ منجهيل رهي تہ ڌن ڪهڙي ڪم جو! ڌن ٻئنڪن مان ڪڍي اُن جو سد اُپيوگ ڪريو. تيئن اسين بہ سنساري ماڻهن مان آسڪتي ڪڍي پربهوءَ جي ڪمل چرنن ۾ پريم رکون. جيئن جيئن اسانجي اندر ۾ پربهوءَ لاءِ وڌيڪ پريم پيدا ٿيندو، تيئن تيئن اسين پربهوءَ جي وڌيڪ ويجهو ٿيندا ويندا آسين.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري پرم پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو ٨٢ جنمدن اُتسؤ ٢٦ آگسٽ کان ملهايو ويو. ٢٦ آگسٽ شري پريم پرڪاش گرنٿ جو پاٺ آرنڀ ڪيو ويو. بيمارن ۽ اپاهجن جي شيوا ڪئي ويئي.

٢٧ آگسٽ رکشا ٻنڌن جي پوتر ڏينهن سڀن پريمين پوڄنيہ سواميڄن کي رکڙيون ٻڌيون. پوڄنيہ سواميڄن رکشا ٻنڌن جي مهتوَ تي روشني وڌي. پوڄنيہ سواميڄن جي ٨٢ جنمدن سنبنڌ ۾ جنتا جناردن پريشد طرفان وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت ۾ چٽاڀيٽي رکي ويئي. پوڄنيہ سواميڄن کان وديارٿين کي انعام ڏيارايا ويا.

٢٨ آگسٽ صبح جو هوَن، يڳيہ ڪيو ويو. ان بعد سفيد پوشن پينن ڀائرن کي روڪ سهائتا، چادرون، چانور، ڪنڊ، دال جا پاڪيٽ ڏنا ويا. ان شيوا يڳيہ جو آرنڀ ستگرو مهاراجن ڪيو.

نماشام جي ستسنگہ ۾ ڪيترن ئي ڪلاڪارن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي ۽ ڪن پريمين پوڄنيہ ستگرو مهاراجن جي جيون ڪاريہ تي روشني وڌي. ڊاڪٽر ديال آشا پوڄنيہ ستگرو مهاراجن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي ٻڌايو تہ سندن اپار آسيس سان جنتا جناردن پريشد ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ڪري رهيو آهي. اُنهن شيوا ڪارين لاءِ پوڄنيہ ستگرو مهاراج ڀرين پاڻ يوڳدان ڏيندا رهن ٿا. ديال آشا پوڄنيہ سواميڄن جي ڀڄنن جي ڪئسيٽ 'ڀڄن سڌا' تيار ڪئي. پوڄنيہ سواميڄن ان ڪئسيٽ جو مهورت ڪندي ديال آشا کي ڌنيواد ڏني.

پوڄنيہ ستگرو مهاراجن پروچن ڪندي چيو تہ داس جي جيڪا مهما ڪئي ويئي آهي، اِها ڀڳوان ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جي مهما آهي. توهان پريمين جو بہ پورڻ سهيوگہ آهي. پريميو، هيءُ جيون پراُپڪار جي ڪارين ۾

٢٨ جولاءِ شام جو گرو پورڻما اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن نج ڌام آشرم ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پريميو، توهان نصيبن وارا آهيو، جو توهانکي سوامي ٽلوڪداس مهاراج جهڙو برهم گياني، برهم نيشٺي سنگرو مليو، جنهن توهان جو مارگ درشن ڪري گرو منتر جي ديڪشا ڏني. شاسترن ۾ گروءَ جي وڏي اهميت آهي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج گروءَ جي مهما ڳائيندي فرمائين ٿا:

ٽيئون ديپڪ گيان بن، شوڀت ڏار نه ديهه،
گرو بن گيان نه هوت هئه، ٿانتي گر ڪر ليهه.

گروءَ جي گيان بنا منش جو تن من انڌڪارميه آهي. هو پيو اونڌهه ۾ ٿاٻا کائيندو. گرو گيان روپي پرڪاش ڏيئي راهه روشن ڪري ٿو.

٣٠ جولاءِ گرو پورڻما اُتسوَ سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ پرڀات جو آرنڀ ٿيو. سوين پريمي پراتهڪال جو پهچي ويا. پهرين پوڄنيه سواميڄن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي مورتين جي پوڄا ارچنا ڪئي. پوءِ پريمين پوڄنيه سواميڄن جي اُستتي ڪندي، ناريل مصري ڀيٽ ڪندي، ڪين ڦول مالهائون ڀيٽ ڪيون. پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

گر ڪو ڪر تم وندنا، شرڌا من ۾ ڌار،
ڪهه ٽيئون اس جڳت ۾، پايه پدارٿ چار.

پريميو، من ۾ شرڌا ۽ وشواس رکي، ستگرن کي پريم سان پرڻام ڪريو ته توهان کي چارئي پدارٿ ملندا. جنهن تي گر ڪرپا ٿئي ٿي، سو ڀاڳن وارو آهي. گروءَ دواران ئي جيوَ کي گيان جي پراپتي ٿئي ٿي. گيان دواران ئي جيوَ ڀڳوان جو درشن ڪري ٿو. پراچين ڪال کان رشي مني به اڄوڪو ڏينهن وياس پوڄا، گرو پوڄا جو ڏينهن ڪري ملهائيندا هئا. توهين به سچيءَ دل سان گروءَ جي شيوا اُپاسنا ڪريو، سندس ڏنل نام جو خوب ابياس ڪريو ته توهان کي لاڀ پراپت ٿيندو.

١ آگسٽ شام جو شري لوڪمانيه تلڪ جي پڻيه تٿي آشرم ۾ ملهائي ويئي. پوڄنيه سواميڄن راشٽر ڀڳت شري تلڪ جي جيون ڪاريه تي روشني وجهندي چيو ته اڄ ڀارت کي اهڙن نڊر نرڀيڪ تياڳي ودوانن اڳوانن جي ضرورت آهي، جي قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائين.

٢ آگسٽ ٻڌر صبح جو ١٠ بجي چاليهي صاحب سنڌونگر ٥ ۾ مورتين جي پوڄا ڪرائي ويئي. ان سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن چاليهي صاحب تي پڌاريا. سواميڄن ڀڳت کانورام، پياري ناماديو ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته مورتين جي پراڻ پرتشٺا کان پوءِ ائين سمجهو ته اُهي ساکيات براجمان آهن. توهان شرڌا ۽ وشواس سان نيمت روپ سان انهن جي پوڄا اُپاسنا ڪريو. توهان جو هٿ ڪڏهن نه منجهندو. جهوليلعل پنهنجا ڪم اچي پاڻ پورا ڪندو.

توهان جي جيت تہ برابر ٿي آهي، پوءِ اسين پاڻ ۾ چو نہ مترتا جو ناتو ڳنڍيون. توهان اسانجي گهر ۾ ڀوڄن ڪريو. رحيم راجا جي اِها نيند قبول ڪئي. جڏهن هو راجا وٽ ڪاڌو کائڻ وڃي رهيو هو تہ قلعي جي دروازي وٽ ڪيس هڪ ٻالڪ چيو تہ راجا وٽ ڀوڄن ڪرڻ نہ وڃ. راجا جي من ۾ کوٽ آهي. هن تنهنجي کاڌي ۾ زهر ملائي رکيو آهي. توکي زهر کارائي پوءِ تنهنجي سئنا کي ڀڄائي ڪڍندو. رحيم ٻالڪ کي چيو تہ مان راجا کي انجام ڏنو آهي تہ تو وٽ اچي کاڌو کائيندس. ٻالڪ چيو 'خان خانا، انجام ڇا جو؟ هرگز نہ وڃ.' رحيم اُن ٻالڪ کي چيو 'ڇا تون شري ڪرشن آهين جو تنهنجي ڳالھ مڃيان.' ٻالڪ مشڪندي چيو تہ مان ڪرشن ئي هجان پوءِ ڳالھ مڃيندين.' رحيم ٻالڪ ڏانهن نهاريندي ٻال روپ شري ڪرشن جو درشن ڪيو. اُهو ٻالڪ جلدي انتر ڌيان ٿي ويو. پريو پنهنجي ڀڳتن جي ڪيئن نہ سار سنڀال لهي ٿو. رحيم ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪري ڏاڍو خوش ٿيو. هن هڪدم قلعي تي چڙهائي ڪري راجا کي قيد ڪيو. رحيم راجا کي شرمائيندي چيو تہ تو مونکي متر ڪري کاڌي کائڻ لاءِ دعوت پئي ڏني، ڇا دوست کي زهر ڏبو آهي؟ اِهو ٻڌي راجا ڏاڍو شرمندو ٿيو. هن رحيم کي چيو تہ مونکي پڪ ئي پڪ موت جي سزا ملندي، پر توهان کي اِها خبر ڪيئن پئي تہ مان کاڌي ۾ زهر ملايو آهي؟ مهرباني ڪري اِهو راز مونکي ٻڌايو. رحيم چيو 'راجا، تو مونکي هڪ دفعو متر سڏيو آهي، وري ويساھ گهاتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر مان توکي موت جي سزا ڪين ڏيندس. باقي مونکي زهر جي ڳالھ ڪنهن ٻڌائي اِهو راز ڪين ٻڌائيندس. راجا ڏاڍو پشيمان ٿيندي رحيم کي اُن راز ٻڌائڻ لاءِ عرض ڪيو. راجا جي گهڻي زور ڀرڻ تي رحيم اُن کي ٻڌايو تہ ڪيئن نہ ڀڳوان شري ڪرشن ٻال روپ ڌاري وٽس اچڻ جي منع ڪئي ۽ کاڌي ۾ زهر بابت ٻڌايو. اِهو ٻڌي راجا زار زار روئڻ لڳو. سنت ديالو ٿيندا آهن. رحيم خان خانا هڪدم ڪيس ڳلي سان لڳايو. اُهو راجا رحيم جي سنگہ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو پريمي بڻجي پيو. پريميو، جيڪي ڀڳوان سان ناتو ڳنڍين ٿا، ڀڳوان ڪيئن نہ اُنهن جي اچي رکشا ڪري ٿو. تنهنڪري پريوءَ سان پريم جو ناتو ڳنڍيو تہ توهان جا هئي لوڪ سهيلا ٿيندا.

٢٦ سيپٽمبر رات جو پوجنيہ سواميڄن سائين هرچورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنڀنڌ ۾ سندن استان تي. ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سائين هرچورام صاحب رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا، پر تنهن هوندي بہ پنهنجي ڀگهر جي پورهئي مان پيٽ گذران ڪندا هئا، پوڪہ ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪو پريمي ڪين ڀوڄن ورتائڻ لاءِ ڏاڍو زور ڪندو هو تہ اُن وٽ ڀوڄن ورتائڻ جي موٽ ۾ ٽيڻا پئسا خرچيءَ جي روپ ۾ ڏئي ايندا هئا. ڪيترائي سوالي وٽن ويندا هئا تہ هو پنهنجي ڏيکاري بنھ ڪين ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ جوتين تي وڃي مٿو ٽيڪي اچو، سائين سيئورام ڀلي ڪندو. داس تي بہ ننڍپڻ ۾ اُنهن جي ديا درشٽي رهي. پياري سنت روپارام کي ڏنيواد آهي جو وڏڙن جي ڪاريہ جي جوت جڳائي پيو.

٢ آڪٽوبر آرتوار شام جو سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ مهاتماگانڌي ۽ شري

سڦلي ڪريو. جيترو ٿي سگهيوَ ٻين جو ڀلو ڪريو. پاڻ کي ڪشٽ ڏئي بہ ٻين جي شيوا ڪريو تہ پريو توهانجي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سار لهندو. ستگرو مهاراج پراُپڪار جي مهما ڪندي چون ٿا:

تن من وچ پران سي ڪرنا پراُپڪار،
ائسا پٽيہ نہ اور ڪو، ٽيئون اس سنسار.

تن، من، ڌن وچن سان ٻين جي ڀلائي ڪريو. اِهو وڏو ڀڄ آهي.

ڪانچيپوريءَ ۾ هڪ غريب دامودر برهمڻ رهندو هو. کيس سنتان ڪين هئي. گهر ۾ صرف بہ ڄڻا پتي پتني هئا. هوُ ٻئي ڀڳوت ڀڄن ۾ جيون سڦل ڪندا هئا ۽ پيٽ گذران لاءِ ڀڪيا ڪندا هئا. هڪ ڏينهن برهمڻ دامودر کي ڀڪيا ۾ ڪجهہ ڪين مليو. هن سوچيو تہ پريوءَ اڄ کيس اُپواس رکڻ جو وجهہ ڏنو آهي. هوُ جيئن گهر واپس وريو تہ ڀڳوان هڪ ٻڍي جي روپ ۾ سندس گهر ۾ مهمان ٿڄي آيو. پتي پتنيءَ اُن کي جل پيئاري ستڪار ڪيو. گهر ۾ کاڌي لاءِ ڪجهہ بہ ڪين هو. دامودر برهمڻ جي پتنيءَ پنهنجي مٽي جا وار ڪٽي، اُن مان هڪ نوڙي ناهي پتيءَ کي ڏني تہ اِها بزار ۾ وڪڻي اُن جو سيڌو وٺي اچ. دامودر برهمڻ وارن مان ٺهيل نوڙي وڪڻي سيڌو وٺي آيو. پتنيءَ پريم پوروڪ کاڌو تيار ڪري آيل ٻڍڙي مهمان کي کارايو. رات جو ڀڳوان پتي پتنيءَ کي نند ۾ درشن ڏنو ۽ کين مالا مال ڪري ڇڏيو.

پريميو، توهين بہ خوب نام جپيو ۽ اُپڪار جا ڪم ڪري جنم سڦل ڪريو. ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن مالڪ توهان تي مهر اوس ڪندو.

۱ سيپٽمبر پوجنيہ سواميجن آشرم ۾ ستسنگہ ڪندي چيو تہ سڀاڻي ٽڏڙي آهي. اِهو ڏينهن خاص ديوي ماتا جي اُپاسنا جو ڏينهن آهي. اهڙا ڏينهن اسانکي ويرٿ نہ وڃائڻ گهرجن. خوب نام جپڻ گهرجي ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ گهرجن. پر افسوس جو لکين لوڪ انهن ڏڻن جو دراُپيوگہ ڪن ٿا. هي ساوڻ جو مهنو جوئا ڪرڻ ۾ برباد ڪن ٿا. 'جوئا' سبب ئي مهاڀارت جي لڙائي لڳي. جوئا جهڳا جهڙ ڪري ٿي. جوئا جي جهڙپ ڪيترائي گهر نابود ڪري ڇڏيا. پريميو، هن مهني ۾ پاڻ پريوءَ کي وڌيڪ ياد ڪريو ۽ مايا شڀ ڪرمن ۾ خرچ ڪري سڦلي ڪريو. عقل وارن کي اشارو ڪافي ٿيندو آهي. هڪ جوئاريءَ جي ڪري سڄو پريوار دکي ٿئي ٿو. انڪري ساوڌان ٿيو. اُنهن تيوهارن جي مرم کي سڃاڻو.

۲ سيپٽيمبر جنماشٽميءَ ڏينهن صبح جو پوجنيہ سواميجن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪندي چيو تہ ڀڳوان شري ڪرشن پريم جو اوتار هو. توهان هن کي پريم سان پڪاريو تہ توهانکي ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن اچي درشن ڏيندو. هوُ پنهنجن پيارن جي سار لهي ٿو.

ڪرشن ڀڳت رحيم خان دهليءَ جي بادشاه جي حڪم سان ڏکڻ ڀارت جي هڪ هندو راجڌانيءَ تي حملو ڪيو ۽ فتح حاصل ڪئي. راجا رحيم خان خانا ڏي نياپو موڪليو تہ

پنيءَ تي ويھ ۾ رستو ڏيکاريندو هل تہ ٻئي هن ٻاھ جي ٻنهي مان نڪري پار پونداسين. لنگڙو سورداس جي پٺيءَ تي سوار ٿيو ۽ کيس رستو ڏيکاريندو هليو. سورداس پنڌ ڪري پار پهتو. هڪ ٻئي جي ميلاپ سان ٻئي ڄڻا ٻاھ جي تؤ کان بچي ويا.

پريميو، توهان بہ جيڪر هڪ ٻئي کي وقتائتي مدد ڪندا، پاڻ ۾ ميل جهول ڪري رهندا تہ توهان بہ ڪيترن ئي مصيبتن کان بچي ويندا.

١٤ آڪٽوبر شام جو ستسنگہ ڪندي پوڄنيہ سواميڄن چيو تہ ستپرڪہ پاڻ کي ڪشٽ ڏيئي بہ ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪن ٿا.

سڄن سويم ڪو ڪشٽ دي، اورون ڪو سکہ ديت،

پر پيڙا ڪو سؤ سمجھ، شيگھر هئن هر ليت.

هڪ دفعي ڪنهن برهمڻ جون ڳانيون ڪو چور چوري ڪري ويو. اُن برهمڻ راجا يڌشٽر جي راڄ دربار ۾ اچي شڪايت ڪئي. اُن وقت شري ارجن اُتي موجود هو. شري ارجن برهمڻ جي پڪار ٻڌي هڪدم شستر ڪڍڻ لاءِ ڪمري ۾ ويو. اُن ڪمري ۾ شري يڌشٽر دروپديءَ سان گڏ وينو هو. پنجني پانڊون ۾ئرن اِهو نيم ناهيو هو تہ هر هڪ ڀاءُ بہ مهنا ٻارهان ڏينهن دروپديءَ سان گڏ گذاري. جيڪڏهن ڪو ان نيم جو اُلنگھن ڪندو تہ اُن کي ٻارهن سال بنواس ڀوڳڻو پوندو. شري ارجن برهمڻ جي چورايل ڳانين کي بچائڻ لاءِ، چورن کي سزا ڏيڻ لاءِ، پنهنجي سزا ڀوڳڻ جو خيال نہ ڪري، شري يڌشٽر جي ڪمري ۾ وڃي شستر ڪڍي آيو. شستر دواران چورن کي ختم ڪري اُن برهمڻ کي سندس ڳانيون واپس وٺي ڏنيون ۽ پوءِ پاڻ بنواس هليو ويو. پراُپڪاري منش پاڻ کي ڪشٽ ڏيئي بہ ٻين جو ڀلو ڪن ٿا.

پريميو، توهان بہ جيڪر ٻين جي دکہ کي پنهنجو دکہ سمجهي، اُن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو تہ پرڀو وري اوهان جا دکہ دور ڪندو.

١٥ آڪٽوبر پوڄنيہ ستگرو مهاراڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سڀني جيون ۾ پرڀوءَ کي پسي، اُنهن جي پريم سان شيوا ڪريو. پاڻ کي ڪشٽ ڏيئي بہ ٻين کي سکي ڪريو. آئي مهمان جو آدر ستڪار ڪريو. مهمان معنيٰ ڀڳوان. ستگرو مهاراڄ پڻ فرمائين ٿا:

گوبند سب گھٽ جان ڪي، سب سي ڪرلي پريت،

ڪھ ٽيئون هر ڀيد تم، سيوو سب ڪو ميت.

سوامي رامڪرشڻ جو شش درڳاچرڻ ناگہ پاڻ کي ڪشٽ ڏيئي بہ مهمانن جو ستڪار ڪندو هو. هڪ دفعي برسات جي مند ۾ سندس گھر ۾ ڪي مهمان آيا. سندس گھر ۾ ٻہ ڪمرا هئا. هڪ ڪمري ۾ برسات جو پاڻي ٽپڪندو هو. هوُ پتنيءَ سميت ٻي ڪمري ۾ رهندو هو. آيل مهمانن کي سکي نموني سمهارڻ لاءِ هن پنهنجي ڪمري ۾ مهمانن کي سمهاريو. پاڻ ۽ سندس پتني ساري رات ٻي ڪمري ۾ برسات ۾ ڀڄندا رهيا. ٻئي ڏينهن

لعل بهادر شاستريءَ جي جينتي پوڄنيہ سواميڄن جي پرڏانپٽي هيٺ ملهائي ويئي. پوڄنيہ سواميڄن ٻنهي ديش ڀڳتن کي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ ٻئي راشٽر ڀڳت تياڳ ۽ قربانيءَ جي مورت هئا. ديش جي آزاديءَ جي آندولن کي مهاتما گانڌيءَ نئون موڙ ڏنو، اهنسا جي هٿيار سان هن انگريزن جو مقابلو ڪيو. ٻئي ديش ڀڳت، ايشور ڀڳت بہ هئا ۽ نڊر نرڀيڪ نشڪام نيتائون هئا. اڄ راشٽر کي اهڙن ئي اڳوانن جي سخت ضرورت آهي، جي قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائين. هن موقعي تي ديال آشا، پرسرام ڪانگريسيءَ پڻ مهاتماگانڌي ۽ لعل بهادر شاستريءَ جي جيون تي روشني وڌي.

١٢ آڪٽوبر کان ١٥ آڪٽوبر سوامي اوڌوداس جي ورسي سردارنگر احمدآباد ۾ ملهائي ويئي. ان اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ١٢ آڪٽوبر چنڊ ڏينهن صبح جو احمدآباد ۾ پڌاريا. سندن سواگت ۾ شاهي جلوس ڪڍيو ويو. شام جو ٦ بجي پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ توهان ڪيڏي نہ اُتساهہ اُمنگہ سان سوامي اوڌوداس مهاراج جو ورسي اُتسوَ ملهايو ٿا، ان لاءِ توهان ڌنيواد جا پاتر آهيو. سوامي اوڌوداس سنتوشي سنت هو. اسانجو تہ ساٿس ننڍپڻ کان ناتو هو. هي پيارو دنيوي سکن جو تياڳہ ڪري، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سمرپت ڀاوَ سان شيوا ڪندو رهيو. پاڻ بہ نام جپيائين ۽ سوَن لوڪن کي بہ نام جپائيندو رهيو. هي سنت پريم پرڪاش منڊل جو مٽيو هو. ستگرو مهاراج سنت جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

جو مايا وش هوت نھ، جو نھ ڀوگت ڀوگہ،
ٽيئون سمري نام نت. سوئي سنت اروگہ.

ستگرو مهاراجن جي هن واٽيءَ جي ساکي سنت اوڌوداس پنهنجي جيون ۾ ڏني. پريميو، توهان بہ نام سان نينهن لڳايو. گرو منتر جو خوب اڀياس ڪيو. گرو مهاراج فرمائين ٿا:

هرديہ ۾ گر شبد کي باجي انھد بين،
ڪھ ٽيئون سن تانھ کو گرمکہ هو لوَلين.

توهين سنساري ڪم ڪاريون ڪريو، پنهنجا فرض پاليو، پر پرڀوءَ کي نہ وساريو. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجھ حصو دان پنن ۾ سڦل ڪريو.

١٣ آڪٽوبر پوڄنيہ ستگرو مهاراجن پروچن ڪندي چيو تہ اڄڪلھ گهرن ۾، پاڙن ۾، شهرن ۾ اشانتي آهي. ايڪتا جو انگہ گهٽجي رهيو آهي. توهان هڪ ٻئي سان ساز سلوڪت سان هلو ڪڏهن غم ڪاٺو پوي ٿو تہ ڪس ڪائي بہ جس جا ڀاڳي بڻجو. ميل ميلاپ سان هڪ ٻئي جي رکشا ڪري سگهجي ٿي. هڪ ڳوٺ ۾ زبردست باھ لڳي ۽ چوڌاري ڦهلجي ويئي. ڳوٺ واسي پنهنجي پنهنجي پريوارن ۽ جانورن کي بہ ڳوٺ مان هڪدم ٻاهر ڪڍي ويا. اُتي هڪ سورداس ۽ هڪ لنگڙو رهجي ويو. ٻنهي جو الڳہ الڳہ نڪرڻ مشڪل هو، ٻئي منجهيل هئا. آخر سورداس کي سوجهي آئي، هن لنگڙي کي چيو تہ تون منهنجي

آشرم ۾ واپس وريا ۽ شام جو نارائڻداس سوامي گوالانند آشرم ۾ پروچن ڪيائون. ۹ نومبر ڏياريءَ جي شڀ ڏينهن ڪيترائي پريمي پوڄنيه سواميڄن کي بمبئيءَ ۾ پنهنجن دڪانن تي وٺي ويا. ۱۰ نومبر پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر ۾ واپس آيا. ۱۱ نومبر چنڊ ڏينهن پوڄنيه سواميڄن ڪارتڪ مهني سبب شري ڪارتڪ جي ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. روز پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن ڪارتڪ مهني جي مهما ڪندي امرت ورکا ڪندا رهيا.

۱۷ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن پرڀات جو آشرم ۾ ستسنگ پروچن ڪندي پوڄنيه سواميڄن چيو ته اڄوڪي پوتر ڏينهن ڀڳوان شري ڪرشن ڳانيون چاريون. ڀڳوان کي پاڻ کان وڌيڪ ڳانيون پياريون هيون. ڀڳوان پنهنجي لوڪ کي پنهنجو نالو نه ڏيئي 'ڳئو لوڪ' نالو ڏنو. اڄ اسانجي ديش ۾ ڳئو ماتائن جي ڪهڙي نه دردناڪ حالت آهي! روز هزاين ڳانيون پيون ڪسجن! ڳئو رکشا معنيٰ ديش جي رکشا. اسانجا سياستدان سوارٿ ۽ ستا جي نشي ۾ ڳئو رکشا ڏانهن ڪوئي ڌيان نٿا ڏين. پريميو، ڳانين جي خوب شيوا ڪريو.

ستسنگ بعد سنگت سان پوڄنيه سواميڄن ڳانين جي جلوس ۾ شريڪ ٿيا. ڳئوماتا جي جئه جئه ڪار جا نعرا لڳائيندو جلوس بزار مان ٿي واپس وريو. شام جو ۴ بجي شري راڌي شيام ڳئوشالا ۾ گوپ اشٽمي اُتسؤ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي زيرصدارت ملهايو ويو. ڀاءُ نندي‌رام ٽهلرام سيڪريٽري ڳئو شالا جي ڪاريه تي روشني وڌي. سنت روپارام، سنت برهمداس ۽ ٻين سنتن ڳئوماتا جي اهميت تي روشني وڌي. ديال آشا ڳئوماتا جي مهما جو گيت ڳائيندي ڳئوشالا جي شيوا ڪاريه لاءِ اپيل ڪئي.

پوڄنيه سواميڄن ڳئوشالا جي ٽرسٽين ۽ پياري تلسيداس موٽواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته ڳانءِ ماتا جي شيوا ڏاڍي لاڀڪاري آهي. ڳانءِ جو کير مفيد آهي. اُن جو ڇيڻو ۽ ڳئونٽ به ڪيڏو نه ڪمائتو آهي، ڪيترين بيمارين دور ٿي سگهن ٿيون. ڌارمڪ درشٽي چاهي وهنوار جي اُنتيءَ لاءِ ڳئو شيوا ڪرڻ ضروري آهي. ڳئو شيوا ڪرڻ اسانجو ڪرتويه آهي.

۲۰ نومبر پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته اڄ هر پربوڌني ايڪادشي آهي. اڄ جي ايڪادشيءَ جو وڏو مهاتم آهي. جنهنجي من ۾ اڄوڪي گيارس رکڻ جو چاهنا پيدا ٿئي ٿي، اُن جي سؤ جنمن جا پاپ ناس ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪو منش وڌيءَ سان اڄ گيارس جو ورت ڌارڻ ڪري ٿو، اُن جي اننت جنمن جا پاپ ناس ٿي وڃن ٿا. اڄوڪي گيارس جو ورت ڌارڻ ڪرڻ سان منش کي آتما جو گيان ٿئي ٿو. جيڪو اڄ ڀڳوان وشنوءَ جي ڪٿا ٻڌي ٿو، اُن کي ستن ديپن دان ڪرڻ جو ڦل پراپت ٿئي ٿو. جيڪي ڪٿا ڪن ٿا، انهن کي به ڦل جي پراپتي ٿئي ٿي. ڪارتڪ مهني ۾ جو تلسيءَ سان ڀڳوان جي پوڄا ڪري ٿو، اُن جي ڇهن هزارن جنمن جا پاپ ناس ٿين ٿا. جيڪو ڪارتڪ مهني ۾ برج ڀوميءَ جو درشن ڪري ٿو، اُهو ڪيترا يگه وئڪنٺ ۾ واس ڪري ٿو. جيڪو تلسي پوکي ٿو، اُن جي گهر ۾ ڪوبه بنا سنتان نٿو رهي. جيڪو تلسيءَ کي نت نيم جل ڏيئي

گھر ۾ چانور ڪين هئا ۽ ڪين پيٽ ۾ بہ ڏاڍو سور هو. هوءَ پاڻ بزار مان چانور خريد ڪري پنهنجي مٽي تي ٻاچڪو ڪڻي آيو. ان ڪري ڀوڄن ۾ ذرا دير ٿي ويئي. هن آيل مهمانن ڪان ڀوڄن ۾ دير هئڻ سبب معافي ورتي. هن پياري ۾ مهمان نوازي ۽ ڪميا جو ڪيڏو نہ سندر گڻ هو. توهين بہ وهنوار ۾ آئي وئي جو آدر ڪريو ۽ ڪمياشيل بڻجو.

١٦ آڪٽوبر پريم پرڪاش شيوا منڊل سردارنگر احمدآباد جي سهاري، ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو ٨٢ جنمدن گهڻي اُتساهہ ۽ اُمنگہ سان ملهايو ويو. سون پريمين شرڌالن پوڄنيہ سواميجن کي ڦول مالهائون ڀيٽ ڪيون. ڀاءُ سنتومل، شري جيوٽلعل جٽرامداس، شري ٿانورداس خوبچنداڻيءَ ۽ ٻين پوڄنيہ سواميجن جي جيون ڪاريہ تي روشني وڌي.

پوڄنيہ سواميجن پروچن ڪندي چيو تہ توهان پيارن داس جي جيڪا بہ مهما ڪئي آهي، اِها مهما پريوءَ ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي آهي. داس تہ ڪوڏيءَ جو بہ ڪين آهي. مالڪ ڪڻي ملهہ ڪيو آهي. جيڪي بہ شيوا ۽ اُپڪار جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن، اُهي سڀ توهان سڀني پريمين جي سهڪار سان. ڪاريہ جو جس ٿيندو آهي، نہ ماڻهوءَ جو. پريميو، داس اڄ توهان ڪان ڀالڪ روپ ۾ ديا جي خرچي گهري ٿو. اڄ توهان منهنجو جنمدن ملهائي رهيا آهيو تہ ضرور مونکي خرچي بہ ڏينداءَ نہ! ’ديا‘ جي خرچي. اڄ ڪان پنهنجي جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو. نہ صرف مانو ماتر تي ديا ڪريو، پر پکين پسن تي بہ ديا ڪريو. اُنهن جو مانس نہ کائو. اِهي پکي پسون بہ پريوءَ جو اولاد آهن. ڪنهن بکئي جو پيٽ ڀريو، ڪنهن اُگھاڙي کي ڍڪيو. روز ڪو نہ ڪو ديا جو ڪم ڪريو. اڄ مان توهان ڪان اِها خرچي گهران ٿو.

پوڄنيہ سواميجن جي هرديہ سپرشي پروچن ڪيترن جون دليون ڏوڏي ڇڏيون. ڪيترن پريمين ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو.

١٩ آڪٽوبر شام جو ٦ بجي گواليار جي جهوليلعل مندر ۾ پوڄنيہ سواميجن جي پرڌانپڻي هيٺ، نشڪام سماج سيوڪن جو سنمان اُتسوَ ٿيو. شروع ۾ سري ٻئنشيرام نڪر سواميجن جو سواگت ڪندي چيو تہ اڄ اسانجو سؤڀاڳيہ آهي جو سنڌين جا سرمور سنت پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، سماج سيوڪن کي آشيرواد ڪندا. پوڄنيہ سواميجن سنمانت سڄڻن کي آشيرواد روپ ۾ دشالا پائيندي چيو تہ جنتا جي شيوا بہ جناردن جي پوڄا آهي. اوهان پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ جا جاتيءَ جي، سماج ۽ راشٽر جي شيوا ڪئي آهي، ان لاءِ توهان کي ڌنيواد آهي. جيون جي سارٿڪتا ئي سمرڻ ۽ سيوا ۾ آهي.

سوامي گولانند مهاراج جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميجن ٤ نومبر سوامي گولانند آشرم پونا ۾ پڌاريا. سوامي رامڪرشن سواميجن جو سواگت ڪندي چيو تہ هر سال هن موقعي تي سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، داس سان نندپڻ جو نينهن جو ناتو اچي نڀائين ٿا. پوڄنيہ سواميجن نماشام جو ستسنگہ ڪندي سوامي گولانند مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. ٥ نومبر صبح جو ۽ شام جو پوڄنيہ سواميجن امرت ورکا ڪئي. ٦ نومبر سنڌونگر

٢١ نومبر صبح جو پوڄنيه سواميڄن پونا روانا ٿيا، اُتي سواميڄن، سوامي چندن پرڪاش، سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ٽي ڏينهن ستسنگ ورڪا ڪيئي. نماشام جي ستسنگ ۾ سنت اننت پرڪاش پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪندي چيو ته سواميڄن جي پڌارڻ سان اسين ڪيڏا نه باغ بهار ٿيون ٿا. هوُ پنهنجي واڻي وچنن دواران اسانجو مارگ درش ڪن ٿا. دل چاهي ٿي ته هوُ سدائين هت رهيا پيا هجن، هي به سندن ئي آستان آهي. پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو، هي ڪارتڪ جو مهنو سستيءَ ۾ نه وڃايو. خوب نام جپيو، دان پڃ ڪريو. ساڌڪ کي ساڌنا ڪندي سستي نه ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هوُ سستي ڪندو ته ڪيس سڦلتا هرگز ڪين ملندي. رشي ڀڳيرٿ نرنتر ڪنن تپسيا ڪري گنگا مئيا کي ڌرتيءَ تي آندو. جيڪڏهن هوُ ايڏي ساڌنا نه ڪري ها ته گنگا مئيا کي پرٿويءَ تي آڻڻ ممڪن ڪين هو. ساڌنا سڦلتا جي سيڙهي آهي.

٢٢ نومبر پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سڀاڻي شري گرونانڪ ديو مهاراڄن جو جنمدن آهي. گروڄن پاڻ اوتاري پرش هوندي به ڪيڏو نه نام جپيندا هئا ۽ ٻين کان به نام جپارائيندا هئا. هوُ رڌي سڌيءَ جا مالڪ هئا، پر تنهن هوندي به سندن ورتي انئي پهر نام سان جڙيل هوندي هئي. پريميو، توهان سنساري جهنجهٽن ۾ اُلجهي نام نه وساريو. ستگرو مهاراڄ به فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون هر نام جپ، ڀولو نا ڪڻ ايڪ،
ڀوگت ڀوگت وشيه رس، بيتي جنم انيڪ.

سنسار جا وشيه پدارٿ ڀوڳيندي ڀوڳيندي گهڻائي جنم گذري ويا آهن. هي مانش جنم ويرٿ ڪين وڃايون. پياس ۾ پريوءَ کي پڪاريون:

بهت جنم بڇڙي ٿي ماڌو، يي جنم تمهاري ليکي.

پريوءَ جا آهيون، پريوءَ جا ٿي رهون. ان ۾ ئي سچو آنند آهي.

٢٣ نومبر گرونانڪ جينتي ڏينهن صبح جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي شري گرونانڪ ديو صاحب جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته گروڄن جي واڻي امرت تليه آهي، جنهن جي شروع ڪرڻ سان به آنند اچي ٿو. پر جيڪڏهن ان ٻاڻيءَ ۾ سمايل سکيائن جي اسين پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيون ته مانش جيون سڦل ٿي پوي. گروڄن جي ٻاڻيءَ جو خوب اڀياس ڪريو. اڀياس ڪندي توهان نام نشي ۾ مخمور ٿيندا ويندا.

نام خماري نانڪا، چڙهي رهي دن رات.

پوڄنيه سواميڄن شام جو ۴ بجي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ ۾ واپس آيا. شام جي ستسنگ ۾ ڪارتڪ مهني سبب رکيل پاٺن جي ڀوڳ وجهڻ بعد سواميڄن شري گرونانڪ ديو جي جيون جا ڪي پرسنگ ٻڌائيندي چيو ته گروڄن وانگر نماڻا ٿيو.

ٿو، اُن جو پريوار سديو ڦلجندو رهي ٿو. جيڪو تلسيءَ جي اڳيان شرڌا سان ڏيئو ٻاري ٿو، اُن کي دويہ پرڪاش ملي ٿو. جيڪو ناڪرن جي چرڻ امرت ۾ تلسي ملائي پيئي ٿو، اُن جي گهر ۾ اڪال موت نٿو ٿئي، سڀ بيماريون دفع ٿي وڃن ٿيون ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان مڪت ٿي وڃي ٿو. پوتر تلسيءَ جي پوڄا ’اوم شري ورندايہ نمہ‘ منتر سان ڪرڻ گهرجي. جيڪو چترماس يا گيارس ڏينهن مؤن ڌارڻ ڪري، تنهن کي سون-تر دان ڪرڻ گهرجي. جيڪو چترماس يا ڪارتڪ مهني ۾ لوڻ جو تياڳ ڪري، اُن کي کنڊ دان ڪرڻ گهرجي. اڄوڪي ڏينهن مندرن ۾ ڏيئي ٻارڻ جو وڏو پڃ آهي. گياني منش ڪارتڪ جو سڄو مهنو نديءَ ڪناري ۽ ٻين پوڄا يوڳيہ آستانن تي ڏيئا ٻاريندا آهن. پربوڌني گيارس جو مهاتم ٻڌڻ سان ڳئو دان جو ڦل ملي ٿو.

پريميو، اڄ ساري رات جاڳي جئہ شري ڪرشن، جئہ ڪرشن جو جاپ جپيو ۽ خوب دان پڃ ڪريو تہ توهان جا ٻيڙا ٻنين لڳندا.

نماشام جي ستسنگہ ۾ پوجنيہ سواميڄن پروچن ڪندي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

ڪان نچندو آءُ، ڪان ڪڏندو آءُ، رهي وڃ رات گوڪل ۾.

١- ڳانيون تہ گوڪل ڳام جون، هڪل ڏيندو آءُ هڪل ڏيندو آءُ.

٢- ڪٽي تہ جبل چيچ تي، پئڄ رکندو آءُ پئڄ رکندو آءُ.

٣- چڙهي تہ ڪاليءَ نانگہ تي، ڪان نچندو آءُ، ڪان هلندو آءُ.

٤- چندو ڪري ٿو سڏڙا، سڏڙا، سڻندو آءُ، ڪان نچندو آءُ.

پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪندي چيو تہ هڪ دفعي سرڳہ لوڪ ۾ رشي نارد، ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما ڳائيندي چيو تہ ڀڳوان شري ڪرشن مٿرا ۾ اوتار ورتو آهي. هوُ پريم جو اوتار آهي. برج ۽ گوڪل ۾ هزارين گوپيون گوال پرڀوءَ جي پويان مست آهن. اندر کي سنشيہ ٿيو. اِندر پرٿويءَ تي برج ڀوميءَ ۾ ڪتي جو روپ ڌاري رستي تي سمهي پيو. اُن ڪتي کي ڦٽ هئا. اُن مان زبردست بانس پئي آئي. اُتان لنگهيندڙ هرڪو اُن ڪتي کي ڏسي پري ٿي ڀڄو. ڀڳوان شري ڪرشن ڳانيون چاري واپس وري رهيو هو. هن اُن ڪتي کي ڏٺو. هڪدم سندس ڀرسان ٻيهي چيائين تہ هن جا ڏند ڪهڙا نہ سهڻا آهن! ڀڳوان ڪتي جي شرير مان ايندڙ بدبوءَ ڏانهن ڌيان نہ ڏنو، ارٿات اوگڻ جو ويچار نہ ڪيو. مکہ اُتي وهندي، جتي گند هوندو آهي. ڀؤنرو سدائي گلن تي وهندو آهي. هر ڪنهن جو سڀاءُ پنهنجو پنهنجو آهي. ڀڳوان ڪتي جي بدبوءَ سبب نڪ بند ڪين ڪيو، اُتي ٻيهي رهيو. اِندر، هڪدم روپ بدلائي ڀڳوان جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ محسوس ڪيائين تہ ڀڳوان سندس گندي شرير مان بہ گڻ ڪڍيو. مهاپرشن جو اِهو سڀاءُ ٿيندو آهي. ڀڳوان ڪيس ڇاتيءَ سان ڇپايو. پريميو، شري شيام سندر سان پريم جو ناتو جوڙيو. اڄ ساري رات جاڳي جاڳي شري ڪرشن جو نام جپيو.

هڪڙي راجا پنهنجن ٽن نوڪرن کي ڪنهن ڪم سانگي ولايت موڪليو. ڪجھ ڏينهن بعد راجا ٽنهي نوڪرن کي الڳ الڳ چٺيون موڪليون. هڪ نوڪر، راجا جي لکڻ موجب چٺيءَ ريت ڪاريه پورو ڪيو. ٻيو نوڪر، راجا جي چٺي پڙهي اُن جو واس ڏوپ ڪرڻ لڳو ۽ اُن پتر ۾ لکيل ڳالهين جي پيروي ڪين ڪئي. جڏهن ٽئي نوڪر واپس وريا ته راجا اُنهن کان حال احوال ورتو. راجا اُن نوڪر تي پرسن ٿيو، جنهن راجا جي لکڻ انڪول ڪم جي پيروي ڪئي. باقي جنهن نوڪر راجا جي چٺيءَ جو واس ڏوپ ڪري مستڪ تي پئي رکي، اُن تي ناموش ٿيو.

پريميو، توهان به شاستر، ڌارمڪ گرنٿ، سنتن جي واڻيءَ جا پستڪ پڙهو، پر اُنهن ۾ سمايل سکيائن تي عمل ڪريو ته پرماتما توهان تي پرسن ٿيندو. صرف توهان انهن امولیه گرنٿن کي واس ڏوپ ڪندا ۽ پاٺ ڪندا، اُن مان ڪهڙو لاڀ! پڙهو ڀلي ٿورو، پر اُن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.

١٣ ڊسمبر شام جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن پنهنجي آستان جو نالو ئي امراپور آستان رکيو ۽ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ امر ديس جو ور ور ورڻن ڪيو آهي. ليڪن لوڪ مايا جي چڪر ۾ پنهنجي نج ديس کي ڀلجي ويا آهن. جنهن اُديش سان هي مانش جنم مليو آهي، اُن کي وساري وينا آهيون. جيڪڏهن سچو آنند چاهيون ٿا ته سنساري پدارٿن جو تياڳ ڪري، پريو پراپتيءَ لاءِ يتن ڪريون. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

هري آنند سروپ هئه، مڪتي ڀڳتي جھ پاس،
ڪھ ٽيئون تس پائيي، تجي جڳت ڪي آس.

ياڳيولڪيه پنهنجي پتني مئتريئي کي چيو ته مان سنياس اختيار ڪرڻ وارو آهيان، اُن ڪري ڪاتياينيءَ ۽ توکي سمورو ڌن دولت ورهائي ڏيڻ ٿو چاهيان. مئتريئي گيانوان هئي، هن آدر سهت پتيءَ کان پڇيو ته جيڪڏهن هي ڌن سمپن پرٿوي ساري منهنجي ٿي وڃي ته ڇا مان امر ٿي ويندس؟ ياڳيولڪيه وراڻيو 'نه'. مئتريئي چيو ته پوءِ هي ڌن پدارٿ منهنجي ڪهڙي ڪم جا! مونکي امر ٿيڻ جو ساڌن ٻڌايو ۽ پاڻ سان وٺي هلو. مئتريئي دنيوي پدارٿن ۽ سکن جو تياڳ ڪري پنهنجي پتي ياڳيه ولڪيه سان گڏ بنواس ۾ رهي، آتم گيان پراپت ڪري امر پد کي پاتو. پريميو، توهان به جيڪڏهن ان راھ ۾ اڳتي وڪه وڌائي سچو آنند پايو.

١٤ ڊسمبر صبح جو ١٠ بجي سنت سماگم رکيو ويو، جنهن ۾ سنڌونگر جو بيڪه منڊل ۽ ٻيا ڪيترائي سنت پڌاريا. پوڄنيه سواميڄن سڀني سنتن مهاتمائن جو سواگت ڪندي هيٺيون ٻچن چيو:

ڳروجن غريبن مسڪينن کي ڪيڏو نہ پيار ڏيندا هئا. ڳروجن ملڪ ڀاڳوءَ جا مالپوڙا نہ کائي، لالوءَ واڍي جو ڍوڍو کاڌو ۽ ثابت ڪري ڏيکاريو تہ شاهوڪارن جي سوادي طعامن ۾ غريبن جي رت مليل آهي. ملڪ ڀاڳوءَ جي مالپوڙي مان ڪيئن نہ رت ٽپڪڻ لڳي ۽ لالو واڍي جي ڍوڍي مان کير ٽپڪڻ لڳو. لالوءَ جي ڪمائي سچ ۽ محنت جي ڪمائي هئي. پريميو، توهان سچ ۽ محنت جي ڪمائي ڪريو. توهانجي ڪمائيءَ ۾ برڪت پوندي. سچ تي صاحب راضي.

رات جو پوجنيہ سواميجن سنڌونگر ۲ ۾، اُن بعد سنت برهمداس جئہ بابا ڏام ۽ سردار راجلسنگھ بنيجا جي گهر ڀاهران لڳايل منڊپ ۾ شري گرونانڪ جنم اُتسوَ سنبنڌ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر سنڌونگر جو ارڙهون وارشڪ اُتسوَ ۱۱ ڊسمبر کان ۱۵ ڊسمبر ملهايو ويو. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ ۱۰ ڊسمبر چنڊ ڏينهن پريم پرڪاش گرنٿ جو پاٺ صاحب رکيو ويو. پوجنيہ سواميجن نماشام جو ستسنگہ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سموري واڻي هن گرنٿ ۾ سنگرهيت آهي. جو شرڌالو پريم سان اُن جو پاٺ ڪري ٿو يا شروڻ ڪري ٿو ۽ ان واڻيءَ انوسار هلڻ جو يتن ڪري ٿو، سو ڀاڳيشالي آهي. سنتن جي واڻي اسانجو مارگہ درشن ڪري ٿي.

۱۱ ڊسمبر صبح جو پوجنيہ سواميجن منڊل جي ٻين سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي، اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ۳ بجي ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شري شنڪر، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جي جهانڪين سان شاهي جلوس نڪتو. جنهن ۾ هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. ۶ بجي پوجنيہ سواميجن ۽ ساري سنگت پياري موٽومل ڪيراجمل چانڊواڻيءَ جي گهر پڌاريا، جت سنتن ۽ ساري سنگت لاءِ پياري موٽومل جل پان جو پربنڌ ڪيو. ساڍي ۷ بجي اِهو جلوس آشرم ۾ واپس وريو. پوجنيہ سواميجن ستسنگہ ڪندي چيو تہ اسان سڀني جو سؤڀاڳيہ آهي جو اڄ ڪٿان ڪٿان جا سنت هت پڌاريا آهن ۽ توهان کي پنج ئي ڏينهن نام جو امرت پيئاريندا. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

تيرٿ دو پرڪار ڪا، جل پُن اچل پڇان،
گنگا آدڪ اچل هئہ، جل هئہ سنت سجان.

تيرٿ ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا اچل تيرٿ، جيئن بدري ناٿ، هردوار ۽ ٻيا هلندڙ چلندڙ تيرٿ، اُهي آهن سنت، ستپرک، جي جدا جدا آستانن تي وڃي هزارن لوڪن جي پياس پوري ڪن ٿا.

۱۲ ڊسمبر شام جو پوجنيہ سواميجن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڌارمڪ پستڪن ۾ سمايل سکيائن تي عمل ڪريو. سنتن جي واڻي پڙهو، شروڻ ڪريو ۽ اُن جي ساکي جيون ۾ ڏيو.

جو پئسن ھٿ ڪرڻ لاءِ ڪوٺائي ڪئي، اُن کي پاسيرو ڪري ويھاريو. ٻين مزورن کي مزوري ڏيئي، سنت اُن مزور کي چيو 'پيارا، تو تہ رات جو بہ ڪوٺائي ڪئي آھي. توکي ٻيڻي مزوري ڏني وڃي ٿي.' سنت ڪيئن بہ پڙدو ڍڪين ٿا. ڏوھين کي ڪميا ڪرڻ جو سندن طريقو ئي عجيب ٿئي ٿو. اُھو مزور ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ سنت جي چرنن تي ڪري پيو. ھن موقعي تي ديال 'آشا' جي لکيل گرنٿ پرم پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مھاراج جيون درشن ڀاڱو پھريون جو مھورت ڪيو ويو. پياري موٽومل ڪيراجمل چانڊواڻي ان سندر گرنٿ جو پرڪاشن ڪيو. ان گرنٿ جي ڀيٽا صرف پنج روپيا رکي.

١٥ ڊسمبر پرڀات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي پوجنيہ سواميڄن چيو تہ الائي گھڻا جنم اسين ڀٽڪيا آھيون جوڻين جي چڪر ۾. ڪرتار ڪرپا ڪري اسان کي منش جنم ڏنو آھي. اھڙو امولہ جيون ويرٿ نہ وڃايون. اسان مان گھڻا اگيان جي، موھ جي ننڊ ۾ ستل آھن. سنت اچي اسان کي ور ور سڄاڳ ڪن ٿا. ورلي وڏڀاڳي سڄاڳ ٿي ڀڳوت ڀڄن ڪن ٿا، شڀ ڪرم ڪن ٿا. ستگرو مھاراج بہ فرمائين ٿا:

غفلت ۾ نہ گنوائيي، مانش ديھ مھان،
ڪھ ٽيئون تم جاڳ ڪي، ڀڄ لي شري ڀڳوان.

پريميو، ھي منش جيون ويرٿ نہ وڃايو. اوديا جي ننڊ مان سڄاڳ ٿي، ڀڳوت ڀڄن ۽ پراُپڪار جي ڪارين ۾ سواس سڦلا ڪريو. گرو منتر جو جاپ ڪريو. گرو منتر جي ساڌنا ۾ وڏي شڪتي آھي. ستگرو مھاراج گرومنتر جي مھما ڪندي چون ٿا:

سڦل ڪرو نج شواس ڪو، گرو ڪا شبد ڪماءِ،
ڪھ ٽيئون گر شبد بن، ورٿا نانھن گنوايہ.

پريميو، توھان کي ڌنيواد آھي جو توھان ستگرو مھاراجن جي ھن اُتسو ۾ ڪٿان ڪٿان کھي آيا آھيو. گرو مھاراج وري توھانجي ڪارين ۾ اچي توھان کي سھايتا ڪندا. داس توھانکي وينتي ڪري ٿو تہ مانس، شراب، جوئا کان ڪنارو ڪريو. اِھي ٽي اشانتي جو دوار آھن. انھن مان شاريرڪ، مانسڪ ويٿا ٿئي ٿي ۽ سنسار ۾ بہ گلاني ٿئي ٿي. جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو. شادي مراديءَ تي ڏيتي ليتي گھري نہ وٺو. اسان جي سماج ۾ ڪيترين وڏور ڪنيائون ڏيتي ليتيءَ سبب گونگا ڀوڙھا ڳاڙي رھيون آھن، انھن اھلائن تي قياس ڪريو. ھن اُتسو ۾ شيواڌارين کان شيوا ڪندي ڪا غلطي ٿي ھجي تہ داس کي ڪميا ڪندا.

٢٦ ڊسمبر پوجنيہ ستگرو مھاراج سنت پرڀارام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ احمدآباد ۾ پڌاريا. سنت پرڀارام سوسائٽيءَ جي ميدان تي پوجنيہ سواميڄن ٽي ڏينھن ستسنگ ورکا ڪئي. پوجنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ سائين پرڀارام سنساري وھنوار ڪندي روز ڪيترا ڪوھ پنڌ ڪري پنھنجي گروءَ وٽ وڃي شيوا ڪندو ھو. گروءَ جي شيوا ڪندي خوب نام بہ جپيندو رھيو. ھڪ سياڳي ڏينھن ھي پريوءَ جي رنگ ۾ رڱجي لعل ٿي پيو. پوءِ

آيا گهر ۾ ساڌو، پرميشور جا پيارا.
١- گهمن ٿاهي ٽولا، ڪڍن ڀرم ڀولا،
هٽي گيان گولا، ڀڃن ڪوٽ ڀارا. آيا گهر ۾ ساڌو...
٢- پائن جاتي پيرا، وسن آهي ويڙها،
مٽا رهن ميڙا، ست ئي ڏينهن سارا. آيا گهر ۾ ساڌو...
٣- آهن ڀاڳشالي، سندن منهن ۾ لالي،
ڇڏن ڪنهن نہ خالي، ڀريل تن ڀنڊارا. آيا گهر ۾ ساڌو...
٤- ڪهي 'ٽيئون' سوامي، هيٺن جا ٿي حامي،
ڪيان مان نمامي، ڪشٽن ڪٽڻ هارا. آيا گهر ۾ ساڌو...

پريميو، توهان ڪيڏا نہ ڀاڳيشالي آهيو جو اڄ توهان کي هٿ گهر ويٺي ڪيترن سنتن مهاتمائن جو درشن نصيب ٿيو آهي. سنتن جو مکيہ ڪم آهي نام جپائڻ. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن چاهي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ڪيڏا نہ رٽن ڪري هزارن لوڪن کي نام جپايو. هنن اُتسون جي بہ مراد اِهائي آهي تہ پريمين کي پريڀوءَ جي راهہ ۾ چڪجي. مانش جيون ۾ بہ جيڪڏهن ڀڳوت ڀڄن ۽ شڀ ڪرمن ڪرڻ کان ومکہ رهياسين تہ وري چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦرڻو پوندو. ستگرو مهاراج بہ اِها سکيا ڏين ٿا تہ جيڪڏهن پنهنجو ڪلياڻ چاهيو ٿا تہ سنتن جو سنگہ ڪري نام جپيو.

ڪلي ڪال ۾ ڪٺن هئہ، يوگہ يگيہ تپ ڌيان،
ساڌ سنگہ هري نام سي، ٽيئون هو ڪليان.

١٤ ڊسمبر نماشام جي ستسنگہ ۾ پوجنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ سنت سڀني جو ڀلو ڪن ٿا. توهين بہ جيڪر ٻري سان ڀلائيءَ جا پير ڀريو. ڪنهن جا اوگڻ نہ ڏسو. ستگرو مهاراج بہ ساڳي سکيا ڏين ٿا:

برا ڪسي ڪا نا ڪرو، سب ڪا ڀلا ويچار،
ٽيئون برائي جو ڪري، ٿانڪا ڪر اُپڪار.

پياسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ، سنت رام روپ پنهنجي آسٿان جي ٻاهران کوهہ کوٽائي رهيو هو. هو مزورن کي شام جو مزوري ڏيڻ وقت پنهنجي شيواڌاريءَ کي چوندو هو تہ پٿر جي هيٺان پئسا ڪڍي اچ. روز جيترا پئسا گهربل هوندا هئا، اوترائي پئسا روز اُتان ڪڍي مزورن کي مزوري ڏني ويندي هئي. هڪ مزور اِهو ڏسي ويچار ڪيو تہ ڇو نہ رات جو اُن پٿر کي پري ڪري خوب پئسا ڪڍان. اُهو مزور ڏينهن جو محنت ڪرڻ سبب ٿڪل بہ هو، مگر مايا جي موهہ سبب رات جو اُن پٿر کي پري ڪيائين، پر ڪيس هڪ دمڙي بہ نہ ملي. هُو وري پٿرن جي هيٺان کوٽائي ڪرڻ لڳو، مگر جاکوڙ ڪرڻ کانپوءِ بہ ڪيس ڪجهہ نصيب نہ ٿيو. ٻئي ڏينهن شام جو جيئن سنت رام روپ مزورن کي مزوري ڏيڻ شروع ڪئي تہ جنهن مزور رات

رام نام کي پريم کي، پاٺي پڙهو هميش،
ڪهه ٽيئون من شانت هو، ڇوٽي تاپ ڪليش.

٩ جنوري صبح جو پوجنيه سواميجن پوپال ۾ پهتا. سون صدقين سواميجن جو ريلوي اسٽيشن تي سواڳت ڪيو. اُتان پوجنيه سواميجن کي منڊليءَ سهت، سنت هردارام صاحب وٽ ٻئراڳڙهه ۾ وٺي آيا. سنت هردارام صاحب پوجنيه سواميجن سان روح رهاڻ ڪئي. پوجنيه سواميجن جي آمد سبب پريمين جلوس ڪڍيو. شام جو پريم پرڪاش مندر ۾ پوجنيه سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پيڻ وديا، پياري مرچومل، سندن ساٿين ۽ توهان سڀني پريمين کي ڌنيواد آهي جو هتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهيو. نت نيم ستسنگ ڪندا رهو.

ستسنگ پرسوتي سد ٻڌم

ستسنگ ست ٻڌيءَ کي جنم ڏئي ٿو. ارٿات ستسنگ ۾ اچڻ سان ٻڌي شڌ ٿئي ٿي. توهين نه صرف پاڻ ستسنگ ۾ اچو، پر پنهنجن ٻارن کي به ستسنگ ۾ وٺي اچو، جيئن اُنهن تي به سٺا سنسڪار پون.

١٠ جنوري شام جو پوپال جي اٽلرام ڌرمشالا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ڀاءُ مولچند منواڻيءَ سواميجن جو سواڳت ڪيو. پوجنيه سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪيو. هڪ سنت ڏٺو ته هڪڙو ڪتو ڪيڪراٽون ڪري رهيو آهي. سندس ويجهو وڃي ڏٺائين ته سندس ڪن ۾ ڪيڙا پيل هئا، اُن ڪري هو ڏاڍو دکي هو. سنت کان ڪتي جو درد سنو نه ويو. هن هڪدم ان ڪتي جي ڪن مان ڪيڙا ڪڍڻ شروع ڪيا. جيئن هن ڪيڙا ڪڍڻ شروع ڪيا ته ڪيس ويچار آيو ته جيڪڏهن اهي ڪيڙا ڌرتيءَ تي ڦٽي ڪندو ويندس ته مري ويندا. ڪيڙن کي جيئدان ڏيڻ لاءِ هن پياري ديالو سنت پنهنجي جنگهه ۾ زخم ڪيو ۽ اُن زخم ۾ ڪڍيل ڪيڙا وجهندو ويو. سندس دل ۾ ڪتي ۽ ڪيڙن لاءِ ڪيڏي نه ديا ڀاونا هئي. پاڻ کي دکه پهچائي به ٻين جيون کي سکي ڪيائين. ستپرکن جو اهو سڀاءُ ٿيندو آهي جو هوُ پاڻ کي ڪشٽ ڪليش ڏيئي به ٻين کي سکي ڪندا آهن.

پرياگ ۾ ڪنڀ ميلي جي سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميجن ١١ جنوري پرياگ ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش منڊل طرفان ڇانوٽي لڳائي ويئي. ١٣ جنوري پوجنيه سواميجن سوامي ٽيئونرام ان ڪيٽر جو آرنڀ ڪيو. نت نيم منڊل جي منڊپ ۾ ڪيترائي سنت مهاتمائون ۽ پوجنيه سواميجن ستسنگ پروچن ڪندا هئا. ديش وديش مان سوين پريمي تروينيءَ سنگم ۾ ڪنڀ جون ٽبيون ڏيڻ لاءِ آيا ۽ سواميجن کان آشيرواد ورتائون. پوجنيه سواميجن ١١ فيبروريءَ تائين شري پرياگ ۾ رهيا.

١٤ جنوري مڪر سنڪرانتيءَ ڏينهن پوجنيه سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته ڪنڀ جي ميلي جو وڏو مهتو آهي. خاص ڪري ٽبين جي ڏينهن تروينيءَ ۾ اشنان ڪرڻ سان

دنيوي ڳالهين کان فارغ ٿي پنهنجي آنند ۾ مگن رهندو هو.

سمرپت ڀڳت، پنهنجي سک سهنج جو ڪو ويچار نٿو ڪري. هُو رات ڏينهن ڀڳوت چنتن ۾ لين رهي ٿو. هڪ دفعي ڀڳوان وشنوءَ نارد کي چيو 'پيارا، مونکي دل جي ڏاڍي گهبراهٽ ٿي پيئي آهي. تون جلدي ڪنهن ڀڳت جي چرڻن جو جل ڪٺي اچ. اُن جل پيئڻ سان منهنجي گهبراهٽ دور ٿيندي.' رشي نارد آگيا انوسار پرڀوءَ جي پياري ڀڳت جي چرنن جو جل ڪڻڻ ويو. رشي نارد ڪيترن ئي ڀڳتن وٽ ويو. اُهي ڪيس چوڻ لڳا ته جيڪڏهن اسان پنهنجا چرڻ ڌوئي اُهو جل ڀڳوان کي پيئڻ لاءِ ڏينداسين ته اِهو وڏو پاپ جو ڪم ٿيندو. اسان کي انڪري نرڪ ۾ وڃڻو پوندو. اهڙو پاپ جو ڪم اسان کان ڪين ٿيندو. ناردمني اِهو جواب ٻڌي ڏاڍو نراس ٿيو. آخر واپس ورندي رستي تي ڪيس هڪ پرڀوءَ جو پيارو ڀڳت مليو، جنهن پنهنجا چرڻ ڌوئي اُهو جل ڀڳوان لاءِ ڏنو. رشي نارد اُن ڀڳت کان پڇيو ته ڇا توکي نرڪ جو ڀؤ ڪين آهي؟ تو پنهنجا چرڻ ڌوئي هي جل ڀڳوان لاءِ ڏنو آهي. اِهو جل ڀڳوان پيئندو، اِهو مهاپاپ ڪين آهي! ڀڳت وراڻيو: رشي نارد، مونکي ان سبب نرڪ ۾ وڃڻ جو ڀؤ ڪونهي. منهنجو پرم پيارو پرڀو جيڪڏهن پرسن ٿي وڃي ۽ مونکي هڪ نرڪ ته ڇا، پر ڏهن نرڪن ۾ به وڃڻو پوي، تڏهن به مان پاڻکي سوڀاڳيشالي سمجهندس. منهنجي پريتم جي سک ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي. رشي نارد اُهو جل کڻي ڀڳوان وٽ آيو. ڀڳوان مشڪندي چيو: نارد، مونکي اهڙا ئي ڀڳت پيارا آهن. ڀڳوان اُن ڀڳت کي ساڪيات درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو.

پريميو، توهين به سمرپت ڀاو سان پرڀوءَ جي شرڻ ونو. سندس نام ڳايو، نام ڌيايو. جيون سڦل بڻايو. پيارو پرڪاش نيڻومل، پيارو سنتومل ۽ ٻيا پريمي هر سال سنت پرڀارام صاحب جي ورسي ملهائين ٿا. توهان سڀ ان ورسيءَ مان ورسجي وڃو.

١ جنوري سن ١٩٨٩ نماشام جو سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ پوجنيه ستگرو مهاراجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته اڄ سال جو پهريون ڏينهن آهي. شل ڪرتار جي ڪرپا ۽ ستگرو مهاراجن جي ديا سان توهان سڀني جو سارو سال سکميه گذري. پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو ته ديش ۾ شانتيءَ جو وايومنڊل پيدا ٿئي. اڄ جو سنديش اٿو ته نام کي نه وساريو. جڏهن ڏاڍو بخار هوندو آهي، تڏهن ڪاڙو ڪين وڻندو آهي، ايتري قدر جو مصري به ڪوڙي لڳندي آهي. مصري ڪوڙي لڳي تڏهن به کائجي. مصري طاقت واري آهي. مصري پِتُ کي شانت ڪندي آهي ۽ آخر مٺي لڳندي آهي. جيئن پت جي زور سبب مصري ڪوڙي لڳي ٿي، تيئن وڪارن جي زور سبب نام مٺو نه لڳندو آهي. من پيو دنيوي ڳالهين طرف ڀڄندو آهي. ڀل نام ۾ چت نه لڳي، نام مٺو نه لڳي، تڏهن به نام جپجي. نام سمرڻ ڪندي، ڀڳوت ڀڄن ڪندي جيئن پاپ ناس ٿيندا ويندا، تيئن نام سمرڻ مان ميناس ارٿات آنند ايندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ائين فرمائين ٿا.

يا تون پيءُ يا مان ٿو پيئان. هوٿيءَ چيو ’ابا، توهان زهر ڇو پيئو ! مان ٿو زهر پيئان.‘هوٿي زهر جي پيالي ڳيت ڪري پي ويو.

سندس پيءُ ڪيس هڪ ڪمري ۾ بند ڪيو ته پل اندر مري ختم ٿي وڃي. هيڏانهن شام جو ڀڳت مورار جي منڊلي ڪيرتن ڪندي پي لنگهي. اُن منڊليءَ ۾ هوٿيءَ کي ڏسي سڪندر وائڙو ٿي ويو ته صبح جو هوٿيءَ کي زهر ڏيئي ڪمري ۾ بند ڪري آيو آهيان، سو هوُ هن منڊليءَ ۾ ڪٿان آيو! هوُ هڪدم گهر آيو. هن سمجهيو ٿي ته زهر سبب هوٿي هڪدم مرڻ گهرجي، پر جيئن هن ڪمري جو دروازو کوليو ته هوٿي ڪمري ۾ رام نام جو ڪيرتن ڪري رهيو هو. هوٿيءَ تي ميران وانگر زهر جو ڪوبه اثر ڪونه ٿيو هو. ڪيُترا وري اهو، جو ڪمري ۾ به هوٿي ته منڊليءَ ۾ به هوٿي. سڪندر پنهنجي پٽ هوٿيءَ جي اِها منزل ڏسي وري هوٿيءَ کي ڀڳتن جي منڊليءَ ۾ وڃڻ کان منع ڪين ڪئي. ڀڳوان پاڻ رکشڪ بڻجي اچي ڀڳتن جي رکشا ڪري ٿو.

پريم پرڪاش منڊل جو وارشڪ اُتسؤ، چيٽ جو، ميلو، ڪنڀ مهااُتسوَ سبب پرياگه راج ۾ ٿي ٥ فيبروريءَ کان ٩ فيبروري ملهايو ويو. ٢ فيبروري سوامي گرمکداس جي ورسي سنڀنڌ ۾ پوجنيه سواميجن ۽ ٻين سنتن سندس جيون تي روشني وڌي. ٥ فيبروري صبح جو پوجنيه سواميجن جهنڊو چاڙهي ميلي جو آرنڀ ڪيو. چارئي ڏينهن پوجنيه سواميجن، سنت هرداسرام، سنت برهمانند، سنت سوَيم پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش ۽ ٻين سنتن ستسنگه پروچن ڪيو. ٥ فيبروري نماشام جو پوجنيه سواميجن پروچن ڪندي چيو ته پريميو، اسان سڀني جو سؤڀاڳيه آهي جو پرياگ راج جي پوتر آستان تي هڪ ڪنڀ جو ميلو ۽ ٻيو ستگرو مهاراجن جو هي اُتسؤ، سون تي سهاڳو آهي. ههڙا موقعا درلڀ ملن ٿا. سنتن جي واڻي شروَڻ ڪريو، خوب دان پن ڪريو ۽ نام سمرڻ ڪريو. منش ديهه جو مرم پڇاڻيو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج فرمائين ٿا:

جوُڻ چوراسي ڪوٽ ۾، مانش تن هئه دوار،
ڪهه ٽيئون تنهه جگت کو، پائو هر ديدار.

پريوءَ کي پائڻ لاءِ، شڀ ڪرمن ڪرڻ لاءِ، منش جنم کان سواءِ ٻي ڪا جوُٽي ڪين آهي. اسين اُن جو پورو قدر ڪين ٿا ڪريون. منش شرير هڪ جنڪشن آهي، جنهن به سُرف کو وڃڻ چاهي وڃي سگهي ٿو. سرڳ طرف يا نرڪ طرف، اِن منش ديهه جي وڏي مهما آهي. ڪا خاص مهتوَ واري وستوُ ملي وڃي ته اُن جو سداُپيوگ ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن کو پارس سان ويهي چٽڻي گهوٽي ته مورک چئبوا اسان مان ڪيترا، منش جنم جو به ائين در اُپيوگ ڪري رهيا آهن. ڇا منش جنم پاپ ڪرمن ڪرڻ لاءِ مليو آهي؟ ڀوڳن ڀوڳڻ لاءِ مليو آهي؟ ڀوڳ ته پسون به ڀوڳين ٿا. جيڪڏهن توهان به ٽي ٻار چٽيا، ڌن دولت ڪمائي ته ڪهڙو مير ماريوا پريميو، ان ڪري منش ديهه جو قدر ڪري شڀ ڪرم ڪريو.

١٢ فيبروري پوجنيه سواميجن بنارس ۾ پڌاريا. اُتي شام جو پريم پرڪاش مندر ۾ سواميجن ستسنگ پروچن ڪيو. پياري نندلال ۽ ٻين پريمين سواميجن جو سواگت ڪيو. ١٣

جنم جنم جا پاپ ناس ٿين ٿا. اسين ڪو ننڍو وڏو اُتسو ڪندا آهيون تہ نمنترڻ پتر ڇپائي پريمين کي موڪليندا آهيون. پر هت بنا نمنترڻ ڏيڻ جي لکين لوڪ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ وديش مان اچي ميلي ۾ شريڪ ٿين ٿا. هن ميلي ۾ اهڙن مهان آتمائن، جوڳين، نانگن، سنتن جو درشن نصيب ٿئي ٿو جو ٻئي ڪنهن هنڌ درشن ڪين ٿي سگهي. ههڙن تيرٿ آستانن تي اچي خوب دان پن ڪريو، اشنان ڪريو ۽ نام جپيو. ستگرو مهاراج بہ پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪهہ نيئون تم نا ڪرو، دان ڪرن ۾ دير،
شڀ ڪرمون سي پلڪ ۾، من ديتا هئہ ڦير.

شڀ ڪرم ڪرڻ ۾ دير نہ وجهو، ڇاڪاڻ تہ من تي ڪو اعتبار ڪين آهي. من ڦرندي ويرم ئي ڪين لڳي. سنت ستپرکہ ساري جيون ٻين جي ڀلي لاءِ خرچ ڪن ٿا. ٻين کي سکہ ڏيڻ ۾ ئي ڪين آنند اچي ٿو.

سنت ديارام هڪ ننڍڙي ڪٽيا ۾ رهندو هو. هي پيارو سچي ڏينهن ۾ هڪ دفعو ڀوڄن ورتائيندو هو. هوُ پاڻ ئي ڪاڏو تيار ڪري کائيندو هو. هڪ ڏينهن رات جو جيئن هوُ ڀوڄن تيار ڪري اجا کائڻ لاءِ وينو تہ وٽس ڪو مهمان آيو. هن سنت مهمان کي پيار ڏنو. وٽس ٻي ڀوڄن سامگري ڪين هئي. هن نموني سان ڏيئو وسائي پنهنجي ڀوڄن واري ٿالهي آيل مهمان جي اڳيان رکي ۽ پنهنجي اڳيان خالي ٿالهي ڪٽورو رکي کائڻ جو بهانو ڪيو. مهمان ڀوڄن کائي پرسن ٿيو. سنت پاڻ ڀوڄن نہ ورتائي اتٿيءَ کي ڀوڄن کارائي پرسن ڪيو. سنت ستپرکن جي چال نرالي آهي. سنت ڏيئو ان ڪري وسايو، جيئن آيل اتٿي ائين محسوس نہ ڪري تہ سنت جي ٿالهي خالي آهي. پر اُپڪاري جيو پنهنجي پيٽ کي پٺي ڏي بہ ٻين جي اون ڪن ٿا. پريميو، توهين بہ اهڙا ڪم ڪريو.

٢٥ جنوري شام جو ستسنگہ ڪندي پوجنيہ سواميڄن چيو تہ ڀڳوت ڀڄن بہ ڪن نصيبن وارن کي نصيب ٿيندو آهي. سنساري سڀ ڳالهيون ڇڏي ڀڳوان سان پريم جو ناتو جوڙڻ گهرجي. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

بڙ ڀاڳي ڀڳتي ڪري، ڪر نہ سڪي درياگہ،
ٿيئون تانتي سرو تج، هر ڀڳتي ۾ لاگ.

ڀڳت هوٿي ڪانياواڙ جي نيڪنام ڳوٺ ۾ رهندو هو. هي سڪندر نالي هڪ مسلمان جو پٽ هو، پر ننڍپڻ ۾ ئي هي پيارو ڀڳت مورار جي منڊليءَ ۾ وڃي ڀڄن ڳائيندو هو، رام نام جي ڌني لڳائيندو هو. جيئن عمر ۾ وڏو ٿيو، تيئن ان راهہ ۾ اڳتي وڌيو. سندس پيءُ کيس گهڻو ئي سمجهائيندو هو تہ اسين مسلمان آهيون، توکي سونهين نٿو تہ تون وڃي هندو ڀڳتن جي سنگہ ۾ رام نام جپ! هوٿيءَ ادب سان چيو تہ رام سڀني پراڻين جو آهي، سڀ ۾ رمي رهيو آهي. مان سنتن جو سنگ هرگز ڪين ڇڏيندس. ٻيو چاڙهو نہ ڏسي آخر هڪ ڏينهن سندس پيءُ هڪ پيالي ۾ زهر وجهي کيس چيو تہ تنهنجي ان هلت سبب اسان جي ذات وارن ۾ ڏاڍي ڇوٻڇڙ ٿي پئي آهي.انڪري هيءُ زهر جي پيالي

اُتساهه ۽ اُمنگ سان سنت چندن پرڪاش جو ورسي اُتسؤ ملهايو آهي. سوامي چندن پرڪاش سخاوت جو صاحب هو. سڪرت جي ڪمن ۾ خوب دان پن ڪري مايا سڦلي ڪندو هو ۽ سون کي پريوءَ جي راهه ۾ چڪيائين. وديش ۾ به وچي نام جو پرچار ڪيائين. توهان به خوب نام جپيو. دنيوي عيش آرام ۾ سچو سک ڪين آهي. توهان کي سنساري ڳالهين ۽ وستن ۾ سک پاسڻ ۾ اچي ٿو، پر حقيقت ۾ سچو سک اٽوَ نام سمرڻ ۾، ٻين جو ڪلياڻ ڪرڻ ۾ ٻين کي پيار ۽ همدردي ڏيڻ ۾. سنگرو مهاراج فرمائين ٿا:

جتنا سک سنسار ۾، اُن سي ٻهه دک جان،
ڪهه نيئون جڳ آس تج، ڀڄن ڪرو ڀڳوان.

هڪ دفعي برسات جي مند ۾ سنت ايڪنات وٽ چار برهمڻ آيا. سنت ايڪنات سندن سواگت ڪيو. برسات ساندهه ستن ڏينهن کان وسي رهي هئي، اِن ڪري ٻاهه ٻارڻ لاءِ گهر ۾ سڪل ڪاٺيون ڪين هيون. سنت ايڪنات پنهنجي پتنيءَ گرجاٻائيءَ کي چيو ته آيل مهمانن لاءِ جلدي ڀوڄن تيار ڪر. گرجا سوچيو ته گهر ۾ سڪل ڪاٺيون ڪين آهن، ڪيئن ٻاهه ٻاري ڀوڄن تيار ڪريان! هن پنهنجي کٽ جو واڻ لاهي، اُن کٽ واريون ٻانهون ۽ پاوا جلائي ڀوڄن تيار ڪري مهمانن کي کارايو. مهمانن جي صدقي سنت ايڪنات ۽ سندس پتنيءَ پنهنجي سک جو خيال نه ڪيو. پنهنجي آرام ڪرڻ واري کٽ ڀڃي، جلائي، مهمانن کي کارايو.

پريميو، سنتن جي اهڙي رهڻيءَ مان ڪجهه پرائي، جيون سڦل ڪريو.

٢٦ فيبروري سومنات مندر پرسان، پرڀاس پاٽڻ ۾ اکل سوراشٽر سنڌي فيڊريشن پئنچات ۽ جنتا جناردن پريشد طرفان ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويو. اُن وواهه اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٢٦ فيبروري پرڀاس پاٽڻ ۾ پڌاريا، وواهه اُتسوَ ۾ ٦٦ سنڌي جوڙن جون شاديون ٿيون. ڀاءُ نيوندرام لوڪوائٽيءَ پوڄنيه سواميڄن ۽ آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. جنتا جناردن پريشد سنڌو نگر طرفان سڀني جوڙن کي ويڏيءَ جي سازهي، گهوٽ جو وڳو، واچون، پيتيون، نقلي سيٽ، سئنڊل، سينگار جو سامان، ٻئون خرچيءَ سوڌو ڏنو ويو. پوڄنيه سواميڄن گهوٽن کي آشيرواد روپ ۾ دشالا پائيندي چيو ته اڄ کان توهان جي نئين جيون شروع ٿئي ٿي. گهرن ۾ شانتيءَ جو وايو منڊل رکو. گهر جي وڏڙن جي عزت ڪريو، سندن شيوا ڪري آسيس کٽو. وواهه جو ٻنڌن توڙ تائين نڀايو. مانس، شراب کان ٻنهه ڪنارو ڪريو. ٻارن کي ڀڳوت روپ سمجهي سندن شيوا ڪجو. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو ۽ پريوءَ کي نه وساريو. گهر گرهست ۾ رهي، روز پريوءَ کي پريم ۽ شرڌا سان پرارٿنا ڪريو. پياري نيوندرام ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد آهي، جن هي ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو آهي.

هن اُتسوَ ۾ ڀاءُ ڪنيالعل جشن مل، ڀاءُ آسنداس پيروائي، ڀاءُ ڀڳونداس نارائڻداس ۽ ٻيا متر بمبئيءَ مان پڻ شريڪ ٿيا ۽ وواهه اُتسوَ لاءِ سهڪار ڏنو. ڊاڪٽر ديال آشا پڻ جوڙن کي اپيل ڪئي ته جيون ۾ جيوَ ديا جي جوت جڳايو.

فيبروري پوڄنيه سواميڄن پوڊ گيا روانا ٿيا. اُتي پيارو ڀاءُ دوارڪو سندراڻي، سنت ونوبا ڀاوي جي ڪاريه جي جوت جڳائي رهيو آهي. پوڊ گيا کان ڪجھ دوُريءَ تي آديواسين لاءِ هن پياري پوڄنيه سواميڄن جي پريرڻا ۽ ڊنل سهايتا دواران جهوپڙيون نهرايون، جي ٻن ڳوٺن ۾ هنيون. هڪ جو نالو سوامي ٽيئونرام ڳوٺ ۽ ٻئي ڳوٺ جو نالو سوامي سروانند ڳوٺ رکيو ويو. پوڄنيه سواميڄن انهن ڳوٺن جو مهورت ڪيو ۽ پياري دوارڪي سندراڻيءَ کي سندس شيوا ڪاريه لاءِ ڌنيواد ڏني.

۱۴ فيبروري پوڄنيه سواميڄن پوڊ گيا مان واپس واراڻسيءَ ۾ آيا. اُتي سواميڄن ۱۶ فيبروري صبح تائين ستسنگ ورڪا ڪئي. اُتي سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته نت نيم هت ستسنگ ڪندا رهو. پنهنجي من جي ورتي مالڪ سان جوڙيو. جنهن جو من مايا جي پرپنچ ۾ ڦاٿل آهي، اُن جو جنم ئي ويرٿ آهي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

رام نام ۾ رت نهين، من مايا ۾ جاس،
کهه ٽيئون سنسار ۾، جنم ويرٿ هئهتاس.

پريميو، توهان سمرپت ڀاوَ سان پربوءَ جا ٿيو، پرماتما توهان جي هروقت رکشا ڪندو، توهان جي سار لهندو. ڀڳت ترلوچن وٽ ڪيترائي سنت مهاتمائون ايندا هئا. هي پيارو ۽ سندس پتني تن من ڌن سان اُنهن جي شيوا ڪندا هئا. سندن اِڇا هئي ته ڪو اهڙو شيوڪ ملي وڃي جو گهر ۾ سنتن جي، انهن جي انڪول شيوا ڪري. ڀڳوان، ڀڳت ترلوچن جي اِڇا پوري ڪرڻ لاءِ هڪ نوڪر جي روپ ۾ ڀڳت ترلوچن وٽ آيو ۽ اچي چيائين ته توهان جي گهر ۾ شيوا ڪندس. صرف کاڌو کائيندس، پگهار ڪين وٺندس ۽ جيڪڏهن توهان منهنجي هتي رهڻ جو ذڪر ٻين سان ڪندا ته مان گهر ڇڏي هليو ويندس. ڀڳت ترلوچن کي اُن آيل سيوڪ جو سڀاءُ ڏاڍو وڻيو ۽ کيس چيائين ته تون بلاشڪ اسان وٽ رهي، آئي ويئي سنت مهاتما جي خدمت ڪج. ڀڳوان هڪ سيوڪ جي روپ ۾ تيرهن مهنا ساندهه، ڀڳت ترلوچن جي گهر ٽهل ڪندو رهيو. ڀڳت ترلوچن ۽ سندس پتني ان سيوڪ مان ڏاڍو پرسن هئا. نه صرف اُن سيوڪ جي سيوا، پر سندس سروپ ۽ سڀاءُ به ڪين آنند ڏيندو هو. هڪ دفعي ڀڳت ترلوچن جي پتنيءَ پنهنجي پاڙيسڻ سان اُن شيوڪ جو ذڪر ڪندي چيو ته اسانجو نوڪر ڏاڍو ڀلو آهي، اسانجي نيٽن کي ننڊ آهي. ڪيڏي نه ٽهل ڪندو آهي. صرف ڀوڄن وڌيڪ کائيندو آهي. هيڏانهن اُن ماتا جو ائين چوڻ ۽ اُن نوڪر ارڻات ڀڳوان جو گهر مان انترڌيان ٿيڻ.

ڀڳوان ڪيئن نه پنهنجي ڀڳتن جي اچي شيوا ڪري ٿو. اهڙي ڀڳوان کي نه ڀلايو.

۱۷ فيبروري پوڄنيه سواميڄن بنارس مان واپس سنڌو نگر آشرم ۾ پڌاريا. ۱۸-۱۹ فيبروري صبح ۽ شام سواميڄن آشرم ۾ ستسنگه پروچن ڪيو. ۲۰ فيبروري صبح جو پوڄنيه سواميڄن منڊليءَ سهت سوامي چندن پرڪاش جي ورسي اُتسوَ سنبڌ ۾ پونا روانا ٿيا ۽ منجهند جو سوامي ٽيئونرام مندر ۾ پڌاريا. سنت اننت پرڪاش ۽ پريمين سواميڄن جو ڀوپه سواگت ڪيو. ۲۲ فيبروريءَ تائين پوڄنيه سواميڄن ستسنگه ورڪا ڪئي. ۲۳ فيبروري شام جو ستسنگه ڪندي، پوڄنيه سواميڄن چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو توهان ڏاڍي

سان همدردي ۽ پيار ڀريو ورتاءُ ڪرڻ سان ڀريو توهان جي هٿ ۾ شفا ڏيندو. ڀاءُ سڀاڳچند چاولا سوامي جن جو سواگت ڪيو.

وڊالا سنڌي برادر منڊل جي سهاري ١٠ مارچ کان ٢٢ مارچ ڪئلاش ڪنج ڀرسان وڊالا بمبئي ۾ پوڄنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو ستسنگ پروچن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پوڄنيه سواميڄن آرتوار ڏينهن شام جو ۽ ٻين ڏينهن تي رات جو ستسنگ پروچن ڪيو. سواميڄن وڊالا ۾ پياري جيئندرام هيمنداس جي گهر ۾ رهيا.

١٠ مارچ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو توهين هر سال هتي ستسنگ يڳيه جو آيوجن ڪريو ٿا. پريميو، ستسنگ جي وڏي مهما آهي. گوسوامي سنت تلسيداس ستسنگ جي مهما ڳائيندي چوي ٿو:

ٻڄن ڦل پيکيئه تتڪالا، ڪاڪ هونهه پڪ بڪئو مرالا.

ستسنگ جو ڦل جلدي ملي ٿو. ڪانءُ ڪويل ٻڻجي وڃي ٿو ۽ ٻگلو هنس ٻڻجي پوي ٿو. انهن جو روپ نه پر سڀاءُ بدلجي وڃي ٿو. ارٿات جنهنجي واڻي ڪانوَ جهڙي آهي، ستسنگ جي پرڀاوَ ڪري، اُن جي واڻي ڪويل جهڙي مٺي ٿئي ٿي ۽ ٻگلي جهڙي سڀاوَ وارو منش، هنس وانگر کير نير جو وويڪ ڌارڻ ڪري ٿو. ويچار شڌ هئڻ سبب سندن آچرڻ به شڌ ٿئي ٿو. توهان به نت نيم هت اچي ستسنگ جي لاڀ وٺو.

١١ مارچ رات جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو:

هري مئن تيرا هون تيرا، گرو مئن تيرا هون تيرا.

اُهو ڀاڳن وارو ڀڳت آهي، جو پريوءَ کي اِها پرارٿنا ڪري ٿو ته هي پريو، مان تنهنجو آهيان. من ڪرم وچن سان پريوءَ جا ٿي رهون ته پوءِ ڊپ ڇا جو! آنند ئي آنند آهه. توهان مان ڪوئي ڪنهن کي دل سان، پيار سان ائين چوندو ته هي پيارا، مان تنهنجو آهيان، ته اڳلي جي منهن مان به ساڳيا لفظ نڪرندا ته مان به تنهنجو آهيان. ارپڻ جو ڀاوَ، ايشور جي، گروءَ جي ويجهو آڻي ٿو. ڀڳوان شري ڪرشن به شري ارجن کي گيتا ۾ چوي ٿو ته سڀني ڌرمن، واٽن کي ڇڏي، منهنجي شرڻ ۾ آءُ ته توکي موکش جي پراپتي ٿئي. اسين ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ پريوءَ جا ٿي رهون. ارٿات پرماتما سان سنبنڌ جوڙيون ته دنيا جي دکن کان ڇٽي پئون.

١٢ مارچ پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته غفلت جي ننڊ مان سڄاڳ ٿي پنهنجي نج روپ کي سڃاڻو. پاڻ پڇاڻڻ کان پوءِ توهان دنيوي دکن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪندا. گرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ٽيئون غفلت نيند تڄ، ديکو اپنا آپ،

جس ديکن سي جڳت ڪي، مٽهن پاپ سنتاپ.

هڪ نشئي ماڻهو رستي تي بيٺو هو. اُن وقت اتان اُن ديش جو راجا، پنهنجي رٿ

٢٦ فيبروري رات جو سوامي ليلاشاهه سوسائٽي ويراول ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٧ فيبروري صبح جو ٩ بجي ويراول جي سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول ۾ پوڄنيه سواميڄن جي آجيان ۾ اُتسوَ جو آيوجن ڪيو ويو. سوامي ليلاشاهه ايڊيوڪيشن ٽرسٽ جي پريزيڊنٽ شري نيوندرام لوڪواڻيءَ اسڪول جي ڪاريه تي روشني وجهندي سواميڄن جو سواگت ڪيو. سواميڄن وديارٿين کي سکياداِئڪ ڳالهيون ٻڌائيندي چيو ته ماتا پتا، وڏڙن ۽ اُستاد جي عزت ڪريو. انهن جي آسيس سان توهان زندگيءَ جي راهه تي اڳتي وڌي سگهندا.

٣ مارچ ساڌو واسواڻي نگر ٺاڻه ۾ بيڪري پئنچات هر سال جيان وشو ڪلياڻ لاءِ شري گرو گرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ صاحب رکايو. اُن اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٽيئي ڏينهن رات جو اُتي ستسنگ ورڪا ڪئي. پئنچات جي پريزيڊنٽ پياري لڇيرام پنجواڻيءَ پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن اُتي ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ڪيترائي جهڳڙا جهيڙا، جنگيون، اهم ڀاوَ جي ڪري ٿين ٿا. جيڪڏهن پريوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌڻ چاهيو ٿا ته وهنوار سڌاريو. جنهنجو ونهوار سڌريو، اُن جو پرمارٿ سڌرندو. آپو مٽايو. مان مان کي مٽيءَ ۾ ملايو. سڀ سان مٺو ڳالهايو. پوءِ پراوا به پنهنجا ٿي ويندا ۽ توهان شانتيءَ جو انڀوَ ڪندا.

ائسي ٻاڻي ٻوليئي، من ڪا آپا کويه،
اورون ڪو سيتل ڪري، آپ ڀي سيتل هويه.

پريميو، اهڙي ٻولي ٻوليو جو توهانجي خودي ختم ٿي وڃي. توهان پنهنجي واڻيءَ ۽ ويچارن دواران ٻين کي سيتل ڪريو ته پاڻ به سيتل ٿي ويندا. ٻين کي سکي ڪندا ته سوَڀاويڪ توهان به سکي ٿيندا، پر پنهنجي سک جو اونو نه ڪريو. سنت ستپرک ٻين کي خوش ڪرڻ ۾ ڪيڏيون نه قربانيون ڪن ٿا.

جئپور جي ويجهو گلتا گنگا جي ڀرسان هڪ غفا ۾ سنت ڪرشڻداس رهندو هو. هڪ ڏينهن اُتي بکايل شينهن آيو. سنت ڪيڏا نه ديالو ٿين ٿا. سنت ڪرشڻداس اُن شينهن کي بکايل ڏسي پنهنجي جنگهه جو ٽڪر ڪپي اُن شينهن کي کائڻ لاءِ ڏنو شينهن کائي رمندو رهيو. اُن وقت ئي ڀڳوان سنت ڪرشڻداس کي ساکيات درشن ڏنو ۽ سندس ٽنگ اڳ جيان ڪري ڇڏي.

پريميو، پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. اهڙو ڪم نه ڪريو، جنهن سان سنڌي جاتيءَ جو ڪنڌ هيٺ ٿئي. پر اهڙا ڪم ڪريو جيئن قوم جو ڪنڌ مٿي ٿئي. ڏيتي ليتي ۽ اڻنگا خرچ گهٽايو. پريم ديا جي جوت جڳايو. نام ڳايو، نام ڏيايو، پرم سک پايو.

٥ مارچ شام جو ٥ بجي سواميڄن سوامي سرواننداسپتال ۾ ڏندن جي وڀاڳ ۽ اکين جي ڪمپيوٽرئيز مشين جو مهورت ڪندي ڀاءُ ڪان هاساننند لڪاڻي، ڇتري منگهارام پنجابي کي ڌنيواد ڏني، جن اِها مشين وني ڏيڻ ۾ پورڻ سهيوگ ڏنو. ڊاڪٽر شيام مکيءَ کي به ڏندن جي وڀاڳ کولڻ لاءِ ڌنيواد ڏني. سواميڄن ڊاڪٽرن کي صلاح ڏيندي چيو ته بيمارن

پريميو، توهين بہ جڳت ۾ اناسڪت ڀاوَ سان ڪم ڪار ڪريو ۽ روز ايڪانت ۾ ويهي نام چنتن ڪريو. روز پنهنجي ڪيل ڪرمن تي ويچار ڪريو.

١٥ مارچ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪريو. اڄڪلهہ ڪيترا شخص سوارٿ ساڌڻ لاءِ شيوا ڪن ٿا. اُهي شيواڌاري نہ، پر مزور چئبا. پريوءَ جا شيوڪ ٿيو، ديش جا شيوڪ ٿيو. ڀارت جي اڳئين پرڌان منتريءَ شري لعل بهادر شاستريءَ پنهنجو سارو جيون ديش کي سمرپت ڪيو. هن، نہ ڪڏهن پنهنجي عيش آرام جو خيال ڪيو، نہ پنهنجي اولاد لاءِ مال ملڪيت ميڙي. الله آباد ۾ ڪيس هڪ گهر مسواڙ تي هو. هو جڏهن گرهہ منتري هو ۽ الله آباد ۾ ايندو هو تہ اُن مسواڙي مڪان ۾ ئي رهندو هو. ڪنهن سبب هن کي اُهو مسواڙ وارو گهر بہ ڇڏڻو پيو. اُن بعد جڏهن هو اللهآباد ايندو هو تہ سرڪاري آرام گهر ۾ ئي مهمان طور رهندو هو. سندس کي متر ور ڪيس چوندا هئا تہ اوهان پنهنجي پريوار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو مڪان تہ پنهنجو ٺهرايو. پر هي تياڳي ديش ڀڳت، مشڪندي چوندو هو تہ مان بنا گهر جي گهرو ڪاتي جو وزير آهيان. ڀارت ديش جي پرڌان منتري ٿيڻ کان پوءِ بہ، هن پنهنجي لاءِ هڪ ساڌارڻ جاءِ بہ نہ جوڙائي. اڄ ديش کي، جاتيءَ کي، اهڙن نشڪام شيوڪن جي ضرورت آهي.

١٦ مارچ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ ڪرم ۽ گيان ٻئي ضروري آهن. ٽنگون آهن ڪرم ۽ اکيون آهن گيان. اکيون رستو ڏيکارين ٿيون، پر پنڌ ٽنگن کي ارٿات پيرن کي ڪرڻو آهي. ڪا ڇوڪري رڌڻ پچائڻ جو امتحان پاس ڪري اچي، پر اُن موجب کاڌو تيار نہ ڪري، صرف ويني هجي تہ اُن جو گيان ڪهڙي ڪم جو! جي وري اُن ڇوڪريءَ کي ڀوڄن تيار ڪرڻ جي ڄاڻ ڪين آهي تہ ڦلڪو سڙي پوندو، ڀاڄي ناهي نہ سگهندي. سمجھ بہ ڪپي تہ اُن موجب ڪرم بہ ڪپي. ڪرم کان سواءِ گيان بہ بوجهو آهي. ڪو منش وڏا وڏا گرنٿ پڙهي، پر رهڻي نہ رهي تہ اُن جو گيان ڪهڙي ڪم جو! جيون ۾ ڀڳتي، ڪرم جو سندر سمنويہ هئڻ گهرجي. ڀڳوان شري ڪرشن شريمد ڀڳوت گيتا ۾ ڀڳتي، ڪرم ۽ گيان جو مهتو سمجهايو آهي. پريميو، توهان ڀڳوت گيتا جو اڀياس ڪيو. ڀڳوان شري ڪرشن جي سکيائن جي جيون ۾ ساکي ڏيئي، جيون سڦل ڪريو.

١٧-١٨ مارچ پوڄنيہ سواميڄن جدا جدا وشين تي وياکيان ڪندي مارگ درشن ڪيو.

١٩ مارچ صبح جو ١١ بجي پوڄنيہ سواميڄن سنڌو واڙي گهاٽڪوپر ۾ پڌاريا. پياري آسنداس ڀيرواڻيءَ سواميڄن جو سواگت ڪيو. ڪاريہ ڪرم جي شروعات ۾ ڊاڪٽر ديال آشا سواميڄن جي پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ جئين توهين دنيوي پدارٿن کي حاصل ڪرڻ لاءِ يتن ڪريو ٿا، اُن کان وڌيڪ پرياس پريوءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪريو.

ڪمود وليءَ نالي هڪ ڪنيا هئي. هيءَ ڀڳوان شري وشنوءَ جي ڀڳتياڻي هئي. وڏن وڏن راجائن ساڻس وواهہ ڪرڻ تي چاهيو، پر هن جو اِهو ارادو هو تہ هوءَ ڀڳوان وشنوءَ جي اُپاسڪ سان وواهہ ڪندي. نيلن نالي هڪ نوجوان راجا هو، جو ڪمود وليءَ سان شادي

تي سوار ٿي لنگهي رهيو هو. اُهو شرابي شراب جي نشي سبب چوڻ لڳو تہ اِهو رٿ مان خريد ڪندس. اِهو ٻڌي راجا اُن تي ڪروڌت ٿي چيو تہ نالائق تون ڇا ٿو چوين؟ هي تہ منهنجو رٿ آهي. مان هن ديش جو راجا آهيان. نشئيءَ وراڻيو تہ مان راجا کي خريد ڪندس. اِهو ٻڌي راجا ڏاڍو غصي ٿيو ۽ آگيا ڪيائين تہ هن شخص کي قيد ڪري سڀاڻي منهنجي سامهون پيش ڪجو. سپاهين آگيا جي پالنا ڪئي. سڀاڻي تي اُن شرابيءَ کي راڄ دربار ۾ پيش ڪيو ويو. راجا هن کان پڇيو تہ ٻڌاءِ، تون ڪالهہ ڇا ڇا خريد ڪندين؟ شرابيءَ هٿ جوڙي چيو راجن، خريد ڪرڻ وارو ارڙات نشو تہ هليو ويو. مون شراب جي نشي ۾ جيڪي ڪجهہ چيو، اُن ڏوهہ جي مونکي معافي ڏيو.

پريميو، اُهو شخص شراب جي نشي سبب پاڻ کي بہ ڀلجي ويو ۽ ڪنهن سان ڳالهائي رهيو هو، ڇا ڳالهائي رهيو هو، اُن کان بہ هوُ بيخبر هو. منش بہ مايا جي نشي ۾، موهہ جي نشي ۾ حقيقت کي ڀلجي وڃي ٿو. جڏهن اِهو نشو لهي ٿو تہ هو حقيقت شناس ٿئي ٿو ۽ ساکي سوروپ کي سڃاڻي آنند ۾ اسٿت رهي ٿو.

١٣ مارچ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پريميو، هن سنسار ساگر مان ترڻ لاءِ ڪنهن نہ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو. ستگر آهي ملاح، جو نام جي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي، ڀوَ ساگر جي ڀيڙ مان پار لڳائيندو. ستگرو مهاراج پڻ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ٽيئون نؤڪا نام ڪي، ڪرڻڌار گرو هوئہ،

بن شرم ڀوَ سنڌو سي، پار جات سب ڪوئہ.

گرو بہ گهروُ نہ هڄي. گرو هڄي ويدانت ۽ سناتن ڌرم جو ڄاڻوُ، وئراڳي ۽ گياني، اُهو راهہ ڏيکاريندو روحاني. اڄڪلهہ پاکنڊ وڌي ويو آهي. پاکنڊين جي ور نہ چڙهو. پنهنجا ڪم ڪاريون ڪندي، ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي نام جپيو. روز ڪو نہ ڪو پر اُپڪار جو ڪم ڪريو ۽ ايکو ڪري رهو. ڀڳوان توهانجا ٻيڙا ٻني لڳائيندو.

١٤ مارچ رات جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ اڪيلائيءَ ۾ پنهنجا پڇ ۽ پاپ ياد ايندا آهن. پريميو، توهان بہ ڪڏهن ڪڏهن اڪيلائيءَ ۾ ويهي، پنهنجي ڪيل شڀ ۽ اشڀ ڪرمن جو ويچار ڪريو. اشڀ ڪرمن جو پڇتاءُ ڪريو. هڪ دفعي هڪڙو راجا اڪيلو سمهيو پيو هو. اوچتو ڪيس خيال آيو تہ بابو مري ويو، ڏاڏو مري ويو، ڪارو ڪتو بہ هنن سان گڏ ڪين ويو. راڄ ڀاڳ سڀ هت ڇڏي ويا! مان بہ پتا سان گڏ ڪين ويس. مون سان وري گڏ ڪير هلندو! اِهو سوچيندي راجا اڄي روئڻ ۾ ڇتڪيو. رات جو ئي راجا، راجائي ڪپڙا لاهي، رواجي ڪپڙا پهري جنگهل ڏانهن راهي ٿيو. اُتي هڪ ڪٽيا ۾ ويهي نام چنتن ڪرڻ لڳو. صبح جو راڻيون ڏسن تہ راجا ڪونهي! وزير وائڙا ٿي ويا. آخر ڳولها ڪندي جنگهل ۾ آيا، جتي اُهو راجا ڪٽيا ۾ ويٺو هو. وزير وينتي ڪئي مهاراج، اوهان ڇو وئراڳي بڻجي راڄ ڀاڳہ ڇڏي هتي اچي ويٺا آهيو؟ ڪرپا ڪري راڄ محل ڏانهن واپس هلو. راجا چيو پيارا، اڪيلو وڃڻو آهي، پوءِ ڪنهن لاءِ ماندا ڻ منديان؟ هاڻي پوئتي موٽڻ مشڪل آهي.

شري آسنداس ڀيرواڻيءَ سواميجن جو سواگت ڪندي آڀار مڃيا.

پوڄنيه سواميجن شهيد هيمونءَ جي يادگار لاءِ يارهان هزار روپيا ڏنا ۽ وياکيان ڪندي چيو ته پياري هيمونءَ ديش جي آزاديءَ جي هوَن ۾ پنهنجي جيون جي آهوتي ڏني. اهڙي سوروير سرويچ جو يادگار کڙو ڪرڻ اسانجو فرض آهي. اڄ اسانکي ديش جي آزاديءَ جي سرڪشا لاءِ ۽ ڀارت جي نونرماڻ لاءِ ڪا نه ڪا قرباني ڪرڻ گهرجي. ديش ڀڳتن جون جيونيون اسان لاءِ پريرڻا جو سرچشمو آهن.

هن موقعي تي ديال آشا شهيد هيمون جي ويرتا جو ورڻن ڪندي ان يادگار برپا ڪرڻ لاءِ دانويرن کي اپيل ڪئي.

٢٤ مارچ شام جو سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ سنت رشي رگهورام جي ورسي ملهائي وئي. هن موقعي تي پوڄنيه سواميجن شرڌانجلي ڏيندي چيو، ته رشي رگهورام ايشور ڀڳت هو ته ديش ڀڳت به هو. ودوان هو، پر سادگيءَ جي صورت هو ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو اننيه اُپاسڪ هو. هن سنت شريمد ڀڳوت گيتا جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏني. جيوڻداس آهوجا ۽ ديال آشا پڻ رشي رگهورام جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

بئنڪ آف بڙودا سنڌي سڀا جو وارشڪ اُتسوُ ٢۵ مارچ سنڌي يوٿ سرڪل الهاسنگر ٣ جي سنڌو ڀون ۾ آيوجت ڪيو ويو. پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اُتسوُ جا مکيه مهمان هئا. شري ناڪرداس آهوجا سواميجن جو سواگت ڪيو. شري اوم لعلواڻي سواميجن جو ذڪر ڪندي چيو ته پوڄنيه سواميجن آڌياتمڪ پونجيءَ جا مالڪ آهن. هوُ اڄ اسان جي ساهتيڪ پونجي وارشڪ رسالي جي مهورتي اُتسو ۾ اسان کي آشيرواد ڏيڻ لاءِ هت پڌاريا آهن. سواميجن مهان ويڀوتي آهن، اسانجا روحاني رهنما آهن. ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سڀا پاران شايع ٿيندڙ پونجي رسالي جو مهورت ڪندي چيو ته پونجيءَ جهڙا رسالا سنڌي ساهتيه جي سچي پونجي آهن. ڀاءُ نند ڇڳاڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هوُ هر سال جاکوڙ ڪري، ههڙو سندر رسالو شايع ڪري، سنڌي ساهتيه جي شيوا ڪري ٿو. پوڄنيه سواميجن ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾، جتي به پروچن ستسنگ ڪندا آهن، اُتي سنڌي ٻوليءَ کي برقرار رکڻ لاءِ اپيل ڪندا آهن. پوڄنيه سواميجن سنڌي سڀا جي بانيڪارن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته پسن پکين کي به پنهنجي ٻولي پياري هوندي آهي، پوءِ اسين ڇو پنهنجي مٺڙي سنڌي ڀاشا کي وساريون! ٻولي جيئندي ته قوم به جيئندي. اوهين جتي به هجو، سنڌي ٻوليءَ کي نه وسارجو. سنڌيءَ ۾ اسانجي سنتن درويشن جي ٻاڻيءَ جو ورثو آهي. اُن ورثي کي سرڪشت رکجو.

پريم پرڪاش مندر گانڌينگر ڪولهاپور جو ٧ وارشڪ اُتسو، ٢٩ مارچ کان ٢ اپريل آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوڄنيه سواميجن ٢٩ مارچ صبح جو گانڌينگر ۾ پڌاريا. سواميجن جي سواگت ۾ گانڌينگر ريلوي اسٽيشن کان جلوس نڪتو. سوَن پريمين سواميجن کي پشپ مالهائون ڀيٽ ڪيون. صبح جو ٨ بجي پوڄنيه سواميجن جهنڊو چاڙهي اُتسوَ جو آرنڀ ڪيو.

ڪرڻ لاءِ ڏاڍو خواهشمند هو. ڪمود وليءَ ڪيس شرط وڌو ته پهرين هڪ سال لاءِ روز هڪ هزار اٺ ڀڳتن کي ڀوڄن ڪاراءِ، پوءِ مان توسان وواهه ڪنديس. نيلن، ڪمود وليءَ جي پراپتيءَ لاءِ سندس چوڻ موجب هر روز هڪ هزار اٺن ڀڳتن کي ڀوڄن ڪرائڻ شروع ڪيو. ڀڳتن جي شيوا ڪندي ڪندي سندس چت نرمل ٿيندو ويو. اُنهن ڀڳتن جي سنگ ۾ نيلن به ڀڳت بڻجي پيو ۽ پوءِ ڪمود وليءَ سندس خواهش پوري ڪئي. ڪمود وليءَ جي پراپتيءَ سان گڏ نيلن، ڀڳوان شري وشنوءَ جو اننيه اُپاسڪ بڻجي پيو ۽ ميگئيال وار جي نالي سان پرسڌ ٿيو. پريميو، توهان به ڪنهن نه ڪنهن سنت جي شرڻ وٺو. اُن جي آسيس سان توهان جي جيون نئين ٿي پوندي. سنتن مهاپرشن جي وڏڙن جي ديا درشٽيءَ سان سڪل ڪيتي به سرسبز ٿي پوي ٿي.

جب ديا درشٽ هو جاتي هئه، تو سوُکي کيتي ڀي هرياتي هئه

جيڪڏهن توهان ديا چاهيو ٿا ته ٻين تي ديا ڪريو. جيڪڏهن چاهيو ٿا ته ٻيا توهان کي پيار ڪن ته توهان ٻين کي پيار ڪريو، همدردي ڏيو. ائين ڪرڻ سان توهانجا گهر سرڳ ٿي پوندا.

منجهند جو پوجنيه سواميڄن ڀيڻ ڪوشليا پوڪرداس ٽيڪچنداڻيءَ جي گهر ڀوڄن ورتايو. شام جو سوامي جن وڌالا ۾ امرت وچنن جي ورکا ڪئي.

۲۱ مارچ هوليءَ ڏينهن پوجنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي ڀڳت پرهلاد جي جيون تي روشني وڌي. ٻالڪ پرهلاد ٻال اوستا ۾ ئي ڀڳوت ڀڳتيءَ جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏني. پريڀوءَ ڪيئن نه سندس رکيا ڪئي. اسان ڪيڏا نه سال پريڀوءَ کان ومک ٿي امولِيه سواس ويرٿ وڃايا آهن! پريميو، ستگرو مهاراج پڻ رام نام جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ڪهه ٽيئون نت ڪيجئي، رام نام سي پريم،
رام نام کي سم نهين، جپ تپ سنيم نيم.

۲۲ مارچ ڊوڙئي ڏينهن شام جو، پهرين ديال آشا پوجنيه سواميڄن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي سندن پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. پوجنيه سواميڄن سڀني پريمين تي ڳلن جي ورکا ڪندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن برج ۾ ڪيئن نه هولي کيلي وڃي ٿي. ڀڳوان شيام سندر، ڪيئن نه گوپين ۽ گوالن کي پريم جو رنگ لڳايو! ڪيترا اگياني منش اڄوڪي ڏينهن شراب ۽ مانس ورتائين ٿا. اهي راکسي ڪاڏا پيتا ڪائڻ لاءِ هي ڏينهن ڪين آهي. هي ڏينهن ته ور ور پريڀوءَ جي يادگيري ڏيارين ٿا. ههڙن ڏينهن تي هڪ ٻئي تي پريم جو رنگ ڇڻڪايو، خوشيون ملايو. پياري مکي چوئٿرام بيگراج، پياري ڀاءُ پرياڻيءَ، پياري نهچلداس، پياري جيئندرام ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد آهي، جيڪي هر سال هت ستسنگ يگيه جو آيوجن ڪن ٿا.

۲۳ مارچ صبح جو ۱۰ بجي امر شهيد هيمون ڪالاڻي ميدان چيمبور بمبئيءَ ۾، پوجنيه سواميڄن جي پرڌانپڻي هيٺ شهيد هيمو ڪالاڻيءَ جو جنمدن اُتسوُ ملهايو ويو. اُن ميدان تي شهيد هيمونءَ جو يادگار برپا ڪرڻ لاءِ ڀومي پوڄا ڪئي ويئي. شري تيرٿ سڀاڻيءَ ۽

جي مراد اِهائي آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني نام جپيون. نام کان سواءِ جيون آهہ ويران، بيابان. نام سمرڻ سان ڪريو جيون شاد آباد.

جهنگل ۾ هڪ ميهار مينهون چاري رهيو هو. اُتان هڪ سنت لنگهيو. اُن سنت هن ميهار کان پڇيو تہ ڇا، تون روز ڀڳوت ڀڄن ڪندو آهين؟ ميهار وراڻيو مونکي ڀڄن جي خبر ڪين آهي تہ ڪيئن ڪندس. سنت چيس: روز صبح جو ۽ رات جو ايڪويهہ مالهائون رام نام جپيندو ڪر. ميهار چيس تہ ايترا دفعا تہ مان رام نام جپي نہ سگهندس. سنت جي سمجهائڻ تي آخر ميهار ٥ دفعا صبح ۽ ٥ دفعا رات جو رام نام جپڻ قبول ڪيو. سنت پنهنجي منزل ڏانهن رمندو رهيو. اُهو ميهار روز بہ دفعا پنج پنج ڀيرا رام نام اُچاريندو. هو، پر رام نام اُچارڻ کان ٿي چار ڪلاڪ اڳ رام نام جپڻ جو چنتن ڪندو هو تہ فلاڻي وقت ڪيس نام جپڻو آهي. اُهو ميهار جڏهن پرلوڪ پڌاريو، تڏهن چتر گپت سندس ڪرمن جو ڪاتو کوليو. اُن ڪاتي ۾ روز هنجا بہ پهر ڀڳوت ڀڄن لکيل هو. اِهو ڏٺي ميهار دنگ رهجي ويو. ڪيس وئنڪٺ ۾ وني ويا. پريميو، ميهار صرف پنج پنج دفعا رام نام اُچاريندو هو، پر اُن کان گهڻو وقت اڳہ هو رام نام جپڻ جو خيال ڪندو هو. سندس چنتن ڪرڻ وارو وقت بہ پرڀوءَ در قبول پيو. جنهن وقت اسين رام نام سمرڻ جو چنتن ڪريون ٿا، اُهو سميہ بہ سمرڻ واري سميہ ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. پرڀو ڪيڏو نہ ديالو آهي. ان ڪري پريم سان نام چنتن ڪريو. دڪان تي ويني ويني، آفيس ۾ ڪم ڪندي ڪندي بہ نام چنتن ڪريو تہ اُهو توهان جي ڪاتي ۾ لکبو.

٢ اپريل شام جو پوجنيہ سواميجن اچلڪرنجي روانا ٿيا. اُتي پياري برجلعل هيراني، پياري پهلاجراءِ راڌا ڪرشن ۽ ٻين پريمين سواميجن جو هاردڪ سواگت ڪيو. رات جو پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪهہ ٽيئون ڪس منش ڪي، دل ڪو دک دي نانهہ،
دکي جيو ڪي آهہ سي، ناش هوت ڪڻ مانهہ.

پريميو، ڪنهن بہ جيو کي من وچن ۽ ڪرم سان دک نہ پهچايو. اِهو قدرت جو قانون اٿو تہ جيڪڏهن توهان ٻين کي دکي ڪندا تہ پرڀو توهان کي دکي ڪندو. ان ڪري سگهني کي سکي ڪري اُنهن جون آسيسون وٺو. سگهني پراڻين ۾ پرڀو رمي رهيو آهي.

سنتن ستپرکن جي من ۾ نہ صرف مانو ماتر لاءِ پيار ۽ همدردي ٿئي ٿي، پر هوُ پکين پسن کي بہ پيار ڪن ٿا. اُنهن جو دک بہ پنهنجو ڪري سمجهن ٿا. هڪ دفعي نوڪا ڳوٺ جي ناڪر جي نياڻيءَ جو وواهہ ٿيڻو هو. اِن سنبنڌ ۾ هن چاليهہ ڪن ٻڪرا ٻڪريون ٻڌي ڇڏيون. اُتان سنت گلابداس لنگهي رهيو هو. هن انهن ٻڪرن ٻڪرين کي ٻڌل ڏسي پڇيو تہ هنن ويچارن گگدامن کي ڇو ٻڌو اٿو؟ اُن وقت ڪيس ٻڌايو ويو تہ ناڪر جي نياڻيءَ

شام جو ۴ بجي مندر کان شوڀا ياترا پوڄنيه سواميڄن جي نيترتو ۾ نڪتي. رات جو ۱۰ بجي پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪيو. ۳۰ مارچ صبح جو ۱۰ بجي مندر طرفان سواميڄن سفيد پوش ڀينرن کي اناج جا پاڪيٽ، ڪپڙو ۽ روڪ سهاينا ڏني. شام جو ۴ بجي سوامي سرواننڊ اسڪول ۾ پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪندي ڀاءُ رميش تنواڻيءَ چيو ته سواميڄن اسانجا سچا سونهان آهن. سندن ڪرپا سان ئي اسان هتي سوامي سرواننڊ اسڪول برپا ڪيو. سوين وديارٿي ان وديا مندر مان لاڀ حاصل ڪري رهيا آهن.

پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي وديارٿين کي چيو ته اُستاد، ماتا پتا ۽ وڏڙن جي آگيا انوسار هلندءُ ته ان ۾ توهان جو فائدو آهي. انهن کي عزت ڏيو، انهن جي شيوا ڪريو. صبح جو اُٿڻ سان ڀڳوان کي پرارٿنا ڪريو. غريب هم ڪلاسين کي مدد ڪريو. هڪ ٻئي کي پيار ۽ همدردي ڏيو. رات جو ۱۰ بجي ڀڳوان سنت اننت پرڪاش ۽ ڀين سنتن ستسنگ ڪيو، ان بعد پوڄينه سواميڄن ستسنگ ورڪا ڪئي. ۳۱ مارچ پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته: هڪ دشٽ ڀڳوان ٻڌ کي گاريون ڏئي رهيو هو. ڪنهن سڄڻ گوتم کي چيو ته هو توهان کي گاريون ڏئي رهيو آهي ۽ توهان سانت آهيو! ڪيس ڪجھ نٿا چئو! گوتم وراڻيو هو ته اسانکي ڪجھ ته ڏئي رهيو آهي نه! اسان کان ڪجھ وٺي ته ڪونه ٿو. ڏيندڙ کي ڌنيواد آهي. جيڪو سودو جنهن وٽ هوندو، اُهوئي ڏيندو.

جي وڙ جڙن جن سين، سي وڙ سي ئي ڪن.

پريميو، توهان سيني سان ڀلائي جا ٻير ٻريو. اُسڪي او جاني. ڀلائيءَ جا ڀاڙا ڏئي توهان کي ڏيندو.

۱ اپريل شام جو پوڄنيه سواميڄن، سوامي ٽيئونرام مهلا منڊليءَ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته ماتا راڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هوءَ نت نيم هت ستسنگ جي جوت جڳائي رهي آهي. ستسنگ ۾ امرت وچنن جي ورکا ٿئي ٿي، جا ٽنهي تاپن کي دور ڪري ٿي. ستسنگ ڪلپ ورک جيان من وانڇت ڦل ڏيندڙ آهي.

ستسنگ نج ڪلپ ترو، سڪل ڪامنا ديت،
امرت روپي وچن ڪھ، تينو تاپ هر ليت.

ماتائون، توهان ٻارن کي ٻه ڀڳوان روپ سمجھي سندن سيوا ڪريو. منجھن اُتم سنسڪار وجھو. گهر جو ڪم ڪار ڪندي خوب نام جپيو ۽ غم ڪائي هلو. غم ڪائيندءُ ته جس پائيندءُ.

۱ اپريل رات جو سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ ڀين سنتن ستسنگ ڪيو.
۲ اپريل پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئه پائيندي چيو ته پياري مکي راڌي مل، پياري برجلعل، پياري هري - ٻلي ۽ سندن ساٿين کي ڌنيواد آهي، جيڪي هت گانڌي نگر ۾ سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهن. اُتسون

پوڄا اُپاسنا ڏاڍي شرڌا سان ڪئي وڃي ٿي. اڄ اسانجو نئون سال شروع ٿئي ٿو. اڄ نوان شڀ سنڪلپ ڪريو. دولهه درياهه شاهه در پريم سان پلئه پايو ته ديش، ڌرم ۽ جاتيءَ جي رهجي اچي.

٨ اپريل صبح جو ١٠ بجي پوڄنيه سواميڄن ڌرم دربار سنڌونگر ٣ ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ڌرمداس مهاراڄن جي جنمدن اُتسو سنبنڌ ۾ ستسنگ ڪندي روح رهاڻ ڪيائون. رات جو ڪرلا بمبئي ۾ جهوليلعل مندر ۾ سواميڄن ستسنگ ورڪا ڪئي.

٩ اپريل صبح جو پوڄنيه سواميڄن گوڌرا ۾ پڌاريا. پياري گوبندرام رانولاٽي، راجو ماڪيجاٽي ۽ ٻين پريمن سواميڄن جو سواگت ڪيو. رات جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي پرارٿنا ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ري من راکو رام ۾، پورن تم وشواس،
ڪهه ٽيئون وشواس سي، هووي سب دک ناس.

مهاراشٽر جي ستارا ضلع جي وٽي ڳوٺ ۾ گوپال پنت هڪ غريب برهمڻ رهندو هو. هي وديارٿين کي پاڙهي آجيوڪا ڪيندو هو. سندس پٽ جيوتي پنت گهٽ ٻڌيءَ وارو هو. هوُ ڇهن مهنن ۾ گايتري منتر ياد نه ڪري سگهيو. هڪ ڏينهن سندس پتا ان سبب مٿس ڪاوڙ ڪندي چيو ته توکي جيڪڏهن گهر ۾ رهڻو آهي ته وديا پڙهي اچ. جيوتي پنت گهر مان نڪري هڪ جهنگل ۾ ڀڳوان شري گڻيش جي مندر ۾ آيو. اُن مندر ۾ هي پيارو ڇهه ڏينهن ساندهه بنا اَن ورتائڻ جي ڀڳوان شري گڻيش اڳيان پرارٿنا ڪندو رهيو. آخر سندس صدق هٽي هند ڪيو. ستين ڏينهن شري گڻيش ڀڳوان مٿس پرسن ٿي سندس زبان تي اوم شبد لکيو، بروقت ئي سندس ٻُڌيءَ ۾ پريورتن اچي ويو. هي پيارو گهر واپس وريو ۽ پوڄيه پتا جي ڪمل چرنن ۾ ڏنڊوت پرڻام ڪري آشيرواد ورتائين. ڀڳوان شري گڻيش جي ڪرپا سان گهٽ ٻڌيءَ وارو گيانوان ٿي پيو. سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو رنگ ڍنگ بدلجي ويو. بنا پڙهائيءَ جي پروڻ ٿي پيو. اِهو ڏسي سندس ماتا پتا ڏاڍو خوش ٿيا.

پريميو، توهان به ڀڳوان ۾ پورڻ وشواس رکي ڪيس پرارٿنا ڪندا ته اوس توهانڄا بگڙيل ڪم راس ڪندو. ڀڳوان شري گڻيش کي چون ئي وگهن وناشڪ، وگهنن کي ناس ڪندڙ. توهان، جو به ڪاريه ڪيو، ڀڳوان شري گڻيش جي اُستتيءَ سان آرنڀ ڪيو.

١٢ اپريل پوڄنيه سواميڄن هردوار ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيه سواميڄن ٽي چار ڏينهن رهيا ۽ گنگا ماتا جي گود ۾ اشنان پاٺي ڪيو. ١٥ اپريل پوڄنيه سوامي جن دهليءَ ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش مندر ۾ شام جو ستسنگ ڪيائون. ١٧ اپريل پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس وريا ۽ صبح - شام ستسنگ پروچن ڪندا رهيا.

جي شادي ٿيڻي آهي. ان موقعي تي مجلس ٿيندي. ان مجلس لاءِ انهن ٻڪرن ٻڪرين کي کهي ماس آهار ڪيو ويندو. اِهو ٻڌي سنت گلابداس کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هن پياري اُن وقت پرتگيا ڪئي ته جيڪڏهن انهن گگدامن کي ڪٺيو ويندو ته مان ان جل نه ورتائي پراڻ تياڳيندس. اِها خبر جڏهن اُن ڳوٺ جي ناڪر کي پيئي ته هو سنت گلابداس وٽ آيو. سنتن جي ڪرپا سان سندس من ۾ ڦيرو اچي ويو ۽ هن سيني ٻڪرن ٻڪرين کي جيئدان ڏنو. پريميو، توهان به جيون ۾ ديا ۽ پريم جي جوت جڳايو.

۳ اپريل پوڄنيه سواميڄن بيلگام ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته جيڪو به شڀ ڪاريه ڪجي ته اُهو ظاهر نه ڪجي. جيترو ٿي سگهي اوترو اُن کي لڪائجي. جيڪو شڀ ڪاريه ڪري ايمان ڪري ٿو ته هي ڪاريه مون ڪيو آهي، اُن جي شڀ ڪاريه جو ڦل ناس ٿئي ٿو. انڪري دان پڇ، سمرڻ، ستڪرم ڪندي رتي ماتر به ايمان نه ڪريو.

ڪبير گرؤ نه ڪيجئي، لوڪ نه هسيئي ڪوءِ،
اجهئون ناؤ درياهه ۾، ڪيا جاني ڪيا هوءِ.

پريميو، ڪايا مايا، محلن ماڙين، ڌن دولت، مطلب ته ڪنهن به پدارٿ تي گهمنڊ نه ڪريو. نه ٻين دکي جيون تي مذاق ڪريو. سنت ڪبيرداس به چوي ٿو ته جيون جي ٻيڙي اجا وچ سير ۾ آهي. پتو ناهي ته هن ڪان پوءِ ڇا ٿيندو! ان ڪري عقل تي، علم تي، پئسي پدارٿ سونهن تي، ايمان نه ڪريو.

نانڪ پت سيتي گهر جاءِ.

شل پڇاڙيءَ جي پور تائين رهجي اچي. شاهه لطيف به چوي ٿو:

پران شل پڇان، بندر مون ڏور ٿيا،
نڪي هنج نه هڙڪي، ڏئي آءُ چڙهان،
ڪارون ٿي ڪريان، تو درآيئي ناڪئان!

پوڄنيه سوامي تلوڪداس مهاراج جي جنمدن اُتسؤ سنبنڌ ۾ ۶ اپريل شام جو ۶ بجي پوڄنيه سواميڄن جئه باباڏام لانس سنڌونگر ۵ ۾ پڌاريا. سنت برهمداس پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن سوامي تلوڪداس مهاراج جي جيون ڪاريه تي روشني وجهندي چيو ته هنن سنتن سان سنڌ کان سنيهه سنبنڌ رهيو. هوُ ودوان هئا، گيانوان هئا. زبان جا ڏاڍا مٺا هئا. سنت معنيٰ مٺو. سوامي تلوڪداس مهاراج سؤن پريمن کي پريوءِ جي راهه ۾ چڪيو. پريميو، توهان به سندن ٻتايل راهه تي هلي مانش جنم سڦل ڪريو.

۷ اپريل چيٽي چنڊ ڏينهن صبح ۽ شام جو آشرم ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن اُڏيرولعل سنڌ ۾ جنم ورتي آيو. هن وروڻ ديوتا جي اوتار، دشٽن جو دمن ڪري، هندو ڌرم جي رکشا ڪئي. انڪري سنڌ ۾ خاص لعل سائينءَ جي

جنم ساکي پئي لکي، تڏهن هنن ڀائي ڀالي سان گروجن بابت پئي روح رهاڻ ڪئي. اُن وقت ڀائي ڀالي گرو انگدديو مهاراجن کي چيو ته گستاخي معاف ٿئي ته مان هڪڙو سوال اوهان کان پڇان. اوهان گرو نانڪ ديو مهاراجن جي گاديءَ تي براجمان آهيو. انڪري سوال پڇندي به سنڪوچ ٿئي ٿو. گرو انگدديو جن چيو پيارا، تون ڀلي من جو ڀرم نوار، سوال پڇ. ڀائي ڀالي چيو ته گرو نانڪ ديو مهاراجن گڏ مون ڪافي سال سفر ڪيو ۽ سندن شيوا به ڪئي. ڀائي مردانو ڪڏهن ڪڏهن گهر هليو ويندو هو پر مان سديوَ گرو جن جي شيوا ۾ هوندو هوس. توهان آيا به مونکان پوءِ، اُن هوندي به گرو نانڪ ديو مهاراج پنهنجي گادي مونکي نه ڏيئي توهان کي ڏني. ائين ڇو؟

شري گرو انگدديو چيو، ’پيارا، پنهنجي لاءِ ڇوڻ نه گهرجي پر تو سوال ڪيو آهي، انڪري جواب ڏيڻو پوي ٿو. ائين برابر آهي ته تون مونکان اڳ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي سنگ ۾ سالن جا سال اُنهن سان گڏ رٿن ڪيو، شيوا ڪئي، پر تو کان هڪ سوال پڇان ته تون شري گرو نانڪ ديو مهاراجن کي ڇا سمجهندو هئين؟ ڀائي ڀالي وراڻيو ته مان گرو نانڪ ديو جن کي هڪ مهان سنت، اولياءُ ڪري سمجهندو هوس. شري گرو انگدديو جن چيو پيارا، تون گرو جن کي مهان سنت ڪري مڃيندو هئين ته تون به مهان سنت ٿي پئين، پر مان گروجن کي اُتم مهاتما نه، پر ڀڳوان سمجهي سندن شيوا ڪندو هوس. ڀاونا جي جئه آهي. نه مونکي گاديءَ جي چاهه هئي، نه گروجن سان ايڏو رٿن ڪيو هو. مان ته صرف سندن ڪرپا جو ڪانکي هيس.

پريميو، توهان به ستگرن کي رواجي مهاتما يا سنت ڪري نه مڃيو، پر ساکيات ڀڳوت سوروپ سمجهي شرڌا ۽ ڀاونا سان شيوا ڪري نام ڏيايو، پرم پد پايو.

٦ مئي پوجنيه سواميجن ٻڙودا جي سينٽرل جيل ۾ پڌاريا. اُن جيل ۾ اٽڪل ٻارهن سوَ قيدي آهن. ڀاءُ پرتاپ رامچندائيءَ پهرين سواميجن جي پريچيه ڏني. ڪن قيدين سواميجن جو سواگت ڪيو ۽ ڀڄن ڳايا. پوجنيه ستگرو مهاراجن جي پڌارڻ سبب جيل ۾ ستسنگ جو وايو منڊل پيدا ٿي ويو. پوجنيه ستگرو مهاراجن قيدين کي اُپديش ڪندي چيو ته توهين هت پنهنجي پاپن جو پراشچت ڪري، نوان ٿي نڪرو. پنهنجي جيون ۾ ست ڪرمن جي ساکي ڏيو. هت توهانجا پاپ ڪٽجن ٿا. پريوءَ کي ياد ڪريو. پريو اٿوَ دياوان، مهروان. توهين سچيءَ دل سان پرماتما کان پنهنجي گناهن جي معافي وٺندا ته پريو توهان کي معاف ڪندو. رشي والميڪ ڀارت جو آدي ڪوي پهرين وڏو ڌاڪو هو. ڪيئن نه سندس جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو. رام نام جو سمرڻ ڪندي ڀارت جو مهارشي ٿي پوي ٿو. توهان جي جيون ۾ به پريورتن اچڻ گهرجي، جيئن عام ماڻهو توهان کي عزت ڏين.

٦ مئي کان ٨ مئي ٻڙودي ۾ سنت اوڌوداس برهمچاريءَ جي اسٿان تي پوجنيه سواميجن ستسنگ ڪندي شريمد ڀڳوت گيتا جي مهتوَ تي روشني وڌي ۽ آڌياتمڪ سماجڪ وشين تي پروچن ڪندي سنگت جي سونهپ ڪئي.

١٢ مئي کان ١٦ مئي پريم پرڪاش مندر ڪمارنگر ڌوليا ۾ مندر جو وارشڪ اُتسوَ

٢٧ اپريل کان ٢٩ اپريل ڪنور ڪالوني ٻڙودا ۾ سوامي پريمداس جي جينتي ملهائي ويئي. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ٢٧ اپريل ٻڙودا ۾ پڌاريا. سنت واسديو ۽ پياري ليلارام پرسواڻيءَ پوڄنيہ سواميڄن جو سواگت ڪيو. ٽيئي ڏينهن پوڄنيہ سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو تہ سوامي پريمداس پنهنجي جيون ۾ نام سمرڻ ۽ پراُپڪار جي ساکي ڏني. ستگرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

پر اُپڪاري پرش جي، جيون سڦلا تانهہ،

ڪهہ ٽيئُون ڏن ڏن وهي، پل آيي جڳ مانهہ.

پر اُپڪاري منش جي جيون سڦلي آهي، اُهي ڌنيہ ڌنيہ آهن. سوامي پريمداس مهاراج نہ صرف پاڻ اُپڪار جا ڪاريہ ڪيا، پر اڄ سندن پيارا، سنت واسديو چاهي پيارو ليلارام پرسواڻي پنهنجي گرديو سوامي پريمداس جن جي نالي ڪيڏا نہ خلق خدمت جا ڪاريہ ڪري رهيا آهن. سوامي پريمداس گاين وديا ۾ ڪيترن جو مارگ درشن ڪيو. پريميو، توهان سنتن جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. نت نيم پربوءَ کي پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي، پر اُها پرارٿنا نہ صرف زبان سان پر دل سان ڪريو.

پرارٿنا ڪر پريم سي، کهي ٽيئُون بن داس،

شڌ هرديہ کي سنت هر راکو من وشواس.

موهن راٺا هڪ راجا وٽ نوڪري ڪندو هو. هي پيارو ڏاڍو ايماندار ۽ سچيار شخص هو. نوڪري ڪندي، گهر گرهست ۾ رهندي، ڀڳتي بہ ڪندو هو. ڪنهن حاسد هن جي خلاف راجا جا ڪن ڀريا. راجا بنا جاچ جوچ جي موهن راٺا کي هٿڪڙيون هڻائي جيل ۾ بند ڪيو. هي پيارو جيل ۾ پربوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳو: پربو، مان نردوش ، تون اچي پت رک. جي ڪو ڪيو اٿم قصور تہ ڏي معافي. پربوءَ پنهنجي پياري جي پڪار ٻڌي. سندس هٿڪڙيون پنهنجو پاڻ لهي اچي پٽ پيون. اِهو ڪؤتڪ ڏسي جيلر واڳڙو ٿي ويو. هن ان گهٽنا جو ذڪر راجا سان وچي ڪيو. راجا با عزت موهن راٺا کي جيل مان مڪت ڪيو ۽ محسوس ڪيو تہ هي پيارو نردوش آهي، تڏهن تہ پربوءَ اهڙو کيل ڪيڏيو آهي. پريميو، پربوءَ ۾ پورڻ وشواس رکي پرارٿنا ڪيو تہ توهانجا بہ ٻيڙا ٻني لڳندا.

٣٠ اپريل پوڄنيہ سواميڄن پريم پرڪاش مندر اِندور ۾ پڌاريا. اُتي ٥ مئي تائين سوامي مرليڌر مهاراج جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن پنج ڏينهن صبوح شام امرت ورکا ڪئي. اُتسو جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سواميڄن چيو تہ سوامي مرليڌر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سان گڏ ڪيڏا نہ رٽن ڪيا. نام جو پرچار ڪيو. هي سنت مڌرڀاشي ۽ سنتوشي هو. ڪيئن نہ هن آسڻان تي ستسنگ جي جوت جڳايائين. ستگرن جي شيوا ۾ سدائين تتپر رهيو.

جن بہ شيوا ڪئي آهي، تن پد پراپت ڪيا آهن. پر شيوا ڪجي شرڌا سان، ڀاونا سان. شري گرو نانڪ ديو مهاراجن ڪيڏو نہ رٽن ڪيوا رٽن ۾ ڀائي ٻالو، ڀائي مردانو گروجن سان گڏ هوندا هئا. گرو مهاراجن کي پنهنجي سنتان بہ هئي، مگر پنهنجي گادي پياري انگدديو کي ڏنائون. شري گرو انگدديو مهاراج جڏهن شري گرو نانڪ ديو مهاراجن جي

هن وتايي فقير کي ڪجھ ٽول ڪارائي ترپت ڪيو. وتايي چيس تہ هاڻي ڪپڙو خريد ڪر. وتايي جي صلاح موجب هن ڪپڙو خريد ڪيو. کيس ڪافي فائدو رسيو. هو هڪ ڏينهن ڪپڙي جي دڪان تي وينو هو تہ اُتان وتايو فقير لنگهي رهيو هو. اُن شخص کيس چيو ’چريا بيهجان!‘ وتايو فقير بيٺو ۽ اُن کي چيائين تہ هاڻي بصر خريد ڪجانءِ. اُن شخص سموري ميڙي چونڊي گڏ ڪري بصر خريد ڪيا. ساوڻ جي مهني ۾ زبردست برسات پئي ۽ بيماري بہ شروع ٿي. خريد ڪيل بصر ڏپ هڻڻ لڳا. عملدارن کيس سڀ بصر درياھ ۾ وجهڻ لاءِ مجبور ڪيو. ويچاري جون ٻہ بہ ويون تہ ڇھ بہ ويون. بصرن ۾ واٽي بدران کيس گهاٽو پيو جو هو وري ڏنوان مان نرڏن ٻڻجي پيو. اوچتوري وري کيس وتايو فقير گڏيو. اُن شخص کيس ڏوراپو ڏيندي چيو تہ تو بصرن خريد ڪرڻ جو ڏس ڏيئي اڳو پوءِ سڄو ڪري ڇڏيو! وتايي فقير چيس ’تو ٻہ دفعا مونکي چريو چريو ڪري سڏيو. چرين جا تہ اِهي ڏس ٿيندا آهن. تو جهڙي ڀاونا رکي اهڙي توکي موٽ ملي.‘ اِهو ٻڌي اُهو شخص ڏاڍو پڇتائڻ لڳو.

پريميو! ڪنهن سان بہ گستاخي نہ ڪجي، گٿو نہ ڳالهائجي ڪڪ هينان لڪ پيو آهي. سنتن سان وڏڙن سان سنڀالي ڳالهائجي. سنتن جي در تي اچجي تہ ڌيرج ڪجي . جيڪا هردي مان دعا نڪرندي آهي اُها لڳندي آهي. توهان سنتن درويشن سان وڏڙن سان آڪڙ مان نہ ڳالهايو، حليمائي اختيار ڪريو تہ هو اوس توهان کي آسيس ڪندا.

١٨ مئي پوڄنيہ سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٽي ڏينهن اُتي آشرم ۾ صبح ۽ شام امرت ورکا ڪيائون. ٢١ مئي پياري ساجنداس انندرام جي سپتر جي وواھ جي سنٻنڌ ۾ پوڄنيہ سوامي جن احمدآباد ۾ پڌاريا. جوڙي کي آسيس ڪري رات جو ئي بمبئي لاءِ روانا ٿيا.

٢٢ مئي کان ٢٨ مئي روز رات جو دياونتي ٽيڪمداس هال ڪار بمبئي ۾ پرم پوڄنيہ سواميڄن جو ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو.

٢٢ مئي رات جو پرم پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو:

يي شام نہ وديا تپو نہ دانم گيا نم شيل گڻو نہ ڌرمم.
تي مرتيو لوڪي ’ڀوي ڀاريوتا منش روپيڻ مرگا چرنتي.

جنهن کي نہ وديا آهي، نہ گيان آهي، جيڪو نہ يڄن ڪري ٿو، نہ دان پڄ ڪري ٿو، جو نہ گڻوان آهي، نہ ڌرم جي موجب وهنوار ڪري ٿو، اهڙو منش هن پرٿويءَ تي ٻوجهو آهي. هُو منش جي روپ ۾ هرڻ وانگر چري رهيو آهي. هرڻ، واريءَ کي جل سمجهي ڀٽڪي ڀٽڪي پراڻ ڏيندو آهي. اهڙو منش پڻ جڳت جي پدارٿن کي سچ سمجهي ساري عمر انهن دنيوي پدارٿن کي پراپت ڪرڻ جي چاهنا ۽ ڀوڳن ۾ برباد ڪري ٿو. پرماتما، جو ست چت آنند روپ آهي، اُن کي ڇڏي ڀاڄن پنيان ڊوڙي ڊوڙي ٿاڪا ڪائي ڪائي پنهنجا اموليہ سواس ويرٿ وڃائي ٿو. پريميو، توهين ائين نہ ڪريو. پربوءَ توهان کي سونهري موقعو ڏنو اهي مانش ديهيءَ جو. نام جپيو ۽ پربوءَ جي ڏنل مايا سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪريو.

۽ سنت هر پرڪاش مهاراج جو ورسي اُتسوُ ملهايو ويو. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ ۱۴ مئي صبح جو پوجنيہ سواميڄن ڍوليا ۾ پڌاريا. سنت پهلاج پرڪاش، ڀاءُ مينگهراج ريلن ۽ ٻين پريمين سواميڄن جو سواڳت ڪيو. شام جو جلوس ڪڍيو ويو. ٻيئي ڏينهن پوجنيہ سواميڄن امرت ورکا ڪئي. سواميڄن پروچن ڪندي چيو ڀڳت کي سروَسوَ پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ سمرپت ڪرڻ گهرجي. شش کي ارپڻ جي ڀاونا سان شيوا ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان منش جو آپو ختم ٿيندو ويندو. سوامي هري پرڪاش هٿ ڪمار نگر ۾ ستسنگ جو ٻج ڇٽيو. پياري سنت پهلاج پرڪاش اُن پريم جي پوڌي کي سينچيو آهي. توهانکي ڌنيواد آهي جو هر سال هي اُتسوُ آيوجت ڪريو ٿا. انهن اُتسون جي مراد اِها آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني پريوءَ کي ياد ڪريون. توهان پريوءَ جي ڪمل چرنن ۾ پاڻ ارپڻ ڪريو تہ اوهان تي اوس پريوءَ جي آسيس چمڪندي.

رشي ناردمني ڀڳوان شري نارايڻ جي تمام ويجهو هوندو هو. ڀڳوان کيس، ڏاڍو ڀائيندو هو. هڪ دفعي کيس من ۾ اهنڪار پيدا ٿيو تہ هوُ ڀڳوان جو مهان ۽ اُتم ڀڳت آهي. اهڙو ايمان ڀاو ڏسي ڀڳوان نارايڻ کيس چيو ’نارد، اڄ منهنجي پيٽ ۾ سخت سور آهي.‘ نارد پڇيو ’سوامي، ان جو ڪو علاج؟‘ ڀڳوان وشڻوءَ وراڻيو ’منهنجو ڪوئي اُتم ڀڳت پنهنجي هٿن سان پنهنجي دل ڪپي ڏي تہ مان نيڪ ٿي ويندس.‘ ناردمني هڪدم ڪنهن اُتم ڀڳت جي دل وٺي اچڻ لاءِ نڪتو. هن ڪيترن ئي سنتن ڀڳتن کي دل ڪپي ڏيڻ لاءِ وينتي ڪئي، مگر هرڪنهن انڪار ڪيو. آخر گهڻي وقت کان پوءِ کيس هڪ اهڙو پريوءَ جو ڀڳت مليو، جنهن پريوءَ لاءِ پنهنجي هٿن سان پنهنجي دل ڪڍي ڏني. ناردمني اُها دل کڻي ڀڳوان وشڻوءَ وٽ آيو. ڀڳوان چيس ’پيارا، تو ڏاڍي دير ڪئي.‘ نارد وراڻيو: ’ڀڳوان، اُتم ڀڳت ملڻ ۾ دير ٿي ويئي جو دل ڪڍي ڏئي.‘ ڀڳوان وشنوءَ مشڪندي چيو ’پيارا نارد، تون بہ تہ منهنجو پرم پيارو ڀڳت آهين.‘ اِهو ٻڌي ناردمني لڄي ٿيو ۽ هن محسوس ڪيو تہ ڀڳوان سندس اهنڪار کي ختم ڪرڻ لاءِ منهنجو امتحان ورتو، پر مان سڦل نہ ٿيس. رشي نارد ڀڳوان جي چرنن تي ڪري کميا ياچنا ورتي. جنهن ڀڳت ڀڳوان لاءِ پنهنجي دل ارپڻ ڪئي، ڀڳوان اُن کي ساکيات درشن ڏيئي نوُبنو ڪري ڇڏيو.

پريميو، سچو ڀڳت پنهنجي گروءَ کي، پنهنجي اشٽ کي، ڀڳوان کي سڀ ڪجھ ارپڻ ڪري ٿو. هوُ پنهنجي سک سهنج جو خيال نٿو ڪري. ڀڳت کي ڪڏهن بہ اهنڪار نہ ڪرڻ گهرجي . اهنڪار آپو جيو کي ڪيرائي ٿو.

۱۷ مئي پوجنيہ سواميڄن ماليگانوَ ۾ پڌاريا. پوجنيہ سواميڄن پر اُپڪار جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ ڇٻي ڇٽي ڳالهائجي هڪ اُٽسهائيندڙ لفظ بہ ڪافي نقصان پهچائي سگهي ٿو. پراڻي حالن ۾ هڪ پيارو ڪوهر وڪڻندو هو. هڪ دفعي وتايو فقير رستي تي اُن ڪوهرن واري کي گڏيو. ڪوهرن واري وتايي فقير کي ڪوهر ڪارائي ڍوَ ڪرايو ۽ کيس پاڻي پيئاري ترپت ڪيو. ڪوهرن واري فقير کي عرض ڪيو تہ ڪوهرن جو ڇبو کڻي کڻي وار بہ ڪسجي ويا آهن. هاڻي اهڙي ڪا دعا ڪريو جو ڌنوان ٿيان. وتايي فقير چيس تہ لوڻ خريد ڪر. هن پياري درويش وتايي جي وچنن ۾ ويساه رکي مٽن مائٽن کان پئسا وٺي لوڻ خريد ڪيو. کيس ڪافي فائدو ٿيو. ڪجھ ڏينهن بعد وري کيس وتايو فقير گڏيو.

فرمائين ٿا:

اپنا سوارٿ ڇوڙ جو ڪرتا پر اُپڪار،
ڪھ ٽيئون يش هوت هئہ، تانڪا جڳت منجھار.

جڻايو پڪيءَ ڀڳوان شري رام جي ڪيڏي نہ شيوا ڪئي. هن پنهنجا پراڻ بہ ڏنا. ڀڳوان پاڻ پنهنجي هٿن سان سندس انتم ڪريا ڪئي ۽ کيس پنهنجي ڌام ۾ موڪليو. پريو پنهنجي پيارن جي ڪيڏي نہ سار لهي ٿو. اڄ جڻايو پڪيءَ جي ڪيرتي ڳائي وڃي ٿي. پريميو، توهين بہ شيوا ۽ اُپڪار جا ڪاريہ ڪندي تن من ڌن جي قرباني ڪرڻ کان نہ هچڪو. پنهنجو جنم سڦلو سمجھو.

٢٨ مئي آرتوار شام جو آخرين ستسنگ ڪندي پوجنيہ سواميڄن آيوجڪن ۽ ستسنگين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان هت هڪ هفتي لاءِ ستسنگ يگيہ جو آيوجن ڪري اُتم ڪم ڪيو آهي. ساڌن جو ڪم تہ آهي نام جپڻ ۽ نام جپائڻ. محل ماڙيون، مايا، وڏو پريوار هئڻ جيون جو مقصد ڪين آهي. سنت تلسيداس مهاراج فرمائين ٿا:

ست دارا ار لڪشمي، پاپي ڪو ڀي هويہ،
سنت سماگم هري ڪٿا، تلسي درلڀ دويہ.

نرينا ڳوٺ ۾ ڀڳوان شري رام جو سندر مندر هو. اُتي هڪ دفعي سنت دادو رهيل هو. اُن مندر ۾ خاص چترڪاري ٺهيل هئي، انڪري ماٺهن جي ڏاڍي ڀيڙ رهندي هئي. ان سبب دادو مهاراج کي ڀڄن ۾ رنڊڪ محسوس ٿي. سندس من ۾ خيال آيو تہ جيڪڏهن هتي هھڙي سندر چترڪاري نہ هجي ها تہ روز ايترا سارا درشڪ ٿوروئي اچن ها ۽ منهنجي ڀڄن ۾ بہ ڀنگہ نہ پوي ها. سنت دادوءَ جي سنڪلپ ماتر سان ئي مندر جي چترڪاري هڪدم مٽجي ويئي. ان گهٽنا ڪانپوءِ اُن مندر ۾ تمام ٿورا ماٺهو ايندا هئا. جن کي ڀڳوان رام لاءِ شرڌا هوندي هئي. سنت عام ماٺهن جي ڀيڙ ۽ رونشو کان پري ڀڄن ٿا. اِهي ڳالهيون ڀڳوت ڀڄن ۾ رڪاوٽون آهن. پريميو، توهين بہ روز ڪجھ وقت دنيوي ڪمن کان پاسيرو ٿي نام چنتن ڪريو. پر اُپڪار ۽ ديا جا ڪم ڪريو.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ سوامي ماڌوداس مهاراج جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميڄن ٤ جون اجمير آدرش نگر سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ پڌاريا. ٥ جون شام جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ سوامي ماڌوداس پريم پرڪاش منڊل جو مکيہ سنت هو. هن سنت سنڌ حيدرآباد ۽ هت اجمير ۾ اچي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي، ديش وديش ۾ وڃي نام جو سنديش ڏنو. پشڪر ۾ هن سنت سندر مندر نهرايو، جو سندس امر يادگار ٿي رهندو. سوامي ماڌوداس ڏاڍو محبتي انسان هو. دان پنج بہ دل کولي ڪندو هو. هن پياري نر ايهان ٿي نشڪام نموني مايا سڪرت جي ڪمن ۾ لڳائي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

موھ نهين، ممتا نهين، نهين جانڪو ايمان،

٢٣ مئي رات جو پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو: پريميو، اڄا بہ توهانکي پرڀوءِ وجهہ ڏنو آهي. ديا ڌرم جا ڪم ڪريو. پنهنجا سواس سمرڻ ۾ ۽ مايا دان ۾ سڦلي ڪريو. دل ۾ ديا ڀاونا ڌارڻ ڪيو. ديا کان سواءِ منش پسوءَ کان بہ بدتر آهي. ستگرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ڪهہ ٽيئون تم چيت لي، اب ڪڇهہ بگڙي نانهہ،

ديا ڌرم شڀ ڪرم ڪر، هر سمرڻ من مانهہ.

اشوٿاما دروپدي جي پنڃن ئي پٽن کي سمهڻ وقت ماري ڇڏيو. تڏهن شري ارجن کيس مارڻ لاءِ پڪڙي دروپديءَ وٽ وني آيو. دروپديءَ جي دل ۾ ڪيڏي نہ ديا، جو هن شري ارجن کي چيو تہ اشوٿاما اسانجي گروءَ جو پٽ آهي. هن کي ماري ختم ڪرڻ سان اسانجي گروءَ جي پتنيءَ کي بہ اهڙو دک ٿيندو، جهڙو مونکي پنهنجي ٻچن جي مرتيوءَ سبب ٿيو آهي. آندا هرڪنهن کي پيارا ٿيندا آهن. ان ڪري اشوٿاما کي نہ ماريو، کيس ڪرپا ڪري آزاد ڪريو. پنهنجي پٽن جي قاتل کي ائين ڇڏي ڏيڻ، ڪتريءَ لاءِ روا ڪين آهي، پر شري ارجن دروپديءَ جي ديا ڀاونا سبب اشوٿاما کي جيئدان ڏنو. پريميو، توهان بہ ديا پريم جي جوت جڳايو.

٢٤ مئي رات جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ سچو شش نہ صرف پاڻ گروءَ جي سڌانتن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي ٿو، پر ڪشٽ ڪليش سهي بہ ستگرن جو سنيهو ٻين کي پهچائي ٿو. ستگرو مهاراج بہ اهڙي ششيہ جو ورڻن ڪندي چون ٿا:

سوامي آگيا ۾ رهي، سهي سيس پر دوک،

ڪهہ ٽيئون سيوڪ وهي، جو نهين چاهت سوک.

هڪ دفعي گوتم ٻڌ پنهنجي هڪ ششيہ کي هڪڙي ڳوٺ ۾ اُپديش ڏيڻ لاءِ آگيا ڪئي. شري گوتم ٻڌ کيس تاڪيد ڪندي چيو تہ ڳوٺ جا ماڻهو نيڪ نہ آهن. گلا ڪندي، گهٽ وڌ ڳالهائيندي دير ڪين ڪندا آهن. ششيہ چيو ’سائين، منهن سان گهٽ وڌ ڳالهائيندا، گلا ڪندا، هٿن سان ماريندا تہ ڪين. وري بہ چڱان چئبا.‘ گوتم ٻڌ چيو ’پيارا، هٿن سان ماري بہ سگهن ٿا.‘ ششيہ چيو ’ڪا وڏي ڳالهہ ڪونهي. هٿن سان لٺ يا ڏنڊو هڻندا، ٻيو ڇا ڪندا! مان تڏهن بہ شڪر ڪندس.‘ مهاتما ٻڌ چيو ’پيارا، اُهي ماڻهو توکي تلوار بہ هڻي سگهن ٿا. ششيہ چيو ’مهاراج، جيڪڏهن مونکي اُپديش ڪندي، اُنهن کي سنئين راهہ ڏيکاريندي، تلوار بہ لڳم تہ پرواهہ ڪين آهي، ڇاڪاڻ تہ اوهان جي آگيا جو پالن ڪندي ارڦات ستسنگ ڪندي جيڪڏهن مان شاريرڪ طرح ختم ٿي ويس تہ جنم سڦلو آهي.‘

گوتم ٻڌ ششيہ جو جواب ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کيس آشيرواد ۽ ڌنيواد ڏنائين.

٢٥ مئي رات جو پوڄنيہ سواميڄن ’شيوا‘ جي وشيہ تي پروچن ڪندي چيو تہ: سچو شيوڪ پنهنجي پراڻن جي پرواهہ نہ ڪندي شيوا مارگ ۾ اڏگہ رهي ٿو. ستگرو مهاراج

مهان پچنيڪ تہ هئا، پر ساڻ ساڻ غريب مسڪينن جي سار بہ لهندا هئا. گهڻو ڪجهہ ۾ ڪيترن سفيد پوش گهرن ۾ ان موڪليندا هئا. ڪپڙا موڪليندا هئا. پاڻ آگيا ڪندا هئا تہ امراپور استان تي پچن ۽ پوڄن جو ڀنڊارو سدائين چالو هئڻ گهرجي. ڪوبہ اتٿي اچي تہ پرسن ٿي وڃي. استان تي اڌ رات جو بہ جيڪڏهن ڪو سنت يا گرهستي ايندو هو تہ اُن جي شيوا ٿيندي هئي.

پريميو، توهان بہ نام سمرڻ سان گڏ دان پڇ بہ ڪريو. جيڪي هن جنم ۾ ڀوڪيندا، اُهو اڳتي هلي لٽندا. ودرپ جو راجا سويت، مهان تپسوي هو. ان ڪري اسٿول شرير ڇڏڻ بعد سندس برهم لوڪ ۾ واس ٿيو. پر اُتي کيس بک اُڃ ستائڻ لڳي. تڏهن هن برهما کان پڇيو تہ هت برهم لوڪ ۾ اُڃ بک نہ لڳڻ گهرجي، پوءِ مونکي اُڃ بک ڇو وياڪل ڪري رهي آهي؟ برهما وراڻيو: ’پيارا، تو اڳئين جنم ۾ تپسيا تہ خوب ڪئي، پر بکئي کي کين کارايو. ڪنهن پياسيءَ جي پياس پوري نہ ڪئي. ڪنهن اتٿيءَ جو آدرستڪار ڪري کيس پوڄن کين کارايو. بکين دکين کي دان کين ڏنو. ان ڪري توکي اُڃ بک ستائي رهي آهي.‘ پريميو ان ڪري گيان ۽ دان ٻئي ضروري آهن. سمرڻ سان گڏ ضرور تن من ڌن جي خدمت ڪريو. ڪنهن اُگهاڙي کي ڍڪيو تہ پربو توهان کي ڍڪيندو. ڪنهن پياسيءَ جي پياس پوري ڪندءَ تہ پرماتما توهان جي پياس پوري ڪندو.

۱۱ جون آرتوار صبح جو ۱۱ بجي آشرم ۾ جنتا جناردن پريشد جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ پرم پوڄنيہ سواميڄن جي پرڌانپٽي هيٺ رکي ويئي. پياري ڀاءُ شيوڪرام ونواڙيءَ ڪاريہ جي رپورٽ پڙهي. ديال آشا ڀڏايو تہ ايشور جي آسيس ۽ پرم پوڄنيہ سواميڄن جي ڪرپا سان پريشد طرفان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. انڪري خرچ وڌي ويو آهي. سڀ دل کولي سهيوگہ ڏيو. پوڄنيہ سواميڄن يارهان هزار روپيا ڏنا ۽ پريمين پڻ شيوا ڪاريہ لاءِ دان ڏنو. پوڄنيہ سواميڄن آسيس ڪندي چيو تہ گهبرايو نہ خوب شيوا ڪريو. پربوءِ پاڻهي توهانجا ڀنڊارا ڀريندو.

۱۲ جون صبح جو ۹ بجي پوڄنيہ سواميڄن، سوامي ٽيئونرام منڊلي سنڌو نگر ۲ ۾ امرت ورکا ڪئي. ۱۳ جون شام جي ستسنگ ۾ پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ سڀاڻي رات جو وديش ياترا لاءِ وڃي رهيو آهيان. سنگت ۾ صاحب ٿيندو آهي. اوهان سڀ آسيس ڪندا. جيئن سفر سک سان ٿئي. ۱۴ جون صبح جو پوڄنيہ سواميڄن پريمين کان موڪلائي بمبئي روانا ٿيا ۽ شام جو پريم پرڪاش منڊلي ماٽونگا بمبئي ۾ ستسنگ ڪيائون. اڌ رات جو پوڄنيہ سواميڄن وديش ياترا لاءِ روانا ٿيا. سوين پريمي هوائي اڏي تي پوڄنيہ سواميڄن کان آسيس وٺڻ آيا.

۱۴ جون رات جو پوڄنيہ سواميڄن بمبئيءَ مان وديش ياترا لاءِ روانا ٿيا. هوائي اڏي تي پريمين ستگرو مهاراجن کان آسيس ورتي. ۱۵ جون پوڄنيہ سواميڄن هانگہ ڪانگ ۾ پڌاريا. شام جو پريم پرڪاش مندر ڪولون هانگ ڪانگ ۾ پوڄنيہ سواميڄن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. سنت نام ديو، پياري مني، پياري هوتچند واڌواڻيءَ پوڄنيہ سواميڄن

ڪھ ٽيئون تان سنت پر، وارون تن من پران.

پريميو، توهان سڀاڳيشالي آهيو جو اهڙي سنت جو توهان کي سنگ مليو. سنت جو سنگ جيءَ کي سنت بڻائي ٿو. پارس، لوھ کي سپرش ڪري تہ اُن کي سون بڻائي ڇڏي، پر جنهن کي سنت جو سنگ ملي ٿو، سنت ان کي پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏين ٿا.

پارس مڻ ار سنت ۾، بڙو انتر جان،
وو لوها ڪنچن ڪري، وو ڪرلي اپ سمان.

٦ جون سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پريميو، توهان کي ڏنواد آهي جو ڏاڍي اُمنگ ۽ اُتساھ سان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسوَ ملهايو ٿا. هڙن اُتسون ۾ شريڪ ٿي ڀڳوان کان، ستگرن کان، سڀني سنتن کان آشيرواد وٺون. جيئن اسانجي هڏي نرمل ٿئي. گرو امرداس جن فرمائين ٿا تہ جيڪڏهن پريوءَ کي پرسن ڪرڻ چاهيو ٿا تہ:

تن من ڌن سڀ سونپ گر ڪو، حڪم مڃي پائيئي.

پريميو، پنهنجو تن من ڌن ارپات سروَسوَ ستگروءَ جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪريو ۽ پريوءَ جي حڪم تي راضي رهو. جيئن پريو ڪري اُن کي خوشيءَ سان قبول ڪريو. پوءِ پريو اوس اسان تي پرسن ٿيندو. ماياوي پدارٿن ۾ ممتا نہ رکو. دنيا ۾ نشڪام مئنيجر وانگر رهو. نعفو ٿئي يانقصان، ان جي چنتا نہ ڪريو. جنهن حالت ۾ جو ڪجھ آهي، سو پريوءَ جو آهي، پوءِ ڇو اسين دکي سکي ٿيون! سک سنساري پدارٿن ۾ ڪين آهي. جيڪڏهن ائين هجي ها تہ راجا ڀرتري محلات، راجائي سک ڇڏي ڇو وئراڳي ٿئي ها لکن وارا بہ دکي آهن تہ ڪروڙن وارا بہ دکي آهن. ڏيئن وارا بہ دکي آهن تہ پلن وارا بہ دکي آهن. چانديءَ جي برتن ۾ کائڻ وارا بہ دکي آهن تہ ايئرڪنڊيشن ڪارين ۾ گهمڻ وارا بہ دکي. پر جن پريوءَ جي اوٽ ورتي آهي سي آهن سدا سکي.

نانڪ دکئا سگل سنسار.

پريميو، ان ڪري سنتن جو سنگ ڪري خوب نام جپيو. پريوءَ سان ڪو نہ ڪو ناتو جوڙي سمرڻ ۾ جيون سڦل ڪريو.

٧ جون شام جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ سنتن ۾ شڪتي آهي، پر اُنهن جي نالي ۾ بہ شڪتي آهي. هڪ دفعي جئپور جي ڏيرج پورا ڳوٺ ۾ اچي زبردست باھ لڳي. دادو پنٿي سنت منشارام جي ڪن پريمين، اگني ديوتا کي هٿ جوڙيندي چيو تہ توکي سنت منشارام جو قسم آهي، هاڻي شانت ٿي وڃ. پريمين جي ائين چوڻ سان باھ هڪدم جهڪي ٿي وئي. پريميو، جيڪڏهن پنهنجي اندر وڪارن جي آگ اُجهائڻ چاهيو ٿا تہ رات ڏينهن زبان سان، من سان ۽ سواسن سان نام جپيو. ستگرو مهاراج پڻ پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

انتر باهر رئن دن، پولو نا هرنام،
جهوامنوا پران سي، ڪھ ٽيئون رٽ رام.

٨ جون شام جو ستسنگ ڪندي پوجنيہ سواميڄن چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج

چئني ڄڻن چيس، حاضر، توکي ڪار ڪيچڙ مان ڪڍي ٿا ڏيون، پر اُن لاءِ توکي خرچي ڏيڻي پوندي. شاهوڪار هڪدم ها ڪئي. چئني ڄڻن همت ڪري ڪار ڪيچڙ مان ٻاهر ڪڍي. اُن شاهوڪار کين خرچي ڏيئي خوش ڪيو ۽ وقتائتي مدد لاءِ کين ڌنيواد به ڏني. اُن ڌنوان هنن کان پڇيو ته توهان ڪهڙو ڌنڌو ڪندا آهيو؟ اُنهن وراڻيو ته اسان رستي تي ڪيچڙ ڪري راهگيرن کي زوريءَ تنگ ڪري، اُنهن کي ڪيچڙن مان ڪڍي خرچي وٺندا آهيون. شاهوڪار اِهو جواب ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو. پريميو، اهڙا ماڻهو پنهنجي گذران لاءِ ٻين کي اوکي ۾ وجهي اپراڌ ڪن ٿا. اوهين ائين نه ڪجو. پنهنجي گذران لاءِ يا پنهنجي سک سهنج لاءِ ٻئي کي ڪشٽ نه ڏيو. ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو. سچ جي ڪمائي ڪريو.

١٧ جون پريم پرڪاش مندر ۾ پوڄنيه سوامي جن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته جنهن مزوري ورتي سو مالڪ ڪين ٿيندو. جيڪو نشڪام ڀاونا سان ڪم ڪندو، سو اڳتي هلي مالڪ ٿيندو. مزور جيڪڏهن ڪا غلطي ڪندو آهي ته انجي غلطي سهي نه سگهبي آهي، پر جي ڪو سيواڌاري غلطي ڪندو آهي ته اُن کي پيار سان سمجهائبو آهي. ڀڳت به ڀڳوان کان دنيوي وستو ڪين ٿا گهرن. نشڪام ڀاونا سان ڀڳتي ڪن ٿا. اُهي ڀڳت پريوءَ کي پيارا آهن. راجا ڀرتري سنساري راڄ ڀاڳ جو تياڳ ڪري جنگهل ۾ رهندو هو. هُو اٽو ڳوهي ڇيڻن جي رک ۾ پچائي کائيندو هو. هڪ ڏينهن پارپتيءَ ڀڳوان شنڪر کي چيو ته تون پنهنجن پيارن جي پوري سنڀال نٿو لهين. تنهنجو ڀڳت ڀرتري پيو ڦڪي روٽي چباري! مان ٿي وٽس لوڻ کڻي وڃان. پارپتي لوڻ کڻي ڀڳت ڀرتريءَ وٽ آئي ۽ پڇيائينس ته توکي ڇا گهرجي. ڀرتريءَ چيو جيڪي گهربو هو سو ته ڇڏي آيس. هاڻي ڪجهه ڪين گهرندس. پارپتيءَ چيو ته نه گهرندين ته سراپ ڏيندي سانءِ. آخر ڀرتري هريءَ چيو ’ماتا، مونکي اِهو ور ڏي ته تو کان ڪجهه گهران ته به نه ڏجانءِ.‘ ماتا پارپتي ڀڳت ڀرتريءَ جي اهڙي تياڳميه ورتي ڏسي دنگ رهجي ويئي ۽ واپس اچي ڀڳوان شنڪر کي احوال ڏنائين. ڀڳوان شنڪر چيس ’پارپتي، اهڙا ائي منهنجا تياڳي ڀڳت، جي نرانڇ ٿي ڀڳتي ڪن ٿا.‘ پريميو، توهين به نرانڇ ٿي نام جو سمرڻ ڪريو ته پريوءَ جي توهان تي اسيم ڪرپا ٿيندي.

١٩ جون شام جو پريم پرڪاش مندر ۾ پهرين پياري ٽوپڻداس، سنت اننت پرڪاش ستسنگ ڪيو. ان بعد پوڄنيه ستگرو مهاراڄن امرت ورکا ڪندي چيو ته جيڪڏهن توهين چاهيو ٿا ته ستگرو توهان کي پيار ڪري ته گرو منتر جو جاپ ڪيو. هلندي چلندي نام جپيو. پرماتما سنتن کي سنسار ۾ نام جپائڻ لاءِ ئي موڪليو آهي. سنت پريوءَ جا ايجنٽ آهن. جيئن ڪنهن ڪمپنيءَ جا ايجنٽ پنهنجي ڪمپنيءَ جي مال جي مشهوري ڪندا آهن، تيئن سنت جتي ڪٿي وڃي پريوءَ جو پيغام ڏين ٿا. پريوءَ جو نام سکدائي آهي. اهڙي نام سان پريت رکو. نام جپڻ اُتم ڪرم آهي. گروجن به نام جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

سڳل ڌرم ۾ اُتم ڌرم، سڳل ڌرم ۾ اُتم ڪرم.

سواس سواس سان جئه شري ڪرشن چئو ته توهانجا سواس سڦلا ٿيندا.

جو سواڳت ڪيو. پهرين سنت اننت پرڪاش پچن ڳايو. ان بعد پوڄنيہ ستگرو مهاراڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پرڀوءَ جي شرن وڃي جو اسانکي هن سنسار ساگر مان پار پهچائي. پرماتما سمرٿ آهي، انترڀامي آهي، سرووياپي آهي ۽ ساڻ ساڻ ديالو آهي. اهڙي داتار جي در تي پڪارينداسين تہ اوس اسانجا ڏک درد دور ڪندو. ستگرو مهاراج بہ پنهجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

رام ڀروسا راکہ تم، اور ڀروسا تياگ،

کہ ٽيئون هر شرڻ لي، کولو اپنا ڀاڳہ.

ڪنهن شخص جي ٻڪري ڏاڍي ڏهري ٿي پئي. کير تہ ڪونہ ڏيندي هئي پر سندس ڪاڏو بہ تانوڻ. اهو شخص ان ٻڪريءَ کي جهنگل ۾ ڇڏي آيو. ٻڪري ويچاري هلڻ کان بہ هلاڪ هئي. اوچتو ان جهنگل ۾ هڪ شينهن آيو. هو سامهون ٻڪريءَ کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو تہ سندس خوراڪ تيار آهي. ٻڪري سامهون شينهن کي ايندو ڏسي پڇي ڪين، ڇاڪاڻ تہ منجهس ڊوڙڻ جي طاقت ڪين هئي. جيئن ئي شينهن سندس ويجهو آيو تہ هوءَ شينهن اڳيان ڪنڌ جهڪائي نماڻي ٿي بيهي رهي. شينهن عجب ۾ پئجي ويو تہ ساڌارڻ طرح ٻڪريون، گدڙ ڪيس ڏسي ڀڄڻ جي ڪوشش ڪندا آهن، پر هيءَ ٻڪري سندس اڳيان ڪنڌ جهڪائي بيٺي آهي. هن ويچار ڪيو تہ هيءَ ٻڪري منهنجي شرڻ ۾ آئي آهي. شرڻ آئي جي رکشا ڪجي. شينهن ان ٻڪريءَ کي چنبو هڻي لقمو ڪين بڻايو. هن هاٿيءَ کي گهرائي حڪم ڪيو تہ هن ٻڪريءَ کي روز پٺيءَ تي چاڙهي وڻن جا پن ۽ ڦل کارائي ايندو ڪر. شينهن جي حڪم موجب هاٿي ٻڪريءَ کي روز پٺيءَ تي چاڙهي وڻن جا پن ۽ ڦل کارائي ايندو هو. ٻڪري ساوا ساوا پن ۽ ڦل کائي نوبني ٿي پيئي ۽ شينهن جا شڪرانا مڃڻ لڳي.

پريميو، شينهن شرڻ آيل ٻڪريءَ جي رکشا ڪئي. ڇا پرڀو اسانجي رکشا نہ ڪندو! اننيہ ڀڳتي ڀاونا سان پرڀوءَ جي شرڻ وڃو تہ پرڀو اوهانجو ڪلياڻ ڪندو.

١٦ جون شام جو پريم پرڪاش مندر هانگ ڪانگ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ سدائين شڀ ڪرم ڪريو. پاپ ڪرم کان پاسو ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

توڙي جيون هيت، تم ڪرو نہ پاپ اجان،

کہ ٽيئون من جيت ڪر، پٽيہ ڪرو پرڏان.

پنهنجي سوارٿ لاءِ ٻئي کي تڪليف ۾ نہ وجهجي. ڪن ڪن ماڻهن جو اهڙو سڀاءُ ٿيندو آهي جو جيري لاءِ ٻڪري کهندا آهن. ڪي وري پاڻ کي نقصان پهچائي بہ ٻي جو وڏو نقصان ڪرڻ چاهيندا آهن. اِها پرورتي نيڪ نہ آهي. ٻئي کي هاڃي رسائڻ ڏک پهچائڻ پاپ آهي.

ڪانياواڙ ۾ هڪ شاهوڪار جي ڪار ڦاسي پيئي. شاهوڪار منجهي پيو. اُتي اوچتو چار جٽا آيا. شاهوڪار کين چيو مهرباني ڪري مونکي هن ڪيچڙ مان ڪار ڪڍي ڏيو.

جيتي سک سنسار ۾، سي سڀ ستسنگ مانھ،
اننت پاپي تر گئي، جن ڪي گنتي نانھ.

پريميو، ڀلي گھر گرھست ۾ رھو، پنھنجا ڌنڌا وھنوار ڪريو، پر روز ڪجھ وقت ستسنگ روپي نديءَ ۾ اچي سنان ڪريو. سنان ڪبو آھي تہ پاڻي لھي ويندو آھي. پوءِ ڪوئي چوي تہ پاڻي تہ وھي ويو، باقي سنان ڇو ڪجي! سنان ڪرڻ سان ٿورو گھڻو پاڻي بدن تي رھجي ويندو آھي ۽ اُھو بہ انگوڇي سان اُگھي ڇڏبو آھي، پر لڱ آلا ھوندا آھن. سرير سيتلتا محسوس ڪندو آھي. بدن تندرست رھندو آھي. پاڻيءَ جي سپرش ڪري ماڻھو پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪندو آھي. جنھن ڏينھن سنان نہ ڪبو آھي، تنھن ڏينھن بدن ۾ تازگي نہ رھندي آھي. تيئن ستسنگ ۾ جھٽ پلڪ اچڻ سان ڀلي سڀ ڳالھيون ياد نہ پون، پر من جا مونجھارا مٽجي ويندا آھن. ستسنگ ۾ ڪنھن سنت مھاتما جي درشن سان بہ من جي تپت دور ٿي ويندي آھي، من سيتل ٿي ويندو آھي. سنتن جي سکيائن شروڻ ڪرڻ سان انتھڪرڻ شڌ ٿيندو آھي. ستسنگ جي پرڀاو ڪري ڪيترائي پاپي بہ ھن سنسار ساگر مان پار تري ويا. پريميو، ستسنگ جي وڏي مھما آھي. سنت تلسيداس مھاراج پڻ ستسنگ جي مھما ڳائيندي چون ٿا:

’تلسي ھر ھئن ھردي اندر، ساڌ سنگت بن ھاٿ نہ آوي.‘

پرماتما توھانجي اندر وياپڪ آھي. توھان خود ست چت آنند روپ آھيو. پر اِھا پروڙ توھان کي سنتن ستپرکن جي سنگہ ڪرڻ سان ئي پوندي. ان ڪري سنتن جو سنگ ڪريو. نت نيم ستسنگ ۾ اچي سنتن جا واڻيءَ روپي ھيرا لعل ھٿ ڪريو. اُن واڻيءَ جي ساکي پنھنجي جيون ۾ ڏيو.

پريميو، توھان داس کي ڪيڏو نہ قرب ڏنو آھي. توھان ڀلي وديش ۾ رھو، پر پنھنجي وطن ۽ ماتري ڀاشا سنڌيءَ کي نہ وسارجو. پياري سنت نامديو کي مندر ھلائڻ ۾ پورڻ سھيوگہ ڏيندا رھو.

٢٣ جون پرم پوجنيہ سواميجن ٽوڪيو جپان ۾ پڌاريا. اُتي ھوُ منڊليءَ سھت پياري ڀڳونداس ۽ ايشوري ڏاسواڻيءَ جي گھر ۾ رھيا. پوجنيہ سواميجن پنج ڏينھن جدا جدا گھرن ۽ ھندن تي امرت ورکا ڪري، پريمين جي پياس پوري ڪئي. ھنن پروچن ڪندي چيو تہ توھان ڀلي جپان ۾ ڪروڙ ڪمايو، پر پرماتما کي نہ وساريو. نت نيم پرڀوءَ ۽ ستگرن کي سک سان ياد ڪريو، پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ڪرڻ سان توھانکي آتمڪ شڪتي ملندي، توھانجا دکہ دور ٿيندا. پرارٿنا ۽ پرشارٿ دواران توھان سکي ٿيندا. ونھوار لاءِ پرشارٿ ضروري آھي. ڪاڏي کوھ بہ کٽي ويندا. پرشارٿ ڪريو، پر اُن ۾ سچائي ھجي. مايا کٽي ڪرڻ لاءِ ڪوڙ نہ ڳالھايو. ستگرو مھاراج بہ فرمائين ٿا:

پرارٿنا ڪر پريم سي، پڻ پرشارٿ تات،
کھ ٽيئون ان کي ڪيئي، ھووي توَ ڪشلات.

۲۰ جون پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ ڀڳوان پاڻ نرمل آهي. تہ اسين بہ نرمل ٿيون. گدلي کي کير پاڪر پائيندو. هن وقت اسين گدلا آهيون. اسان جي من تي وڪارن جي مئل چڙهيل آهي. اسين نرمل ڪيئن ٿيون؟ جڏهن اسين ڪنهن سنت مهاتما جو سنگ ڪنداسين تہ هو اسان کي نام پدارٿ ڏيندو. اُن نام دواران ئي اسين نرمل ٿينداسين. ’نام جپڻ من نرمل هوءِ.‘ گرو جن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ اِها سکيا ڏين ٿا. نام چپن سان نہِ پر دل سان جپجي. ڏيان ڪجي دل ۾. طعام سڀ سنا، پر جيڪو طعام طبيعت تي ڀانءِ پوي، سو کائجي. تيئن ساڌن سڀ سنا، پر جيڪو ساڌن ٻوجهہ نہ هجي تہ اُن ساڌن اپنائڻ سان چت پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ لڳندو. پريميو، نوٽ بہ ڪاغذ جا آهن. رواجي نوٽ جيترو ڪاغذ هجي، توهان اُن کي ٻجوڙيءَ ۾ سانڍي ڪين رکندءُ. نوٽن تي سرڪاري مهر لڳل آهي. اِن ڪري اُن ڪاغذ جو ملهہ آهي. تيئن ماڻهو تہ ڪروڙين، اُنهن جو ملهہ ڪونهي. پر سنتن تي نام جي مهر لڳل آهي، ان ڪري اُنهن جو وڏو مهتو آهي. نام جپڻ ڪري اُنهن جو جتي ڪٿي شان ٿئي ٿو. توهين بہ خوب نام جپيو. سنت ڪو آسمان مان لهي ڪين آيا آهن. سڄو پرتاپ نام جو آهي.

۲۱ جون شام جو پوڄنيہ ستگرو مهاراج پروچن ڪندي چيو:

هٽ هاري هل، من ماري هل، داتا جي دربار ۾....

پريميو، من جي هوڏ وڃايو. هوڏي هني هارائي ٿو، ڪمياوارو ڪٿي ٿو. من کي اُبتو ڪريو تہ نم ٿيندو. جيڪو نمي ٿو سو ئي ايشور ۽ گروءَ جو ڪرپا پاتر ٿئي ٿو. ڪنهن ساڌڪ هڪ مهاتما کان پڇيو تہ سنت ڪنهن کي چئجي؟ مهاتما وراڻيو ’جو من جو ڪري انت، سو ئي سچو سنت.‘ من جا غلام نہ ٿيو. من مايا جي پئداش آهي. جهڙي مايا چنچل است، تهڙو من بہ. من جي رفتار سج جي روشنيءَ کان بہ تکڙي آهي. گهر ويٺي من ڪيڏا نہ ڦرنا ڪري ٿو. ڪٿي ڪٿي پهچي وڃي ٿوا من منش کي ڀٽڪائي ٿو. وشيہ واسنائن ڏانهن گهلي وڃي ٿو. پنهنجي من کي وس ۾ رکڻ جو يتن ڪريو.

’هي من باندر ڀولو آهي.‘ باندر ڪيئن نہ پيو ٽپا ڏيندو آهي. اسانجو من بہ ائين پهر ٽپا پيو ڏئي، نہ صرف جاڳرت اوسٿا ۾، پر ننڊ ۾ بہ پيو ٽپا ڏئي. ان من روپي باندر کي وس ۾ رکو. من جيتي جڳ جيت. اڄ گيارس آهي. رات جو ويهي خوب نام جپيو. نام جپڻ ۾ من لڳي نہ لڳي تہ پرواهہ نہ ڪريو. آهستي آهستي توهانجو من نام ۾ لڳندو. من ٽپا ڏيئي ڏيئي نيٺ تہ ٿڪجي پوندو. ٻار کي جڏهن ننڍي هوندي اسڪول ۾ ويهاريو آهي تہ سندس من پڙهڻ ۾ نہ لڳندو آهي، هوُ ڪيترا دفعا گهر ڀڃي ايندو آهي. اسانجي بہ اهڙي حالت آهي. فڪر نہ ڪريو، ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهانجي چت جي ورتي نام سان اوس جڙندي.

۲۲ جون شام جو پوڄنيہ سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو:

هرڪا نام اوها سنگ توسا.

١ جولاءِ پياري موهن ۽ راڌا ڪيسواڻيءَ جي ڌيءَ جو مڱڻو، سندن گهر ۾، پرم پوڄنيه سواميڄن جي حاضريءَ ۾ ٿيو. ان موقعي تي پوڄنيه سواميڄن مڱيل جوڙي کي آسيس ڪندي چيو ته شادي ٻن آتمائن جو ميل آهي. جلدي توهان جي شادي ٿيندي. گهر گرهست ۾ رهي پرڀوءَ کي نه وسارجو. وڏڙن جي شيوا ڪندا ۽ مريادا ۾ رهندا ته ان ۾ توهان جو جس ٿيندو. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو دکين دريدرن جي خدمت ۾ خرچ ڪجو.

پوڄنيه سواميڄن جدا جدا ڏينهن تي شوڀا ۽ رميش شامداساڻي، گوپ ۽ وينا ماکيجاڻي، گوپ رامچنداڻي، رام منواڻي ۽ ٻين پريمين جي گهرن ۾ ستسنگ ورکا ڪئي.

٥ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن راڌا ڪرشن مندر ۾ امرت ورکا ڪندي چيو ته ڏيڻ وارن جو ئي جڳت ۾ جس ٿئي ٿو. ڏيڻ ۾ ئي آنند آهي. پرماتما اسانکي ڇا ڇا نه ڏنو آهي! اُن جا لک احسان. پرڀوءَ جي ڏني مان ٻين کي ڏيندا ته پرڀو پرسن ٿيندو. اڳي پوءِ مال ته مالڪ جو آهي. اسانکي هٿ جس ڪرڻو آهي. سنت چون ٿا:

جب لگ تيري ديهه هئه، ديئه ديئه ڪڇ ديئه،
ديهه کيئه هو جائيگي، ڪونه کهيگا ديئه.

ماڻهو حيات آهي ته اُن کان هرڪو گهرندو، پر جي گذر ڪري وڃي ٿو، پکيئڙو پرواز ڪري وڃي ٿو ته اُن کان پوءِ ڪير گهرندو. انڪري پريميو، جيسين توهان کي هيءَ ڪايا آهي، مايا آهي، تيسين تن من ڌن ۽ وچن سان، ٻين کي سک پهچايو ته پرماتما وري توهان کي سکي ڪندو.

٦ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پريميو، ڪنهن به ڀڳت جو، سنت ستپرک جو اپمان نه ڪريو. جيڪو ڀڳتن جو اپمان ڪري ٿو، ڀڳوان به ان کي ڪميا نٿو ڪري. راوڻ جڏهن مرڻ وقت ڀڳوان شري رام کان معافي ورتي، تڏهن ڀڳوان شري رام کيس چيو ته مان تنهنجا ڪيل گناهه معاف ڪندس، پر تو جيڪا وڀيشڻ کي لت هنئي آهي، اُها معاف ڪين ڪندس. اُها معافي تون اُن کان وٺ. ڀڳوان پنهنجي پيارن ڀڳتن جو ڪيڏو نه قدر ڪري ٿو. اسان کي به سنتن مهاتمائن جو سنمان ڪرڻ گهرجي. اُنهن سان اهڙو ورتاءُ نه ڪريون جو اُنهن جي آسيس کان وانجهجي وڃون. ڀڳت راضي معنيٰ ڀڳوان راضي. سنت جي شيوا معنيٰ ڀڳوان جي شيوا. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

سب سوارٿ ڪي ميت هئن، بن سوارٿ هئن سنت،
ڪه نيئون تهن سيوسي، راجي هو ڀڳونت.

٧ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن منڊليءَ سمت سئنفرئنسسڪو ڪئليفورنيا ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيه سواميڄن سمتر چاولا جي گهر ۾ رهيا ۽ چار ڏينهن جدا جدا پريمين جي گهر ۾ ستسنگ پروچن ڪيائون. ٨ جولاءِ هندو مندر ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پهرين سنت اننت پرڪاش ڀڄن ڳائيندي ستگرن جي مهما جو ورڻن ڪيو. قابل قاعديدان شري موتيلعل ٻڌاڻيءَ

رام جو نالو پريم سان ۽ ڏکڻو کري ڇئو. جيئن شرير جون سڀئي رڳون نام اُچارين. شرير ۾ ساڍا ٽي لک رڳون آهن. رام ائين ڇئو جيئن رڳ رڳ رام چوي. ٻار ٻه جڏهن ماتا کي اُکير وچان 'امان' پڪاريندو آهي ته ماتا پيا ڪم ڇڏي هڪدم ٻالڪ کي ڇاتيءَ سان لڳائيندي آهي.

رام نام سڀ کو کهي، کهني کا ويچار،
ووهي رام ساڌو کهي، ووهي کهي سنسار.

سنتن جي آستانن تي پوڄن ڪارائيندي ٻه نام جپائيندا آهن. پوڄن ورهائڻ وارا ور ور چوندا آهن: ڦلڪارام، چوڪارام، پاڇي رام. نام ٻه اهڙيءَ ريت جپيو، جيئن ڪک نه ٽيو. دل سان، پيار سان، نام جپيو، ڪم نه ٽپايو. ڪنهن متر وٽ وڃجي. هوُ اسانجي اڳيان ميوي جي پليٽ رکي، پر دل ڏئي نه ڳالهائي، ته ميوي کائڻ تي دل نه ورندي. جيڪڏهن اسين پريم چاهيون ٿا، عزت چاهيون ٿا ته ڀڳوان کي ٻه اسانجو پريم کپي. سؤ مان وارو منش، ڪاڏي پيتي جو بکيو نه ٿيندو آهي، اُن کي ٿورو پيار مليو، عزت ملي ته پرسن ٿيندو. پرڀو ٻه ائين آهي. پرڀوءَ کي سک سان سڏڙا ڪريو ته ڪنهن نه ڪنهن وقت توهانجو سڏ سٽي توهان کي اچي گلي لڳائيندو. پريميو، توهان آئي وئي کي ٻه آدر ڏيو، پيار ڏيو. سنڌ ۾ اناج جي، ڪاڏي پيتي جي ڪوٽ ڪين هوندي هئي. مهمان ايندو هو ته اُن کي ڀڳوان سمجهي اُن جي شيوا ڪبي هئي، ڏاڍو پرسن ٿبو هو. پر هاڻي ماڻهن جون دليون تنگ ٿي ويون آهن. ڪي وري مهمان ٻه اهڙا ٿي پيا آهن جو ميزبانن کي پريشان ڪيو ڇڏين. توهين ائين نه ڪجو. ڏکين بکين جي سار لهو، اُنهن جي خدمت ۾ مايا خرچ ڪري سڦلي ڪريو.

٢٨ جون پرم پوڄنيه سواميڄن ٽوڪيو مان لاس ائنجيلس ڪئليفورنيا ۾ پڌاريا. هوائي اڏي تي ڪيترن ئي پريمين سندن سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن ڀاءُ هيري (هوتچند) واڌواڻي ۽ پدما واڌواڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. پوڄنيه سواميڄن جدا جدا گهرن ۾ ستسنگ پروچن ڪري، پريمين جي پياس پوري ڪئي. ٣٠ جون راڌا ڪرشن مندر ۾ پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته جيڪو رستو جتي پهچائي، اُن رستي جو نالو ئي اُهو پئجي ويندو آهي. آگرا روڊ، آگري پهچائيندو آهي ته اُن جو نالو ئي آگرا روڊ پئجي ويو آهي. ناسڪ روڊ وري ناسڪ طرف وٺي هلندو. سنت، ڀڳت، جيو کي ڀڳوان سان ملائين ٿا. ڀڳوان طرف اسان کي وٺي هلن ٿا، انڪري سنتن کي ٻه ڀڳوان سڏبو آهي. جيڪا ٽرين جنهن منزل تي ڇڏيندي آهي، اُن تي اُهو نالو پئجي ويندو آهي. ديرادون ايڪسپريس آخر ديرادون پهچائيندي. پريميو، انڪري ڪنهن نه ڪنهن مهاتما جي شرڻ وٺو ته اُهو توهان کي پرڀوءَ جي راهه ڏيکاريندو ۽ آخر مالڪ سان ملائيندو. پر رستو وڏو آهي، انڪري ڏيري ڏيري پرڀوءَ سان ملبو. ان راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ نام جي پونجي پاڻ سان کڻو. ست ڪرمن جو سمر ساڻ کڻو ته ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن، توهان وچي داتار جو درشن ڪندا. شري گرو ارجن ديو مهاراج فرمائين ٿا:

جهه مارگ کي گني جاهه نه ڪوسا،

ستگرن کي پريم ۽ شرڌا سان پرارٿنا ڪريو ته توهانکي چارئي پدارٿ. ارٿ، ڌرم، ڪام موڪش پراپت ٿيندا. ستگرو مهاراج پڻ پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

گر ڪو ڪر تم وندنا، شرڌا من ۾ ڌار،
ڪهه ٽيئون اس جڳت ۾، پايه پدارٿ چار.

١٦ جولاءِ مياميءَ جي مسانڪ هال ۾ پوجنيه ستگرو مهاراجن جي ستسنگ پروچن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شروع ۾ ڀاءُ هئري واڌواڻيءَ ۽ سنت اننت پرڪاش پريما ڀڳتيءَ جا ڀڄن ڳايا. ان بعد پوجنيه ستگرو مهاراجن اُپديش ڪندي چيو ته ستپرش اُهو آهي جو سيوا ڀڳتي ڪندي سديوَ سم اوسٿا ۾ رهي، پاڻ نر ايمان رهي، ٻين جي عزت ڪري. گرو مهاراج پنهنجي واڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

سوارٿ بن سيوا ڪري، سب ڪو دي سنمان،
ٽيئون سمتا ۾ رهي، سوئي سنت پڇان.

پريميو، مان سنمان لاءِ ڪابه ساڌنا نه ڪجي. ساڌنا ڪجي پريوءَ پراپتيءَ لاءِ، نه ته ته من دکي رهندو. هڪڙو يوگي ڇهه ڇهه مهنا سماڌيءَ ۾ رهندو هو. ڇهن مهنن کان پوءِ ٻاهر نڪرندو هو. اُن ڏينهن راجا ۽ پرجا انيڪ سوکڙيون ۽ ڀيٽائون سندس چرنن ۾ ڀيٽ ڪندي هئي. هڪ دفعي هڪ مهاتما ان رياست ۾ پڌاريو. راجا اُن سنت کي يوگيءَ جو حال احوال ٻڌائيندي چيو ته جڏهن هو سماڌيءَ مان اُٿندو آهي، تڏهن يوگي ڏاڍو پرسنتا جي مدرا ۾ هوندو آهي. اُن مهاتما وراڻيو ته سنت جي منهن تي سديوَ پرسنتا هئڻ گهرجي. هاڻي جڏهن اِهو يوگي وري سماڌيءَ مان اُٿي ته وٽس نه توهان وڃو، نه پرجا ۽ نه ڪيس سوکڙيون ڀيٽ ڪريو. صرف هڪڙو ماڻهو وڃي. پوءِ ڏسو ته اُن يوگيءَ جي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي. مهاتما جي صلاح موجب جڏهن اُهو يوگي سماڌيءَ مان اُٿيو، دروازو کليو، تڏهن صرف هڪڙي شخص کي ڏسي سندس منهن جو پنو لهي ويو. يوگي ڪيترو وقت ٻاهر ترسيو، مگر نه راجا نه پرجا وٽس درشن لاءِ آئي، نه ڪنهن ڀيٽائون رکيون.

ان سبب هي يوگي ڏاڍو اُداس ٿيو. راجا کي يوگيءَ جي مانسڪ حالت جي پروڙ پئي. راجا محسوس ڪيو ته هي يوگي لوڪ مان سنمان لاءِ ساڌنا ڪري ٿو. سچي سنت کي مان اپمان ۾ هڪ سريکو رهڻ گهرجي.

پريميو، توهان به مان سنمان لاءِ سيوا ۽ ٻيا ڪاريه نه ڪريو. وويڪ انوسار نشڪام ڀاونا سان ڪرم ڪريو ته پرماتما در قبول پوندا.

١٨ جولاءِ پوجنيه سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته دک درد اچي، اُن کان اڳه ۾ ئي خبردار رهجي. چور چوري ڪري وڃي، پوءِ پهريدار رکجي، اُن مان ڪهڙو فائدوا صحت جي خيال کان کاڌي پيتي جي پرهيز ڪبي ته بيماريءَ کان ڇٽل رهبو. تئين نام سمرڻ ڪبو ته مانسڪ بيمارين کان مکت ٿينداسين. چيٽ مهني ۾ سنڌ ۾ گرمي شروع

پوڄنيہ سواميڄن جي جيون ۽ ڪاريہ تي روشني وجھندي چيو تہ ھو مھان ڪرم يوڳي سنت آھن. اسانجا سچا سونھان آھن. پوڄنيہ سواميڄن امرت ورڪا ڪندي چيو تہ پريميوا توھان ڀلي سنساري جوابداريون پوريون ڪريو، ڌنڌا نوڪريون ڪريو، گھر گرھست ۾ رھي سڀ سان چڱيءَ ريت نڀايو، پر روز ڪجھ وقت ايڪانت ۾ ويھي آتم چنتن ڪريو، ڀرڀوءَ کي ياد ڪريو. ستگرو مھاراج تہ ايڪانت جي ايڏي مھما ڪن ٿا تہ جو آنند ايڪانت ۾ آھي، اُھو ديو لوڪ مو بہ نہ آھي:

جو سک ھئہ ايڪانت ۾، سو سک سُر پر نانھ،
ديا ڌرم شڀ ڪرم ڪر، ھر سمرو من مانھ.

١٠ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن لاس انجيلس ۾ واپس آيا. اُتي پياري ھئري واڌواڻيءَ جي گھر ١١ جولاءِ شام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پياري ھئري واڌواڻيءَ، سندس پتنيءَ پدما ۽ ساري پريوار، ڪيڏي نہ پريم ۽ شرڌا سان سنتن جي شيوا ڪئي آھي. ڪين ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مھاراجن لاءِ ڪيڏي نہ شرڌا آھي! پريميو، شرڌا وارو ئي ڪٽيو ڪائيندو آھي. ڀڳوان ۾، ستگرن ۾، پورو پورو وشواس رکي نام جپيو تہ توھانجا ٻيڙا ٻني لڳندا. نام سمرڻ سان گڏ پراُپڪار جا ڪم ڪريو. صرف پنھنجي لاءِ نہ جيئو، پنھنجي سک جي اون نہ ڪريو، ٻين کي بہ سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو. ستگرو مھاراج فرمائين ٿا:

تن من ڌن وڇ پران سي، ڪرنا پر اُپڪار،
ائسا پٽيہ نہ اوُر ڪو، ٽيئون اِس سنسار.

پريميو، پنھنجي شرير، من، وچن ۽ سواسن سان سڀ جو ڀلو ڪريو. سنت ڪبيرداس کان ڪن پريمين پڇيو تہ ڀڳوان کي پرسن ڪرڻ جا ڪھڙا اُپاءَ آھن؟ سنت ڪبير چيو 'پيارا، ڀڳوان ۽ انسان جي دل ھڪ آھي. توھانجي گھر ۾ ٻہ پٽ آھن. اُنھن مان ھڪڙو ونڊي ورھائي کائي ٿو، ٻيو پٽ پيٽوڙي پنھنجو پيٽ پيو ڀري. توھان ڪنھن کي وڌيڪ پيار ڪندا؟ پريمين چيو تہ جيڪو ونڊي ورھائي کائي ٿو. سنت ڪبير چيو تہ اسين سڀ اُن پرماتما جي سنتان آھيون. اسان کي پرماتما جيڪي ڏنو آھي، سو ونڊي ورھائي کائيندا سين، پراُپڪار جا ڪم ڪنداسين تہ اوس پرم پتا پرماتما اسان تي پرسن ٿيندو.

ونڊي ڪي کانا، وئنڪٺ جانا، چپ کي کانا ڌوڙ پانا.

١٢ جولاءِ پوڄنيہ ستگرو مھاراج ميامي‌ءَ فلاريڊا ۾ پڌاريا ۽ اُتي ڪشور ۽ ريشما پارواڻيءَ جي گھر ۾ رھيا. اُتي جدا جدا گھرن ۾ سارو ھفتو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي. ١٦ جولاءِ گرو پوڄا جي ڏينھن ريشما پارواڻيءَ جي گھر صبح جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ اڄوڪي ڏينھن جو مھتو آھي. پراچين ڪال کان وني رشي مني اڄوڪي ڏينھن گرو پوڄا جو ڏينھن ارٿات وياس پوڄا جو ڏينھن ڪري، ملھائيندا آيا آھن. گرو اونڌھ مان ڪڍي روشن راھ ڏيکاري ٿو. اَست مان ڪڍي ست مارگ بتائي ٿو. سچو گرو ونھوار چاھي پرمارٿ لاءِ مارگہ درشن ڪري ٿو. پريميو،

جو ڪام دوا سي نهين هوتا، وه ڪام دعا سي هوتا هئہ،
جب ڪامل مرشد مل جائي، تب بات خدا سي هوتا هئہ.

جيڪڏهن ڪو پريپورڻ مهاتما ملي وڃي تہ هو نہ صرف اسانجا ڪشٽ ڪليش نورت ڪندو، پر پربهوءَ سان ملائيندو. پنهنجي گيان جي پرڪاش دواران آتم ساڪياتڪار ڪرائيندو. پريميو، ڪنهن نہ ڪنهن ڪامل درويش جي اوٽ وٺو، جو توهانجي راهہ روشن ڪري.

٢٣ جولاءِ ستگرو مهاراج ميامي ۾ واپس آيا. اُتي ڪجهہ ڪلاڪ آرام ڪري هوائي جهاز رستي پٽسبرگہ پينسونيا ۾ پڌاريا. هوُ اُتي پياري جمناداس ۽ ڪويتا جي گهر ۾ رهيا. پياري جمناداس ۽ ڪويتا جو وواهہ ڪيترا سال اڳہ اجمير ۾ ٿيو هو. پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي ٻڌايو تہ ڪويتا جو پيڪو نالو جمنا هو. برهمڻ ويڌيءَ مهل سندس نالو ڪويتا رکيو، ڇاڪاڻ تہ ساڳين نالن وارن گرهن ڪري، پتي پتني پيا نندي نندي ڳالهہ تان اٽڪندا آهن. ستگرو مهاراجن جي يادگيري ڪيڏي نہ تيز هوندي هئي. اُتي ستگرو مهاراجن جدا جدا گهرن ۾ امرت ورکا ڪئي. ان شهر ۾ ڪيترائي سندر مندر آهن. پريمي ستگرو مهاراجن کي جدا جدا مندرن ۾ وٺي ويا. اُتي ٢٨ جولاءِ جين مندر ۾ ستگرو مهاراجن پروچن ڪندي چيو تہ پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي، اُن جي شرڻ وٺو تہ توهانجا دکہ درد دور ٿيندا. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

رام ڀروسا راکہ تم، اور ڀروسا تياگہ،
ڪهہ ٽيئون هر شرڻ لي، کولو اپنا ڀاڳہ.

راجا اِندردمن تپسوي راجا هو. هي پيارو هڪ دفعي ڀڳوان جي ڌيان ۾ لين هو. اُتان رشي درواسا لنگهيو. راجا اِندردمن ڌيان مگن هئڻ سبب رشي درواسا کي ڪين ڏٺو، انڪري کيس پرڻام ڪين ڪيائين. رشي درواسا اِهو پنهنجو اپمان سمجهي ڪروڌ ۾ اچي کيس سراپ ڏنو: ’راجن تون جڙ ٻڌي آهين. تون هاٿي هاٿي ٿيندين.‘ رشيءَ جي سراپ سبب راجا اِندردمن ترڪوٽ جبل تي هاٿيءَ جو جنم ورتو، پر کيس ڏهن هزارن هاٿين جو ٻل هو. ان ڪري کيس گجيندر ڪري سڏيائون. اُهو گجيندر هڪ ڏينهن هاٿڻين سان گڏجي ترڪوٽ جبل جي سندر تلاءُ ۾ جل پيئڻ وڃي ٿو. اُتي هاٿڻين سان ڪيڏي ٿو. هو تلاءُ ۾ اندر وڃي اشنان ڪري ٿو. اچانڪ مانگرمڇ اُن گجيندر جو پويون پير پڪڙي ٿو. هي مانگرمڇ جي مکہ مان پير ڇڏائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪري ٿو، مگر جند ڇڏائي نٿو سگهي. سندس ساٿي هاٿڻيون بہ هلاکہ ٿي پاڻ هليون وڃن ٿيون. ڪيترا ڏينهن اُهو هاٿي مانگرمڇ جي پڪڙڻ سبب تلاءِ ۾ ڦاٿو پيو آهي. هيڏي شڪتي هوندي بہ گجيندر بيوس ٿي پرماتما کي دل سان رکشا لاءِ پڪاري ٿو. پرماتما پرگهٽ ٿي اُن هاٿيءَ کي مانگرمڇ کان مڪت ڪري ٿو. هاٿي پرماتما کي نمسڪار ڪري ٿو.

اسان مان بہ ڪيترن جي اهڙي حالت آهي. مايا جي برپنچ ۾ مشغول آهيون. دنيوي عيش عشرت ۾ لڳا پيا آهيون. اوچتو ڪال روپي مانگرمڇ اچي پڪڙي ٿو، پوءِ نستا ٿي

ٿيندي هئي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج نم جو ٻور گهوٽي پيئندا هئا. هڪ دفعي ڪنهن پريميءَ ستگرو مهاراجن کان پڇيو ته سائين، نم جو ٻور ڇو ٿا پيئو؟ ستگرو مهاراجن چيو 'پيارا گرميءَ سبب سرير تي آرايون نڪرن، ملو نڪري، اُن کان اڳواٽ هي ٻور پيئبو ته گرميءَ جو اثر نه ٿيندو. پريميو، ساڌارڻ طرح اسين به ڪشٽ ڪليش اچڻ وقت نام جپيندا آهيون، پر اسان کي اڳه ئي نام سمرڻ ۽ ست ڪرم ڪرڻ گهرجن، جيئن ڪو ڪشٽ ئي نه اچي، دک درد دفع ٿي وڃن. جي ڪا تڪليف اچڻي به هجي ته نام سمرڻ ڪري سوريءَ مان ڪنڊو ٿي وڃي. انڪري نت نيم نام جپيو. ستگرو مهاراج نام جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ڪهه ٽيئون نت ڪيجئي، رام نام سي پريم،
رام نام ڪي سم نهين، جپ تپ سنيم نيم.

ميامي‌ءَ ۾ ڪيترائي پريمي بيليز، ايس ٽي ٿامس ۽ ٻين شهرن مان ستگرو مهاراجن وٽ آسيس وٺڻ آيا. ١٩ جولاءِ ستگرو مهاراج سينٽ ٿامس ڏانهن روانا ٿيا. ستگرو مهاراج سينٽ ٿامس ۾ ورجن آئيلنڊ ۾ پنج ڏينهن پياري چندرو ۽ ڪويتا سڪراماٽيءَ جي گهر ۾ رهيا ۽ جدا جدا گهرن ۾ ستسنگ ڪيائون. ڀاءُ ڀڳوانداس سڪراماٽيءَ پوڄنيه ستگرو مهاراجن جا شڪرانا مڃيندي چيو ته اسانجا سڀاڳيه آهن، جو گهر ويٺي ستگرن اسانکي درشن ڏيئي امرت پيئاريو آهي. پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو:

جنني جني تو هر جن جني، يا داتا يا سوُر.

ماتا، سنتان اهڙي ڄڻي، جا ڀڳت هجي يا دانوير هجي يا بهادر، نه ته باقي سنتان مان کهڙو فائدو! ماتا ته مدالسا! ماتا مدالسا، وشوا واسوءَ جي سپتري هئي. پاڻ ۽ سندس پتي رتو ڌوج گياني ۽ ڀڳت هئا. مدالسا چوندي هئي ته مان جنهن به ٻار کي جنم ڏيندس، سو برهمگياني ٿيندو. ان ڪري هيءَ ماتا پنهنجن ٻچن کي ننڍپڻ ۾ ئي برهمگيان جي لولي ڏيندي هئي. سندس ٽي پٽ برهمگياني ٿيا. جنم مرڻ جي چڪر کان مڪت ٿي ويا. راج گديءَ جي پرواهه نه ڪري بنواس هليا ويا. چوٿون پٽر الرڪ، ونش جي خيال کان راج گديءَ تي براجمان ٿيو.

برهمگياني سپوتن سبب اڄ ماتا مدالسا جو نالو آهي. شري گرونانڪ ديو مهاراج پڻ برهمگيانيءَ جي ڪيڏي نه مهما ڳائين ٿا:

برهم گياني، آپ پرميشور.

ماتائون! اوهان ماتا مدالسا وانگر برهمگياني، ڀڳت، داتا يا سوروير سپوت پيدا ڪري پنهنجي ڪک سڦلي ڪريو.

٢٢ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته پرماتما جي ديا، سنتن ستپرکن جي ديا، اهڙي دوا آهي، جو سڀني دکن دردن کي دور ڪري ڇڏي ٿي. ڪٺن ڪم به آسان ٿي پوي ٿو. ناممڪن به ممڪن ٿي پوي ٿو. آسيس ۾ وڏي برڪت آهي.

انوسار هلندا. سيني جي دل وئو تہ پريو توهان جي دل رکندو.

٦ آگسٽ نيويارڪ ۾ پوجنيہ سواميجن آخرين ستسنگ ڪندي چيو تہ سنت بہ ڳلا ڪندا آهن، پر اُنهن جي، جيڪي نام نہ جپيندا آهن. پريميو، مان هتان واپس ڀارت ۾ وڃان تہ توهانجي نيڪي ڪريان تہ آمريڪا جا پريمي خوب نام جپين ٿا. ڪنهن ماتا جي هزارن روپين واريءَ ساڙهيءَ تي داغ لڳي تہ اُها ماتا اُها ساڙهي پسند نہ ڪندي. تيئن منش چولو پائي ان کي داغ لڳائيندا سين تہ پريو اسان کي قبول ڪين ڪندو. ڪوبہ اهڙو برو ڪم، برو سنڪلپ نہ ڪيون جو اسانجي جيون کي ڪلنڪ لڳي. سنسار ۾ ڏاڍي خبرداريءَ سان رهو. داغي ڪٽڪ بہ نہ وٽندي آهي. ڀلي ڪيتري بہ بڪ هجي تہ بہ اُن جو استعمال ڪين ڪبو. انڪري پريوءَ کي ور ور پرارٿنا ڪريو:

پڪت ڀاوَ سي ڀول مئن، چاهت وشيہ وڪار،
ڪهہ ٽيئون موهہ ديجئي، ستگر ست ويچار.

پريميو، توهان هت وديش ۾ رهو ٿا، اهڙا ڪم ڪريو جيئن سنڌي جاتيءَ جو شان اوچو ٿئي. اهڙو ڪو ڪم نہ ڪجو جو هڪ سنڌيءَ جي اٽوٽندڙ ڪم ڪري ساري سنڌي جاتيءَ تي داغ لڳي. توهان مايا ڀلي ڪمايو، پر سؤمان نہ ڀلايو. هت آمريڪا ۾ رهي وطن کي نہ وسارجو. گرڙ ڀڳوان وشنوءَ کي چوندو هو تہ مان پنهنجي ڳوٺان ٿي اچان. لڪشميءَ چيس تہ هت وئنڪٽ ۾ تون هيڏو سکي آهين، پنهنجي ڳوٺ وڃي ڇا ڪندين! گرڙ مڙيو ڪين. وري ڀڳوان کي پرارٿنا ڪيائين تہ موڪل ڏيو تہ مان ڳوٺان ٿي اچان. ڀڳوان کيس موڪل ڏني. گرڙ اُڏاڻو. اُڏامندو هڪ سنسان آسٿان تي پهتو جتي هڪ سڪل وڏو وڻ هو. اُن جي پولار ۾ گرڙ گهڙي ويو ۽ ڏاڍو گد گد پيو ٿئي. ڀڳوان بہ ٻيو روپ ڌاري سندس پويان آيو هو. ڀڳوان پيو سوچي تہ هت سڄ ئي سڄ لڳي پيئي آهي. سڪل وڻ جي پولار ۾ ويهي گرڙ ڪيڏو نہ خوش لڳي ٿو! پريميو، گرڙ کي پنهنجي ڳوٺ سان ڪيڏو نہ پيار هو. سرڳ ۾ رهي بہ جنم آسٿان ڪين وساريائين. توهين بہ ڀارت کي نہ وسارجو.

ٻالڪي گيتو چئناڻيءَ پوجنيہ سواميجن کي هار پيٽ ڪيو. پياري لعلچنداڻيءَ نئين مندر نهرائڻ لاءِ اپيل ڪئي. سنت اننت پرڪاش سنگت کي دل کولي دان ڪرڻ لاءِ چيو. پوجنيہ سواميجن بہ سنگت کي چيو تہ مندر ڌرم جا ڪيندر آهن. نيئن مندر جي جاءِ خريد ڪرڻ لاءِ هنن پيارن کي همٿايو. هي سيني جو ڳڏيل ڪاريہ آهي. پوجنيہ سواميجن ڀرين ڀاڻ ٥٠١ ڊالرن ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي. ڀاءُ هئري واڌواڻيءَ ١٥٠٠ ڊالر ڏنا. ٻين ڪيترن ئي پريمين بہ دان ڏنو.

١١ آگسٽ پوجنيہ سواميجن ڪراسائو ۾ پڌاريا ۽ اُتي نشا ۽ ستو درياناڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. اُتي پوجنيہ سواميجن بہ ڏينهن امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

وڃون ٿا. پوءِ سڀ سنبنڌ ۾ دور هلي وڃن ٿا. سنت تلسيداس مهاراج فرمائين ٿا:

سوارٿ لاڳئہ ڪرنهن سب پريتي.

پريميو، پڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو، جو اچي توهانجي رکشا ڪري. سنساري سنبنڌ سنسار ساگر پار ڪرڻ ۾ توهان کي ڪائي سهايتا ڪين ڪندا، نڪي دنيوي مال اسباب مددگار ٿيندو. انڪري روز پڀوءَ کي هيءَ پرارٿنا ڪريو:

پڳت ونسل پيہ هرن هر، ڪروڻا شيل نڌان،

ڪہ ٿيئون ڪل ڪال ۾، لاڄ راکہ پڳوان.

پوڄنيہ سواميڄن، پياري جمناداس کي ڏنيواد ڏيندي چيو تہ سندس پتا ڪشوريلعل، ڇاهي ماتا، پراڻا نيڻومل، سارو پريوار ستگرو مهاراجن جا اننيہ شرڌالو آهن. پنهنجي دڪان جو نالو ئي امراپور اسٽور رکيو اٿائون تہ ستگرو مهاراج ضرور سندن ديش وديش ۾ رکشا ڪندا.

٣١ جولاءِ پوڄنيہ ستگرو مهاراج نيوپارڪ ۾ پڌاريا ۽ اُتي پياري آر. ايل. چڱن جي گهر ۾ رهيا. اُتي پيڻ ڪرن سروپ سدارنگاڻي ۽ سندس سس اندرا سدارنگاڻيءَ ستگرن جي ڪافي شيوا ڪئي. ڪيترن ئي پريمين ستگرو مهاراجن کان نام دان ورتو. ستگرو مهاراجن انئي ڏينهن شام جو ستيہ نارائڻ مندر ۾ امرت ورکا ڪئي. انين ڏينهن ستسنگ بعد سيني پريمين کي پوڄن ڪارايو ويو. پيڻ ڪمل ۽ اشوڪ چڱناڻيءَ نام دان ورتو. پيڻ ڪمل جي دل ۾ ستگرو مهاراجن لاءِ ايڏي تہ پڳتي پاونا پيدا ٿي جو هوءَ پوءِ بہ ٻي دفعا ستگرن جي درشن ۽ آسيس لاءِ پارت ۾ آئي ۽ ستگرن جي آشرم ۾ رهي، لاڀ پراپت ڪندي هئي.

٣١ جولاءِ پوڄنيہ مهاراج نيوپارڪ ۾ پڌاريا ۽ اُتي پياري آر. ايل. چڱن جي گهر ۾ رهيا. اُتي پيڻ ڪرن سروپ سدارنگاڻي ۽ سندس سس اندرا سدارنگاڻيءَ ستگرن جي ڪافي شيوا ڪئي. ڪيترن ئي پريمين ستگرو مهاراجن کان نام دان ورتو. ستگرو مهاراجن انئي ڏينهن شام جو ستيہ نارائڻ مندر ۾ امرت ورکا ڪئي. انين ڏينهن ستسنگ بعد سيني پريمين کي پوڄن ڪارايو ويو. پيڻ ڪمل ۽ اشوڪ چڱناڻيءَ نام دان ورتو. پيڻ ڪمل جي دل ۾ ستگرو مهاراجن لاءِ ايڏي تہ پڳتي پاونا پيدا ٿي جو هوءَ پوءِ بہ ٻي دفعا ستگرن جي درشن ۽ آسيس لاءِ پارت ۾ آئي ۽ ستگرن جي آشرم ۾ رهي، لاڀ پراپت ڪندي هئي.

٣١ جولاءِ ستيہ نارائڻ مندر ۾ پهرين پياري پرهلاد آڏواڻيءَ پوڄنيہ سواميڄن جي جيون ڪاريہ تي روشني وڌي. سنت گيان لعل، سنت اننت پرڪاش پڄن ڳايا. اُن بعد پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پريميو، توهان پلي هت ڪروڙ ڪمايو پر نام کي نہ وساريو. سنساري ڪم ڪاريون ڪندي خوب نام جپيو. ڪنهن سنت مهاتما جي شرڻ وڃو. اهڙا شپ ڪرم ڪريو جو سنت توهان کي پاڻمرادو آسيس ڪري اڏي ڇڏين. آسيس دل مان نڪرندي آهي، نہ وات مان. ڪو مهاتما پلي نپري تہ اُن جو مطلب پٺ پڌري ٿيندي. مٿي تي هٿ رکي آسيس ڪري معنيٰ پرلوڪ سهيلو ٿيندو، دماغ ۾ شپ ويچار ايندا. گهر ۾ ماتا پتا ۽ وڏن جي آسيس وٺو. اُهي آسيس تڏهن ڪندا جڏهن توهان اُنهن جي آڱيا ۽ ويچارن

نارائڻ تو لاءِ هي سونو ٿالهه سوکڙيءَ طور ڏنو آهي. هوءَ ڏاڍو خوش ٿي. ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو. صبح جو پوڄاريءَ ڏٺو تہ مندر مان سونو ٿالهه غائب آهي. پوڄاريءَ راجا کي اها شڪايت ڪئي. راجا جي طرفان جاچ ڪئي ويئي تہ اُهو سونو ٿالهه ديوَ ديويءَ وٽان مليو. ڪيس قيد ڪيو ويو. ديوَ ديويءَ چيو تہ مان ٿالهه چوري ڪين ڪيو آهي، مونکي اِهو ٿالهه ڀڳت نارائڻ موڪليو آهي. راجا حڪم ڪيو تہ ڀڳت نارائڻ کي بہ باندي بڻايو وڃي. راجا جي آديش انوسار ڀڳت نارائڻ کي بہ قيد ڪيو ويو. ڀڳت نارائڻ جيل ۾ بہ پرڀوءَ کي سچي دل سان پرارٿنا ڪندو رهيو تہ پرڀو، ڪيل ڪڪرم جي ڏي تون معافي، ڏي تون معافي. ڀڳوان، ڀڳت وتسل، راجا کي ننڊ ۾ درشن ڏيندي آگيا ڪئي تہ ٿالهه، نہ ديوَ ديويءَ چوري ڪيو آهي، نہ ڀڳت نارائڻ. تون ٻنهي کي جيل مان مڪت ڪر ۽ پياري نارائڻ کي سندس ڪٽيا ۾ رهائج. راجا سپني ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ آگيا انوسار هن ٻنهي کي جيل مان آزاد ڪيو ۽ ڀڳت نارائڻ کي سندس ڪٽيا ۾ رهايو. پوءِ تہ ڀڳت نارائڻ انئي پهر پرڀوءَ جي ڌيان ۽ نام سمرڻ ۾ لين رهيو. پرڀو ڪيڏو نہ دين ديالو آهي، جو پتتن کي بہ پاون ڪري ٿو.

پريميو، توهين بہ سچيءَ دل سان پنهنجي ڪيل گناهن جي پرڀوءَ کان ڪميا ياچنا ڪندي ڀڳتيءَ جي راهہ ۾ اڳتي وڌو تہ پرڀو توهانکي اوس پنهنجو بڻائيندو.

۲۰ آگسٽ پوجنيہ سواميجن آمريڪا ۾ واپس آيا. اُتي هڪ ڏينهن رهي وري ۲۱ آگسٽ تي لنڊن روانا ٿيا. لنڊن ۾ پوجنيہ سواميجن جدا جدا آستانن تي ستسنگ ورڪا ڪئي. ۲۳ آگسٽ پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي چيو تہ هڪ هڪ سنت ستپرک پنهنجي جيون ۾ ديا، پريم ۽ پر اُپڪار جي ساکي ڏئي ٿو. سنت نہ صرف مانوَ ماتر، پر پراڻي ماتر جي بہ ڀلائي چاهين ٿا. هڪ دفعي الوَر جو راجا بختاور سنهہ جهنگل ۾ شڪار ڪرڻ ويو. هن اُتي هڪ ڪاري هرڻ کي شڪار ڪرڻ ٿي چاهيو. جهنگل ۾ سنت نريئرام جي ڪٽيا هئي. اُن سنت راجا کي منع ڪئي تہ ويچاري هرڻ تي گولي نہ هلاءِ، جيون ۾ جيوَ ديا جي جوت جڳاءِ. پر راجا سنت کي ٺڏو اٿبڏو ڪري اُن هرڻ کي گولي هڻي شڪار ڪيو. اُن وقت اُهو ڪارو هرڻ ڪاري ڳانءِ جي روپ ۾ بدلجي ويو. اِهو درشيہ ڏسي راجا ڏاڍو پشيمان ٿيو تہ هن ڳئو هتيا ڪري مهاپاپ ڪيو آهي. هي راجا هڪدم سنت نريئرام جي ڪمل چرنن تي ڪري پيو ۽ پنهنجي ڪيل غلطيءَ جي معافي وٺڻ لڳو. سنت نريئرام کيس اُپديش ڏيندي چيو تہ پيارا، مروان موت ملوڪان شڪارا! اِهي پسون بہ پرڀوءَ جي اولاد آهن. انهن جو شڪار ڪرڻ پاپ آهي ۽ پاپ جو حساب هر ڪنهنکي ڏيڻو پوي ٿو. مون توکي منع ڪئي، مگر تو پنهنجي هلائي. اڄ کان سچي دل سان پڇتاءُ ڪندي پرتگيا ڪر تہ تون جيوَ هتيا نہ ڪندين، تڏهن پرڀو توکي معافي ڏيندو ۽ ڪيل گناهن جي گهٽ سزا ڏيندو. راجا سنت جي آگيا انوسار پرتگيا ڪئي تہ هوُ جيون ۾ جيوَ ديا جي جوت جڳائيندو، ڪنهن بہ پراڻيءَ کي نہ رنجائيندو. اُتي جو اُتي ئي راجا کي اُها ڪاري ڳانءِ نہ پر ڪاري هرڻ جي روپ ۾ ڏسڻ ۾ آيو. سنت کيس سمجهايو تہ ڳئو هتيا جو پاپ نہ لڳندو، پر هرڻ

١٤ آگسٽ پوڄنيه سواميڄن آرينڇ واڪ بيليز ۾ پڌاريا. اُتي پياري جڳديش پنڃابيءَ جي گھر ۾ رهيا. ١٥ آگسٽ پرم پوڄنيه سواميڄن جو جنمدن اُتسو ڏاڍي اُتساهه اُمنگه سان ملهايو ويو. ڀرين پياري هئري واڏواڻيءَ، سنت اننت پرڪاش ۽ پياري ٽوپڻداس پوڄنيه سواميڄن جي مهما جا ڀڄن ڳائيندي سندن گڻن جو ورڻن ڪيو. ان موقعي تي پوڄنيه سواميڄن پريمين کي چيو ته اڄ مان ٻالڪ آهيان ۽ اوهان منهنجو جنمدن ملهائي رهيا آهيو. ٻار ٿيڻ ۾ ئي آنند اٿوَ. توهين به جيڪر ٻالڪ ٿيو. ٻالڪ سنساري پرپنچ کان پري ٿين ٿا. وير ڀاوَ کان پري. وڪارن کان دور، معصوم. انڪري هوُ ڀڳوان جي وڌيڪ ويجهو آهن. پرڀوءَ لاءِ دل ۾ پياس اُٿاريو. مايا ڪني ڪرڻ لاءِ ڪيڏي نه جاکوڙ ڪريو ٿا. ايڏي لڳن سان جيڪڏهن پرڀوءَ کي پائڻ جو يتن ڪريو ته پرڀو پاڻ اچي توهانکي هڪدم ڳلي لڳائي. منش ديهه ۾ ئي نام سمرڻ سمڀوءِ آهي. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

چوراسي لک يون کا مانش هئه سرتاج،
ڪهه ٿيئون هر ڀڄن کا، کراس تن ۾ ڪاج.

منش جي جوڻ سروَ سريشٽ جوڻ آهي. اهڙو امولیه جنم ويرٿ نه وڃايو. خوب نام جپيو ۽ دکين بکين، پکين پسن جي شيوا ڪريو، ست ڪرم ڪريو.

پوڄنيه سواميڄن بيليز ۾ جدا جدا گھرن ۽ آستانن تي امرت ورکا ڪندي پريمين جي پياس پوري ڪئي. ١٩ آگسٽ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پرڀوءَ کي نت نيم پرارٿنا ڪريو. ڀڳوان ڀڳت وتسل آهي. هوُ پنهنجن پيارن جون غلطيون نظر انداز ڪري، ڪين پنهنجو بڻائي ٿو. جيئن ماتا پتا پنهنجي اُڏريل اولاد کي به پيار ڪندي آهي، تيئن پرڀو به اسانجا ڏوهه ڏنگايون معاف ڪري اسانکي پنهنجو بڻائي ٿو. صرف اسين سمرپت ڀاوَ سان اُن جا ٿي رهون. برهمڻ نارائڻ، جو پوءِ پدريٽوءَ جي نالي سان پرسڌ ٿيو، ڏاڍو وئراڳي ڀڳت هو. هڪ ڏينهن هي پيارو جهنگل ۾ پنهنجي ڪٽيا جي ٻاهران پوکيل تلسين کي پاڻي ڏيئي رهيو هو. اُتي رنگه مندر جي ديوَداسي ديوَ ديوي گهمندي آئي. هوءَ هن ڀڳت جي جواني ۽ وئراڳ ڏسي عجب ۾ پئجي ويئي. ڪنهن اُن ديوَداسيءَ کي چرچ ڏني ته تون اُن ڀڳت کي پٽ ڀرشٽ ڪري ڏيکار ته توکي وڏو انعام ڏنو ويندو.

هڪ ڏينهن اُها ديوداسي سنياسڻ جي ويس ۾ ڀڳت نارائڻ جي ڪٽيا ۾ آئي ۽ کيس وينتي ڪيائين ته هن کي به دنيا کان ڪٽائي آئي آهي ۽ هوءَ جهنگل ۾ رهڻ چاهي ٿي. سنت ديالو، سنت کيس پنهنجي ڪٽيا کان ٻاهر رهڻ جي موڪل ڏني. هڪ ڏينهن زبردست برسات پوڻ سبب ديو ديوي برسات ۾ ڏاڍي ڀڄي ويئي. ڀڳت نارائڻ کي ديا اچي ويئي. هن کيس پنهنجي ڪٽيا ۾ رهڻ جي آگيا ڪئي. اُن ڏينهن درڀاڳيه سان هي ڀڳت پٽ ڀرشٽ ٿي پيو. ديوَ ديوي هن ڀڳت کان سڀ ڪجهه کسي کيس ڪٽيا مان به ڪڍي ڇڏيو. ڀڳت نارائڻ ڏاڍو پشيمان ٿيو ۽ پنهنجي ڪيل غلطيءَ تي ڳوڙها ڳاڙيندي ور ور پرڀوءَ کان معافي وٺڻ لڳو: 'پرڀو، مون پنهنجي ڪئي ڪمائي چٽ ڪري ڇڏي.' ڀڳوان ديالو، هڪ نوڪر جي روپ ۾ مندر جو سونو ٿالهه کڻي، ديوَ ديويءَ وٽ آيو ۽ کيس چيائين ته ڀڳت

۾ اچي نت نيم ستسنگ ڪريو، نام جپيو، توهان تي پريوءَ جي آسيس ٿيندي. هن پوتر آستان تي سنت مهاتمائون اچي توهان کي گيان جو پرڪاش ڏيندا. هي مندر سناتن ڌرم جا ڪيندر آهن. پنهنجي لاءِ ته هرڪو بنگلا محل اڏائي، پر ڪي ڪي پريمي هھڙا مندر برپا ڪن ٿا، جت سڀ گڏجي نام ڪيرتن ڪن ۽ پريوءَ جا گڻ ڳائين. پريميو، ڀلي توهان ڪروڙپتي ٿيو، پر سچو خزانو اٿوَ نام جو خزانو. ان ڪري نام جي پونجي هٿ ڪريو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

جگ سارا دردري، پيا، ڌنونتا نهين ڪوءِ،

ڌنونتا سو جانيئي، رام پدارٿ هوءِ.

ڪنهن نه ڪنهن سنت کان نام وٺي، خوب نام جپيو. نام سمرڻ سبب توهان پنهنجي جيون ۾ عجيب آنند جو انڀؤ ڪندا. نام جي پونجي توهانکي هت هٺ ڪم ايندي. ڀيون ڳالهيون ڀلي وساريو، پر گرو ۽ گوبند کي نه وساريو. جيڪڏهن پريو توهان کي مايا ڏني آهي ته اُها سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪريو. پيارو رامچند بولچند ڪيئن نه پارت ۾ اچي دکين جي شيوا ۾ ڌن سڦلو ڪري ٿو. توهين به اهڙا اُپڪار جا ڪم ڪريو. هن موقعي تي پوجنيه سواميجن 'پريم ساگر' پستڪ جو پڻ مهورت ڪيو، جنهن ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن ۽ سواميجن جا سندر فوٽا، سندن ٻاڻي ۽ آرتيون ڇپيل هيون. ۴ سيپٽمبر ستنام ساکي مندر ۾ پوجنيه سواميجن ستسنگ ڪندي چيو:

ڪيلي ڪي پات پات ۾ پات هئہ،

سنتون ڪي بات بات ۾ بات هئہ.

سنتن جي ٻولي نياري ٿيندي آهي. جيڪڏهن اُنهن جي ٻولي سمجھ ۾ نه اچي ته بنا سنڪوچ جي اُنهن کان اُن جي رهسيه بابت پڇجي. هڪ مهاتما وٽ هڪ نئون پريمي آيو ۽ ونيه ڪيائين ته ڪرپا ڪري آسيس ڪريو. اُن سنت آسيس ڪندي پريميءَ کي چيو 'ڪُل ئي مرو.' اِهو ٻڌي پريمي وائڙو ٿي ويو ته سنت کان هن آسيس پني، پر سنت کيس آسيس ڏيڻ بدران پٽيو. اُهو پريمي دکي ۽ نراس ٿي اُٿي هلڻ لڳو ته اُن مهاتما وري کيس چيو موٽي نه ايندين.' سنت جو وري اِهو وچن ٻڌي اُهو پريمي ڏاڍو دکي ٿي گهر واپس وريو. گهر ۾ به کيس آرام ڪين آيو. سندس گهر جي ويجهو هڪ ستسنگي پاڻ رهندو هو. هن اُن سان دل جو حال اوريو ته ڪيئن نه مهاتما کيس پٽيو آهي. اُهو ستسنگي گياني هو. هن محسوس ڪيو ته سنتن جي انهن وچنن ۾ پڻ ڪو راز سمايل هوندو. هو اُن پريميءَ کي ڏڍ ڏيئي کيس پاڻ سان گڏ اُن سنت وٽ وٺي آيو. سنت اُن ستسنگيءَ کي سڃاڻندو هو. ٻنهي سچڻن سنت کي نمسڪار ڪيو. اُن ستسنگيءَ سنت کي وينتي ڪئي ته سائين، هي پيارو اوهان وٽ ٻهريون دفعو آسيس وٺڻ آيو. اوهان جي ٻولي هن ڪين سمجھي آهي. ڪرپا ڪري جيڪر کيس ڪيل آسيس جو ارٿ سمجهايو ته مهرباني. مان به اوهان جو احسانمند رهندس.

جي هتيا جي ڪجھ سزا ملندي. سنت پکين پسن کي رکشا لاءِ به ڪيڏو نه يتن ڪن ٿا. اُن راجا پوءِ ديا ۽ پريم جي جوت جڳائي. پريميو، توهان مان ڪيترا هنسا جو ڪاڏو کائين ٿا. اُن جو حق حساب ڏڻيءَ در ڏيڻو پوندو. سنت اڄ توهان کي اپيل ٿا ڪن ته هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو. روز هزارين جانور ڪسجي رهيا آهن! اُنهن تي ڪهل ڪريو. جيون ۾ ديا ۽ پريم جي ساکي ڏيو. توهان ڀين کي راضي رکندا ته پرماتما توهان کي راضي رکندو.

٢٥ آگسٽ لنڊن ۾ پياري ڀاءُ ايشور بالاڻيءَ جي برپا ڪيل مندر ۾ پوجنيه سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو ته هن پوتر آستان تي نت نيم ڪيرتن ٿئي ٿو، شري گرو گرنٿ صاحب براجمان آهي. ان گرنٿ کي ساکيات گرو سمجھو. ان ۾ جيڪا واڻي آهي سا امرت کان وڌيڪ مٺي ۽ ملهائتي آهي. گرن جي ٻاڻي، سنتن جي ٻاڻي سدائين اسانجي راهه روشن ڪري ٿي، اسانکي سڄاڳ ڪري ٿي. اسين اگيان اوديا جي ننڊ ۾ سنل آهيون. ڪروڙ ڪماياسي ته ڪهڙي ڪم جا! سهڻا سندر بنگلا اڏياسين ته ڇا ٿيو! اسان مان گهڻا منش جيون جو مول مقصد ڀلجي ويا آهن. اسين سڀ ياتري آهيون. دنيا جي مسافر خاني کي پنهنجو دائمي مڪان سمجهي، ايمان جي نشي ۾ چُور رهون ٿا.

دو دن جڳ ۾ جيوڻا، مت ڪر تون ايمان،

ميرا ميرا ڪرت هئه، تيرا گهر شمشان.

پريميو، جنهن سندر ڪايا تي گهمنڊ ڪريون ٿا سا هڪ ڏينهن مساڻن ۾ جلي خاڪ ٿي ويندي. انڪري موهه جي ننڊ مان سڄاڳ ٿي نام سمرڻ ڪريو. نام نه وساريو. جنهن وساريو نام، تن پٽ وڃائي پنهنجي ستگرو مهاراج پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

انتر باهر رئن دن، ڀُولو نا هري نام،

جهوا من وا پران سي، ڪھ ٽيئون رٽ رام.

روم روم سان رام جپيو. اندر جو ايمان ڪپيو.

پياري ايشور بالاڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هي پيارو هتي نام جي جوت جڳائي سون سنتن کي سڄاڳ ڪري رهيو آهي. پوجنيه سواميڄن پيڻ ڪشا آتمارام جي گهر چار ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو.

١ سيپٽمبر پوجنيه سواميڄن لاس پالماس ۾ پڌاريا. پوجنيه سواميڄن منڌليءَ سهت پياري موهن رامچنداڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. ٢ سيپٽمبر پوجنيه سواميڄن ستنام ساکي مندر جو مهورت ڪيو. هن موقعي تي ميئر صاحب پڻ آيو، جنهن سنڌين جي ڪيل ترقيءَ جي ساراهه ڪئي. رامچند بولچند، خوشي بندو، هري نندواڻيءَ، گورڌن ٺهلراماڻيءَ پوجنيه سواميڄن جو سواگت ڪندي سنڌن جيون تي روشني وڌي. پوجنيه سواميڄن هن موقعي تي پروچن ڪندي چيو ته پريميو، توهان سڀني کي ڌنيواد آهي جو وديش ۾ رهندي به ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهيو. هن مندر

سنئين۽ راھ تي آڻيندو. توھان تي اھڙي آسيس ڪندو جو توھان نوان ٿي پوندا، چمڪندا. اُھو ڏنوان ۽ سندس پتني پنھنجي پٽ ۾ ايڏو پريورتن ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ اُن مھاتما جا احسان مڃڻ لڳا.

٨ سيپٽمبر پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ جيون ۾ گڻ گراھي ٿيو. ٻين جا عيب نہ ڏسو. ھڪ دفعي ھڪ گڻ گراھي منش، پنھنجي پٽ سان بزار ۾ ويو. بزار ۾ سندس پٽ پنھنجي پتا جي گلا ٻڌي. سنساري ماڻھو بنا ڪنھن سوچ ويچار جي ٻين جي گلا ڪندا آھن. گلا آھ نہ منھين ترار. جيڪو گلا ڪري اُن کي وڏو نقصان، جنھنجي ڪري ۽ جيڪو گلا ٻڌي، اُنھن کي بہ ڪجھ نہ ڪجھ نقصان. پٽ پيءُ کي چيو 'بابا، ھي شخص اوھانجي گلا ڪري رھيا آھن.' پتا وراڻيو 'پٽ، ھيءُ دنيا بہ بزار آھي. ھت ڀانت ڀانت پرڪارن جون شيون ملن ٿيون. جيڪا شيءِ پنھنجي ڪم جي ھجي، ان ڏي ڌيان ڏيڻ گھرجي، اُھا خريد ڪرڻ گھرجي. ٻين ڳالھين سان پنھنجو ڪھڙو پريوجن!' پريميو! توھان بہ ٻين ڳالھين ڏانھن ڌيان نہ ڏيو. اوگڻ ھرڪنھن جي شخصي ملڪيت آھن ۽ گڻ عام جي ملڪيت آھن. توھان گڻ گراھي ٿيو.

پرم پوڄنيہ سواميڄن تنريف، سائوٿا، ملاگا، مئدرڊ ۽ اسپين جي ٻين شھرن ۾ ٢٦ سيپٽمبر تائين پنھنجي امرت وچنن جي ورکا ڪري ھزارن پريمين جي پياس پوري ڪئي. ٢٦ سيپٽمبر ستنام ساکي مندر ۾ پوڄنيہ سواميڄن جي ستسنگہ جو آخرين ڪاريہ ڪرم ٿيو. ڀھرين سنت اننت پرڪاش ۽ خوشي بندو ڀڄن ڳايا. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ پيارا، توھان سيني کي ڌنيواد آھي جو توھان سنتن کي ھيڏو قرب ۽ سنمان ڏنو آھي. اِھا سموري مھما ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن ۽ ستگرو سوامي سرواننند مھاراجن جي آھي. نہ تہ تہ داس کي ڪير سڃاڻي. توھان ڀلي اسپين ۾ رھو، پر ڀارت جي سنسڪرتيءَ ۽ ھندو سناتن ڌرم جي سڌانتن کي نہ وسارجو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻارن سان ڳالھايو. پنھنجا ڪم ڪاريون ڪندي پريوءَ کي پياس مان پڪاريو. ڪنھن نہ ڪنھن سڀاڳي ڏينھن پريو اچي توھانکي گلي لڳائيندو. ستگرو مھاراجن پڻ فرمائين ٿا

پريم بنا پھچي نھين، ڪو جن ھري ڪو ڌام
ڪھ ٽيئون تانتي جپو، پريم سھت ھري نام.

پوروَ جنم جي ڪيل غلطين سبب ساڌنا جي ڦل پراپتيءَ ۾ دير پوندي آھي. ڪڏھن ڪڏھن وري انوشنان پوريءَ وڌيءَ سان نہ ڪرڻ سبب ڀي اُن جي ڦل پراپتي نہ ٿيندي آھي. شري مڌسودن سرسوتي ڀڳوان شري ڪرشن جي درشن لاءِ بندرابن ۾ وڃي انوشنان ڪيو. ھن شري گوپال منتر جي ساڌنا ڪئي. انوشنان سماپتيءَ کان پوءِ بہ ڪيس ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ڪين ٿيو. ڀڳت مڌسودن سمجھيو تہ ساڌنا ڪندي ھن کان ڪا غلطي ٿي ويئي آھي، انڪري ئي ڪيس شيام سندر جو درشن ڪين ٿيو آھي. ھن وري گوپال منتر جو انوشنان ڪيو. انوشنان جي سماپتيءَ

مهاتما چيو پيارا، هن پياري کي مون چيو تہ ’ڪل ئي مرو‘ ارڏات تنهنجا ڪيل سڀ پاپ ناس ٿين. جڏهن جيو جا سڀ ڪيل گناهہ پاپ ختم ٿين ٿا تہ وري جنم مرڻ جي چڪر ۾ نٿو اچي. ان ڪري مون ڪيس آسيس ڪندي چيو تہ موٽي نہ ايندين. ارڏات تون مڪت ٿي ويندين، آواگمن کان ڇٽين.

سنت جي اِها سمجهاڻي ٻڌي ٻنهي پريمين جا ڪپاٽ کلي پيا ۽ سنت جي ڪيل آسيس سبب پهريون پريمي ڏاڍو پرسن ٿيو تہ سنتن مٿس پهرين دفعي ئي اهڙي اُتم آسيس ڪئي. پريميو، سنتن جي هر ڳالهہ ۾ ڪونہ ڪو راز سمايل هوندو آهي. اُن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

٦ سيپٽمبر پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن سنت جي شرڻ وٺو، جو توهانجو مارگہ درشن ڪري پوءِ توهان سنسار جي ساگر مان آسانيءَ سان پار لنگهندا.

هڪ ڌنوان هو. ڪيس پئسا سڀ سنساري سک ڏنا هئا، پر سنتان جي ڪميءَ سبب ڏاڍو دکي گذاريندو هو. هڪ دفعي اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي ڪمري ۾ روئي پيو. پرڀوءَ اڳيان ٻاڏائي پيو چوي ’پرڀو، تو سڀ ڪجهہ ڏنو، هيڏي ملڪيت، پر وارث ڪونہ ڏنئہ.‘ اُن وقت وٽس هڪ متر اوچتو آيو. هن کي روئندو ڏسي پڇيائين، توکي ڪهڙي چنتا آهي؟ ڌنوان وراڻيو تہ ڪيس سنتان جي چنتا آهي. جيڪر هڪڙو ئي پٽ هجي جو پٽ پڌري ڪري. اُهو متر اُن ڌنوان کي هڪ مهاتما وٽ وٺي آيو. مهاتما پڇيو ’ڪيئن آيا آهيو؟‘ متر چيو تہ مهاراج، منهنجي هن ڌنوان دوست کي پٽ ڪونهي. توهان کان پٽ جي ڀيکہ وٺڻ آيا آهيون. مهاتما چيو تہ هن پياري جي قسمت ۾ پٽ لکيل ڪين آهي. ڌنوان نيزاري ڪندي چيو ’سائين، جي نصيبن ۾ پٽ لکيل هجي ها تہ پوءِ توهان وٽ ڇو اچان ها! اوهان پنهنجي گنج مان داس جي جهولي سائي ڪريو، مهر ڪريو. اُن مهاتما کي قياس اچي ويو. چيائين ’توکي پٽ ٿيندو، پر ڏنگو ٿيندو، توکي هلاڪ ڪندو.‘ ڌنوان چيو پٽ تہ ڏيو، پوءِ ڏنو ويندو. مهاتما ڪيس هڪ ڦل ڏنو. اُهو ڦل اُن ڌنوان ۽ سندس پتنيءَ کاڌو. سال کان پوءِ سندن پٽ پڌري ٿي. هو ڏاڍو گد گد ٿيا.

پٽ وڏو ٿيو تہ ماتا پتا کي ايذو تہ پريشان ڪيائين جو هوُ اُن مان تنگ اچي ويا. شاهوڪاري ٻار بريءَ سنگت ۾ ڌن لٽائيندو رهيو. پتا دکي ٿيندي چيو تہ مان ناحق مهاتما کان پٽ گهريو، ان کان تہ نپٽو نيڪ هوس. پريميو، اولاد بہ اهڙي هجي جا گڻوان ۽ آگياڪاري هجي. آخر اُهو ڌنوان ڏاڍو دکي ٿي هڪ مهاتما وٽ ويو ۽ اُن سان وچي احوال ڪيائين.

سنت چيس ’پيارا، تون پٽ جي واڳہ مونکي ڏي، پاڻيهي سڌري پوندو. ستسنگہ تاريندو آهي ۽ ڪسنگہ ٻوڙيندو آهي. ڌنوان پٽ کي ڇٽ ڏيئي اُن سنت وٽ رهايو. اُهو جوان اُن مهاتما جا ڪي چمتڪار ڏسي دنگہ رهجي ويو. پوءِ تہ هوُ سنت جي شيوا ۾ لڳو رهيو. آشرم جي شيوا بہ ڪندو هو تہ نام بہ جپيندو هو. ٿورن مهنن ۾ اُهو اُڌريل جوان سڌري ست ويچارن وارو بڻجي پيو.

پريميو! توهان بہ ڪنهن نہ ڪنهن ستپرکہ سنت جي شرڻ وٺو جو توهان کي سڌاري

آشرم ۾ پڌاريا. شام جو سنڌن جنمدن سنبنڌ ۾ وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت ۾ چٽاڀيٽي رکي ويئي. جنهن ۾ جدا جدا اسڪول جي ٻالڪن ٻالڪين ڀاڱو ورتو. پوڄنيہ سواميڄن وديارٿين کي آشيرواد ڪندي انعام ڏنا.

١ آڪٽوبر جنتا جناردن پريشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ ۾ پرم پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو ٨٣ جنمدن اُتساهہ اُمنگہ سان ملهايو ويو. پرڀات جو پريمين ستگرو مهاراجن کي کير سان اشنان ڪرائي پوڄا ڪئي ۽ سنڌن مهما جا ڀڄن ڳايا. صبح جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي امرت پيئاريو. ان بعد شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺ جو ڀوڳہ وڌو ويو. هوَن يگيہ ڪيو ويو. پوڄنيہ سواميڄن هوَن يگيہ ۾ آهوتي وڌي. ان کان پوءِ پوڄنيہ سواميڄن شيوا يگيہ جو آرنڀ ڪيو. اٽڪل چار سؤ سفيد پوش ڀينرن کي روڪ سهائتا، چادرون، اناج وغيره ڏنو. اپاهڄن جي شيوا ڪئي ويئي.

شام جي ستسنگہ ۾ ڪيترن ئي سنتن، سد گرهستين پوڄنيہ سواميڄن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڀيٽ ڪئي. ديال ’آشا‘ جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين جو ذڪر ڪندي پوڄنيہ ستگرو مهاراجن جي مهما جو ڀڄن ڳايو. پوڄنيہ سواميڄن آشيرواد ڪندي چيو تہ اوهان پريمين جيڪي داس لاءِ چيو، اِها مهما ڪاريہ جي آهي. توهين بہ جيون ۾ سمرڻ ۽ شيوا جي ساکي ڏيو. نام سمرڻ ۾ ڪو خرچ ڪونهي. پرڀوءَ کي نت نيم ياد ڪريو ۽ دکين دريدرن، ڀکين پسن جي شيوا ڪريو. ملڪ ۾ ڪيڏي نہ غريبي آهي! اجايا اڻنگا خرچ گهٽائي، پنهنجي مايا سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪريو.

سوامي اوڌوداس مهاراج جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ٢ آڪٽوبر نماشام جو احمدآباد ۾ پڌاريا. مکي سنتومل مولچنداڻيءَ، پياري ساجنداس انندرام، پياري پرڪاش نيٽومل ۽ ٻين ڪيترن پريمين ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو. ٢ آڪٽوبر کان ١٤ آڪٽوبر صبح ۽ شام ستگرو مهاراجن امرت ورکا ڪئي. سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سوامي اوڌوداس، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن کان گر منتر وٺي خوب نام جپيو. هن سنت ساري جيون رٽن ڪندي پاٺ بہنام جپيو ۽ ٻين کي پڻ نام جپايو. اسانجي نِنڍپڻ جو ساٿي هو، گرڀائي هو. توهان کي ڌنيواد آهي جو هر سال هتي سوامي اوڌوداس مهاراج جي ورسي ملهايو ٿا. سنتن جي ورسيءَ مان سڀ ورسجي وڃو. هنن اُتسوَن جي مراد بہ اِهائي آهي تہ توهان کي ڪنهن نہ ڪنهن نموني نام جپائجي، پرڀوءَ جي طرف ڌيان ڇڪائجي.

پريميو، جيڪڏهن دنيوي دکن کان بچڻ چاهيو تہ پرڀوءَ جي شرڻ وٺو. روز ڪجهہ نہ ڪجهہ دنيوي ڪمن کي پاسيرو ڪري پرڀوءَ جو ڌيان ڪريو. پرڀوءَ جي ساڪار روپ ۾ توهان جي چت جي ورتي لڳندي. توهان پرماتما جي ڪنهن نہ ڪنهن اوتار جو ڌيان ضرور ڪريو، پر ڌيان ڪريو دل سان، تہ ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن پرڀو اوس توهان کي درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪندو.

گوسوامي تلسيداس ياترا ڪندي برج ڀوميءَ ۾ آيو. اُتي هڪ مندر ۾ ويو. اُن مندر

ڪان پوءِ بہ ڪيس ڀڳوان جو درشن نصيب نہ ٿيو. هي ڏاڍو نراس ٿي پيو. هڪ ڏينهن هي پيارو آشرم جي ٻاهران ويٺو هو تہ هڪ مهاتما اُتان لنگهيو. اُن مهاتما هن کي مايوس ڏسي اُن جو ڪارڻ پڇيو. ڀڳت مڌسودن نراسائيءَ وچان چيو تہ ويدن جا وچن بہ ڪوڙا آهن. انڪري مان اُداس آهيان. مان هت برج ۾ ٻہ دفعا شري گوپال منتر جي ساڌنا ڪئي آهي. انوشنان سماپتي ڪرڻ ڪان پوءِ بہ مونکي ڀڳوان بانڪي بهاريءَ جو درشن نصيب ڪين ٿيو آهي. اُن مهاتما چيو 'پيارا، ويد جا وچن ڪڏهن بہ ڪوڙا نٿا ٿي سگهن. ٻيءَ ڪنهن غلطيءَ سبب ئي شايد توکي پريوءَ جو درشن ڪين ٿيو آهي. تون نااُميد نہ ٿيءُ، هاڻي تون ڪاشيءَ ۾ وڃي وري انوشنان ڪر.'

مهاتما جي صلاح سان پياري مڌسودن ڪاشيءَ ۾ وڃي انوشنان ڪيو. انوشنان جي سماپتيءَ بعد ڪيس مورتيءَ جي پنيان آواز آيو تہ توکي ڇاکپي؟ مڌسودن چيو 'تون ڪير آهين؟ ۽ پنيان ڇا ڳالهائي رهيو آهين؟ منهنجي سنمک اچي ڳالهاءِ.'

وري آواز آيو 'مان ڪاشيءَ جو ڪوتوال ڀئرؤ آهيان. تنهنجي سامهون اچي نٿو سگهان.' پياري مڌسودن چيو تہ مونکي توکان ڪجهہ گهرڻو ڪين آهي. مونکي تہ ڀڳوان شيام سندر جو درشن کپي. ٻي ڪابہ چاهنا ڪين آهي. وري ڀئروَ جو آواز آيو: 'تون بندرابن ۾ وڃي وري ساڳئي منتر جي ساڌنا ڪر تہ توکي ڀڳوان گوپال ڪرشن جو درشن ٿيندو.' پياري مڌسودن چيو تہ بندرابن ۾ مون ٻہ دفعا انوشنان ڪيو آهي تہ بہ مونکي ڀڳوان جو درشن ڪين ٿيو آهي. ڀئروَ وراڻيو 'تو اڳين جنمن ۾ ٽي هتيائون ڪيون آهن. انهن ٽن برهم هتيائن جي پاپ سبب توکي ڀڳوان شيام سندر جو درشن ڪين ٿيو آهي. هاڻي تو ٽي دفعا انوشنان ڪيو آهي انڪري تنهنجي ٽن ڪيل هتيائن جو پاپ نشٽ ٿيو آهي. هاڻي تون وري وڃي برج ڀوميءَ ۾ شري گوپال منتر جي ساڌنا ڪر تہ توکي اوس ڀڳوان شيام سندر گوپال ڪرشن جو درشن ٿيندو.

پياري مڌسودن وري بندرابن ۾ وڃي شري گوپال منتر جي ساڌنا ڪئي. اُن انوشنان جي سماپتيءَ ڪان پوءِ هڪدم پياري مڌسودن کي ڀڳوان شري ڪرشن جو ساڪيات درشن ٿيو. ڀڳوان جو درشن ڪندي سندس اکڙين مان پريم جا آنسون ٽپڪيا. هن پريوءَ جا چرن پڪڙيا. ڀڳوان ڪيس گلي لڳائي سندس اِڇا پوري ڪئي. پريميو، توهان بہ ڀڳتي ساڌنا ڪندا رهو. ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن پريو اوس توهان کي پنهنجو ڪمل مکڙو پسائيندو، ڇاتيءَ ڇپائيندو.

پريميو! توهان جيڪو قرب ڏنو آهي اُن لاءِ توهانکي ڌنيواد. گرو ڀڳتيءَ ۽ ايشور ڀڳتيءَ جي راهہ ۾ وڌندا رهو. توهانجا ٻيڙا ٻني لڳندا.

٢٨ سيپٽمبر رات جو پوجنيہ سواميجن وديش ياترا ڪري واپس وريا. بمبئي هوائي اڏي تي سوَن پريمين سندن پشپ مالهائن سان سواگت ڪيو. ٢٩ سيپٽمبر صبح جو پريم پرڪاش منڊلي ماٽونگا ۾ پوجنيہ سواميجن ستسنگ پروچن ڪيو. پياري گاگنداس سچانندانيءَ ۽ ٻين پريمين سنگرو مهاراجن جو اپينندن ڪيو. اُن بعد منجهند جو ستگرو مهاراج سنڌونگر

ڳنڱي، چوندي گنگا مئيا جي اُستتي ڪريو. خوب دان پڃ ڪريو. نام جپيو تہ توهانجي تن من جي تپت دور ٿي ويندي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

گنگا هرتي پاپ ڪو، ششِ هرتا هئہ تاپ،
پاپ تاپ دونون هري، ٽيئون هرڪا جاپ.

١٠ آڪٽوبر صبح جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ امرت ويلي رام نام جو امرت پيئو. ستگرو سوامي سروانند مهاراڄَ وانگر ڪجھ سميہ مؤن ڌارڻ ڪري ڀڳوت چنتن ڪريو. ست شاسترن جو اڀياس ڪريو. ستگرو مهاراج مؤن جي مهما ڪندي چون ٿا:

ميٺي وستوُ مؤن سم نهن، ديکي جڳہ مانهہ،
ٽيئون تانتي مؤن گهہ، ويرٿ بولَ نہ ڪانهہ.

پريميو، ويرٿ ڳالهين ۾ پنهنجا امولیہ سواس نہ وڃايو. سواس سواس سان نام جپيو. سمرو سمر سمر سک پاوهہ ڪشٽ ڪليش تن مانهہ مٽاوهہ. گرواڻي ۾ سنتن جي واڻيءَ جو اڀياس ڪريو. اڀياس ڪندي توهانجو انتهڪرڻ شڌ ٿيندو ويندو. انتهڪرڻ شڌ هئڻ سان ئي توهان کي ساکي سؤروپ جي ڄاڻ پوندي. ساکي سؤروپ جو گيان ٿيو تہ پوءِ آنند آهي.

ساکشي چيتن رم رها، جل ٿل پنُ آڪاش،
ڪهہ ٽيئون تهن جان کي، پائو سکہ اوناش.

١١ آڪٽوبر نماشام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن ستپرکہ جي شرڻ وڃو ۽ اُنهن جي وچنن ۾ ويساهہ رکو. سنت پاڻ تہ شڪتيشالي آهن پر سندن در جي خاڪ بہ دکہ درد دور ڪندي آهي. ڪي دکي سڄڻ ستگرو مهاراجن کان جل پڙهائي پيئندا هئا تہ سندن دکہ دور ٿي ويندو هو.

قنڌار ۾ هندن مٿان ڏاڍي پابندي هوندي هئي، ايتري قدر جو ڀڳوان جي پوڄا بہ لکي ڇپي ڪئي ويندي هئي. پوڄا جي وقت شنکہ بہ وڄائي ڪين سگهبو هو. اُتي پنڊت لڪشمڻداس جي گهر ۾ ڀڳوان جو ننڍڙو مندر هو. هوُ نت نيم اُتي پوڄا پاٺ ڪندو هو. هوُ ڪنهن ڪم سانگي ٻاهر ويو. سندس پٺيان سندس سپاتر رام رتن ڀڳوان جي پوڄا ڪري شنکہ وڄايو. پاسي ۾ رهندڙ هڪ ڪٽر مسلمان مولوي شنکہ وڄائڻ سبب رام رتن کي گرفتار ڪرايو. ڪيس چيو ويو تون مسلمان ٿيڻ قبول ڪر يا موت جي سزا. رام رتن، سندس ماتا پتا ڏاڍو گهبرائجي ويا. معصوم کي شنکہ وڄائڻ لاءِ ايڏي وڏي سزا! تن ڏينهن ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جو سپتر بابا شريچند قنڌار ۾ آيل هو. رام رتن جو پتا پنڊت لڪشمڻداس بابا سريچند وٽ ويو. ڪيس سمورو سماچار ٻڌائيندي ٻالڪ جي حياتيءَ جي بچاءَ لاءِ وينتي ڪيائين. بابا سريچند ڪيس ڀڀوتي ڏيندي چيو تہ اِها ڀڀوتي وڃي ٻالڪ جي مستڪ تي لڳاءِ تہ سندس وار بہ ونگو نہ ٿيندو. پنڊت لڪشمڻداس بادشاهہ کي عريضي موڪلي تہ مونکي ٻالڪ جو منهن ڏسڻ ڏيو ۽ ڪجھ وقت مهلت ڏيو. سندس وينتي قبول ٿي. هن

جو مهنت گوپالداس ڀڳوان شري ڪرشن جو اُپاسڪ هو. هُو شري ڪرشن، شري ڪرشن چوندڙن کي وڌيڪ اناج ڏيندو هو ۽ شري رام چوندڙن کي گهٽ اناج ڏيندو هو. اُتي اناج وٺندڙن جون اُن نموني ۾ قطارون لڳل هيون. اِهو ڀيد ڏسي سنت تلسيداس اُن مندر جي مهنت کي چيو ته اِهو فرق ڇو؟ گوپالداس وراڻيو ته هت ائين ٿيندو آهي. توهان جيڪڏهن هت شري رام جو درشن ڪرايو ته توهان کي به وڌيڪ اناج ڏبو. بروقت ئي سنت تلسيداس مندر ۾ پرارٿنا ڪئي ته شري ڪرشن هڪدم شري رام بڻجي پيو. اِهو چمتڪار ڏسي مهنت گوپالداس عجب ۾ پئجي ويو ۽ سنت تلسيداس کي پرڻام ڪيائين.

توهين سنت تلسيداس جيان سڀ ۾ رام کي پسو. دين دکي، پکي پسون به آهن رام جا روپ، اُنهن تي ديا درشٽي ڪريو. دکين جي سار لهو ته پريو توهان جي سار لهندو. پکين پسن کي لقمو بڻائي نه کائو. اهو پاپ جو ڪاڌو آهي. پاپ جي ڪاڌي کان، پاپ جي ڪمائيءَ کان پري رهو. ست ڪرم ڪريو، سچ جي ڪمائي ڪريو. اهي ڳڻ سنتن جي ورسي اُتسوَ مان کڻي ورسجي وڃو.

پريم پرڪاش منڊل ۽ نشڪام شيوا منڊل احمدآباد جي سهاري پرم پوڄنيه ستگرو مهاراجن جو ۸۳ جنمدن اُتسوَ ملهايو ويو. پياري ٽانورداس کوبچنداڻيءَ، دادا جيوٽداس جٿرامداس، پياري سنتومل مولچنداڻيءَ پوڄنيه سواميڄن جي جيون ۽ ڪارين تي روشني وڌي. ڪيترن ئي پريمين پوڄنيه ستگرو مهاراجن کي ڦول مالهائون، دشالا ۽ ٻيون سوغاتون ڀيٽ ڪيون. پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته توهان جيڪا به داس جي مهما ڪئي آهي، اِها مهما پرماتما ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي آهي. توهان ڀائرن ڀينرن جي سهيوگ سان ئي سيوا ڪاريه جتي ڪٿي ٿي رهيا آهن. داس ڪجھ ڪين هو، ستگرن ڪرپا ڪري نئون بڻايو. توهين به جيڪر ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرک جي شرڻ وٺي نوان ٿيو. نام جپيو ۽ پراُپڪار جا ڪاريه ڪريو. ڪروڙپتي به دکي آهن ته سنتان وارا به سکي ڪين آهن. گذري سا گذري، باقي سميه شڀ ڪرمن ۾ سڦل ڪريو. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ڪھ ٽيئون تم چيت لي، اب ڪڇ بگڙي ناھ،
ديا ڌرم شڀ ڪرم ڪر، هر سمرو من ماھ.

۹ آڪٽوبر کان ۱۳ آڪٽوبر سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ۹۳ جنمدن اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو. ان سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ۷ آڪٽوبر هردوار ۾ پڌاريا. ۹ آڪٽوبر شري پريم پرڪاش گرنٿ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جو آرنڀ ڪيو ويو. شام جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جنمدن اُتسوَ ۾ هت سوين پريمي ديش وديش مان سملت ٿيا آهن. سوامي سروانند مهاراج ڪيترو وقت هردوار رشيڪيش ۾ ايڪانت ۾ ڀڳوت ڀڄن ۾ گذاريندا هئا. مؤن ڌارڻ ڪندا هئا. هت هردار جهڙي پوتر تيرٿ آستان تي اچي به، جي نام نه جپجي، سنتن جو درشن نه ڪجي، گنگا مئيا جي گود جو آنند نه وٺجي ته هت اچڻ جو فائدو ڪهڙو؟ هتي آيا آهيو ته خوب نام جپيو. گنگا مئيا ۾ ٽٻيون ڏيندي جئه گنگي، جئه

لاءِ توهان کي ڌنيواد آهي. پيارو ڀڳت پرڪاش سرل چت آهي. توهان به سرل چت ٿيندا ته پريوءَ جي وڏيڪ ويجها ٿيندا.

ڀڳت شرومڻي سنت ڪنوررام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پرم پوجنيه ستگرو مهاراج ١٨ آڪٽوبر ڪوٽا ۾ پڌاريا. ٽيئي ڏينهن پوجنيه سواميڄن صبح جو پريم پرڪاش آشرم ۾ امرت ورکا ڪئي ۽ ٽيئي راتيون ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ورسي اُتسوَ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. پوجنيه سواميڄن ڀڳت صاحب کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ڀڳت ڪنوررام صاحب لُولن لنگڙن، سورداسن، اپاهڄن، دکين بکين جي ڪيڏي نه سار لهندو هو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سنت جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

جانکي درشٽي سم رهي، سو سمدرشي جان،
که ٽيئون تان پرش کو، کهتي سنت سڄان.

ڀڳت ڪنوررام صاحب گهر گرهست ۾ رهندي، ڪيڏا نه اُپڪار جا ڪاريه ڪيا ۽ هزارن پيارن کي پريوءَ جي راه ۾ چڪيو. ڀڳت وڄندي جيڪي به پيٽائون ڪيس ملنديون هيون، سي غريب غربن ۾ ورهائيندو هو. سندس جيون اسان لاءِ روشن منار آه. پريميو، توهان به جيون ۾ پراُپڪار جا ڪم ڪريو ۽ پريوءَ کي ياد ڪريو.

هن موقعي تي ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ پڻ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جيون تي روشني وجهندي سنڌي سماج کي اپيل ڪئي ته ڏيتي ليتيءَ جي چڪ سبب ڪيترا گهر اُجڙ ٿي رهيا آهن. نياڻين تي ڪجھ قياس ڪريو.

ڀاءُ گيانچند مسند ڪوٽا جي بزار ۾ هڪ پياؤُ نهرايو. پوجنيه سواميڄن اُن پياؤءَ جو مهورت ڪندي، پياري گيانچند مسند کي ان ڪاريه لاءِ ڌنيواد ڏني.

سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ٢٥ آڪٽوبر سوامي رامڪرشن آشرم پونا ۾ پڌاريا. اُتي به ڏينهن صبح ۽ شام جو پوجنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سوامي گوالانند مهاراج مهان ودوان هئا. اوُجسوي ڪوي هئا. سندن ڪنٺ ۾ سرسوتيءَ جو واسو هو. سنت رامڪرشن کي ڌنيواد آهي جو سندن ٻاڻيءَ جو سنگره ’شري گوالانند گرنٿ‘ جو ٻيو ڇاپو ڇپائي پرڪاشت ڪيو اٿائين، جيئن وڏيڪ پريمي سنتن جي ٻاڻيءَ جو اڀياس ڪري لوڪ پرلوڪ سڌارين. سنت سدائين امر آهن. سندن ٻاڻي به اسانجو مارگ درشن ڪري ٿي.

پريميو، جيئن سوامي گوالانند مهاراج نام سان نينهن جو ناتو ڳنڍيو، تيئن توهان به پريوءَ سان پريم جو پيچ پايو. هي مانک جنم ور ور نٿو ملي.

٢٨ آڪٽوبر صبح جو پوجنيه ستگرو مهاراجن آشرم ۾ جنتا جناردن پرشد طرفان ڀينرن کي منائي، ڪنڊ، دال، چانورن جا پاڪيٽ، ٻارن لاءِ آتشبازي ڏيڻ جو آرنڀ ڪيو. ان بعد پوجنيه ستگرو مهاراج سنڌونگر ٢ ۾ پڻ سفيد پوشن کي منائي جا پاڪيٽ ڏنا. پياري ڀاڳچند کانواڻيءَ ۽ ڀاءُ ڀڳوانداس ڪيسواڻي سوامي جن جا آڀار مڃيا. شام جو پوجنيه سواميڄن

پنهنجي پٽ رام رتن سان ملاقات ڪئي ۽ بابا سريچند جي ڏنل ڀڀوتي رام رتن جي مستڪ تي لڳائي. ڀڀوتي لڳائڻ سان ئي ٻالڪ جي من ۾ نئين چيتنا ۽ ويرتا جو سنچار ٿي ويو. رام رتن جيلر کي جواب ڏيندي چيو ته مان اسلام هرگز قبول ڪين ڪندس. توهان کي جيڪي ڪرڻو هجي بلاشڪ ڪريو. جيلر هڪدم سپاهين کي حڪم ڪيو ته هنکي نوڙين سان ٻڌو. جيلر جو ائين چوڻ ۽ جيلر ۽ ٻيا اُتي بيٺل سپاهي، جن رام رتن کي نوڙين سان ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي، سي سڀ پٿر وانگر بوتا ٿي پيا، هُو نه ڪيڏانهن چري سگهن نه ڳالهائي سگهن. اِهو ڪؤتڪ ڏسي سڀ عجب ۾ پيا. اها خبر بادشاه ڪامران ۽ وزيرن کي پيئي، اُهي جيل ۾ آيا. اهو ڪؤتڪ ڏسي وائڙا ٿي ويا! ڪامران جي دوست گل اڪبر، جو درويش جو دوست هو، ڪامران کي صلاح ڏني ته قنڌار ۾ هندن جو اولياءُ شري سريچند آيل آهي، اُن جي هلي شرڻ وٺو. بادشاه ۽ وزير ٻيو ڪو چارو نه ڏسي بابا سريچند وٽ آيا ۽ عرض پيش ڪيائون. بابا سريچند کين چيو ته رام رتن کي هڪدم آزاد ڪريو ۽ مذهبي ڪٽرپڻي کان باز اچو. شنڪه وڄائڻ لاءِ موت جي سزا اِهو ڪهڙو حساب آهي! ڏٺي سڻي جو آهي. ڏٺيءَ جي بندگي ڪرڻ هرڪنهن جو پنهنجو پنهنجو نمونو آهي. هندن تي اهڙيون پابنديون نه وجهو. بادشاه ۽ وزير انجام ڏنو ته هُو اهڙيون ڪاروايون ڪين ڪندا. بابا سريچند جي ڪرپا سان اُهو جيلر ۽ سپاهي نيڪ ٿي ويا ۽ رام رتن به جيل مان آزاد ٿيو. بابا سريچند جي ڀڀوتيءَ ۾ ڪيڏي نه طاقت هئي. اِها سندس ڀڳتيءَ جي شڪتي هئي.

پوڄنيه سواميڄن پنج ئي ڏينهن صبح ۽ شام جو امرت ورکا ڪئي. ١٣ آڪٽوبر سنجها جو پوڄنيه سواميڄن اُتسؤ جو پلئه‌پائيندي چيو ته پريوءَ لاءِ پياس رکو ته ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهان کي پريوءَ جو درشن اوس ٿيندو. پياس لاءِ وئراڳيه ضروري آهي. دنيوي پدارٿن کان ڪٽائي هٽڻ گهرجي. پريوءَ جي پيارن کي پريوءَ کان سواءِ ٻي ڪا چيز مٺي نٿي لڳي. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ڪهه نيئون ڀڳوان ڪو، چاهت ڀڳت سڄان،
نش دن ڀڳوت چرڻ ۾، پريم ڪرت پرڏان.

١٧ آڪٽوبر پريم پرڪاش مندر آگري ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگه پروچن ڪندي چيو ته ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرکه جي شرڻ وٺو، جو توهانجي راهه روشن ڪري. سنت، نه صرف پاڻ دکه درد دور ڪن ٿا، پر سندن ٻاڻيءَ ۾ به وڏي شڪتي آهي، جنهنجي پاٺ ڪرڻ سان يا پاٺ ڪري جل پيئڻ سان به دکه دفع ٿين ٿا، پر ڪو وشواس رکي. ڪيترا شرڌالو شري گروگرنٿ صاحب جي منجيءَ جا پاوا يا شري گروگرنٿ صاحب تي چڙهيل رومال جي ڪنڊ پاڻيءَ ۾ وجهي اُهو پاڻي پيئندا آهن ته سندن دکه درد دور ٿي ويندو آهي. مطلب ته وشواس واري جي جئه آهي. هڪ دفعي سنت دادوءَ جي هڪ گرهستي پريميءَ کي پيٽ جي سور ڏاڍو ستايو. هي پيارو سنت دادوءَ جي شش، سوامي هرجي رام وٽ آيو. دادو واڻيءَ جي رومال جي ڪنڊ جل ۾ ٻوڙي، اُهو جل اُن پريميءَ کي پيئاريو ته سندس پيٽ جو درد دور ٿي ويو.

پريميو، هٿ روز اچي نيم نڀايو. توهان پياري ڀڳت پرڪاش کي سهيوگه ڏيو ٿا، ان

شانت ٿي ويو. پريميو، ساھ تي اعتبار ڪين آھي. جيڪي ڪرڻو اٿؤ سو بروقت ڪيو. دان پڇ سمرڻ، جيڪي بہ شبھ ڪرم ڪرڻ چاھيو، دير نہ ڪيو.

١٠ نومبر ٻارس ڏينھن پوڄنيہ سواميڄن سوامي چندن پرڪاش سوامي ٽيئونرام مندر پونا ۾ پڌاريا. نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ پريو جيڪي ڪري ٿو، اسانجي ڀلي لاءِ. ان ڪري سدائين رب جي رضا تي راضي رھو. اسان جو گيان سيمت آھي، انڪري ڪا پرتيڪول ڳالھ ٿئي ٿي تہ اسين ھڪدم خفي ٿيون ٿا. پريوءَ جي ھڪ ھڪ ڳالھ ۾ راز رکيل آھي، جنھنجي اسانکي پوري ڄاڻ ڪين آھي. سدا صبر ۽ شڪر ڪريو.

شڪر ڪر شڪر ڪر ڏٽيءَ جي دئاري،
شڪر سان صبر کي رکج ھردي ڌاري.
(١) ملن توڙي پڳڙا بنا لوڻ روٽي
خوشيءَ ساڻ کائج ڇپاڙي ڇپاڙي شڪر ڪر....
(٢) سھج ڪشٽ آيل صبر ساڻ سر تي،
ڪج نہ دور تن کي ڪرامت ڏيکاري، شڪر ڪر...
(٣) صبر شڪر جنھن کي، چون سنت تنھن کي،
مڃن لوڪ اُن کي پرين پاس ويھاري، شڪر ڪر...
(٤) بنا صبر شڪر جي وٽي جيءَ نہ ڪنھن کي،
بي شڪر بندن کي ڏٽي پي ڏڪاري. شڪر ڪر...
(٥) ڪھي ٽيئون جي تون مڃين ڳالھ منھنجي،
بٽيءَ سان بٽيو رھ، ھلج ھوڏھاري. شڪر ڪر...

پريميو، جيڪڏھن توھين روحاني راھ ۾ وڌڻ چاھيو ٿا تہ صبر ۽ شڪر کي اپنايو. ائين ڪرڻ سان توھانجو چت پرسن رھندو. جيڪڏھن چت پرسن آھي تہ اُھو چت پريوءَ جو چنتن سولائيءَ سان ڪري سگھندو. اسين ٿوري گھٽي ڳالھ تي غصي ۾ ٻرجي وڃون ٿا. ڪاڏي پيتي ۾، ڪس پڪائي آھي، اُن تي بہ ناراض ٿيندا اسين. ڏنڊي وھنوار ۾ لاھيون چاڙھيون آھن، ھڪدم نراُتساھ ٿي ويندا آھيون. ائين نہ ڪريو. من کي وس ۾ رکي، دکہ سکہ،تتي ٿڌيءَ ۾ سم ڀاوَ سان رھو تہ توھان کي چت ۾ شانتيءَ جو انڀؤ ٿيندو.

١١ نومبر صبح جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ ھڪ دفعي ھڪ بند، ھيڙيءَ کان پڇيو تہ ڀيڻ، تون بہ ڪاٺ جي آھين ۽ مان خود ڪاٺ. تون درياھ جي وچ ۾ ترين ٿي، بار کڻين ٿي، ماڻھن کي کڻين ٿي، ملاح کي پالين ٿي، پاڻ بہ ترين ٿي ۽ ٻين کي بہ تارين ٿي، پر منھنجو ھي حال، جو ڪڏھن ٻڏان ٿو، ڪڏھن تران ٿو، ائين چو آھي؟ ھيڙيءَ جواب ڏنو 'ڀاءُ بند، آھين تون بہ ڪاٺ جو ۽ مان بہ ڪاٺ جي،

بمبئيءَ روانا ٿيا. ٢٩ آڪٽوبر ڏياري جي شڀ ڏينهن پريمي پوڄنيه سوامي جن کي ڪپڙي جي مارڪيٽ ۾ وني ويا ۽ پنهنجي نئين چوپڙن جو مهورت ڪرايائون. ٣٠ آڪٽوبر سواميڄن آشرم ۾ واپس آيا.

ڪارتڪ مهني سبب ١ نومبر پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ٩ نومبر تائين روز امرت ويلي پوڄنيه سواميڄن ڪارتڪ ڪٿا سان گڏ شري گرو گرنٿ صاحب جي واڻيءَ جي وياکيا ڪري نام جو امرت پيئاريندا هئا.

٦ نومبر گوپ اشٽميءَ جي شڀ ڏينهن پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي گئو ماتا جي مهما ٻڌائي. ان بعد پوڄنيه سواميڄن، هزارين پريمي گئو ماتائن سان گڏ رام نام جون ڌنيون لڳائيندا، پرڪرما ڏيڻ لاءِ آشرم مان نڪتا. شام جو ٤ بجي شري راڌي شيام گئو شالا ۾ گوپ اشٽمي اُتسؤ، پوڄنيه ستگرو مهاراجن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. گئو شالا جي سيڪريٽريءَ پياري نِنديرام ٺهلرام گئوشالا جي ڪاريه جي رپورٽ ٻڌائيندي چيو ته پوڄنيه سواميڄن جي ڪرپا سان گئوشالا جو شيوا ڪاريه ٿي رهيو آهي. ديال آشا دانويرن کي گئو ماتائن جي شيوا لاءِ اپيل ڪئي. پوڄنيه سواميڄن وياکيان ڪندي چيو ته گانءِ اسان جي ماتا آهي. اُنجي شيوا ڪرڻ ۽ رڪشا ڪرڻ اسان جو ڪرتويه آهي. ڀڳوان شري ڪرشن ڳانئن جي ڪيڏي نه شيوا ڪندو هو. ڪيس ڳانئن لاءِ ڪيڏي نه شرڌا هئي جو هن پنهنجي لوڪ جو نالو ئي گئو لوڪ رکيو. پريميو، توهان به ڳانئن جي خوب شيوا ڪريو.

٧ نومبر رات جو پوڄنيه سواميڄن، مهاراج نارائڻداس جي آستان تي ستسنگ ڪيو.

٩ نومبر ڪارڪت ايڪادشيءَ ڏينهن، پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن ڪارڪت ايڪادشيءَ جو مهاتم ٻڌائيندي چيو ته اڄ ساري رات جاڳي ڀڳوان شري ڪرشن جو سمرڻ ڪريو. اڄ مهان پوتر ڏينهن آهي، خوب دان پن ڪيو، ڳانئن جي شيوا ڪيو. ستسنگ بعد هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا، پوڄنيه سواميڄن سان گڏجي، سرڳڌام شمشان ڀوميءَ ۾ آيا. اُتي پوڄنيه سواميڄن وياکيان ڪندي چيو ته هڪ ڏينهن هرڪنهن کي هت اچڻو آهي، ڪو غريب هجي يا امير هجي، سندر هجي يا ڪروپ هجي، گيانوان هجي، ودوان هجي، هرڪنهن کي هت ڀسم ٿيڻو آهي. ڪال جو سڏ ٿئي، اُن کان اڳ پنهنجي جيون شڀ ڪرمن ۾ سڦلي ڪيو. شڀ ڪرم ڪرڻ ۾ دير نه وجهو، ساهه تي ڀروسو نه آهي. ڪال سدائين سر تي سوار سمجهو.

شري يڌشٽر وٽ هڪ برهمڻ دان وٺڻ آيو. يڌشٽر چيس ته سڀاڻي دان وٺڻ اچج. برهمڻ واپس موٽيو. دروازي تي ڀيم پڇيس ته ڇو نراس پيو لڳين؟ برهمڻ ورائيو ته يڌشٽر چيو ته سڀاڻي اچي دان وٺج. ڀيم اِهو ٻڌي هڪدم نغارا وڄايا. شري يڌشٽر نغارن جي آواز تي هڪدم ٻاهر آيو ۽ ڀيم کان نغارن وڄائڻ جو ڪارڻ پڇيائين. ڀيم آدر سان جواب ڏيندي چيو ته توهان اڄ ڪال تي جيت پاتي آهي، مان انڪري نغارو وڄايو. يڌشٽر پڇيو ته اِهو ڪيئن؟ ڀيم چيو ته توهان برهمڻ کي دان وٺڻ لاءِ سڀاڻي گهرايو آهي، تنهنجي معنيٰ توهان کي پڪ آهي ته سڀاڻي توهان جيئرا هوندا. ڀيم جو اِهو جواب ٻڌي يڌشٽر

وڏي. رات جو پوڄنيہ سواميڄن سنڌونگر ٢ ۾، جئہ بابا ڏام سنڌونگر ٥ ۾ ۽ پياري راجلسنگھ بنيجا جي گھر جي ٻاهران، منڊپ ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي جنمدن اُتسون ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي سکيائن تي روشني وڌي ۽ گروجن جي مهما ڳائي.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر جو اُٺويهون وارشڪ اُتسؤ ١ ڊسمبر کان ٥ ڊسمبر ڏاڍي اُمنگہ ۽ اُتساھ سان ملهايو ويو. صبوح جو پوڄنيہ سوامي جن سيني سنتن سان گڏجي جھنڊو چاڙهي اُتسؤ جو آرنڀ ڪيو. منجھند جو ٣ بجي پوڄنيہ ستگرو مهاراجن جي سونهپ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شنڪر، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي سندر جھانڪين سان جلوس نڪتو، جنهن ۾ هزارين پريمي ۽ سنت رام نام جي ڌني لڳائيندا هليا. شام جو ساڍي ٦ بجي پياري موٽومل ڪيراجمل چانڊواڻيءَ جي گھر پوڄنيہ سواميڄن سنتن سهت پڌاريا. سيني پريمين کي پياري موٽومل چانڊواڻي، سندس پتني ايشوري ٻائي، پياري دولترام چانڊواڻي، گھنشيامداس موٽومل، ڪشورلعل موٽومل، چندرلعل موٽومل، ڀڳوان موٽومل، ساري پريوار، جل پان ڪرائي آسيس ورتي.

شام جو ٨ بجي جلوس آشرم ۾ واپس وريو. پوڄنيہ سواميڄن آيل سنتن جو سواڳت ڪندي ستسنگہ پروچن ڪيو. چارئي ڏينهن صبح شام سنتن مهاتمائن امرت ورکا ڪئي. ٤ ڊسمبر صبح جو ١٠ بجي سنت سماڳم رکيو ويو. پوڄنيہ سواميڄن آيل سنتن جو سواڳت ڪندي چيو:

سنتن چرن پڌاريا، ديا ڪري مم ڌام،
ڪھ ٽيئون پورن ڀيي، آڄ هماري ڪام.

اڄ اسانجا سڀاڳيہ آهن جو هت سڀني سنت مهاتمائون پڌاريا آهن. سنت پرماتما جا عيوضي آهن. سنتن جو درشن معنيٰ پرماتما جو درشن. اڄ انهن مهاپرشن جي درشن ڪرڻ ۽ پروچن ٻڌڻ جو سيني کي سونهري وجھ مليو آهي. شل اهڙي ديا درشٽي سنت اسان تي سديوَ ڪندا رهن.

٥ ڊسمبر پرڀات جو پوڄنيہ سواميڄن اُتسوَ جو ڦلئہ پائيندي چيو تہ پريوءَ ۽ ستگرو مهاراجن ۾ پورڻ وشواس رکو ۽ پريوءَ کي نہ وساريو. دم دم رسنا سان رام جپيو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ري من راکو رام ۾، پورن تم وشواس،
ڪھ ٽيئون وشواس سي، هووي سڀ دکہ ناس.

وشواس وارو ئي ڪٿيو ڪائيندو آهي. سنتن ستپرکن، گروءَ ۽ وڏڙن جي وچنن ۾ ويساھ رکنداسين تہ ٻيڙا ٻني لڳندا. لنڪا جي هڪ رهواسيءَ کي سمنڊ پار ڪري ڀارت ۾ وڃڻو هو. ويڀشڻ کيس چيو تہ هن شيءَ کي پنهنجي ڪپڙي جي ڪنڊ ۾ ٻڌي تون سمنڊ ۾ گھڙج. ان شيءَ جي آڌار تي تون پاڻيهي ساگر پار ڪري وڃي ڀارت ۾ پهچندين. اُن ۾ ايڏي شڪتي آهي، جو تون پاڻيءَ تي پنڌ ڪري سگھندين. پر هڪ ڳالھ جو خيال ڪجانءِ.

پر موںکي ڪنهن ڪاريگر گهڙي تيار ڪيو آهي، ان ڪري مان تري سگهان ٿي ۽ ٻين کي به تاريان ٿي.' پريميو، توهان به ڪنهن ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺو، جيڪو توهان کي نيپي ناهي تيار ڪري. پوءِ توهان پاڻ به سنسار ساگر مان ترندا ۽ ٻين کي به تاري سگهندا.

١٢ نومبر شام جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته هي ڪتيءَ جو مهنو اُتم مهنو آهي. پربات جو اُٿي خوب نام ڄپيو. سنساري ڳالهين ۾ توهان ڪيڏي نه دلچسپي رکو ٿا. دنيوي عيش عشرت ۾ ڪيڏو نه توهين محوُ ٿي وڃو ٿا، اِهي پدارٿ ته ڪٿينگر آهن. ست پدارٿن سان سنبنڌ رکو. نام پدارٿ ئي سچو پدارٿ آهي. اِهو پدارٿ توهان کي هت به سکي رکندو ته پرلوڪ ۾ به سکي رکندو. ٻيون ڳالهيون ڀلي وساريو، پر نام نه وساريو. ستگرو مهاراج به اِها سکيا ڏين ٿا:

ڪليگ ۾ هري نام هئه، سب ساڌن ڪا سار،
ڪه ٽيئون تنهه سمر ڪي، پائو موڪش دوار.

١٣ نومبر صبح جو پوڄنيه سواميڄن شري گرو نانڪ مهاراجن جي جيون ۽ ٻاڻيءَ جو ورڻن ڪندي چيو ته گرو نانڪ ديو گهر گرهست ۾ رهندي، اناسڪت ڀاوَ سان رهيا. پاڻ اوتاري پرکه هئا، پر تنهن هوندي به سندن ورتي انئي پهر نام سان جڙيل رهندي هئي. گروجن لوڪن کي سڄاڳه ڪرڻ لاءِ ڪيڏا نه رٽن ڪيا. هڪ دفعي جهنگل ۾ گرو نانڪ ديوَ سان رٽن ڪندي ڀائي مرداني کي بکه لڳي. ڀائي مرداني گروجن کي وينتي ڪئي ته بکه بي حال ڪيو آهي. تڏهن گروجن کيس آڳيا ڪئي ته سامهون واري اڪ جي ٻوٽي مان ڦليوُن پٽي کاءُ، پر هٻڇ نه ڪڄ. ڀائي مرداني آڳيا انوسار اڪ جون ڦليون پٽي کاڌيون. اڪ جون ڦليون ڪوڙيوُن زهر ٿينديون آهن، پر گروجن جي شڪتيءَ سبب اُهي اڪ جون ڦليون کيس ڏاڍيون سواديون ۽ مٺيون لڳيون. هن پياري هٻڇ ڪري وڏيڪ وڏيڪ اڪ جون ڦليون کاڌيون ۽ ٻئي ڏينهن لاءِ به اڪ جون ڦليون پٽي پاڻ وٽ رکيون. جيئن ئي ٻئي ڏينهن مرداني، اُهي اڪ جون ڦليون کاڌيون ته سندس پيٽ ۾ ولوڙا پوڻ لڳا. هوُ دانهون ڪرڻ لڳو. تنهن تي گروجن چيس 'ابا، توکي اڳوات ئي چيوسي ته هٻڇ نه ڪڄ. هٻڇ واري جو اهڙو حال ٿيندو آهي.' گروجن آخر اڪ مان پن پٽي مرداني کي کارايا. جنجي کائڻ کان پوءِ مرداني کي فرحت ٿي.

پريميو، سنت ستپرکه ور ور سمجهائيندا آهن ته دنيوي پدارٿن جي به هٻڇ نه ڪريو، نه ته دکي ٿيندا.

جتني خوشيان ماڻيان، تتنا پيا روگه.

ڀوڳ آهن روگه. اُنهن جي پٺيان زندگي برباد نه ڪيو. خوب نام ڄپيو. گروجن جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيو.

شام جو ٤ بجي پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش آشرم، سنڌونگر ٥ ۾ واپس آيا. شام جي ستسنگ ۾ شري پريم پرڪاش گرنت، شري گرو گرنٿ صاحب ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جي ڀوڳن بعد پوڄنيه سواميڄن شري گرو نانڪ ديو مهاراج جي جيون تي روشني

پريميو، سنت ڀڳوان جي مورتيءَ کي جڙ نہ سمجھيو پر چيتن سمجھي اُن کان رستو پڇيو تہ کيس ڀاونا جي موٽ ملي. توهين بہ پربوءَ ۾ پورڻ وشواس رکو.

١٦ ڊسمبر پوڄنيہ سواميڄن احمدآباد ۾ پڌاريا. صبح جو ڪبيرنگر احمدآباد ۾ پوڄنيہ سواميڄن مهاتما گانڌي هاير سيڪنڊري اسڪول جي پرائمري اسڪول جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وڌو. سيڪريٽري شري ٺانورداس خوبچنداڻيءَ سوامي جن جو سواگت ڪيو. سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ وديا دان آتم دان آهي. اسڪول گيان جا ڪيندر آهن. جتان هزارين وديارٿي وديا گرهڻ ڪري پنهنجو آئينده روشن ڪندا. ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد آهي جي ان ڏس ۾ پنهنجو يوگدان ڏيئي رهيا آهن.

١٦ ڊسمبر کان ١٨ ڊسمبر سنت پرڀارام ڪالونيءَ ۾ سائين سنت پرڀارام صاحب جي ورسي ملهائي ويئي. اُن ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ٽي ڏينهن امرت ورکا ڪندي سنت پرڀارام جي جيون تي روشني وڌي. ١٨ ڊسمبر شام جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سوامي جن چيو تہ سنت پرڀارام صاحب ڪيئن نہ ڌنڌو وهنوار ڪندي، رات جو وچي گروءَ سان نيهن نڀائيندو هو. گروءَ جي ڪرپا سان پربوءَ جي راه ۾ اڳتي وڌيو ۽ نام جپيندي جپيندي پاڻ سچو سنت ٿي پيو. پريميو، توهين بہ نام کي نہ وساريو. روز ڪو نہ ڪو شڀ ڪرم ڪريو. سدائين ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. ڪروڌ ڪاري اونده سمان آهي. اونده ۾ بہ پاڻ ڏسي سگھبو آهي پر ڪروڌ ۾ پنهنجي پرائي جي پروڙ ڪين پوندي آهي. ڪروڌيءَ جو منهن سڄيل هوندو آهي، جڻ ڪنهن ڏينهوءَ چڪ پاتو اٿس.

جيڪڏهن ڪروڌ وارو ڪروڌ مان ٿڪ ڦٽي ڪري ۽ اُن ٿڪ تي ڪا مک ويهي تہ اُها مک مري ويندي، چاڪاڻ تہ ڪروڌيءَ جي ٿڪ بہ زهريلي ٿيندي آهي. ڊاڪٽرن پڻ اهڙا آزمودا ڪيا آهن. ڪروڌي ماتا جي ٿڃ پيئندو تہ اُها ٻالڪ بيمار ٿي پوندو. ڪروڌ چنڊال آهي. ڪروڌ ڪرڻ ڪيترن جي تپسيا بہ ناس ٿي وڃي ٿي. ڪروڌي بلڊپريشر ۽ ٻين ڪيترين بيمارين جو شڪار ٿئي ٿو.

ڪروڌ وڏو زهر آهي. زهر نانگ وٽ هوندو آهي، پر کيس ڪو نقصان ڪونہ رسائيندو آهي، ڪروڌي پاڻ بہ پيو اندر ۾ سڙندو ۽ ٻين کي بہ پيو ساڙيندو.

ڀڳوان شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو تہ: نرڪ جا ٽي دروازا آهن: ڪام ڪروڌ ۽ لوڀ. ان ڪري انهن ٽنهي وڪارن جو تياڳ ڪرڻ گهرجي.

ڪروڌ جي ڪري ڪيترائي جهڳڙا ٿيندا آهن، نقصان ٿيندا آهن. ڪروڌ وڏي بيماري آهي. ڪروڌ شڀ ڪرمن کي کڻڻ لاءِ وڏي کهاڙي آهي. ڪروڌي سدا دکي.

ڪنهن راجا ڪاوڙجي پنهنجي راج پروهت کي سندس ڪيل غلطيءَ سبب راڄڌانيءَ مان ڪڍي ڇڏيو. پروهت راجا جو ڪروڌ شانت ڪرڻ جي گھڻي ڪوشش ڪئي پر راجا جو ڪروڌ جهڪو نہ ٿيو. انڪري پروهت دکي گذارڻ لڳو. کيس دکي ڏسي راج محل جي

۾ ايڏي شڪتي آهي، جو تون ٻاڻيءَ تي پنڌ ڪري سگهندين. پر هڪ ڳالهه جو خيال ڪجانءِ. ان وستوءَ کي کولي نه ڏسجانءِ. جي کولي ڏسندين ته سمنڊ ۾ ٻڏي ويندين. اهو شخص وسِشٽ جي آگيا انوسار اُن وستوءَ کي ڪپڙي جي ڪنڊ ۾ ٻڌي، وشواس رکي، سمنڊ ۾ گهڙيو. هي سمنڊ ۾ ائين پيو هلي، ڄڻ هو ڌرتيءَ تي پنڌ ڪري رهيو آهي. هي پيارو ڪافي اجهاڳه سمنڊ جهاڳي آيو. باقي ٿورو مفاصلو هو. سندس من ۾ خيال ٿيو ته اِها وستو ڪهڙي آهي؟ جنهنجي آڌار تي مون اجهاڳه سمنڊ جهاڳيو آهي، ڇو نه کولي ڏسان. وناش ڪالي وپريت ٻڌي. هن جيئن ئي ڳنڍ کولي ته اُن مان هڪ پتو نڪتو جنهن تي 'شري رام' جو نالو لکيل هو. هي هڪدم سمنڊ ۾ ٻڏي ويو. هن وسِشٽ جي وچنن جو پوريءَ ريت پالن ڪين ڪيو، نه ته ته سارو ساگر پار ڪري ٻارت ۾ وڃي پهچي ها.

پريميو ستپرڪن، ستگرن ۽ وڏڙن جي آگيا جو چڱيءَ ريت پالن ڪيو. نام سمرڻ ڪريو. روز ڪو نه ڪو اُپڪار جو ڪم ڪريو. ٻين کي سکي ڪريو ته پرماتما توهان کي سکي ڪندو. مانس آهار ۽ شراب جو تياڳه ڪريو. پکي پسون به پريوءَ جي سنتان آهن، اُنهن کي به پيار ڏيو. هن اُتسوَ ۾ ڪنهن سنت کي يا ٻئي ڪنهن پريميءَ کي ڪا تڪليف ٿي هجي ته داس کي ڪميا ڪندا. جن به شيواڌارين هن اُتسوَ ۾ شيوا ڪئي آهي، تنکي ڌنيواد.

سنت اوڌوداس برهمچاري ٻڙودا ۾ گيتا گيان يگيه آيوجت ڪيو. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ۹ ڊسمبر ٻڙودا ۾ پڌاريا. ڀاءُ پرتاب رامچنداڻي ۽ ٻين پريمين سندن هاردڪ اڀنندن ڪيو. پوجنيه سواميڄن ٽي ڏينهن اُتي امرت ورکا ڪندي شريمد ڀڳوت گيتا جي جدا جدا وشين تي روشني وڌي. ۱۳ ڊسمبر پوجنيه سوامي جن اجمير ۾ پڌاريا. اُتي هر سال جيان پنڊت سيتلداس جي پريوار شري گيتا جينتي اُتسوَ جو آيوجن ڪيو. پوجنيه سوامي جن ٽي ڏينهن شام جو شريمد ڀڳوت گيتا جي ڪرم يوگ تي پروچن ڪندي چيو ته ڪرمشيل ٿيو. شڀ ڪرمن ڪرڻ ۾ ئي جيون جي سارٿڪتا آهي. ڪا مشينري يا ساز، جي ڪم نه آڻبو ته ڪٽجي ويندو. تيئن مانش روپي املهه رتن سستيءَ ۾ وڃائبو ته جيون برباد ٿي ويندي. جن جو به اڄ جڳت ۾ نالو آهي، سي ڪرم يوگي هئا. اُنهن ست ڪرم ڪندي ڪيترا ڪشٽ به سٺا مگر اڄ هو امر آهن. پريميو، صدق سان ڀڳوان شري ڪرشن جو ڌيان ڪيو. ڀاونا جو ڀاڙو اوس توهان کيم ملندو.

ڀاونا ئي ڦل ڏئي ٿي. ڀڳوان يا ديوتائن جي مورتين کي مورتي نه سمجهي، اُنهن کي ساکيات سمجهي پرارٿنا ڪنداسين ته اُن جو اوس ڦل ملندو. هڪ دفعي ڀڳت نامديو کي ڪونتل ڳوٺ ڏانهن وڃڻو هو. هي اڪيلو نڪتو. رستي تي ٻه واٽون آيون. هڪ ڪونتل ڳوٺ ڏانهن، ٻي ٻي ڳوٺ ڏانهن وڃڻ واري واٽ هئي. هي واٽ جو اڻڄاڻ هو. رستي تان ڪو به ماڻهو به ڪونه پيو لنگهي. نامديو منجهي پيو ته ڪهڙي واٽ وٺي وڃان. ٻه واٽي تي ڀڳوان جي هڪ مورتي هئي. سنت نامديو وشواس رکي اُن مورتيءَ کان پڇيو ته ڪونتل ڪهڙي طرف آهي؟ ڀڳوان جي مورتيءَ هٿ ڊگهو ڪري چيو ته ڪونتل هن طرف آهي. سنت نامديو اُن طرف اڳتي وڌيو.

آيا آيا ٿي سنت سچارا، اڄ ڪليا ٿي ڀاڳ همارا.
١) ڀلي آيا، جيءُ آيا، سنتن آئي آنند ڇايا،
وڳا باجا بغل اپارا، اڄ ڪليا ٿي ڀاڳ همارا.
٢) ويا دکڙا ٿيا سکڙا، مهاپرشن جا ڏسي مکڙا،
ڪن پريمي جئه جئڪارا، اڄ ڪليا ٿي ڀاڳ همارا.
٣) سنت پيرا پائن جاتي، منگل آنند ٿين تاتي،
اُتي ستسنگ جا هڪارا، اڄ ڪليا ٿي ڀاڳ همارا.
٤) اُتي وئڪنٺ، اُتي سرڳ ٿي، جاتي ٽيئون ستسنگ ٿي،
اُتي برسي امرت ڌارا، اڄ ڪليا ٿي ڀاڳ همارا.

ٽيئي ڏينهن صبح شام پوجنيہ سواميجن، سوامي تلسيداس گانڌيڌام، سوامي ميهرداس الڪڌام، سائين آتمارام صاحب، سوامي نارائڻداس امرڌام، سوامي سنتوشداس، سوامي ساڌورام، سوامي ڪمياداس، سنت روپارام، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش سوامي برهمداس ۽ ٻين سنتن مهاتمائن امرت ورکا ڪري هزارين پياسي دلين جي پياس پوري ڪئي.

٧ جنوري پوجنيہ سواميجن سيني سنتن جا آڀار مڃيندي چيو تہ سنت سماج جا سنرڪشڪ آهن. هوءُ نہ صرف پريمين جو آڌياتمڪ مارگ درشن ڪن ٿا، پر اُنهن جي وهنوارڪ جيون لاءِ راهہ روشن ڪن ٿا. سماجڪ براين کي دور ڪرڻ جو يتن ڪن ٿا. سنتن جي هٿ پڌارجڻ سان سرڳ ٿي پيو آهي. سنتن جي شيوا ۾ ڪا گهٽ وڌائي ٿي هجي تہ داس کي ڪميا ڪندا. اڄ مان سيني سنتن کي اپيل ڪريان ٿو تہ ڌارمڪ وديا جو خوب ڦهلاءُ ڪريو. اڄ اسانجا ڪيترا پيارا ڌرم کان ومکہ ٿي رهيا آهن. راشٽريہ ايڪتا قائم ڪرڻ لاءِ بہ سنت يوگدان ڏين. راشٽريہ سرڪشت تہ اسين سرڪشت.

پوجنيہ سواميجن سيني سنتن مهاتمائن جي رهائش ۽ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪيو ۽ ڪين ڀيٽائون ڏنيون. پوجنيہ سواميجن ڪيڏا نہ وشال هرديہ هئا، جو سڄو ٻوجهو پاڻ تي هموار ڪيائون.

٧ جنوري شام جو سوامي ٽيئونرام آشرم اُلهاسنگر ٥ ۾ جنتا جناردن پرشد جي سهاري ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويو. ان موقعي تي پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جوڙن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ اڄ توهانجو نئون جيون شروع ٿئي ٿو. گرهست جيون ۾ پريم، شانتي ۽ ايڪتا، سهنشيلتا ۽ مريادائن انوسار رهي جس کٽو. گهر ۾ وڏڙن جي عزت ڪريو ۽ سندن شيوا ڪري آسيس کٽو. ڊاڪٽر ديال آشا چيو تہ پوجنيہ سواميجن جي آشيرواد سان جنتا جناردن پريشد طرفان جدا جدا شهرن ۾ ساموهڪ شادين جو آيوجن ڪيو وڃي ٿو. هڪ ڪرانتيڪاري قدم آهي. بنا اڊمبر ٿوري خرچ ۾ شاديون ڪرايون وڃن ٿيون.

جهاڙو هڻندڙ پروهت کان سندس ڏک جو ڪارڻ پڇيو. تڏهن هن ڪيس ٻڌايو تہ راجا جي ڪروڌت ٿيڻ سبب نيڪالي ملي آهي ان ڪري هو ڏکي آهي. اهو هريجن راڄ محل جي صفائي ڪري روز راجا کي چوڻ لڳو تہ مون سان انصاف ٿيڻ گهرجي. راجا هن کان پڇيو 'توسان ڪهڙي بي انصافي ٿي آهي؟' ان هريجن وراڻيو، 'راجن! توهان منهنجي ڀاءُ کي پاڻ وٽ روڪي ويهاري ڇڏيو آهي.' راجا عجب مان پڇيو 'تنهنجي ڪهڙي ڀاءُ کي مون پاڻ وٽ روڪيو آهي؟' هريجن وراڻيو 'راجن مان ذات جو **چنڊال** آهيان. ڪروڌ بہ چنڊال آهي ان ڪري ڪروڌ منهنجو ڀاءُ آهي. ان کي اوهان پاڻ وٽ جاءِ نہ ڏيو،' راجا اهو ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ اُن ڏينهن کان هن ڪروڌ جو تياڳ ڪيو.

هڪڙو ساڌو سئر ڪندي جمنا جي ڪناري تي پهتو. اُتي هيا کي ساڌو بہ ڌوٽي دکائي سوٽا لڳائي رهيا هئا. اوچتو ان گهاٽ تي چنڊال کي سنان ڪندي ڏسي هڪڙي ساڌوءَ کي ڪروڌ آيو ۽ اُن چنڊال کي هن گهٽ وڌ ڳالهائي ہ ٽي ڌڪ بہ وهائي ڪڍيا. ساڌوءَ کيس نديءَ مان ٻاهر ڪڍندي چيو تہ تو گهاٽ کي اپوتر ڪري ڇڏيو آهي. اهو ويچارو اُتان هلي وري ٻي هنڌ ٻري وڃي اشنان ڪرڻ لڳو تنهن تي ٻي ساڌوءَ هن کان پڇيو 'تو تہ اشنان ڪيو هو پر وري وڃي اشنان ڇو ڪري رهيو آهين؟' ان شخص وراڻيو 'سائين! منهنجو شرير برابر چنڊال آهي پر هن ساڌوءَ جي من ۾ ڪروڌ روپي چنڊال مونکي ڇهيو آهي. ڪروڌ بہ هڪ وڏو چنڊال آهي ان ڪري مان اپوتر ٿيڻ سبب وري اشنان ڪري رهيو آهيان.

٢٠ ڊسمبر پوجنيہ سواميجن گوڌرا ۾ پڌاريا. اُتي پوجنيہ سواميجن ٽي ڏينهن امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ٢٣ ڊسمبر پوجنيہ سواميجن هٿين ضلع فريدآباد ۾ پڌاريا. ٢٤ ڊسمبر پوجنيہ سواميجن اُتي مورتين جي اِسٿاپنا ڪندي چيو تہ انهن مورتين کي پٿر جون مورتون نہ سمجهو. وشواس رکي پوڄا اُپاسنا ڪريو تہ توهان جي من جون مرادون پوريون ٿينديون. هت نت نيم اچي ستسنگہ ٻڌو. نام جپيو تہ توهانجو ڪلياڻ ٿيندو. پوجنيہ سواميجن ٢٨ ڊسمبر تائين هٿين ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو.

ڀائي ميهرسنگہ ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ شري گرو گوبندسنگھ مهاراجن جو جنمدن اُتسوُ ملهايو. ان سنبنڌ ۾ ٣ جنوري ١٩٩٠ رات جو پوجنيہ سواميجن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ شري گرو گوبندسنگھ ڀڳتي ۽ شڪتيءَ جو روپ هو. هن هندو ڌرم جي رکشا خاطر ڪيڏي نہ قرباني ڪئي. اڄ ڀارت کي اهڙن سوروين جي سخت ضرورت آهي، جيڪي راشٽر جي ۽ هندو ڌرم جي رکشا ڪن.

٥ جنوري ١٩٩٠ کان ٧ جنوري سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ٥ ۾ اکل ڀارتيہ سنڌي سنت سميلن جو آيوجن ڪيو ويو. هن سميلن ۾ سوين سنڌي سنت ڀارت جي ڀن ڀن نگرن مان شريڪ ٿيا. پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سڀني سنتن جو سواگت ڪندي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

جو مندر نهرائي رهيا آهيو. پنهنجي لاءِ تہ هرڪو سندر جايون جوڙائي ٿو. هي مندر ڀڳتيءَ جا ڪيندر آهن. سوين پريمي اچي ستسنگہ جو لاڀ وٺندا. توهان پريوءَ لاءِ جاءِ جوڙيندا تہ پريو توهان لاءِ جايون جوڙيندو.

پريميو، پريوءَ لاءِ پياس اُڀاريو. سنساري سنبنڌين لاءِ توهانکي ڪيڏو نہ موه آهي. موه دکدائي آهي. پريوءَ لاءِ پريم سکدائي آهي. پريو پريم ڪانسواءِ جيون وئران آهي، بيابان آهي.

ڪرمئتي، ڪنڊيلي جي راجا جي پروهت پرشرام جي سپتري هئي. سندس دل ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ اڻوٽ پريم هو. انڪري هن وواه ڪرڻ کان اِنڪار ڪيو. سندس پتا زوريءَ کيس شادي ڪرائي. سندس ساهرا ناستڪ هئا. هوءَ جڏهن پيڪن ۾ آئي، تڏهن هن وري ساهري وڃڻ نيڪ نہ سمجهيو ۽ پنهنجي من ۾ برج ڀوميءَ ڏانهن وڃڻ جو پڪو خيال ڪيو. رات جو جڏهن سندس گهر جا ڀاتي نندرا ديويءَ جي گود ۾ ستل هيا، تڏهن هيءَ پياري وڃهہ وني گهر مان ٻاهر نڪري بندرابن طرف رواني ٿي. هڪ اڌ رات جو وقت، ٻيو اڪيلي استري، 'شري ڪرشن، شري ڪرشن.' اُچاريندي ساهس رکي ڊوڙون پائيندي اڳتي وڌي. صبوح جو سندس گهر جا ڀاتي ڏسن تہ سندن نياڻي غائب آهي. پرشرام هڪدم راجا کان مدد وٺي پنهنجي ڌيءَ جي ڳولها ۾ گهوڙيسوار روانا ڪيا. منجهند جو پريان گهوڙن جي ٽاپ ٽاپ، ٻڌي ٻي لڪڻ جي واهہ نہ ڏسي اُها ڀڳتياڻي رستي تي پيل مئل اُٺ، جنهن جو ماس جهنگلي جانور کائي چڪا هئا، اُن مان بانس پئي آئي، اُن مئل اُٺ جي کل ۾ لڪي پيئي. گهوڙيسوارن جو مئل اُٺ ڏانهن ڌيان ڪين ويو، ڪين اُن طرف کان بدبوءِ اچي رهي هئي. اُنهن گهڻي ڳولها ڪئي، پر نراس ٿي واپس وريا. تڏهن اُها ڀڳتياڻي اُٺ جي کل مان اُٿي اڳتي وڌي ۽ آخر بندرابن ۾ وڃي پهتي. بانڪي بهاريءَ جو درشن ڪري باغ بهار ٿي پيئي. وئراڳہ ورتيءَ سبب مئل اُٺ جو خيال نہ ڪيائين. دنيوي جهنجهٽ کان مڪت ٿيڻ لاءِ ڪيئن نہ هن پياري ڀڳتياڻيءَ مئل اُٺ جي کل ۾ پاڻ لڪايو. ساري جيون برج ۾ رهي ڀڳوان شري ڪرشن شيام سندر جي چرنن ۾ پاڻ ارپڻ ڪيو. پريميو، توهين بہ جيڪڏهن پرماتما جو درشن ڪرڻ چاهيو ٿا تہ وئراڳہ ورتي ڌارڻ ڪريو. پياس مان پريوءَ کي پڪاريو. جيئن هڪ ٻالڪ ماتا کي پڪاريندو آهي تيئن توهين بہ پريوءَ کي پياس مان پڪاريو تہ پريو توهان کي گلي لڳائيندو.

١١ جنوري پوجنيہ سواميجن ڪنڊوا ۾ پڌاريا. پياري ڀڳوانداس ۽ ٻين پريمين پوجنيہ سواميجن جو سواگت ڪيو. پوجنيہ سواميجن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سنتن سان يا سنتن جي ڪنهن پياري سان ڪوئنس بازي نہ ڪجي، اُن جو نتيجو خراب نڪري ٿو. پر ڪي ڪي ماڻهو پنهنجي نشي ۾ ائين غلط ڪم ڪن ٿا. سنت مهاتمائون تہ ائين آکين ٿا تہ ڪنهن بہ پراڻي يا وستوءَ کي بہ نہ ڏکوئجي. سنت فريد تہ پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ ائين بہ چيو:

سنت سميلن ۾ آيل سنتن سوامي سنتوڪداس، سوامي نارائڻداس، سنت برهمداس ۽ ٻين سنتن پڻ جوڙن کي آسيس ڪئي.

۹ جنوري ۱۹۹۰ صبح جو پوڄنيه سواميڄن ڀوپال ۾ پڌاريا. ٻئراڳڙه ۾ ڀرين پوڄنيه سواميڄن سوامي هردارام صاحب جن سان مليا ۽ اُنهن سان روح رهاڻ ڪيائون. سندن سواڳت ۾ ٻئراڳڙه ۾ شوڀا ياترا ڪڍي ويئي. سواميڄن، سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ ڏوجا ڦهرائي، اُتسوَ جو آرنڀ ڪندي آشيرواد ڪئي. شام جو ۴ بجي اٽلرام سنڌي ڌرمشالا ڀوپال ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ڀيڻ وديا، ڀاءُ مرچومل، ڀاءُ مولچند منواڻي ۽ ٻين سواميڄن جو سواڳت ڪيو. شروع ۾ ڊاڪٽر ديال آشا ڀڳتي سنگيت پيش ڪندي شاعر ڪيئلداس فانيءَ جي ساهتيڪ يوگدان جو ورڻن ڪيو. پوڄنيه سواميڄن شاعر فاني صاحب کي آشيرواد ڪندي دشالو پاتو. سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته سچ ڳالهايو، سچ ورتايو. اڄ دنيا ڪوڙ پويان ڪاهي پيئي آهي. سچ ڳالهائڻ سان آتمڪ ٻل وڌي ٿو، اندر جي سوجهي پوي ٿي.

جو منش من، وچن ۽ ڪرم سان سديوَ سچ ڳالهائي ٿو، اُهو ٻئي جي من کي هڪدم پروڙي سگهي ٿو. نه صرف ايترو، پر ڪهڙي شيءِ ڪٿي لڪل آهي، اُن جي به ڄاڻ ڪيس پئجي وڃي ٿي. هڪ دفعي ڀڳت رانڪا پتنيءَ سميت وئراڳيه ورتي ڌارڻ ڪري جهنگل ڏانهن وڃي رهيو هو. رستي تي ڀڳت رانڪا سون جو ٽڪر ڏسي هڪدم اُن جي مٿان مٽي پئي وڌي ته متان سندس پتني سون کي ڏسي ڏولائمان نه ٿئي، ارٿات سندس من سون جي چڪر ۾ نه اچي. ايتري ۾ سندس پتني اچي ويئي ۽ هن پتيءَ کان پڇيو ته 'توهين هي ڇا ڪري رهيا آهيو؟ ڌوڙ مٿان ڌوڙ وجهي رهيا آهيو! مونکان ڇا ٿا لڪايو. مونکي زمين ۾ پوريل ڌن جي به خبر پوندي آهي.' ايترو ٻڌي ڀڳت رانڪا پتنيءَ کي چيو ته تون وئراڳيه جي راهه ۾ مونکي به گوءِ ڏيئي ويئي آهين.

۱۰ جنوري صبح جو پريم پرڪاش مندر جي بنيادي پٿر وجهڻ جو اُتسوَ ۽ ڀومي پوڄا رکي ويئي. پرم پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراڄن مڌيه پرديش جي منتري ڊاڪٽر ڪنعيالعل شرما سان گڏجي مندر جو بنيادي پٿر وڌو. پياري مولچند منواڻيءَ، پوڄنيه سواميڄن ۽ منتري مهوديه جو سواڳت ڪيو. ڊاڪٽر ڪنعيالعل شرما چيو ته اڄ منهنجو سؤڀاڳيه آهي جو مونکي سنڌين جي مهان ڪرم يوگي سنت سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي درشن ڪرڻ ۽ آشيرواد وٺڻ جو موقعو مليو آهي. ڊاڪٽر ديال آشا پوڄنيه سواميڄن طرفان مندر جي نرماڻ ڪاريه لاءِ هڪ لک روپين ڏيڻ جي پڌرائي ڪندي سنگت کي به اپيل ڪئي ته ان اُتم ڪاريه ۾ مايا سڦلي ڪريو. ڪيترن ئي پريمين مندر جي اڏاوت لاءِ مايا ڀيٽ ڪئي.

پوڄنيه سواميڄن منتري مهوديه، مولچند منواڻي، ڊاڪٽر چندر ڏيواڻي، ڀيڻ وديا، پياري مرچومل، پياري سوميمل، پياري گوپ، پياري ڪنعيالعل ۽ ٻين پريمين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو هت ٻئراڳڙه ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن

پريمين جي قرب ڀري ڪوٽ تي ١٨ جنوري پوڄنيہ سواميڄن ڪلڪتا ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيہ سواميڄن پياري ٺاڪرداس ٽيڪمداس پنجابيءَ جي گھر ۾ رهيا ۽ ڏهه ڏينهن جدا جدا آستانن تي ستسنگ پروچن ڪيائون. هڪ ڏينهن پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڪڪرم کان ڪنارو ڪريو. سدائين ست ڪرم ڪريو. راجا هجي يا رنڪ هجي، استري هجي يا پرش هجي، هرڪنهن کي ڪرمن جو حساب ڏيڻو آهي. ڪرمن موجب ئي جيوَ کي ڦل ملي ٿو. انڪري من وچن ڪرم سان سڀ جو ڀلو ڪريو. ستگرو مهاراج بہ اِها سکيا ڏيندي چون ٿا:

برا ڪسي ڪا نا ڪرو، سب ڪا ڀلا ويچار،

ٽيئون برائي جو ڪري، تانڪا ڪر اُپڪار.

جيوَ جهڙا ڪرم ڪري ٿو، تنهن کي تهڙو تهڙو ڦل ملي ٿو. سني ڪرم جو ڦل سک، خراب ڪرم جو ڦل دک. ڪي سڄڻ چوندا آهن تہ ڪرم وغيره ڪجھ بہ نہ آهي. سڀ کان وڏيڪ اِنسان جو دماغ آهي، جو تہ اِنسان پنهنجي قابليت سان سڀ ڪجھ ڪري سگھي ٿو. ليڪن شاستر ڏيکارين ٿا تہ انسان ڪجھ بہ نٿو ڪري سگھي. سڀ اُن ڪرمن موجب ٿاٽيهي پيو ٿئي. صرف هن جنم جي ڪرمن جو حساب ڪتاب نہ پر اڳلن گذريل ڪيترن جنمن جو حساب هلندو ٿو اچي. پرماتما کي جنهن مهل وڻي ٿو، تنهن مهل حساب وٺي ٿو. بندي جو وس ڪجھ بہ نٿو هلي سگھي. ڪي برا ڪرم ڪندي بہ سکي آهن، ڪي سٺا ڪرم ڪندي بہ دکي آهن. اُنهن جو اڳلي جنم جو حساب ڪتاب رهيل ٿئي ٿو.

هڪ راجا جي پٽر جي شادي ٿي. ڏولي ڪٽي ڪنوار جي شهر مان گھوٽ جي شهر پئي ڄڃ آئي تہ جوتشين راجا کي چيو تہ هيءُ ويلو گھوٽ ڪنوار جي گھر ۾ پرويش ڪرڻ لاءِ نيڪ نہ آهي ۽ رات شهر کان ٻاهر گذارين. نگريءَ کان ٻاهر هڪ شاهي مندر هو. اُن مندر جا ٻہ چار ڪمرا خالي ڪرائي هڪ ۾ گھوٽ ڪنوار کي رهايائين ۽ ٻين ۾ ڄاڃي رهيا تہ رات آرام ڪري صبح جو هليا ويندا سين. رات جو سڀيئي رسوئي کائي آرامي ٿيا. راج ڪنوَر (گھوٽ) بلڪل ٿڪل هو، سو ڪيس يڪدم گھري ننڊ اچي ويئي. ڪنوار جي اِڇا هئي تہ پتيءَ سان ڳالهايان، پر لڄ وچان ڪيس جاڳايائين ڪين. پر ڪيس ننڊ بہ نہ پئي آئي. راج ڪنوَر جي مٿي کان هيرن جواهرن سان مڙهيل، هٿئي واري تلوار رکي هئي، جنهن کي مياڻ مان ڪڍي ڪنوار اُن کي ڏسڻ ۾ محوُ ٿي ويئي. هيرن جواهرن جي ڪري اُن ڪمري ۾ روشني خوب هئي، پر تہ بہ راج ڪنوَر نہ جاڳيو.

ڏسندي ڏسندي اُها تلوار ڪنوار جي هٿن مان ڪري، وڃي راج ڪنوَر جي ڳلي تي لڳي تہ هو يڪدم زخمي ٿي مري ويو. هري اِڇا ائين هئي. ڀاوِي ڏاڍي ٻلوان آهي. ڪنوار ڏاڍي بيحال ٿي ڪري پيئي تہ هي ڇا ٿي ويو؟ هوءَ سوچڻ لڳي تہ لوڪ ڇا چوندا؟ منهنجي ساري حياتي ڪيئن گذرندي؟ اِنهن ڳڻتين ۾ آخر هن کي ننڊ اچي ويئي. صبح ٿيو تہ داس داسيون اچي دروازو کولي ڏسن تہ راج ڪنوَر مئو پيو آهي ۽ راج ڪنيا بيهوش

'فريدا ڪک به نه نندجي، ڪک به وڏي وٿ،
جي اُڏي پوئي اک ۾ ته ڪيڏو ڏئيي ڏک.'

ڪک کي به نه رنجائجي. سنت ديالداس جي آشرم جي ٻاهران هڪ سھڻو هرڻ رهندو هو. هڪ ڏينهن هڪ مغل اُن جو شڪار ڪرڻ لاءِ پنهنجي پالتو چيتي کي وٺي آيو. سنت ديالداس اِهو درشيه ڏسي اُن مغل کي سمجهائيندي چيو ته اِهو ڪم نه ڪر. اُن مغل سنت جي اها ڳالهه نه مڃي. ابهماني ماڻهو ٻئي جي ڳالهه نه ٻڌندو آهي. ان مغل هڪدم ان چيتي کي ڇوٽ ڇڏيو. چيتي جيئن ئي هرڻ تي حملو ڪيو تيئن ئي ان هرڻ ان چيتي کي ڪنهن هنڌ تي اهڙو ته سگ هنيو جو چيتو چيچلائيندو هيٺ ڪري بيهوش ٿي ويو. اِهو ڏسي اهو مغل ڏاڍو دکي ٿيو ۽ من ۾ پڇتاءُ ڪرڻ لڳو ته هن سنت جي حڪم جي اُبتر ڪم ڪيو آهي. ان ڪري ئي سندس چيتي جو پراڻ پکيئڙو اُڏامي رهيو آهي نه ته ڪٿي هرڻ، ڪٿي چيتو! اُن مغل سنت ديالداس جي قدمن تي ڪري معافي ورتي. پريميو، گهر ۾، وهنوار ۾ وڏڙن جي آڳيا ۾ رهو. سنت توهان وٽ آيا آهن نام ڄپائڻ. اُٿندي ويهندي نام ڄپيو، پريوءَ کي نه وساريو. مانک جنم جو قدر ڪريو. روز ڪو نه ڪو شڀ ڪرم ڪريو.

پنڊت هريش ڪمار ڀاردواج ساڌو واسواڻي باغ سنڌونگر ۱ ۾ ۷ جنوريءَ کان ۱۷ جنوريءَ تائين شري سهسرچنڊي مهايگيه جو آيوجن ڪيو. ۱۲ جنوري نماشام جو پوڄنيه سوامي جن اُتي ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته هون يگيه ڪرڻ اسانجي پراچين پرمپرا آهي. هون يگيه دوارا ديوتائون به پرسن ٿين ٿا ته وشو جو به ڪلياڻ ٿئي ٿو. هون يگيه ذريعي ڪيترين بيمارين به دور ٿين ٿيون ۽ وايومنڊل به پوتر ۽ شڌ ٿئي ٿو. اڄ ڪلهه ته هوَن يگيه ڪرڻ جي ويتر وڌيڪ ضرورت آهي، ڇاڪاڻ ته هزارين ڪارخانن سبب آبهوا دوُشت ٿئي ٿي. هوَن يگيه وايوءَ کي به شڌ ڪري ٿو. ان ذريعي ڪيترن جيوَن کي کاڌو ملي ٿو ۽ برسات به سٺي پوي ٿي. پياري پنڊت هريش ڪمار، پياري اُڌارام سنتوشيءَ ۽ سندن ساٿين کي ڌنيواد آهي، جن مهايگيه جو آيوجن ڪيو آهي.

۱۳ جنوري شام جو پوڄنيه سواميڄن دياونتي ٽيڪمداس هال ڪار ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. چيمبور ڪالوني يوڪ منڊل بمبئيءَ جي سهاري، چيمبور ۾ ٻوڙن ٻارن جي اُنتيءَ لاءِ روچيرام ٽي. ٿڌاڻي هاءِ اسڪول فار هيئرنگ هئنڊيڪئپڊ برپا ڪيو ويو. ۱۴ جنوري صبح جو ۱۱ بجي پوڄنيه سواميڄن ان اسڪول جو مهورت ڪندي منڊل جي پريزيڊنٽ شري حشو آڏواڻي ۽ ٻين ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏني. پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته اپاهڄن جي شيوا ڪرڻ اُتم ڪاريه آهي. هن قسم جو اسڪول کولي توهان هنن ٻالڪن ٻالڪين جو آئينده روشن ڪري رهيا آهيو. اڳتي هلي هُو پنهنجن پيرن تي بيهي سگهندا. هي ٻالڪ اٿوَ پريوءَ جا سچا روپ. انهن جي شيوا اٿوَ پريوءَ جي شيوا. اهڙن شيوا ڪارين جي جوت جڳائيندا رهو. پرماتما جي آسيس اوهان تي چمڪندي.

هيءَ هٿن کپڻ جي سزا ملي؟ پنڊت ٻڌايس ته تون اڳئين جنم ۾ برهمچاري هئين. نديءَ جي ڪناري تي ويٺي گايتريءَ جو جاپ ڪيئه ته هڪ ڳانءِ اُتان لنگهي ويئي. هنجي پٺيان هڪ ڪاسائي آيو. توکان پڇيائين ته ڳانءِ ڪيڏانهن ويئي؟ تو وات سان ڪجهه نه ڪڇيو ۽ ٻئي هٿ کڻي ڏيکاريو ته هن طرف ويئي. هن ڪاسائيءَ اُها ڳانءِ پڪڙي وڃي قتل ڪئي. اُن هتيا جو ڦل اهو توکي مليو آهي. اُهو ڪاسائي اچي راج ڪنور ٿيو ۽ اُها ڳانءِ سندس ڪنوار ٿي. ڳئوءَ کي بدلو ورتو هو سو ڪاسائيءَ (راج-ڪنور) کان ورتائين ۽ تو ٻئي هٿ کڻي اِشارو ڪيو هو، اِنڪري تنهنجا صرف هٿ کپيا ويا.

اهڙي نموني ڪرمن جو ڦل اوس ڀوڳڻو پوي ٿو. اِنڪري ڀلجي به برو ڪرم ڪرڻ نه ڄڳائي، ٻئي جو برو نه سوچڻ گهرجي سدائين سڀ جو ڀلو ۽ پر اُپڪار جو ڪم ڪندو رهجي.

٢٧ جنوري پوڄنيه سواميڄن ڪلڪتا ۾ آخرين ستسنگ ڪندي چيو ته توهان ڪيڏو نه قرب ڏنو آهي، شيوا ڪئي آهي، انلاءِ سڀني پريمين کي ڌنيواد. سنت اچن ٿا توهانکي سڄاڳه ڪرڻ، يادگيري ڏيارڻ ته پربوءَ کي نه وساريو. پنهنجا ڪم ڪاريون ڪندي، پرماتما کي ياد ڪريو. هي مانش جنم، درلڀ جنم، ور ور ڪين ملندو. اُن جو قدر ڪريو. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون هرنام جپ، ڀولو نا ڪڻ ايڪ،
ڀوڳت ڀوڳت وشيه رس، بيتي جنم انيڪ.

ايڪانت ۾ ويهي ڪڏهن پاڻ کان پڇو ته تو سنسار ۾ اچي ڪهڙا ڪهڙا ڪم ڪيا؟ جنهن سؤدي خريد ڪرڻ لاءِ پربوءَ توهان کي هت موڪليو آهي، اُهو سؤدو توهان کي سنتن وٽان ملندو.

جس وکر ڪو لين تؤ آيا، رام نام سنتن گهر پايا.

نام سمرڻ سان گڏ روز ڪو نه ڪو شيوا جو ڪم ڪريو. پر اُپڪار جو ڪم ڪيو ته توهان جا ٻيڙا ٻني لڳندا.

٢٩ جنوري پوڄنيه سواميڄن رائگڙه ۾ پڌاريا. اُتي پياري ڏيپچند روهڙا ۽ ٻين پريمين سندن سواڳت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن اُتي به ڏينهن ستسنگه پروچن ڪيو. پوڄنيه سواميڄن ستسنگه ڪندي چيو ته پنهنجي جيون موهه جي چڪر ۾ برباد نه ڪريو. سنتان ۽ پدارٿن ۾ موهه رکي هن کان الڳه الائي گهڻا جنم ڀٽڪيا آهيو. خوب نام جپيو ۽ جيون ۾ ديا جي جوت ڄڳايو. جڳت ۾ رهندي جڳت جا ٿي نه رهو، پربوءَ جا ٿي رهو ته توهان سکي گذاريندا.

ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪيل غلطين سبب به من پشيمان ٿيندو آهي ۽ وئراڳه ورتي پيدا ٿيندي آهي. واجيند هڪ دفعي شڪار ڪرڻ ويو. هن شڪار ڪندي هڪ ڳرڀوتي هرڻيءَ کي تير هنيو. ويچاري ڳرڀوتي هرڻي ڪيڪراٽ ڪندي ڪري پيئي. سندس ٻچو به هيٺ

پيئي آهي. هاهاڪار مچي ويوا راجا، وزير ۽ ٻيا سڀ اچي ويا. ڀاويءَ جو اهڙو پرڀاءُ ٿيو، جو هرڪو ائين سمجهڻ لڳو ته هن مندر جي مهنت جو ئي اِهو ڪرتوت هوندو جو راج ڪنيا تي موهت ٿي پيو هوندو. مهنت کي راجا ۽ وزير خوب ڏمڪايو ته سچي ڪر، پر هن چيو ته 'جيئندا قبلا، مونکي ڪابه خبر نه آهي.' پر مٿس ڪوبه وشواس نه پيو ڪري ۽ ڪيس ڏوهي ڄاڻي، راجا حڪم ڪيو ته هن جا ٻئي هٿ ڪپايا وڃن، جيتوڻيڪ آهي موت جي سزا ڏيڻ لائق، پر رحم ٿا ڪريونس، هن جا صرف ٻئي هٿ ڪپايا وڃن.

هُو ويچارو ڪجھ به نه ڪري سگھيو. جيتوڻيڪ هن جو ڪوبه قصور ڪونه هو. پر سنت مورتي هو، ايشور جو ڀاڱو ائين سمجهي ست ڪري ڀوڳيائين. جن جا ڪرم سمهيا پيا آهن، اُن جي ڪيرفرياد ٻڌي؟ ڏاڍو دکي ٿيو. نگر ۾ عزت مان لهي ويس. چوڻ لڳو ته هي ڪهڙو ظلم، جو پنهنجو استان ڪين رهڻ لاءِ ڏنم ته هيڪاري هي ڦل مليو اٿم. هو يڪدم شهر ڇڏي ڪاشيءَ ۾ هليو ويو. ڳولها ڪيائين ته ڪو هوشيار جوتشي ملي، جنهن کان پڇان ته هيءَ سزا ڇو ملي اٿم؟ آخر هڪ جوتشيءَ جو پتو لهي، هن جي گهر ويو ۽ وڃي در کڙڪايائين. اُن جوتشيءَ جي زال پنڊتياڻي ٻاهر نڪتي، جوتشي پاڻ گهر ۾ ڪونه هو. زال پڇيس ته ڇا کپيئي؟ هن پڇيس 'ته جوتشي ڪٿي آهي؟ اُن کان ڪجھ پڇڻو آهي' زال يڪدم پتيءَ کي پِٽڻ لڳي مئو ماريو پنڊت، مونکي ڪهڙي خبر ته ڪٿي پيو هن وقت ڌڪا کائي! ويچارو مهنت حيران ٿي ويو ته هيءَ وري ڪهڙي ماجرا آهي! آخر بزار مان پتو پيس ته اهو پنڊت فلاڻي گهاٽ تي وينو هوندو. آخر پڇا ڪندو وڃي ڳولهي لڌائينس. پنڊت کي ڏنائين ته سمجهيائين ته هي ته چندرما وانگر بلڪل سيتل سڀاءَ وارو آهي. مگر زال اگنيءَ وانگر پيئي جلي. پنڊت پڇيس ته مهاتما ڪيئن آيا آهيو؟ جواب ڏنائين، سائين، آيو ته پنهنجو سوال پڇڻ آهيان، پر اڳ ۾ اوهان پنهنجو حال ٻڌايو ته اوهانجي استريءَ جو اهڙو خراب سڀاءُ ۽ اوهين هن کي ڪابه سکيا نٿا ڏيئي سگهو!

پنڊت جواب ڏنو ته سائين، اهو سڀ ڪرمن جو ڦل آهي، جو گيانوان ۽ پنڊت کي به ڀوڳڻو پوي ٿو. پڇڻ تي وڌيڪ ٻڌايائين ته هيءَ منهنجي استري اڳيئن جنم ۾ گڏھ هئي ۽ مان ڪانءُ هوس. هن جي شرير تي گهڻا زخم هئا ۽ مان سڀاءُ ڪري پيو هن جي زخمن ۾ چهنب هڻندو هوس. هڪ ڏينهن اُها چهنب، هن کي اهڙي ته لڳي، جو هن جي هڪ هڏيءَ ۾ اٽڪي پيئي ۽ نڪري نه سگهي. هوءَ ٽڙڦي ٽڙڦي گنگا نديءَ ۾ ڪري پيئي، مان به اُن سان گڏ گنگا ۾ ٻڏس ۽ ٻئي مري وياسين. گنگا جل جي پرڀاوَ ڪري، مان هڪ پنڊت ودوان ۽ هوءَ پنڊتياڻي ٿي. پر مون جو هن کي ڏک ڏنا هئا، سو هوءَ به واڻيءَ جي چهنب مونکي هڻندي ٿي رهي. وڌيڪ ڪجھ نٿي ڪري سگهي، ڇو ته مان به ڪانوَ جي جوڻ ۾ هڻڻ ڪري سڀاءَ انوسار پئي ڪيس چهنبون هنيون ۽ نه ڪنهن وير ڀاو جي ڪري. منهنجا ڪرم ئي مونکي ڦل ڏيئي رهيا آهن، هن جو ڪوبه دوش يا وس نه آهي. گنگا جل جو ايڏو مهاتم ٿيو جو هڪ گڏھ ۽ ڪانوَ کي به ايڏو اوچو جنم مليو، پر ڪرم انوسار ڦل به ملين. هن پوءِ پنڊت کان پڇيو ته مونکي ڇو بنا ڪنهن ڏوھ ڪرڻ جي

فرمائين ٿا:

ٽيئون جيتي ڪرم شڀ لکي ويد کي مانهه،
ساڌو سنگ گرو نام سم اور ڪرم ڪو نانهه.

هڪ دفعي شري گرونانڪ ديو رستي تان لنگهي رهيا هئا. اُن وقت هڪ ماتا پنهنجي پٽ کي ’مرندا مرندا‘ سڏي رهي هئي. گروجن اُن ماتا کان پڇيو ’اما، تون پنهنجي ٻالڪ کي مرندا مرندا جي نالي سان ڇو سڏي رهي آهين؟‘ اُن ماتا وراڻيو ته مونکي هن کان اڳ جيڪي ٻار ڄميا، سي ٿوري وقت بعد ئي گذر ڪري ويا. ان ڪري هن ٻالڪ کي ’مرندا‘ نالي سڏي رهي آهيان، جيئن مٿس ڪنهنجي نظر نه لڳي. گروجن چيو ’ماتا، هي ٻالڪ مرندو نه، سدائين جيئرو رهندو. اڄ کان هن کي مرندا نه پر ’مردانو‘ ڪري سڏج. هي اڳتي هلي وڏو ربابي ٿيندو. سنتن جي سنگ ۾ امر ٿي ويندو. اِهو ٻالڪ اسانجي حوالي ڪج. اڳتي هلي ڀائي مردانو گروجن جي سنگ ۾ آيو. سالن جا سال مردانو گرو مهاراجن سان رٽن ڪندو رهيو. نام ڪيرتن وقت رباب وڄائيندو رهيو ۽ سندن شيوا ۾ رهيو. جڏهن شري گرو نانڪ ديو مهاراجن جو ورڻن ڪجي ٿو ته ڀائي ٻالي ۽ ڀائي مرداني جو ذڪر به اچي ٿو. شري گرو نانڪ ديو مهاراجن جي سنگ ۾ ڀائي ٻالو، ڀائي مردانو امر ٿي ويا. اُنهن گروجن جي حاضريءَ ۾ رهي شيوا ڪئي.

پريميو، توهان کي ڏنيواد آهي جو هٽ روز اچي ست شاسترن جو شروڻ ڪريو ٿا، نام جپيو ٿا. اڃا به وڌيڪ وڌيڪ نام سان نينهن لڳايو، گوبند جا گڻ ڳايو، مانش جنم سڦل بڻايو.

٦ فيبروري پوجنيه سواميجن رائپور ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ٧ فيبروري پوجنيه سواميجن ڪامٽيءَ ۾ پڌاريا. پياري ڊولٽداس ڦندومل، گرڌاريلعل منگناڻي ۽ ٻين پريمين ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو. اُتي سنڌي ڌرمشالا ۾ پوجنيه سواميجن ٿي ڏينهن امرت ورکا ڪئي.

١١ فيبروري آرتوار صبح جو ١١ بجي روهڙا برادري پئنچات جي ميٽنگ گهاٽڪوپر پنت نگر ۾ پوجنيه سواميجن جي پرڌانپٽي هيٺ رکي ويئي. پياري موهنلعل روهڙا، روهڙا برادري منڊل جي ڪاريه تي روشني وڌي. پوجنيه سواميجن آشيرواد ڪندي چيو ته پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهندا ته سڦلتا توهانجا چرڻ چمندي. جتي ايڪو آهي اُتي آنند آهي. سماجڪ ڪرسمن کان ڪنارو ڪيو. ٻارن کي ڌارمڪ وديا پڙهايو. منجهن سنا سنسڪار وجهو، جيئن هوُ اڳتي هلي آدرشي منش ٿين. گهرن ۾ پريم جو واتاورڻ پيدا ڪيو.

١٢ فيبروريءَ کان ١٤ فيبروري سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر پونا ۾ ملهائي ويئي. ان ورسي اُتسوُ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميجن ١٢ فيبروري منجهند جو پونا ۾ پڌاريا. شام جو ستسنگ ۾ سنت اننت پرڪاش ۽ ڀاءُ ڪشنچند پارواڻي پوجنيه سواميجن جو سواگت ڪندي چيو ته ستگرو مهاراجن جي هٽ اچڻ سان ميلو مڇي وڃي ٿو. سندن درشن ۽ پروچن سان اسين باغ بهار ٿيون ٿا. پوجنيه سواميجن

ڪري پيو. اهو درشيہ ڏسي واجيند جي دل ۾ ديا ڀاونا پيدا ٿي ۽ هي پنهنجي غلطيءَ تي ڏاڍو دکي ۽ پشيمان ٿيو ۽ سندس من ۾ وئراڳہ ورتي پيدا ٿي. هن هڪدم پنهنجو ڌنش ۽ ٻاڻ ٽڪر ٽڪر ڪري ڦٽي ڪيا. پنهنجي ولاسي جيون جو تياڳہ ڪيو ۽ سنت دادوءَ جي شرڻ ۾ آيو ۽ اُن کان گرو منتر وٺي ساڌنا ڪئي. پوءِ هي پيارو نام جي ساڌنا ڪندي ڀاڳ بہ سنت ٿي پيو.

پريميو، توهان بہ ڪنهن نہ ڪنهن سنت ستپرش جي، گروءَ جي شرڻ وٺو، جو توهان جو مارگہ درشن ڪري ڀؤساگر مان پار لنگهائي، ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

جو جن گرو ڪي شرن لي، سمري هري ڪا نام،
تانڪو مايا نا لڳي، ڪهتا ٽيئونرام.

۱ فيبروري پوجنيہ سواميجن ڪوربا ۾ پڌاريا. اُتي ڀيڻ ڀمي ۽ ڀيڻ ڳڻيشي پريم پرڪاش مندر هلائينديون آهن. اُن مندر ۾ پوجنيہ سواميجن پروچن ڪندي چيو تہ توهان کي ڌنيواد آهي جو روز هت اچي نام جپيو ٿا. جيون جي سارٿڪتا ئي سمرڻ ۽ سيوا ۾ آهي. اُنهن ڳڻن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيندءِ تہ توهانجا ٻئي لوڪ سهيلا ٿيندا.

اِهہ لوڪ سهيلا پرلوڪ سهيلا.

ملند ۾ پئي ستسنگہ ڪيوسي. پياري ڏيانداس واسواڻيءَ شنڪا پڇي تہ اوهان چئو ٿا پرماتما سروَوياپي آهي. پوءِ ماڻهو توهان کي ڇو ٿا پوڇين؟ جيڪو پرماتما توهان ۾، سوئي اسان ۾. ڪرپا ڪري اِها سمجهائي ڏيو. مون ڪيس جواب ڏنو 'پيارا، پاڻي جتي ڪٿي موجود آهي. ايتري قدر جو ڌرتيءَ جي هينان بہ جل ئي جل آهي. پر جتي جل پرگهٽ ٿئي ٿو، ارٿات ندي، درياهہ يا سمنڊ، اُتي ئي جل جي پوڄا اُپاسنا ڪجي ٿي تيئن پرماتما سنتن جي روپ ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو. توهان سڀن ۾ بہ اُهو وياپڪ آهي. انڪري سنتن جي پوڄا اُپاسنا ٿئي ٿي. جنهن پياري ڀڳتيءَ روپي محنت ڪري، ارٿات ساڌنا ڪري، پاڻ ۾ پريوءَ کي پرگهٽ ڪيو، تنهن جي مهما ٿئي ٿي. توهان بہ ڀڳتي ساڌنا ڪريو تہ توهان جي بہ مهما ٿيندي، پوڄا ٿيندي. پر هڪ ڳالهہ ڌيان ۾ رکو تہ سچا سنت پاڻ پوڄائڻ لاءِ پريوءَ جي ڀڳتي ڪين ٿا ڪن. هوُ تہ سروَ سوَ پريوءَ جي چرنن ۾ ارپڻ ڪن ٿا. سمرپت ڀاوَ سان ڀڳتي ڪن ٿا. توهين بہ نشڪام ڀاونا سان پريوءَ جي ڀڳتي ڪريو تہ جس جا ڀاڳي ٿيندا.

۲ فيبروري پوجنيہ سواميجن چامپا ۾ ستسنگ پروچن ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي.

۳ فيبروري پوجنيہ سواميجن ڀاٽاپاڙا ۾ پڌاريا. اُتي ڀيڻ موهني ڪرتارلعل، وديا نارومل ماکيجاڻي ۽ ٻيا پريمي پريم پرڪاش منڊلي هلائيندا آهن. پوجنيہ سواميجن ٽي ڏينهن منڊليءَ ۾ امرت ورکا ڪئي. پوجنيہ سواميجن اُپديش ڪندي چيو تہ سنتن جو سنگہ ڪيو، اُنهن جي سنگہ ۾ توهانکي رام جو رنگہ لڳندو، توهين امر ٿي ويندا. ستگرو مهاراج بہ

ستسنگ ڪندي ڀڳوان شنڪر جي مهما جا درشٽانت ٻڌايا. نماشام جي ستسنگ ۾ پڻ پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته ڀڳوان شنڪر کي ڀولاناٿ ڪري ڪوٺين ٿا. ڀڳوان شنڪر جلدي پرسن ٿئي ٿو. اڄ ساري رات جاڳي 'اوم نمه شوايه' جو منتر اُچاريو ته توهانجا ڪارج راس ٿيندا.

٢٤ فيبروري صبوح جو سوامي ٽيئونرام منڊلي سنڌونگر ٢ ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪيو. ٢٥ فيبروري آرتوار صبوح جو پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش منڊلي دادر بمبئيءَ ۾ امرت ورکا ڪندي چيو ته: پرڀوءَ جي پراپتيءَ لاءِ وئراڳ ضروري آهي. جڏهن تيور وئراڳ ورتي پيدا ٿئي ٿي تڏهن دنيوي پدارٿن ۽ سنساري سنبنڌين ۾ موهه نٿو رهي. گوتم ٻڌ جي من ۾ جڏهن وئراڳ ورتي پيدا ٿي ته رات جو ئي پنهنجي پتني يشوڌرا ۽ پٽ راهل کي ڇڏي، جهنگل ڏانهن راهي ٿيو. جهنگل ۾ هن پنهنجي هٿن سان پنهنجا سهڻا وار ڪٽي، راجائي وسترن جو تياڳ ڪيو. هن کي راڄ ستا پريه ڪين لڳي. سنت دادو يارهن سالن جي عمر ۾ ڪانڪريا تلاءَ وٽ پنهنجي ساٿين سان راند ڪري رهيو هو. ڀڳوان هن کي هڪ برهمڻ جي روپ ۾ درشن ۽ اُپديش ڏنو. اُن وقت ئي سندس من ۾ وئراڳ پيدا ٿيو. هي پيارو سنساري پدارٿن کي تڇ سمجهي اُنهن کي تياڳي راجستان ۾ وڃي ساڌنا ڪرڻ لڳو.

٢٥ فيبروري شام جو دياونتي هال ڪار بمبئيءَ ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ڪو زمانو هو جو گهر ۾ مهمان ايندو هو ته ڏاڍو خوش ٿيو هو ته گهر ۾ ڄڻ ڀڳوان آيو آهي. اُن جي ڇڱيءَ ريت مهمان نوازي ڪبي هئي. پر اڄ ڪلهه قصو اُلٽو ٿي پيو آهي. مهمان ايندو ته منهن تي ٻاهرين مشڪ هوندي اندر ۾ چئبو ته جلدي واپس وڃي ته جند ڇٽي. حقيقت ۾ اتٿي ستڪار جي وڏي اهميت آهي. مهمان ڪاڏو ڄڻ ڀڳوان ڪاڏو.

ڪانچي پوري ۾ دامودر برهمڻ رهندو هو. ڪيس سنتان ڪين هوندي هئي. گهر ۾ پتي پتني هوندا هئا. هي پيارو بکيا وٺي پيٽ گذران ڪندو هو ۽ آئي وئي جي ٽهل ٻه ڪندو هو. پرڀوءَ جو ڀڳت هو. جيڪڏهن سندس گهر ۾ مهمان ايندو هو يا ڪو سنت ايندو هو ته پاڻ نه کائي ٻه پهرين اُن کي ڀوڄن ڪارائيندو هو. هڪ دفعي ڀڳوان هڪ ٻڍڙي جي روپ ۾ هن وٽ مهمان ٿي ويو. اُن ڏينهن قدرتي هن کي بکيا ٻه ڪين ملي هئي. پتي پتني ٻئي بک تي هئا. مهمان کي آيل ڏسي دامودر برهمڻ جي پتنيءَ پنهنجا وڏا وار ڪپي اُن جي ڏوري ناهي پتيءَ کي ڏني ته اُها وڪڻي اُنهن پئسن سان اناج وٺي اچ ته مهمان لاءِ ڀوڄن تيار ڪريان. دامودر برهمڻ پتنيءَ جي وارن واري ڏور وڪڻي ڀوڄن سامگري وٺي آيو ۽ سندس پتني پرسنتا سان ڀوڄن تيار ڪري مهمان کي ڪارايو. آيل مهمان ارٿات ڀڳوان ورڌ جي روپ ۾ ڀوڄن کائي، سندن اتٿيءَ لاءِ قرباني ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو. اُن رات جو ئي ڀڳوان مٿن اهڙي ديا جي درشٽي ڪئي جو برهمڻ دامودر پتنيءَ جا وار اڳ جيان وڏا ٿي پيا. اتٿي ستڪار تي نه صرف مهمان پر ڀڳوان ٻه پرسن ٿئي ٿو. پريميو!

ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته سامي صاحب سنتن جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

سدائين سيتل، سامي رهن سياوَ ۾.

سوامي چندن پرڪاش ٻه سياوَ جو ڪيڏو نه سيتل هوا جهڙو سندس نالو هو، تهڙوئي چندن جهڙو سيتل هو. سندس سڳنڌي چندن جيان اڄ به ڦهليل آهي. ننڍپڻ ۾ ئي هي پيارو ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سنگ ۾ آيو. اُنهن جي ڪرپا سان ڀڳتي ساڌنا ڪندي، پريم پرڪاش منڊل جي شيوا ڪندي سچو سنت ٿي پيو. نه صرف پاڻ نام جپيائين، پر ديش وديش ۾ هزارن لوڪن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيائين. پريميو، توهين به نام سان نينهن لڳايو. گرو منتر جو شرڌا سان جاپ ڪريو ته توهانجي جيون به سڦلي ٿيندي. پرڀوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ حليمائيءَ جي وات وٺو. فقير چون ٿا:

هل هيلاهين وانڱي، توکي چاري ٿا چون،

مٺانهينءَ ۾ ماملا، متان توسان ڪن.

سائينءَ وٽ سياٽپ نه هلندي، مغرور ماڻهو قبول نه پوندا. شاهه لطيف به چوي ٿو:

الا، ڏاهي م ٿيان، ڏاهيون ڏک ڏسن،

مون سان مون پرين، ڀورائيءَ ۾ ڀال ڪيا.

جيڪڏهن راڻي کي ريجهائڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو. هڪ هڪ سنت ستپرڪ پنهنجي جيون ۾ ان جي ساکي ڏني آهي. توهان به نماڻا ٿيو. وهنوار چاهي پرمارٿ ۾ نمرتا جو گڻ اُنتيءَ جو ساڌن آهي.

پوڄنيه سواميڄن ٽي ڏينهن صبوح شام امرت ورکا ڪئي. ۱۴ فيبروري نماشام جو پوڄنيه سواميڄن اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو ته پريميو، پرڀوءَ اسان کي ڇا ڇا نه ڏنو آهي. امولیه منش ديهي ۽ ٻڌي، جا اسين ويرٿ وڃائي رهيا آهيون! پنهنجا سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪريو. 'ڌن پدارٿ سڀ آهن ڌوڙ، ڪايا مايا ڪوڙ، متر مڙئي مٽي جو سور' ان ڪري هڪ پرڀوءَ سان چت جي ورتي جوڙيو. مالڪ کان منهن نه موڙيو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

من ٻڌي اندريه پراڻ ڌن، جن ديني نر ديهه،

که ٽيئون تس رام کا، نت سمرڻ کر ليهه.

۱۵ فيبروري پوڄنيه سواميڄن ستارا ۾ پڌاريا ۽ اُتي امرت وچنن جي ورکا ڪيائون.

۲۳ فيبروري شوَراتري اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن پرڀات جو ساڍي ۴ بجي هيرا گهاٽ اُلهاسنگر ۳ ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن ڀڳوان شنڪر جي مهما ڳائيندي پياري پرسرام کي ڏنيواد ڏيندي چيو ته هي پيارو ڪيڏي نه اُتساهه ۽ اُمنگ سان ميلا مچائيندو ٿو رهي.

صبوح جو ساڍي ستين بجي سوامي ٽيئونرام آشرم اُلهاسنگر ۵ ۾ پوڄنيه سواميڄن

ستسنگ ۾ وڏ ڀاڳين کي نصيب ٿئي ٿو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پورو ڀڳيه سي ملت هئي، سنتون کا ستسنگ،
ڪهہ ٽيئون جنهن سيوتي، ملهئن مستڪ انگ.

۴ مارچ آرتوار صبح جو پوڄنيه سواميڄن قنبر دربار ڪانديوليءَ ۾ امرت ورکا ڪندي چيو تہ ماتا گوپي ۽ ڀين پريمين کي ڏنيواد آهي جو هت سائين ولايتراءِ، سائين جيوتراءِ جي جوت جڳائي رهيا آهن. سپتر اُهو جو پنهنجي وڏڙن جو نالو روشن ڪري. سائين ولايتراءِ، سائين جيوتراءِ سڌ پرش هئا. ڀڳتي ساڌنا ڪندي ڪندي منجهن سڌي اچي ويئي. پريميو، توهين نام کي نہ وساريو. انئي پهر پڀوءَ جو چنتن ڪريو. گهر گرهست ۾ رهي ستپرشن جو سنگ ڪيو. اُنهن جي سنگ مان توهان کي نام جو رنگ لڳندو، پوءِ لعلون لعل ٿي پوندا. سنت ڪبير چوي ٿو:

لالي ميري لال کي، جت ديکون تت لعل،
لالي ديکن مئن گئي، مئن ڀي هو گئي لعل.

سڀاڳو سو، جو رام جي رنگ ۾ رڱجي لعل ٿئي ٿو. پريميو، خوب نام جپيو ۽ پر اُپڪار جا ڪم ڪري جيون سڦل ڪيو.

شام جو ٦ بجي وڊالا ۾ ستسنگ پروچن ڪندي پوڄنيه سواميڄن چيو تہ سنتن جي واڻيءَ ۾ وڏي شڪتي ٿئي ٿي، هوُ سديو سچ ڳالهائين ٿا ۽ رسنا رام جپڻ ۾ سڦلي ڪن ٿا. انڪري سندن زبان ۾ طاقت رهي ٿي. جيڪي ٻولين ٿا، تيئن ٿئي ٿو. جوڌپور شهر کان ٻاهر جهنگل ۾ سنت تيجانند جو آشرم هو. ڪو شخص پنهنجي ڍڳري ڏاند کي اُن جهنگل ۾ چڏي آيو. ڏاند جهنگل جو گاهہ وغيرهہ کائي متارو ٿيو. هڪ ڏينهن هڪ شينهن اُن جهنگل ۾ آيو ۽ اُن ڏاند کي شڪار ڪرڻ ٿي چاهيائين. ڏاند سنت تيجانند جي طرف ڊڪيو. سنت تيجانند، ڏاند پوئتان شينهن کي ايندو ڏسي چيو ’رُڪجي وڃ‘. شينهن سنت جي آگيا موجب رڪجي ويو. سنت اُن شينهن کي اُپديش ڏيندي چيو تہ هي ڏاند تنهنجو گرڀائي آهي. هن کي هاڻي نہ مارجانءِ. سنت جي ان اُپديش سبب پوءِ ڏاند ۽ شينهن گڏ رهڻ لڳا. سنتن جي واڻيءَ جو اثر پسن تي ٿيو، ڇا انسانن تي نہ ٿيندو!

پريميو، توهين بہ ڪنهن نہ ڪنهن سنت ستپرک جو سنگ ڪريو. سنت توهانجي رکشا ڪندا. توهين جيون ۾ ڪوڙ کان ڪنارو ڪيو. سچ ڳالهائڻ سان آتمڪ شڪتي وڌي ٿي ۽ پرماتما بہ پرسن ٿئي ٿو. سچ جي راهہ تي هلي خوب نام جپيو تہ توهان جا ٻيڙا ٻني لڳندا.

وڊالا ۾ روز پوڄنيه ستگرو مهاراجن جدا جدا وشين تي پروچن ڪندي پريمين جو مارگ درشن ڪيو. ١١ مارچ آرتوار شام جو ستگرو مهاراجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پريميو، توهان پرماتما جي راهہ ۾ وک وڌايو تہ پڀو توهانجي پاڻ اچي سار لهندو. گروڄن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ فرمائين ٿا:

ان ڪري گهر ۾ آيل مهمان کي ڏسي پرسن ٿيو ۽ خوشيءَ سان اُن جي خدمت ڪريو.

٢٨ فيبروري پوڄنيه سواميڄن پرڀاس پاٽڻ ۾ پڌاريا. شام جو اکل سوراشٽر سنڌي پئنچات فيڊريشن جي ستين ساليانِي ميٽنگ ٿي. دادا نيوندرام لوڪواڻيءَ پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. پدم شري جيوٽلعل جيرامداس، ڊاڪٽر ديال آشا، شري ٿانورداس کوبچنداڻي ۽ شري اُڌارام گولاڻي مهمان طور شريڪ ٿيا. سماجڪ مسئلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويئي ۽ پئنچات جون چونڊون بہ ڪيون ويون. پوڄنيه سواميڄن آشيرواد ڪندي چيو تہ اسين جٽي ويندا آهيون، اُتي سوراشٽر سنڌي پئنچات جي ساراهہ ڪندا آهيون تہ هن پئنچات جي ميمبرن ۾ ڪيڏو نہ سنگهٽن آهي. جٽي ميل ميلاپ آهي، اُتي محبت آهي. اڄ ڪلهہ ڏيتي ليتي ۽ طلاق سبب ڪيتريون نياڻيون دکي آهن. اڄ مان توهانکي اپيل ڪندس تہ اُن ڏس ۾ نوس ڪاريہ ڪيو، جيئن نياڻيون سکميہ جيون گذاري سگهن. ڏيتي ليتيءَ جي مسئلي ڪري، اڄ اسانجي سماج ۾ وڏوَر ڪنيائون وينيون آهن. اِهو ڌرتيءَ تي وڏو ٻوجهہ آهي. پوڄنيه سوامي ليلاشاهہ مهاراج ان ڏس ۾ ڪيڏي نہ ڪوشش ڪئي. توهان بہ يتن ڪندا تہ ڀڳوان ڀلي ڪندو. اکل سوراشٽر سنڌي پئنچات فيڊريشن ۽ جنتا جناردن پريشد اُلهاسنگر جي گڏيل سهاري هيٺ ١ مارچ گرووار ڏينهن پرڀاس پاٽڻ سومناٿ مندر ڀرسان ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويو. شري نيوندرام لوڪواڻي ۽ ٻين ڪاريہ ڪرتائن پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪندي چيو تہ پوڄنيه سواميڄن جي آشيرواد ۽ سهيوگ سان هي آيوجن ڪيو ويو آهي. سواميڄن اسانجا سچا مارگ درشڪ آهن. سنت اننت پرڪاش، ديال آشا، شري آسنداس ڀيرواڻي ۽ ٻين سڄڻن شڀ منگل ڪامنائون ڏنيون.

پوڄنيه سواميڄن جوڙن کي آسيس ڪندي چيو تہ گرهست آشرم ۾ رهندي پنهنجي ڪرتويہ جي پوريءَ ريت پالنا ڪجو. ڏنڊو وهنوار بہ ڪريو، اُن سان گڏ نام کي نہ وساريو. دکين دريدرن جي شيوا ڪريو. ماتا پتا، سس سهري جي صدق سان شيوا ڪريو ۽ اُنهن جي آسيس ڪٺو. وڏڙن جي آسيس ۾ وڏي برڪت آهي. وڏڙا گهرن جو ڇٽ ٿيندا آهن. گرهست ۾ غم ڪائي هلندءَ تہ سکي رهندءَ. هڪ ٻئي سان مٺ محبت سان هلندءَ تہ توهان تي پرماتما جي آسيس ڇمڪندي.

١ مارچ رات جو سوامي ليلا شاهہ سوسائٽي ويراول ۾ پوڄنيه سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو تہ سنتن جو خاص ڪم ئي آهي نام جپڻ ۽ نام جپائڻ. پريميو، نام جپڻ ۾ سستي نہ ڪيو. پتو ناهي ڪڏهن ٿو ڪال جو سڏ ٿئي. ڪال جي اچڻ کان اڳہ نام جي پونجي گڏ ڪريو.

٣ مارچ کان ١٣ مارچ تائين وڊالا سنڌي برادر منڊل طرفان وڊالا بمبئيءَ ۾ پوڄنيه ستگرو مهاراجن جي ستسنگ پروچن جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. ٢ مارچ رات جو مکي چوئٿرام بيگراج، پياري نهچلداس منگترام، پياري جيئندرام واڌوا ۽ ٻين پريمين ستگرو مهاراجن جو هارڊڪ سواگت ڪيو. پوڄنيه ستگرو مهاراجن ستسنگ ڪندي چيو تہ توهان کي ڌنيواد آهي جو هرسال هوليءَ جي ڏينهن ۾ هت سنتن کي گهرائي ستسنگ جو آيوجن ڪريو ٿا.

پريميو، اڄ توهان ڪيڏي نہ اُتساهہ سان هوليءَ جو اُتسؤ ملهايو. هي ڏڻ وار اڇن تا پريم جو پيغام ڪٽي. پنهنجي اندر مان هڪ ٻئي لاءِ وير وروڌ، غلط فهمي ڪڍي هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. هولي ڀڳت پرهلاد جي يادگيري ڏياري ٿي. ڪيئن نہ هن ٻالڪ نندپڻ ۾ ئي نام جپيو، پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. سندس پتا ڪيس ڪيترا نہ ڪشٽ ڏنا، پر پريوءَ سندس هر وقت رکشا ڪئي، توهان پريوءَ کي ياد ڪندا تہ پريو اچي توهانجي رکشا ڪندو.

١٦ مارچ صبوح جو پوجنيہ سواميڄن پونا روانا ٿيا. منجهند جو ساڍي ١١ بجي سوامي چندنرام آشرم ۾ پڌاريا ۽ سنگت کي آسيس ڪيائون. منجهند جو ڀيڻ پدما سندرداس ۽ ڀاءُ ناري لکياڻيءَ جي نؤن گهرن ۾ پڌاريا ۽ کين آسيس ڏنائون. شام جو ۴ بجي پمپري ڪالونيءَ ۾ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر جي مهورت-اُتسؤ سنبنڌ ۾ پڌاريا. شام جو ٦ بجي سواميڄن جي آجيان ۾ جلوس ڪڍيو ويو. رات جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ماتا ستي، پياري گوپي، ڪشور ۽ سيني پريمين کي ڌنيواد آهي، جن جي پرشارٿ سان هي پريم پرڪاش مندر نهي تيار ٿيو آهي. پنهنجي لاءِ تہ هرڪو سهڻا ۽ عاليشان مڪان نهرائي ٿو، پر مندر، ڌرمشالائون ۽ اُپڪار جي ڪارين لاءِ ڪي ورلي جايون جوڙائين ٿا. هن مندر ۾ نت نيم ستسنگہ جي جوت جڳندي رهندي. وقت بہ وقت سنت مهاتمائون اچي اوهان کي آنند وناڻيندا ۽ سوين پريمي لاڀ پراپت ڪندا.

پريميو، هت نت نيم اچي ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراڄن جو درشن بہ ڪيو ۽ ستسنگہ جو لاڀ بہ پراپت ڪيو. سامي صاحب ساڌ سنگت جي مهما ڪندي چون ٿا:

ٻي سڀ اٿي سڄ، بنا ساڌ سنگت جي،
مرگهہ ترشنا جي جل مون، سامي لهي نہ اُڄ،
جاڳن پورن ڀڄ، تڏهن ساڌو سک ساگر ملي.

پريم پرڪاش مندر گانڌينگر ڪولهاپور جي اٺين وارشڪ اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميڄن ١٨ مارچ صبح جو گانڌينگر ۾ پڌاريا. سؤن صدقين سواميڄن جو ڦول مالهائن سان سواڳت ڪيو. صبح جو ١٠ بجي سواميڄن ڌوڄا ڦهرائي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. شوڀا ياترا ڪڍي ويئي. رات جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪيو. ١٩ مارچ صبح جو ساموهڪ جڻين جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. سواميڄن جڻيا پائيندڙ ٻالڪن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ گهر ۾ ماتا پتا ۽ وڏڙن جي شيوا ڪريو. سندن مڃتا ۾ رهي آسيس وٺو. رات جو پڻ سواميڄن ستسنگہ ورکا ڪئي. ٢٠ مارچ صبح جو سواميڄن سوامي سرواننڊ اسڪول ۾ پڌاريا. ڀاءُ رميش تنواڻيءَ سندن ڦول مالهائن سان سواڳت ڪيو. رات جو سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ آئي وئي مهمان جو آدرستڪار ڪريو. اڳہ اٿيءَ کي ڀڳوان ڪري مڃيو ويندو هو. جنهنجي گهر ۾ مهمان ايندو هو، سو پاڻ کي ڀاڳيشالي سمجهندو هو. اڄڪلهہ مهمان کي آيو ڏسي ڪيترن جي منهن جو پنو لهي ويندو آهي. ائين نہ ڪريو. سڀ جو دل سان ستڪار ڪريو.

ڀڳتان کي ڪارج پريو آپ ڪلوئيا هري ڪم ڪراون آيا رام.

شانتوبا نالي هڪ ڏنوان هو. سنت تڪارام جي سنگ ۾ شانتوبا جي من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي. هي پيارو پنهنجي سموري دولت دکين بکين جي شيوا ۾ خرچ ڪري جهنگل وچي ڀڳوت ڀڄن ڪرڻ لڳو. سندس سنبنڌين ڪيس گهڻو ئي سمجهايو تہ وري اچي گهر وسايو، پر هي پيارو جهنگل ۾ پنهنجي آنند ۾ اسٿت رهيو. سندس پتورتا پتني بہ گهر جو تياڳ ڪري هن سان جهنگل ۾ ڀڄن ڪرڻ لڳي. سندس پتني ڳوٺ مان مڏوڪڙي ڪري ايندي هئي، جنهن مان ٻئي ڄڻا گذران ڪندا هئا. هڪ دفعي برسات جي مند ۾ جيئن سندس پتني مڏوڪڙي ڪري واپس جهنگل ڏانهن اچي رهي هئي تہ زبردست برسات پئي ۽ ڀيما نديءَ جو وهڪرو تمام تيز ٿي ويو. هوءَ سوچڻ لڳي تہ هوءَ ڪيئن ندي پار ڪندي! پتي ديو کي پڻ ڀوڄن ورتائڻ ۾ دير ٿي ويندي. ائين هن انسنا ٿي ڪيا تہ ڀڳوان هڪ ملاح جي روپ ۾ ڀيما نديءَ جي ڪناري ٻيڙي کڻي آيو. اُن ملاح اُن ماتا کي چيو تہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهو تہ توهانکي هن پر پهچايان. ماتا وسميہ ۾ پئجي ويئي تہ نڪا ڪشتي هئي نہ ڪشتيبان! هي ملاح ڪٿان آيو! ماتا ٻيڙيءَ ۾ چڙهي ٻئي ڪناري تي پهتي تہ ڪشتيبان ۽ ڪشتي ٻئي غائب! اُها ماتا مڏوڪڙيءَ ۾ مليل ڀوڄن پتي ديو وٽ کڻي آئي ۽ سموري حقيقت پتيءَ کي ٻڌايائين. شانتوبا سمجهي ويو تہ ڪيئن نہ پريوءَ پاڻ ملاح بڻجي سندس پتنيءَ کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ڪناري تي آندو. پريميو، پرماتما پنهنجن پيارن جي ڪيئن نہ اچي سار لهي ٿو. توهان بہ سائينءَ ۾ صدق رکي ڪيس ياد ڪيو تہ توهانکي بہ پريو ڀؤ ساگر مان پار پهچائيندو.

١٢ مارچ ڊوڙئي ڏينهن شام جو وڏالا برادر منڊل طرفان هوشيار وديارٿين کي پرم پوجنيہ سواميڄن هٿان اِنعام ڏياريا ويا. مکي چوئٿرام بيگراج، شري سپاڳچند چاولا، شري نهچلداس منگترام پرم پوجنيہ سواميڄن جا آڀار مڃيندي چيو تہ هو هر سال هت اچي گيان جي گنگا پرواهت ڪري اسانجي پياس پوري ڪن ٿا. شل اهڙي ديا درشٽي سدائين ڪندا رهن.

پرم پوجنيہ سواميڄن سيني شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

ڀائو ڀينر خوشيون منايو، هوليءَ جا ڏينهن آيا ري.

(١) ٻارن پنهنڄون ٺاهي ٽوليون، ڀري رنگن جون هليا جهوليون، ڏاڍا رنگ لڳايا ري.

(٢) خوب رنگن جون ڀري پچڪاريون، هڻن پاڻ ۾ نر ۽ ناريون، سڀ جا انگ ڀڄايا ري.

(٣) ٻار ٻڍا ۽ جوڀن وارا، هڪ ٻئي کي رنگ هڻن ٿا پيارا، ڏاڍا منڊل مچايا ري.

(٤) واه سڀاڳي هولي آئي، کهي ٽيئون جنهن پريت وڌائي، من جا ميل ملايا ري.

٢٣ مارچ بيڪري پئنچات ساڌو واسواڻي نگر ٽاٽا طرفان هر سال جيان گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ رکايو ويو. پوجنيه سواميجن ان اتسوَ سنبنڌ ۾ ٢٣-٢٤ مارچ رات جو ۽ ٢٥ مارچ صبح جو اُتي ستسنگ پروچن ڪيو. ڀاءُ لڇمڻداس پنجواڻيءَ سواميجن جو سواگت ڪيو. سواميجن پروچن ڪندي چيو ته اوهان کي ڌنيواد آهي جو وشو ڪلياڻ جي ڀاونا رکي شري گرو گرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ رکايو ٿا. شري گرو گرنٿ صاحب ۾ نام جي ڪيڏي نه مهما ورڻن ٿيل آهي. اوهين به پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي نام کي نه وساريو. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو ته اوهانجي ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ برڪت پوندي.

٢٨ مارچ جئپور ۾ سنڌي سماج جي سهاري چيٽي چنڊ جو اُتسو آيوجت ڪيو ويو. پئنچات جي آگره تي پوجنيه سواميجن ان اُتسوءَ سنبنڌ ۾ ٢٧ مارچ امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. چيٽي چنڊ اُتسوَ ۾ پوجنيه سواميجن جو ڀيڀڪدار سواگت ڪيو ويو. پوجنيه سواميجن ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته اڄوڪي پوتر ڏينهن، سنڌ ۾ امر اُڏيرولعل، دشٽن جو دمن ڪرڻ لاءِ اوتار وٺي آيو. امر اُڏيرولعل ورڻ ديوتا جو اوتار هو، ان ڪري اسانجا سنڌي ڀائر ڀينر هي ڏينهن اُتساهه اُمنگ سان ملهائين ٿا. اڄوڪي ڏينهن سڀ سنڌي سنڪلپ ڪريو ته ايڪتا جو سوتر ۾ ٻڌجي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪنداسين. پريميو، توهان پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ کي نه وساريو. ٻولي جيئندي ته قوم به جيئندي. اسانجا سنڌي ڀائر ڪٿي ڪٿي وڃي پهتا آهن. پنهنجي پرشارٿ سان وڌيا ويجهيا آهن. اندر مان ڪينو حسد ڪڍي هڪ ٻئي کي چاڙهڻ جي ڪوشش ڪريو.

٢٩ مارچ کان ٣١ مارچ پوجنيه سواميجن ڪوٽا ۾ امرت ورکا ڪئي.

١ اپريل پوجنيه سواميجن ڪوٽا مان جئپور امراپور آستان تي پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش منڊل جي ٦٩ وارشڪ اُتسوءَ سنبنڌ ۾ خوب تياريون ڪيائون. سواميجن روز صبح ۽ شام اُتي ستسنگ ورکا ڪئي. ٢ اپريل ١٩٩٠ جئپور جي نزديڪ بگرو بستيءَ ۾ پسون چڪتسا شبر جو آيوجن ڪيو ويو. اُن شبر جو مهورت ڪندي پوجنيه سواميجن چيو ته هي پسون به پرڀوءَ جي سنتان آهن. اُنهن جي شيوا ڪرڻ، اُنهن جو شاريرڪ دک دور ڪرڻ اسانجو فرض آهي. انهن جانورن کي به پنهنجي پنهنجي ٻولي آهي، پر اسين سندن ٻولي سمجهي ڪين ٿا سگهون. اڄ انهن پسن جي تپاس لاءِ خاص ڊاڪٽر آيل آهن، جي سندن تپاس ڪري دوائون ڏيئي ڪين شفاياب ڪندا. آيوجڪن کي ان اُتم ڪاريه لاءِ ڌنيواد آهي. پوجنيه سواميجن ان شيوا ڪاريه لاءِ ٻارهن هزار روپيا ڏنا. ان پسون چڪتسا ڪئمپ ۾ هزارين گانيون، مينهون، ٻڪريون ۽ اُٺ آيا، جن جي تپاس ڪئي ويئي ۽ اُنهن جو علاج پڻ ڪيو ويو.

٨ اپريل صبح جو سواميجن هون يگيه ڪرايو. اُن ڏينهن سوامي گرمکداس جي ورسي ملهائي ويئي. سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته سوامي گرمکداس منڊل جو مکيه سنت هو. شروع کان ئي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن سان سندس سنيهه سنبنڌ رهيو. ساڻن گڏ هن سنت ڪيڏا نه دؤرا لڳايا ۽ نام جو پرچار ڪيو. سوامي گرمکداس ڪيئن نه يڪتاري تي سنتن جي ٻاڻي ڳائيندو هو. هن ڪيترائي ڀڄن به لکيا آهن، جن ۾ سندس گرو ڀڳتي

هڪ دفعي رات جي وقت هڪڙو سنت اچا پوچڻ ڪائڻ لاءِ مس ويلو تہ وٽس ڪو مهمان آيو. هن مهمان کي ويهاري نموني سان ڏيئو وسائي ڇڏيو. ڪاڏي لاءِ وڏيڪ پوچڻ ڪين هو. هن ڪاڏي واري ٿالهي مهمان اڳيان ڪائڻ لاءِ رکي ۽ پنهنجي پرسان هڪ خالي ٿالهي رکي ۽ ڪائڻ جو نمونو ڪرڻ لڳو. جيئن مهمان ائين محسوس نہ ڪري تہ سنت پنهنجو پوچڻ ڪيس ڪارايو آهي. سنت پاڻ بکہ ڪڍي بہ ٻين کي ڪارائين ٿا. سندن جيون آهي پروپڪارمیہ. پريميو، توهان پنهنجي جيون ۾ پراُپڪار جو گڻ اپنايو.

۲۱ مارچ صبح جو سنت سميلن ٿيو ۽ اُن بعد ڀنڊارو ڪيو ويو. رات جو سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪيو. ۲۲ مارچ پرڀات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي پوڄنيہ سواميڄن ملي سُر ۾ هيٺيون پرڀاتي ڀڄن ڳايو:

صبح جا تون سائين، ٻيڙا ٻنين لائين،
پلئہ ٿا تہ پايون، مرادون پڄائين.
۱- سمت ڏي سيهن کي، جڻن نانءُ تنهنجو،
ڪمت کي ڪڍي تون، سمت ۾ رهائين.
۲- اسان پاپ جيڪي، ڪيا هن سوامي،
اُنهن جي ڏي معافي، تون اڳتي بچائين.
۳- ڀري پيٽ سڀ جو سڄڻ ڏي تون روٽي،
لٽا ڏيئي ڏاتر، ننگن کي ڍڪائين
۴- رهڻ لاءِ گهرڙو، سڄڻ ڏي تون سڀ،
بنا پاپ واري، ڌنڌي ۾ لڳائين.
۵- رهي شانت سڪڙو، سيهن وٽ سدائين،
ديا پالي سڀ جا، مرض ڪل مٽائين.
۶- اُٿي مهل امرت، جڻن نام جيڪي،
ڪهي تيئون تن جا، عرض ڪل اگهائين.

پريميو! روز امرت ويلي اُٿي پرڀوءَ کي اِها پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي. پرماتما توهان جا ڪشٽ ڪليش ڪافور ڪندو. پرڀوءَ کان مايا نہ، سبڌي ۽ سمتيءَ جو دان گهرو. گئو ماتائن جي شيوا ڪريو. پسن پکين کي روز ڪاڌو ڪارايو. روز ڪو نہ ڪو سڪرت جو ڪم ڪريو تہ پرڀو توهان تي ضرور پرسن ٿيندو.

۲۲ مارچ پوڄنيہ سواميڄن اچلڪرنجيءَ ۾ پڌاريا. پياري برجلعل هيراڻيءَ سندن سواگت ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن اُتي ستسنگہ پروچن ڪيو.

سيس دتي جي گر ملي، تو ڀي سستا جان.

پر اڄ ڪلهہ گروءَ جي پراپتي لاءِ قرباني ڪير ڪندو! صرف ستگرن جي سکيا تي عمل ڪريون، اِهوئي ڪافي آهہ. عمل ڪرڻ سان ئي زندگي نهندي آهي. سنتن ستپرکن جي سڌانتن انوسار هلڻ جو يتن ڪريو. گهر گرهست ۾ رهي نام جپيو ۽ دکين بکين جي سار لهو تہ پرماتما اوس توهان جي سنڀال ڪندو.

سوامي پريمداس مهاراج جي جنمدن اُتسوُ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميڄن ٢٨ اپريل بڙودا ۾ پڌاريا. سنت واسديو ۽ پياري ليلارام پرسوائيءَ پوجنيہ سواميڄن جو هاردڪ ابيننَدن ڪيو. پوجنيہ سواميڄن اُتي ٻہ ڏينهن امرت ورکا ڪندي چيو تہ سوامي پريمداس نماڻو سنت هو. هن سنت پنهنجي جيون ۾ سمرڻ ۽ پراُپڪار جي ساکي ڏني. اڄ بہ سندس پيارا سنت واسديو، پيارو ليلارام ڪيئن نہ هتي شيوا جي جوت جڳائي رهيا آهن. پريميو، توهين بہ پنهنجي جيون ۾ شيوا جي سڳند ڏيو، خوب نام جپيو. ويرٿ ڳالهين ۾ وقت برباد نہ ڪريو. سنت اچن ٿا توهان کي اوديا جي، موهہ جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ. سجاڳہ ٿي سمرڻ ۾ سميہ سڦلو ڪيو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

سوئي اوديا نيند ۾، ڪهہ ٽيئون بهہ ڪال،
اب تو غفلت ڇوڙ ڪي، سمرو دين ديال.

٣٠ اپريل پوجنيہ سواميڄن رام نگر سورت ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر ۾ پوجنيہ سواميڄن ٻہ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو:

برا ڪسي ڪا نہ ڪرو، سب ڪا ڀلا ويچار،
ٽيئون برائي جو ڪري، تانڪا ڪر اُپڪار.

پريميو، سڀ جو ڀلو ڪيو. نہ برو ويچار ڪيو نہ ڪنهن سان برو وهنوار ڪيو. خدا جو خوف رکو. جيڪڏهن توهان ڪنهن جو مندو چاهيندا تہ توهان کي موٽ بہ اهڙي ملندي.

هڪڙو فقير روز بکيا وٺڻ ويندو هو. هوُ بکيا لاءِ پڪاريندي ور ور چوندو هو ’برائي ڪرڻ واري جي برائي ٿيندي، ڀلائي ڪرڻ واري جو ڀلو ٿيندو. هڪ ٻيڏڙي استري روز ان فقير جا اِهي لفظ ٻڌي من ۾ چوندي هئي تہ ائين ڪيئن ٿيندو! هڪ ڏينهن هن مائيءَ ان فقير کان پڇيو تہ تون روز روز دهرائيندو آهين تہ بري ڪرڻ واري جو برو ٿيندو ۽ ڀلي ڪرڻ واري جو ڀلو ٿيندو. ڇا اِهو سچ آهي؟ فقير وراڻيو ’امر، اِهو ستيہ آهي، جي توکي وشواس نہ ايندو هجي تہ تون ڪري ڏس. اُن مائيءَ ٻئي ڏينهن ٻہ بوندي جا لڏون ناهي اُنهن ۾ زهر ملائي ٻئي لڏون اُن فقير کي بکيا ۾ ڏنا. فقير لڏون وٺي رمندو رهيو. فقير جڏهن پنهنجي جهوپڙيءَ ۾ موٽي آيو تہ اُت هڪ نوجوان، جو ٿڪل ۽ بکايل هو، پاڻي پيئڻ لاءِ فقير جي جهوپڙيءَ ۾ آيو. فقير اُهي لڏون ڪڍي ان جوان کي کائڻ لاءِ ڏنا. جيئن ئي اُن جوان اُهي ٻہ لڏون کاڌا تہ ڪلٽيون کائيندو هيٺ ڪري پيو ۽ بروقت ئي گذاري ويو. اها درگهٽنا ڏسي فقير وائڙو ٿي ويو. هي هڪدم شهر ڏانهن ڀوڙي ويو ۽ اِها خبر شهرواسين کي ٻڌايائين. اُهو نوجوان اُن مائيءَ جو ئي پٽ هو. جڏهن اِها خبر

۽ ايشور ڀڳتيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.

٩ اپريل صبح جو سواميجن سيني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهيو. منجهند جو پوجنيه سواميجن جي نيترتوَ ۾ امراپور آستان کان شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو. هزارين پريمي ديش وديش مان هن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. چارئي ڏينهن صبح شام سنتن مهاتمائن. ودوانن پنهنجي وچنن جي امرت ورکا ڪئي. پوجنيه سواميجن پڻ ستسنگ پروچن ڪيو. ١٣ اپريل پريات جو پوجنيه سواميجن اُتسوَ جي سماپتيءَ جو پلئه پائيندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ساري جيون سمرڻ ۽ پروپڪار جي ڪارين ۾ سڦلي ڪئي. اوهين پلي پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريو، پر پريوءَ کي نه وساريو ۽ ساڻ ساڻ روز ڪونه ڪو پر اُپڪار جو ڪاريه ڪيو. ان ۾ ئي جيون جي سارٿڪتا آهي.

ترور سرور سنت جن، چوٿا برسي ميهه،

پرمارٿ ڪي ڪارڻي، چارون ڌاري ديهه.

وڻ، تلاءُ، سنت ۽ برسات، چارئي هين جي ڀلائيءَ لاءِ ٿين ٿا. توهان به ان ڳڻ جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيو.

١٦ اپريل پوجنيه سواميجن پريم پرڪاش آشرم آگري ۾ پڌاريا. اُتي شام جو ستسنگ ڪندي پوجنيه سواميجن چيو:

ستسنگت سي هوت هئه، سحسا هي وئراگه،

والميڪ هري پرش هر، ڀڄن لڳي گهر تياگه.

پريميو، نت نيم ستسنگ ڪريو. ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرکه سان نينهن جو ناتو جوڙيو، پوءِ توهان جي من ۾ وئراڳه ورتي پيدا ٿيندي. رشي والميڪ پهرين ڌاڙو هو. جڏهن ڪيس رشي نارد جو سنگ مليو، اُن کان ڪيس ست گيان مليو، تڏهن هن گهر ٻار جو تياڳه ڪري چت جي ورتي پريوءَ سان جوڙي. ڀڳتي ڪندي ڪندي هوُ مهان رشي ۽ ڀارت جو مهان ڪوي بڻيو. توهان به روز هت ستسنگ ۾ اچي سنتن جي ٻاڻيءَ جو ابياس ڪريو. سنتن مهاتمائن جا امرت وچن ٻڌي، پريوءَ سان پريم جو سنبنڌ جوڙيو ۽ مانکه جنم سڦل ڪريو.

سوامي مرليڌر جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميجن ١٧ اپريل سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر اندور ۾ پڌاريا. اُتي سوامي گنگارام ۽ ٻين پريمين سواميجن جو سواگت ڪيو. پوجنيه سواميجن اُتي هفتو ڪن صبح ۽ شام ستسنگ ورکا ڪئي. سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته سنت مرليڌر، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي سنگ ۾ رهي ڪافي ڪجهه پرايو، خوب نام جو پرچار ڪيو. توهان به ستگرن جي ڏنل نام جو ابياس ڪريو. جيئن جيئن توهان نام جو ابياس ڪندا، تيئن تيئن توهان کي دويه جوت جو ديدار ٿيندو. ستگرو امرت جي کاڻ آهن ۽ هي شرير زهر جي ٻَنڙي آهي. سر ڏيڻ سان جي ستگر ملي ته به سستو سمجهو.

يهه تن وکه ڪي بيلڙي، گر امرت ڪي کاڻ،

ھئي ڀائر، ڀاءُ وجئہ منگناڻي، ڀاءُ رميش آھوجا، ڀاءُ رام چنچلاڻي جن ٻنھي سڄڻن جي وچ ۾ ناھ جون ڳالھيون ڪرايون. ڀاءُ پرسرام ڪالاڻي ۽ ڪيترائي نگر سيوڪ، ڪاريہ ڪرتا ۽ پترڪار آشرم ۾ پوڄنيہ سوامي جن وٽ آيا ۽ پوڄنيہ سواميڄن جي اُپسٿتيءَ ۾ سنڪلپ ڪيائون تہ ھوُ سڀ متڀيد وساري سنڌونگر کي شاد آباد ڪندا. پوڄنيہ سواميڄن سيني سڄڻن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ سڀ سياڻا سيبتا سمجھو آھيو. آپسي ڦوٽ ڪيڏو نقصان ڪيو آھي. داس اوھان کي پرارٿنا ڪري ٿو تہ اڄ کان وٺي سڀ ايڪتا جي سوتر ۾ ٻڌجي، نگر جي وڪاس ۽ سنڌي جاتيءَ جي بھبوديءَ لاءِ گڏجي ڪاريہ ڪيو. ڪي پريوءَ جا پيارا جيڪڏھن اوھانجي وچ ۾ غلطفھمي پيدا ڪن تہ پاڻ ۾ ھڪ ٻئي سان ملي غلطفھمي دور ڪريو. دلين ۾ پيار ۽ ھمدرديءَ جا ٻج پوکيو.

١٩ مئي صبوح جو ١٠ بجي پوڄنيہ سواميڄن سنڌو ڀارتي ترسٽ طرفان آيوجت نيتر دان شبر جو اُدگھاٽن ڪندي چيو تہ نيتر دان ڪرڻ ھڪ اُتم دان آھي. مرڻ کان پوءِ جيڪڏھن اکيون سڙي ڀسم ٿي وڃن، اُن کان بھتر آھي تہ اکيون دان ڪجن، جيئن ڪنھن نابين کي روشني ملي. اُن سورداس جي جيون نئين ٿي پوندي. اُھو ڪيڏيون نہ آسيسون ڪندو. اوھان کي ڌنيواد آھي جو اوھان ھن شبر جو آيوجن ڪيو آھي. شري نارائڻ سڪيڄا سواميڄن جو سواگت ڪيو. ان موقعي تي ڊاڪٽر ديال آشا ڳالھائيندي چيو تہ اڄ ڀرين مان نيتر دان جو فارم ڀريان ٿو.

٢٠ مئي صبح جو ساڍي ١١ بجي آشرم ۾ جنتا جناردن پريشد جي جنرل باڊيءَ جي ميٽنگہ پوڄنيہ سواميڄن جي زيرصدارت ٿي. پياري شيوڪرام ونواڻيءَ ڪاريہ جي رپورٽ پيش ڪندي ٻڌايو تہ ھن سال ھِدا آشرم ۽ دکين جي شيوا ڪاريہ بلي ٩ لک روپيا خرچ ٿيو آھي. ديال آشا چيو تہ پوڄنيہ سواميڄن جي آسيس سان ئي پريشد شيوا يگيہ ڪري رھيو آھي. پوڄنيہ سواميڄن آشيرواد ڪندي شيوا ڪاريہ لاءِ ٢٥ ھزار روپيا ڏنا.

شام جو ٦ بجي ڀارتيہ سنسڪار آشرم اُلھاس نگر ٣ ۾ شري سيتلداس ھرچنداڻيءَ جو سنمان سماروھ پوڄنيہ سواميڄن جي پرڌانپٽي ھيٺ آيوجت ڪيو ويو. ڀاءُ سلامت پرسواڻيءَ چيو تہ پوڄنيہ سواميڄن نہ صرف ڌرم گرو آھن پر مھان ڪرم يوگي سنت آھن. اسانجا سچا سونھان آھن. سواميڄن جي ھٿان پياري سيتلداس ھرچنداڻيءَ کي ماروتي ڪار سوکڙيءَ طور ڏني ويئي. پوڄنيہ سواميڄن پياري سيتلداس ھرچنداڻيءَ کي ڪار جون چابيون ڏيندي ڪاريہ ڪرتائن کي چيو تہ اوھانکي ڌنيواد آھي جو اڄ اوھان پياري سيتلداس جو سنمان ڪيو آھي. ھي پيارو ٻي دفعا سانڌھ اسيمبلي ميمبر چونڊجي آيو، اِھو ڏيکاري ٿو تہ ھي لوڪن ۾ ڪيڏو نہ پيارو آھي. شيوا جو اُجورو آھي وڌيڪ شيوا. ھي پيارو شل جاتي ۽ ديش جي وڌيڪ شيوا ڪري جيون سڦل ڪري. پياري سيتلداس چيو تہ پوڄنيہ سواميڄن جي آشيرواد ۽ اوھان ڀائرن جي سھيوگہ سان ئي مان شيوا ڪاريہ ڪري سگھيو آھيان ۽ آئينده بہ ڪاريہ ڪندو رھندس. ھن موقعي تي ديال آشا، شري ٽيڪچند ميرپوري، شري لڇمڻ آھوجا، ديال بجاج پڻ شري سيتلداس ھرچنداڻيءَ جي خدمتن جو ذڪر ڪيو.

٢١ مئي صبح جو ١١ بجي آشرم ۾ ڀاءُ سريچند آھوجا اُلھاسنگر جي پترڪارن جي ميٽنگہ رکي. اٽڪل ٢٥ ڪن پترڪار شريڪ ٿيا. پوڄنيہ سواميڄن کين آشيرواد ڪندي چيو

ان مائيءَ کي پيئي تہ اُها مورچت ٿي ڪري پيئي. هوش ۾ اچڻ تي پڇتاءُ جا ڳوڙها ڳاڙڻ لڳي تہ هن ناحق فقير کي زهر وارا لڏون ڏنا. ان جو خراب نتيجو ڪيس ڀوڳڻو پوي ٿو.

پريميو، سڀ جو خير گهرو، سڀ جو ڀلو ڪيو تہ سائين توهان جو ڀلو ڪندو.

۳ مئي رات جو سنت کانورام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميڄن رات جو سندن آستان الهاسنگر ۲ ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سنت کانورام جي آواز ۾ درد هو. جڏهن ڳائيندو هو تہ دلين کي ڏوڏي ڇڏيندو هو. قرب وارو سنت هو. ڪيس جيڪي پيٽائون ملنديون هيون، سي مسڪينن محتاجن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو. پريميو، توهان کي ڏنيواد آهي جو سنت کانورام جي جوت جڳائيندا پيا رهو. سنت جي مول مراد آهي پاڻ نام جپڻ ۽ نام جپائڻ. توهين بہ خوب نام جپيو.

۵ مئي پوجنيہ سواميڄن ناگپور ۾ پڌاريا. اُتي پوجنيہ سواميڄن ٽي ڏينهن امرت ورکا ڪئي. پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڪنهن نہ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وڃو جو توهان تي ديا درشٽي ڪري گيان جو امرت پيئاري ترپت ڪري. سڀاڳو سو، جنهنکي اهڙو ستگرو ملي ٿو. ستگرو مهاراج پڻ ساڌڪ کي صلاح ڏيندي چون ٿا:

ستگر ائسا ڪيجئي، تم اگيان مٽاير،

کم ٽيئون اُر ۾ سدا، انيوَ جوت جڳاءِ.

رجب ڀرين چور هو، پر گروءَ جي ڪرپا سان هي پاڻ سنت ٿي پوي ٿو. هي پيارو جڏهن گهوٽ جي ويس ۾ هو تڏهن کيس سنت دادو ديال جو اُپديش مليو ۽ هي نئون ٿي پيو. سنت رجب جيون ڀر گهوٽ جو ويس پهريندو رهيو. سندس وڳو پراڻو ٿي ويندو هو تہ پريمي کيس ساڳئي قسم جو گهوٽ جو وڳو نهرائي ڏيندا هئا. هڪ دفعي ڪن سنتن کيس چيو' توهان هاڻي سنت آهيو، پوءِ ڇو ٿا گهوٽ جي ويس ۾ رهو؟' سنت رجب وراڻيو تہ جنهن ويس ۾ مونکي پنهنجو گرديو سنت دادو ديال پراپت ٿيو، اُن ويس جو تياڳ مان ڪيئن ڪندس؟

پريميو، پياري رجب ۾ ڪيڏي نہ گرو ڀڳتي هئي. اهڙي گرو ڀڳتي اسان مان هڪ هڪ ۾ هئڻ گهرجي. ستگرن جي سڌانتن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيئي مانش جنم سڦل ڪريون.

۸ مئي پوجنيہ سواميڄن گونديا ۾ پڌاريا. اُتي هنن بہ ڏينهن ستسنگہ ورکا ڪئي. ۱۰-۱۱ مئي پوجنيہ سواميڄن بالا گهاٽ ۾ امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ۱۲-۱۳ مئي پوجنيہ سواميڄن سوني ۾ پڌاريا ۽ ٻہ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري ساڌڪن جو مارگہ درشن ڪيائون. ۱۴-۱۵ مئي ڪامٽيءَ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيائون. ۱۶ مئي امراوتيءَ ۾ ۽ ۱۷ مئي بدنيرا ۾ ستسنگہ پروچن ڪيائون.

پوجنيہ سواميڄن ۱۸ مئي صبوح جو اُلهاسنگر آشرم ۾ پڌاريا. ڪيترن مهنن کان سنڌونگر ۾ آپسي اٽبٽت سبب اشانتي ۽ تناوَ وارو واتاورڻ پئي رهيو. ۱۸ مئي منجهند جو جن ٻن گروپن جي اڳوانن ياءُ ڀيو ڪالاڻي ۽ ياءُ گوپ ڀراڻيءَ وچم نفاق هو. آهي

هڪ دفعي رات جو سنت نامديو کوهيءَ تان پاڻي ڀرڻ پئي ويو. ڪنهن شخص ڪيس منع ڪئي ته رات جو اُتي ڀوت جو واس هوندو آهي. سنت نامديو ته سڀني پراڻين ۾ پرڀوءَ کي پسندو هو. هن ڀوت جو ڪوبه ڊپ نه ڪيو. هوُ جيئن کوهيءَ جي ويجهو آيو، تيئن ڀوت سندس سامهون آيو. سنت نامديو اُن ڀوت ۾ ڀڳوان سمجهي، اُن جي اُستتي ڪرڻ لڳو. اُتي ڀڳوان پرگهٽ ٿي چيو: ’پيارا، تو مونکي ڀوت ۾ به ڪيئن وديمان سمجهيو؟‘ سنت نامديو وراڻيو ’پرڀو، توهان ته سڀني روپن ۾ وياپڪ آهيو.‘ اِهو جواب ٻڌي پرڀوءَ سنت نامديو کي گلي لڳايو.

سنت نامديو ته ڪتي ۾ به ڪرتار جو درشن ڪيو. سنت نامديو هڪ دفعي روٽي پچائي مس رکي ته هڪ بکايل ڪتو اُها روٽي کڻي ويو. سنت نامديو اُن ڪتي جي پٺيان ڊوڙندي چوڻ لڳو ’پرڀو، تون اَيوڳي روٽي ڪيئن کائيندين؟ ترس ته توکي ان اٽيي روٽيءَ تي گيهه لڳائي ڏيان.

پريميو، سنتن ۾ ۽ ساڌارڻ ماڻهن ۾ اِهو وڏو فرق آهي. سنت سڀ ۾ ساڪي چيتن پسن ٿا. مگر سنساري ماڻهو ڀيد ڀرم ۾ ڦاٿل آهن. هڪ ڏينهن توهان کي به سڀني ۾ پرڀو ڏسڻ ۾ ايندو، صرف ڀڳتيءَ جي راهه ۾ وڪه وڌايو. نام ڳايو نام ڌيايو.

۳۱ مئي پوجنيه سواميجن بونديءَ ۾ ۽ ۱ جون جهالرا ۾ امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ۲ جون کان ۴ جون پوجنيه سواميجن ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ڪوٽا ۾ ستسنگ ورکا ڪئي. پوجنيه سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته ستگرن ۽ پرڀوءَ کي سدائين ياد ڪيو. دکه ۾ چاهي سکه ۾ ڪين ياد ڪيو ته هوُ توهانجا سهائي ٿيندا. الائي گهڻا جنم توهين وشين وڪارن واسنائن جي چڪر ۾ ڀٽڪيا آهيو. پرڀوءَ کي هڪ پل به نه وساريو. هڪ پرماتما ئي جيوَ سان انگ سنگ سهاءِ آهي. دم دم تنهن کي ياد ڪيو. پاڻ کي شاد آباد ڪيو ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون هر نام جپ، ڀوُلو نا ڪڻ ايڪ،

ڀوڳت ڀوڳت وشيه رس، بيتي جنم انيڪ.

هڪڙي ايشور ڀڳت برهمڻ کي سندر ڪنيا هئي. ڪن ڏنگن مسلمانن جي ان نياڻيءَ ۾ ٻري اک هئي. هڪ ڏينهن اوچتو چار مسلمان اُن برهمڻ ڪنيا کي ڀڄائي وڃڻ لاءِ برهمڻ جي گهر ۾ گهڙي آيا. برهمڻ ڀڳوان کي وينتي ڪئي. اُتي اوچتو ڊاڪن جي ٽولي آئي. اُهي ڊاڪو حقيقت ۾ ڊاڪي هڻڻ جي لحاظ کان آيا هئا، مگر هنن بدنيت مسلمانن کي ڏسي اُنهن کي ماري ڇڏيو. برهمڻ ڪنيا جي رکشا ٿي ۽ اُهي ڊاڪو واپس هليا ويا. پرماتما ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجن پيارن جي رکشا ڪري ٿو. پريميو، توهين به سچيءَ دل سان پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪيو ته پرڀو توهان جي رکشا ڪندو.

۶ جون شام جو سکر ڌرمشالا وڏالا ۾ پوجنيه سواميجن پياري جيئندرام هيمنداس واڌوا جي سپتر جڳديش جي وواهه سنبنڌ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۸ جون کان ۱۰ جون پوجنيه سواميجن سنڌونگر آشرم ۾ ستسنگ ڪيو.

ڊٻئيءَ جي پريمين جي قرب ڀري ڪوٺ تي ۱۲ جون پوجنيه سواميجن ڊٻئيءَ ۾

تہ اوهان پنهنجي اخبارن ۾ هڪ بہ خلاف نہ لکو. اُلهاسنگر ۾ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ڪرڻ ۾ اوهان وڏو يوگدان ڏئي سگهو ٿا. اهڙا ليکہ ۽ خبرون شايع ڪريو جنهن مان جاتيءَ جو جس وڌي، نگر جو وڪاس ٿئي. قلم کي وڏي طاقت ٿيندي آهي. اُن طاقت جو سد اُپيوگہ ڪريو.

٢٢ مئي پوجنيہ سواميجن احمدنگر ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ستسنگہ پروچن ڪيائون. اُتان سواميجن جالنا ويا. اُتي ٻہ ڏينهن امرت ورکا ڪري اورنگاباد روانا ٿيا. اُتي پڻ پريمين جي پياس پوري ڪيائون. اُتان هوائي جهاز رستي ستگرو مهاراج دهليءَ روانا ٿيا. ٢٥ مئي شام جو پريم پرڪاش مندر دهليءَ ۾ پوجنيہ سواميجن ستسنگہ پروچن ڪيو. ٢٦ مئي ستگرو مهاراج امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا ۽ نماشام جو اُتي ستسنگہ ڪيائون. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوءَ سنبنڌ ۾ پوجنيہ ستگرو مهاراج ٢٧ مئي سوامي ماڌوداس جي آستان آدرش نگر اجمير ۾ پڌاريا. اُتي پوجنيہ سواميجن چار ڏينهن امرت ورکا ڪئي. پوجنيہ سواميجن ڀهرين سوامي ماڌوداس مهاراج کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني ۽ پوءِ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سنڌ جي مهان ويڀوتي هئا. سندن امرت جهڙي ٻاڻي اڄ بہ اسان جو مارگہ درشن ڪري ٿي. پريميو، ستگرو مهاراجن جي سکيائن تي هلڻ جو يتن ڪيو.

٣٠ مئي اُتسوَ جو پلوءُ پائيندي پوجنيہ سواميجن هيٺيون ڀڄن ڳايو:

ڀاڳن وارا سي ٿي جڳہ ۾، ستگر جن کي ياد ادا.

١- شرڌا سان جي ڏينهن ملهائن، اندر ۾ اُتساهہ رکي،
چئن جڳن ۾ اڱڻ انهن جا، رهن سدا آباد ادا.

٢- اؤکي تن کي اچي نہ ڪائي، دشمن تن نا وار ڪري،
ستگر جنهن جو آ رکوارو، جم کان ٿي آزاد ادا.

٣- ٿين منورٿ پورا تن جا، پريا رهن ڀنڊار سدا،
نانءُ گرن جي خرچن جيکي، هِت هُت تن اهلاد ادا.

٤- ستگر ۾ سک آهي جن جي، اٽل اُنهن تي ڇتر ڦري،
کهي ٽيئون سک ناهي جن ۾، جنم تنين برباد ادا.

پريميو، پياري مرليڌر ڪرناٽي ۽ توهان سڀني پريمين کي ڌنيواد آهي جو اُتساهہ اُمنگہ سان ستگرو مهاراجن جو ورسي اُتسوَ ملهائيندا رهو ٿا. اندر مان غير ڪڍي سڀني پراڻين کي پيار ڏيو، سڀني جيوَن ۾ پريوءَ کي پسو. پرماتما سرووياپي آهي. ڀڳت سڀني جيوَن ۾ ڀڳوان کي پسي ٿو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ساکي چيتن برهم ڪا، سب گهٽ ۾ هئہ واس،
کهہ ٽيئون شش سوريہ ۾، تانکا هئہ پرڪاش

دليون ڀرڪي داسڙو.

ڀڳوان پريم جو پياسي آهي. هو تہ سڄي سرشٽيءَ جو مالڪ آهي. هن کي توهان جي ڌن پدارٿ، آڀوشڻن، وسترن ۽ پرساد جي ضرورت ڪين آهي. هو تہ ڏسي ٿو آليون اکيون، پياسي دليون. اُنهن تي پنهنجي ديا درشٽي ڪري ٿو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ٽيئون هرڪو ڀاوتي، ڪيول من ڪا پريم،

جانو من ڪي پريم بن، سوني جپ تپ نيم.

ڀڳت ودر، ڀڳوان شري ڪرشن جو اننيہ اُپاسڪ هو. گهر گرهست ۾ رهندي هن پنهنجي جيون ۾ ڀڳوت پريم جي ساکي ڏني. ڀڳوان شري ڪرشن آنند ڪند کي ياد ڪندي، سندس اکڙين مان پريم جا آنسون ٽپڪندا هئا. هڪ دفعي ڀڳوان شري ڪرشن ودر جي گهر آيو. اُن وقت ودر گهر ۾ ڪين هو. سندس پتني ڀڳوان جي اچڻ تي ڏاڍي پرسن ٿي. هن ڀڳوان شري ڪرشن کي ويهاري سندس اڳيان ڪيلا ڀيٽ رکيا. هوءَ ڀڳتياڻي خوشيءَ ۾ ڪيلا ڇلي، اُنهن جون کلون ڀڳوان کي کائڻ لاءِ ڏيندي پئي وڃي. ڀڳوان ڏاڍي پرسنتا سان اُهي کلون چوسي رهيو هو. اوچتو ودر ڀڳوت بہ گهر ۾ آيو. هو ڀڳوان کي ڪيلي جون کلون چوسيندي ڏسي وائڙو ٿي ويو ۽ پتنيءَ کي چيائين تہ تو هي کهڙو پاپ ڪيو آهي جو ڀڳوان کي ڪيلن جي ڳر بدران کلون کارائيندي وئي آهين؟ اڄ تہ پريوءَ کان معافي وٺون.

ڀڳوان شري ڪرشن، ودر جو، پتنيءَ سان وارتالاپ ٻڌي مشڪندي چيو تہ پيارا ودر، اِهي کلون بہ پريم رس سان پورڻ هيون. انهن کي چوسيندي مونکي ڏاڍو رس آيو. توهان ڪوبہ فڪر نہ ڪيو. پريم ۾ پتو نہ پوندو آهي. تون ۽ تنهنجي پتني مونکي پيارا آهيو. ڀڳت ودر ۽ سندس پتني وري بہ پڇتاءَ جا لڙڪ لاڙيندي، پريم جا ڳوڙها ڳاڙيندي، شيام سندر جي ڪمل چرنن تي ڪري پيا. ڀڳوان شري ڪرشن پنهنجن پيارن کي ڇاتيءَ سان لڳائي پيار ڏنو.

پريميو، پريو ڏسي ٿو پريم، نہ ٻاهريون اڊمبر. ڪيئن نہ ڀڳوان شري ڪرشن ڀڳتن جون، ڪيلن جون کلون بہ قرب سان انگيڪار ڪيون. توهين بہ پريوءَ لاءِ پريم وڌايو. ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن پريو توهان کي اچي ڇاتيءَ سان لڳائيندو.

١٥ جون رات جو ٨ بجي پياري سندر منگهاڻيءَ ۽ پياري موهنلعل منسڪاڻيءَ ائسٽوريا هوٽل دبئيءَ ۾ پوڄنيہ سواميڄن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو. پياري رام بخشاڻيءَ پوڄنيہ سواميڄن جي آمد تي سندن سواگت ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن سنڌي سماج کي سمبوڌت ڪندي چيو تہ توهين ڀلي هتي ڪروڙ ڪمايو، پر اُها مايا سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪيو. پيارو وڪيومل شراف، پيارو مورجمل منگهاڻي، پيارو رام بخشاڻي، پيارو سندر منگهاڻي، پيارو موهن منسڪاڻي، پيارو لڪميچند للا ۽ ٻيا ڪيترا هتان جا پريمي، ڪيئن نہ اُدارتا سان دان پيا ڪن ٿا. دان سان گڏ داتار کي بہ ياد ڪيو. نام پدارٿ گڏ ڪيو. اِهو پدارٿ توهان کي سنتن جي سنگہ ۾ ملندو. اُن ڪري ڪنهن نہ ڪنهن سنت ستپرکہ جو سنگہ ڪريو، جو توهان کي هن ڀوَ ساگر مان پار لڳائي.

پريميو، پنهنجن ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهو، ڪين ڌارمڪ وديا جي ڄاڻ ڏيو. ٻار

پڌاريا. پوڄنيه سواميڄن سان گڏ سوامي ديو پرڪاش، ڊاڪٽر ديال آشا، سنت اننت پرڪاش، سنت منوهرلعل ۽ پيارو گيانلعل به هئا. ڊبئي هوائي اڏي تي پياري رام بخشاڻيءَ، پياري لڪميچند لالا، گنگاڌر روهڙا، واشولعل شراف، ڊاڪٽر جمنو آسوداڻيءَ، هريش ڪيماڻيءَ، منوهر رامچند ۽ ٻين ڪيترن پريمين پوڄنيه سواميڄن جو هارڊڪ سواڳت ڪيو. ١٣ جون صبوح جو ١٠ بڄي پوڄنيه سواميڄن روپا ايشور اُڏراڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪندي چيو ته ايشور جي پتا پياري واسديو اُڏراڻيءَ ئي ڀرين ڀرين اسانکي ڊبئي اچڻ جي پيار ڀري نينڊ ڏني هئي. ڪيئن نه هن پياري صدق سان سنتن جي شيوا ڪئي. سندس پتني آنندي به سنتن جي صدقياڻي آهي. پريميو، توهين جيترو وڌيڪ سنتن جي ويجهو رهندا اوترو توهانکي لاڀ ٿيندو. سنتن جي ڏنل سکيا جي پيروي ڪندا ته اوس توهان کي ڦل پراپت ٿيندو.

رات جو مايا لڇمڻداس پگراڻيءَ جي گهر پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪيو ۽ پوڄڻ ورتايو. ١٤ جون صبوح جو ١١ بڄي پوڄنيه سواميڄن ڀاءُ رام تولاڻيءَ جي گهر ۾ ستسنگ ڪيو. رات جو چوئٿرام هال ۾ پياري گربخش ڊالومل امرناڻي ستسنگ جو آيوڄن ڪيو. ڀرين پياري منوهرلعل ۽ ديال آشا ڀڳتي سنگيت ڳايو. ان بعد پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پريميو، توهان ڌنڌي وهنوار جي لحاظ کان ديس ڇڏي هت پرديس ۾ آيا آهيو. هت رهندي به هندو سناتن ڌرم جي سڌانتن موجب هلندا ته ڀڳوان توهانجو رکپال ٿيندو. ڪم ڪاريون ڪيو، نوڪريون ڪيو، پر پرڀوءَ کي نه وساريو. منش ديهه جو ملهه سڃاڻو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

چوراسي لک يون ڪا، مانش هئه سرتاج،
که ٿيئون هر ڀڄن ڪا، ڪر اس تن ۾ ڪاڄ

پرڀوءَ اسانکي کهڙي نه امولهه مانش ديهي ڏني آهي! اُها اسين ويرٿ ڪمن ۾ وڃائي رهيا آهيون. سنت ور ور سڃاڳه ڪن ٿا. نام سمرڻ ۾ سواس سڦلا ڪيو. ست ڪرم ڪيو. پر اسين ويسر جي وهنوار ۾ آهيون. سڃاڳه ٿي خوب نام جپيو. پياري ٽي. چوئٿرام کي ڌنيواد آهي جنهنجي پرشارٿ سان هي پرارٿنا هال نهيو آهي. جتي توهين وقت به وقت گڏجي نام ڪيرتن ڪيو ٿا.

ڊبئيءَ ۾ پريمين روولي بلڊنگ جي ڀرين ماڙي تي پريم پرڪاش مندر برپا ڪيو آهي. پيارو هريش ڪيماڻي، پيارو منوهرلعل رامچند، ڀيڻ وينا رام بخشاڻي، ڀيڻ ڪوتا چاندواڻي ۽ ٻيا پريمي اُت ستگرن جي جوت جڳائي رهيا آهن. ١٥ جوُن شڪروار صبوح جو اُتي پوڄنيه ستگرو مهاراجن جي ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ڀرين پياري مهراج چمنلعل شرما، سنت منوهرلعل، سنت اننت پرڪاش ۽ ڊاڪٽر ديال آشا ڀڳتي سنگيت جو ورکا ڪندي پوڄنيه سواميڄن جي جيون ڪاريه جو ورڻن ڪيو. ڀاءُ هريش ڪيماڻيءَ ستگرو مهاراجن ۽ ٻين سنتن جو سواڳت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته توهانکي ڌنيواد آهي جو نت نيم هت ڀڳوان ۽ گرو مهاراجن جي پوڄا اُپاسنا ڪيو ٿا. توهان کي پنهنجن سنبنڌين سان ڪيڏو نه سنيهه آهي. ان کان وڌيڪ پرڀوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. دنيوي جوابداريون پوريون ڪندي، پرڀوءَ کي نه وساريو. پرڀوءَ، دل هڪ ڏني آهي، اُها دل دنيا کي نه ڏيئي، داتار کي ڏيو.

نام جپڻ ۾ ڪنجوسائي نه ڪريو. جيون جي سارٿڪتا آهي نام سمرڻ ۽ شيوا ۾. خوب نام جپيو. منجهند جو پياري واشولعل شراف جي گهر پوڄنيه سواميڄن ڀوڄن ورتايو. رات جو پوڄنيه سواميڄن ڊاڪٽر جمنو آسوداڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪيو ۽ ڀوڄن ورتايو.

١٩ جون صبوح جو پوڄنيه سواميڄن سشيلا ڏالومل لکياڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪيو ۽ ڀوڄن ورتايو. رات جو پياري نارائڻداس امرناڻيءَ جي گهر پوڄنيه سواميڄن امرت ورکا ڪئي. پياري نارائڻداس جي ڌرمپتني ماتا ڌني به سنتن جي صدقياڻي آهي. ڪيڏي نه اُتساهه ۽ پريم سان هن ڀڄڻ ڳائيندي سواميڄن جو سواگت ڪيو ۽ پياري ديال آشا کي شيوا ڪارين لاءِ دان ڏنائين. ٢٠ جون صبوح جو ١١ بجي شنڪر منواڻيءَ جي گهر پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ۽ ڀوڄن ڪيو. رات جو پياري مورجمل منگهناڻي ۽ پياري رام بخشاڻيءَ جي بنگلي تي ستگرو مهاراجن ستسنگ پروچن ڪيو. ڀيڻ ڪملا مورجمل، ڀيڻ وينا رام بخشاڻيءَ سنتن جي خوب شيوا ڪئي. پوڄنيه سواميڄن اُتي ستسنگ ڪندي چيو ته پرڀوءَ کي ور ور ياد ڪريو. ڀلي سنساري ڪم ڪاريون ڪريو، ڪروڙ ڪنا ڪريو، پر سچو ڌن اُتوَ نام ڌن. اِهو ڌن سنگره ڪريو ته توهانجا ٻئي لوڪ سهيلا ٿيندا. پرڀوءَ توهان کي امولهه منش جنم ۽ سوين سکه ڏنا آهن. هي جنم نام سمرڻ ۽ شيوا ۾ سڦلو ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

پوروَ پڻيه تي پائيا، مانش ڪا اوتار،

ڪه ٽيئون تهن سڦل ڪر، سمري سرجنهار.

٢١ جون صبوح جو پياري اشوڪ اُڏراڻيءَ جي گهر پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪيو ۽ ڀوڄن ورتايو. رات جو پياري هريش ڪلواڻيءَ جي گهر ۾ پوڄنيه سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو ته پرڀوءَ لاءِ پياس اُٿاريو. پرڀوءَ کي دل سان پرارٿنا ڪريو ته پرڀو اوس اوهانجو عرض اگهائيندو.

هرديه سي جب پرارٿنا، ڪه ٽيئون ڪر ڪويه،

ڀڳوت ڪي تب ڪان ۾، پهنچت شيگره سويه.

٢٢ جون شڪروار ڏينهن صبوح جو پريم پرڪاش مندر ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو:

ساڌو ملي صاحب ملي، انتر رهي نه ريک،

مانسا واچا ڪرمنا، ساڌو صاحب ايک.

سچي سنت ۽ پرڀوءَ ۾ ڪو ڀيد ڪونهي. توهان کي نه ڪنهن پريپورڻ مهاتما جو درشن نصيب ٿئي ته ائين سمجهو ته توهان کي ڀڳوان جو درشن ٿيو آهي. سنت پرڀوءَ جو نت اوتار آهن. اهڙن ڪامل سنتن جي ڪرپا سان توهانجو ڀاڳ کلندو. انهن سنتن جي شرڌا سان شيوا ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

سنت جنون ڪي سيو سي، پورن هووي آس،

ڪه ٽيئون رڌ سڌ ملي، وپت وگهن هو ناس.

ئي ديش جي سچي دولت آهن. اُنهن جي پرورش جي جوابداري ماتا پتا، گروءَ ۽ ساهتيڪارن تي آهي. جيئن شرير لاءِ صاف هوا، نرمل پاڻي ۽ قوت بخش کاڌي جو ضرورت آهي، تيئن مانسڪ وڪاس لاءِ سٺن سنسڪارن جو هئڻ ضروري آهي. ٻار جي نيڻ ناهڻ ۾ ماتا جو مکيہ ڀاڱو آهي.

هڪ مهاتما، حاتم جي سخاوت جي ساراهہ ٻڌي، سندس پاڙي ۾ اچي ٿو. اُن وقت اُتي ڪي ٻالڪ راند روند رمي رهيا آهن. هي مهاتما اُنهن ٻالڪن مان هڪڙي ٻالڪ کان پڇي ٿو تہ پيارا ٻالڪ، حاتم ڪٿي آهي؟ اُهو ٻالڪ ادب سان آکي ٿو. 'سوامي، مان حاتم آهيان، آگيا ڪريو.' مهاتما وراڻي ڏئي ٿو تہ وچن ڏي تہ پوءِ توکان گهر ڪريان. ٻالڪ وچن ڏئي ٿو. تڏهن مهاتما چوي ٿو: 'هي ٻالڪ، آنءُ تنهنجي سر جو سوالي آهيان.' ٻالڪ اِهو ٻڌي رنج کين ٿو ٿئي. پيو مشڪي، پيو مشڪي ۽ مهاتما کي هٿ ٻڌي وينتي ڪري ٿو: 'سوامي، مان وچن پاڙڻ لاءِ تيار آهيان، صرف هڪ دفعو امڙ وٽان ٿي اچان.' ٻالڪ گهر وڃي امڙ کي چوي ٿو: 'اما، هڪ مهاتما آيو آهي، جنهن سر جو سوال ڪيو آهي. مان اُن کي وچن پڻ ڏيئي چڪو آهيان.' ٻالڪ حاتم جا اِهي لفظ ٻڌي، ماتا حاتم کي چنڊ ڪڍي ٿي تہ وڃ، وڃي جلد ئي مهاتما جو سوال پورو ڪج. دير ڇو ڪئي اٿيئي؟ مونکان اِن لاءِ پڇڻ ڇو آئين؟ جيڪڏهن هاڻ اِهو مهاتما تنهنجو سر سويڪار نہ ڪري تہ تنهنجو سر ڪهڙي ڪم جو؟ وڃ، وڃي وچن کي پاڻي ڏي.' گهر جي ٻاهران اُن بيٺل مهاتما حاتم جي ماتا جا اِهي لفظ ٻڌي ورتا. ٻالڪ، حاتم، هڪدم گهر کان ٻاهر اچي مهاتما جي چرنن ۾ سر جهڪائي وينتي ڪري ٿو:

'سوامي، هاڻ منهنجو سر بلاشڪ وٺو.' مهاتما ٻالڪ حاتم جي اِها ٻولي ٻڌي، کيس چوي ٿو: 'ٻالڪ حاتم: تون ڌنيہ آهين ڌنيہ! ۽ تو کان وڌيڪ ڌنيہ آهي تنهنجي ماتا، جنهن تو جهڙي لعل کي جنم ڏنو آهي، جنهن جي سخاوت جي ساراهہ جون سرڪيون پيون پرجن. مونکي تنهنجو سر کين گهربل هو. مون تہ تنهنجو اِمتحان پئي ورتو، شاباس!

صديون گذري وينديون، مگر حاتم جي حاتمطائيءَ جا هرڪو پيو گيت ڳائيندو. حاتم جي حاتمطائيءَ جو شريہ سندس ماتا کي ئي آهي، جنهن منجهس اهڙو سنسڪارن جو ٻج ڇٽيو. ڪچي گهڙي کنا پوڻ سؤلا آهن. اُن لاءِ ٻارن کي اهڙو وايو منڊل ڏجي، جئن هو وڏي هوندي ڪٽنب، قوم ۽ ديش لاءِ ڪارگر ثابت ٿين.

١٦ جون منجهند جو پوجنيہ سواميجن شارجاهہ ۾ پيڻ ڪوتا چاندواڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪيو. ١٧ جون صبوح جو پوجنيہ سواميجن گرو مندر ۾ امرت ورکا ڪندي چيو تہ پريميو، توهان کي ڌنيواد آهي جو هت نت نيم اچي گرواڻيءَ جو لاڀ پراپت ڪيو ٿا. نام ۾ وڏي شڪتي آهي. سڀني ڪرمن ۾ اُتم ڪرم آهي نام جپڻ. سنساري ڪم ڪڏڻ جا ڪين آهن. اسين ڪٿي ويندا سين، دنيا جا ڪم پورا نہ ٿيندا. اُن ڪري روز ڪجهہ وقت بچائي نام جو چنتن ڪريو.

ڪڏهہ ٿيئون سنسار ڪي، جوڙي سڀي ڪام،
جاڳت سووت رام جپ، جو ست چت سکدام.

پروچن ڪندي چيو تہ پياري ڏالومل جي پريوا ۾ ميلاپ ۽ محبت ڏسي پرسنتا ٿئي ٿي. پياري ڏالومل جي دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد آهي، همدردي آهي ۽ ڪيئن نہ دل کولي دان ڪري ٿو. مايا خراب ڪين آهي، مايا جو سد اُپيوگ ٿيڻ گهرجي. جيون سمرڻ ۾ ۽ مايا سڪرت جي ڪمن ۾ سڦلي ڪريو.

٢٤ جون صبح جو ١١ بجي پوجنيہ سواميجن پشو شيوڪراماڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪيو. رات جو پوجنيہ سواميجن پياري هيرانند ادناڻيءَ جي بنگلي تي امرت ورڪا ڪئي. ڀيڻ مايا هيرانند بہ سنتن جي صدقياڻي آهي. ڏاڍي سنيھ سان سنتن جي شيوا ڪيائين. ٢٥ جون صبوح جو پوجنيہ سواميجن لوڪيش آڏراڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪيو ۽ ڀوڄن ورتايو.

ڊبئيءَ جي پريمين جي پياس پوري ڪري پوجنيہ سواميجن منڊليءَ سهت ٢٥ جون رات جو ٢ بجي بمبئي هوائي اڏي تي واپس آيا. ڪيترن ئي پريمين هارن سان سندن سواگت ڪيو. ٢٦ جون صبح جو ستگرو مهاراجن دادر پريم پرڪاش منڊليءَ ۾ ستسنگ ڪيو ۽ منجهند جو سنڌونگر آشرم ۾ پڌاريا. ٢٨ جون پوجنيہ سواميجن اجمير روانا ٿيا. اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جنمدن اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميجن ٽي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. سوامي برهمانند پوجنيہ سواميجن جو هاردڪ اڀيننڊن ڪيو.

پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن هزارن پريمين کي پريوءَ جي راھ ۾ چڪيو. ڪين 'ستنام ساکي' منتر ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو. اڄ ديش وديش ۾ سندن ناماچار آهي. ستگرو مهاراج ديا ۽ نمرتا جي مورت هئا. هڪ دفعي ستگرو مهاراج جهنگل مان ٿي آشرم واپس آيا. ڏسن تہ آشرم جو هڪ پريمي هڪ نئين آيل سنت سان تکو ڳالهائي رهيو آهي. ستگرو مهاراجن پڇيس پيارا، هن سنت تي ڪاوڙ ڇو ٿو ڪرين؟ آشرم جي شيواڌاريءَ چيو 'گرو مهاراج، هي سنت تهان جي آسڻ تي اچي ويٺو. مان ڪيس منع ڪئي تہ هي آسڻ گرو مهاراجن جو آهي، تون هت نہ ويھ. پر هي ٻڌي ئي ڪين ٿو.' ستگرو مهاراجن چيو پيارا، آسڻ تي سنت ويٺو آهي. پوءِ ڇا! ڪوليون ماڪوڙا بہ اچي ويهندا آهن، هي تہ وري بہ سنت آهي. سنت کي خسيس ڳالھ لاءِ ناراض ڪيو اٿي! شيواڌاري ستگرو مهاراجن جي نمرتا ڏسي دنگ رهجي ويو. ستگرو مهاراجن پاڻ اُن سنت کان ڪميا ياچنا ڪندي سندس سواگت ڪري ڀوڄن ڪرايو. اڄڪلھ ڪيڏي نہ آڪڙ وڌي ويئي آهي! اڀمان وڌي ويو آهي. ستگرو مهاراج نراڀمان هوندا هئا. پريميو، روحاني راھ ۾ اڀمان هڪ وڏي اٽڪ آهي. جو نماڻو آهي، سو پريوءَ کي پيارو آهي. نمرتا منش جو ڳهڻو آهي. اڄ ستگرو مهاراجن جي جيون مان نمرتا جو گڻ ڪڍي وڃو ۽ خوب نام جپيو. جيترو وڌيڪ توهين گرو منتر جو جاپ ڪندا، توهان جي من مان اگيان جي اونده اُڏامندي ويندي. انتهڪرڻ اوجل ٿيندو ويندو. ان ڪري ڪنهن نہ ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ستگر ڪي ڪرپا بنا، سري نہ ڪوئي ڪاج،
تانتي گر ڪي شرن لي، ڪھ ٽيئون تج لاج.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج اهڙن مهان وڀوتين مان هئا. ستگرو مهاراج روز ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڀڳوت ڀڄن ۾ لين هوندا هئا. سندن پيشانيءَ ۾ آتمڪ تجلو هوندو هو. هو پراُپڪار ۽ ديا جي مورت هئا. پريميو، توهان بہ پنهنجي جيون ۾ نام سمرڻ، پريم ۽ ديا جي ساکي ڏيو. توهين پريوءَ جي راهہ ۾ اڳتي وک وڌايو تہ پريو توهان جي قدم قدم تي سار لهندو. هڪ دفعو اُن جا ٿي ڏسو.

ڀڳوان پاڻ اچي ڀڳتن جي سار سنڀال لهي ٿو. جيئن هڪ ماتا پنهنجي ٻالڪ جي سنڀال لهي ٿي. اُن ڪان وڌيڪ سنڀال پريو پنهنجن پيارن جي لهي ٿو. هڪ دفعي ڀڳت ماڌوداس بيمار ٿي پيو. ڀڳوان پاڻ سندس شيوا لاءِ آيو. ڀڳت ماڌوداس پهتل ڀڳت هو. هو سمجهي ويو تہ پريو پاڻ سندس شيوا لاءِ آيو آهي. پياري ماڌوداس جي اکڙين ۾ پريم جا آنسون اچي ويا. هن پريوءَ کي چيو تہ تون ايڏو ڪشٽ ڪري مون ناچيز وٽ آيو آهين، تنهن ڪان اِها بيماري ئي نہ ڏين ها.

ڀڳوان چيو 'پيارا، مان ڀڳتن جو دکہ سهي ڪين سگهندو آهيان. پرڪرتيءَ جي نيم موجب دکہ سکہ ڪرمن جو ڦل هرڪنهن کي ڀوڳڻو آهي. جي هن جنم ۾ نہ، تہ وري ٻئي جنم ۾ ڦل ڀوڳڻو پوندو.[1]

ڀڳت ماڌوداس ڀريل دل سان ڀڳوان جي ڪمل چرنن تي ڪري پيو. ڀڳوان کيس اُٿاري پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايو. ڀڳوان جي سپرش سان ماڌوداس جو دکہ دور ٿي ويو ۽ ڀڳوان انترڌيان ٿي ويو.

اڄ پياري گنگاڌر روهڙا ۽ سندس پتني وندنا ڀنڊارو ڪرايو آهي. هنن پيارن ڪيڏي نہ شرڌا ۽ پريم سان سنتن جي شيوا ڪئي آهي. شل سدائين ان ڀاو ۾ وڌندا رهن. سڀئي پريمي هت پرساد ورتائي پوءِ وڃجو. سنتن جي سنگہ ۾ آنند ئي آنند آ.

٢٢ جون رات جو پياري چندرو مولچنداڻيءَ ائسٽوريا هوٽل ۾ پوڄنيہ سواميڄن جي ستسنگہ جو ڪاريہ ڪرم رکيو. شروع ۾ سنت اننت پرڪاش، ديال آشا ۽ سوامي ديو پرڪاش ستسنگہ ڪيو. ان بعد پرم پوڄنيہ سواميڄن امرت ورکا ڪندي چيو تہ جيڪڏهن سکي رهڻ چاهيو ٿا تہ هڪ ٻئي کي پريم ڏيو. پريم ڏيڻ ۾ ڪو گهاٽو ڪونهي، پر واڌو ئي آهي. جتي هڪ ٻئي لاءِ پريم آهي اُتي ايڪتا بہ ازخود هوندي. ستگرو مهاراج بہ ساکي سکيا ڏيندي فرمائين ٿا:

پريم جهان تهن ايڪتا، تنهان سدا سکہ شانت.

سنساري سنبنڌين ۾ موهہ نہ رکي اُنهن ۾ بہ پريوءَ کي پسي ڪين پيار ڏيو. پريم امرت آهي ۽ موهہ زهر سمان آهي. پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو، موهہ جو ٻنڌن ٽوڙيو.

پريم جسي سو منش هئہ، پريم بنا پشو جان،
تانتي سب سي پريم ڪر، ٽيئون دي سنمان.

٢٣ جون صبح جو پوڄنيہ سواميڄن پياري ڪشور راجواڻيءَ جي گهر ستسنگہ ڪيو ۽ ڀوڄن ورتايو. نماشام جو پوڄنيہ سواميڄن پياري چندرسين ڏالومل جتواڻيءَ جي گهر ستسنگہ

سکيا جيون ۾ هنڊايو. مانش جيون سڦل بڻايو. هڪ گروءَ پنهنجي شش کي سکيا ڏيندي چيو تہ پرماتما کي سروَروپ سمجهندو ڪر، سڀن ۾ اُهو سائين رمي رهيو آهي. هڪ ڏينهن اُهو شش رستي تان وڃي رهيو هو تہ سندس سامهون هڪ هاٿي لنگهي رهيو هو. پيلوان اُن جوان کي هڪل ڪئي مگر اُن جوان شش سوچيو تہ هاٿيءَ ۾ بہ پريو آهي. پوءِ ڇو پري ٿيان. جيئن ئي هي جوان اڳتي وڌيو اُن هاٿيءَ کيس سونڊ ۾ ڪٽي پري ڦٽي ڪيو. کيس ڪافي چيٽ اچي ويئي. هو من ۾ سوچڻ لڳو تہ مونکي گروءَ ڪهڙو غلط اُپديش ڏنو آهي! جنهن تي عمل ڪرڻ سان پاڻ مونکي نقصان رسيو آهي! جئن ئي اُهو جوان خوش ٿيو تہ گروءَ وٽ آيو ۽ اچي سربستو احوال گروءَ سان ڪيائين. گروءَ سمجهايس پيارا، جي هاٿيءَ ۾ پريو هو تہ پيلوان ۾ بہ پرماتما پاڻ هو. پيلوان توکي هڪل ڪئي تہ رستي تان پري هٽي وڃ، مگر تو اُن جو چوڻ نہ مڃيو. ان ڪري ئي توکي چوٽ رسي آهي. جي تون پيلوان ۾ بہ پريوءَ کي پسين ها ۽ ان جي آگيا موجب هلين ها، تہ تون چوٽ کائڻ کان بچي وڃين ها.

پريميو، توهين گروءَ جي سکيا کي چڱيءَ ريت سمجهي ان ريت هلڻ جو يتن ڪريو تہ توهانجو وار بہ ونگو نہ ٿيندو.

١٢ جولاءِ پوجنيہ سواميڄن ماليگانوَ ۾ پڌاريا ۽ اُتي ستسنگہ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪيائون.

پيارو گورڌن ٺهلراماڻي پوجنيہ سواميڄن جو اننيہ پريمي آهي. سنڌ کان ئي سندس پتا تيجورام ۽ پريوار جو سنيہ سنبنڌ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن، ستگرو سوامي سروانند مهاراڄن سان رهيو. پوجنيہ سوامي جن هولي اُتسو سنبنڌ ۾ وڏالا بمبئيءَ ۾ ڏھ ٻارهن ڏينهن رهيل هئا. هڪ ڏينهن سندن پوڄن ڪار ۾ ڪنهن پريميءَ جي گهر ۾ هو. پيارو گورڌن ٺهلراماڻي پوجنيہ سواميڄن وٽ آيو. پوجنيہ سواميڄن پڇيس 'پيارا گورڌن، تون اڄ اڪيلو ڇو آيو آهين؟ تنهنجي پتني لاج ڇو نہ آئي آهي؟ پياري گورڌن چيو 'سائين، لاج کي گوڏي ۾ سُور آهي. مهني کان بستري داخل آهي، پنڌ ڪرڻ ۾ کيس ڪافي ڪشٽ ٿئي ٿو. انڪري اچي نہ سگهي.' ستگرو مهاراج چيس تہ شام جو توهانجي گهر اچبو. گورڌن ڏاڍو خوش ٿيو ۽ پنهنجي پتنيءَ کي پوجنيہ ستگرو مهاراڄن جي پڌارڻ جو سماچار ڏنائين. شام جو ستگرو مهاراج ٻالڪي لاج جي سار لهڻ لاءِ سندس گهر ۾ ويا. اُن وقت پيڻ لاج همٿ ٻڌي دروازي تي ستگرو مهاراڄن جو سواگت ڪرڻ لاءِ وڃي بيٺي. جيئن ئي ستگرو مهاراج کيس در تي ڏٺا تہ چيائونس تہ 'اسان توکي ڏسڻ آيا آهيون. تون ڇو گهر ۾ ويٺي آهين؟ سڀاڻي کان وڏالا ستسنگ ۾ اچ. مهانارائڻي تيل گهرائي اِهو لڳاءِ تہ ستگرو مهاراڄن جي ڪرپا سان سور لهي ويندءِ.' پيڻ لاج پوجنيہ سواميڄن جو درشن ڪري، سندن وچن ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿي تہ ڪيئن نہ گرو مهاراج سندس سار سنڀار لهڻ لاءِ وٽس گهر ۾ ڪهي آيا آهن. لاج هڪدم مهانارائڻي تيل گهرايو ۽ گوڏي جي سور واري جڳهہ تي اُهو تيل مهٽيو. ايشور ڪرپا ۽ ستگرو مهاراڄن جي ديا سان کيس هڪ ڏينهن ۾ ئي ايترو تہ سور گهٽ ٿيو جو هوءَ ٻئي ڏينهن ستگرو مهاراڄن جي آگيا انوسار وڏالا ۾ ستگرو مهاراڄن

۷ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن پرڀات جو سوين پريمي پوڄنيه سواميڄن جي پوڄا اُپاسنا ڪرڻ لاءِ آيا. پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڏيندي چيو تہ اڄوڪو ڏينهن پراچين ڪال کان گرو پوڄا جو ڏينهن ملهايو ٿو وڃي. گروءَ بنا ڪنهنجي بہ گتي ڪين ٿي آهي. سنگرو مهاراج گروءَ جي مهما ڳائيندي چون ٿا:

ڪہ ٽيئون گرديو هئہ، تيرٿ راڄ پرياگ،

گنگا يمنا چرن يگ، سرسوتي جان پراگ.

ستگرو تيرٿن جي راڄا پرياگ سمان آهي. سندس ٻئي چرڻ گنگا ۽ جمنا سمان آهن. سندس چرنن جي ڌول سرسوتيءَ سمان آهي. هڪ هڪ سنت، گروءَ جي ڪيڏي نہ مهما ڳائي آهي. سنت ڪبيرداس ايشور کان وڌيڪ مهتو گروءَ کي ڏئي ٿو. گرو ئي برهم جي راهہ ٻتائي ٿو، گيان جي جوت جڳائي ٿو. انڪري گروءَ کي ور ور وينتي ڪريو:

چرنو ڪا چاڪر ڪرو، ستگر ڪرپا ڌار،

ڪہ ٽيئون سيوا ڪرون، نش دن تيري دوار.

صبح جو ۱۱ بجي پوڄنيه سواميڄن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوءَ سنبنڌ ۾ سندن آسٿان تي ستسنگہ ڪندي چيو تہ سوامي گوالانند مهاراج مهان سنت هئا ۽ اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ڪوي هئا. سندن ٺاٺي ’گوالانند گرنٿ‘ ۾ سنگرهيت آهي، جنهنجي پڙهڻ سان اندر کي آنند اچي ٿو. پياري سنت نارائڻ پرڪاش کي ڌنيواد آهي جو هوُ هتي جوت جڳائي ويٺو آهي.

۹ جولاءِ صبح جو پوڄنيه سواميڄن ڪمار نگر ڍوليا ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش مندر جي وارشڪ اُتسوءَ سبب پوڄنيه سواميڄن ٽي ڏينهن امرت ورکا ڪئي. ۱۰ جولاءِ سواميڄن جي آگمن سبب جلوس ڪڍيو ويو. ۱۱ جولاءِ آرتوار صبح جو ۱۰ بجي پوڄنيه سواميڄن سوامي ٽيئونرام هاءِ اسڪول جي نئين بلڊنگہ جو مهورت ڪيو. هن موقعي تي ڍوليا جو ڪليڪٽر شري اروند ريڍي مکيہ مهمان طور آيو. اسڪول جي ٽرسٽين پوڄنيه سواميڄن ۽ آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. ڊاڪٽر ديال آشا اسڪول جي لاءِ وڌيڪ گهربل سهائتا لاءِ اپيل ڪندي چيو تہ هن نئين عمارت جي اڏاوت لاءِ پوڄنيه سواميڄن ادائي لک روپيا ڏنا آهن، توهان پڻ وديا مندر جي ڪاريہ لاءِ دل کولي دان ڪيو.

پوڄنيه سواميڄن وياکيان ڪندي ٽرسٽين کي ڌنيواد ڏني ۽ چيو تہ شروع ۾ پياري مينگهراج ريلن جي پرشارٿ سان هي ڪاريہ آرنڀ ٿيو. پياري ميگهراج ڪيئن نہ اپاهج ٻارن ۽ وديارٿين لاءِ ڪينترا شيوا جا ڪاريہ ڪيا. پرماتما شل ڪيس پنهنجي گود ۾ سکي رکي. هي وديا جا مندر سکيا جا ڪيندر آهن. وديارٿين کي هن وديا مندر ۾ اسڪولي تعليم سان گڏ ڌارمڪ شاسترن جي ڄاڻ ڏني وڃي، منجهن ست سنسڪار وڌا وڃن جئن هوُ اڳتي هلي نيڪ ناگرڪ ٿين.

شام جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ هن مندر ۾ پياري پهلاج پرڪاش ڪيئن نہ رنگہ لڳايو. توهان نت نيم هت اچي ستسنگہ جو لاڀ وٺو، ستگرن جي

هڪ دفعي سوامي گڻيشانند مهاراج پوڄنيه سوامي جن سان روح رهاڻ ڪندي چيو ته هاڻي آسيس ڪريو ته شرير جي ياترا پوري ٿئي. پوڄنيه سوامي جن مشڪندي چيس 'توهان جو مندر تيار ٿي وڃي پوءِ ڀلي تياري ڪجو.'

گواليار جي پريم پرڪاش مندر جي خاص شيوڪ پياري هري اوم جي ڀيڻ سنيتا جي مڱڻي ۾ دقت هئي. هري اوم پوڄنيه سوامي جن کي ان لاءِ پتر لکيو. موٽ ۾ پياري ڀاءُ گيان لعل لکيس ته نياڻيءَ جي ڪارج لاءِ پوڄنيه سوامي جن آسيس ڪئي آهي چنتا نه ڪر. تنهنجي ڀيڻ جو ڪارج جلدي راس ٿيندو. پوڄنيه سوامي جن جي آسيس سان سنت شري هري اوم جي ڀيڻ جو مڱڻو ٿيو.

گواليار ۾ ماتا جئونتيءَ جي پٽ سنتوش جي مائٽي ڦري ويئي. شاديءَ جو مهورت به نڪتل هو. اِنڪري ماتا گهٻرائجي ويئي. پياري هري اوم پوڄنيه سوامي جن کي پرارٿنا ڪئي. پوڄنيه سواميڄن آسيس ڪندي چيو ته گهٻرايو نه، نڪتل مهورت ڏينهن ئي سنتوش جي شادي ٿيندي. ڀڳوت ڪرپا سان ۽ سواميڄن جي آسيس سان ساڳئي نڪتل مهورت ڏينهن سنتوش جو وواهه ٿيو.

سوامي جن پوڄنيه ڪيترن ئي پريمين جون مرادو برثواب ڪيون، دک درد دور ڪيا.

١٥ جولاءِ کان ٢٢ جولاءِ لوڪ هت ڪنير هال کار بمبئيءَ ۾ پوڄنيه سواميڄن جي ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پياري گوبندرام بولچندائيءَ، گوبندرام دولهني مل، هيرانند روهڙا، چندرو پهوجا ۽ ٻين پريمين ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو. ١٥ جولاءِ آرتوار شام جو ستگرو مهاراجن ستسنگ يڳيه جو آرنڀ ڪندي چيو ته پريميو، ستسنگ ۾ ايڪاگرچت ٿي شروع ڪريو. گهر وڃي ٻڌل اُپديش جو چنتن ڪريو ۽ پوءِ منن ڪريو ارٿات اُن اُپديش جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيو. ستسنگ دواران توهان کي چئني پدارٿن جي پراپتي ٿيندي. ڏنڌي وهنوار سان توهانجي ڪيڏي نه پريتي آهي، ان کان وڌيڪ پريت سنتن سان رکو ته توهان کي سک جي پراپتي ٿيندي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون ستسنگ سي، ملت پدارٿ چار،

تانتي تم ستسنگ ڪر، نشچيمن ۾ ڌار.

١٦ جولاءِ رات جو پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته وهنوار ۾ سوارٿي ٿيڻ نه گهرجي. اڄڪلهه هر کيتر ۾ ڪيڏو نه سوارٿ وڌي ويو آهي. نسوارٿي ماڻهوءَ جو جڳت ۾ يش ٿئي ٿو.

ڀڳت پرهلاد جو پٽ وروچن ۽ برهمڻڪمار انگرا جو پٽ سڌنوا هڪ ئي ڪيشني نالي ڪنيا سان شادي ڪرڻ پيا چاهين. ان ڳالهه تي ٻنهي جوانن ۾ ڏاڍو واد وواد ٿيو. آخر پاڻ ۾ فيصلو ڪيائون ته ٻنهي مان جيڪو سريشٽ هجي، سو ڪيشنيءَ سان شادي ڪري، باقي ٻيو جٽو پنهنجا پراڻ تياڳي. وري سوال اُٿيو ته ٻنهي مان سريشٽ ڪير آهي، اهو فيصلو ڪير ڪري؟ وروچن چيو ته منهنجو ديوتائن ۽ ماڻهن ۾ وشواس ڪين آهي. اُن ڪري نياءُ ڪير ڪري؟ تڏهن سڌنوا، راجا ڀڳت پرهلاد کي انصاف ڪرڻ لاءِ چونڊيو.

جي ستسنگ ۾ ويئي ۽ اُنهن کان آسيس ورتائين. پوڄنيه سواميڄن ڀيڻ لاج تي اهڙي ديا درشائي ڪئي جو هوءَ هلڻ کان هلاڪ، هڪ ڏينهن ۾ هلڻ جهڙي ٿي پيئي.

پوڄنيه سواميڄن ڪيترن ئي دکين جا دک دور ڪيا، پر ڏيکاري بنه ڪين ڏيندا هئا. ڪوبه مانسڪ يا ساريرڪ دکي وٽن ايندو هو ته کيس چوندا هئا ستگرو مهاراجن جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري ڀڳوان کي پرارٿنا ڪريو، ڀڳوان ڀلي ڪندو، گرو مهاراج ڀلي ڪندو.

هڪ دفعي منوروا لئبرا ۾ رهندڙ ڀاءُ موهن ڏوڏانيءَ کي چيلهه ۾ ڪافي سور ٿي پيو. علاج ڪرايائين پر فائدو ڪين ٿيو. هي پيارو جڏهن پونا ۾ پنهنجي گهر ۾ آيو ته خيال ڪيائين ته سنڌونگر ۾ ستگرو مهاراجن جي وارشڪ اُتسوَ ۾ شريڪ ٿي پوڄنيه سواميڄن کي دل ۾ پرارٿنا ڪندس ته منهنجو هي ڪشٽ ڪٽيو. هي پيارو پوڄنيه سواميڄن ۾ پورڻ وشواس رکي سنڌونگر آشرم ۾ آيو ۽ پلئه واري ساري رات جاڳرتو ڪيائين ۽ من ئي من ۾ سواميڄن کي دک درد دور ڪرڻ لاءِ وينتي ڪيائين. ستگرو مهاراجن جي آسيس سان سندس چيلهه جو درد دور ٿي ويو. سنت جاڻي جاڻهار، ڪيئن نه سوالين جا سوال پورا ڪن ٿا.

بئراڳڙهه ڀوپال ۾ رهندڙ ڀيڻ ڪلان روپچند کي چار لاڳيتيون نياڻيون ڄايون. پوڄنيه سواميڄن ڀيڻ وديا جي پٽ نانڪ جي وواهه سنبنڌ ۾ بئراڳڙهه ۾ آيل هئا. ڀيڻ وديا پوڄنيه سواميڄن کي چيو ته ڀيڻ ڪلان کي پٽر سنتان جي بخشش ڪريو. سواميڄن چيو ته ڦل ڪٽي اچو. ڀيڻ وديا گهران هڪڙو ڦل ڪٽي اچي سواميڄن کي ڏنو. سواميڄن اُهو ڦل پڙهي ڀيڻ ڪلان کي ڏنو. ڪلا پيرين ڀاري هئي. هن وشواس رکي اُهو ڦل کاڌو. ٽن مهنن کان پوءِ ٻالڪ ڄائو. سندس خوشيءَ جي حد نه رهي. هوُ ور ور پوڄنيه سواميڄن جا شڪرانا مڃڻ لڳي.

هڪ دفعي پوڄنيه سواميڄن ڀوپال کان گواليار وڃي رهيا هئا. ڀوپال ريلوي اسٽيشن تي سوين شرڌالو پوڄنيه سواميڄن جو درشن ڪرڻ آيا. ڀيڻ وديا ڪين چيو ته ڪرپا ڪري پلئه پايو. سوامي جن چيس جل ڏي ته چندو هڻون. ڀيڻ وديا ڪين جل جو گلاس ڏنو. سوامي جن کيس به رومال ڏيندي چيو ته اِهي ڏوئي وٺ. ڀيڻ وديا رومال پئي ڏوتا ته گاڏيءَ سيٽي هنئي، گارڊ جهنڊي پيو ڦيري. پوڄنيه سواميڄن پلئه جو ڀڄن ڳائي رهيا هئا ۽ پريمي به ساڳيو ڀڄن ڳائي رهيا هئا. ٽرين ڏڪجي ئي نه، گارڊ وائڙو ٿي ويو. جڏهن پوڄنيه سواميڄن پلئه پائي بس ڪيو. ڀيڻ وديا ڪين رومال ڏنا، سواميڄن چندو هڻي جئڪار ڪئي تڏهن ٽرين هلڻ لڳي. اِها پوڄنيه سواميڄن جي شڪتي هئي جنهنڪري ٽرين ايترو وقت اچانڪ بيهجي ويئي.

پريم پرڪاش منڊل جي بزرگ سنت سوامي گڻيشانند مهاراج جي طبيعت تمام ناساز ٿي پيئي. سوامي گڻيشانند اهڙو احوال پوڄنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن کي لکيو. پوڄنيه سوامي جن اِهو سماچار پڙهي سوامي گڻيشانند مهاراج جي صحت لاءِ پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا ڪئي. ڀڳوت ڪرپا سان سوامي جن جي پرارٿنا پرڀو در قبول پئي. سوامي گڻيشانند مهاراج تندرست ٿي پيا.

پريميو، توهان کي ڏنيواد آهي جو توهان هت هفتو اچي ستسنگ جو لاڀ ورتو آهي، پر فائدو تڏهن ٿيندو، جڏهن توهان سنتن جي سکيائن تي عمل ڪندا. سڀني شيواڌارين کي ڏنيواد آهي جن هن ستسنگ يگيه جو آيوجن ڪيو آهي.

٢٢ جولاءِ رات جو پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. ٢٤ جولاءِ شام جو آشرم ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي پٽيه تٽي ملهائي ويئي. پوڄنيه سوامي جن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ستگرو سوامي سروانند مهاراج اسانجا سرمور هئا. هنن ديش وديش جي جدا جدا شهر ۾ وڃي پريم پرڪاش منڊل جو پيغام ڏنو، هزارن لوڪن کي ست نام ساڪي منتر ڏيئي سندن ڪلياڻ ڪيو. اهڙيون وڀوتيون وسرڻ جون ڪين آهن.

ڀون ياد پل پل پريتم پيارا،
ڪڏهن ڪين وسرن، سڄڻ سي سچارا.
١- جڏهن کان جدائي، ڪئي آهي جوڳن،
تڏهن کان اکين مان وهن نير نارا.
٢- ملو پيو نه مونکي، ڀرين ريءَ لڳي ٿو،
ملن شال مونسان جيءَ جا جيارا.
٣- ڏنم جاچي جڳه ۾، سندن مٽ نه ڪوئي،
ڏيئي پريم ويا جي، کسي خيال سارا.
٤- ڪهي ٿيئون کهڙيون، ڪيان تن جون ڳالهيون
گٽن گيان ڀڳتيءَ، جا سي ڀنڊارا.

٢٧ جولاءِ شام جو پوڄنيه سواميڄن ڀوپال روانا ٿيا ۽ ٢٨ جولاءِ صبح جو ڀوپال بئراڳڙه ۾ پڌاريا. ڀرين سواميڄن بابا هردارام صاحب جي آستان تي هليا. اُتي اڌ ڪلاڪ ڪن سائين هردارام صاحب جن سان روح رهاڻ ڪيائون. شام جو پوڄنيه سواميڄن نهنڌڙ پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته مندر جلدي نهرائي تيار ڪريو، جيئن هت جدا جدا سنت اچي توهانکي ستسنگ جو لاڀ ڏين. ماتا وديا، پياري مرچومل، گوپ، ڪنعيالال ۽ ٻين شيواڌارين کي ڏنيواد آهي، جيڪي اُتساهه سان ڪاريه ڪري رهيا آهن. اڃا وڌيڪ اُمنگ سان ڪاريه ڪيو. توهان ستگرن جو سندر مندر نهرائيندا ته ستگرو مهاراج وري توهان جا سندر مڪان اڏائيندا.

پريميو، ستسنگ جي مول مراد آهي ڀرڀوءِ جي ويجهو اچڻ. ويجهو ڪير اچي ٿو، جنهن جي دل ۾ ڀرڀوءِ لاءِ پياس آهي، جو ور ور ڀرڀوءِ کي ياد ڪري ٿو. چپن سان نه پر دل سان ياد ڪري ٿو. توهين دنيوي ڪم ڪاريون ڪندي ڀرڀوءِ کي ياد ڪريو. ستگرو سوامي سروانند مهاراج هڪ مثال ڏيندا هئا ته سنڌيءَ ۾ چوڻي آهي 'هه گدرا هٿ نه ايندا آهن.' هٿ ۾ هڪ گدرو ئي کڻي سگهبو، ٻيو گدرو ڪڇبو ته ڪري پوندو. ارٿات دنيوي ڪم ڪبا ته ڏٽيءَ کي ياد ڪري نه سگهبو. پر ائين نه آهي. ستگرو سوامي سروانند مهاراج

راجا پرهلاد پنهنجو نرڻيہ ڏيندي چيو ’پٽ وروچن، انگرا مونکان ۽ سڌنوا جي ماتا، تنهنجي ماتا کان سريشٽ آهن، ان ڪري سڌنوا توکان سريشٽ آهي. ان ڪري سڌنوا ئي ڪيشنيءَ سان وواهہ ڪري. راجا پرهلاد پنهنجي پٽ جو پاسو نہ وٺي نرپکشيہ نرڻيہ ڏنو. اِهو فيصلو ٻڌي سڌنوا ڏاڍو پرسن ٿيو. هن اُن خوشيءَ سبب نہ وروچن کي موّت جي سزا ڏني نہ وري پاڻ ڪيشنيءَ سان وواهہ ڪيو. هن ڪيشنيءَ جو وواهہ وروچن سان ئي ڪرايو. ان سبب سندس بہ يش ٿيو ۽ پرهلاد جي نرپکشتا جي بہ ساراهہ ٿي. پريميو توهين بہ سوارٿ جو تياڳہ ڪري نرپکش ڀاونا سان وهنوار ۾ هلو تہ ديش سکي ٿي پوي. ٻين جو ڀلو ڪريو تہ ڀريو توهانجو ڀلو ڪندو.

١٧ جولاءِ رات جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڪنهن شهر ۾ ڪو قابل ڊاڪٽر اچي تہ بيمار وجي ڪيس پنهنجي طبيعت ڏيکاريندا. اُن ڊاڪٽر جي دوا دواران بيمار جو ساريرڪ دکہ درد دور ٿي ويندو. پر جيڪڏهن توهان کي من جي شانتي کپي تہ اُن جو علاج سنتن وٽ آهي. سنت من جا ڊاڪٽر آهن. اُنهن جي شرڻ وننديءَ تہ اُهي توهانجي من جي پيڙا مٽائي ڇڏيندا. روئبو آهي سياڻي اڳيان، اياڻي اڳيان روئڻ آهي اکين جو زيان. شهر ۾ ڪو سنت مهاتما اچي تہ اُن سان دل جو حال ونڊجي.

آيا آيا ٿي سنت سنيهي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.

١) حال ڪندين ڀال ڪندءِ، نام ڏيئي نهال ڪندءِ،

پر پيرين پيرن پيئي، ڪجھ حال اُنهن سا ويهي.

٢) من ماري ڪندين شيوا، سنت ڏيندءِ مٺا ميوا،

پر جوڙي هٿڙا ٻيئي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.

٣) ڪپٽ تياڳي رهج سنگہ ۾، رڱين توکي سچي رنگہ ۾،

پر نيهن نہ ڇڏجانءِ نيهي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.

٤) سنت ديالو آهن جهڙا، ڪهي ٿيئون نہ ٻيا اهڙا،

ڪيان مهما تن جو ڪيهي، ڪجھ حال اُنهن سان ويهي.

پوجنيہ سواميڄن ٢١ جولاءِ تائين روز رات جو جدا جدا وشين تي پروچن ڪيو. ٢٢ جولاءِ صبوح جو پوجنيہ سواميڄن ٻينهي دربار ڪار ۾ ستسنگہ ڪيو. شام جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ گهر جي وڏڙن، سنتن ۽ دکين جي شيوا ڪريو تہ اُنهن جي اندر مان توهان لاءِ آسيس نڪرندي. دعا ڪندي آهي دل. انڪري ٻين جي دلين کي راضي ڪريو. ڪنهن کي بہ ناراض نہ ڪريو. مٺي ٻولڻ ۾، پيار ڪرڻ ۾ ڪنجوسي نہ ڪريو. پيار ڏيڻ سان پيار وڌي ٿو، پيار ڪٿندو ڪين. پکين، پسن کي بہ پيار ڪريو. پيار وارو انسان ڀريوءَ جي ويجهو ٿئي ٿو. توهين ڀريوءَ کي بہ پريم سان پڪاريندا تہ هوُ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ پرگهٽ ٿي توهان جي پياس پوري ڪندو. ستگرو مهاراج پڻ اها سکيا ڏين ٿا:

پريم جسي سو منش هئہ پريم بنا پشو جان،

تانتي سب سي پريم ڪر، ٿيئون دي سنمان.

آهي. اُن کي ڪاڏو ڪارائڻ لاءِ مون وٽ پئسا نہ آهن ۽ نہ اُن کي دوا وٺي ڏيڻ لاءِ پئسا آهن.‘ ميلبران اُن ٻالڪ تي قياس ڪندي چيو تہ ڇا تنهنجي امڙ بيمار آهي؟ ٻڌاءِ توکي ان لاءِ گهڻا پئسا گهرجن؟ اِهو ٻڌي ٻالڪ جي دل ڀرجي آئي ۽ چوڻ لڳو ’مان بکيا وڃڻ ڪين آيو آهيان، مان بکاري ڪين آهيان.‘ تڏهن وري ميلبران هن کان پڇيو تہ باقي تون ڪيئن آيو آهين؟ ٻالڪ نمرتا سان چيو ’مان هڪ گيت لکيو آهي. اوهان منهنجي ان گيت کي مهرباني ڪري سنگيت سڀا ۾ ڳايو. ان بعد اوهان جيڪي واجب سمجهو، مونکي ڏجو.‘

ميلبران کي اهو گيت ڏاڍو پسند آيو ۽ ٻئي ڏينهن هن اُهو گيت دل سوز آواز ۾ سنگيت سڀا ۾ ڳايو. اُهو گيت ٻڌي ٻڌندڙن جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. ان ڏينهن سنگيت سڀا ۾ ميلبران کي جيڪي پئسا مليا، سي هوءَ ان ٻالڪ جي ماتا وٽ کڻي آئي ۽ اُهي پئسا اُن ماتا کي ڀيٽ ڪندي چيو تہ اِهي پئسا تنهنجي ٻالڪ جي گيت جا مليا آهن. تنهنجو ٻالڪ ستيہ سؤمان جي راهہ تي هلندڙ آهي. انهن پئسن مان تون دوا درمل بہ وٺج ۽ گهر جو سيڌو سامان بہ گهرائج. تنهنجي ٻالڪ جي اُن گيت ڪيترن جي دلين کي پگهيري ڇڏيو آهي. مون ڪيس مدد آڇي مگر هن سويڪار نہ ڪئي. پر هي پئسا سندس گيت ڳائڻ ڪري مونکي مليا آهن. اُنهن تي اوهان جو پورو حق آهي.

پريميو، غريب ٻالڪ ۾ بہ ڪيڏي نہ سؤمان جي ڀاونا هئي. توهين بہ سؤمان پسند ٿيو. ڳايڪا بہ ڪيڏي نہ ايماندار هئي جو گيت ڳائڻ سبب مليل سڀ پئسا ٻالڪ جي ماتا کي ڀيٽ ڪري آئي. توهين بہ اُنهن گڻن جي جيون ۾ ساکي ڏيو.

۵ آگسٽ پوجنيہ سواميجن برج ڀومي ۾ پڌاريا. اُتي ڪنهن پريميءَ ڪين آشرم نهرائڻ لاءِ بہ پلاٽ ڏيکو ڪيو. اِهو پلاٽ نظر مان ڪڍڻ لاءِ ۽ اُتي آشرم نهرائڻ لاءِ پريمين سان صلاح ڪرڻ لاءِ خاص سواميجن آيا. ساوڻ جي مهيني سبب برج ڀوميءَ ۾ چوڌاري عجيب آنند جي لهر ڇانيل هئي. پوجنيہ سواميجن گوپال ڪرشن مندر ۾ ڀڳوان جي درشن لاءِ ويا ۽ ڀڳوان جي راس ليلائن جو آنند پراپت ڪيائون. ٦ آگسٽ رکشا ٻندن ناريل پورڻما جو ڏينهن پوجنيہ سواميجن جو سنڌي تاريخ موجب جنمدن هو. اُن ڏينهن پريمين برج ڀوميءَ ۾ ئي ڏاڍي اُتساهہ سان پوجنيہ سواميجن جو جنمدن ملهايو.

٩ آگسٽ پوجنيہ سواميجن هردوار ۾ پڌاريا. اُتي سواميجن چار ڏينهن آشرم ۾ رهيا. سنت ارجن پرڪاش، سنت اشوڪ لعل سان سوامي سروانند گهاٽ جي ڪاريہ ۽ آشرم جي ڪاريہ بابت حالي احوالي ڏنا. چار ئي ڏينهن پوجنيہ سواميجن گنگا ماتا جي گود ۾ اشنان ڪيو ۽ شام جو آشرم ۾ ستسنگ ڪيو. ١٣ آگسٽ پوجنيہ سواميجن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. ١٤ آگسٽ جنماشٽميءَ جي پوتر ڏينهن پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڀڳوان شري ڪرشن سورهن ڪلا سمپورڻ اوتار هو. اهڙي پرم برهم اوتار کي پياس مان پڪاريون. سندس گڻ گيت ڳايون تہ اوس هوُ اچي اسانجي جنمن جي پياس پوري ڪندو. گوپيون ڪيئن نہ ورهہ ۾ پڪارين ٿيون:

آءُ ڪرشن آءُ ڪرشن، ڪرشن ڪنهائي،

چوندا هئا تہ هٿ ۾ چلي کڻو، پلي اُن ۾ توهان پنج گدرا وجهو، توهان اُهي کڻي سگهندا. ارڙات سنساري ڪم بہ ڪريو، پنهنجا پنهنجا فرض بہ پاليو ۽ ساڻ پرلوڪ لاءِ توشو بہ تيار ڪريو. پرلوڪ جو توشو آهي نام سمرڻ ۽ ست ڪرم. پنهنجو امولہ سميہ ويرٿ ڳالهين ۾ ڪين وڃايو. نام ڳايو نام ڏيايو، پرم سکہ پايو.

پوڄنيہ سواميڄن ٢٩ جولاءِ پڻ اُتي امرت ورکا ڪئي. ٣٠ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن گنج باسودا ۾ پڌاريا. اُتي پڻ پوڄنيہ سواميڄن ٻہ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ١ آگسٽ پوڄنيہ سواميڄن دنيا ۾ پڌاريا. پوڄنيہ سواميڄن ٻہ ڏينهن اُتي امرت ورکا ڪندي چيو تہ منش جو جنم وني جيڪڏهن اسين پرڀوءَ سان پريم جو ناتو نہ جوڙيون تہ ڪهڙي جوڻ ۾ اسين پرڀوءَ کي ياد ڪنداسين! اسان جو من دنيوي ڳالهين ۾ اٽڪيو پيو آهي، والي وسري ويو آهي. بيون ڳالهيون پلي وساريو، پر پرڀوءَ کي نہ وساريو. سنگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

رام نام ۾ رت نهين، من مايا ۾ جاس،
ڪهہ ٽيئون سنسار ۾ جنم ويرٿ هئہ تاس.

سنتن جو ڪم ئي آهي نام جپڻ جپائڻ. سنت اڄ توهان وٽ نام جو سنديش کڻي آيا آهن. گهڻن سالن کان پوءِ هت اچڻ ٿيو آهي. سڀني سنڌي ڀائرن کي داس جو عرض آهي تہ پاڻ ۾ ميل ميلاپ محبت سان هلي، سنڌي جاتيءَ جو ڪنڌ مٿي ڪريو. ڪي نہ ڪي پر اُپڪار جا ڪارہ ڪريو. اُنهن ڪارين ۾ پنهنجي مايا سڦلي ڪريو.

٣ آگسٽ پوڄنيہ سواميڄن گواليار ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش مندر ۾ ٻہ ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيائون. پياري شنڪرلعل سبناڻي سريچند پنجواڻي ۽ سندس ساٿين سوامي سرواننڊ سمتيءَ طرفان اکين جي علاج جي مفت ڪئمپ لڳائي. پوڄنيہ سواميڄن ان شبر جو مهورت ڪندي چيو تہ نور بنا سڀ ڪوڙ آهي. شيواڌارين کي ڌنيواد آهي جو هي اُتم ڪارہ ڪيو اٿائون. هن شبر سبب ڪيترن کي نئين روشني ملندي ۽ سندن جيون نهي پوندي. داس کي اهڙا اُپڪار جا ڪارہ ڏسي پرسنتا ٿيندي آهي. بيمارن، اپاهڄن، دکين دريدرن جي خوب شيوا ڪريو. شيوا ڪندي ڪا غلطي ٿي وڃي تہ اُن جي معافي وٺو، ايمان نہ ڪريو. ايمان ڪرڻ سان، اهنڪار ڪرڻ سان، شيوا جو پورو ڦل نٿو ملي. نماڻا ٿي شيوا ڪريو.

پوڄنيہ سواميڄن پريم پرڪاش منڊل جي ويوورڌ سنت سوامي گڻيشانند مهاراجن سان حالي احوالي ٿيا. ٤ آگسٽ شام جو ستسنگہ ڪندي پوڄنيہ سواميڄن چيو تہ وهنوار ۾ شڌ رهو تڏهن توهان جو پرمارٿ سڌرندو. ڪنهنجو حق نہ کائو. سؤمان واري زندگي گذاريو. فرانس جي مشهور گايڪا ميلبران سان ڪيترائي ملاقي ملڻ ايندا هئا. هڪ ڏينهن ساڻس ملڻ ڪيترائي شخص آيا. هوءَ ڏاڍو ٿڪل هئي. هن نوڪر کي چيو تہ بس، هاڻي ڪنهنکي بہ اندر مون وٽ نہ موڪلج. نوڪر وراڻيو 'مالڪڻ، هڪ غريب ٻالڪ اچا آهي جو اوهان سان ضرور ملڻ چاهي ٿو. اُن گايڪا چيو تہ چڱو، کيس موڪليو. ٻالڪ کي نراس ڪرڻ نيڪ نہ آهي. ٻالڪ اندر آيو. ميلبران پاڻوهہ مان اُن ٻالڪ کان پڇيو 'ٻالڪ، تنهنجو نالو ڇا آهي؟ تون هت ڪيئن آيو آهين؟' ٻالڪ پنهنجو نالو ٻڌائيندي چيو 'منهنجي امڙ بيمار

پشپ ارپڻ ڪريان ٿو ۽ سندن آسيس منگان ٿو. پوڄ سوامي جن جي ڪيڏي نہ شڪتي ۽ ڪيڏي نہ سندن حليمائي! ڪيڏي نہ سندن قرباني ۽ ڪيڏي نہ سندن شيوا. سندن جيون ۾ تياڳ، تپسيا جي روشني! ڏکين، ڏينن جا دوست آهن، ۽ سندن نشڪام شيوا جي سڳنڌ، اڄ ڪيترن ملڪن ۾ پهتي آهي. الله لوڪ آهن ۽ ڏکي دنيا ۾ ديا جو ڏيئڙو جڳائي رهيا آهن. هٿ ادب جا ٻڌي سندن چرنن ۾ نمسڪار ڪريان ٿو ۽ سندن آسيس پنان ٿو. مون داس جا پرنام ۽ ادب اوهان واسطي.

پياري سياڳچند چاولا، پرسرام ڪانگريسي، هيرالعل سينداساڻي، آسنداس ڀيرواڻي، جيوٽداس آهوجا، گوپ روپچنداڻي، گوتم شڪارپوري، گل شرما، ۽ ٻين پوڄنيہ سواميڄن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني.

پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ توهان داس جي ساراه جون سرڪيون ڀريون آهن. حقيقت ۾ اها ساراه ڪاريہ جي آهي. ايشور جي ڪرپا، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن، ستگرو سوامي سرواننڌ مهاراڄن جي اسيم ڪرپا ۽ توهان سڀني ڀائرن ڀينرن جي سهيوگ سان شيوا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. مانوَ جيون جي سارٿڪتا آهي نام سمرڻ ۽ شيوا ڪرڻ ۾. پرماتما اسان مان هڪ هڪ جي ڪيڏي نہ سار سنڀال لهي ٿو. اهڙي واليءَ کي اسين وساري ويٺا آهيون. پريوءَ جا ور ور شڪرانا مڃيون، جنهن اسانکي ههڙي اُتم منش ديهہ ۽ سک ڏنا آهن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

چوراسي لک يوَن ڦر، پائي درلڀ ديهہ،
ڪهہ ٽيئون هر ڀڄن سي، سڦلي ڪرلي ايهہ.

پريميو، نام سمرڻ سان گڏ روز ڪو نہ ڪو پر اُپڪار جو ڪم ڪريو. ڏکين مسڪينن، پکين جي شيوا ڪريو. توهان تي پريوءَ جي آسيس ٿيندي.

۲۱-۲۲ آگسٽ پوڄنيہ سواميڄن ڪرلا بمبئيءَ ۾ چاليهي صاحب جي اُتسوَ سنبنڌن ۾ ستسنگ پروچن ڪندي اُڏيري لعل جي مهما ڪئي. ۲٦ آگسٽ پوڄنيہ سواميڄن سنڌو نگر ۵ ۾ چاليهي صاحب جي آستان تي رات جو ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ ڏينهون ڏينهن چاليهي جو ورت رکندڙ پريمي وڌندا وڃن ٿا. انهن ورت رکندڙ پيارن کي ڌنيواد آهي. ورڻ ديوتا جي پوڄا اُپاسنا ڏاڍي ڦلدائڪ آهي. ڪي ڪي پيارا چاليهي جو ورت چوڙڻ بعد پلا ۽ مڇيون کائين ٿا. پلا ۽ مڇيون جل ديوتا جي سنتان آهن. اُنهن کي کائڻ معنيٰ جل ديوتا کي رنجائڻ. اُهي اگياني ۽ خود غرز آهن، جيڪي چون تہ مڇيون ۽ پلا درياه جو ميوو آهن. داس اڄ توهان کي اپيل ڪري ٿو تہ جيئن چاليهي جي ورت جا چاليهہ ڏينهن توهين مانس، شراب کان ڪنارو ڪريو ٿا، تيئن سدائين لاءِ مانس، شراب جو تياڳ ڪريو، توهان تي پريوءَ جي عجيب آسيس ٿيندي.

۲۷ آگسٽ رات جو پوڄنيہ سواميڄن چاليهي صاحب جي آستان تي جوتين جو درشن ڪرڻ ويا ۽ ٽرسٽ جي شيواڌارين ڀڳت خانومل، پياري ڪيئلداس، پياري نامديو، پياري رامچند، ڪنيالعل ماڪيڄا کي آسيس ڪيائون.

آءِ ڪرشن آءِ ڪرشن، ڪرشن ڪنهائي،
مان تنهنجي خاطر، گلن ڦلن جي سيج وڇائي.
۱) ڪانگ اُڏايم پنڊت پڇايم، پريت منجهان ڪي خطڙا لکايم،
پريت پيارا پريت پيارا، تو نہ نڀائي. مان تنهنجي خاطر....
۲) گوڪل سندا مان گهاٽ نهاريم، آب اکين مان ويلي هاريم،
دير ايڏي دير ايڏي، ڇو تو لڳائي. مان تنهنجي خاصر....
۳) اهڙي جيئڻ کان ماري ڇڏين هان، جيئري چکيا تي چاڙهي ڇڏين هان،
جان پيارا، جان پيارا، ڇو تو جلائي. مان تنهنجي خاطر....
۴) ٻاڻ اچي ڀلاچ پسايو، آس اندر جي اها پڇايو،
آس پيارا، آس پيارا، تو نہ پڇائي. مان تنهنجي خاطر....

پريميو، اهڙي ورہ ويدنا سان اسين جيڪڏهن ڀڳوان شري ڪرشن کي پڪاريندا سين تہ هو اچي اسانکي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائيندو. شري ڪرشن کي هيو ڪجھ کين کپي، توهانجي پريم جي لڙڪن جي ڀيٽ هوُ سويڪار ڪندو. ڪيس آلين اکين سان پڪاريو. اڄ ساري رات جاڳي جاڳي شري ڪرشن جو جاپ جپيو.

جن جاڳيا تن پائيا، جي سويا تن کويا.

۱٦ آگسٽ تائين پوجنيہ سواميجن امراپور آستان تي روز شام جو امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ۱۷ آگسٽ پوجنيہ سواميجن سنڌونگر ۾ واپس وريا.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري پوجنيہ سواميجن جو جنمدن اُتسوَ ۱۷ آگسٽ کان ۱۹ آگسٽ ملهايو ويو. ۱۷ آگسٽ صبح جو شري پريم پرڪاش گرنٿ جو پاٺ صاحب رکيو ويو. سينٽرل اسپتال ۾ بيمارن ۽ اپاهجن ٻارن ۾ ميوو ورهايو ويو. ۱۸ آگسٽ شام جو آشرم ۾ وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت ۾ چٽاڀيٽي رکي ويئي. جدا جدا اسڪولن جي ۳۰ وديارٿين ان چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀڳتي گيت پيش ڪيا. پوجنيہ سواميجن جي هٿان وديارٿين کي انعام ڏياريا ويا. ۱۹ آگسٽ صبح جو سواميجن پروچن ڪيو ۽ اُن بعد شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ صاحب جو ڀوڳ وڌو ويو. پياري چاندومل پرديسيءَ هوَن يگيہ ڪرايو. ان بعد ۴۰۰ سفيد پوش ڀينرن کي روڪ سهائتا، اناج، چادرون ۽ دال کنڊ جا پاڪيٽ ڏنا ويا. اُن شيوا يگيہ جو آرنڀ پڻ پوجنيہ ستگرو مهاراجن هٿان ڪرايو ويو. اناٿ، اپاهجن ٻارن ۽ سورداسن کي ڀوڄن ڪارايو ويو.

نماشام جي ستسنگ ۾ ڪيترن سنگيتڪارن ڀڳتي سنگيت جي ورکا ڪئي. ديال آشا جنتا جناردن پريشد جي ڪاريہ تي روشني وجهندي ستگرو مهاراجن جي پر اُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. دادا گنگارام ساجنداس چيئرمن ساڌو واسواڻي مشن پونا ان موقعي تي هيٺيون سنديش موڪليو، ڪرپا ڪري مني خوشخبري ڏني اٿو. پوڄ سوامي شانتي پرڪاش صاحب جن جو ۸۴ جنم دن! سندن چرنن ۾ نمرتا ۽ نياز، حليمائي ۽ حُب، شرڌا ۽ سڪ جو نذرُو

پريميو، توهان بہ ڍلي ڏن دولت ڪمايو، پر اُها سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو ۽ نام کي نہ وساريو. ڏنڏا ڏاڙيون ڪندي پربوءِ کي ياد ڪريو.

٣ سيپٽمبر پوجنيہ سواميجن پريم پرڪاش آشرم گولا گنج لکنوءَ ۾ پڌاريا. اُتي پياري نانڪرام، رامچند ۽ ٻين پريمين پوجنيہ سواميجن جو هاردڪ سواگت ڪيو. پوجنيہ سواميجن اُتي هفتو کن امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي ۽ ڪن پريمين جي گهرن ۾ پڻ پير گهمايا. ٣ سيپٽمبر شام جو پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي چيو تہ پربوءِ لاءِ پياس اُڀاريو. پربوءِ کي معصوم ۽ نرم دليون ڪپن. اسان مان ڪيترن جون دليون لوٽ ٿي ويون آهن. پٿراهين زمين تي پوکہ مشڪل ٿيندي آهي. جيڪڏهن پربوءِ کي پراپت ڪرڻ چاهيو ٿا تہ نرم دل ٿي پريم ۽ شرڌا سان پربوءِ کي پڪاريو.

ڀالڪ نامديو ڪيئن نہ ڀڳوان کي کير جو ڀوڳہ لڳائڻ لاءِ پريل دل سان پڪاري ٿو. پياري نامديو جو سڪ ڀريو سڏ سڻي ڪيئن نہ پربو اچي کير کي ڀوڳ لڳائي ٿو. پيارو نامديو پربوءِ جو ساکيات درشن ڪري ڪيئن نہ باغ بهار ٿئي ٿو. سندس پتا پوجا ڪري ڀوڳ لڳائيندو رهيو، پر پٽ گوءِ ڪٽي ويو. پٽ جي پرارٿنا پربوءِ کي پگهيري ڇڏيو. ڪيئن نہ ڀڳوان هري وٺل روز اچي کير کي ڀوڳہ لڳائيندو رهيو. پريميو، اهڙي پريم ۽ شرڌا سان پربوءِ کي پڪاريو. ور ور کيس ساريو، اکڙين مان اُکير جا ڳوڙها ڳاڙيو.

۴ سيپٽمبر پوجنيہ سواميجن ستسنگ ڪندي چيو تہ سنساري پرپنچ ۾ اسان ڪان پربو وسري ويو آهي. جڏهن پراڻ پکيئڙو اُڏامي وڃي ٿو، تڏهن اسٿول شرير شمشان ڀومي ۽ ڏانهن کڻي وڃڻ وقت پراڻيءَ سان گڏ ويندڙ 'رام رام سنگہ هئہ' چون ٿا. اُهو مڙدو ڪيئن رام رام ٻڌندو! ڪيترا مرڻينگہ حالت وقت جيوَ اڳيان شريمد ڀڳوت گيتا پڙهندا آهن. اُن جو ڪهڙو ڦرپاءُ پوندو! جڏهن منش سنساري ڪم ڪاريون ڪري ٿو، سمرٿ آهي، تڏهن ئي کيس ست شاسترن جو اڀياس ڪرڻ گهرجي. نام سمرڻ ڪرڻ گهرجي. سواسن جو قدر ڪرڻ گهرجي. پر هت اُلٽي چال! انڪري ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ڪهہ نيئون مرني پيڇي، کهت سيي سنگہ رام،

جيوت ڪوئي نا کهي، سنگي هئہ هري نام.

پريميو، جيئري ئي نام جپيو، ست ڪرم ڪريو. مرڻ پڇاڙيءَ کير ٿو ڇاٽي!

۵ سيپٽمبر پوجنيہ سواميجن ستسنگ جي مهتوَ بابت پروچن ڪندي چيو ستسنگ بہ وڏ ڀاڳيءَ کي نصيب ٿئي ٿو، جنهنجي مٿان پربوءِ جي ڪرپا آهي. پربوءِ جي پراپتي ۽ من جي شانتيءَ لاءِ ستسنگ مکيہ ساڌن آهي. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

سنت سماگم سم نهين، ساڌن ڪو جڳہ مانهہ،

۲۸ آگسٽ صبح جو ۱۱ بجي پوڄنيہ سواميڄن اُلهاسنگر ۳ ۾ سوامي ڪمياداس جي آستان تي بابا شريچندر صاحب جي جنمدن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا ۽ منجهند جو سواميڄن ڪانپور روانا ٿيا. ۲۹ آگسٽ سواميڄن ڪانپور ۾ پڌاريا. سوَن پريمين سواميڄن جو سواگت ڪيو. شام جو سواميڄن پريم پرڪاش آشرم ڪوشلپوريءَ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۳۰ آگسٽ سائيءَ آستان تي پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ اوهان کي ڏنيواد آهي جو هت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جي جوت جڳائي رهيا آهيو.

ڪي پريمي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن وٽ آيا. سندن اڳيان پرسادي رکي عرض ڪيائون تہ اسانکي پربوءِ جي ڪرپا سان سڀ ڪجھ آهي، پر من جي شانتي ڪين آهي. ڪرپا ڪري اوهان اسان کي شانتيءَ جي پراپتيءَ لاءِ اُپاءُ ٻڌايو. ستگرو مهاراج چيو تہ پيارا، جيڪڏهن توهان کي شانتي کپي تہ توهان شانتي ڪريو. من جون اِڇائون ڪامنائون گهٽايو. ڪنڊو پير ۾ لڳندو آهي، پر سڄو شرير درد محسوس ڪندو آهي. پيڙا سبب اکين ۾ آنسون بہ اچي ويندا آهن. تيئن واسنا، ترشنا من ۾ پيدا ٿئي ٿي، پر ساري تن من کي دکي ڪري ٿي. سنسار ۾ رهو پر سنسار جا ٿي نہ رهو. جڳت ۾ اناسڪت ڀاوَ سان رهڻ ۾ آنند آهي. جيڪو پربوءِ کان منهن موڙي ٿو، سو هميشہ لوڪن ۾ دکي ٿئي ٿو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

بي مک هو ڪرتار سي، ڪرت جڳت سي پيار،
کھ ٽيئون تس منش کا، ڪبهن نہ هوت اُڌار.

پريميو، جيڪڏهن توهان کي سنتوش کپي، شانتي کپي تہ اِڇائون گهٽايو. ترشنائن جو ترڪ ڪريو، نہ تہ اِهي ترشنائون توهان کي جنم جنم ۾ ڀٽڪائينديون. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڀوڳ واسنا تياڳہ ڪي، من کو شانت بناءِ،
کھ ٽيئون يھ واسنا، جنم جنم ڀٽڪاءِ.

۲ سيپٽمبر پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ وهنوار چاهي پرمارٿ جي پرگتيءَ لاءِ نشنا سان ڪرم ڪريو تہ سڦلتا توهانجا چرڻ چمندي. پرشارٿ ئي ديوَ آهي. بهار ۾ رهندڙ گٽيش دت ارڙهن اُٺوين سالن جي عمر ۾ هوندي بہ اڻپڙهيل رهيو. هڪ ڏينهن کنهن ڪم سانگي ڪيس پٽنا ڪورٽ ۾ وڃڻو پيو. عرضي نويس سندس درخواست لکڻ ۾ دير ڪئي. ان سبب ڪيس ٿوري ڪاوڙ لڳي ۽ من ۾ سوچيائين تہ جي هوَ پاڻ پڙهيل هجي ها تہ ڪيس عريضي نويس جي ڪاڻ ڪڍڻي ڪين پوي ها. هن اُٺوهن ورهين جي عمر ۾ نشنا سان پنهنجي پڙهائي شروع ڪئي. هن ايتري تہ پڙهائي ڪري قابليت حاصل ڪئي جو انگريز سرڪار ڪيس 'سر' جو خطاب عطا ڪيو. اڳتي هلي هو بهار جو منتري پڻ بڻيو. هي پنهنجي ڪمائيءَ جو گهڻو حصو گهرجائو وديارٿين، انات آشرم ۽ ڌرمشالائن جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو.

چيو تہ پريميو، توهانکي ڌنيواد آهي جو هت توهان ستگرو مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهيو. جنهنجي دل ۾ گرو ڀڳتي آهي، سو ڀاڳن وارو آهي. ستگرو مهاراج گروءَ جي مهما ڪندي چون ٿا:

گرسي اڌڪ نہ اور ڪو، ديوي ديوَ پڇان،

ستگر سڀ سي سريشٽ هئہ، ڪهہ ٽيئون ست جان.

گرو ڀڳتيءَ دواران من ۾ ايشور ڀڳتي پئدا ٿئي ٿي. سچي گروءَ کي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ڪڏهن ڪنن پريڪشا مان پار پوڻو پوي ٿو. سنت چون ٿا:

سر ديئي ستگر ملي، تو ڀي سستا جان.

هڪڙو پريپورڻ مهاتما هو. سندس درشن ڪرڻ لاءِ ڪيترائي پريمي اُتسڪ هوندا هئا. پر اُن سنت وٽ پهچڻ لاءِ ٽي رڪاوٽون هيون. ڪوبہ شرڌالو جڏهن سنت وٽ ويندو هو تہ سنت جي ڪنيا ڪان ٿورو اڳيرو چتو ڪتو زبردست ڌاڙهيندو هو. نہ صرف ڌاڙهيندو هو، پر چڪ پائڻ جي ڪوشش ڪندو هو. اُن بعد وري هڪ چتي ڳانءِ هوندي هئي، جا ڪنهنکي ايندو ڏسندي هئي تہ ڏاڍا ٽوٽا هڻي ڪيرائي زخمي ڪري ڇڏيندي هئي. ٽين رڪاوٽ هئي، اُن سنت جي پتني، جا ڪنهنکي ايندو ڏسندي هئي تہ هوءَ ڪروڌ ۾ اهڙا تہ لفظن جا تڪا تير اُڇلائيندي هئي، جو ٻڌندڙن جا ڪن سڙندا هئا. ڪي شرڌالو اُن مهاتما جي درشن لاءِ ويندا هئا تہ ڪن کي چتو ڪتو ڌاڙهي چڪ پائيندو هو، تہ ڪن کي ڳانءِ ٽوٽا هڻي هڏ گڏ ڀڃي ڇڏيندي هئي ۽ اُهي ويچارا واٽ تان ئي واپس ايندا هئا.

هڪڙي پريميءَ جي دل ۾ اُن مهاتما جي درشن جي تيور اِڇا پيدا ٿي. هي پيارو اُن سنت جو درشن ڪرڻ ۽ آشيرواد وٺڻ لاءِ روانو ٿيو. هن پاڻ سان چار ڦلڪا، گاهہ ۽ ڪجهہ نوان ڪپڙا ۽ ڳهڻا پاڻ سان کنيا. جيئن ئي چتي ڪتي کيس ڌاڙهيو، تہ هن هڪدم کيس چار روٽيون ڏنيون. ڪتو روٽين کائڻ ۾ لڳي ويو. هي پيارو اڳتي وڌيو. جيئن اڳتي وڌيو تہ سندس سامهون چتي ڳانءِ آئي. هن ڪٽي سندس اڳيان چڱو گاهہ اُڇليو. ڳانءِ کائڻ ۾ لڳي ويئي. هي پيارو ٻن رڪاوٽن سان منهن ڏيئي جيئن سنت جي ڪنيا ٻاهران پهتو تہ سنت جي پتني ٻاهر نڪري آئي. هن شرڌالوءَ کي ان ماتا جي سڀاءَ جي خبر پيئي هئي. هن هڪدم آندل ڳهڻا ۽ سهڻا ڪپڙا اُن ماتا جي چرنن ۾ پيٽ رکيا. سنت جي پتني انهن زيورن ۽ لٽن ڪپڙن کي ڏسڻ ۾ ئي مشغول هئي تہ هي پيارو سڌو اُن مهاتما وٽ آيو. اُن تيجسوي سنت جو درشن ڪري، اُن سان گيان گوشٽي ڪيائين ۽ آشيرواد وٺي واپس وريو. روحاني راهہ ۾ بہ ضرور کي دقتون اينديون، اُنهن کي منهن ڏيئي اڳتي وڌندا رهو. پريميو، توهان ڀلي پنهنجا دنيوي ڪم ڪاريون ڪريو، پر نت نيم گرو منتر جو اڀياس ڪريو تہ توهان کي آتمڪ شڪتي ملندي.

۱۲ سيپٽمبر پوڄنيہ سواميڄن پريم پرڪاش مندر بنارس ۾ پڌاريا. پياري نندلعل ۽ ڀين

ڪھ نِيئون بن ھر ڪرپا، ستسنگ ملتا ناھ.

پريميو، توھان نصيبن وارا آھيو جو نت نيم ھت اچي ستسنگ جو لاڀ حاصل ڪريو ٿا، پر سچو فائدو توھان کي تڏھن ٿيندو، جڏھن سنتن جي سکيائن تي عمل ڪندا.

پوڄنيہ سواميڄن جدا جدا پريمين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ سندن گھرن ۾ پير گھمايا ۽ روز شام جو امرت ورکا ڪندا رھيا. ١٠ سيپٽمبر نماشام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پرڀوءَ کان نام پدارٿ گھرو. نام جي پونجي سچي پونجي آھي. جيڪو اِھا پونجي گڏ ڪري ٿو سو نصيبن وارو آھي. سنت ستپرکہ ان ڪري مايا کان منھن موڙي پرڀوءَ سان ناتو جوڙين ٿا.

سنت نامديو جي گھر جي مسڪيني حالت ڏسي، سندس پتنيءَ جي ساھيڙيءَ ڪمالسا، نامديو جي پتني راجا ھائيءَ کي ھڪ ڏينھن لاءِ پارس ڏنو تہ جيئن ھو اُن پارس جو استعمال ڪري مالا مال ٿئي. راجا ھائي پارس پراپت ڪري ڏاڍي پرسن ٿي. ھن جڏھن اھو پارس پنھنجي پتيءَ نامديو کي ڏيکاريو، تڏھن ھوُ ڏاڍو ناراض ٿيو ۽ پارس کڻي کوھ ۾ ڦٽي ڪيائين. سندس پتنيءَ جون ٻہ ٻہ ويون تي چھ ٻہ ويون. ٻئي ڏينھن سندس ساھيڙي پارس وٺڻ آئي. راجا ھائيءَ کيس ساري حقيقت ٻڌائي تہ ڪيئن نہ سندس پتيءَ اھو پارس کوھ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. ڪمالسا اھو ٻڌي ڏاڍو دکي ٿي گھر واپس وري. ھوءَ پڇتائڻ لڳي تہ ھن ناحق ساھيڙيءَ جي پريوار تي ديا ڪري ساھيڙيءَ کي پارس ڏنو. ھن اِھا حقيقت پنھنجي گھوٽ سان ڪئي. سندس پتي مٿس ڏاڍو ڏمريو ۽ جوش مان ھڪدم نامديو وٽ آيو. ھن سنت نامديو کان پارس جي گھر ڪئي ۽ چنبڙ ڪيڻي. اُن وقت سنت نامديو پاسي ۾ وھندڙ نھر ۾ ھڪ وجھي کيس ھڪ پارسن جو ڀري ڏيکاريو. اِھو ڪؤتڪ ڏسي ڪمالسا جو پتي برھمڻ دنگ رھجي ويو. تنھنتي سنت نامديو کيس صلاح ڏيندي چيو، ’پيارا، تون ڪوڙي پارس کي حاصل ڪري ڪيڏو نہ خوش ٿيو آھين، جو توکان سچو پارس، نام جو نالو ٻہ وسري ويو آھي. اِھو پارس ھٽ ڪر. ڪوڙا پارس تہ ڪيترائي پيا آھن. اُن وقت اُن برھمڻ اکيون کوليون ۽ سنت نامديو جي چرنن تي ڪري پيو. برھمڻ جي جيون ۾ پريورتن اچي ويو. پريميو، توھين بہ نام کي نہ وساريو. گھر ۾، آفيس ۾، دڪان تي، ڪم ڪار ڪندي نام سان لنوَ لڳي رھي. ستگرو مھاراج فرمائين ٿا:

انتر باھر رئن دن، پوُلو نا ھر نام،

جھوا من وا پران سي، ڪھ نِيئون رٽ رام.

جيئن توھان نام جپيندا، توھان سچي آنند جو انڀوَ پراپت ڪندا. ٻيا سڀ ڪوڙا ڪم بنا نام ھر نام جي.

١١ سيپٽمبر صبح جو پوڄنيہ سواميڄن منڊليءَ سمت فيضآباد ۾ پڌاريا. سوامڄن پريم پرڪاش مندر رام نگر ڪالوني ۾ ٽي ڏينھن ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي

ذڪر ڪيو. پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته سنت نام جو سؤدو ڪن ٿا. توهان ستسنگ روپي دڪان تي آيا آهيو، هتان نام جو وکر کڻي وڃو.

جس وکر ڪو لين تؤ آيا، رام نام سنتن گهر پايا.

اسين جڳت جي پدارٿن کي ڏسي موهجي وڃون ٿا. جيڪا شيءِ خريد ڪرڻي آهي اُها خريد ڪرڻ وسري وڃي ٿي. هڪ دفعي هڪ پتا سان سندس پٽ بزار ۾ ويو. اُتي بزار ۾ هڪ ٻن هنڌ پٽ پنهنجي ڪُل جي ڪوڙي ڳالهه ٻڌي ۽ پتا کي چيو ته هي ماڻهو ڇا ٿا ٻڪين! پتا پٽ کي سمجهائيندي چيو 'پيارا ٻالڪ، هيءُ دنيا بزار آهي، هت ڀانت ڀانت جا سؤدا رکيا آهن، جهڙو سؤدو جنهن وٽ هوندو، هوُ اُن جي ڳالهه ڪندو. جيڪو سؤدو اسانجي ڪم جو هجي، اُن طرف ئي اسان کي ڌيان ڏيڻ گهرجي. ٻين شين يا ڳالهين سان اسان جو ڪهڙو واسطو!

اسان مان ڪيترا رات ڏينهن هرڻ جيان جڳت جي است پدارٿن پٺيان پيا ڊوڙي ڊوڙي سواس ويرٿ وڃائين. جڏهن ڪال ڪلهن تي اچي ٿو، تڏهن پيا ڳوڙها ڳاڙين.

اب پڇتائي ڪيا هوت هئہ، جب چڙيا چگہ گئي کيت.

پريميو، سنت اچن ٿا پاڻ سان نام جو سنديش کڻي. داس توهان کي ائين چوندو آهي ته اسان کي توهان پوڄن ڪارايو نہ ڪارايو. شيوا ڪريو، نہ ڪريو، پر نام سان نينهن لڳايو. پڪين پسن تي ديا ڪريو. اِهي گگدام پريوءَ جي گونگي سنتان آهن، اُنهن کي کهائي انهن جو مانس نہ کائو. شپ ڪرم ڪري مانش جيون سڦل ڪريو.

ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جو ۹۴ جنمدن اُتسؤ ۲۸ سيپٽمبر کان ۲ آڪٽوبر تائين سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم هردوار ۾ ملهايو ويو. ان سنبنڌ ۾ پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۲۴ سيپٽمبر هردوار ۾ پڌاريا. ۲۸ سيپٽمبر صبوح جو پوڄنيه سوامي جن جهنڊو چاڙهي اُتسؤ جو آرنڀ ڪيو. پنج ئي ڏينهن صبح شام سنتن مهاتمائن ستسنگ ورکا ڪئي. هن موقعي تي پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ستگرو سوامي سروانند مهاراجن پنهنجي نالي کي سارٿڪ ڪيو. هو سڀني کي آنند ڏيندڙ هئا. سندن منهن ۾ مشڪ ۽ پيشانيءَ ۾ آتمڪ تجلو هوندو هو. درشن ڪئي دکہ دور ٿي ويندا هئا. اِهو سندن ڀڄن جو پرتاب هو. هوُ جوانيءَ ۾ ڪيترو ئي وقت هردوار رشيڪيش ۾ ايڪانت اسٿل تي ڀڳوت ڀڄن ڪندا هئا. هوُ ايڪانت پريہ سنت هئا. انڪري پڇاڙيءَ تائين هر چنڇر ڏينهن مؤن رکندا هئا. پريميو، توهان بہ ڪجهه وقت ايڪانت ۾ ويهي ڀڳوت ڀڄن ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

جو سکہ هئہ ايڪانت ۾، سو سکہ سر پُر ناهہ،

کہ ٽيئون ايڪانت جهن، سدا رهو تم تاهہ.

ايڪانت ۾ ويهي ڀڳوت چنتن ڪجي ته پوءِ آنند ئي آنند آهي. ڀڳوت نام وڏو خزانو

پريمين ستگرو مهاراجن جو سواڳت ڪيو. اُتي پوڄنيہ سواميڄن ٿي ڏينهن امرت ورکا ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي. پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ توهان ڀاڳن وارا آهيو، جو هت ڀڳوان شنڪر ۽ گنگا ماتا جي گود ۾ ويٺا آهيو، پر تنهن هوندي بہ نام نہ جپيو تہ قصور توهان جو آهي. ماڻهو ڪٿان ڪٿان هت شري وشوناٿ جو درشن ڪرڻ ايندا آهن. توهانجي گهر ۾ گنگا وهي ٿي، پوءِ بہ لاڀ نٿا وٺو. نت نيم هت اچي نام جپيو. ڪٿا شروع ڪريو ۽ سنتن جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا تہ گرو منتر جو خوب اڀياس ڪريو:

ڪهہ ٽيئون اس جگت ۾، ايڪ ڪرم هئہ سار،

ستگر سي ست شبد لي، سمرن ڪر هر بار.

۱۵ سيپٽمبر پوڄنيہ سواميڄن پرياگ ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيہ سواميڄن پريمين سان گڏ ترويڻي سنگم ۾ اشنان ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن اُتي بہ ڏينهن ستسنگ پورچن ڪيو. ۱۸ سيپٽمبر سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

۲۰ سيپٽمبر پوڄنيہ سواميڄن نڙياد ۾ پڌاريا. اُتي ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪيائون. ۲۱ سيپٽمبر کان ۲۳ سيپٽمبر احمدآباد ۾ سوامي اوڌوداس مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. اُن سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ۲۱ سيپٽمبر احمدآباد ۾ پڌاريا. ٽيئي ڏينهن صبح ۽ شام جو پوڄنيہ سواميڄن جدا جدا وشين تي پروچن ڪندي چيو تہ سنت اوڌوداس سان اسانجو ننڍپڻ کان سنيهہ سنبنڌ هو. بنهي گڏجي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي شرڻ ورتي. گرو منتر ورتو. ستگرن جي سنگ ۾ رهياسين. گڏجي نام جو پرچار ڪيوسين. سندس ڪيترين ئي سمرتيون دل تي تري اچن ٿيون. سنت اوڌوداس سون کي پريوءَ جي راهہ ۾ ڇڪيو. ڪين نام جو امرت پيئاري سندن راهہ روشن ڪئي. ستگرو مهاراج سنتن جي مهما ڪندي چون ٿا:

بادل کي سم سنت هئن، وچن جان برسات،

ڪهہ ٽيئون نت پان ڪر، چاترڪ کي سم تات.

سنت بادل سمان آهن. سندن مکاروند مان امرت روپي ورکا وسي ٿي. ساڌڪ کي چاترڪ وانگر امرت وچنن سان پياس پوري ڪرڻ گهرجي. پريميو، توهان سڀني کي ڌنيواد آهي جو هر سال اُتساهہ ۽ اُمنگ سان سوامي اوڌوداس جو ورسي اُتسوَ ملهايو ٿا. سنتن جي ڏنل اُپديشن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو، تڏهن توهانجو ستسنگ ۾ اچڻ سڦل ليکبو.

۲۴ سيپٽمبر نشڪام شيوا منڊل طرفان پوڄنيہ سواميڄن جو جنم ڏن ملهايو ويو. ڪيترن ئي پريمين پوڄنيہ سواميڄن کي دشالا ۽ هار پيٽ ڪيا. پياري گوپالداس ڀوڄواڻي، ايم ايل اي پياري لوڪومل تلسياڻي، پياري سنتومل ۽ ٻين پريمين پوڄنيہ سواميڄن جي پراُپڪاري جيون جو ذڪر ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ سنت نام جو سؤدو ڪن ٿا. توهان ستسنگ

مھما ڪھڙي مان چوان، پريمين جو آڌار ھو.
دنيا جي ڪنڊ ڪرڇ ۾، نالو سائينءَ جو وڃي،
شانتي پرڪاش جتي ڪئي، ستگر جو جئڪار آ.

پوڄنيہ سواميڄن سيني سنتن سان گڏجي اُتسؤ جو پلئہ پاتو.

۹ آڪٽوبر پوڄنيہ سواميڄن ڪوٽا ۾ پڌاريا. اُتي سنڌي پئنچات طرفان سنت ڪنوررام ڌرمشالا ۾ امر شھيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جو ورسي اُتسؤ ملھايو ويو. رات جو پوڄنيہ سواميڄن اُتي ستسنگہ ڪندي چيو تہ ڀڳت ڪنوررام صاحب پراُپڪاري پرمارٿي سنت شرومڻي ھو. سندس ڪنٺ ۾ سرسوتي جو واسو ھو. ڀڳت وجھندي جيڪي بہ پيلائون ڪيس ملنديون ھيون، سي دکين دريدرن، لُولن لنگڙن جي خدمت ۾ خرچ ڪندو ھو. پريميو، توھان بہ پنھنجي جيون ۾ پراُپڪار ۽ نام سمرڻ جي ساکي ڏيو. ڪاريہ ڪرم جي شروعات ۾ پئنچات جي پريزيڊنٽ شري ڪنعيالعل پرسواڻي ۽ ٻين پئنچن سواميڄن جو سواگت ڪيو.

۱۰ آڪٽوبر صبح جو پوڄنيہ سواميڄن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ڪوٽا ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ ھي جيو ڪيڏي بہ ھام ھڻي، پر ڀڳوت ڪرپا کان سواءِ، ستگرن جي ديا کان سواءِ ڪارج پورو نہ ٿيندو. پربوءَ جي ديا جي درڪار آھي. جيو سيمت آھي، اشڪت آھي. ايشور اسيم آھي. شڪتيوان آھي. پريميو، ان ڪري سرو شڪتيوان پرماتما جي شرڻ وٺو. سھارو ونجي ھلوان جو، جيو نبل آھي. سنساري سنبنڌي متر توھان جي ڪھڙي رکشا ڪري سگھندا؟ ستگرو مھاراج پڻ فرمائين ٿا:

رام ڀروسا راکہ تم، اور ڀروسا تياگہ،
کھ ٽيئون ھر شرڻ لي، کولو اپنا ڀاڳہ.

۱۴ آڪٽوبر رات جو پوڄنيہ سواميڄن بابا ڍولورام صاحب جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ سندن استان سنڌونگر ۱ ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي سائين ڍولورام جي گڻن جي ورڻن ڪيو. ڀائي رتنلعل پوڄنيہ سواميڄن جو سواگت ۽ شڪرادائي ڪئي.

سوامي گوالانند مھاراجن جي ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ۱۵ آڪٽوبر پونا ۾ پڌاريا. نماشام جو سوامي رامڪرشن جي آستان تي سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ سوامي گوالانند، نہ صرف اوچ ڪوٽيءَ جا سنت ھئا، پر ودوان بہ ھئا. ھن صاحب سنڌي ۽ ھنديءَ ۾ ڪيتري ٻاڻي لکي آھي، جنھنجي پڙھڻ ۽ شروڻ ڪرڻ سان اندر کي آنند اچي ٿو. پريميو، ڪنھن نہ ڪنھن سنت جو سنگہ ڪريو تہ توھانکي رام جو رنگہ لڳندو.

کھ ٽيئون سنسار ۾، سنتون ڪا ڪر سنگہ،
سنتون ڪي ستسنگہ ۾، لاڳت آتم رنگہ

آهي جو ٻنهي لوڪن ۾ ڪم اچي ٿو. ڪيڏيون راجايون ٿيون بدلجن، پر نام روپي نوٽ رد ڪين ٿيندا. نام جي پونجي سچي پونجي آهي.

هرڪا نام آنند لڏي ڪه ٿيئون جپ تانهه،

جاڪي جپ تي هو سدا، آنند من ڪي مانهه.

پريميو، انڪري خوب نام جپيو، ايڪانت ۾ ويهي نام چنتن ڪريو. توهين هت هردوار ۾ آيا آهيو ته گنگا اشنان ڪريو، مندرن ۾ وڃي ڀڳوان جو درشن ڪريو. هتي اچي سئنيما يا هوٽل ۾ وڃڻ جو ڪهڙو لاڀ؟ پاڻ وڏيڪ پاپ! رشيڪيش ۽ ڪنکل ۾ وڃي سنتن مهاتمائن جا درشن ڪريو. اُنهن جو درشن به ڦلدائي آهي. ستسنگ ۾ اچو ته سنساري ڳالهيون وساري ڀڳوت چنتن ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ساڌ سنگت ۾ جائيئي، چنتا گهر ڪي ڇوڙ،

ڪه ٽيئون ست وچن ۾، ديجي من ڪو موڙ.

٢ آڪٽوبر صبوح جو پوڄنيه سواميڄن، سنت هرداسرام، سنت سويم پرڪاش، سنت برهمانند، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت اشوڪ لعل ۽ ٻين، ستگرو سوامي سرواند مهاراجن جي جيون ڪاريه تي روشني وجهندي پشپانجلي ڏني. منجهند جو سنتن جو ڀنڊارو ٿيو. نماشام جو پوڄنيه سواميڄن ستگرو سوامي سرواند مهاراجن جي مهما جو هينيون ڀڄن ڳايو:

سوامي سرواند کي منهنجي سدا نمسڪار آ،
ستگر ٽيئونرام جي گادي؛ جو سردار هو.
١) ڪهڙي ٻهڙي رهڙي، سهڙي سائين؛ جي سلي،
کميا ڌيرج سرلتا، گيان سندو ڀنڊار هو،
٢) ستگر ٽيئونرام ٻي، جوت پنهنجي هن ۾ رکي،
جي ٿا مونکان سچ پڇو، ايشور جو اوتار هو.
٣) موهن مرلي؛ سان جيئن، مست ڪيو ڪل برج کي،
ملڙي واڻي؛ سان تيئن، موهيو سڄو سنسار هو.
٤) تارن ۾ جيئن چندرما، سونهين سڀني کان سلو،
سنتن ۾ سونهين تيئن، سنگت جو سينگار هو.
٥) جهڙو سندن نانءُ هو، تهڙو آنند ٿي ڏنئون،

٣- شهر ڇڏي شمشان ۾، گهر اڏٺو ٿي، ساٿ ڇڏٺو ٿي.

٤- ڪهي ٽيئون سر ڪال جو، واڄو وڄٺو ٿي، ساٿ ڇڏٺو ٿي.

پريميو، جنهنڪي ڪال جو ڊپ آهي سو گهڻو ڪري پاپ ڪرم کان ڪنارو ڪري ٿو ۽ پرڀوءَ کي ياد ڪري ٿو.

جنا من ڀو، تنا من ڀاو.

توهين به پاپ ڪرم کان پاسو ڪري هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪريو. شمشان ڀوميءَ جي ڪاريه ڪرم کان پوءِ پيارو امرلعل وليچا ۽ پيارو ڪشنچند پوجنيه سواميڄن کي امرناٿ جل آشرم ۾ وٺي آيا. اُتي پڻ پوجنيه سواميڄن ڀڄن ڳائيندي آشيرواد ڪئي. نماشام جو پريم پرڪاش مندر ۾ پوجنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ ساري رات جاڳي ڄاڳي شري ڪرشن جي نام جو جاپ جپيو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

هر سمرو تم جاڳ ڪي، سويه نه ندرا مانهه،

ڪهه ٽيئون جاڳي بنا، هر درشن دي نانهه.

سچ اچي ۽ توهان سمهيا پيا هجو ته درشن ڪير ڪندو! ان ڪري جاڳي پرڀوءَ جا گڻ ڳايو. ڪيس ريجهايو ته اوس توهان کي ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن ساڪياتڪار ٿيندو.

٣١ آڪٽوبر پوجنيه سواميڄن پونا روانا ٿيا. اُتي سوامي چندن پرڪاش سوامي ٽيئونرام مندر ۾ پوجنيه سواميڄن ٽي ڏينهن امرت ورکا ڪئي. ٢ نومبر صبوح جو پوجنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ڪتيءَ جو مهنو اُتم مهنو آهي. ڏينهن ڏينهن جي پنهنجي اهميت آهي. سنساري ڪم ڪاريون ڪڻ جا ڪين آهن. ڪارتڪ جي ڏينهن به خوب نام جپيو، شڀ ڪرم ڪري مايا ۽ سميه سڦلو ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ اِها سکيا ڏين ٿا:

ڪهه ٽيئون تم چيت لي، اب ڪڇ بگڙي نانهه،

ديا ڌرم شڀ ڪرم ڪر، هر سمرو من مانهه.

پريميو، شري گرو گرنٿ صاحب جا پاٺ رکيا وڃن ٿا، پر ان امرت واڻيءَ مان لاڀ ڪي ورلا پراپت ڪن ٿا. ٿوروئي پڙهجي، ٿوروئي ٻڌجي، ان جو چنتن ڪري ان وچن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيڻ گهرجي. اڄ گرونانڪ ديوجن جي سکيائن کي بنهه وساري ويٺا آهيون. صرف ٻاهرين اڊمبر ۾ پورا آهيون. گرونانڪ ديو مهاراج ڪيڏا نه نماڻا هئا. رڌي سڌي هوندي به اڊمبر کان دور. گروجن پاڻ اوتاري پرش هوندي ڪيئن نه پاڻ به نام سمرڻ ڪندا هئا ۽ هزارن لوڪن کي به نام جپايائون. توهين به نام کي نه وساريو. گرو نانڪ ديو جي ٻاڻيءَ جي سکيا جيون ۾ هنڊايو، جيون سڦل بڻايو.

١٦ آڪٽوبر صبح جو پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر ۾ واپس وريا. سواميڄن سوامي گوالاند آشرم ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ١٧ آڪٽوبر صبح جو پوڄنيه سواميڄن جنتا جناردن پريشد طرفان چار سؤ سفيد پوش پينرن کي سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ مٺائيءَ جا پاڪيٽ ۽ آتشبازي ڏني. ان بعد پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر ٢ ۾ پڻ سفيد پوشن ۾ مٺائي ورهائي ڪئي. شام جو پوڄنيه سواميڄن کي پريمي بمبئيءَ وٺي ويا. ١٨ آڪٽوبر ڏياريءَ جي ڏينهن پوڄنيه سواميڄن کي ڪيترا پريمي پنهنڄن دڪانن تي پير گهمائڻ لاءِ وٺي ويا.

٢٠ آڪٽوبر صبح جو پوڄنيه سواميڄن آشرم ۾ ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. ڪارتڪ جا ڏينهن روز صبح جو سويل پوڄنيه سواميڄن شري ڪارتڪ ڪٿا جي وياکيا ڪرڻ بعد شري گرو گرنٿ صاحب جي ڪنهن نه ڪنهن شبد جي وياکيا ڪري امرت پيئاريندا هئا.

٢٧ آڪٽوبر گوپ اشٽميءَ جي پوتر ڏينهن پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن گئو ماتا جي مهما ٻڌائيندي ڀڳوان شري ڪرشن جا پرسنگ ٻڌايا. صبح جو ٨ بڄي آشرم مان گئو ماتائن جي سرگس ڪڍي ويئي، جنهن ۾ پوڄنيه سواميڄن سان ڪيترا سنت، هزارين پريمي شريڪ ٿي ڌنيون لڳائيندا هليا. شام جو ٥ بڄي شري راڌي شيام گئو شالا ۾ گوپ اشٽمي اُتسؤ پوڄنيه سواميڄن جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. پياري ننديرام ٺلرام آيل سنتن جو سواگت ڪندي گئوشالا جي ڪاريه تي روشني وڌي.

پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته جيڪڏهن ڀڳوان شري ڪرشن کي پرسن ڪرڻ چاهيو ٿا ته ڳائين جي خوب شيوا ڪريو. ڀڳوان کي ٻاڻ کان وڌيڪ ڳائيون پياريون هيون، انڪري ڀڳوان پنهنجي لوڪ جو نالو ئي گئو لوڪ رکيو. اڄ اسان جي ڀارت ڀوميءَ ۾ روز هزارين ڳائيون قتلام ڪيون وڃن ٿيون. سرڪار سمهي پيئي آهي. اسانکي سڄاڳ ٿي گئو رکشا لاءِ هر قرباني ڪرڻ گهرجي. گئو ڌن ديش جو سچو ڌن آهي. انڪري ڳائين جي خوب شيوا ڪريو، رکشا ڪريو.

٣٠ آڪٽوبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ سبب پرڀات جو پوڄنيه سواميڄن ڪارتڪ جي ڪٿا ڪندي ڪارتڪ ايڪادشيءَ جو مهتو ٻڌايو. صبح جو ٨ بڄي پوڄنيه سواميڄن سان گڏ سنت روپارام، سنت برهمداس، سنت ديو پرڪاش ۽ هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. شمشان ڀوميءَ ۾ سنتن جي وياکيان کان پوءِ پوڄنيه سواميڄن وياکيان ڪندي چيو ته اجوڪي ڏينهن هر منش کي اسپتال ۽ شمشان ڀوميءَ ۾ ضرور وڃڻ گهرجي. انهن آستانن تي وڃڻ سان ٿوري وئراڳ جي ڀاونا پيدا ٿئي ٿي. وئراڳ جي اُتپتيءَ سبب من مالڪ طرف مڙندو. اجوڪي ڏينهن خوب دان پڄ به ڪريو. پوڄنيه سواميڄن هيٺيون وئراڳي ڀڄن پڻ ڳايو:

لعل لڏٽو ٿي، ساٿ چڏٽو ٿي، بانور ڪر نا بانورا.

١- مرڻ ڀڄاڻا ڏوڙ ۾، مڙهه گڏٽو ٿي، ساٿ چڏٽو ٿي.

٢- يتن ڪندين جي ڪيترا، ڀاندو ڀڄٽو ٿي، لعل لڏٽو ٿي.

ٻاهرين اکين جي آپريشن ڪريان ٿو. مان هٿ پاڻ سواميجن کان پنهنجي اندر جي اکين جي آپريشن ڪرائڻ آيو آهيان. سواميجن کان آشيرواد روپي دوا وٺڻ آيو آهيان. توهان به ستسنگ ۾ روز اچي سواميجن کان آسيس وٺو.

۱۰ نومبر سنڌونگر آشرم ۾ پوڄنيه سواميجن برهم ڀوڄ جو آيوجن ڪيو. جنهن ۾ اٽڪل ۲۵۰ ڪن برهمڻ سملت ٿيا.

۱۰ نومبر شام جو پوڄنيه سواميجن مورينا روانا ٿيا. اُتي پياري وسٽارام ۽ پريمين سواميجن جو هارڊڪ سواگت ڪيو. ۱۱-۱۲ نومبر پوڄنيه سواميجن اُتي ستسنگ پروچن ڪيو. سواميجن پروچن ڪندي چيو ته من جيتي جڳ جيت. جنهن پنهنجي من کي وس ۾ ڪيو آهي، سو روحاني راهه ۾ اڳتي وڌي سگهندو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون من کي گتي، اڏڪ پوَن سي جان،

تان کو جو جن وس ڪري، سوئي پرش سجان.

من جي رفتار هوا کان به وڌيڪ تيز آهي. جو من کي وس ۾ ڪري ٿو، سو گياني آهي. هڪ فقير ساڌنا دواران رڌيون سڌيون هٿ ڪيون. هي فقير نديءَ جي ڪناري تي رهندو هو. هڪ ڏينهن هي ڌيان ۾ ويٺو هو ته اُن وقت هڪ نوجوان استري اُتان لنگهي. سندس جهومڪن جو آواز ٻڌي فقير جي اک کلي. اُن نوجوان استريءَ کي ڏسندي سندس من ڪري پيو. هن اُن استريءَ کي روڪيندي چيو ته تون هٿ ئي مون سان گڏ رهي پئُج. استري پتورت هئي. هن فقير کي چيو ته مان گهوٽ لاءِ کيٽ ڏانهن ماني کڻي وڃي رهي آهيان. تون مونکي پنهنجي پتيءَ ڏانهن وڃڻ ڏي. فقير جي اکين تي اند سوار ٿي ويو. هن اُن استريءَ کي چيو ته جيڪڏهن تون هٿ نه ترسندينءَ ته مان پنهنجي طاقت سان توکي هٿ روڪي سگهان ٿو. مونکي ايڏي شڪتي آهي جو هن وهندڙ نديءَ جو وهڪرو به روڪي سگهان ٿو. اُها استري پتورت ۽ سياڻي هئي. هن اُن فقير کي چيو ته پهرين تون هن نديءَ جو وهڪرو بند ته ڪري ڏيکار. فقير هٿ ۾ ڏهو ڪري ڪو منتر پڙهيو ته برابر نديءَ جو وهڪرو بند ٿي ويو. فقير چيس ڏٺءِ مونکي ڪيڏي نه شڪتي آهي جو هتي ويٺي ئي مان درياهه جو وهڪرو بند ڪري سگهيس. ڇا، باقي توکي روڪي نه سگهندس؟ تون مون سان هتي رهي پئه. اُن پتورت استريءَ وراڻيو 'فقير، تو درياهه جو وهڪرو ته برابر بند ڪيو آهي، پر اڃا پنهنجي من جو وهڪرو بند نه ڪيو اٿيئي. پوءِ تنهنجي بندگي ڪهڙي ڪم جي؟' اُن استريءَ جو اِهو ترڪ ٻڌي فقير جون اکيون کليون ۽ هڪدم اُتي اُن جي قدمن تي ڪري پيو ته مونکي معاف ڪر، مونکي معاف ڪر. تون منهنجي امي آهين. منهنجو من واسنا طرف ڪري پيو، هاڻ دعا ڪر. پريميو، من کي وس ڪرڻ ڏاڍو کٺن آهي، پر اڀياس ۽ وئراڳ دواران ڏيري ڏيري من وس ٿي سگهي ٿو. من وس ٿيو ته پوءِ پربوءِ ۾ چت جي ورتي لڳڻ سؤلي آهي. توهين به اهڙي ڪوشش ڪريو. نماڻا ٿيو. اندر مان ايمان ڪيڏي سچي ڀاونا سان پربوءِ جي شرڻ وٺو ته توهانجو ڪلياڻ ٿيندو.

٢ نومبر شام جو ٤ بجي پوڄنيہ سواميڄن سنڌونگر ۾ واپس وريا نماشام جو پوڄنيہ سواميڄن ڪارتڪ اُتسو سنبنڌ ۾ رڪيل پاٺ صاحبن جو سماپن ڪندي چيو تہ پريميو، توهان ڪتيءَ جا پندرهن ڏينهن هت اچي امرت رس پيتو آهي. نام رس اٿوَ سچو رس. دنيوي رسن ۾ ڪيڏا نہ امولیہ سواس وڃايا اٿوَ، هاڻي سڄاڳہ ٿي خوب نام جپيو:

سوئي اوديا نيند ۾، ڪہ ٽيئون بہ ڪال،

اب تو غفلت ڇوڙڪي، سمرو دين ديال.

سنت راضي مڃيا ڏٺي راضي. هڪ دفعي شري گرو نانڪ ديو مهاراج رٽن ڪندي هڪ ڳوٺ ۾ آيا. اهو ڳوٺ هن وقت ڪرتارپور جي نالي سان مشهور آهي. گروجن اُتي هڪ پريوءَ جي پياري ڪي غريبن ۾ کير ورهائيندو ڏسي، اُن تي ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ اُن کي چيائون تہ جيڪي گهرڻو هجيئي سو گهر. اُن شخص عرض ڪندي چيو تہ پٽر سنتان جي ضرورت آهي. هڪڙو ٻچڙو پنهنجي گنج مان بخشيش ڪريو. گروجن ڪيس چيو تہ جلدي تنهنجي گود سائي ٿيندي. گرونانڪ ديوجن جي ڪرپا سان اُن کي پٽر سنتان ٿي. گرو نانڪ ديو مهاراج ڪيترن ئي پريمين جا سوال پورا ڪيا. توهين بہ نام سمرڻ ڪندا ۽ شيوا ڪندا تہ گروجن توهانجي من جون مرادون بہ پوريون ڪندا.

رات جو پوڄنيہ سواميڄن سنڌونگر ٢ جئہ بابا ڌام ۾ ۽ سردار راجسنگهہ بليجا جي گهر ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي جنمدن اُتسوَ ۾ گروجن جي مهما ڳائيندي ڪين پشپانڄلي پيٽ ڪئي.

٤ نومبر آرتوار صبوح جو ١١ بجي سواميڄن ڪرلا بمبئيءَ ۾ ڪپليشور مهاديو منڊل طرفان مفت اکين جي ڪئمپ جو مهورت ڪندي، پياري نندلعل بختياڻيءَ ۽ سائين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان هر سال اکين جي مفت آپريشن ڪئمپ لڳائي اُتم ڪاريہ ڪري رهيا آهيو. هن ڪئمپ دوران ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن کي نيئن روشني ملندي. اُنهن جي آسيس توهان تي چمڪندي. توهين شل نيا بہ خلق خدمت جا ڪاريہ ڪندا رهو.

سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌو نگر ٥ ۾ پدم شري ڊاڪٽر ايم.سي. موديءَ جو سنمان ڪيو ويو. پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڊاڪٽر موديءَ کي دشالو پائيندي ۽ آسيس ڪندي چيو ڊاڪٽر مودي بجلي ڊاڪٽر آهي. هن پياري جي هٿ ۾ شفا آهي. هن ديش وديش ۾ هزارن ماڻهن کي نئون نور بخشيو آهي. شل پرماتما ڪيس سٺي صحت ۽ وڏي عمر ڏئي، جو اڃا بہ وڌيڪ خلق جي خدمت ڪندو رهي. ڊاڪٽر ديال آشا ۽ ڀاءُ پهلاج چنچلاڻي پڻ ڊاڪٽر موديءَ جي شيوائن جو ورڻن ڪيو.

ڊاڪٽر موديءَ چيو تہ پوڄنيہ سواميڄن جو هي آشرم آڌياتمڪ اسپتال آهي ۽ پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، آڌياتمڪ ڊاڪٽر آهن جي اندر جي اکين جي آپريشن ڪن ٿا. مان صرف

سنت نہ هوون جڳت ۾، تو جل مرتا سنسار.

پريميو، جنهن جو پربوءَ ۾ وشواس آهي سو آپدائن کان ڊڪي نٿو. سائينءَ وٽان آيل سورن کي سندس سوغاتون سمجهي سويڪار ڪري ٿو. سندس اِهو يقينو رهي ٿو تہ پرم پتا پرماتما ڪڏهن بہ پنهنجي سنتان جو برو نہ ڪندو. هڪ دفعي هڪ انگريز نئون شادي ڪيل جوڙو ساموندي جهاز ۾ سفر ڪري رهيو هو. واٽ تي زبردست طوفان لڳو. جهاز ۾ وينل سڀئي مسافر گهبرائجي ويا، مگر انگريز ڪين گهبرايو. هوُ مسڪرائيندو رهيو. سندس پتني تہ ڊاڍو ڊڪي ويئي. اُن انگريز پنهنجي مياڻ مان تلوار ڪڍي پنهنجي پتنيءَ جي سر تي رکي پڇيو تہ تلوار تنهنجي سر مٿان آهي، ڇا توکي اُن جو ڊپ ٿئي ٿو؟ پتنيءَ وراڻيو ’تلوار توهانجي هٿ ۾ آهي، توهان مون کي ڪيڏو نہ پيار ڪندا آهيو. پوءِ توهان تلوار مونکي ڪيئن هڻندا! انڪري مونکي تلوار جو خوف ڪونهي.‘ پتيءَ چيو تہ جيئن مان توکي پيار ڪريان ٿو، تيئن ڀڳوان بہ اسان کي پيار ڪري ٿو. سو اُهو اسانکي نقصان ڪيئن پهچائيندو! ان ڪري تون آيل طوفان سبب ڊڪ نہ. پربو جيڪي ڪري ٿو، تنهن ۾ اسانجي ڀلائي آهي.

٢٤ نومبر پربات جو پوڄنيہ سواميڄن سيني سنتن سان گڏجي اُتسو جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي هيٺيون ڀڄن ڳايو:

ڀلو ڪجانءِ ڀڳوان، سنگت ساريءَ جو

١) سنگت جو تون آهين سائين، پربو سين جي آس پڄائين،

ڪرتا ڪر ڪلياڻ، سنگت ساريءَ جو.

٢) سدا سنگت کي ڏي تون سمتي، ڪوري ڪڍ تون تنجي ڪمتي،

رهي ڌرم ۾ ڌيان، سنگت ساريءَ جو.

٣) سنگت تنهنجي تون سنگت جو، رنگہ لڳائج رام رنگت جو،

ميلج سڀ اگيان، سنگت ساريءَ جو.

کهي نيئون هي عرض اگهائج، سنتن جو نت ميل ملائج،

وڌي سدا گڻ گيان، سنگت ساريءَ جو.

پريميو، هي امرت جو ويلو آهي. شرڌا سان پربوءَ کي پرارٿنا ڪندا تہ پربو اوس عرض اونائيندو. جهڙو ٻج پوکبو اهڙوئي لڻبو. جيڪڏهن توهان پربوءَ کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿا تہ توهان ٻين کي راضي ڪريو. ڪنهن کي بہ نہ رنجايو. پربوءَ جي موڪ سنتان ٻڪرا ٻڪريون ۽ مرغيون، اُنهن کي مارائي اُنهن جو ماس نہ کائو. شراب جو واهپو بند ڪريو.

١٣ نومبر پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش آشرم گواليار ۾ پڌاريا. اُتي سوامي سروانند سيوا سمتيءَ طرفان آيوجت اکين جي ڪئمپ جو پوڄنيه سواميڄن مهورت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن پياري شنڪرلعل سبناڻي، سريچند پنجواڻي ۽ ٻين شيواڌارين کي اکين جي ڪئمپ آيوجت ڪرڻ لاءِ ڌنيواد ڏني. پوڄنيه سواميڄن سوامي گڻيشانند سان حالي احوالي ٿيا. پوڄنيه سواميڄن ٻه ڏينهن پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ پروچن ڪري، پياسين جي پياس پوري ڪئي.

پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته دل ۾ ديا ڌاريو. ديا کان سواءِ سڌ ٻه ڪاسائي آهي. ديا ڌرم جي جڙ آهي. ديا وارو انسان نرم دل ٿئي ٿو ۽ پريوءَ جي وڌيڪ ويجهو ٿئي ٿو. هڪ ڏينهن گوتم پنهنجي راجائي باغ ۾ سئر ڪري رهيو هو ته سندس پرسان هڪ زخمي هنس ڪري پيو. هن هڪدم اُن هنس کي ڪٽي چاتيءَ سان لڳايو. ڪيس لڳل ٻاڻ ڪڍي سندس زخم صاف ڪيو. اُن هنس کي ٻاڻ هڻندڙ ديودت جڏهن باغ ۾ اچي گوتم کان اُهو هنس گهريو، تڏهن گوتم اُهو هنس ڏيڻ کان انڪار ڪيو. تڏهن ديودت اُن بابت راڄ دربار ۾ شڪايت ڪئي. راڄ دربار ۾ فيصلو گوتم جي فائدي ۾ ٿيو، ڇاڪاڻ ته گوتم هنس جا پراڻ بچايا هئا. جڏهن هنس جو زخم نيڪ ٿيو تڏهن گوتم اُن هنس کي اُڏائي ڇڏيو. گوتم جي دل ۾ ڪيڏي نه ديا هئي! پريميو، جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو. نه صرف مانوَ ماتر تي ديا ڪريو، پر پکين پسن تي ٻه ديا ڪريو. گگدامن کي کهائي هنسا جو کاڌو نه کائو. جهڙو اَن تهڙو من.

١٧ نومبر صبح جو پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش منڊليءَ ۾ ستسنگ پروچن ڪيو.
١٨ نومبر سنت بابا عيدنداس جڳياسيءَ جي ورسي سنڌونگر ٣ ۾ ملهائي ويئي. پوڄنيه ستگرو مهاراجن ان اُتسوَ ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته سنت عيدنداس گهر گرهست ۾ رهندي، نه صرف پاڻ نام جپيو، پر ٻين کي ٻه نام جپايو. اناسڪت ڀاوَ سان جڳت ۾ رهيو. گروڀائيءَ سان سندس ڪيڏو نه پريم هو. هن پريميو، توهين ٻه سنتن جي گڻن جي ساکي جيون ۾ ڌئي مانش ديهه سڦل ڪريو. ڀاءُ دولترام جڳياسيءَ ستگرو مهاراجن جو سواگت ڪيو.

پريم پرڪاش مندر سنڌونگر ٥ جو ويهون وارشڪ اُتسوُ ٢٠ نومبر کان ٢٤ نومبر تائين ملهايو ويو. ٢٠ نومبر صبح جو پوڄنيه ستگرو مهاراجن سڀني سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهيو. منجهند جو ٣ بجي ڀڳوان ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننند مهاراجن جي جهانڪين سان پوڄنيه سواميڄن جي سونهپ هيٺ جلوس نڪتو. پوڄنيه سواميڄن، ٻيا سنت ۽ کي پريمي پياري موٽومل چاندواڻيءَ جي گهر ۾ پڌاريا. شري موٽومل ۽ سندس ساري پريوار سڀني جو سواگت ڪيو. چارئي ڏينهن صبح ۽ شام سنتن مهاتمائن پروچن ڪيو. ٢٣ نومبر صبح جو سنت سماگم رکيو ويو. پوڄنيه سواميڄن سنتن جو سواگت ڪندي چيو ته پريميو، اڄ اسان سڀني جو سڀاڳيه آهي جو گهر ويٺي هيترن سنتن مهاتمائن جو درشن نصيب ٿيو آهي. سنت ستپرکه تتل دلين کي ٺارين ٿا، نام جو سنديش ڏيئي جڳت مان تارين ٿا:

آگ لگي آڪاس ۾، جهر جهر برن انگار،

ستپرڪ اسان کي روحاني رستو ٻڌائين ٿا، پر جڏهن اسين ان راهه ۾ ثابت قدم هلنداسين ته ڪنهن نه ڪنهن سڀاڳي ڏينهن اُتي پهچي وينداسين.

احمدآباد ۾ سنت پرڀارام صاحب جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ۵ ڊسمبر پرڀارام ڪالوني احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي ٽي ڏينهن صبوح ۽ شام جو پوڄنيه سواميڄن جدا جدا وشين تي پروچن ڪري، پريمين جو مارگ درشن ڪيو. ۷ ڊسمبر شام جو پوڄنيه سواميڄن اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو ته سنت پرڀارام توهان جو مٽ مائٽ ڪين هو، تنهن هوندي به توهان هر سال هن ستپرڪ جي ورسي ملهايو ٿا. هن سنساري سنبنڌ ٽوڙي پريوءَ سان نينهن جو ناتو جوڙيو ته اڄ توهين ڪيس ياد ڪريو ٿا. توهين به روز ڪجهه وقت بچائي نام جو سمرڻ ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

گنگا هرتي پاپ ڪو، شش هرتا هئه تاپ،

پاپ تاپ دونو هري، ٽيئون هرڪا جاپ.

گنگا ۾ اشنان ڪرڻ سان پاپ ناس ٿين ٿا. چندرما تپت مٽائي سيتلتا پردان ڪري ٿو، پر هريءَ جو نالو پاپ تاپ سڀ مٽائي ٿو ڇڏي. ان ڪري خوب نام جپيو. ٻاهرين ڪريا به شڌ هجي ته اندرين ڪرپا به شڌ هئڻ گهرجي. اسان جي من تي جنم جنمن جي ميل چڙهيل آهي. سا سٿري دور ڪين ٿيندي. جڏهن نام سان نينهن لڳائيندءِ، تڏهن ڌيري ڌيري توهان جو اندر اوجل ٿيندو ويندو.

بنا نالي نام جي، اندر اڃو نه ٿئي.

پنهنجي سرير کي صاف ڪرڻ لاءِ توهان قسمين قسمين صابڻ استعمال ڪريو ٿا. شرير جي سونهن وڌائڻ لاءِ ٻاهرين نقلي ساڌنن جو پريوگ ڪريو ٿا، پر من جي ميل نوارڻ لاءِ ڪو يتن ڪين ٿا ڪريو. جيئن جيئن توهان نام جپيندا، گرو منتر جو اڀياس ڪندا ته توهان جو انتهڪرڻ شڌ ٿيندو ويندو. هڪ سڀاڳي ڏينهن توهان کي آتم ساڪياتڪار ٿيندو. جنهن اشٽ جو توهان ڌيان ڪريو ٿا، جاپ جپيو ٿا، اُهو توهانکي درشن ڏيندو. پياري پرڪاش ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد آهي، جو هو هر سال سنت پرڀارام صاحب جو ورسي اُتسوَ ملهائين ٿا.

۹ ڊسمبر ڪار ۾ بمبئيءَ ۾ روهڙا برادر منڊل جي وارشڪ ميٽنگ رکي ويئي. شروع ۾ پياري موهنلعل روهڙا، پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪندي روهڙا برادر منڊل جي ڪاريه تي روشني وڌي. پوڄنيه سواميڄن آشيرواد ڪندي چيو ته پاڻ ۾ ميل ميلاپ محبت سان رهو. وڏن جي عزت ڪريو ته ڀڳوان توهانجي عزت ڪندو. ڏيتي ليتيءَ جي رسم گهٽايو. منڍيءَ جي رسم بنهه بند ڪريو. اجايو اڊمبر جاتيءَ کي نقصان پهچائيندو. طلاق مهاپاپ آهي. اڄڪلهه طلاق ڏيڻ سولي ڳالهه ٿي پيئي آهي. ڀڳوان جو ڊپ ڪين آهي. اهڙي پاپ ڪرم کان پڻ پاسو ڪريو. روهڙا برادر منڊل طرفان ڪي نه ڪي خلق خدمت جا ڪم به ڪريو ته ڀڳوان توهانکي وڌائيندو.

مٿيون مائٽيون ڪري ٽوڙيو نه، طلاق ڪي طلاق ڏيو. اجايا اڻڱا خرچ نه ڪريو. اُها مايا ٻچائي دکين دريدرن جي خدمت خرچ ڪريو. پنهنجا سواس نام سمرڻ ۾ سڦل ڪريو ته توهان تي پرماتما اوس پرسن ٿيندو ۽ گروءَ جي ڪرپا جا پاتر بڻجندا. داس جيڪي آهي سو پريوءَ جي ڪرپا ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن جي ديا درشٽيءَ سان. گروءَ جي ڪرپا جيو کي نئون ڄمائي ٿي.

سنت اوڌوداس برهمچاريءَ ٻڙودا ۾ گيتا گيان يگيه آيوجت ڪيو. ان اتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ٢٨ نومبر ٻڙودا ۾ پڌاريا. سنت اوڌوداس ۽ پياري پرتاب رامچنداڻيءَ پوجنيه سواميڄن جو هاردڪ سواگت ڪيو. پوجنيه سواميڄن ٽي ڏينهن شريمد ڀڳوت گيتا جي جدا جدا وشين تي وياکيان ڪندي چيو ته شريمد ڀڳوت گيتا ڀڳوان شري ڪرشن جي مکاروند جي واڻي آهي. ڀڳوان شري ڪرشن ڪيئن نه صرف شري ارجن لاءِ آهي، پر مانو ماتر لاءِ آهي. شريمد ڀڳوت گيتا امولي امر گرنٿ آهي، جو وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ اسان جو اڄ به مارگه درشن ڪري ٿو ۽ ڪندو رهندو. شريمد ڀڳوت گيتا جي شلوڪن پڙهڻ سان به آنند اچي ٿو. اهڙي امولي شاستر جو اڀياس ڪريو ۽ اُن جي سڌانتن انوسار هلڻ جو يتن ڪريو.

پريميو، ڊاڪٽر جي منهن ڏسڻ سان روڳه نه ويندو. جڏهن ڊاڪٽر جي ڏنل دوا پيئبي ۽ ڪري ڪبي، تڏهن ئي مرض کان مڪت ٿبو. صرف دوا پيئجي ۽ پرهيز نه ڪجي ته اُن دوا مان پورو فائدو ڪين ٿيندو. نام روپي اوشڌي پيئڻ سان گڏ من ۾ سنتوش، وئراڳه، پريما ڀڳتي هوندي، وڪارن کان ڪنارو ڪبو ته نام روپي دوا سان دک درد ته دور ٿيندو، پر ساڻ ساڻ آتمڪ شڪتي به وڌندي. سنت آهن ڊاڪٽر. اُنهن جي ڏنل دوا ارٿات وچن صرف ٻڌبا ته کهڙو فائدو؟ انهن وچنن تي عمل ڪبو ته پڪ ئي پڪ دنيوي دکن کان ڇٽي پئبو. انڪري سنتن جي وچنن ۾، واڻيءَ ۾ ويساه رکي اُنهن وچنن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏيو.

اجمير گيتا مندر ۾ شري گيتا جينتي اُتسوَ ملهايو ويو. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ١ ڊسمبر اجمير ۾ پڌاريا. پوجنيه سواميڄن ٽي ڏينهن گيتا مندر ۾ ستسنگه پروچن ڪري، پريمين جي پياس پوري ڪئي. اُتسوَ جي سماپتيءَ ڏينهن پوجنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته پياري پنڊت سيتلداس هٿ شري گيتا جينتي اُتسوَ ملهائڻ آرنڀ ڪيو. هن وقت سندس پٽني ۽ پٽر ساڳيو نيم نڀائيندا رهن ٿا، ان لاءِ ڪين ڌنيواد آهي. توهان کي جدا جدا سنتن مهاتمائن جي مکاروند مان وچنن روپي موتي چڱڻ جو موقعو مليو ٿو. توهين ڀاڳيشالي آهيو، جو گهر ويٺي توهان جي شهر ۾ گيان جي گنگا پرواهت ٿئي ٿي. ان گيان جي گنگا ۾ ٽٻي هڻي جيون سڦل ڪريو. سنت توهان کي ست مارگه ٻڌائڻ اچن ٿا، پنڌ ته توهان کي ڪرڻو آهي. بنا پنڌ ڪئي توهان منزل تي ڪين پهچي سگهندا. پنڌ ته توهان کي ڪرڻو آهي. بنا پنڌ ڪئي توهان منزل تي ڪين پهچي سگهندا. رستن تي بورڊ لڳل هوندا آهن، اُهي بورڊ رستو ٻڌائيندا آهن. ڪو راهگير ڪنهن طرف ويندڙ بورڊ پرسان صرف بيهي رهي يا بورڊ مٿان ويهي رهي ته هو پنهنجي منزل تي پهچي ڪين سگهندو. سنت

٢٤ ڊسمبر نماشام جو آشرم ۾ پوڄنيہ سواميڄن جي زير صدارت ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. شري آسنداس پيرواڻيءَ، پرسرام ڪانگريسيءَ، ديال آشا ۽ گوتم شڪارپوريءَ ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي جيون ڪاريہ تي روشني وڌي. پوڄنيہ سواميڄن وياکيان ڪندي چيو تہ ڊاڪٽر چوئٿرام سنڌين جو گجندڙ شير هو. آجيون برهمچاري رهي هن ديش ۽ جاتيءَ جي نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪئي. ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ جيلن ۾ ويو ۽ جنتا ۾ جاڳرتا آندائين. ورهاڱي کان پوءِ سنڌين کي، ڇڏي آيل ملڪيتن جو ڪجهہ عيوضو هن صاحب جي پرشارٿ سان مليو. اڄ سنڌي جاتيءَ کي اهڙي نڌر نشڪام شيوڪ جي سخت ضرورت آهي.

پيڙ پشپا هر سال جيان پنهنجي مندر، ڪبيرنگر احمدآباد ۾، پنهنجي گرديو سوامي بسنترام مهاراجن جو جنمدن اُتسوُ ٢٧ ڊسمبر کان ٣٠ ڊسمبر آيوجت ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن ان اُتسوُ سنبنڌ ۾ ٢٨ ڊسمبر احمدآباد ۾ پڌاريا. پيڙ شوڀا پوڄنيہ سواميڄن جو سواڳت ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سوامي بسنترام مهاراج اسانجي پريم پرڪاش منڊل جي مهان مورتي هئا. وڏا ودوان هئا، سنت ڪوي هئا. ڪيئن نہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي سنگہ ۾ اچي پاڻ بہ سچا سنت ٿي پيا. هزارن لوڪن کي رام جي راهہ ۾ آندائون. توهين بہ سنڌن سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. سنت سدائين اجر امر آهن. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

امر ديش ۾ سنت جن، نت هي ڪرت نواس،

ڪهہ ٽيئون ڪرتي نهين، ڪال ڪرم جهہ واس.

هڪ هڪ سنت ستپرکہ پاڻ سان پربوءَ جو پيغام کڻي ٿو اچي. پر اسان مان ڪي ٿورا سنتن جو سنديش سڄي اپنايون ٿا، باقي گهڻا پيارا هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏين ٿا. مايا جو وڏو اثر آهي.

مايا ڪارڻ ڌاوئي، مورک لوڳہ اجان،

ڪهہ نانڪ سن ري منا، ڪيون نہ ڀجي ڀڳوان.

شري گرو تيغ بهادر مهاراج پڻ نائين محلي جي سلوڪن ۾ فرمائين ٿا تہ اگياني جيو رات ڏينهن چوراسيءَ جي چڪر ۾ آهن، انهن کان پربو وسري ويو آهي. سنت اچن ٿا اسانکي پربوءَ جي يادگيري ڏيارڻ. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

اُدر ڀرن کي ڪارني، ڀڪت ڪانهہ اجان،

تياڳي چنتا پيٽ کي، سمرو شري ڀڳوان.

پيٽ ڀرڻ جو ڪين آهي. دنيوي اپائون پوريون ٿيڻ جون ڪين آهن. هڪ نام جو چنتن ڪريو تہ توهان کي سچي سکہ جي پراپتي ٿيندي.

۱۵ ڊسمبر ڇنڇر ڏينهن شام جو جنتا جناردن پرشد جي سهاري سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم، سنڌونگر ۵ ۾ ساموهڪ شادين جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄنيه سواميڄن جوڙن کي آشيرواد ڪندي چيو ته گهر ۾ وڏن سان ادب سان هلندا ته انهن جي آسيس توهانکي اڏيندي. هڪ ٻئي سان ميلاپ محبت سان هلڻ ۾ گهر جو ايڪو رهندو. شادي معنيٰ خوشي. توهان به خوش رهو ۽ ٻين کي به خوش رکو. جيڪڏهن مانس مڇي کائيندڙ آهيو ته اڄ کان اهڙي هنسڪ کاڌي جو تياڳ ڪريو. پکي پسون پرڀوءَ جي اولاد آهن. انهنکي به سکي ڪريو. پياري ديال آشا کي ڌنيواد آهي جو هر سال ساموهڪ شادين جو آيوجن ڪري ٿو.

جنتا جناردن پريشد طرفان سيني جوڙن کي ڏاجو ڏنو ويو. جنتا جناردن پريشد طرفان ۲۰-۲۱-۲۲ ڊسمبر سوامي ٽيئونرام ڌرمشالا، سنڌونگر ۵ ۾ ڀاءُ دليپ ڀالومل جتواڻيءَ جي سهيوگ سان قدرتي علاج ڪئمپ لڳائي ويئي. ۲۰ ڊسمبر صبوح جو پوڄنيه سواميڄن ان ڪئمپ جو مهورت ڪندي چيو ته قدرتي علاج دواران ڪيترن ئي بيمارين کان ڇوٽڪارو پائي سگهجي ٿو. انگريزي دوائن جي خاص پرتيڪريا ٿئي ٿي. پر قدرتي علاج دواران ڪوبه نقصان ڪين ٿئي ٿو ۽ بنا خرچ جي فائدو ٿئي ٿو. جيترو اسين قدرت جي ويجهو ايندا سين، اوترو پاڻ کي سکي سمجهنداسين. صاف پاڻي، صاف هوا به صحت کي نيڪ رکن ٿا. ڪاڌو ساتوڪ کائيندا ته توهان جي صحت نهندي. پياري آسنداس ڀيرواڻيءَ، ڊاڪٽر منگهرملاڻيءَ ۽ ٻين ڊاڪٽرن کي ڌنيواد آهي جي اڄ کان ٽي ڏينهن بيمارن جو نشڪام ڀاونا سان علاج ڪندا ۽ سندن شيوا ڪندا.

۲۲ ڊسمبر پوڄنيه سواميڄن ڪانديولي بمبئيءَ ۾ ستسنگ ڪندي چيو:

ڌول ڌرم ديا ڪا پوت.

ڌرم روپي بيل ديا جو پٽ آهي. ڌرم روپي بيل جي آڌار تي هيءَ ڌرتي بيٺي آهي. ان ڪري دل ۾ ديا ڌاريو. جتي لوڀ اُتي قياس ۽ ديا نه ٽڪيندي آهي. لوڀي ماڻهو صرف پنهنجو سوارٿ ساڌڻ ۾ مگن هوندو آهي. ’مروان موت ملوڪان شڪار.‘ پريميو، ائين نه ڪريو. توهان ٻين تي ديا ڪندا ته پريو توهان تي ديا ڪندو. هڪڙا ڏهه درويش ڀڳوان وٽ آيا. نمسڪار ڪري ويهي رهيا. ڀڳوان پڇين ’پيارا، توهين ڪيئن آيا آهيو؟‘ درويشن چيو ’سائين، توهان کان دعا ۽ ديا پنڻ آيا آهيون.‘ ڀڳوان چيو ’پيارا، مون وٽ ديا ۽ دعا جون ڳوٿيون ڀريل آهن، ڪا کوٽ ڪونهي. سڄو سنسار ديا جي آڌار تي هلي ٿو. ديا اُن تي ٽڪيندي، جنهن ٻين تي ديا ڪئي هوندي. توهان ڪڏهن ٻين تي ديا ڪئي آهي؟ درويش ڀڳوان جو جواب ٻڌي چپ ٿي ويا ۽ ڪجهه وقت بعد چيائون ’سائين، اسان اوهانجي خوب بندگي ڪئي آهي.‘ ڀڳوان مشڪندي چيو ته توهان کي اُن جو ڦل اوس ملندو. پر جهڙي شيءِ پوکبي آهي، تهڙي موٽ ۾ ملندي آهي. بندگي تمام سٺي، پر اُن سان گڏ پر اُپڪار جا ڪم ڪريو. دکين دريدرن، پکين پسن تي ديا ڪري اُنهن جي شيوا ڪريو ته توهان تي به ديا جا بادل وسندا. پريميو، توهان به جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو.

ڏيان ڪرڻ سان ۽ سندن منتر اُچاريل جل پيئڻ سان پياري لعل ڀاڳ کي تندرست محسوس ڪيو. هنؤ سواميڄن تان ٻلهار وڃڻ لڳو.

٣ جنوري ١٩٩١ صبوح جو ١١ بجي پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ايچ. اي. بي. سنڌ هاءِ اسڪول ناسڪ ۾ پڌاريا. سوَن وديارٿين سواميڄن جو سواڳت ڪندي شري ست نام ساکيءَ جي ڌني هئين. پرنسيپال پدما شهاڻيءَ سواميڄن جي آجيان ڪندي سندن پراُپڪاري ۽ ڪرم يوڳي جيون جو ورڻن ڪيو. ناسڪ سنڌي شڪشڻ منڊل جي پريزيڊنٽ شري سندرداس راڄپال سواميڄن ۽ ديال آشا کي دشالا ڀيٽ ڪندي چيو ته اڄ اسانجا سؤڀاڳيه آهن جو سواميڄن اسانجا مالڪ هت پڌاريا آهن. سندن آسيس ۽ يوڳدان سان اسان وديارٿين لاءِ بس خريد ڪئي آهي. پوڄنيه سواميڄن بس جو مهورت ڪيو. سواميڄن وياکيان ڪندي چيو ته وديارٿين ۾ سٺا سنسڪار وجهو، جيئن هوُ ماتا پتا اُستاد ۽ وڏڙن جي عزت ڪن ۽ سندن آگيا ۾ هلن. هڪ دفعي مهاتما گانڌيءَ جو ڪاريه ڪرم هو. هن کي منچ تي براجمان ٿيڻ لاءِ وينتي ڪئي ويئي. اُن وقت هن جي نظر هيٺ پنهنجي پرائمري اڌياپڪ تي پيئي. هن هڪدم پنهنجي اُستاد کي پرڻام ڪري ڀاڳ سان گڏ منچ تي ويهاريو. درشڪ عجب کائڻ لڳا. گانڌيجيءَ کي پنهنجي اُستادن لاءِ ايڏي عزت هوندي هئي. توهان به اُستادن جي عزت ڪريو. پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون، اڄ توهان کي خاص اپيل ڪريان ٿو ته ٻلي ٻيون ٻوليون سکو، پر پهرين پنهنجي ماتر ڀاشا سکو. پسن پکين کي پنهنجي ٻولي پياري هوندي آهي. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ کي نه وساريو. ڊاڪٽر ديال آشا پڻ سکياداڻڪ وياکيان ڏنو. پوڄنيه سواميڄن طرفان اسڪول جي سيني وديارٿين کي بال پينيون سوکڙيءَ طور ڏنيون ويئون. ڪاريه ڪرم جو آيوڄن ڀاءُ ميارام ڪڪريڄا 'درد' ڪيو. ٣ جنوري رات جو سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

٤ جنوري شام جو پوڄنيه سوامي جن ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ پڌاريا. اُتي بيڪري پئنچات هر سال جيان شري گروگرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ صاحب رکايو ۽ سوامي جن جي ستسنگ جو آيوڄن ڪيو. ڀاءُ لڇمڻداس پنجواڻيءَ ۽ ٻين پريمين سوامي جن جو سواڳت ڪيو. رات جو سوامي جن ستسنگ ڪندي چيو ته توهان کي دنيوي پدارٿن ۾ موهه آهه. موهه جي بدران پريوءَ لاءِ سيني ۾ سڪ رکو. ڀڳوت پريم کان سواءِ جيون ويرٿ آهي.

ڀڳوان کي پيار واريون دليون کپن، توهانجي پريما ڀڳتي جا ڳوڙها پريو قبول ڪندو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڌن وديا گڻ روپ بل ڀاوت نا ڀڳوان،

ٽيئون هرڪو ڀاوهين، پريم ايڪ پرڌان.

ڀڳتياڻي ميران جي ڪيرتي ٻڌي اڪبر بادشاهه لباس بدلائي تانسين سان گڏ ميواڙ ۾ ميران جي درشن لاءِ آيو. ميران اُن وقت رڻڇور جي مندر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جا گيت ڳائي رهي هئي. سندس ڳائڻ ۾ ڪيڏو نه تاثير هو، سوز هو، درد هو، هن لوڪن

٣١ ڊسمبر صبوح جو ٧ بجي پوڄنيه سواميڄن هري ڪيرتن دربار ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پياري ريواچند ڪيسواڻي پياري ساڌورام ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد آهي جيڪي هن مندر جي دل ۽ جان سان شيوا ڪندا رهن ٿا. اڄ هڪ نئين هال جي ڀومي پوڄا لاءِ داس کي گهرايو ويو آهي. توهين پريوءَ جا سندر آسڻ نهرائيندءَ، ڌرمشالائون نهرائيندءَ ته پريو وري توهان جا سندر مڪان اڏائيندو. هڙن شيوا ڪارين ۾ دل کولي دان ڪجي. توهان وڏڀاڳي آهيو جو هن مندر ۾ امرت ويلي کان نام ڪيرتن ٿئي ٿو. ان نام نديءَ ۾ نت نيم سان اشنان ڪندا ته توهانجي جنم جنم جا پاپ ناس ٿيندا. نام جي مهما ڳائيندي ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪام ڏين ار ڪلپترو، چنتامڻ هري نام،

ڪه ٽيئون جنه سيوتي، پورڻ هووي ڪام.

شري گرونانڪ ديو مهاراج اوتاري پرش هوندي به ڪيڏو نه نام جپيندا هئا ۽ ٻين کي به نام جپائيندا هئا. توهان به خود نام جپيو ته توهانجا ڪم راس ٿيندا. توهان هت ياترين جي سهوليت لاءِ، شادي غميءَ جي ڪارين لاءِ، اڄ هڪ نئين هال نهرائڻ جي يوجنا ڪئي آهي، ان لاءِ توهان کي ڌنيواد آهي. پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن بعد نئين هال جي ڀومي پوڄا ڪرائي.

سوامي جن وٽ ڪيترا ساريرڪ بيمار به ايندا هئا جن کي سوامي جن سؤلا ڏس ڏيئي سندن دک دور ڪندا هئا. نوجوان اجيت ماڌوداس اڄڙا کي السر جي تڪليف ٿي پيئي. سنڌونگر جا ڪيترا ڊاڪٽر ۽ حڪيم ڀيٽيائين. جسلوڪ مان به علاج ڪرايائين پر دوائن سان دک دور نه ٿيو. آخر هي پيارو پرم پوڄنيه سوامي جن وٽ آيو ۽ پنهنجي السر جي تڪليف جو احوال ڏنائين. سنت ديالو، پوڄنيه سواميڄن کيس آٿت ڏيندي چيو ته پيارا گهبراءِ نه. روز صبوح جو نيراني ۵-۷ داڻا ڪارن مرچن جا وات ۾ چٻاڙي مٿان ٿورو ننهن سوسڙو پاڻي پيئندو ڪر ته ڀڳوان ڀلي ڪندو. پياري اجيت سواميڄن جي ڏنل ڏس تي عمل ڪيو. ٿوري عرصي ۾ ئي کيس السر کان ڇوٽڪارو مليو. السر اهڙي گندي بيماري آهي جو ڪڏهن ڪڏهن آپريشن به ڪرائڻي پوندي آهي. سنت ڳجهه ۾ ڳنڍيندا آهن.

پيارو لعل بخترام بوجنيه سواميڄن جو پرم ڀڳت آهي. گهر گرهست ۾ رهندي سندس وئراڳ ورتي هوندي آهي. سندس گهر کان ٻاهر هڪ ڪٽيا نهيل آهي، جت پنهنجو سميه ايڪانت ۽ نام چنتن ۾ گذاريندو آهي. هڪ ڏينهن هي پيارو منجهند جو ڀوڄن ڪٽي پنهنجي ڪٽيا ۾ ويو. سندس اهو نيم آهي ته ڪلاڪ کن نام چنتن ڪري پوءِ ئي ڀوڄن ورتائيندو آهي. اُن ڏينهن جيئن ئي هي پيارو ڀوڄن ورتائڻ لاءِ اُٿيو ته اوچتو ئي سندس حالت نازڪ ٿي ويئي ۽ ائين محسوس ڪيائين ته ساهه مٺ ۾ آهي ۽ جلدي هلڻ وارو آهي. ڪٽيا ۾ اڪيلو هو، ڪنهن کي سڏ به ته نٿي ڪري سگهيو، اُن وقت ڀرسان رکيل مٽڪيءَ مان همٿ ٻڌي هن پوڄنيه سواميڄن جو ڌيان ڪري 'ست نام ساکي،' 'جئه شري ڪرشن' چئي اُهو جل پيتو. ڄڻ اها آگيا اُن وقت کيس سواميڄن ڪري رهيا هئا. پوڄنيه سواميڄن جي

ٿا. ڀڳت دنيوي پدارٿن کي ڇا ڪندا! جن آتمڪ آنند پراپت ڪيو سي سنساري وستن کي ڇا ڪندا! پريميو، پر نندا کان پاسو ڪريو، توهان ٻين جي ڳالهين ۾ ٽنگ نہ اڙايو. خوب نام جپيو ۽ ٻين سان ڀلائيءَ جا پير ڀريو.

١٢ جنوري پوجنيہ سواميجن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش منڊل جي سنتن سان حالي احوالي ٿيا. پوجنيہ سواميجن صبح ۽ شام ستسنگہ ورڪا ڪئي. پوجنيہ سواميجن اُپديش ڪندي چيو تہ ٻاهر سنسار ۾ ڪيترا ٻہ چنڊ تارا سج اُڀرن پر اندر جي اونده دور ڪين ٿيندي. پريميو، پنهنجي من مندر ۾ گيان جو ڏيئو ٻارڻ سان ئي اندر جي اونده ارٿات اگيان اُڏامي ويندو. پنهنجي سچي سوروپ جي ڄاڻ پوندي. ماڻهو گهر ۾ ٻهاري نہ پائي ۽ روڊ تي صفائي ڪري، اُهو مورکہ چئبو. گهر صاف سٿرو هوندو تہ اُن ۾ رهڻ ۾ آنند ايندو. تيئن من جي اوديا کي ٻاٽيءَ دواران صاف ڪريو. گرو ئي گيان جو داتا آهي. گرو ئي توهان کي ست مارگہ ٻڌائيندو، سچ ۽ ڪچ جي سوجهي ڏيندو. انڪري گرو مهاراج فرمائين ٿا:

گر بن رنگہ نہ لاگهين، گر بن گيان نہ هويہ،

ڪه ٽيئون ستگر بنا، مڪت نہ پاوي ڪويہ.

پريميو، گرو منتر جو خوب ابياس ڪريو، ابياس ڪندي ڪندي ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن توهانجي ورتي پريوءَ سان جڙندي. پريوءَ کي وري وري پرارٿنا ڪريو:

اندر راج وئنڪٺ سکہ، نهين مانگو ڌن ڌام،

ڪه ٽيئون مجھ ديجئي، هي هر اپنا نام.

١٨ جنوري صبح جو ساڍي ١٠ بجي ساوتري ٻائي ڦلي ٻال مندر ۽ پراٿمڪ شالا جي يومي پوڄا جو اُتسؤ سوامي ٽيئونرام ڌرمشالا سنڌونگر ۵ ۾ رکيو ويو. پوجنيہ سواميجن اُتسؤ جا مکيہ مهمان هئا. پوجنيہ سواميجن آشيرواد ڪندي اڌياپڪن ۽ وديا مندر جي ڪاريہ ڪرتائن کي چيو تہ ٻار سڌريا تہ ملڪ سڌريو. انڪري ٻارن ۾ سٺا سنسڪار وجهو. اُنهنجي تعليمي، شاريرڪ ۽ مانسڪ وڪاس ڌانهن ڌيان ڏيندا تہ هو اڳتي هلي نيڪ ناگرڪ بڻبا ۽ توهانجي سيوا بہ سڦلي ٿيندي.

٢٢ جنوري پوجنيہ سواميجن ناگپور ۾ پڌاريا. اُتي شام جو پوجنيہ سواميجن ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنساري سنبنڌي سوارٿ جا آهن. پر سنت ستگرو ۽ پرماتما توهانجا سچا ساٿي آهن. اِهي توهانجي ٻنهي لوڪن ۾ رکشا ڪندا. موه جي وس توهين ڪيڏا نہ ڪشٽ سهو ٿا، پريوار جي پالنا ڇو نہ ڪجي. پنهنجو پنهنجو ڪرتويہ پالجي، پر ڪٽنبين لاءِ ڪوڙ جي ڪمائي نہ ڪجي. ٺڳيون نہ ڪجن. جڳت ۾ اناسڪت ڀاوَ سان رهي نام چنتن ڪجي. نشڪام ڀاونا سان دکين دريدرن گهرجائن جي شيوا ڪجي. ستگرو مهاراج بہ سکيا ڏين ٿا تہ سنتن ستگرن ۽ پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيو. دنيوي موه جا ٻنڌن ٽوڙيو.

لاءِ ڪين ٿي ڳايو. هن تہ شيام سندر مرلي منوهر کي پرسن ڪرڻ لاءِ ٿي ڳايو. اڪبر بادشاهہ هنجي پريما ڀڳتي ڏسي ڏاڍو متاثر ٿي واپس وريو. جڏهن اها خبر راڻا وڪرماجيت کي پوي ٿي، تڏهن هو ميران کي ڏاڍي ڳري سزا ڏئي ٿو. پياري ميران ڪيئن نہ صبر سان سزا سهي ٿي، شري ڪرشن جي پريم جي صدقي. پياري ميران جو کهڙو ڏوهہ! هوءَ تہ پريم ۾ مگن ٿي پريوءَ کي ريجهائيندي هئي. اڪين ۾ آب آڻي سڏڪن سان شري ڪرشن کي پڪاريندي هئي. پريوءَ جي پيارن ڪيترو نہ سنو آهي. ميران جو من ڏاڍو وياڪل ۽ اُداس ٿي پيو. هوءَ انڪري ميواڙ جا محل ڇڏي ميڙتا ۾ ڪجهہ وقت رهي پوءِ ڀڳوان شري ڪرشن جي برج ڀومي ۽ ٻين تيرٿن ڏانهن راهي ٿئي ٿي. ياترا ڪندي ڪيئن نہ منڙا ڀڄن ڳائي ٿي:

چلو من گنگا يمنا تير،

گنگا يمنا نرمل پاني سيتل هوت سرير.

بنسي بجاوت گاوت ڪانهہ سنگہ ليئي بلبير،

مور مڪٽ پيتامبر سو هئہ، ڪنڊل جهلڪت هير،

ميران ڪي پريو گرڌر ناگر چرڻ ڪمل پئہ سير.

پريميو، توهان کي ڏنيواد جو هر سال ستسنگہ يگيہ جو آيوجن ڪريو ٿا. ستسنگہ جي مراد ئي آهي نام جپڻ. من جي ورتي مالڪ سان جوڙڻ ۽ ست ڪرم ڪرڻ.

۷ جنوري پوجنيہ سواميجن پريم پرڪاش مندر اندور ۾ پڌاريا اُتي پوجنيہ سواميجن چار ڏينهن امرت ورڪا ڪئي. پوجنيہ سواميجن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ ڪنهن بہ سنت مهاتما جي گلا نہ ڪريو.

سنت ڪي نندا نانڪا، بهر بهر اوتار.

راجا ڪلشيکر ڌرمشٽ ۽ ڀڳت راجا هو. هڪ دفعي سندس خزاني مان هڪ امولہ هيرو غائب ٿي ويو. منترين هيرو غائب ٿيڻ جي تهمت راجا ڪلشيکر وٽ ايندڙ سنتن تي مڙهي تہ شايد ڪو سنت اِهو هيرو کڻي ويو آهي. ڪلشيکر اهو ٻڌي پنهنجي وزيرن ۽ ٻين نوڪرن کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ کين چيو تہ سنت توهانجي هيرن جواهرن کي ڇا ڪندا! ڪلشيکر هڪ زهريلو نانگہ هڪ پنڊيءَ ۾ گهرائي وزيرن ۽ نوڪرن کي چيو تہ توهان مان جيڪو هيري کڻڻ جي جا تهمت سنتن تي لڳائي ٿو اُهو هن نانگہ واريءَ پنڊيءَ ۾ هٿ وجهي. جيڪڏهن اُها تهمت برابر هوندي تہ نانگہ کيس ڪين ڏنگيندو، جي تهمت ڪوڙي هوندي تہ نانگہ اُن کي ڏنگيندو. سڀئي وزير ۽ نوڪر ڏڪي ويا. راجا ڪلشيکر پاڻ اُن نانگہ واري پنڊيءَ ۾ هٿ وڌو. نانگہ جيئن جو تيئن ويلو رهيو، نانگہ ڪلشيکر کي سپرش بہ نہ ڪيو. اهو ڏسي وينل وزير ۽ نوڪر دنگہ رهجي ويا. ڪلشيکر انهن کي سمجهائيندي چيو تہ جيڪي سنتن ستپرشن جي نندا ڪن ٿا يا اُنهن تي ڪوڙيون تهمتون هڻن ٿا، سي پاڻ کي پاپ جا ڀاڱي بڻائين

٢٦ جنوري پوڄنيه سواميڄن گونديا ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش مندر ۾ پوڄنيه سواميڄن ٻه ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ٢٨ جنوري پوڄنيه سواميڄن ڀاٽا پاڙا ۾ پڌاريا. اُتي ماتا سمجهه ٻائيءَ جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٽي ڏينهن جدا جدا وشين تي پروچن ڪيو. ڪيترن پريمين پوڄنيه سواميڄن کان نام دان ورتو. پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄڪلهه توهان کي جلدي نام جو دان ملي ٿو. اڳي گرو، سادڪن کان پريکشا وٺي پوءِ مٿن ديا درشٽي ڪندا هئا. سادڪ سالن جا سالن ستگروءَ جي در تي شيوا ڪندا هئا، آزيون نيزاريون ڪندا هئا، تڏهن مرشد جي در قبول پوندا هئا. توهان نت نيم ستگرن کي پرارٿنا ڪريو:

تم بن ستگر ديو مجهه اور نهين هئہ نور،

چرن شرن ۾ راکہ لي، سن ونتي يهه مور.

پريميو، توهان ٻہ ستگرن ۽ پريوءَ ۾ پورڻ وشواس رکي خوب نام جپيو. ماتا سمجهه ٻائي توهانجي ڪا مائٽياڻي ڪين هئي، پر هر سال توهان صدق سان سندس هي ورسي اُتسوَ ملهايو ٿا. ڇاڪاڻ تہ هن ماتا پنهنجي جيون ۾ سمرڻ جي ساکي ڏني. ڪيئن نہ هيءَ پريوءَ جي پياري، پريما ڀڳتيءَ وچان ڀڄن ڳائيندي هئي. پنهنجي پريتم کي پرچائيندي هئي. توهانکي نام جپائيندي هئي. توهين ٻہ نت نيم هت ستسنگہ ۾ اچي خوب نام جپيو. ستگرو مهاراج ٻہ سکيا ڏين ٿا:

ڪلي ڪال ۾ ڪلن هئہ، يوگہ يڳي تپ ڏيان،

ساڌ سنگہ هري نام سي، ٿيئون هو ڪليان.

پريميو، ڪلجڳہ ۾ توهان کان ڪلن تپسيا ٿي نہ سگهندي. گهر گرهست ۾ رهي سنتن جو سنگہ ڪري نام جپيو. ست ڪرم ڪريو تہ توهانجي سنساري ياترا سڦل ٿئي.

٣١ جنوري کان ٣ فيبروري پوڄنيه سواميڄن سنڌو نگر آشرم ۾ صبوح شام ستسنگہ پروچن ڪيو. ۴ فيبروريءَ کان ٦ فيبروري پونا ۾ سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي اُتسوَ جو آيوجن ڪيو ويو. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ۴ فيبروري پونا ۾ پڌاريا ۽ اُتي سوامي چندن پرڪاش سوامي ٽيئونرام مندر ۾ ٽي ڏينهن صبوح شام ستسنگہ پروچن ڪيائون. پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو تہ سوامي چندن پرڪاش اسانجي پريم پرڪاش منڊل جو مکيہ سنت هو. ڪيئن نہ ننڍپڻ ۾ ئي هن جي دل ۾ وئراڳہ ورتي پيدا ٿي ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي شرڻ ۾ آيو. ٽنڊي آدم ۾ ڊب تي هن پياري ڪيئن نہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراجن ۽ سنگت جي شيوا ڪئي ۽ نام جپيو. ستگرو مهاراجن مٿس ديا درشٽي ڪري لعلون لعل ڪري ڇڏيو.

ستگر بادل برسيا، اپني ڪرپا ڌار،

ڪهہ ٽيئون هر تاپ ڪو، دينا سوکہ اپار.

سنت گرو پرماتما، ساچي سنگي جان،

ڪه نيئون ان تين سي، ڪرلي پريم سجان.

اوتاري پرش ۽ ڪيترا سنت سدگرهستي ٿي رهيا. پر سندن ورتي نام سان جڙيل هئي. جڳت ۾ نرليپ رهيا. اڄ شريمد ڀڳوت گيتا جي هيءَ سکيا پاڻ سان ڪٺي وڃو. 'سنسار ۾ رهو، پر سنسار جا ٿي نه رهو.

٢٤ جنوري پوڄنيه سواميڄن ڪامليءَ ۾ امرت ورکا ڪئي. ٢٥ جنوري صبح جو پياري کوبچند ٻجاج مهاتما گانڌي اسڪول ۾ پوڄنيه سواميڄن جو سنمان اُتسوَ آيوجت ڪيو. ڪيترن ئي پريمين پوڄنيه سواميڄن کي ڦول مالهائون ڀيٽ ڪيون. پرنسيپال ٻجاج اسڪول جي ڪاريه تي روشني وجهندي چيو ته سنسٿا طرفان هڪ شاهي هال نهرائڻ جي يوجنا آهي. پوڄنيه سواميڄن آسيس ڪن، جيئن اُهو ڪاريه سڦل ٿئي. ڊاڪٽر ديال آشا پوڄنيه سواميڄن جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته پوڄنيه سواميڄن هن وديا مندر لاءِ پنجويهه هزار روپيا دان ڏين ٿا. ٻائرن ۽ ڀينرن کي داس اپيل ٿو ڪري ته اڄ هن وديا مندر جي نئين هال جي نرماڻ لاءِ دل کولي دان ڪن. اسڪول جي وديارٿين سندر سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪيو.

پوڄنيه سواميڄن وديارٿين کي انعام ڏيندي اُپديش ڪيو ته توهانجو هي وديا مندر هڪ آدرشي وديالیه آهي. توهين پنهنجي اُستادن جي عزت ڪريو. اُنهن جي آگيا ۾ رهو ته وڏيڪ اُنتي ڪري سگهندا ۽ گهر ۾ پڻ ماتا پتا ۽ وڏڙن جي آگيا انوسار هلندءَ ۽ اُنهن جي شيوا ڪندءَ ته اُنهن جي آسيس توهانکي اڏي چڙهيندي. اورچائيءَ سان پرشارٿ ڪندا ته سڦلتا توهانجا چرڻ چمندي. اڄ ساري ديش جي فضا بدلجي ويئي آهي. سستي گهر ڪري ويئي آهي. ڪم ڪرڻ کان هرڪو ڪيٻائي ٿو. اسين جيڪڏهن پنهنجا پنهنجا فرض چڱيءَ ريت پاڙيون ته ديش جو روپ ئي بدلجي وڃي.

جپان ۾ هڪ آمريڪي ڪمپنيءَ هڪڙو ڪارخانو کوليو. آمريڪا ۾ هفتي ۾ پنج ڏينهن ڪم ڪيو ويندو آهي ۽ ٻه ڏينهن ڇنڇر آرتوار موڪل جا ڏينهن ٿيندا آهن. آمريڪي فرم جپان ۾ پنهنجي ڪارخاني ۾ ڪم ڪندڙن لاءِ موڪل جو ساڳيو دستور قائم ڪيو. ڪارخاني ۾ سڀ ڪم ڪندڙ جپاني هئا. اُنهن هفتي ۾ ٻه ڏينهن موڪل جو وروڌ ڪندي پنهنجي مالڪن کي چيو ته اوهان اسانکي وڌيڪ موڪل ڏيئي سست ۽ عياشي نه بڻايو، هفتي ۾ هڪ ڏينهن موڪل ڪافي آهي. وڌيڪ موڪل سبب وقت به اجايو وڃي ٿو ۽ موڪل سبب عيش آرام ۾ پئسن جو به فضول خرچ ٿئي ٿو. آخرڪار آمريڪي فرم کي جپانين جي اِها ڳالهه مڃڻي پئي. پريميو، جپان ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي، اُتان جي ماڻهن جو پورهئي سان پيار هوندو آهي. ڪم ڪرڻ کان ڪڏهن ڪنارو ڪين ڪندا آهن. توهين به ڪم ڪرڻ کان ڪيٻايو نه، پرشارٿي ٿيو. دنيا ۾ جيڪي به وڏا ماڻهو ٿيا آهن، اُنهن پرشارٿ دواران ئي سڦلتا پراپت ڪئي آهي. سست ماڻهو ڪڏهن به جيون ۾ ڪامياب ڪين ويندو سستي ڇڏي چست ٿيو.

کي ڀڳوت پراپتي نٿي ٿئي. ڪاڪ ڀشنڊيءَ کان گرڙ پڇيو ته اُتم ديھ ڪھڙي آھي؟ ڪاڪ ڀشنڊيءَ چيو:

نرتن سم نهين، ڪوئه ديھي،

جيوَ چراچر جاچت جيھي.

سڀ جيوَ مانش جنم جي اِڇا ڪندا آھن، ياچنا ڪندا آھن. پر افسوس! اسان مان گھڻا ھھڙي امولھ ديھي ويرٿ وڃائين ٿا. پريميو، منش جنم جو پل پل، پرڀوءَ جي چنتن ۾ گذاريو. ڪم ڪاريون ڪندي پرڀوءَ کي نه وساريو.

سنڌونگر جي ھن سنسٿائن پريم منڊل ۽ گرونانڪ ٻال جڳت سڀا جي ڪاريه ڪرتائن ھنھي سنسٿائن کي ملائي 'شري گرونانڪ پريم منڊل' برپا ڪيو. ١٣ فيبروري شام جو ان سنسٿا طرفان ساڌو واسواڻي باغ پليان سنسٿا جي ميدان تي ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پوجنيه سوامي شانتي پرڪاش مھاراج منڊليءَ سھت پڌاريا. ڀاءُ مدن رھيجا سواميجن جو سواگت ڪيو. ڊاڪٽر ديال آشا سواميجن جي مھما ڪندي چيو ته سنت جوڙيندا آھن، ٽوڙيندا ناھن. ھڪ ٻئي سان ميليندا آھن. اڄ سواميجن ھن سنسٿائن کي جوڙڻ لاءِ آشيرواد ڪرڻ آيا آھن. ڀاءُ ڪرشنلعل بجاج پڻ سواميجن جي مھانتا جو ورڻن ڪيو.

پوجنيه سواميجن شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته نشڪام ڀاونا سان ھين جي شيوا ڪريو. جيڪو پئسا وٺي شيوا ڪري اُن کي نوڪر يا مزور چئبو آھي. جيڪو نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪري، اُھو ئي شيواڌاري آھي. گرونانڪ جيان سڀني پراڻين کي پيار ڏيو. ڀاڳ ۾ ايڪو ڪري روز ستسنگ ڪريو. ڀانت ڀانت پرڪارن جا ڏنڏا آھن، پر سڀني ڏنڊن جي مراد آھي ڏن گڏ ڪرڻ. تيئن ستسنگ جي مراد آھي نام جپڻ. خوب نام جپيو ۽ دکين بکين جي خدمت ڪريو. نام سمرڻ ۾ دير نه ڪريو. چوندا آھن سؤ ڪم ڇڏي اشنان ڪجي. ھزار ڪم ڇڏي پوڄن ڪجي. لک ڪم ڇڏي دان ڪجي ۽ ڪروڙ ڪم ڇڏي ڀڄن ڪجي. ڀڄن ڪجي، دان پڇ ڪجي، پر اُن جو ايمان نه ڪجي.

پرم پوجنيه سواميجن جي ڪيترن سالن کان اِڇا ھئي ۽ پريمين جو پڻ آگرھ ھو ته برج ڀوميءَ ۾ ھوليءَ جو اُتسؤ ملھائجي. انڪري پريم پرڪاش منڊل طرفان ١٧ فيبروريءَ کان ٢ مارچ بندرابن جي ڦوگلا آشرم رمڻ ريتي ۾ ھوليءَ جو اُتسؤ آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسؤ سنبند ۾ ١٦ فيبروري پوجنيه سواميجن برج ڀوميءَ ۾ پڌاريا. پوجنيه سواميجن اُتي سوامي ٽيئونرام ان ڪيتر جو پڻ آرنڀ ڪيو. اُن اُتسوَ ۾ ھزارين پريمي شريڪ ٿيا. پوجنيه سواميجن ۽ ٻيا سنت مھاتمائون روز صبح جو امرت پان ڪرائيندا ھئا. رسيشور ڀڳوان شري ڪرشن جون ليلائون ٻڌائي پريمين کي منتر مگڌ ڪري ڇڏيندا ھئا. شام جو راس ليلائن جو آيوجن ڪيو ويو. پريمي راس ليلائن جو آنند پراپت ڪري باغ بھار ٿيندا ھئا. سنت وئراڳي بابا به وقت به وقت اچي شري ڪرشنا ڀڳتيءَ جي لھر پيدا ڪندو ھو. ھوُ ڀاڳ به شري چيتنيه مھاپرڀوءَ وانگر مستيءَ ۾ اچي نچندو ھو

پريميو، سوامي چندن پرڪاش جي جيون ۾ سمرڻ، سيوا اُپڪار جا گڻ چمڪيا. هي سنت ڪيئن نہ دل کولي دان پڃ ڪندو هو. سخاوت جو صاحب هو. سندس ورسيءَ جي موقعي تي توهان سنتن جا گڻ ڪٺي ورسجي وڃو.

سنت اننت پرڪاش، سوامي چندن پرڪاش کي شرڌانجلي ڏيندي پوڄنيہ سواميڄن جا آڀار مڃيا. ديال آشا پڻ سوامي چندن پرڪاش جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

پياري نندلعل بختياڻيءَ ۽ سندس ساٿين هر سال جيان ڪپليشور مهاديو مندر ڪرلا بمبئيءَ ۾ شوراتري اُتسؤ ملهايو ان اُتسؤ سنپند ۾ ۷ فيبروري پوڄنيہ سواميڄن اُتي ستسنگ ڪندي چيو تہ سنتن جي سنگ ۾ ئي جيؤ کي سچو سک پراپت ٿئي ٿو. سک سنساري پدارٿن جي ڀوڳڻ ۾ ڪين آهي. پريميو، ڪنهن نہ ڪنهن سنت ستپرکہ جو سنگ ڪريو.

هڪ دفعي ڀڳوان شنڪر پارٻتيءَ سان گڏ ٻئل تي سوار ٿي سئر ڪندي ٻئل تان لهي هڪ ورياسي زمين تي ليٽي پيو. اِهو ڏسي پارٻتيءَ کيس چيو تہ مهاراج، اوهان هن واريءَ تي ليٽيا پيا آهيو، جيئن ڪو هار ليٽندو آهي، ائين ڇو؟ ڀڳوان شنڪر چيو 'پارٻتي، هن واريءَ واري آستان تي ڪنهن نشڪام تيجسوي ڀڳت ساڌنا ڪئي آهي. اُن ڀڳتي ساڌنا ڪرڻ سبب هي آستان سڳنڌميہ ٿي پيو آهي. جتي ڀڳت ڀڳوت ڀڄن ڪن ٿا، اُها ڀومي ڀاڳن واري آهي، اُتي ليٽڻ ۽ ويهڻ مان بہ آنند اچي ٿو. سوين اچي سندن ساڌنا استل تي سر جهڪائين ٿا شاهہ لطيف بہ پنهنجي بيت ۾ چوي ٿو: ’ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،

تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ لڌو مان،

ڪوڙين ڪن سلام، آڳہ اچي تن جي.

پريميو، ڀڳوان شنڪر ڀولاناٿ آهي. سندس اُستتي ڪريو، نام جپيو. هو جلدي توهان تي پرسن ٿي ڪرپا ڪندو.

۸ فيبروري پوڄنيہ سواميڄن ڪلنيءَ ۾ پڌاريا. ۸ فيبروري ۽ ۹ فيبروري پوڄنيہ سوامي جن ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. پوڄنيہ سواميڄن اُپديش ڪندي چيو تہ منش جنم جو قدر ڪريو. ورلي ڪو قدردان آهي، جو پنهنجا سواس سمرڻ ۽ ستڪرمن ۾ سڦلا ڪري ٿو. ستگرو مهاراج منش ديهيءَ جي مهما ڪندي چون ٿا:

مڪت دوارا منش تن، پايا پورب ڀاڳہ،

ڪہ ٿيئون پا مڪت ڪو، گر چرنون ۾ لاگہ.

پريوءَ کي پراپت ڪرڻ منش جيون ۾ ئي ممڪن آهي. ديوتائن جو شرير اسان کان وڌيڪ شڌ ٿيندو آهي. اسانجو شرير ڏاڍو گندو آهي. جيئن ڪو گپ سان ڀريل سوئر، اسانجي پرسان اچي، اُن مان درڳند ابندي آهي، تيئن ديوتائن جو شرير اهڙو دويہ آهي. سندن شرير ۾ تيجس تنؤ وڌيڪ هوندو آهي، پر پرماتما جي پراپتي جيتري جلدي مانؤ ۾ ٿئي ٿي، اوترو جلدي ديوتائن

توهين مانس آهار جو تياڳ ڪيو. ٻين تي ديا ڪندءِ تہ پرڀو توهان تي ديا ڪندو. نياڻين ڪي جنتا جناردن پريشد سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر طرفان ڏاجو ڏنو ويو.

رات جو ويراول جي سوامي ليلاشاھ سوسائٽيءَ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪيو.

١١ مارچ سومر ڏينهن شام جو جھوناڳڙھ امبيڪا نگر ۾ پوڄنيہ سواميڄن سوامي سرواننڊ سنڌي ايڊيوڪيشن ٽرسٽ طرفان نهندڙ سنڌي پرائمري اسڪول جي ڀومي پوڄا ڪرائي. ٽرسٽ جي پرڌان شري سيرومل واپاريمل سواميڄن جي آجيان ڪئي. پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ خوشي آهي جو توهان هت سنڌي پرائمري اسڪول برپا ڪري رهيا آهيو. پنهنجي ٻولي ٻڪين پسن کي بہ پياري هوندي آهي. اوهين بہ سنڌي ٻوليءَ کي نہ وساريو. سواميڄن ان وديا مندر جي ڪاريہ لاءِ پنجاھ هزار روپين جو چيڪ ڪاريہ ڪرتائن کي ڏنو. ڊاڪٽر ديال آشا پڻ دانويرن کي اپيل ڪئي تہ ان اسڪول جي عمارت لاءِ دان ڪريو. ڀاءُ ٻوڪرداس ٽڏومل ٽيڪچنداڻيءَ ۽ ڀاءُ همٿسنگھ آڏواڻيءَ پنهنجي پتني سمن آڏواڻيءَ جي سمرتيءَ ۾ پنج پنج هزار روپيا ڏنا ۽ ٻين سڄڻن پڻ دان ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي.

رات جو ٩ بجي جھوناڳڙھ جي سوامي ليلاشاھ سوسائٽيءَ ۾ ڪرم يوگي سنت سوامي ليلاشاھ مھاراجن جو جنمدن اُتسوُ ملهايو ويو. پرنسيپال هيمنت ڪمار پوڄنيہ سواميڄن جو سواگت ڪيو. هن موقعي تي پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ سوامي ليلا شاھ مھاراج مھان ڪرم يوگي سنت هئا. هنن ڏيتي ليتي ۽ ٻين سماجڪ براين خلاف پرچار ڪري جاتيءَ کي سچيت ڪيو ۽ سوَن لوڪن کي پرڀوءَ جي راھ ۾ چڪيو. ڪيترن کي قدرتي علاج ۽ يوگہ آسڻن دوارا نئين صحت بخشي.

١٣-١٤ مارچ پوڄنيہ سواميڄن راجڪوٽ ۾ امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي ۽ ١٥ مارچ سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا.

سوامي جيون مڪت جو شش، سنت يوگيراج ٧ مارچ احمدنگر ۾ پرلوڪ پڌاريو. سندس تيرهي جي موقعي تي ١٩ مارچ پوڄنيہ سواميڄن احمدنگر ۾ پڌاريا. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي سنت کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ هن پياري سوامي جيون مڪت جي ڪافي شيوا ڪئي. هردوار ۾ ڪنڀ جي ميلي تي چاهي امراپور آستان تي ميلي جي موقعي تي هي پيارو خوب شيوا ڪندو هو ۽ پريمين کي نام جپائيندو رهيو. پرماتما در پرارٿنا آهي تہ ڪيس پنهنجي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي.

٢١-٢٢ مارچ پوڄنيہ سواميڄن بياور ۾ امرت ورکا ڪئي. پريم پرڪاش منڊل جي وارشڪ اُتسوَ جي تياريءَ لاءِ پوڄنيہ سواميڄن ٢٣ مارچ امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. پوڄنيہ سواميڄن ميلي جي ويوسٿا لاءِ سنتن ۽ پريمين سان حالي احوالي ڪيا. ٢٨ مارچ سوامي گرمکداس مھاراجن جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ سوامي گرمکداس پريم پرڪاش منڊل جو بزرگ سنت هو. ڪيئن نہ هي سنت يڪتاري تي ڳائي ڳائي رام ريجھائيندو هو. ڀڄن

تہ پريمين کي بہ ڏنيون لڳائي نچائيندو ھو.

٢٤ فيبروري آرتوار ڏينھن سيني پريمين کي بندرابن جي پوتر آستانن برسانا، نند ڳانو، شري گرراج، راڌا ڪنڊ، شري گوڪل، دائوجي، بلديو، برھما ڪنڊ، رمڻ ريتي، پراڻو گوڪل، شري دوارڪاڌيش مندر، پاگل بابا ڪا مندر جا درشن ڪرايا ويا. بسين جي ويوستا ڪئي ويئي ھئي. پرم پوجنيہ سواميڄن پڻ پريمين سان گڏ ھليا، اُن ڪري اُنھن پوتر آستانن جو آنند ٻٽو ٿي ويو.

٢٥ فيبروري سومر ڏينھن ايڪادشي ھئي. صبح جو پوجنيہ سواميڄن ايڪادشيءَ جو مھتوَ ٻڌائيندي ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. اُن بعد پوجنيہ سواميڄن، پريم پرڪاش منڊل جا سنت ۽ سوين پريمي شري بندرابن ڌام کي پرڪرما ڏيڻ لاءِ گوپال ڪرشن، راڌا ڪرشن، جون ڌنيون لڳائيندا نڪتا. رستي تي شري راڌا ولڀ جو پراڻو مندر، مدن موھن ٺاڪر جو مندر، جتي ڀڳوان شري ڪرشن ڪاريھر نانگ کي مڪتي ڏني، ڪيشي گھاٽ، چير گھاٽ، شري يمنا مھاراڻيءَ جو مندر، سڌاما ڪٽير، ونشي وٽ گھاٽ، شري راڌڪا ڪرشن وٽ ورڪش ۽ ٻين پوتر آستانن جو درشن ڪري سنت ۽ پريمي پرڪرما پوري ڪري واپس وريا.

ھن ھولي مھا اُتسوَ ۾ پريم پرڪاش منڊل جي سنتن سوامي ڌرمداس مھاراج، سنت ھرداسرام، سوامي برھمانند، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت اشوڪ لعل، سنت منوھرلعل، سنت جيہ ديو، سنت ڀڳت پرڪاش، سنت راجورام جدا جدا ڏينھن تي ستسنگ پروچن ڪيو ۽ ڀڳوان شري شيام سندر جي مھما جا ڀڄن ڳايا. اٽڪل پنج ھزار پريمي ھن اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا. ھن موقعي تي شري پريم پرڪاش گرنٿ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جا پاٺ رکيا ويا. ٢٨ فيبروري ستناراڻ، ھوليءَ ڏينھن پوجنيہ سواميڄن پالن جو ڀوڳہ وڌو. ھوليءَ ۽ ڌوڙئي ڏينھن آيل پريمين پوجنيہ سواميڄن ۽ ٻين سنتن ھڪ ٻئي تي خوب گلال ۽ رنگن جي ورکا وسائي. پريم ۾ پتو ڪين ٿي پيو. چوڌاري آنند جي لھر ڇانيل ھئي.

٢ مارچ پوجنيہ سواميڄن آگري ۾ پڌاريا. اُتي پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگہ ڪيائون. ٥ مارچ سواميڄن بوريولي بمبئيءَ ۾ امرت ورکا ڪئي. ٨ مارچ سواميڄن سوراشٽر روانا ٿيا.

١٠ مارچ صبح جو سومناٿ مندر ڀرسان شاھي منڊپ ۾ جنتا جناردن پريشد ۽ سوراشٽر سنڌي پئنچات جي سھڪار سان ٥٣ ساموھڪ وواھن جو آيوجن ڪيو ويو. شري نيوندرام لوڪوائيءَ سواميڄن جو سواگت ڪندي چيو تہ پوجنيہ سوامي شانتي پرڪاش مھاراج اسانجا سچا سونھان آھن. سندن سھيوگہ سان ئي ھر سال ھت ساموھڪ وواھن جو آيوجن ڪيو وڃي ٿو. پوجنيہ سواميڄن سيني جوڙن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ اڄ توھين گرھست جيون ۾ پرويش ڪري رھيا آھيو. ماتا پتا، سس سھري ۽ وڏڙن جو ادب عزت ڪندا، ان ۾ توھانجو ڀلو آھي. وڏڙن جي آسيس توھان کي اڏيندي. روز نيم سان پربھوءَ کي بہ ياد ڪريو. صبح جو اُٿڻ سان پربھوءَ کي پرارٿنا ڪريو تہ توھان جي جيون سکميہ ٿي پوندي. ديال آشا پڻ جوڙن کي اپيل ڪئي تہ اڄ کان ولي

ڪهه ٽيئون منگل پيا، ٽوٽي جم ڪي ڦاس.

ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ڀڄن شيل سنت هئا. راتين جون راتيون جاڳي نام جپيندا هئا. نام جپيندي جپيندي لعلون لعل ٿي ويا. سندن مڪاروند مان ڪيڏي نه ٻاڻي پرواهت ٿي، جنهنجي پڙهڻ ۾ ٻڌڻ سان آنند اچي ٿو. پريميو، ستگرو مهاراجن جي ٻاڻيءَ جو ’پريم پرڪاش گرنٿ‘ پڙهو. روز اُن مان ڪونه ڪو وچن ڪڍي، اُن تي عمل ڪريو. توهان کي عجيب آنند ملندو. ڪنهن دنيوي مسئلي توهان کي منجهائي ڇڏيو آهي، ستگرن جي ٻاڻيءَ مان وچن ونو. توهان کي اُن جو حل ملي ويندو. صرف وشواس رکي وچن ونو. ستگرو مهاراجن منڊل جو نالو ئي پريم پرڪاش منڊل رکيو. اڄ توهان هتان پريم جو پيغام ڪڍي وڃو. پريم ئي توهان کي پريوءَ سان ملائيندو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون مئن ديکئا، ڪرکي من هين وويڪ،

سب ساڌن ڪا مول هئہ، پريم پريو ڪا ايڪ.

جنهن جي دل ۾ پريوءَ لاءِ پيار آهي، اُهو انسان سڀني جيوَن کي پيار ڪري ٿو. توهان بہ نہ صرف گهر جي ڀاتين کي، پر مانوَ ماتر ۾ پکين پسن کي بہ پيار ڪريو. انڪري هنسا جي ڪاڏي جو تياڳ ڪريو. ڪنهنجي دل نہ دکايو. پرماتما ۾ ستگرو مهاراج توهانجي رکشا ڪندا.

٥ اپريل سواميجن چتوڙگڙه ۾ پڌاريا ۽ اُتي امرت ورکا ڪيائون. ٦-٧ اپريل رتلام ۾ سواميجن ستسنگ پروچن ڪيو.

٨ اپريل کان ١٤ اپريل پريم پرڪاش مندر اندور ۾ سوامي مرليڌر مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. ان ورسي اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميجن ڇهه ڏينهن صبوح شام ستسنگ پروچن ڪيو. اُتسوَ جو پلئہ پائيندي پوجنيہ سواميجن چيو تہ پريميو، سوامي مرليڌر ڪيترا سال ستگرو مهاراجن سان رَٽن ڪري سوَن لوڪن کي نام جپايو. توهين بہ خوب نام جپيو. هن پوتر آستان تي ڇهه ڏينهن صبح شام جدا جدا سنتن پروچن ڪري ستسنگ جي ندي پرواهت ڪئي آهي. ستسنگ بہ هڪ تيرٿ آستان آهي. توهان ڀاڳيشالي آهيو جو گهر ويٺي ئي توهان کي ستسنگ روپي گنگا ۾ ٽٻي هڻڻ جو وجهه ملي ٿو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ستسنگ تيرٿ روپ هئہ، ستسنگ موکش دوار،

ڪهه ٽيئون تج ڪسنگ ڪو، ستسنگ ڪر نرڌار.

ستسنگ جي وڏي مهما آهي. هڪ دفعي مهرشي وشوامتر شري وسشٽ منيءَ کي چيو تہ تپسيا سريشٽ آهي. تپ جي پرڀاوَ سان ئي ترديو سرشٽي، اسٿتي ۽ پرلئہ ڪري ٿو. مان تپسيا جي دواران ئي ڪتريءَ مان برهمڻ ٿيو آهيان. شري وسشٽ منيءَ چيو تہ تپ تہ سريشٽ آهي، پر ستسنگ سروَ سريشٽ آهي. تپ تہ راڪشس بہ ڪندا آهن ۽ تپسيا دواران ور پراپت ڪندا آهن. ٻنهي رشين ان وشيہ تي ڪافي واد وواد ڪيو. آخر فيصلو ڪيائون تہ شيش ناگ وٽ هلي اُن

ناهيندو بہ هو تہ ڳائيندو بہ هو. سندس ورتي نام سان جڙيل هوندي هئي. پريميو، توهين بہ پرڀوءِ سان نينهن جو ناتو جوڙيو. ڪم دنيا جا ڪم نہ ايندوَ هڪ نام جو نالو ئي انگہ سنگہ سهائي ٿيندو.

٢٩ مارچ کان ٢ اپريل وارشڪ اُتسوُ چيٽ جو ميلو ملهايو ويو. ٢٩ مارچ صبوح جو پوجنيہ سواميجن منڊل جي سيني سنتن سان گڏجي، جهنڊو چاڙهي، اُتسو جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ٢ بجي امراپور آستان تان ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي سندر جهانڪين سان پوجنيہ سواميجن جي نيترتوَ ۾ شاهي جلوس نڪتو. جنهن ۾ هزارين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا موج مچائيندا هليا.

٣٠ مارچ صبوح جو پوجنيہ سواميجن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پريميو، امرت ويلو ويرٿ نہ وڃايو. پراتہ ڪال جو اُٿي گرو منتر جو اڀياس ڪريو. ساڳيو وقت، ساڳي جاءِ ۽ ساڳيو گرومنتر، توهان جيئن سانده اُچاريندا رهندا تہ توهان آتمڪ آنند، شڪتيءَ جو انڀوُ ڪندا. دنيوي ڳالهين کي وساري ايڪانت ۾ نام چنتن ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

امرت ويلي اوٺکي، ڇوڙ ڪلپنا ڪام،

ڪهہ ٽيئون هر ڌيان ڌر، سمرو گر ڪا نام.

پوجنيہ سواميجن ميلي جا پنجئي ڏينهن جدا جدا وشين تي ستسنگہ پروچن ڪندي پريمين جي راهہ روشن ڪئي.

٢ اپريل پرڀات جو پوجنيہ سواميجن منڊل جي سيني سنتن سان اُتسوَ جي سماپتيءَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، سنڌ ۾ هن ميلي جو آرنڀ ڪيو. ميلو معنيٰ ميلاپ محبت. منڊل جي سنتن ۽ پريمين جو پاڻ ۾ پريم وڌندو رهي. هنن اُتسوَن جي مول مراد آهي نام جپڻ ۽ نام جپائڻ. هن پوتر آستان تي چار ڏينهن صبوح ۽ شام جدا جدا سنتن مهاتمائن ڀڳتي گيان جي گنگا پرواهت ڪري هزارين پياسين جي پياس پوري ڪئي آهي. جيڪڏهن توهان، کي هن ڀوَ ساگر مان پار پوڻو آهي تہ ستسنگہ روپي جهاز دواران توهين بہ اِهو ساگر پار ڪري، سگهو ٿا. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

پار ڪرت ڀوَ سنڌ سي، ستسنگہ پرم جهاز،

ڪهہ ٽيئون تا ۾ چڙهو، ڇوڙ جڳت کي لاج.

ستسنگہ ۾ اچڻ ۾ سنڪوچ نہ ڪريو. سنتن جا وچن شروڻ ڪري اُنهن تي عمل ڪرڻ جو يتن ڪريو. اسين سڀ ڀاڳن وارا آهيون، جو اسانکي پريپورڻ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج، ستگرو روپ ۾ پراپت ٿيا. جن اسانکي 'ستنام ساکي' منتر ڏيئي مڪتيءَ جو مارگہ ٻڌايو.

ستگر پورن پائيا، هويا ڪارج راس،

جپڻ ۽ جپائڻ اُتم ڪاريہ آهي. گهر گرهست ۾ رهي نام کي نہ وساريو. جيون ۾ جيترو مريادا، نمرتا ۽ سهنشيلتا سان توهان هلندءُ اوترو توهانجو فائدو آهي. سنتان ۾ سٺا سنسڪار وجهو. ايشور ڀڳتي ۽ ديش ڀڳتيءَ جا ٻج پوکيو. ماتا مدالسا، ستي ساوتري، جيجاٻائي ۽ لڪشمي ٻائيءَ جي گڻن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو.

ديش جي آزاديءَ جي هلچل ۾ ڪرانتيڪاري قدم کڻڻ سبب رام پرساد بسمل کي ١٩ ڊسمبر ١٩٢٧ تي ڦاسيءَ جي سزا ملڻي هئي. هڪ ڏينهن اڳ سندس ماتا پتا هن سان ملڻ لاءِ جيل ۾ آيا. اِها سندن آخرين ملاقات هئي. ماتا پتا کي پرڻام ڪندي رام پرساد بسمل جي اکين ۾ آنسون اچي ويا. اِهو ڏسي سندس ماتا ڪڙاڪيدار آواز ۾ چيو ’رام، هي مان ڇا ڏسي رهي آهيان. اڄ تنهنجي اکڙين ۾ لڙڪ! مان ٻاهر ماڻهن کي چيو آهي تہ منهنجو سپتر رام ديش جي آزاديءَ جي صدقي مشڪندي مشڪندي ڦاسيءَ تي چڙهندو. تون وري ڳوڙها ڳاڙي رهيو آهين! تون منهنجي ڪک کي لڄائي رهيو آهين.‘ رامپرساد وراڻيو ’اما، تون مونکي غلط سمجهي رهي آهين. هي خوشيءَ جا آنسون آهن، مونکي ڏاڍي پرسنتا آهي جو مان ڀارت ماتا لاءِ پراڻن جي آهوتي ڏيئي تنهنجي ڪک سڦلي ڪري رهيو آهيان. اوهان جهڙي وير ماتا جو پتر ٿيِ، مان اوهان جي شان کي ڪيئن لڄائيندس! پرماتما کي منهنجي آخرين پرارٿنا اِها آهي تہ وري بہ مان توهان جهڙي ماتا جو سپتر ٿيان. ڀارت کي اهڙين بهادر ماتائن جي ضرورت آهي. ٻارن ۾ ويرتا ۽ ايشور ڀڳتيءَ جا سنسڪار وجهو.

چارئي ڏينهن پوجنيہ سواميڄن جدا جدا وشين تي ستسنگ پروچن ڪندي پريمين جو مارگ درشن ڪيو. ٢٣ اپريل پرڀات جو پوجنيہ سواميڄن اُتسوَ جو پلئہ پائيندي چيو تہ پياري برجلعل مکي راڏيمل، پياري رميش تنواڻيءَ، پياري هري ٻلي ۽ سڀني پريمين کي ڌنيواد آهي جو هر سال هي اُتسوَ ملهائين ٿا. هنن اُتسون ملهائڻ جي مراد اِهائي آهي تہ سنتن ستپرشن جا پروچن ٻڌي هيئين سان هنڊايون. نام جپيون، صبر، سهنشيلتا، ڪميا ۽ نمرتا جا گڻ اپنايون. اسين ڪيترا بہ اُپديش ٻڌون، پر اُنهن تي عمل نہ ڪريون، تہ نہ اسانجو وهنوار سڌرندو، نہ پرمارٿ. پريميو، سنتن ستپرڪن جي واڻيءَ کي سمجهي، اُنهن جي وچنن ۾ وشواس رکي عمل ڪريو. دکين، بکين، پکين پسن جي سيوا ڪريو تہ توهان تي پرڀوءَ جي آسيس چمڪندي.

٢٤ اپريل پوجنيہ سواميڄن اچلڪرنجيءَ ۾ پڌاريا. پياري برجلعل هيراڻيءَ سواميڄن جو ستڪار ڪيو. پوجنيہ سواميڄن اُتي امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ٢٥ اپريل سواميڄن بيلگام ۾ پڌاريا. اُتي ٢٥-٢٦ اپريل پوجنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پرڀوءَ ۾ پورڻ وشواس رکي پرارٿنا ڪندا تہ پرڀو اوس توهانجا ڪم راس ڪندو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

ري من راکو رام ۾، پورن تم وشواس،

کهه ٿيئون وشواس سي، هووي سب دک ناس.

کان رایو ٻچون ٿا. ٻئي شيش نانگہ وٽ آيا ۽ ٻنهي پنهنجو پنهنجو طرف شيش نانگہ کي ٻڌايو. شيش نانگ چيو تہ مان پوري ڀومي ۽ جو بار کنيو بيٺو آهيان. توهان ٻنهي مان کو هن ڀُو منڊل جو بار ٿوري ٿوري وقت لاءِ کڻي تہ مان توهانجي سوال جو جواب ڏيان.

رشي وشوامتر چيو تہ مان لکين ورهيہ تپسيا ڪئي آهي. اُن جي شڪتيءَ سان هي ڀُومنڊل جهلي بيهان ٿو. ائين چئي جيئن ئي هن ڀُومنڊل کڻڻ چاهيو تہ هو کڻي نہ سگهيو ۽ شيش نانگہ کي چيائين تہ مان هيڏو ٻوجهو جهلي نہ سگهندس، توهان سنڀاليو.

تڏهن شيش نانگہ شري وسشٽ منيءَ کي چيو تہ توهان هي ڀُومنڊل جهلي سگهندا؟ شري وسشٽ منيءَ نمرتا سان وراڻيو تہ مان اڌ گهڙي ستسنگہ ڪيو آهي. اُن جو جيڪڏهن ڪو ڦل آهي تہ مان شايد هن ڀُو منڊل کي جهلي سگهان! شري وسشٽ جيئن ئي ڀُو منڊل کي هٿ وڌو تہ ڀُو منڊل هلڪو ٿي پيو ۽ شري وسشٽ سولائيءَ سان ڀُو منڊل جهلي بيٺو. ستسنگ جي اڌ گهڙيءَ سبب شري وسشٽ ڀُومنڊل جو بار کڻي سگهيو ۽ رشي وشوامتر سالن جي ڪلن تپسيا جي باوجود ڀُومنڊل کڻي نہ سگهيو. ان مان ثابت آهي تہ ستسنگہ جو مهتوَ تپسيا کان وڌيڪ آهي.

پريميو، توهان روز هٿ اچي ستسنگہ جو لاڀ حاصل ڪريو ۽ سنتن جي سکيا جيون ۾ هنڊايو.

۱۸-۱۹ اپريل پوجنيہ سواميجن پريم پرڪاش مندر پمپريءَ ۾ امرت ورکا ڪئي. هن موقعي تي ساموهڪ جڻين جو ڪاريہ‌ڪرم رکيو ويو. پوجنيہ سواميجن سيني ٻالڪن کي آسيس ڪئي ۽ ماتا ستيءَ ۽ ڀين پريمين کي ڌنيواد ڏني، جيڪي اُتي ستگرو مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهن.

۲۰ اپريل کان ۲۳ اپريل گانڌينگر ڪولهاپور جي پريم پرڪاش مندر جو وارشڪ اُتسو آيوجت ڪيو ويو. ۲۰ اپريل صبح جو پوجنيہ سواميجن ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ گانڌينگر ۾ پڌاريا. سڀن پريمين پوجنيہ سوامي جن جو سواگت ڪيو. شام جو ۴ بجي پوجنيہ سواميجن جي نيترتوَ ۾ جلوس ڪڍيو ويو، جنهن ۾ سوين پريمي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. پوجنيہ سواميجن رات جو ستسنگہ ڪندي چيو تہ سنتن وٽ اچو تہ اُنهن کان نام دان گهرو. نام آهي پرم ڌن، جو ڪڏهن کٽي نٿو سگهي. نکو ڪوئي نام جو ڌن ڪسي سگهي ٿو. نام جي پونجي هٿ ڪريو. توهان دنيوي عيش ۾ پريوءَ کي وساري ويٺا آهيو. ماتا جي گرڀ ۾ ڪيل انجام توهان کان وسري ويو آهي. اُهو انجام ياد ڪري اُن کي پوري ڪرڻ جو يتن ڪريو.

مات گرڀ ۾ تم ڪيئا، هر سي جو اِقرار،

ڪہ ٿيئون تنهن ياد ڪر، سمرو ست ڪرتار.

۲۱ اپريل شام جو پريم پرڪاش مهلا منڊل ۾ پوجنيہ سواميجن پڌاريا. ڀيڻ راڻي ديالداس ۽ ڀينرن پوجنيہ سواميجن جو ستڪار ڪيو. پوجنيہ سواميجن ماتا راڻيءَ ۽ ڀين ڀينرن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان هت نت نيم ستسنگہ ڪيرتن ڪري، اُتم ڪاريہ ڪري رهيون آهيو. نام

ڏينديون. پوءِ ڪيئن نہ بلوا منگل جي من ۾ شيام سندر بانڪي بهاريءَ جي درشن جي تيور اِڇا ٿئي ٿي. هي پيارو برج ڀوميءَ ڏانهن پنڌ ئي پنڌ راهي ٿئي ٿو. ڀڳوان شري ڪرشن ٻال روپ ڌاري ڪيئن نہ هن کي رستي تي روز ڪاڏو ڪارائي ٿو، پاڻي پيئاري ٿو. ڪيس هٿ کان وٺي برج ڀوميءَ ۾ آڻي ٿو.

بلوا منگل محسوس ڪري ٿو تہ اِهو ٻالڪ خود شيام سندر آهي. بلوا منگل سندس هٿ پڪڙي ڇوي ٿو تہ مان هاڻي تنهنجو هٿ ڪين ڇڏيندس. تنهنجي ڳولها ۾ تہ نڪتو آهيان. ٻالڪ ڀڳوان بلوا منگل کان زوريءَ هٿ ڇڏائي ٿو. تڏهن بلوا منگل ڇوي ٿو پريو، تون مونکان هٿ ڇڏائي هليو وڃين ٿو، مگر تون منهنجي من مان تہ وڃي نٿو سگهين. تون منهنجي جيءَ سان جڙيو پيو آهين. ڀڳوان، بلوا منگل جا اهي پريم ڀريا وچن ٻڌي جيئن ئي بلوا منگل کي ڀاڪر پاتو تہ بلوا منگل جي اکين ۾ جوت اچي ويئي. هي پيارو شيام سندر ٻالڪ روپ جو ساڪيات درشن ڪري ڏاڍو باغ بهار ٿيو. ڀڳوان انتر ڌيان ٿي ويو. پريميو، ڀڳوان ڪيئن نہ بلوا منگل جي سار لڌي. سندس آسات ڏسي ڪيس پنهنجو دويہ درشن ڪرايو. توهين بہ پريوءَ لاءِ پياس رکندا تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن پريو اچي توهان جي پياس پوري ڪندو ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پريتم ڪا جنهن پريم هئہ پرتم هئہ تنهلور،

ڪهہ ٽيئون بن پريم ڪي، رهت نہ سو ٿل اور.

احمدآباد ۾ سوامي ليلاشاهہ مهاراج سموهہ لگن ٽرسٽ طرفان ١٦ مئي ساموهڪ جڻين ۽ ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويو. اُن سنٻنڌ ۾ پوجنيہ سواميڄن ١٥ مئي صبوح جو احمدآباد ۾ پڌاريا ۽ اُتي ڀاءُ پرڪاش نيڻومل جي گهر پرڀارام سوسائٽيءَ ۾ رهيا. ١٥ مئي شام جو مهاتما گانڌي هاءِ اسڪول ڪبيرنگر ميدان تي ستسنگہ جو آيوجن ڪيو ويو. مکي ڪيراجمل، ڀاءُ گوپالداس ڀوڄواڻي، ڀاءُ ساجنداس انندرام سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي ماتائن ۽ ڀينرن کي وينتي ڪئي تہ پنهنجي گهرن کي سرڳہ ٺاهڻ لاءِ شانتيءَ جو وايو منڊل پيدا ڪريو. ماتائن جو لالچي سڀاءُ ٿي پيو آهي. اُن ڪري ڪيترين نياڻين جيئري پاڻ جلائين ٿيون. زهر کائي آتم هتيا ڪن ٿيون. ننهن کي بہ ڌيئن جهڙو پيار ڏيندءَ تہ توهان جا گهر سرڳہ ٺهجي پوندا. دڪاندار ڀائر دڪان تي آيل گراهڪ سان ملو ڳالهايو. اُن سان ايمانداريءَ جو وهنوار ڪريو. گراهڪ کي ڀڳوان جو روپ سمجهي اُن سان سلو وهنوار ڪريو. تہ توهانجي ڪمائيءَ ۾ برڪت پوندي. اڄ ڪلهہ ماڻهو لکہ ڪمائين ٿا تہ بہ دکي آهن دڪان اٿوَ مهاديو جو مندر. گراهڪ کي لُٽڻ جي ڀاونا نہ رکو. ڏسو تہ توهانجي ڏنڌي ڏاڙيءَ ۾ ڪيڏي نہ برڪت پوي ٿي!

٢٢-٢٣ مئي پوجنيہ سواميڄن ڪار بمبئيءَ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو. ٢٤ کان ٢٦ مئي سنڌونگر آشرم ۾ ستگرو مهاراجن ستسنگہ ڪيو. ٢٨ مئي پوجنيہ سواميڄن دتيا ۾ پڌاريا. اُتي پوجنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ سنتن جو سنگہ لاڀڪاري آهي. سنت تلسيداس ڇوي ٿو:

جن جو يقينو يار ۾، تن کي ڪس نہ لڳي ڪڏهين.

پريميو، سچيءَ ڀاونا سان توهان پربوءَ کي پڪاريندا تہ پربو ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ اچي، توهان جا دک درد دور ڪندو. ٢٧ اپريل پوڄنيہ سوامي جن سنڌونگر آشرم ۾ واپس وريا ۽ اُتي ٣٠ اپريل تائين صبوح ۽ شام ستسنگ پروچن ڪندا رهيا.

وڌالا سنڌي برادر منڊل، وڌالا بمبئيءَ ۾ ١ ميءَ کان ١٢ ميءَ پرم پوڄنيہ سوامي جن جو ستسنگ آيوجت ڪيو. ١ ميءَ ڀڌر رات جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ يگيہ جو آرنڀ ڪندي چيو تہ پريميو، توهان کي ڏنيواد آهي جو هر سال جيان توهان هت سنتن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو آهي، ستسنگ دواران توهان کي روحاني خوراڪ ملندي. سچ ۽ ڪچ جي پروڙ پوندي. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

ساڌ سنگ سي ترت هئہ، ڪليگ ۾ نرنار،

ڪهہ ٽيئون ستسنگ ڪر، من ۾ شرڌا ڌار.

ڪليگ ۾ ستسنگ جي وڏي اهميت آهي، ستسنگ ۾ جيوَ جو وويڪ جاڳرت ٿئي ٿو. ست ويچار ملن ٿا. جيڪڏهن توهان سنسار ساگر مان پاڙ ترڻ چاهيو ٿا تہ ستسنگ ۾ اچي ست ويچار سڻي، اُنهن موجب هلڻ جو يتن ڪريو.

٣ ميءَ چنڇر شام جو ٥ بجي سواميڄن ايس.اين. ڊي.ٽي.وومين يونيورسٽي آڊيٽوريم، جهوُ بمبئيءَ ۾ پڌاريا. جتي ڊاڪٽر جي.ايس.گرناٽيءَ گيان گوشٽيءَ جو آيوجن ڪيو. هن موقعي تي شري راماند ساگر چيو تہ مان ڀڳوان شري رام ۽ ڀڳوان شري ڪرشن جو پيغام پهچائيندڙ آهيان. اُنهن جي ڪرپا سان رامايڻ ۽ شري ڪرشنا ٽي.وي سيريز سڦل ويون آهن. مان سوڀاڳيشالي آهيان جو مونکي پوڄنيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو درشن ۽ آسيس ملي آهي.

پوڄنيہ سواميڄن آتما پرماتما، جيوَ جڳت ۽ مرتيو سنبنڌي دارشنڪ ويچار مثال ڏيندي سمجهايا. سواميڄن ڪن پريمين جي شنڪائن جو سماڌان پڻ ڪيو. سواميڄن جو اِهو ڪاريہ ڪرم رڪارڊ ڪري سندن سنبنڌ ۾ تيار ٿيندڙ فلم 'سڀ جو سائين' ۾ پيش ڪيو ويو.

پوڄنيہ سواميڄن آرتوار ڏينهن شام جو ۽ ٻين ڏينهن تي رات جو پنهنجي امرت تليہ واڻيءَ دواران پياسي دلين جي پياس پوري ڪندا رهيا، ست گيان ڏيئي مارگ درشن ڪندا رهيا. ١٢ ميءَ آرتوار شام جو برادر منڊل طرفان هوشيار وديارٿين کي پوڄنيہ سواميڄن جي هٿان انعام ڏياريا ويا. پوڄنيہ سواميڄن اُتي آخرين ستسنگ ڪندي آيوجڪن لڇلداس منگترام، جيئندرام واڌوا، سڀاڳچند چاولا، ماڌوداس واڌوا ۽ ٻين سيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ پريميو، پربوءَ لاءِ پياس رکو. دنيوي پياس پوري ڪين ٿيندي. بلوا منگل جي من ۾ ڪيئن نہ هڪ سندر استريءَ لاءِ آسڪتي پيدا ٿئي ٿي. هوُ پنهنجي غلطي محسوس ڪري، پنهنجي ٻنهي اکين ۾ ڪندا هڻي پاڻ کي سورداس بڻائي ڇڏي ٿو. نہ اِهي اکيون هونديون، نہ ڪنهن سندر روپ کي ڏسي موهت

پيارن جي رکشا ڪن ٿا. ان ڪري پريوءِ جي شرڻ ونو. ڪنهن نہ ڪنهن سنپرڪ جو سنگہ ضرور ڪريو ۽ اُن جي سکيائن موجب هلڻ جو يتن ڪريو.

پريم پرڪاش منڊل جو بزرگہ سنت سوامي گنگارام ٢٩ مئي ٻڌر ڏينهن اندور ۾ برهملين ٿيو. ان سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سوواميڄن ٣٠ مئي صبح جو اندور ۾ پڌاريا. سواميڄن کيس شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ ڪيئن نہ هي پيارو ٢٤ ورهين جي عمر ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي شرڻ ۾ آيو ۽ امراپور آستان جي لڳن ۽ نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪندو رهيو ۽ ڪوناري ٿي رهيو. جئپور ۾ پڻ آستان تي شيوا ڪندو رهيو. ان بعد کيس اندور جو پريم پرڪاش مندر سپرد ڪيو ويو. هن آستان تي پڻ هن جيون جا پويان سال سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳائي.

پوڄنيہ سواميڄن ٢ جون کان ٩ جون تائين سنڌونگر جي آشرم ۾ نت نيم ستسنگہ پروچن ڪيو. 'سپ جو سائين' فلم جي شوٽنگہ سنبنڌ ۾ ڊاڪٽر جي.ايس. گرناڻي، پوڄنيہ سواميڄن کي ٤ جون صبح جو مني ڪشمير بمبئيءَ وٺي ويو. جتي سواميڄن منڊليءَ سهت شريمد ڀڳوت تي پروچن ڪيو. ١٠ جون پوڄنيہ سواميڄن رام نگر سورت ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام مندر ۾ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ١٢ جون پوڄنيہ سواميڄن پريم پرڪاش مندر دهليءَ ۾ پڌاريا. سنت جئديو اُتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي ملهائي. پوڄنيہ سواميڄن ١٢-١٣ جون شام جو اُتي ستسنگہ ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهارجن جي جيون ۽ ڪاريہ تي روشني وڌي.

سوامي ماڌوداس مهاراجن جي آستان، آدرش نگر اجمير ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسو ملهايو ويو. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ١٤ جون آدرش نگر اجمير ۾ پڌاريا. پياري مرليڌر ڪرناڻيءَ پوڄنيہ سواميڄن جو ستڪار ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن پنج ڏينهن صبح ۽ شام اُتي امرت ورکا ڪئي. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج سنڌ جي مهان وڀوتي هئا. هنن هزارن لوڪن کي ستنام ساکي منتر ڏيئي سندن آڌياتمڪ مارگہ درشن ڪيو. ستگرو مهاراجن لوڪ شيوا جا بہ اُتم ڪاريہ ڪيا. اڄ ديش وديش ۾ سندن شرڌالو سندن ڏينهن ملهائين ٿا. اسان جو سؤڀاڳيہ هو جو اسان کي سندن چرنن ۾ ويهڻ جو وجھ مليو. سندن شيوا ڪرڻ ۽ سکيا گرهڻ ڪرڻ جو سؤڀاڳيہ پراپت ٿيو. پارس لوه کي سپرش ڪندو آهي تہ سون بڻائي ڇڏيندو آهي، پر سنتن جو سنگہ جنهنکي ملي ٿو، سنت اُن کي پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏين ٿا. سنت چت جي ورتي پريوءَ سان جوڙائين ٿا. جيون جو مقصد ئي آهي نام جپڻ، پريوءَ سان پريم جو ناتو جوڙڻ. سڀاڳو سو، جنهنجي دل ۾ پريوءَ لاءِ پياس آهي.

١٩ جون پوڄنيہ سواميڄن پريم پرڪاش مندر گواليار ۾ پڌاريا. اُتي بہ ٽي ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪري ٢٢ جون پوڄنيہ سواميڄن پلوَل ۾ پڌاريا ۽ اُتي بہ ڏينهن امرت ورکا ڪيائون. اُتي پوڄنيہ سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ جيڪو منش پريوءَ کان ومکہ آهي، اُهو مرتڪ سمان آهي. مانوَ جنم جي مول مراد آهي نام سمرڻ، ڀڳوت چنتن ڪرڻ. ان کان سواءِ جيون ويرٿ آهي. جيوَ کي ڪيترا بہ سنساري سکہ پدارٿ هجن، پر هوَ پريوءَ

تلسي سنگت ساڌ کي، برٿا ڪبھ نہ جاي،

سؤلي ماٿي ۾ لکي، ڪاٽلي سي ڪٽ جاي.

پريميو، ڪنھن نہ ڪنھن سنت جو سنگ ضرور ڪريو. سنتن جي سنگ سبب توهان تي آيل آپدا ٽري ويندي يا سؤريءَ مان ڪنڊو ٿي ويندو. ان ڪري نت نيم ستسنگ ۾ وڃو. سنتن جو سنگ پڻ وڏڀاڳيءَ کي پراپت ٿيندو آهي.

سنت ڪا سنگ، وڏڀاڳي پائي.

هڪڙا ٻہ ڀائر هئا. ننڍو ڀاءُ روز ستسنگ ۾ ويندو هو ۽ وڏو ڀاءُ دنيوي عيش ۾ پورو هوندو هو. ننڍو ڀاءُ ڪيس ور ور وينتي ڪندو هو تہ سنتن وٽ هلي، اُنهن جو درشن ڪري، وچن شروڻ ڪر، پر وڏو ڀاءُ ستسنگ ۾ هلڻ کان ٽهندو هو. آخر هڪڙي ڏينهن ننڍي ڀاءُ جي زور ڀرڻ تي هوُ هن سان گڏ ستسنگ ۾ ويو. رستي تي ٻئي ڀائر ٿاٻڙجي ڪري پيا. وڏو ڀاءُ جيئن هيٺ ڪريو تہ ڪيس هٿ ۾ سوني گني ملي ۽ ننڍو ڀاءُ جيئن ڪريو تہ ڪيس پير ۾ ڪنڊو لڳو. وڏي ڀاءُ ڪلندي ننڍي ڀاءُ کي چيو تہ تون روز ستسنگ ۾ ويندو آهين تہ توکي وڏو ڪنڊو لڳو آهي ۽ مان ستسنگ ۾ نہ ويندو آهيان تہ مونکي ڪرڻ سان سوني گني ملي آهي. آخر ٻئي ڀائر ستسنگ ۾ آيا ننڍو ڀاءُ سنتن اڳيان روئندي چوڻ لڳو تہ مان روز ستسنگ ۾ ايندو آهيان. اڄ مان پهريون دفعو وڏي ڀاءُ کي ستسنگ ۾ وٺي پئي آيس تہ رستي تي ٻنهي ڄڻن کي جدا جدا هنڌن تي ٿاٻو آيو ۽ ٻئي ڪري پياسين. مونکي ڪرندي ڪنڊو لڳو آهي ۽ منهنجي وڏي ڀاءُ کي ڪرندي گني ملي آهي. منهنجو وڏو ڀاءُ ستسنگ ۾ اچڻ کان بنھ ڪيٻائيندو آهي. اڄ پهريون دفعو مان ڪيس هٿ وٺي آيو آهيان. ائين ڇو ٿيو؟ سنت ٻنهي ڀائرن کي سانتوَنا ڏيندي چيو تہ جتي توهان کي ٿاٻو آيو، اُها جاءِ مونکي ڏيکاريو. ٻئي ڀائر سنت کي وٺي آيا. وڏي ڀاءُ اُها جاءِ ڏيکاري جتي ڪيس ٿاٻو آيو ۽ ڪرندي هڪ سوني گني ملي. سنت چيو تہ اِها جاءِ ٿوري کوٽيو. زمين کوٽڻ سان اُتان هڪ ديگہ سڙيل گنين جي ملي. سنت چيو پيارا، تنهنجي نصيب ۾ هيءَ سونين گنين جي ديگہ لکيل هئي، پر تون ستسنگ کان ومکہ رهئين، ڪکرمن ڏانهن پرورت رهيئن، اُن ڪري ساري سونين گنين جي ديگہ سڙي ويئي آهي. اڄ هڪ ڏينهن تون ستسنگ ۾ آئين، توکي هڪ سوني گني پراپت ٿي آهي. جيڪڏهن نت نيم ستسنگ ۾ اچين ها تہ سڄي گنين جي ديگہ توکي ملي ها! ننڍي ڀاءُ وري ڪنڊي لڳڻ واري جاءِ سنت کي ڏيکاري. سنت چيو 'ابا، ان جاءِ تي ڏسو، سوين ڪنڊا سڙيا پيا آهن. صرف هڪ ڪنڊو ڪو بچيو، جو توکي لڳو آهي. تنهنجي نصيب ۾ توکي جام ڪنڊا لڳڻا هئا، پر ستسنگ جي پرڀاوَ ڪري ٻيا سڀ ڪنڊا سڙي ڀسم ٿي ويا، توکي صرف هڪ ڪنڊو لڳو آهي. جيڪڏهن توکي هي سڀ ڪنڊا لڳن ها تہ تنهنجي ڪهڙي حالت ٿئي ها! پريميو، سنت سوريءَ مان ڪنڊو ڪندا آهن. لکيل آپدا ايندي پر ستسنگيءَ تي اُن جو اثر تمام گهٽ ٿيندو. ڪشٽ ايندو، پر پريو اُن ڪشٽ کي هلڪو ڪري ڇڏيندو. جيئن ڪو ٻار اتفاق سان ڀهرئين ماڙي تان ڪري، پر هيٺ زمين تي ڏه گديلا پيا هجن ۽ ڪيس ڪجھ ضرب نہ رسي. ڪرڻ لکيل هو پر ايشور ڪرپا سبب ڪيس آڌار ملي ويو ۽ ٻالڪ بچي ويو. تيئن پريو ۽ سنت پنهنجن

۱۴ جولاءِ شام جو پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش منڊلي ماٽونگا ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۱۵ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن شولاپور ۾ پڌاريا. اُتي پياري ليکراج، سندس پتني شيلا ۽ ڀين پريمين ڳڏجي ستگرو ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن اُتسو ملهايو. پوڄنيه سواميڄن اُتي ٻي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. پوڄنيه سواميڄن اُتسوَ جو پلئه پائيندي چيو ته پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي نت نيم پرارٿنا ڪريو. ستسنگ ڪريو ته توهانجا ٻيڙا ٻني لڳندا. پريوءَ جي شرڻ ونو ته پريو توهانجي سنڀال ڪندو ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

چنتا پوڄن وسن ڪي، ٽيئون ڪرتي ڪانهه،

هر وشوَمبر دي سبهن، ڪيا تم ديوهن نانهه.

ڪو شخص وديش وڃي رهيو هو. وڃڻ کان اڳ هن پنهنجي پتنيءَ کي چيو ته مان ٻاهر وڃي رهيو آهيان. تنهنجي لاءِ ڪيترن ڏينهن جي لاءِ سيڌو سامان وٺي رکي وڃان. جيئن توکي ڪا دقت نه ٿئي. پتني ڏاڍي سياڻي ۽ ستسنگياڻي هئي. هن پتي ديوَ کي چيو ته جيتري منهنجي عمر آهي اوترن ڏينهن جو سيڌو سامان خريد ڪري منهنجي لاءِ رکي وڃ. پتيءَ چيو ته مونکي ڪل ڪين آهي ته تنهنجي عمر ڪيتري آهي. پتنيءَ چيو پوءِ تون منهنجي چنتا نه ڪر. جنهنکي منهنجي عمر جي ڄاڻ آهي، اُهو پاڻيهي منهنجي کاڌي پيتي جو خيال ڪندو. تون بلاشڪ نشچنت ٿي وديش وڃ. پتي پرديس هليو ويو. ٻئي ڏينهن سندس هڪ پاڙي واري وٽس آئي ۽ کيس چيائين ته ٻڌو اٿم ته تنهنجو پتي پرديس ويو آهي، ڇا تنهنجو پتي تنهنجي کاڌي پيتي جي ويوسٿا ڪري ويو آهي يا نه؟ اُن ڀڳتياڻي پتنيءَ چيو کائڻ وارو پتي ته پرديس ويو هليو آهي، باقي کارائڻ وارو پتي ارٿات ڀڳوان ته هاڻي به مون وٽ آهي. مون سان سدائين ساڻ آهي پوءِ مان چنتا ڇاجي ڪريان!

پريميو، توهان به پريوءَ ۾ اهڙو وشواس رکو. رات ڏينهن چوراسيءَ جي چڪر ۾ نه رهو. دنيوي اِڇائون ڪڏهن پوريون نه ٿينديون. ان ڪري جڳت ۾ پنهنجون جوابداريون پوريون ڪندي چت جي ورتي پريوءَ سان جوڙيو. توهان کي ڌنيواد آهي جو هت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن اُتساهه اُمنگ سان ملهايو آهي. گروءَ بنا منش سڃو آهي، توهان کي ستگرو مهاراجن لاءِ شرڌا آهي، پريم آهي، شل اڃا به ان راهه ۾ وک اڳتي وڌائيندا رهو. گروءَ ۾ ئي توهان کي گوبند جو درشن ٿيندو، صرف وشواس رکو. ستگرو مهاراج گروءَ جي مهما ڪندي چون ٿا:

گرو برهما گرو وشڻو هئه گرو شيش مهيش،

ڪه ٽيئون گرو سوريه شش هئه گر گوُر گٽيش.

ستگرو مهاراجن جي سکيا هنئين سان هنڊائي مانش جنم سڦل ڪريو.

۱۹ جولاءِ سنڌونگر آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن ملهايو ويو.

کان ومک هجي تہ اُهي پدارٿ کهڙي ڪم جا اُنهن جو ملھ ڪونهي. زيروا زيروا زيري ارٿات ٻڙيءَ ٻرسان جڏهن هڪ لکبو تہ اُن جو ملھ ٿيندو. خالي ٻڙيءَ جو ڪو ملھ ڪونهي. هڪ آهي ڀڳوان. جڏهن جيوَ هڪ پرماتما سان سنيھ سنبنڌ جوڙي ٿو تہ سندس ملھ ٿئي ٿو. سنت مهاتمائون جڏهن دنيوي پدارٿن جو تياڳ ڪري پرڀوءَ سان نينهن جو ناتو جوڙين ٿا تڏهن سندن ڪيڏي نہ عزت آبرو ۽ سنمان ٿئي ٿوا راجا ڀرتري، راجا پيپا جيڪڏهن سنساري سکن جو تياڳہ ڪري، پرڀوءَ جي راھ ۾ وکہ نہ وڌائين ها تہ اڄ راجا ڀرتري يا راجا پيپا ڪنهن کي ياد نہ هجن ها.

اجمير ۾ پار برهم چڙي آسٿان تي وارشڪ اُتسوَ ملهايو ويو. پيارو هيرانند نئن، پوجنيہ سواميجن کي اُن اُتسو ۾ وني ويو. پوجنيہ سواميجن اُتي امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

٢٨ جون سنڌونگر جي آشرم ۾ پوجنيہ سواميجن جي پرڌانپٽي هيٺ سنت ڪبيرداس جي جينتي ملهائي ويئي. سنت ديو پرڪاش ۽ ديال آشا، سنت ڪبيرداس جي ڪاويہ تي روشني وڌي. پوجنيہ سواميجن سنت ڪبير کي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ هي پيارو گهر گرهست ۾ رهي مهان سنت ٿيو. سندس ڪاويہ هندي ڀڳتي ڪاويہ جو امر خزانو آهي. سندس امرت ٻاڻي اڄ بہ اسانجي لاءِ آڌياتمڪ چاهي وهنوارڪ جيون لاءِ مارگہ درشن ڪري ٿي. سنت ڪبير جيان اسين بہ نام سان نينهن جو ناتو جوڙيون.

٥ جولاءِ کان ٧ جولاءِ پوجنيہ سواميجن سچکنڊ دربار ملند سنڌي ڪالونيءَ ۾ ستسنگہ پروچن ڪيو. پياري شيوارام ڀمياڻيءَ پوجنيہ سواميجن جو سواگت ڪيو. پوجنيہ سواميجن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پرماتما کي نہ وساريو. هي شرير پرڀوءَ جو مندر آهي. اُن شرير جي پوري پوري سنڀال لهو. ان دواران ڪو ڪڪرم نہ ڪريو. منش شرير اُتم ديھ آهي.

سدائين بيمار رهندڙ آدمي بہ مردي وانگر آهي. جيءُ خوش تہ جهان خوش. صحت نيڪ آهي تہ ڪاڙو پيتو بہ وڻندو، نہ تہ تہ دنيوي ڪاڙو پيتو بہ زهر سمان لڳندو ۽ سنساري پدارٿن هوندي بہ منش ناخوش گذاريندو. سندس سڀاءُ چيڙاڪ ٿي پوندو. ڀڳوت ڀڄن ۾ بہ دل ڪين لڳندس. انڪري نيم سان ڪاڙو پيتو کائو. ڪاڙو کائجي جيئڻ لاءِ نہ جيئجي ڪاڙو کائڻ لاءِ. زبان چسڪن پويان هوندي آهي. صحت جي رکشا زبان تي ضابطي رکڻ سان ٿي سگهي ٿي. روز شڌ هوا ۾ پنڌ ڪجي. سنيم سان هلجي ساتوڪ ڀوڄن کائجي ۽ گهٽ کائجي. اُپواس رکجي تہ پوءِ بيمارين ٿيڻ جو ڪو سبب ئي نہ رهندو. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا.

سمہ سمہ ۾ ڪيجئي، ڪھ ٿيئون اُپواس.

روگہ سمہ ۾ چيت ڪر، هو اُپواسي خاص.

صحت جي خيال کان وقت بہ وقت اُپواس رکجي. جڏهن ڪا بيماري هجي، ماڻهو ناچاڪ هجي تہ اُپواس رکڻ لاڀڪاري آهي. ڌارمڪ درشٽيءَ کان بہ اُپواس رکڻ ضروري آهي.

واپس آيا.

۱۴ آگسٽ کان ۷ سيپٽمبر ناسڪ ۽ ترمبڪيشور ۾ ڪنڀ جو ميلو هو. ان سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ۱۰ آگسٽ ناسڪ ۾ پڌاريا. پوڄنيه سواميڄن ۱۴ آگسٽ صبوح جو ناسڪ ۽ ترمبڪيشور ۾ سوامي ٽيئونرام اَن ڪيتر جو آرنڀ ڪيو ۽ ٻنهي هنڌ ڪاڏي پيتي ۽ رهائش جو سٺو پربنڌ ڪيو. ناسڪ ۾ سوامي چندن پرڪاش مهاراج ڌواران نرمت پريم پرڪاش مندر ۾ ئي سارو آيوڄن ڪيو ويو. سنت اننت پرڪاش شيواڌارين جي سٺي ويوسٿا ڪئي. ستگرو مهاراجن جا هزارين پريمي ڪنڀ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيا. پوڄنيه سواميڄن، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ منڊل جا ٻيا سنت ۽ مهاتمائون وقت به وقت امرت ورکا ڪري تتل دلين کي ٺاريندا رهيا.

پريم پرڪاش منڊل جو مکيه سنت ۽ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جا ڀراتا سوامي ڌرمداس مهاراج ۲۰ آگسٽ منگل ڏينهن منجهند جو ٻڙودا ۾ برهملين ٿيا. انڪري پوڄنيه سواميڄن هڪدم ٻڙودي روانا ٿيا. ٽي ڏينهن سوامي ڌرمداس مهاراجن جو اسٿول شرير درشن لاءِ سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر ۾ رکيو ويو. هزارين پريمي سندن انتم درشن لاءِ آيا جن جي اکڙين ۾ آنسون هئا. پوڄنيه سوامي جن ستگرو مهاراجن جو هينئون ڇهڻ دلسوز آواز ۾ ڳايو.

جوڳي جيءَ ۾ جادو هڻي ويا
مرليون وڄائي خيال ڪٺي ويا.
(۱) جوڳين ڌاران ڪين سري ٿي، لونءِ لونءِ تن کي ياد ڪري ٿي،
سڪ جي مونکي ڏيئي ڪٺي ويا.
(۲) جوڳين لاءِ مان ٿي جوڳياڻي، ٻڌندس تن جي انهوَ واڻي،
وچڻ تنين جا مونکي وڻي ويا.
(۳) جوڳي ويڙا جيءَ جيئاري، پريم پيالو پاڻ پيئاري،
نينهن جا ناتا تن سان ٻڌي ويا.
(۴) ڪهي ٽيئون سي جڙويا لائي، وطن تنين جو ڏسندس ڪاهي،
محبت واري ڏيئي مٺي ويا.

پوڄنيه سواميڄن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سوامي ڌرمداس مهاراج پريم پرڪاش منڊل جا چمڪندڙ ستارا هئا. سندن پيشانيءَ ۾ روحاني تيڄ هوندو هو ۽ سندن پروچن ٻڌي لوڪ ڏاڍو پرڀاوت ٿيندا هئا. پرماتما در پرارٿنا آهي ته سوامي ڌرمداس مهاراج کي شل پنهنجي ڪمل چرنن ۾ نواس ڏئي.

۳ سيپٽمبر کان ۷ سيپٽمبر پريم پرڪاش مندر ناسڪ ۾ ستگرو سوامي سروانند مهاراج جو جنم دن ملهايو ويو. پنج ئي ڏينهن پرم پوڄنيه سواميڄن ۽ ٻين سنتن ستسنگ پروچن ڪندي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي. اُتسوَ جو پلئه پائيندي

پوڄنيه سواميڄن صبوح جو برهم ڀوڄ جو آيوڄن ڪيو. شام جي ستسنگه ۾ پوڄنيه سواميڄن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته اسانڄا ستگرو مهاراڄ مهان مورتي هئا. ڪيئن نه هنن واريءَ جي دڙن تي تپسيا ڪري اُن ڊپ ڪي پوڄڻ يوڳيه بڻايو جهنگل ۾ منگل ڪري ڇڏيو.

جهنگل ۾ منگل بنايا ستگر پياري ني،

ستگرو مهاراڄن هزارن لوڪن ڪي پرماتما جي راه ۾ چڪيو. اڄ به سندن ٻاٽي اسانڄي راه روشن ڪري ٿي. سندن سڪيائن جي ساڪي پنهنڄي جيون ۾ ڏيوُن. اُنهن جا گڻ پنهنڄي جيون ۾ اپنايون. پٽ اُهو سنو جو پتا جي ويچارن انوسار هلي، پتا جو نالو روشن ڪري. اسين به ستگرو مهاراڄن جي سنتان آهيون. اُنهن جي سڌانتن انوسار هلنداسين ته جس جا ڀاڳي ٿينداسين.

٢٦ جولاءِ گرو پورڻما جي پوتر ڏينهن پربهات جو پريمين پوڄنيه سواميڄن ڪي کير سان اشنان ڪرائي سندن پوڄا ڪئي. هزارن پريمين ستگرو مهاراڄن ڪي ڦول مالهائون ڀيٽ ڪيون. پوڄنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته اڄ وياس پوڄا ارٿات گر پوڄا جو پوتر ڏينهن آهي. پراچين ڪال کان شش ۽ پريمي اڄوڪي ڏينهن پنهنڄي گروءَ جي اپاسنا ڪندا آهن. ستگرو مهاراڄ گروءَ جي مهما ڪندي چون ٿا:

گر ڪا درشن ديکه ڪي، ٿيئون ڀيا نهال،

سب انگه ڦولي ڦاگه جيون، ديکا دين ديال.

ستگرو مهاراڄ فرمائين ٿا ته جيئن ڦڳڻ جي مهني ۾، بهار جي مند ۾ گل ڦل ٿڙي پوندا آهن، تيئن ستگروءَ جو درشن ڪري رڳه رڳه نري پيئي آهي ۽ ڪرتارٿ ٿيو آهيان. پريميو، ڪنهن نه ڪنهن پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وڃو، جيڪو توهانکي ست مارگه بتائي. وهنوار چاهي پرمارٿ لاءِ توهانڄي سونهپ ڪري. ستگروءَ جي ڏنل منتر جو خوب جاپ ڪريو ۽ سندس ڪمل چرنن جو پڻ ڌيان ڪريو ته توهانکي برهم گيان جي پراپتي ٿيندي.

جپ منتر گرديو ڪا، ڌر گر چرني ڌيان،

ارٿ ويچاري شبد ڪا، پائو برهم وگيان.

٢٩ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن هردوار روانا ٿيا. اُتي پريم پرڪاش آشرم ۾ ٣ آگسٽ تائين رهيا. آشرم جي سامهون نهندڙ سوامي سروانند گهاٽ جو ڪاريه نظر مان ڪڍيائون ۽ آشرم جي سنتن سان حالي احوالي ٿيا. پوڄنيه سواميڄن هرجي پؤڙين تي پڻ ويا. ماتا گنگا جي گود ۾ اشنان پاٽي ڪيائون. ٣ آگسٽ پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش مندر دهليءَ ۾ پڌاريا. اُتي به ڏينهن پوڄنيه سواميڄن ستسنگه ورڪا ڪئي ۽ سنت جڏديو کي آگيا ڪيائون ته مندر جي نو نرماڻ جو ڪاريه جلدي آرنڀ ڪر. ٧ آگسٽ پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر ۾

سنتن ۽ پوڄنيہ سواميڄن برهملين سوامي ڏرمداس مهاراج کي شرڌانجلي ارپت ڪئي ۽ سنت اشوڪ لعل کي مندر جو ويوسٿاپڪ مقرر ڪيو.

سنت سوامي ڪمياداس سنڌو نگر ۳ ۾ يوگيراج اُداسين آچاريہ جڳت گروبابا سريچند جو جنمدن اُتسو ملهايو. ۱۷ سيپٽمبر اُتي پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ بابا شريچند صاحب اُداسين سمپردايہ آرنڀ ڪري مهان اُتم ڪاريہ ڪيو.

۲۲ سيپٽمبر کان ۲۵ سيپٽمبر سائين هرچورام صاحب جي ورسي سندن آسٿان اُلهاسنگر ۵ ۾ ملهائي ويئي. ۲۴ سيپٽمبر رات جو پوڄنيہ سواميڄن اُتي ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سائين هرچورام صاحب ست پرش هئا پر ڏيکاري بنھ ڪين ڏيندا هئا. سوَن سوالين کي ڳجھ ڳوھ ۾ ڳنڍيائون. هو پنهنجي پورهئي مان کائيندا پيئندا هئا. سندن چت جي ورتي نام سان جڙيل هوندي هئي. پريميو! توهين بہ سچ جي ڪمائي ڪري نام سان نينهن لڳايو.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري پرم پوڄنيہ ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جو ۸۵ جنم دن اُتسؤ ۲۷ سيپٽمبر کان ۲۹ سيپٽمبر پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ملهايو ويو. ۲۷ سيپٽمبر صبوح جو شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ جو آرنڀ ڪيو ويو. منجهند جو اپاهج ٻارن جي شيوا ڪئي ويئي. ۲۸ سيپٽمبر صبوح جو سينٽرل اسپتال ۾ بيمارن جي شيوا ۽ شام جو وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت ۾ چٽاڀيٽي رکي ويئي. پوڄنيہ سواميڄن جي هٿان وديارٿين کي انعام ڏياريا ويا.

۲۹ سيپٽمبر پرڀات جو پريمين پوڄنيہ سواميڄن کي گنگا جل ۽ کير سان اشنان ڪرايو، ڪين ڦول مالهائون ڀيٽ ڪيون. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ پروچن ڪيو. صبوح جو هوَن يڳيہ ڪيو ويو. اُن ۾ ستگرو مهاراجن آهوتي وڌي. ان بعد جنتا جناردن پريشد؛ طرفان چار سؤ سفيد پوش پينرن کي چادرون، روڪ سهائتا اناج وغيره ڏيڻ جو آرنڀ پوڄنيہ ستگرو مهاراجن کان ڪرايو ويو.

نماشام جو ديال آشا پوڄنيہ سواميڄن کي پشپانجلي ارپت ڪندي جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪاريہ جو ذڪر ڪيو. ڪيترن ئي پريمين پوڄنيہ سواميڄن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ توهان داس جي جيڪا مهما ڪئي آهي اِها ڪاريہ جي مهما آهي. دنيا ۾ چوڌاري دڪہ آهي. دکي لوڪن کي سکي ڪريو ۽ پرڀوءَ کي نہ وساريو. هڪ ٻئي کي پيار ۽ همدردي ڏيو، منو ٻالهايو. اسين وهنوار ۾ ڪيڏو نہ ڪوڙو ڳالهايون ٿا. منا ٿيو، سنا ٿيو تہ پرڀوءَ جي آسيس اوس توهان تي چمڪندي.

سوامي اوڌوداس مهاراج جو ورسي اُتسؤ ۱۰ آڪٽوبر کان ۱۳ آڪٽوبر امباواڙي احمدآباد ۾ آيوجت ڪيو ويو. اُن اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ۱۰ آڪٽوبر احمدآباد ۾ پڌاريا. پوڄنيہ سواميڄن چار ڏينهن صبوح ۽ شام جدا جدا وشين تي ستسنگہ پروچن ڪندي سوامي اوڌوداس مهاراج کي شرڌانجلي ارپت ڪئي. ۱۳ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو نشڪام شيوا منڊل طرفان پوڄنيہ سواميڄن جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ڪيترن ئي پريمين پوڄنيہ سواميڄن کي دشالا ۽ ڦول مالهائون ڀيٽ ڪيون.

پوڄنيہ سواميڄن چيو تہ پريوءَ کي سدائين ياد ڪريو. روحاني راھ تي وڌندي ڪي مشڪلاتون اچن تہ اُنھن جو فڪر نہ ڪريو. ڪنھن نہ ڪنھن سڀاڳي ڏينھن توھانکي ڀڳوت درشن ضرور ٿيندو.

ھڪ سنت صبوح جو ڪنھن آستان تي ڪٿا ڪرڻ لاءِ وڃي رھيو ھو، رستي تي ڪيس ھڪ شخص گڏيو، جنھن اُن سنت کان پڇيو تہ تون سنت ڇو ٿيو آھين؟ سنت چيو پيارا، پريوءَ جي درشن ڪرڻ لاءِ ساڌڪ ٿيو آھيان. اُن شخص وري پڇيو تہ ڇا توکي ايشور جو درشن ٿي ويو آھي؟ سنت چيو تہ اجا تہ درشن ڪين ٿيو آھي. اُن شخص وري سنت کي چيو تہ تون ڇو ويرٿ جيون برباد ڪري رھيو آھين. توکي نہ ايشور پراپتي ٿي آھي نہ ايشور ملندو. ايشور آھي ئي ڪونہ. ايشور بہ ھڪ ڪلپنا آھي. وڃي گھر ۾ شادي ڪري سکي جيون گذار.

سنت اُن شخص کان پڇيو تہ تون ھاڻي ڪيڏانھن وڃي رھيو آھين؟ اُن شخص چيو تہ مان سبزي مارڪيٽ ۾ وڃي رھيو آھيان، ڏس ھٽ ۾ ڀاڄي خريد ڪرڻ لاءِ ڳوٿري بہ آھي. سنت چيو پيارا، توکي ڀاڄي ملي ويئي؟ اُن شخص چيو تہ نہ، مان ھاڻي تہ بزار ۾ ڀاڄيون وٺڻ وڃان ٿو. پئسا بہ آھن، ڳوٿري بہ آھي. مارڪيٽ ۾ پھچان تہ پڪ ئي ڀاڄيون ملي وينديون.

سنت چيو پيارا، مان بہ پريوءَ جي پار جو ھڪ پانڌيئڙو آھيان. نرمل من روپي ڳوٿري آھي، سمرڻ روپي پونجي آھي. جڏھن منزل تي پھچندس تہ ضرور پريوءَ جو درشن ٿيندو. ايشوري مارگہ ۾ ڌاڍي ڌيرج جي ضرورت آھي. سھنشيلتا ۽ ساڌنا جي ضرورت آھي. پريوءَ کي پراپت ڪرڻ ڪو ٻچي ھٽ جو کيل ڪين آھي. ساڌڪ کي ساڌنا ۾ تتپر رھڻ گھرجي اڄ نہ سڀان، سڀان نہ پرھينءَ کيس ضرور سڦلتا ملندي ارٿات ڀڳوت درشن ٿيندو.

پريميو، توھان ھت تيرٿ آستان تي ۽ ڪنڀ جي ميلي ۽ ستگرو سوامي سروانند مھاراجن جي جنمدن اُتسوءَ ۾ شريڪ ٿيا آھيو تہ ستگرو سوامي سروانند مھاراج جون سکيائون اڄ ھتان پرساد روپ ۾ کڻي وڃو. ستگرو سوامي سروانند مھاراجن پنھنجي جيون ۾ سمرڻ، سنيھ، سادگي سنيم جي ساکي ڏني. توھان بہ پنھنجي جيون ۾ انھن گڻن جي ساکي ڏيو. اچو تہ گڏجي ستگرن کي پرارٿنا ڪريون تہ سڀني جا دکہ درد دور ٿين ۽ نام ۾ چت لڳي.

دکہ ڀنجن گرديو تم، ھرلي دوکہ وشال،
ڪڌ ٽيئون نج داس پر، ڪر ڪرپا ڪرپال.

سوامي ڌرمداس مھاراجن جي تيرھي جي اُتسو سنبنڌ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ١١ سيپٽمبر سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر بڙودا ۾ پڌاريا. پوڄنيہ سواميڄن ٽيئي ڏينھن صبوح ۽ شام ستسنگہ پروچن ڪندي سوامي ڌرمداس مھاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

١٢ سيپٽمبر صبوح جو سوين سنت ۽ ھزارين پريمي تيرھي جي اُتسو ۾ آيا. سڀني

پروچن ڪندي ڀڳت ڪنوررام صاحب جي پراُپڪاري جيون جو ورڻن ڪيو. صبح ۽ شام جو پوجنيه سواميڄن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ ستسنگ ڪيو.

جلگانوَ ۾ بابا هرداسرام صاحب جي آستان تي، ڀڳت شرومڻي سنت ڪنوررام صاحب جي ورسي ملهائي ويئي. ان ورسي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ٢٧ آڪٽوبر جلگانوَ ۾ پڌاريا. پوجنيه سواميڄن اُتي ستسنگ پروچن ڪندي ڀڳت ڪنوررام صاحب جي جيون تي روشني وڌي. ٣٠ آڪٽوبر رات جو پوجنيه سواميڄن سائين وسڻ گهوٽ جي ورسي اُتسوَ ۾ شريڪ ٿيا.

١ نومبر پوجنيه سواميڄن سوامي گوالانند مهاراجن جي ورسي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ سوامي رامڪرشن جي آشرم پونا ۾ پڌاريا. ١ نومبر شام جو ۽ ٢ نومبر صبح جو اُتي پوجنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي سوامي گوالانند مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي ۽ شام جو سوامي گوالانند آشرم سنڌونگر ۾ ورسي اُتسوَ سنٻنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ستسنگ ڪيو.

جنتا جناردن پريشد طرفان چار سوَ ڀينرن کي ڏياريءَ جي اُتسوَ سبب مٺائي ۽ ٻارن لاءِ آتشبازي ڏيڻ جو مهورت پوجنيه سواميڄن هٿان ڪرايو ويو. شام جو پوجنيه سواميڄن بمبئي روانا ٿيا. ٥ نومبر ڏياريءَ جي پوتر ڏينهن پيارو لڇمڻ ڪنعيالعل ڀوڄا پوجنيه سواميڄن کي پنهنجي آفيس ڪالباديويءَ ۾ وٺي ويو. اُتي ڪيترائي پريمي پوجنيه سواميڄن کان نوَن چوپڙن رکڻ لاءِ آسيس وٺي ويا.

٨ نومبر چنڊ ڏينهن پرڀات جو پوجنيه سواميڄن ڪارتڪ ڪٿا جو آرنڀ ڪيو. پوجنيه سواميڄن روز پرڀات جو ڪارتڪ ڪٿا جي سمجهاڻيءَ سان گڏ شري گرو گرنٿ صاحب جي ٻاڻيءَ جي وياکيا به ڪندا هئا.

١٤ نومبر گوپ اشٽميءَ ڏينهن صبح جو پوجنيه سواميڄن گئو شيوا جي مهتوَ تي وياکيان ڏيندي چيو ته گانءِ ماتا جي شيوا اُتم شيوا آهي. گانءِ ۾ سڀني ديوتائن جو واسو آهي. گانءِ هنسا اسانجي ديش تي وڏو ڪلنڪ آهي. انڪري گئو رکشا لاءِ زبردست آندولن هلائڻ گهرجي. ڌرم جي لحاظ کان چاهي آرٿڪ درشٽيءَ کان گانيون راشٽر جي امولهه سمپتي آهن. اُنهن جو ناش ارٿات ديش جو وناش! گئو رکشا ڌرم ۽ ديش جي رکشا آهي. ستسنگ بعد آشرم مان گانين جو جلوس نڪتو، جنهن ۾ پوجنيه سواميڄن، ڪيترائي سنت ۽ هزارين شرڌالو شريڪ ٿيا. شام جو ٥ ٻجي شري راڌي شيام گئوشالا ۾ پوجنيه سواميڄن جي پرڌانپڻي هيٺ گوپ اشٽمي اُتسوَ ملهايو ويو. پوجنيه سواميڄن ڀڳوان شري ڪرشن ۽ گانين جي باري ۾ وياکيان ڪندي گئوشالا جي ٽرسٽين کي ڌنيواد ڏني.

١٨ نومبر ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن پرڀات جو پوجنيه سواميڄن ڪارتڪ ايڪادشيءَ جو مهتوَ ٻڌايو. ان بعد هزارين شرڌالو پوجنيه سواميڄن سان رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اُتي پوجنيه سواميڄن ويراڳي ڀڄن ڳائيندي چيو ته هن آستان تي اچڻ کان اڳ توشو تيار ڪيو. اِهو توشو اٿوَ ست ڪرم، پنهنجا سواس ويرٿ نه وڃايو. اڄ ساري رات جاڳي پرڀوءَ کي پرچايو.

پوجنيہ سواميڄن آسيس ڪندي چيو تہ سنتن جو ڪم آهي نام جپڻ ۽ نام جپائڻ. توهان داس کي ڪيڏو نہ قرب ڏنو آهي. اهڙو قرب، پيار هڪ ڀيري کي ڏيو ۽ نام کي ور ور ياد ڪريو تہ توهان جو مانش جنم سڦلو ٿئي.

نام جپڻ بہ نصيبن تي آهي. هڪڙو ڀيڙو شخص مرڻينگہ حالت ۾ هو. هو جيون ڀر پرڀوءَ جي نام کان وڇڙيو رهيو. سندس پٽ پريوار هن کان رام نام چوائڻ لڳا پر هن ڀيري جي مکہ مان رام جو نالو نہ نڪتو. سنٻنڌين چاهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ انت ويلي من هي نام جپي تہ هن جي مکتي ٿي ويندي، پر اُن ڀيڙي رام جو نالو نہ اُچاريو. گهر جي ڀاتين ڪيس ور ور چيو ’چئو رام، بابا رام‘ ڀيڙي کي شايد رام جي نالي کان ئي نفرت هئي. آخر وڏي پٽ سياڻپ ڪري پنهنجي پيٽيوئي کي سڏ ڪري پتا جي سامهون ويهاريو. اُن جو نالو سيتارام هو. وڏي پٽ جي مراد هئي تہ ڪنهن نموني سندس پتا جي مکہ مان رام جو نالو نڪري. هن پتا کي چيو ’بابا، توهان هن کي سڃاڻو ٿا؟‘ ڀيڙي چيو، ڇا مان بيهوش ٿوروئي ٿي ويو آهيان. هي منهنجو ناني آهي. ڀيڙي سيتارام نہ چئي ناني چيو. سندس ڀاڳہ ۾ شايد رام جو نالو اُچارڻو ئي ڪين هو.

پريميو، جنهن جو چت نرمل آهي اُهو ئي نام جو نالو اُچاري سگهندو. جنهنجي دل ۾ پرڀوءَ لاءِ پياس هوندي، اهو دکہ ۾ چاهي سکہ ۾ نام کي ياد ڪندو. جنهن جي زبان رام جي نام وٺڻ کان ڪيٻائي ٿي، سو ڀيري جنم ۾ گونگو ٿئي ٿو. توهان جيڪڏهن ڀيري جنم ۾ گونگا ٿيڻ چاهيو ٿا تہ ڀلي نام نہ جپيو. توهين جيڪڏهن پنهنجو آئينده روشن ڪرڻ چاهيو ٿا، جنم سڦلو ڪرڻ چاهيو ٿا تہ خوب نام جپيو.

١٤ آڪٽوبر پوجنيہ سواميڄن بمبئيءَ ۾ واپس آيا. اُتي ڪار ۾ هڪ هفتي لاءِ لوڪ هت ڪٽير ستسنگہ هال ۾ پريمين پوجنيہ سواميڄن جي ستسنگہ پروچن جو ڪاريہ ڪرم رکيو. پوجنيہ سواميڄن روز رات جو جدا جدا وشين تي پروچن ڪري پريمين جو مارگہ درشن ڪيو. بمبئي دور درشن وارن پڻ پوجنيہ سواميڄن جو ستسنگہ اُپديش رڪارڊ ڪيو. ٢٠ آڪٽوبر آرتوار شام جو ستسنگہ ڀڳيہ جو سماپن ڪندي پوجنيہ سواميڄن چيو تہ سيني شيواڌارين کي ڌنيواد آهي، جن هي ستسنگہ جو ڪاريہ ڪرم رکيو.

آڌياتمڪ اُنتي چاهي وهنوارڪ واڌاري لاءِ مٺو ڳالهائڻ تمام ضروري آهي. مٺي زبان دواران توهان سيني کي وس ۾ ڪري سگهو ٿا. سنت تلسيداس چوي ٿو:

تلسي ميلي وچن سي سک اُپجت چهون اور،

وشيڪرڻ يہ منتر هئہ تج لي وچن ڪٺور.

پريميوا مٺي ڳالهائڻ سبب سکہ جي پراپتي ٿئي ٿي انڪري توهان ڪنهن سان ڪوڙو نہ ڳالهايو ڀاڙو نہ ٻوليو. ڪم ڪاريون ڪندي پرڀوءَ کي ياد ڪريو.

٢١ آڪٽوبر پوجنيہ سواميڄن ڪوٽا ۾ پڌاريا. اُتي سنڌي سماج طرفان امر شهيد ڀڳت ڪنوررام صاحب جي ورسي ملهائي ويئي. پوجنيہ سواميڄن ٻي ڏينهن رات جو ستسنگہ

چاڙهي اُتسؤ جو آرنڀ ڪيو. منجهند جو ٣ بجي آشرم مان پوجنيه سواميجن جي نيترتو ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شنڪر، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جهانڪين سان شاهي جلوس رام نام جون ڌنيون لڳائيندو نڪتو. شام جو ٦ بجي جلوس پياري موٽومل چانڊواڻيءَ جي گهر وٽ پهتو. شري موٽومل چانڊواڻيءَ، پياري دولترام چانڊواڻيءَ ۽ ساري پريوار پوجنيه سواميجن ۽ سنتن جو ستڪار ڪيو. جلوس ٨ بجي آشرم ۾ واپس آيو. چار ڏينهن صبوح ۽ شام جدا جدا سنتن مهاتمائن ڀڳتي گيان ۽ ٻين وشين تي پروچن ڪيا ۽ ڀڳتي سنگيت جي ورکا وسائي. ١١ ڊسمبر صبوح جو سنت سماڳم ٿيو. پوجنيه سواميجن آيل سڀني سنتن جو سواڳت ڪيو. ڪين ڀوڄن ڪارائي ڀيٽائون ڏنيون. عام لاءِ ڀنڊارو چارئي ڏينهن چالو رهيو.

١٢ ڊسمبر پرڀات جو پوجنيه سواميجن سڀني سنتن سان گڏجي اُتسوَ جو پلؤ پائيندي سڀني شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هن اتسؤ ۾ ڪنهن به سنت کي يا آيل پريميءَ کي ڪا تڪليف ٿي هجي ته داس کي ڪميا ڪندا. پريميو، سنگت ۾ صاحب ٿيندو آهي. اڄ گڏجي پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا ڪريو ته ديش ۾ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ٿئي. داس اڄ توهان کي اپيل ڪري ٿو ته ڀڳوان جي نالي نياڻين کي نه ستايو، ڏيتي ليتي گهٽايو، پڪين پسن تي ديا ڪري هنسا جي ڪاڏي ڪائڻ کان ڪنارو ڪريو. هڪ ٻئي کي پيار ۽ همدردي ڏيو ۽ ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي روز پريوءَ کي ياد ڪري پياس مان پڪاريو. پريو توهانجا ڪارج پاڻ اچي پورا ڪندو.

١٤ ڊسمبر چنڇر رات جو پوجنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي پريرڻا سان سوامي ٽيئونرام ڌرمشالا اُلهاسنگر ٥ ۾ جنتا جناردن پريشد جي سهاري ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويو. ڊاڪٽر ديال آشا گهوٽيتن ڪنوارين جو سواڳت ڪندي چيو ته پوجنيه سواميجن جي ڪرپا سان هر سال بنا خرچ ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو وڃي ٿو. پوجنيه سواميجن جوڙن کي آشيرواد ڪندي چيو ته اڄ کان توهانجي نئين زندگي شروع ٿئي ٿي، اُن ڪري گرهست جيون ۾ پريم ۽ شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ڪريو. گهر ۾ وڏڙن جي آڳيا ۽ ادب ۾ رهندا ته پريوءَ جي به اوهان تي ڪرپا ٿيندي. پياري وکيارام شراف، پياري چاڳارام وسنداڻي ۽ ٻين، جن هن ڪاريه ۾ سهيوگ ڏنو آهي تن کي ڌنيواد آهي.

١٥ ڊسمبر شام جو ٧ بجي سنڌونگر واسين طرفان بجاج هال سنڌونگر ٢ ۾ ديال آشا جي ساهتيڪ سماجڪ تعليمي سيوائن شري گوپيچند ڀراڻي پياري وجيه منگناڻيءَ رام چنچلاڻي، رميش آهوجا سنمان اُتسو آيوجت ڪيو. اُتسو جي صدارت پوجنيه سوامي جن ڪئي. مکيه مهمان شري ناري گرسهاڻيءَ، گوپيچند ڀراڻي، هرداس ماکيجا، شاعر گل شرما ۽ ٻين ڪيترن سڄڻ ڊاڪٽر ديال آشا جي خدمتن جو ذڪر ڪيو. پوجنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج دواران ديال 'آشا' کي گولڊ ميڊل ڏياريو ويو. پوجنيه سوامي جن آشيرواد ڪندي چيو ته پيارو ديال اسانجو ٻالڪ آهي. اوهان سڀ هن پياري کي آسيس ڪريو ته ڀڳوان هن کي سٺي صحت ۽ وڏي آورجا بخشي جئن وڌيڪ خلق خدمت جا ڪاريه ڪندو رهي. شيوا جو ڦل آهي وڌيڪ شيوا ڪرڻ.

نماشام جي ستسنگ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي چيو تہ اڄ توهان ايڪادشيءَ جو اُپواس رکيو آهي. اُپواس رکي ايڪانت ۾ ڀڳوت چنتن ڪريو، ڪنهن تي غصو نہ ڪريو، گهڻو ڳالهايو. گئو ماتائن جي شيوا ڪريو ۽ خوب دان پن ڪريو.

١٩ نومبر منجهند جو پوڄنيہ سواميڄن سوامي ٽيئونرام سوامي چندن پرڪاش مندر پونا ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن ٽي ڏينهن امرت ورڪا ڪئي. سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ هي ڪارتڪ جا ڏينهن وشيش مهتوَ وارا ڏينهن آهن. امرت ويلي اُٿي خوب نام جپيو ۽ ست ڪرم ڪريو. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

پراتهڪال جو اوٺ ڪي، ڪرت هري گڻ گان،

ڪه ٽيئون سو جڳت ۾، هووَت سنت سڄان.

برهم مهورت جو اُٿي صرف نام جو چنتن ڪريو. پريوءَ جو ڌيان ڪريو تہ توهان آتمڪ آنند جو انڀوَ ڪندا.

٢١ نومبر شام جو ٤ بجي سواميڄن پونا مان سنڌو نگر ۾ واپس آيا. شام جي ستسنگ ۾ شري گرو گرنٿ صاحب، شري پريم پرڪاش گرنٿ ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جو ڀوڳ وڌو ويو. پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ ڪلجڳ جي اوتار شري گرو نانڪ ديو مهاراج اوتاري پرش هوندي بہ نام سان نينهن جو ناتو جوڙيو. رٽڻ ڪندي بہ گروڄن نام جو سنديش ڏنو. هزارن لوڪن کي اگيان جي ننڊ مان سچيت ڪري نام جو امرت پيئاريو. اسين بہ نام کي نہ وساريون. گروڄن پنهنجي باڻيءَ ۾ نام جي ڪيڏي نہ مهما ڪئي آهي. رات جو پوڄنيہ سواميڄن جدا جدا آستانن تي شري گرونانڪ ديو جنم دن اُتسوَ ۾ شري گرونانڪ ديو مهاراڄن کي پشپانجلي ارپڻ ڪئي.

٢٢ نومبر پوڄنيہ سواميڄن ناگپور روانا ٿيا. اُتي بہ ڏينهن امرت ورڪا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪيائون ۽ ٢٥-٢٦ نومبر ڪامٽي ۾ ستسنگ پروچن ڪيائون. ٢٧ نومبر سواميڄن ياٽاپاڙا ۾ پڌاريا. اُتي ماتا سمجهہ بائيءَ جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ ڀڳوان جنهن تي ڪرپا ڪري ٿو تنهنکي ستسنگ نصيب ٿئي ٿو. جنهنکي ستسنگ ملي ٿو اُهو ائين سمجهي تہ پرماتما سندس اُڌار لاءِ وشيش ڪرپا ڪئي آهي. ستسنگ ڪيترن ئي جنمن جي پاپن کي ناس ڪري ٿو. ڀڳوت ڀڳتيءَ جو ڦهريون ڏاڪو آهي سنتن سنپرڪن جو سنگ. انڪري پريميو! ڪنهن نہ ڪنهن سنت جو سنگ ڪمايو تہ توهان کي بہ رام جو رنگ لڳندو. ماتا سمجهہ بائي پڻ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن ستگرو سوامي سرواننڊ مهاراڄن سان پريم جو ناتو جوڙيو اڄ توهان سندس ورسي ملهائي رهيا آهيو. هن ماتا نہ صرف پاڻ نام جپيو پر ڪيترن پريمين کي پريوءَ جي طرف چڪيو. ٻيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو پر پريوءَ کي نہ وساريو تہ توهانجو جنم سڦلو ٿيندو.

سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر جو وارشڪ اُتسوُ ٨ ڊسمبر کان ١٢ ڊسمبر سنڌونگر ۾ آيوجت ڪيو ويو. ٨ ڊسمبر صبوح جو پوڄنيہ سواميڄن منڊل جي سنتن سان گڏ جهنڊو

صبح جو پوڄنيہ سواميڄن وٽ من جون شنڪائون کڻي ايندا هئا. پوڄنيہ ستگرو مهاراج سرل سمجهاڻين دوارا سندن شنڪائن جو سماڌان ڪندا هئا. ماتا ڪرشنا ۽ سندس پريوار ڏاڍي پريم سان ستگرو مهاراجن جي شيوا ڪندو رهيو. ماتا ڪرشنا سامتاڻي تہ ستگرو مهاراجن تان وارو وار ٻلهار ويندي هئي. آتي ستنام ساکي هال ۾ پوڄنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ پرماتما سرو وياپڪ آهي. پرڪرتيءَ جي ستا بہ پرماتما جي ڪري ئي آهي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ساکي چيتن برهم ڪا، سب گهٽ ۾ هئہ واس،

ڪهہ ٽيئون شش سوريہ ۾ تنڪا هئہ پرڪاش.

ڪيترا سڄڻ چوندا آهن تہ اسانکي ايشور جو درشن نٿو ٿئي. ايشور درشن ڇا آهي، ڀرين اُن جي ڄاڻ هئڻ گهرجي. پربوءَ جي درشن ڪرڻ کان اڳ ۾ اِهو ويچار ڪجي تہ درشن ڪرڻ وارو ڪير آهي؟ هڪ دفعي سوامي رام تيرٿ، مهاراجا ڪيرتي شاهہ وٽ رهيل هو. هڪ ڏينهن مهاراجا سوامي رام تيرٿ کان پڇيو تہ ايشور ڇا آهي؟ سوامي رام تيرٿ چيو تہ ڇا توکي ايشور جي باري ۾ سنديهہ آهي؟ راجا چيو تہ مان جيسين اکين سان ڏٺو ڪين آهي تيسين صرف لفظن کي نہ مڃيندس. سوامي رام تيرٿ چيو تہ مان جيڪي لفظ ڳالهائي رهيو آهيان، ڇا اُهي لفظ تون ڏسي رهيو آهين؟ راجا چيو نہ، پر اِهي لفظ ٻڌي تہ رهيو آهيان پر ايشور تہ ٻڌڻ ۾ بہ نٿو اچي. سوامي رام تيرٿ، مهاراجا کي هڪ عطر جي شيشي کولي ڏني ۽ چيائينس تہ هن کي سنگهہ. راجا عطر سنگهي چيو تہ هن ۾ واهہ جو سڳنڌ آهي. سوامي رام تيرٿ چيو تہ هيءَ سڳنڌ تہ نہ ڏسڻ ۾ اچي ٿي نہ ٻڌڻ ۾ اچي ٿي، پر ڇا سڳنڌ ۽ درگنڌ جي ستا کان انڪار ڪري سگهجي ٿو؟ راجا چيو تہ نہ. سڳنڌ ۽ درگنڌ اکين ۽ ڪنن سان واسطو نٿي رکي پر نڪ ان کي گرهڻ ڪري سگهي ٿو، پر ايشور تہ نہ اکين سان ڏسي سگهجي ٿو، نہ هنن ڪنن سان سندس آواز ٻڌي سگهجي ٿو، نہ نڪ سان هن جي سرهاڻ سنگهي سگهجي ٿي؟ سوامي رام تيرٿ راجا کي هڪ پڪل انب کائڻ لاءِ ڏنو. راجا اُهو انب چکي چيو تہ انب ڏاڍو مٺو آهي. سوامي رام تيرٿ چيو تہ هاڻي تون ويچار ڪر تہ ميٺاج، ڪٿائي ڏسڻ ۾، ٻڌڻ ۾ ۽ نہ سنگهڻ ۾ اچن ٿا، پوءِ بہ مٺاس آهي يا نہ. راجا چيو مٺاس جو انڀؤ جڀ تہ ڪري ٿي. توهان تہ ايشور لاءِ سدائين ائين چئو ٿا تہ هو اندرين اگوچر آهي. مونکي ائين لڳي ٿو تہ ايشور هڪ ڪلپنا آهي، حقيقت ۾ ڪجهہ ڪين آهي. اِهو ٻڌي سوامي رام تيرٿ مشڪيو ۽ هڪ سندر ريشمي ڪپڙو راجا ڏانهن ڦٽي ڪندي پڇيو تہ اِهو ڇهي ٻڌاءِ تہ ڪيئن آهي؟ راجا چيو تہ ڪپڙو ڏاڍو نرم آهي. پر توهان هي سڀ پروليون ڇو سلي رهيا آهيو؟

سوامي رام تيرٿ چيو 'مهاراج، ڌيرج ڪيو، توهان کي ڪنهن طريقي سان ايشور درشن ڪرائي رهيو آهيان، توهان کي ڪپڙي جي نرمائي ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۾ نٿي اچي پوءِ توهان اُن کان انڪار نٿا ڪري سگهو. ان نموني ايشور ٻاهرين اِندرين سان واسطو نٿو رکي پر هو آهي ضرور. پربوءَ جي ستا ۾ وشواس رکندڙ منش هن کي ڏسي بہ

سنت پرڀارام جي ورسي ٢٢ ڊسمبر کان ٢٤ ڊسمبر پرڀارام ڪالوني احمدآباد ۾ ملهائي ويئي. ان اتسو سنبند ۾ پوڄنيه سواميڄن ٢٢ ڊسمبر صبوح جو احمدآباد ۾ پڌاريا. پياري پرڪاش نيڻومل، پياري سنتومل ۽ ٻين پريمين ستگرو مهاراڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن ٽيئي ڏينهن شام جو اُتي ستسنگ پروچن ڪندي سنت پرڀارام صاحب جي گڻن جو ورڻن ڪيو. سواميڄن چيو ته ڪيئن نه پيارو سنت پرڀارام جڏهن سالڪ هو ته روز ڪيترو نه پنڌ ڪري رات جو پنهنجي گروءَ جي وڃي شيوا ڪندو هو ۽ وري صبوح جو واپس وري اچي ڪرت ڪار ڪندو هو. ستگروءَ جي شيوا ڪندي ۽ نام جپيندي هي پيارو سنت ٿي پيو. سنت ڪو آسمان مان هيٺ ڪين ايندا آهن پر پنهنجي ستڪرمن ڪري نام جپڻ، شيوا ديا ۽ اُپڪار جي گڻن سبب سنت ٿي پون ٿا. توهين به اهڙا گڻ اپنايو.

گر ڪي سيوا جو ڪري، گر ڪي آگيا مان،

ڪهه ٽيئون گر نام، رٽ گرمکه سو پهچان.

پريميو، ستگرن ۽ سنتن جي شيوا ڪريو، سندن ڏنل نام جو خوب ابياس ڪيو، گهر گرهست ۾ رهي سنساري جوابداريون پوريون ڪريو پر موهه چڪر ۾ نه ڦاسو. اندر ۾ پريوءَ لاءِ پياس اُٿاريو. پريوءَ لاءِ لڙڪ لاڙيو ته توهان کي آتمڪ آنند جي پراپتي ٿيندي.

١ جنوري ١٩٩٢ شام جو ٦ بڄي پريم پرڪاش مندر ماٽونگا بمبئيءَ ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پريميو هٽ نت نيم اچي نام جپيو. بمبئي مايا نگري آهي. رات ڏينهن ان مايا جي پويان پنهنجي جيون ويرٿ نه وڃايو. پرائي استريءَ کي سندس پتيءَ وٽ موڪلجي. پاڻ وٽ رهائڻ دوش آهي. لڪشمي ڀڳوان نارائڻ جي پتني آهي اُن کي پريوءَ جي حوالي ڪريو. امانت ۾ خيانت ڪرڻ ڏوهه آهي. مايا پريوءَ جي سمرپت ڪرڻ ارٿات ست ڪرمن ۾ سڦلي ڪرڻ. ستگرو مهاراڄ پڻ فرمائين ٿا ته جيڪڏهن توهان کي سچو سک کپي ته مايا موهه ممتا جو تياڳ ڪري نشڪام ڀاونا سان نام سمرڻ ڪريو:

ڪهه ٽيئون ترلوڪ ۾، جي چاهو وشرام،

مايا ممتا موهه تڄ، هر سمرو نشڪام.

رات جو پوڄنيه سواميڄن ڪرلا ۾ پياري ڪنعيالعل پهوجا جي گهر ۾ ٽورو وشرام ڪيو. اُتي ڪيترائي پريمي پوڄنيه سواميڄن جو درشن ڪرڻ آيا. پريمين جي قرب ڀري ڪوٺ تي وديش وڃڻ لاءِ پوڄنيه سواميڄن پرڀات جو ٣ بڄي بمبئيءَ هوائي اڏي تي آيا ۽ اُتان وديش ياترا لاءِ روانا ٿيا. پوڄنيه سواميڄن سان گڏ سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت ٽوپڻداس، سنت گيان لعل هئا.

٢ جنوري پوڄنيه سواميڄن جاڪرتا ۾ پڌاريا. اُتي پياري شنڪر گوپ سامتاڻي، ماتا ڪرشنا، پياري لعل واسواڻيءَ ۽ ٻين ڪيترن ڀائرن ڀينرن ستگرو مهاراڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن اُتي جدا جدا آسڻانن تي ١٦ جنوريءَ تائين امرت ورکا ڪئي. ڪي ساڌڪ

اهڙو ڪم نه ڪريو، جو منش چولي ڪي ڪلنڪ لڳي. وديش ۾ رهي به ڀارت جي سنسڪرتيءَ ڪي نه وساريو. سناتن ڌرم جي سڌانتن انوسار جيون گذاريو.

پوڄنيه سواميڄن منڊليءَ سهت ١٧ جنوري سينگاپور پڌاريا. ڀيڻ اندرا، سندس پتي منگهارام ۽ ٻيا پريمي اُتي سٽگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄن جي جوت جڳائي وينا آهن. پوڄنيه سواميڄن اُتي پنج ڏينهن امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. سنڌو هائوس ۾ پوڄنيه سواميڄن پورچن ڪندي چيو ته پريميو، توهان پهلي ڪروڙ ڪنا ڪريو، پر پرماتما ڪي نه وساريو. سٽگرو سوامي ٽيئونرام مهاراڄ فرمائين ٿا:

مات ڳرڀ ۾ تم ڪيئا، هر سي جو اقرار،

ڪه ٽيئون تهن ياد ڪر، سمرو ست ڪرتار.

ماتا جي ڳرڀ جي پيٽ، ڪنيي نرڪ سان ڪئي ويئي آهي، جيو اُتي اُبتو لٽڪيل هوندو آهي. اُن ڪنيي نرڪ مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ جيو، پرڀو کي پرارٿنا ڪندو آهي ته مونکي اِتان ٻاهر ڪڍ ته مان وچي جڳت ۾ تنهنجو نالو جپيندس. پر مايا جي پرپنچ ۾ جيو پرڀوءَ سان ڪيل قؤل وساري وينو آهي. سٽگرو مهاراڄ فرمائين ٿا ته جو منش نام سمرڻ نٿو ڪري، سچ نٿو ٻولي، منو نٿو ڳالهائي، اُن منش کي ٻئي جنم ۾ گونگو ٿيڻو پوندو.

رام نام ستيه وچن، پن مڌر نه بولت جويه،

ٽيئون دوُجي جنم ۾، سو نر گونگا هويه.

پريميو، سچ ڳالهايو، منو ڳالهايو. ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. وهنوار چاهي پرمارٿ جي اُنتيءَ ۾ ڪروڌ به هڪ رنڊڪ آهي. ڪروڌ مان مانسڪ چاهي شاريرڪ نقصان ٿئي ٿو. من ۾ ڪنهن پرتيڪول گهٽنا يا ڳالهه سبب ڪروڌ اچي ته اُن کي هٽائي ڇڏجي، ڪلي ڪلي، مشڪندي، اهڙي ڳالهه ڪجي جو ڪروڌ ڪندڙ پنهنجو پاڻ لڄي ٿئي. ڪيترن ماڻهن جو سڀاءُ ٿيندو آهي جو ٿوريءَ گهٽيءَ ڳالهه تي غصي ۾ اچي ويندا آهن. ڪروڌي ماڻهو مردي سمان آهي. ڪروڌ نرڪ جو دوار آهي. ڪروڌ کان ڪنارو ڪرڻ لاءِ پنهنجو ونودي سڀاءُ رکو. ڪو توهان تي ڏمرجي ته مشڪندي مشڪندي اُن کي ٽاري ڇڏيو. هڪڙي سڄڻ جي پتني ڏاڍي غصي باز هئي. هوءَ ٿوريءَ ٿوريءَ ڳالهه تي پتيءَ تي ڪاوڙ ڪندي هئي. اتفاق سان جيڪڏهن سندس پتي آفيس مان دير سان ايندو هو ته هوءَ مٿس ڏاڍو ڏمرجندي هئي.

هڪ ڏينهن سندس پتي آفيس مان دير سان آيو. جيئن ئي هن گهر ۾ پرويش ڪيو ته سندس پتنيءَ چيو: ڇا مان تنهنجي نوڪرياڻي آهيان جو وري وري ٻاهه ٻاريان. تون هاڻي پهلي ٿڌي روٽي ڀاڄي کاءُ. سندس پتي ونودي سڀاءَ وارو هو. هن ٿڌي ڀاڄيءَ جو ڪٽورو کڻي پنهنجي پتنيءَ جي مٿي تي رکيو. پتني وڏيڪ غصي ۾ ويئي ۽ چيائين ته هيءَ بدتميزي ڇو ٿو ڪرين؟ پتيءَ وراڻيو 'مان ڀاڄي گرم ڪري رهيو آهيان'. پتنيءَ پڇيو، ان جو مطلب؟ پتيءَ مشڪندي چيو ته تنهنجو سر ڪروڌ جي اگنيءَ ڪري گرم آهي ۽

سگهي ٿو ته هڏي به سگهي ٿو ۽ اُن کان وڌيڪ انهؤ ڪري سگهي ٿو. راجا چيو ته مان ايشور جي هستيءَ کي ڪيئن مڃيان؟ سوامي رام تيرٿ ڪيس چيو ته اڄ مان توکي پربهوءَ جو درشن ڪرايان ٿو. پر تون مونکي نمي نمسڪار ڪر. راجا جئن ئي نمي پرڻام ڪيو ته سوامي رام تيرٿ سندس پنيءَ تي مڪ نڪاءُ ڪئي. ڪيرتي شاه رڙيون ڪرڻ لڳو. سوامي رام تيرٿ پڇيس ته ڇا ٿيو؟ راجا ڪيرتي شاه چيو ته توهان ڇا ٿيو، ڇا ٿيو، پيا چئو، توهان اهڙي مڪ هنئين آهي جو مونکي ڏاڍو درد ٿي رهيو آهي.

سوامي رام تيرٿ مشڪندي چيو ته درد ڏسڻ ۾ ته نٿو اچي، تون ڪوڙ ٿو ڳالهائين. راجا چيو 'سوامي درد آهي، مون کي ڏاڍي پيڙا آهي پر اُها ڏيکاري نٿو سگهان.' سواميجن چيو 'ڇا تنهنجو اِهو درد هڏي، سنگهي، چکي، ڇهي سگهجي ٿو؟ راجا چيو ته درد ڪيئن هڏي، سنگهي، چکي ۽ ڇهي سگهبو!' سوامي رام تيرٿ چيو ته پوءِ مان ڪيئن مڃيان ته توکي درد آهي؟ راجا چيو ته مهاراج، درد جو، پيڙا جو صرف انڀو ٿيندو آهي ۽ اُهو احساس به اُن کي ٿيندو جنهن کي ڌڪ لڳو هوندو.

سوامي رام تيرٿ چيو پيارا، اهڙي نموني ايشور جو به انڀو ٿيندو آهي ۽ اِهو انڀؤ تڏهن ٿيندو جڏهن وئراڳيه روپي چوٽ لڳندي. جنهنجي اندر ۾ ڪامنا آهي، واسنا آهي اُهو منش ايشور جو انڀؤ نه ڪري سگهندو. جنهنجي دل ۾ پربهوءَ لاءِ پياس آهي اُهو ئي پربهوءَ جي ويجهو ٿيندو ۽ هڪ سچائي ڏينهن ست چت آنند روپ جو ساڪياتڪار ڪري ڪرتارٿ ٿيندو.

١٥ جنوري شو مندر ۾ پوڄنيه سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته توهان هر ڇنڇر تي ماتا ڪرشنا ديوي سامتاڻيءَ جي گهر ستسنگ ڪريو ٿا. ڪليگ ۾ ستسنگ ۽ شيوا جي وڏي اهميت آهي. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

شرڌا سي ستسنگ ڪر، سيو ڪرو نشڪام

ڪه ٽيئون تيري سڀي پورڻ هووي ڪام.

ماتا ڪرشنا، پياري شنڪرلعل، گوپ سامتاڻي، پياري لعل واسواڻيءَ ۽ ٻين سڀني پريمين کي ڌنيواد آهي جو توهان هت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهيو. جن کي گرو ياد آهي گرو تن کي شاد آباد ڪندو. توهان ڪڏهن ڏکيو ڏينهن نه ڏسندا. ڀڳوت ڪرپا به گروءَ جي آسيس دواران ٿئي ٿي. گروءَ ۽ سنتن کي پرسن ڪرڻ معنيٰ پربهوءَ کي پرسن ڪرڻ. گرو ۽ سنت ڪيئن پرسن ٿيندا؟ جڏهن توهين اُنهن جي سڌانتن، سکيائن تي عمل ڪندا. سنتن جي سکيا سرل آهي. نام جپيو ۽ پر اُپڪار جا ڪم ڪريو.

زندگي بي بندگي شرمندگي.

جيون بنا ڀڳوت پريم جي، بنا نام سمرڻ جي بيڪار آهي. اُن منش کي ڌڪار آهي، شرم اچڻ گهرجي، جيڪو نام کان ومکه رهي ٿو. پريميو، ڪمن جو ڪم آهي نام سمرڻ. پرماتما توهانکي ڌن دولت ڏني آهي، اُها سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو. ان دواران

اسانجي ڌارمڪ شاسترن ۾ لکيل آهي تہ جيڪو انت ويلي نام جپي ٿو، نام اُچاري ٿو، تنهنجي مڪتي ٿئي ٿي.

انت متي سائي گتي.

هڪ سڄڻ هڪ سنت کان سوال ڪيو تہ ڪو شخص ساري عمر پرڀوءَ کي وساري ۽ انت ويلي هڪ دفعو نام اُچاري تہ اُن جي مڪتي ڪيئن ٿيندي؟ پوءِ تہ ڀلي ماڻهو ساري عمر پاپ ڪرم ڪري ۽ صرف پڇاڙيءَ جي وقت نام اُچاري. سنت چيو تہ پيارا، ۲ آڪٽوبر گانڌي جينتيءَ سبب هفتو يا پندرهن ڏينهن کاڌيءَ جي خريديءَ تي ڇوٽ ملندي آهي. سؤ روپين جي کاڌي اسي روپين ۾ ملندي آهي. اِها ڇوٽ سڄو سال نہ هوندي آهي. اهڙي نموني پرڀوءَ طرفان اِها ڇوٽ آهي تہ جيڪو انت ويلي نام اُچاريندو، اُن جو ڪلياڻ ٿيندو. اجاميل ڪيڏا نہ پاپ ڪيا. پر انت ويلي سندس مک مان نارائڻ، نارائڻ، نام نڪتو تہ اجاميل سنسار ساگر مان تري پار پيو. شاسترن جي ڀاو کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. جيڪڏهن توکي کاڌي خريد ڪرڻي آهي تہ اڳواٽ پئسا گڏ ڪندين، تڏهن ئي گانڌي جينتيءَ جي موقعي تي کاڌي سستي اگهہ ۾ خريد ڪري سگهندين. تيئن تون جيڪڏهن جيون ۾ پرڀوءَ لاءِ پياس رکندين تہ ضرور انت ويلي تنهنجي مک مان پرڀوءَ جو نالو نڪرندو ۽ تنهنجي مڪتي ٿيندي. پر جيڪڏهن تون ساري عمر دڪان جي شين جو خيال ڪندين تہ انت ويلي تنهنجي اکين سامهون اُهي شيون پيون ڦرنديون ۽ اُنهن جو نالو پيو وٺندين.

هڪڙو ٻڍڙو مرڻينگہ حالت ۾ سمهيو پيو هو. سندس چارئي پٽ اُتي بيٺا هئا. ٻڍڙي جي اکڙين مان ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. پتا کي روئندو ڏسي وڏي پٽ پڇيو بابا، توهان کي ڪهڙو دک آهي، جو توهين روئي رهيا آهيو؟ چيئو رام رام. پتا چيو تہ ٻيو نمبر پٽ ڪٿي آهي؟ ٻئي نمبر پٽ چيو تہ بابا، ڪا آگيا ڪريو، توهان کي ڪهڙي پيڙا آهي؟ چيئو رام رام. پتا وڌيڪ روئڻ لڳو ۽ پڇيائين تہ ٻيا ننڍا پٽ ڪٿي آهن؟ اُهي ٻئي ننڍا پٽ بہ اُتيئي موجود هئا. ٻنهي پڻ چيو تہ بابا، حڪم ڪريو، توهان جي ڪهڙي شيوا ڪريون؟ چيئو رام رام. توهان کي ڪهڙي دکہ ستايو آهي؟ پيءُ چيخ ڪري چيو 'مونکي هن وقت وڏو دکہ اِهو آهي جو توهان چارئي ٻاڦر هت مون وٽ بيٺا آهيو تہ هن وقت دڪان تي باقي ڪير ويٺو هوندو؟ دڪان تہ پوءِ بند ئي هوندو. افسوس! دڪان جو ڪيترو نقصان ٿيو هوندو. مان ڪيئن نہ محنت ڪري دڪان جي سنڀال ڪندو هوس، توهان سڀ هت بيٺا آهيوا ائين چوندي اُن ٻڍڙي جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو، پر سندس مکہ مان نام جو نالو ڪين نڪتو. اهڙي جيون ڪهڙي ڪم جي!

پريميو، جڳت ۾ رهو، پر جڳت جي ڏنڍن، وهنوارن ۾ ايترو من نہ اٽڪايو جو انت ويلي بہ توهان کي دنيوي ڳالهيون ستائين. دنيا ۾ هٿ جي بہ ڪريو تہ هريءَ جي بہ ياد ڪريو. استري اُها سياڻي جا ساهرن سان بہ چڱيءَ ريت نباهي تہ پيڪن سان بہ پوري هجي. منش اُهو ڪامياب جو وهنوار سان نباهي تہ پرماتما سان بہ چت جي ورتي جوڙي.

۲ فيبروري پوڄنيہ سواميڄن پريم پرڪاش مندر هانگ ڪانگ ۾ پڌاريا. شام جو ستسنگ

منهنجي ٻاچي ٽڏي آهي. تنهنجي سر تي ٻاچي رکڻ سان منهنجي ٻاچي گرم ٿي ويندي. پتيءَ جو اِهو جواب ٻڌي، پتنيءَ جو غصو ڍرو ٿيو ۽ هوءَ کلڻ لڳي. پريميو، اهڙي وقت جيڪڏهن پتي به پتنيءَ تي ڪروڌ ڪري ها ته ڳالهه مان ڳالهاڙو ٿي پوين ها. پتيءَ سياڻپ سان پتنيءَ جو ڪروڌ هٽائي ڇڏيو. توهان کي به ڪروڌ اچي ته اُن کي ڪنهن نه ڪنهن نموني ٽاري ڇڏيو. غم کائو، غم کائيندءَ جس پائيندءَ، غم کائڻ ۾ ئي جس آهي.

٢١ جنوري ڀيڻ اندرا منگهارام جي جاءِ تي مندر ۾ ستسنگ ڪندي پوڄنيه سواميجن چيو ته سنتن ستپرکن وٽ وڃبو آهي ته من نري پوندو آهي. ڪن ڏنوانن يا راجائن مهاراجائن وٽ وڃي سندن درشن ڪبو ته من ڪين نرندو. اگيانين ۽ مورکن جي سنگ ڪري من اشانت رهندو. انڪري پريميو، سنتن مهاتمائن جا درشن ڪريو، اُنهن جو سنگ ڪمايو.

سنت ڪا سنگ، وڏڀاڳي پائي.

جيڪو منش سنتن جي سنگ ۾ اچي ٿو، شرڻ ۾ اچي ٿو، سنت اُن کي پاڻ جهڙو بڻائي ڇڏين ٿا. ڪنهن به مهاتما سنت وٽ وڃبو ته هو نام سمرڻ، ڀڳوت چنتن، آتم گيان جون ڳالهيون ڪندو. سنساري ماڻهوءَ يا ڪنهن متر وٽ وڃبو ته هو دنيوي ڳالهيون ڪندو. جيڪو وقت نام چنتن، سنتن جي سنگ ۾ گذري ٿو. اُهو سميه سڦلو آهي. باقي اجايو سواس وڃن ٿا. ستگرن ۽ سنتن جي سنگ دواران جو ڪلياڻ ٿيندو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

سنت هري گرديو بن، ڪسڪا هو نه اُڌار،

ڪه ٽيئون اِس بات ڪو، ڪهتي ويد پڪار.

ڀيڻ اندرا منگهارام کي ڌنيواد آهي جو هر چنڇر تي هتي ستسنگ جو آيوجن ڪري ٿي. پاڻ ۽ سندس پتي منگهارام ٻنهي جي من ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن چاهي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن لاءِ اننيه ڀڳتي ڀاونا آهي. شل ڀڳتي ڀاونا ۾ وڌندا رهن.

٢٢ جنوري پوڄنيه سواميجن منيلا ۾ پڌاريا. ڪيترن پريمين سواميجن جو هاردڪ سواگت ڪيو. اُتي پوڄنيه سواميجن ڀيڻ گوپي ۽ ديو سهجواڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. اُتي هندو مندر ۽ جدا جدا گهرن ۾ پوڄنيه سواميجن ٩ ڏينهن امرت ورکا ڪري، پياسي دلين جي پياس پوري ڪئي. پوڄنيه سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته جيئن توهان کي سنساري سنٻنڌين سان سنيهه آهي، تيئن اُن کان وڌيڪ پرماتما لاءِ پريم رکو. پرڀوءَ جو نام به پريم ۽ شرڌا سان جپيندءَ ته توهان جو ڪلياڻ ٿيندو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

پريم بنا پهچي نهين، ڪو جن هر ڪو ڌام،

ڪه ٽيئون تالتي جپو، پريم سهت هرنام.

جڳت جي پدارٿن ۽ ڪٽنبين ۾ جيترو موهه رکندا، اوترو دکي ٿيندا. پر پرڀوءَ ۾ پريم رکندا ته سکي ٿيندا. نام سمرڻ جو وجهه به نصيبن وارن کي ملندو آهي.

ڇڏيو ٿيو جو جڳت جي جنجال کان ڇٽاسين. هاڻي آنند سان پرڀوءَ جو سمرڻ ڪبو. جان جگر جي جدائي ڏاڍي دکدائي ٿيندي آهي. آندا سيني کي پيارا ٿيندا آهن، پر پرڀوءَ جا ڀڳت جڳت ۾ آناسڪت ڀاوَ سان رهن ٿا. ان ڪري سندن موهي پريوار جي سنٻنڌين ۽ پدارٿن ۾ نٿي رهي. جڳت ۾ جيڪي ڪجھ ٿئي ٿو، اُهو پرڀوءَ جو ڀاڻو ست ڪري مڃين ٿا.

سکي جيون جي ڪنجي اٿو رب جي رضا تي راضي رهڻ. پر اسانکي ٿوري کا تڪليف ٿئي ٿي، ڪٿي ڪاميابي نٿي ملي، هم خيالي متر نٿو ملي ته ناخوش ٿيون ٿا. من ۾ اشانتي ۽ تناءُ پئدا ٿئي ٿو. جيڪي پرڀو ڪري سو واھ واھ ڪري مڃيون ته من جي مونجھ ڪين ٿيندي.

١٢ فيبروري پريم پرڪاش مندر ۾ پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته ڪيترا پريمي سنتن وٽ ڪيتريون شيون کڻي ايندا آهن ۽ ڪين وينتي ڪندا آهن ته هوُ سندن سامهون اُهي انگيڪار ڪن. سنتن کي ڪاڏي پيٽي لاءِ زور ڪرڻ نيڪ نه آهي. هو ساڌارڻ ماڻهن کان وڌيڪ سنيمي ٿين ٿا، ڪين ڪجھ به ڀيٽ ڪجي ته اُن جو خيال نه ڪجي ته هو ڪهڙي نموني اُن جو استعمال ڪن ٿا.

هڪ دفعي بسنت جي مند ۾ سنت هريداس برج ڀوميءَ ۾ جمنا نديءَ جي ڪناري واريءَ تي وينو هو. اُتي هڪ پريمي ڪيس هڪ عطر جي شيشي ڀيٽ ڪري ٿو. اُن وقت سنت هريداس شري راڌا ڪرشن جو ڌيان ڪري ٿو هي پيارو ڏسي ٿو ته شري راڌا ڪرشن راس ڪري رهيا آهن ۽ ٻيون گوپيون پڻ ڀڳوان شيام سندر سان راس ۾ شامل آهن. هڪ ٻئي کي رنگ ڀريون پچڪاريون پيا هڻن. ڀڳت هريداس پڻ پريم جي آويش ۾ اُها عطر جي شيشي ڀڳوان بانڪي بهاريءَ جي مٿان ڇڻڪائي ٿو. هوُ ڀڳوان شري ڪرشن ۽ شري راڌا جي منورم ڇبي ڏسي مگن ٿي وڃي ٿو.

جنهن پريميءَ عطر جي شيشي آندي هئي، اُهو ڀڳت هريداس کي عطر جي شيشي ريت ۾ ڇڻڪائيندو ڏسي دکي ٿئي ٿو ته ڪيئن نه هن قرب سان عطر آندو ۽ سنت اُهو ويرٿ ڇڻڪائي ڇڏيو!

هيڏانهن جڏهن ڀڳت هريداس ساڌارڻ اوسٿا ۾ آيو، تڏهن هن اُن عطر آڻيندڙ پريميءَ کي ٿورو اُداس ڏسي چيو ته پيارا، عطر جي جيڪو لائق هو، عطر تنهن کي پهچي ويو. تون چنتا نه ڪر. سوامي هريداس اُن پريميءَ کي پنهنجن ششن سان گڏ ڀڳوان شري ڪرشن جي مندر ۾ موڪليو. اُهو سڄو مندر هن پريميءَ واري آندل عطر جي سڳنڌ سان سڳنڌت هو. اِهو اچرج ڏسي اُهو پريمي دنگ رهجي ويو. سوامي هريداس اِهو عطر ته ريت ۾ ڇڻڪايو هو، پر اهو عطر هت مندر ۾ ڪيئن ڇڻڪائجي ويو! ڀڳوان گوپال ڪرشن جي مورتيءَ کي به ساڳيو عطر لڳل هو. اُهو پريمي هڪدم ڊڪندو ڊڪندو سوامي هريداس مهاراج وٽ آيو ۽ سندس چرڻن تي ڪري معافي ورتائين.

پريميو، ڀڳتان دي چال نرالي. توهان ڪنهن سنت کي، ڀڳت کي، ڀاونا سان ڪجھ

جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو، پھرين سنت نامديو ۽ پياري ھوتچند واڌواڻيءَ، پوڄنيہ سواميجن جو منڊليءَ سھت سواگت ڪندي ڀڄن ڳايا. پوڄنيہ سواميجن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ سج جو ڪم آھي اوندھ دور ڪرڻ. چنڊ جو ڪم آھي سيتلتا پردان ڪرڻ. سنتن جو ڪم آھي اگيان انڌيرو، سنسا ڀرم دور ڪرڻ، نام جپڻ ۽ جپائڻ. ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن وٽ ڪيترائي پرماتما جي پار جا پانڌيڙا شنڪائون ڪٽي ايندا ھئا. ستگرو مھاراج سندن شنڪائن جو سماڌان ڪندا ھئا. سنتن ستپرکن جو اُپديش ھتڪاري ٿيندو آھي. جو شرڌا رکي سندن اُپديش ٻڌي ٿو ۽ اُن تي عمل ڪري ٿو، اُن جو دک درد دور ٿئي ٿو.

سب جن کي ھت ھوت ھئہ، سنتون ڪا اُپديش،

شرڌا سي جو ليت ھئہ، ٽانڪا مٽي ڪليش.

ڪي ساڌڪ پاڻ ۾ روح رھاڻ ڪرڻ لڳا تہ سنسار کي بہ ڇڏيوسين، رام بہ نہ مليو، ڪھڙو فائدو! ڪي ساڌڪ گڏجي ستگرو سوامي ٽيئونرام مھاراجن وٽ آيا ۽ پڇيائون تہ پريوءَ جي پراپتي ڪيئن ٿئي؟ ستگرو مھاراجن چيو:

ستيہ وچن اور دينتا، پر تريا مات سمان،

اتني ۾ ھر نا ملي، تلسيداس ضمان.

سنت تلسيداس چوي ٿو تہ پريوءَ کي پراپت ڪرڻ سلڀ آھي. سدائين سچ ڳالھايو، نماڻا ٿيو، خاڪساري اختيار ڪريو، پر استريءَ کي ماتا ڪري مڃيو. ائين ڪرڻ سان جيڪڏھن ڀڳوان توھان کي نہ ملي تہ مان ذميوار آھيان. پريميو، اڄڪلھ اُٺ بہ ڪوڙ تہ ويھ بہ ڪوڙ! اڳي ماڻھو سچ ڳالھائيندا ھئا تہ سندن زبان ۾ شڪتي ھوندي ھئي. جيترو توھان ڪوڙ ڳالھائيندا، توھانجي آتمڪ شڪتي گھٽجندي ويندي. سچ ئي ڀڳوان آھي. جو سچ ڳالھائي ٿو، نماڻو ٿئي ٿو. پنھنجي پتنيءَ کي ڇڏي، باقي ٻين ماتائن کي ماتر روپ ڪري ليکي ٿو، سو وڏ ڀاڳي پرماتما جو درشن ڪري سگھي ٿو. توھين لک ڪروڙ ڪنا ڪرڻ لاءِ ڪيترا نہ ڪوڙ ڳالھايو ٿا. اِھي لک ڪروڙ ڪھڙي ڪم جا! جيڪي توھانجو آتمڪ ٻل گھٽائين. جيڪو نماڻو ٿئي ٿو، سوئي روحاني راڻو بڻجي ٿو، روحاني راھ ۾ آپي جو انت آڻڻو آھي، تڏھن ئي تہ پريوءَ کي پرسن ڪري سگھبو. پريميو، توھان جيڪڏھن پريوءَ کي پراپت ڪرڻ چاھيو ٿا تہ انھن گڻن جي ساکي پنھنجي جيون ۾ ڏيو.

پوڄنيہ سواميجن روز پريم پرڪاش مندر ۾ شام جو امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪندا ھئا. ١٠ فيبروري شام جو ڪولون جي ھندو ٽيمپل ۾ پوڄنيہ سواميجن ستسنگہ پروچن ڪندي چيو تہ پريوءَ جا ڀڳت ھر حال ۾ پرسن چت رھن ٿا. دک ۾ سک ۾ سم ڀاو رھن ٿا. ھوُ پريوءَ جي ھر ڳالھ ۾ راز سمجھن ٿا. جڏھن سنت نرسي مھتا جو سپتر شاملداس پرلوڪ پڌاريو، تڏھن ھن پنھنجي پتنيءَ کي سمجھائيندي چيو:

ڀل ٿيو ڀانگي جنجال، سکي ڀڄيشون گوپال.

آهن نام جپائڻ.

۱۷ فيبروري پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو ته توهان پرڀوءَ جي راهه ۾ قدم اڳتي وڌائيندا ته پرڀو توهان جا ڪم ڪاريون پاڻيهي اچي ڪندو، پر ان لاءِ وشواس ۽ نشٺا جي ضرورت آهي. اسين ائين سمجهندا آهيون ته اسان ڪان سواءِ هي ڪم نه ٿيندو، هوُ ڪم نه ٿيندو، اِها اسانجي بي سمجهائي آهي، اگيان آهي. اننت جڳت آهي. جڳت جو هرتا ڪرتا پرڀو پاڻ وينو سڄو ڪاروبار هلائي. سڀ ستا سندس آهي. ويچارو جيو وينو اجايو اُپ ۾ ترارين هڻي. ڪيس اجايو ايمان آهي. اڄڪلهه اهنڪار ڪيڏو وڏي ويو آهي! ڪو ڪنهنڪي مڃڻ وارو نه آهي. سڄو ڏينهن ٻڪرين وانگر مين مين لڳي پيئي آهي. ان مين مين ڪي وساريو. مالڪ ڪي پايو. ستگرو مهاراج به سکيا ڏين ٿا:

مئن ڪو تڄ مئن پائيي، مئن ۾ مئن نه سمايه

ڪه ٽيئون مئن ڇوڙڪي، مئن ڪي بيچ سمايه.

پريميو، مان مان ڇڏي مالڪ سان ملي هڪ ٿي وڃو. ڏيان اوسٿا ۾ به جڏهن ڏياني پاڻ وساري ٿو، تڏهن ڪيس ساڪياتڪار ٿئي ٿو. ستسنگ ۾ اچو ته سنساري ڳالهيون وساري، تنميه ٿي نام ۾ لين ٿي وڃو. پرڀو پاڻيهي پيو توهانجي سار لهندو.

ڪري ڪراون آپن هار، بندي ڪي ڪڇ ناهين هاٿ.

هڪ دفعي شواجي مهاراج، سنت تڪارام جي ستسنگ ۾ وينو هو. ڏاڍي تنميتا سان ويٺي سنت تڪارام جو اُپديش ٻڌائين. اچانڪ سندس ڪرمچاري سنديش ڪڻي آيو ته دشمن ڪاهي آيو آهي. شواجي مهاراج اِهو سماچار ٻڌي به ستسنگ ۾ نشچنت وينو رهيو. هيڏانهن دشمن ڏنو ته سوين شواجي ترارين کڻي گهوڙن تي سوار، سامهون مقابلو ڪرڻ لاءِ اچي رهيا آهن. دشمن دنگ رهجي ويو ۽ پاڻيهي ڀاڄ ڪائي واپس وريو. اِها خبر ٻڌي شواجي مهاراج محسوس ڪيو ته اِهو ڀڳوت ڪيرتن ۽ سنت تڪارام جي آسيس جو پرتاب آهي. پريميو، شواجي مهاراج وانگر توهان به تنميتا سان سنتن جي ڪٿا، اُپديش شروع ڪريو. نام جپيو ته توهانجا به دشمن دفع ٿيندا.

۱۹ فيبروري پوڄنيه سواميڄن بئنڪاڪ ۾ آخرين ستسنگ ڪندي چيو ته گرو ڀڳتي، ايشور ڀڳتيءَ ڏانهن وڌائيندي آهي هڪ هڪ سنت ستپرکه گروءَ جي مهما ڳائي آهي. توهين به گرو ڀڳتيءَ جي ڀاونا ۾ وڌندا رهو. سنت ملوڪداس پنهنجي ستگروءَ جي مهما ڪندي چوي ٿو:

جيتي باري گرو پرتابي، مايا موهه نوار،

ڪه ملوڪ گرو ڪرپا تي، اُتريا ڀو جل پار.

سنت ملوڪداس چوي ٿو ته مان ستگروءَ جي ڪرپا سان ئي هارايل راند کٽي ۽ مايا موهه جي ڄار مان مڪت ٿيس. اُنجي آسيس سان ئي هن ڀوَ ساگر جي ڀيڙ مان پار ٿيس. اسان مان

۾ ارپڻ ڪريو ٿا، هوُ ڪهڙي نموني اُن جو استعمال ڪري ٿو، اُهو، اُهو ڄاڻي.

١٥ فيبروري شام جو پوڄنيه سواميڄن پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ ڪندي چيو 'پريميو، توهان ڪيترو نه قرب ڏنو آهي. عزت ڏني آهي. روز پنهنجي ڏنڌي واپار مان وقت بچائي ستسنگ ۾ اچو ٿا، اُن لاءِ توهان کي ڌنيواد آهي. توهان ڀلي دنيا جي ڪنهن ۾ ملڪ ۾ رهو، پر پنهنجي ماتر ڀاشا سنڌيءَ کي نه وسارجو. پنهنجي ٻارن کي گهرن ۾ ڌارمڪ پستڪ پڙهائي ڪين پراچين سپيتا جي ڄاڻ ڏيو. سنتن ۽ ڀڳتن جا جيون چرتر پڙهائي سنڌن راهه روشن ڪريو. پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪجهه حصو بچائي، دکين بکين، پکين پسن جي خدمت ۾ خرچ ڪريو. جيڪا مايا توهان سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو ٿا، اُها ئي مايا توهانجي سچي مايا آهي. ستگرو مهاراج ۾ فرمائين ٿا:

ڀُوکي ڀوڄن ديت جو، پياسي ڪو جل دان،

ننگي ڪو پٽ ديت جو، تيئون سو ڏن جان.

١٦ فيبروري پوڄنيه سواميڄن بئنڪاڪ ۾ پڌاريا. اُتي هو پياري ڪشنچند گنگلاڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. اُتي جدا جدا گهرن ۾ پوڄنيه سواميڄن پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. ١٦ فيبروري پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته مانو جيون اُتم جيون آهي. اهڙي امولیه جنم جو قدر ڪريو. ستگرو مهاراج ۾ اگياني جيو کي جاگرت ڪندي چون ٿا:

نيئون غفلت نيند ۾، بيتي جنم انيڪ،

منش جنم ڪو پايه تم، تجي نه سوون ٽيڪ.

پريميو، ڪال جو نغارو پيو وڃي ۽ اسين ٽيڪ ڏئي اجا سمهيا پيا آهيون! ڪيترين جوڻين جي ڀوڳڻ کان پوءِ اسانکي هي جنم مليو آهي، نام جپڻ ۽ ستڪرمن ڪرڻ لاءِ. پر اسين جڳت جي پدارٿن ۾ ڪوهجي ويا آهيون. جاڳي جاڳي خوب نام جپيو. موهه جي، اگيان جي ننڊ مان جاڳڻو آهي.

نيئون تانتي رئن دن، لیند تجي تم جاگ،

رام ڀڄن ڪر ڏيان ڌر، پائو سوک سهاگ.

منش ديهه جي وڏي مهما آهي. پريوءِ منش کي پنج ڪرم اندريون، پنج گيان اندريون ڏنيون آهن. ٻئي ڪنهن جيو کي اينري سمجهه ڪين آهي، گيان ڪين آهي، جيترو منش کي. پر تنهن هوندي ۾ اسين اگياني!

دانـاهه آ جـاڻـي ٿـو جـهـان، نـقـش بـيـابـان،

من مرگ آ پاڻيءَ لاءِ، تڏهن پي ته پريشان. (هري دلگير)

سواسن جو قدر ڪري خوب نام جپيو ۽ شڀ ڪرم ڪريو. سنت توهان وٽ آيا ئي

رب تنا دي ٻگلي، جهنگل ڪيون ڍونڍي؟

٢٧ فيبروري پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته شل نه ڪنهنجي ٻڌي ڀرشٽ ٿئي. ٻڌي ڀرشٽ ٿي ته سڀ ڪجهه خلاص ٿيو. جنهنکي نندي وڏي جي ساڃهه، سچ ڪوڙ، پاپ پڄ جي ڄاڻ ڪونهي، اُهو مڙدو آهي. جنهنکي سمجهه ڪونهي اُهو سورداس آهي. اکين جو سورداس هلي سگهندو، پر ٻڌيءَ جو سورداس هلي نه سگهندو. مورک جو جنم ٿي اجايو. مورک پاڻ به دکي گذاري ۽ ٻين کي به دکي ڪري. پريميو، انڪري گرديو کي نت نيم پرارٿنا ڪريو ته سمتي ڏي، سٻڌي ڏي. پرڀوءَ جي ڀڳتيءَ جو دان ڏي.

ستگر مجهکو دان دي، پريم ڀڳت وشواس،

ڪهه ٽيئون نت سمت دي، سنتن مانهه نواس.

٢٩ فيبروري پوڄنيه سواميڄن هردوار ۾ پڌاريا. پريم پرڪاش منڊل طرفان هردوار ڀيم گوڏا چونڪ تي هردوار ميونسپل جي سهڪار سان سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتي ١ مارچ صبوح جو ٩ ٻجي اسٿاپن ڪئي ويئي. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ جو مهورت ڀارتيه جنتا پارٽي جي نشناوان نيتا شري لعل ڪرشن آڏواڻيءَ ڪيو. هن موقعي تي پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج آشيرواد ڪندي چيو ته مهاپرشن جا هي يادگار اسان لاءِ پريرنا جو سرچشمو آهن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج مهان سنت هئا. جن پريم پرڪاش منڊل برپا ڪري هزارن پريمين کي پرڀوءَ جي راهه ۾ چڪيو. منڊل طرفان گنگا نديءَ جي ڪناري گهاٽ نمبر ڏهون، 'سوامي سروانند گهاٽ' خاص سنتن لاءِ نهرايو ويو، جنهنجو مهورت پڻ پياري شري لعل ڪرشن آڏواڻيءَ اڳئين منتريءَ ڪيو. پوڄنيه سواميڄن چيو ته ستگرو سوامي سروانند مهاراج اسان جا سچا سونهان هئا. جهڙو سندن نالو هو تهڙوئي هوُ سيني کي آنند ڏيندڙ هئا. هن موقعي تي اُتر پرديش جو سنچائي منتري شري پرٿوي سنهه وڪست ۽ ڪيترائي سنت پڻ پڌاريا. سنت ڀڳت پرڪاش آيل مهمانن ۽ سنتن جو سواڳت ڪيو.

پوڄنيه سواميڄن وٽ ڪيترائي سوالي ايندا هئا. سواميڄن کين چوندا هئا ته مندر ۾ مٿو ٽيڪي وڃو. ڀڳوان ۽ ستگرو ٽيئونرام مهاراج ڀلي ڪندا. آشرم جي ڀرسان هڪ ڀيڻ مينا ماڌوداس کي اولاد ٿيندي هئي پر ڄمڻ کان اڳ ئي پرڀوءَ وٽ پياري ٿي ويندي هئي. ان ڀيڻ هڪ ڏينهن درد ڀرئي آواز ۾ پوڄنيه سواميڄن کي پرارٿنا ڪئي ته گود سائي ڪريو. پوڄنيه سواميڄن جي ڀرسان اکروٽ پيا هئا. هنن اکروٽ کڻي اُن ڀيڻ کي ڏنا. ڀيڻ مينا اُهي اکروٽ اکين تي رکي گهر کڻي آئي. ڪل ٽي اکروٽ هئا. ڀيڻ مينا اُهي ٽئي اکروٽ کلن سوڌا کڻي کائي ڇڏيا. اُن بعد کيس گرڀ جي ڪا تڪليف نه ٿي ۽ کيس ساندهه ٽي پٽ ڄاوا. پوڄنيه سواميڄن کيس ڳجهه ڳوهه ۾ ڳنڍي ڇڏيو. هن ڀيڻ ستگرو مهاراجن جي پرساد کي وشواس رکي کاڌو ته سندس من جي مراد پوري ٿي. ٽي اکروٽ کاڌائين ته ٽي پٽ ڄاوس.

هڪ هڪ مايا چار ۾ قائل آهي. ان مايا چار مان ستگرو ئي اسان کي مڪت ڪري، داتار جو درشن ڪرائيندو. ان ڪري ستگرو ۽ پرماتما ۾ پورڻ وشواس رکي، گرو منتر جو خوب جاپ جپيو. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

گرو بن جڳت نه ملت هئه، گرو بن نهين پرڪاش،

ڪهه ٽيئون گرو نام بن، ورٿا هئه سب شواس.

پريميو، توهان هت وديش ۾ رهي ڀارت کي نه ڀليو. ڀارت جي رشين منين جو سنديش هنڌايو. گهرن ۾ ٻارن کي ڌارمڪ وديا پڙهايو. صرف مايا ميڙڻ ۾ وقت نه وڃايو. جيون ۾ ديا ۽ اُپڪار جي جوت جڳايو. پياري ڪشن، سندس ساري پريوار ۽ سيني پريمين کي ڌنيواد آهي، جن هي ميل ملايو آهي.

۲۰ فيبروري رات جو پوڄنيه سواميڄن وديش ياترا ڪري واپس وريا. بمبئي هوائي اڏي تي سون پريمين سندن ڦول مالهائن سان سواڳت ڪيو. ۲۳ فيبروري پوڄنيه سواميڄن ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ۲۵ فيبروريءَ کان ۲۷ فيبروري اگروال ڪالوني پونا جي سوامي ٽيئونرام سوامي چندنرام مندر ۾ سوامي چندن پرڪاش مهاراج جي ورسي ملهائي ويئي. پوڄنيه سواميڄن ان اتسو سنبنڌ ۾ ۲۵ فيبروري پونا ۾ پڌاريا. پوڄنيه سواميڄن اُتي ئي ڏينهن امرت ورکا ڪئي. سنت اننت پرڪاش سواميڄن جو سواڳت ڪيو. ۲۵ فيبروري شام جو پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو ته سوامي چندن پرڪاش مهاراج چندن جهڙو سيتل هوندو هو. هن پنهنجي سمست جيون ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي چرنن ۾ سمرپت ڪئي. هن پياري سنت نه صرف هت ڀارت ۾، مگر وديش وڃي به پياسين جي پياس پوري ڪئي. ستگرو مهاراج سنتن جي مهما ڪندي چون ٿا:

پر اُپڪاري جڳت ۾، هئه اِڪ سنت سڄان،

ڪهه ٽيئون نت ديت هئه، سب ڪو ڀڳتي گيان.

سنت پراُپڪاري ٿيندا آهن. هو پريمين کي ڀڳتي ۽ گيان جي روشني ڏين ٿا. سوامي چندن پرڪاش پڻ ڪيترا نه پراُپڪار جا ڪاريه ڪيا. ڪنڀ جي ميلن تي ڪيئن نه دل کولي دان ڪندو هو. پريميو، توهان به جيون ۾ ديا، اُپڪار ۽ نام سمرڻ جي ساکي ڏيو.

۲۶ فيبروري شام جو ستسنگ ڪندي پوڄنيه سواميڄن چيو ته جيڪڏهن توهين پرڀوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌڻ ٿا چاهيو ته منو ڳالهايو، نماڻا ٿيو ۽ پنهنجي هٺن سان ڪجهه دان پڻ ڪريو. سنت فريد صاحب چوي ٿو ته جيڪو منش انهن گڻن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي ٿو، ان لاءِ پرماتما کي ٻاهر ڳولهڻ جي ضرورت ڪين آهي. ڪيس پنهنجي من مندر ۾ ئي داتار جو درشن ٿيندو.

منا ٻولڻ نيو چلڻ، ڪجهه هٿان پي دي،

کي اندر مندر ۾ مٿو ٽيڪائي جل پيئار پرماتما ۽ ستگرو مهاراج پلي ڪندا. پياري اشوڪ ستگرو مهاراجن جي آگيا انوسار پتنيءَ کي جل پيئاريو. وري پندرهن ڏينهن کان پوءِ پتنيءَ کي تپاس ڪرائڻ لاءِ ٽاٽا اسپتال ۾ وٺي ويو. ڊاڪٽر تپاس ڪرڻ بعد عجب ۾ پئجي ويا ۽ اشوڪ کان پڇيائون ته هن جو تو ڪهڙو علاج ڪرايو آهي جو هي ڪئنسر مان شفاياب ٿي ويئي آهي؟ اشوڪ لعل کين ٻڌايو ته اسانجا روحاني ڊاڪٽر سوامي شانتي پرڪاش مهاراج سنڌونگر ۾ رهندا آهن. اُنهن جي ڪرپا سان ئي اِهو ڪوتڪ ٿيو آهي. اُنهن جا لک احسان. پياري اشوڪ جو پوجنيه سوامي جن ۾ صدق وڌيو. ان نموني پوجنيه سوامي جن ڪيترن جا ئي دک درد دور ڪيا.

پوجنيه سوامي جن ڪيترن کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪيو. هڪ دفعي پوجنيه سوامي جن امراپور آستان جئپور ۾ رهيل هئا. جئپور ۾ رهندڙ شري دولترام جون ٻئي ڪڊنيون خراب ٿي پيون. هي پيارو پوجنيه سوامي جن وٽ آيو ۽ اچي پنهنجي درد جو داستان ٻڌايائين. پوجنيه سوامي جن کيس سانتوتا ڏيندي چيو ته ڀڳوان ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام صاحب پلي ڪندا گهبراءِ نه. پوجنيه سوامي جن دولترام جي باري ۾ جئپور جي ڊاڪٽرن سان صلاح ڪئي. ڊاڪٽرن دولترام جي وري تپاس ڪري ٻڌايو ته هنجون ٻئي ڪڊنيون ڪم نه ٿيون ڪن. جيڪڏهن سندس گهر جو ڪو ڀاتي هڪ ڪڊني ڏيندو ته هن پياري جي آپريشن ٿي سگهندي. آپريشن جو ٻه چڱو ئي خرچ ايندو. دولترام جي ڀيڻ گنگا پنهنجي ڀاءُ جي جان بچائڻ لاءِ پنهنجي هڪ ڪڊني ڏني ۽ پوجنيه سوامي جن ڪڊني آپريشن جو سڄو خرچ ڊاڪٽرن کي ڀري ڏنو. پيارو دولترام بلڪل ٺيڪ ٿي ويو سندس زندگيءَ ۾ ڄڻ نئين بهار اچي ويئي. هُو ڌنڌو ڌاڙي ڪرڻ لڳو ۽ پوجنيه سوامي جن تان ٻلهار وڃڻ لڳو جن سندس وقتائتي مدد ڪري جان بچائي آسيس ڪئي.

٣ مارچ پوجنيه سواميجن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. اُتي ٻه ڏينهن سواميجن ستسنگ پروچن ڪيو. وڊالا سنڌي برادر منڊل طرفان، وڊالا بمبئيءَ ۾ ٧ مارچ کان ١٩ مارچ پوجنيه سواميجن ستسنگ پروچن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پوجنيه سواميجن روز رات جو ٩ کان ساڍي ١٠ بجي تائين ۽ آرتوار شام جو ساڍي ٥ بجي کان ٧ بجي تائين ستسنگ ڪندا هئا. ٧ مارچ رات جو پوجنيه سواميجن ستسنگ يگيه جو آرنڀ ڪندي چيو ته پريميو، توهان کي ڌنيواد آهي جو هر سال هوليءَ جي ڏينهن ۾ هت ستسنگ جو آيوجن ڪريو ٿا. ستسنگ دواران منش کي ڌرم-ارٿ-ڪام-موڪش، چارئي پدارٿ ملن ٿا. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

ڪهه ٽيئون ستسنگ سي، ملت پدارٿ چار،

تانتي تم ستسنگ ڪر، نشچيه من ۾ ڌار.

سنتن جي اُپديش ٻڌڻ سان آتمڪ آنند پراپت ٿئي ٿو. اِهو آنند توهان کي هوٽلن ۽ سئنيمائن ۾ نه ملندو. اُتي پئسن جو زيان، اکين جو زيان! نت نيم هت اچي سنتن

پوجنيہ سواميڄن ميامي ۾ هڪ پريمي جي گهر پوڄن ڪائي رهيا هئا. اُن بلڊنگ ۾ رهندڙ هڪ ڀيڻ پوجنيہ سواميڄن جو درشن ڪرڻ آئي. جنهن ڀيڻ جي گهر ۾ پوجنيہ سواميڄن جو پوڄن هو اُن ڀيڻ پوجنيہ سواميڄن کي وينتي ڪئي تہ هن ڀيڻ جي گود سائي ڪريو. پوجنيہ سواميڄن کيس ٻہ ڦل پرساد روپ ۾ ڏنا. اُن ڀيڻ وشواس رکي اُهي ڦل کاڌا. يارهن مهنن کان پوءِ اُن ڀيڻ کي ٻہ سندر جاڙا ٻالڪ ڄاوا. اُها ڀيڻ ۽ سندس پتي ڏاڍا پرسن ٿيا. گهر ۾ پٽ پڌري ٿي. ٻئي ڄڻا پرماتما ۽ پوجنيہ سواميڄن جا شڪرانا مڃڻ لڳا.

پوجنيہ سواميڄن ڪيترن ئي پريمين جا ڏک درد دور ڪيا. پياري نندلعل بدلاڻيءَ جي پتني چندران کي وڏي ڪامڻ جي تڪليف ٿي پيئي. کيس اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. ١٧ ڏينهن جي علاج بعد ڊاڪٽرن جواب ڏنو تہ چندران جو جيرو بلڪل خراب ٿي ويو آهي. ڊاڪٽرن پاڻ ۾ ميٽنگ ڪئي تہ ڪهڙي نموني اُن کي بچائي سگهجي ٿو. معاملو منجهيل هو. پياري نندلعل بدلاڻي چاهي سندس پتني چندران کي پوجنيہ سواميڄن لاءِ اٽينٽ شرڌا هوندي آهي. پيارو نندلعل پوجنيہ ستگرو سوامي سروانند مهاراڄن جو ڀاڻيجو ٿئي. پوجنيہ سواميڄن ڪنهن ڪاريہ جي سنبنڌ ۾ بمبئيءَ آيا. پيارو نندلعل پوجنيہ سواميڄن کي پرارٿنا ڪري اسپتال ۾ وٺي آيو. پوجنيہ سواميڄن کي ڏسي ڀيڻ چندران هڪدم اُٿي ويٺي ۽ ستگرو مهاراڄن کي پرڻام ڪيائين. ستگرو مهاراڄن کلندي چيس: ڇري تون سمهي پيئي آهين! چندران جي مٿي تي هٿ رکي ستگرو مهاراڄن چيس تون نيڪ آهين. اُٿي پنهنجي گهر وڃ، ڪا چنتا نہ ڪر، ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراڄ ڀلي ڪندا. پوجنيہ سواميڄن ڀيڻ چندران تي اهڙي آسيس ڪئي جو سندس مرض موٽي ويو، پر ڊاڪٽر کيس موڪل نہ پيا ڏين. ٻن ڏينهن بعد ڊاڪٽرن وري چندران جي تپاس ڪئي ۽ ڊاڪٽر اچرج ۾ پئجي ويا تہ ڪيئن هيءَ بيمار جنهنجو جيرو بنھ خراب ٿي ويو، اوچتو ئي خوش ٿي ويئي. پياري نندلعل ڊاڪٽرن کي چيو تہ اسانجو وڏو ڊاڪٽر ستگرو مهاراڄ ٽيون ڏينهن هت آيو. اُن هن تي اهڙي آسيس ڪئي جو هوءَ نيڪ ٿي ويئي آهي ستگرو مهاراڄ تہ ٽيون ڏينهن ئي چئي ويا تہ چنتا جي ڳالھ ڪونهي، چندران تندرست آهي، کيس گهر وٺي وڃو. اڄ اسانکي موڪل ڏيو تہ گهر وڃون. پوجنيہ سواميڄن جي ديا درشٽيءَ سان اُها چندران جنهن لاءِ ڊاڪٽرن صفا جواب ڏنو سا نيڪ ٿي ويئي.

پونا ۾ رهندڙ ڀاءُ اشوڪ ٻجاج پوجنيہ سوامي جن جو شرڌالو پريمي آهي. هڪ ڏينهن هي پيارو سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ آيو. مونکي مندر جي ٻاهران گڏيو. هي ڀاءُ اُداس پئي لڳو. مان هن کان سندس اُداسائيءَ جو ڪارڻ پڇيو چيائين تہ پتنيءَ کي ڪئنسر ٿي پيئي آهي. مون کيس چيو ٽاٽا هاسپيٽل ۾ علاج ڪرائينس. اشوڪ لعل چيو تہ اُتي علاج چالو آهي پر ڊاڪٽرن جواب ڏنو آهي تہ ڪئنسر ٿرڊ اسٽيج تي آهي، بچڻ مشڪل آهي. مون کيس چيو تہ پوجنيہ سوامي جن کان جل پڙهائي پتنيءَ کي پيئار. ستگرو مهاراڄن کي وينتي ڪر تہ تنهنجي پتني شفاياب ٿي ويندي. پيارو اشوڪ ٻجاج پوجنيہ سوامي جن وٽ ويو ۽ کين سموري حقيقت ڪيائين. سوامي جن کيس جل پڙهي ڏنو ۽ چيو تہ پتنيءَ

هو ’گھر ڇو نہ ڏوتئہ‘. سياڻي ڏيءُ ٻنهي جي رت ٻڌي چيو ’هاڻي ڇا ٿيندو‘. ڏيءُ جا لفظ ٻڌي هنن جون اکيون کليون تہ هاڻي ڇا ٿيندو. جيڪي ٿي ويو سو ٿي ويو. آخر ڇارئي ڀاتي گھر واپس آيا. مايا جو اهڙو چڪر آهي جو گھر ٻار بہ وسري وڃي ٿو. پريميو، توهان ڀلي مايا ڪمايو، پر مايا جي خاطر ساري جيون برباد نہ ڪريو. مايا سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو. نت نيم ڀڳوت ڀڄن ڪريو. اجاين ڳالهين ۾ وقت نہ وڃايو. نشڪام ڀاونا سان ڀڳوت ڀڄن ڪريو.

١٥ مارچ آرتوار شام جو ڀرين پياري شيام لعل، ديال آشا ۽ سنت اننت پرڪاش ڀڄن ڳايا. اُن بعد پوڄنيہ سواميڄن اُپديش ڪندي چيو تہ پريميو، ٻئي سانگہ رسايو. سنت تہ چاهين ٿا تہ توهان اڇي ٻارين ٻچين ساڌ ٿيو. ساڌن جي سنگہ ۾ آنند ئي آنند آ، پر توهان تي پريوار جون جوابداريون آهن. دنيوي ڌنڌا ڌاڙيون، نوڪريون ڪندي پربھوءَ جي ياد تازي رکو. نام کان سواءِ جيون ويران آهي. جيئن جيئن توهين ڀڳوت چنتن ڪندا تہ توهان شانتيءَ جو انڀوءُ ڪندا.

رام نام کي پريم ڪي، ڀاتي پڙو هميش،

کھ ٿيئون من شانت هو، ڇو ٿي پاپ ڪليش.

رام نام جي ساڌنا ڪرڻ دوران توهان جا مڙئي مرض مٽجي ويندا. پنهنجي سنتان کي بہ پربھوءَ جي سنتان سمجھي اُنهن کي پيار ڏيو. پر موهہ نہ رکو. هٽ جي بہ ڪريو، هريءَ جي بہ وات ونو. هڪ راجا جو وڏو وزير پرلوڪ پڌاريو. راجا ڍنڍورو ڏياريو تہ قابل وزير گھرجي. ڪيترن ئي سڄڻن وزيريءَ جي نوڪريءَ لاءِ درخواستون ڪيون. راجا جي ننديءَ وزير اُنهن مان ٽي چٽا چونڊي راجا وٽ موڪليا. آخرين چونڊ راجاکي ڪرڻي هئي. راجا هڪ هڪ کي الڳ الڳ گھرائي هڪ سوال پڇيو. راجا پهرئين آيل شخص کان سوال پڇيو تہ جيڪڏهن تنهنجي وارن کي ۽ منهنجي وارن کي هڪ وقت باهہ لڳي تہ تون پهرين ڪنهنجي باهہ وسائيندين؟ اُن شخص چيو تہ مونکي پنهنجو شرير پيارو آهي، پهرين مان پنهنجي باهہ وسائيندس. مان وزير ٿيڻ لاءِ آيو آهيان، نہ باهہ وسائڻ لاءِ. راجا ٻئي شخص کي گھرايو. راجا اُن کان سوال پڇيو تہ هڪ ئي وقت تنهنجي ڏاڙهيءَ کي باهہ لڳي ۽ منهنجي ڏاڙهيءَ کي باهہ لڳي تہ پهرين باهہ ڪنهنجي وسائيندين؟ اُن شخص چيو تہ مان توهان وٽ وزير ٿيڻ لاءِ آيو آهيان. پهرين باهہ توهان جي ڏاڙهيءَ جي وسائيندس. وري ٽيون شخص آيو. راجا اُن کان سوال ڪيو تہ جيڪڏهن هڪ ئي وقت منهنجي ڪپڙن ۽ تنهنجي ڪپڙن کي باهہ لڳي تہ پهرين باهہ ڪنهنجي وسائيندين؟ ٽئين شخص چيو راجن، پرماتما ٻہ هٿ ڏنا آهن، هڪ هٿ سان توهانجي ڪپڙن جي باهہ وسائيندس ۽ ٻئي هٿ سان پنهنجي ڪپڙن جي باهہ وسائيندس. راجا اِهو ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ان شخص کي وزير مقرر ڪيائين.

پريميو، توهان رام کي بہ راضي ڪريو ۽ گھر وارن کي بہ خوش رکو. پربھوءَ کي

جي ڪٿا شروع ڪريو. سنتن جي سکيائن تي هلڻ جو يتن ڪريو.

٨ مارچ شام جو ڀرين سنت ٽوپڻداس پهچي ويا. اُن بعد ديال آشا پوجنيه سواميجن جي مهما جو پاٺ ٿيو. اُن بعد پوجنيه سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پريم جي اُپاسنا ڪجي ته نشڪام ڀاونا سان. ڪامنا واري اُپاسنا ته مزوري چئبي. هڪ لعل سائينءَ جو اُپاسڪ، نت نيم درياه شاه تي وڃي، شام جو لعل سائينءَ جا پنجڙا پريم سان ڳائيندو هو. صدق وارو انسان هو. سندس گهر ۾ سندس پتني، پٽ ۽ ڌيءَ هئي. هڪڙي ڏينهن سندس پتنيءَ کيس چيو ته روز وڃي درياه شاه جي پوڄا ٿو ڪرين. ڪڏهن درياه شاه کان مايا جي به گهر ڪئي اٿي! اڄ درياه شاه کي ڌن دولت جي پراپتيءَ لاءِ پرارٿنا ڪج. استريءَ جي چوڻ موجب هي پيارو درياه شاه تي آيو. درياه شاه جي پوڄا ڪري اکيون وجهي وينتي ڪرڻ لڳو:

دولهه تنهنجي در، آيس ساڻ اُڪير،
پالهو پانڌ تون پر، مايا ڏئي مونکي ملا.

هي پيارو روز جهوليلعل کي ساڳي پرارٿنا ڪرڻ لڳو. زال جي چوڻ تي مايا جي ڦندي ۾ ڦاسي ڪامنا سان اُپاسنا ڪرڻ لڳو. ائين ڪندي ڪيترائي ڏينهن گذري ويا، مگر سندس جهول ڪين ڀري. هڪ ڏينهن اڪين ۾ پاڻي آڻي درياه شاه کي ساڳي وينتي ڪيائين ته درياه مان هڪ تيز ڇولي آئي، جنهن ۾ هڪ وڏي سوني سر اچي ڪناري تي پيئي. ڇولي سوني سر کان ٻاهر ڦٽو ڪري ڇوهه مان موٽي ويئي. هي پيارو اُن سوني سر کي کڻي ڪين ٿي سگهيو. هي اُن سر کي سوريندو سوريندو درياه جي ويجهو آڻي اُن کي ڌوئڻ لڳو. جيئن ئي اُن کي هن ڌوتو پئي ته وري ڇولي اهڙي آئي، جو اُن سر کي گهلي ويئي. پنهنجي هٿن مان هن نموني سوني سر درياه سرن ٿيندي ڏسي، اهو پريمي پڪارڻ لڳو: ڌوئندي ويئي، ڌوئندي ويئي! مايا جو اهڙو چڪر جو هن کان گهر واپس وڃڻ ئي وسري ويو. وسو ٿو ور ور پڪارڻ لڳو: ڌوئندي ويئي، خبر نه پيئي، ڌوئندي ويئي! اوندهه ٿي ويئي. ڪاڪو گهر ۾ واپس ڪين آيو. سندس پتني پٽيءَ کي ڳولهيندي درياه جي ڪناري تي آئي. اُتي پنهنجي پتيءَ کي ڏنائين جو ور ور دهرائي رهيو هو ته ڌوئندي ويئي! سندس پتني چوڻ لڳي ته ڇو پئي ڌوتئه. اُها به پتيءَ جي موت ۾ ساڳيا لفظ ور ور دهرائڻ لڳي. سندن پٽ گهر ۾ آيو. ماتا پتا کي گهر ۾ نه ڏسي ڀيڻ کان پڇيائين ته ڪيڏانهن ويا آهن؟ ڀيڻس چيو ته بابا سويل درياه تي ويو هو، گهر نه موٽيو ته اما کيس اُتي ڳولهڻ ويئي آهي. پر اجا اُها به ڪين موٽي آهي. پٽ به درياه شاه جي ڪناري تي آيو. هن ڏٺو ته سندس پتا ور ور چئي رهيو هو 'ڌوئندي ويئي'! اُن جي موٽ ۾ وري سندس ماتا چئي رهي هئي ڇو پئي ڌوتئه! پٽ وري جواب ڏيڻ شروع ڪيو ته گهر ڇو نه ڌوتئه. ٽنهي ڄڻن کان گهر واپس ورڻ وسري ويو ۽ هو پنهنجي پنهنجي رٽ لڳائڻ ۾ پورا هئا. سندن ڌيءَ کي خيال ٿي پيو ۽ هوءَ همت ٻڌي ڪين ڳولهڻ آئي. هن اچي ڏٺو ته سندس پتا چئي رهيو هو 'ڌوئندي ويئي'، ماتا چئي رهي هئي 'ڇو پئي ڌوتئه'، ڀاڻس وري چئي رهيو

۽ سوراشٽر سنڌي فيڊريشن پنچايت جي سهاري، ساموهڪ وواهن جو آيوجن ڪيو ويو. اُن وواهه اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٢١ مارچ ويراول ۾ پڌاريا. شام جو ٦ ٻجي سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اسڪول جي نئين عمارت جو مهورتي اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو. هن اُتسوَ ۾ گجرات ڪان سواءِ بمبئيءَ مان ڀاءُ وکيومل شراف، آر.جي.آڏواڻي، ساوتري گوپال گربخشاڻي، ڀيڻ سُري لکميچند للا، ڀاءُ ڪان هاسانند لڪاڻي، ڀيڻ چتري منگهارام پنجابي، منگهارام پنجابي ۽ ٻيا مهمان شريڪ ٿيا. پياري نيوندرام لوڪواڻيءَ پوڄنيه سواميڄن ۽ آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. ديال آشا پوڄنيه سواميڄن جي شيوا ڪارين جو ذڪر ڪيو.

پوڄنيه سواميڄن اسڪول جي نئين عمارت جو مهورت ڪندي شيواڌارين کي ڏنيواد ڏني ۽ چيو ته سالن جا سال ڪيترائي وديارٿي هن مندر ۾ اچي وديا گرهڻ ڪندا. وديا دان اُتم دان آهي. پياري وکيارام ۽ ٻين ڪن سڄڻن هن اُتم ڪاريه لاءِ يوگدان ڏنو آهي، ان لاءِ هوُ ڌنيواد جا پاتر آهن.

٢٢ مارچ صبح جو پوڄنيه سواميڄن شري سومناٿ مندر ۾ ويا. اُتي ڀڳوان شنڪر جي پوڄا اُپاسنا ڪرايائون. پوڄنيه سواميڄن سان گڏ سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ پيارو گيان لعل به ساڻ هئا. ٩ ٻجي شاهي منڊپ ۾ ساموهڪ جڙين جو ڪاريه ڪرم رکي ويو. پوڄنيه سواميڄن ٻالڪن کي هار پائيندي، آشيرواد ڏيندي چيو ته وڏڙن جي آگيا ۾ رهي اُنهن جي آسيس کٽو.

منجهند جو ١٢ ٻجي ساموهڪ وواهن جي ڏڪر ٿي. مهراجن پوڄا ڪرائي ۽ لاڏا ڳايا ويا. منجهند جو ٢ ٻجي ويڏي پڙهڻ آرنڀ ٿي. پوڄنيه سواميڄن ۽ ڀاءُ ڪان هاسانند لڪاڻيءَ، جنتا جناردن پريشد طرفان گهوٽن ڪنوارين کي ڏاجو ڏنو.

ڊاڪٽر ديال آشا نوَ وواهت جوڙن کي اپيل ڪئي ته اڄ توهان جي نئين جيون شروع ٿئي ٿي. توهان جيڪر نوان ٿيو، ارٿات جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو. اڄ ڪان وني هنسا جي ڪاڏي ڪان پري رهو. اڄ توهانجي شادي ٿي آهي. شادي معنيٰ خوشي. توهان جيون ۾ پڪين پسن کي به خوش ڪريو. بروقت ئي سڀني جوڙن ۽ ٻين پريمين مانس آهار جو تياڳ ڪيو.

پوڄنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن سڀني جوڙن کي دشالو پائيندي، آسيس ڪندي چيو ته توهان اڄ ڪان وني ويشنو ٿي اُتم ڪاريه ڪيو آهي. جيڪو ٻين کي خوش ڪري ٿو، ڀڳوان اُن کي خوش رکي ٿو. گرهست جيون ۾ هڪ ٻئي کي پيار ڏيندءِ، وڏڙن جي عزت ڪندءِ، نمرتا ۽ سهنشيلتا سان وهنوار ڪندءِ ته ڀڳوان توهانجو ڀلو ڪندو. ڀڳوان کي ڪڏهن نه وسارجو. هوُ قدم قدم تي توهانجي وينو سار لهي. انڪري ڪيس نه وساريو. صبح جو اُٿڻ سان پرڀوءَ کي ياد ڪريو ته توهان جي ڏنڌي ڌاڙيءَ ۾ برڪت پوندي. پياري نيوندرام لوڪواڻيءَ ۽ سندس ساٿين کي هن وواهه آيوجن لاءِ ڌنيواد. سنت اننت پرڪاش، ڀاءُ آسنداس ڀيرواڻي ۽ ٻين جوڙن کي آسيس ڪئي.

رات جو ٩ ٻجي ويراول جي سوامي ليلا شاه سوسائٽيءَ ۾ سنت گهنشيامداس جي

بہ پرسن ڪريو تہ پرجا کي بہ سکي ڪريو. صرف سوارٿي نہ ٿيو.

١٨ مارچ هوليءَ ڏينهن رات جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ اڄوڪو ڏينهن ڀڳت پرهلاد جي ياد ڏياري ٿو. ٻالڪ پرهلاد جو پريوءِ ۾ ڪيڏو نہ ويساهہ هو. سندس پتا ڪيس ڪيڏا نہ ڪشٽ ڏئي ٿو، پر هي پيارو ور ور پيو پريوءِ کي پيار مان پڪاري. ٻالڪ پرهلاد کي ڪيئن نہ جبل جي چوٽيءَ تان اُڇلايو وڃي ٿو تہ جيئن مري ختم ٿي وڃي، پر پرماتما ڪيئن نہ سندس رکشا ڪري ٿو. ٻالڪ پرهلاد کي ڪيئن نہ باهہ ۾ ڀسم ڪرڻ لاءِ يوجنا ناهي ٿي وڃي، پر هولڪا جلي ٿي وڃي ۽ پيارو پرهلاد بچي وڃي ٿو. جنهن تي پريوءِ جي ڪرپا، تنهن کي لهر نکي لوڏو. پريميو، توهان هڪ پريوءِ جي شرڻ وٺو تہ هروقت پريو توهان جو رکپال ٿيندو. جيڪو پريوءِ کي وساري ٿو، سو مورکہ آهي. جيون جي سارٿڪتا ئي ڀڳوت ڀڄن ۽ شيوا ۾ آهي. ستگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

جيون ۾ هر نا جپي، ڀوڳي وشيہ وڪار،

ڪهہ ٽيئون سو مونڊ نر، هئہ ڀومي پر بار.

توهان سياڻا آهيو، سيبتا آهيو. پنهنجا سواس ويرٿ نہ وڃايو. عقل واري کي اشارو ڪافي ٿيندو آهي. خوب نام جپيو. ستسنگہ جي مراد ئي آهي نام جپڻ.

١٩ مارچ ڏوڙئي ڏينهن صبوح جو ڪيترن ئي پريمين پوڄنيہ سواميڄن کي گلال چٽيو ۽ گلن جي ورکا ڪئي. شام جو ٦ بجي پوڄنيہ سواميڄن هٿان، برادر منڊل طرفان هوشيار سنڌي وديارٿين کي انعام ڏياريا ويا. پوڄنيہ سواميڄن پياري جيئندرام واڌوا، نهچلداس منگترام ۽ سيني شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ سنتن توهان کي ڏهن ڏينهن ۾ جيڪي پرڀوڌ ڏنا آهن، اُنهن کي هنئين سان هنڊائيندءَ تہ توهانجو ڪلياڻ ٿيندو. ڊاڪٽر جي ڏنل دوا پيئبي ۽ ساڻ ساڻ ڪِري بہ ڪبي تہ دوا جو اثر ضرور ٿيندو. سنتن جي دوا اٿوَ نام اوشڌ.

سرو روگہ ڪا اوَشڌ نام.

سيني شاريرڪ ڇاهي مانسڪ بيمارين جي دوا آهي نام جو نالو. هڪ سنت وٽ جيڪو بيمار سوالي، دکہ دور ڪرڻ لاءِ وينتي ڪندو هو، تنهن کي هو چوندو هو تہ وڃي ننديون هريڙون ڦڪج. ڀڳوان ڀلو ڪندو. بيماري کهڙي بہ هجي اُن سنت جو هڪ علاج هريڙون. بيمارن جو سنت ۾ پورو يقينو هوندو هو، اُن ڪري سنتن جو ڏس کين فائدو پهچائيندو هو. نہ تہ تہ ڪٿي جدا جدا بيماريون، ڪٿي هريڙون! پريميو! توهان بہ نام جي دوا جو استعمال ڪريو، خوب نام جپيو. توهانجا دکہ درد دور ٿي ويندا.

اڄوڪو ڏينهن چيتنيہ مهاپريوءِ جي يادگيري ڏياري ٿو. شري چيتنيہ مهاپريو، ڪيئن نہ ڀڳوان شري ڪرشن جي پريما ڀڳتيءَ ۾ مگن ٿي نچندو هو. سڌ ٻڌ ڀلجي ڪيرتن ڪندو هو.

۾ اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ بہ ديش کي سوروير ماتائن جي ضرورت آهي. اُن ماتا جي ڪک سڦلي جا ايشور ڀڳت، ديش ڀڳت يا پراُپڪاري پٽر کي جنم ڏئي ٿي. ديش ۾ آزاديءَ جو آندولن هلي رهيو هو. سنہ ۱۸۹۷ع ۾ پونا ۾ پليگ پئي. انگريز آفيسرن ان موقعي تي بيمارن جي خدمت بدران خوب اتياچار ڪيا. انهن انگريز آفيسرن سان ٻہ مکيہ ظالم هئا مسٽر رينڊ ۽ مسٽر ايجسرٽ. پونا جي وير سپوتن دامودر چافيڪر، بال ڪرشڻ چافيڪر ۽ واسديو چافيڪر ٽنهي ڀائرن انهن ٻنهي ظالم آفيسرن کي ڏينهن ڏٺي جو گولين سان اُڏائي ڇڏيو. اُن سبب ٽنهي سورويرن کي ڦاسيءَ جي سزا ملي. سندن ماتا کي اِهي ٽي ئي سپٽر هئا ۽ ٽئي سرويچ سوريءَ تي سوار ٿيا. ان ڪري ساري ديش ۾ سندن ماتا لاءِ همدردي هئي. ديش جون ڪيترين ئي هستيون ماتا وٽ اعزاپرسي ڪرڻ آيون مگر ماتا جي منهن تي دک جي ريکا ڪين هئي. هڪ ڏينهن سوامي وويڪانند جي مکيہ ششيا ڀيڻ نِويدتا وٽس همدردي جو اظهار ڪرڻ لاءِ آئي. نِويدتا سمجهو تہ هن ماتا جا ٽئي پٽر شهيد ٿيا آهن اِن ڪري ڏاڍو دکي هوندي، سندس جيون جا سهارا ئي هليا ويا! جڏهن سندس گهر ۾ آئي تڏهن چافيڪر جي ماتا کيس هٿ جوڙيندي بيٺي رهي. ماتا جو صبر ڏسي نِويدتا جي اکين ۾ آنسون اچي ويا. ماتا اِهو ڏسي نِويدتا کي چيو تہ تون تپسوڻ آهين، تو سنياس اختيار ڪيو آهي، موهہ جو تياڳ ڪيو آهي پوءِ بہ تنهنجي اکڙين ۾ آنسون؟ مونکي پنهنجي پٽرن جي ٻليدان جو ڪوبہ دک ڪين آهي. ٽنهي سُپٽرن ديش جي لاءِ قربان ٿي منهنجي ڪک سڦلي ڪئي آهي. مونکي دک صرف ان ڳالهہ جو آهي جو مونکي ٻيو پٽ ڪونهي جو ڀارت ماتا جي چرنن ۾ ڀيٽ ڪريان! ڀيڻ نِويدتا سندس چرڻن تي ڪري چوڻ لڳي ’تون ڌنيہ آهين ماتا! ڌنيہ! اهڙيون ماتائون ديش جو فخر آهن. ماتائو! توهان بہ اهڙيون نذر ناريون ٿيو. هر قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو. رات جو پڻ پوجنيہ سوامي جن امرت ورکا ڪئي. ۲۸ مارچ صبوح جو پيارو رميش تنواڻي پوجنيہ سواميجن کي سوامي سروانند اسڪول ۾ وٺي ويو. اُتي پوجنيہ سواميجن وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي آسيس ڪئي.

۲۸ مارچ رات جو پوجنيہ سواميجن اُپديش ڪندي چيو تہ جو منش ستگرن جي آگيا انوسار هلي ٿو، سندن سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي ٿو، نہ صرف وچنن سان پر پنهنجي آچار ۽ وهنوار سان، اُن تي گروءَ جي وشيش ڪرپا ٿئي ٿي. گروءَ جي سيوا بہ سمرپت ڀاو سان ڪرڻي آهي.

جن سيويا، تن پايا مان، نانڪ ڳاويئي ڳڻي نڌان.

شري گرونانڪ ديو مهاراجن جي آگيا سان ڀائي لهڻو رات ڏينهن نام جپيندو هو ۽ هر قسم جي شيوا ڪرڻ لاءِ تتپر هوندو هو. هڪ دفعي شري گرونانڪ ديو مهاراج کيت ۾ هئا. اُتي گروجن ڳاين لاءِ گاهہ جون ڀريون ٻڌايون. گروجن پٽ سريچند کي گاهہ جي ڀري کڻڻ لاءِ چيو. سريچند وراڻيو ’ڪپڙا نوان آهن، گاهہ جي ڀري کڻبي تہ ڪپڙا خراب

سپترن ستسنگہ جو آيوجن ڪيو. پھرين پروفيسر گوپ روپچندائيءَ، شري ديال آشا ۽ سنت اننت پرڪاش ڀڄن ڳايا. اُن بعد پوجنيہ سواميڄن امرت وچنن جي ورکا ڪندي چيو تہ جيوَ آشا ترشنا، ايرکا ۽ چنتائن جي آگہ ۾ رات ڏينھن جلي رھيو آھي. سنساري پدارٿن ھوندي بہ ھوُ اشانت گذاري ٿو. ڪو ورلو وڏڀاڳي ھوندو جو آتمڪ آنند ۾ اسٿت ھوندو. آتمڪ آنند پراپت ٿئي ٿو گيان ۽ ڀڳتيءَ دواران. انڪري اھڙي پريپورڻ گروءَ جي شرڻ وٺو جو توھان کي گيان ۽ ڀڳتيءَ جي راھ ٻڌائي. ستگرو مھاراج بہ فرمائين ٿا:

آشا ترشنا، اِيرشا، چوٿي چنتا آگہ،

ٽيئون اس ۾ جلت سب، باچي ڪو بڙڀاڳہ.

ويراول شھر کان ٿورو ٻاھر، سوامي ليلاشاھ مھاراجن جي پريمين سوامي ليلاشاھ ھال ٺھرايو ھو. ٢٢ مارچ صبوح جو پريمي، پوجنيہ سواميڄن کي اُن ھال ۾ گھمائڻ لاءِ وٺي ويا. اُتي پڻ پوجنيہ سواميڄن شيواڌارين کي ڏنيواد ڏيندي امرت ورکا ڪئي. پرم پوجنيہ سواميڄن جي آگيا سان پيارو ديال آشا، ڀاءُ منگھارام پنجابي، ڀيڻ چترِي پنجابي، ڀاءُ ڪان لڪاڻي ۽ ڀيڻ ريٽا لڪاڻي ڪنيانا ۽ بانٺوا ۾ ويا ۽ اُتان جي گھرجائو گھرن کي راشن ڏنائو. ٢٣ مارچ رات جو راجڪوٽ ۾ ستسنگہ پروچن ڪندي پوجنيہ سوامي جن چيو تہ وڻ جي پاڙ ٿيندي آھي، اُن جي ڪري ئي وڻ وڌندو آھي. وڻ جي مراد آھي ڦل. ستسنگ آنند جي پاڙ بہ آھي تہ ڦل بہ آھي. ستسنگ چندن جيان سيتلتا پردان ڪري ٿو ۽ پارس وانگر لوھ روپي اگيانيءَ کي سون ارٿات گياني بڻائي ٿو. پريميو! ستسنگ کان ڪڏھن بہ ومک نہ ٿيو. جيڪڏھن پنھنجو ڪلياڻ چاھيو ٿا تہ سنتن مھاتمائن جو سنگ ڪريو. اُنھن جي سنگ دواران توھان کي پرڀوءَ جي پراپتي ٿيندي.

٢٤ مارچ صبوح جو پوجنيہ سوامي جن سوامي ٽيئونرام ھاءِ اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال ٽوپڻداساڻي پوجنيہ سوامي جن جو سواگت ڪيو. پوجنيہ سوامي جن وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي آشيرواد ڪندي چيو تہ اڀياس ڪندي روز ڪو نہ ڪو شيوا جو ڪم ڪريو. شيوا مان ئي توھان تي ميوا ملندا گھر ۾ وڏڙن جي خدمت ڪريو تہ توھان کي پرڀوءَ جي آسيس ٿيندي. ٢٥ مارچ پوجنيہ سواميڄن بمبئيءَ واپس آيا ۽ وري ٢٥ مارچ رات جو ئي پوجنيہ سواميڄن گانڌي نگر ڪولھاپور روانا ٿيا.

٢٦ مارچ کان ٣٠ مارچ گانڌي نگر پريم پرڪاش مندر جو وارشڪ اُتسوُ ملھايو ويو. اُن اُتسوُ سنبنڌ ۾ پوجنيہ سواميڄن ٢٦ مارچ صبوح جو گانڌي نگر ۾ پڌاريا. سوين پريمي سندن سواگت لاءِ ريلوي اسٽيشن تي آيا. شام جو سندن عزت ۾ رام نام جي ڌنين سان شاھي جلوس نڪتو. پوجنيہ سواميڄن ۽ ٻين سنتن اُتي ٽي ڏينھن گيان ڀڳتيءَ جي گنگا پرواھت ڪئي. ٢٧ مارچ شام جو پوجنيہ سواميڄن ماتا راڻيءَ جي مندر ۾ ماتائن جي ستسنگہ

ٿا. پريميو، ڪم ڪاريون ڪندي خوب نام جپيو ۽ مسڪينن جي مدد ڪريو ته پرماتما وري توهان کي مدد ڪندو. گهرن ۾، وهنوار ۾، غم ڪائي هلو. غم ڪائيندءِ جس پائيندءِ.

٣ اپريل پوڄنيه سواميڄن رائگڙهه ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيه سواميڄن ۾ ڏينهن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته پيارا توهان سنساري سنبنڌين جو سنگ گهڻو ئي ڪيو آهي. هاڻي سنتن ستپرڪن جو سنگ ڪريو. دنيوي ماڻهن جو سنگ دکدائي ٿيندو آهي. ڪنهنجا توهان ڏهه ڪم ڪريو، پر هڪ ڪم نه ڪريو، ته اهو شخص ناراض ٿي ويندو. سنساري سنبنڌي گهڻو ڪري خود غرض ٿين ٿا. اُنهن جو ناتو عارضي آهي. داتار جو ناتو دائمي آهي. سنگرو مهاراج به فرمائين ٿا ته توهانکي جيڪڏهن سنسار ساگر مان پار ترڻو آهي ته سنتن جو سنگ ڪريو:

ساڌ سنگ سي ترت هئه، ڪليگ ۾ نر نار،
ڪهه ٽيئون ستسنگ ڪر، من ۾ شرڌا ڌار.

٤ اپريل پوڄنيه سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو ته پريميو، نام جپڻ کان نٽائڻ لاءِ بهانو نه ڏجي ته مان اڄ مشغول آهيان. اڄ مون وٽ مهمان آيل آهن. ائين ته زندگيءَ ۾ فرصت ملندي ئي ڪين. نام کي دل ۾ ياد ڪبو آهي. زبان سان جپڻ به سنو، پر نام دل سان جپڻ جي وڏي اهميت آهي. ساڌڪ جي تار ڳنڍيل رهي ٿي. هوُ سنساري ڪم ڪاريون ڪندي، پل پل پريتم کي ياد ڪري ٿو. نام اُچاري ٿو. جيڪو سنساري پدارٿن کي تياڳي، نام سمرڻ ڪري ٿو، اُن کي مالڪ ۽ مايا ٻئي ملن ٿا. پر هوُ مايا ۾ آسڪتي نٿو رکي. سنگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

جو جن مايا ڪو تجي، سمري هرڪا نام،
ڪهه ٽيئون تان پرش ڪو، ملي دام ۾ن رام.

پريميو، توهان پرماتما سان نينهن لڳايو ته توهانجا ڪم ڪاريون ڪارج ڪرتار پاڻيهي اچي پورا ڪندو.

٥ اپريل پوڄنيه سواميڄن درگه ۾ پڌاريا. اُتي هنن ۾ ڏينهن امرت ورکا ڪئي. پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته گروجن پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چون ٿا:

جي رت لڳي ڪپڙئي، جاما هوءِ پليت،
سو رت پيوي ماڻسا، تن ڪئه نرمل چيت.

پريميو، جنهن رت لڳڻ سان منش جي پوشاڪ پليت ٿئي ٿي، جيڪڏهن ڪو شخص اُهو رت پيئندو ته اُن جو چت نرمل ڪيئن ٿيندو! توهان مان ڪيترا هنسا جو ڪاڌو ڪائين ٿا. ڪيئن نه ويچارن ٻڪرين مرغين کي ڪنو وجي ٿو! ڪسجڻ وقت ڪيئن نه ويچارا ڪيڪراٽون ڪن ٿا! ان ڪاڌي ۾ گگدامن جون درد ڀريون دانهون ۽ آهون اٿوَ. ڏاڍيءَ جي نالي مانس مڃي نه ڪائو. پلاءِ اُندا نه ڪائو. توهان منش آهيو. توهان منش معنيٰ محبت ۽ همدردي. نه صرف ماڻهن لاءِ، سڀني جيون لاءِ. توهان جيڪڏهن هنسڪ ڪاڌو ڪائيندڙ آهيو ته اڄ کان وني ان ڪاڌي جو تياڳ ڪريو. جيسين توهان شڌ آهار نه ڪندا، تيسين توهانجو من شڌ نه ٿيندو. جيڪڏهن من شڌ، نرمل نه آهي ته ڀڳوت ڀڄن نه ڪري سگهندا. پريوءَ

ٿيندا[١]. گروجن وري هئي پٽ کي گاهه جي ڀري ڪڻڻ لاءِ چيو تہ اُن وري چيو تہ ڪو مزور اچي تہ گاهه ڪڻائي ٿو اچان. مطلب هنهي پڻ بهانو ڏيئي گاهه ڪين کنيو. ائين ڪندي اُتي ڀائي لهڻو آيو ۽ اچي گروجن جي ڪمل چرنن ۾ پرڻام ڪيائين. هُو بنا ڪنهنجي چوڻ جي ئي اُهي گاهه جون ڀريون کڻي ڏيري تي آيو. گروجن مٿس ڪيڏو نہ پرسن ٿيا! اولاد اُها وڻندي آهي، جا بنا چوڻ جي ئي ڪم پورو ڪري. اِستري پتيءَ جي بنا چوڻ جي جيڪڏهن پتيءَ جي ارادي ۽ اچا انوسار پنهنجي ليکي شيوا ڪندي تہ ڪانڌ ڪيس ڪيڏو نہ قرب ڏيندو! پياري لهڻي بنا چوڻ جي ئي شيوا جو ڪم ڪيو. سندس هيا بہ ڪيترا ئي مثال ملن ٿا. سندس جيون هئي سمرپڻ جي جيون، انڪري ئي شري گرونانڪ ديو مهاراجن مٿس چٽ رکيو. ستگرن جي ڪرپا سان ڪيئن نہ ڀائي لهڻو گرو انگدديو ٿيو، گادي جو مالڪ ٿيو.

پريميو، توهين پربھوءَ جا داس ٿيو. ستگرن جي در جا غلام ٿيو ۽ اُن ڀاوَ ۾ شرڌا سان شيوا ڪريو تہ توهان تي بہ ستگرن جي آسيس اوس ٿيندي.

٢٩ مارچ پربھات جو اُتسوَ جو پلئہ پائيندي سواميڄن چيو تہ هي امرت جو ويلو آهي. توهان پربھوءَ ۽ ستگرو مهاراجن کي جيڪا پرارٿنا ڪندا اُها ضرور اگهامندي. پربھوءَ کان دنيوي پدارٿ نہ گهرو، پر نام پدارٿ گهرو. پدارٿن وارا، سنتان وارا، ستاڌاري ڪيڏو نہ دکي آهن. اُهي ورلي وڏڀاڳي سکي آهن، جن پربھوءَ جي شرڻ ورتي آهي، پرماتما کي پرارٿنا ڪريو.

هي سمرٿ سروگيہ هر، دين بندو داتار،
ڪهه ٽيئون ڪرپا ڪري، دي شڀ گڻن ڀنڊار.

پريميو، توهان کي ڌنيواد آهي جو هت گانڌي نگر ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي وينا آهيو. توهان گروءَ کي ياد ڪندا تہ گرو وري توهان کي آباد ڪندو. ستگرو مهاراجن جي واڻيءَ جو سنگرهہ ’پريم پرڪاش گرنٿ‘ نت نيم پڙهو. ڪڏهن ڪر توهانجي من ۾ مونجهارو هجي، توهان اُن گرنٿ مان وچن ونندا، توهانجي من جو مونجهارو مٽجي ويندو. ستگرن جي ٻاڻيءَ کي ستگروءَ جو روپ سمجهو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

گر ڪي واڻي جان تم، ستگر ڪا هئہ روپ،
ڪهه ٽيئون پڙهہ پريم سي، پائو سکہ سوَروپ.

ستگرن جي ٻاڻيءَ جو ابھياس ڪندي ڪندي توهان آتمڪ آنند پراپت ڪندا. پياري برجلعل هيراڻي، مکي راڌي مل، هري ڀلي، رميش تنواڻي ۽ سيٺي پريمين کي ڌنيواد آهي جو هر سال وارشڪ اُتسوَ جو آيوجن ڪري، پريمين کي لاڀ پهچائين ٿا. هنن اُتسوَن ملهائڻ جي مراد آهي ڪنهن نہ ڪنهن نموني جيون کي نام جپائڻ. سنت ڀاڳ سان پربھوءَ جي نام جو پيغام کڻي اچن

تہ توهانجي مراد برڳاب ٿيندي. سنگرو مهاراج بہ فرمائين ٿا:

جو سنتن ڪو سيوتا، سو ڀڳوت من پايہ،

ڪھ ٽيئون هر سنت اِڪ، ويد گرنٿ يون گايہ.

هڪ ڀيري سنت نامديو رستي تان لنگهي رهيو هو تہ بيل گاڏيءَ واري اچي کيس نمسڪار ڪندي وينتي ڪئي: پريوءَ جا ڀڳت، گاڏي هلندي هلندي منهنجو بيل ڍرڪي ويو آهي. هي منهنجو مددگار هو، هن کان سواءِ مان گذارو ڪيئن ڪري سگهندس! مهرباني ڪري منهنجي هن بيل کي جيئاري ڏيو. سنت نامديو مشڪي کيس چوڻ لڳو: پيارا، اِها ڏوري تہ ڏاتار جي هٿ ۾ آهي. تون پرماتما کي پرارٿنا ڪر تہ سڀ سٺائي ٿي پوندي.

گاڏير وراڻيو، ’سائين، مان پرارٿنا ڪري ڪين ڄاڻان.‘

تڏهن سنت نامديو وراڻيو تہ پيارا، جيئن مان ڀڄن ڳايان، تيئن تون بہ سڪ شرڌا سان پريوءَ جي پرارٿنا جو ڀڄن ڳاءِ، ڀڳوان ڀلي ڪندو.

سنت نامديو ڀڄن ڳائڻ شروع ڪيو ۽ اُن جي پٺيان اُهو گاڏير پڻ ڀڄن ڳائيندو رهيو. سنت نامديو ڳائيندي ڳائيندي مگن ٿي ويو. جڏهن اکيون کوليائين، تڏهن گاڏير کي چيائين تہ ڀڳوان جو نالو وٺندي وٺندي نديءَ تان ڪٽي اچ ۽ جڏهن پانڊورنگہ، جڏهن پانڊورنگہ چوندي اُهو جل بيل تي ڇڙڪاءِ ۽ پوءِ بيل کي بہ جل پيئار.

جيئن ئي گاڏير پاٽي ڪٽي ڀڳوان جو نالو ڳنهندي بيل مٿان ڇڙڪايو تہ بيل هڪدم اُٿي کڙو ٿيو ۽ ويتر جيئن کيس باقي بچيل جل پيئاريائين تہ بيل وڌيڪ چست ٿيو. گاڏير ڀڳوان جي نالي ۾ ايڏي شڪتي ڏسي سنت نامديو تان ٻلهار وڃڻ لڳو.

سنت پاڪي لکل رکي ڀڳوان جي معرفت ئي ڪم ڪرائيندا آهن. سچيءَ دل سان پريوءَ کي، سنتن کي عرض ڪندءَ تہ اوس توهانجو عرض اگهامندو.

١٢ اپريل صبح جو اُپديش ڪندي پوجنيہ سواميڄن بيڪري پئنچات جي ڪاريہ ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ توهان هر سال ستسنگہ يگيہ جو آيوجن ڪري اُتم ڪاريہ ڪريو ٿا. سنتن وٽ اچو تہ اُنهن کان آتم گيان جي ديکشا گهرو. آتم گيان جي پراپتيءَ بعد توهانکي هر هنڌ ڀڳوان جو درشن ٿيندو. پوءِ توهان سڀ ۾ ساکي پسندا. گروءَ کي دل جي گهرائيءَ مان هيءَ پرارٿنا ڪريو:

ستگر آتم گيان دي، هرو ديھ ابيمان،

ڪھ ٽيئون سب گهٽ وکي، دکلائو ڀڳوان.

جڏهن ڀڳوت پراپتي ٿي تہ سڀ ڪڇھ مليو. پريميو، پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. دکہ سکہ ۾ هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو. دنيوي ڪم ڪريون ڪندي نام نہ وساريو.

١٣ اپريل رام نوميءَ جي پوتر ڏينهن پريم پرڪاش مندر پمپري ڪئمپ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن، ڀڳوان شري رام، ڀڳوان شنڪر، سنگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج، سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي مورتين جي استاپنا ڪئي ويئي. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ ١٢ اپريل شام جو پوجنيہ سواميڄن پمپريءَ ۾ پڌاريا. رات جو پوجنيہ سواميڄن ستسنگہ ڪندي چيو تہ

کي پائڻ چاهيو ٿا، منش جنم سڦل ڪرڻ چاهيو ٿا ته سيني پراڻين ۾ پريوءَ کي پسي ڪين پيار ڪريو. آهار شڌ، ويچار ۽ وهنوار شڌ ته توهان سولائيءَ سان پريوءَ جو درشن ڪري سگهندا.

۷ اپريل پوڄنيه سواميڄن ناگپور ۾ پڌاريا. اُتي پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو ته پيارا، توهان جيڪڏهن پريوءَ جي ويجهو ٿيڻ چاهيو ٿا ته منا ٿيو. منو ماڻهو ڪنهنکي به دکائي نٿو. ڪنهنکي به رنجائي نٿو. ستگرو مهاراج به آديش ڏين ٿا:

ڪهه ٽيئون ڪس منش ڪي، دل ڪو دکه دي ناهه،

دکي جيوَ ڪي آهه سي، ناش هوت کڻ ماهه.

مصري کهڙي نه مني ٿيندي آهي ۽ فائدي واري ٿيندي آهي. توهان ان مصري کان به منا ٿيو.

ٻاڙو نه ٻوليو. توهانکي ڏاڍي پياس هجي، توهان کي سمنڊ جي پاڻيءَ جو لوٽو ڀري ڏجي. ڇا توهان اُهو پاڻي پي پنهنجي اُڃ ٻجهائيندا؟ هرگز نه. پر جيڪڏهن توهانکي مني پاڻيءَ جو اڌ گلاس ئي ڏجي ته توهان اڌ گلاس پاڻي هڪدم پيئندا. جنهن حالت ۾ ٻاڙو پاڻي ئي توهان کي نٿو وڻي ته ٻاڙو ٻوليندڙ ماڻهو ڪيئن وڻندو! سنت ستپرکه ڪيڏا نه منا ٿيندا آهن، اِنڪري دل ٿيندي آهي ته سدائين اُنهن جي سنمکه وينو رهجي. ڀلي توهان ڪيترا به ستسنگه ٻڌو، اُپاسنائون ڪريو، پوڄائون پاٺ ڪريو، پر جيسين وهنوار ۾، ويچار ۾ توهان منا نه ٿيا آهيو، تيسين پريوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌي نه سگهندا. ڪنهن کي به پنهنجي من وچن ۽ ڪرم سان دکي نه ڪريو. سيني کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو ته پريو توهان کي سکي ڪندو.

۹ اپريل پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر آشرم ۾ واپس آيا. پوڄنيه سوامي جن سنڌونگر ميونسپل جي نون چونڊيل ميمبرن کي آشيرواد روپ ۾ پڪرون پائيندي چيو ته نگر جي وڪاس لاءِ آپسي متڀيد وساري هڪ ٿي وڃو. اهڙا نيڪ ڪم ڪريو جو ديش وديش ۾ اوهانجو نالو روشن ٿئي. هڪ ٻئي کي عملي طرح سهيوگ ڏيو. سنڌونگر سنڌين جو مرڪز آهي. جاتيءَ جو شان بلند ڪريو.

نگرپالڪا جي پرڌان ياءِ پپو ڪالاڻيءَ چيو ته مان پوڄنيه سوامي جن جي آشيرواد وٺي اڳيان وڌيو آهيان. مونکي ڪڏهن به ڪا تڪليف ٿيندي آهي ته سائين جن وٽ ايندو آهيان ته مشڪل آسان ڪري ڇڏيندا آهن. شري گوپ ڀهراڻيءَ چيو ته اسين پوڄنيه سوامي جن جي آسيس سان گڏجي نگر جي شيوا ڪنداسين. ڊاڪٽر ديال آشا ڪاروائي هلائيندي آيل نگر سيوڪن جي شڪرگذاري ڪئي.

۱۰ اپريل کان ۱۲ اپريل پوج بيڪري پئنچات، ڪوپري ڪالوني ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ وشوَ شانتي مهايگيه جو آيوجن ڪيو. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ۱۰ اپريل شام جو ساڌو واسواڻي نگر ٿاڻا ۾ پڌاريا. رات جو ستسنگه آرنڀ ٿيڻ کان اڳه پياري لڇمڻداس پنجواڻيءَ ۽ سنڌس ساٿين سواميڄن جو سواگت ڪيو. سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته سنت پريوءَ جو نت اوتار اٿوَ. توهان جيڪڏهن هنن ۾ پوري شرڌا ۽ وشواس رکي وينتي ڪندا

رهو. جڳت ۽ جڳت جا پدارٿ ڏسڻ ماتر آهن، انهن جو ڪوئي استيتوَ ڪين آهي. جڳت جي رچنا سپني مثل آهي. جيئن سپني جا پدارٿ مٿيا آهن، تيئن هن جڳت جا پدارٿ بہ مٿيا آهن. انڪري جڳت ۾ اناسڪت ڀاو سان رهي نام چنتن ڪريو، نام ڳايو، نام ڌيايو، پرم سک پايو. جيئن جيئن توهان نام جو ابياس ڪندا، تيئن توهان کي اندر ۾ آتمڪ دويہ جوتيءَ جو ديدار ٿيندو.

سوامي مرليڌر ستگرو سوامي سروانند مهاراجن سان گڏ ڪيڏو نہ سفر ڪندي ستلن کي سجاڳ ڪيو. سنت اچن ٿا توهان کي اگيان ۽ موهہ جي ننڊ مان سجاڳ ڪرڻ. سجاڳ ٿي نام جپيو ۽ پاڻ پڇاڻيو.

٢ مئي اُماس ڏينهن ڪنڀ جي ميلي جي وڏي ٽٻي هئي. لکين شرڌالو ڪپرا نديءَ ۾ ٽٻي ڏيڻ ويا. شام جو منڊپ ۾ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پريميو، توهان ڀاڳن وارا آهيو جا توهان کي اڄ ڪپرا نديءَ ۾ ٽٻي ڏيڻ جو وجهہ مليو آهي. ڪنڀ جي ميلي تي اُماس جي ٽٻيءَ جي وڏي اهميت آهي. هڙن ڏينهن تي خوب دان پڄ ڪجي. دان ڪرڻ سان ڌن وڌندو آهي. مايا مالڪ جي آهي. سنت چون ٿا:

پاني باڙي ناو ۾ گهر ۾ باڙي دام،

دونون هاٿ اُليچئي، يهي سڄن ڪاڪام.

جيئن اوچتو وچ درياهہ ۾ اسين ٻيڙيءَ ۾ وينا هجون ۽ اوچتو ٻيڙيءَ اندر پاڻي اچي وڃي تہ اسين ٻڪن سان پاڻي ڀري ٻاهر ڪينداسين. تيئن پرماتما جيڪڏهن مايا ڏئي تہ اُها ٻنهي هٿن سان ڪيڏي دان پڄ ڪجي. دان ڪرڻ ۾ دير نہ ڪجي. ڪي ڪي سڄڻ دان ڪرڻ ۽ نام سمرڻ ۾ سستي ڪندا آهن. ڪڏهن ٿو ڪال جو گهنڊ وڄي، پتو نہ آهي! ان ڪري ورتمان ڪال ۾ ئي خوب نام جپجي ۽ سڪرت جا ڪم ڪجن. شري گرو نانڪ ديو مهاراجن جي ستسنگ ۾ هڪ ٻالڪ نيمت روپ سان اڳيان اچي ستسنگ ۾ ويهندو هو ۽ ڌيان سان گروجن جو اُپديش ٻڌندو هو. هڪ ڏينهن شري گرونانڪ ديو مهاراج هن ٻالڪ کان پڇيو 'پيارا ٻالڪ، تون ننڍي هوندي ئي نيم سان هت ستسنگ ۾ اچين ٿو، اِها سکيا توکي ڪنهن ڏني؟' ٻالڪ چيو 'سائين، منهنجي اما باهہ ٻاري، ڏٺم تہ باهہ ۾ ننڍڙيون ڪاٺيون جلدئي ڀسم ٿي ٿيون ۽ وڏيون ڪاٺيون ۽ بنڊ دير سان ٿي ٻريا. اُن وقت مونکي خيال آيو تہ ڪال روپي باهہ ڪڏهن ڪنهن کي ٿي جلائي رک ڪري، سو ڀروسو ڪين آهي. مان ننڍڙو آهيان. متان مان ان باهہ جو بک ٿيان، چو نہ اڳهہ ئي نام جپيان.' ٻالڪ جو اِهو جواب ٻڌي شري گرونانڪ ديو مهاراج مشڪندي چيو تہ ٻالڪ، تون ٻالڪ ناهين، تو تہ ٻڍڙن جهڙو جواب ڏنو آهي. تون ٻڍڙو ٿيندين. اُهو ٻالڪ اڳتي هلي بابا ٻڍڙي جي نالي سان پرسڌ ٿيو.

پريميو، توهان تيرٿن تي آيا آهيو. توهان کي هت تيار ڀوڄن ملي ٿو. پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي آيا آهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ هت نشچنت ٿي نام جپيو.

٤ مئي سومر ڏينهن چنڊ هو. شام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪيو. ٥ مئي اڱڻ ٽيج ڏينهن ڪنڀ جي ميلي جي خاص ٽٻي هئي. لکين شرڌالن ڪپرا نديءَ ۾ ٽٻي ڏني. سوين پريمي پوڄنيہ سواميڄن کان آسيس وٺڻ آيا. شام جو پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ

اڄ هن پوتر آستان تي ڀڳوان ۽ گرو مهاراجن جي مورتين جي پراڻ پرتشٺا ٿي آهي. اڄ کان ائين سمجهو ته هي مورتون نه، پر ساڪيات ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراج براجمان آهن. روز انهن مورتين جي شرڌا سان پوڄا ڪجو. ماتا ستي ۽ ڀين پريمين کي ڌنيواد آهي جن هي سندر مندر ٺهرايو آهي. هن آستان تي ستسنگ سان گڏ ٻڪايلن لاءِ ان ڪيتر به آرنڀ ڪيو. پکين پسن جي شيوا به ڪريو. پريميو، ڌنڌي وهنوار ۾، گهر ٻار ۾ غم ڪائي هلو. ڪائيندءُ غم ته ٿيندو ڪم. اڄ ڪيترن گهرن ۾ اشانتيءَ جو واتاورڻ آهي. جتي شانتي آهي، اُتي ديوتائن جو واسو ٿيندو آهي. انڪري هڪ ٻئي سان ميل ميلاپ سان هلو ۽ گرو منتر جو خوب ابياس ڪريو. ستگرن جي شرڻ ونو ته توهانجو نصيب کلندو.

گربن پريم نه اُپجي، گر بن جڳي نه ڀاڳ،

ڪه ٽيئون تانتي سدا، گر چرنون ۾ لاگ.

ڀارت جي پراچين اتهاسڪ، ڌارمڪ، سانسڪرتڪ نگر اُڄين ۾ ١٦ اپريل کان ١٧ مئي ڪنڀ جو ميلو هو. پريم پرڪاش منڊل جي پرمپرا انوسار کپرا نديءَ جي ڀرسان پريم پرڪاش منڊل طرفان شاهي منڊپ ۽ تنبو لڳايا ويا. ان ڪنڀ ميلي جي سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ١٥ اپريل اُڄين نگريءَ ۾ پڌاريا. ١٦ اپريل صبوح جو پوڄنيه سواميڄن سوامي ٽيئونرام ان ڪيتر جو آرنڀ ڪيو. پوڄنيه سواميڄن ۽ منڊل جا ٻيا سنت مهاتمائون روز صبوح ۽ شام جو ستسنگ پروچن ڪندا هئا. ديش وديش مان هزارين پريمي پوڄنيه سواميڄن جي آشيرواد وٺڻ آيا. ٢٠ اپريل صبوح جو پوڄنيه سواميڄن اُتي ستسنگ ڪندي چيو ته اسين ڪو اُتسؤ آيوجت ڪندا آهيون ته ان لاءِ نمنترڻ پتر ڇپائيندا آهيون. اُهي ديش وديش ۾ ٽپال دواران موڪليندا آهيون. ڪنڀ جو ميلو اهڙو مهان اُتسؤ آهي، جو ٻنا ڪنهن کي نمنترڻ موڪلڻ جي، لکين شرڌالو ديش جي ڪنڊ ڪڙڇ کان اچي ٽٻيون ڏين ٿا، سنتن جا درشن ڪن ٿا. هھڙن ميلن تي هت توهان کي اهڙن سنتن جا درشن نصيب ٿين ٿا، جن جو درشن ڪرڻ ممڪن ئي نه آهي.

پريميو، توهان سؤڀاڳيشالي آهيو جو توهان هت آيا آهيو. سنتن جا درشن ڪري چت پرسن ڪريو. کپرا نديءَ ۾ ٽٻيون هڻندي پريوءَ کي ياد ڪريو. تيرٿن تي اچي به جيڪڏهن توهان دان پڄ اشنان ۽ نام سمرڻ نه ڪيو ته ٻيو ڪٿي وڃي اهي ستڪرم ڪندا؟

١٦ اپريل کان ٣٠ اپريل پريم پرڪاش مندر اندور ۾ سوامي مرليڌر جي ورسي ملهائي وئي. پوڄنيه سواميڄن ٢٦ اپريل اندور ۾ آيا. اُتي پوڄنيه سواميڄن پنج ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو ته هت سوامي مرليڌر ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي، سون پريمن کي نام جو سنديش ڏنو. سنت آتم گيان جو اُپديش ڏيئي اسانکي ساکي چيتن جو ساڪياتڪار ڪرائين ٿا. موهه جي ٻنڌنن کان مڪت ڪري مڪتي مارگ ٻتائين ٿا. توهان به اُنهن جي نقش قدمن تي هلو.

دنيا ۾ مهاپرش ٻڙي ڪام ڪو آتي هئن،

مٽاتي موهه من ڪا، امر بنانا سڪاتي هئن.

پريميو، ستگرن جي ڏنل ڏس دواران ئي توهان پاڪي پڇاڙي آتمڪ آنند ۾ اسٿت

جوت جڳائيندا. هنن اُتسون جي مراد آهي توهان کي نام جپائڻ، پريوءِ جي راهه ۾ چڪڻ. منش جنم ۾ به نام نه جپيندءُ ته ٻيءَ کهڙيءَ جوڻ ۾ نام جپيندءُ. ستگرو مهاراج به فرمائين ٿا:

چوراسي لک جون ڦر، پايي درلڀ ديهه،

کهه ٽيئون هر ڀڄن سي، سڦلي کر لي ايهه.

٢٨ مئي پوجنيه سواميڄن ماليگانو ۾ پڌاريا. هنن اُتي شام جو ۽ رات جو ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ونڌي ورهائي کائو. پريوءَ توهان کي جيڪي ڪجهه ڏنو آهي سو سندس امانت آهي. امانت ۾ خيانت ڪرڻ سبب توهين دکي گذاريو ٿا. توهان ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪندا ته توهين به سکي گذاريندا. هڪ مهاتما وٽ هڪ ڏنوان آيو. مهاتما پڇيس 'پيارا، ڪيئن آيا آهيون؟' ڏنوان وراڻيو 'پرماتما مونکي سڀ ڪجهه ڏنو آهي، پئسو پدارٿ بنگلا سنتان پر تنهن هوندي به مان دکي آهيان.' سنت چيس 'پيارا! تون چور آهين؛ پوءِ دکي ڪيئن نه ٿيندين!' ڏنوان اِهو ٻڌي عجب ۾ پئجي ويو ۽ سنت کان پڇيائين ته چور ڪيئن آهيان!' مهاتما چيو 'پيارا، پريوءَ توکي هيڏو مال ملڪيت ڏنو آهي سو سڀ تون پنهنجي سک سهنج لاءِ استعمال ڪري رهيو آهين. ڀڳوان جي امانت کي تون پنهنجو سمجهي ايمان ڪرين ٿو. اِها چوري آهي. ٻئي جو مال هڙپ ڪرڻ اِها ٺڳي آهي. 'توکي پرماتما جيڪي ڏنو آهي سو ونڌي ورهائي کاءُ، اجائي آڪڙ اهنڪار کان باز اچي دکين بکين جي سار لهج ته تون سک جو انڀو ڪندين. ٻين کي سکي ڪرڻ سان ئي توکي سچو سک ملندو.

پريميو! پريوءَ کي نه وساريو. منش جنم جو قدر ڪريو. پنهنجا سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪريو. ڪوي ڀهلاجرام جي ورسي اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ٢٩ مئي ديوالي بابا جي ڪاهه باغ ۾ پڌاريا. سنت نارائڻ پرڪاش سندن سواگت ڪيو. پوجنيه سواميڄن شام جو ستسنگ ڪندي چيو ته ڪوي ڀهلاجرام سنڌي ڪوين ۾ سچو رتن هو. سندس ٻاڻي سنڌ ۾ گهر گهر ۾ پريم سان ڳائي ويندي هئي. هي صاحب نڊر ڪوي هو. ڪنهن ۾ به ڪا خامي ڏسندو هو ته سچ کان هٻڪندو ڪين هو. بي باڪ شاعر هو. هن صاحب سنڌي سنت ڪاويه کي مالا مال ڪيو. جيترو قدر هن پياري جو ٿيڻ گهربو هو، اوترو قدر ڪين ٿيو آهه. سندس ٻاڻي پڙهو ته توهان کي ڀڳتي رس جي پراپتي ٿيندي.

٣١ مئي پوجنيه سواميڄن دهليءَ ۾ روانا ٿيا. اُتي پريم پرڪاش مندر ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي ورسي اُتسوَ ۾ پوجنيه سواميڄن ١-٢- جون ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج ڪيترن دکين جا دک درد دور ڪيا. وشواس وارو ئي ڪٿيو کائيندو. نه صرف هندن پر ڪن مسلمانن جو به ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ۾ يقينو هوندو هو. خيرمحمد کي اڏرنگ جي چپيٽ اچي ويئي، هلڻ کان هلاڪ هو. هن گهر وارن کي چيو 'ابا! مونکي ڏڀ تي وٺي هلو، سوامي ٽيئونرام منهنجو درد دور ڪندا. خيرمحمد ارباب جي گهٽي زور ڀرڻ تي گهر جا ڀاتي کيس کٽ تي کڻائي ڏڀ تي امراپور آستان تي وٺي آيا. گرميءَ جي مند هئي سنت ڪشنداس ۽ سنت اوڌوداس ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن لاءِ نم جو ٻور گهوٽي رهيا هئا. ستگرو مهاراج خاص ڪري گرمين ۾

پروچن ڪيو. پوجنيہ سواميجن ٻين سنتن جي لڳايل چانوٽين ۾ پڻ جدا جدا ڏينهن تي ويا. پوجنيہ سواميجن ڪنڀ جي ميلي تي ڪيترن ئي سنتن مهاتمائن سان مليا ۽ گيان گوشٽي ڪيائون.

لائيٽ جي شارٽ سرڪٽ سبب پريم پرڪاش منڊل جي منڊپ کي اوچتو اچي باهه لڳي. ڪن پريمين کي باهه جو ڇڻو سيڪ اچي ويو. سارو منڊپ، ڪاڏي پيٽي جو سمورو اناج ۽ ٻيو ڪيترو سامان جلي خاڪ ٿي ويو. پوجنيہ سواميجن ٻه ڏينهن سنڌونگر جي آشرم ۾ آيا. اُجين ۾ وري ساڳئي آستان تي منڊپ لڳايو ويو. پوجنيہ سواميجن وري اُجين ڪنڀ جي ميلي ۾ شريڪ ٿيا ۽ ان ڪيتر پڻ آرنڀ ڪيائون. هو روز صبح ۽ شام امرت وچنن جي ورکا ڪري ياترين جي پياس پوري ڪندا رهيا.

پريم پرڪاش منڊل جو ٧١ وارشڪ اُتسوَ جئپور جي بدران ڪنڀ جي ميلي سبب، اُجين ۾ ئي ١١ مئي کان ١٥ مئي آيوجت ڪيو ويو. پوجنيہ سواميجن ١١ مئي جهنڊو چاڙهي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. پنج ئي ڏينهن صبح ۽ شام پوجنيہ سواميجن، سنت سويم پرڪاش، سنت هرداسرام، سنت برهمانند، سنت ديو پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، سنت اشوڪ لعل، سنت جئديو ۽ ٻين سنتن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن، سنگرو سوامي سروانند مهاراجن جي جيون ۽ ٻين وشين تي روشني وجهندي پريمين جو مارگہ درشن ڪيو.

١٥ مئي شام جو اُتسو جو پلئہ پائيندي پوجنيہ سواميجن سڀني شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ ياترين جي سيوا ڪندي جيڪڏهن ڪن شيواڌارين کان ڪا غلطي ٿي هجي تہ داس کي ڪميا ڪندا. پريميو، توهان گرو مهاراجن جي اُتسوَ ۾ ڪٿان ڪٿان اچي شريڪ ٿيا آهيو تہ گرو مهاراج وري توهانجي ڪارجن ۾ شريڪ ٿيندا. گرو ڀڳتيءَ جي ڀاونا ۾ وڌندا رهو. تيرٿ تي اچبو آهي تہ ڪجھ نہ ڪجھ ڇڏي وڃبو آهي. داس توهانکي عرض ٿو ڪري تہ هونئن تيرٿن تي ڪا نہ ڪا ڪاڏي جي پريہ چيز ڇڏي وڃبي آهي، پر توهان هتي اچ پنهنجو ڪونہ ڪو اوڳڻ ڇڏي وڃو. توهان مان ڪو شراب پيئندڙ آهي تہ هٽ شراب پيئڻ جي عادت ڇڏي وڃي، ڪو ماس کائيندڙ آهي تہ ماس کائڻ جي عادت ڇڏي جيون ۾ ديا جي جوت جڳائي. ان نموني ڪو نہ ڪو اوڳڻ ڇڏي ويندا تہ پاڻ کي اڌي ويندا.

١٦ مئي ست نارائڻ پورڻما ڏينهن ڪنڀ جي ميلي جي آخرين ٽٻي هئي. هزارن شرڌالن ڪپرا نديءَ ۾ ٽٻي ڏني. ڪيترائي پريمي پوجنيہ سواميجن کان موڪلائڻ آيا. پوجنيہ سواميجن کين آشيرواد ڪندي پاڪرون پاتيون. پوجنيہ سواميجن آيل سنتن سان بہ موڪلايو ۽ شيواڌارين کي آسيس روپ ۾ پاڪرون پاتيون. ١٧ مئي پوجنيہ سواميجن اندور ۾ واپس آيا. ١٩ مئي پوجنيہ سواميجن سنڌونگر آشرم ۾ آيا. اُتي ٢٢ مئي تائين صبوح ۽ شام ستسنگہ پروچن ڪندا رهيا. ٢٣ مئي رات جو پوجنيہ سواميجن ڊوليا روانا ٿيا ۽ ٢٥ مئي صبوح جو پريم پرڪاش مندر ڊوليا ۾ پڌاريا. ڪيترن ئي پريمن ڦول مالهائن سان سندن سواگت ڪيو. شام جو پوجنيہ سواميجن جي آمد تي جلوس ڪڍيو ويو. پوجنيہ سواميجن ٽي ڏينهن اُتي امرت ورکا ڪري پريمن جي پياس پوري ڪئي. ٢٧ مئي رات جو اُتسوَ جو پلئو پائيندي پوجنيہ سواميجن چيو تہ پريميو، توهان کي ڌنيواد آهي جو هتي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي رهيا آهيو. توهان سنگرن جي جوت جڳائيندا تہ گرو مهاراج توهانجي

روپ ۾ اچي پنهنجن پيارن جي سار لهي ٿو، سهائتا ڪري ٿو. اڳي پوءِ ننگه ننگپال تي آهي. پريميو، ان ڪري پربهوءَ کي نه وساريو. هوُ توهانجو سدائين رکپال آهي. هو هڪ هڪ جي سنڀال پيو لهي. پربهوءَ کي پريم سان پرارٿنا ڪريو:

ڀڳت وتسل پيه هرن هر، ڪروڻا شيل نڌان،

ڪه ٽيئون ڪل ڪال ۾، لاڄ راک ڀڳوان.

٣ جون کان ٧ جون سوامي ماڌوداس جن جي آستان آدرش نگر اجمير ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ورسي اُتسوَ آيوجت ڪيو ويو. ان اُتسوَ سنبنڌ ۾ پوجنيه سواميڄن ٣ جون اجمير ۾ پڌاريا. ياءُ مرليڌر ڪرناڻي ۽ ٻين پريمين پوجنيه سوامي جن جو سواڳت ڪيو. پوجنيه سواميڄن پنج ئي ڏينهن شام جو ستسنگه پروچن ڪري پريمين کي ڪرتارٿ ڪيو. پوجنيه سواميڄن پروچن ڪندي چيو ته ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج روز ڪيترو وقت ڀڳوت ڀڄن ۾ لين رهندا هئا. ستگرو مهاراجن جدا جدا شهرن ڳوٺن ۾ منڊليءَ سان گڏ رٽن ڪري، سنتن کي سڄاڳه ڪري، نام جو سنديش ڏنو، پريم جو پيغام ڏنو. اڄ اسان جي دلين ۾ پريم ڪٿي؟ دنيوي پر پنچ ۾ ڦاسي نام کي وساري ويٺا آهيون. شري گرو تيغ بهادر صاحب فرمائين ٿا:

پراني نام نه چيتئي، مد مائيا ڪيءَ انڌ،

ڪه نانڪ هر ڀڄن بن، پرت تاهه جم ڦند.

پريميو، ٻيون سڀئي ڳالهيون ڀلي وساريو، پر پربهوءَ کي نه وساريو. ور ور نام اُچاريو، پريمي! پيار وچان. جنهن کي اُڪير مان سڏ ڪبو آهي ته اُهو سڏ جي موٽ ڏيندو آهي. پربهوءَ کي به اسين دل جي اونهائيءَ مان پڪاريندا سين ته هوُ اوس اسانجي پڪار ٻڌندو. سنساري ڌنڌن کان فارغ ٿي روز نام ڪيرتن ڪيو. هڪ مهاتما ڪنهن آستان تي رام نام جي مهما پئي ڪئي. ستسنگه کان پوءِ هڪ ناستڪ شخص وٽس آيو ۽ پڇيائين ته توهان جو رام نام جي جاپ جي هيڏي مهما ڪئي، اُن جو ڪهڙو لاڀ آهي؟ ان بابت مونکي توهان سان بحث ڪرڻو آهي. مهاتما ڪجهه ٽڪل هو. هن اُن شخص کي چيو ته مان جنهن آستان تي رهيل آهيان، اُتي تون اڄ ته توسان خلاصو بحث ڪجي. اُن شخص اُن مهاتما کان پڇيو ته توهان ڪٿي رهيل آهيو ته مان پوءِ اُتي اچان. سنت چيس ته سامهون جيڪا گهٽي آهي، اتي ساڄي طرف اچي وري کابي اچ. اُتان وري ساڄي اچي موڙ طرف اچج. مان اُتي رهيل آهيان. سنت روانو ٿيو. ڪجهه وقت بعد اُهو شخص سنت جي رهيل آستان جي ڳولها ۾ نڪتو. گهٽيون گهمندو رهيو، پر پوري پٽي نه هئڻ سبب واپس موٽي آيو. سنت به هنجو انتظار ڪيو. ٻئي ڏينهن اُن سنت ستسنگه ڪيو. اُهو ساڳيو شخص سنت وٽ آيو ۽ چيائين ته سائين، ڪالهه مان ڪيترو ڀٽڪيس، پر توهان سان ملي نه سگهيس. تنهنڪري مونکي جڳهه جو پورو نشان پتو ڏيو ته مان اڄ توهان وٽ اچي پنهنجي شنڪا جو سماڌان ڪرايان. سنت چيس: پيارا، اُتي نئين ڪوئي نهيل ٿي. مان اُتي ئي ترسيل آهيان. سنت هليو ويو. اُهو شخص وري ڏسيل گهٽين ۾ گهمندو رهيو. اتي ته ڪيتريون ئي نيون ڪوليون نهيل هيون. جاچ ڪيائين ته هتي ڪو سنت رهيل آهي چا؟ ڪيس انڪاري جواب مليو. ٻئي ڏينهن به ڀٽڪي ڀٽڪي، آخر خار کائي واپس موٽي آيو.

نم جو ٻور گھوٽائي پيئندا هئا. خيرمحمد اکين ۾ آب آڻيندي ستگرو مهاراجن کي عرض ڪيو ته سائين! گهر ۾ چار نياڻيون ۽ چار پٽ آهن اُنهن جي پرورش ڪيئن ڪريان! اڌ رنگ جي چپيٽ چيلهه ڇٻي ڪري ڇڏي آهي. اوهان قياس ڪري مون تي رحمت ڪريو جئن مان پنهنجي هلنديءَ هلان، هاڻي ته موٽاج ٿي پيو آهيان. رحم ڪريو، فضل ڪريو، مونکي بک نه ماريو!

ستگرو مهاراجن چيس 'خيرمحمد! مان ڊاڪٽر يا حڪيم ته ڪين آهيان الله کي ياد ڪر، ڏٺيءَ اڳيان ٻاڏاءِ، رب راضي ته ڪيندين نه ڪنهنجي موٽاجي. جنگ مڙس خيرمحمد اچي روئڻ ۾ ڇڙڪيو. ٻاڏائيندي چيائين درويش سائين رحم ڪريو.

تون حبيب تون طبيب تون درد جي دوا

جانب! منهنجي جيءَ ۾، آزار جا انوا،

صاحب! ڏي شفا، ميان مريضن کي.

اُن وقت ستگرو مهاراجن سنت ڪشنداس کي چيو ته نم جو ٻور ٽا گهوٽيو. اِهو اڌ مونکي ڏيو ۽ اڌ خيرمحمد کي ڏيو. خيرمحمد چيو ته اِهو نم جو گهوٽيل ٻور مون لاءِ آب حيات آهي. خيرمحمد ستگرو مهاراجن ۾ پورو پورو يقينو رکي نم جو گهوٽيل ٻور پيتو. ستگرو مهاراجن جي حڪم موجب خير محمد ٽي ڏينهن سانده نم جو گهوٽيل ٻور پيتو، سندس ڇنگهن جو سور هليو ويو، هوُ اڌ رنگ مان شفاياب ٿيو، جو چار ڏينهن اڳ هلڻ کان هلاڪ هو سو ستگرو مهاراجن جي عنايت سان ڊوڙون پائڻ لڳو. نم جو ٻور ٽڏو پر درويشن جي ڏس فائدو پهچايو. پريميو، پرماتما ۽ ستگرن ۾ وشواس رکي پرارٿنا ڪندا ته توهان جا به دک درد دور ٿيندا. پياري سنت جئديو ۽ پريمين کي ڏنيواد آهي، جيڪي هت ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جوت جڳائي وينا آهن. پوجنيه سواميجن ستسنگ ڪندي چيو ته ڪيترا منش سکن پدارٿن هوندي به چنتائن جي گهاٽي ۾ پيڙجي رهيا آهن. دکه سکه پريوءَ کي ارپڻ ڪيو. توهان درشٽا ٿي رهندا ته دکه ۾ دکي ڪين ٿيندا. جنهن دکه ڏنو آهي سو دکه درد دور به ڪندو. اِهو ڀروسو رکي پريوءَ کي ۽ ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا ڪريو. هڪ درويش چيو آهي:

دل تو فکر مت ڪر، تيرا خدا ڀي هئه،

مشڪل پڙا تو ڪيا هوئا، مشڪل ڪشا ڀي هئه.

مشڪلاتون، مصيبتون، هر ڪيتر ۾، هر منش جي سامهون ايندين آهن. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن ڊپ تي جهوپڙا پئي نهرايا ته ڪيئن نه حاسدن کان ستگرو مهاراجن جو يش سنو نه ويو. هنن انگريز آفيسرن جا ڪن ڀريا. ستگرو مهاراجن جي آسٿان کي آگه لڳائي ويئي. ستگرو مهاراج ڪنهن سان شڪايت نه ڪئي، نه ڪا چنتا ڪئي. واهه واهه ڪندا مشڪندا رهيا ۽ چيائون: ابا، اسانجو ڪجھ آهي ئي ڪين. سڀ ڀڳوان جو آهي. ڀڳوان چاهي تو ته هت وڏيڪ سنيون ڪٽيائون نهن. سندس ليلا ۾ ڪو راز آهي. برابر ڪجھ ڏينهن بعد ڪيئن نه هڪ انگريز آفيسر آسٿان تي آيو ۽ ساري زمين ستگرو مهاراجن کي سرڪار طرفان ڀيٽ ڪيائين ته ڀلي توهان هت رمڻيڪ آسٿان نهرايو. پريو ڪنهن نه ڪنهن

هڪ نالو اگهموچن اگهه معنيٰ پاپ، موچن ارٿات ناس ڪندڙ پاپن جي ناس ڪندڙ آهي. تون جيڪر ’اگهموچن‘ نام وڃي جپ. اُهو ڳوٺاڻو ڏاڍو پرسن چت ٿي سچو رستو ’اگهموچن‘ نام جپيندو گهر آيو. گهر ۾ به هن اها رٽ لڳائي ڏني. سندس پتني وائڙي ٿي ويئي. ٻئي ڏينهن صبوح جو هن کان اُهو نالو وسري ويو. هُو سوچي سوچي اگهموچن جي بدران هي پيارو ’گهموچن‘ نالو ڏاڍي شرڌا سان جپڻ لڳو. پنهنجو ڪم ڪار ڪندي به ساڳيو گهموچن نالو ور ور اُچاريندو رهيو. اِهو نام جپيندي هن کي ٻارهن سال ٿي ويا. ڀڳوان کي هن پياري جي ڇڪ ٿي. هي پيارو ڳوٺاڻو اڪيلائيءَ ۾ جهنگل ۾ ڪجهه وقت ’گهموچن‘ نام جپيندو هو. ڀڳوان شري نارائڻ، لڪشميءَ کي چيو ته هڪڙو ڳوٺاڻو پيارو مونکي ڏاڍو ٿو ياد ڪري. مان انکي درشن ڏيئي اچان. لڪشميءَ چيو ته مان به توهان سان گڏ ٿي هلان، توهان ته روز پيا ڀڳتن وٽ وڃو. ڀڳوان لڪشميءَ سميت اُتي آيو، جتي ڳوٺاڻو ڀڳت نام جپي رهيو هو. ڀڳوان پريان لڪشميءَ کي اُهو ڀڳت ڏيکاريو. لڪشميءَ ڀڳوان کي چيو ته توهان ترسو، مان پهرين هن وٽان ٿي اچان. لڪشمي ان ڳوٺاڻي ڀڳت جي سنمک آئي. ڀڳت ان وقت ’گهموچن‘ ’گهموچن‘ نام ور ور اُچاري رهيو هو ۽ ڌيان ۾ لين هو. لڪشمي چيس ته تون هي ڪنهنجو نام جپي رهيو آهين؟ اهو نام ڀڳوان جو ته ڪنهن شاستر ۾ ڪونهي. ان ڳوٺاڻي جواب ڏنس ته مڙسهين جو نام اُچاري رهيو آهيان. لڪشمي اهو جواب ٻڌي وائڙي ٿي ويئي ۽ اچي ڀڳوان کي چيائين: هي ڀڳت چاجو آهي، وينو ’گهموچن گهموچن‘ نام اُچاري. مان پڇيومانس ته ڪنهنجو نالو ٿو پڪارين، جپين؟ چيائين مڙسهين جو. هي ڪهڙو نه اگياني آهي! توهان سيڙجي هن کي درشن ڏيڻ آيا آهيو!

ڀڳوان چيو ته هن پياري توکي برابر جواب ڏنو آهي ته هُو تنهنجي مڙس جو نالو جپي رهيو آهي. مان ڪير، مان تنهنجو پتي آهيان نه، ته هو منهنجو نالو اُچاري رهيو آهي. هن کان اگهموچن جي نالي بدران گهموچن پڪاريندي ڀل ٿي آهي، پر هن پياري جي شرڌا ۽ مراد ته ڏس! ڪيڏي نه تلينتا سان جاپ جپي رهيو آهي. ڀڳوان نارائڻ لڪشميءَ سهت ان پياري کي ساکيات درشن ڏيئي ڪرتارٿ ڪيو.

پريميو، ڀڳوان پريم چاهي ٿو، ڀاونا ڏسي ٿو. توهين به ڪنهن نه ڪنهن نموني، ڪنهن به نالي سان سندس ڌيان ڪري نام جپيندا ته توهان تي به پريو ضرور دِيا درشٽي ڪري توهان کي ڪرتارٿ ڪندو.

پوڄنيه سواميڄن پنهنجي صحت جو خيال بنهه ڪين ڪندا هئا. ڪن سالن کان ڪين گوڏي ۾ سور هو. انڪري ڪين وينتي ڪئي ته مالش سان سور گهٽ نٿو ٿئي، ڪرپا ڪري اسپتال ۾ پنج منٽ هلو ته ايڪسري ڪڍائجي. ان مان پتو پوندو ته ڪا هڏي ڪمزور ته ڪين ٿي ويئي آهي. ڪين اِهو عرض هڪ دفعو ته نه، پر ورور ڪيم. جواب ڏنائون، پوءِ ڏسنداسين. ٽي چار دفعا پوڄنيه سواميڄن جي صحت تمام ڍهي پيئي. ڊاڪٽر ڪارڊيوگرام ڪڍيا ۽ ستگرو مهاراجن کي چار پنج ڏينهن آرام جي صلاح ڏني، وينتي به ڪيائون، مگر ستگرو مهاراجن ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اچي ساڳئي نيمت روپ سان ستسنگ ڪيو. پريمي عجب ۾ پئجي ويا ته ڊاڪٽرن جي صلاح باوجود به ستگرو مهاراج پنهنجي صحت جو خيال نه ڪري سنگت کي نام جپائيندا رهيا.

ٻئين ڏينهن اُن مهاتما جيئن ستسنگ پروچن پورو ڪيو تہ ساڳيو شخص وري وٽس آيو ۽ اچي چيائين تہ سائين، مان ڪالهہ ۽ ٻيون ڏينهن بہ توهان سان ملڻ آيس. ڪيڏو پڪيو آهيان، پر پوري پتي نہ هئڻ سبب واپس موٽي آيو آهيان. مونکي پورو پتو ڏيو تہ اڄ مان توهان سان ملي بحث ڪريان تہ ڀڳوان جي نالي اُچارڻ مان ڪهڙو فائدو آهي؟ اُن مهاتما چيس تہ مان سيتارام وڪيل جي گهر ۾ رهيل آهيان. سنت هليو ويو. اُهو شخص ڪجھ وقت بعد اُنهن گهٽين ۾ سيتارام وڪيل جو گهر پڇائيندو هڪدم اچي اُن گهر ۾ پهتو ۽ سنت جو درشن ڪري چيائين تہ سائين، توهان مونکي مڪان مالڪ جو نالو ٻڌايو تہ مان اڄ نالو پڇائيندو هت جلدي پهچي ويس. هاڻي منهنجي شنڪا جو سماڌان ڪريو تہ رام شيام جي نالي اُچارڻ مان ڪهڙو لاڀ آهي؟

سنت چيو تہ تون تہ ڪو اگياني آهين. اجا توکي رام نام جي اُچارڻ جي لاڀ جي ڄاڻ ڪين پيئي! تون ٻہ ڏينهن هن مڪان جي ڳولها ڪندي واپس نراس ٿي موٽي وئين. اڄ مان صرف توکي مڪان مالڪ جو نالو ٻڌايو تہ تون هت مون وٽ جلدي پهچي وئين. اِها آهي نام جي مهما. جيڪڏهن تون روز پريوءَ جو نالو اُچاريندين تہ ڪنهن نہ ڪنهن سڀاڳي ڏينهن پريوءَ جي گهر ۾ پهچي ويندين ارٿات ڀڳوان جو درشن ڪندين. اُهو شخص سنت جو جواب ٻڌي سندس چرنن تي ڪري پيو ۽ سندس من ۾ پريورتن آيو. هُو بہ شرڌا ۽ پريم سان رام نام جو سمرڻ ڪرڻ لڳو.

پريميو، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن پڻ پنهنجي جيون ۾ چاهي هاڻيءَ ۾ رام نام سمرڻ جي ساکي ڏني آهي. توهان بہ ڀڳوان ۾، ستگرن ۾ ويساهہ رکي خوب رام نام جپيو. دکي لوڪن جي شيوا ڪريو تہ توهان کي بہ ايشور جي، گرو مهاراجن جي اوس آسيس ٿيندي. اُها آسيس توهان کي اڏي چڏيندي.

٨ جون پوجنيہ سواميجن گوڌرا ۾ پڌاريا. اُتي سواميجن ٻي ڏينهن ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. پوجنيہ سواميجن اُپديش ڪندي چيو تہ پريوءَ جو ڪو نہ ڪو نام پريم سان اُچاريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

هر ڪي منتر اننت هئن، جامي شرڌا هويہ،
ڪھ ٽيئون نت پريم سي، جپلي منتر سويہ.

پوجنيہ سواميجن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پريميو، پرماتما جا سڀ نالا سٺا آهن. سندس نالا اننت آهن. ڪوبہ سندس نالو توهين پريم سان، شرڌا سان اُچاريندا تہ پريو توهانجي پڪار اوس ٻڌندو. رتناڪر ڌاڪو، جو پوءِ رشي والميڪ جي نالي پرسڌ ٿيو تہ ڪيئن نہ رام رام جپيندي اُلٽو نالو 'مران مران' جپيندو رهيو. سندس اهو جاپ بہ پريوءَ وٽ قبول پيو. پريو ڏسي ٿو-ڀاونا، دل جي مراد.

هڪڙو ڳوناٺو شخص هڪ مهاتما وٽ آيو ۽ کيس وينتي ڪيائين تہ کيس پريوءَ جو اهڙو نالو ٻڌائي، جنهنجو هو جاپ ڪندو رهي. مهاتما چيو پيارا، پريوءَ جا نالا تہ انيڪ آهن، اٿاهہ آهن. جيڪو نالو توکي سؤلو لڳي، اُن جو جاپ ڪر. اُن ڳوناٺي چيو تہ سائين، توهان ڪو نالو ٻڌايو تہ انجو جاپ وجي ڪريان. سنت اُن ڳوناٺي شخص جي شرڌا ڏسي کيس چيو پريوءَ جو

ڪار سنڌي منڊل طرفان، لوڪ ھت ڪيا، ڪار بمبئيءَ ۾ ٢١ جون کان ٢٨ جون پوڄنيہ سواميڄن جي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. پوڄنيہ سواميڄن ٢١ جون ستسنگ يگيہ جو آرنڀ ڪندي چيو تہ پريميو، توھان کي ڏنيواد آھي جو ھر سال ھتي ستسنگ جو آيوجن ڪريو ٿا. جيڪڏھن توھان سچو آنند چاھيو ٿا تہ سنتن جو سنگ ڪريو. ستگرو مھاراج بہ اھا صلاح ڏين ٿا:

ڪھ ٽيئون اس جگت ۾، جي چاھو آرام،

ساڌ سنگہ نت ھي ڪرو، سمرو ھري ڪا نام.

ستسنگ ڪرڻ سان توھان کي ست ويچار ملندا. سنتن مھاتمائن جي واڻي ٻڌڻ سان من جي تپت گھٽبي. مونجھارا مٽجندا. شروڻ سان گڏ سنتن جي سکيائن تي منن ۽ اُن کانپوءِ نڌياسن ڪنداءِ تہ توھانجو بيڙو پار. سال ۾ صرف ھڪ سکيا کڻو ۽ اُن تي عمل ڪريو تہ توھانجي جيون، گلن جو گلدستو ٿي پوي. توھان ھت روز اچي ستسنگ جو لاڀ وٺو.

٢٢ جون پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ پريميو، جنھن گھر ۾ ايڪو آھي، اُتي آنند آھي. ڀلي توھان ڪروڙ ڪمايو، پر جيڪڏھن ڏنڊي وھنوار ۽ گھر گرھست ۾ اشانتي آھي تہ توھانجا ڪروڙ ڪھڙي ڪم جا! غم کائي بہ ايڪو قائم ڪريو. پريوار جي سنبنڌين سان چاھي پاڙي وارن سان بہ پيار ۽ ھمدرديءَ وارو وھنوار ڪريو. زبان مٺي ھئڻ گھرجي. مٺي زبان وارو ماڻھو پراون کي پنھنجو ڪندو آھي. جنھن گھر ۾ ايڪو آھي، شانتي آھي، اُھو گھر سرڳہ سمان آھي. انڪري پنھنجن گھرن کي نرڪ نہ بڻايو، سرڳہ بڻايو.

٢٤ جون پوڄنيہ سواميڄن نام جي مھما وشيہ تي ستسنگ ڪندي چيو تہ نام سڀني دکن جي سؤلي سستي دوا آھي. توھانجا شاريرڪ، مانسڪ، آدي ڀوتڪ دکہ درد دور ٿي ويندا. جنھن جي مکہ ۾ انئي پھر نام آھي، تنھن کي چنتا ڪھڙي! ان ڪري جاڳرت اوسٿا ۾ چاھي ننڊرا اوسٿا ۾ پڻ خوب نام جپيو. ستگرو مھاراج بہ فرمائين ٿا:

ديپڪ بن شوڀت نھين، جئسي سندر ڌام.

تئسي مکہ شوڀت نھين، ٽيئون بن ھر نام.

٢٥ جون پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو تہ پريميو، توھان الائي ڪيترو وقت اگيان اوديا جي ننڊ ۾ سمھيا آھيو. سنت اچن ٿا توھان کي ان ننڊ مان سڄاڳ ڪرڻ، جيڪي موھ جي ننڊ ۾، اوديا جي ننڊ ۾ ستل آھن، سي اگياني آھن. جيڪو ان ننڊ مان جاڳي پنھنجي آتم روپ کي سڃاڻي، نام جپي ٿو، سو سچو گياني آھي. ستگرو مھاراج فرمائين ٿا:

ڪھ ٽيئون سو جاڳتا جانڪو آتم گيان،

سويا سو پھچانئي، جانکي اُر اگيان.

انڪري سچيت ٿي، سڄاڳہ ٿي نام جپيو. ستڪرم ڪريو، پاڻ کي پڇاڻيو. ٢٦ جون

پوڄنيہ سواميڄن کي ڊاڪٽر منع ڪندا هئا تہ ڪرپا ڪري ڏاڪڻيون نہ چڙهو، پر پوڄنيہ سواميڄن پريمين جي دل رکڻ لاءِ ہ ہ ڏاڪڻيون چڙهي ويندا هئا. هڪ دفعي پيارو آسنداس لڪاڻي دل جي تڪليف سبب ڊاڪٽر پرياڻيءَ جي اسپتال ۾ داخل هو. سندس پٽ پوڄنيہ سواميڄن کي عرض ڪيو تہ اسپتال هلي پتاجن کي آسيس ڪريو. داس سواميڄن کي وينتي ڪئي تہ اُتي توهان کي ہ ڏاڪڻيون چڙهڻيون پونديون. سواميڄن چيو پيارا، جيترو ٻئي کي خوش ڪري سگهجي، اوترو سٺو. پوڄنيہ سواميڄن ڊاڪٽر پرياڻيءَ جي اسپتال ۾ ہ ڏاڪڻيون چڙهي، پياري آسنداس کي وڃي آسيس ڏني.

پوڄنيہ سواميڄن شرن آيل سوالين جا ڪيئن نہ سوال پورا ڪيا. هڪ پريميءَ جي ننهن آوبش ۾ اڇي پاڻ کي باهہ ڏني ۽ اُن سبب هوءَ پرلوڪ پڌاري. سندس سيڻ مٿس ڪيس داخل ڪيو. اُهو پريمي پوڄنيہ سواميڄن وٽ آيو ۽ اُن درگهٽنا جي ساري حقيقت سوامي جن کي ٻڌائي وينتي ڪيائين تہ نردوش آهيان اڙجي ويو آهيان. ڪرپا واري نظر ڪري داس جا تهمت کان پلؤ آجا ڪريو. سواميڄن چيس ’ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي مورتيءَ کي نمسڪار ڪري پرارٿنا ڪڄ. گرو مهاراج ڀلي ڪندا.‘ اُهو پريمي سواميڄن جي آگيا انوسار پنهنجي شهر واپس ويو. ڪيترا مهنا ڪيس ڪورٽ ۾ هلندو رهيو. ان وچ ۾ اُهو پريمي پوڄنيہ سواميڄن وٽ جدا جدا شهرن ۾ ويو ۽ ساڳئي وينتي ڪندو رهيو. سواميڄن چيس ’مڙد ٿي، گهبراءِ ڪين، همٿ رک، ڀڳوان ڀلي ڪندو.‘ ڪيس جي فتوي ۾ هفتو ڪن هو. اُن وقت جئپور ۾ وارشڪ مها اُتسؤ هو. پوڄنيہ سواميڄن جئپور ۾ هئا. اُهو پريمي وري جئپور ۾ خاص سائين جن جي آسيس وٺڻ لاءِ ويو تہ جيئن فتوي ۾ فتح ملي. جئپور ميلي ۾ هزارين پريمي آيل هئا. پوڄنيہ سواميڄن تمام مشغول هئا. سائين جن جي ايڏي يادگيري جو پريمين جي ٻيڙ ٻيڙان هوندي بہ اُن پريميءَ کان سندس ڪيس بابت پڇيائون فتوي ملي يا نہ؟ اُن پريميءَ وراڻيو تہ جلدي فتوي ملڻ واري آهي، ان ڪري آنءُ وري بہ اوهان جي چرنن ۾ عرض رکڻ آيو آهيان تہ داس جي لاڄ رکجو. سواميڄن پڇيس تہ پيارا، ميلي جو پلؤ ڀرين پوندو يا تنهنجي فتوي ڀرين ٽيٽي آهي؟ پريميءَ وراڻيو ’ديناناٿ. ڀرين ميلي جو پلؤ پوندو ۽ پوءِ فتوي جو ڏينهن آهي.‘ سواميڄن چيو تہ پلؤ جي پرڀات تنهنجو پلؤ پائينداسين، گرو مهاراج ڀلي ڪندا. اُهو پريمي پوڄنيہ سواميڄن جي وچنن ۾ ويساهہ رکي سائين جن کان آسيس وٺي پنهنجي شهر واپس آيو. فتوي ۾ باقي ٻہ ڏينهن پيا هئا. سندس دل ۾ دڪ دڪ، چت ۾ چنتا، من ۾ مونجهہ، پر وري جڏهن سواميڄن جا وچن ياد ايندا هئس تہ ’چنتا نہ ڪر، مڙد آهين ڀڳوان ڀلي ڪندو.‘ تڏهن من کي ڏڍ ڏيندو هو. آخر فتوا جو ڏينهن آيو. اُن پريميءَ پرڀات جو اُٿي پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن کي پرارٿنا ڪندي، اکين ۾ پاڻي آڻي وينتي ڪئي تہ نردوش آهيان، منهنجي پت رکجو. ڏجو معافي! مونکي معافي! ٻئي ڏريون ڪورٽ ۾ حاضر ٿيون. جڄ ڪيس جي فتوي ڏيندي چيو تہ اهو پريمي نردوش آهي. هڪ ڏينهن هڪ ساڳئي قسم جي ڪيس جي فتوي ۾ جڄ هڪ ڌر کي سخت سزا ڏني، پر ستگرو مهاراجن جي ڪرپا سان اُن پريميءَ جي پت سان رهجي آئي.

جي ديا سان تندرست ٿي ويندا. جل آشرم مان ڪيترائي پياسي پنهنجي پياس ٻجھائي ويندا. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن چاهي ستگرو سوامي سروانند مهاراجن کي اهي پراُپڪار جا ڪاريه ڏاڍو وڻندا هئا. سوامي ڏرمداس مهاراجن نالي توهان دوار نهرائي ٻه جس جو ڪم ڪيو آهي.

يا تو آتم گيان هو، يا هو پراُپڪار،

يي ٽيئون جس ۾ نهين، سو مانش بيڪار.

منجهند جو ساڍي ٽين ٻجي پوڄنيه سواميڄن جي سونهپ ۾ شاهي جلوس ’ڏن گرو ٽيئونرام‘ جون ڏنيون لڳائيندو نڪتو. جنهن ۾ ڪيترائي سنت ۽ هزارين پريمي شريڪ ٿيا. شام جو ۷ ٻجي پوڄنيه سواميڄن ستسنگه پروچن ڪندي، ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

اجمير ۾ سوامي بسنترام مهاراجن جي آستان تي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن اُتسؤ ملهايو ويو. ان اُتسؤ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ۲ جولاء اجمير ۾ پڌاريا. سوامي برهمانند پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. ۲ جولاء صبوح جو آشرم ۾ هوَن ڪيو ويو. ان بعد پوڄنيه سواميڄن سنت منڊليءَ سهت ’سوامي ٽيئونرام نرسنگه هوم ۽ ريسرچ سينٽر،‘ ’سوامي سروانند يوگه آشرم‘ ۽ شري بسنت بهار وشرام گرھ، جو مهورت ڪيو. سوامي هرداسرام، هالاڻي درٻار جا سنت ساڌورام ۽ ٻين سنتن ٻه آسيس ڪئي. پوڄنيه سواميڄن آشيرواد ڪندي چيو ته پياري سنت برهمانند کي ڪوٽ ڪوٽ ڌنيواد آهي، جنهن ستگرن جي جنمدن جي پوتر موقعي تي سندن پاوَن سمرتيءَ ۾ هي پراُپڪار جا ڪاريه آرنڀ ڪيا آهن. جن مان سوَن لوڪن کي فائدو ٿيندو. لوڪ ڪلياڻ جا ڪاريه داس کي ٻه وڻندا آهن. سپتر اُن کي سڏبو آهي جو وڏن جو نالو روشن ڪري. پيارو سنت برهمانند اڄ هي لوڪ شيوا جا ڪاريه آرنڀ ڪري جس جو ڀاڳي بڻيو آهي. پريميو، توهان ڪيس پورڻ سهڪار ڏيندا رهندا، جيئن هي سنت وڌيڪ وڌيڪ پر اُپڪار جا ڪاريه ڪري، پوڄنيه سواميڄن ٽي ڏينهن اُتي امرت وچنن جي ورکا ڪندي ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي جيون تي روشني وڌي.

۵ جولاء پوڄنيه سواميڄن امراپور آستان جئپور ۾ پڌاريا. اُتي پڻ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن اُتسؤ ملهايو ويو. پوڄنيه سواميڄن ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪندي سندن مهما جو هيٺيون ڀڄن ڳايو:

جنم لهي اڄ جوڳي آيو،

ٽيئونرام آ نالو جنهنجو، سڀ جي من کي ڀايو.

۱) چيلارام کي ڏين واڌايون، ٻار ٻڍا نر ناريون،

شهر ڪنڊوءَ جي گليءَ گليءَ ۾، ڏاڍو آنند ڇايو. جنم لهي…

۲) جنم لهڻ سان ٿي روشنائي، اوديا اونڌھ ويڙي،

پوڄنيه سواميڄن پروڇن ڪندي چيو ته تن من جي شڌيءَ لاءِ وقت به وقت اُپواس رکو. توهانجي صحت به نهندي ته نام ۾ ورتي به لڳندي. تن جي درستيءَ لاءِ گهٽ کائڻ ۽ من جي درستيءَ لاءِ غم کائڻ ضروري آهن.

٢٨ جون صبوح جو ساڍي يارهين بجي ڪار سنڌي سيوا سماج منڊل ۽ کيڙي پئنچات سهاري دياونتي هال ۾ شادين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ نوجوان سنڌي ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي گڏجاڻي مٽي مائٽيءَ لاءِ رکي ويئي. ان موقعي تي پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پڌاريا. مکي لڇمڻداس، ڀاءُ گگيمل ڏاميجا، ڀاءُ مينگهراج ڏاميجا ۽ ٻين سواميڄن ۽ سندن داس ديال 'آشا' جو سواگت ڪيو. سواميڄن شيواڌارين کي آشيرواد ڪندي چيو ته توهان دلين کي ملائڻ جو اُتم ڪاريه ڪري رهيا آهيو. اڄ ڪلھ ڪيترين وڏور ڪنيائون اسانجي سماج ۾ ڪنواريون ويٺيون آهن، اُنهن کي شينهن ڪلهي چاڙهڻ اسانجو فرض آهي. جن شادي ڪيل نياڻين کي ساهرن مان ڪڍيو وڃي ٿو اوهان اُنهن سيٽن کي ڪير ۾ ڪنڌ ڪرڻ لاءِ به يتن ڪري رهيا آهيو. ان لاءِ توهان کي ڌنيواد آهي.

٢٨ جون آرتوار شام جو پوڄنيه سواميڄن، ستسنگ جي آيوجڪن پياري گوبندرام بولچنداڻي، گوبندرام دلهنومل، هيرانند روهڙا، چندرو پهوجا، پرت واڌوا ۽ ٻين پريمين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته سنتن اٺ ڏينهن توهان کي جيڪي ڪجھ ٻڌايو آهي، ان جو سار گرهڻ ڪريو. انهن سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏجو. ستسنگ جي مراد آهي ته چت جي ورتي پريوءَ سان جوڙڻ. توهان جي بنگلا جوڙيا ته کهڙي ڪم جا! ستگروءَ کان سکيا وٺي پنهنجي چت جي ورتي پريوءَ سان جوڙيو.

هر سي ورتي جوڙيئي، لي گر سي اُپديش،
ڪڏ ٽيئون اس يوگ سي، لگي نه دوکه ڪليش.

داس توهان کي اڄ اپيل ڪري ٿو ته دکين بکين جي شيوا ۾ مايا جو سد اپيوگ ڪريو. گئو ماتائن جي شيوا ڪريو. مايا وارا مايا مان ديا ڌرم پھ دان ڪريو. ڪنهن کي رنجايو نه. آھ غريبان قهر خدائي. سڀني سان مٺ محبت جو وهنوار ڪريو. پياري موهن لعل روهڙا پوڄنيه سواميڄن ۽ آيل سنتن جا آڀار مڃيا.

بڙودا ڪنور ڪالوني ۾ سوامي ڌرم پرڪاش دواران برپا ڪيل سوامي ٽيئونرام آشرم ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنم دن اُتسوَ ٣٠ جون کان آرنڀ ٿيو. ان اتسوَ سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن ٣٠ جون صبوح جو بڙودا ۾ پڌاريا. سنت اشوڪ لعل ۽ ٻين پريمين پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. صبوح جو پوڄنيه سواميڄن سنتن سان گڏجي جهنڊو چاڙهي، پلئه پائي اُتسو جو آرنڀ ڪيو. پوڄنيه سواميڄن اُتي آشرم ۾ سوامي سروانند هاسپيٽل، سوامي سروانند جل آشرم ۽ آشرم جي مکيه دوار 'ڌرم دوار' جو مهورت ڪيو. مهورت ڪندي پوڄنيه سواميڄن سنت اشوڪ لعل ۽ ٻين شيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته توهان ستگرو سوامي سروانند مهاراجن جي پاون سمرتيءَ ۾ جل آشرم ۽ هاسپيٽل برپا ڪري پراُپڪار جا اُتم ڪاريه ڪيا آهن. هن اسپتال مان سوين بيمار ايشور جي آسيس ۽ گرو مهاراجن

وقت دروپدي ڪرڻ آواز مان شيام سندر بانڪي بهاريءَ کي پڪاري ٿي تہ هي ڪيشوَ ! منهنجي دردشا ٿي رهي آهي، منهنجي سهائتا ڪر. اُن وقت ڀڳوان شري ڪرشن دوارڪا ۾ ڀوڄن ڪري رهيو هو. شري ڪرشن هڪدم پنهنجو هٿ روڪيو، رڪمڻي پڇي ٿي ڀڳوان ! توهان هٿ ڇو روڪيو آهي؟ شري ڪرشن چيو 'دروپديءَ مٿان وپدا آئي آهي. رڪمڻي مان اُن جي رکشا ڪرڻ لاءِ وڃڻ چاهيان ٿو پر هاڻي ڪونہ ٿو وڃان. هيڏانهن دروپدي ڏندن دواران ساڙهيءَ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿي پر سندس وس نٿو هلي. هوءَ سمرپت ڀاوَ سان من ۾ پريوءَ کي پڪاري ٿي تہ منهنجي پوتي جي پت رک. ڀڳوان شيام سندر هڪدم سندس رکشا ڪري ٿو هڪ ساڙهيءَ مان انيڪ ساڙهيون نڪرنديون ويون، ساڙهين جا ٿهہ لڳي ويا. دشٽ دشاسن ۽ سڀا ۾ ويٺل ڪوروَ پانڊوَ، دروڻاچاريہ ۽ ڀيا جوڏا دنگ رهجي ويا. دشٽ دشاسن آخر تنگ اچي ويو. ڀڳوان دروپديءَ جي رکشا ڪئي.

پريميو! اسين بہ سمرپت ڀاو سان دروپديءَ وانگر پريوءَ کي پڪاريون تہ هوُ اچي اسانجي رکشا ڪندو.

١٤ جولاءِ منگل ڏينهن گرو پورڻما جو پوتر ڏينهن، آشرم ۾ پرم پوجنيہ سواميڄن جي اُپسٿتيءَ ۾ ڏاڍي اُمنگہ سان ملهايو ويو. پرڀات جو پريمين پوجنيہ سواميڄن کي کير سان اشنان ڪرائي سندن پوڄا اُپاسنا ڪئي. پوجنيہ سواميڄن ڏاڏا آسورام، ستگرو ٽيئونرام مهاراڄن، ستگرو سوامي سروانند مهاراڄن جي مورتين جي پوڄا اُپاسنا ڪئي. ڪيترن پريمين گرو مهما جا ڀڄن ڳايا. هزارن پريمين پوجنيہ سواميڄن کي ڦول مالهائون ڀيٽ ڪندي تلڪ لڳائيندي سندن چرنن ۾ ناريل مصري ڀيٽ رکي آسيس ورتي.

پوجنيہ سواميڄن پروچن ڪندي چيو تہ اڄوڪي ڏينهن وياس پوڄا، گرو پورڻما جو ڏينهن پراچين ڪال کان ملهايو ويندو آهي. شش گروءَ جو قرض ڪڏهن بہ لاهي نہ ٿو سگهي. گروءَ جا شش تي اتينت اُپڪار آهن. اڄ هر شش جو فرض آهي تہ شرڌا ۽ پريم سان پنهنجي ستگروءَ جي اُپاسنا ڪري. گروءَ بنا گت ناهي. وهنوار چاهي پرمارٿ جي اُنتيءَ لاءِ گروءَ جي سخت ضرورت آهي. گرو بہ گهرو نہ هجي، تياڳي هجي، برهم گياني، برهم نيشٺي هجي تہ هو پريمين جو ڪلياڻ ڪري سگهندو. اهڙي ستگروءَ جي شيوا ڪرڻ سان توهانجو ڪلياڻ ٿيندو. ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج بہ فرمائين ٿا:

تن من ڌن پن وڇن سي، ڪيجي گرکي سيوَ،
گر ڪو پرسن جانکي، ليجي آتم ڀيوَ.

١٥ جولاءِ رات جو پوجنيہ سواميڄن پنهنجن ٻالڪن ديال آشا، انندرام ڪوٽومل ڏاميڄا جي گهر پڌاريا ۽ ڀوڄن ورتاياءُون. ماتا ڀاري ٻائي ڪوٽومل ستگرو مهاراڄن جا شڪرانا مڃيا. پوجنيہ ستگرو مهاراڄن ساري پريوار تي آسيس ڪئي.

پريمين جي قرب ڀري ڪوٺ تي ١٧ جولاءِ پوجنيہ سواميڄن بئنگلور ۾ پڌاريا. اُتي دادا امر، ناڪرداس پرشوتمداس، اشوڪ ڪلناڻي، ڀيڻ پدما ۽ ٻين پريمين سندن سواگت ڪيو. اُتي جدا جدا آستانن تي پوجنيہ سواميڄن چار ڏينهن ستسنگہ پروچن ڪيو. دادا

سورج وانگر اُڀري جڳ ۾، ڪل انڌڪار مٽايو. جنم لهي...

٣) گوال پال جي ڪرشن جا هئا، تن ۾ هڪڙو هي ٻي،

موهن وانگر بين بڄائي، سڀ کي مست بڻايو. جنم لهي...

٤) جڳ جي تارڻ خاطر جوڳي، حڪم هريءَ سان آيو،

رام نام جي ٻيڙي چاڙهي، سارو ساٿ ترايو. جنم لهي...

٥) شانتي پرڪاش ڇئي هٿ جوڙي، اِهو عرض اگهايو،

ستگر پنهنجي چرنن ۾ نت، من جو پريم وڌايو. جنم لهي...

٦ جولاءِ پريم پرڪاش منڊلي ماٽونگا بمبئيءَ ۾ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراج جن جو جنمدن اُتسوُ ملهايو ويو. پوڄنيه سواميڄن ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ستگرن جي ٻاڻي پريم پرڪاش گرنٿ جو اڀياس ڪريو. ان ٻاڻيءَ مان جيڪو توهان کي وچن ملي، سو ستگرو مهاراجن جو آديش سمجهي اکين تي رکو ته توهانجي جيون آنندميه ٿي پوندي. وهندڙ درياهه مان ڪجهه ديا ڌرم پڃ دان ڪيو. وقت وقت جي ٻلهاري آهي. انسان ڪڏهن ٻريءَ ۾ ته ڪڏهن ڀاڪر ۾. ڪڏهن شڪتيشالي آهي ته ڪڏهن اشڪت آهي.

نِتُ نه ساوڻ وسندا، نِتُ نه هيءَ برسات اَ،

نِتُ نه باغن ۾ بهاري، نِتُ نه بلبل لات اَ.

پرڀوءَ جيڪي توهان کي سونهري وجهه ڏنا آهن، اهي وجهه نه وڃايو. خوب نام جپيو ۽ سڪرت جا ڪم ڪريو. جيڪي ڪرڻو آهي ورتمان ڪال ۾ ڪريو، پوءِ پوءِ ڪري مهمل نه ڪريو. سمرڻ ڪرڻ ۽ ستڪرمن ڪرڻ ۾ سستي نه ڪجي. پوءِ جو پتو ڪنهن کي ڪين آهي. شاهجهان بادشاهه تخت تي براجمان آهي. سندس سڳو پٽ اورنگزيب ڪيئن نه کيس قيد ڪرائي، پاڻ سندس گاديءَ تي بادشاهه بڻجي ويهي ٿو ۽ سپاهين کي حڪم ڪري ٿو ته سندس پتا کي پنڌ ئي پنڌ وٺي وڃو. رستي تي جيڪڏهن کاڌو ۽ پاڻي گهري ته کيس کاڌو ۽ پاڻي نه ڏيندا. جگر جي اولاد اورنگزيب، ڪهڙو نه ناداني‌ءَ وارو وهنوار پيءُ شاهجهان سان ڪيو. پريميو، گروجن فرمائين ٿا:

نظر ڀلي جي ڪري، سلطانا گاهه ڪرائيندا.

شل نه ڏٺي نظر ڦيري. بس پوءِ بادشاهه کي به گاهه ڪرڻو پوي. پرڀوءَ کي سندس مهر لاءِ ٻاڏايو، رحم لاءِ پڪاريو! پنهنجا سواس سمرڻ ۾ سڦل ڪريو.

٩ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن پونا ۾ پڌاريا. اُتي سوامي ٽيئونرام سوامي چندن پرڪاش آشرم ۾ ستسنگ ڪيائون. ١٠-١١ جون پوڄنيه سوامي جن احمدنگر ۾ ستسنگ پروچن ڪندي چيو ته ڀڳوان پنهنجن پيارن جي ڪنهن نه ڪنهن نموني رکشا ڪري ٿو. جڏهن دشاسن دروپديءَ کي وچ سڀا ۾ نگن ڪري ٿو تڏهن دروپدي رکشا ڪرڻ لاءِ پاندون کي پڪاري ٿي پر پاندوءَ جوئا ۾ هار کائڻ سبب ڪنڌ هيٺ ڪري ويٺا رهيا. دروپدي وري شري دورڻاچاريه ۽ ڀين ويرن کي رکشا ڪرڻ لاءِ وينتي ڪري ٿي مگر ڪوبه سندس رکشا نٿو ڪري. اُن

۲۰ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن ستسنگ ڪندي چيو تہ گهر ۾ مهمان اچي تہ اُن کي ڀڳوان يا ديوتا سمجهي اُن جو سواگت ڪجي. سنتن وٽ ڪيڏا مهمان ۽ پريمي اچن ٿا، اُنهن جي خوشيءَ سان شيوا ڪئي وڃي ٿي، پر گهر گرهستي اڄ ڪلهہ مهمانن مان تنگ ٿين ٿا. اتٿي ديوو ڀوَ. مهمان ديوتا سمان آهي. اُن جو پورو آدرستڪار ڪجي.

اڳي ماڻهن جون دليون وڏيون هونديون هيون. گهر ۾ ڪو مهمان ايندو هو تہ پرسنتا ٿيندي هئي. اڄڪلهہ جيئن سکہ سهنج ماياوي پدارٿ وڌي ويا آهن، تيئن اسانجون دليون سوڙهيون ٿي ويون آهن. اڳہ مهمانن کي، آيل مڱڻ مائٽن کي جيءَ ۾ جاءِ ڏبي هئي. اڄ زمانو بنھ بدلجي ويو آهي، پنج پانڊوَ ماتا ڪنتي ۽ پتني دروپديءَ سان گڏ جڏهن پنهنجي جان بچائڻ لاءِ جنهنگل مان لاکہ جي محل مان ٻاهر نڪري، رڻن ڪندي، ويد وياس جي آشرم ۾ آيا، تڏهن رشي ويد وياس پانڊوَن کي ڪجھ وقت بعد چڪرا نگريءَ ۾ هڪ برهمڻ وٽ آشريہ وٺڻ لاءِ موڪليو. برهمڻ برهمڻي غريب هئا، پر تنهن هوندي بہ سندن دل ڪشادي هئي. هنن آيل مهمانن ارٿات پانڊون ڪنتيءَ جو سواگت ڪيو. پنهنجي گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ کين رهايو. کين هر ويلي تي کاڌو کارائيندا هئا. سندن ڪپڙا ڌوئيندا هئا. هڪ ڏينهن صبوح جو ڪنتي اشنان ڪري موٽي رهي هئي تہ هن اُن برهمڻ برهمڻيءَ جو وارتالاپ ٻڌو تہ هي آيل برهمڻ مهمان جيسين هت رهيل آهن، تيسين کين پيٽ ڀر ڀوڄن کارائڻو آهي. پرواهہ ناهي جي اسان روز اڌ کاڌو کاڌوسين. پهرين اتٿي پوءِ اسين. ڪنتي اِهو وارتالاپ ٻڌي ٽٻيءَ ۾ پئجي ويئي تہ سندن گهر ۾ رهڻ سبب برهمڻ جي پريوار جا ڀاتي روز اڌ بکيا رهيا آهن ۽ اسانکي پيٽ ڀر کاڌو کارائيندا رهيا آهن.

ڏينهن جو تہ پانڊون ڀوڄن کاڌو. رات جي وقت اڪيلائيءَ ۾ ماتا ڪنتيءَ پانڊون، کي اُن مسڪين برهمڻ جي گهرو حالت جو ورڻن ڪري ٻڌايو تہ ڪيئن نہ غريبيءَ هوندي بہ برهمڻ برهمڻي پنهنجي پيٽ کي پٽي ٻڌي بہ هيترا ڏينهن کين کارائيندا رهيا آهن. توهان هاڻي پرشارٿ ڪري ان گپت ويس ۾ بکيا ڪري اچو تہ بهتر ٿيندو. پانڊوَ اِهو ٻڌي عجب ۾ پيا تہ ان برهمڻ ڪيئن نہ پاڻ کي بکيو رکي، پنهنجي ٻارن کي اڌ ڀوڄن کارائي، کين سکي رکيو.

پريميو، اڄڪلهہ گهر ۾ ڪو مهمان ٻہ ڏينهن توهان وٽ رهي ٿو تہ ٽئين ڏينهن اُن کان وڃڻ لاءِ پڇو ٿا. سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڪيس وڃڻ جو اِشارو ڪريو ٿا. مهمان کي ڀڳوت روپ سمجهي اُن جي شيوا ڪريو. ماتائون تہ وري پنهنجي پيڪن مان آيل مڱڻ مائٽن کي ڏسي نرنديون آهن، باقي جي ڪو ساهرو مٽ مائٽ آيو تہ سندس منهن جر پنو لهي ويندو آهي. اِئين نہ ڪريو. آتٿي معنيٰ سيني جو سر ڀاوَ سان سواگت ڪريو. مهمان نوازي ڪريو تہ توهان جي گهرن ۾ برڪت پوندي.

۲۱ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن مدراس ۾ پڌاريا. پياري ڀڳوانداس، پياري ناڪرداس، راڌي شيام ۽ ٻين ڪيترن ڀائرن ڀينرن پوڄنيہ سواميڄن جو هاردڪ سواگت ڪيو. ۲۲ جولاءِ پوڄنيہ سواميڄن سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش مندر جو مهورت ڪندي پياري ناڪرداس، سندس پريوار ۽ پريمين

امر جي آستان تي پوجنيہ سواميجن ستسنگہ ڪندي چيو تہ پيارو دادا امر هت کھڙا نہ سندر پراُپڪار جا ڪم ڪري رهيو آهي، ساڻ ساڻ هت ستسنگہ جي جوت بہ جڳائي ويٺو آهي. پريميو، توهان پلي دنيوي جوابداريون پوريون ڪريو، پر پرڀوءَ کي نہ وساريو. پل پل پرڀوءَ کي پيار مان پڪاريو ۽ پنهنجي مايا سڪرت جي ڪارين ۾ خرچ ڪريو. پر اُپڪار جا ڪم ڪريو. ستگرو مهاراج فرمائين ٿا:

اپنا سوارٿ ڇوڙ، جو ڪرتا پر اُپڪار،

ڪد نيئون يش هوت هئہ، تانڪا جڳت منجھار.

جو منش نشڪام ڀاونا سان پر اُپڪار جا ڪاريہ ڪري ٿو، سنسار ۾ اُن جو يش ٿئي ٿو. مايا مالڪ جي امانت آهي. اُن کي ئي سمرپت ڪريو. امانت ۾ خيانت ڪرڻ پاپ آهي.

بئنگلور سنڌي مرچنٽ ائسوسيئيشن طرفان پوجنيہ سواميجن جي ستسنگہ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. ائسوسيئيشن طرفان سندن سواگت ڪيو ويو. پوجنيہ سواميجن اُپديش ڪندي چيو:

تن سي دکہ نا دي ڪسي، وچن ڪٽ مت بول.

پريميو، من وچن ۽ ڪرم سان ڪنهن کي بہ نہ رنجايو. ڀين جي دل ونڻ سڪو. سنسار ۾ اڄ ترڪوٽي آهي پريم جي. ان ڪري گهرن، شهرن ۽ ديش ۾ نفرت ناسازي آهي. نہ صرف مانوَ ماتر کي سکي رکڻ جو يتن ڪريو، پر پکين پسن کي بہ پيار ڏيو. هنسا جي ڪاڏي کان ڪنارو ڪريو. پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهندا تہ توهانجي جئہ ٿيندي. پوجنيہ سواميجن هي ڀڄن ڳايو.

دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

۱) جي چاهين ٿئي صاحب راضي، دل نہ دکائج ڪڏهن ڪنهنجي،

پريم وڌاءِ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

۲) دل دکائڻ جهڙو ڪوئي، پاپ نہ ٻيو ڪو ڇوَن سيوئي،

سکہ پهچاءِ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

۳) دل جي راضي جهڙو پيارا، پنِ نہ ٻيو ڪو جڳت منجھارا،

پڻيہ ڪماءِ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

۴) پرميشور ٿي دل جو پياسي، دل بن هئي جو نا اڀلاشي،

دل سان ريجهاءِ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

۵) مندرن ۾ وڏ دل جو مندر، جنهن ۾ ويٺل پاڻ پرميشور،

تنهن کي مناءِ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

٦) کهي نيئون دل گهر ايشور جو، تنهن ۾ واسو ڪر نا پر جو،

گهر کي لاهہ، دل نہ دکاءِ، دل نہ دکاءِ دل وارا.

٢٧ جولاءِ پوڄنيه سواميڄن حيدرآباد ۾ پڌاريا. پياري پريتمداس، گوپال موٽواڻي ۽ ٻين پريمين پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن حيدرآباد ۽ سڪندرآباد ۾ چار ڏينهن جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي.

٢٨ جولاءِ حيدرآباد جي گرو سنگت سڀا ۾ پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ سج جو ڪم آهي اونده دور ڪرڻ، چندرما جو ڪم آهي سيتلتا پردان ڪرڻ، سنتن جو ڪم آهي ڀرم سنسا دور ڪري پرڀوءَ جي راھ ٻڌائڻ. ڪي پيارا چوندا آهن تہ ڀڳوان کي پراپت ڪرڻ ڏاڍو ڪٺن آهي. اُهي ڀليل آهن. شيخ فريد چوي ٿو:

مٺا ٻولڻ نوَ چلڻ، ڪجھ هٿان ڀي دي،

رب تنادي بگلي، جنهگل ڪيون ڍونڍي!

سڀ سان مٺو ڳالهائڻ، نمرتا سان هلڻ ۽ دان پن ڪرڻ انهن ساڌنن دواران دل ۾ ئي داتار جو درشن ٿئي ٿو، ٻاهر ڀٽڪڻ جي ضرورت ڪين آهي. منش جي نہ صرف زبان مٺي هئڻ گهرجي پر دل بہ مٺي هئڻ گهر. مالڪ کي مٺيون دليون گهرجن، نرمل نيڻ گهرجن. پريميوا توهان ڀلي ڌنڌو وهنوار ڪريو. پنهنجا فرض پاليو پر پنهنجي وهنوار ويچار ۾ مٺا ٿيو نماڻا ٿيو. پنهنجي مايا ستڪرمن ۾ سڦلي ڪريو ۽ سواس نام سمرڻ ۾ سجايا ڪريو.

١ آگسٽ پوڄنيه سوامي جن ناديڙ ۾ پڌاريا. پريمين سندن سواگت ڪيو. رات جو پوڄنيه سوامي جن اُتي ستسنگ پروچن ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. اُتي پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ ماءُ جي پيار مٿان سڀ پيار قربان. سڀني مهاتمائن ماتا جي شيوا ڪئي آهي. مات شيوا مان شڪتي ملندي آهي. پريميو، ماتا پتا جي شيوا بہ ڀاڳن واري کي نصيب ٿيندي آهي. ماتا پتا جي چرڻن ۾ سرڳ آهي، پر اڄڪلھ جي نهي اِها ڳالھ محسوس نٿي ڪري. ماتا پتا جي آسيس توهان کي اڏيندي. اُنهن جي خدمت ڪيو شرڌا ڀاو سان. ڪن پيارن سنياس اختيار ڪرڻ کان پوءِ بہ اچي ماتا پتا جي شيوا ڪئي آهي. وڏڙن جي شيوا ڪرڻ ۾ ڪيٻايو نہ. توهان ماتا پتا جي شيوا ڪندا، آگيا ۾ هلندا تہ توهان جي سنتان وري توهانجي شيوا ڪندي ۽ آگيا ۾ رهندي. نت تہ جهڙي پوک پوکبي اهڙي پوک لڻبي. ڀلي توهان ڪيترا بہ دان پن ڪريو، ڀڳتي ڪريو پر ماتر ڀڳتيءَ جو وڏو مهتوَ آهي.

٢ آگسٽ صبوح جو پوڄنيه سوامي جن سيلوءَ ۾ پڌاريا اُتي ٽي ڪلاڪ رهيا ۽ سنڌي ڌرمشالا ۾ امرت ورکا ڪيائون. پوڄنيه سوامي جن پروچن ڪندي چيو تہ ڪي ڪي شش پاڻ بہ ترن ٿا تہ پنهنجي ڀڳتي ساڌنا دواران پنهنجي گروءَ کي بہ تارين ٿا. ڪي سُپتر اهڙا تہ شڀ ڪرم ڪن ٿا جو نہ صرف سندن سنسار ۾ نيڪي ٿئي ٿي پر سندن وڏن جو نالو بہ روشن ٿئي ٿو. هو پاڻ بہ سنسار جي ساگر مان ترن ٿا تہ پنهنجو ڪُل بہ تارين ٿا پريميو، توهان بہ دنيا ۾ اهڙا ست ڪرم ڪريو جو توهان پاڻ بہ جڳت مان پار تري وڃو ۽ توهانجي ڪُل جو بہ ڪلياڻ ٿئي. شري گورک ناٿ ڪيئن نہ پنهنجي ساڌنا دواران گرو مڇندر کي تاريو، ڪيس اوديا جي ننڊ مان جاڳرت ڪري بچايو: ’جاڳ مڇندر گورک

ڪي نئين مندر جي مهورت لاءِ واڌايون ڏيندي چيو ته هن پوتر آستان تي وقت به وقت سنت مهاتمائون اچي توهان کي امرت پيئاريندا. توهان ستگرو مهاراجن جو مندر نهرايو آهي ته ڀڳوان ۽ ستگرو مهاراج وري توهان جا ڪارج راس ڪندا. هنن مندرن برپا ڪرڻ جو مول مقصد آهي نام جپڻ ۽ جپائڻ. نام توهان کڻو به جپيو، پر گروءَ دواران ڏنل نام جو وڏيڪ مهتو آهي. ستگرو مهاراج پڻ فرمائين ٿا:

گرو مورت ڪا ڌيان ڌر، گر هئه ديون ديوَ،

ڪه ٽيئون گر نام جپ، پائو آتم ڀيوَ.

پريميو، مانش ديه پراپت ڪري به جيڪڏهن نام نه جپيندا ته توهان ڪڏهن نام جپيندا. وجهه هليو ويندو پوءِ هٿ هٽڻا پوندا. شري گرو تيغ بهادر مهاراج فرمائين ٿا:

ڪرنا هو تو نا ڪيئو، پڙيو لوڀ ڪي ڦند،

نانڪ سمو رم گيو، اب ڪيون رووت انڌ.

پوءِ پڇتائڻ کان اڳ ئي سمرڻ ۽ ستڪرمن جو سمر سنگره ڪريو.

٢٣ جولاءِ راڌي شيام مندر ۾ پياري جشن سوپراڄ، پوڄنيه سواميڄن جو سواگت ڪندي سندن مهانتا جو ورڻن ڪيو. پوڄنيه سواميڄن پياري جشن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هن پياري ڀڳوان شري شيام سندر ۽ شري راڌا جي نالي سندر مندر نهرائي اُتم ڪاريه ڪيو آهي. ستسنگ سان گڏ هي پيارو دکين بکين، بيمارن جي شيوا ڪري رهيو آهي. سندس پتني وملا به ڀڳتياڻي هئي. توهان هن پوتر آستان تي اچي نت نيم ڪٿا شروع ڪريو ٿا، ڀڳوان جو درشن ڪريو ٿا، توهان وڏ ڀاڳي آهيو.

پوڄنيه سواميڄن ٢٤ جولاءِ پريم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ ڪندي چيو ته سنساري ترشنائون پوريون ڪين ٿينديون. هڪ پرڀوءَ جي پياس رکو. ستگرو مهاراجن کي اِها پرارٿنا ڪريو:

ستگر تم پورن ڪرو، ميري يه ارداس،

ڪه ٽيئون من ۾ ڪيي، رهي نه جڳ ڪي آس.

جيڪڏهن سک سنساري پدارٿن ۾ هجي ها، محلن ماڙين ۾ هجي ها ته راجا ڀرتري، راجا پيپو، ڀاڳيه ولکيه راڄ ڀاڳ جو تياڳ ڪري پرڀوءَ جي پراپتيءَ جو پرشارٿ ڇو ڪن ها! پريميو، دنيوي سک دکدائي آهن. هريءَ جو نام ئي سکدائي آهي. اسين ست چت آنند برهم کي ڀلائي پيا مايا پنيان ڀڄڪي ڀڄڪي، سهڪي سهڪي ساهه ڏيون. ستگرو مهاراج به صلاح ڏين ٿا:

مانش تن هر ني ديئا، ديئا ڌن ست ڌام،

ٽيئون تانه بسار ڪي، هوبه نه نمڪ حرام.

هيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو، پر پريو، جنهن توهانکي سڀ ڪجهه ڏنو آهي، اُن کي نه وساريو.

صبوح جو شري پريم پرڪاش گرنٿ جي پاٺ جو آرنڀ ڪيو ويو. منجهند جو اپاهج اناٿ سورداس ٻارن جي شيوا ڪئي ويئي. ١١ آگسٽ صبوح جو ٩ بجي پوڄنيه سواميڄن بمبئيءَ ۾ شري مراري باپوءَ سان مِلڻ ويا. ٻنهي مهان وڀوتين پاڻ ۾ گيان گوشٽي ڪئي. صبوح جو ساڍي ١١ بجي پوڄنيه سواميڄن آڪاشواڻي بمبئيءَ ۾ پڌاريا. اُتي پياري هريش ميرچنداڻيءَ آڪاشواڻي جي سنڌي وڀاڱ طرفان پوڄنيه سواميڄن جي آجيان ڪئي ۽ جنماشٽميءَ جي موقعي لاءِ پوڄنيه سواميڄن جي وياکيان جي رڪارڊنگ ڪئي. پوڄنيه سواميڄن آڪاشواڻيءَ ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي مهما جو ڀڄن ڳائيندي شيام سندر جي ليلائن جو ورڻن ڪيو. اِها ڪل ڪنهن کي ڪين ٿي هئي تہ هيءَ سندن آخرين ريڊيو رڪارڊنگ آهي. ١٢ آگسٽ سينٽرل اسپتال ۾ بيمارن جي ۽ ٻڍا آشرم ۾ ٻڍڙن جي شيوا ڪئي ويئي. شام جو ٦ بجي وديارٿين جي ڀڳتي سنگيت ۾ چٽاڀيٽي رکي ويئي. اٽڪل ٢٥ وديارٿين اُن چٽاڀيٽيءَ ۾ ڀاڱہ ورتو. پوڄنيه سواميڄن وديارٿين کي انعام ڏيندي آشيرواد ڪئي.

١٣ آگسٽ پرڀات جو پريمين پوڄنيه سواميڄن کي کير سان اشنان ڪرايو ۽ سندن مهما جا گيت ڳائيندي پوڄا ڪئي. صبوح جو ٧ بجي شري پريم پرڪاش گرنٿ، شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺن جو ڀوڳہ وڌو ويو ۽ پوڄنيه سواميڄن منو اُپديش ڏنو. ٩ بجي هوَن يگيہ ٿيو. جنهن ۾ پوڄنيه سواميڄن آهوتي وڌي. صبوح جو ١٠ بجي پوڄنيه سواميڄن اٽڪل چار سؤ سفيد پوش ڀينرن کي چادرون، چانورن، کنڊ، دال جا پاڪيٽ ۽ روڪ سهايتا ڏيڻ جو آرنڀ ڪيو.

شام جو ٥ بجي خاص اُتسؤ آرنڀ ٿيو. ديال آشا جنتا جناردن پريشد جي شيوا ڪارين جو ذڪر ڪندي چيو تہ پرماتما ۽ ستگرو مهاراجن جي آسيس ۽ پريرڻا سان ڪيترائي خلق خدمت جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن. پوڄنيه ستگرو مهاراج پريم ديا جي مورتي آهن، ڪيئن نہ ديش وديش ۾ وڃي پريمين کي نام جو امرت پيئاري ترپت ڪن ٿا. سنت برهمداس، سنت اننت پرڪاش، سنت ويد پرڪاش، سنت روپارام، پياري سياڳچند چاولا، پرسرام ڪانگريسي، آسنداس پيرواڻي، شري سيتلداس هرچنداڻي، گوپيچند ٻهراڻي، لڇمڻداس پنجواڻي ۽ ٻين ستگرو مهاراجن کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي پيش ڪئي. ڀيڻ چمپا ايسراڻي، ڀيڻ نيلم بالاڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، ڀڳت کانومل، پياري سنت شياملعل، سنت ٽوپڻداس، سنت ٻڌرلعل پوڄنيه سواميڄن جي مهما جا ڀڄن ڳايا. ڀيڻ ڪانتا شنڪرلعل ڪڪريجا هڪ ٻہ منٽ پوڄنيه سواميڄن کي مُنڪ ڀرائي، ڪين هٿ ۾ بانسري ڏني. پوڄنيه سواميڄن جڏهن بانسري وڄائي، تڏهن سنگت کي ساکيات ڀڳوان شري ڪرشن جو درشن ٿيو. پوڄنيه سواميڄن جنتا جناردن پريشد جي سووينئر جو مهورت ڪيو. سنڌي سيپٽڪ ڪيندر طرفان ڀاءُ آسنداس پيرواڻيءَ پوڄنيه سواميڄن جي جنمدن موقعي تي هر سال سٺي ڳائيندڙ کي شيلڊ پيش ڪندو آهي. اها شيلڊ پياري پروفيسر گوپ روپچنداڻيءَ کي پوڄنيه سواميڄن جي هٿان ڏياري ويئي.

پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ توهان منهنجو جنمدن ملهايو آهي. مان اڄ ٻالڪ آهيان تہ مونکي سڀ آسيس ڪريو تہ نام جپيندو ۽ جپائيندو رهان. جيڪي ٻہ شيوا جا ڪاريہ ٿي رهيا آهن، اها ايشور ۽ ستگرو مهاراجن جي ڪرپا آهي. توهان پيارن جو سهڪار آهي. پياري ديال آشا کي ڌنيواد آهي جو لگن ۽ اُتساهہ سان شيوا ڪندو رهي

آيا!“ اوهان به ست ڪرم ڪري سنسار مان بازي کٽو. منجهند جو پوڄنيه سواميڄن جالنا ۾ پڌاريا. اُتي سواميڄن شادي هال جو مهورت ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو هي شادي هال نهرايو اٿوَ. گهڻائي ماڻهو سالن جا سال هن هال مان سک ڪيندا. پوڄنيه سواميڄن اُتي به ڏينهن ستسنگ پروچن ڪيو. پياري جاڙي مل ولرمل ستگرو مهاراجن جا آپار مڃيا. جالنا مان پوڄنيه سواميڄن اورنگ‌آباد ۾ آيا. اُتي سنڌي ڪالونيءَ ۾ پئنچات طرفان پياري هيمنداس جڳياسيءَ سندن سواگت ڪيو. پوڄنيه سواميڄن سنڌي سمدايه کي اپيل ڪئي ته پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهندا ته توهانجو يش ٿيندو. توهين ڌنڌا ڌاڙيون ڪندي نام جپيو، سچو سميه سنساري ڪمن ۾ برباد نه ڪريو. پنهنجي سڌانتن تي قائم رهندا ته پڙيو به توهان جي سهائتا ڪندو. پڙيوءَ ۾ پورڻ وشواس رکو. نواب دولتخان جي ساراهه ۾ڏي هڪ شينهن وارو فقير فتحپور ۾ آيو. هوُ شهر جي ٻاهر هڪ واريءَ جي دڙي تي ترسيو. آس پاس جي ماڻهن کيس ڪاڏو کائڻ لاءِ چيو. فقير چيو ته جيسين منهنجي من شينهن لاءِ ڪاڏو ڪين مليو آهي تيسين مان به ڪاڏو ڪين کائيندس. منهنجو شينهن ڳانءِ جي مانس کان سواءِ ڪجهه ڪين کائيندو آهي. اُن جي ڪاڌي لاءِ هڪ ڳانءِ گهرجي، پوءِ ئي مان ڪاڏو کائيندس. اِهو ٻڌي هندو ڏڪي ويا ته ڳانءِ ڪيئن ڏبي! نواب دولتخان کي ان ڳالهه جي خبر پئي تڏهن هن پنهنجي پرجا کي چيو ته فقير جو بکيو رهڻ به نيڪ نه آهي ۽ هن کي ڳانءِ ڏيڻ به نيڪ نه آهي. منهنجو عقيدو آهي ته ڀڳوان اسان کي هن ڌرم سنڪٽ کان بچائيندو. هاڻي اسان فقير وٽ ٽن سالن کان جو وڇڙو وني ٿا هلون ايشور اسانجي رکشا ڪندو. نواب دولتخان ڪجهه خاص ماڻهن کي ساڻ ڪري ان فقير وٽ آيو ۽ اچي عرض ڪيائين ته فقير سائين! منهنجي گهڻي پرجا هندو آهي شينهن لاءِ اوهان کي ڳانءِ ڏيڻ مناسب ڪين آهي. انڪري شينهن جي ڪاڌي لاءِ ٻيو ڪو جانور چئو ته اسين اُهو جانور توهان کي ڏيون. اُن فقير ٻي جانور وٺڻ کان بنهه انڪار ڪيو. نواب ڊڄيءَ کي التجا ڪندي چيو ته هي پروردگار! هن ڳانءِ جي رکشا ڪجو. نواب پوءِ اُن نندڙي ڳانءِ کي ئي پيار جون ٿڦڪيون هڻي فقير کي چيو ته ڀلي توهان پنهنجي شينهن کي هيءَ ڳانءِ کائڻ جو اشارو ڏيو. فقير پنهنجي شينهن کي ڳانءِ کائڻ جو اِشارو ڏنو. شينهن اُتي چڪر ڏئي ڳانءِ جي پوئتان وڃي ويٺو. شينهن ڳانءِ جي ويجهو به نه ويو. ائين اُهو شينهن ٽي ڦيرا ڏئي وري واپس وڃي ويٺو. پرجا ۽ فقير اِهو ڪوتڪ ڏسي عجب ۾ پئجي ويا. بڪايل شينهن ڳانءِ جو وار به ونگو نه ڪري سگهيو. اُن فقير نواب کي چيو ته تون برابر راجا آهين پر تنهنجو هردو سنت هرديه آهي. نواب ۽ آيل پرجا ڏاڍو پرسن ٿي ته ڪيئن نه پرماتما ڌرم سنڪٽ مان بچايو. راجا ۽ پرجا جو پرماتما ۾ وشواس وڌيڪ وڌيو. پٽ جي رهجي آئي. فقير پوءِ پريم سان ڪاڏو ڪاڏو ۽ مانس آهاري شينهن گاهه کائڻ لڳو. پريميو، توهان به پنهنجن سڌانتن تي قائم رهو ته پرماتما توهان جي رکشا ڪندو. اُتان پوڄنيه سواميڄن پرپني ۽ شريرامپور ويا. اُتي پڻ پوڄنيه سواميڄن امرت ورکا ڪري پريمين جي پياس پوري ڪئي. ٦ آگسٽ پوڄنيه سواميڄن سنڌونگر ۾ واپس آيا.

جنتا جناردن پريشد جي سهاري پوڄنيه سواميڄن جو ٨٦ جنمدن ١١ آگسٽ کان ١٣ آگسٽ سوامي ٽيئونرام آشرم سنڌونگر ۵ ۾ اُتساهه اُمنگ سان ملهايو ويو. ١١ آگسٽ

ڪولي آهي.

پوڄنيه سواميڄن أتان [illegible] روانا ٿيا. شام جو ٦ بڄي پريم پرڪاش منڊلي ماٽونگا بمبئيءَ ۾ پڌاريا. أتي پياري ڳاڳنداس سچاننداڻيءَ سندن سواڳت ڪيو. پهرين سنت اننت پرڪاش ستسنگ ڪيو، أن بعد پوڄنيه سواميڄن اُپديش ڪندي چيو ته پريميو، سنتن جو سنگ توهان کي ست مارگ تي وٺي ويندو. ڪنهن نه ڪنهن سنت ستپرک جو سنگ ڪريو. ستسنگ سرڳ کان مٿي ڪلپ برڪش سمان سڀ اِڇا پورڻ ڪندڙ آهي، پر وويڪ سدا جاڳرت هجي. هڪ ڏينهن هڪ ڪانير جهنگ ۾ ٿڪجي، وڻ هيٺان ويهي رهيو. من ۾ سوچيائين ته جيڪر پاڻي ملي ته پي ڪري پياس ٻجهايان. ايترو سوچڻ تي سنو جل پرگهٽ ٿيو. جنهن وڻ هيٺان وينو هو اهو ڪلپ برڪش هو. ڪانير عجب ۾ اچي ويو. پاڻي پيتائين. وري ڀوڄن جي اڇا ٿيڻ تي ڀوڄن اچي ويو. خوش ٿي کاڌائين. سنساري ماڻهن جي من ۾ انيڪ اِڇائون چپيل آهن. هڪ پوري ٿئي ته ٻه ٻيون تيار. ائين اِڇائن ۾ ڦاٿي گرفتار جيون کان ڀلجي وڃي ٿو ڪرتار. أن ڪانير پوءِ پلنگ جي اِڇا ڪئي، گديلا وڇايل پلنگ اچي ويو. وشيه وڪار جي اِڇا پورتيءَ لاءِ اپسرا ملي، اهو ويچار اچڻ تي سندر اپسرا سامهون آئي. پوءِ اهو ويچار آيو ته متان ان جا مالڪ اچي مونکي مارين، سچ پچ ڪي پهلوان پرگهٽ ٿيا، ڪانير جو ڪم پورو ڪري ڇڏيائون. مطلب ته جيو سدا وويڪ ڌاري، سني ڀاونا رکي، اِڇائن کي روڪي. ستسنگ ۾ اها سمجهه ملندي آهي، دل جي دري کلندي آهي.

سنسار جو چڪر هلندو ئي رهندو. اِن چڪر هلندي ئي پنهنجو ڪم يعني سيوا سمرڻ، ستسنگ ڪندو رهجي. جيئن گهوڙيسوار هڪ کيتيءَ مان پيو لنگهي. وهٽ هلي پيو، پاڻي وهي پيو. گهوڙي کي پاڻي پيئارڻ لاءِ أتي وٺي آيو. پر وهٽ جي آواز سان گهوڙو گهٻرائجي پاڻي نه پيو پيئي. گهوڙي جي مالڪ وهٽ بند ڪرڻ لاءِ چيس ته پوءِ پاڻي به بند ٿي ويو. مطلب ته کيتي ڪندڙ سمجهايس ته پيارا، اهو آواز پيو هلندو، اِن ڏي ڌيان نه ڏي. پنهنجو پاڻي پيئڻ جو ڪم ڪر. اسان کي به هرروز ٿورو سميه ڪڍي، ستسنگ ۽ ايڪانت ۾ ايشور جو چنتن ڪرڻ گهرجي.

سمرڻ به گهڻن پرڪارن جو آهي. مالها هٿ ۾، مکه سان نام جپجي اِن کان وڌيڪ سٺو آهي من سان سمرڻ ڪندو رهجي. ان کان وڌيڪ مهان آهي هڏيءَ سان سمرڻ ڪجي. اِن کان به اننت ڳڻا أتم آهي سواسن جو سمرڻ. ان کان به اتي أتم، مها أتم آهي آتما سان نام سمرڻ. جنهن مهاپرش آتما سان نام سمرڻ ڪيو، پرماتما پاڻ اچي أن کي ومان ۾ وٺي ويندو ۽ أن کي پاڻ ۾ ملائي، پنهنجو روپ ڪري ڇڏيندو آهي.

نانڪ لين پيو گوبند سيون، جيون پاني سنگ پاني.

اها آهي مهاپرش جي نشاني. اها سچي سمجهو ڪماڻي. باقي سڀ ڪجهه فاني.

١٦ آگسٽ جڪارتا ۾ پياري شنڪرلعل سامتاڻيءَ جي نياڻيءَ سونيا جي وواه جو مهورت نڪتل هو. ٻالڪي سونيا گهر وارن سان انگل ڪيو ته هوءَ پوڄنيه سواميڄن جي حاضريءَ ۾ ئي وواه ڪندي. ماتا ڪرشڻا، پياري شنڪرلعل، پياري گوپ، پوڄنيه سواميڄن کي عرض ڪيو ته جاڪرتا ۾ اچي پنهنجي ٻالڪيءَ جو وواه ڪرايو. پوڄنيه سواميڄن پريمين جي سدائين دل رکندا هئا. ان سنبنڌ ۾ پوڄنيه سواميڄن منڊليءَ سميت ١٤ آگسٽ رات ساڍي

ٿو. توهان به ڪيس آسيس ڪندا. پريميو، نام نه وساريو.

جيئن منش لاءِ ان جل هوا ضروري آهن، تيئن ستسنگ به ضروري آهي. نيمت روپ سان ستسنگ ۾ اچي نام ڪيرتن ڪريو. سنتن جا پروچن شروع ڪري اُنهن تي عمل ڪريو. مهاپرڀو چيتنيه، ڀڳتياڻي ميران، سنت تڪارام ۽ ٻين ڀڳتن پرڀوءَ سان ڪيئن نه چت جي ورتي جوڙي. مها پرڀو چيتنيه گهر گهر ۾ 'هري ڪرشن هري، رام رام هري هري' جي ڌوم مچائي. هن چوڏهن دفعا پرڀوءَ جو ساڪيات درشن ڪيو. ڀڳوان شري جڳناٿ جي مورتيءَ سنمک، هن ايڏي نه تنميتا سان نرتيه ڪندي نام ڪيرتن ڪيو، جو پرڀوءَ ڪيس پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو. سنت تڪارام پڻ پنڍرپور ۾ ڀڳوان شري هري وٺل جي مورتيءَ اڳيان ايڏي نه تنميتا سان نام جپيو، جو ڀڳوان شري هري وٺل ڪيس پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو. ڀڳتياڻي ميران جي من ۾ ڀڳوان شري ڪرشن لاءِ اننيه ڀڳتي ڀاونا هئي. نه سندس ڪٿي مندر آهن نه سندس ڪي پوئلڳ آهن، پر تڏهن به ساري سنسار ۾ ميران پرسڌ آهي. هيءَ پياري ڪيئن نه ڀڳوان شري ڪرشن جي پريم ۾ تلين تي ڳائيندي هئي، نچندي هئي. آخر ڪيئن نه شري شيام سندر ڪيس پاڻ ۾ سمائي ڇڏي ٿو. پيارا، اوهين به پرڀوءَ سان اهڙو پريم جو ناتو جوڙيو، جو پرڀو توهانکي پاڻ ۾ سمائي ڇڏي. اُپڪار جا ڪم ڪريو. دکين بکين پکين پسن جي شيوا ڪريو.

١٤ آگسٽ صبح جو داس ستگرو مهاراجن کان ڀوپال وڃڻ لاءِ آسيس وٺڻ ويو. پوڄنيه سواميڄن پياري پرڀداس واڌوا کي صبح جو پنهنجا به ٽي نوان ڀڄن لکايا. اُنهن مان هي هڪ ڀڄن آهي. شايد ڪين اگم ديس ڏانهن وڃڻ جا پرون ڀرين ٿي پئجي ويا هئا!

ڪال ڪلهن تي جاڻ من تون، خبر نه آهي ڪنهن پل ماري.
١. ويلو ڪلهن تي محل نهاري، محل اچڻ تي تنهن پل ماري،
ڪڏي نه ڪنهنجي ڪاڻ، خبر نه آهي ڪنهن پل ماري.
٢. اڳي ڀوءِ پل ڪري نا ڪوئي، ڀوري اوسر ماري سوئي،
ڪال رهي نت ساڻ، خبر نه آهي ڪنهن پل ماري!
٣. گياني ڌياني وير وگياني، ڪال هٽي ٿو تن کي کائي،
هلي نه ڪنهنجو ماڻ، خبر نه آهي ڪنهن پل ماري!
٤. ڏي نه ڪڻڻ هڪ ساڻ اڌيلو، ڪرڻ نه ڏي پڻ ڪنهن سان ميلو،
تنهن پل ڪڍي پراڻ، خبر نه آهي ڪنهن پل ماري!
٥. ڪهي ٽيئون ڇڏ موهه جڳت جو، سمرڻ ڪر تون گرگوبند جو،
تنهن ۾ تنهنجو ڪلياڻ. خبر نه آهي ڪنهن پل ماري!

١٤ آگسٽ صبح جو ١١ بجي، سنڌونگر ٢ ۾، پوڄنيه سواميڄن نوجيون ڪو آپريٽو بئنڪ جي برانچ جو مهورت ڪندي چيو ته پياري سيتلداس هرچنداڻيءَ ۽ سندس ساٿين کي ڌنيواد آهي جو هنن عام ماڻهن جي سهوليت لاءِ نوجيون سهڪاري بئنڪ جي هي برانچ

مان هوائي جهاز دواران بمبئي آندو ويو. بمبئي سهار هوائي اڏي تي سنت ۽ هزارين پريمي ستگرو مهاراجن جي اسٿول شرير جو درشن ڪرڻ آيا. سينگاريل ٽرڪ ۾ ستگرو مهاراجن جو شرير رکيو ويو. اٽڪل هڪ سؤ کن ڪاريون اُن ٽرڪ سان 'ستگرو سوامي شانتي پرڪاش ڪي جئه' ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج امر رهي' جا نعرا هڻندا نڪتا ۽ ٽرڪ ۾ ستگرو مهاراجن جي ڏوليءَ جي مٿان نه صرف گلن جي ورکا وسي رهي هئي پر اِندر ديوتا پڻ پنهنجي ورکا وسائي رهيو هو. ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ پيارو سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش، پيارو گيانلعل، پيارو هوتچند واڌواڻي، پيارو لڇمڻ ڦوجا ۽ ٻيا ڪيترا پريمي ويٺا هئا جن جي اکڙين مان گنگا يمنا جي ڌارا وهي رهي هئي.

سنڌو نگر جي وڏان سڀا جي سدسيه پياري پپو ڪالاڻي، پياري گوپيچند ڀراڻي پنهنجي ساٿين سهت اِهو جلوس هوائي اڏي کان سنڌونگر پهچڻ لاءِ تمام سٺي نموني بندوبست ڪيو. سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم سنڌو نگر ۵ ۾ پڻ پياري پپو ڪالاڻي پوليس جو پربنڌ ڪيو. بمبئي کان سنڌونگر ايندي ڪيترن هنڌ ئي پريمين ستگرو مهاراجن جي ڏوليءَ مٿان گلن جي ورکا ڪئي ۽ سندن انتم مکڙو پئي پسيو. رات جو ۱ بجي ستگرو مهاراجن جي سواري پوائي چونڪ سنڌونگر وٽ پهتي. اُتان هزارين پريمي پيدل سرگس سان گڏ نڪتا. رات جي اويلي وقت پڻ هزارين لوڪ ستگرو مهاراجن جو درشن ڪرڻ لاءِ رستن تي بيٺا هئا. سندن نالي تي هلندڙ ٻڍا آشرم وٽ هڪ منٽ ستگرو مهاراجن جي سواري روڪي وئي. پياري شيوڪرام ونواڙي ۽ ڪيترن ٻڍڙن ٻڍڙين ستگرو مهاراجن جي مٿان پشپن جي ورکا ڪئي. اُن وقت برسات به خوب وسي رهي هئي پر هزارين پريمي شرڌالو پاڻيءَ ۾ پسندا به ستگرو مهاراجن جو جئه جئڪار منائيندا هليا. رات جو ۲ بجي ستگرو مهاراجن جي ڏولي سنڌونگر جي آشرم ۾ پهتي. جتي ديش وديش جي جدا جدا شهرن مان هزارين پريمي ڀيڙ ڪري بيٺا هئا. ستگرو مهاراجن جي سينگاريل ڏولي ٽرڪ مان لاهي پريم پرڪاش مندر ۾ رکي وئي. پوءِ ته هزارين شرڌالو سندن درشن ڪرڻ لاءِ اچي پلٽيا جن جي اکين ۾ آنسون هئا، دل درد سان ڀريل هئي!

آرتوار ۱۶ اڌ رات جو ستگرو مهاراجن جي درشن لاءِ هزارين پريمي قطار ۾ بيهي، اندر مندر ۾ ستگرو مهاراجن جي انتم درشن ڪرڻ لڳا. ماتائن لاءِ الڳ ۽ ڀائرن لاءِ الڳ قطارون ناهيون ويون. ۱۷ آگسٽ ڏينهن رات ۽ ۱۸ آگسٽ پرڀات تائين لکين لوڪ چار چار ڪلاڪ قطار ۾ بيهي، ڏيري ڏيري پريم پرڪاش مندر ۾ پرويش ڪري ستگرو مهاراجن جو درشن ڪرڻ لڳا مان نه ڀانيان ته ڪنهن مهاتما يا سياسي اڳوان جي انتم درشن ڪرڻ لاءِ ڪٿي لکين لوڪ قطار ۾ ۴-۵ ڪلاڪ بيهي آيا هجن. چاليهه ڪلاڪ رام نام جون ڌنيون چالو رهيون. شرڌالن هزارين هار، ناريل، وستر ستگرو مهاراجن جي چرنن ۾ ڀيٽ ڪيا. ڪن وئراڳه واڻي پئي ڳاتي ته ڪن پنهنجي اکڙين مان گنگا يمنا وهائي!

۱۸ آگسٽ پرڀات جو ستگرو مهاراجن کي گنگا جل سان اشنان ڪرايو ويو ۽ ڏولي سينگاري رکي وئي. ديال آشا سوز ڀرئي سر ۾ لڙڪ لاڙيندي شاهه لطيف جا بيت ۽ ستگرو سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو ڀڄن ڳايو:

١١ بجي وڏيش تاترا لاءِ سهار هوائي اڏي تان روانا ٿيا. هوائي اڏي تي سوين صدقي سچڻ سندن درشن لاءِ آيا. ڪنهن کي ڪل ڪين هئي ته ستگرو مهاراجن جو هي انتم درشن آهي.

عجيب آ رام جي ليلا، ته ڇا مان ڇا بڻائي ٿو،

بندي جي من ۾ هڪڙي، پريو وري ٻي بڻائي ٿو.

پوڄنيه سواميڄن هوائي جهاز ۾ ويٺا هئا. ١٥ آگسٽ پرڀات جو ساڍي ٽين بجي کين ٿوري مونجهه ۽ ڪنگهه ٿي. پوءِ پيٽ جو ٻه خيال ٿيو. سنت ديو پرڪاش، پيارو گيانلعل کين باٿ روم ۾ وٺي ويا. ان بعد کين باٿ روم مان ٻاهر وٺي وري کين سندن سيٽ تي وهاريائون، مگر کين ڪنگهه ۽ ٿوري مونجهه چالو هئي. پياري سنت اننت پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، پياري گيانلعل کين پنيءَ تي ۽ پنين تي پيڙون پئي ڏنيون. ڪجهه وقت پوڄنيه سواميڄن آسڻ جمائي شانت ۾ ويٺا. منڊليءَ جي سنتن سمجهيو ته ستگرو مهاراج ڌيان ۾ مگن آهن. نام جپيندي پرڀات جو ۴ بجي ستگرو مهاراجن جو پراڻ پکيڙو پرواز ڪري ويو! سنت ديو پرڪاش، سنت اننت پرڪاش ۽ گيانلعل جي پيرن هيٺان ڌرتي نڪري ويئي! سڀئي ياتري عجب ۾ پئجي ويا ته هوائي جهاز ۾ سفر ڪندي ڪيئن نه اسانجا روحاني راڻا اوچتو ئي اوچتو امراپور ڏانهن رمندا رهيا. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هوائي جهاش سينگاپور هوائي اڏي تي پهتو. پيڻ اِندرا منگهارام، ڀاءُ رام چڳاڻي ۽ کي پريمي ستگرو مهاراجن جو درشن ڪرڻ لاءِ آيا، مگر هوائي اڏي تي ستگرو مهاراجن جي دکدائي ديهانت جي خبر ٻڌي ۽ ستگرو مهاراجن جو انتم درشن ڪري زار زار لڙڪ لاڙڻ لڳا. ستگرو مهاراجن جو اسٿول شرير هوائي جهاز مان هيٺ لاٿو ويو. اِهو شوڪ سماچار وچ وانگر ديش وديش ۾ هڪدم ڦهلجي ويو. آڪاشوائيءَ جي جدا جدا ڪيندرن ۽ دوردرشن تان اِها دکدائي خبر پرسارت ڪئي ويئي. سنڌي سماج مٿان غم جي گهنگهور گهٽا ڇائنجي ويئي! ڪنن سان اِها دکدائي خبر ٻڌي دل کي اعتبار ئي نه پيو اچي. اِهو شوڪ سماچار ٻڌي پيارو هوتچند واڌواڻي هانگ ڪانگ مان، ڀاءُ شنڪر گوپ سامتاڻي جاڪرتا مان ۽ ٻيا پريمي جدا جدا ملڪن مان سينگاپور ۾ پهچي ويا. سينگاپور مان ستگرو مهاراجن جو اسٿول سرير ڀارت ۾ آڻڻ لاءِ کي دقتون هيون. سينگاپور جو سرڪاري ڊاڪٽر، ستگرو مهاراجن جي سرير شانت ٿيڻ جا الڳ الڳ انومان ڪڍڻ لڳو. قاعدي موجب پوسٽ مارٽم ٿيڻ جو نيم هو، پر سينگاپور جي پريمين پياري منگهارام، رام چڳاڻي، ڪشو ڪيملاڻي ۽ شري ٽيڪم مولاڻي عملدارن کي وينتي ڪئي ته ستگرو مهاراج اسانجي سماج جا مهان سنت آهن. سندن سرير جو پوسٽ مارٽم نه ڪيو وڃي. هيڏانهن ڀارت مان پڻ پياري اشوڪ پرمانند هندوجا سرڪار سطح تي ڪوشش ڪئي ته ستگرو مهاراجن جو اسٿول شرير جيئن جو تيئن پريمين جي حوالي ڪيو وڃي. سندن ڪوشش برثواب ٿي. ستگرو مهاراجن جو اسٿول شرير سنتن ۽ پريمين جي حوالي ڪيو ويو. پياري ڀاءُ هوتچند واڌواڻيءَ ستگرو مهاراجن لاءِ سندر ڏولي نهرائي ۽ ڏوليءَ ۾ سندن شرير رکيو ويو.

آرتوار ١٦ آگسٽ رات جو ٨ بجي پوڄنيه ستگرو مهاراجن جو اسٿول شرير سينگاپور

ستگرو مهاراجن جي انتم درشن لاءِ آيا هئا. آشرم ۾ محدود جاءِ هئڻ سبب هزارين پريمي آشرم کان ٻاهر بيٺا رهيا. ستگرو مهاراجن جو اسٿول شرير ٽرڪ مان لاهي اگني سنسڪار واري ٿلهي تي رکيو ويو. سنت ديو پرڪاش ۽ ٻين ڪانڌين وڏيءَ موجب ڪريا ڪرم ڪرايو. پنڊتن ويد منتر اُچاريا. 'رگھوپتي راگھو راجا رام، پتي تہ پاوَن سيتارام' جي ڌني چوڌاري ڦهلجي رهي هئي. اُن وقت ڀريل بادلن جي وچ مان سوريہ ديوتا درشن ڏنو ۽ پوءِ اندر ديوتا ٿوري ورکا ڪئي. منجھند جو ٻجي ستگرو مهاراجن جي اسٿول شرير جو اگني سنسڪار ڪيو ويو. سڀني پريمين جون دليون رت سان ڀريل هيون. ڪنهنجو وس نہ هليو! لکن دلين جا سهارا ستگرو مهاراج، امر ڌام ڏانهن هليا ويا!

اهڙا لوڪ ٿي ويا سامي هن سنسار مان،
جن جي ڏيٺ سان ستئي سمنڊ ٿيا،
پڪي راس ديوتا جنين وس ڪيا،
سي پڻ ڪين رهيا اسٿت رهي نہ آدمي.

پوڄنيہ ستگرو مهاراجن جو چئو ٢٢ آگسٽ شام جو ۴ ٻجي آرنڀ ٿيو. اندر مندر ۾، ٻاهر پڌر ۾ تر ڇنڻ جي جاءِ ڪا نہ هئي. هزارين ڀائرن ڀينرن چائنٽي ۾ اُپسٿت رهي موڪ شرڌانجلي ڀيٽ ڪئي. سڀني جا مکڙا مايوس هئا. اکڙين ۾ پيار جا آنسون هئا. ستگرو مهاراجن جي سنيهہ جو ساگر ڇلڪي رهو هو. هن موقعي تي مها منڊليشور سوامي گووندآنند، شري ساڌٻيلا جا مهنت آچاريہ آدرٺيہ سوامي گڻيشداس مهاراج جا پرتنڌي، سائين وسڻ شاھ جا گادي نشين سائين آتمارام صاحب سنڌي ساڌو سماج جا پرڌان سوامي نارائڻداس (امر ڌام)، ورڪت سوامي وشوآتما، سائين هچورام جا گادي نشين سائين روپارام صاحب، سوامي سنتوشداس انڊور، سنت اننت پرڪاش سنت برهمانند، سنت اوڌوداس برهمچاري، سنت جئديو، سنت نامديو، سنت اشوڪ پرڪاش، سنت برهمداس، سنت وشنداس، سنت ويد پرڪاش، سنت ديو پرڪاش، سوامي ڪرشٽانند، سنت نارائڻ پرڪاش، سنت ٽوپڻداس، سنت ٻڌرلعل، سنت شياملعل، سنت هرڪنلعل، ڀائو پررام جهوليلعل، شري پريداس پريم پرڪاشي، سنت گيان پرڪاش ۽ ٻين سنتن پوڄنيہ ستگرو مهاراجن کي ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني.

هن موقعي تي مهاراشٽر جي راڄ منتري شري مدن بافنا، شري رام ڪاپسي ايم. پي. شري پپو ڪالاڻي ايم. ايل. اي.، شري گوپالداس پوڄواڻي ايم. ايل. اي گجرات، شري لوڪومل تلسياڻي، شري ٽلومل ڪٽواڻي، شري سيتلداس هرچنڊڻي، ڊاڪٽر لڇمڻداس پوڄواڻي، شري هوتچند واڌواڻي آمريڪا، شري سلامتراءِ پرسواڻي، شري گوپيچند ڀرواڻي، شري وکيومل شراف، شري واشولعل شراف، شري سريچند آهوجا، ڊاڪٽر ارجن سڪايل، شري ڊالومل دولترام، شري پرسرام ڪانگريسي، شري آسنداس ڀيرواڻي، شري ڪندنداس طوطلداس ڀيڻ لڇمي گوپ سڌوا، شري نيوندرام لوڪواڻي، شري ليلارام پرسواڻي، شري سياچند چاولا، شري هيرالعل سينداساڻي، پروفيسر گوپ روپچنداڻي، شري جيوترام آهوجا، شري لڇمڻداس پنجواڻي، شري ڊولڻداس دوارڪاداس، شري گل شرما، شري گوتم شڪارپوري، شري هرداس ماکيجا، شري منوهر جيسواڻي ۽ ٻين پريمين ستگرو مهاراجن جي گڻن جو ورڻن ڪندي کين ڀاوڀيني شرڌانجلي ڏني.

اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين ذات،
ساري سنياسين کي، مان رنم ساري رات،
من جنين لئہ مات، سي لاهوتي لڏي ويا!
اڄ نہ اوطاقن ۾، سي طالب تنوارين،
آديسي اُٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
هوُ جيءَ کي جيئارين، سي لاهوتي لڏي ويا!
اڄ نہ اوطاقن ۾، سندي جوڳين جوڙ،
ساري سنياسين کي، ڪامي ٽيڙس ڪوڙ،
من جنين سان موڙ، سي لاهوتي لڏي ويا!

جادو هڻي ويا جيءَ ۾ جوڳي، رڳہ رڳہ تن کي ساري امان،
١- چنگہ چوري چت چريو جو ڪري ويا،
ويا باھ برھ جي ٻاري امان! جادو هڻي....
٢- سڪي ساري ساھ ٿو جن لئہ،
ويا پريم جو پاٺي پيئاري امان! جادو هڻي...
٣- ڪهي ٽيئون سي جادوگر جوڳي،
ويا ميکہ محبت جي ماري امان! جادو هڻي...

سنت ديو پرڪاش، پيارو گيانلعل، پيارو لڇمڻ ڪنعيالعل پهوجا، پيارو رام ديال جيئندرام واڌوا، ستگرو مهاراجن جا چار ڪانڌي بڻيا، پر هزارين شرڌالن ستگرو مهاراجن کي پنهنجا وار ڏنا.

١٨ آگسٽ منگل صبوح جو سويل چئني ڪانڌين ڏارمڪ ڪريا ڪئي. صبوح جو ٩ بجي ستگرو مهاراجن جي ڏولي سينگاريل ٽرڪ ۾ رکي ويئي. هزارين پريمي انتم جلوس واري ياترا ۾ ستگرو مهاراجن جي جئہ جئڪار منائيندا هليا. شرڌا وچان سارو سنڌونگر ان ڏينهن بند رکيو ويو. سنڌونگر جي اتهاس ۾ هي پهريون مثال هو جو ايترا پريمي ڪنهن غميءَ جي جلوس ۾ شامل هجن. جلوس اڃا اڌ رستي تي هو تہ مهاراشٽر جو راجيہ گرھ منتري شري پاٽي ٿوٽي پڻ ستگرو مهاراجن کي پنهنجي شرڌانجلي پيش ڪرڻ آيو. هن پياري ستگرو مهاراجن جي ٽرڪ تي مٿي چڙهي، گلن جي ورکا ڪئي ۽ جلوس سان گڏجي پريم پرڪاش آشرم ۾ آيو. جلوس ۾ بيکہ منڊل، ميونسپل اڌڪاري، نگر سيوڪ، پترڪار، ڪلاڪار، استريون پرش، ٻار ٻڍا جئہ جئڪار جا نعرا ۽ ڌنيون لڳائيندا منجهند جو ١٢ بجي سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم ۾ پڌاريا. اُتي ستگرو مهاراجن جي اسٿول شرير جي اگني سنسڪار ڪرڻ جو بندوبست ڪيل هو. آشرم جي چنين تي، ٽيرس تي، چوڌاري پريمي

آيا آديسين جا، پل پل پون پور،
سليمان ڪنهن سان سور سنت سنيهي ويا هليا.
امراپور ڏانهن ويا ڪري 'آشا' اڪيلو،
متل ڇلي ميلو ٿيا راهي اگم ديس جا!

نئشنل اخبارن، جنستا، نوَ ڀارت ٽائيمس، انڊين ايڪسپريس، هندستان سنڌي، هندو سنڌي ۽ سنڌونگر جي اخبارن، نگرواسي، آزادي، نگرنيوز، چيتاوني، جڳتواسي، ديش ڀڳت، دنيا، ڪلياڻ سماچار، اُلهاس وڪاس سوني ۽ ٻين ۾ سنگرو مهاراجن جي انتم ياترا ۽ سنگرو مهاراجن جي شرڌانجلين جو احوال شرڌا ۽ پيار وچان پرڪاشت ڪيو.

ديش ۽ وديش جي جدا جدا شهرن مان سوَن سنسٿائن ۽ سڄڻن سنگرو مهاراجن کي شرڌانجلي ڏيندي افسوس جو اِظهار ڪيو تہ سندن اچانڪ وڇوڙي سنڌي جاتيءَ کي ويڳاڻو بڻائي ڇڏيو آهي. ڪيترن سڄڻن ۽ سنسٿائن تارون ۽ شوڪ پرستاو ۽ شرڌانجليون لکي موڪليون، جن مان ڪي قابل ذڪر آهن.

پوڄنيہ دادا جشن واسواڻي، پوڄنيہ دادا گنگارام ساجنداس، ساڌو واسواڻي مشن پونا، شري ناري گرسهاڻي پريزيڊنٽ اِنٽرنئشنل سنڌ پئنچائت فيڊريشن، راشٽر ڪوي هوندراج دکايل ۽ ڀيڻ ڪرشنا ڀمياڻي، شري رام تولاڻي ايم. ايل. سي، شري دوارڪو سندراڻي، شري گوبند مالهي، دادا امر بنگلور، شاهہ هري دلگير، ڀاءُ هري لونگاڻي آديپور، ڀاءُ مورجمل منگهناڻي، شري رام بخشاڻي، شري لڇميچند لال، شري هريش ڪيماڻي دبئي، شري ڪيراجمل خوشحالداس، سوامي ليلاشاهہ سموهہ لگن ٽرسٽ، ڊاڪٽر ريواچند گودواڻي، ساڌو واسواڻي مشن جهوناڳڙهہ، ڀاءُ باشارام گوگيا ۽ ڀيڻ وديا گوگيا، ساڌو واسواڻي مشن راجڪوٽ، سوامي ٽيئونرام هاءِ اسڪول راجڪوٽ، سوامي ٽيئونرام هاءِ اسڪول ڍوليا، دادا ديپچندر بيلاڻي سڌرا سڀ اجمير، پروفيسر سشيلا نانڪرام موٽواڻي، شري گوپالداس ڀوڄواڻي ايم. ايل. اي احمدآباد، سوامي گٽپتي پرساد مهاراج آگرا، شري سنمکہ ايسراڻي، ڀيڻ ڪملا گوڪلاڻي، ٺاڪرداس تلسياڻي آدرش هاءِ اسڪول اجمير، شري ليلارام پرسواڻي، ڀيڻ راڻي گدواڻي ڳاڻيڪا ٻڙودا، لوڪومل تلسياڻي سوامي ٽيئونرام چيريٽيبل ٽرسٽ، هيمنداس واڌواڻي، ايلس برج سنڌي پئنچائت احمدآباد، شري هيمنداس نانواڻي هولي مشن آف گرونانڪ، ڊاڪٽر بنسيڌر بدلاڻي گوڪلنگر ٻڙودا، ستيش گوپلاڻي سنڌي پئنچائت ڪوٽا، آسودومل ڌرمداس ڪرشن مراري گئوشالا ڪوٽا، سنت ڪنوررام ڌرمشالا ڪوٽا، ميول آهوجا جي. اين. وي. هاءِ اسڪول ٻڙودا، ٽلومل ڪٽواڻي پريزيڊنٽ سنڌي پئنچائت نوَساري، سنڌ ڪلاٿ مارڪيٽ ائسوسئيشن احمدآباد، شري رامڪرشن آڏواڻي، شري نند گدواڻي، شري شنڪر نانڪاڻي ۽ ٻيون سنسٿائون ۽ متر.

۳۰ آگسٽ سنگرو مهاراجن جو تيرهو امراپور آسٿان جئپور ۾ ملهايو ويو. سنگرو مهاراجن جي گاديءَ تي سنت هرداسرام کي براجمان ڪيو ويو.

۴ سيپٽمبر سنگرو مهاراجن جو سترهون ڏينهن پريم پرڪاش آشرم سنڌونگر ۵ ۾ ملهايو ويو. صبوح جو سوامي هرداسرام پرڌان پريم پرڪاش منڊل ۽ منڊل جي ٻين سنتن، سنڌونگر بمبئيءَ جي بيکہ منڊل سنگرو مهاراجن جي جيون تي روشني وجهندي کين ڀاويني

ديال 'آشا' ستگرو مهاراجن جي جدائي ۾ ڪين شرڌانجلي ڏيندي هينان دلسوز بيت ۽ ورهي گيت درد ڀريءَ آواز ۾ ڳايا، جن سيني کي روئاري ڇڏيو.

سواميجن هليا ويا ويڳاڻو بڻائي!
ويڳاڻو بڻائي! ويا منهڙو ملائي!
١. مون سمجهو سدائين سڄڻ ساڻ هوندا،
هليا هوت ويڙا بنا موڪلائي!
٢ ڪنهن سان حال اوريان هاڻي اندر جو،
روئان ويٺي جيجل ڪير پرچائي!
٣ سحي ڪين سگهندا منهنجو درد دکم ها،
هاڻي ڪير مونکي ڇاتيءَ لڳائي!
٤ ڪيڏو پيار پنهنجو سڀن کي ڏنائون،
شيام سندر جيان ويا مرلي وڄائي!
لڏائون سار دم دم سڄڻ ها سهاڄها،
پنهنجي مهر جي ويا ورکا وسائي.
٦ سوامي جن سيلاني ڪري سفر پورو،
هزارن دلين ۾ ويا دونهڙو دکائي!
٧ منهنجا جيءَ جيئارا اکڙين جا تارا،
'آشا' منهنجي دل ۾ ويا ديرو جمائي!

- - - - - - -

جانب منهنجي جيءَ جا جن سان ڳنڍيل تار،
سي سوامي جن دلدار، پريا پورب پار ڏي.
پرين ويندا پرديس مان مونکي ڪل نه هئي ڪائي،
مونکي جيئري جدائي، ويندا ڏئي ڏکم ڏهاڳ جو.
جيجل جيئندس ڪيئن، جن بن ساعت نه سري،
'انئي پهر تري ٿي مورت محبوبن جي.
ستگر سوامي جن منهنجي من جا ها منثار،
ڪير ڪندو ٻيو پيار جيجل تن جوڳين بنا!
سوامي جن منهنجا سپرين هيا ڏاڍا قدردان،
تن جا لکم احسان ڳڻي ڳڻيان ڪيترا !
ساريندي سڄڻن کي مان روئان زارون زار،
اهڙا ها دلدار جي ڏڍ ڏيندا ها دل کي.

شرڌانجلي ارپت ڪئي. برهم ڀوڄ ڪيو ويو ۽ نياڻين کي پڻ ڀوڄن ڪرايو ويو.

پوڄنيه ستگرو مهاراڄن جي ڪرپا سان ئي شري راڌي شيام گئوشالا، جنتا جناردن پريشد، سندر شيوڪ سڀا، سوامي سرواننداسپتال جا ڪاريه هلندا هئا. ستگرو مهاراڄن جي برهملين ٿيڻ سبب سندن آسڻ تي سوامي شانتي پرڪاش آشرم ٽرسٽ، شري راڌي شيام گئوشالا، جنتا جناردن پريشد، سندر شيوڪ سڀا سوامي سروانند هاسپيٽل، سرڳڌام شمشان ڀومي ڀين سنسٿائن جو پرڌان سوامي ديو پرڪاش مهاراج کي يڪراءِ چونڊيو ويو. سوامي ديو پرڪاش مهاراج ٻچپڻ کان ئي پوڄنيه ستگرو مهاراڄن جي شيوا ۾ رهيا آهن. هو ودوان هوندي سرل چت ۽ نماڻا آهن. پوڄنيه ستگرو مهاراڄن جي ڄڳايل جوت پيا ڄڳائيندا رهندا.

ڀون ياد پل پل ٿا پريتم پيارا

پريتم پيارا ستگر سونهارا

پوڄنيه ستگرو مهاراڄن جي جيون ليلا سماپت ٿي مگر اڄ به سندن آشيرواد ۽ سندن ادرشٽ شڪتيءَ سبب ڪارج سڌ ٿي رهيا آهن.

پياري شنڪرلعل سبناڻيءَ ٻڌايو ته پوڄنيه سواميڄن جي برهملين ٿيڻ کان پوءِ سندن شڪتي ڪم ڪري ٿي. نومبر ١٩٩٢ ۾ پوڄنيه سواميڄن جي سمرتيءَ ۾ گواليار ۾ اکين جي آپريشن جي ڪئمپ لڳائي ويئي. هڪ پيارو ارجنداس پڻ آپريشن لاءِ ڀرتي ٿيو. هن کي مٺن پيشابن جي ڏاڍي تڪليف هئي. اکين جي ڊاڪٽرن ڪيس بنهه جواب ڏنو ته سندس اک جي آپريشن ڪين ٿيندي. ان اکين جي ڪئمپ ۾ جڏهن سندس آپريشن ٿي ڪئي ويئي ته مٺن پيشابن جي گورين ونڻ ڪري سندس ڪنڌ تمام گهڻجي ويئي. ان ڪري هي آپريشن بيڊ تي بيهوش ٿي ويو ۽ ڪري پيو. پوڄنيه سواميڄن جي مورتيءَ اڳيان پرارٿنا ڪئي ويئي. ڊاڪٽر گهرايو ويو. سندس بروقت علاج ڪري آپريشن ڪئي ويئي. سندس اکين ۾ نئين روشني اچي ويئي. ستگرو مهاراڄن جي آسيس اڄ به ڪم ڪري رهي آهي. هن وقت سوامي ديو پرڪاش مهاراج ستگرو مهاراڄن جي جوت ڄڳائي رهيا آهن. هويه ديش وديش جي جدا جدا شهرن ۾ وڃي لوڪن کي نام ڄپائي رهيا آهن ۽ پراُپڪار جا ڪاريه ڪندا رهن ٿا.

ستگرو مهاراڄن جا شروع ڪيل شيوا ڪاريه جيئن جو تيئن زور شور سان هلي رهيا آهن. سندن برهملين ٿيڻ ڪانپوءِ به داس جو هٽ نه منجهيو آهي. جنتا جناردن پريشد جو لکين روپيا خرچ جدا جدا شيوا ڪارين تي آهي. پرماتما ۽ ستگرو مهاراج ڪنهن نه ڪنهن جي گهٽ ۾ اچي پريرڻا ڏين ٿا جو ڪارج پورا ٿين ٿا.

پوڄنيه سواميڄن جي جيون اسان لاءِ روشنمنار آهي. سندن سڌانتن ۽ سکيائن جي پنهنجي جيون ۾ ساڪي ڏيئي جنم سڦل ڪريون.

شڌ مهاپرشن جا جيون يادگار،

ٿا چتائن زندگي ڪر شاندار. (ڪوي بيوس)

هري اوم شانتي! شانتي! شانتي!



منوهر بيدي - جڳديش لڇاڻي

عشق تمام، بِرهه تمام، وڙا مئن لوُنئي يارَ لوڪو!
سيڄَ سُتي نوُن جهپَ نه آوي، نيڻين ننڊ حَرامُ،
راتيان جاڳڻُ، صاحبُ سنڀالڻُ، اِي فقيِرانِدا ڪامُ،
مَتِ عقلَ دي مُنجهه گئي، آيا عشق اِمامُ.

NENEN NIND HARAM —MANOHAR BEDI
JAGDISH LACHHANI.

VEENA PUBLICATION